• **سانْچَڻُ:** مصدر. [سن. سَنْچَيَنَ = گڏ ڪرڻ] جمع ڪرڻ. آٽت ڏيڻ. خبر وٺڻ. رکڻ – حفاظت ڪرڻ – پناهه ڏيڻ – اڙ ڏيڻ – پنارو ڪرڻ. سنيالڻ – لوجڻ – ٽهوڙڻ – تاٽڻ. نپائڻ – سانڍڻ. "دلاسي دارين جي سانچئو سانچي ساهه". (شاهه جو رسالو).

• **سانِحُ، سانِحو ج سانِحا:** ذ. واقعو – حادثو – اتفاقي موت. صدمو. الهام. پڌرائي – نئين خبر.

• **سانْڊَ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سانْڊارو ج سانْڊارا:** ذ. ٻيڙيءَ کي موڙڻ قيرائڻ وارو عمل. "سانداري سموند جي نهوڙي نيا" (شاهه).

– **سانْڊارو ڏِيڻُ:** ٻيڙيءَ کي هاڪاريڻ جو اصطلاح. ٻيڙيءَ کي درياءَ جي پيٽ يا ويڪرائي ۾ واءُ جي سهوليت موجب هڪ طرف کان ٻئي طرف موڙڻ هيٺ لهوارو يا مٿي اوپارو هاڪارڻ.

• **سانْڊاريُ ج سانْڊاريُونْ:** ث. ٻيڙي يا هڙ جي ڪل مان پاڻي پرڻ لاءِ ناهيل پخال – مَشْڪ – ڪَلِيُ – اوئي – تَرڻ جي سِيٺَهِ.

• **سانڊاڻ ج سانڊائُون:** ث. [ع. سندان] لوهه کٽڻ لاءِ لوهه جي ڊِکِي.
• **سانڊِکِي:** اسم خاص. تعلقي بدين. گوني ۽ سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سانڈو:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سانڈهه:** ظرف. لاڳيتو – سلسلي وارو – هڪ ٻئي پٺيان – لڳو لڳ – لڳاتار – ڏري ڏري – وري وري – هڪ ڪَرو – برابر – هڪ ڏَڙو – هميشه ـ سدائين – هر روز ـ ڏهاڙي. هڪ لس – يک ساهي – مُتواتر. پکو.
• **سانڈ:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سانڈاڻ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سانڈاڻ ج سانڈاڻيُون (ل):** ث. مال کي وڻ جي ڇانو ۾ وهارڻ جي جاءِ. مينهن پورڻ جو هنڌ (ت). پاڻاري (ل).
• **سانڈاڻو ج سانڈاڻا:** ذ. [سن. سَنْدانر = کٽائي] آڇار – اڻاٽو – کٽاڻ. ويامڻ کانپوءِ ڪنهن ڏڳي يا مينهن جي پن ڏينهن تائين کير ڏيڻ واري حالت.
• **سانڈئو ج سانڈئا (ت):** ظرف. هيڪاندو – يکو – لاڳيتو.
• **سانڈاڻو:** اسم خاص. ٽر ۾ ٽيندڙ هڪ ٻوٽي جو قسم.
• **سانڈ ج سانڈُون (ت):** ث. مادي اُٺ – ڏاڇي. (ھ ساندني).
• **سانڈاڻا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **سانڈاڻو:** ذ. پهلوان.
• **سانڈِڻِي ج سانڈِڻِيُون (ت):** ت. سواريءَ لاءِ مادي اُٺ – ڏاڇي.
• **سانڈو (سانڈرو) ج سانڈا (سانڈرا):** ذ. ڪرڙي وانگي سرٽندڙ جاندار جو هڪ قسم (ث). سانڈي (ساندري) (اسم خاص). تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سانڈِيُو ج سانڈِيا (ت):** ذ. گونرو – ننڍو اُٺ.
• **سانڈِ ج سانڈِيُون (ت):** ث. مادي اُٺ ـ ڏاڳهه – ڏاڇي – مولهي. وڏي اُٺ.
• **سانڍ:** مصدر. [سن. سند = بچائي رکڻ] سنيالڻ – سنيال لهڻ – تاڻڻ. رکڻ – ڏرڻ. بچائڻ – حفاظت سان رکڻ – خبرداري ڪرڻ. رکي چڏڻ. لڪائڻ.
– **سانڍ ج سانڍُون:** ث. خبرداري – هوشياري – سڃيتائي – سنيالَ – تات. پرورش – پر گهور – پرچار – پرداخت. رکيا – بچاءِ – حفاظت.
– **سانڍيور ج سانڍيورُون:** ث. چاڪري – خدمت.
• **سانڍيو ج سانڍيُو:** ذ. پٽ مچي – گلوئي.
• **سانڑُ ج سانڑَ:** ذ. کيڙيل زمين جي سڌائي لاءِ ڪاٺ مان ٺهيل تَرُ يا سيهُوَرُ – سينهوَرُ – ليٽڻ (ت).
• **سانسارَ ج سانسارُون:** ث. آرام.
• **سانسائڻُ:** مصدر. نقصان سهڻ. سَهسائڻ.
• **سانسِي ج سانسِيُون:** ث. ڪنهن شيءِ کي جهلڻ لاءِ لوهي اوزار – انبوري.
• **سانڪُ:** ذ. لَئِي جو چڙيل ٻُورُ – ساڪُڙُ.
• **سانڪو:** اسم خاص. تعلقي اوباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سانڪِي:** اسم خاص. تعلقي تندي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سانڪو:** ذ. ڪٽ واڍڻ لاءِ ڇهن نوڙين جو گڏيل مجموعو.
• **سانڪوتو ج سانڪوتا:** ذ. ڪوڏَ جو هڪ قسم – ننڍو ڪوڏ. سَنْڪ.
• **سانگَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **سانگَ ج سانگُون:** ث. [سن. مشنكا = ڊپ] ڳٽتي – تات – فڪر – سوچ – ويچار – خيالُ – هوڙ – خوض – ڌيان – انسئو – اڻ تڻ – هَرَ ڦَرَ – ڪَتّ. انديشو – پوءِ – ڊپ. قياس – سمجهه – پروڙ – پُرجهه – فهم. خبرداري – پرگهور. پرواه. تولي – جماعت – سَنِيڙَ.
• **سانگ:** ڪنهن وڏي ڏوري مان پاڻيءَ جي گهٽائي ۽ اٽل سببان وهي نڪتل واهڙ – ننڍو ڦات.
• **سانگُ ج سانگَ:** ذ. [سن. شنْكُ = پالو] هٿيار جو هڪ قسم – (آڇاتي وقت ۾ جنگ جو اوزار رسي يا مَهار سان، چوٽيءَ ۾ ڏڦو) واهڙ – واهه – ڏورو. "سيئي ڏونديِ سانگ، جتي ساهڙ سرتيون" (شاهه). پرڏيهه – پرديس. لڏپلاڻ – لاڏاٽو – جُوءِ چڙڻ جي حالت. گذر – صرفو. مسافري – سفر. جدائي. اتفاق – سبب. سانگو – آسرو. ناهه – جوڙجڪ. سَنو – سَهَنْجُ.
– **سانگاتو ج سانگاتا:** ذ. صفت. سانگي سان آيل. اوچتو آيل.
– **سانگانئو ج سانگانئا:** صفت. سانگ وارو.
– **سانگائتو ج سانگائتا:** ذ. صفت. سانگي سان. سڪ وارو – سهوليت وارو. اوچتو. موقعي وارو
– **سانگُ ٻَنائڻُ:** مسخري وهنجهه – نقل ڪرڻ. ٺڳي وچڙ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برغلائڻ. مڪر ڪرڻ.

– **سانگ ٻنجڻ:** ڪيل ڪرڻ – ورتڻ. اثر ڪرڻ – عمل ڪرڻ. (هن) واڪر ڪرڻ. يا هلڻ. يا ٽي پوڻ. بهرو وٺڻ.

– **سانگ تي وڃڻ:** سفر تي وڃڻ.

– **سانگ ٺاهڻ:** اهل ڪرڻ – نمونو ڪرڻ.

– **سانگ پوڻ:** سانگو پوڻ – سفر تي ٻاهر وڃڻ. اتفاق درپيش اچڻ.

– **سانگ رچائڻ:** ڏوڪ رچائڻ – مڪر ڪرڻ. ڪيل ڪرڻ.

– **سانگ سجايو ڪرڻ يا ٽيڻ:** ڪو ڪم خير خوبيءَ سان پورو ٽيڻ يا ڪرڻ.

– **سانگ سڏارڻ:** سفر ڪرڻ – مسافريءَ تي وڃڻ – ديس ڇڏي پرديس وڃڻ – پنهنجي دوستن عزيزن کان جدا ٽيڻ.

– **سانگ سُرهو ٽيڻ يا ڪرڻ:** ڪم جو خير خوبيءَ سان پورو ٽيڻ يا ڪرڻ.

– **سانگ سوانگ:** ذ. ڪيل. تماشو. ظرافت – مسخري.

– **سانگ صَرفو ج سانگ صَرفا:** ذ. سانگو – صرفو. ڪوءِ سوءِ ڪفايت – ڪم خرچي.

– **سانگ ڪرڻ:** تماشو ڪرڻ – ڪيل ڪرڻ. گذر سفر لاءِ لڏ پلاڻ ڪرڻ.

– **سانگ ڪرڻ:** ڪنهن ٻئي پاسي لڏي وڃڻ.

– **سانگ وڃڻ:** ڪنهن سانگي يا سبب سان ٻاهر نڪري وڃڻ.

– **سانگ وجهڻ:** شادي وقت سهيلين ساهيڙين جو گهوٽ جي گهر ويس بدلائي تماشا ڪرڻ – نانڪ وجهڻ.

– **سانگو ج سانگا:** سنو سبب – پورو وَجهَ – پورو ٽڻُ – پورو وقت – پوري مهل – وقت سر. ڪاروبار – ڪوٺي – ڪم. واسطو – لاڳاپو. نهار – خيال – پرواهه. لحاظ – عزت – ادب. هاءِ پاءِ – اورانيو. واسطو. اتفاق. قسمت. آسرو.

– **سانگي:** حرف جر. لاءِ ـ واسطي – جي ڪري.

– **سانگي سان:** قسمت سان. اتفاق سان. ڪم سان.

• **سانگي ج سانگي:** ذ. سانگ وارا – مارو ماڻهوءَ ـ هڪ هنڌان لڏي ٻئي هنڌ ويندڙ. گهمندڙ – سيلاڻي – شڪلاڻي. رمتو – خانه بدوش – رولو. ساڻي – سنگتي – رفيق – دوست. اتفاق سان ايندڙ – مسافر – پرديسي. ٻهروپي. ڪوڙي دعويٰ ڪندڙ. مير حاجي عبدالحسين جو تخلص.

– **سانگياڻي ج سانگياڻيون:** ث. چوري چني. رول.

• **سانگاهڻ:** مصدر. رهڻ.

• **سانگاهي ج سانگاهيون:** ث. اُها مينهن جنهن جي صرف مٿي ۾ ٽڪو هجي. (چارئي پير مٿو ۽ پُڇ اڇو) – چال.

• **سانگڙي ج سانگڙيون:** ث. ٽينديي – سانگهڙ.

– **سانگ گمان ج سانگ گمان:** ذ. (ه). وهر و گمان – فڪر انديشه.

• **سانگوڻو ج سانگوڻا:** ذ. [سن. شرنڪ = نندو سگ] نندو سگ. ساگو – گانگٽ، ورن ورن وارا ڪوڏ. "سمنڊ جي سيوين، تني ماڻڪ ميڙيا، چلرجي چوئين تن سانگوٽا سپيون" (شاهه).

• **سانگوٽي ج سانگوٽيون (ث):** ث. صبح جي پهر ساجي پاسي ملهالي پکيءَ جي تنوار.

• **سانگي:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تنبي باگي، ڳڙهي ياسين ۽ ڪنڊياري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سانگهه ج سانگهون:** ث. معرفت.

• **سانگهه:** اسر خاص. هڪ مڪان جو نالو.

• **سانگهڙ:** ذ. رهڻ جو سبب – سهوليت – سانگ.

• **سانگهارجڻ:** مصدر. چوپائي مال جو ويامڻ بعد جر نه چڏڻ. مال جو قطار ۾ گڏجڻ.

– **سانگهار ج سانگهارون:** ث. چوپائي مال جي بيماريءَ جو هڪ قسم.

• **سانگهارڻ:** مصدر. مال کي چاري لاءِ ٻڌڻ – سلهاڙڻ.

– **سانگهارَ ج سانگهارون:** ث. قطار. سنگهر.

– **سانگهارو ج سانگهارا:** ذ. قطار. وٽي. ويجو.

• **سانگهارو ج سانگهارا:** ذ. [سن. سنهار] پاٽيءَ جي لاٽ جو وقت – پاٽيءَ جو چينارو يا چينهارو – ندي‌ءَ جي اُتل يا ٻوڏ ڪرڻ جي موسم. سوس – گهٽتائي – ٽورائي – تنگي – سوڙهه.

– **سانگهارو ڏيڻ:** ٽورو ٽيڻ پاٽيءَ جو.

• **سانگهائي ج سانگهائيون:** ث. مينهن جو هڪ قسم. اڇي گول ٽڪي واري منهن سان – هولاهي مينهن.

• **سانگهر ج سانگهريون:** ث. گڏيل. نڪاح جو عقدو. مونجهارو – عقدو.

• **سانگهرو:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سانگهڙ ج سانگهڙون:** ث. ٽانءَ ۾ نندو سوراخ – تنگ – ٽينديي.

سانڪهڙِي ج سانڪهڙِيُون: ث. سانگهڙ. سوراخ. "ڪجھ ڏوهي ۾ ڏوھ." ڪجھ ساڙھي ۾ سانگهڙي.

سانڪهڙُ: اسر خاص. ضلعي سانگهڙ جي شهر ۽ ديھ جو نالو.

سانڪهڙِي: اسر خاص. تعلقي گھوٽڪيءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

سانڪهڙُ ج سانڪها: ذ. لانگھو. بچاءُ. ٽورو – احسان. سانگو.

سانڪهِي ج سانڪهِيُون: ث. سانگھڙي. سوراخ – ٽَنگ.

سانڪهيرڙ ج سانڪهيرا: ذ. ٽَنگ – سوراخ – ٻَر گھل – سَلُ – چيد. ذَرُ. برُ. قَتُ – گھاءُ – زخم – ٽپ – وادوڙ – چاڪ.

سانڪهيڙُ ج سانڪهيڙا: ذ. قطار. ٽولو. مجرڪو.

سانڪهيڙو ج سانڪهيڙا: ذ. دلي جو سوراخ – سانگھي – سانگھڙي. ڪَڙ ناھڻ واري ديگ ۾ وجھي، قيرائڻ لاءِ ڍڳھي ڪائي. ھڪ ننڍي ٻيڙيءَ جو اوزار. زورق ۾ سکان يا ويٽين مثل – ٻيڙيءَ جي لھواري ھلڻ وقت سکان جو ڪم ڏيندڙ ڍڳھي ڪائي.

سانڪهيڙِي ج سانڪهيڙِي: ذ. مال جي سانگي جھنگ ۾ رھندڙ مالدار ماڻھو. سانگيڙي.

سانڳاٽُ ج سانڳاٽا: ذ. مائٽي – عزازت.

سانڳاھِڻُ: مصدر. سمجھڻ. سجاڻڻ. لحاظ ڪرڻ. "مون کي پرين جا سور سانگاھين".

سانگِريُ: اسر خاص. ھڪ قبيلي جو نالو.

سانڀرَ ج سانڀرُون: ث. سامَر – امانت. پناھ – پناري – لاري.

سانڀِي ج سانڀِيُون: ث. قبر جي لحد.

سانڍَ ج سانڍُون: ث. پاٽيءَ جي پر تي مچي ڪائيندڙ پکيءَ جو ھڪ قسر. بدن سنھو. ڍڳھو. تنگون ڍڳھيون ۽ رنگ سائو – سانءِ ـ سانھِ.

سانڍ ج سانا: ذ. سامونڊي مچيءَ جو ھڪ قسر – جھينگو – گانگٽ. ھَڪَرُ.

سانڍَتُ: اسر خاص. ميگھ راڄ جي ھڪ راڄڪٽيءَ جو نالو.

سانڍُ: اسر خاص. ھڪ ذات جو نالو.

سانڍَرُ ج سانڍَرَ: ذ. سُھاڳو.

سانورو ج سانورا: ذ. [سن. شِيامَ = ڪارو] سانولو – ڪاري رنگَ تي مائلَ – ٽورو ڪارو – پڪي رنگ تي. مشڪي – جَمُونَ – نمڪين. سھٽي رنگ وارو – سلوٽو. ڪٽڪ رنگو. خاڪي – سِيامَ. محبوبُ. وٽندڙ – دل چورائيندڙ.

– **سانورائِي ج سانورائِيُون:** ث. ٽوري ڪاراڻ – سانولائي – رنگ جي پڪاڻ. ڪٽڪ رنگائي. پوراڻ. ڪڪاڻ.

• **سانوَرڪ ج سانوڪُون:** ث. (سن. شياما) ھڪ پوک جو قسر – سانئُون. سائڙي رنگ تي اُڀُ.

• **سانوَلُ ج سانوَلا:** ذ. (سن. شيام = ڪارو) سانورو. دوست – محبوب – پريتر – پرين – معشوق – جاني – پيارو – جانب پيارءِ محبت جو نالو.

– **سانولو ج سانولا:** ذ. سانورو.

– **سانوَلائِي ج سانولائِيُون:** ث. سانورائي.

• **سانوَلپُور:** اسر خاص. تعلقي گھوڙاباري ۾ ھڪ ديھ جو نالو. بدين شھر جو اصلي نالو. سانولي نالي ھندو ۱۷۵۰ع ۾ ٻڌايو. (سنڌ جو سيلاڻي).

• **سانولو ج سانولا:** ذ. پاٽيءَ جي ھڪ پکيءَ جو قسر.

• **سانوَڻُ:** اسر خاص. [سن. شراوڻُ > شروڻُ = سانوڻ] ڏيھي سال جو پنجون مھينو – برسات جو مھينو – مينھن جي موسر. جولاءِ، آگسٽ واري مدت – گوڙ جو آواز – ماڻھوءَ جو نالو مشھور عوامي شاعر جو نالو.

– **سانوڻُ آڇڻُ:** مينھن جي مند اڇڻ.

– **سانوڻِي ج سانوڻِيُون:** ث. مينھن پوڻ واري موسر. پاٽيءَ جي چاڙھ جي موسر. خوشگوار موسر. ج سانوڻِي. صفت. سانوڻ جي موسر وارو. اسر خاص. ھڪ گاھ جو قسر. ھڪ ڪاٺ جو قسر.

• **سانوٽو:** ذ. ھڪ گاھ جو قسر.

• **سانھِ ج سانھِيُون:** ث. زالن جو ھڪ زيور – ساھِ. ھڪ سائي رنگ جو پکي – سانءِ (ت).

• **سانھُ ج سانھَ:** ذ. خصين وارو قرائيندڙ نر جانور (ڍڳو. پاڏو. ٻڪر).

• **سانھارِي:** اسر خاص. تعلقي واره ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **سانھَ ستِي ج سانھَ ستِيُون:** ث. واندڪائي – فرصت – نويڪلائي – فراغت – وارڪائي – مائائي. ماڻ – آرام – صبر – سانت – ساھِي.

• **سانھَ ستو ج سانھَ ستا:** ذ. قدري مضبوط – طاقت رکندڙ. واندو.

– **سانْهَستو ٽيَنْ:** سَهْسائڻ – صبر ڪرڻ.

• **سانْهَرُ ج سانْهَرَ:** ذ. کيڙيل زمين جي پترن ۾ پوکڻ لاءِ ڪاٺ جو بُندِ – تَرُ – سَنْهَوَرُ – ليٽڻ (ل).

– **سانْهَرَ ڏيَنْ:** هر ڏنل زمين سنئين ڪرڻ.

• **سانْهِنْ ج سانْهِيُونْ:** ث. ٻگهه جي قد جيڏو هڪ اڇو ڏندِ جو پکي – سانْءِ.

• **سانْهِنْ:** مصدر. ڇڪَ ڏيڻ – ڇڪڻ. زور ڏيڻ.

• **سانْهِنْجو ج سانْهِنْجا:** ذ. صفت. سولو – سهنجو.

• **سانْهِنْجو ج سانْهِنْجا:** ذ. صفت. سولو – سهنجو.

• **سانْءِ ج سانْئِيُونْ:** ث. هڪ پکيءَ جو قسم. رنگ خاڪي، ڳچي ڏگهي، مڇي ۽ گاهه کائيندڙ.

• **سانْئِرُ ج سانْئِرَ:** ذ. شاعرُ. درياءَ سير ڪندڙ. سانْهَرَ – تَرُ – ليٽڻ.

• **سانْئُرو ج سانْئُرا:** ذ. [سن. شيام = ڪارو] سانْورو – سانْولو.

• **سانْئُون:** ذ. هڪ پوک ۽ گاهه جو قسم – خريف ۾ ايرندڙ. پن ۾ اڇهري ۽ جهڙا، ان سنهون ـ سانْوَڪَ (ت).

• **سانْئُوتِي ج سانْئُوتِيُونْ (ث):** ث. ڏنگرن جي پور ڪٽڻ لاءِ ٻن شاخن واري ڪاٻي – ٻياني.

• **سانْئُور ج سانْئُورَ (ث).** د. سانْهَرُ – تَرُ – سَنْهَوَرُ – ليٽڻ.

• **سانْئِيْ:** ث. هڪ گاهه جو قسم.

• **سانئين ج سانئين:** ذ. (سن. سواسن) سردار – اڳواڻ – مٿاهون. معتبر – عزت وارو. درويش. مذهبي پيشوا. خدا تعاليٰ. (هـ. سائين = سردار).

• **سانْئِڻِ ج سانْئِڻُونْ:** ث. مالڪياڻي – گهر ڏاڻي. مائي – صاحب – بيبي – زال – ٻائي – بيگم – بانو – ميم صاحب – سَڪَرَ.

• **سانيْ:** اسم خاص. هڪ قسم جي مڇي.

• **سانيُسو:** اسم خاص. تعلقي ميرواه (خيرپور رياست) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سانْ ج سانُونْ:** ث. هر جي وراڻي وٽ رهيل سڄي زمين – هر جي مٿاهَرَ.

– **سانْ ڪَنَ يا هَنَ:** هر جي وراڻي وٽ رهيل سڄي زمين کي هر سان ڪيڻ.

• **سانْ ج سانْ:** ذ. مٺهڙجي – سانْ پَسانْ.

• **سانْ ج سانْ:** ذ. مال جو مند وار ويمر – تورُ. (حرف جر) سانْ. گڏ – ساڻ – سين پيڙو – سَپاڙو. سميت – سوڏو. سهاءِ ـ ۽ – وٽ – گڏ – ٻِتُ – پرسان. شامل.

• **سانْسِيْ ج سانْسِيُونْ (ث):** ث. انبوري – جنبوري – سانڊ سٽِيْ.

• **سانْڪَ ج سانْڪُونْ (ث):** ث. ڪڪر جو هڪ ٽاڻ.

• **سانْڻُ:** مصدر. ننڊ ۾ ڪر موڙڻ ۽ بدن ساهڻ ۾ پاسو وراڻڻ. "آڌ: رات اُٿي ويو پنهل پلاٽي، سسئي جان ساڻي تہ اُٺ نہ اوطاقن ۾ (آخوند پيارو).

• **سانْو ج سانْا:** ذ. [سن. شرانتَ = ٽڪل > شْرَم = پورهيو] ب ستو – نستو – هيٺو – ڪمزور. اپرو – ڏهرو. ٽڪل تنل - هڇيل. مورچا. بيهوش. ماندو – بيزار – کهيل – ڳهيل - ڪيرو – ڦان. جهڪو. موڳو.

– **سانْائِيْ ج سانْائِيُونْ:** ث. غشي – مورچائي – بيهوشي – گير – وسام – ڏَڪَر – سُسْتي. ماندڪائي – ٽڪ. ڪمزوري - نستائي. ڪيرائي.

– **سانْو ٽيَنْ:** ماندو ٽيڻ – ٽڪجڻ. بي هوش ٽيڻ – ڪيرو ٽيڻ ڏڪرجڻ. وسامڻ.

• **سانْڍِيْ ج سانْڍِيُونْ:** ذ. ث. گڏ. ساڻي – همراه ـ مددگار. شريڪ - جٽ – ٻِتُ – رفيق. يار – دوست – سنگتي. ساڻ هلندڙ - ساڻ ڏيندڙ.

• **سانْڍِهُ ج سانْڍِهَ:** ذ. وطن – پنهنجو ملڪ – جنم پونءِ ـ جنم پومي.

• **ساوارو ج ساوارا:** ذ. صفت. اڇوٽو – اصلوڪو.

• **ساوانْ:** ث. [سن. شيام = سائو] سائي رنگ جي خصوصيت - ساوائي – هريال – هريالي – سبزي. پيلائي – پيلاڻ - زرداڻ. سُڪ – سَمْپَدا – سميت – فرخي. برڪت. اقبال - چڙهت – طالع – سڌائي. سَياڻائي.

– **ساوائِنْ:** ث. ساوانْ.

– **ساوائِيْ ج ساوائِيُونْ:** ث. ساوانْ. دنياداري – تونگري - خوشحالي – جوبائي – آسودائي – شاهوڪاري.

• **ساوِتِريْ:** ث. هندن جو اصطلاح. جٽئي جو سَنْسِڪارُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ساوَڻي ج ساوَڻيُون:** ث. سوٽ جو سڳ — سَوتاٽ.
— **ساوڻي سَوٽ:** سوتاڻي سوٽ — سوٽ جو بہ سوٽ.
• **ساوٽ ج ساوَڻُون (ل):** ث. ساوَڪ.
• **ساوڌاڻ ج ساوڌاڻَ:** ذ. صفت. ظرف. (سن) خبردار — هوشيار — سڃيت. مُتوجه ـ ڌيان ڏيندڙ — هڪ چتو.
• **ساوڌانِي ج ساوڌانِيُون:** ث. خبرداري — هوشياري — سُجيتائي. ڏاهپ. پڄ گهڙ. عاقبت انديشي — اڳ چيتي.
• **ساوُڻ:** ذ. سُبَڻ — سون — زر — طلا — ڪنچن. (صفت). سون جو — سون وارو — سون جهڙو — سونهري.
• **ساوڙ ج ساوڙُون:** ث. پوري وجهه ۾ اچڻ واري حالَت.
• **ساوڙ ج ساوڙُون (ل):** ث. صفت. سنئين سڌي — اشراف. "ساجا ساوڙ هجي تنهن کي پائجن ساج" (جام خان جو شعر).
• **ساوڙ ج ساوڙَ:** ذ. ساجي هٿ سان ڪم ڪندڙ. ساجڙ (ضد. ڏاوڙ).
• **ساوڙا:** اسم خاص. ساوا ڏوڪا يا ڪارڪون جهلينڌڙ ڪجيءَ جي هڪ ذات.
• **ساوڙُ:** اسم خاص. تعلقي جوهي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ساوڙُ ج ساوڙا:** ذ. جاءِ جي متين ڇڇهري کي جهلينڌڙ اُپي ڪائي — داسو — پچر — لڙهو. گاهه ۾ ڏڻ جو هڪ قسم.
• **ساوڙِي:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج (رياست خيرپور) ۾ تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو. (ج) ساوڙِيُون. ث. [سن. شياما] هڪ قسم جو سائو گاهه.
• **ساوَڪ ج ساوَڪُون:** ث. ساواڻ. پوک — نباتات. ڇڇتو — گلڪاري. وَس. راهه — رستو. سائي رنگ واري هڪ رِڌَ.
— **ساوِڪائِي:** مصدر. ساوڪ تي ڏيڪائي ڏيڻ — ساواڻ تي مائل هئڻ.
• **ساوَڪو (ڪ):** اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.
• **ساوَل ج ساوَلِيُون:** ث. صفت. سبزي — سائوگاهه. ساواڻ.
• **ساوَنْتُ ج ساوَنْتَ:** ذ. دلير — بهادر — سورهيه — سورمو.
— **ساوڻِي ج ساوڻِيُون:** برساتي مهينو پاڻيءَ جي جاڙهه جو وقت.
• **ساهَ ج ساهُون:** ث. [ف. ساز > ساختن = ٺاهڻ] ساري بدن جا گهَهَ — زيور. پنهنجي ملڪيت — نجي مالڪيات — چَلپَتُ — خود جا گهڻا. گهڻ جو سمورو جنسار. چڪَ — تاڻُ — چِهِي — چِڪِي. تانگهه — لوري. گهٽتي — فڪر — اُدڪو.

• **ساهُ ج ساهَ:** ذ. [سن. شواس] پساهُ — دَمُ — جيءَ ـ جان — پراڻ — زندگي — عمر — حياتي — جيوَن — جياپو — ساس — چُوٽا — ارجا. نبض جي دَڪ دَڪ. جيوتي — گذران. دم ڪشي — دَمُ — اُپو ساهُ. ڪَن. پلَڪ — گهڙي — سيڪنڊ. [سن. سارٿ = تونگر] شاهوڪار — سيٺ — مهاجن — تاجر — واپاري. بينڪر — صراف. ديانتداري — ايمانداري.
— **ساهَ پَرِيُو ج ساهَ پَرْيا:** ذ. جاندار — جيئرو — حياتُ — زنده ـ ساهه وارو. جَيتن — چَرُ. سَتُ — هوندڙ — موجود.
— **ساهَ پَرِي شَيءِ:** ساهدار يا جان واري شيءِ ـ جاندار شيءِ.
— **ساهُ تَنْگُ هُجَڻُ:** اُلڪو هجڻ — گهٽتي هجڻ.
— **ساهه تي اچڻ:** سخت تڪليف پهچڻ — سختيءَ ۾ اچڻ.
— **ساهُ تَنگجَڻُ:** انتظار هئڻ.
— **ساهُ تَنگجِي وَڃڻُ:** سخت انتظار ٿي پوڻ — اُداس ٿيڻ — ڪُنڪو ٿي ٻيهڻ.
— **ساهُ پَتَڻ:** ساهي ڪٽڻ — ساهُ ڪٽڻ — ٿَڪ پچڻ — ويسانهين وڻڻ — فرحت ڪرڻ — آرام ڪرڻ — ٽوري دير آرام ڪرڻ.
— **ساهُ پيتَ ۾ وَڃَڻُ:** دلجاءِ ٿيڻ. پڪو آسرو ٿيڻ.
— **ساهُ پيتَ ۾ نَ هُجَڻُ:** سخت خوف سبب پريشان هجڻ.
— **ساهُ چَڏَڻُ:** مرڻ. بي زور ٿيڻ — نستو ٿيڻ.
— **ساهَ سانْ لَڳَڻُ:** ڏاڍو پريشان ٿيڻ — مَنُ مُنجهڻ — دِل دهلجڻ. جان جو خطرو محسوس ٿيڻ.
— **ساهَ سَتوْ ج ساهَ سَتا:** ذ. قدري طاقت وارو — زور وارو.
— **ساهَ سَتوْ ٿِيڻُ:** طاقت مند ٿيڻ — ڪجهه زور وارو ٿيڻ.
— **ساهُ سِرُ قُرْبانُ ڪَرڻُ:** سڀ ڪجهه صدقي ڪرڻ. هر طرح حڪم بجا آڻڻ — پوري پوري فرمانبرداريءَ سان هلڻ. تمام گهڻي پيار ۾ محبت جو اظهار.
— **ساهُ سُڪَڻُ:** دِڃڻ — ڊپ ڪرڻ — ڀؤ وڻڻ.
— **ساهَ سَنْئُون:** ظرف. ساهه جي برابر — جيءَ جهڙو پيار. "آهم ساهه سَنئون، سو ڪيئن گهڙو گهوريان" (شاهه).
— **ساهُ قبض ٿِيڻُ:** ساهه بند ٿيڻ — ساهه نڪرڻ. مرڻ. گهٽجڻ. ماندو ٿيڻ.
— **ساهُ ڪَڍِي ڇڏڻُ:** ماري چڏڻ — ختم ڪرڻ.
— **ساهُ ڪَڍِي ڇڏَڻُ:** ڏاڍو ڊيڄارڻ — ساهُ سڪائي چڏڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ساهُ ڪَڻُ:** ساهي ڪٽڻ – دم پٽڻ. (جيئن، ڏڏو ساهُ ڪٽي) اداس ٿيڻ – ڏک ۾ هڻڻ – ارمان هجڻ. آهه پرڻ – شوڪارو پرڻ – اُهڪارڻ.

– **ساهُ مُڪَ ۾ اَچڻُ:** پريشان ٿيڻ – تڪليف ۾ پوڻ – غمگين ۽ مونجهو ٿيڻ.

– **ساهُ ۾ سانڍڻُ:** جڳي طرح سنيال ڪرڻ – حفاظت ڪرڻ.

– **ساهُ وجهڻُ:** مدد ڪرڻ. ٽورو ڪرڻ.

– **ساهُ وَرڻُ:** دلجاءِ ٿيڻ – آٽت اچڻ – دلداري اچڻ – تسڪين اچڻ – فرحت اچڻ – آرام اچڻ – سرهو ٿيڻ – خوش ٿيڻ. اميد ڪرڻ. غم دور ٿيڻ.

– **ساهُ هُجَڻُ:** طاقت هجڻ. طاقت ٿيڻ. همت هڻڻ.

• **ساهَا:** (ف). ظرف. وانگر. مثل. اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ساهِت ج ساهِتُونْ:** ث. چُپ – ماٺ. رهائش ـ سڪونت – اڪيلائي – نويڪلائي.

• **ساهَت:** ذ. [سن. ساهِتيَهْ =] ادب. علم. لٽريچر – ڪتاب.

• **ساهِتا ج ساهِتائُونْ:** ث. [سن. سهايہ = مدد] سهائتا – مدد.

• **ساهَتي:** ث. سهتا قبيلي جي گهٽائي واري ايراضي جو نالو (جتي سهتن جي گهٽائي هئي نوشهرو فيروز ضلعو ۽ ان کان اتر وارو پاڳو)

• **ساهِتِيا ج ساهِتِيائُونْ:** ث. مَنڊلي – جماعت – گروهه – سوسائٽي – جَٿو – سَبا – سَٽ. ميل – ميڙ – مَجموعو. (هـ. ساهِتيَهْ = منڊلي).

• **ساهِجَڻُ (ت):** مصدر. وڌيڪ ٿيڻ.

• **ساهُرُ ج ساهُرَ:** ذ. سَنْهُورَ – لينڊَ.

• **ساهُرڏيڻُ:** پيڙي چڏڻ – نابود ڪرڻ.

• **ساهُرا (ج):** ذ. پر. ساسُرُ. سن. شْواسُر. (مڙس لاءِ) زال جا مائٽ – (زال لاءِ) مڙس جا مائٽ.

– **ساهُراٽُو ج ساهُراٽَا:** ذ. صفت. (مڙس لاءِ) زال جي گهَرَ جو – (زال لاءِ) مڙس جي گهر جو.

– **ساهُروُ ج ساهُرا:** ذ. [سن. شْواشُرُ] مڙس جي مائٽن يا زال جي مائٽن جو – ساهراٽي آڪهه جو – سَٽ سهري جي گهر جو.

• **ساهِروٽِي (ت):** اسر خاص. ترجي هڪ پاڳي جو نالو.

• **ساهُڙُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ساهِڙُ ج ساهُڙَ:** [سن. سهارْد = پيارو] پيارو – دوست – محبوب. (اسر خاص). سهڻيءَ جي عاشق جو نالو – ميهار – ساهِڙ. "جاهَڙَ اَنَدرجيِّ. ساهَڙ ڏَني ساهَ کي" (شاهه).

• **ساهُڙُ پِيڙُ:** اسر خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ساهِسُ ج ساهِسَ:** ذ. [سن. ساهَس > سَهَ – سهڻ] همت – جرئت – اُتساهه.

• **ساهِڪاڻِ ج ساهِڪاڻُونْ (ڻ):** ڻ. [سن. شياما = سارو] سَاوَڪ

• **ساهِڪِيْ:** اسر خاص. تعلقي تندي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ساهِماڻِيْ:** اسر خاص. تعلقي جيمَس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ساهِنگو ج ساهِنْگَا:** ذ. سهانگو.

• **ساهِڻُ:** مصدر. [سن. سه = سهڻ] سنبرڻ – تيار ڪرڻ يا ٿيڻ – سَنبَاهِڻُ. سهسائي وڃڻ – پيتاري وڃڻ – سهي وڃڻ – طلب ڪرڻ. ڪشش – ڇڪ – تاٽ. جوائڻ – چوڪا ڪرائڻ. تنگ ڪرڻ – سوڙهو ڪرڻ. ڪر موڙڻ – آرس پيڃڻ. ڏکهو ٿيڻ – لينڊ – فرصت وٺڻ – ٽڪ پيڃڻ. هيڏانهن هوڏانهن هلڻ. طعنو ڏيڻ – مهڻو ڏيڻ – تنڪو هڻڻ.

– **ساهَ ج ساهُونْ:** ث. (ڪورين جو اصطلاح) تاٽ – ڇڪ – ٽڪ – ڪينڇ. ڪشش.

– **ساهَ ڏِيڻُ:** ڇڪ ڏيڻ – ٽوري ست ڏيڻ – ٽورو زور ڏيڻ. تاجيءَ کي انگهن تي چاڙهي ڇڪي بهارڻ.

– **ساهُو ج ساهُو:** ذ. [سن. سَهايَ] سهي ويندڙ – برداشت ڪري ويندڙ. بهادر. خيرخواهه. دوست. پشت پناهه. داتا – سخي. محسن. بهادر – زور پربو – طاقت وارو. دولت وارو – هوند وارو. سپتيو – چڱي چال وارو. هوشيار – تڪڙو. درياءَ جي چوڙ وارن ڦاٽن مان وڏو ڦاٽ. "ساهُو درياءَ" وڏو – شاهي وهندڙ ڦاٽ.

– **ساهِيْ ج ساهِيُونْ:** ث. چڪي – ڪَش ـ تاٽ. آرام.

• **ساهُوْ ج ساها:** ذ. سَهائو – اُجالو – روشني – سوجهرو. خبر – يادگيري – سُڌ سماءُ شاديءَ وقت ڪنواريتن طرفان گهوٽ کي مليل ڪپڙا (ڻ).

• **ساهُو سَرَڻُ:** روشني ملڻ – فيض حاصل ٿيڻ.

• **ساهُوَلَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ساهُوروُ ج ساهُورا:** ذ. صفت. ساهرو. (زال لاءِ) مڙس جي پيءُ جو گهريو ڳوٽ – (مڙس لاءِ) زال جي پيءُ جو گهريو ڳوٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ساهُومُو ج ساهُوما:** ذ. سُهمو. طعنو. مهٽو – ڏونگهو.
• **ساهُووالُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ساهِڙِ ج ساهِيُوُنْ:** ٿ. ٿورو آرام – ويسانهين – فرصت – مُهلت – وقفو – دَمُ. بيهڪ – نہ ڪرڻ وارو مُدو. حرفت. چاندوڪي.
– **ساهِڙِ پَٽَڻُ:** دم پٽڻ – ويسانهين وٺڻ – آرام ڪرڻ.
– **ساهِڙِ ڪَڍَڻُ:** ڪم ڪان فارغ ٿي ٿورو وقت ترسڻ.
• **ساهِي:** ٿ. صفت. سهائي. (سهائي رات – چاندوڪي رات).
• **ساهيڙُ ج ساهيڙا:** ذ. صفت. وڏو – سڏر. سُرت سمجهه وارو. سڏريل. چگو – موچارو.
• **ساهيڙِڙِ ج ساهيڙِيُوُنْ:** ٿ. [سن. سکي = سنگتياڻي] سنگتياڻي – دوستي واري. جيڏي – سرتي – هڪ جيڏي – جيڏل – سهيلي.
• **ساهيڙپ ج ساهيڙپُونْ:** ٿ. سهنڌ – سِڪَ – پريت – دوستي.
• **ساهيلِڙِ ج ساهيلِيُوُنْ:** ٿ. ساهڙِ.
• **سائينا** – جناب! – صاحب! حضورا. استاد کي مخاطب ٿيڻ وقت استعمال ٿيندڙ مانائتو لفظ.
• **ساءِ ج ساءَ** ذ. سوادُ – مزو – ذائقو – لذت – لاءِ چَٽَ – شِيري – چَکي – چاڻي – چشکو – چَڻَ – لحاظ – ادب – عزت. اورانيو – سانگو. خوشي.
– **ساءِ جوُنْ سُيُوُنْ چَلَڻُ:** مينا ڪ ڪرڻ. دنيا جي عيش عشرت کان پاسو ڪرڻ – من جون سَڌون ماري ڇڏڻ – نفساني خواهشون ترڪ ڪرڻ.
– **ساءِ سِڪَ وارو ج ساءِ سِڪَ وارا:** ذ. دوست – يارُ.
• **ساءِ ٻوڙُ يا ٻُڏِي وَڃُڻُ (ڪ):** وِيڑَ جو صفا لهي وڃڻ ۽ پاڻيءَ جو سُڪي وڃڻ.
• **سائبانُ ج سائبانَ:** ذ. (ف). شاميانو – تنبو – خيمو. چپر – چاجو – ڇجر – چاپرو – دروازي اڳيان لٽڪائڻ جي ڇپري – ڇڪ.
• **سائٽِي ج سائٽِيُوُنْ:** ٿ. ٻن پائرن جي اولاد جو لاڳاپو – سارَتي.
– **سائٽِي سُٻُٽُ:** ذ. سُٻُٽ جو پٽ – سُٻُٽاڻي سُٻُٽ – سُٻُٽ جو ٻه پٽ.
• **سائڇو:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **سائدو:** ذ. مال وارن جو لفظ. گنبت طرف سڃاڻپ لاءِ مال کي ڪن ۾ هڪ خاص وڊ يا چير.
• **سائدِي:** اسر خاص. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سائرَ ج سائرُوُنْ:** ٿ. (مر سائير) زمين کان سواءِ ٻين ننڍين ننڍين شين تي مڙهيل ڊل. سمنڊ تان ورتل ڊل.
• **سائرِ ج سائرَ:** ذ. [سن. ساگر = سمنڊ] سمنڊ – بحر – درياءُ – ساگر. کارو. مؤج – لهر. ذ. صفت. سير ڪندڙ – ڦرندڙ – گهمڻ وارو. تمام – سڀ – بلڪل – سڄو. باقي.
• **سائرُ:** اسر خاص. جوئر جو هڪ قسم. انّ اڇو ميرانجهڙو. تُهَ ڪارا.
• **سائڪُ ج سائڪَ:** ذ. منگر مڇيءَ جو هڪ قسم. (پٽي هيڊي، پيٽ اڇو. قد اڌ فوٽ کان ڏيڍ فوٽ).
• **سائلُ ج سائلَ:** ذ. (ع). سوالي – پينارُ – عرضدار – فقير – اميدوار. پچندڙ. درويش – ويراڳي. گراهڪ. اصيلُ.
• **سائنس ج سائنسُوُنْ:** ٿ. [انگ Science] تجربي تي ٻڌل علم.
• **سائنڊُ ج سائنڊُوُنْ:** ٿ. سائڊ. مالڪياڻي. صاحب.
• **سائٽِڙِ:** اسر خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سائو ج سَاوا:** ذ. صفت. [سن. شياما] سبز. سرسبز – تازو. آباد. سر سير. ساڇو – سڌائو. سياڳو. ونهيون – سُڪيو ـ مالوند – مالدارُ – آسودو پچندي وارو – هلندي وارو. نئڙت وارو – نهنو. خوش – فرخنده. (ذ). هڪ قسم جو رنگ – سبز رنگ.
– **سائو ٽِيَڻُ:** سر سبز ٽيڻ – آباد ٽيڻ – وَڌڻ ويجهڻ. ترقي ڪرڻ – ڪامياب ٽيڻ. سڪيو آسودو هڻڻ – ساڇو ٽيڻ. برڪت پوڻ – پاڪ ورڻ. ڦرڻ ڦلڻ. ڀڄ جو اپرڻ – سلي جوڙڻ.
– **سائو سَتَابو ج سَاوَاسَتَابَا:** ذ. سڪيو. بي قرضو. اولادي.
– **سائو سڳهارو هُڻُڻُ:** آسودو هڻڻ – مالدارُ هڻڻ. ڌن دولت وارو هڻڻ. خوش نصيب هُڻُڻُ.
– **سَائو ڊِائو هُڻُڻُ:** سڪيو هڻڻ – آسودو هڻڻ – پئسي وارو هڻڻ – شاهوڪار هڻڻ.
– **سَائو پَاڻِي:** بلڪل ڇڊِيُ لَسِيُ. جهارو.
– **سائو جيُرو:** ذ. دوا جو هڪ قسم – پسارکو وکر.
– **سائو سُرَخُو:** ذ. گهوڙي جو هڪ قسم.
– **سائو قُنُوڊِ نُو:** قودني جي سبزي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سائو مَکو:** ذ. ہنين ۾ رهندڙ سائي رنگ جي هڪ وڏي مَک.
– **سائُوکارَتُھو:** جُوئر جو هڪ قسم.
– **سائو گَـمْرُو:** اسر خاص. جوئر جو هڪ قسم.
– **سائو کِرڑو ج ساوا کِرڑا:** ذ. ٽر ۾ ٽيندڙ هڪ قسم جي رنگ جي کِرڑي.
– **سائو مُنْهُنْ:** هيڊ جهڑو منهن – بنا رت جي.
– **سائو میگان:** ذ. اُڻ جي رنگ جو هڪ قسم.
– **سائِي ج سائِيُون > سايُونْ:** ث. رنگ جو هڪ قسم – هريالي – ساوڪ واري – سرسبز. ريج ڏنل زمين. هڪ قسم جي بيماري.
– **سائي ياجِيْ ج سايُون ياجِيُونْ:** ث. ترکاري – ونر. پتي – سبزي – پالک وغيره. نباتات.
– **سائِيْ ٹُومَرَ:** ث. سبز ٽُومَر.
– **سائِيْ پاتْ ج سايُونْ پاتُونْ:** ث. ڪاشيءِ جي پات (ڪ).
– **سائي سَلي:** ظرف. شروع يا منڊ ڪان.
– **سائِيْ سِيْـرَکَ ج سايُونْ سِيْرکُونْ:** ث. سائي رنگ جي پٽ جي پٽراٽِيْ.
– **سائِي گَـوڙَهْ:** ث. گهاٽي سائي رنگ جو قسم.
– **سائيرڙو ج سائيرڑا:** ذ. صفت. سائيرو – ٽورو سائو – ساواڻ تي مائل – ٽڏو سائو.
– **سائيرو ج سائيرا:** ذ. صفت. سائيرڙو – ساواڻ تي مائل – البته سائي رنگ تي مائل. زرداڻ تي مائل – پيليرڙو.
• **سائُو ج سائُو:** ذ. ث. صفت. گهٽو سهندڙ. گهٽو سهندڙ ۽ نہ ڪچندڙ. وڏي صبر وارو. ستيا وارو. دليـر – بهادر. اشراف.
• **سائُو جاڻِيْ:** اسر خاص. هوتواڻي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **سائوند:** اسر خاص. قبيلي جو نالو – ساند.
• **سائُونْڊ ج سائُونْڈَ:** ذ. [انگ. Sound] آواز.
– **سائُونْڊ باکْس:** آواز جي پيٽي – گراموفون جو هڪ پرزو.
• **سائُورَ ج سائُورَ(ت):** ذ. صفت. سُٻتو – سنئون سڌو.
• **سائُونْ:** اسر خاص. ذ. سانئون.
• **سائُونْگو ج سائُونْگا (ت):** ذ. وهڻ لاءِ ٽيڪ واري مَنجي.
• **سائُوٽِيْ ج سائُوٽِيُونْ:** ث. هڪ پکيءَ جو قسم – سِرڻ.
• **سائِيْ ج سايُونْ:** ث. [سن. شيام = سائو] هڪ بيماريءَ جو قسم – يرقان – ڪامڻ – دونري. ينگ. ڪاب سائي شيءِ. ڪچي پوک. وٽ تي زمين. (صفت) سکي – آسودي. ڏُکي – لڳل. (اسم خاص). بارڻ طرف هڪ جبل جو نالو. هڪ لَڪ جو نالو.
– **سائِيْ ٹِيَڙْ:** ڏُکِيْ ٽِيڙ – ڦرجڻ.
– **سائِيْ هُجَنْ:** ڪچي هجڻ.
– **سائِيْ وتْ:** ہنيءَ جي آڇا آلي هئڻ وقت هر ڏيڻ جي حالت.
• **سائِيْ چَنْ:** اسر خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سائِيْڈ:** [انگ. Side] پاسو – طرف.
• **سائِيْز ج سائِيْزُونْ:** ث. [انگ. Size] قد – قامت. اوچائي.
• **سائِيْسْ ج سائِيْس:** ذ. گهوڙي جو خدمتگار – سَيْنْسَ.
سائِيْسِيْ ج سائِيْسِيُونْ: ث. گهوڙي جي رکوالي جو ڪم.
• **سائِيْڪِلِ ج سائِيْڪلُونْ:** ث. [انگ. Cycle] گلَ جو ٻ قيڻن سان گهوڙو – بائيسڪل – دوچرخو
• **سائين ج سائين:** ذ. [سن. سوامن] سائنين. پاڪ ماڻهو – درويش – ولي – بزرگ ماڻهو – نيڪ ٻانهو. متقي – پرهيزگار. خداترس – امين – ايماندار. سردار. مالڪ.
– **سائينءِ جيْ دَرْبارِ:** ث. خدا جي ڪچهري – بارگاه الٰهي.
– **سائينْ:** سائين لوڪ. ذ. بي فڪر – توڪلي – پورڙو – بينو – بيڪاري – گداگر – فقير.
• **سائِيْنِ ج سائِيْنُونْ:** ث. [انگ. Sign] نشاني – اهجاڻ صحيح – دستخط.
– **سائِيْنِ بورڊُ ج سائِيْنِ بورڊَ:** ذ. سجاڻپ جو تختو.
• **سائِيْن جو لوڪ:** اسر خاص. ڪيرٽر جبل ۾ هڪ مڪان جو نالو.
• **سائِيْنو ج سائِيْنا:** ظرف. عمر ۾ برابر – هـ عمر – هڪ جيڏو – جيڏو سرتو.
• **سايِرُ ج سايِرَ:** ذ. سنگتي – ساٿي – مددگار – واهرو – حمايتي – ساٿي – ٻيلي.
• **سايُو ج سايا:** ذ. [ف. سايه] پاڇو – پاڇولو – عڪس. گوشو نشيني. شفقت ۽ حمايت جو ڏِڪ. جن. پوت. پَرِيْ. ديوَ جو پاڇو (اثر).
– **سايو لَهَنْ:** جن پوت جو اثر لهي وڃڻ. حفاظت نہ هئڻ. حمايت ختم ٿيڻ.
– **سايو هُجَنْ يا هُئَنْ:** آسرو هئڻ – آڌارُ هئڻ. پُٺ هئڻ. حمايت هجڻ – مهرباني هجڻ – جن. پري وغيره جو اثر هئڻ.

سايي داريُ ج سايي داريُون: ث. حمايت – مدد.
سايي كاڻ ڇڄ: پاڇولي كان ڊڄ – صورت كان ٿهڻ.
سايي هيٺ اچڻ: حفاظت ۾ اچڻ – پناهه ۾ اچڻ. غيبات جي اثر هيٺ اچڻ.
سايي ۾ ويهڻ: پاڇي ۾ بيهڻ. پناهه ۾ رهڻ.
سايي دار: ذ. صفت. ڇانو وارو.
سَبْ: [انگ. Sub] نائبيت ڏيكارينڊ پاڳياڻ.
سَبْ آفيس ج سَبْ آفيسُون: ث. ماتحت دفتر – زيردست آفيس.
سَبْ اِنْجنيئر ج سَبْ اِنْجنيئرَ: ذ. مير عمارات جو نائب – حاكر تعميرات جو ماتحت – نندو اِنْجنيئرَ.
سَبْ اِنْسپيكٽر ج سَبْ اِنسپيكٽَرَ: ذ. صوبيدار – نائب ناظر.
سَبْ ڊويزن ج سَبْ ڊويزنُون: ث. ضلع جو هڪ حصو.
سَبْ رجسٽرار ج سَبْ رجسٽرارَ: ذ. رجسٽرار جو نائب.
سَبُ ج سَبَ: ذ. پيار. مهر – رحم. سَوَڏ. سُڀ. تعبير. ادي پيٽ كري سڏڻ واري حالت.
سَبَا: اسم خاص. (ع) قران مجيد جي ۴۳ سورة جو نالو. هڪ شهر جو نالو.
سُباسُ ج سُباسَ: ذ. صفت. خوشبوءِ دار – سرهو (ث. سُباش).
سَبَاڏُ ج سَبَاڏَ: ذ. كير جمائڻ وقت كير ۾ وڏل ڏڻ يا ڏوني جو ڏرو – سِبائڻُ (ت).
سِبائڻُ: مصدر. كير جمائڻ لاءِ كير ۾ ڏڻ وجهڻ.
سِبائِي ج سِبائِيُون: ث. [سن. سِيونَ =] سلائي.
سِبَائِڻُ: مصدر. تويائڻ – ٽاكائڻ – بخائڻ – بكائڻ. وٽڻ. موزون لڳڻ.
سِبَائِي ج سِبَائِيُون: ث. سِبَاٽي.
سِبَايا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
سَبَب: ظرف. جي كري – واسطي – لاءِ ـ سببان.
سَبَبُ ج سَبَبَ: ذ. [ع. سبب ج اسباب = باعث] باعث – كارڻ – علت – وجه. مقصود – مطلوب. نِيَتَ – ارادو. حجت – دليل. تقريب. ذريعو – وسيلو. ضرورت. بهانو. بيماري. مقدمو. مائتي. علم عروض جي اصطلاح موجب ۾ حرفي كلمو. مثلاً: "يَل. اج. رَمْ. دمْ وغيره" ۾ قسم: (۱) سبب خفيف (۲) سبب ثقيل. سَبَبُ خفيف: ٻن حرفن جو ٺهيل يعني جنهنجو پهريون حرف متحرك ۽ ٻيو ساكن. مثلاً: "يَلْ، اَجْ، دِلْ وغيره." سَبَبُ ثقيل: جنهن جا ٻئي حرف متحرك. مثلاً: "رَمَ، هَمَ، دَمَ، يا كَلَ، مَتِ وغيره".
– **سَبَبُ ٽيڻ:** باعث ٽيڻ – كارڻ ٽيڻ. اتفاق ٽيڻ – اوجتو ٽيڻ – قضا سان ٽيڻ. اوجتو ملڻ. بيماري ٽيڻ.
– **سَبَبُ سَولو ٽيڻ:** سُڻي شروعات ٽيڻ – سنو سَوَڏُ ٽيڻ.
– **سَبَبُ كَرڻ:** ضرورت پيدا كرڻ. ذريعو پيدا كرڻ – وسيلو پيدا كرڻ. ٺهرائڻ – جوڙڻ. مقرر كرڻ. قاعدو كرڻ. فائدو كرڻ. عرض پورو كرڻ.
• **سبب لڳڻ:** سببان. ضرورت جي كري.
• **سُبْتو ج سُبْتا:** ذ. صفت. ظرف. "ابتي" جو ضد – سڌو – سَنئُون – سڌي طريقي ۾. پورو – درست – برصواب. سَاجو – سٽائو – سَولو.
– **سُبْتائِي ج سُبْتائِيُون:** ث. (كپڙي جو) سڌو طرف – سبتو پاسو – سُبَتَ. برابري – سَولائي.
– **سُبْتَوَ:** ظرف. سَنئِين طرح – پوري طرح – شائستگي سان. مناسب طور.
• **سُبْتو وَتُ:** ذ. ڏاڳي جي تندي كي پكو كري وٽڻ لاءِ ڏنل وَتُ.
• **سُبْحَانُ:** [ع. سَبَحَ = هو پاك ٿيو] پاك – قدوس – مبرا. خدا پاك جو صفاتي نالو. تعريف كيل – ثنا جو لائق – ساراه جو مُسْتَحَقُ.
– **سُبْحَانَ اللّٰه:** دعا. ثنا. ۽ عجب جي اظهار وارو اصطلاح. اللّٰه پاك آهي! واكاڻ جڳائي اللّٰه تعالىٰ كي. تعجب. تَحْسِيْنَ ۽ آفرين جو كلمو. واه واه. خوبُ تمام سنو. چا چوان! كهڙي گالهه كجي. طَنْزَ جو كلمو. واه عقل! واه وڏائي!
– **سُبْحَانَ رَبِّنَا:** صفت. اللّٰه تعالىٰ جي حمد ۽ ثنا جا الفاظ. واه وڏائي. اسان جي رَبُ پاك جي!
• **سَبْدُ ج سَبْڊ:** ذ. [ف] نوكرو – نوكري – چلي – چهو – كارو. نذر جي ڏالي.
• **سَبَرْكَتُو ج سَبَرْكَتَا:** ذ. [ع. بركت = واڌارو] چگي بركت وارا – گهٽو – كافي – عام جام.
• **سَبَرْكَتِي ج سَبَرْ كَتِيُون (ت):** ث. زراعت جو اوزار – ڏانداري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَبْڙائي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **سَبْڙي:** ثـَ. اسر خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَبْڙ:** ذ. صفت. [ف. سبزه = ساوڪ] رنگ جو هڪ قسم — سائو — سـَ — سَبْڙ — هَريو. تازو. شاداب. موگو — آلو. اڻ پڪل ميوو. وٽندڙ. نئون.
— **سَبْڙ باغ ڏيکارڻ:** فريب ڏيڻ — ڏوکو ڏيڻ — ڪوڙي وعدي سان برغلائڻ.
— **سَبْڙ بَخْت:** ذ. [ف. سبز + بخت = نصيب] خوش نصيب — صاحب اقبال — نيڪ بخت.
— **سَبْڙ پاءِ** [ف. سبز + پاءِ = قدم] منحوس قدم. سبز قدم.
— **سَبْڙ پوش:** ذ. صفت. سائي لباس وارو. زاهد.
— **سَبْڙ قَدَم:** ذ. [ف. سبز + ع. قدم = پير] منحوس قدم — نامبارڪ — بدبخت.
— **سَبْڙ قَدَم ٿيڻ:** منحوس ۽ بدبخت ٿيڻ.
— **سَبْزو ج سَبزا:** [ف. سَبزه] ذ. صفت. ساوڪ — سبزي — وَسَ. گاهه — پَتا — پَن. تازگي — طراوت — نباتات — ڪاراڻ تي مائل سبز رنگ جو گهوڙو. ساوڪ — هڪ قسم جو جوهر. ريهَ. نوجواني واري نئين ڏاڙهي جي وارن جي ڪاراڻ. ريهه.
— **سَبْزَهْ رنگ:** سانورو — ڪڪ رنگو.
— **سَبْزَهْ زار:** [ف. سبزه + زار — جاءِ. گهٽائي] مرغزار — چراگاهه — سائو جهنگل — گاهه جو فرش.
— **سَبْزِي ج سَبْزِيُون:** ث. پاڄي ترڪاري. پالڪ.
— **سَبْزِي فِروشَ ج سَبْزِي فِروش:** ذ. [ف. سبزه + فروش < فروختن = وڪڻڻ] پاڄيون وڪڻندڙ — باڪري — بقال.
• **سَبْزوئِي:** اسر خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **سِبْط:** ذ. (ع). پٽ جو اولاد — آل اولاد. پوٽو. ڏوهٽو.
— **سِبْطَيْن:** (ع). ٻه پوٽا. ٻه ڏوهٽا. (حضرت امام حَسن (ع) ۽ حضرت امام حُسين ع).
— **سَبْعَ:** صفت. (ع). هڪ عدد جو نالو — ستن جو عدد (۷).
• **سَبْعَ سَماوات:** [ع. سبع + سماءٌ ج سماوات = آسمان] ست آسمان.
• **سَبْعَ سياره:** ذ. [ع. سبع + سياره = گره] سَتَ گره. ۱ـ مريخ. ۲ـ مشتري. ۳ـ زحل. ۴ـ زهره. ۵ـ عطارد. ۶ـ شَمْس. ۷ـ قمر.
• **سَبَقَ ج سَبَقَ:** ذ. [ع. سَبَقَ = هن شهه ڏني > هن گوءِ ڪنئي] سَبْقَتَ — پيش روئي — اعليٰ — سَرُس. روزانه پڙهائڻ ۾ اينڊ ڪتاب جو ڪجهه پاڻگو — درس — ذميداري. نصيحت - سمجهاڻي. سزا — گوشمالي.
— **سَبَقَ پڙهائڻ:** تعليم ڏيڻ — سيکارڻ. تنبيهه ڪرڻ. عبرت ڏيڙ
— **سَبَقَ پڙهڻ:** درس وٺڻ — سکڻ — تعليم حاصل ڪرڻ.
— **سَبَقَ ڏيڻ:** پڙهائڻ — سيکارڻ — تعليم ڏيڻ — اڳتي وڌائ نصيحت ڏيڻ — عبرت ڏيڻ. تنبيهه ڪرڻ — سزا ڏيڻ.
— **سَبَقَ سيکارڻ:** درس يا پڙهائي وارو پاڻگو سيکارڻ. هدايت ڪر — سيکت ڏيڻ.
— **سَبَقَ وَٺڻ:** پڙهڻ — درس وٺڻ — سِکڻ. نصيحت وٺڻ. عبرت حاصل ڪرڻ.
• **سَبْقَتَ ج سَبْقَتُون:** ث. [ع. سَبَقَ = هن شهه ڏني > هن گو ڪنئي] اڳرائي — گوءِ ـ فوقيت — شرف — وڏائي — بزرگي - اُتر. دستوراعمل — روش. خوبي — خاصيت — جوهر — فضيلت
— **سَبْقَتَ ڪَرَڻ:** اڳ ۾ شروعات ڪرڻ. اڳتي وڌڻ. پيش قدمي ڪرڻ.
— **سَبْقَتَ ڪَٽي وَڃَڻ:** وڌڻ — وڌي وڃڻ — ٻئي کان واڌارو ڪري وڃڻ — گوءِ ڪٽڻ — بازي کٽڻ — سرسي ڪرڻ.
• **سَبُڪ ج سَبُڪ:** ذ. صفت. (ف). هلڪو — خفيف. نازڪ — ڪنئر — نرم — لطيف. باريڪ — سنهو. چست — چالاڪ — تيز - هوشيار — پَڙ. ڪاريگر — ماهر. ڪم ظرف. بي عزت. بي تعلق.
— **سَبُڪ ٿيڻ:** هلڪو ٿيڻ — فارغ ٿيڻ. شرمنده ٿيڻ. نظر ڪار ڪرڻ — حقير ٻڌجڻ.
— **سَبُڪ خيز:** [ف. سبُک + خيز > برخواستن = اُٿڻ] تي رفتار — چست ۽ چالاڪ.
— **سَبُڪ دَسْت:** ذ. صفت. [ف. سبک + دست = هٿ] قَڙت - چالاڪ — جلد ڪم ڪندڙ.
— **سَبُڪدوش:** ظرف. [ف. سبک + دوش = ڪلهو] آزاد — چنڊ مجرد. فرصت وارو. آرامي — فرحتي — فارغ. بي تعلق. غي ذميدار. هلڪي ڪلهي وارو. (ديوان واصف).
— **سَبُڪدوش ڪَرَڻ:** آزاد ڪرڻ — بار لاهڻ — بري الذمه ڪرڻ.
— **سَبُڪ گامَ:** ظرف. تيز رفتار — تڪو.
— **سُبْڪي ج سُبْڪِيُون:** ث. هلڪائي — تَرڙائي — خِفت. خوار

– بدنامي – ذلت – رسوائي – صفائي – سنائي. نزاڪت.

• **سُبُڪُ ج سُبُڪَ:** روشني – سوجهرو – اُجالو – اُهاڻ – سهائي. ذ. صفت. خسيس – هلڪو – خفيف – ادنيٰ.

• **سَبْڪَتَگِيْنُ:** اسر خاص. [ف. سبڪ = هلڪي تگ = قدم – درجو. اين = پچاڑي] سلطان محمود غزنويءَ جي پيءُ جو نالو.

• **سِبْڌِي ج سِبْڌِيُوْنْ:** ث. لٽڪندڙ تلوار کي اٽڪائڻ لاءِ ڪمر پٽي جو ڪڙو.

• **سِبَڙُ:** مصدر. ٽوڙڻ – سبڙ. اوٽي ڏيڻ. ڳنڍڻ – جوڙڻ – ناهڻ – ملائڻ.

– **سِبْڙِي ج سِبْڙا:** ذ. سبڙ جو اوزار. سُوئو.

• **سِبْڙِي ج سِبْڙِيُوْنْ:** ث. سيبو – سِلائي. سوئو.

• **سُبُو ج سُبُوْ:** ذ. (ف). شراب جي ٽاڻءُ جو هڪ قسم – دلو – گهڑو – مٽڪو – مَڻ – پيالو – برني. ڪاڏو.

• **سَبُوْسُوْ ج سَبُوْسا:** ذ. ميدي ۾ قيمون ملائي ان کي گهِ ۾ تري ناهيل ٽُڪر – سنبوسو.

• **سَبي:** ظرف. سڄو سارو. تمام گهٽو.

• **سِبِي:** اسر خاص. بلوچستان جو هڪ ضلعو ۽ مشهور شهر. سَوي، سيوي.

• **سَبِيْلَ ج سَبِيْلُوْنْ:** ث. [ع. = واٽ] راهَ – واٽ – رستو – سڙڪ – پيچرو – گَس. طريقو. تدبير. صورت. بندوبست. وقف. خدا ڪارڻ پياروڻ لاءِ پاڻي يا کير – خيرات. سچي – خالص. صفت. ڳَپلُ – جالُ – بَهُون – گائبو – سرس. دستور – چال – ڍنگ – هلت.

– **سَبِيْلَ پِيارَڻُ:** محرم جي مهيني ۾ شربت يا کير پياروڻ – مسافرن کي مفت پاڻي پياروڻ. بنا معاوضي پاڻي پياروڻ.

– **سَبِيْلَ ڪَرَڻُ:** خدا ڪارڻ ڏيڻ – رستو ڪيڻ – تدبير ڪرڻ. بندوبست ڪرڻ.

• **سَهاجهوْ ج سَهاجها:** ذ. صفت. [سن. سياجن: سَ = چگو + ياجن > ياجَ = پيار ڪرڻ] ٻاجهه واروَ – ٻاجهارو – ٻاجهه پريو – مهربان – ڪرم ڪندڙ. شفيق – رحم دل. نيڪ سياڻ – حليم – نيڪ پرڪار – هرد لعزيز. ڪِل مُڪ – ڇئيوان – فرمانبردار – ڇڻي ۾ ـ نيازمند. وٽندڙ – ڏسڻ جهڙو. مائيٽو.

• **سَهالو ج سَهالا:** ذ. صفت. [سن. سبل : ست = سان + بل ذ طاقت] سڪيو – ٺهيل.

• **سَهايا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سَهْڌ ج سَهْڌُوْنْ:** ث. [سن. ستبده: ست = چگو + بڌ = سمجهه] عمدي سمجهه – دانائي. (هـ. بڌه = جاڻ).

• **سَهَڙُ ج سَهَڙَ:** ذ. [سن. سبل > سَ = چگو + بل = طاقت] ٽلهو – متارو – ڏنڍو. طاقتور – سگهارو – زور وارو – ڏاڍو – مضبوط – جانڙو – جُنگ – جبرو – سناڻو – زبردست – پهلوان. تندرست. سخت. وڏو – قداوَرُ. ٽورو متي – ٽورو اُپريلُ – ٽورو جڙهيل. پئسي وارو – شاهوڪار.

– **سَهاڙ ج سَهْڙاڻُوْنْ:** ث. سهرائي – طاقت – سگهه – زور.

– **سَهْڙاڻُو ج سَهْڙاڻا:** ذ. صفت. زور جو طاقت جو – سگهه جو – زورَ وَراڻو – زبردست – دست درازيءَ جو – جبراڻو. زبردستيءَ جو – غضب ناڪ.

– **سَهرائِي ج سَهْرائِيُوْنْ:** ث. ڏاڍائي – زوراوري – طاقت – قوت ـ زبردستي – غضب.

– **سَهرو ج سَهرا:** ذ. طاقت مند – سگهارو – پهلوان. موتو – ٽلهو.

• **سَهڙُ:** لس ٻيلي جي وڏي سخي حاڪر جو نالو.

• **سَهڙُ (ل):** ذ. چاپاڪي جي هڪ بيماري.

• **سُهُڪُ ج سُهُڪَ:** ذ. مونجهو – غمگين. ڏکويل. مائيٽو.

• **سُهْڪارو ج سُهْڪارا:** ذ. سڏڪارو – سڏڪو. "تہ ڪنهن سوره سهڪارو پريو. نہ ڪنهن اتي آهَ ڪيا" (مولوي غلام محمد بگائي).

• **سَهِڪُ (ث):** مصدر. ڪِسڪڻ – پَڇڻ.

– **سَهِڪِي رَهُڻُ:** ڪِسڪي وڃڻ – پڇي وڃڻ.

• **سُهِڪُ:** مصدر. پَڪل فصل کي پوري پاڻي نہ ملڻ ڪري اَن جو چگي طرح نہ پڇڻ.

• **سَهِلُ ج سَهَلَ:** ذ. صفت. [سن. سَبَل > س = چگو + بل = زور] سَهڙُ. مضبوط – طاقتور – سگهارو. پهلوان – جوڌو.

• **سَهَنْڈُ ج سَهَنْڈَ:** ذ. [سن. سَهنڈ: س = چگو = بنده = ٻڌڻ] سَنْهَنْڈُ. تعلق – ربط – واسطو. ميلُ – ميلاپُ – ڳانڍاپو – ناتو. نسبت مائٽي – عزازت. مشابهت. ڪشش.

• **سُهَنْڈُ ج سَهَنْڈَ:** ذ. صفت. پڪو – پختو – ڏاڍو – مضبوط – قابو – سوگهو – اَڇلُ – برقرارُ – ڪپ ڪوڙ. ثابت قدم. چگو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلو – چاقُ – نِمرو – سکرائتو. تناوَر. پوشيدو. سنهون. هلکڙو. نازڪ.

• **سَهوجهَ ج سَهوجهُونْ:** ث. صفت. [سن. سَ = سان + هوڌ = هوش] چڱي هوجهَ – عقل – دانائِي – سياڻپ – هوش – جاڻ.

– **سَهوجهُ ج سَهوجهَ:** ذ. صفت. هوشيارو – سياڻو – داناءُ – عاقل – ڏاهو. پڙهيل. (ث. سهوجهه ج سهوجهُون).

– **سَهُوجهُو ج سَهُوجهَا:** ذ. صفت. چڱي جاڻ وارو – عاقل – سمجهو – سَجاڻ. سڻپرو – هوشيار – تيزفهم. فهميدو.

• **سَبِي ج سُبِيُون (ث):** ث. مُنْهَنْ جو نمونو – ڊولْ – شڪل. پت يا پٿر جو ڪنديلو. نظر لڳڻ جي حالت ۾ هارجي هانهن ۾ هڏ لاءِ مُڇَ جي نوڙي.

– **سَبِي پَڙهَڻُ:** نظر جي اثر کي دور ڪرڻ لاءِ مُڇَ پڙهڻ.

• **سُبِيرَ:** ظرف. [سن. سُ = چڱو + ويلا = وقت] سويرَ – ساجهَرَ.

• **سُبِيرَ:** گس، واٽ، پيچرو.

• **سُبِيرِي:** ث. [سن. سُ = چڱو – ويلا = وقت] شادي يا ڪاج جي هڪ وقتي ماني – هڪ ويلا ماني. همراه ـ دوست.

– **سبيرائِي:** ث. هڪ وقتو طعام.

• **سُبِيرِي ج سُبِيرِي:** ذ. صفت. مضبوط – ڏاڍو – طاقت وارو – سخت.

• **سَبِيلَ:** صفت. [ع] سَبِيل – جهجهو – گهٽو – ٻهون ـ زياده ـ وڌيڪ – ڳچل – جالُ – سَرْسُ.

• **سُبِيلِي ج سُبِيلِي:** ذ. [سن. سُ = چڱو + ويلهل = پيار] سچو ٻيلي – مددگار – همراه ـ ساٿي – سنگتي. (سبيلِيُون: ث) ساهيڙِ – ساٿياڻي – سهيلي. "سُور سبيلِي سسئي، لڪ تنهين سين لنگهه".

• **سَبُّ:** صفت. [سن. سَرْوَ = ڪُل] سچو – سارو – سمورو – تمام – ڪُل – مڙيوئي – جملي. سچو سارو – ثابت – سلامت – پوري جو پورو – هَمَ – هڙ موڙي. بلڪل – سراسر – محض. جوڙ – جمع – ميزان.

– **سَبا ج سَبا:** صفت. سڀ – سڀيي. هر طرح.

– **سَبِ پِرَ:** ظرف. هر حالت ـ سڀ طرح.

– **سَبَ جو سُونْهُونْ ٽِيَنْ:** سيڪنهن جو واقف ٽيڻ. سيڪنهن سان گفتگو ڪرڻ. سيڪنهن جو ڪم ڪرڻ.

– **سَبْ سَجِيُونْ ڪَرْنْ:** سڀ سلڻ – سڀ ٻڌائڻ.

– **سَبُ سَلامِي هُئَنْ:** سارو جڳ محتاج هڻڻ – دنيا جي سرداري حاصل هڻڻ – سيڪنهن جي نظرن ۾ محبوب هڻڻ. وڏي مان ۽ مرتبي وارو هڻڻ.

– **سَبُ وتَ سانْ پورو هُئَنْ:** سيني سان دوستي جي نموني پيش اچڻ – سڀ سان نڀي هلڻ.

– **سُبُ ج سُبَ:** ذ. سڀي وائي. سڀو سوڌ. نصيب وارو – سياڻو – خوش نصيب – نيڪ بخت – شُبُ – سڀاڻو. وٽندڙ. شروعات – منڊ (صبح). سَگُ – مائٽي. ادي پيٽ ڪري سڏڻ واري حالت – سُبُ.

– **سُبُ سَدَنْ:** ادي پيٽ ڪري سڏڻ.

– **سُبُ گهڙِي ج سُبُ گهڙِيُونْ:** ث. نيڪ گهڙي – مبارڪ وقت – ساعت سعيد.

– **سُبَ موقعو ج سُبُ موقعا:** سهڻو وقت – سڀو موقع – سونهن وارو.

– **سُبَ وارُ ج سُبُ وارَ:** ذ. سڀو ڏينهن – سهڻو وارُ. سونهن وارو.

• **سُبُ سَڀاڻِي ج سُبُ سَڀاڻِيُونْ:** ث. ڪل خير – سڀ پلائي (دعا جو جملو).

– **سُبُ سَڀاڻِي ٽِيَنْ:** ٻيڙا پار ٽيڻ – مشڪل آسان ٽيڻ – من گهريا مطلب آسان ٽيڻ – دل جون مرادون پڄڻ.

– **سُبُ ڪُجهُ هُئَنْ:** ڪجهه به ڪين هُئَنْ.

– **سُبْڪو:** ضمير. هرڪو – جيڪو تيڪو – هر هڪ.

– **سُبْڪوئِي:** ضمير. هر هڪ. هرڪو – سيڪو – جيڪو تيڪو – هرڪوئي – مڙيئي – سڀ ـ نندو وڏو.

– **سَبِ ڪِهُو:** هڙپ ڪندڙ – لالچي – هيڄي – ڪائي ويندڙ – هضم ڪندڙ – پيٽيُرُ.

• **سَبْنَا:** (مرڪب حرف – سنڌي) سيني ڪان.

• **سُبْڪِي:** ضمير. سَبْڪُجهه – هر شي.

• **سُبْڪِي:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَبُو:** صفت. [سن. سَرْوَ = ڪُل] سڀ – سچو – ڪُل – سمورو – تمام – سارو. (هـ. سب).

– **سَبُوئِي ج سَبُوئِي:** ظرف. سڀئي ڪُل – مڙيوئي – سمورو – سربستو – هڙئي – سارو – جملي – ڪُلئي – ثابت – سچو – سالم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَيا ج سَياڻُوْن:** ث. [سَنْ. سَيا = جماعت] جماعت – مجلس – ميڙ – مندلي – انجمن – ميٽنگ – ڪائونسل – اسيمبلي – دربار –

• **سُيا:** ذ. ظرف. سُيان – سُيان ڏينهن.

• **سَياڳُ ج سَياڳَ:** ذ. [سن. سياگيہ: سُ = چڱو + ياگيہ = بخت] نصيب – بخت – چڱي قسمت. خوشي. رحمت – ڪرم. دولت.

– **سَياڳائِيْ ج سَياڳائِيُوْن:** ث. بختاوري – وڏ ياڳي – لاڪيٽائي – خوش نصيبي – خوش قسمتي – سعادتمندي – نيڪبختي.

– **سَياڳُوْ ج سَياڳا:** ذ. صفت. بختاور – ياڳوارو – وَڏَ ياڳو – ياڳن پريو – لاڪيٽو – خوش نصيب – خوش قسمت. سَدورو – نيڪ بخت. هڪ رنگ جو قسر يا نالو – خاڪي. (ث. سياڳِي ج سياڳيون).

• **سُيانْ:** ظرف. [سن. شُر + اهَنْ = ڏينهن] سياڻ – سياڻي (اصطلاح) قيامت جو ڏينهن.

– **سُيانْڪُوْ ج سُيانْڪا:** ذ. ظرف. سُياڻڪو.

– **سُيانْو:** ظرف. سياڻي وارو ڏينهن. صبح – صُبوحُ – پريات – فجر.

– **سُياڻي:** ذ. ظرف. سُياڻو – سُيان. صبح جو – صبحاڻي. فردا.

– **سُياڻي تي ڪمُ نہ رَکَنْ:** ٻئي ڏينهن تي ڪم نہ رکڻ. سيان تائين ڪم ڪرڻ لاءِ دير نہ وجهڻ.

• **سُياءُ ج سُياءَ:** ذ. [سن. سُوياءُ. س = چڱو + ياوُ = حالت] چڱي فطرت – چڱي حالت – سٺو نمونو – سٺي عادت. عادت – خصلت – خُو – چال – مزاج – ڍنگ – نمونو – سيرت. رغبت – لاڙو. قسر – طبع – ذات. گڻ – لڇڻ.

– **سُياوِڪُ ج سُياوِڪ:** ذ. [سن. ياوَ = پسند] ڪِل مُک – وٽندڙ طبيعت وارو.

– **سُياوِيْڪُ ج سُياوِيْڪ:** ذ. ازخود بنا خيال – فطري طور سُياءَ وارو.

• **سَيَتِ:** ظرف. [سن. سَرْوَتَرَ > سَرْوَ = سَبِ] هر هنڌ – جاءِ بجاءِ – هر طرف. سيڪنهن نموني – هر ڪنهن طرح – هر طرف – سيڪنهن رستي. سبِ ۾.

• **سَيَرِ ج سَيَرُوْن:** ث. پيٽ سان – ڳئورهاري – پريل – ڏُکي حامل. (ث). حمل واري مادي اُٺ.

– **سَيَرِ هُئَنْ:** حامل هئڻ – ڏُکي هئڻ. (ٻيڙي سير هئڻ) ٻيڙي پريور هئڻ. تمام گهٽي بار سان هئڻ.

• **سَيَرُ ج سَهَرَ:** ذ. صفت. [سن. سَبَلَ = سُ = چڱو + بل = طاقت] زور وارو – سگهارو. سَبَلُ – مضبوط – سياو – بدن ۾ پريل – ٿُلهو – چڱو متارو – همت پريو. چڪار – لڏيل – سٽيل. شاهوڪار – غني – ڏنوان – آسودو – دولتمند – ونهيون – هريو – ياڳيو – سائو. وڏو. تدبير ساز.

– **سَيْرائِيْ ج سَيْرائِيُوْن:** ث. صفت. تونگري – شاهوڪاري – دنياداري – آسودائي. چڱيلائي – چاڪائي – ٺيڪائي – تندرستي. پيٽ – گَرِيُ – گريتا – اُميدواري – ڳَرَ ڪَڙائي.

– **سَيْرُوْ ج سَيْرا:** ذ. طاقت وارو – ٿلهو – متارو – مضبوط – چڱو پلو. دنيادار – پئسي وارو. (ث. سَيري ج سَيريُون).

• **سَيَرَجَنْ:** مصدر. ياد پوڻ – دل تي هجڻ.

• **سَيْرِيْ پَڪ:** اسر خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ ديهه جو نالو.

• **سَيُوڪَو ج سَيُوڪَا:** ذ. صفت. [سن. سا = چڱي طرح + يُج = ماڻڻ] سٽيو – گهڙ لڳل. (ضد. اَيُوْ ڳُوْ).

• **سَيَهُو:** ذ. صفت. سَيئي. جهجهو – گهٽو – مَٽُو – جام – وافر – بَهُون – ريل پيل – بي انداز – هيڪاندو. (ضد. آيَئو).

• **سَيِئُو ج سَيِئا:** ذ. صفت. برڪت وارو. (ضد. اَيَئي جو).

– **سَيَئِيْ:** ظرف. سيءِ – ڪل – سارا – سمورا – مڙيوئي – جملي.

• **سِيئِتَا ج سَيِئْتائُوْن:** ث. تهذيب.

• **سَتَ:** صفت. [سن. سَپْتَ > سَپْتَنْ. ع. سَعة = سَتَ] هڪ عدد جو نالو ٦ کان پوءِ اٺن کان اڳ جو انگ – ٧.

– **سَتَ آگَرُ ج سَتَ آگَرا:** ذ. ست آگر ڏڳهن نيشن وارو سُوئر. ستن سالن جو سُوئر.

– **سَتَ برادَر سَتَ ذاتِيُوْن** – گهٽا ماٽهو.

– **سَتَ پِرائِيْ:** ث. ستن پائرن جي پيٽ عورت جو نالو.

– **سَتَ پَٽِيتو (سَتَ پَٽِريتو) ج سَت پَٽِيتا (سَت پَٽِريتَا):** ستن پٽن وارو – گهڻ اولادي.

– **سَت پُڙو ج سَتَ پُڙا:** ذ. ستن پڙن وارو اقرانو.

– **سَت پيڙهيو:** ذ. صفت. ستن پيڙهين وارو.

– **سَتَ پيڙهِيُوْن:** ث. خاندان جا هڪ ٻئي پٽيان ست والدين.

– **ستَ راجِيْ ج ستَ راجِيُوْنْ:** ث. ستن راجن جي ماڻهن جو ميڙ.
ذات. ذاتيون – گهٽا ماڻهو – انبوهه.
– **ستَ رَجِيْ ج ستَ رَجِيُوْنْ:** ث. ستن ڏانون ۾ پيل طعام – گهٽن قسمن جا طعام – مال مليدا – کاج کورما.
– **ستَرَنْگِيْ ج ستَ رَنْگِيُوْنْ:** ث. ستن رنگن واري. فراسيءَ جو هڪ قسم.
– **ستَرِيو ج ستَرِيا:** ذ. ستن مهينن جي عرصي ۾ ڇاول ٻار.
– **ستَ سُرَ:** ذ. علم موسيقي ۾ آواز جا ست درجا مثلاً: ۱. ک، ۲. ريکب، ۳. گندرا، ۴. مڌم، ۵. پنچم، ۶. ڌيوَت، ۷. نکاد. (۱) سا (۲) ري (۳) گ (۴) م (۵) پ (۶) ڌ (۷) ني.
– **ستَ سُرِيْ ج ستَ سُرِيُوْنْ:** ث. ستن سرن واري ڳجهارت ـ سُرن وارو بيت. ڏيگهه واري ڳالهه. ٻهاڻي واري ڳالهه.
– **ستَ سُرِيْ ٻڌائڻُ:** ستن سرن وارو سگهڙپائيءَ جو ٻهاڻي وارو ڏگهو جواب ڏيڻ. تکي ورندي ڏيڻ. سڌا جواب ڏيڻ.
– **ست سُريون ٻڌائڻ:** ست سري ٻڌائڻ.
– **ستَ سُکان:** اصطلاح ست عضوا جيڪي سجده ۾ لڳن. ست ڏينهن.
– **ستَ سَمُنْڊَ:** ذ. وچ مشرق جا ست وڏا سمنڊ. مثلاً(۱) بحر شام (۲) بحر قلزم (۳) بحر عرب (۴) بحر هند (۵) بحر عمان (۶) بحر فارس (۷) بحر اسود.
– **ستَ سَهاڳِيُوْنْ کارائڻُ:** ستن جيئرن مڙسن وارين زالن کي شاديءَ جي ڏاج يا کنهن نيڪ ڪم ڪرائڻ جي عوض کاڌو کارائڻ.
– **ستَ سِينگارَ:** ذ. عُورت جي سينگار جون ست شيون مثلاً (۱) سرمو (۲) پان (۳) مُساڳ (۴) ڦٽي (۵) زيور (۶) ميندي (۷) پيشانيءَ جو تلڪ.
– **ستَ ڦيرا:** ٻاهه جي چوڌاري ستَ ڦيرا ڦرڻ جي رسم – هندن جي شاديءَ جي رسم.
– **ستَ ڦيرا لَٻڻُ:** هندن جي شاديءَ جي رسم موجب ويڊي پڙهڻ بعد ستَ ڦيرا ڏيڻ.
– **ستَ کُنڊو ج ستَ کُنڊا:** ذ. ستن کُنڊن وارو – هفت پهلو.
– **ستَن پَرڊَن ۾ رَکڻُ:** حفاظت سان لڪائي رکڻ – پردي پناهه ۾ رکڻ.
– **ستَ نَڙيالُ ج ستَ نَڙيالَ:** ذ. ستن نڙين وارو – وڏي آواز سان ڳالهائيندڙ.
– **ستو ج ستا:** ذ. ستن جو انگ يا ست نمبر (پتن کيڏڻ ۾) سڏ وارو. صبر وارو سگهارو – زوراور – طاقتور.
– **ستَواڙو ج ستَواڙا:** ذ. شاديءَ بعد ستن ڏينهن کانپوءِ ڪنواريتر ڏانهن وڃڻ جي رسم. هفتو. (ذ. صفت). ستن ڏينهن جو.
– **ستوبتو:** صفت. ذ. شادي نه ڪيل. وڏي ستي سيل وارو. پاڪبا (ث) ستي جتي.
– **ستُوْنْ:** ذ. صفت. عدد قطاري – ستين نمبر وارو. (ث. ستين)
– **ستون:** ث. ڪنهن به انگ جي ڇهه پيرا وڌيڪ هڻڻ واري حالت.
– **ستُوڻو ج ستُوڻا:** ذ. صفت. ست دفعا وڌيڪ حالت وارو.
– **ستِيْن:** ث. مهيني جي ستين تاريخ. ث. صفت. ستن جي درجه مطابق.
– **ستِيُو ج ستِيا:** ذ. وڏي صبر وارو. جيڪو موت آڏو به مڙس ٿي بيهي.
• **ستُ ج ست:** ذ. سچ – سچائي – حقيقت. سيل – پاڪدامني – عصمت – لج – شرم – پردو – حَيا. ويساهه – پروسو – يقين. مضبوطي – پڪائي – اِستحڪام. سُلَڇڻُ. گڻ – خاصيت – وَصف. نچوڙ – مغز – جوهر – عرق – لب لباب – اصل روح. سارُ – مولُ – تَتُ. رَسُ. طاقت. وَسُ – پڄندي – مجالَ – دَسترسِيْ – پڄندي – هلندي – پهچ. بَلُ – زورُ – وِتُ – توفيق – وسعت – قوّت.
– **ستا ج ستا:** ث. ستيا زور – سگهه. توفيق.
– **ستاڙو ج ستارا:** ذ. صفت. ست وارو. مضبوط – جاڏو – جبرو – سائنو – بَلِدار – بَلي.
– **ستائتو ج ستائتا:** ذ. صفت. ست وارو – طاقت وارو – ستاروَ.
– **ستُ ٻولڻُ:** سچ چوڻ – سچ ڳالهائڻ – پوري يا صحيح ڳالهه ڪرڻ.
– **ستُ تي رهڻُ:** سچ کي نه ڇڏڻ – ايمان تي قائم رهڻ.
– **ست جُگُ:** ذ. سچو زمانو – ديوتائن جو زمانو – سڀ کان سٺو جهونو زمانو – هندن جي عقيدي موجب ۱۷۲۸۰۰۰ سالن تي مشتمل زمانو.
– **ستُ ڇڏڻُ:** ايمان ڇڏڻ – طاقت وڃڻ – ڪمزور ٿيڻ. پاڪدامني وڃائڻ.
– **ستُ چوڙُ:** عزت هَٿُون ڇڏڻ – پاڪدامني وڃائڻ. بي

همتو ٿيڻ – بزدل ٿيڻ.

– **سَتُ ڏَرَمُ:** ايمانداري – سچائي.

– **سَتُ رَکڻُ:** اعتبار ڪرڻ. سچائي رکڻ. پاڪدامني قائم رکڻ.

– **سَتُ سارڻُ:** همت سارڻ – طاقت سارڻ – هلُ محسوس ڪرڻ.

– **سَتُ سَنگُ:** ذ. چڱن جي سنگت – نيڪ ماڻهن جي صحبت.

– **سَتگُرُ** ج **سَتگُرَ:** ذ. صفت. سچو مرشد – هندو جوگين وٽ خدا جو نالو.

– **سَتُ مارگُ** ج **سَتَ مارگ:** ذ. سنئون رستو – سچي واٽ.

– **سَتُ نِکُرَڻُ:** طاقت نہ هجڻ – ٿَکجڻ. جوهر نڪرڻ.

– **سَتُ مُکَ** ج **سَتَ مُکَ:** ذ. صفت. سچي منهن يا وات وارو – سچار – سچو.

– **سَتوُ** ج **سَتا:** ذ. صفت. سگهارو – سگهائتو – سٽاٽو – زوردار – زور پريو – طاقتمند – زبردست – هلوان.

• **سِتُ** ج **سِتُونْ (ت):** ث. سَتُ.

• **سُتُ** ج **سُتَ:** ذ. اکين جي تنرن ۾ پيدا ٿيل گند – اک جو خرابو – پِچي – چِپِي. ٻارن کي سُتي وجهڻ لاءِ وڏو سوتو – سُتيءَ جو موتو نالو.

– **سُتِرُ** ج **سُترا:** ذ. صفت. پچر – چِپر – پِچين يا گند سان پريل اکين وارو.

• **سَتا:** اسم خاص. ٽر ۾ هندو قبيلي جو نالو.

• **سَتابُ** ج **سَتابا:** سکيو – آسودو – هوند وارو. ٻوٽي جو هڪ قسم. ٻارن جي هڪ بيماري "ٻاراڻيءَ" لاءِ استعمال ٿيندڙ. (اسم خاص). تعلقي گمبٽ (ضلي خيرپور) ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **سَتابو ٿيو:** اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَتّارُ:** ذ. صفت. [ع. سَتَرَ = هُن ڍڪيو] ستر رکندڙ – عيب ڍڪيندڙ. ٻاجهارو – اسم خاص. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

– **سَتّارِي** ج **سَتّارِيُونْ:** ث. ڏَکُ – پرده پوشي. رحم.

• **سِتارَ** ج **ستارُونْ:** ث. (ف. سي = تي + تار، تن تندن وارو ساز) هڪ قسم جو ساز – تن، ستن، يارهن، ايڪيهن تندن وارو ساز.

– **سِتارُ بازُ** ج **سِتارَ بازَ:** ذ. ستار وڄائيندڙ.

• **سَتارَ پِيشانِي:** ث. گهوڙي جي منهن تي هڪ قسم جو خاص ٽڪو. گهوڙن جو اصطلاح. سفيد ۽ ميرانجهڙي رنگ واري باني وارو گهوڙو. (ذ. صفت). نياڳو – چندبو.

• **سِتارُو** ج **سِتارا:** ذ. [ف. ستاره] آسمان جو تارو ـ راس – برج. بخت جو برج – قسمت جو ستارو. بخت – قسمت – طالع – ذاتوءِ مان ٽهيل ننڍو چمڪندڙ گول ٽڪرو.

• **سِتارُو بَلَنْدُ ٿِيَنْ:** اوج تي رسڻ – اقبال تي پهچڻ – اقبال مند ٿيڻ. بخت زياده ٿيڻ – خوش بخت ٿيڻ.

• **سِتارُو جَڙَهُ يا زُوْرِ هُشَنْ:** پاڳ وڌڻ. ڪنهن جي پيٽ ۾ وڌيڪ بخت هڻڻ. ڪنهن جي مٿان رعب هڻڻ.

– **سِتارُو جَمْڪَنْ:** تاري جو روشن ٿيڻ. نصيب جاڳڻ – بختُ ورڻ – پاڳَ ڪلڻ.

– **سِتارُو سُلُوْ ٿِيَنْ:** نصيب سلو ٿيڻ – اقبال بلند ٿيڻ. تاري جو مٽي ٿيڻ.

– **سِتارَهْ شُناسُ** ج **سِتارَهْ شُناسَ:** ذ. [ف. ستاره + شناختن = سڃاڻڻ] ستارن جو علم جاڻندڙ – نجومي. جوتشي – منجم.

– **سِتاري جِي گَرْدَشْ:** ث. بدقسمتي – بدبختي – بداقبالي. اِدبار.

• **سُتارِيُ** ج **سُتارِيُونْ:** ث. سلامت – محفوظ – هٿيڪي.

• **سُتارَ** ج **سُتارُونْ:** ث. سلامتي – حفاظت هٿيڪائي.

• **سُتارُ** ج **سُتارَ:** ذ. صفت. سوگهو – قابو – مضبوط.

– **سَتارُو** ج **سَتارا (ل):** ذ. جَتي. (ذ. صفت). قابو – مضبوط – سوگهو.

• **سَتارُو** ج **سَتارا:** ذ. شادي جي ستين ڏينهن گهوٽ ڪنوار طرفان ڪنواريتن جي گهر وڃڻ جي رسم – سَتاواڙو (ت). پرڻبڻ کان پوءِ ستين ڏينهن ڪنوار طرفان پائڻ جو پڙو. شادي بعد ستين ڏينهن ڪنوار جي ميٽ تيل سان وهنجڻ جي رسم.

– **سَتارِي جِي چُنِيْ:** ستين ڏينهن تي ڪنوار جي اوڍڻ جي ڳاڙهي چُنِيْ.

– **سَتارِي جِي چولِيْ:** پرڻجڻ کان پوءِ ستين ڏينهن تي ڪنوار جي پائڻ جو گجُ.

• **سُتارُو** ج **سُتارا:** ذ. صفت. ظرف. سؤکو – سهنجو – سولو – آسان – سليس – سُترو. آرامي – قراري – فرحتي – سُکي – آسودو.

• **سَتاسِيْ:** صفت. هڪ عدد جو نالو – اسي ۽ سَتَ. نوي کان ۳ گهٽ – ۸۷.

• **سَتاڳَ** ج **سَتاڳُونْ:** ث. گهوڙي جي واڳ – سيلهيْ.

– **سَتاڳَ وارَڻُ:** واڳ وارڻ – موٽڻ – اڇڻ – مدد لاءِ پهچڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَتَانَوي:** ذ. صفت. هڪ عدد جو نالو – نوي ۽ ست، سَؤ کان ٽي گهٽ – ۹۷.

• **سَتاوارُو ج سَتَاوارَا:** ذ. (ت) شادي کان پوءِ ستين ڏينهن گهوٽ ۽ ڪنوارجي وهنجڻ جي رسم – سَتَاڙو.

– **سَتَاوارُو ڏوئڻُ:** شاديءَ کانپوءِ ستين ڏينهن گهوٽ ۽ ڪنوار جو وهنجڻ.

• **سَتَاوَر:** اسر خاص. هڪ ٻوٽي جي ڪائي، دوا طور ڪم ايندڙ – سَتَوَل (گرم ۽ خشڪ دوا).

• **سَتَاوِرِي:** اسر خاص. هڪ قسم جي وَل.

• **سَتَاوَرُ ج سَتَاوَرَ:** اسر خاص. هڪ ٽاکرو ٻوٽيءَ جي پاڙ، رنگ اڇو، زرديءَ ڏي مائل، سواد کساريو، دوا طور ڪم ايندڙ، زهرن جو تارياق.

• **سَتَاوڙو:** ستاڙو – سَتَاوَارُو.

• **سَتَاوِيهَ:** ذ. صفت. هڪ عدد جو نالو. وِيهَ ۽ سَتَ – ۳۰ کان ۳ گهٽ – ۲۷.

• **سَتَائِشَ ج سَتَائِشُونْ:** ث. [ف] تعريف ۽ توصيف – حمد و ثنا – شڪر وسپاس – ساراه ـ واکاڻ.

• **سَتَائِنْ:** مصدر. تڪليف ڏيڻ – آزارڻ – رنجائڻ – اڪائڻ – اهنجائڻ، پريشان ڪرڻ – بيزار ڪرڻ – ورجائڻ – منٽ ڪرڻ – آزي نيزاري ڪرڻ.

• **سَتَائِيهَ:** ذ. صفت. سَتاويهَ – سَتَ ۽ وِيهَ. ۲۷.

• **سَتَبَرْگ:** اسر خاص. ستن پنڪڙين سان هڪ گل جو قسم.

• **سَتَپَائُرْ ج سَتَپَائُرَ:** ذ. هڪ عام پکيءَ جو نالو – هيڙهو.

• **سُتَتْ:** ظرف. [سن. سُتَتْ = جلدي] بنا روڪ – بنا رندڪ – جلدي.

– **سُتَتْ پُتَتْ:** ظرف. سُتَتْ – جلدي – امالڪ – يڪدم – ٽهڪ ڏهڪ – تڙي ڪڙي – بيٺي پير. وَهندي – تَهَڪَلبو – تڪڙو – چوهو – بنا دير – يڪدم – تهطل – تهطلب.

– **سُتَتَئِي:** سَتَتْ – جلدي – يڪدم. ٽهڪ ڏهڪ – بيٺي پير – اجهو.

• **سَتَ تَرِي:** اسر خاص. منگر مچيءَ جو هڪ قسم (ڏنڊٽي) پنج آنگر ٽي قطارون، ڏيگهه هن کان نَوَ فوٽن تائين).

• **سَتَتِيهَ:** ذ. هڪ عدد جو نالو – تِيهَ ۽ سَتَ – چاليهن کان ٽي گهٽ – ۳۷.

• **سَتَپَرُ ج سَتَپَرَا:** ذ. ڳوهيل انبي جي ستن تهن مان ٺاهيل مانيءَ جو هڪ قسم – اُڦراتو. منائيءَ جو هڪ قسم – ستن پڙن وارو ڪيڪ.

• **سَتَ جُگَ:** اسر خاص. [سن. سَتيُگَ] هندن جي چئن جڳن مان پهريون جنهن جو جملي عرصو ۱۲۷۰۰۰ سال (ضد ڪَلجُگَ).

• **سَتِجَنْ:** مصدر. طاقت ۾ اچڻ. مڙس ماڻهو ٿيڻ – سَت ۾ اچڻ – همت ٻڌڻ.

• **سُتِجَنْ:** مصدر. سمهڻ – ننڊ ڪرڻ – پوڊ ڪرڻ – سوپڙو ڪرڻ. سست ٿيڻ – ڍِلو ٿيڻ – ڪاهل ٿيڻ. اکين ۾ پِڇيُون پَوڻ.

• **سَتَ ڈارِيُو ج سَت ڈارِيا:** ذ. غير واقف (ماڻهو) – ڏاريو – اوپرو – پرائو – غَيرُ – بيگانو – اڻ سينڌو – اڳ نہ ڏٺل – اپومو – اپوئو. پرديسي – ٻاهر جو. نئون.

• **سَتَر:** ث. صفت. هڪ عدد جو نالو – ٻڙي ايڪي ۽ ستن ڏهاڪن وارو انگ – ۷۰.

– **سَتَر پَرَ پائِنْ:** ڪيترو به ڇگو ٿيڻ. غير معمولي حيثيت رکڻ – وڏَ وڏيرو ٿيڻ – گهٽيون خوبيون ڏارڻ.

– **سَتَر سُوْنو ٹِيَنْ:** ڪيترو به ڇگو ٿيڻ. غير معمولي حيثيت رکڻ – وڏَ وڏيرو ٿيڻ – گهٽيون خوبيون ڏارڻ.

• **سَتَرَ:** اسر خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَتَرَ ج سَتَرُوْنْ:** ث. جوار جو هڪ قسم (جنهن جو ٻِڄ ٻُهَ ۾ لڪائي رکجي ٻوءِ پوکجي).

• **سَتُرُ ج سَتُرَ:** ذ. (ع. ستر) ڍَڪُ – پردو – پوش. پردي جي جاءِ ـ عورت خواهِ مرد جو شرمگاهه. اوگهڙ ڍڪڻ جو ڪپڙو. نقاب – مُرقو – بُرقعو – چادر – گهونگهٽ. چَپُ – لِڪُ. حفاظت – پرهيز – ڪري – رَکَ.

– **سَتُرَ جي سُٹْ پَهِرْ:** پاڪدامن رهڻ. هميشه ڍَڪَ پردي ۾ رهڻ. بردبار رهڻ – دل جو راز ظاهر نہ ڪرڻ – ڳجهه لڪائڻ – هلڪڙو نہ ٿيڻ.

– **سَتُرْ دارُ:** صفت. سَتُرْ وارو. لِڪل – ڳجهو – ڍڪيل – پوشيدو – روءُ پوش. بند – قابو. پاڪُ.

• **سَتُرَهُنْ:** صفت. هڪ عدد جو نالو – سَتَ ۽ ڏَهَ – ويهن کان ٽي گهٽ – ۱۷.

• **سَترِهُوْنْ:** صفت. عدد قطاري موجب سترهين نمبر وارو.

• **سُتَرُ ج سُتَرَ:** ذ. (سن. سُ = چگو + تت > تر = کنڈي) سٹائو تَرُ – سنو گھيڙُ – سهنجو تَرُ. سنو ماڳُ – سَولو هنڌ. برصواب – سالم. (ضد. اَوتَرُ، کُتَرَ، ڏتَرَ). سنئين وات – سڌو رستو – چگو پارُ. "اَوَتَرَ کنهن نہ اولیا، سُترَ ویا سالم" (شاھ).

– **سُتَرَ ٹيَنُ:** سٹائي – بندرتي رسٹ – محفوظ – منزل کي رسڻ.

– **سُتَرَ لَڳَنُ:** سُنڍي جڳهه هٿ لڳڻ – سنو هنڌ هٿ اچڻ.

• **سُتِرِيُ ج سُتِرِيُون:** ث. تمام هلکي ماتا جي بيماري. سُتِي (دوا) جو اسم تصغير.

• **سَتِرِيو ج سَتِرِيا:** ذ. (سن. ستپن) ستن مهينن جو ڇاول ٻارُ – کڇو ڇاول ٻارُ. تاس راند ۾ شروع ۾ ئي سَتَ هَٿَ کٽي وڃڻ واري حالت – واٽو.

• **سَتِرِيُون:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۽ تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **سَتُ سَتاءِ ج سَت سَتاءِ:** ذ. ميڙ – منٿ – آزي –نيازي. سُفارش.

– **سَتُ سَتاءِ گَرائِنُ:** ميڙ منٿ ڪرائڻ – سُفارش ڪرائڻ.

• **سَتَسئو ج سَتَسَئا يا سَتَسَوا:** ذ. سَتَ سئو ڏاڪڻ وارو – سَتَ سئو تندن جي تاجيءَ وارو ڪپڙو.

• **سَتَ گُـرُ ج سَتَ گُـرَ:** ذ. [سن. ست = سچو + گرو = مرشد) سچو مرشد – مرشد ڪامل.

• **سَتَ گُـرُ ج سَتَ گُـرُو:** ذ. (سن). سچو مرشد. هندن جي عقيدي مطابق خدا تعالیٰ.

• **سَتَ گَلُو:** اسم خاص. هڪ قسم جو اڇو گل. دوا طور ڪم اچي. هڪ قسم جو پسارکو وَڪرُ. وڻ جو رسُ.

• **سَتَ گَهَرو:** اسم خاص. پنجاب جي ساهيوال ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ، ميرچاکر خان رند جي تربت جو هنڌ.

• **سَتَلُ ج سَتَل:** ذ. ٽامي يا لوهه مان ٺهيل ڏوبڪو ڪونارُ. مانو. نادي. حوضُ. پيپُ – ٽَپُ – ڊَمرُ.

• **سُتَلُ ج سُتَلَ:** ذ. سُست – آرسي.

• **سَتلُج:** اسم خاص. (سن. شتدر) پنجاب جي پنجن ندين مان هڪ ندي، جو نالو

• **سَتَلُو:** اسم خاص. ٽر ۾ هڪ ذات جو نالو.

• **سِتَمُ ج سِتَمَ:** ذ. [ف] قهر – ظلم – غضب – انڌير – تعدي – جورو جفا – آزار – ايذاءِ – انرٽ – دُک – تڪليف – غريبان مار – راڄ هَٿُ – انڌ ڏُنڌ – ڏوڏ – بيداد – بغداد – ڏاڙو – وَيلُ – ناحق –قيامت. سختي – زبردستي.

– **سِتَمُ اِيْجادُ ج سِتَمُ اِيْجادَ:** ذ. [ف. ستم + ع. ايجاد] ظلم جو بنياد قائم ڪندڙ – نهايت ظالم.

– **سِتَمُ ٹيَنُ:** ف. ظلم ٽيڻ – انڌير ٽيڻ. سختي ٽيڻ – آفت نازل ٽيڻ. غم ٽيڻ. نهايت چالاڪ يا ڪنهن فَن ۾ يڪتا ٽيڻ – عجيب ۽ انوکو ٽيڻ.

– **سِتَمُ زَدَهْ:** ذ. [ف. ستم + زده > زدن = هڻڻ] مظلوم – ستايل. دکي – مجبور – ناچار.

– **سِتَمُ ظَرِيفُ ج سِتَمُ ظَرِيفَ:** ذ. ڪلندي ڪلندي ماريندڙ – ڪل خوشيءَ ۾ ظلم ڪندڙ.

– **سِتَمُ ظَرِيفِي ج سِتَمُ ظَرِيفِيُون:** ث. ظلم – بيداد – غضب.

– **سِتَمُ ڪَرَنُ:** ظلم ڪرڻ – بيداد ڪرڻ – ناحق ڪرڻ – غضب ڪرڻ. خراب ڪرڻ – عجيب ڪم ڪرڻ. افسوس جهڙو ڪم ڪرڻ.

– **سِتَمگَـرُ ج سِتَمگَـرَ:** ذ. قهار – ظالم – ڏوڏي – ظلمي – ستمي – غريبان مارڪندڙ – ستمگار – ڏکوئيندڙ – غضب ڪندڙ.

– **سِتَمِيُ ج سِتَمِيَ:** ذ. ظالم – ستمگر.

• **سَتَمِيُ:** ث. (هـ). چند جي ستين تاريخ.

• **سَتِمِيُ ج سَتِمِيُون:** ث. حصو – پاڳو – پَتي – واٽو – ورچ – وِرهُ – وندي – قَانڊٽي – تقسيم – ورهاڳو.

– **سَتِمِيُ ڪَرَنُ:** قَانڊٽي ڪرڻ – ورهاست ڪرڻ. قرض ڳڏڻ – اوڏر ناهڻ – بلو ڪيڻ. دوائون ناهڻ.

– **سِتِمِيُ ناسُ ٹيَنُ:** بربادي ٽيڻ – تباهي ٽيڻ – اُجاڙ ٽيڻ – خانه خرابي ٽيڻ – ستيا ناس ٽيڻ – ويراني ٽيڻ.

– **سَتَنُ:** مصدر. مٽان ضد ۾ جڙهت ڪرڻ. همت ٻڌڻ – دل ٻڌڻ.

• **ستو ج ستا:** ذ. (سن. ستيا = پاکائي) پاکدامن – ستو جتو. (اسر خاص). سمند جي ڪوڏ جو هڪ قسم.

• **سَتُوجَتُو ج سَتَا جَتا:** ذ. پاکدامن. (ث. سَتِيُ جَتِيُ ج سَتِيُون جَتِيُون).

– **سَتُو ڪَرَنُ:** مقدمو ڪرڻ – فرياد ڪرڻ. ستوهه ڪرڻ.

• **سَتّو(ت):** ذ. پڪل اَن جو اَٽو.

• **سُٹو ج سُٹا** ذ. صفت. "سمهڻ" مصدر مان امر حاليه جي صورت. ساٹو – مونجهو – اجهاٹل. "ستوئي سيج گهرين، جفا ڏئين نہ جان" (شاهه).

– **سُٹا سَپ جاڳائڻ:** نئين سر ويرو وڌائڻ – بند ٽيل جهيڑو وڌائڻ.

– **سُٹا سُورَ جاڳائڻ:** ڏکن جون وسريل ڳالهيون وري ياد ڏيارڻ.

– **سُٹا شِينْهَنْ جاڳائڻ:** پاڻ کي جاڻي واڻي نقصان ۾ آڻڻ.

– **سُٹيِ شاخَ جَرَڻ:** سُتا سورَ جاڳڻ – سُتل عشق اُپرڻ. "محبتي ميهارَ جي، سُٹيِ شاخُ جُريِ" (شاهه).

– **سُٹيِ مک جاڳائڻ:** بند ٽيل جهيڑو شروع ڪرڻ – معاملو مڃائڻ.

• **سُتُوتَ ج سُتُوتُونْ:** ث. [ف. ستود] مناجات. آزي – نيزاري.

• **سَتُودا:** ساراهيل – واکاڻيل.

• **سَتُولَ ج ستُولَ (ث):** ذ. ڪجهه ڳرو – ٽورو ڳرو.

• **سَتُونْ (ت):** ڪٽڪ کي ڪاڙهي، ڪُتي، پُڄي ۽ پيهي تيار ڪيل اٽو، ڪنڊ ۽ گهه وغيره استعمال ٿيندڙ. سيري جو هڪ جلد تيار ٿيندڙ قسم.

• **سُتُونْ ج سُتُونَ:** ذ. (ف). ٿنب – ٿنيو – رُکن – پيلپائو. آڌار – ٽيڪ.

– **سُتون بَنْدِيْ ج سُتونُ بَنْدِيُونْ:** ث. ٽنين جي قطار. هڪ قطار ۾ ٽنين ڪڙي ڪرڻ جي صنعت.

• **سَتُونْجاهُ:** ذ. هڪ عدد جو نالو – ست ۽ پنجاهه – سٺ کان ٽي گهٽ – ۵۷.

• **سَتُوهُ ج سَتُوهَ:** ذ. ضرور – لاچار – مجبوري. تاڪيد – گهٽو چوڻ. فرضي. زور (ڪائڻ لاءِ). زور بار.

– **سَتوهه پوڻ:** لاچار ٿيڻ. مجبوري هئڻ. "ڪهڙو ستوهه پيو آجو ائين ڪجي".

– **سَتُوهُ رَکَڻ:** ذمه ڪرڻ – پارتائڻ – فرضي ڪم ڪري ڏيڻ.

– **سَتُوهُ کَرَڻ:** تاڪيد ڪرڻ – گهٽو چوڻ.

– **سَتُوهُو:** بارُ. زورُ. منتَ.

• **سِتُوهُ ج سِتُوهَ:** ذ. ستوهه واري حالت پيدا ڪرڻ. لاچاري – مجبوري انديشو – اُدڪو – دِجُ. رنج – سُورَ – اهنج – ڏُک. ڳڻتي. سوڙهه – لاچار – مشڪلات. تنگي. گَتي – لوڙ – احتياج – ضرورت – ڪَپُ – گهرج – ڪاڻ – حاجت – طلب. انڌيرُ – ظلم – ڏاڍ – زبردستي.

• **سَتْهَ ج سَتْهَ:** ظرف. ازخود – طبيعي – پاڻمرادو. (ذ. صفت). سياويڪ. "انْيئي جوت اندر ۾ سَتَهه سُڌ بَري" (سامي).

• **سَتَهْتَرِ:** ذ. صفت. هڪ عدد جو نالو – سَتَر ۽ سَتَ – اسي مان ٽي گهٽ – ۷۷.

• **سَتَهَنْهَ:** ذ. صفت. هڪ عدد جو نالو – سَنْ ۽ سَتَ – سَتَر مان ٽي گهٽ – ۶۷.

• **سَتَهِنْ:** ث. قمري مهيني جي ستين تاريخ.

• **سَتَهِينْ:** ث. چنڊ جا پهريان سَتَ ڏينهن. چنڊ جو ستون ڏينهن.

• **سُتِـئَرُ ج سُتِـئَرَا:** ذ. [سن. شُکْتا] سمنڊ جي هڪ ڪڍ جو قسم، اڪثر دوائن پُسائڻ جي ڪم ايندڙ – سِپي – سُتِي.

• **سَتَئِينْ:** ث. [سن. سَپْتَنْ] هر ڪنهن قمري مهيني جي ستين تاريخ.

• **سَتِيُ ج سَتِيُونْ:** ث. صفت [سن. ستي = پاڪدامن] گهاڙي – سُلڇڻي – سَٹُواري. پاڪدامن – سيلوان – جسي – سهب قدم – سچي – وفادار – پاڻ کي مرس جي لاش سان گڏ ساڙيندڙ عورت (هندڪي رسم موجب). ڏاهاڳڻ زال – بيوه – گناهن کان آجي. سنڊ رڍ. قرکي ويجهو نہ ويندڙ مادي جانور.

– **سَتِياڻِيْ ج سَتِياڻِيُونْ:** ث. سَتِيُ – سَتِيُ جَتِيُ – درياهه دِلُ. ايمان واري. پروسي جهڙي. سچي – وفادار – وچن تي پوري.

– **سَتِي ٽِيڻ:** هميشہ لاءِ ڪنواري رهڻ. مرس جي لاش سان گڏ سڙڻ (هندڪي رسم).

– **سَتِيُ جَتِيُ ج سَتِيُونْ جَتِيُونْ:** سَتِيُ – سَتِياڻِيُ. پاڪدامن. سچي عمر بنا شاديءَ جي.

• **سُتِيُ ج سُتِيُونْ:** ث سِپِيُ – سُتِئَرُو – سِپَ. ڪوڏيءَ جو هڪ قسم. ڪُکِيُ – دوا جو وزن. "ڪُکِيُ فرق نہ ڪيو سوين ڏنائون ستيُون". هيرَ–عادت.

– **سُتِيُ اَچَڻ:** عقل اچڻ – پرائڻ – سکڻ – نندپڻ مان پرائڻ.

– **سُتِيُ پَوَڻ:** هيرَ پَوَڻُ – چوسَ پَوَڻُ – عادت ٽيڻ – علت پوڻ. سکيا ملڻ.

– **سُتِيُ ڏِيڻ:** دوا پيارڻ. زهر ڏيڻ.

• **سَتيا ج سَتِياڻُونْ:** ث. [سن. سَتِيا = طاقت] قوت – زور – سگهه. ايمان. مضبوطي – همت – مرسي. ايمانداري – پَتِ – سچائي – سُپَتِيائِي – ڏيرج – صبر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَتيا ٻَڏُ:** همت ڪرڻ – مڙسي ڪرڻ – جرئت ڪرڻ – دل جهلڻ – جگر جهلڻ – فلڪ ڪرڻ.

• **سَتيا جي ٻيڙَ کي سَڏَ ڪَرَڻُ:** ست قائم رکڻ – عِصمت جي حفاظت ڪرڻ.

• **سَتيا ڪَرَڻُ:** همت ڪرڻ – بهادري ڪرڻ.

• **سَتيا گيرَه:** سچ تي بلڪل پوري طرح قائم رهڻ واري مهر – سچو مقبالو. خاموش مقابلو.

• **سَتيا مَنڍَڻُ:** همت ڪرڻ – مڙسي ڪرڻ – جرئت ڪرڻ – جگر ڏارڻ. پڪو ارادو ڪرڻ – قصد ڪرڻ. ايمانداري رکڻ – سُچتيائي رکڻ.

• **سَتياناس:** ظرف. بربادي – تباهي – ابتري – اُجاڙَ – ويراني – خانہ خرابي.

• **سَتيا ناسُ ٿيڻ:** تباهہ ۽ برباد ٿيڻ – خراب ٿيڻ – ويران ٿيڻ – منهدم ٿيڻ. زور گهٽجڻ.

• **سَتيا ناسُ ڪَرَڻُ:** تباهي ڪرڻ – ويراني ڪرڻ – برباد ڪرڻ. بي ڪار ڪرڻ – ڦٽائڻ – ڍاهڻ – ڪُٽائڻ. ٻيڙي ٻوڙڻ – مسائڻ. تُلف تاراج ڪرڻ – ڇٽ ڪرڻ.

• **سَتياوانُ ج سَتياوان:** ذ. صفت. همت پريو – ڇاتي وارو – جامرد – جرئت وارو – برجستو – قوّت. سُچتيو – سچو.

• **سُتيارو:** اسر خاص. تعلقي فيض گنج (رياست خيرپور) ۽ تعلقي دادو ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سُتيارِيُ:** اسر خاص. تندو الهيار. شهدادپور. ۽ تندي محمد خان تعلقن ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سَتيتاليهَ:** ذ. صفت. هڪ عدد جو نالو – چاليهہ ۽ سَتَ – پنجاهہ مان تي گهٽ – ۴۷.

• **سَتِيُ ڏُهرا، ستي ڏيرا:** اسر خاص. تعلقي ننگرپارکر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سَتيئَڙو ج سَتيئَڙا:** ذ. ٻا رکي سُتي وهڻ جي سِڀي – ڏوئيئَڙو.

• **سَتيئَڙو ج سَتيئَڙا:** ذ. پاڻيءَ جي هڪ جيت جو قسر.

• **سَڊَ ج سَڊُون:** ث. [سن. سارْت] مجلس – ڪچهري – سنگت. جماعت. سماج – انجمن. انبار – ڍڳ – گَنڍُ – ڍيرُ – کوڙ – ڪيچ. جهاز جو تخت.

• **سَڊائِي ج سَڊائِيُون:** ث. ڍڳ ڪرائڻ جي قيمت يا مزوري.

• **سَتُ ٽِي ٻَوَڻُ:** ٽوٽي، گيسر يا آرسي ماٹهو وانگر ڍڳُ ٽي ليٽِي پوڻ.

• **سُڀاڪيرو ج سُڀاڪيرا:** ذ. صفت. پاڻ وارو – بخت وارو – نصيب وارو – قسمت وارو – سپاڳو.

• **سُڀانُ ج سُڀانَ:** ز. [سن. سُڀا:] آستانو.

• **سُڀائِي:** ظرف. [سن. سُ = چڱو + سُڀاني = وقت تي] پوري ٽائي تي – پوري وقت تي – وقت سر.

• **سُڀائِي ج سُڀائِيُون:** ث. سُڌريُ – سولي – آسان.

• **سُڀائِينْ ج سُڀائِيُونْ (ل):** ث. ظرف. ٽانيڪي – جائِتي – هٿيڪي – محفوظ.

• **سُڀَرَ ج سُڀَرُون:** ث. ٽنگ جو گوڏي کان مٿيون حصو – ران.

– **سُڀَرَ تي ڏَڪُ هَڻَڻُ:** افسوس ڪرڻ – ارمان جو اظهار ڪرڻ.

– **سُڀَرَسُنُون:** ظرف. آهستي – ڪنهن آزاد وقت – موقعي سان.

– **سُڀَرَ مان پَٽُ ڄمَڻُ:** ٽوري ڪر مان وڏو فائدو ٽيڻ – اڻ ٿهندي لاءِ ڪاري ٽيڻ.

• **سُڀرا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سُڀرازو ج سُڀرازا:** ذ. مري ويل جي گهر ۾ عزيزن جو ٻارهئي تائين رهڻ جي رسر. ماني يا پت ڪرڻ جي رسر.

• **سُڀرَڻُ:** مصدر. پکيڙڻ – هموار ڪرڻ – هڪ جهڙو ڪرڻ – ڪنديرڻ.

• **سُڀرو ج سُڀرا:** ذ. سؤکو – سولو – سکيو – سٹائو – سهنجو – آسان – سليس – سَهُل. صاف – اُجلو – نرمل.

– **سُڀرا ساڻِي اُڇڻُ:** (اصطلاح) سَو لاڻِي سان مري وڃڻ – سَولو موت اچڻ.

– **سُڀرائِي ج سُڀرائِيُونْ:** ث. اُجرائي.

• **سُڀَرِي ج سُڀَرِيُونْ:** ث. ڪانن يا گاهہ جي ننڍڙي سَٽِي – ٿهي. سَٽو – ڇَنبو (گاهہ جو). ڪپڙي ويڙهڻ لاءِ ٽي فوٽ ڊيگهہ ۽ انچ گولائي وارو ڪاٺ جو ٽڪر (ڪورين جو هڪ اوزار). اوڙ – ڪاهي. ٽُهَرُ – ظَهَرُ – سُنتَ – خَتِنو.

• **سڀري ويهڻ:** ظهر لاءِ ڪونادي تي ويهڻ.

• **سِڀُلُ ج سِڀَلَ:** ذ. [س. شْتَلَ = ڊلو] سائو – نستو. سست – تڏو – آلسي – ڊلو. جهڪو لاڄهو – ليلهڙو. ضعيف.

– **سِڀُلائِي ج سِڀُلائِيُونْ:** ث. تڏائي – سستي – آلسي – موڳائي – جهڪائي – نستائي. ضعيفائِي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَڏُ:** مصدر. [سن. سْت = گڏ ڪرڻ] سڏو ڪرڻ – ٺهڻ – هڪ ٻئي مٿان رکڻ – سڏي ڪرڻ.
– **سَڏِيُ ج سَڏِيُون:** ث. سڏي ڪرڻ جو نمونو – سڏِيُ جو طريقو. سَڏِيُ هٽڻ جي مزدوري. چيُو – نمونڙ. پيٽرو – زور. گهاگيهه.
– **سڏڻُ:** مصدر. دڙسڻُ. تر تڪڙ ۾ اُڪلائڻ. ڏوڪڻ. گهاٽ ڪرڻ. قسڻ – گوڙهه ڪرڻ. ٿوري جاءِ ۾ زور سان وجهڻ – ڏڪڻ – دهڻ.
• **سُڏُ ج سُڏُون:** ث. [سن. سُوتْرنِيَ] ڪانڇ – شلوار.
– **سُڏُ جو مُڙِس:** ذ. برادريءَ جو ماڻهو.
• **سڏُ ج سڏا:** ذ. [سن. سٹ] ڊِڳُ – ڊيرُ. پوک جي وَلِ جو ڦيڙهو. ٿهو – انبارُ – سَٽُ ـ سامان جي هڪ ٻئي مٿان ذخيرو.
– **سڏو سهڻُ:** صبر ڪرڻ – بوجو برداشت ڪرڻ.
• **سڏُوئارُو ج سڏُوئارا (ث):** ذ. مسافريءَ ۾ سنگت ڪرائيندڙ – هم سفر.
– **سڏِيُ ج سڏِيُون:** ث. [سن. سَٹ] هڪٻئي مٿان سڏو رکيل گاهه، سامان. استري ٽيل ڪپڙا. (وغيره)
• **سَٽ ج سَٽُون:** ث. چوٽ – ڏڪ کان آيل چوٽ ـ ڏَڪُ – چيٽ – ايذاءُ ـ جلدائي. سگهائي – ڦڙتائي – شتابي – چٽڪي – تيزي – جهٽ پٽ. حملو – ڪاهه – جُلهه – اُڇل – مارو. "جهول نہ جهلي سهٽي، سائر سَٽ سَندِ ياس" (شاهه). ڏوئڙ وقت ڪپڙي کي تختي تي هٽڻ جو ڪم.
– **سَٽ اِچڻ:** ڪاڪڙو ڪرڻ (ٻار جي حالت ۾). ڪنهن عضوي جو مُڙڻ. نقصان رسڻ – چيهو پوڻ.
– **سَٽ پَنڊَ:** ٿورو پَنڊَ – پورو پُنو مفاصلو – واجبي وڇوٽي – اوڏڙو – نزديڪ – ويجهو – ٻه ٽي وِڪون.
– **سَٽ پَوَڻ:** چيلهه ۾ درد ٿيڻ – رَڍَ جو مُڙڻ ڇڪ پوڻ. ڇڪي پوڻ.
– **سَٽ ڏِيڻ:** ڇڪي ڏيڻ – زور ڏيڻ. سگهه ڪرڻ – همت ڪرڻ.
– **سَٽ سَٽ:** ظرف. جلدي جلدي – هڪدم يڪدم – سَٽا سَٽ. تڪڙي هلڻ جو آواز – ساڪڙ ساڪڙ.
– **سَٽ سَٽ ڪَرڻ:** يڪدم ڏڪ هٽي وڻڻ.
– **سَٽ ڪُٽ ج سَٽُون ڪُٽُون:** ث. وَڏِ ڪُٽ – ڪاپو. ڪينهونءَ سان ڏَڪَ هڻڻ جو آواز.
– **سَٽ ڪُٽ راڻِ:** ث. ڪينهونءَ سان ڏڪ هڻڻ واري راند.
– **سَٽ ڪَڍَڻ:** سخت ڳالهائڻ – هاها ڪرڻ.
– **سَٽ ڪَٽَڻ:** تڪڙو هلڻ – جلدي قدم کڻڻ. چڙب ڏيڻ.
– **سَٽ هَٽڻ:** جوڪي سهڻ لاءِ تيار رهڻ. لُوهه ڪرڻ.
• **سَٽ ج سَٽيُون:** ث. [سن. سَتّ = سودو ڪرڻ] سودو. مراد. مت ست. عوض. سٽو.
• **سَٽ جُڙَڻ:** عوض ملڻ – معاوضو ملڻ. سودو ٺهڻ. "سِر ڏني سَٽ جُڙي تہ عاشق ايئن اچن" (شاهه).
– **سَٽ جوڙڻ:** عوض مقرر ڪرڻ. سودو ٺاهڻ.
– **سَٽ سَٽ:** ظرف. هڪجهڙو – برابر (سودو).
– **سَٽُ ج سَٽ:** ذ. قميص جي ٻانهن جو ٻٽ. ڊهري. بَڪَلُ. (ٽرنگ) لوهه جي پيتي (لاڙ).
• **سَٽ (سُٽَ) ج سُٽُون (سُٽُرُون):** ث. [سن. سَٹ. ع. سطر = سَٽَ] ليڪو – ليڪ. لفظن جي قطار – ڪتاب جي لائين. تجويز – رٿا – تدبير. ارادو – پهه – خيالُ. منصوبو. ريت – رسم. "ڏڻ ڏاڙڻ، ڏاڙ رهڻ، اي نہ سنگهارن سٽ" سٽاءِ – جوڙجڪ. رٽ – تجويز. سازش. طريقو – نمونو – وجهُ – دستور – رواج – قرينو. حڪم – ڪوهه يا ارلي تي آباد ٽيندڙ زمين جي هاريءَ جو هنو. بُوند – ذري – ٿوري هَوَ.
– **سٽ جوڙڻ:** مقابلو ڪَرَڻُ. ساماڻ پورو ڪرڻ. ترتيب ڏيڻ.
– **سَٽ سَڏَڻ:** رٽ رٽڻ – منصوبو ٺاهڻ. ارادو ڪرڻ. قصد ڪرڻ. صلاح ڪرڻ – تجويز ڪرڻ – مشوره ڪرڻ.
– **سٽ ڪَرَڻ:** ٻَنيءَ ۾ بج وجهَڻُ لاءِ ٻنا هارين جوڙڻ.
– **سُٽُون پائڻ:** سُٽُون ڪيڻ – ليڪا پائڻ – نشان ڪرڻ – خَطَ ڪَڍَڻُ.
– **سُٽُون سُنڀاهِڻ:** سُٽُونُ سُٽڻ – تجويزون سوچڻ. رٽون ڪرڻ.
– **سُٽُون مُنجهَڻ:** ڪِکو وِڪو ٽيڻ – ويچون ڏيڻ – فهيُون منجهڻ – منجهي پوڻ.
• **سُٽ ج سُٽُون:** ث. سُرڪ – بوندَ – قَرِي. مالَ ۾ بيماريءَ جو هڪ قسم.
• **سُٽ ج سُٽُون:** ث. برسات جي وقت بيندل پاڻي جي ڪناري وٽ سُڪل زمين.
• **سُٽُ (سُٽَ) ج سُٽ (سُٽَ):** ذ. [سن. سُوتْر. پرا. سُوتَرَ] ڪتيل ڪپهه جا ڏاڳا. ڏور – ڏوري. (هـ. سوت).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سُٹ پُسائڻ:** نڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
– **سُٹ مُنجهڻ:** منجهي پوڻ. حيران ٿيڻ – ويڇو ٿيڻ – بتال ٿيڻ.
– **سُٹ مُنجهي پوڻ:** ڳالهه جو مشڪل ٿيڻ.
• **سِٽاءُ (سِٽرا) ج سِٽائون (سِٽرائون):** ث. رٽ – تجويز. انڪل – صلاح. ترتيب – جوڙ جڪ – بيهڪ. سامان – اسبابُ. شئي – تولُ. ٻل.
– **سِٽاءِ ج سِٽاءَ:** ث. جوڙجڪ – ماندڻ. رٽ – تجويز – انڪل. سامان – اسبابُ.
– **سِٽائتو ج سِٽائتا:** ذ. صفت. ڪفائتي – صرفائي – ٽور خرچ. سادو. با ترتيب – سڃلاڻتو – اَسْلُوبَ وارو.
– **سَٽا سَٽْ:** ث. مارڪٽ جو مسلسل آواز – ڪُٽڪو. لڳاتار – بي ڏَڙي.
• **سَٽاڪَ ج سَٽاڪُونْ:** ث. لڪڻ سان ڏڪن جو آواز – شڙاپ.
• **سِٽاڻ (سِٽراڻ) ج سِٽاڻُون (سِٽراڻُون):** ث. مشغولي – مزوري. ناهه – بندوبست – جوڙجڪ – انتظام. انڪل بازي – حرفت بازي – حڪمت عَمْليُ.
– **سِٽاڻو سانگَ ج سِٽاڻا سانگَ:** ذ. ڏاڍو لاچار. سخت قسمت.
– **سِٽاڻي سانگَ:** لاچاري سبب. "لاڻ لائيي ڏينهڙا ڪنهن سِٽاڻي سانگ" (شاهه).
• **سَٽاڻو ج سَٽاڻا:** ذ. صفت. سخت ڏاڍو – زبردست. ڏکيو – ڪَٺن – مشڪل. سوٽ. مضبوط – جاڏو – ڪرڙو – جاڻو – سَهَڙُ – زورائتو – زور پريو – توانو.
– **سِٽاڻِي ج سِٽاڻِيُون:** ث. موت جي مهل – سڪرات جو وقت. سختي.
• **سَٽائِيُ:** مصدر. ڪُٽائڻ. پچاڙائڻ – ٽپائڻ. ڇڪائڻ. تات ڪرائڻ. مار ڪيائڻ.
• **سَٽائِي ج سَٽائِيُون:** ث. پچاڙڻي – ڪُٽائي. سَٽائڻ جي مزدوري.
• **سُٽپو ج سُٽپا:** ذ. مٺو – طعنو – ڏوراپو – ڏونگهو.
– **سُٽپا ڏِيڻ:** مٺا ڏيڻ – طعنا ڏيڻ – ڏوراپا ڏيڻ – ڏونگها ڏيڻ.
• **سَٽِجَڻُ:** مصدر. مارجڻ – ڪٽجڻ – سمهڻ – ننڊ ڪرڻ – آرام ڪرڻ.
• **سَٽَڙُ وَٽَرُ ج سَٽَرَ وَٽَرَ:** ذ. صفت. جبرو – جاڻو. قوي – سڌر – ڏڍو متو – يَڍو – جَڍو – رَڍو – ٽلهو – مُٽِڪو – ڏِڳُ – بُتَ ۾ پَريَلُ – چؤڀڪو.
– **سَٽَرُوَٽَرُ ٽِيَڻُ:** پڪو ٿيڻ – مضبوط ٿيڻ – تڪليف سهڻ جهڙو ٿيڻ.
• **سُٽَڪائِڻُ:** مصدر. هڪدم پرايا عيب ٻڌائڻ. مقعد جي طرفان هَوا ڪيڻ.
• **سَٽِڪَڻُ:** مصدر. ڏڪ هڻڻ. وڙهڻ.
– **سَٽَڪَ ج سَٽَڪُونْ:** ث. ويڙهه – جهيڙو.
– **سَٽِڪارَ ج سَٽِڪارُونْ:** ث. جهيڙو – جهڪڙو.
– **سَٽِڪارُ ج سَٽِڪارَ:** ذ. ڏڪن جو آواز. "مِينهن جي سٽڪار".
– **سَٽِڪارُ ڪَيائِڻُ:** ڏَڪ هڻڻ.
– **سَٽِڪو ج سَٽِڪا:** ذ. ڏَڪَن جو آواز – ڦهڪو. ڪُڍَ. ڪپڙن کي ڏوئڻ مهل زور سان ڏڪن هڻڻ جو آواز – مِينْهنْ جو آواز. (ذ. صفت). برجستو.
– **سَٽْڪو ڪُٽْڪو ج سَٽْڪا ڪُٽْڪا:** ذ. مارڪٽ. ظلم زبردستي.
– **سَٽِڪو مَڇائِڻُ:** مارڻ. ڦهڪا ڪرڻ.
• **سَٽِڪِيُ ج سَٽِڪِيُون:** ث. دائِيُ.
• **سَٽَلُ ج سَٽَلَ:** ذ. آڏاڻي جي هڪ اوزار جو نالو – بابين دانُ.
• **سَٽَلُ ج سَٽَلْ:** ذ. [سن. سَتْ = سودو ڪرڻ] سودو – انجام – معاهدو. رِڍَ – خيالُ. صلاح – مصلحت. فيصلو. قميص جي ڪَفَ ۾ پوندڙ بٽڻ.
– **سَٽَلُ ڪَرَڻُ:** ناهه نوهه ڪرڻ – بندوبست ڪرڻ. صلاح ڪرڻ. ٻڌي ڪرڻ. سودو ڪرڻ.
– **سَٽَلُ مَٽَلُ:** صلاح مصلحت. قيرگهير.
– **سَٽَلُ هَٽَڻُ:** صلاح ڪرڻ.
• **سَٽَڻُ:** مصدر. اچلڻ – اڇلائڻ – ڦٽو ڪرڻ – اميد وڃائڻ. دَسڻ – ڪيرائڻ – ڪيرڻ. ڏ ڪو ڏيڻ. ڇڪَڻُ – سٽ ڏيڻ. ڪپڙن کي صاف ڪرڻ لاءِ تختي تي ڪپڙن کي سُئونٽي سان ڪٽڻ. پچاڙڻ – زور سان هڻڻ – مار ڏيڻ – ڏاگورڻ. تڪو هلڻ – ڪُڙي ڪٽڻ. شڪار لاءِ تترن کي جهنگ مان اڀارڻ لاءِ لئين سان سٽڪا ڪرڻ.
– **سَٽِڻِي (سَٽِرِڻِي) ج سَٽِڻِيُون (سَٽِرِڻِيُون):** ث. ٻَڪري، رِڍِ يا اٺ جي وارن کي سٽڻ جي ڪائي – سَاڻو.
– **سَٽِي هارِ ڪَرَڻُ:** ڏاڍي مار ڏيڻ.

• **سڌڻ:** مصدر. [سن. سرج = خلقڻ] رڄڻ – ناهڻ – جوڙڻ – تجويز ڪرڻ – (قياس) ٻڌڻ. گهڙڻ. سوچڻ – ويچارڻ. سنوارڻ – سڏارڻ سَجائڻ – سينگارڻ. شروع ڪرڻ – منڍڻ.

• **سڌو ج سڌا:** ذ. [سن. سدّ = سودو ڪرڻ] واپار جو سودو. غير حاضر مال جو واپار. تحريري اقرار نامو. متا سڌا – ساڌو – عيوضو – بدلو – بدو – وار قير – اڌل پڌل – وَٽو – مارجو – ڏي وٺ – وهنوار. تَڪَ – نَلَ – انڪل – قياسُ. ويچار – خيالُ. حڪمت عملي. سوڀ – ڏراوَتُ. ٻيڙيءَ جو فرش دار پاڻيو.

– **سڌا هُٿُ:** (ملاحن جو اصطلاح) ونجهه هٽڻ. مڇي مارڻ لاءِ واڪ ڏيڻ.

– **سڌوڙي ج سڌوڙيُون:** ذ. سڌائي – سڌا هٽندڙ. سودو ڪندڙ – دَلالُ.

– **سڌو:** مڇيءَ کي جار ڏي ڇڀائڻ لاءِ پاڻي ۾ لڏيون هڏي آواز پيدا ڪرڻ. واڪَ ڏيڻ. شرط هڻڻ.

– **سڌي بازُ ج سڌي بازَ:** ذ. پيداوار تي شرط هڏندڙ – سڌائِيُ.

• **سڌو ج سڌا:** ذ. پوڪ جو سنگ. تاجيءَ کي مٽان جهلي بيهندڙ ڏور.

• **سڌوڙُ ج سڌوڙ:** ذ. شوخ – سخت – ڏاڍو.

– **سڌيُ ج سڌيُون:** ث. رَسي "ڪوهر ٽران ٽر جِت، سائيڪا ۽ سڌيُون"

• **سڌيُ:** (انگ. City = شهر) وڏو شهر. (هڪ لک لکان مٿي آبادي وارو).

• **سڌيڪٽي (س):** ث. جند جو استر جنهن تي اتو ڪري. "ناز منجهان نيندوس، شوشي تنهنجون سڌيڪٽيءَ" (ميرپُرو).

• **سڌيُنُوُ:** اسم خاص. ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **سڌ:** ث. صفت. (ف. شخصيت) هڪ عدد جو نالو – تي ويهون – ڇهه ڏهاڪا – پنجاهه ۽ ڏَهَ ٻيا. ۶۰.

• **سڌ ج سڌُون:** ث. هَجُوَ – گِلاَ. شڪايت. ٽوڪبازي – ڪوارُ – جُٽ قُٽ. نڪته چيني.

• **سڌ ج سڌُون (ڪ):** ث. نرڙ جو گهُنڄُ.

• **سڌُ ج سڌَ:** ذ. خوار خراب – بچڙو.

• **سُڌائڻُ:** مصدر. وات جو واقف ڪرائڻ – رستي جو سونهون.

• **سڌوِيا (ل):** ذ. سڌ ڏنهن ۾ پچي تيار ٿيندڙ ساريون.

– **سڌوِيا جَانُوَر:** اسم خاص. سڌ ڏنهن ۾ پچي تيار ٿيندڙ جانورن جو هڪ قسم.

– **سڌوِيُ جُوئُر:** سڌ ڏنهن ۾ پچندڙ جوئر جو هڪ قسم.

• **سڌَڻُ:** مصدر. نندڻ. گِلا ڪرڻ – هَجو ڪرڻ. جُٽ ڪرڻ – ٽوڪڻ – ذليل ڪرڻ. خوار ڪرڻ. ناهي رکڻ (ڪتاب) مکڻ.

• **سڌَڻُ قُڌَڻُ:** هَجو يا گِلا ڪرڻ – ڪُوار چوڻ – نندڻ – برن لفظن ۾ ياد ڪرڻ. نظر ۾ گهٽ وڌ ڳالهائڻ. قٽ ملامت ڪرڻ.

• **سڌو ج سڌا:** ذ. عورتن جي ڳائڻ جو هڪ قسم – گِيچ.

• **سڌو ج سڌا:** ذ. سانگو – سَجهُ – ساڃِي – ڏَتُ. انتظام – ناهه – جوڙجڪ – اجهو.

• **سڌائتو ج سڌائتا:** ذ.صفت. وَجهائتو – سجهائتو – موقعي وارو سانگي وارو.

– **سڌو ڪرڻ:** بندوبست ڪرڻ – ناهي رکڻ – ٺيڪ ڪرڻ – جوڙجڪ ڪرڻ.

• **سُڌو ج سُڌا:** ذ. صفت. [سن. سُشْٹ = چڱو] عمدو – سهڻو – چڱو – سڌرو – جَسُ پريو – ملوڪ – خاصو – ناهوڪو – پلو – وٽندڙ – ٺيڪ. اڇو اُجرو. خالص – نِڇ – صاف. خوب – چوکو – ڪرو – چڱي خصلت وارو. سچو.

– **سُڌامُو ج سُڌاما:** ذ. صفائي – پاڪائي. سڌائي.

– **سُڌاڻ:** ث. صفت. سڌائي – صفائي – پوشيدائي – اڇائي – اُجلائي. نزاڪت – ملوڪت – باريڪي.

– **سُڌائِيُ ج سُڌائِيُون:** ث. صفت. سُڌاڻ – صفائي – اڇائي – پاڪائي. لذت. نزاڪت – ملوڪت. چڱائي – خوبي خاصيت.

– **سُڌو سَتابُ ج سُڌا سَتابا:** ذ. صفت. سُڌا ڪرو – سڌرو – خوش. متارو.

• **سڌِيا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سَپُ ج سَپ:** ذ. [سن. سَرپ = نانگ] زهريلي ٻلا جو هڪ قسم – نانگ – ٻلا. "سنها پاڻِ مَرَ سپ، وياءِ واسينگن جا" (شاهه). "سنها پاڻِ مَرَ سپ، سُڪا جنهين پيٽ" (شاهه).

• **سَپ ڪُنڍُو هُئُڻُ:** ٻوڙو هجڻ. آهستي ڳالهه ٻڌڻ.

• **سِپ ج سِپُون:** ث. [سن. شُكْتِه. پرا. سِپ] دريائي يا ساموندي جانور جو هڪ قسم. سچن موتين جو ڪوپو – سِپي. سُتئڙو.

• **سُپُ ج سُپَ:** ذ. [سن. سورْپ] چج – گاگڙو – وارڙو. فيل گوش.

• **سُپاترُ ج سُپاتِرَ:** ذ. صفت. [سن. سُپاتر] لائق – جوڳو – سپاتُ – وَڙائتو – پاتُ – مُسَڪَرُ. نيڪ – چڱو – لائقن

پريو – گُٹونت – روڙو – لَلائتو. صالح – سَپوٽ – چئي وانُ – فرمانبردار – حَلالي. ظرف. شايان – واجب.

– **سُپاتوُ ج سُپاتا:** ذ. [سن. سپاتر: سُ = سئو + پاتر = ٹانءُ] سکيو – سهنجو. ٽلهو – متارو. ايماندار.

• **سَپاتُ ج سَپاتَ:** ذ. صفت. [سن. سپاتر: سُ = چگو + پاتر = ٹانءُ] لَسو – سنئون – تراکڙو – ويلوڙو – چپترو – چپڙو. لاسرو – صاف. بنا کَڙين واري جُتي – سون يا چانديءَ جي مڙهت وارو جوتو. سپاتو. (ذ). مٹاچرو – مَٹُ – روءِ ـ تَـرُ – سَطحُ.

• **سَپاتوُ ج سَپاتا:** ذ. جُتيءَ جو هڪ قسم – سادي جُتي – زنانو سليپر – بِنا کَڙين جي جُتي. (هـ. سپاٽ).

• **سُپاتُ ج سُپاتَ:** ذ. [سن. سُپَٹْرَ: سُ = چگو + پت = پٽ] فرمانبردار – سَپوتُ – حلالي. لائق – جوڳو – وڙائتو – نيڪ – چگو – لائقن پريو – خاصو – عمدو. معقول. اُتر. (ظرف). شايان – واجب.

• **سَپارَ ج سَپارُنْ:** ث. محنت. گهٽو ڪر – جفاڪشي.

• **سُپارَتَ ج سُپارَتُونْ:** ث. [ف. سفارش] سُپارش – پارت – سُپارس. چوٽ – ميڙمنٽ. سپردگي. پلائي.

• **سُپارَسَ ج سُپارَسُونْ:** ث. سُپارَتَ.

• **سُپارَشَ ج سُپارَشُونْ:** ث. سُپارت.

• **سُپارُ:** مصدر. حوالي ڪرڻ – ڏمي ڪرڻ – سُونهڻ – سپرد ڪرڻ – پرتو ڪرڻ. "منهنجي عيبن ڏي نہ نهار، ننگ پنهنجو پاڻ سُپارج" (منڌار).

• **سَپارِيُ ج سَپارِيُونْ:** ث. سلجٹي – چگين عادتن واري.

• **سُپاڙو ج سُپاڙا:** ذ. صفت. (سُ + پاڙ) چگي بُٹ وارو. چگي خاندان جو – خاندائي. (ث. سُپاڙي ج سَپاڙِيُونْ).

• **سِپاسُ:** ث. (ف). شڪرانو – حمد – احسامندي جو اظهار. شاباس – تعريف – واکاڻ – ساراهه.

– **سِپاسَ گُذارِيُ ج سِپاسَ گُذارِيُونْ:** ث. [ف. سپاس + گذاري > گذاشتن = رکڻ] شڪر گذاري – منت شناسي – اعتراف. نعمت.

– **سِپاسَ نامُ ج سِپاس ناما:** ذ. تحريري واکاڻ ۽ شڪريه (انگ) اَئڊريس.

• **سِپاهُ ج سِپاهَ:** ذ. (ف): لشڪر. فوج – ڪٽڪ – جٿو. جنگي سپاهي.

– **سِپاهِڪوُ ج سِپاهِڪا:** ذ. سپاهي جو – سِپاهياڻو – ملٽري جو – فوجي.

– **سِپاهِگَرِيُ ج سِپاهِگَرِيُونْ:** ث. فوجي ڪر – بهادري – سورمائي – سپاهگيري.

– **سِپاهِگِيرِيُ ج سِپاهِگِيرِيُونْ:** ث. فوجي نوڪري – سِپاهياڻو جوهر – پوليس جو ڪر يا نوڪري. هانهپ – هيلپو. نوڪري. مزوري . ڪارڪرت.

– **سِپاهِيُ ج سِپاهِيُ:** ث. فوجي ماڻهو – لشڪري – سولجرُ – ڪانسٽيبل – سَنٽري. جنگي بهادر – سورمو – وِيرُ – غازي مرد – پهلوان. گولو – نوڪر. هانهو. درجو ماڻهو.

– **سِپاهِياڻُو ج سِپاهِياڻا:** ذ. صفت. سپاهي جو – سپاهي وارو – فوجي – جنگي – سِپاهِڪو.

– **سُپاهَتَ ج سُپاهَتُونْ:** ث. نيڪ عادت – چگا لڇڻ – سُنا پرڪارَ.

– **سُپاهَتِيُ ج سُپاهَتِيُ:** ذ. صفت. موچاري ڪر وارو.

• **سُپَتَ ج سُپَتُونْ:** ث. [سن. سُپَرْتْسيَہ: سُ = چگو + پرتسيہ = پَت] چگو – پت – سَچائي – ايمانداري – راستبازِيُ.

– **سُپَتِيُو ج سُپَتِيا:** ذ. صفت. چگي پت وارو – سچو.

• **سُپْتارو (ل):** ظرف. (سُ + پتيارو) بلڪل – صاف – بِنَهہ.

• **سُپَتِ سِنْڌو:** اسم خاص. ستن دريائن جهڙوڪ: ١ـ جهلم. ٢ـ چناب. ٣ـ راوي. ۴ـ ستلج. ۵ـ بياس. ٦ـ سَرسوتي. ٧ـ سنڌو واري ايراضي وارو ملڪ.

• **سَپَتَ (ت):** (آواز) اُٺ کي ڏانوٺ وجهڻ مهل ان کي پير سوڙهَا ڪرائڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ.

• **سُپْتُ (سُپْتْـرُ) ج سَپُتَ (سَپْتَـرَ):** ذ. [سن. س = چگو + پتر = پت] نيڪ پت – صالح پت – سَپوتُ – چئيوان پٽ – فرمانبردارُ پٽ. سئو چوڪر.

• **سَپُتو ج سَپُتا:** ذ. صفت. صالح پٽن وارو – چگن پٽن وارو.

– **سَپُتِيو ج سَپُتِيا (ت):** ذ. صالح ۽ نيڪ اولاد وارو.

• **سَپجَنُ:** مصدر. [سن. سَمپَنّ] چاپڻ – خلقجڻ – پيدا ٿيڻ – وَرتـجَنُ – اُپائجڻ – رَچڻ – سرجڻ – نِپجَنُ. "مَر سَپَني مارُئي! مُئي! نہ جائِي!" (شاهه).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَپجَڻُ:** مصدر. سپجڻ.
• **سِپَرَ ج سِپَرُوڻُ:** ث. [ف]. ڍالَ –کيڙي. ڍَڪُ – پردو – پوش پناھ – روک – بچاءُ – آڙ – جھل. حمايت. ڇٽڻ لاءِ نشان.
• **سِپَرُ ج سِپَرَ:** ذ. [ف. سپر] آسمان – اُپرُ – فلڪ.
• **سُپَرَ ج سُپَرُوڻُ:** ث. حامل زال. ڍُڪِي ڇوڪائي.
• **سُپَرِ:** ظرف. موجاري ريت – چگيءَ طرح.
• **سُپُرد:** ظرف. حوالي – ڏمي – ڏمياري ۾ ـ چارج ۾ ـ جوابداري ھيٺ – تفويض ڪيل. امانت ۾. پارت. سفارش.
– **سُپَرد ڪَرڻُ:** سوڀڻ – حوالي ڪرڻ – ڏمي ڪرڻ – چارج ۾ ڏيڻ – ھٿ ۾ ڏيڻ – پرتو ڪرڻ. سنيالي ڏيڻ. امانت رکڻ. نظر بنديءَ ۾ ڏيڻ – حراست ۾ ڏيڻ.
– **سُپَرد گِي ج سُپَرد گِيُونْ:** ث. تحويل – حوالات – حراست – نظربندي – ذمہ واري.
• **سُپَرْدُ ج سُپَرْدَ:** ذ. ويھڪ جي جاءِ جو اندريون پاسو – پچو – سُڪَرو.
• **سِپرکات:** ٽر ۾ ھڪ راند جو قسم (جا کينھي سان کيڏبي آھي).
• **سُپَرِنْٽِيدِنْٽُ ج سُپَرِنْٽِيدِنْٽَ:** ذ. (انگ) محافظ – نگھبان – نگران – داروغہ – ناظر – منتظم – مُھتمم.
• **سُپَرْوائِيزَرْ:** ذ. [انگ] نگھبان – نگران – داروغہ –مھتمم. وڏو تپيدارُ – سرڪل جو حاڪم.
• **سِپَرِي:** اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
• **سِپرِي ج سِپرِيُونْ:** ث. تانگي جي اڳئين خاني اڳيان گھوڙي جي لَٽَن کان بچاءُ لاءِ ڪاٺ جو تختو.
• **سُپرِي ج سُپرِيُونْ:** ث. ھَنڊي وانگر وڏي منھن سان ديگڙو – تاپيلو – تپيلو – ٽوپ. (لس) دبڪي – پنڊي.
– **سُپرِيُونْ ڪَڍَڻُ:** ڪجيءَ جي قرجھلڻ لاءِ چَپڙِيُونْ ڪَڍَڻُ.
• **سُپرِينْ ج سُپرِينْ:** ذ. [سن. سُ = چگو + وري = پيار ڪرڻ] ساجن – پرين – ڍولڻ – دوست – پياروَ – محبوبُ – عشق – ڍولڻ – لالڻُ – دلبر – يار.
• **سَپَڙُ:** اسم خاص. لس ھيلي جو سخي حاڪم. "سَپَڙ رات سنباھيا تازي تو لائي." "سَپَڙ در سُوالَ ڪرتہ قيمت آڻيين" (شاھ).
• **سَپَڙَڻائِي ج سَپَڙَڻائِيُونْ:** ذ. طوائفن سان طبلہ وڄائيندڙ – سازن وارو. ڳائيندڙ.
• **سُپڑُ:** پاڻيءَ ۾ آلو ڪرڻ. "مينھن سڳ سُپڑيا" (تلاءِ ۾ وينيون پاڻي ٽورو پر سڳ گپ ۾ پاڻيءَ سان آلا ڪيائون).
• **سُپڑُو ج سُپڑا:** ذ. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ھڪ زيور. يُون قوڙ – سَپ ڪُنڊِيُ – قُنڊَگِي.
• **سُپڑِيا:** اسر خاص. ھڪ ذات جو نالو.
• **سُپَکُ ج سُپَکَ:** ذ. صفت. [سن. سَپَک: سُ = چگو + پک = پچڻ] چگي طرح پکل – خوب پکل – پورو پکل – سوڪ – ڪڙڪ – سخت. لائق – ڪامل. تيار – رسيدو – ساماڻل. بالغ. سھٽو – سنو – عمدو. تازو. چگو. سنھڙو – نفيس.
• **سُپَکِي:** اسر خاص. تعلقي ھالا ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
• **سُپَکِي جاگِيرَ:** اسر خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
• **سَپ کُنڊِي ج سَپ کُنڊِيُونْ:** ث. برساتي يا سيلابي زمين تي پيدا ٿيندڙ ھڪ نباتات جو قسم – يُونءَ قوڙ – سَپڑو. پَڌپھيڙو.
• **سُپنْجُ ج سُپنْجَ:** ذ. رٻڙ مان ٺھيل پاڻيءَ کي چھندڙ ھڪ سوراخدارُ شئي – ڪَکَرُ.
• **سِپنْ دوْشُ ج سَپن دوْشَ (ث):** ذ. صفت. خراب خيال وارو – بدمزاج.
• **سُپنْدُ ج سُپنْدَ (ث):** ذ. ساڳي پنڊ وارو – ساڳي آکھ جو پاتي.
– **سُپندو ج سُپنْدا:** ذ. سُپنْدُ.
• **سُپنْو ج سُپنا:** ذ. [سن. سَوَ پن > سْوَپ = سمھڻ] سھٽو – خواب –رؤيا – نند ۾ ڏٺل ڪابہ واردات. وھم – خيال. (ھ. سُوپنا).
– **سُپنا بَنْدُ ج سُپنا بَنْدَ:** ذ. ڪوڙو خوابُ.
• **سَپُوتُ ج سَپُوتَ:** ذ. [سن. سَپوتر: سُ = چگو + پوتر = پٽ] لائق ۽ فرمانبردارُ پُٽ – سچو پٽ. سُٺو چوڪَرُ.
• **سَپوتَرَ:** ذ. [سن] سپوتُ. ڪم ۾ چالاڪ.
• **سَپُوتُ ج سَپُوتَ:** ذ. [سن. سَپوتر: سُ = چگو + پوتر = پٽ] فرمانبردارُ اولاد – سعادتمند فرزند. (ذ. صفت). بختاوَرُ – سلجھڻو – سياڻو – لائق. چئيوان – چئيدارُ – مجتاڻتو.
– **سَپوتو ج سَپُوتا:** ذ. صفت. داناءُ ـ عاقل – سياڻو – بردبارُ.
– **سَپُوتِيلَ:** ذ. صفت. داناءُ – عاقل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَپُورَنْجَ ج سَپُورَنْجَ:** ذ. صفت. سريلو. وڏو سمجهو. وڏو سگهڙ. هنرمند.
• **سَپُورِيلُ ج سَپُورِيلَ:** ذ. صفت. سياڻو. سگهڙ.
• **سَپُوزَ ج سَپُوزَنْ:** ث. ڏَپ – دپڑات – دڑڪو.
• **سَپُوڙَ:** مصدر. ڌاهڻ. مارڻ.
• **سِپَهْ:** ذ. (ف). فوج – لشڪر – سپاهه.
– **سِپَهْ سالارُ ج سِپَهْ سالارَ:** ذ. ڪماني – جرنيل.
• **سِپَهْ گِيرِيْ ج سِپَهْ گِيرِيُونْ:** ث. سپاهگيري – فوجي نوڪري.
• **سَپَهْتو ج سَپَهْتا:** ذ. صفت. چڱو. پلو – نيڪ. سٽو. اوگهو – اڇو – موجارو – عمدو – سڦرو – چوکو – وٽندڙ – وسن جهڙو. خالص – صاف – نجو. قابو. باحفاظت.
• **سَپَهْڙِيْ:** اسر خاص. تعلقي ڌِگهڙِي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سِپْهَرُ ج سِپْهَرَ:** ذ. (ف) آسمان – عرش – آءُ.
• **سِپِي ج سِپِيُونْ:** ث. [سن. شڪت = سپي] سمنڊ ۾ ٽيندڙ هڪ جانورَ جو قسم. وائين جي پيالي – ستي – سپ جو کوپو. اسر خاص. هڪ واهه جو نالو. بلڪل ٿورو حصو.
• **سُپِيتُ ج سُپِيتَ:** ذ. صفت. [ف. سفيد = اڇو] اڇو – صاف – سفيد.
• **سُپِيدُ ج سُپِيدَ:** ذ. صفت. (ف). سفيد – اڇو.
• **سَپِيرُ ج سَپِيرَ:** ذ. دانا، – عقلمند.
• **سُپِيرَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **سُپِيرو ج سُپِيرا:** ذ. [سن. سُپَگ: سُ = چڱو + پگ = قدم] پير سُجاڻندڙ – پيري پيرادُو – پاڳي.
• **سِپْيا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **سَجُ:** ث. شڪل. انداز. سينگار – آرائش. خوبصورتي.
– **سَجْ ڌَجْ:** صورت – شڪل. هار سينگار – زيب و زينت.
– **سَجُ ج سَجَ (ث):** ذ. سَجهُ – وَجهُ – بُل. سنوت – سڏائي.
– **سِجُ ج سِجَ:** ذ. [سن. سُورِيَ = سِج] سورج – آفتاب – شمس – آدِتِ _ آدتيہ – سُورِيہ – سِجُ – مِهر.
– **سِجَ اُبَرِئي:** ظرف. سِج نڪرڻ وقت – صبح جو – صبح مهل – ڏينهن شروع ٿيڻ وقت.
– **سِجُ ٻُڏَنْ:** سِجُ لهڻ – سورج غروب ٿيڻ.
– **سِجُ ۾ سُٹِنْ ۽ هُجَنْ:** پوري منجهند هڻڻ – تاڪ منجهند هڻڻ.
– **سِجُ تَرِيْ هيڻُ لِڪائِنْ:** ڪليل يا پڌري ڳالهه ڪي لڪائڻ جي اجائي ڪوشش ڪرڻ.
– **سِجَ ڇَنْڊِ وانگَـرُ نِڪَرَنْ:** مقرر وقت تي نڪرڻ.
– **سِجَ سانْ:** ظرف. صبح جو – سِجَ اُپرڻ ئي وقت.
– **سِجُ سُورِجُ:** اسر خاص. هندن جو هڪ وڏو ڏينهن ڦڪڙ جي مهيني ۾ ايندڙ.
– **سِجُ ڪاپارتي آڇَنْ:** منجهندُ ٽيڻ.
– **سِجَ گَـرَهَنْ:** سج وٺجڻ جي حالت – سج جي ڏرتي ۽ چند جي وچ ۾ اچي وڃڻ جي حالت. ڪسوف.
– **سِجُ لاڙائُو ٽِيَنْ:** سج لهڻ وارو ٽيڻ.
– **سِجَ لَعِي:** ظرف. شام جو – سج لهڻ بعد – سانجهه مهل – مغرب مهل.
– **سِجُ لَهَنْ:** گلارو ٽيڻ. بي مانو ٽيڻ. بي غيرت ٽيڻ. بيڪار ٽيڻ. بي همت ٽيڻ.
• **سُجات:** صفت. [سن. سُ = چڱو + جات = ذات] چڱي ذات وارو. خانداني.
– **سُجاتِيُ ج سُجاتيا:** ذ. صفت. سُجات. سٹي گهراڻي جو. اُتم گهراڻي جو.
• **سِجاتُ:** ذ. سجادو – پيندو. (ث). سِٽيءَ جو هڪ قسم. سجاتو – سُهادو.
– **سِجاتي جُ سَڳُ:** مٽي جو سور لاهڻ لاءِ سجاتي مان وٽيل ۽ دم ڪيل سڳو.
• **سَجاتِيْ ج سَجاتِيْ:** ظرف. هڪ ذات وارو – ذات پائي – هر قوم – مٽ مائٽ.
• **سَجّادَ:** ذ. (ع). جاءِ نماز – مُصَلّو. درويشن بزرگن جي گادي – ويهڻ جي جاءِ.
– **سَجّادَ نَشِيْنُ:** ڪنهن بزرگ جي گاديءَ تي ويهڻ وارو.
– **سَجادَ نَشِيْنُ ٽِيَنْ:** پير جي گاديءَ تي وِهڻ – خلافت وٺڻ.
• **سجادُ ج سجادا:** ذ. سجاتو.
• **سَجارُ ج سَجارا:** ذ. صفت. سياڻو – ڏاهو – عقل وارو – زيرڪ – سَمجهُو – سٽوپرو – پهچاڻ – سَمجهُو.
• **سُجارِيْ ج سُجارِيُونْ:** ث. هرندڙ ڪائي.

• **سُجاڪ ج سُجاڪَ:** ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم – پرميل – سوزاڪ

• **سُجاڪُ ج سُجاڪا:** ذ. صفت. سجاڳ – جاڳيل – سجاڳو – بيدارُ. خبردارُ – باخبر – هوشيار – چوڪَسُ. چيتي وارو.

– **سُجاڪائِي ج سُجاڪائِيُون:** ث. جاڳ – سُجاڳي – بيداري. خبرداري – هوشياري – سجڪائي.

– **سُجاڪِي ج سُجاڪِي:** ذ. صفت. سُجاڳُ – هوشيار.

• **سُجاڳُ:** ذ. صفت. [سن. سُ = چڱو + جاگر = جاڳڻ] جاڳيل – بيدار – خبردار. هوشيار – باخبر – چوڪس. چيتي وارو. ڦٽ – تيز. سُڄيت – آگاهه.

• **سُجاڳائِي ج سُجاڳائِيُون:** ث. سجاڳي – بيداري. هوشياري – خبرداري – چوڪسي.

– **سُجاڳُ ٽِيَڻُ:** جاڳڻ – نند يا بي خبريءَ مان هوشيار ٽيڻ. خبردار ٽيڻ.

– **سُجاڳُ ڪَرڻُ:** ٻئي کي نند مان اٿارڻ ڪنهن کي خاص حقيقت کان واقف ڪرڻ – آگاهه ڪرڻ.

– **سُجاڳُ ج سُجاڳا:** ذ. سجاڳ – هوشيار – بيدارُ.

– **سُجاڳِي ج سُجاڳِيُون:** ث. خبرداري – سجاڳائي – جاڳرت – جاڳ – بيداري. هوشياري – چوڪسي. نِگهباني. سُڄيتائي.

– **سُجاڳِي ٽِيَڻُ:** نند مان هوشيار ٽيڻ – اکيون کولڻ.

– **سُجاڳُ ج سُجاڳا:** ذ. سويلُ. سانجهي واري روشني. صبح جو اُجالو.

– **سُجاڳِي:** ظرف. سويلي – ساجهر.

• **سُجانُ ج سُجانَ:** [سن. سُ = چڱو + جيا = جاڻڻ] سجاڻ. سمجهو – سياڻو. هوشيارُ. عاقل. زِيرَڪُ – چالاڪُ – عَيارُ. پهلوان.

• **سِجاوٽُ:** اسر خاص. سِٽيءَ جي پوک جو هڪ قسم – سجاتو.

– **سِجاوَتِي جو سُور:** سج اپرڻ وقت پوندڙ مٽي جو سور. سجاتي جوسُور.

– **سِجاوَتِي جو سگهو وَٽائِڻُ:** اڌ مٽي جي سور لاءِ سِٽيءَ جو ڏاڪو وٽائڻ.

– **سِجاوَلُ:** اسر خاص. تعلقي ميرو خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **سُجاوَلُ:** اسر خاص. ضلع ٺٽي ۾ تعلقي ۽ شهر جو نالو.

• **سِجاهِڻُ:** مصدر. مارڻ – سزا ڏيڻ.

• **سِجاهُ ج سِجاهُون:** ث. (سزا، سجا) مار – ڪُٽ – سَزا.

– **سِجاهُ ڏِيڻُ:** مار ڪيڻ – چٻيٽ ڏيڻ.

– **سِجاهُ ڪَيڻُ:** مار ڪيڻ.

• **سَجائڻُ:** مصدر. [سن. سَجّ = سينگارڻ] سينگارڻ – زيبدارُ بنائڻ – ناهِڻ. پائڻ – پهرائڻ.

• **سَجاوَٽَ ۽ سَجاوَٽُون:** ث. آرائش – زيب – زيبائش – ناهه ٺوه ـ سينگار – بناوٽ – قرينو – بناءُ. جوڙجڪ – انتظام. ترتيب.

• **سَجائِي:** اسر خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو. ٽر ۾ هڪ ڏهر جو نالو.

• **سَجائِي ج سَجائِيُون (ث):** ث. اٽ جي وڏي ٽنگ ۾ ڏاس جا وڏا جهاپا. ٽَڙا.

• **سُجائِي ج سُجَائِيُون:** ث. ڪمائتي – فائديمند – مفيد.

• **سَجائِيو ج سجائِيا (ث):** ذ. پاڪي – اُسترو.

• **سَجايو سَجايا:** ذ. صفت. [سن. سُ = چڱو + جاءِ = هنڌ] چڱي جاءِ وارو – سڪارتو – سود مند – فائديوارو – واڌاري وارو – نفعي وارو – لاڀائتو – مفيد – ڪمائتو – ڪارائتو.

• **سَجايو ج سَجايا (ث):** ذ. پاڪي – اُسترو.

• **سَجدو ج سَجدا:** ذ. [ع. سجده =] خُدا جي اڳيان سر جهڪائڻ جي حالت – بندگي – نِوڙت.

– **سَجْدَهِ سهَوَ:** نماز ۾ پل ڇُڪ ٽيڻ جو سجده.

– **سَجْدَهِ شُڪُرُ:** خدا تعاليٰ جي شڪر گذاري جو سَجده.

– **سَجْده ڪَرڻُ:** سر جهڪائڻ – مٿو ٽيڪڻ. امر محيڻ.

– **سَجْدُ گَاهُ ج سَجْدَهْ گَاهُ:** سجدي ڪرڻ جي جاءِ ـ مٿي ٽيڪڻ جو هنڌ. مسجد.

– **سَجْدَه گذارُ ج سَجْدَه گذارَ:** ذ. سَجْدَه ڪندڙ.

• **سُجْرو ج سُجْرا (ث):** ذ. شجرو – نَسب نامو.

• **سُجَڙُ ج سُجَڙَ (ث):** ذ. ڪنديءَ جي ڪائيءَ جو ٽانڊو.

• **سُجڙِيو ج سُجڙِيا (ث):** ذ. ڇيٽي جو ٽانڊو.

• **سَجْعَ ج سَجْعُونْ:** ث. (ع). خوش الحان پکين جي لات. ٻن جملن جي پڇاڙيءَ ۾ هڪجهڙن لفظن هڪ واري هڪ قسم جو نثر. موزون ڪلام – متفي. ماٺهو واري نالي جي معنوي سٽاءَ سان جوڙيل هم وزن ٻول.

• **سَجَڪَڻُ (ل):** مصدر. محفوظ رکڻ. سنياڻڻ.

– **سَجَکو ج سَجَکا:** ذ. صفت. رڳائتو – هٿيکو – زبان ٽيڙ کان بي ڏپو. (ضد. آجکو).

• **سَجِکڻ (ل):** [سجدو ڪرڻ] سَڌڻ. ويڑهجڻ – چنبڑڻ. سَجَڻُ – سَجهَائڻُ.

– **سَجَکو ج سَجَکا (ل):** ذ. صفت. سجهکو پريل ـ چڪار ٽيل. ڊاوَلُ – رَجيلُ. دنيادارُ – تونگر.

• **سَجِکو ج سَجِکا:** ذ. بي آرام.

• **سِجلاڻُ:** مصدر. بندوبست ڪرڻ – ناهه ڪرڻ – ترتيبائتو ڪرڻ – قريني تي آڻڻ – باقاعدي ناهڻ – سَجائڻ – سُڌارڻ – سَنوارڻُ.

– **سِجِلّ ج سِجِلّون:** ث. صفت. ڪنهن به ڪم ڪرڻ جو طريقو يا ڍنگ – سَليقو – اَسلوبُ ـ شُعورُ. طرز – طرح. سڄائي – صفائي – پوشيدائي – سَيُونجُ – ناهُ – جوڙجڪ.

– **سِجِلُ ج سِجِلّ:** ذ. صفت. عمده. نفيس – نازڪ ٽيڪ – معقول.

– **سِجِلاڻِتو ج سِجِلاڻِتا:** ذ. صفت. تجويزائتو – ناهائتو – باترتيب – سڄائتو – سلسلي وارو – قريني وارو. ورجائتو.

– **سِجِلاڻِي ج سِجِلاڻِيُون:** ث. صفت. سڄائي – صفائي – پوشيدائي – سيونجُ – سَليقو – اسلوب – شعور. طرز – طرح. هوشياري. خوبي. چالاڪي. دانائي.

– **سِجِلو ج سِجِلا:** ذ. صفت. ورجائتو – سنجيلو – سِجِلُ – خوش اسلوب – طرزائي – سليقي مند – پوشيدو باشعور.

• **سَجَنُ ج سَجَنَ:** ذ. (هـ) سجڻ – محبوب.

• **سَجَنُ:** مصدر. (هـ. سجنا) سينگارڻ – ناهڻ – سنوارڻ – سڏارڻ. ڪپڙا ڍڪڻ. ڳهه پهرائڻ. هاڻي تي پالکي رکڻ. هٿيکو رکڻ.

• **سِجَنُ (ث):** مصدر. رڌجڻ – پچڻ. اندر ۾ ڪاوڙجڻ. باهر ڳالهاءُ نه ڪڍڻ.

• **سُجودُ ج سُجُودَ:** ذ. [ع. سَجَدَ. هن سجدو ڪيو] سلام – تعظيم – خدمت گذاري.

– **سُجُودُ پَرَڻُ:** سجدو ڪرڻ. سر جهڪائڻ – غلاميءَ جو دَمُ پرڻ. خدمت گذار ٽيڻ.

• **سجوڙو ج سجوڙا:** ذ. صفت. سليقي وارو – سهڻائي سان ڪم ڪندڙ. خوب صورت ۽ ترتيب سان ڪم پورو ڪندڙ. سهڻو جوڙيندڙ.

• **سُجُودِيُ:** اسم خاص. مڪران ۾ پوک تي گذاران ڪندڙ هڪ قوم.

• **سَجوڙِي ج سَجوڙ يُون (ل):** ث. خدا حافظ – اللّٰه واهي – موڪلاڻيءَ جو ڪلمو. جيئن: "اداسائين! هاڻي سجوڙي". ٻيڙو پار – ڪاميابي – سوڀ.

– **سَجوڙِي ٽِيَڻُ:** ٻيڙو پار ٽيڻ – ڪاميابي ٽيڻ – سوڀ ٽيڻ.

– **سَجوڙِي ڪَرَڻُ:** ڪاميابي ڪرڻ – ڪم ناهڻ.

• **سَجوڪو ج سَجوڪا:** ذ. صفت. سَوَلو – بنا جوڪي – آسمان (ضد. اجوڪو). ث. (سجوڪي ج سَجوڪيُون).

– **سَجوڪائِي ج سَجوڪائِيُون:** ث. سولائي – آساني – بي جوڪائي. (ضد. اجوڪائي).

• **سَجِي ج سَجِي (ل):** ذ. صفت. گهٽو – زياده ـ وڌيڪ – سجيهه.

• **سَجِي ج سَجِيُون:** ث. باهه تي پچايل گوشت جي رانَ يا ٽڪر. سربستو سجو چيلو گندلي ۾ وجهي باڦ تي پچايل – بلوچڪي دعوت جو خاص طعام. "ڪنڊ ڪوٽ جي سجي مشهور".

• **سَجِيهَ ج سَجِيهَ:** ذ. صفت. گهٽو – وڌيڪ – زياده ـ سنوالو. (ظرف) ايان به. قدري وڌ.

• **سَجِيهُ ج سَجِيهَا:** ذ. صفت. ٿورو گهٽو – ٿورو وڌيڪ – ٿورو وڌو.

• **سَجهَ ج سجهه:** ذ. وجهه – پورو بُل.

– **سجهائتو:** صفت. پورو بُل تي (ظرف) هنڌائتو.

• **سِجُ ج سِجَ:** ذ. [سن. سوريه = سِجُ] سِجُ – شمس – آفتاب – سورج.

• **سُجاڳُ:** ذ. صفت. سجاڳ.

• **سجاڳِي:** ث. سجاڳي.

• **سُجاڻُ ج سُجاڻ:** ذ. [سن. سُجيجا: سُ = چگو + جيجا = جاڻڻ] هوشيار. چگي جاڻ وارو – جاڻو – سياڻو – عقلمند – هوشيار – عاقل. ڏاهو.

• **سُجاڻُ:** مصدر. [سن. شُوَيتي > شُو = وڌڻ] ڏڪ هڻي سوج ڪرائڻ.

• **سَجاڻِي ج سَجاڻِيُون:** ث. چگائي – پلائي – خير – سڃٽائي. اکين جي بينائي. سالميت.

• **سَجِتُ ج سَجِتَ:** ذ. سجي پاسي وارو وهندڙ ڏاند.

• **سَجَرُ:** ذ. صفت. تازو – نه ڪوسو ۽ نه ٽڏو – پورو پُنو. تازو

توانو – نروپو – چگو. صاف. جهجهي جسم وارو.

• **سَجِرائِيْ ج سَجِرائِيُون:** ث. تازگي – تراوت. تندرستي – چگيلائي.

• **سَجَڻُ ج سَجڻ:** ذ. [سن. سَجَنْ = دل گهريو] دل گهريو – دلبر – محبوب – دلدار – گهرو دوست – ساجن – ديولٽ – معشوق – پرين – يارُ. ڏک وندبيندڙ. نيڪ ماڻهو. گهٽ گهرو. (اسر خاص). تعلقي تندي باگي ۽ تعلقي ڊگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **سَجِڻائِيْ ج سَجِڻائِيُوْن:** ث. سَجَڻپائي – گهٽگهرائي – غمخواري – دل گهرائي.

– **سَجَڻپائِيْ ج سَجَڻپائِيُوْن:** ث. سجڻائي.

• **سَجَڻپو ج سَجَڻپا:** ذ. سَجِڻائِيْ. دل گهرائي – گهٽگهرائي.

• **سُجَڻ:** مصدر. [سن. سُوَتْ > شُو = وڌڻ] ڏک يا قٽ جو ٽوٽرڻ – ٽوٽرجڻ – اَماسجڻ – آپرجڻ – پرجڻ – سوج چڙهڻ – اَيري اچڻ. قوڪجڻ – ڪاوڙجڻ – منهن ۾ شور وجهڻ – ڦندجڻ.

• **سَجَڻُ پارُ:** اسر خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سجو ج سَجا:** ذ. [سن. سَج = تيار ڪرڻ] ثابت – سمورو – سارو. پورو – سپ – مڙيئي – ڪُلُ – سلامت – جملہ. سربستو – پيرائتو. (ذ. صفت). سجي پاسي وارو – ساجو (ضد. ڪجو).

– **سَجا ڪَيَڻ:** سجو انگ لهڻ – صحيح عدد ڪيڻ.

– **سَجو چورو (ٿ):** ذ. اهو چوڪرُ جنهن جي ماءُ مري ويل هجي.

– **سَجو سارو ج سَجا سارا:** ذ. صفت. سَڀ – داناءُ. اڪين وارو.

– **سَجو سونُ ٿيَڻ:** بالڪل سجار ٿيڻ. نهايت نيڪ ٿيڻ.

– **سَجي اَنْگرَين ظرف** سجي لڳين – تندرست.

– **سَجِي اَڪ ڦُرڪَڻ:** فائدي جو سوٽ ٿيڻ.

• **سَجِي ج سَجيُوْن:** ث. پلائي – خيرخواهي – مدد. پلو – فائدو. هر ڏيڻ وقت ساجو پاسو. (ضد. ڪجي). "سو مون هٿان نہ ٽئي، جيڪي تو جڳاءُ، تو سجيون، تو سنديون سِکن توهين ساءِ" (شاهہ).

– **سَجِي ڪَرَڻ:** فائدو ڪرڻ – پلائي ڪرڻ. راز کولڻ. ڳجهارت پڇڻ. توڙ تائين رسائڻ – پورو ڪرڻ.

– **سَجِي وَهَڻ:** ڪنهن سان جڳا پير ڪٽڻ. ڪنهن سان پلو ڪرڻ – آسان ڪم ۾ مدد ڪرڻ. "سَجِي وَهي سَيڪو، پر ڪهي وهن خان".

– **سَجِيءِ ۾ هُئڻ:** ڪنهن جي پلائي ۾ هئڻ – پلو ڇاهڻ – ڪنهن جو پلو گهرڻ – ڪنهن جو گهٽگهرو هئڻ.

• **سَجهہ ج سَجهہ:** ذ. وَجهہ – وقت – وارُ – وارو – داءُ. موقعو – سهولت – سَولائي – سهنجائي. قيرو. ڪيڏ – اَپاءُ – حيلو. نمونو – ريت – ڏل – طرح – انڪل. تجويز – بلو. ڏَنگُ – انڪل – لَلُ – هُنر. مصلحت.

– **سَجهاتِيْ ج سَجهاتِيُوْن (ل):** ث. سجهائتي – سَولي – وجهہ واري – وجهائتي.

– **سَجهائِتو ج سَجهائِتا:** ذ. صفت. وَجهائِتو – مهلائتو – وقتائتو – ساجو – سانگائتو. سڏو – پورو.

– **سَجهہ ڏِيَڻ:** وارو ڏيڻ – موقعو ڏيڻ – بل ڏيڻ. سَجهہ لَڳَڻُ. وَجهہ لڳڻ – داءُ لڳڻ. ڪم آسان ٿيڻ.

– **سَجهہ وَجهہ ڈورَڻ:** داءُ پيچ گهڙڻ – انڪلون (ٽڻ) صلاحون پچا.

• **سُجَهہ ج سُجَهُوْن (ل):** ث. هئڻ واري حالت – هوند.

• **سُجهاڪُو ج سُجهاڪا (ل):** ذ. صبح – فجر – روشني.

• **سِجَهاهہ ج سِجَهاهُوْن (ٿ):** ث. (ف. سزا) سزا – سيڪت.

– **سِجَهاهہ ڏِيَڻ:** سزا ڏِيَڻ: سيڪت ڏيڻ.

• **سَجهائِڻ (ل):** مصدر. پوري ٽُڪ ٻَڌڻ. سَجهائِتو ڏَڪَ هٽڻ – سنڌائتو ڏَڪ هٽڻ.

– **سَجهيكيُوْن:** بلائتيون. هٽيڪيون. قابو.

• **سِجهائِڻ:** مصدر. ٻارڻ – جَلائڻ. اَٻارڻ – ڏيمي باهہ تي پچائڻ. (ڏَڪن سان) چڪچور ڪرڻ – پورو ڪرڻ. بي طاقت بنائڻ. بس ڪري چڏڻ. "صورت تنهنجي سوين سِجهايا" (مننار). ڳارڻ – جهجائڻ – جهورڻ. "جي سِجهائِي تہ پڻ سِکي سسئي" (شاهہ). پرائڻ – حاصل ڪرڻ – وِصُول ڪرڻ – هٿ ڪرڻ – قبضي ڪرڻ – پائڻ – مِلڻ – وَڙڻ – وڻڻ – ڪٽڻ – لَهڻ. فائدو ڪرڻ – ڪمائڻ.

• **سُجهائِڻ:** مصدر. [سن. سُوج = خبر پوڻ] معلوم ڪرائڻ – واقفيت ڪرائڻ.

• **سَجهائِيُوْ ج سَجهائِيا:** ذ. حَجامت ۾ ڪم ايندڙ اوزارُ – پاڪي (ٿ).

• **سُجهَنْدو ج سُجهَنْدا (ل):** ذ. سهائي – اَجالو. پرهہ ڦُٽي – فجر. سويل. (ظرف). نظر ۾ ـ خيال ۾. خبر. سويلو – سويل ئي.

• **سَجهَڻُ:** مصدر. سَرَنُ – سولو ٿيڻ – پورو ٿيڻ.

• **سجهَڻُ (ل):** مصدر. [سن. سِدّ = رڌڻ] ڪامڻ – سڙڻ – پچڻ.

رَجهڻ. ٿهڪڻ – اُبرڪڻ – اُپامڻ. جوش ۾ هڻڻ. بيماري ۾ ڏکويل هڻڻ – تڪليف ۾ اڇڻ. برائڻ – ملڻ – حاصل ٿيڻ. هٿ ڪرڻ – واصل ٿيڻ. نرم ٿيڻ – رڃڻ – پٽڻ ٿيڻ – پتلو ٿيڻ. ايذائيڃڻ – سُور ۾ پرهڻ – ڏکوئيڃڻ.

– **سجهڻ وَڃڻ:** پورو ٿي وڃڻ – ايذاءُ ۾ ڪمزور ٿيڻ – ڏاڍو ٽڪجي پوڻ.

• **سُجهڻ:** مصدر. [سن. سُوج = خبر پوڻ] پاسٽ – خيال ۾ اڇڻ – هُرڻ – سمجهه ۾ اڇڻ – نظر ۾ اڇڻ. محسوس ڪرڻ – محسوس هڻڻ.

• **سَجهوڳ ج سَجهوڳَ:** ذ. سهڻ – سهولت. آسرو – اُميد. سَنو.

• **سَجهيءُ:** ذ. صفت. سَجيهُ – زياده ـ وڌيڪ – سَرَسُ – (ظرف). ايڏا به. واڌو – ڪجهه قدر.

• **سَچ ج سُچُوڻ:** ث. [سن. سَججا: سُ = سان + ججا = جاڻ] فعل. سچڻ (نشان هٽڻ) مان اسم. تڪ. ڪَش. نشان هٽڻ لاءِ تيرڪشڻ واري حالت. "جاڻي ٻجهي جن. توسين سورَ سچ ڪي" (شاهه). اشارو – ڏس – پتو. چتاءِ. چِڪ.

– **سَچ ڪرڻ:** ڏيکارڻ – سامهون ڪرڻ – آڇڻ.

– **سَچُوڻ ڪَرڻ:** نسبت جو اهجاڻ ڏيڻ. سڏ ڏيڻ – وراڻي ڏيڻ.

• **سُچ ج سُچُوڻ:** ث. [سن. شونْيَ = سُچَ] اُجاڙ – ويراني – پينگ – تباهي – اَڙٻ – رڙ. "سُچَ وَسندي تن ڪي، جوش جلايا جي" (شاهه).

– **سُچ ڪَرڻ:** ويراني ڪرڻ – بربادي ڪرڻ – چٽ ڪرڻ. ڪُنائڻ – ڪپائڻ.

– **سُچ واڪا ڪَرڻ:** ويراني هڻڻ.

– **سُچَهَر ج سُچَهَرَ:** ذ. سُجو هنڌ – ويران هنڌ – بيابان – غيرآباد زمين.

– **سُچَهرو ج سُچَهرا:** ذ. سُچَ – ويراني – بيابان.

• **سُچاڻ:** مصدر. [سن. سَججا: سَ = سان + ججا = جاڻڻ] سچاڻڻ – اورڪڃڻ – سوهڃڻ. سُچاڻجي پوڻ.

• **سُچاڻُ ج سُچاڻَ (ڪ):** ذ. جبل جو چشمو.

• **سُچاڻڻ:** مصدر. [سن. سَججا: سَ = سان + ججا = جاڻڻ] اوڙڪڻ – سوهڻ – جاڻڻ. ساڳوڻائي ڏسڻ – شاملیت ڏسڻ. مڃڻ – ليکڻ – قدرشناسيُ ڪرڻ. حق شنائي ڏيکارڻ.

– **سُچاڻَ ج سُچاڻون:** ث. واقفيت – جاڻَ پَچاڻَ – مهاڪرو – ڏيڻَ – منهن مقابلو. سهيپو – اوڪار – پرچو – اوڪائي.

– **سُچاڻَپ ج سُچاڻَپُوڻ:** ث. واقفيت – جاڻ پَچاڻَ – ڏيڻ ويڻ – منهن مقابلو.

– **سُچاڻو ج سُچاڻُو:** ذ. واقف ڪار – جاڻ پچاڻ وارو – سهي – ڏنل. مهاڪرو – سهيپو – پرچو.

– **سُچاڻجيُ سڳَ مِلڻُ:** جوڳي هلت ٿيڻ.

– **سُچاڻي سڳ ڏيڻُ:** لياقت آهر درجو عطا ڪرڻ.

• **سَچَوُ:** مصدر. [سن. سَنْدَنْ] آڇڻ. نذرانو ڏيڻ. ڏيڻ – بخشڻ – عطا ڪرڻ – شسْت ٻڌڻ – نشان ڪرڻ. "سَرُ جو سچيو سڄڻين هنگان هاڻ پري" (شاهه). تَڪَڙُ – ڪشڻ – هڻڻ لاءِ ڪمان ۾ تير سڌو ڪرڻ – هڻڻ جو ارادو ڪرڻ. سامهون ڪرڻ – سڌائڻ – راز ٻڌائڻ. "تون پارس آءٌ لوهُ، جي سَچين تہ سون ٿيان" (شاهه). ڏيکارڻ – اشارو ڪرڻ – سگڻ. ٻڌائڻ – سلڻ – ظاهر ڪرڻ. چتاءُ ڏيڻ. سونهون ٿيڻ. پرولي پيڃڻ. اکيون ملائڻ.

• **سُجو ج سُجا:** ذ. صفت. [سن. شُونْي = سُچَ – پينگ] پينگيو – ڪنگال. مفلس – بکيو – محتاج. برباد – (ذ). بيابان – صحرا – رڙ پٽ – بَرُ.

– **سُجائيُ ج سُجائِيُوڻ:** ث. ڪنگالپڻو – پينگيائي – مفلسي – سُچَ – ويراني – بربادي. ڪنجوسائي – مرجوٽائي.

– **سُجو سَکيٽُو هُجَڻُ:** پينگيو هجڻ – تمام غريب هجڻ – ڪنگال هڻڻ.

– **سُچَ وسڻُ:** اسم خاص. سامي فقيرن جي ٻن منزلن وارو هنڌ – سکويت ۽ جاگرت جو وچ (سامي جا سلوڪ ۲۲۵).

– **سَچَهارَ ج سَچَهارُوڻ (ل):** ث. ويراني – غيرآبادي – سُچَ.

• **سَچُ ج سَچَ:** ذ. صفت. [پرا. سَچو. سن سَتْيه > ست = سچائي] حق – برحق – سچ پچ – راستي – صداقت. صحيح – سَتُ – بيشڪ. صاف – پاڪ – نجو – خالص – نج – ڪلمئه تصديق – ها – واقعي – نيڪ – درست. يقيناً – حقيقتاً. ساڃيان – صداقت – ڪرو – چوڪو. هوبهو – ساڳيو. (ضد. ڪوڙ). (هـ. سانچ). گرم موسر – مئي ۽ جون جا مهينا. بلورن راند ۾ ڪنيل گُلُ – ڪَڏ وغيره.

• **سُچُ ج سُچَ:** چندي راند ۾ ڪوٽيل نندڙي ڪڏ – گِدِ (ت). ٻُبو. ٻُبي جي ٻِند.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَچارُ ج سَچار:** ذ. سچ ڳالهائيندڙ – سچو – حق گو – راست گو. ايماندار. صاف دل – ڪاريت وارو.

– **سَچارائِيْ:** ث. سچائي.

– **سَچارُوْ ج سَچارا:** ذ. صفت. سچار – سچو.

– **سَچائِيْ:** تصديق جو لفظ. سچ – تحقيق – واقعي.

– **سَچائِتُوْ ج سَچائتا:** ذ. سچو – سچار – سچارو.

– **سَچائِيْ ج سَچائِيُوْنْ:** ث. سچ – صداقت – سَتُ – حق – سچاڻ – حقيقت. ايمانداري – سُپتيائي.

– **سَچائِيْ ڏيکارَڻُ:** ايمانداري ڏيکارڻ – سچو رهڻ. محبت ڪرڻ.

– **سَچائِيْ ڪَرڻُ:** ايمانداري ڪرڻ.

– **سَچُ ٽِيَڻُ:** برابر هڻڻ – صاف هڻڻ.

– **سَچُ پَچُ:** ڪلمهٔ تصديق – سچ مچ – سَچُ. واقعي – هوبهو – بلڪل. بيشڪ – بنا شبهه. صحيح.

– **سَچُ چَوَڻُ:** صاف ڳالهه چوڻ. حق چوڻ.

– **سَچُ سَڌُ:** ڪلمهٔ تصديق. صحيح – درست – بيشڪ – ٺيڪ.

– **سَچُ ڪِ:** ڪلمهٔ تصديق. تحقيق – بيشڪ ائين!

– **سَچو ج سَچا:** ذ. صفت. صادق – سچارو. صاف دل – راست – پورو – ڪرو – سپتيو. نمڪ حلال – حلالي. سچارو – سَچائتو. نج – خالص – نبار – بنا ڪوٽ. پروسي جهڙو – انجام جو پورو – قائم – پڪو – پختو – ثابت قدم. عادل – انصاف پسند. پورو پنو – سڌائو – چڱو خاصو (طبيعت جو) رهندو. واجبي. برٿواب. برابر – حقائتو. سَچيُوْن.

– **سَچو پَچو ج سَچا پَچا:** ذ. اهو ساڳيو. حقيقي – اصلي.

– **سچو موتِيْ ج سَچا موتِيْ:** سِڌ مان نڪتل – اصلي موتي.

– **سَچِيْ پَچِيْ:** واقعي – برابرائين. حقيقي.

– **سَچِيْ ڪَرڻُ:** باسڻ – قبول ڪرڻ – سلڻ – اقرار ڪرڻ – هائوڪار ڪرڻ – مڃڻ – حقيقت ڪرڻ.

• **سُچَرُ ج سُچَرَ:** ذ. [سن. سُ = چڱي طرح + چَرْ = چرڻ] گهٽو ڪائيندڙ – پيٽ پري ڪائيندڙ – چاروڪڙ – وَڏَ توتو. (ضد. ڏڇر).

• **سُچَلُ:** صفت. چرندڙ – ڦرندڙ – گهمندڙ. تڪو – تيز. (ث) گهمڻ – ڦرڻ جي طاقت يا سگهه.

• **سُچْلو ج سُچْلا:** ذ. صفت. سدائين سچو. ڪمائتو – ڪرائتو.

• **سُچُو:** اسر خاص. تعلقي ڏِگهڙي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **سُچُو:** ذ. هميشه سچو. (اسر خاص). سچل سرمست جو تخلص.

• **سُچيتُ ج سُچيتَہ:** ذ. صفت. خبردارُ – هوشيار – دانشمند – آگاه ـ هوشائتو. ڏاهو. ڏيان ڏيندڙ. مُتوَجهه – هڪ چتو – يڪمنو. سجاڳ. تيزفهم.

– **سُچيتائِيْ ج سُچيتائِيُوْنْ:** ث. خبرداري – هوشياري. ڏاهپ – سياڻپ – عقلمندي – دانائي – سمجهه – پروڙ – آگاهي – ساڳاهه – سيبتائي. سُجاڳي. ڦرتائي.

– **سُچيتِيْ ج سُچيتِيُوْنْ:** ث. هوشياري – خبرداري – سمجهه – پروڙ – سُچيتائي.

• **سُچيڏِنُو ڪَلهوڙو:** اسر خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **سُچِيْ لالِيْ:** اسر خاص. سائي ڦڪي رنگ تي هڪ ٻوٽي جو قسم. اڻ جو ڪاڇ. ڪائين مان ڪار ٺهندڙ.

• **سُچيلو ج سُچيلا:** ذ. باز جو هڪ قسم. تلورن ۾ ڪونجن جو شڪار ڪندڙ.

• **سَحابُ ج سَحَابَ:** ذ. [ع] ڪڪر – بادل – ابر – گهٽا – ميگهه.

• **سَحَرُ:** ث. صبح سوير – فجر ـ ڏُڪي. اَسَرُ.

• **سَحَرْخَيْزُ ج سَحَرْخَيْزَ:** ذ. صبح جو سويل اٿندڙ.

– **سَحْرِيْ:** روزي رکڻ لاءِ ڪاڏو.

• **سَحَرَ:** اهو جهڙ جيڪو اُفق تان آهستي آهستي ٿي مٽي چڙهي.

• **سِحرُ ج سِحـرَ:** ذ. (ع) جادو – طلسم – افسون – ساحري. ڏوهه – مَنْدُ – مَنْتـرُ – ڪامڻ – چينڪَ. حرفت – چَلُ. هُنر.

– **سِحـرُ بَيَانُ:** ذ. صفت. فصيح بيان – جادو جو بيان. سڀني ۾ اثر وارو تقرير ڪندڙ.

– **سِحْرِ سَامِرِيْ:** سامري جادوگر جو علم (جنهن جي زور تي هو سونو گابو ٺاهي سگهيو ۽ حضرت موسيٰ جي برخلاف بني اسرائيل کي برغلايائين).

• **سَخا ج سَخائُوْنْ:** ث. فياضي – بخشش – دان – خيرات.

– **سَخاوَتَ ج سَخَاوَتُوْنْ:** ث. سخا – بخشش – دان – خيرات – فياضي – فراخ دلي – درياهه دلي – ڪشاده دلي.

– **سَخا ڪَرڻُ:** خيرات ڪرڻ.

– **سَخْتُ ج سَخْتَ:** ذ. صفت. (ف). ڏاڍو – سٽاٽو – محڪم – مضبوط. ڪٺن – مشڪل. اوکو – بي رحم – سنگدل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدمزاج. بخيل – كنجوس. ڏاڍو (ضد. نرم) (ظرف). بي حد – نهايت – ازحد – گهٽو.

– **سَخْتَ جان:** ذ. صفت. بي مهر – سنگدل. جنهن جي جان مشكل سان نكري.

– **سَخْتَ جانيُ:** ث. زحمت كشي – جَفاكَشي – برداشت جو مادو.

– **سَخْتَ دِل:** ذ. صفت. سنگين دِل – پٿر دِل – بي رحم – كٺور.

– **سَخْتَ دِلي:** ث. بي رحمي – بي مهري – سنگدلي – كٺورائي. ظلم – سختي.

– **سَخْتَ زَمِينَ:** پكي متي واري زمين. مشكل بحر – قافيه – ردني وغيره.

– **سَخْتِي ج سَخْتِيُون:** ث. كرڙائي – ڏاڍائي – بي رحمي – كٺورائي – مصيبت – تكليف – سنگدلي – تنگي.

– **سَخْتِي كَرَنْ:** ظلم كرڻ – زيادتي كرڻ. تنبيهه كرڻ.

– **سَخْتِيُون ساپ ٹيَنْ:** تكليفون اجايون نه وڇڻ – محنتن جو ڦل ملڻ – پورهيو ساب پوڻ.

● **سُخْتَرَ ج سُخْتَرَ:** ذ. بوٽ يا جُتيءَ ۾ اندر پيرجي بچاءُ لاءِ پيل چمڙو جو ٽكر – پتاوو (ت).

● **سُخُنْ ج سُخُنَ:** ذ. (ف) وائي – كهٽي – چوٽي – كلام. ڳالهه – گفتار – ذكر – گفتگو. تقرير – وعدو – انجام – قول – اقرار – عهد – وچن – هولُ – زبانَ. شعر – نظر.

– **سُخُنْ آفرِينْ:** كلام پيدا كندڙ.

– **سُخُنْ آوَرْ ج سُخُنْ آوَرَ:** ذ. [ف. سُخُنْ + آوَرْدَنْ = آڻڻ] خوش بيان – خوش گفتار – زبان آور – شيرين گو – فصيح – بليغ. (تقرير كندڙ).

– **سُخُنْ پَرْوَرْ ج سُخُنْ پَرْوَرَ:** ذ. [ف. سُخُنْ + پَرْوَرْدَنْ = پالڻ] پنهنجي ڳالهه كي وزن ڏيڻ وارو. قول پاڙيندڙ. وعدي وفا.

– **سُخُنْ پَرْوَرِي ج سُخُنْ پَرْوَرِيُونْ:** ث. وعدي وفائي.

– **سُخُنْ چِينِي ج سُخُنْ چِينِيُونْ:** ث. ڳالهه جي ڪٽپ. گفتي جي چوند.

– **سُخُن دانْ ج سُخُنْدانَ:** ذ. [ف. سُخُنْ + دانستن = ڄاڻ] شعر چوندڙ – شاعر – ناظر – سخن گو.

– **سُخُنْدانِي ج سُخُنْدانِيُونْ:** ث. خوش بياني – فصاحت. شاعري.

– **سُخُنْ ڈِيڻْ:** انجام ڏيڻ – اقرار ڏيڻ – وعدو ڏيڻ. گار ڏيڻ – خراب الفاظ ڪيڻ.

– **سُخُنْ رَسْ:** [ف. سُخُنْ + رسيدن = پهچڻ] ڳالهه سمجهندڙ ۽ سوچيندڙ – هوشيار – سمجهدار – تيزفهم.

– **سُخُنْ سازْ ج سُخُنْ سازَ:** ذ. [ف. سُخُنْ + ساختن = ٺاهڻ] شاعر – سُخن گو – خوش تقرير – فصيح. مكارُ – عَيارُ.

– **سُخُنْ سازِي ج سُخُنْ سازِيُونْ:** سخن گوئي. بيان بازي.

– **سُخُنْ سَنْجْ ج سُخُنْ سَنْجَ:** ذ. [ف. سُخُنْ + سنج = ماپيندڙ] سخن سنواريندڙ. گفتي جي تور تڪ ڪندڙ.

– **سُخُن شُناسْ:** ذ. [ف. سُخُنْ + شناختن = سڃاڻڻ] ڳالهين جو جوهري – سخن جو قدردان. كلام كي سمجهندڙ.

– **سُخُنْ شُناسِي:** ث. كلام كي سمجهڻ جو فهم. سخن جي قدرداني.

– **سُخُنْ طَرازْ ج سُخُنْ طَرازَ:** ذ. شاعر – كَويُ.

– **سُخُنْ طَرازِي:** ث. شاعري.

– **سُخُنْ فَهْمْ:** ڳالهه سمجهندڙ ۽ سوچيندڙ – هوشيار – سمجهدار – تيز فهم.

– **سُخُنْ فَهْمِي:** ث. سخن كي سمجهڻ جو فهم.

– **سُخُنْ كي سينگارڻ:** نظم ۾ رنگيني پيدا كرڻ – شعر ۾ صنايع آڻڻ – كلام ۾ نازڪ خيالي ڏيكارڻ.

– **سُخُنْ گُوْ ج سُخُنْ گُوْ:** ذ. [ف. سُخُنْ + گفتن = ڳالهائڻ] فصيح – خوش بيان – خوش گفتار.

– **سُخُنْ مَلْڻْ:** گاريون ملڻ.

– **سُخُنْ وَرْ ج سُخُنْ وَرَ:** ذ. [ف. سُخُنْ + وَرْ] فصيح – خوش بيان – خوش گفتار.

– **سُخُنْ وَرِي:** خوش بياني – فصاحت. شاعري.

● **سَخِي ج سَخِي:** ز. (ع) ڏاتار – فياض – فراخ دل – درياه دل – كشاده دل – خدا جي نالي تي ڏيندڙ – سخاوت كندڙ.

● **سَدَ ج سَدَوْنْ:** ث. [ع. صد]. روڪ – آڙ – آڏ. اوٽ – پردو – ٻن شين جي وچ ۾ حائل شيءِ.

– **سَدَّ بابْ:** كنهن ڳالهه تي قطعاً روڪ.

– **سَدَّ بابْ كَرَنْ:** روڪڻ – بند كرڻ.

– **سَدَّ راهْ:** رستي جي روڪ.

– **سَدَّ راهَ ٹيَنْ:** روڪ ٽيڻ – مزاحم ٽيڻ – آڏ ٽيڻ – حائل ٽيڻ. وچ ۾ اڙ ٽيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سَدّ سِکَنْدَرْ:** اسر خاص. سکندر جي ٺهرايل هڪ ديوار.
– **سَدّ يَاجُوجْ:** اسر خاص. سَدّ سِکندرَ.
• **سَد:** ظرف. [سن. سدا = سدائين] سدائين – هميشه.
• **سِدّ** ج **سِدَ:** ذ. سمند جو جانور. مَنگر جو هڪ قسر. رنگ گاڙهيڙو. منهن تمام سنهو. پاسن وارا ڦنگ سنها. پڇ سنهو ۽ ڊگهو. ڏيگهه هڪ کان ڇهن فوٽن تائين.
• **سِدِ** ج **سِدُوْنْ:** ث. سِدّ – سنوت – سڏائي.
• **سَدا:** ظرف. سدائين – مدام – نِتَ – هر وقت – هاروهي – دائر.
– **سَدابَهارْ:** هميشه سرسبز رهندڙ – سدا سائو – مدامي بهارُ – بي خزان – دائمي ٽڙيل گُل. فقيرن جي هڪ سَيْن جا الفاظ.
– **سَدا سُهاڳْ:** گل جو هڪ قسر. عورت جو مڙس جيئرو هئڻ واري حالت.
– **سَدا سُهاڳِنْ** ج **سَدا سُهاڳِڻِيُوْنْ:** ث. زنده مڙس واري زال. گل جو هڪ قسر.
– **سَدا سُهاڳِيْ** ج **سَدا سُهاڳِڻِيُوْنْ:** ث. هميشه خوش. هميشه مڙس واري.
– **سَدا سُهْڻُو** ج **سدا سُهْڻا:** حسين – حسن وارو. محبوب – معشوق.
– **سَدا ڦُلْ** ج **سَدا ڦُل:** ذ. هميشه ڦر ڏيندڙ وڻ – سال بسال ڦر ڏيندڙ وڻ.
• **سَدا گُلابْ:** ذ. گلاب جي گل جو هڪ قسر، هارهوئي ٽڙندڙ. خوشبودار سڳداسي سارين جو هڪ قسر. جوئار جو هڪ قسر.
– **سَدا مَدا:** ظرف. هميشه ـ سدائين – هارهوئي.
– **سَدائِيْنْ:** ظرف. سدا – هميشه ـ نِتَ – اٿهين – هر دم – دائر – مدام.
– **سَدائِيْنْ سَرْسُ سَرِ ٿِيَنْ:** هر وقت سوياروٿيڻ – سدا کامياب ٿيڻ – سدائين فتحمندي حاصل کرڻ. هميشه بخت وارو هئڻ.
• **سَدْ آچارِيْ** ج **سَدْآچارِيْ:** ذ. صفت. نيڪ لڇڻ وارو – سڀي هلت وارو – سڀي جلت وارو – چڱي ورتاءِ وارو – اشراف.
• **سَداوَتَ** ج **سَداوَتُوْنْ:** ث. محبت. دوستي. (ضد. عداوت).
• **سِدْرَةُ الْمُنْتَهيٰ:** اسر خاص. ستين آسمان تي بير جو هڪ وڻ. حضرت جبرئيل جو مقام. بهشت جو هڪ وڻ.

• **سِدِ روکوْ** ج **سِدِ روکا:** ذ. سمجهو – ڏاهو – عقل وارو.
• **سَدِکارِ** ج **سَدِکارُوْنْ:** ث. سڀي طعام کائڻ بعد پاڻي پيڻ کري ٽيل آرس.
• **سُدَگاسِيْ:** سُڳداسي.
• **سَدِ گُنْ** ج **سَدِ گُنْ:** ذ. صفت. اهل هنر – صاحب هنر – عمدين صنعتُن جو شوقين. چگو – سڻو – اوگهو – موچارو – نيڪ.
• **سَدورُوْ** ج **سَدورا:** ذ. صفت. سياڻو – بختاور – وَڏَ ياڻو – ياڻن پريو – لاکيٽو. (اسر خاص) ماڻهوءِ جو نالو. (ث. سَدورِيْ ج سَدورِيُوْنْ).
• **سَدُوْرِيْ:** اسر خاص. هڪ جبل جو نالو. زال جو نالو. مانڌاڻي.
• **سَدُوسَدِيْ:** ظرف. سدائين – هميشه.
• **سَدِيْرو** ج **سَدِيْرا:** ذ. منگر مڇ جو هڪ قسر، رنگ سفيد، پک اڇا، قد هڪ کان ٻه فوٽ، کائڻ ۾ لذيذ – سِدْ جو ٻچو.
• **سَدَّ** ج **سَدّاوْنْ:** ث. خواهش – ذوق – چاهه – دل – مرضي – تمنا – آرزو – منشا. دل جي مراد – مقصد – سڏائڻ – سڏ کرڻ.
– **سَدّارو** ج **سَدّارا:** ذ. صفت. سَدّاوارو – خواهان – خواهشمند – شائق – سَدّائتو.
– **سَدّائتو** ج **سَدّائتَا:** ذ. صفت. خواهان – آرزومند – مرضي وارو. (ث. سَدّائتِيْ ج سَدّائتِيُوْنْ)
– **سَدّڙيو** ج **سَدّڙِيا:** ذ. صفت. سکٽي خواهش کندڙ. (ث. سَدّڙِيْ ج سَدّڙِيُوْنْ).
– **سَدَّ کَرڻْ:** مرضي ڏيکارڻ. دل ٽيڻ.
• **سِدَّ:** رسيلُ – کامل – سالم – سڃار – سڃو – سپتيو – پکو ڏاڏو – صحيح سالم.
• **سِدّ** ج **سِدّ:** ذ. [سن. سِدْ = سنت] مهاتما – جادوگر – ساحر – سڏائي – هڪجهڙائي – هموار.
• **سِدّ:** ذ. صفت. پورو. سرانجام.
– **سِدّ ٿِيَنْ:** حاصل ٽيڻ (سامي جا سلوڪ ۲۲۵).
– **سِدّ ڏِيَنْ:** مڃڻ – حال تي هلڻ (۳۰۴).
– **سِدّ کَرڻْ:** پورو کرڻ – ختم کرڻ. پهچائڻ – ساڏڻ – رسائڻ – پڄائڻ. تمام کرڻ – سرانجام کرڻ – راس کرڻ – نبيرڻ – سمپورن کرڻ. حاصل کرڻ. مقدس. بحال کرڻ – پکو کرڻ. سِڌو پنڌ کرڻ – وڇوُنْ ڪنڊ.

• **سِڌائيْ ج سِڌائِيُوْنْ:** ث. جادوءَ جو علم – ڪامڻِ ـ جوتش – جادوگري.

• **سُڌِ ج سُڌُوْنْ:** ث. خبر – علم – معلومات – آگاهي – ڄاڻ – ڪَلَ. سَمڪَ – پروڙَ. سمجهه – اِدراڪُ – سُرت. خبرچار – سماچار – ڳالهه – واءِ ساءِ – حقيقت – واقفيت – احوالُ.

– **سُڌِ بُڌِ:** ث. واقفيت – خبرچار. هوش و حواسُ – عقل شعور (ظرف). گويا – جٽڪ. صورت نموني وغيره ۾ هڪجهڙو – پورو پورو – تُـرُ – هوبهو – عَينِ بَئِن – ساکيات.

– **سُڌ بُڌِ نہ رَهڻ:** ڪابه خبر نه رهڻ – هوش حواس نه رهڻ.

– **سُڌ بُڌ وَٺڻ:** خبرچار وٺڻ خبر گيري ڪرڻ – حال احوال وٺڻ.

– **سُڌِ بُڌ هُجڻ:** خبر هجڻ – علم هجڻ – واقفيت هجڻ – حرف شناسي هجڻ. هوبهو هئڻ – عَئِنْ بَئِنْ هئڻ.

– **سُڌْ بُڌ:** ظرف. سچ پچ – واقعي. هوبهو – اصل ان جهڙو. عَئِنْ بَئِنْ – تُـرُ – ساکيات – پورو پورو. جٽڪ – گويا. جائي – حقي.

– **سُڌِ ڏِيڻ:** احوال ڏيڻ – خبرچار ٻڌائڻ – جواب ڏيڻ. ملڻ.

– **سُڌِ رَکڻ:** خبر رکڻ – خيال رکڻ – ڏيان رکڻ.

– **سُڌِ لَهڻ:** جاچڻ – خبرچار لهڻ – سَماءُ لهڻ. پيرو ڪرڻ – معلوم ڪرڻ. هٿ ڪرڻ – تحقيقات ڪرڻ. ڳولڻ – ڦولڻ – دريافت ڪرڻ – چڪاس ڪرڻ. هٿ ڪرڻ. خبرداري ڪرڻ – پرگهور لهڻ – پرداخت ڪرڻ. سيکت ڏيڻ – خبر وٺڻ.

– **سُڌِ وَٺڻ:** خبر وٺڻ – خبر رکڻ – خبر گيري ڪرڻ. ڏيان رکڻ. سيکت وٺڻ – سُڌِ لهڻ – هاڃ وٺڻ.

– **سُڌِيائتو ج سُڌِيائتا:** ذ. صفت. آگاهه – سريتو – سرتيتائتو – هوشائتو – سمجهو – ساگو واگو – سياڻو – سچيت.

• **سِڌا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سُڌاتُورو ج سُڌاتُورا:** ذ. صفت. [سُڌا = چگو + تورو = تور وارو. نسبت وارو] سلجهيو – خوش اطوارُ – شائستو – ڳٽن وارو – چگي سياءِ وارو – سياڻو – نيڪ خصلت – نيڪ عادت – لڪٽن وارو. (ضد. ڪُڌاتورو).

• **سِڌارَڻ:** مصدر. وفات ڪرڻ – وصال ڪرڻ – مري وڃڻ. روانو ٿيڻ – رخصت ٿيڻ – وڃڻ – ڇڏي وڃڻ – "سنجهي ساڻ سڌاريو. پنهون پچان پوءِ ٿي" (شاهه).

• **سُڌارَڻ:** مصدر. [سن. شُدّ = صاف ڪرڻ] سنوارڻ – درست ڪرڻ – مرمت ڪرڻ. ٺاهڻ – بنائڻ – جوڙڻ. ترتيب سان رکڻ – سوڌڻ – اصلاح آڻڻ – درستي ڪرڻ – تنبيهه ڏيئي چگو ڪرڻ.

– **سُڌارُ ج سُڌارَ:** ذ. سڌارو – اصلاح – ترقي – ٺاهه ٺوهه – سنوار – (ذ. صفت). ٺاهيندڙ – سڌاريندڙ.

– **سُڌارَڪُ ج سُڌارَڪ:** ذ. سُڌارو ڪندڙ – ترقي پسند – اصلاح پسند.

– **سُڌارُ ڳَـرُ:** خبرداري ڪرڻ – پرگهور لهڻ – سنبال ڪرڻ – نهوڙڻ – پرداخت ڪرڻ. اصلاح آڻڻ – ترقي ڪرڻ. ٺاهه ٺوهه ڪرڻ – بندوبست ڪرڻ. جوڙجڪ ڪرڻ.

– **سُڌارو ج سُڌارا:** ذ. بهتري – اصلاح – ترقي – بهتري – واڌارو – سنوار. چگو ڪر – سٺو ڪر.

• **سُڌان (ث):** ذ. ڪٽڪ ۽ جانورن جو اَنُ.

• **سِڌانْتْ ج سِڌانْتَ:** ذ. [سن. سڌانت] اصول – متو – حاصل مطلب. دليل ڪانپوءِ ثابت ڪيل سچ.

• **سِڌَائُ:** مصدر. روانو ٿيڻ. "سنجهو تارن ڪين ڪي، صبح سڌائا".

• **سِڌايا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سِڌ ٻالو ج سِڌَ ٻالا:** ذ. ڪرائيءِ ۾ پائڻ جو هڪ زنانو زيور.

• **سَڌَرُ ج سَڌَرَ:** ذ. صفت. [سن. س = چگو + ڌر = آڌار] جبرو – جانڙو – قوي – جُنگ. جهالو – پڪو – جاڏو – ڏَڪُ – متارو – دَمتالُ. پهلوان – بهادر ـ شاهوڪار – دولتمند. اڳواڻ سردار.

• **سُڌَرَڻُ:** مصدر. چگو ٿيڻ – نيڪ ٿيڻ – سٺو ٿيڻ. بيماريءِ ۾ اپرڻ. اگهه چڙهڻ. سگهر ٿيڻ. درست ٿيڻ – ٺيڪ ٿيڻ. صحيح هئڻ.

– **سُڌَرِيلُ ج سُڌَرِيل:** ذ. صفت. سلجهيو – خوش اطوار – نيڪ – سکر – شائستو – لائق – وڙائتو – تهذيب يافته. درستي ڪيل – اصلاح ڪيل – سنواريل.

• **سِڌْرِيْ (ٿنڊ):** ث. پَن جو تڏو.

• **سِڌ مُوْ ج سِڌ ما (ث):** ذ. پُڄندي وارو. مددگار.

• **سِڌَڻُ (ث):** مصدر. [سن. سِدّ = پُنو] راس ٿيڻ – پُڄڻ.

• **سِڌُوْ ج سِڌا:** ذ. [سن. سَدّ] سنئون – سودو – سَولو – سامهون – راست باز – صاف دل – کرو – سچو. سٹي وهنوار وارو. ٺيڪ – برابر.

– **سِڌائِيْ ج سِڌائِيُوْنْ:** ث. سنوت – سوڌائي – سِڌاڻ. سَولائي. سٹائي. سچائي – ايمانداري.

– **سِدائِيِ وَڏُ:** ناھ جون ڳالھيون ڪرڻ – عقل واريون ڳالھيون ڪرڻ – ناھ ڪرڻ.
– **سِدُو ڪَرڻ:** سنئون ڪرڻ – رستي تي آڻڻ.
– **سِدِيُ ج سِدِيُون:** ث. صفت. سنئين. ٺيڪ – برابر – درست.
– **سِدِيُ ٻڌائِڻ:** سَولي راھ ڏَسڻ. ٺوس جواب ڏيڻ – اڻ وٽندڙ ڳالھ ٻڌائڻ.
– **سِدِيُ راھ:** سولو رستو – حَق جي واٽ – صِراط الْمُسْتَقِيم – نيڪ راھ.
– **سِدِيءِ طَرَحَ:** سولي ريت – آھستگيءَ سان.
– **سڏيُون ٻڌائِڻ:** صاف صاف چَوڻ – سچ چَوڻ.
• **سَڏُو پوتا:** اسم خاص. ھڪ قبيلي جو نالو.
• **سَڏُوجا:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
• **سَڏوئِيُ:** اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
• **سُڏِيُ ج سُڏِيُون:** ث. گوشت جي مُشڪ – سُنديِ – ھوتي. سھائي – سھائو پَڪ.
• **سُڏِيانُ ج سُڏِيانَ:** ذ. مسئلو – ٺھراءُ – رٽ. جاميتريءَ جو سبق.
• **سُڏِيُرُ ج سُڏِيُرَ:** ذ. صفت. [سن. سڏير = سُ = چگو + ڏيرُ = سياڻو] صابر – ڪمندڙ – ڏيرائتو – بردبار. ڏاھو – اڪابر – سياڻو – سڃيت – سمجھو. (ظرف). خاطر جمع – سامت ۾. سجاڳ.
• **سَڏُ ج سَڏَ:** ذ. [سن. شَبْدَ = ڳالھاءُ – ڳالھ] ڪوٽ – دعوت – ٻڌاڻو – نيندَ – سيھَندَ – ڪانڌِ. طلب – پُڪار. آواز – پرلاءُ – واڪو – رڙ – ڪُوڪ – دانھن – نعرو.
– **سَڏَ تي اَچَڻُ:** دعوت تي اچڻ – وقت تي واھر ڪرڻ.
– **سَڏَ پَنڌَ:** سڏ ڪرڻ جيترو مفاصلو – ٽورو مفاصلو. اٽڪل اڌ ميل ڪَنُ.
– **سَڏُ پَنڌَ ھُئَڻُ:** ٽورو مفاصلو ھئڻ.
– **سَڏُ ڏِيڻُ:** شادي جي موقعي تي راڄ يا برادر کي دعوت ڏيڻ – ڪانڌِ ڏيڻ – نيندَ ڏيڻ. سڏ جو سڏ ڏيڻ. مدد ڪرڻ – سھارو ڪرڻ – وٺائڻ – سھائتا ڪرائڻ – ھمراھي ڪرائڻ – حمايت ڪرڻ – واھر ڪرڻ – پٺيرائي ڪرڻ.
• **سَڏُ پِري وَڃَڻُ:** ڪم پورو ڪرائڻ – ڪنڌ نہ ڪيڻ.
– **سَڏُ سَلُوءُ ج سَڏَ سَلُوءَ:** ھڪل ھوڙ. ڪم ڪار.
– **سَڏَ ۾ سَڏُ ڏِيڻُ:** مھل سر ڪم اچڻ – ھڪل سان حاضر رھڻ.
– **سَڏُ وَھيٽُو ج سَڏُ وَھيٽَا:** ذ. ڪوٽ تي حاضر ٿيڻ وارو. ھمراھ – مددگار – واھرو – حِمايتي – تلھدار. مليل ھئڻ.
– **سَڏُ ھُئَڻُ:** سَڏُ مليل – دعوت پھتل ھجڻ.
• **سَڏائِڻُ:** مصدر. ڪوٽائڻ – گھرائڻ – سڏڪرائڻ – طلب ڪرڻ. جوائڻ – آڪائڻ.
• **سَڏِرِيُ ج سَڏِرِيُون:** ث. تلوار جي پُٺ. ابتي ترار – پٽيري ترارَ.
• **سُڏِڪُ:** مصدر. ڏُسڪڻ – روئڻ ـ تکا تکا اُپا ساھ ڪڍڻ – نيساڏا پرڻ – ڦٽڪڻ.
– **سُڏِڪارَ ج سُڏِڪارُون:** ث. روئڻ جو آواز – سُڏِڪو – ڏُسڪو.
– **سُڏِڪو ج سُڏِڪا:** ذ. روئڻ جو آواز – ڦٽڪو – ڏُسڪو – ڏُسڪارَ – سَڏڪارَ.
– **سُڏِڪا پَرَڻُ:** ڏُسڪڻ وقت اپا ساھ ڪڍڻ.
• **سَڏُ:** مصدر. ڪوٽڻ. طلب ڪرڻ. نالو ولي پڪارڻ – دعوت ڏيڻ – ماني جو چوڻ. پاڻتي آڻڻ.
• **سَڏُو ج سَڏا:** ذ. سَڏُ – ڪوٽ – گھر.
– **سَڏُو ٿِيَڻُ:** سَڏُ ٿيڻ – ڪوٽ ٿيڻ. شادي جي دعوت ملڻ. موت جو پيغام اچڻ. طلب ٿيڻ.
– **سَڏي تي اَچَڻُ:** پيغام تي اچڻ – شادي جي دعوت تي اچڻ.
• **سُڏُو ج سُڏا:** ذ. صفت. نندي منھن وارو.
• **سَڏوھو ج سَڏوھا:** ذ. سبتو ڏھڻ وارو پاسو.
• **سُڏِيُ ج سُڏِيُون:** ث. سھائي – سھائو پک.
• **سُڏِيتُ ج سَڏِيتَ:** ذ. صفت. صحيح – سچو. پورو برابر.
• **سَڏُلُ سَڏُلَ:** ذ. صفت. سھڻي شڪل وارو – ڏولائتو – ناھوڪو – سھڻي ھائي وارو – خوبصورت – خوش وضع – موزون. وٽندڙ – سھڻو – بيھڪ وارو. سھڻو ناھيل – خوش اسلوب.
– **سَڏُولو ج سَڏُولا:** ذ. صفت. بيھڪ وارو – ڏولائتو – ناھوڪو. خوش اسلوب. خوش اندام – حسين – سھڻو – موڇارو.
• **سُڏالُ ج سُڏالَ:** ذ. صفت. نيڪ عادت. سيبتو – سياڻو. (ث. سُڏالَ ج سُڏالَ).
• **سَڏَڻُ (ل):** مصدر. دل جھلي اچڻ – ڪاھ ڪرڻ. سَندڻ.
• **سَرُ:** اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
• **سَرُ (ذ):** مٿو – سِرُ. چوٽي – ڪاميابي. (انگ Sir) سائين جناب – ظرف. سِڏو – سامھون (سر اولھ = سڏو اولھ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرف). متي — چوٽيءَ تي (سَردار = سولیءَ تي). مٿان — اَيو (سَر ڪاپار = ٺيڪ مٿان، منجهند). تي — وقت (سَر مَجلس = مجلس جي وقت).

— **سَر اِجلاسَ:** ظرف. ڪنهن اجلاس جي موقعي تي — ڪورٽ ۾ ـ درٻار ۾ ـ فيصلي جي جاءِ ۾ ـ حاڪر جي روبرو.

— **سَراپا:** ظرف. مٿي کان پيرن تاءِ ـ ننهن کان چوٽي تاءِ. سجو سمورو — اول کان آخر تاءِ ـ سمورو — سربستو. فن شعر ۾. تعريف — حُليه. خلعت.

— **سَرْ اَنْجامَ:** ظرف. پورو — مڪمل. نتيجو — اختتام.

— **سَرْ اَنْجامَ ڪَرڻُ:** بندوبست ڪرڻ — راس ڪرڻ — پورو ڪرڻ — ختم ڪرڻ. انتظام ڪرڻ — سميٽڻ — اڪلائڻ — نبيرڻ — سمورو ڪم ڪرڻ — پڄائڻ، وس رکڻ.

— **سَرْ اَنْجامِيْ ج سَرْ اَنجامِيُوْنْ:** ث. ڪم جي پورائي ۽ تڪميل. پڄاڻي — تمامي — پڄاڙي — انت — انتها — توڙ — چيڙو — خاتمو — چيهه.

— **سَرِ بَازارِ:** ظرف. بازار ۾ ـ عام رستي تي — ظاهر ظهور — اعلانيه. سڏو. سنئون.

— **سَرِ بَامِ:** ظرف. ڪوٺيءَ جي ڪڌ يا ڇت تي. ظاهر ظهور — اعلانيه.

— **سَرْ بَسْتو ج سَرْ بَسْتا:** ذ. پورو — مڪمل — سمورو — سجو — سارو. سپ — ڪُل — سيوئي — سجو — ثابت — سلامت — سالم. پوشيده ـ مخفي.

— **سَرْ بَسَرْ:** برابر. بلڪل — اول کان آخر تاءِ ـ سراسر.

— **سَرْ بَکَفْ:** ظرف. سر تريءَ تي — مرڻ لاءِ تيار.

— **سَرْ بُلَنْدُ:** ظرف. ممتاز — معزز — اعليٰ — اقبالمند — بختاور.

— **سَرْ بُلَنْدُ ڪَرڻُ:** ممتاز فرمائڻ — درجو وڌائڻ — عزت بخشڻ.

— **سَرْ بَلَنْدِيْ ج سَرْ بَلَنْدِيُوْنْ:** ث. اقبالمندي — عزت. فَخر.

— **سَرْ بَمُهْرْ:** صفت. مهر لڳل — قفل لڳل — بند — سيل مهر ٽيل.

— **سَرْ تاپا:** ظرف. مٿي کان پيرن تائين — ننهن کان چوٽي تائين — اول کان آخر تائين.

— **سَرْ ٽيڻُ:** فتح ٽيڻ. مڪمل ٽيڻ — پورو ٽيڻ.

— **سَرْپَرَسْتُ ج سَرْپَرَسْت:** ذ. صفت. حامي — مددگار — نگهبان — محافظ. ميزبان.

— **سَرْ پَنْچ:** ذ. پينچن جو سردار — ميرمجلس — صدر — پريزيڊنٽ.

— **سَرْ پوشْ ج سَرْپوشَ:** ذ. ٽالهي وغيره جو ڍڪ — دستر خوان جو ڪپڙو.

— **سَرْ جوشْ:** ذ. صفت. جوش سان ڪم ڪندڙ — اورچ — ڪوشش ڪندڙ. ڪارڪن. محنتي.

— **سَرْجوشِيْ ج سَرْجوشِيُوْنْ:** ث. محنت — سعيو — ادم — ڪوشش — ڪشالو — اورچائي — اڻ وڻجائي — اَديوگ — ثابت قدمي.

— **سَرِ حَلْقَهْ:** جماعت جو سردار — مهندار.

— **سَرْخُوش ج سَرْخُوش:** ذ. صفت. مسرور. شراب ۾ مست.

— **سَرْخُوشِيْ ج سَرْخوشِيُوْنْ:** سُرور. شراب جو نشو.

— **سَرْخِيلُ ج سَرْخِيلْ:** ذ. قبيلي جو سردار — ڪنهن ٽوليءَ جو سردار — خاندان جو سردار. امير — سالار — آفيسر.

— **سَرِدَسْت:** ظرف. في الحال — هاڻي — هن وقت. فوراً. موجود — حاضر.

— **سَرِ دَفْتَرْ:** دفتر جو سردار — هيڊڪلارڪ کان وڏو عهديدار — دفتردار.

— **سَرْزَنْش:** ث. ملامت — ڏڪار — ڪٽڪار — گهٽ وڌ ڳالهاءِ.

— **سَرْ زورُ ج سَرْزَوْرْ:** ذ. ڏاڍو — زور آور — سرڪش. اراوندو — وَڻنڪو — شتر بي مَهارُ — پاڻ مرادو — پاڻ زورو — اَڇهل — بي چيو — نافرمان — نٽر — هوڏي — اٿوٽو — شدتي. نجس. ڪَدِي — نرجو — نرجو — اهند. فسادي.

— **سَرْ سَلْمَهْ:** مٿي ۾ تنگ ڪرڻ. متو ڪپائڻ.

— **سَرْ قَلَمْ ڪَرڻُ:** سرجدا ڪرڻ — قتل ڪرڻ.

— **سَرْ ڪَرڻُ:** فتح ڪرڻ — جيتڻ — شڪست ڏيڻ. شروع ڪرڻ — آباد ڪرڻ — خوش ڪرڻ. مڪمل ڪرڻ. داغ ڏيڻ. فير ڪرڻ. ڏڪائڻ.

— **سَرْ ڪوبِيْ ج سَرْ ڪوبِيُوْنْ:** ث. گوشمالي — سزا — مار.

— **سَرْ لَوائڻُ:** سرجي بازي ڪيڏڻ.

— **سَرْ گِرانِيْ ج سَرْ گِرانِيُوْنْ:** ث. مٿي جو بار. تڪليف. مٿي جو سور.

— **سَرِ گَرْدانْ:** ظرف. منجهيل — حيران — پريشان — وائڙو. ڪڪ — بيزار. بِڇتيو.

— **سَرْ گَرْدانِيْ ج سَرْ گَرْدانِيُوْنْ:** ث. حيراني — پريشاني —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آوارگي – رولو – مونجهارو – جنجل. دِقت – تشويش – فكر. بيزاري. بچتائي.

– **سَرَ مَغْزِيُ:** تمام گهٽو فكر. بك بك. بكواس – بي فائده مغززني.

– **سَرِ نَمائڻُ:** آڻ مڃڻ – پيش پوڻ. سجدو كرڻ.

– **سَر نَوُ:** ذ. ظرف. نئون – جديد – هاڻوكو – تازو آيل – تازو ٺهيل. نيٽن سر – وريُ – ٻيهر – ٻيو دفعو.

– **سَرِ نوشْتَ** ج **سَرِ نِوِشْتُونْ:** ث. نراڙ جو لكيو – تقدير جو لكيو – نصيب – قسمت – پاڪُ. حكم ازلي – قضا.

– **سَرْ وَجهْ:** مساڻ تائين جنازي سان گڏ وڃڻ. مصيبت ۾ ڪاسٽ. خاتمو ٽيڻ.

– **سَرْ هُجَڻُ:** فتح پائڻ. حاكم ٽيڻ. مٿانهون هجڻ – افضل هجڻ. سچو هجڻ. تيار هجڻ – ملڻ (گهوڙي جو گهوڙيءَ سان).

• **سَرَ** ج **سَرُونْ:** ث. موتين جي لڙهي – موتين مڙهيل سڳو – ڪَناكن جي لَڙهه يا پائو – گَجَ جي پَرت جو هڪ قسم (ڪ). اُٺ جي بغل جي وڃارو وڏيل گوشت. ڪج ڪوڏين جي جهالر واري اوڇيدار چني.

• **سِرُ** ج **سَرَ:** ذ. [سن. شَرُ = ڪاني جو قسم] ٻوڙي جو قسم. سر جي ڪاني مان ٺهيل تير. ٻاڻ – تير – ٽينگر – پيلو. "سر جو سجيو سڃٽين ٻنگان پري ٻاڻ" (شاهه) كير جي پيڇيءَ جو مٽيون تهه. ڪانج جو وَكَرُ. (صفت) سڌو (سر ڏكڻ = سڌو ڏكڻ)

• **سِرَ** ج **سِرُونْ:** ث. [سن. شِلا = سِرَ] پكي چيڪي مِٽيءَ جو چورس يا ڪعب ٽكر – پتين ٺاهڻ ۾ فرش وغيره ۾ ڪم ايندڙ. پينگهي جي ڪائي، جنهن ۾ گهوڙي ۽ ٽنگون پَون. سَرَ جي ڪاني جي كلن واري ڪُت.

– **سِرَ بَنْدُ** ج **سِرَبَنْدَ:** ذ. سرون ٺاهيندڙ – سرون وجهندڙ.

– **سِرَ سِرَ كي ڏ مِرَڻ:** عمارت كري پوڻ – محل ويران ٽيڻ – شهر غرق ٽيڻ. تباهي ٽيڻ – ويراني ٽيڻ.

• **سِرِ:** ظرف. ڏي – وٽ – ڏانهن – تي اُتي – مٿي ـ ۾. اڳيرو – اڳتي. ويجهو – لڳ – پر ۾ (پهچڻ). سان. بابت.

• **سِرِ** ج **سِرَ:** ذ. [ع. سِر = اسرار] ڳجهه – راز – پيد – مَنجهه – اَنت. وِچ – سُرُ – پيٽ – پوشيدگي. حيرت. خوشي.

• **سِرُ** ج **سِرَ:** ذ. [ف. سَر] بدن جو هڪ عضوو – مٿو – سِري – سِسي. منڊي. ابتدا – شروعات.

– **سِرُ اُڏائڻُ:** سرُ قلم ڪرڻ – سِسي لاهڻ.

– **سِرَافِكَنْدَگيْ:** نياز – تواضع. سجدو.

– **سِرُ بَچائڻُ:** خطري جو بچاءُ ڪرڻ – حياتي جي سلامتي جي ڪوشش ڪرڻ.

– **سِرَ بَخْتَ جوْ خِيرَ هُئُنْ:** جان مال جو خير هئڻ.

– **سِرُ بَدَرَ ڪَرائڻُ:** مٽو ڪوڙائڻ – گنجو ٽيڻ – ٽوڙهو ٽيڻ – روڏو ٽيڻ.

– **سِرَ تانْ بلا تارَڻُ:** ڪنهن مصيبت كان نجات حاصل ڪرڻ – جند ڇڏائڻ.

– **سِرُ تِريْ تي جهَلْڻُ يا رَكْڻُ:** ڪنهن ۾ جوكي سهڻ لاءِ تيار رهڻ.

– **سِرَ تي اَچڻُ:** قريب پهچڻ – نزديڪ هجڻ. مٿان اچڻ.

– **سِرَ تي پَوَڻُ:** مٿان بوجو پوڻ – ذميداري پوڻ. آفت پوڻ.

– **سِرَ تي رَكْڻُ يا ڪَرَڻُ:** پاڻ تي هموار ڪرڻ.

– **سِرَ تي سَهْڻُ:** برداشت ڪرڻ.

– **سِرَ تي سهْرا بَڌَڻُ:** گهوٽ ٽيڻ – شادي ڪرڻ. ڪنهن ڪم ۾ فتح حاصل ڪرڻ.

– **سَرَ تي سَهْرا هُئُنْ:** سِرَ تي سهرا بڌڻ – گهوٽ ٽيڻ. ذميدار هئڻ. فتح حاصل ڪرڻ.

– **سِرَ تي كَفَنُ بَڌَڻُ:** هر وقت مرڻ لاءِ تيار رهڻ – مرڻ كان پوءِ جو سامان ساڻ ركڻ.

– **سِرَ تي وَجِيْ پَوَڻُ:** ڪنڌ تي وڃي ڪڙڪڻ – بارُ بنجڻ. ڪنهن كان مفت ڪاڏو پيتو حاصل ڪرڻ.

– **سِرَ تي وَسائڻُ:** بارُ ڪٽڻ – ذمو داري ڪٽڻ – جوابداري ڪٽڻ.

– **سِرَ تي هَٿُ ڦيرَڻُ:** پيار ڪرڻ – قُرب ڏيڻ – دلاسو ڏيڻ – مهرباني ۽ سان پيش اچڻ.

– **سِرَ جوْ سينهوُنْ:** آدر ڏيندڙ – ساٿ ڏيندڙ.

– **سِرَ جِيْ سَتَ** ج **سِرَ جُونْ سَتُونْ:** ث. خود قرباني. انتها درجي جي ڪوشش.

– **سِرَ جِيْ لَڳَڻُ:** پنهنجي حياتيءَ جو اونو هجڻ – پنهنجي ساهه جو خطرو هجڻ.

– **سِرُ جهُكائڻُ:** ڪنڌ هيٺ ڪرڻ. شريف ٿي رهڻ. شرم يا غيرت كان گردن جهكائڻ. مڃڻ – تسليم ڪرڻ – فرمانبردار رهڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سرُ جهُکَڻُ:** شرمنده ٿيڻ – سرُ جهُکائڻ.
– **سرُ چٽَڻُ:** ميت ۾ سينڊر گڏي ڪنوار جي سِر تي چٽَ ڪيڊ.
– **سرِ ڇَڏَڻُ:** روبرو يا مقابل ٿيڻ – سَنمڪ ٿيڻ. منهن مقابل ٿيڻ.
– **سرُ ڏيڻُ:** قربان ٿيڻ – نثار ٿيڻ – جان جوکي ۾ وجهڻ – فدا ٿيڻ – جان ڏيڻ لاءِ تيار ٿيڻ – خون ڏيڻ – موت ۾ وڃڻ – مرڻ.
– **سرِ ڏوَ سَهائڻُ:** سرُ تريءَ تي کڻي بيهڻ – جان جي بازي لڳائڻ. برهه جو بار مٿي تي کڻڻ – محبت جي ميدان ۾ قدم رکڻ.
– **سِرَسانْ:** ظرف. پاڻ سان گڏ – جان سان – ساهه سان.
– **سِرَسانْ ڪَفنُ بَڌَڻُ:** جان جوکي ۾ وجهڻ – مرڻ لاءِ آماده ٿيڻ – سِرَجي بازي ڪرڻ.
– **سِرَ سان لَڳَڻُ:** ڪنهن وڏي تڪليف ۾ اچي ڦاسڻ – ڏکيو وقت ڏسڻ.
– **سرُ سَلامَتْ هُجَڻُ:** جان برقرار هئڻ.
– **سرُ سُٿڻُ ج سِرَ سُٿا:** ذ. صفت. بي آرام – سُک سُٿو – بي تاب – ترٿريو – ڦٽڦٽيو – چلولو – چترو – کيچلو.
– **سرُ قَلَمُ ٿيڻُ:** سسي لهڻ – قتل ٿيڻ – خون ٿيڻ.
– **سرُ قَلَمُ ڪَرڻُ:** مارڻ – خون ڪرڻ – قتل ڪرڻ – سسي لاهڻ.
– **سرُ ڪائڻُ:** اجايو مغز هٽائڻ – مٿو ڪائڻ – مغز ڪائڻ – گهٽو ڳالهائڻ – بي فائدو بڪوات ڪرڻ. پچ پچ ڪرڻ – تنگ ڪرڻ – ستائڻ.
– **سرُ ڪپائڻُ:** پاڻ کي اجائي مصيبت ۾ وجهڻ – ڪنهن ڪم ۾ فڪر ڪرڻ – ڪنهن سخت ڪم ۾ مصروف رهڻ. دق ڪرڻ – ڪک ڪرڻ – بيزار ڪرڻ – اڪائڻ. مٿو هٽڻ. سمجهائڻ – ڪوشش ڪرڻ.
– **سِرَ ميرُ ج سِرَ ميرا:** ذ. صفت. تڙ وارو – مٿي ميرو. جنبي.
– **سِرَ وَنڊِي:** ث. اُهو اُجورو جو زمين تي ڪم ڪرڻ جي عيوض ملي (فصل جي پيدائش ماڻهوءَ کي هڪ اُٺ يا ٻن ڏڪڻ جي پٽي برابر سمجهيو ويندو).
• **سِرُ:** باز جي اوگر. اوگر جو ڳوڙهو جيڪو وات ۾ اوڳاڇي.
– **سِرِ سنيالُ:** باز جو اوگر اوڳاڇڻ.
• **سُرُ ج سُرَ:** ذ. [سن. سْوَرَ = آواز] سُريلو آواز. علم موسيقيءَ مطابق آواز جي هيٺاهين ۽ مٿاهين، ستن درجن ۾ ورهايل آهي: (۱) دل مان نڪرندڙ آواز مور جهڙو (۲) پيٽ مان نڪرندڙ آواز پپيهي جهڙو (۳) ڇاتيءَ مان نڪرندڙ آواز رِڍ جهڙو (۴) معدي مان نڪرندڙ آواز ڪُڪڙ جهڙو (۵) قلب مان نڪرندڙ آواز ڪوئل جهڙو (۶) گلي مان نڪرندڙ آواز ڏيڏر جهڙو (۷) دماغ مان نڪرندڙ آواز هاٿيءَ جهڙو. مٺو آواز – آلاپ – تنوار. ڏَنَ – لئي. آواز جو ڍنگ – نمونو – طرز. خبر – علم – ڄاڻ. حقيقت – مطلب. اشارو – مام – ڳجهه.
– **سُرائتو ج سُرائتا:** ذ. صفت. سُر وارو. ڏسڻ جهڙو. ڪمائتو. ڇڪي حال وارو. چڱو – سُٻو.
– **سُرَ پائِي ٿيڻُ:** هڪ صلاحو ٿيڻ – رازدار ٿيڻ.
– **سُرَ جهالائتو ج سُرَ جهالائتا:** ذ. ڳالهه ڪي ٽيڪو ڏيندڙ – تائيد ڪندڙ. راز ڄاڻندڙ.
– **سُرَ جهلو ٿيڻُ:** ٽيڪو ڏيڻ – پٺيرائي ڪرڻ.
– **سُرُ ڏِيڻُ:** ڳجهي خبر ڏيڻ – مخفي اطلاع ڏيڻ – راز بيان ڪرڻ.
– **سُرَسان سُرَ مِلائڻُ:** ها ۾ ها مِلائڻ. فسادن ۾ مددگار هجڻ.
– **سُرُ ڪامودُ:** شاهه جي رسالي جي هڪ سُرَ جو نالو. تماچي ۽ نوريءَ جي آکاڻي وارو.
– **سُرُ ڪَلْيانُ:** شاهه جي رسالي جي هڪ سُرُ جو نالو.
– **سُرُ لَهُنُ:** انت لهڻ – ڳجهه معلوم ڪرڻ. "شريعت جو سُرُ لهي، تن تيائين تار".
– **سُرُ مِلائڻُ:** هار موني وغيره جي سُرَ سان ٻڌي ساز جو سُر مِلائڻ – وڄت سان تان مِلائڻ. ها ۾ ها ڪرڻ – پاسو جهلڻ – ڳالهه کي ٽيڪو ڏيڻ – پٺيرائي ڪرڻ.
– **سُرُ وِديا:** موسيقيءَ جو علم – راڳ جو علم.
• **سَراجَ سَرائُونْ:** ث. گهر – جاءِ ـ حويلي – مڪان. مسافرن جي رهڻ جي جاءِ ـ مسافرخانو – مهمان سراءِ.
• **سَراب:** ذ. ڪلر يا واريءَ زمين. ٻن پهرن مهل پاڻيءَ جو ڏيکاءُ ڏيندڙ رُڃَ. ڏوڪو – معدوم – نابود.
• **سِراپُ ج سِراپ:** ذ. [سن. سوراپن = ڪَيْفُ] ڊپُ – ڊڄُ – خوف – پَوُ ڏَرُ – اُدڪو. خمارُ – ڳَهَرَ. "سپ نہ ماري سَپَ جو سِراپُ ماري".
– **سِراپجَڻُ:** خوف ۾ پرجڻ. پٽجڻ. بد دعا ملڻ.
• **سِراجُ ج سِراجَ:** ذ. [ع. سراج = ڏيئو] ڏيو – چراغ.
• **سُراڇو ج سُراڇا:** ذ. صفت. نمڪين – لوڻ وارو – سلوٽو.

(ث. سُراڇي ج سُراڇيُون).

– **سِرادیو:** اسم خاص. ٽري جهنگلي ٻُوٽيءَ جو هڪ قسم.

• **سَرادَ ج سَرادَ:** ذ. [سن. شرادّ = بزرگن جي شيوا] مُئي جي ماني – هندن ۾ مائٽ جي موت تي ٻانيٽ کي ڪرائڻ جي رسم.

• **سَرارو ج سَرارا:** ز. صفت. سڌوئي سڌو – سڌ واٽرو – سنئون سڌو.

• **سِرارو ج سِرارا:** ذ. سِراڙو. پٽر – روهي – سِرَ.

• **سِراڙو ج سِراڑا:** ذ. گهوڙي جو تکي پڇڙ وارو پنڌ. پڇ ۽ ڏوڙ ۾ تکائي چوڪرو – سر ميدان. وِ ڪُ – ٻرانگهه – ٻلانگهه. "جي ساهڙ جون سونهيون سير سراڙو تن کي" (شاهه).

• **سَراڙِيْ:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَرازُ ج سَرازَ:** ذ. چمڙي تي سون يا چانديءَ جي مڙهت ڪندڙ. موچي – سوچي. وڏو هنرمند – پڙڪاريگر.

• **سَرازِکو ج سَرازِکا:** ذ. صفت. سرازن جو – سوچڪو – موچڪو.

• **سَراسَرْ:** ظرف. (ف). سريسر – يڪ لخت – سجوئي – نپٽ – اصل – بلڪل – پٽيءَ – تمام. منڊ کان چيڙي تائين.

• **سَراسِرِيْ ج سَراسِرِيُوْنْ:** ث. مختلف ۽ گهٽ وڌ اسمن جو هڪ جيترو ورهاڱو – هڪ جيتري ورهاست وُجوڻ – وَهَ – مختصر – ترچي. نسبت. واجبي حصو – حصيَ رسد – حصي پاڳي. پرماڻ – انداز – مقدارُ – پيشاني جو هڪ زيور. جلدي.

• **سَراسِيمَهْ:** صفت. (ف) حَيران – پريشان – وائڙو – موگهو. گهبرايل – بيقرارُ. هَڪو بَڪو.

– **سَراسِيمَگِيْ:** ث. پريشاني – حيراني – بدحواسي.

• **سُراغَ ج سُراغَ:** ذ. (ع) ڳولا – جاچ – پيرو – تلاش – جستجو – کوج. نشان – ڏس پتو.

– **سُراغَ رَسانْ ج سراغَ رَسانَ:** ذ. [ف. سراغ + رسان > رسيدن = پهچڻ] پتو لڳائيندڙ – تلاش ڪندڙ.

– **سُراغَ وَڻْ:** پتو لڳائيندڙ – تلاش ڪرڻ.

– **سُراغِيْ ج سُراغِيْ:** ذ. کوجي – جاسوس – ڳولائو.

• **سُراڳَ ج سُراڳَ:** ذ. سنو راڳ – سنو منو راڳ.

• **سُراڳِيْ ج سُراڳِيْ:** ذ. سنو منو راڳ ڳائيندڙ.

• **سِرامَڻ (ث):** اسم خاص. سانوڻ.

• **سَرامو ج سَرامَا:** ذ. جانور جي مٽي جو چمر. جُتيءَ جي سِري وارو چَمرُ.

• **سَرانَدا:** اسم خاص. رياست لس ٻيلي ۾ هڪ ڏينهن جو نالو.

• **سَرانَديپ:** اسم خاص. سلون ٻيٽ جو قديم نالو – سري لنڪا.

• **سَرانگَ ج سَرانْگُنْ:** ث. وڏي شاهي وڪ – ٻلهانگ – ٻڙانگ.

• **سَرانِيْ ج سَرانِيُوْنْ (ث):** ث. ڪاني – سَرائي.

• **سِراڻ ج سِراڻُونْ:** ث. [سن. شاڻ = سراڻ] هٿيارن کي تيز ڪرڻ جو گول قرندڙ ڦيٽو (ريتي ۽ لاڪ گڏي ناهيل). ڪاهيل زمين جو سِرو – اوڙو.

– **سِراڻِيْ ج سِراڻِيْ:** ذ. سِراڻ هلائڻ وارو – اوزارن کي صاف ۽ تکو ڪندڙ – صيقلگر – تيوارو. "اڄ آڪڙيا آئيا، سُوڏا سِراڻي" (شاهه).

• **سِرانْ ج سِرانْ:** ذ. سانوڻ جو مهينو.

• **سِراڻو ج سِراڻا:** ذ. [ف. سر] ڪَنڈالو (لس) – وهاڻو – تڪيو – طول – سيراندي. ٽيڪ – جهلو – سهارو.

• **سَراوانْ:** اسم خاص. بلوچستان جو سرسبز وارو مٽيون ملڪ.

• **سَراوَنْدو ج سَراوَنْدا:** ذ. صفت. مڙندڙ – مڙڻو. لچڪيدارُ – ملايم – نرم. برمتڙيو – منهن ڪتئرو.

• **سَراءَ ج سَراهُوْنْ:** ث. [ف. سَراء = مسافر خانو] جاءِ ـ جڳهه – ماڳ – مڪان. سراءِ ـ مسافرخانو.

• **سُراهِجَنْ:** مصدر. سرهو ٽيڻ – واسجڻ.

• **سَراهِنْ:** مصدر. ساراهڻ – جَسُ ڳائڻ.

• **سَراهِيْ ج سَراهِيُوْنْ:** ث. سَرهائي – مبارڪ.

– **سَراهِيْ ڏيڪارَنْ:** اميد ڏيڪارڻ. مبارڪ ڏيڻ. خوشخبري ڏيڻ. خوشي ظاهر ڪرڻ.

• **سِراهِيْ ج سِراهِيُوْنْ:** ث. ڏکڻ جو سوراخ ڪيڻ لاءِ لوهو اوزارُ – سياري (ت). سرائي.

• **سَراءِ:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَراءِ ج سَراؤُنْ:** ث. [ف] گهر – جاءِ ـ هنڌ – ماڳ – مڪان. مسافرن جي رهڻ جي جاءِ ـ مهمان خانو. حويلي.

• **سِرائِنْ:** مصدر. سيرڙ پري ڪرڻ – هٽائڻ. سنيالڻ.

• **سَرائِيْ ج سَرائِيُوْنْ:** ث. [سن. شلاکا = سرائي] سُرمي پائڻ جي ڪاني. گاڏي جي ڦيٽن واري ڪاٺ يا لوهه جي لَٽ. نار جي چڪر ۾ آيل ڏگهي ڪاني. ڪنهن به ڦيٽن واري گاڏي، موٽر وغيره جي ڦيٽن جي لٽ. مچي مارڻ لاءِ ميربحرن جي هڪ اوزار جي ڪاني. بخيو – ٽاڪو – ٽوپو – ڪُٽ.

– **سَرائيِ بارُ:** ذ. اُٺ جي لڏ جو اهو بار، جو اُپو سنئون بيهي.
– **سَرائيِ هٽڻُ:** تاکڻ – تانکڻ – توپڻ – توپو ڏيڻ – کنڊ هڻڻ – بخيو هڻڻ – بخڻ – سِبَڻُ. پٽريءَ جي مريض جي آلت جي سوراخ ۾ پٽري کيڏ لاءِ سرائي گهيڙڻ.
• **سِرائيِ:** ث. سلائي – توپو. (صفت) سري جو رهاکو. چگي مڙس جو لقب. مانائتو.
– **سِرائِکوڙ ج سِرائِکا:** ذ. صفت. سرائيءَ جو.
• **سِرائِکيِ ج سِرائِکِيُونْ:** ث. سنڌي سان لاڳو هڪ قديم هولي. سنڌ جي سري جي هولي.
– **سِرائيِ هڻڻُ:** توپو ڏيڻ – بخيو هڻڻ – سلائي کرڻ.
• **سَرايتْ ج سَرايتُونْ:** ت. (ع). تاثير – اَثر.
– **سَرايتْ کَرَڻُ:** رَچڻ – گهڙڻ – اندر ۾ وهڻ – اندر ۾ گهڙڻ – جذب ٿيڻ. اثر کرڻ – تاثير کرڻ. کن بہ بن شين جو هڪ ٻئي ۾ ملي وڃڻ.
• **سَرايُ ج سَرايا (ت):** ذ. کوڙ جو چمکو – چمکات.
• **سَرْبَ سُونْهارِيِ ج سَرْبَ سُونْهارِيُونْ:** (سرب = سپ) ث. حسين.
– **سَرْبَکُ ج سَرْبَکَ:** ذ. سپ ۾ حاضر.
– **سَرْبَنْگُ ج سَرْبَنْگَ:** ذ. صفت. سيني انگن وارو – گهٽن رستن وارو.
• **سَرْبارِيِ ج سَرْبارِيُ:** ذ. [ف. سر = مٿو + بار = بوجھ] وهٽ جي ٻنهي پاسن کان وڏَلُ بارُ. ٻنهي پاسن کان بار کڻندڙ وهٽ.
• **سَرْ بَرْ ج سَرْبَرَ:** ذ. [ف. سَر = مٿو + بر > بُردن = کڻڻ] اڳواڻ – مهندار. (ظرف). قبول. ذمي.
– **سَرِ بَرِ کَرَڻُ:** ذمي کرڻ – حوالي کرڻ. قبول کرڻ – مڃڻ – قبولڻ – آڇڻ – ها کرڻ.
• **سَرْ بَراهْ ج سَرْبَراهْ:** ذ. [ف. سر + بہ = سان + راه = رستو] انتظام کندڙ – منتظم – کارکن – کارگذار. اڳواڻ – ليڊر.
– **سَرْبَراهِکارُ ج سَرْ بَراهِکارَ:** ذ. [ف. سر + براه + کار = کر] کاروبار هلائيندڙ – منتظم – کارپردازُ – کم هلائيندڙ – منيب.
– **سَرِ بَراهِيِ ج سَرِ بَراهِيُونْ:** ث. انتظام – بندوبست – نظر و نسق – جوڙجڪ – اهتمام. همت – سرفرازي. عزت – مان.
• **سَرْبَراهِيِ کَرَڻُ:** عزت لهڻ. چگو کم کرڻ. نالو کيڏ. گوءِ کڻڻ. اڳواڻي کرڻ.
• **سَرَبَنْدُ ج سَرَبَنْدَ:** ذ. سِرون وهندڙ – سرون ٺاهيندڙ.
• **سَرْبَنْگِيِ ج سَرْبَنْگِيُ:** ذ. هر شيءِ کي کائي ويندڙ. حرام ۽ حلال جي تميز نہ کندڙ.
• **سَرْبَتْ ج سَرْبَتَ:** ذ. گاڏڙ شيءِ يا اڏ رڌل کاڌو.
• **سُرْباڻُ ج سُرْباڻَ:** ذ. لکل سنهون آواز – گڏوڙ آواز. پُڻ پُڻ. سرپات کڙک.
– **سُرْباڻُ کَرَڻُ:** پُڻ پُڻ کرڻ – آواز کرڻ. هوريان ڳالهائڻ.
• **سُرْبُڙ ج سُرْبُڙُونْ:** آهستي گفتگو – گوش گفتار – سُس قُس. سُرپُر – گفتگو.
– **سُرْبُڙ کَرَڻُ:** سُس قُس کرڻ – ڪن ۾ ڳالهه ٻڌائڻ. هوريان هوريان ڳالهائڻ.
• **سَرْ بَنْگُ ج سَرْ بَنْگَ:** ذ. سيني انگن وارو – وياپڪ. هر جا حاضر ناظر.
• **سُرْپُڙ ج سُرْپُڙُونْ:** ث. ڪن جي ڳالهه – آهستي ڳالهه – سُس قُس.
– **سُرْ پُڙ کَرَڻُ:** تمام هوريان ڳالهائڻ.
• **سَرْتابِيِ ج سَرْتابِيُونْ:** ث. (ف). نافرماني – سرڪشي – حڪم عَدولي – بغاوت. نمڪ حَرامي.
• **سَرْتاجُ ج سَرْتاجَ:** ذ. مٿي جو ڇت – سردار – رئيس – وڏيرو – پرڌان – مکي – دڳيدارُ. آقا – خاوند – مالڪ. پتي – شوهر – مڙس. اڳواڻ – رهبر. چگو مڙس. وڏي درجي وارو. حاڪم. سائين – حضرت.
– **سَرْتاجُ بَنائِڻُ:** ڪنهن کي پنهنجو فخر سمجهڻ – خاندائي باعزت وارو تصور کرڻ. سردار بنائڻ.
• **سُرِ تانْ:** اسم خاص. ٽر ۾ رهندڙ راجپوتن سودن جي هڪ ذات جو نالو.
• **سَرْتَنْ ج سَرْتَنْ:** ذ. انبار – سَتَ – گَنجُ – ڍيرُ – کوڙ – گُندُ – موجودات – کيچ – دَلَ. سامان سڙو – رَسَد – سيڌو سامان – سامگري. جنگي اسباب – باروت – هٿيار پنهوار.
• **سُرْتَنْ:** مصدر. سُرت ۾ آڻڻ – سمجهڻ – خوش کرڻ – سنياڻڻ.
– **سُرْتِ ج سُرْتُونْ:** ث. [سن. سُمرَتِي] سمجهه – عقل – هوش – پُرجهه – بوجهه – شعور – يادگيري. جاڻ – خبر – سڌ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماءَ – ڌيان – خيال – توجهه – سوچ – ياد – حافظو – چيتو – هوشياري – ذهن.

– **سُرْت اَچڻُ:** هوش اچڻ. جاڳ پوڻ.

– **سُرْت ڇڏڻُ:** افعال بگاڙڻ.

– **سُرْت ۾ هُجڻُ:** هوش ۾ هجڻ – هوشيار هجڻ.

– **سُرْت نه رهڻُ:** هوش نه هئڻ. عقل نه هئڻ. وساري ڇڏڻ – ڀلائي ڇڏڻ – ياد نه رهڻ – خيال تان لهي وڃڻ – نراد ر ڪرڻ. بد حواس ٿيڻ. موگو ٿيڻ. وسو ٿيڻ.

– **سُرتو ج سُرتا:** ذ. صفت. سچيت – ساوڌانُ – هوشيار – خبردار – سجاڳ.

– **سُرْت وَنائڻُ:** سلجهڻو بنائڻ – سليقه دار ڪرڻ.

– **سُرْتِئُو ج سُرْتِئا:** ذ. عاقل – سمجهدار – سُرتو.

– **سُرْتِيائتُو ج سُرْتِيائتا:** ذ. صفت. چيتائتو – هوشائتو – حوصلائتو – سوبتو – ساگو واڳو. سياڻو – سچيت – ڏاهو – سُجاڻ. ري پيتل – باهوش. سڌو پرو. خبردار – سُجاڳ. سرتيو.

– **سُرْتِيو ج سُرْتيا:** ذ. صفت. سرت وارو – داناءِ – عقلمند – چالاڪ سچيت – هوشيار – سمجهو. اڻ پذير – نظر پذير – آگاهه – ممتان – سُرتيائتو.

• **سَرْتو ج سَرْتا:** ذ. جيڏو – هم عمر. برابر – مثل – مٽ – هَمْسَر. شريڪ – ثاني – جوٽياڪ هڪ جيڏو – سَرِيڪو. سنگتي – يار – دوست. (ث. سَرتِي ج سَرْتِيُوْنْ = ساهيڙي – سهيلي).

• **سَرْتيلُ ج سَرْتيلُوْنْ:** ث. سوڙين ڪي ٻڌڻ لاءِ ڪم ايندڙ رنگين رسي.

• **سَرَتُ ج سَرْتَ:** ذ. اڪ جو ڪتر – ذرو – تنڪو – ڪٽو. مال ڪي رسي ٻڌڻ جي جاءِ تي پيل گاٽ. هڪ بيماري.

• **سَرِتُ ج سَرِتَ:** ذ. سُجَرُ – سَتَرُ. خوش. وڏيڪ سگهو.

• **سَرِ تَڊ ج سَرِتَڊُوْنْ:** ث. رسي ڪي ڳنڍ ڏيڻ جو هڪ نمونو – (ل) سرڪڻ ڦاهي – لوپي. ڳنڍ.

• **سِرِتَڊ ج سِرِتَڊُوْنْ (ل):** ث. سرڪڻ ڦاهي – لوپي.

• **سِرِتو ج سِرِتا (ث):** ذ. ٻاجهريءَ جو ننڍو سنگ.

• **سِرِتِي ج سِرِتِيُوْنْ (ل):** ث. ٻاجهر يا جوئر جو سنهو سنگ – سنگ جي ٽڪري.

• **سُرِتِي ج سُرِتِيُوْنْ (ث):** ث. ڇونري جي چوٽي. دلي جي ڳڇي.

• **سَرْتِيفڪيٽُ ج سَرْتِيفِڪيٽ:** ذ. [انگ. Certificate] سند – پروانو. رضانامو. ڪارگذاري جي چٺي. هلت چلت جو پرزو. خوشنودي.

• **سَرْيارا:** اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **سَرْيَهْ ج سَرْيَهُوْنْ:** ث. گهوڙي جي ڊوڙ جو هڪ نمونو.

– **سَرْيَهْ ڊوڙُ:** تمام تڪو پڇڻ – تڪو ڊوڙ.

• **سُرْيُر ج سُرْيُرُوْنْ:** ث. سُس ڦُس – پُڙ پُڙ – پٽڪو – ٻاهر – پٽڪار – جهونگار – ڪنن جي ڳالهه – پٽڪات – چيڪو.

– **سُرْيُرُ ڪَرَڻُ:** آهسته ڳالهه هولهه ڪرڻ. جاءِ ڏيڻ لاءِ سوڙها ٿي وهڻ – ڪجهه سرڻُ.

• **سَرْيَرَسْتُ ج سَرْيَرَسْتَہ** ذ. مددگار – نگهبان – خبر گير – محافظ – حامي.

– **سَرْيَرَسْتِي ج سَرْيَرَسْتِيُوْنْ:** ث. نگهباني – حمايت – مددگاري.

• **سَرْيَرَہْ:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **سَرْپُورُ ج سَرْپُورَ:** ظرف. تمام تيز – تيز رفتار.

• **سَرْ پيچُ ج سَرْپيچَ:** ذ. بادشاهن. نوابن. اميرن جي پڳ ۾ موتين جي لڙي.

• **سَرْجُ:** اسم خاص. راڳ ۾ وڃت جي ستن قسمن مان هڪ قسم. وڃت جو چوٽون سُر.

• **سَرْجامَ ج سَرْجامُوْنْ (ل):** ث. اوپر – پيدائش – نسر – واڌ. (مومل مينڌرو ص ۷۴).

• **سَرْجاما:** سرانجام – پورا.

• **سَرْجامِي ج سَرْجامِيُوْنْ:** ث. تياري – ناهه نوهه – سرانجامي – پورائي.

• **سَرْجَنُ ج سَرْجَنَ:** ذ. (انگ. Surgen) جراحت ڪندڙ – آپريشن ڪندڙ – ڊاڪٽر.

• **سَرْجَنْهارُ:** اسم خاص. سن. پيدا ڪرڻ وارو – خالق. مالڪ – خدا.

• **سِرْجَنُ:** مصدر. [سن. سْرج = خلقڻ] اُسرڻ – اُپرڻ – پيدا ٿيڻ – ڪين مان ڪي ٿيڻ. "سِرجي تہ سُور. ساماڻي تہ سُک وِيا" (شاهه).

– **سِرْجَنْهارُ ج سِرْجَنْهارَ:** ذ. خلقيندڙ – پيدا ڪندڙ – پالينڌڙ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُپائيندڙ – خالق – مالڪ پرماتما.

• **سَرْجَنُ:** مصدر. تيار ڪرڻ.

• **سُرجَنُ:** مصدر. سُري جيت کان ان جو ڪاڇي وڃڻ – ان کي سرو لڳڻ.

• **سُرجِٹُو ج سُرجِٹا:** ذ. سُرندڙ جيت (وڇون، بلا وغيره).

• **سُرْجِيْتَ ج سُرْجِيْتَ:** ذ. سجاڳ – باهوش – بيدار. سُرتيو – آگاهه – واقف. جيئرو – حيات.

– **سُرْجِيْتائِيْ ج سُرْجِيْتائِيُوْنْ:** ث. سجاڳي – سڃيتائي – سُرتيائي. آگاهي.

– **سُرْجِيْتَ ٹِيَنْ:** سجاڳ ٽيڻ – هوشيار ٽيڻ. واقف ٽيڻ – آگاهه ٽيڻ.

• **سَرْجِيْوَنْ ج سَرْجِيْوَنَ:** ذ. صفت. [سِر = سَرَنُ + جيون = حياتي] سرسبز – شاداب. زرخيز. روح افزا – حيات بخش – فرحت بخش.

• **سَرْجِيْوَنْ ہُوَنِيْ:** ث. هڪ قسم جي فرحت بخش ۽ زندگي بخش ٻوٽيءَ جو نالو.

• **سَرْجِيْوَنْ پِھارُ:** ذ. سَرجيون ٻوٽيءَ وارو جبل. فرحت بخش ۽ سرسبز جبل.

• **سِرْجَنُ (ڪ):** مصدر. ڪير. گهه وغيره جو جمڻ. پيدا ٽيڻ – ڦهٽ – بنجڻ.

• **سِرْجھَنُ:** مصدر. [سن. سَ = چگي طرح = جُڳا = جاڙ] سمجهڻ – پروڙڻ – جاڙ – مغز ۾ وهارڻ – پرجهڻ – معلوم ٽيڻ – آگاهه ٽيڻ – خيال ۾ اچڻ.

– **سُرْجھَ ج سُرْجھَ:** ذ. صفت. سجاڳ – جاڻو – سمجهو.

– **سُرْجھوُ ج سُرْجھا:** ذ. سجاڻ – سمجهو – زيرڪ – چَتر – سڌپرو – ممتاز – آزاد سمجهه.

• **سَرْجِرُوْ ج سَرْجِرَا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم جو سر جي تارين مان پنهنجو آکيرو ٺاهي.

• **سَرْچَشْمُوْ ج سَرْچَشْما:** ذ. (ف). پاڻي نڪرڻ جي بنياد جو هنڌ – منبع.

• **سَرْچَنُ:** مصدر. پرچڻ – پريڻ – ريجهڻ – راضي ڪرڻ – خوش ٽيڻ – راس ٽيڻ – ماڻ ڪرڻ – سانت ڪرڻ. سامت ۾ اچڻ.

– **سَرْجاءِ ج سَرْجاءَ:** ذ. پرجاءِ – ناهه – صلح – سُلوڪ – راضي نامو.

– **سَرْجاءِ ٹِيَنْ:** ناهه ٽيڻ – صُلح – ٽيڻ – رضانامو ٽيڻ.

– **سَرْجاءِ ڪَرَنْ:** ناهه ڪرڻ – صُلح ڪرڻ – رضانامو ڪرڻ.

– **سَرْجائِيْ:** ٿَهائِڻ – پهائڻ – ناهي ڇڏڻ – صلح ڪرائڻ. جهيڙو لاهڻ. ڪيڏائڻ – ڪڏائڻ. هيرڻ – موافقت ڏيڪارڻ.

• **سَرْجِيْھو ج سَرْجِيْھا:** ذ. هڪ قسم جو پکي.

• **سَرْجو ج سَرْجا:** ذ. سائو – آباد – سرسبز. سلو. سٽائو – سولو.

• **سَرَجِي ج سَرَجِيُوْنْ:** ث. صفت. گاهه واري جوءِ. (ضد. اَرَجِي).

• **سَرْحالُ ج سَرْحال:** ذ. صفت. سڪي. آسودو. اُڃڪ. فرحت ۾ ـ مزي ۾. وندِ رِيَلُ – پرپيل – رِيْڏَلُ – رِيْجهيَلُ. بختاور – پاڳوارو. سَريالُ.

• **سَرْحَدِ ج سَرْحَدُوْنْ:** ث. سَنڌو – دنگ – حد. پاسو – پر. ڪنارو. انتها. (اسم خاص). تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَرِڪَلْ:** ذ. اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سُرْخ ج سُرْخَ:** ذ. صفت. [ف. سُرخ = گاڙهو] هڪ رنگ جو قسم – گاڙهو – لالُ – اَحمَرُ – رَتو. طنبوءَ جي جهلڻ لاءِ وڄ واري ڪائي – مَلُ ماسي جو اڻون حصو.

– **سُرخابِ ج سُرخابُوْنْ:** ث. گاڙهاڻ – لالاڻ – رتاڻ.

– **سُرْخائِيْ ج سُرْخائِيُوْنْ:** ث. گاڙهاڻ – رَتائي – لالاڻ ـ رتاڻ – سُرخابِ ـ گاڙهائي – گاڙهَپ.

– **سُرْخُ ٹِيَنْ:** گاڙهو ٽيڻ – لال ٽيڻ. ڪاوڙ ۾ لال ٽيڻ – غصي ۾ اچڻ. ميوي جو پچڻ. نشي ۾ پُر ٽيڻ.

– **سُرْخُرُو ج سُرْخُرُوْ:** ذ. صفت. [ف. سرخ + رُوْ = مُنهن] لال منهن وارو. آبرو وارو – مانائتو – عزت وارو – مُعزز. مقبول – اڳهيل. عزيز. نامور. فتحمند – ڪامياب. فخر ڪرڻ وارو. نرلجو – بي حَيا – بي شرم.

– **سُرْخُرُوْ ٹِيَنْ:** پاڻ وٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ – اَڳ پوڻ. خوش ٽيڻ. ڪامياب ٽيڻ. وعده وَفا ڪرڻ.

– **سُرْخُرو رَھَنْ:** سجو رهڻ – پورو رهڻ. عزت سان رهڻ.

– **سُرْخُرُوئِيْ ج سُرْخُرُوْئِيُوْنْ:** ث. عزت – شان – مان – آبرو – مانُ مُهْتُ – ناموس – سَنْمانُ – آبُ. سِيْلُ – سَتُ – درجو – ساکَ – پَتَ ـ پَڌوي – معتبري.

– **سُرْخُ ڪَرَنْ:** گاڙهو ڪرڻ – لال ڪرڻ.

– **سُرخِيْ ج سُرخِيُوْنْ:** ث. گاڙهاڻ – لال رنگت. پکي سِر جي

مٽيءِ. عورتن جي ستن سينگارن مان هڪ – لالي. خونُ – لَهُو.

• **سُرْخابُ ج سُرْخابَ:** ذ. ڏنڊ جي پکيءَ جو هڪ قسم. بدڪ جنس مان، رنبي جيڏو رنگ ميتائتونْ. (ث. سُرْخابِيْ ج سُرْخابِيُونْ).

• **سُرْخَرُ ج سُرْخَرَ:** ذ. يروٽ – چاٽي – سرحس.

• **سُرْخو ج سُرْخا:** ذ. گهوڙي جو هڪ قسم. رنگ اڇي بُتَ تي ٿورا چٽَ. (ث. سُرْخِي ج سُرْخِيُونْ). (صفت). سرخي رنگ (حقيقي رنگ اڇاڻ تي مائل) جو گهوڙو جنهن جا ڪئين قسم: ١ـ شربتي سرخو (ڳاڙهيرو سرخو) ٢ـ نيرو سرخو. ٣ـ سياه سرخو ۴ـ گلزار سرخو ۵ـ عمرد سرخو يعني پنج ڪلياڻ سرخو. ذ. صفت. ڳاڙهو. لال.

• **سُرْخِيْ ج سُرْخِيُونْ:** ث. مضمون جو سِرو – عنوان. عورتن جي سينگار جو هڪ قسم – لالي.

• **سُرْدُ ج سُرْدَ:** ذ. [ف] ٺڏو – نَرِيلُ – سيبل. آلو – گهميل – آدوڪو. رُکو – نرموهيو. بيجان. سست – ڍلو. بي لطف – بي مزي – بي رونق. بزدل. نامرد.

– **سُرْدُ ڪَرَنْ:** نارڻ – ٺڏو ڪرڻ. غصو ڏيرو ڪرڻ.

– **سُرْدُ گَرْمُ:** ذ. گرمي جو زڪام. صفت. موافق – پورو پنو.

– **سُرْدُ مِزاجُ:** ظرف. مُرْدَه دِلُ – سُسْتُ. بي مَرَوّت.

– **سُرْدُ مِهْرِ:** صفت. بي مِهر – بي رحم – بي محبت – بي مَرَوّت. بي ڏيان – بي وفا. سخت دِلُ – ڪَنُورُ – ظالم.

– **سُرْدُ مِهْرِيْ ج سُرْدُ مِهْرِيُونْ:** ث. بي وفائي – بي مَرَوّتي. سنگدلي. بي پرواهي.

– **سُرْدِيْ ج سُرْدِيُونْ:** ث. ڏَنڊِ ـ ٺارُ – سِيءُ – پاروُ – برد – سِيٽَل – خُنڪي. زڪام. ريزش – نزلو – ليسُ. سياري جي مُند – سيارو. "١. سَردي سالِ نہ رهان، گرمي ٽيان گداز" (شاهه).

– **سُرْدِيْ گَرْمِيْ ج سُرْدِيُونْ گَرْمِيُونْ:** ث. ڏک سک – تڪليف – مشڪلات.

– **سُرْدِيْ گَرْمِيْ کانْ بَچَنْ:** گرم سرد هوا کان پاسو ڪرڻ. تڪليف کان آزاد رهڻ – مشڪلات کان بچڻ.

– **سُرْدِيْ لَڳَنْ:** سيءُ لڳڻ – ٺار پوڻ. ليس ٿيڻ.

– **سُرْدِيُنْ پِرْ هُجَنْ:** سڪرات پر هجڻ.

– **سُرْدِيْ هُجَنْ:** نزلو زڪام ٿيڻ – سِيءُ هُجَنْ.

• **سُرْدارُ ج سُرْدارَ:** ذ. اڳواڻ – امير – دِڳيدارُ – سَرْوَرُ – صدر – پانڌپ – راج ڏٽي. رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جو لقب. هادي. پيشوا.

– **سُرْداريْ ج سُرْداريُونْ:** ث. اڳواڻي دِڳيداري – اميري – حاڪمي. بزرگي. رهبري.

• **سُرْدَرُ ج سُرْدَرَ:** ذ. پت جي ٽيڪ لاءِ در جي مٿان رکيل ڪاٺي – سَرْدَرو.

– **سُرْدرو ج سُرْدَرا:** ذ. سَرْدَرُ.

• **سُرْدو ج سُرْدا:** ذ. هنداڻي جو هڪ قسم.

• **سِرِڌَرَ ج سِرِڌَرُونْ (ث):** ث. دروازي جي چوڻڪ جي مٿين ڪاٺي – سَرْدَرُو.

• **سُرْرِ:** ث. آتشبازي جي سڙڻ جو آواز.

• **سُرِرْاتُ ج سُرِرْاتَ:** ذ. سوسات – تکڙي هلڻ جو آواز. تکڙي گفتگو جو آواز. سُرْڙو – گار.

• **سُرِرْاتَ:** ذ. سنهون آواز. بدن ۾ ڪنهن جيت جي سُرْسُرْ.

• **سِرِرْ پِرِرْ:** ظرف. تڙ تکڙ – جهٽ پٽ – امالڪ.

– **سِرِرْ پِرِرْ ڪَرَنْ:** تکڙ ڪرڻ – جلدائي ڪرڻ.

• **سِرِرْکو ج سِرِرْکا (ث):** ذ. اوچتو نڪري وڃڻ وقت، ٽيل آواز – تيزيءَ سان نڪرڻ وقت آواز.

• **سُرْرَنْ:** مصدر. تلوار وغيره مياڻ مان زور سان چڪڻ – ٻاهر ڪڍڻ. چلڻ.

– **سِرِرْو ج سِرِرْا:** ذ. تلوارڪشي. دَبَ – دَبڙاتَ.

– **سِرِرْو پِتَائِنْ:** ڏهائڻ – وڙهڻ.

– **سِرِرْي ڪڍڻ:** زور سان تکڙو هٿيار چڪي ڪڍڻ.

• **سُرْرُو ج سِرِرْا:** ذ. مينهن جو غُبار.

• **سَرْرَاتُ:** (ذ. صفت). چنل نَڪَ وارو.

• **سِرِرْيو ج سِرِرْيا:** ذ. صفت. اڪيلي سر ڪمائيندڙ. جوڙي ڪانسواءِ هاري – هُنَاهِينْ.

• **سَرَزَدْ:** ظرف. [ف] اتفاق – واقعو – حادثو – ڳالهه. ڪاوڙيل – چڙيل – غصي – ناراض – رَنْجُ. ظاهر – نمودار.

– **سَرَزَدْ ٿِيَنْ:** ظاهر ٿيڻ – نمودار ٿيڻ – ظهور ۾ اچڻ.

• **سَرْ زَمِيْنْ ج سَرْ زَمِينُونْ:** ث. ڌرتي – پَٽ – زمين. ملڪ – ولايت – ديس – اقليم – خِطو. سطح. جاءِ ـ هنڌ – تڏو. جاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واردات – واقعي جو هنڌ – اصل جاءِ.

• **سَرْسَائڻُ:** مصدر. [سن. سَرسَ: سُ = چگي طرح + رس = پهچڻ] گهٽو ڪرڻ – جهجهو ڪرڻ – وڌيڪ ڪرڻ – زياده ڪرڻ. ويجهائڻ – اضافو ڪرڻ. چاڙهڻ – نالیوارو ڪرڻ – ترقي ڪرائڻ – اڳرو ڪرڻ – چاڙهو ڪرڻ – واڌارو ڪرڻ. مشهور ڪرڻ.

– **سَرْسُ ج سَرْسَ:** ذ. صفت. سوايو – وڌيڪ – سُنوالو – زياده ـ سَجِيْهُ – سرسو – گهٽو – هيڪاندو – جهجهو – بَهُوْنْ – هيڪاندو – جهجهو – بَهُوْنْ – اتر. مٹيون – برتر ـ ث. سَرْسيِ ج سَرْسيُوْنْ).

– **سَرْسَائي ج سَرْسائِيُوْنْ:** ث. گهٽائي – واڌ ـ جَهجَهائي – سرسيِ. واڌارو – اضافو. اُجائي – فضيلت. جوهر – خوبي – خاصيت – سَبْقَتَ – فوقيت – وڏائي – بالادستي.

– **سَرْسُ ساريْ ڪَرَڻُ:** بازي ڪٽڻ – شَهَ ڏيڻ – زور پوڻ – وڌيڪ ڪامياب ٿيڻ.

– **سَرْسو ج سَرْسا:** ذ. واڌ – واڌارو – سَرْسيِ – زيادتي – گهٽائي.

– **سَرْسيِ ج سَرْسيُوْنْ:** ث. صفت. زيادتي – گهٽائي – سوائي – سنوالي – جهجهائي. واڌ – واڌارو – چاڙهو – وراڻ. ڦورو – مهرباني. ڪاميابي – فتح – سوپ.

– **سَرسيِ ڪَرَڻُ:** گوءِ ڪٽڻ – سوپ ڪرڻ – ڪَسَرَ ڪٽڻ – بازي ڪٽڻ – شَهَ ڏيڻ – مات ڪرڻ – ٻئي کي هارائڻ. منهن مٹي ڪٽڻ. اڳرو ٿيڻ.

– **سَرْسيِ لَهَڻُ:** سرس ٿيڻ. اڳرائي ڪرڻ. گوءِ ڪٽڻ – سبقت حاصل ٿيڻ.

– **سَرْسيرو ج سَرْسيرا:** ذ. صفت. ڪجهه وڌيڪ – ٿورو گهٽو – گچ جهڙو – ٿورو زياده.

• **سَرَسُ ج سَرَسَ (ث):** ذ. سَرِيْنهَنْ جو وڻُ.

• **سِرِسُ:** ذ. [سن. شريش] هڪ قسم جو ڪونر جهڙو پسارڪو وڪر. ڪاٺ ڳنڍڻ لاءِ ڪم ايندڙ. ٽنيڻ. گهوڙي ءِ ڳائي مال جي رڳن مان ٺهندڙ دَوا.

• **سُرَسَ ج سُرَسُوْنْ:** ث. ڪنهن به ڳالهه جي ٿوري خبر – ڪڙڪ. ڪَل – خَبر – علم – ڄاڻ.

• **سُرْساتَ ج سُرْساتُوْنْ:** ث. مصالح – ڪاڌي وغيره تيار ڪرڻ لاءِ گهريل شيون. سيڏو پاڏو – سيڏو سامان – سَمَرُ – توشو – رَسَدُ. گاهُ – چارو.

• **سِرِسامُ:** ذ. (ف) مغز جي بيماريءَ جو هڪ قسم – مغز جي پردن جي سوجَ واري بيماري. دماغ جي خرابي – مغز جو خلل. بدگماني – شڪ – وَهَمُ.

• **سَرْزُ:** ذ. صفت. (ف) سائو – همیشه سائو – هريو – شاداب – بهاري وارو – هَريو پَريو – خوش بهار. فتح مند – ڪامياب. تازو توانو – خوش. پريو پاڻيو – آباد – وَڏيلُ – ويجهيل – آباد. سينگار – گلڪاري. سڪيو – آسودو.

– **سَرْسَبْزُ ٿيَڻُ:** تازو توانو ٿيڻ – شاداب ٿيڻ – خوش خورم ٿيڻ. ڪرسي نشين ٿيڻ – قابل پذيرائي ٿيڻ – شهرت حاصل ڪرڻ. آسودو ٿيڻ.

– **سَرْسَبْزُ هُجَڻُ:** تازو توانو هجڻ – خوش هجڻ. عزت وارو هجڻ – زيب زينت حاصل هئڻ.

• **سَرْسُيَرُ ج سَرْسُيَرَ:** ذ. صفت. سائو – آباد. ساڇو. سياڻو. سٹائو. فرخنده ـ سڪيو – سَتابو – آسودو. پريل "سرسير ساگرُ جنهن جي لهر سڃا لال" (شاهه عنايت).

• **سَرْسَتو ج سَرْسَتا:** ذ. چالبازي – ڪيڏ – اتڪل.

• **سَرْسَتيِ ج سَرْسَتِيُوْنْ:** ث. خود قرباني – پاڻ صدقو.

• **سَرْسَرْ:** ث. هوا جو تيز آواز – زوزٽ – سرڙاٽ. سردي سبب هڪ نموني جي حالت – ڏڪڻي. ڪپڙي ۾ ڏاڪي جو آواز.

• **سُرْسُرْ ج سُرْسُرْ:** ث. خارش – ڪَرَنْهِنْ – ڪرسرو – ترتر. ڪن جي ڳالهه – پٽڪو. جنبش. بت تي ڪنهن جيت جو سُرڪو.

– **سُرْسُرْڪَرَڻُ:** هري ڳالهائڻ – بدن تي ڪنهن جيت جو سرڪڻ.

• **سُرْسُرُو:** ذ. اناج کي ڪائيندڙ جيت – سُرٹو.

• **سَرْسَرِيْ:** صفت. آسان – سولو – سهنجو – سئوکو – سٹرو – سليس. ٿورو. گهٽ. مجمل طور.

– **سَرْسَرِيْ نَظَر:** متاچري نگاهه.

• **سَرْسِلو ج سَرْسِلا (ث):** ذ. [ع. سلسلة] بندوبست – جوڙجڪ – ٺهراءُ – ناهُ – شوق – چاهُ. شروعات – ابتدا – منڊ.

• **سَرْسِٹو ج سُرْسِٹا:** ذ. سوج – ٿوٽر (۱۳۰).

• **سَرْسوتيِ:** اسم خاص. هڪ ديويءَ جو نالو. برهما جي زال. سڀني عملن ۾ فنن جي موجد. اڳاتو وهندڙ هڪ ندي جو نالو.

• **سرِشارُ ج سَرِشارَ:** ظرف. [ف. سَر = مٿو + شار > شوريدن = وهڻ] مخمور – مستي ۾ مست – نشه ۾ چور. مؤج ۾ – متوالو. لبريز – پريل – مالا مال – منهان منهن – پريور.

– **سَرِشاريُ ج سَرْشاريُونْ:** ث. مستي – بيخودي – نشو.

• **سَرِشْت ج سَرِشْتُونْ:** ث. [ف] خلقت – جوڙجڪ – پيدائش. طينت. فطرت. خو – مزاج – طبيعت – عادت – خصلت – خمير – جسر – وجود.

• **سَرِشْتو ج سرِشْتا:** ذ. نظام – سٽاءَ – ناهُ – بندوبست – جوڙجڪ – طريقو. ڍول – نمونو – ڍنگ. قاعدو – ريت. ترڪيب – دستور. جڳت – جهان – دفتر. ڪارگذاري. ڪاغذ پٽ.

– **سَرِشتيُ ج سَرِشتيُونْ:** ث. خلقت – پيدائش. ڪائنات.

• **سَرِشْتيدارُ ج سَرِشْتيدارَ:** ذ. جج جو حاضري زيردست – مئجسٽريٽ جو زيردست عملدارُ.

• **سِرْشْتْ:** ث. [سن. سرِشت > سرج = خلقڻ] جڳت – سنسار – ڪائنات. زمانو – زمين – پرٿوي. خلقت – مخلوقات.

• **سِرْشتيُ ج سِرْشتيُونْ:** ث. [سن. سِرِستي = دنيا] خلقت – ڪائنات – جڳت. هستي – موجودات.

• **سَرِشڪُ ج سَرِشڪَ:** ذ. (ف). قطرو – ڳوڙهو – اشڪ – آنسو.

• **سَرْطانُ:** اسر خاص. (ع). آسمان جي چوٽين برج جو نالو – ڪرڪ راس – ڪرڪ ڳهيرو. هڪ آبي جيت – پاڻي وانڙو – ڪيڪڑو. هڪ بيماريءَ جو نالو.

– **سَرْطانُ بَحْريُ:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم. ٿلي ٿوڙ، ۽ قسم: هڪ بحري، ٻيو بري، هن کي ساڙي دوائن ۾ ڪم آڻين.

– **سَرْطانُ نَهْريُ:** نهري جي پُٽ تي سُئي هڏبي ته پاڻي ڪير وانگر نڪرندو آهي، هڪ پسارڪو وکر جو دوا طور ڪم اچي.

• **سُرَطانَ:** اسر خاص. ٽ ۾ رهندڙ ٻڪرن جي هڪ ذات جو نالو.

• **سَرَطانپُور:** اسر خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سُرْعَتْ ج سُرْعَتُونْ:** ث. (ع). جلدائي – تيزي – تڪڙ – شتابي. ڦڙتائي – چالاڪي.

• **سَرفرازُ:** ظرف. [ف. سَر + افراز > افراشتن = ڪڙو ڪرڻ] منهن مٿي – سرخرو – اعليٰ – بلند – اوچو – وڏو – چنديو. معزز – ممتاز. ترقي يافته. خوش – پهرايل – نوازيل – مان ڏنل – عزت ڏنل.

– **سَرْفرازُ ڪَرَڻُ:** اوج تي رسائڻ – بلندي ڏيڻ – وڌائڻ – چاڙهڻ – ترقي ڪرائڻ. نوازش ڪرڻ – چنڊڻ. وڏي عزت ڪرڻ – عزت بخشڻ – درجو عطا ڪرڻ. نهال ڪرڻ – خوش ڪرڻ.

– **سَرْفرازُ هُئَڻُ:** ترقي يافته هئڻ. عزت وارو هئڻ – ممتاز هئڻ.

– **سَرْفرازيُ ج سَرْفرازيُونْ:** ث. بلندي – اوج وڏائي. شان – بزرگي. ترقي – اضافو. عزت. ناموري – ميل جول. بهادري.

• **سَرْفِروڙ ج سَرْفِرا:** ذ. صفت. [ف. سر + فرو = هيٺ] ڪنڌ هيٺ – لاجواب – فڪرمند.

• **سَرفُو:** اسر خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَرفو:** صرفو – قناعت – بچت – پاچي – سرفو.

• **سَرڤوڪو:** اسر خاص. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر (چرائتي جي پنن جهڙو هڪ سائو گاهُ. سواد ڪڙو ۽ تِکو. خاصيت گرم. (هـ. سَرْڤوڪو).

• **سَرْڪَ ج سَرْڪُونْ:** ث. گهوڙي جي واڳ. ڏوري – رسي – نوڙي.

– **سَرْڪَ ساهيُ ج سَرْڪَ ساهيُونْ:** ث. هڪ قسم جي ڳنڍ – سرڪڻ ڦاهي – ڦندو – ڦاندو.

– **سَرْڪَسائيُ ج سَرْڪَسائيُونْ:** ث. سِرڪ ساهي – سرڪڻي – ڦاسي – ڦاهي – ڦندو.

– **سَرْڪَناڪوڙ ج سَرْڪَناڪا:** ذ. رَسيءَ جو ڦاهو.

• **سَرْڪارِ ج سَرِڪارونْ:** ث. [ف. سَر = مٿو + كار > كردن = ڪرڻ] حڪومت – گورنمينٽ. رياست. آقا – مالڪ – سردارُ (عزت جو خطاب). دربار شاهي – عدالت – ڪچهري. سرداري مال ملڪيت. "سَموري سرڪار، نيئي رڪج ناهِ ۾" (شاهـ).

– **سَرْڪاريِ ج سَرْڪاريِ:** صفت. حڪومت جو – سرڪار جو – حاڪماڻو. رياستي.

– **سَرْڪاريِ ڪاغَذُ:** گورنمنٽي پَنو – اسٽامپ وغيره.

– **سَرْڪاريِ وَظيفو:** سرڪار جي طرفان ملندڙ رقم – پينشن.

• **سَرْڪاريِ ج سَرْڪاريُونْ (ث):** ث. تاجي جي تندن کي ڏاڙ ڪرڻ جي هڪ ڪائي.

• **سَرْڪاڻيُ:** اسر خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **سَرْڪَرْدو ج سَرْڪَردا:** ذ. [ف. سَر = مٿو + كرده = ڪيل ڪوڙ] اڳواڻ – ليڊر – ڏڪيدار – سردار – مهندار. مکي – وڏيرو – منيب – رئيس. اڳواڻ – رهبر.

• **سَرْڪَريْ:** اسر خاص. بگتي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **سَرْڪَسْ ج سَرْڪَسُوْنْ:** ث. جسماني ڪرتبن جو تماشو.
• **سَرِڪَشْ:** ذ. صفت. [ف. سَر + ڪَش > ڪشيدن = ڇڪڻ] حڪر عدولي ڪندڙ – باغي – نافرمان. سر زور – سَر قَريو. فسادِيْ – جهڳڙالو – خللي. مغرور.
• **سَرْڪَشِيْ ج سَرْڪَشِيُوْنْ:** ث. بغاوت – نافرماني – فتنو – بلوو – بغاغو – فساد. وڏائي – هَٺُ.
• **سَرِڪِلْ ج سَرِڪِلَ:** [انگ. Circle] حلقو – دائرو – تن يا چئن تپن مان ٺاهيل تعلقي جو پاڳو. ايراضيءَ جو نندو ٽڪر.
• **سَرْڪَلْيَانْ ج سَرْڪَلْيَانَ:** ذ. حقي جو هڪ قسم. هڪ قسم جي سُلفي. زوراور گهوڙي لاءِ سخت لغام. الياڻ.
• **سَرْڪَنْدِيْ:** (ہيل) اسم خاص. هڪ قسم جي گل جو نالو.
• **سُرْڪَڻِ ج سُرِڪَڻُوْنْ:** ث. هڪ قسم جي سرڪندڙ ڳنڊ – قاهِيْ – سرڪڻ قاهي – دام.
• **سُرْڪَڻُ:** مصدر. [سن. سِر = سَرَڻُ] سُرڻ – جيت جو قسم.
• **سِرِڪْ:** ڪسڪٽ – گسڪٽ. رڙهڻ. هيٺ ڪرڻ. ڀُرڻ – سُرڻ.
• **سُرِڪُ ج سُرْڪُوْنْ:** ث. ڪُسڪَ – تِرڪَ گسڪو – جُنْبَشْ – لوڏو.
– **سُرْڪاتُ ج سُرِڪاتَ:** ذ. ڀُرڪو – ڪسڪو – ڀُرِيُر – سُرْڪو.
– **سُرْڪارُ ج سُرْڪارَ:** ذ. سُرڪاتُ.
– **سُرڪائِيُ:** ڪا شيءِ آهستي ڪِيي وڃڻ – ڪسڪائڻ. ڀُرڪائڻ – ڀُرِيُر ڪرائڻ.
– **سُرْڪائِيْنْدَرُ ج سُرْڪائِيْنْدَرَ:** ذ. صفت. ڪسڪائيندڙ. ڪسڪائي ويندڙ – چوري ڪندڙ.
– **سُرِڪو ج سُرِڪا:** ذ. سُرڪاتُ – گسڪو. ڀُرِيُر – سُرِيُر.
• **سُرْڪَڻُ:** مصدر. ڏتارجڻ – لالچجڻ – حرصجڻ – هرکجڻ – برغلاڻجڻ. چڪجڻ. سُرڪون ڏيڻ – ڳيت ڏيئي پيڻ – ڏڪ پرڻ. سُرڙات ڪري پيئڻ.
– **سُرْڪَ ج سُرْڪُوْنْ:** ث. ڏُڪَ. ڀُڪو – ٻَڏو – ڏرو – ٽورو.
– **سُرْڪِيْ ج سُرْڪِيُوْنْ:** ث. سُرڪ – ڏُڪ – ڀُڪو.
– **سُرْڪِيْ پَرَڻُ:** سُرڪ پرڻ – ڏُڪ پرڻ – ٽورو پيئڻ.
– **سُرْڪِيْ پِيارَڻُ:** ڏُڪ پيارڻ. زهر ڏيڻ. قسم کڻائڻ. خوار ڪرڻ.
• **سُرْڪُوْ ج سُرْڪا:** ذ. انگورن. ڊاک وغيره مان ٺهيل رَسُ. دوا طور استعمال ٿيندڙ هڪ پاڻيٽ.

• **سَرْڪِيْ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَرِڪِيُولَرُ ج سَرِڪِيُولَرَ:** ذ. [انگ. Circular] سَرڪاري هدايت نامو – گشتي حڪم. اشتهار – پڌرنامو.
• **سَرْڪُ ج سَرْڪَ (ث):** ذ. ڏاس جي ڏاڪڻ کي ويڙهڻ لاءِ اڊائي فوٽ ڊگهو ڪاٺ جو ٽڪر – اِٽِيْ.
• **سَرْڪُ ج سَرْڪَ:** ذ. صفت. سکر بکر – چونڊ – پسنديده ـ جوڙ. اتر. "لوهو لال لڳن جو چاکن منجهان چڪ. تهان پوءِ سَرْڪَ، ٽئين واڌوڙن ۾" (خان زئي).
• **سِرْڪُ ج سِرْڪَ:** ذ. جادو – طلسم – مَنڊُ.
• **سَرْڪانِيْ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **سِرْڪَنْ:** اسر خاص. هڪ خوشبودارُ وڻ. سِرڪنڊ. جنهن جا چوڏا، ڪائيون، پَنَ، پاڙ (١ـ پار، چوپ چيني ٢ـ پن، ڪمال پٽ ٣ـ قَر جافر ۴ـ چوڏو دال چيني ۵ـ ڪائي. سِرْڪَنْ).
• **سِرْڪَنْڊُ ج سِرْڪَنْڊَ:** ذ. هڪ قسم جو وڻ جنهن جو سرهو ڪاٺ – چندن – صندل (ث) چوٽي. "سرڪنڊ سيٽين سپچي عطر پرين اتورا" (شاهه).
• **سِرِڪَنْ (ڪ):** مصدر. هرکڻ – لالچڻ – پنيلجڻ.
• **سَرِڪو ج سَرِڪا:** ذ. صفت. جهڙو – وانگر – طرح – گهاءِ ـ جيهو – جنسي. مَوافق. هڪ جيڏو – جِيْسُ – جيڏو – نظير – ثاني – مَٽ. برابر. ساڳئي قسم جو. سنئون – ليول ۾ ـ پورو – ساڳي سنوت تي. اتڪل – قريباً – ڪنهن جي شان وتان سَرَ.
• **سَرْڪِيْ ج سَرْڪِيُوْنْ:** ث. اڳيان. پنيان نوڙي وڃتي هڪ جيتري بار سان پريل گاڏي. ڪَٽَ جي اِيْسَ. (اسر خاص). هڪ ذات جو نالو. گهوڙي.
• **سَرِڪِيارِيْ ج سَرِڪِيارِيُوْنْ (ث):** ث. ظرف. سراسري.
• **سَرْڪِيْلُ ج سَرْڪِيْلَ:** ذ. سريکو – هڪ جهڙو. پائيچاري – برادري.
• **سَرِڪَائِيْ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **سَرْڪَائِيُ:** مصدر. ہارَڻُ.
• **سَرْگِرانُ ج سَرْگِرانَ:** ذ. [ف. سر + گران = گِرو] خفا – ناراض – ڪشيده خاطر. مغرور – متڪبّر. خمار آلوده ـ مخمور.
– **سَرْگِرانِيْ ج سَرْگِرانِيُوْنْ:** ث. خمار. متي جو مُورُ. ڪشيدگي

– رنجيدگي. غم – افسوس. افسردگي.

• **سَرِگَـرْدانُ ج سَرِگَـرْدانَ:** ذ. [ف. سر + گردان > گريدن = ڦرڻ] حيران – پريشان – ششدر. بتليل – ويچون. گهمندڙ – رولو.

– **سَرِ گَـرْدانُ هُـنُـڙُ:** پريشان هڻڻ. قربان هڻڻ – صدقي هڻڻ.

• **سَـرْگَـرَمُ:** ذ. [ف. سَر + گرم] جوشائتو – گرم جوش – پرجوش – اتساهي – سَعيائتو – تِڪو. محنتي.

• **سَـرْگَـرْمِيْ ج سَـرْگَرمِيُوْنْ:** ث. جوش – اُتساهه – شوق – سعيو. تيزي – ڪوشش. آمادگي. اَڇر – اُدم. پڙڪي – فَلَڪَ – ڏَنَ.

• **سَـرْگَـذَشْتَ ج سَـرْگَـذَشْتُوْنْ:** ث. [ف. سَر + گذشت > گذشتن = گذرڻ] اتفاق – قضا – حادثو – سهاس – جوکي جو ڪم – واقعو – ماجرا. قصو – گاله – آکاٽي – ڪهاڻي – ڪٿا – افسانو – احوال – داستان. جانبازي – وَرتانت. گاله – چرتر. پچاڙي – جنم ساکي – جيوني – سوانح عمري.

• **سَـرْگَـس ج سَـرْگَـسُوْنْ:** ميڙ – جلوس – سُواري – جَيَ.

• **سَـرْگَـسْ ڪَڍَڻُ:** جلوس ڪڍڻ – سواري ڪڍڻ – جَيَ ڪرڻ يا ڪڍڻ.

• **سَـرْگَـلْ جو سُـورُ:** اسر خاص. ڪير ٽرجبل ۾ هڪ لَڪَ جو نالو.

• **سَـرْگَـمَ ج سَـرْگَـمَـ:** ذ. ستن سُرن جو لاڙهه چاڙهه – آواز جي ستن پَدن تي سُرَ ۾ لَئي جو اُتار ۽ چاڙهه. آواز جي لاهي ۽ چاڙهيءَ جا ست ڏاڪا. راڳ جي ڪروت مثلاً: (۱) سا (۲) رِيْ (۳) گَ (۴) مَ (۵) پ (۶) ڌَ (۷) نِي. جنهن ۾ [(۱) سا = سهرج (۲) رِيْ = رَڪبَ (۳) گَ = گندارُ (۴) مَ = مَڌَمُ (۵) پ = پنجم (۶) ڌَ = ڌيوَتُ (۷) نِي نڪاد].

• **سَـرْگَـرَ سُـڻائِـنْ:** ڪَتيون ٻڌائڻ. سڏيون ٻڌائڻ.

• **سَـرْگَـنْ ج سَـرْگَـنْ:** ذ. صفت. گٽن وارو. شڪل وارو. ساڪار.

• **سَـرْگوشِيْ ج سَـرْگوشِيُوْنْ:** ث. [ف. سَر + گوش = ڪن] ڪن جي گاله – سُس ڦُس.

– **سَـرْگوشِيْ ڪَـرَڻْ:** ڪن ۾ آهسته آهسته گالهائڻ – آهسته گفتگو ڪرڻ.

• **سَـرْگِـيْـرُ ج سَـرْ گِـيْـرُ:** ذ. [ف. سر + گير > گرفتن = وٺڻ – پڪڙڻ] گهوڙن کي ٿيندڙ هڪ بيماريءَ جو قسم – زڪام. نزلي. ليس. سردي. ٽڏ (پاڻي پيارڻ سان ٿئي).

• **سَـرَگْ ج سَـرَگُـوْنْ:** ث. رسي.

– **سَـرَگْ ڪَـڍَڻْ:** آزاد ڪرڻ.

– **سَـرِگْـڇِيْ ج سَـرِگْـڇِيُوْنْ:** ث. ڪُتي جي ڳچيءَ ۾ پيل رسو.

• **سَـرَگْ ج سَـرَگْـهُوْنْ (ڪ):** ث. پنهنجي قر کي ڏارائي ڇڏيندڙ ڇوڪريءَ جي ڪپڙن جي ڪنڊ – سُمهير.

– **سَـرَگْ هَـجَـڻْ:** قر تي هجڻ.

• **سَـرْگْ ج سَـرَگْ:** ذ. [سن. سُوَرْ] سُورگ – فردوس – جنت عدن جو بهشتي باغ. عيش. بي دنيا. (ذ. صفت). چگو – خوشبودار.

– **سَـرْگْـواسْ ج سَـرْگْـواسْ:** ذ. موت – رحلت – رضا.

– **سَـرْگْـواسِيْ ج سَـرْگْـواسِيْ:** ذ. صفت. فردوسي – سوڳي – جنت ۾ رهندڙ – فردوس مڪاني. مغفور – فوتي – (ث. سَرگْـواسِـڻ ج سَـرْگْـواسْـٽِيُون).

– **سَـرْگِيْ ج سَـرْگِيْ:** ذ. ث. سَـرْگواسي. آسماني – آڪاسي. مغفور – مرحوم.

• **سَـرِگُوْ:** اسر خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَـرْلُ ج سَـرْلْ:** ذ. ۲۰ ڪان ۳۰ مهينن جي جمار وارو گهوڙو – ڪيرو – وڇيرو – ننڍو ڦَرُ.

• **سَـرِلُ ج سَـرِلْ:** ذ. [سن. شْرَل] سرلو – سڪيو – سهنجو – سؤکو – سادو – هالو پولو – صاف.

– **سَـرْلِ زِبانُ:** ذ. صفت. گالهائڻ جو چٽو – چَٽرو – فصيح – زبان جو تکو. تکڙو گالهائيندڙ.

• **سَـرْلاٽ ج سَـرْلاٽُوْنْ:** ث. بلوچستان جي مشهور ٽڪرين جو نالو.

• **سَـرْلو ج سَـرْلا:** ذ. [سن. سرنيو + سرلو] هَوا – واءُ – هير – ٽڏي هَوا. پاڻي. مينهن – مينهوگي – مينهَن جي موسم – رُهي وارو وقت – جهڙ "سج سَرلي ڏِڪبو جهڙ ڦڙ جهور جهڪور" (ذ. صفت). جهت ٻڌندڙ – جلد سٽندڙ – ڪنن جو تکو.

– **سَـرْلائِيْ ج سَـرْلائِيُوْنْ:** ث. سادگي. بودلائي – پورڙائي – بوگهلائي. سؤکائي – سولائي. تکائي – تيزائي – جلدائي. چٽائي (ٻڌڻ جي).

• **سَـرْلِيْ ج سَـرْلِيُوْنْ:** ث. ڪنن جي پاپڙيءَ ۾ ڦليءَ جهڙي شڪل جي پائڻ جو ڳَهه.

• **سَـرْما:** ث. (ف) سيارو – سردي جي موسم.

• **سِـرْمالُ ج سِـرْمال (ث):** . اُٺ تي تاکين کي ٻڌي قابو ڪرڻ

وارو رَسو.

• **سَرمالهيْ:** اسم خاص. ٽر ۾ رهندڙ برهمڻن جي هڪ ذات جو نالو.

• **سَرْمايو ج سَرْمايا:** ذ. [ف. سَرْمايَه = دولت] ڏَنُ – دولت – پونجي – زر – ملڪيت. مور – اصل زر – موڙي. فند.

– **سَرْمايه دارُ ج سَرْمايه دارَ:** ذ. ملڪيت وارو – دنيادارُ – دولتمند.

• **سَرمَدْ:** ذ. صفت. [ع. سَرمَدْ = بقادارُ] دائم – قائم – هميشه ـ پيوسته – رهڻ وارو – دائمي – غيرفاني. قادارِ لايزالُ – جنهن جي ابتدا انتها نه هجي. خدا تعاليٰ. سَرميل – سردارُ. دهليءَ جي هڪ مجذوب ولي الله جو تخلص يا لقب.

• **سَرْمَسْتَ ج سَرْمَسْتَ:** ذ. [ف. سر + مست] متوالو. مدهوش – مخمور – نشي ۾ چور – بدمست. اسم خاص. سنڌ جي هڪ صوفي شاعر "سچل" جو لقب.

• **سَرْمَنْڈَلُ ج سَرْمَنْڈَلَ:** ذ. هڪ ساز جو قسم – مورچنگ – وات چنگ. سَو تارن وارو هڪ ساز (ه. سَرْمَنْڈَلُ). "سَرْ مَنْڈَلُ جي ساز منجهان ساندو چا سمجهي".

• **سُرْمو ج سُرْما:** ذ. اکين ۾ پائڻ جو ڪاري رنگ جو هڪ پٿر – سوئيرو – انجن. "سرمون سياهي جو رنن کي رهاءِ" (شاهه). (ذ. صفت). سنهون – باريڪ. اڇي چانديءَ جون سنهيون پوريون لڑهيُون – مقيش – مُڪو (ه. سَلما). وارَ جي نوڪَ جيترو – تمام ٿورڙو – ذرڙو.

– **سُرْمائِيْ ج سُرْمائِيْ:** ث. ذم صفت. سُرمي جي رنگ جهڙو – پُوريڙو – ڏَوُنَرسرو – ڪَڪيرو – پڪيڙو.

– **سُرْمَهُ تَسْخِيْرُ:** سرمو قابو ڪَرڻُ وارو.

– **سُرْمو پائڻُ:** اکين ۾ سُرْمو وجهڻ. اکيون ٻَڌڻ – چَلَڻُ – نڪِڻ – ڏَهِي ڏِيَڻُ.

– **سُرْمگِينُ:** ف. سرمو پيل – سُرمي وارو – ڪَجلو.

– **سُرْمو كارو:** ٽڪر جي ڪاٽين مان ڪاري رنگ تي چمڪندڙ پٿر مان ٺهيل سُرْمو.

– **سُرْمُو كَرَڻُ:** پيهڻ – زبون ڪرڻ – ناس ڪرڻ.

– **سُرْمُو وِجهَڻُ:** گمراهه ڪرڻ – انڌو ڪرڻ. چالاڪي ڪرڻ.

– **سُرْميدانِيْ ج سُرْميدانِيُوْنْ:** ث. سُرْمي وجهي رکڻ جي شئي – آنڙو.

– **سُرْميدانِيْ ج سرميدَانِيُوْنْ:** ث. سُرْميدانِيْ.

• **سُرْمورائِيْ:** اسم خاص. پتافي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **سَرمورو ج سَرمورا:** ذ. صفت. (لفظي معنيٰ: مور جي ڇڇيءَ جهڙي ڇڇيءَ سان). اڳواڻ. سهڻو. سدا ملوڪ. (هاروچا هيا گهڻا، منهنجو ساجن سَرمورو" (مبارڪ).

• **سَرْميلُ ج سَرْميلَ:** ذ. سردار – اڳواڻ – منهندار.

• **سَرْن:** اسم خاص. هاڑهي جبل (بلوچستان) جي پاڙ وٽ هنگلاج غار ويجهو نديين غارن جو نالو. هندن جي عقيدي مطابق هڪ ديويءَ جي تلاءِ جو هَنْڌُ يا وهنجڻ جي جاءِ.

• **سَرِنامو ج سَرِناما:** [ف. سَر + نامه = لکت] خَطُ جي مَٿان لِکيلُ پَتو – ائڊريس. نالو – اسم. پاريتو – نشان – ڏَسُ. خطابُ – لقب. عنوان. منڊِ – مهرِ. فهرست.

• **سَرْناءِ ج سَرْنائيُوْنْ:** ث. شرناءِ ساز.

• **سَرْنائِيْ ج سَرْنائِيُوْنْ:** ث. [سن. سُوْن = آواز ڪرڻ] توتاريءَ جو هڪ قسم – شهنائي – توتاري – شرناءِ. نرِ. بانسري. مُرلي. تُرِيْ.

– **سَرْنايو ج سَرْنايا:** ذ. صفت. توتاريءِ وارو – شرنائي. شرناءِ وَجائيندڙ.

• **سَرنْجِوِيْ:** اسم خاص. تعلقي جوهي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَرَنْڈُ ج سَرَنْڈَ:** ذ. پُجَتُ وارو – پجندي وارو – سرندي وارو. ملڪيت وارو – پئسي وارو – شاهوڪارُ. اَميْرُ.

– **سَرَنْڈُ ج سَرَنْڈَ:** ذ. شاهوڪارُ – دنيادارُ.

– **سَرَنْڈَا ج سَرَنْڈ ٿائُوْنْ:** ث. طاقت – سَگهَ.

– **سَرَنْڈاتُ ج سَرَنْڈ ٿاتَ:** ذ. شاهوڪار – پجندي وارو.

– **سَرَنْڈِيْ ج سَرَنْڈِيُوْنْ:** ث. هُونْدَ – آسودگي. وَسُ – پُجندي – هلندي. وسيلو – ذريعو – اُپاءِ. سمرٿي – لياقت – لائقي. فوقيت. جمعيت. وسعت. اختياري.

– **سَرَنْديات ج سَرَنْدِياتَ:** ذ. پجندي وارو. ملڪيت وارو – هوندي وارو. سرندي وارو.

– **سَرَنْدِيارُ ج سَرَنْدِيار (ل):** ذ. شاهوڪار. پجندي وارو – هلندي وارو.

– **سَرَنْدِيءِ وارو ج سَرَنْدِيءِ وارا:** ذ. صفت. هوند وارو – وَسعَتمَنْدُ – سَرندو. فوقيت وارو. جمعيت وارو. پجندي وارو –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلندي، وارو. وسيلي وارو – اپاءَ وارو.

– **سَرَنْڊ يُون ڪَرڻُ:** پنهنجي مرضي موجب هلڻ. ٻئي جو لحاظ نہ رکڻ.

– **سَرَنْڊ ڪَنْڊِ** ج **سَرَنْڊ ڪَنْڊِيُون:** ث. بيماريءَ جو هڪ قسم – نندي ڳوپ.

• **سُرَنْدو** ج **سُرَنْدا:** [سن. سُوَرَه = آواز] گهٽين تندن وارو ساز. (اٺن نوَن تندن تائين جن ۾ هڪ رودوجهر جي پٽي جو). ’جاجڪ جهونا ڳڙهه ۾ آيو ساز ڪٽي سرندو‘.

– **سُرَنْدائِيْ** ج **سُرَنْدائِيُون:** ذ. سُرندو وڄائيندڙ.

• **سِرِنگ** ج **سِرِنگُون (ت):** ث. [سن. سُرگان] ويندي ۾ پيل موتين جي قطار.

• **سُرَنْگُ** ج **سُرَنْگَ:** ذ. صفت. [سُ = سئو + ف. رنگ] سئي رنگ وارو – سُرخ رنگ وارو. سهٽي رنگ وارو.

• **سَرَنْگارُ (ت):** ذ. سينگارُ.

• **سَرِنگَنُون:** ذ. [ف. سَر + نگون = جهڪيل] شرمنده ـ خجل، اُبتو.

• **سِرِنْگهَ** ج **سَرِنْگهُون:** ث. [سن. سُرَنْگا = ڇُرَ] زمين جي اندران ڪوٽيل ڳڇهو رستو. ٽڪر ٽاڪڻ جي لوهي سِيخ – چنجور. نانگ جو هڪ قسم. چِتّ ڪمري ۽ سنهي. تڪو هلندڙ.

– **سِرِنْگهَ ڪَرڻُ:** زير زمين رستو ٺاهڻ. پاڙ ڪائڻُ. اندرانئي اندران ڪاٽ هڻڻ.

– **سِرِنْگهَ هَڻَڻُ:** زمين اندران رستو ٺاهڻ – ڪوٽڻ. بغاوت ڪرڻ.

• **سُرَنْگهرُو** ج **سُرَنْگهرا:** ذ. سنهو سوراخ – تنگ.

• **سِرِنْگهُو** ج **سِرِنْگهو:** ذ. ٽر ملڪ ۾ هڪ قسم جو وڻُ.

• **سَرَنْگو** ج **سَرَنْگا:** ذ. صفت. چٽي آواز وارو. سهٽي رنگ وارو.

• **سَرْنواهُ:** اسر خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَرِنَوشْتَ** ج **سَرِنَوشْتُون:** ث. [ف. سَر + نوشت < نوشتن = لکڻ] نصيب – لکيو – قسمت – تقدير – پاڪُ ـ قضا – انگ.

• **سَرَنْهَ** ج **سَرَنْهَ:** ذ. جبل جو هڪ جانور.

• **سِرِنْهه:** ث. هڪ تيلي ٻج جو قسم. هڪ قسم جي پوک.

• **سَرِنْهُنْ** ج **سَرِنْهُنْ:** ذ. هڪ قسم جو وڻ – سَرِينْهه.

• **سُرَنْهَنْ** ج **سُرَنْهَنْ:** ذ. ميخ – ڪِلي.

• **سَرَڻْ** ج **سَرَڻُون:** ث. [سن. سَرڻ] پناهه جي جاءِ ـ بچاءَ جي جاءِ ـ دارالامان. پناهه – آسرو – پروسو – تڪيو. (ظرف). وَسِ ـ دامن – ذِمي.

• **سَرْڻائِيْ:** امانت ۾ ڏيڻ – اڃهي ۾ ڏيڻ – پناهه ۾ ڏيڻ – حوالي ڪرڻ (پرڻائڻ).

– **سَرَڻ پَوَڻُ:** سام پوڻ – اڃهو وڻڻ.

– **سَرِڻ وَڻَڻُ:** پناهه وڻڻ – آسرو وڻڻ.

– **سَرِڻِيُو** ج **سَرِڻِيا:** ذ. صفت. پيش پوندڙ – پناهه وٺندڙ. امانت. اوٽ. پناه (ث) سَرِڻِي ج سَرِڻِيُون.

• **سَرَڻُ:** مصدر. [سن. سرڻ] تيار هڻڻ يا ٽيڻ – راس ٽيڻ – سِڌِ ٽيڻ – پورو ٽيڻ. ختر ٽيڻ. انتظام رکڻ – ڪم ٽپڻُ. "منهنجي ڪانه سري ٽي هوت بنا" جي سگهڻ ـ ملڻ – حاصل ٽيڻ.

• **سِرِڻ** ج **سِرِڻِيُون** > **سِرِڻِيُون:** ث. پکيءَ جو هڪ قسم – هِلِ (ت) – چِيل.

• **سِرَڻُ:** مصدر. ٽورڙو اڇڻي يا پوئتي ٽيڻ.

• **سُرُڻُ:** مصدر. [سن. سِر = ڇرڻ] ڇرڻ – وڏڻ – سرڪڻ. ڪسڪڻ – گسڪڻ – ترڪڻ – رسڪڻ. اڇڻي وڏڻ. ريڑهيون پائڻ – بانبڑا ڏيڻ – گسرڻ. هري هري خارش ٽيڻ – سُرسُر ٽيڻ.

– **سُرْڻُو** ج **سُرْڻا:** ذ. سرندڙ – چرندڙ. هڪ قسم جو جيت – ڪينهو. سرندڙ ساهوارو. خارش – ڪِرنهن – ڪِرسِرو – سُر سُر. سياندڙي. چپن سُڄي پوڻ جي هڪ بيماري.

• **سُرُڻ واءُ:** ذ. اُٺ جي چيلهه سڪي وڃڻ جي هڪ بيماري. گهوڙي جي هڪ بيماري – چيلهه جي ڪمزوريءَ سبب چيلهه ڏڪائڻ. (نالي جو سبب: سرڻ پکي ماري. ڳوٽريءَ ۾ وڃي، ڏهن سيرن پائيءَ ۾ ٿهڪائي. جڏهن باقي ٽي پاڻ پائي بچي تڏهن پائي موافق ٻاجهريءَ جو اٽو ملي گهوڙي کي کارائبو. ۽ يا ٽي سرٽيون کارائبيون).

• **سَرْڻِيْ** ج **سَرْڻِيُون (ل):** ث. گهر جي سنهي ڪائي – ٽِنِيَ.

• **سَرْوَ:** ذ. صفت. [سن. سَرَوْ < سَرْب = سپ] سپ – ڪل. واڌو – زياده ـ سرس.

– **سَرْوس:** صفت. سپڪي – گهٽو – زياده ـ وڌيڪ – سَروَنس.

– **سَرْوسَاڌارُ:** سجو – سارو – جملہ – سمورو – ڪُل.

– **سَرْوَسَر** ج **سَرْوَسَرَ:** ذ. صفت. سجوئي – سمورو – ڪل – تمام – سَبُ – سَيوئي – سَمَنْڊو. (ظرف). بلڪل – پٽيءَ ـ مور – نپٽ – اصل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَرو ج سَرا:** ذ. [سن. سرکه = شراب] شراب جو هڪ قسم — شرابُ. "سِسِيْ سي گهرن جي واڇيندڙ وچ ۾، اُوڪي ٻيو پچن، سَرو جن سنباهيو" (شاهه).

— **سَرُوْ سَنْباهِڻُ:** شرابُ تيار ڪرڻ — دارون چڪائڻ.

• **سَرُو ج سَرُوَ:** ذ. هڪ ڏِگهي، سِڌي ۽ سهٽي وڻ جو نالو.

• **سَرْ وَ قَدْ:** صفت. ظرف. ڏِگهي ۽ سڌي قد وارو — قداوَرُ — خوش قامت.

• **سَرُوْ:** ث. مند جو نالو (سانوڻ کان پوءِ ۽ سياري کان اڳ) فصل (پوک) جو نالو جيڪو آڪٽوبر کان پوکجي.

• **سِرو ج سِرا:** ذ. [سن. شِرَش. ف. سَر = مٿو] مٿيون پاسو. مٿو — سِسِيْ. وهاڻو — تڪيو — سِراڻو. شروع — ابتدا — اول — آغاز — مُنڊ. رڪمن جي جوڙ لکڻ جو هنڌ. (اسم خاص). سنڌ جو سِرو (سکر بکر کان اتر. ديري غازي خان تائين).

— **سِري وار:** ڏکڻ سري شهر واري جبل جو نالو.

• **سُرُوْ:** سڌي ڪائي — بانس جي ڪائي. چيت.

— **سُرُوْ ڪائي:** صفت. (اصطلاح) صحت مند وڏو ٽيندڙ ٻار. جلدي وڌندڙ. (ضد. ڪُرو).

• **سُرْو ج سُرا:** ذ. جيت جو هڪ قسم. (ان. ڪائي وغيره کي ڪائيندڙ). گهُٽُ.

• **سَرواڱَ ج سَرْواڱَوْنْ:** ث. [ف. سَر + واڱَ = رسو] گهوڙي جي مٿي کان وري ايندڙ رَسِيْ — دَهاني واري رَسِيْ.

• **سَرواڻُ ج سَرْواڻَ:** ذ. [ف. ساربان = سُوارُ] اڳواڻ — مهندارُ — قافلي ڏٽي — ساروان — جَتُ.

• **سَرْواڻِيْ:** اسم خاص. مزاري بلوچن جي هڪ قبيلي جي هڪ شاخَ. جو نالو.

• **سُرْواهُ ج سَرْواءَ:** ظرف. رواجي — معمولي — عام — اهڙو جهڙو. "ساهه سِرسَرْواهَ سائين. آءٌ ڪريان توتان نثار" (سانگي).

• **سَرْواهِيْ ج سَرْواهِيُوْنْ:** ث. سڌي منهن واري تلوار. ٻنهي پاسن کان وهندڙ تلوار.

• **سَروبَدر:** ث. سدو بدر — بدلي ۾ مٽا سٽا — بَدو — سَٽو.

• **سَرُوتو ج سَروتا (ت):** ذ. صفت. [سن. شُروتا < شُروَ = ٻڌڻ] ٻڌندڙ — سڌندڙ — سامع مجلس.

• **سَروتُ ج سَروتَ (ل):** ذ. صفت. سخت — سوتُ.

• **سَرُوتَ ج سُرُوتَوْنْ:** ث سُرو — مضبوط ڪائي. ڪمائتي ڪائي.

• **سِروتو ج سِروتا:** ذ. [سن. شِلا = سِرَ] سِرَ جو ٽڪر — جِنُبَ — قوزُ.

• **سِروتِيْ ج سِروتِيُوْنْ:** ث. درياه ۾ وڏي پاڻي جي ڪُنَ مٿان پاڻيءَ جو گولُ ڇَڪَرُ — اونهي هنڌ وهندڙ پاڻيءَ جو نِنگهه.

• **سَرُوپُ ج سَرُوپَ:** ذ. صفت. [سن. سروپ . سَ + سان + رُوپ = شڪل] چهرو — مهانڊو — روءِ ـ منهن جو پنو — ڏيک — شڪل — روپ — صورت. ڏؤلُ — آڪارُ — نمونو. حالت. درجو. [سن. سُرُوپ: سُ = سٺو + روپ = شڪل] حسين — سهڻو — شڪيل — جميل — من مهڻو — خوبصورت — سندر — خوشرنگ. (ظرف). برابر — مثل — سَمان. [سن. سُوَ = پاڻ + روپ = شڪل] پاڻ سڃاڻڻ جو ڪم — خودشناسِيْ.

• **سَرُوپا ج سَرُوپائُوْنْ:** ث. [ف. سَر + پا = مٿي کان پيرن تائين] خلعت — عزت جي پوشاڪ — مرتبي جو وڳو. لِباسُ.

• **سُرُوجُ ج سُرُوجَ:** ز. [ف. سرود = آواز] سرود. آواز. گَالهائڻ جو نمونو يا ڍنگ.

• **سَروجُ ج سَروجَ:** ذ. پاڻي ۾ پيدا ٿيل ڏاندي — پاڻيءَ ۾ جاول پهٽ جو قل. نيلوفر.

• **سِروجهِيْ ج سِروجهِيُوْنْ:** ث. اُنَ جو هڪ سنڇ. اندران ڳوڙ ۽ باهران ٽپڙ سوتلي سان ڳنڍيل.

• **سَرُوجو ج سَرُوجا:** گاه يا ڪکن جو مُوٹو جنهن سان ٽانوَ ملجن.

• **سُرُودُ ج سُرُودَ:** ذ. ساز جو هڪ قسم — سُرندو. راڳ — نغمو — لات — سُر ـ مٺو آواز — ترانو — آلاپ. گائڻ وڄائڻ.

— **سُرُوْدُ آميزُ:** ذ. صفت. مٺو — سريلو — وٽندڙ — موهيندڙ.

— **سُرُوْدِيْ ج سُرُودِيْ:** ذ. سُرود وَڄائيندڙ — سُرندائي. منگتو.

• **سَرْوَرُ ج سَرْوَرَ:** ذ. سردار — سرڪردو — اڳواڻ — مهندارُ — پيشوا — حاڪم — دِڳيدارُ. هادي — رهبر. حضور جن جو لقب.

— **سَرْوَرِ جو سَڈُ:** ڪنهن اُميد پوري ٿيڻ تي سخي سَرْوَرَ جي ياد ۾ ڪوٺايل پاڙي جي ماڻ جي محفل. (سخي سرور ولي جي مزار. ديري غازي خان جي اولهه جبل تي).

— **سَرْوَرِ ڪائِنات:** ذ. سردارِ عالم — حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جو لقب.

— **سَرْوَرُ ڪَرڻُ:** شادي يا ڪنهن مراد پڄڻ جي موقعي تي ميندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ءِ خوشيءَ جي رسم ڪرڻ. سَرور پير جي شان ۾ سهرن ڳائڻ جي رسم ادا ڪرڻ.

– **سَرْوَرِيْ:** ث. سرداري – مهنداري.

– **سَروَري جماعت:** ث. مخدوم نوح رحہ جي جماعت.

• **سُرُورُ ج سُرُوْرَ:** ذ. (ع). خوشي – فرحت – راحت – لذت – مزو – لطف – موج – حَظ. هلڪو نشو – ڪيف – خمار.

• **سِرِوِرِ ج سِرِوِرِيُوْنْ (ل):** ث. گيهه – گيسَر – ڪاڏو – ڊِيَلَ – جَلهائي – سِلَ – گسر – سستي – گهِلَ. مشغولي – نندو ڪر – خَسيس ڪر. اجائي وقت وڃائڻ واري حالت.

– **سِرِوِرِ ڪَرَنْ:** خَسيس يا معمولي ڪم يا ڪاهلہ ۾ وقت وڃائڻ.

• **سِرِوِرُوْ ج سِرِوِرا (ل):** ذ. جانور جي اوجهريءَ جو هڪ حصو – اوجهريءَ جي ٿوپي.

• **سَرْوَرِيْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سِرِوْرُوْ:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سَرُوزُ ج سَرُوْزَ:** ذ. [ف. سُرود = ساز] سُرود – ساز.

• **سَرِوِسْ:** ث. [انگ. Service] ملازمت – نوڪري – خدمت.

– **سَرْوِسْ بُڪُ ج سَرْوِسْ بُڪَ:** ذ. نوڪريءَ جو ڪتابُ، موڪل ءِ اضافو وغيره ڏيکارينڊڙ.

• **سَرُوْڪارُ:** ظرف. (ف). واسطو – مطلب. تعلق – لاڳاپو – ميل ميلاپ – ڪم – معاملو.

– **سَرُوْڪارُ رَڪَنْ:** مطلب رکڻ – غرض رکڻ – واسطو رکڻ – لاڳاپو رکڻ. دوستي رکڻ.

• **سُرُوْنَ ج سُرُوْنُوْنْ:** ث. صفت. طاقت واري – وڏندڙ. سُرو.

• **سَروْنْدَ ج سَرْوَنْدَ:** ذ. اميدوار.

• **سَروْنْدُ ج سَرْوَنْدُ:** ذ. رنبي جو مٽو.

• **سَرُوْنْڪُوْ ج سَرُوْنْڪا (ث):** ذ. سهٽو – وٽندڙ.

• **سَرُوْنْڊُوْ ج سَرُوْنْڊا (ث):** ذ. ڇتو واڇو.

• **سَرُوْڙُوْ ج سَرُوْڙا (ث):** ذ. ڳالهائيندڙ – تقرير ڪندڙ – وياڪياڻي.

• **سَرُوْڙُوْ ج سَرُوْڙا (ث):** ذ. صفت. لوڙ وارو (ڪاڏو) – سلوٽو.

• **سِرُوْڙِيْ ج سِرُوْڙِيُوْنْ (ث):** ث. شاديءَ جو پيغام.

• **سَرُوْرَ (ث):** ظرف. برابر – هڪ جيترو.

• **سَرُوْرَ ج سَرُوْرَ (ث):** [سن. سرس = تلاءُ] وڏو تلاءُ.

• **سَرُوْهِيْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سِرُوْهِيْ:** اسر خاص. تعلقي گمبٽ (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سَرُوُنْ ج سَرُوُنْڙا (ث):** ذ. مَٽ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڊار ڳڏون – ڏونگهو. شاديءَ جو سڃو ڪر.

• **سَروْيْ:** ث. [انگ. Survey = جاچڻ] ماپ – ٻنيءَ جي ماپ.

• **سَروِيرُ ج سَروِيرَ:** ذ. [انگ. Surveyor] پئمائش ڪندڙ. پبلڪ ورڪس ڪاتي جو ننڍو عملدارُ.

• **سَرهَ:** ذ. [سن. سرشپ = سَرهَ] ربيع ۾ ٽيندڙ فصل ءِ تيلي ٻج. ٻي رپائي – سڃ – سڃائي. همدردي – پريت.

• **سَرهُ ج سَرهَ:** ذ. جبل جو هڪ جانور. جبل جو ٻڪر.

• **سِرهُ ج سِرهَ:** ذ. وڻ جو هڪ قسم – سَرِيْنهُنْ.

• **سُرْها:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سُرْهاتُ ج سُرْهاتَ (ل):** ذ. ماڪوڙي يا ٻين جيتن جو سڙڪاتُ. خارش – سُرڙاتُ – سرڪو.

• **سَرِهارِيْ:** اسر خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سَرْهاڙُو:** ذ. سراڙو. يڪي ڏوڙ – ميدان.

• **سَرْهالُ ج سَرْهالَ (ل):** ذ. [سر + حال > خوش حال] تندرست – سَڏرُ. عمر ۾ وڏو. سَريال.

• **سُرِهامُوتُ:** اسر خاص. هڪ قسم جو گاهہ.

• **سَرْهاڻُو ج سَرْهاڻا:** ذ. صفت. ڏکيل – پوشيده.

• **سَرهاڻُو پِيرُ ج سَرْهاڻا پِيرَ:** ذ. ڏکيل يا جُتيءَ ۾ پيل پيرُ.

• **سُرْهاڻِيْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سَرْهَلْ:** اسر خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سَرْهَلَ ج سَرْهَلُوْنْ:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **سَرَهُنْ ج سَرَهَنْ:** ذ. جبل جي جانور جو هڪ قسم – سَرهُ.

• **سَرِهُنْ:** ث. هڪ قسم جي تيلي ٻج واري پوک.

– **سَرهَنْ جيترا داڻا ڪَرَنْ:** ذرا ڪرڻ. ماري ڇڏڻ.

• **سَرَهُنْ:** ظرف. غالباً – سَجُ.

• **سَرهَنْدِيْ:** اسر خاص. سَر هند شهر جو امام احمد رباني سرهندي جو اولاد.

• **سَرْهَنگُ ج سَرْهَنگَ:** ذ. فوج جو آفيسر – ڪپتان. ڪوتوال. شهر جو ڪوتوال. نگهبان. بهادر – پهلوان – شجاع.

• **سَرْهَنْ:** مصدر. جانڪڻ – حفاظت ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَرَهڻ:** هڏڻ لاءِ هٿيار سڌو ڪرڻ. نشان هڏڻ لاءِ تيار ڪرڻ.
• **سِرَهَڻ:** مصدر. بند ڪرڻ – پورڻ – هوتڻ. محڪم ونڊ. هڏڻ – پري ٽيڻ – سِرڻ. چرپر ڪرڻ.
– **سِرْهِي ويهَڻ:** سنياڻي ويهڻ – پاسو ڪري وِيهَڻ.
• **سُرْهٽو ج سُرْهٽا:** ذ. سرندڙ جيت (وچون، نانگ وغيره). سُروٽو. هڪ قسم جي بيماري.
• **سَرْهو ج سَرْها:** ذ. صفت. [سن. سهرش: سَ = سان + هَرْش = خوشي] خوش – نهال – پرسن – ممنون – راضي. آسودو – سُکي. پريل – ريجهيل. بختاور. (اسم خاص). مَرد جو نالو.
– **سَرهائِي ج سَرهائِيُون:** ث. خوشي – راحت – جَشنَ – مؤج. لطف – فرحت – لذت – مزو. يوڳ بُلاسُ. وندر. ذوق. تازگي. چگيلائي.
• **سَرْهِجَڻ:** خوش ٿيڻ.
• **سِرْهو ج سِرها:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم – ڪَنڊِرُ مڇي، تورَ هڪ آني تائين، رنگ اڇو، هوٽ موڪرو، پڇڙي سنهي.
• **سُرَهو ج سُرَها:** ذ. صفت. [سن. سُرَب = خوشبوءِ] خوشبودار – سُڳَنڌ – سڳنڌيو. وٽندڙ. "مونکي مور نہ وسريا سُرها ويڙ سندن" (اشرف). سئو. پختو. اَثر وارو. (ذ). عطر – عنبر – تيل قليل – خوشبوءِ وغيره. "گَهرَ مَهارا گهوريا، سُرها مون نہ سُهاءِ" پاڻيءَ تي ٽيندڙ هڪ ٻوٽيءَ جو قسم.
– **سُرَهاڻ ج سُرَهاڻُون:** ث. خوشبوءِ ـ سُرهائي – هُڳاءُ – هِڪارُ – سُڳنڌ – واسُ. عطر – قليل.
– **سُرَهاڻِي ج سُرَهاڻِيُون:** ث. سُرَهاڻ ـ خوشبوءِ.
– **سُرَهائِي ج سُرْهائِيُون:** ث. سُرَهاڻ ـ هُڳاءُ. خوشبوءِ ـ سُڳنڌ.
– **سُرَهو ڪَرَڻ:** خوشبوءِ دار بنائڻ. ڪنهن جو ڪفن دفن ڪرڻ.
– **سُرَهِي ج سُرَهِيُون:** ث. صفت. خوشبوءِ واري. (ث). خوشي. فائدو.
– **سُرَهِي جِيڙِي:** هڪ خوشبوءِ دار مصالح ۽ ٻج جو قسم. هڪ پسارڪو وکر.
– **سُرَهِي ڪَرَڻ:** چگي ڪرڻ – اعتبار جوگو ڪم ڪرڻ.
– **سُرهِي مَرُ:** دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر.
– **سُرَهِيو ج سُرَهِيا (ل):** ذ. صفت. سُرهو – خوشبوءِدار.
• **سَرهُون (ل):** ث. چٽو. واڇي جو آواز.

• **سُرْهِيا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **سُرْهِياڑِي:** اسر خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سُرْهِيالُ ج سُرْهِيال:** (ڪ). ذ. صفت. وڏو. سَريالُ.
• **سُرْهِيَلُ ج سُرْهِيَلَ:** ذ. وڻ جو هڪ قسم – سَرنهُن.
• **سِرِهِيو ج سِرِهِيا:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم، چِلر ڪارڙا، ست پَرَيا ڪَنب، وات نندڙو، قد انڇ کان فوٽ تاءِ.
• **سُرْهِيو ج سُرَهِيا:** ذ. [سن. سُرپ] عطر وڪڻندڙ – عطار. سڳيون ۽ اڇڪ ناهيندڙ – سُرَهو – مرهياڑي.
• **سَرَءُ:** اسر خاص. سال جي مُندن مان هڪ مُند جو نالو – خزان. سيپٽمبر – آڪٽوبر واري موسم ۾ پوکجڻ جو فصل.
– **سَرَءُ جو تَپُ:** ذ. مليريا جي بيماري – موسمي بخار – مڇرن کان آيل تَپُ.
• **سَري:** حرف جر. کان سواءِ. "کانہ هلندي کيج ڏي، ساهيڙين سَري."
• **سَرِي ج سَرِيُون:** ث. [سن. سرا] لڙهي – مالها – تسبيح. "سائي شال ڪُلهن ۾، سامي سونَ سَرِيُ" (شاهه). گهوڙي جي ڪنڌ وٽان ٻَڌڻ لاءِ چمڙي جو ٽُڪر – سَرَواڳي. نارَ جو هڪ عضوو – ٽنين ملائڻ لاءِ انهن کي لڳل ڪاٺ جي ڪِلي. ڏاند گاڏي جي هيٺين ڦيٽن واري ڪاٺي. ٻيڙي جي پاڇل جي اڳئين پاسي ۾ لڳل ڪاٺي. پاڻيءَ جي ڪَسي. زالن جي مٿي جو ڪپڙو – پوتي – چُني – نندڙو بوڇڻ – رئو. مڙهي جو وڇ – ڪاٺي. وڻن جي قطار. ڪجيءَ جي گوشي جي تند. پاڻيءَ تي پئدا ٿيندڙ هڪ ٻوٽي جو قسم. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم. تيز – تِکي.
• **سَرِّي:** اسر خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو. (ث). گهوڙي جي سنجن جو سڳو (جو جنوئي ۾ وجهي هيٺ گاشي جي پٽيءَ ۾ ٻڌجيس تہ ڪنڌ نمائي هلي). (ت).
• **سِرِي آسامِي:** ظرف. جٽي جڙي تي – اڪيلي تي.
• **سِرِيراڳ:** اسر خاص. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. ڇهن راڳن مان ڇوٽون نمبر راڳُ. شاهه جي رسالي ۾ شاهه جي راڳ ۾ هڪ سُر جو نالو.
• **سِرِي ج سِرِيُون:** ث. [سن. شِرِسَ = سِسِي] سِسِي – منڊي – مٿو ۽ ڪُڇي. پوتي – گندي – اوڍي (ت) ڏند يا ڪن کوٽي. نڪ جي ڦُلي. سيني جو هڪ لطيفو. ٽوم – بصر وغيره جي ڳڙي يا ڳنڊ. ڏند جي پکيءَ جو هڪ قسم – ڪانهيري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سُريا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **سَرْيالُ ج سَرْيالَ (لس. ڪر. ڪ):** ذ. راڄ جو چگو مڙس — پريو مڙس — وڏيرو — دِهْيدار.
• **سَرِيالُ ج سَرِيال:** ذ. ڪٽنب يا قبيلي مان سيني ۾ سمجهو سياڻو سربراهه. طاقت مند. قابل.
• **سِرِيالَ ج سِرِيالُونْ (ڪ):** ث. مٽي درياءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **سِرِيالو ج سِرِيالا:** ذ. هڪ پسارڪو وڪرو دوا طور ڪم ايندڙ.
• **سُرْيانيْ:** ث. (ف). هڪ قديم زبان جو نالو.
• **سُرِيت ج سُرِيتُونْ:** ث. [سن. سُرت] وهاريل عورت — نڪاح ڪانسواءِ زال — ساهيڙي — سنگتياڻي — يارِ ـ سينڌي.
• **سُرِيتِ ج سُرِيتِيُونْ:** ث. سُرِيتِ. (ذ. صفت). سورن واري — ويامڻ تي.
• **سُرِيْتو ج سُرِيْتا:** ذ. صفت. [سن. سُوَرَت: سُ = چگو + ريت = نمونو] سني ڍنگ جو — ريتائتو — رڀائتو — سني هلت وارو — سلڇڻو.
• **سَرِيجَ ج سَرِيجُون:** ث. [سن. سَرِيْجنْ = پيدا ڪندڙ] سرجڻ جي حالت — پيدا ٿيڻ جي حالت. گاهه گلڪاري جو ڦوٽهڙو. پيدا ڪندڙ — ٺاهيندڙ — بنائيندڙ.
• **سَرِيرُ ج سَرِيْرَ:** ذ. [سن. شرير = بدن] بدن — جسم — جسو — تن — ڏيل — بت — خاڪي قلب. مَنِ ـ جان — ڪايا — ڏَڏَرُ — ڏَڏَرِيْ. وجود. تخت — گادي — ٽيلو — مَسَند.
— **سَرِيْرَ ڪي مُوافِقُ آڇڻُ:** دل ڪي وٺڻ — پسند اچڻ — طبيعت سان ٺهڪي اچڻ.
— **سَرِيْرِيْ:** صفت. بدني — جسماني — ديهه ڌاري — سَرِيْرُڪ.
• **سَرِيْسَ ج سَرِيْسُونْ:** ث. رِتَ — تجويز. تحريڪ.
• **سِرِيسُ:** ذ. ڇاپي جي مشين ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ قسم جي ٽنيٽ جهڙي شئي.
• **سُرِيْسَ ج سُرِيْسِيُونْ:** ث. ٽوري خبر — ڪڙڪ — پتو — گاهه.
• **سَرِيْعُ:** ذ. صفت. (ع). جلد — شتابُ — تيز. جلدي ڪندڙ — تڪڙو.
— **سَرِيْعُ التَّاثِيْرِ:** صفت. جلد اثر ڪندڙ — زود اثر. تيز.
— **سَرِيعالْفَهْمِ:** صفت. تيزفهم — سمجهو — جلد سمجهندڙ.
— **سَرِيْعُ الْهَضْمِ:** صفت. تمام جلد هضم ٿيندڙ — جلد تحليل ٿيندڙ.
• **سَرِيْكو ج سَرِيْكا:** ذ. صفت. ظرف. هڪجهڙو — برابر — مٽ — ٽاني — (اَنَ) جهڙو — ساڳيو — وانگر — هموار — سندريل — سنئون — پاڻ جهڙو. (هـ. سريکا).
• **سَرِيْكَتَ مَتْ:** ظرف. برابر.
• **سُرِيْلو ج سُرِيْلا:** ذ. صفت. سُر ۾ گائيندڙ — سُرود آميز. ناهوڪو. سياڻو.
• **سَرِيْنِ:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَرِيْنْ:** ظرف. [سن. شِرَسْ] جلد — ٺهه ڦهه — ترت — چٽپٽ — تهه طلبو — هڪدم — بنا دير جي — يڪدم — اوڏي مهل. (ث) سولائي — آساني.
• **سَرِيو ج سَرِيا:** ذ. هڪ قسم جي سفيد ننڍي ڪرڙي. لوهه جي سيخ جيڪا عمارت سازيءَ ۾ ڪم اچي.
• **سِرِيوالُ ج سِرِيوال:** ذ. صفت. (سِري = اتر + وال = وارو) سنڌ جي سري. جو اسر خاص. بلوچن جي لغاري قبيلي جي هڪ شاخ جو نالو.
• **سَرِيْهُ ج سَرِيْهَ:** ذ. لاش — لاشو — مڙدو — پراڻي — مڙهه — مئتُ — لوٿ — ديهَ. هڪ وڻ جو نالو. سَرِيْنهُ. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **سِرِيهَنْ (وڻ):** (ف. سريش) هڪ وڻ جو قسم — سِرنهن جو وڻ.
• **سَرِيْئُو ج سَرِيْئَا:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **سَڙا سَڙ:** ذ. صفت. تيرَن جو وسڪارو. وارُو وارُ. سٽ سَٽانْ.
• **سَڙاڪو ج سَڙاڪا:** ذ. تڪڙ ۾ نڪري وڃڻ جو آوازُ.
• **سُڙاڪو ج سُڙاڪا:** ذ. حُقي کي زور سان چِڪڻ يا پيئڻ وقت حُقي جو آواز.
— **سَڙاڪا ڪيڻ:** زور سان حُقو چِڪڻ — ساڙَ ڪيڻ.
• **سُڙِهاتَ ج سَرِهاتُونْ:** ث. چپن ۾ گُفتگوءِ ـ آهستي آوازُ — سرهاٽ.
— **سُڙِهاتَ ڪَرَڻُ:** چپن ۾ هوريان گالهائڻ. ڪا مخفي گالهه ٻڌائڻ.
• **سَڙِهُ:** ذ. اَڌ رَڌل سخت چانوَرَ.
• **سَڙِهَ:** ث. ڪامَ — ساڙُ — حسدُ.
• **سَڙِهڻُ:** مصدر. شرڪو ڪرڻ — سُرڪي پرڻ.
— **سَڙُپُ ج سَڙُپ:** ذ. ڪنهن پَتَرِي شئي جي جلدي ڪاڻ يا پيئڻ جو آوازُ — لڪَڻَ جو آوازُ — سُڙڪو — شُڙڪو — شُرڪو — پيئڻي — چٽڻي.
• **سَڙْسَڙْ:** آواز. تڪڙو تڪڙو — سٽ سٽ.
• **سَڙَكَ ج سَڙَكُونْ:** ث. رَستو — واٽ — شاهي ڊَگُ — شاهه راه ـ

شارع عام – گَسُ – پيچرو – لنگهه – راهَ – سَگِهُ – سيرَ – گهاڙو – سَيرو. ساڙو.

• **سَڙَڪ ج سَڙَڪُون:** (ث). (ع. سَرَقَه) اَٺ جو نُختو – هوتاري. مهارَ.

• **سَڙڪُ (ته ل):** مَصْدَرُ. [س. شِرتْ = ڪاڙهيل] ڏَڪڻُ. بُخار ۾ جهجهڻُ.

• **سَڙڪو ج سَڙڪا:** ذ. سَنڊڪو – آوازُ – ڪَڙڪو. گوڙُ – شورُ – هُل – لڙُ – گهمسانُ – غوغاءُ – دَومَ – ڏُمڇرُ – هائيتالُ – مَمَڻُ – ٻَڙڪو – هَنبَسُ. ٽڪا ٽُوڪي. بخار جي ڏَڪڻي.

• **سَڙِلو ج سَڙِلا (ث):** ذ. ڪَڪَڙن جي گهٽائي – جهُڙُ ڦُڙُ جهورَ جهَڪورَ. سَرلو "سج سَرلي ڏِکيو جهُڙُ ڦُڙُ جهورَ جهَڪورَ".

• **سَڙڻُ:** مَصْدَرُ. ٻَرڻ – پچڻ – ڪامڻ – جَلڻ – ڏُکڻ – پَڙُڪڻ. تپڻ. باهِ لڳڻ – جوش اچڻ. ڳَرڻ – ڇَتُ ٽِيڻ – ڪنو ٽِيڻ – ناس ٽِيڻ. هَٽڻ – ڳَرڻ. خارَ ڪائڻ – ضِدُ پوڻ – حَسَد ٽِيڻ – بُغض ٽِيڻ. پاڻيءَ کان سواءِ يا سخت سي سببان بوک جو سڪڻ.

– **سَڙِڻي ج سَڙِڻيُون:** ث. سَڙڻ جي حالت – جَل – ساڙ – ڪامَ. بُغض – ڪينو.

– **سَڙِيا ڪامانْ ڪَرڻُ:** پَڇَڻ – جَلڻ. سخت غُصو اچڻ.

– **سَڙِيو ڪاڻُ ٽِيڻُ:** پُورو بي اِيمانُ ٽِيڻ. ڪَمينو ٽِيڻ.

– **سَڙِيلُ ج سَڙِيلَ:** ذ. حاسِدُ – ساڙي ڪاڏو – ڪامَ ڪاڏو – آرڪائُو. ڏُکوئيلُ. غَليظ – گندو – خراب.

• **سَڙِيلُ ڪاپَرُ:** ذ. ڪَجيءَ جو گوشَ هيڻان سُڪل جارو – ڪاپَڙ.

– **سَڙِيلُ هڏو ج سَڙِيلَ هَڏا:** ذ. جَليلُ ڪندو – هريل هَڏو. (صفت. اصطلاح) ساڙو – ساڙيلو – حاسِدُ.

– **سَڙِيُون هوتيون ڪائُ:** سَخْتُ دُشمن هڻڻ. سخت ڪاوڙ هڻڻ.

– **سَڙُوْ ج سَڙُو:** ذ. حاسِد – سَڙِيل – آرڪائُو.

• **سَڙُوڪو ج سَڙُوڪا:** ذ. ڪُتي جو سُوتو.

• **سَڙُهُ ج سَڙُهَ (ث):** ذ. نہ وَهندڙ ڏانڊ – ڪُوڙو ڏانڊ – وَهَڪ ۾ ڪريل ڏانڊ. سُسُتُ. سُتَلُ – ڍِڳهو ٽي پيل. ڪَرَ جو ڪوسُ يا ڪَرَ ڪوسُ.

• **سَڙُهُ ج سَڙُهَ (ث):** ذ. وَرَتَ جو تَنَلُ ٽُڪُر. ٽَري پُڙتَ جو هڪ نمونو.

• **سِڙُهَ ج سِڙُهَ:** ذ. (ع. شراع = سڙهه) ٻيڙيءِ جو واءُ جهلينڊڙ ڪپڙو – بادبانُ. "سڙُهُ سُجاڻيو چوءِ. ماءُ ساموندي آئيا" (شاهه).

– **سِڙُهُ اَٽڪيءَ ۾ ڪَرڻُ:** ٻيڙيءَ کي اهڙيءَ طرح قيرائڻ جو واءُ ڪُوهي جي ٻين پاسن کان اچي سِڙُهه پري.

– **سِڙُهه جي سِڪِ ج سِڙُهه جُون سِڪِيُون:** (ک). ث. ٻيڙيءَ جو اصطلاح. ويڙهه ۾ واڌڪي ٻڌڻ جي ننڍن رَسنُ مان هڪڙو.

– **سِڙُهه چاڙهڻُ:** ٻيڙيءَ جي سِڙُهه کي کولڻ. ٻيڙيءَ کي رَوانو ڪرڻ.

– **سِڙُهه ساڃي ۾ ڪَرڻ (ل):** ٻيڙيءَ کي اهڙيءَ طرح قيرائڻ جو واءُ ڪوهي جي پاسن کان اچي سِڙُهه پَري.

– **سِڙُهُ سُڪائڻُ (ک):** گوش آريا ڪَرڻ جي ڪري گوش سان ٻيڙيءَ جو پوئتي (واءُ جي پُٺيرو) سڙڻ (انهيءَ لاءِ آريا ڪرڻ تي آوازُ ٿئي ها) سو هاڻي بنان آواز ڪرڻ جي پوئتي قِرڻ اِنهيءَ لاءِ تہ مڇيءَ جي آوازِ جي خبر پوي.

– **سِڙُهُ ڪي ڏِيڻي ڪَرڻُ (ک):** گوش آريا ڪري مُرڪَ ڇڪي برماڻ کي هڪ سَنوَت تي بيهارَڻ.

• **سَڙهاڪُو ج سَڙهاڪا:** ذ. جانوَرَ جي پُٺيڙي پاڇ ـ اهڙي پاڇ جو آوازُ.

– **سَڙهڪو ج سَڙهڪا:** ذ. جانوَرَ جي وَڻَن مان اوچتي پاڇ. دهَشَت وارو آوازُ.

• **سَڙهَڻُ (ل):** مَصْدَرُ. سَنڊڻ – ڪُنڊڻ – مارَ ڏيڻُ – ڏانگورڻ – سَٽَڪڻ – پيڇَڻُ. هيسائڻ. ڳاهڻ.

• **سَڙهِي ج سَڙهِيُون (ل):** ث. سَنهي ڇَڙي.

• **سِڙِي ج سِڙِيُون:** ث. لاش – مڙهه.

• **سَزا ج سَزائُون:** ث. مارَ – تَنبيهه – عَقُوبَتَ – سيڪَت – گوشمالي. تعزيرَ. جُرمانو. قَيدُ. ظرف. مُوافِقُ – مُناسبُ – لائق – مُطابقُ.

– **سَزاوارُ ج سَزاوارَ:** ذ. سَزا ۽ لائقُ – سيڪت جو حَقدارُ – ڏوهاري – آڏيڪاري – خَطاوارُ – گُنهگارُ. جَوابدارُ – ذِميوارُ. جوڳو – قابل – پَذيرُ (خطا).

– **سَزاوارُ ٽِيڻُ:** راس ٽِيڻ – موافق ٽِيڻ. مُراد کي پهچڻ – ڪامياب ٽِيڻ.

– **سَزائتو ج سَزائتا:** ذ. صفت. عَقُوبَتَ لائق – سيڪَتَ جوڳو – تَنبيهه لائق – مارَ جوڳو – ڏوهاري.

– **سَزايابُ ج سَزايابَ:** ذ. صفت. [ف. سزا + ياب > يافتن =

حاصل ڪرڻ] سَزا ڪاڍل – سزايافته. مُجرم – ڏوهي.

– **سَزايافتوْ ج سَزايافتا:** ذ. سزا ڪاڍل.

• **سَسَ ج سَسُونْ:** ث. [سن. شَوشُرَ] زال جي ماءُ (مڙس لاءِ) – مڙس جي ماءُ (زال لاءِ)

• **سِسُ ج سِسِ:** مُنڊي – سِرُ – ڳچي – مٿو – ساسري – سِسي. ڳلو – ڳردن – ڪَنڌُ.

• **سُسَاڏُ ج سُساڏا (ث):** ذ. صفت. لذت وارو طعام. مزيدار – سَوادي – ڇهَرو – سلوٽو – لوٽائيو – مصالحدار. اڌ گرم پاڻي.

– **سُسَاڏائيْ ج سُساڏائيُونْ:** ث. سلوٽائي – لوٽائيائي – ڇهرائي – تِکائي.

• **سُسَائِڻ:** مصدر. گهَنائڻ – گهٽ ڪرڻ – نندو ڪرڻ. لاهِڻ. ڪاٽ ڪُوٽ ڪرڻ – تخفيف ڪرڻ. جهپائڻ.

• **سُسْتُ ج سُسْتَ:** ذ. صفت. ڪاهت – آرسي – ٽوٽي – سليوسات – ڪاهِل – ڪم ڪوس – ڪم چور – ڪم ۾ دير ڪندڙ. سُوَمتي – وِساٽو – ڍِلو. اُداس – دلگير – مَلُول.

– **سُسْتائيْ ج سُسْتائيُونْ:** ث. اُلسَ – سُستي – ڪاهلي. ڊِرائي – ڳَرَ – ڳَهير – آرس – ٽوٽپائي – ٽوٽپٽو.

– **سُسْتُ ٽِيڻُ:** اُداس ٽيڻ – غمگين ٽيڻ. ڪرهت ٽيڻ. آرسي ٽيڻ.

– **سُسْتُ ماركُ:** ذ صفت. سست – رولاکڙ – ڪاهت – گيسر ڪاڏو.

– **سُسْتِيْ ج سُسْتِيُونْ:** ث. ڊِلائي – ڊِرائي. ڳَرَ – ڪاهِلي – ڳَهيرَ – آرس – ٽوٽپائي – آلس. ڪمزوري.

• **سَسْتوْ ج سَسْتا:** ذ. صفت. گهٽ قيمت وارو – ڪم خرچ وارو – سَهانگو – ارزان – مندو.

• **سُسُ پُسُ:** ث. سُسُ قُسُ – پُڻ پُڻ – ٻاهُور – پُٽڪو – پُٽڪار. جهُونگار. ڪَنَ جي ڳالهه – آهسته گفتگو – مخفي ڳالهه.

– **سُسُ پُسُ ڪَرڻُ يا سُسُ قُسُ ڪَرڻُ:** مخفي ڳالهيون ڪرڻ. آهسته ڳالهيون ڪرڻ. ڪَنَ جون ڳالهيون ڪرڻ.

• **سُسُ پُسِيوْ يا سُسُ قُسِيوْ ج سُسُ پُسْيا يا سُسُ قُسْيا:** ذ. پُڻ پُٽيو – پُٽڪاري. ڪَنَن جي ڳالهه ڪندڙ. چُغل خور – گلاخور.

• **سُسَرُ ج سُسَرَ:** ذ. صاف پاڻيءَ جو وڏو تلاءُ.

• **سُسَرِ ج سُسَرُوْنْ (ل):** ث. اڇي پاڻيءَ جي ڏَنڊَ.

• **سُسِراتُ ج سُسِراتْ:** ذ. آهسته دانهن – اِيذاءَ سبب شُوڪارو.

• **سُسِراتِيْ ج سُسِراتِيُونْ:** ث. سُسِرات.

– **سُسِراتِيْ ڪَرڻُ:** دانهن ڪرڻ.

• **سَسِـرُوْ (لاڙ):** ذ. سهو.

• **سُسُرُوْ ج سُسُرا:** ذ. ڪچي تالهي يا ٻَهَر جي ڪَچَ کي ڪائيندڙ هڪ قسم جو ننڍڙو جيت.

• **سَسُكُ ج سَسُكْ (ث):** ذ. صفت. سوگهو – مضبوط – قابُو.

• **سَسِكتوْ ج سَسِكتا (ث):** ظرف. سهڪندو.

• **سَسُلوْ ج سَسُلا (ڪ):** ذ. سهو – خرگوش.

• **سِسَلِيْ ج سِسَلِيُونْ (ث):** ث. پيتَ سان گذاري ويندڙ عورت. پاراتي طور ڪم ايندڙ لفظ.

• **سُسَنُ:** مصدر. [سن. شُش = سُکڙ] گهٽجڻ – سوسُ ڪائڻ – سَنڪوچَڻ. ڊِرو ٽيڻ. ڳَرڻ – هَپجڻ. ڊُرڪڻ – جهِجڻ – پُڻي پوڻ. ماندو ٽيڻ – ساٽو ٽيڻ – ڪَٽڪڻ. ڊِجڻ – خوف ڪرڻ. ڪُومائجڻ.

– **سُسِي وَجَڻُ:** ڊِجي وڃڻ. ماٺ ڪرڻ – بس ڪرڻ. سوس ڪائي وڃڻ – سُسڻ.

• **سَسوْ ج سَسا:** ذ. [سن. شِشوُ] ننڍڙو گهيٽو – ساسيو (ڪ). وَهُو – پوئِي. (ذ. صفت). هِيسِيَل – ڊِنل. سنڊ جي هٽ واڻڪي. الف – بي جو هڪ حرف. ردِ جو ننڍڙو لار قر – ننڍڙو گهيٽو يا گهيٽي. "هوءِ ٽيون ڪورين ڪونئري سرتيون مٽان سَسن" (شاهه).

• **سَسُوْ ج سَسُوْ (ث):** ث. سَسُ – مُڙس جي ماءُ (زال لاءِ) – زال جي ماءُ (مڙس لاءِ).

• **سِسوْ ج سِسا (ل):** ذ. [سن. شيرش = مٿو] سِرُ – مٿو – سِري – سِيسُ – مُنڊي – گردن.

• **سِسُ وِسُ ج سِسْ وِسُوْنْ:** ث. شَڪُ – گُمانُ – وَهم – انديشو. پَرم – سَنسو. وسواس. غيرت. سَنديهُ.

• **سِسْ وِسِيوْ ج سِسْ وِسِيا:** ذ. شَڪي – پرمي – وسوسيو – بي وساهه – گُماني – شڪائتو – سَنسي – وشواسي.

• **سَسُئِيْ:** ث. اسر خاص. [س. چگي – سُئي – سُهل – هڏل = نيڪ نام ـ سهڻي] هڪ عورت جو نالو جا پُنهونءَ جي معشوقه هئي. 'سسئي پنهون' تعلقي تنده باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **سَسُئيءِ جو پڙُ:** ذ. هڪ خوشبوءِ دار گاهه جو قسم. پُئِي. هڪ دوا جو قسم.

• **سِسِيْ ج سِسِيُوْنْ:** ث. [سن. شِيرش] مُنڊي – ڳچي – سِري – سِيسُ. ڪنڌ – گَردن. ڊورن جو هڪ عدد – ڪَنُ. (هيتريون سسيون يا هيترا ڪن ٻڌرين جا = هيترو عدد).

• **سِسِيْرِيْ:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَسِيْهَرُ ج سَسِيْهَرَ (ل):** ذ. نانگ جو هڪ قسم – ڪاريهر.

• **سَسِيْهَلُ ج سَسِيْهَلَ (ث):** ذ. سج.

• **سَسِيُ ج سَسِيا (ث):** ذ. هڪ قسم جو سُرندڙ جيڏُ.

• **سَطْحَ ج سَطْحُوْنْ:** ث. مٿاڇرو – مٿيون حصو – مَٿُ – سَپاٽ – روءِ ـ سِڌي ڇِت.

– **سَطْحِ آبُ:** ث. پاڻيءَ جو مٿاڇرو.

– **سَطْحِ زَمِيْنْ:** ث. زمين جو مٿاڇرو.

– **سَطْحِيْ ج سَطْحِيْ:** ذ. صفت. مٿاڇرو. مٿاڇري معلومات – ٽوري علم وارو.

• **سَعادَتَ ج سَعادَتُوْنْ:** ث. (ع). ڀڳو نصيب – خوش نصيبي – نيڪ بختي – سياڻائي – بختاوري. خوشي – راحت – نيڪي – پلائي.

– **سَعادَتَ مَنْدُ ج سَعادَتَ مَنْدَ:** ذ. [ع. سعادت + ف. مند = وارو] فرمانبردار – ڇَڪيوان. نيڪ بخت. نيڪ اخلاق.

– **سَعادَتْمنديْ ج سَعادَتْمَنْدِيُوْنْ:** ث. فرمانبرداري – اطاعت. نيڪ بختي.

• **سَعْدُ ج سَعْدَ:** ذ. (ع). نيڪ – مبارڪ – سعيد. ستاري جو سنو اثر. (ضد. نَحسُ).

• **سَعْد آبادُ:** اسم خاص. تعلقي سڪر ۾ تعلقي روهڙيءَ ۾ تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَعدپُورُ، سيدپور:** اسم خاص. تعلقي ٽنڈي باگي. تعلقي ميهڙ تعلقي گُنيءِ. تعلقي ڪنڊياري ۾ تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَعْدُ خانُ، سيدخان:** اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَعْدِ ڪِي، سيدڪي:** اسم خاص. تعلقي ڊِگهڙي. تعلقي ڪپري ۾ تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَعْدِيْ:** اسم خاص. شِيراز جي مشهور شاعر شيخ مصلح الدين جو تخلص.

• **سَعِيْدُ ج سَعِيْدَ:** ذ. صفت. (ع). سعادت وارو – نيڪ بخت – بختاور – سياڻو – پاڳوارو. نيڪ – مبارڪ. ڪامياب.

– **سَعِيْرُ ج سَعِيْرَ:** ذ. (ع). دوزخ. (صفت) – دوزخ جو.

• **سَعْيُوْ ج سَعْيا:** ذ. [ع. سَعي = ڪوشش] ڪوشش. جَتن – ڪشالو – سرجوشي – جاکڙو – اوڙجائي. محنت. جلدائي. تاڪيد.

– **سَعْيا اِجايا ٿِيَنْ:** ڪوششون بيڪار ٿيڻ – اُميدون پوريون نہ ٿيڻ – ناڪاميابي ٿيڻ – اُميدون پوريون نہ ٿيڻ – ناڪاميابي ٿيڻ – لاءِ سجايو نہ ٿيڻ.

– **سَعْيائِتُوْ ج سَعْيائِتا:** ذ. محنتي اوڙ – هڏ ڏوکي – اُجمائتو.

• **سَفارَتَ ج سَفارَتُوْنْ:** ث. (ع). هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ڏانهن موڪليل مستقل سياسي وفد. ايلچگيري. مفاهمت جو پيغام. وڪالت.

– **سَفارَتَخانو ج سَفارَتَخانا:** ذ. سَفيرجي آفيس.

• **سُفارَشْ ج سُفارَشُوْنْ:** ث. [ف. سپارش > سپردن = حوالي ڪرڻ] پارت – سُپارت – چوڪواڻ. سپردگي. سهائتا – مدد – سَهارو. اثرُ – زورُ – هلندي. هٿ جوڙ – اَرداس.

– **سُفارَشَ ڪَرڻُ:** مدد لاءِ چوڻ. ڪم جي سرانجامي لاءِ چوڻ. پارت ڪرڻ.

– **سُفارَشِ نامُو ج سِفارَشِ ناما:** ذ. [ف. سپارش + نامہ = لکت] سفارشي چِٺي – پارَت جو خط.

– **سُفارَشِيْ ج سُفارَشِيْ:** ذ. پارت ڪندڙ – سفارش ڪندڙ. سِفارش وارو. جنهن جي سفارش ٿئي.

• **سَفّاکُ ج سَفّاکَ:** ذ. [ع. سَفک = رت هارڻ] رتوچاڙ ڪندڙ – قاتل – خوني. بي رحم – ڪَنورُ – ظالم.

– **سَفاکِيْ ج سَفّاکِيُوْنْ:** ث. خونريزي – رَتوچاڙ. بيدَرَدِي – بي رَحميْ.

• **سَفالو ج سَفالو:** ذ. [ف. سفال = نشيب. اونهائي] اونهو وتو (ضد. تاسرو).

• **سَفَرُ ج سَفَرَ:** ذ. (ع) مُسافِريْ. سيرُ – ڪَهُ – اُجهاڪو – اَجهاڪُ – سَئِلُ – شَيْلُ. ڪُوچَ – رَوانگي. وَقت.

• **سَفَرِ سَنْوارَنْ:** مُسافِريءَ تي رَوانو ٿيڻ. سفر ڪرڻ.

– **سَفَرُ ڪَرڻُ:** سياحَتَ ڪرڻ – مُسافِري ڪرڻ. ڪُوچ ڪرڻ. رحلت ڪرڻ – پورو ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَفَرْنامو ج سَفَرْنامَا:** ذ. [ع. سَفر + ف. نامہ = لکيت] سَفرجو روزنامچو – سياحت نامہ. سَفَرجو احوال.
• **سَفَرُ ج سَفَرا:** ذ. [سن. سثل = فائدي وارو] سٹلو. لاڀ – سُنو.
• **سُفرو ج سُفرا:** ذ. [ع. سفره] دسترخوان – خُونچو. ميزپوش. پچو – گدُ.
• **سِفِلُ ج سِفِلا:** ذ. صفت. [ع. سفل = گهٽ ٽيڻ] نيچ – ڪَميڻو – ڪُڌو ماٹهو – ڪم ذات – ڪين جهڙو – خَسيس. وچولو – دَرمياني. سادو – جهڙو تهڙو – غربباٹو.
• **سِفِلائي ج سِفِلائِيُونْ:** ث. ڪَميڻائي – نيچپڻ – هَلڪائي. بيهُودائي. بي ادبي. مورکائي – بيعقلي.
– **سِفِلي جادُو:** ذ. شَيطاني عمل.
– **سِفِلي عَمَلُ ج سِفِلي عَمَلَ:** ذ. شَيطاني عَمل.
• **سَفُوفُ ج سَفُوف:** ذ. [ع] ڪُٽيل دَوا – ڦَڪي – ڀُورو – ٻَڪي. ٻُورو – پُڪو – پاؤڈر – اَٽو.
• **سُفْيتُ ج سُفيتَ:** ذ. صفت [ف. سپيد = اڇو] اڇو – سُفيد – بگو.
• **سُفَيْدُ ج سُفَيْدَ:** ذ. [ف. سپيد = اڇو] اڇو – بگو – ڏَوُنرو. گورو – پُورو. صاف – اُجل – چٽو – صفا. (ضد. سياهُ).
– **سَفيداڻ:** ث. سُفيدي – سُفيدائي – اَچاڻ ـ اَچائي – بگائي – ڏَوُنرائي. گورائي – چٽائي – پُورائي.
– **سُفيدائي ج سَفيدائِيُونْ:** ث. سفيدي – سفيداڻ.
– **سُفَيدُپوشُ ج سَفيدُپوشَ:** ذ. صفت. [ف. سپيد + پوش < پوشيدن = ڍڪڻ] اَڇا ڪپڑا ڍَڪيندڙ – فَضيلَتَ پريو – ڍسٹو وائسٹو – آبائتو – زيبائتو. اَشراف – شائسٹو. پوشيدو.
– **سُفيدو سياهَ:** ذ. اچائي ڪارائي. نيڪي بَدي – چڱائي بچڑائي – پَلائي بُرائي.
– **سُفَيدِي ج سُفَيدِيُونْ:** ث. سَفيدائي – سفيداڻ – اچاڻ – اچائي – بگائي – ڏَوُنرائي. گورائي – چٽائي – پُورائي. جُوابازن جي اصطلاح ۾ ڪنڊ يا مٿاڻ.
• **سُفَيْدو ج سُفَيْدا:** ذ. سُفيتو. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارکو وَکرُ. ڦُلايل جست. قلعيءَ مان ٺهيل اڇي رنگ تي، ڦَٽن ڦُرڙين لاءِ هڪ دوا.
• **سَفِيرُ ج سَفِيرَ:** ذ. [ع]. ايلچي – وڪيل – قاصد – پيغمبر – سنديشي.

• **سَفِينُو ج سَفِينَا:** ذ. [ع. سفينه = ٻيڑي] ٻيڑي – ڪَشتي.
• **سَقِرُ ج سَقِرا:** ذ. صفت. [سن. سثلو: سَ = چڱو + قَل] چڱو – سُٹو – پَلو – اوگهو – اُجو – موچارو. "سُرَ سيئي سَقِرا، پر خاصو سر ڪنيات" (خليفہ نبي بخش). عمدو – چوڪو – فائق. نهايت – چڱو – نهايت عمدو. وٹندڙ.
– **سَقِرائي ج سَقِرائِيُونْ:** ث. نيڪي – چڱائي – پلائي. سُٹائي – عُمدائي – سُهٹائي.
• **سَقِري ج سَقِرِيُونْ:** ث. ٻج سميت گوار جي ڦَري.
• **سَقَّلُ ج سَقَّلَ:** ذ. صفت. (سن). سُود مند – فائدي وارو – سٹلو – نفعي وارو – ڪارگر – مُجرب – هڪ ٽڪ – عمل ڪندڙ. ميوي دار. (اسم). سٹو قَلُ – سُٹو نتيجو. (ظرف). برصواب – پورو.
– **سَقَّلُ ج سَقَّلا:** ذ. صفت. سُودمند – فائدي وارو – سَقَّلُ – نفعي وارو واڌاري وارو – سجايو. ڪارگر – مجرب – هڪ ٽڪ. عمل ڪندڙ. نيڪ بخت – مبارڪ (ث. سَقَّلي ج سَقَّلِيُونْ). جيئن تہ "سَقَّلي ٽيندي ساءِ، جيڪا خرچي ناءِ خدا جي".
• **سَقَرَ:** ث. [ع. سقر = ساڑڻ] دوزخ – نرڳُ – جهنم.
• **سُقْراط:** اسم خاص. يونان جي هڪ مشهور فيلسوف جو نالو.
• **سَقْلاتُ ج سَقْلاتَ:** ذ. [ع. سقلاط] ڪرمزي رنگ جو ڪپڑو – رَتول ڪپڑو. بناوت.
• **سُقَمُ ج سُقَمَ:** ذ. [ع. سَقَمَ = بيمار ٽيڻ] عيب – اُوڻائي – ويڪ – نقص – جِيءَ ـ وِنگ – وِڏَ – گهٽتائي – الَ – خامي – ڪاراٹ – خرابي. بيماري – مرض – عِلت.
– **سُقْمُ ڪَڍَنْ:** عيب ڪڍڻ – گهٽتائي ڪڍڻ.
• **سَقْمُونيا:** ث. (ع). هڪ قسم جو لڱلڳدار وَکَرُ. هڪ قسم جي وڻ جي کونئر.
• **سَقْنَقُورُ ج سَقْنَقُورَ:** ذ. (ث). دوائن جي ڪم ايندڙ هڪ صحرائي جانور – ريگماهي – گِلوئي. نيل درياهہ ۾ ٽيندڙ هڪ قسم جي ڳاڙهي رنگ جي مڇي. دوائن جي ڪم ايندڙ.
• **سَقّوُ ج سَقا:** ذ. [ع. سقي = پاڻي ڏيڻ] بهشتي – پاڻي پريندڙ – پَکالي – مَشڪي.
• **سَقِيمُ ج سَقِيمَ:** ذ. صفت. [ع. سقم = بيمار ٽيڻ] بيمار – اگهو – ناچگر – ناچاڻ – عَليل – مريض. ڪِيڻ – ڪمزور – هيٺو. نِستو – پوٺو – ناتوان – بي ستو – بي سگهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سَقِيمُ الْحال:** صفت. ناتوان. مِسكين – تباهه حال – كمزور، بيمار.

– **سَقِيمَتَ ج سَقِيمَتُونْ:** ث. نياز – نماڻائي.

• **سَكَ ج سَكَ:** ذ. اُگرو – نر وٽندڙ – بي سوادي. قِكو – سخت.

• **سِكَ ج سِكُونْ:** ث. محبت – حُب – هيج – پريت. آس. چِكَ.

– **سِكَ بَڈَنْدو ج سِكَ بَڈَنْدا:** ذ. صفت. گهٽ – ٿورو. مناسب.

• **سُكُ ج سُكَ:** ث. صفت. سوگهو – سَخت – هڏل – قابو.

• **سُك:** ث. خُشكي – كَڙكي – سوكَ – أَڏاڻ _ آوَسَرُ – سوكَهڙو – أَٿوڻ _ تنگي – أَڻ هُوند.

– **سُكَ تي سَندرو ٿَڏَ:** سَجائيِ هُوندي وَڏي خرچ وارو كم كرڻ. همت كرڻ.

– **سُكَتَرُ سُكَتَرَ:** ذ. پاڻيءَ جي نه هجڻ جو هنڌ. سوكَ – كُرَءُ(ت).

– **سُكَ تي گَذارَڻ:** لنگهڻ كِيڏ – بُكون كَيڏ.

– **سُكَ تي لَنگهائڻُ:** كنهن كي كوڙين اميدن سان پري ركڻ – آسري ۾ رَهائڻ.

– **سُكَ كَرَڻُ:** قابو كرڻ – پُختو جهلڻ.

– **سُكَ هُجَڻُ:** قابو هجڻ. پُختو هجڻ – لوهَ هُجَڻ.

– **سُكِيُ ج سُكِيُونْ:** ث. خُشكي – خُشكُ زمين.

• **سَكاج سَكائُونْ:** ث. شَكَ – ناخاطري – اُميد گاري – اُميد واري – حَمَلُ – پيٽ – گربُ.

• **سَكاجُ ج سَكاجَ:** ذ. صت. [سن. سكاريه: سَ = چگو + كاريه = كر] داناءِ، مُرادَ وارو. سُكاجهُ. سوپارو – فَتح ياب – كامياب – سُمَرادو – كرتارت _ سڏارت – فَتَحمَندُ. پُورو – پريو – راسُ – تَيارُ – سَنُجيتو – سَمُندو – سِڌِ _ سماپَتُ. سُگهَڙُ – گَٹن وارو – نپٽ – پَكو. لائق پريو – فضيلت وارو.

• **سَكاجُ ج سَكاجَ:** ذ. [سن. سُكاريه] صحيح كم كندڙ – كم وارو – رٽ پهت وارو. وڙائتو – لائقُ. چگو كم – سڏو كم (سرسورٽ – گَل).

• **سُكارُ ج سُكارَ:** ذ. [سن. سكال: سَ = چگو + كال = وقت] سهانگائي – سُكَرُ – چگو وقت – آبادِيءَ ۾ فراواني وارو عرصو – خوشحالي – سَهَنجائيو. جهَجهائي – گهٽائي.

• **سُكارجَڻُ:** سُستو ٽيڙ – سَهانگو ٽيڙ. وَسندي ٽيڙ.

• **سُكارِيُو ج سُكارِيا:** ذ. صفت. خوُشُ – آسُودو – خوشحالُ.

• **سَكارِتو ج سَكارتا:** ذ. [سن. سكاريه: سَ = چگو = كاريه = كر] سَجايو – كَمائتو – سَڏِلو – كارآمد – مُفِيدُ. سُڌي نمونو ٽيل (كر) يا كيل.

• **سَكارِتو كَرَڻُ:** كنهن كم سان لڳائڻ. سُكِيو كرڻ. دفن كرڻ.

• **سَكارِتُو ج سَكارِتا:** ذ. صفت. [سن. سكاريه: سَ = چگو +كاريه = كر] سَجايو – كَمائتو – فائدي وارو – فائديمَندُ – كارائتو – كَتبائتو – كَرَ وَندُ – مُفيدُ – سُود مَندُ – كم كارجو – واڌاري وارو.

• **سَكارِجَ:** ذ. [سن. سكاريه: سَ = چگو + كاريه = كر] سُنا كَرَ – سَنُوان كَرَ – سڏا كَرَ.

• **سَكارَڻُ:** مَصدَرُ. قَبول كرڻ. مطلب وارو كرڻ.

• **سُكانِ ج سُكانِيون:** ث. [سن. شُشك = خشك] سوكَ – أَٿوڻ. أَڏاڻ _ آوَسَرُ. ٽوٽُ – رُكائي – سَكٹائي.

• **سَكائِڻُ:** مصدر. [سن. سَوكهه = وبجهو عزيز] مِٺي مائٹي هُڻڻ – لڳ لاڳاپو هڻڻ – عزازت هڻڻ.

• **سَكاوَتَ ج سَكاوَتُون:** ث. صفت. مِٺي مائٹي – لڳ لاڳاپو – عزازَتُ – قرابت – رِشتيداري.

• **سَكائِي ج سَكائِيُون:** ث. مِٺي مائٹي – لڳ لاڳاپو – عزازَت – قرابت.

• **سِكائِڻُ:** مصدر. شي ڏيكاري نه ڏيڻ. سَڏَ پُوري نه كرڻ. هركائڻ.

– **سِكائِتو ج سِكائِتا:** ذ. خواهِشمَندُ – گهرج وارو – ضَرورَتُ مَندُ.

• **سُكائِڻُ:** مصدر. خشك كرڻ – ٽوٽ كرڻ. پاڻي نه ڏيڻ. اُس ۾ ركڻ. كم ۾ دير لڳائڻ. كنبائڻ. هيٹو كرڻ.

– **سُكائِي ج سُكائِيُونْ:** ث. ٽوٽ _ خُشكي – سَكانِ.

• **سَكتَو:** ذ. [ع سَكتَ = ماٹ ۾ رهڻ] هك دِماغي مرض جو نالو – مِرگيءَ مثل مرض – بي هوشيءَ جو مرض – غَشي – مِرگهي. حَيرَت – ماٹ _ چپ.

• **سَكتَيِ ج سَكتَيُونْ (ل):** ث. سُگهَڙ – قابل.

• **سَكَرَ ج سَكَرُون:** ث. [ع. سكر = كند] چُمي – بوسو – مِٺي. پيار – چَسي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سُکرَ ج سُکرَوْنْ:** ث. اُها وڏي وچ جيڪا لڳڻ جي عمر ۾ هجي – لاڳڙ وچ. "سڌ ڪيائون ساهڙ ڪي تون سُکرَ ميڙ سنگهار" (سگهڙ). پهريات مينهن گهٽو ڪير ڏيندڙ نوجوان مينهن.

• **سُکرُ ج سُکرَ:** ذ. [سن. س = چگو + کَر > کال = وقت] سهانگائي – سَسُتائي – اَرزانيءِ. سُکائيءِ.

– **سُکرَ سٹائيءِ ٹيڑ:** سَسُتائي ٽيڙ – سهانگائي ٽيڙ.

– **سُکرَ سٹائي هُجڻ:** سهانگائي هُجڻ.

• **سَکرات ج سَکراتُوْنْ:** ث. (ع). موتَ جو وَقتُ – مَوْتَ جو آخري دَمُ. پچاڙيءِ جا پَساهَ. ساهه نڪرڻ وقت تڪليف. بيهوشي – غَشي. موت جو نَشو.

– **سَکرات جو وقتُ:** ساهُ نڪرڻ جو وقت.

• **سُکرْت ج سُکرْتُوْنْ:** [سن. س = چگو + کرت > کري = کرڻ] چگو ڪر – نيڪي – ثَوابُ.

– **سُکرْتي ج سُکرْتِيْ:** ذ. صفت. چگو ڪر ڪندڙ – نيڪو ڪار – چگن ڪَمن وارو يا سُنن لڇڻ وارو – فَياضُ – مهربانُ.

– **سُکرِيْتو ج سُکرِيْتا:** ذ. نيڪ بَختُ.

• **سَکرُوَ ج سَکرا:** ذ. صفت. ننڍو پر طاقتور. سَرل گهوڙو. طاقتور پاڏو.

• **سکرُوْ سکرو:** ذ. پيچُ.

• **سَکرِيارِيْ:** اسر خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَکرُ ج سَکرَ:** ذ. ڊَپ – خَوفُ – هراسُ. ڈَنْدَڙُ.

– **سَکرَ پَوَڙ:** ڈَنْدڙ پَوَڙ. ڊَپ کان زبان بند ٿي وڃڻ.

• **سِکلُ ج سِکلَ:** ذ. ڳنڍو – ڳوڙهو.

– **سِکلَ ہِتَجڻُ (ل):** ڳنڍا ہٽجڻ.

• **سُکلُ ج سُکلَ:** ذ. [سن. ششک = خشک] سُکي ويل – ٽوڻ – خشڪ پاٽي نہ مليل. ڳريل – ڪمزور. بنا رَسَ جي.

– **سُکلاڻ:** ث. سُکلائي – سوڪ.

– **سُکلائيءِ ج سُکلائيُوْنْ:** ث. خشڪ – اٽيائي – ٽوٽ. سوڪ.

• **سُکلانَ ج سُکلانَ:** ذ. پير جو هڪ زيور.

• **سَکلُ ج سَکلا:** ذ. [ع. سکين = چاقو] ترار مثلاً تکو هٿيار. ننڍي ڏنگي ترار.

• **سَکمُوْ ج سَکما:** ذ. طاقتور – مضبوط – سگهارو – ڏاڍو مڙس. سياڻو. (ث. سَکمِيْ ج سَکمِيُوْنْ: ث.)

• **سکَ ٹئن:** اسر خاص. تعلقي جوهيءِ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سِکيْن:** ظرف. [ع. سَکن = رهڻ] رهڻ لائق – قابل رهائش. وهڻَ جهڙو.

• **سَکڻُ:** مصدر. [سن. شَنْکَ = ڊِجڻ] ڪنبڻ – ڊِجڻ – ڈَڪڻ. لرزش ۾ اچڻ. "مُترکن مُنهه کڏيا، ساندائيون سَکَنِ" (شاهه).

• **سِکڻُ:** مصدر. اُکندجڻ – واجهائڻ – تکڻ. حرص ڪرڻ. آس ٽيڻ. خواهش مند ٽيڻ – گهرجائو ٽيڻ – ضرورتمند ٽيڻ. (اسر خاص). هڪ نئن جو نالو.

– **سِکٹو ج سِکٹا:** ذ. صفت. سڀ ڪنهن شيءِ تي روح رکندڙ – رسڪٽو – ريسالو. لالچي – لوبي – حريص. سکندڙ – سڪ وارو – سِکايل – خواهشمند – سِڪ وندو. آسائتو – اُميدوار.

• **سُکڻُ:** مصدر. [سن. ششک = خشک+ کري = کرڻ] خشڪ ٽيڻ – سُوٽُ ٽيڻ – ٽوٽ ٽيڻ – ڪمزور ٽيڻ. اُساتجڻ. بند ٿي وڃڻ – نہ وهڻ. سنهو ٽيڻ – اپرو ٽيڻ – ڪمزور ٽيڻ. رطوبت نڪري وڃڻ. بي حَس ٽيڻ.

• **سِکٹا:** اسر خاص. ڪاري واري پاڳي ۾ رهندڙ هڪ قبيلي جو نالو.

• **سِکٹِيْ:** اسر خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَکوْ ج سَکا:** ذ. [سن. سُوَکَهه = ويجهو مائٽ] مائٽ – عزيز – قريب – سڱو – رت – رشتيدار.

• **سِکو ج سِکا:** ذ. [ع. سکه = مهر هڻڻ] سرڪاري طرح منظور ٽيل مهر لڳل ڌاتُوءَ جو ٽپو (جيڪو منا سنا لاءِ ناٽي طور ڪر اچي) طِرز – رَوَش. طريقو – قاعده ـ قانون.

– **سِکائيءِ ج سِکائيءِ:** ذ. صفت. سِکو جوڙيندڙ – ضرب ساز.

– **سِکو جَمائڻُ:** ڏاکو جمائڻ – رعب وهارڻ.

– **سِکو هَلڻُ:** ڏاکو لکڻ. حڪومت هلڻ.

• **سُکُو ج سُکا:** ذ. صفت. سُڪل – خشڪ – ٽوٽ – ڪمزور. اُساتيل. (ظرف). مورڳو – صرف.

– **سُکا ساوا ٹيڑ:** ڏنڌيل جو آسودو ٽيڻ – بي وسيلن کي وسيلو هٽ اچڻ – ظلم جي بدران انصاف جاري ٽيڻ – مظلومن کي انصاف ملڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سُکَنُ گدُ آلا ہارڻُ:** بي ڏوهين کي بہ ڏوهين سان گڏ سزا ڏيڻ.
– **سُکَنُ گدُ آلا ہرڻُ:** ڪمينن سان گڏ اشرافن جو بدنام ٿيڻ. گنهگارن سان گڏ بي ڏوهين جو ڏوهاري ليکجڻ. ڏوهارين سان گڏ اشرافن کي تڪليف پهچڻ.
– **سُکو پائوُ ج سُکا پاڻا:** ذ. صفت. ڏہرو – لاغر – ضعيف.
– **سُکوُ جوابُ ج سُکا جوابَ:** ذ. رُکو جواب – خشڪ جواب – صاف انڪار – خالي جواب.
– **سُکوُ جوابُ ڏيڻُ:** صاف انڪار ڪرڻ – رُکو جواب ڏيڻ. ڪَنن تي هٿ رکڻ.
– **سُکو ڪاڻُ ج سُکا ڪاڻَ:** ذ. صفت. ڪنجُوس – پکو – بخيل. مرجُوٽ – چنجُوس.
• **سُکُوتُ ج سُکُوتَ:** ذ. [ع. سڪوت = ماٽ] خاموشي – ماٽ – چُپ – چُپ چاپ – سانت. صبر.
– **سُکُوتِي ج سُکُوتِيُونْ:** ث. چُپ چاپ – خاموشي – ماٽ. آرام. سامت. "سڪوت ئي سلام، پريان سندي پارجو" (شاھ).
• **سِکوتوُ ج سِکوتا (ل):** ذ. مضبوط. سِکايل – آسائتو. لالچي.
• **سَکُوڙِيلُ ج سَکُوڙِيلَ:** ذ. تَوَ جو سيڪيل.
• **سُکُونُ ج سُکُونَ:** ذ. [ع. سَکن = ماٽ ۾ رهڻ] آرام – قرار. قيام – رهائش. آسودگي – اطمينان. علم نَحوَ جو هڪ مثال – حرف علت لاءِ مقرر ٿيل خاص نشاني – جَزْمَ.
– **سُکُونَتُ ج سُکُونَتُونْ:** ث. قيام – رهائش – گهر – هنڌ – جاءِ ۽ ماڳ – مڪان – رهڻ جي جاءِ ۽ بودوباش – ٽِڪاءُ – اقامت. آرام – راحت.
– **سُکُونَتُ پَذِيرُ ٿيڻُ:** [ع. سڪونت + ف. پذير > پذيرفتن = قبول ڪرڻ] رَهڻ – بودوباش اختيار ڪرڻ.
– **سُکُونُ گاهُ ج سُکُونُ گاهَ:** ذ. [ع. سڪون + ف گاه = جاءِ] آرام گاهه.
• **سِکِي ج سِکِيُونْ (ک):** ث. مٽاڙ کي (پرماڻ) آڌ سان ٻڌڻ جي واجهه جو ٽُڪرو. ٻيڙي جو پرزو.
• **سُکِي ج سُکِيُونْ:** ث. [سن. ششک = خشک] خُشڪي. (ث. صفت). سُڪل – خشڪ – ٺوٺ – سُکي ويل – ڪَکرو ٽيل. رطوبت کانسواءِ ۽ خالي. ضعيف – ڪمزور – ناتوان – نحيف.
– **سُکِيءَ آلِيءَ کي آزمائڻُ:** زماني جون لاهيون چاڑهيون ڏسڻ – دنيا جو تجربو حاصل ڪرڻ – چڱي مَنجي جو نتيجو پروڙڻ – دوست ۽ دشمن کي چڱيءَ طرح پروڙڻ يا جاچڻ.
– **سُکِي پاکِي ج سُکِيُونْ پاکِيُونْ (ت):** ث. مَڏو اُسترو – حجامت ڪاهڻ جو اوزار. مُڏي پاکي.
– **سُکِي پاکِيءَ سانْ کُورڻُ:** نَڪَرُ – فريب ڏيڻ.
– **سُکِي ڏانگُوُ ٿيڻُ:** ڳري وڃڻ.
– **سُکِي ڪُنڊا ٿيڻُ:** نهايت ضعيف ٿيڻ – اپرو ٿيڻ – ڪمزور ٿيڻ – سُکي وڃڻ.
– **سُکِيءَ سانْ کَرڻُ:** هروُ پروُ دهائڻ.
– **سُکِيءِ ۾ تَہِي هڏُ:** پڌري گاله اُلي وڃڻ.
• **سُکِيارِتُوُ ج سُکِيارِتا:** ذ. صفت. [سن. سُکرِيه: سُ = چگو + کرِيه = ڪر] سجاڻو – سڄلو – فائديمند – ڪارائتو – ڪمائتو – مفيد – فائدي جو – سُودمند – واڌاري وارو – فائدي وارو – ڪم ڪار جو – ڪم وَند.
• **سَکِيلُوُ ج سَکِيلا:** ذ. [ع. سڪين = چاقو] ننڍي تلوار.
• **سَکِيلُوُ ج سَکِيلا:** ذ. [ع. شڪيل = سهڻو] سهڻو – ملُوڪ – ناهوڪو – وٽندڙ – شڪيل.
• **سِکِيلَتُوُ ج سِکِيلَتا:** ذ. صفت. سِکي سِکي حاصل ڪيل – لاڏلو – پياروُ – پيار سان پاليل – دادلو – سُکيو نِپايل – البيلو.
• **سِکِيلَتوُهڻُ:** لاڏلو هڻڻ – البيلو هڻڻ.
• **سِکَ ج سِکِيائُونْ:** ث. [سن. شِکش = سکڻ] تعليم – علم. اسر خاص.
• **سِکُ ج سِکَ:** ذ. (اسر خاص) گُرُونانڪَ جو پوئلڳُ. خالصو.
• **سُکُ ج سُکَ:** ذ. سَهَنْجُ – سَولائِي. آسودگي – راحَتَ – آرامُ – آنَنْدُ – ڪَلياڻ – چَيْنُ – فَرحَتَ – سُهُولَتَ – قَرارُ. (ڪلمو) چگو – نَهيو – خَيْرُ.
– **سُکِ پَوَنْ:** نَ گهُرجَڻ – کَڏِ ۾ پَوَنْ – اوڙاهَ ۾ پَوَنْ.
– **سُکَ جِي سِرانْدِيءِ هيئُونْ سِرُ ڏَرَنْ:** سدائين سُکيو سَتابو رَهڻ – اُوجَ ۽ اِقبال کي رَسَڻ – سَياڇو ٽيڻ – آرام ۽ اطمينان واري زندگي بَسَر ڪرڻ.
– **سُکُ ٿَنَّ:** آرامُ ٿَنَّ. لاڇيتو انتظار هڻڻ.
– **سُکُ سُمَھڻُ:** آرامَ جي زندگي بَسَر ڪرڻ. ڪوبہ اونو يا ڇُٽتي دِل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻر نه هُڻُ.

– **سُکَ وَچَڻُ:** آرامُ قَنَڻُ. اِنْتظارُ وَڌَڻُ.

• **سُکا ج سُکائُون:** ث. باس – مِنَت – مَحَت – نَذر نياز – نَذرانو.

• **سُکالو ج سُکالا:** ذ. صفت. [سن. سک + انيہ = جاءِ] خُوشُ – آسُودو – سُکيِ – پَرسَنُ. نَؤبَنو – تَنَدُرَستُ – چاقُ – چاڪُ – چگو پلو. نِهالُ – خُوشُ. (مَجازاً). بيمارُ – ناخُوشُ. بي مَزي. (ث) سُکالي ج سُکاليون.

• **سُکالڙو ج سُکالڙا:** ذ. صفت. سکالو. آسُودو – سُکيِ. چگو – سَکَرَ – سَجهيِ – بهتَرُ – سَجيِهُ – خوشحال. تندرست – چاقُ – چاڪُ – چگو پلو.

– **سُکالي سُکالرو هُڻُ:** بيمار هُڻُ.

– **سُکاولو ج سُکاولا:** ذ. صفت. سکالو – خُوشُ – آسودو – سُکيِ – نَؤبَنو – تندرُست – چاڪُ – چگو پَلو. (مجازاً). بيمارُ – ناچگو. ناخوش.

– **سُکاڙي ج سُکاڙيُون:** ث. صفت. سُکيِ – (اسم). بيماري.

• **سُکانُ ج سُکانَ:** ذ. [ع. سُکانُ] ہيڙيءَ يا جهاز کي قيرائڻ يا وَرائڻ جو هڪ اوزار – ہيڙيءَ جو ڳَنُ – سُکانُ. ويٽي پٽيان اڇو تختو. هڪ مُنڍي وارو ويٽو. ڪُوهو. انتظام – حڪومت جون واڳون.

• **سُکاڻِي ج سُکاڻِيُ:** ذ. سکاڻ وارو – جهاز يا ہيڙي هلائيندڙ – جهاز ران – ملاح.

– **سِکاڻِي ج سِکاڻِيُون:** ث. [سن. شڪش = سکڻ] اسڪول جي فيِ – اُجورو – پڳهار – لوازمو – محنتاڻو.

• **سِکائِڻُ (ت):** مصدر. سيکارڻ – سِکيا ڏيڻ – تعليم ڏيڻ – سبق ڏيڻ.

• **سُکپالُ ج سُکپالَ:** ذ. [سن. سُک + پال = پالڪي] ڏولي – پالڪي – چوڌيل – محفو. خاوند – مُحافہ – (صفت). سُهڻو – موجارو.

• **سُکپَت ج سُکپَتُون:** ث. [سن. شُپت = گهري نند] سيج – سيج – شاديءَ جو پلنگ (اسم خاص) هندو فقيرن جي ہي منزل جو نالو (سُنپت، سکپت، جاگرت، تريا).

– **سُکپَت سيجَ ج سُکپَت سيجُون:** ث. شاديءَ جو پلنگ.

• **سُکپُور:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد. تعلقي خيرپورناٿن شاهہ. تعلقي جاتي، تعلقي شاهبندر. تعلقي گهوڑا ہاري. تعلقي ميرپور ساکرو تعلقي سجاول ۽ تعلقي سکرنڊ ۾ ديهن جو نالو.

• **سُکَپِرُ ج سُکَپِرَ:** ذ. صفت. موڪرو – ڪُشادو – ويڪرو – چوڙو.

• **سُکَڏائِي ج سُکَڏائِيُ:** ذ. صفت. [سن. سک + دا = ڏيڻ] آرام ده ـ فرحت بخش – راحت وارو – وٽندڙ.

• **سُکَڏامُ ج سُکَڏامَ:** ذ. آسائش گهر – آرام گهر.

• **سَکَرُ ج سَکَرَ:** ذ. صفت. [سن. ساکشر: سَ = ساڻ + اڪْشر – اکر – وديا] چگو ماڻهو – عزت وارو – آبرُو وارو – تمام سٹو ماڻهو – پَلو ماڻهو. چگو – موچارو – خوش چگو پلو – تازو تکڙو – فرحتي. وٽندڙ – پسنديءَ جهڙو. سَرس – ٽورو زياده. اسم خاص. هڪ ضلعي، شهر ۽ ديهہ جو نالو.

– **سَکَرائِتُو ج سَکَرائِتا:** ذ. صفت. چاق – تندرست – چگو پلو – خوش – تازو – نؤبَنو – جوڙ.

– **سَکَرائِي ج سَکَرائِيُون:** ث. چگيلائي – چاقائي. اَمَن آسُودگي.

– **سَکَروُ مَلُو ج سَکَرا مَلا:** ذ. چگو بُڇڙو.

– **سَکروُ ج سَکرا:** ذ. ناهوکو. (ضد = نکرو).

• **سَکَـرَ ج سَکَرُون:** ث. [سن. شکر = گاڙهي، لال] گاڙهي ۽ چمڪندڙ رنگ جو هيرو يا لعلَ. عربستاني چنبيليءَ جي مُکڙي جئن ته: "سُونهن وجايم سومرا، سَکَـر جهڙي سُونهن" (شاهہ). ڇُهنب – ڏار – چوٽي. (صفت). وٽندڙ – پسنديءَ جهڙي – حَسين – سهڻي.

• **سَکَرُ پُراٹو:** اسم خاص. پراٹو سکر (شهر) تعلقي سکر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سَکَرُ جَـرُوارَ:** اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سَکَـرُ نَئُون:** اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سُکَريجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سُکَمَـرُدُ ج سُکَمَـرُدَ:** ذ. هڪ قسم جو ہُوتو. باغَنُ ۾ سانُوَڻ جي موسم ۾ اُپرندڙ، دَسْتَنُ کي بند ڪرڻ لاءِ دوا طور استعمال ٿيندڙ. عياشُ.

• **سَکَڻُ:** مصدر. [سن. شِکش = سکڻ] علمُ حاصل ڪرڻ – پڙهڻ – حاصل ڪرڻ – سبق حاصل ڪرڻ. ہُنَڻ – خبر پوڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي جي عادت يا رَوَش اختيار ڪرڻ. ڇاڻڻ – ٻُجھڻ – پوڙڻ. ھٽ ڪرڻ. معلوم ڪرڻ.

• **سَکِٹو ج سَکِٹا:** ذ. خالي – ٽلھو – پالھو – واندو. سُجو – ڪتل – ھٿن خالي – غريب – ويران – نسڪلو – بکيو. اَڪيلو.

• **سَکِٹائِيُ ج سَکِٹائِيُوْنْ:** ث. اَڻ ھوند – ڪنگالپڻو – اُوڻائي – گھٽتائي – ڪَميُ – اِفلاس – ڪَٽلائي – غريبي – ڪوتاھي – اَپرائي – ولھائي.

– **سَکِٹو دِلاسو ڏِيڻ:** فقط آسرو ڏيڻ مگر ڪم نہ ڪرڻ.

• **سَکِڻِي ج سَکِڻِيُوْنْ:** ث. سڪ عورت – گروءِ جي چيلي.

• **سَکو ج سَکا:** ذ. اسر خاص. سڪ – خالصو.

• **سَکو ج سَکا (ل):** ذ. دوسْتُ – يارُ. ساڻي.

• **سُکو ج سُکا:** ذ. [ھ. سوکا = سُکَل] سائي – ڇِڀي پَنگ. پَنگ جي سوائي. خُشڪ ٽيل – سُکل تماڪ

• **سُکو پَٽ:** ث. گھريُ ننڍَ – گھيرَنْ واري ننڍَ. ٻَتَ ھِر.

• **سَکِي ج سَکِيُوْنْ:** ث. [سن. سَکِي = ساھيڙي. عورت] سَھيلِي – ساھيڙِي – سَرتي – جيڊِي – ھڪ جيڊِيُ. دل واري – حال وَنڊيندڙ.

• **سُکِي ج سُکِيُوْن:** ث. ھڪ قسم جو ڪپڙو – ڦُلڪاريُ.

• **سِکِيا ج سِکِياڻُوْنْ:** ث. [سن. شڪش = سڪڻ] تعليمَ – علمُ – ڄاڻ – معلومات _ سُجاڻ. نصيحت – ھدايتَ – تَلْقِينَ. اُجورو – مَحنتاڻو – مَزُدوري.

• **سَکِيجا:** اسر خاص. مھرَ قبيلي جو ھڪ پاڙو.

• **سَکِيرانِيُ:** اسر خاص. ھڪ ذات جو نالو.

• **سُکِيو ج سُکِيا:** ذ. صفت. [سن. سُکَ = خوش] آسُودو – سَکَرُ – خُوشحال – ھُوند وارو – مَڇِي مانيءَ وارو – شاھوڪارُ. سَوَلو – سَھَنجو – بنان تَڪليف. خوش – سُکي – نھال – آنند – پرسَنَ – سُکالو. چگو. سرسبز – آبادُ. بَختاوَرُ. (ث) سُکي ج سکيون.

– **سُکِيو ٽُکر ڪائِيُ:** خُوش گذارڻ.

– **سُکِيو سَتابو ج سُکِيا سَتابا:** ذ. صفت. آسُودو – شاھُوڪارُ – پنھنجيءَ ھُوند وارو – بنان اِحتياج وارو. خُوشُ.

• **سَگُ ج سَگَ:** ذ. (ف) ھڪ جانوَرُ – ڪُتو.

– **سَگِ بازارِيُ:** عام ڪُتو – بازاري ڪُتو.

– **سَگُبانُ ج سَگُبانَ:** ذ. [ف. سگ + بان = تاتيندڙ] ڪُتا رکندڙ – ڪُتا ڏارِيندڙُ – ڪُتا پالِيندڙُ. ڪُتن جو ڏٽي – ڪُتن جو مالِڪُ.

– **سَگِ تازِيُ:** ذ. (ف). عربي نسل جو شڪاري ڪُتو.

– **سَگِ شِڪارِيُ:** ذ. (ف). شڪارُ ڪندڙ ڪُتو.

• **سِگارُ ج سِگارَ:** ذ. اسر. [انگ. Cigar] تماڪَ جي پنن مان ٺَھيل وڏو سَگريٽ – چُرُوٽ.

• **سِگارَٽُ ج سِگارَٽُوْنْ:** ث. ڪاميابي – ڪامراني – فتح – جيت – فتحمندي.

• **سِگائِيُ (ث):** مَصْدَرُ. ڪِسڪائڻ – تِرڪائڻ – لمائڻ – جورائڻ. ٽيڑَڻ. گِسڪائڻ – پري ڪَرڻ – ھَٽائڻ.

• **سَگتو ج سَگتا:** ذ. [سن. ست = نيڪ + گت = رستو] چگو ڏينھن – سياڻو ڏينھن.

• **سُگرُوْ ج سُگرا (ل):** ذ. ھڪ لوھارڪو اوزارُ – لُھندَن کي رَواتَ وغيره ھَٽڻ لاءِ جھلي بيھڻ جو اوزارُ – سوڀارو. (لوھارو).

• **سِگرِيُ ج سِگرِيُوْنْ:** ث. ڪوئلن ٻارڻ لاءِ لوھ جي ڇلھ – ڪُل – انگيٹي – مَنگل.

• **سُگرِيُ (ث):** ذ. ٽر ھِر ھڪ پکيءَ جو قسمُ.

• **سِگرِيٽ ج سِگرِيٽ، سِگرِيٽُوْنْ:** ذ. ث. [انگ. Cigratte] تماڪ پيَلَ ولاٽتي اڇي پني جي ٻيڑِيُ.

• **سَگلو ج سَگلا:** ذ. صاف ستڙو. فَضيلت وارو – فضيلت ڀَريو – فضيلت مآبُ. ناھوڪو – سُھٽو – حَسِينَ – چگو. (ضد. اَگلو ج اَگلا).

• **سُنگنُ ج سُنگنَ:** ذ. ساڻ – سَنْوَڻ – سُٽ. شُگَنَ – شُگونَ – فالَ – اوساڻ.

• **سِگنَل سِگنَلْ:** ذ. [انگ. Signal] اِشارو – اَھِجاڻ – اَھَجَ. رَيل گاڏِيءَ جي آمد جو نشانُ.

• **سَگ ج سَگ:** ذ. ڪُتُر – پَتو – پارُ – نشانُ – پيرو – پَنڱُ – اَھِجاڻ – ڏَسُ – پَرُوُ – اَھَجَ. جوريءَ مان ٽورو ھٽ آيل مالُ – جوري ٽيل سامانُ. ثابتي – تَصْدِيقَ – پڪ – خاطري. اَصلي شيءَ – ساڳِي شيءَ – جَنسي – ھُوبھُو.

– **سَگدارُ ج سَگدارَ:** ذ. سَگَ وارو – ثابتيءَ وارو – تصديق وارو – چوري ٽيل مال.

– **سَگُ سَجاتَڻُ:** چور وٽ پنھنجي اصلي شيءِ سڃاڻڻ – ثابتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهڻ – اصليت مان واقف ٿيڻ.

– **سَڳُ ملڻ:** ثابتي ملڻ – پڪ ملڻ – تصديق ملڻ.

• **سَڳائي ج سَڳائِيُون:** ث. [سن. سگوتر = عزازت] ويجهي مائٽي – عزازت – قرابت – قريبي ناتو.

• **سُڳَتَرُو ج سُڳَتَرا:** ذ. [هـ سُک تَلا] جُتيءَ ۾ هيٺان رکيل چمڙو – سُپترو – پتاوو.

• **سُڳداسي:** ز. [سن. س = چگو + گڊ = گنڌ = باس + واسُ] خوشبوءِدار جانورن جو هڪ قسم – خاشا.

• **سَڳَرُ ج سَڳَرُ:** ذ. واٽ – راهه – رستو – دَڳُ.

• **سَڳِرُو ج سَڳِرا:** ذ. سَڳو – ڏاڳو – تَندُ. ڪَرائيءَ ۾ ٻڌل سنهو ڏاڳو – ڳانو – ڳاني. ٻَٽُونءَ يا ڳوٽريءَ جو هڪ قسم.

– **سَڳِرِي ج سَڳِرِيُون:** ث. شاديءَ ۾ هڪ ڳاني ٻَڌڻ جي رسم.

– **سَڳِرِيءِ واري ج سَڳِرِيءِ واريُون:** ث. شاديءَ ۾ ڳاني ٻڌڻ واري رسم ادا ڪندڙ عورت – ڏوري واري – رکڙي واري. سُڳن واري – ساڻ واري.

• **سُڳَنڌَ ج سُڳَنڌُون:** ث. [سن. سُگَنْدَ. سُ = چگي + هنڌ = بوءِ] سُٺي بوءِ .. خُوشبُوءِ. سُرهاڻ – هُبڪارَ – هُبا – هُڳاءِ – مَهڪ – واسَ. عَطرُ – تيل ڦُليل. ڏُوپُ – واسُ – ريالُ – لوبانُ.

– **سُڳَنڌادڪ ج سُڳَنڌادڪَ:** ذ. خوشبوءِ دارُ – سُڳَنڌي – سُڳَنڌِيو – مَهَڪدارُ.

– **سُڳَنڌِيو ج سُڳَنڌِيا:** ذ. صفت. خوشبوءِ دارُ – سُرهو – سُڳَنڌي. (اسم). سُرها جانوَرَ – جانوَرن جي هڪ جنس – سُڳداسيُ.

• **سُڳُنُ ج سُڳُنُ:** ذ. [هـ. شگن = سُڳُڻ] سَوَنُ – ساڻُ – سَاڻُ – اَهِڃَ – اَوسانُ – شُگُونُ – فالُ – سُوُنُ. پَرمُ – سَنسو – وَهَمُ – گمانُ. ترتيبَ – جوڙجَڪُ – بيهَڪَ – ناهه نوهَ – سلسلو.

– **سُڳُنُ ڪرڻ:** سَوَنُ ڪرڻ – ساڻُ ڪرڻ. فال وجهڻُ. ڇَڪي ڏِسَڻ – ڇَڪنُ – ڏائقو وٺڻ – جَسَ وَٺڻ.

• **سُڳَڙو ج سُڳَڙا:** ذ. [سن. سُ = چگو + گن = خاصيت] سياڳو سَدورو – بَخُتاوَرُ – نيڪ بَخُتُ.

– **سُڳَڙي ج سُڳَڙيُون:** ث. سَوَڻُ واري – سائَنُ واري. گُنُ واري – گُنَوانُ – گُڻائتيِ. فائديمند – فائدي واريِ. وڏي بخت واري.

• **سُڳَڙو ج سُڳَڙا (ت):** ذ. سَسُتو – سَهانگو – ٽوري مُلَهُ وارو – گهٽ قيمت وارو.

– **سُڳَڙائي ج سُڳَڙائِيُون:** ث. سَهانگائي – سَسُتائي.

• **سُڳَڙِي ج سُڳَڙِيُون:** ث. اِسم خاصُ. اوڙَڙ جو هڪ قِسمُ – مانجهيلِي – ٽُوئر.

• **سَڳو ج سَڳا:** ذ. ڏاڳو – ڏورُ – سُتَ وغيره جي تَنُڌ. سينگار لاءِ سُتَ جي تَنُڌ جو زيورُ. ڪَرائيءَ ۾ ٻَڌڻ جو سونَ يا چانديءَ جي تند جو زيَورُ. مال جو رَسو. گهوڙي يا اُٺ جو سُٽ مان ٺهيل ڪنهن سَنجهَ جو هڪ قِسمُ. دُعا لاءِ سُتَ جي وَٽايل تَنُڌ – سَڳو قِيٽو. رَسو – واجهَ – ٽوڙهو. سگَ ۾ سَنُڌُون سڏو عزيزُ – مائٽُ – مٽ – رشتيدارُ – مائٽيءَ وارو – سَڪوَ – ساڳئي ڪُٽنب جو – برادريءَ وارو – حَقيقي – جگِر – رَتُ – پنهنجو. سَجو. (ضد. (لِڳو).

– **سَڳو سورَڻ:** تَسبيح سورَڻ – وَظيفو ڪَيڻ. حيلو هلائڻ – اَٽڪل ۽ حرفتَ ڪان ڪم وَٺڻ. پَچارَڻ – ڳالهه ڪَيڻ – گفتگُوءِ چيڑڻ.

– **سَڳي ڏاڳي ۾ هُجَڻ:** جَئي م هُجڻ – ٻَڏَلُ هُجڻ. پوئلڳَ هجڻ – چيلو هجَڻ.

– **سَڳو ج سَڳا:** ذ. سڳائي وارو – ويجهو عزيز – حَقِيقِي ياءِ – هڪ ماءُ پيءُ جو اولادُ – جگِريُ ياءِ.

• **سَڳورو ج سَڳورا:** ذ. [سن. سُ = چگو + گن = خاصيت] پَلارو – مُبارَڪُ – اَفضَل – وَڏو – بُزرگ – شانوارو – شانائتو – مَٿاهُون – اَعليُ – اُتاهُون. سَياڳو – سَدورو – بَخُتَ وارو. سٽائو – سَولو – آسانُ – سَهَنجو. چگو – شُڀُ. پَوِتَر – پاڪُ.

• **سَڳهَڙُ ج سَڳهَڙَ (ت):** ذ. ڪُجهُ وَڌيرڙو هار پنهنجي طاقت تي هَلندڙ هار – بَرجُستو "هارُ".

– **سَڳهَڙوج سَڳهَڙا (ت):** ذ. چاڪ – چگو پَلو – تندرست – سَڪَرُ – نِيڪُ – نَوَبَنو – تازو تَوانو – جوپ – خُوشُ باشُ.

– **سَڳهَڙو ٽيڻُ (ت):** چگو پَلو ٽيڻ – تَندرُست ٽيڻ – سَڪَرَ ٽيڻ.

• **سَڳِي ج سَڳِيُون:** ث. زالن جُون وارَنَ ۾ ملائڻ جُون سُتَ يا پَتَ جون لامُون – عورَتن جي سينگارَ جي هڪ شيءِ عزيز – ويجهي – رَت. (ضد: نِڳِي).

• **سَڳِيُون:** ث. اسم خاصُ. تعلقي گَنبَت خيرپورُ رياسَتَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سگهَ:** اِسم خاص. تعلقي ڪِپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سُگهاڻو ج سُگهاڻا (ت):** ذ. سُني هَلَر ڳاهيَلَ – تمام صفا ڪَيل اَنَ.

• **سگهرو ج سگهرا:** ذ. صفت. [سن. سَ = سان + گره = گهر] پرٽيلَ – شادي شُده ـ زالَ وارو. عَيالَ سان – پاتيِنَ سان – هارَنَ هِجن وارو – گهَرَ هارَ وارو – باقَبيلي. (ظرف). مڙيوئي – مڙيئي – جُملَ – ڪُنا – گڏ.

• **سُگهڙُ ج سُگهڙَ:** ذ. [سن. سُ = چگو + گهٽ = گهڙڙُ] سهڻو ناهيندڙ – سهڻو بيهاريندڙ – سهڻو بنائيندڙ – سهڻو ڪندڙ – سني گهڙَت وارو – هُنري – خوبين وارو. هين جا شعر ياد ڪندڙ ۽ ٻڌائيندڙ – سُخن سنج – شعر چوندڙ. سيبتو. (ث. سُگهڙ ج سُگهڙُنَ). (اسم خاص). هڪ ماڻهوءَ جو نالو.

– **سُگهرائپ ج سُگهڙائِپُنَ:** ث. هنرمندي – سني گهڙَت – سني جوڙَ. ڪم – هُنر – ترتيب – ناهُ – وهَٽ – گَڻ گوت. سياڻپ – ڏاهپ.

– **سُگهڙائي ج سُگهڙائِيُنَ:** ث. سُگهڙائپ.

• **سهڪڙو:** اسم خاص. جانورن جي هڪ قسم جو نالو.

• **سَگهڙيوُ:** ذ. هڪ قسم جو سنهو ڊگهو نانگ.

• **سَگهَڻ:** مصدر. [سن. شڪن = طاقت هئڻ] طاقت هجڻ – زور هجڻ – وت هجڻ – سَگهه رکڻ – بَلُ هجڻ – توفيق رکڻ. لائق هجڻَ – پورو هجڻ. ڪوبه ڪم ڪري پُڄڻ.

– **سَگهَ ج سَگهُونَ:** ث. زور – طاقت – توفيق – سَتُ – شڪتي – قُوت. مردانگي – مڙسي – جُرئت – همٽ. قابليت – لياقت – هوشياري.

– **سَگهاتوُ ج سَگهاتا:** ذ. صفت. طاقت وارو – طاقتور – زور وارو – پهلوان – سگهارو – سَگهائتو – جاڻو – جوڏو – ڏاڍو مڙس – دليز – بهادر – همت وارو.

– **سَگهَ آرَ ڪَرڻ:** همٽ ڏانهن لاڙو ڪرڻ – بهادريءَ ڏانهن رجوع ڪيڻ.

– **سَگهارُو ج سَگهارا:** ذ. طاقتمند – ٻلوان – سگهاتو – سَگهائتو – زور وارو – زور پريو – همٽ وارو – پهلوان – جاڻو – مضبوط. چگو پلو. خوش – سَرهو – چاق. چوبند.

– **سَگهائِتوُ ج سَگهائِتا:** ذ. صفت. سَگهو – سَگهاتو – سَگهارو – طاقت وارو – زور وارو – قُوت پريو – پهلوان – دليز – بهادُر.

– **سَگهائِجَنُ:** طاقت ۾ اچڻ – زور ۾ اچڻ – قُوَت ٽيڻ – سَگهه اچڻ – همٽ ٽيڻ – پهلواني ٽيڻ – دليري جو جوش اچڻ – بهادريءَ جو جذبو اچڻ.

– **سَگهائِيِ ج سَگهائِيُونَ:** ث. زور – طاقت – ٻلُ – توفيق – سَتُ – بهادري – همٽ – مردانگي. چاڪائي – چگيلائي – تندرستي.

– **سَگهَتَ ج سَگهَتُونَ:** ث. اسم. طاقت – ٻل – سَگهه – قُوَت – توفيق – همٽ – مردانگي – دليري – بهادري – سگهائي.

– **سَگهوُ ج سَگها:** ذ. صفت. طاقتور – مضبوط – طاقت وارو – زور پريو – زبردست – جامڙد – جُوانمڙد – پهلوان – همٽ پريو – پُڄت وارو – هلندي وارو – پجندي وارو. تندرست – چاق – چگو پلو – جوڀ. تکو – تيز – چُوهو – چُوٽ (ک). (اسم خاص). ماڻهوءَ جو نالو.

– **سَگهوُ ٽيَنُ:** چاق ٽيڻ – چگو پلو ٽيڻ – تندرست ٽيڻ. طاقتور يا مضبوط ٽيڻ.

• **سگهوُ ج سگها:** ذ. ظرف. [سن. شيگهر] جَلد – تکڙو – سگهه پريو. نَهه پَهه – سيگهه ۾ ـ پَلڪ ۾ ـ يڪدم – فوراً – جهٽ پٽ – تيز – جلدي – تُرت – تڙي ڪڙي – يڪدم.

– **سگهاڻ:** ث. [سن. شيگهر] جلدائي – سيگهه – تکڙ.

– **سگهائِيِ ج سگهائِيُونَ:** ث. سيگهه – چوٽ – تيز – جلدائي – چُٽڪي – ڦُرتائي – چُوهائي – تکڙ – تکڙائي.

– **سگهيڙُ ج سگهيڙا:** ذ. ظرف. جلد – سگهو – جهٽ پٽ – هڪدم – اَمالڪ – بنان دير – نَهه پَهه – تِکو – تکڙو – چُوٽ – چُوهو – تيز.

– **سگهوئِيِ:** ظرف. سگهو – جلد.

– **سگهيڙَپ ج سگهيڙپون (ت):** ث. جلدائي – سگوڙائي – سگهيڙَڙائي – سيگهه.

– **سگهيڙوُ ج سگهيڙا:** ذ. ظرف. سگهو – سگهوئي – سگهيڙو – ٿورو تکڙو – ڪجهه جلدي.

– **سگهيڙوُ ج سگهيڙا:** ذ. ظرف. سگهيڙو – سگهو – سگهوئي – ٿورو تکڙو – ڪجهه جلدي.

• **سُگهيڙُ ج سُگهيڙَ:** ذ. چگو رستو – سنو رستو – اُتم رستو – سنو گهيڙُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَگُ** ج سَگ: ذ. مائٽي – عزيزي – ميٽاچاري – ناتو – سَهنڊ – نسبت – تعلق – رشتو – لاڳاپو – ڳاندپو – سڳائي – عزازت – رشتيداري – ميٽي. شاديءَ لاءِ گهربل ٻانهن.

– **سَگابَنْدِي** ج **سَگابَنْديُون**: ث. ميٽي مائٽي – عَزازت – رشتيداري – سَگات. ناتو – پائيچاري.

– **سَگات** ج **سَگاتُون (ت)**: ث. سَگابندي.

– **سَگ چِکڻُ يا سَگ چِکائڻُ**: عزازت ڳنڍڻ لاءِ سَگ جي گهُر ڪرڻ – ٻانهن جي گهُر ڪرڻ – سَگابندي ڪرڻ – عزازت لاءِ چڪڻ – شاديءَ لاءِ چوڪريءَ جي گهر ڪرڻ.

– **سَگ ساهڻُ**: مائٽيءَ جي دعويٰ ڪرڻ – عزيز سڏائڻ – رشتيداريءَ جي دعويٰ ڪرڻ – مائٽي ڪرڻ – مائٽي چڪڻ. برابري ڪرڻ – سينو ساهڻ – هڪجهڙائي ڪرڻ – مشابهت ڪرڻ.

– **سَگ سَنوان ڪَرڻُ**: دوستيءَ جا دم هڻڻ – مائٽيءَ جي دعويٰ ڪرڻ – عزازت جي دعويٰ ڪرڻ – رشتو ڳنڍڻ.

– **سَگ سُورَڻُ**: سَگ ساهڻ – رشتو ڳنڍڻ – رشتي جي اميد رکڻ – مائٽيءَ جي دعويٰ ڪرڻ – عزازت چڪڻ.

– **سَگ سِياڪُو** ج **سَگ سِياڪا**: ذ. ميٽي مائٽي – رشتيداري – رشتو – عزازت – ميٽي – ميٽاچاري.

– **سَگ سياپو ٿيڻ**: مائٽي ٿيڻ – رشتو ٽٽڻ.

– **سَگُ گهُرڻُ**: نڪاح ڪرڻ لاءِ چوڪريءَ جي گهُر ڪرڻ – ٻانهن جي گهر ڪرڻ.

– **سَگ وَڻڻُ**: شاديءَ لاءِ چوڪري هٿ ڪرڻ.

– **سَگيتو** ج **سَگِيتا**: ذ. صفت. برادري – عَزازَت – پائيچاري – ميٽي – مائٽي – ميٽاچاريُ – رَشتيداريُ – عَزيزيُ – رشتو.

– **سَگِيٽو** ج **سَگِيٽا**: ذ. [سَن. سُوَڪو] سَگ وارو – عَزازَت وارو – عَزيزُ – ميٽ – مائٽ – رشتيدارُ – ويجهو – قَريبُ. مَگِيلُ – مائٽي ڪَيلَ. (ظرف). وَهيٽو – برابريءَ جهڙو – برابر – لائق – جوگو – جهڙو – ساڳيو.

• **سَگ** ج **سَگ**: ذ. [سن. شرنگ = سگ] جانورَنْ جي مَٿي تي ٻَڌاءُ واسطي قُدرت جو ڏنل هٿيارُ – ڇوٻائي مال جو هڪ عُضوو – قَرنُ – شاخ. سنگهر – سُنبو – ڏَڦو – سِنگ. (اسم خاص). تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **سِگرُ** ج **سِگرَ**: ذ. صفت. سگَڻُ وارو.

– **سِگڑِي** ج **سِگڑِيُون**: ث. نَفِيلَ – فقيرن جي وَجائڻ جو وڏو سگ.

– **سَگڻ تي ڪَٽڻُ**: خُوب ڏَمال ڪَيڻ – ڏمُڪي ڏيڻ – ڏَمَڪائڻ – چَنڊَ ڪَيڻ – ڏَڙڪا ڏيڻ. جُٽ قٽ ڪرڻ.

– **سِگڑِي** ج **سِگِيُون**: ث. [سن. شرنگ = سگ] بَدَن مان ڪِني رتَ چُوسي ڪيڻ لاءِ سِگ مان ٺهيل هڪ ڪِيڏَ جهڙو اوزار. نندڙو سگ. ٽُوتاريُ.

• **سَگائِڻُ**: مصدر. خبرداري ڪرڻ – سَنيالَ ڪرڻ – پَرگهورَ ڪرڻ. سُڌ سماءُ ڪرڻ – نظرداري ڪرڻ – جانچ ڪرڻ. ڪَرَ لهڻ.

• **سَگٽُ**: ذ. جانورن جي سَگڻ کي ساڙي ٺاهيل اکين جي دوا.

• **سَگَرُ** ج **سَگَرَ**: ذ. [سن. سگَرَ = سگَّرَ] ڪَنڊي جي وڻ جي ڦَري – ڪنڊيءَ جو ڦَريا ڦَلُ.

• **سِگرَاڙَ** ج **سِگرَاڙُون (ل)**: وَس جي وَلِ. پاڇيءَ طور ڪم ايندڙ نندين ڦَريُون.

– **سِگرِيُ** ج **سِگرِيُون**: ث. ڦَري – ڪَنڊي جي وَڻ جي ڦَريُ. (ث). هڪ ہوٽيءَ جو قسم – گرنديو.

• **سِگرِ** ج **سِگرِيُون (ڪ)**: ث. پاڻيءَ ۾ مَڇيُ ڦاسائڻ لاءِ مهاڻن جا وڏَلَ ڏارَ يا ڏَنگهَرَ – ڇاپ.

• **سِگرِي ٻُجِيُ**: ث. رڍ جو هڪ قسم.

• **سِگڑِيُون**: سگڻ جا ٽڪر (جانورن جا سگ جن کي مٽان چوٽيءَ وٽان وڍجيءَ ۽ هيٺان وڏي پاسي کان پڙ وڍجي. اهي اندران پورا) جيڪي مٽان چوٽي وٽان زوردار ڦوڪ سان وڃن.

• **سَگڻُ**: مصدر. هٽ ڏِگهو ڪرڻ – ٻانهن ٻاهر ڪيڻ – هٽ ٽنگڻ.

• **سِگوڙِيُ (ت)**: مصدر – ڪير حاصل ڪرڻ لاءِ ڳٽون يا مينهن جي ٽٽڻ کي مهٽڻ.

– **سِگوڙهِجَڻُ (ت)**: مصدر. جانور جو ڪير لاهڻ – ٽٽڻ ۾ ڪير جو اچڻ – سِگوئجڻ – ٽٽڻ ۾ ڪير پرجڻ.

– **سِگوئِجَڻُ**: مصدر. ڪير جو ٽٽڻ ۾ پرجي اچڻ – عورت يا جانور جو ڪير لاهڻ – سِگو هجڻ.

• **سَلُ** ج **سَل**: ذ. چيد – ہِر گهل – سوراخ – ٽنگ – ڏَر – ہِرُ – پورُ – خالُ. (پرا. شَلْ: سن. شيل) ڦٽ – زَخم – چاڪُ – وَڏِ – چيرُ – ڦوڙو.

– **سَل ڪَرڻُ**: ٽنگ ڪيڻ – سوراخ ڪرڻ – چيدُ ڪرڻ – ونڊَڻ – ہِر گهل ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَل پِر وَنڱ ڪَڍڻ:** ڳالهه پِر قير هڻڻ – ڳالهه پِر وَڙهڻ.

• **سِلَ ج سِلُونْ:** ث. بيماريءَ جو هڪ قسم – سِلهه – تَپ دقَ – وڏي کنگهه – ڦڦڙن جي بيماري. دير – گِسر – گيسر – گَهِلَ – اوبَر – اوبل – اوبلائي. يڪساهيءَ ڏوڙ – سَراڙو – رُومڙ – ڪاهه – سِيخَ – شيخَ [سن.شالهه = هڪ ٻوٽو] هڪ قسم جو گاهه يا پاڻي. (ث – جمعيت).

• **سِلاءِ ج سِلائُونْ (ث):** ث. [سن. شِلا = سِر] پٿر جي چِپ – سِر. نندي نيٽي رن زال – بيوه.

– **سِلائُو ج سِلا:** ذ. سِرُون وجهندڙ – سرون ٿاهيندڙ.

• **سَلاهَتَ ج سَلاهَتُونْ (ت):** ث. [ع. صَلبه. مضبوط] حُسُن – خوبصورتي – سُهڻائي – سُنهن. سُڻائي – اچائي – اَجرائي – صفائي – اَجلائي – لَڇڻ – فضيلت – ارڪان – افعال – ڪرتُوت.

• **سَلاهُونْ ج سَلاهُونْ:** ذ. زمين اندر دهيل سطحي مَواد.

• **سِلاجِيتَ ج سَلاجِيتَ:** ذ. [هـ. شِلا = پَٿَر + جيتو = روُح] پٿر جو روح – جبل جو ڪونئڙ – دوا طور ڪم ايندڙ – پٿر مان نڪرندڙ هڪ سَلارس – دوا جو هڪ قسم.

• **سِلاحَ ج سِلاحَ:** ذ. (ع). وڙهڻ جا اوزار – هٿيار.

– **سِلاحَ بَنْدُ ج سِلاحَ بَنْدَ:** ذ. [ع. سلاح + ف. بند > بستن = بڌڻ] هٿياربند – هٿيارن سان پريل.

– **سِلاحَ خانَهْ:** ذ. [ع. سلاح + ف. خانه = گهر] هٿيارن رکڻ جي جاءِ – توبخانو – ميگزين.

– **سِلاحَ سازُ ج سِلاحَ سازَ:** ذ. [ع. سلاح + ف. ساز > ساختن = ٺاهڻ] هٿيار ٺاهيندڙ.

– **سِلاحَ شُورُ ج سِلاحَ شُورَ:** ذ. [ع. سلاح + ف. شور > شوريدن = بغاوت ڪرڻ] بهادر سپاهي – جنگي سپاهي – هٿياربند سپاهي. ميگزين جو داروغو – سِلاح خاني جو رکوالو.

• **سَلاخَ ج سَلاخُونْ:** ث. (ف). لوهه جي ٽُلهي يا گول شيخ – پاري.

• **سَلارُ ج سَلارُ (ث):** ذ. جوڙو – هڪ گڏ – ٻيلهه – ٻيٽو.

• **سَلارَسَ:** ث. ڦوٽن جو تيل. ڪوئر جو هڪ قسم. خوشبوءِ دار پسارڪو وَڪَر.

• **سَلارُوُ ج سَلارا (ت):** ذ. صفت. ڪجهه وڌو – ٿورو وڌو – وڏيرڙو.

• **سَلاڑَهْ:** مصدر. سَلهاڙڻ. ڳنڍڻ – گڏ ٻڌڻ – ملائڻ – گڏڻ – جوڙڻ – رلائڻ. سَلهڙ هڻڻ – ڏورو ٻڌڻ – جفت ڪرڻ – قطار ڪرڻ – گڏوگڏ ڪرڻ.

– **سَلاڑَهِ ج سَلاڑَهُونْ:** ث. ملاپ – ڳنڍڻ واري حالت.

• **سَلامَتْ:** ث. [ع. سَلَس: آسان ٿيڻ] رَواني – وَهَڪ – روانگي – سادگي. فَصاحت: آساني – سَولائي – سُهڻاجائي – سهُولت. نَرمي – ڏَڏائي – ماڻائي – ماڻ – ڏراڻي.

• **سَلامَتِ زِبانْ:** [ع. سلامه + ف. زبان] فَصاحت – شيرين گفتاري – خوش ڪلامي – نرم گوئي – زبان جو ميٺاچ.

• **سَلامِلْ:** ث. [ع. سلسله = ڪَڙِي] پيڙهيءَ – ڏاڏڻ – ڏاڏڻ.

• **سَلاوَ ج سَلالا (تَ):** ذ. ڪجهه وڏيرڙو – ٿورو وڏو – زياده وڏيڪ – جاستي. (ث. سَلالِي ج سَلالِيُون).

• **سَلامُ ج سَلامَ:** ذ. [ع. سَلَمَ = سلامت رهڻ] سلام عليڪم جو اشارو – تسليمات – پَرنام – نمسڪار – تسليم – آداب – جهُارُ – سُواگت. امن امانَ – سُک – سلامتي – رکيا – رَکشا – بچاءَ – حفاظت. ڪَلياڻ – جمعيت – شانتي – قرار. موڪلائي – الوداع – خدا حافظ – رخصت – آسرو الله جو – الله توهار – خدا حافظي – اجازت – موڪل – ڇوٽي – حاضري – پيرو – وارو – گهمرو. ديدار. ٺاهُ – پرچاءَ – ميلاپ – پرچائي – صلح – رضانامو. بندگي – نياز.

– **سَلامُ پَيرَ:** بندگي چوڻ – آداب ڪرڻ – نياز ڪرڻ – تسليم ڪرڻ. حاضري پرڻ – حاضر ٿيڻ – منهن ڏيکارڻ – روبرو اچڻ – روزانه ملڻ – گهُمرو ڪرڻ – پيرو ڪرڻ. زيارت ڪرڻ – ديدار ڪرڻ. ڪاڪ ڪيڻ. واسطو رکڻ.

– **سَلامَتَ:** ظرف. محفوظ – سوگهو – هر بلا کان بچيل – صحيح سلامت – هٿيڪو – سانيپيو – بي جوکو – سالم – ثابت – اجوکو – خيرن سان – صحيح – ثابت. موجود – حاضر – قائم. تندرست – چگو ڀلو – تازو توانو – سَگهو – نروپو – چاق. خوش خورم – شادو آباد – سرسبز – تازو – سَرهو – نوبنو. زنده ـ جيئرو – حيات – ساهه سان.

– **سَلامَتَ رَوْ:** [ع. سلامت + ف. رَوْ > رفتن = هلڻ] درميانه – وچٿرو. مدبر – منتظم – ڏاهو – عاقل – داناءَ – سياڻو.

– **سَلامَتَ رَهَڻْ:** خوش رهڻ – سرهو رهڻ. تندرست رهڻ – چاق رهڻ – چگو ڀلو رهڻ. صحيح رهڻ – امان ۾ رهڻ – بچاءَ ۾ هجڻ. محفوظ رهڻ – قائم رهڻ. زنده رهڻ – جيئرو رهڻ – حيات رهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– حياتي هجڻ. آباد رهڻ – سرسبز رهڻ – وڌندو رهڻ.

– **سَلامَتِيْ ج سَلامَتِيُوْنْ:** ث. (ع.) حفاظت – سوگهائي – امن – بچاءُ – هٿيڪائي – امان خيريت – عافيت – تندرستي – چگيلائي – چاکائي – ٺيڪائي – صحت – صحتيابي. آرام – قرار – فرحت. راحت – خوشي – سرهائي. زندگي – حياتي – جيئرائي – زندگاني. موجودگي – حاضري – موجودات.

– **سَلامَتِيْ کِشْتِيْ ج سَلامَتِيْ کِشْتِيُوْنْ:** ث. جهاز ۾ لڳل سلامتيءَ سان پهچائڻ واريون هيڙيُون.

– **سَلامَتِيْ گهُرڻ:** خيريت گهرڻ – حفاظت گهرڻ ـ الله تعاليٰ کان امن گهرڻ – بچاءُ جي دعا گهرڻ.

– **سَلام پَيامُ ج سَلامَ پَيامَ:** ذ. (ف). گفت و شُنيد – گالهه ٻولهه. سگابنديءَ جي گفتگو. نياپو – سَنيهو – پيغام.

– **سَلامُ ڏيڻُ:** ياد ڪرڻ – سارڻ – يادگيري ڪرڻ. نياپو ڏيڻ – سنهيو ڏيڻ – پيغام ڏيڻ. رخصت ڪرڻ – وداع ڪرڻ – ڇڏڻ – اجازت ڏيڻ – موڪل ڏيڻ – ڇوٽي ڏيڻ – ڇوٽڪارو ڏيڻ.

– **سَلامُ نه وَرائِڻُ:** لاڳاپو نه رکڻ – ميلُ نه رکڻ – قطع تعلقات ڪرڻ.

– **سَلامِ شَوْقَ:** (ف). محبت جو سلامُ – پيارَ جو نياپو – عشقَ جو سَنيهو – قُربَ جي دَعوَتَ – پيارَ جي گهُرَ – سلامِ محبّت.

– **سَلامُ عَلَيْڪُمْ:** (ع) اوهان تي سَلامتي هُجي – شَلَ سَلامت هُجو – شال توهان تي رَحمَت هُجي – شال توهين خوش خورم هجو. مسلمانن جو سَلامُ.

– **سَلامُ ڪَرڻُ:** مٿي تي هَٿ رَکي تَسْلِيمُ ڪَرڻ – مُجرو ڪرڻ – بندگي ڪرڻ – نياڑُ ڪرڻ – نُڙَتَ ڪرڻ – عَجزُ ڪرڻ. عَرْضُ ڪرڻ – اِلتجا ڪرڻ. عَليڪ سَليڪ ڪرڻ. موڪلائڻ – خيرباد چوڻ – خُدا حافظ ڪرڻ. ڇڏڻُ – دَسْت بَردارُ ٿيڻ. رَوانو ٿيڻ – ڪُوچَ ڪرڻ – موڪلاڻي ڪرڻ – اِجازَتَ گهَرڻ – رُخصَت ڪرڻ.

– **سَلامُ وَڻڻ:** بندگي قبول ڪرڻ – نياڑُ قبول ڪرڻ – سَلامُ قبول ڪرڻ – سَلامَ جو جواب ڏيڻ – سَلام وَرائڻ – آداب قبول ڪرڻ – لَبيڪ چوڻ. حاضر ٿيڻ – مَوْجُود ٿيڻ – پيش ٿيڻ – مُلاقات لاءِ گڏجڻ.

– **سَلامُ وَرائِڻُ:** سَلامَ جو جَواب ڏيڻ – آدابُ قبولُ ڪرڻ – تسليم ڪرڻ – سَلام قبول ڪرڻ. نمازُ پُوري ڪرڻ – نمازجي خَتَم ٿيڻ جو اعلانُ ڪَرڻ.

– **سَلامِيْ ج سَلامِيُون:** ث. (ع). تَسليمات ـ تسليم – سَلامُ – بندگي – تَعظيْمُ – شانُ – عِزَت – مانُ. نِهنائِيْ – نُڙَتَ – نياڑُ – حَليمائي – کانڊ. اِسْتَقبالُ – آجيانُ – آدَرياءُ – پيشوائي – مَرحبا – پَلي ڪار – خوش آمديد. توبن يا بندوقن جي فَيُرن سان ڏِنل تَعظيمَ. ڪنهن ڏَڙي يا دڪي کي ڪوڏَرِ جي نَپَ. نَذرانو – سوغات – سوڪڙي – تُحفو – نَذرُ – بخشش – ڪنهن ٻني کي ڪوڏر سان ڏنل نَپَ. سلام ڪندڙ – حُڪمَ ۾ ـ اِطاعَت ۾ ـ چَئي ۾ ـ آگيا ۾.

– **سَلامِي ڏيڻُ:** توبن يا بندُوقن جي فَيُرن سان تعظيم ڪرڻ – عزّت ڪرڻ – سَلامُ ڪرڻ – آداب ڪرڻ – عزّت افزائي ڪرڻ. ڪنهن ڏَڙي يا دڪي کي ڪوڏَر جي پُٺ سان نَپَ ڏيڻ. ڪنهن ڪانِيءَ کي کُهاڙي يا واهوليءَ سان سڏو ڪرڻ.

– **سَلامِيْ وَڻڻُ:** سَلام قبول ڪرڻ. ڪنهن ڏَڙي کي کوڏر سان ٽپڻ. ڪنهن ڪانِيءَ کي گهَڙي سڏو ڪَرڻ.

• **سِلاوَتُ ج سِلاوَتَ:** ذ. [سن. شِلا = سِرَ] سَنگتراش – پَٿَر ٽُڪيندڙ – پٿرن تي چتسالي ڪندڙ. چَمڙ ڪرَچڻ ۽ صاف ڪرڻ وارو ڪاريگر.

• **سِلاوَتِي ج سِلاوَتِيُوْنْ:** ث. چَمڙ کي ڪرَچڻ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ هيٺان رکيل سِرَ – روهِيْ.

• **سِلاوَتا:** اِسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سَلاهُ:** مصدر. ساراهڻ – واکاڻڻُ ـ سُپرد ڪرڻ – پارَت ڪرڻ – ذِمي ڪرڻ – ذميدارِيْ ۾ ڏيڻ – هَٿ وَسُ ڪرڻ.

– **سَلاهَ ج سَلاهُوْنْ:** ث. واکاڻ – تعريف – ساراهَ – صفت – وڏائي – اُستَتِي – ثَنا – واهه واهه – جَسُ. پارَتَ – سُپارتَ – سفارَش – ذِمو – ذميداريْ – حوالو – سُپردگِي.

• **سَلائِڻُ:** مصدر. [سن. شَلْ گهَڙڻ] ساراهڻ – واکاڻڻ – تعريف ڪرڻ – صفت ڪرڻ – ثَنا ڳائڻ – جَسُ ڳائڻ. سچي ڪرائڻ – قبول ڪرائڻ – باسرائڻ – مجارائڻ – مَڃتا ڪرائڻ – هائوڪار ڪرائڻ. تُنگُ ڪِدائڻ – سَلَ ڪَدائڻ.

• **سَلائِيْنُ:** مصدرُ. سِبائڻ – سِلائي ڪرائڻ – ٽوپا ڏيارَڻ – بَخا هَٽائڻ. سيبو ڪرائڻ – ڳنڍ ٽوپو ڪرائڻ.

– **سِلائِيُ ج سِلائِيُون:** ث. سيبو – تُوپو – بَخو – ٽانڪو. سيائڻ جي اُجرتَ – سياڻي – سبَڌ جي مزدوري.

• **سَلْب:** (ع): ظرف. ڪٽي وڃڻ جيَ حالت – ڪَسڻ جي حالت – ڦري وڃڻ واري حالت – وَڻي وڃڻ جي حالت – جمع: سلب اختيارات.

– **سَلْب ڪَرڻ:** نابود ڪرڻ – ناس ڪرڻ – چَٽ ڪرڻ – تباهه ڪرڻ – برباد ڪرڻ – تابان ڪرڻ – تاوان ڪرڻ. جذب ڪرڻ – حَلَ ڪرڻ – ميل ڪرڻ.

• **سَلْتَنُ:** مصدر. "پوري طرح، سلڻ – ٻڌائڻ – چٽيءَ طرح ظاهر ڪرڻ – پڌروڪرڻ – چگيءَ طرح ڏَسَ ڏيڻ.

– **سَلْتائِنُ:** مصدر. پوريءَ طرح ڏَسَ ڏيڻ – چٽيءَ طرح ٻڌارائڻ – ڪولي ظاهر ڪرائڻ – چگيءَ طرح سَلائڻ.

• **سَلْڪ ج سَلْڪَ (ت):** ذ. هارپ جي ڪم جو مڪمل سامان. صلاح – اٽڪل – رتَ – تجويز – مشوره. (ل). سنگت – پيڙائي – سَڳڙ – وَڳڙ – ڪچهري – مجلس – ساٿ – هڪ جيڏائي – سَرتائي – دوستي – ياراني. بندوبست – جوڙجڪ – انتظام – رٿا – سَئٽل.

• **سَلْڪ (سَلْڪَ) (ت):** ذ. ناهه – صلح.

• **سُلْجهَنُ:** مصدر. ڪلڻ – آسان ٿيڻ – سَولو ٿيڻ – سمجهه ۾ اچڻ – مونجهاري مان نڪرڻ – صفا ٿيڻ – پڌرو ٿيڻ – ظاهر ٿيڻ – چٽو ٿيڻ – سمجهڻ – رڳڙي مان نڪرڻ. آزاد ٿيڻ – چُٽڻ. ڪونڌجڻ – ڦُلهرجڻ – وکٽجڻ.

– **سُلْجهائِنُ:** مصدر. سڌارڻ – سَنوارڻ – سَلڻ – سمجهائڻ – ڦُلهيرڻ – ڏاڪي جي منجهيل مُڃي جا وَر لاهڻ – سوجهڻ – چڏائڻ. ڪونڌڻ – وکٽڻ. چٽو ڪرڻ – ظاهر ڪرڻ. سمجهائڻ.

– **سُلْجهائِيندَڙُ ج سُلْجهائِيندَڙَ:** ذ. سنواريندڙ – سمجهائيندڙ – صفاڪندڙ – آسان ڪندڙ. سُٽ پاڻ ويڙهيندڙ.

• **سُلَجَنُ ج سُلَجَنَ:** ذ. [هـ. سُلَجَنُ؛ س = سُنو + لَجَڻ = ارڪان] سُنو لَجَڻُ – لَڪَڻ – چگي عادَتَ. سُنو ڪم – سُنو اَخلاق.

– **سُلَجَڻو ج سُلَجَڻا:** ذ. صفت. [هـ. سُلَجَنو = سُنن ارڪانن وارو] چگن لڇڻ وارو – خوش اطوارُ – شائسُتو – سَدورو – سياڳو.

• **سِلْحُ:** ذ. (ع) هٿيارُ – اوزارُ.

– **سِلْحُ پوشُ ج سِلْحُ پوشَ:** ذ. [ع. سلح + ف. پوش > پوشيدن = ڍڪڻ] هٿياربند – جَنگي.

– **سِلْحُ خانو ج سِلْحُ خانا:** ذ. [ع. سِلح + فَ. خانه= گهر] هٿيارُ گهرُ – هٿيارن رکڻ جي جاءِ ـ توشاخانو.

– **سِلْحدارُ ج سِلْحدارَ:** ذ. [ع. سلح + ف. دار > داشتن = رکڻ] هٿيارن وارو – هٿيار بند – اوزارَن وارو.

– **سِلْحُ سَهيڑَڻُ:** سامان سَرو گڏ ڪرڻ – تَپَڙ تارَ ۾ ميڙڻ.

• **سُلَحُ:** ذ. [ع] هُرلي يا نار ناهڻ لاءِ گهربل پرزا ۽ سامان.

• **سَلْسبِيلُ:** ث. (ع) بهشت جي هڪ نَهر. خوش گوار پيئڻ لاءِ شيءِ.

• **سَلْسَلُ البَوْل:** ذ. (ع). هڪ قسم جي پيشابَ جي بيماريُ – مٺو پيشاب ـ پيشابَ ۾ ڪنڊ – ذيابيطس.

• **سِلْسِلو ج سِلْسِلا:** ذ. [ع. سِلْسِلَه = ڪڙي] ڪنهن شيءِ جي لاڳيتي حالت – زنجير. هڪ ٻئي پٺيان هُئڻ واري حالت – ترتيب. شُجره. شروعاتُ – مُنڊِ. رُجوعات – اَوَلُ. خاندان – نَسلُ – بُنيادُ.

– **سِلْسِليوارَ ج سِلْسِليوارَ:** ذ. [ع. سلسل] نمبروارُ – دَرجه وارُ – ترتيب وارُ. حَسب مَراتب هڪ ٻئي پٺيان – لاڳيتو.

• **سُلْطانُ ج سُلْطانَ:** ذ. (ع). ڪل اختيار وارو بادشاهُ – شَهنشاهُ – حڪومت جو مالڪ – حڪمرانُ – فَرمانرَوا – شاهُ – پاتشاهُ.

– **سُلْطانُ:** ث. (ع). مَلڪ – راج ڌَڻي يا راجَ ڌياڻي. شهزادي – بادشاهزادي. بيگم.

– **سُلْطانِيُ ج سُلْطانِيُون:** ث. (ع) بادشاهي – بادشاهت – سَلْطَنَتَ.

– **سلطانِيُ:** ذ. صفت. شاهي – شاهاڻو – راجائي – بادشاهِي شان وَٽان – بادشاهِي گهراڻي جو – وَڏِ گهراڻي جو – پاتشاهِيُ.

• **سَلْطَنَتَ ج سَلْطَنَتُون:** ث. (ع). سُلطانِيُ – بادشاهتَ – بادشاهِيُ – شَهنشاهَتَ.

• **سُلْطانَپُورُ:** ث. اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ ۽ تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَلَفَ:** ذ. صفت. [ع. سَلَفَ = گذاري وڃڻ] گذريلُ – گذشته – اڳيون – اوائليُ. سابق – اڳوٽون. اڳيان ماڻهو – اڳين زماني جا ماڻهو. آباءُ اجداد – اَبا ڏاڏا.

– **سَلَفُ صالِحِيُن:** ذ. رَسُول اَڪرم جي حُڪمن جي پوري طرح بجا آوري ڪندڙ اڳيان.

• **سُلْفُ:** ذ. [ع. سُلْفَ = سودا گريءَ ۾ لڳايل نالو] سَودو –

سامان – اَسباب – چيزَ – وَتَ – شئي – وَکَرُ. خريد و فروخت – واپار – ڏي وَٺ – وڪرو خريديْ.

• **سُلْفو ج سُلْفا:** ذ. [ع. سَلف = ڳوٽري. ف. سَلف = کنگهه] تماڪ چکڻ جو اوزار – پائيپ. چرُوٽ – سگار.

• **سُلْفِيْ ج سُلْفِيُوْن:** ٿ. تماڪ چکڻ جو اوزار. پُنگڙيْ.

• **سِلْڪ ج سِلْڪُوْن:** ٿ. (ع). لڙهي – هار – ڏاڳو – هڪ شيءِ سان بيْ شيءِ پَوَتَلَ. سِلسِلو – ترتيب – قرينو. سنگت ـ دوستيْ – يارانيْ. جماعت – ٽولو – ستَ – ميڙ – محفل – ڪچهريْ – مجلس. رَستو – واٽ – ڏَڳ – گَسُ – پيچرو – سڙڪ – راهَ – رَنڊ – گهاڙُ. (انگ. Silk) ريشم – ريشمي ڪپڙو.

• **سِلڪائڻُ (ل):** مصدر. [هـ. سُلگانا] ڏُکائڻ – ٻارڻ – ٻَکائڻ.

• **سُلَڪاٽِيْ:** ٿ. اسم خاص. جکراٽي بلوچن جو هڪ پاڙو.

• **سُلَکَڻُ ج سُلَکَڻَ:** ذ. صفت. [سن. سُلَکْشَنْ: سُ = چگو + لکشن = لڇڻ – افعال] سُنو لَڇڻ – لَکَڻ – سُڻي عادت – سُنو اَرکانُ – سُلَڇڻُ – نيڪ خَصلَتَ – سُڻي فَضيلَتَ.

– **سُلَکَڻو ج سُلَکَڻا:** ذ. [هـ. سُلکَنْ = سُڻي عادَت] سُڻين عادَتن وارو – سُلَڇڻو – فَضيلَت وارو – نيڪ خصلَت.

• **سَلَکَڻو ج سَلَکَڻا (ت):** ذ. خالي – پورو – کوکو – ٽلهو – واندو – پالهو – کورو.

• **سِلگارُ ج سِلگارَ:** ذ. (ل). سينگار – نَڪ – تَجمّل – ڏانڊَسرو – ڏانڊسُ. ناهُ نوهُ – جوڙجَڪ.

• **سَلَمْ:** ذ. (ع). بيانو – بيعانه – تقاوي – اڳواتَ وَرتل ناٽو – پيشگيْ – سُوٽيْ – اَڏوانس.

• **سَلْمو ج سَلْما:** ذ. (هـ). سون يا چانديءَ جي چلڪندڙ تارَ – روپو ءِ سونو کلابات (ٽوپين تي سلمي جو پرت). ٻُوٽو – ٻُوڙهو (جنهن مان واڻ ٺهي).

• **سَلْڻُ:** مصدر. ڏَسڻ – ٻڌائڻ – سُٽائڻ – ڏَسُ ڏيڻ – پتو ڏيڻ – خبر ڏيڻ. ظاهرُ ڪَرڻ. سَجي ڪرڻ. پاڙ ڏيڻ – باسڻ – قبول ڪرڻ – محڻ – اِقرارُ ڪرڻ – رازُ اوريڻ. (هـ. سَلوانا) تنگ ڪرڻ – سَلُ ڪرڻ – ونڊڻ – سوراخ ڪرڻ. عَذابُ ڏيڻ –

• **سَلُوْ ج سَلاَ:** ذ. [سن. شَلَ = اوپَرَ] ٻَڄ مان ڦٽل ننڍڙو تازو ٻوٽڙو – آنگهُ – گوڏُچ – آنگورُ – نئون زمين مان پيدا ٿيل ٻوٽو – گوشو – تيلو – ڪَڪ – اِبتدائي ڦوٽهڙو. چَڪي – ننڍڙو ٽڏو. گاهُ يا اناج جو مُڇو. بنيادُ – گَسُ – رستو – ڏَڳ – سَڙڪ. ٻيڙيءَ جي سڙهه جو هڪ رَسو – ٻيڙيءَ جو هڪ عُضوو.

• **سَلُوا:** ذ. (ع) هڪ قسم جو ننڍو پکي، تتر جو هڪ قسم. حضرت موسيٰ جي ڏينهن ۾ يهودين کي خدا جي طرف کان کاڌي طور ملندڙ ٻَٽير.

• **سَلُوْبَتَ ج سَلُوبَتُون (ت):** ٿ. محبت – پيار – حُب – سِڪ – قُربَ – کاڌو – عشق – چاهَت.

• **سَلُوْتِرِيْ:** ذ. (هـ). گهوڙن جي بيمارين جو علاج ڪندڙ – گهوڙن جو ڊاڪٽر.

• **سَلُوْٽُ ج سَلُوْتون:** ٿ. (هـ). وَر – پيچ – شڪن – گهنجُ – موڙ – وَکَڙ – قيرو – وَراکو – وَٽ.

• **سِلُوْکُ ج سِلُوْکَ:** ذ. [سن. سن. شَلُوْکُ = چَوٽِي] چَوٽِي – چَوَکَ – چَوَت – کَهَتَ – کَهٽي – شَعرُ – شعر جو ٽُڪر ـ ٻه سٽو بَيْتُ.

– **سِلُوْکَتَ ج سِلُوکَتُون (ت):** رَسُ – محبت – مَزو – پيار – قُرب – کاڌو – چاهُ. لاڙو – رَغبَتَ. سهُولَتَ – سولائي – سُلُوکُ – سَالڪِيْ – طريقَتَ – فقيرائي.

• **سُلُوْکُ ج سُلُوکَ:** ذ. برتاءُ – عملُ – رَوَيو – ورتاءُ. رَوَشِ ـ رُخ. محبت – پريت – قُرب – چاهُ – چاهت. لاڙو – رغبَتَ. لاڳاپو – لَهَ وَڇڙ – ناتو – ڳانڍاپو – رستو. پلائي – نيڪي – خيرخواهيْ – بهتري – بهبودي – چڱائي. تَصَوُفَ – حق جو رستو – طريقَتَ. فَقيريءَ جو رستو – صُوفي طريقو.

• **سَلُونگڑو ج سَلُونگڑا (ت):** ذ. سُوراخ – ٽونگ. لوگهو – پور. گُندِيا – گُنَڏِيْ.

• **سَلُوْنَڙِيْ ج سَلُونَڙِيُون (ت):** ٿ. پَڪل فصل – تيار ٽيل ٻَنِيْ.

• **سَلُوْنو ج سَلُوْنَا:** ذ. [سن. سَلون:سَ = سان + لَوَنَ = لُوڻ] لُوڻيَلُ – چَهرو – نمڪين – لوڻائيل – مَصالحدارُ. وَٽندڙ – سوادي – مزيدارُ – ذائقه دارُ – ذائقه وارو.

• **سِلْهه:** ٿ. اسم. بيماريءَ جو قسم – دقّ تَپ – پراٽو تپ – وَڏي کنگهه واري بيماري. (ج. سلهو: ٿ. دف). – کاڌو – سُستيْ – لاغَرائي – ٽوٽ – گهلَ – لاغرضائي. لوهه جي شيخ – ٻاريْ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سلهه ج سلهه:** ذ. صفت. سڏو – سَنئُون.
• **سلهه ڪري هڻڻ:** ڪمان مان گز سڏو نشان ڪي هڻڻ. (لاپڙيو – پاسيارو).
• **سلهاڙڻ:** مصدر. گڏ ٻڌڻ – قطارڻ. ٻئي سان گڏ ٻڌڻ – قابو ڪرڻ.
– **سلهاڙ ج سلهاڙون:** ث. جَڪڙ – گُنڊ – قَطار.
– **سلهاڙڪ:** مصدر. هڪ ٻئي سان ٻڌجڻ – قطارجڻ. گُنديجڻ – ڏِکجڻ – پورجڻ – بندجڻ – قابو ٿيڻ.
– **سلهاڙ سيل:** ذ. ظرف. ٻيلهه – ٻِـتو – ٻه گڏ – جوڙو – گڏيل – مليل – رَليل.
– **سلهڙ ج سلهڙ:** ذ. سلهاڙ. ڏورن ٻڌڻ جو ٻيلهه.
• **سلهڪ (سلهڪـ) سلهڪ (سلهڪـ) (ت):** ذ. صُلح – ناهه – پرچاءِ – ريجهه – ميلاپ. صَلاح مصلحت – مَشوره ـ گڏ گوت – ويچار – پچار – پائيچارو.
• **سلهڻ (ڪ):** مصدر. ٻڌائڻ – سچي ڪرڻ – حقيقت ڏيڻ. (اسم) سلهڻ (ت): ذ. گيهه ناهڻ وقت منجهس وڌل آتو – لوئڻ.
– **سلهائڻ:** مصدر. سلائڻ – سَل ڪرائڻ – سُوراخ ڪرائڻ – ٽنگ ڪرائڻ.
• **سلهار ج سلهارون (ت):** ث. صفت. قَرسُودي – قَرسان.
• **سلهي ج سليون:** ث. دَروازي جي چونڪي جي هيٺين ڪاٺي. پَتَ سان پريل ديگ ڪٽي وڃڻ لاءِ ڪاٺي. وينل چوپائي کي اُتارڻ لاءِ هيٺان ڏنل ڪاٺي.
• **سليتو ج سليتا:** ذ. ڪليل ڳوڙ جي چادر جا پاسا وَرائي اُٺ تي مسافريءَ جي سامان ٻڌڻ لاءِ هڪ تجويز.
• **سليٽ ج سليٽون:** ث. اسم. [انگ. Slate] اڪرن لِکڻ لاءِ پٽريا لوهه جي ڪاري تختي.
• **سليپر ج سليپرَ:** ذ. [انگ. Slipper] هَلڪي جُتي – اڌ ڪليل بُوٽ – سِپاٽَـر. ريلَ جي پَٽي هيٺان لڳل ڪاٺ جو تَختو.
• **سليدار ج سليدار:** ذ. صفت. [ع. اسلح + ف. دار = > داشتن = رکڻ] هَٿيارَ بند سپاهي. راجن طرفان رکيل محافظ.
• **سليس ج سليس:** ذ. (ع). آسانُ – سَولو – سادو – سَؤکو – آڻ مُنجهيل – سُٽرو – سَهَنجو ٿيڻ – جوڳو – سَٽائو. عام فهم – سَهلُ – صافُ. نَرمُ – هَموار.
• **سليقو ج سليقا:** ذ. [ع. سليقه > سَلَق = اختيار ڪرڻ] ڏنگ – نمونو. سُڀاءِ – عادَت. تَميز – شَعُور – وَقُوف – لِياقَت. تهذيب – اَخلاق – ارڪانَ – افعال. خَصلَت – خَصالت – سُگهڙپائي.
– **سليقه مَجلس:** ث. مَجلس جا آداب – محفل جو ڏنگ.
• **سليم ج سليمَ:** ذ. صفت. [ع. سَلَمَ = سلامت رهڻ] نيڪ – دُرست – ڪامل – پُورو – برابر – صحيح – سالِمُ. ملٽو – رلٽو. چڱو پلو – چاڪ. ساده دل – صاف دل. نيڪ.
– **سليم شاهي:** اسم خاص. هڪ قسم جي دهليءَ جي جُتيءَ جو نالو.
– **سليمُ الطبع:** ذ. (ع) حَليم المزاج. نَرم دل – رَحمُ دل – قياسُونڌ. دانشمند – عاقل.
• **سليمان:** اسم خاص. هڪ مشهور و معروف پيغمبر جو نالو – حضرت سُلَيمانَ. هڪ جبل جو نالو. ماٿهو جو نالو.
– **سليماني سليماني:** ذ. صفت. حضرت سُلَيمانَ جو. (ذ. اسم). هڪ قسمَ جو دو رنگو پَٽَرُ.
• **سليماڻي:** ث. اسم خاص. دَرڪاڻي بلوچَنَ جو هڪ قَبيلو.
• **سليم شاهه:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **سليو ج سليا:** ذ. صفت. سُسُٽ – ٽوٽي – آرسي – سليو ساڻ – ڪاهلُ – گيسرو.
– **سليو ساڻ ج سليا ساڻ:** ذ. سليو.
• **سليو:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سمُ:** ذ. (ع). زَهَرُ – وهُ – وڪ.
• **سمِ قاتل:** ذ. زَهر قاتلَ – تيز زَهر.
– **سمُّ الفار:** ذ. ڪوئي جو زَهر جنهن جي ڪاٽ سان ڪوئو تمام جلد مري وڃي. هڪ زهريلو پٽر. سَنکيو.
• **سمُ:** ث. گُل هاٿي – گونجُ. زورُ – بارُ. واڌارو.
– **سمِ رَڪُ:** وڌيڪ زور يا بارُ رکڻ.
– **سمِ ڪَٽُ:** ٻئي جو بارُ ڪٽڻ – ٻئي جي تڪليف پنهنجي سر تي ڪٽڻ – وڏن جي پيروي ڪرڻ.
• **سمُ:** ظرف [سن. سمَ] برابر – پورو – هم وزن – هڪ جهڙو – يڪسان – هَمسر – مٽ – ثاني – هڪ جيترو – هڪ جيڏو – سي.

• **سرَ ج سِمُوْنُ:** ث. [سن. سُرُ = سمڻ] زمين مان اندران اپرندڙ "سُر جو پاڻي" آلاڻ. گاڙ – سَنهي سير – سَنهي وَهڪ. سيمو.

– **سر سر:** آلي ڪائي باهه ۾ وڇوٽ ڪري منجهائس رَسُ. آهستيَ وَهڻ.

– **سرَ نڪرڻُ:** هيٺان زمين مان پاڻيءَ جو مٿي نڪرڻ.

• **سُرُ ج سُرَ:** ذ. گهوڙي جو ڪُرُ – سُنبُ.

• **سَما:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سَمائِڻِي:** اسر خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَماڻُ:** اسر خاص. سما قبيلي جي گهٽائي واري ايراضي. سَمن قبيلن جي گهٽائي – سمن جي گهٽائي (جئن لاکاڻ، ٽيبات).

• **سَماپتَ:** ث. [سن] پُڄاڻي – پُڄاڙي – تڪميل.

• **سَماجُ ج سَماجَ:** ذ. [سن. سماج = مجلس] قوم – برادري – سوسائٽي – جماعت – سَڀا – راڄ – گُروهه – جٿو – ٽولي – ڏُرهاڻي. سَنجَ – اُٺ، گهوڙي جو سامان.

– **سَماجِڪُ ج سَماجِڪَ:** ذ. صفت. سَماجِي – راجوٽي – سَياڻي. ڪنهن به جماعت جو رُڪن.

– **سَماجو ج سَماجا (ڻ):** ذ. ميلاپ – ملاقات.

• **سَماجَتَ:** ث. سماجي آچار – راجوٽي. "منٽ سماجت" (منٽ ميڙ ۾ راجوٽي). [ع. سماجة = ڏاڍائي ڏنگائي] ڏاڍائي – جٹ ڦٽ. "منٽ سماجت" منٽ ۾ ڏاڍائي – لٽ ۾ ڇٽ.

• **سَماچارُ ج سَماچارَ:** ذ. [سن. سماچار = خبرچار] خبرچار – حال احوال – نياپو – پاراپو – واءُ سُڌاءُ – سُڌ – اطلاع – آگاهي – سَماءُ روئداد – حالتن جو احوال.

• **سَماچار:** اسر خاص. ٿر ۾ چيلهه جي ڏکڻ طرف پنج ميل مفاصلي تي هڪ وڏي پٽَ جو نالو ۽ ناڪي جو نالو.

• **سَمادِيُ ج سَمادِيُونْ:** ث. مئل. ماٺهوءَ جي مٽيَ – هندو ڌرم واري ساڙيل لاش وارو هَنڌ. وهَڪ – آستانو. هڪ جٹو ٽي بندگي ڪرڻ جي حالت.

• **سَمارُ ج سَمارَ (ٽ):** ذ. پٽرن پَڇڻ لاءِ لوهه جي ڪلين لڳل ڪاٺ جو ٽهيل اوزار – ساهَر – سَهنهَوَرُ – ليٽڻ (ت).

• **سَماوَ ج سَماوُنْ (ٽ):** ث. نِگاهَ – نظرداري.

• **سَماوُ ج سَماوُ (ٽ):** ذ. واقف – جاڻو.

• **سَماوَڙُ ج سَماوَڙُ:** ذ. جانورن جي مرض جو هڪ قسم – سُهاڙو – سَهَڙو.

• **سَماعُ ج سَماعَ:** ذ. [ع. سمع = هُن ٻڌو] ذڪر جي نموني وارو راڳ ـ روحاني ڪيفيت وارو راڳ.

– **سَماعَتَ ج سَماعَتُونْ:** ث. (ع). ٻڌڻ جي تاريخ. شنوائي – حاضري.

– **سَماعِيُ ج سَماعِيُ:** ذ. صفت. ٻڌل – روايتي – نَقلي.

• **سَماقُ ج سَماقَ:** ذ. (ع). هڪ قسم جو رنگين سخت پٿر دوا طور ڪم آيندڙ (دوائن پيهڻ لاءِ اُن مان روهيون نهن) – هڪ قسم جو سنگمَرمر.

• **سَماقَ ڄا ڏاڏا:** ذ. هڪ قسم جو پَسارڪو وَڪَرُ.

• **سَماکُ ج سَماکَ:** ذ. خيالُ – هوشُ.

• **سَمان:** ظرف. [سن. سَمان = وانگر] برابر – مثل – وانگر – طرح – جيئن – موجب – پٽاندر – وانگي – وَانگيان – طور – نموني. برابر – سنئون – ساڳيو – مٽ – ثاني – لائقُ – قابل – هڪجهڙو – هَمسَرُ – هڪ جيڏو.

– **سَمانْ جوڙُ چَوْرَسْ ج سَمان جوڙُ چورَسُون:** ث. هڪ جيڏن پاسن واري چورس.

– **سَمانْڊ (ل):** ظرف. برابر. وانگر – جيان.

• **سَمانْگَرَ ج سَمانْگَرَ:** ذ. مُشڪَ – مُرڪ. (صفت). اُلفت ڪندڙ. خُوش رَنگُ.

• **سَمانو ج سَمانا:** ذ. [س = ساڻ + مانُ] عزت وارو – مانَوارو – مانائتو – قانع – صابر – راضيُ (ت. سَمانِيُ ج سَمانِيُون).

• **سَمانّڻُ:** مصدرُ اُماڻڻُ – رُخصت ڏيڻ – اَلوداع ڪرڻ – موڪلاڻ.

• **سُمانو ج سُمانا:** ذ. صفت. خُوشَ. لڇل – مليل.

• **سَماهَ ج سَماهُونْ (ٽ):** ث. سَماءُ – سُرت – نظر – ڏيڪ.

• **سَماءُ ج سَماءَ:** ذ. (ع). آسمانُ – فَلَڪُ – آڪاشُ – اَمبَرُ.

– **سَماوات:** سَماءُ جو جمع – آسمانَ – اَفلاڪ.

– **سَماوِيُ ج سَماوِيُ:** ذ. صفت. آسماني – مَٹيُون – غَيْبِيُ.

• **سَماءَ ج سَماءَ:** ذ. سُڌ – خبر – اِطلاع – جاڻ ـ پُروڙَ – علم – ڪَلَ – ديک پال – نگهباني – نظرداريُ.

– **سَماءُ پوَڻُ:** ديد پوڻ – نگاهَ يا نظر پوڻ. خبر پوڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سمائڻُ:** مصدر. [سن. سَمَ = چگي طرح + آ = چوڌاري + ما = ماپڻ] داخل ڪرڻ – اَندر ٽيڻ. سامائڻ.
– **سمائجڻ:** مصدر. ماپجڻ – ماپڻُ – پورو اَچڻ – پُڄي وڃڻ. برابر ٽيڻ. سامائجڻ. وڌو ٽيڻ – بالغ ٽيڻ.
• **سمائي ج سمائيون (ل):** ث. گنجائش – وسعت. بُردباريُ – صبر – تحمل – ڌيرجُ.
• **سمت ج سمتون:** ث. [ع. سَمَتَ = رستو وٺڻ] راه ـ رَستو. طرف – پاسو – جهت – ڏِسَ – پهلو – جانب – رُخ – رَوَش.
– **سمتُ الراس:** ظرف. [ع. سَمْت + راس = مٿو] مٿي جي طرف – مٿان – آسمان ڏانهن – سڌائيءَ تي. (اسم) ترقيُ – ڪَمالُ – اَوجُ.
• **سمت ج سمتيون:** ث. [سن. سُمت: سُ = چگو + مَتَ = مَت] چگي مت – سُٹيُ صلاح – هدايت – نيڪ صلاح – نصيحت. عقل – صحيح سمجهه.
• **سمتا ج سمتائون:** ث. سَمَ = برابر] برابري – هڪ جهڙائيُ – هڪ جيڏائيَ – سَريڪائيُ هڪ نظر.
– **سمپورن:** صفت. [سن. سَمْپُورَن = پريپورُ] پُورو پَريلُ – پَرپُورُ. پورو – سجو – ڪامل – برابر – مڪمل – (ظرف) سراسر.
– **سمپورن راڳ:** سَرگمَ جي سيني آوازن (سُرن) سان لڳڻ وارو راڳُ – مُڪمل راڳُ – پورو راڳُ.
• **سمپورڻ ج سمپورڻَ:** ذ. صفت. ڪاملُ – پُورو – ڪُل – سپ – تمامُ.
• **سمر جنڊو:** اِسم خاص. تعلقي سانگهڑ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سمجهڻُ:** مصدر. [سَمَ = چگي طرح + جاڻ] جاڻڻ – پَرَڻ – پُرجهڻ – بُجهڻ – پُروجهڻ. خبر هُئڻ – علم هُئڻ. محسوس ڪرڻ – سَهِي ڪرڻ – ويچارڻ – فڪر ڪرڻ. حسابُ لڳائڻ. عيوضو وٺڻ – بدلو وٺڻ. پاڻَڻ. مَڃڻ – قَبول ڪرڻ – تسليم ڪرڻ.
– **سمجهَ ج سمجهُون:** ث. جاڻَ – پُروڙَ – پُرجهَ – عَقل – فهَمُ – دانائيُ – هوشُ – خيالُ.
– **سمجهَ اَچڻ:** عقل اَچڻ – هوشُ اَچڻ. هارَ جو وَڏو ٽيڻ.
– **سمجهاڻيُ ج سمجهاڻيُون:** ث. آگاهي – جاڻ ـ معلومات. شَرح – نصيحت – هدايت. فهمائش.
– **سمجهاڻيُ ڏيڻ:** ڪا ڳالهه سمجهائڻ. نصيحت ڪرڻ – هدايت ڪرڻ.
– **سَمُجهائڻُ:** ذِهن نَشينْ ڪرائڻ – ٻڌائڻ – ڪولي ٻڌائڻ – مَطلب ٻڌائڻ – تفصيلَ ٻڌائڻ – ڏِيان تي آڻائڻ – آگاهه ڪرڻ. نَصيحَتَ ڪرڻ – فَهمائش ڪرڻ – هدايت ڪرڻ.
– **سَمجهَدارُ ج سَمجهَدار:** ذ. صفت. سياڻو – هوشيارُ – داناءِ – عاقلُ – چگي مَٹي کي سُجائڻ وارو – عقل مند. تجربه ڪارُ.
– **سَمُجهَڻُ اَمُجهَڻُ:** سوچ ويچار ڪرڻ.
– **سَمُجهَڻُ بُجهَڻُ:** سوچَ ويچار ڪرڻ – خيال ڪرڻ – عقل ڪرڻ – هوشُ ڪرڻ. سمجهي وڃڻ.
– **سمجهو ج سمجهو:** ذ. صفت. عقل مند – سَمجهدارُ – دانشمند – سُجاڻ – سُريتو – جاڻُو – هوشيارُ ـ ڏاهو – سياڻُو – سڌو پرو – جاڻ وارو – تيزُ فَهْم – زيرڪ.
• **سَمَنْدَرُ مُنْجهڻُ:** پيشابُ بَند ٽيڻ.
• **سمنڈُ ج سَمُنْڈَ:** ذ. صفت. سَريَسْتو – سَمُورو – ڏري پُرزي.
• **سَمَرُ ج سَمَرَ:** ذ. [سن. سَمبَلَ = سفر جو توشو] مُسافري جو سامانُ – تَيَرُ تارِي – توشو – وُجودات – ذَخيرو. اَسبَابَ – رَسَدُ. سامانُ مهيا ڪرڻ جيترو خرچ – راهَ خرچ. "سَمَرُ جن سهي، تن کونهي اهڪ عنايت چئي" (شاهه عنايت) "سمر جنهين نہ ساڻ آهوت حماتي تنجو" (شاهه لطيف)
– **سَمَرائتو ج سَمَرائتا:** ذ. صفت. سَمَروارو.
سَمَرو ج سَمرا: ذ. سفر جو سامانُ – سمرُ – رَسْتي جو توشو.
• **سُمَرادو ج سُمرادا:** ذ. صفت. [سن. س = چگو + ع. مُراد > رودُ = حاصل ڪرڻ] سوياروَ – مُرادَ پوري وارو – سَياڻو سعادَتمندُ – ڪامياب – فتح مندُ.
• **سَمَرائيُ اِسم خاص.** مَري بَلوچن جو هڪ پاڙو.
• **سُمَرائڻُ:** مصدر. [سن. سُمرت = يادگيري] يادگيري ڏيارَڻ.
– **سُمَرتيُ ج سُمَرتيُون (ت):** ث. يادگيري – حافظو – ذِهنُ.
• **سَمَرتَ ج سَمَرتُون:** ث. عقل – هوشُ – فَهَمُ.
– **سَمَرَتَ ج سَمَرَتُون:** ث. عقل – هوشُ – فَهَمُ.
• **سَمَرتَ ج سَمَرتُون (ت):** ث. [سن. سَمَرْتَ] طاقت – پُهچَ – سگهه – زورُ. قُدرَتَ – حَيْثِيَتَ – لِياقتَ.
• **سَمَرتُ ج سَمَرتَ:** ذ صفت. جَبرو – سَٹاٿو – زبردسْتُ – قُوَتَ وارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سُمرکو:** اسر خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سُمَرڻ:** مصدر. [سن. سُمر = ياد ڪرڻ] ڏَڪيءَ جو نالو جَپڻ – تَسبيح قيرائڻ – وِردُ ڪرڻ – سَمڪَ اَچڻ. سارَڻ. هُرڻ – سُجهَڻ. بُوجَڻ.

– **سُمرڻ ج سُمرڻيُون:** ث. تَسبيح – مالا.

– **سُمَرڻُ ڪرڻ:** تَسبيح ڪرڻ – وِردُ ڪرڻ – مالها ڦيرڻ.

– **سُمرڻو ج سُمرٽا:** ذ. تسبيح جو وڏو داڻو.

– **سُمَرڻي ج سُمَرڻيُون:** ث. ننڍي مالها – ننڍي تسبيح – جَپ مالها.

– **سُمرڻي سُورڻ:** تسبيح پڙهڻ. انتظار ۾ عبادت ڪرڻ.

• **سَمْعُ ج سَمْع:** ذ. (ع). ٻڌڻ سڌڻ. ڪَنُ – گوش.

– **سَمْعِ خَراشي ج سَمْع خَراشيُون:** ث. [ع. سمع + خراشي < خراشيدن = ڪرڙڻ] ڪَنَ ڪائڻ – مٺو ڪائڻ – اجايو ڳالهاءِ.

• **سَمَڪ:** ث. سمجهه . جاڻ – سُڌ – پَرُوڙَ – ٽورڙي سارَ. (غصي واري حالت ۾).

– **سَمَڪ اَچڻ:** هوش اچڻ – سار ٽيڻ.

• **سَمْڪَڻ (ل):** مصدر. سَمڪڻ. نَوازڻ – پَهرائڻ – سرفراز ڪرڻ.

• **سُمْڪو:** ذ. هڪ قسم جو ڏٽُ.

• **سَمْڪي:** اسر خاص. ميرپور ساڪري، گهوڙا هاري، سجاول، گوني ۽ ٻني تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **سِمْڪي ج سِمْڪيُون:** ث. جانورن وغيره ان ۾ ٽيندڙ ڪينئُون. مَعدي ۾ پيدا ٽيندڙ سَنهڙو ڪيئُون – سِنوڪي (ت).

• **سَمَگڻ:** مصدر. نوازڻ – بخشش ڏيڻ. راضي ٽيڻ – پرچڻ. "سَپڙ رات سَمَگيا، داتا ڏيئي دانَ" (شاهه).

– **سَمَڪ ج سَمَڪُون (ل):** ث. رضا – مرضي – خواهش. راضپو – پَرچاءِ. نوازش – مهرباني. انعام.

– **سَمَگائڻ:** راضي ڪرڻ – پَرچائڻ. نوازڻ – مهرباني ڪرڻ. انعام اڪرام ڏيڻ.

– **سَمَگجَڻ:** راضي ٽيڻ – پرچڻ. انعام ٽيڻ.

• **سَمَنَ ج سَمَنُون:** ث. [انگ. Summon = سڏ] ڪورٽ جو سڏ – نوٽيس – حڪم نامو. رُوبڪاري.

– **سَمَنُ تَعْمِيلُ ڪَرڻُ:** ڪورٽ جو حڪم واسطيدار ماڻهوءَ کي وڃي ڏيڻ. حُڪم جي پيروي ڪرڻ.

– **سَمَنُ جاري ڪَرڻُ:** ڪنهن کي ڪيس جي حاضريءَ وغيره لاءِ اطلاع نامو موڪلڻ.

• **سَمَنُ ج سَمَنَ:** ذ. (ف). گُل جو هڪ قسم – چَنبيلي.

– **سَمَنُ اَندامُ ج سَمَنُ اَندامَ:** ذ. [ف. سَمَنُ + اندام = عُضوا] گوري رنگ وارو ماڻهو – معشُوق – سير تَنُ.

• **سَمُنُ ج سَمُنُون:** ث. محبت. ملاقات – گڏجاڻي. واعدو – انجام "تہ ڪنهن جهول جهلي، هُئي سَمن پُوري سهٽي" (شاهه).

• **سَمَنْدُ ج سَمَنْدَ:** ذ. گهوڙي جو هڪ قسم (پورو بادامي ۽ سونهري رنگ تي مائل.

– **جوز سمند:** ث. صفت. گهوڙي يا گهوڙيءَ جو رنگ (پُڇ اڇو، ٻه اڇي، اکيون شيريون ۽ رنگ ڦڪو).

– **سَمَنْدُ سَنْجوڙ ج سَمَنْدُ سَنْجا:** ذ. سَمندُ رنگ جو سَنجهيلُ گهوڙو.

• **سَمُنْدَرُ ج سَمُنْدَرَ:** ذ. [سن. سَمُدر = سَموندُ] سمند – سُمُونڊ – ساگَر – بَحرُ – مهراڻ – سائر.

• **سَمُنْدُ ج سَمُنْدَ:** ذ. [سن. سَمُدْرَ] ساگَرُ – سُمُونڊ – بحر – درياءِ اعظم – سائرُ – کارو. اٿاهُ پاڻي.

– **سَمُنْدَ جا ڪانگ تَرَڻُ:** نڪمو ۽ بيڪار گذارڻ – اجايا ڏڪ ٽاڙا ڪائي ڏينهن پورو ڪرڻ.

– **سَمُنْدَ جي گجيُ:** ث. سمند ڦيڻ. دوا طور ڪم ايندڙ هڏ پسارڪو وَڪرُ.

– **سَمُنْدَ ڦيڻ:** ث. سمند جي گجي – سمند جي جهڳ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ سُفيد پسارڪو وَڪرُ.

– **سَمُنْدَ وَڻُ:** سمند ۾ لڙهندڙ هڪ قسم جو ٻُوٽو.

• **سَمَنْگ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سَمَنْگڻ:** مصدر. [سن. سَمكْتَ = نوازيل] نوازڻ – راضِ ڪرڻ – خوش ڪرڻ. سام جهلڻ.

– **سَمَنْگ ج سَمَنْگُون:** ث. نوازش – مهرباني. راضپو. خوشيُ.

– **سَمَنْگجَڻ:** راضي ٽيڻ – خُوش ٽيڻ. انعامي ٽيڻ – نوازجڻ.

• **سَمَنْگهَ ج سَمَنْگهَ:** ذ. ظرف. راضيُ – خُوشُ – سَرفرازُ.

• **سَمَنْگهي ج سَمَنْگهيُون (ث – ل):** ث. هارَ سينگارَ واري عورَ

• **سَمَهْ:** مصدر. سَنهُون وَهَڻُ – ٽورو وَهَڻُ.

– **سَمٹو ج سَمٹا:** ذ. صفت. سيمي وارو – سمَنْدَڙُ – گاڙي وار مَٽو. ڪاتوڙو دُهلُ – واتَ ڪاتو. روئٹو. دل جو خراب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سُمٹو:** اسر خاص. تعلقي ميرپور ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

سَمُو: اِسر خاص. وڏي قبيلي جو نالو. ڄام تماچيءَ جو سندس ذات جي پٽيان مجازي مروج نالو: "جهڙو سَمو، تهڙي سامڪريْ".

• **سمو ج سَما:** ذ. [سن. سَمَ = وقت] وَقت — دَوْرَ — زَمانو. مُدّت — سال — وَرهيه. موسم — رُت.

• **سَمُوٹ ج سَمُوٹُنْ:** ث. مَدَدَ — واهُرَ — کُمڪ.

• **سَمُوْرُ ج سَمُوْرَ:** ذ. هڪ قسم جو لومڙيءَ مثلُ جانورُ، اُن جي کلَ مان پوسْتينيُون نَهَنُ.

• **سَمُورو ج سَمُورا:** ذ. [سن. سَ = سان + مول = پاڙ] جُملي — مڙيئي — سَيِيئي — هَڙَئي — سَيوئي — سپ — سَجو — سالِم — ثابت — سارو — کُل — سرسَتو. (ث. سَمُوري ج سَمُوريُون).

• **سَمُومَ ج سَمُومُون:** ث. [ع. سم = زَهَرُ] بيابانَ جي زَهريلي هَوا — لُڪ — گرم هوا.

• **سَمُونڊُ ج سَمُونڊَ:** [سن. سَمُدَره = سَمُنْدُ]. سَمُنڊُ — ساگر — سائر — بحر.

• **سَموهُ ج سَمُوهَ:** ذ. فوجَ — کَٽَڪُ — لَشْڪَر.

• **سَموهَڻُ:** مصدر. [سن. سَ = سان + مُهيَ = موهڻ] سمجهائڻ — ذهن نشين ڪرائڻ. ٻڌائڻ — وَرْجهائڻ. ڇڳي طرح ناهي رکڻ — ترتيبَ ڏيڻ — سُنوارَڻ — سُوڏو ڪرڻ. سوڙهو ڪري رکڻ — بند ڪرڻ. مُنجهيل شيءِ کي سُڌارڻ. موتي پوئڻ.

• **سَمُئو ج سَمُئا (ث):** ذ. لاڏاڻو — رحلت — وفات.

— **سَمُئِي ڪرڻ:** مَري وڃڻ — لاڏاڻو ڪرڻ.

• **سَمَهه ج سَمَهُونْ:** ث. (ع) سماع. هڪ قسم جو وَجدي هوڪارو. سَماع جو هڪ قسمُ.

— **سَمَهَ هَڻڻُ:** خاص سماع جو هوڪو هڻڻ — وَجد ۾ اَچي سَماع ڪرڻ.

• **سُمَهابو ج سُمَهابا:** ذ. صفت. سڀي مهابي وارو — لياقت وارو — مَروَت وارو — مروَتي — لائقُ. (اسر خاص) ماڻهوُ جو نالو.

• **سَمهاڙُ ج سَمْهاڙا (ڪ.ل):** ذ. صفت. سَوَلو — آسانُ — سَهَل. خَسيْس — مَعْمُولي — رَواجي. سڏو — سَنْئُون.

— **سَمهڙو اڇڻ:** جانور جي قَر جو مَاءُ جي پٽيان آڏو سڏي منهن سان باهر نڪرڻ. (ضد. اَمهڻ).

— **سَمهاڙِيْ وِيامَڻ:** مادي جانور جو سولو ويامڻ. سَنْئِينْ ڪرين ويامَڻ.

• **سَمهاڙو ج سَمهاڙا (ل):** ظرف. سامهُون — اڳيان. ويجهو — نَزْديڪَ.

• **سُمَهباڻِيْ:** اسر خاص. تعلقي ديرو محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَمْهڙِيْ ج سَمْهڙِيُون (ث):** ث. هميشه هڪ وَقت ڪير ڏيندڙ بِکَرِيْ.

• **سَمَهڙُ:** اسر خاص. مال جي بيماريءَ جو قسم. (وات ۾ ڪُرن پڄي پوڻ جي هڪ بيماري).

— **سَمَهڙُ ٽِيڻ:** مال جو واتُ ۾ پير پَڇِيْ پوڻ — مالَ کي مُهاڙي جي بيماريُ ٽيڻ.

• **سَمَهڻُ:** مصدر. [سن. شش = سمهڻ] نِنْدَ ڪرڻ — آرام وَٺڻ — ڊگهو ٽي پوڻ — بسْتري تي سنئُون ٽي پَوَڻ — رت جو دورو بند ٽيڻ — پوڏَڻ — سُوپڙو ڪرڻ. بي فِڪر رَهَڻُ. پاسو وَرائڻ. هَمْبستري ٽيڻ — صحبت ڪرڻ — جَماعُ ڪرڻ. مَرڻ — وفات ڪرڻ — رحلت ڪرڻ — دُنيا مان اکيون بند ڪرڻ.

— **سَمْهارَڻ:** [ننڊَ ڪرائڻ — ليٽائڻ — آرام ڪرائڻ.

— **سَمَهاڻِيْ ج سَمَهاڻِيُونْ:** ث. آرامَ جو وَقْتُ — سُمَهَڻ جو وقت — ننڊ جو وقتُ — عَشاءَ نماز جو وَقت — رات جو پَهريُون پَهَرُ.

— **سَمهوريْ:** ث. ننڊَ — خوابَ.

• **سَمهٹُونْ:** اسر خاص. تعلقي ڏوڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَمَهُورو ج سَمَهُورا:** ذ. [سن. سَ = سان + مول = پاڙ] سَجو — سمورو — سَڀ — سارو — کُل — تمام — سَمُنڊو.

• **سُمُهِيْرُ ج سُمُهِيْرُ (ڪ):** ذ. سَرُگُ — بهشتُ.

• **سَمِيْ:** اسر خاص. تعلقي گُنْبَتَ ضلعي خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سمِيْ ج سميُون:** ث. مير بَحرن جو اصطلاح — رَچَ جو هڪ حَصّو. پايَنَ کي جدا ڪري مضبوط ٻَڌڻ لاءِ ڪائيءَ جو ٽُڪر.

• **سَميت:** حرف جر. سانْ — ساڻُ — گَڏَ — سُوڏو — پيڙو — باهَمُ — هَمُراهُ — شامِل.

• **سَميڏَڻُ:** مصدر. [سن. سَمَ = گڏ + اِت = آيو] گڏ ڪرڻ — جَمع ڪرڻ — هڪ جاءِ ڪرڻ. ميڙڻ — ڪَٺو ڪرڻ — سَنڃَڻ. وُصول ڪرڻ. پاڻُ سنيالڻ. تَهَ ڪرڻ. ٻَڌڻ. ويڙهڻ. ختم ڪرڻ. ڏَڪَڻُ. ڪٽي ڇڏڻ. ميسارَڻ — صاف ڪرڻ. ناهِڻ.

— **سَميتَ ج سَميڏُونْ:** ث. ميڙَ سيڙَ — ڪَٺ — چندو — وَصُولي — قورَڙِيْ — اوگاڙَ — اوگڙِ _ گڏ ڪرڻ جي حالت. ويڙهڻ جي حالت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سميڌجي وڃڻ:** بورو ٽيڻ. مَري وَڃڻ. ڪٽي وڃڻ.

• **سَميپوٽا (سميپوٽرا):** اسم خاص. (سَم جا پوٽرا) هڪ قبيلي جو نالو.

• **سَميپوٽاڻي (سميپوٽراڻي):** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو

• **سَميجا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. (سَمُو. پنهنجو اولاد)

• **سَميجاڻي:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَميرُ ج سَميرَ (ڪ):** ذ. صفت. سنيالينڊڙ – سُڌِيرُ – سُجاڻ. مُقَدّسُ – پَوَتر – پاڪُ.

• **سُميرُ:** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو. "آڏا ڏُونگر ڏاکڙا سُجَهن سخت سُميرَ".

• **سُميرَ:** ذ. صفت. محڪم – قائم – مضبوط.

• **سَميعُ ج سَميعَ:** ذ. [ع. سمع = هُن ٻڌو] ٻڌندڙ – سُڻندڙ. دادُ ڪَنڊڙ – (اسمَ پاڪ) ڏٺي تعاليٰ جو صفاتي نالو.

– **سَميعُ بصيرُ:** [ع. سمع + هن ٻڌو بَصَرَ = هُنَ ڏٺو] ٻڌندڙ ۽ ڏسَندڙ – دانا بينا. ڏٺي تعاليٰ جو صفاتي نالو.

• **سَميلُ ج سَميلُون (ڪ – ل):** ث. بيل گاڏيءَ جو هڪ عُضوو – پانڇاريءَ ۾ پيل اَيِي ڪاٺي.

• **سَنَ ج سَنُون (ث):** ث. پاڻيءَ جي سيمي سبب جاوَلُ لُوڻ – ٿَري لُوڻ جي ڪاٺ.

– **سَنَ ٽِي وَڃڻ:** ٽَلاڻن جي پاڻيءَ جو لُوڻ ۾ تبديل ٿي وڃڻ.

• **سَنَ:** اِسم خاص.

• **سَن ج سَن:** ذ. [ع. سنة] سال – سنبت. عمر. (ظرف). جيڏو. هڪ جيڏو – سَرتو. برابر – مَٽ. (اسم خاص) گوني، موري ۽ ڪوٽڙي تعلقي ۾ شهر جو نالو.

• **سَن بُلُوغُ:** ذ. [ع. سن + بُلوغ] سمجهه جي عُمر – جُواني‌ءَ جي عُمر – (قانوناً ارڙهَن سالَ).

– **سَن بُلُوغَتَ:** ذ. سَنِ بُلوغ.

– **سَنَ تَميزُ:** ذ. [ع. سنّ + تميز] سَن. بُلوغ.

– **سَن رَوانُ:** ذ. موجوده سال – اِمسالَ – هلندڙ سال.

– **سَنَ عيسٰ:** ڪرستانن جو سنبت. شَمسي سالُ.

– **سَنَ فَصْلِي:** فَصْل (پوک جي مند) مطابقُ شُمار ٽيندڙ سالُ.

– **سَنِ هجريُ:** ذ. حُضُورَ پاڪَ جن جي هِجرَت ڪرڻ جي تاريخ کان شروع ٽيندڙ مسلمانن جو سال – قَمري سالُ.

• **سُنّ ج سُنن:** ذ. [ع. سنّ] ڏَنڊُ.

• **سُنْ:** ث. [سن. شُونَيہ = ماڻ] ماڻ ـ سانڌ – خاموشِي ـ ٻُڌَ – گَنگ ٻوڙَ. بي حَسيُ – بي هَوشِي – بي خبري.

– **سُنْ ڪائِنْ:** غَرَ ڪائِنْ – وَقتَ جي لحاظ ڪان غصو روڪڻ. ماڻ ڪرڻ.

– **سُنْ مِ پَوَنْ:** ڳٽتيءَ ۾ پَوَنْ.

• **سَنا:** اسم خاص. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وڪَرُ. (ڇ قسم ١ ـ ڪُوڙي ٢ ـ سَڇي).

– **سَناڪُوڙِي:** ث. هڪ پسارڪو وڪر. هڪ قسمَ جو ٻُوٽو دوا طور ڪم ايندڙ (پَن شاخون سنهيون، گل سرخي رنگ تي).

• **سَنامَكِي:** ث. هڪ پسارڪو وَڪَرُ. دوا طور ڪم ايندڙ (رنگ سائو، پن سَنهڙا، هڪ قسم جو ٻوٽو (گل زَرْدُ).

• **سَناتَ ج سَناتُون:** ث. صفت. [سن. سَناتَنَ = قديم] پُراڻي – قديم – آڳاتِي – جُهونيُ: "سئو سنات هارهن ذات".

• **سَناتو ج سَناتا:** ذ. ماڻ – خاموشِي – سَناٽ – گَنگ ٻوڙَ. حَيرَت ـ ۽ خوف وارو سمان. ويرانيُ. ڪُجهُ آوازُ – شورَ – هُلُ.

• **سَناخَتَ ج سَناخَتُون:** ذ. ث. [ف. شناخت > شناختن = سجاڻڻ] شناخت سُجاڻ – پَرُوڙَ – جاڻ. حَيا – شَرمَ – مُروتَ.

• **سُنارو ج سُنارا:** ذ. سونَ جو ڪم ڪندڙ ڪاريگر. گَهَڻا ڌاهيندڙ. زرگَرُ. (ث) سُناريُ ج سُناريُون.

• **سُنارِيُ:** اسم خاص. تَر ۾ سانتوڙي جي نموني گاهُ جو هڪ قسم، پاڇيءَ طور اِستعمالُ ٿئي.

• **سَناسُ ج سَناسَ:** ذ. [سن. سَنياسُ] دنيا کان ڪٽو ٽيل فقيرُ – جوگِي – سَنياسُ. هندو ڌرم موجب عمر جو چوٿون ۽ پويون حصو باندَرُ جهڙي مخلوق.

• **سَناسِيُ ج سَناسِيُ:** ذ. هندو. فقيرُنُ جو هڪ ٽولو تياڳِي – رَمْتُو – تارڪ – جوگِي. جَنْدِيءَ تي ڪيل گل جو قسمُ. چَٽي جو هڪ قَسم، ٽُلهي ۽ ڳاڙهي داڻي وارو. لَڙِيَلَ موڙَ وارو ڪُڪُرُ.

• **سَناكَتَ ج سَناكَتُون:** ث. [ف. شناخت = سجاڻ] سَناخَت – جاڻ – پُروڙ. لحاظُ – حَيا – مُروّتَ.

• **سَنامَكِي:** ث. هڪ پسارڪو وڪر. دوا.

• **سَنانُ ج سَنانَ:** ذ. [سن. سَنانَ = غُسل] غُسل – وَهنجَڻ – تَڙ –

جهليو ـ جهيلارو (ٹ).

• **سِنانُ ج سِنانَ:** ذ. [ع.] نيزو – پالو – تير.

• **سَنانِي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سَنانُ ج سَنانٌ (ل** ــٹ): ذ. [سن. سنان = غُسل]. وهنجڻ جي حالت – تَرُ.

• **سَناوَرُ ج سَناوَرَ:** ذ. [ف. سَناوَر = تارو] تارُو – تَري جاڻندڙ – تَرندڙ. "سَناوَرَ اَت سُمهيا، سيڻايا سَنڪن" (شاھ).

• **سَنائِي:** اِسر خاص. سنڌ جَي شهر سَن جو ويڙل. هڪ فارسيءَ جو وڏو صوفي شاعر.

• **سُنْبُ ج سُنْبَ:** ذ. [ع. سُمُر = ڪُرَ] گھوڙي يا گڏهه جو ڪُر.

– **سُنْبارُ ج سُنْبارَ:** ذ. صفت. وڏن سُنبَن وارو گھوڙو.

– **سُنْبُ تَراشُ ج سُنْبَ تَراشَ:** ذ. [ع. سُمُر + ف. تراش > تراشيدن = ڪرڻ] گھوڙن يا گڏهن جي پيرن جا نُهَنْ لاهيندڙ.

– **سُنْبَ جي قوت:** ڪَر جي وڄ ۾ چير.

• **سُنْبارُ ج سُنْبارَ:** ذ. ڪَتيءَ لَسيءَ ۾ ٽوري لَسيءَ جو ميلاپُ – بَهَڙ (ت) – ڦيڏرو (ل).

• **سُنْبانُ ج سُنْبانَ:** ذ. ڪير جَمائڻ لاءِ ماتيءَ ۾ ڏُڏَ لَپَ وڏَلُ – پَنير – ڪَتو – ڏَوُنرو وغيره.

• **سُنْباهُ:** مصدر. پَرت جو ڪم پورو ڪرڻ – ناهڻُ – ٻنا ٻَڌڻ.

• **سُنْباهُ سُنْباهَ:** ذ. [سن. سَمْيرُو =] تَياريَ – سانباهو – سَنبَت. هلڻ جو سَعيو.

– **سُنْباهِي ج سُنْباهِيُونْ:** ٹ. سُنْبَت ـ تياري.

– **سُنْبَتَ ج سُنْبَتُونْ:** تياري – ڪوچُ – سانباهو – هَلڻ جو سَعيو – سنبرڻ جي حالَت.

• **سُنْبَتُ ج سُنْبَتَ:** ذ. وڪرماجيت جو سَن سال – قديم سن سال (سنڌ ۾ چيٽ جي مهيني کان شروع ٿيندڙ).

• **سُنْبَرُ ج سُنْبَرَ:** ذ. پاڻيءَ جي وَڏي سَطح. ويرجي پوک وارو وقت.

• **سُنْبَرُ:** مصدر. [سن. سَنبْ = هَلَڻُ] تيَاري ڪرڻ – سانباهو ڪرڻ. [سن. سُمر = ياد ڪرڻ] ياد ڪرڻ – ياد رَکڻ.

– **سُنْبَتَ ج سُنْبَتُون:** ٹ. [سن. سَنَوَتْ = تياري] تياري – سانباهو – ڪوچ – هَلڻ جو سَعيو – سنبرڻ جي حالت.

• **سُنْبُرُ:** (ک). ذ. سمنڊ ۾ ويرجو آخري چاڙهه.

– **سنبرجوجوار:** ذ. سنبر جي پورو پور.

• **سُنْبَرُ (ل):** اسر خاص. [هـ. سنيري = ڪل جي بيماريُ] هڪ وڇڙندڙ مرض جو نالو.

• **سَنْبَلُ ج سَنْبَلَ (ع):** خوشبودار گاھ جو هڪ قسم – سُرهي مُر.

• **سُنْبَلُ فارُ:** [ع. سر الفار] پساركي وکرجو قسم – سَنْکِيو.

• **سُنْبو ج سُنْبا:** ذ. سَلن ناهڻ لاءِ لوهه مان ٺهيل هڪ لوهارکو اوزار. هڪ ڏِکاٽڪو لوهو اوزار. سُولو. سوياري.

• **سَنْبوسو ج سَنبوسا:** ذ. [ف. سموسه] پاڇي يا قيمي ۽ ميدي مان ٺهيل ڇهرو کاڌو.

• **سَنبوهِيْ ج سَنبوهِيُون:** ٹ. مڇين قاسائڻ جو هڪ ميربحرن جو اصطلاح – مڇي مارڻ جي ٽِکنڊي جاري. صرف آڏ پاءُ سُتَ مان ٺهيل.

• **سَنبَهَنْ:** مصدر. [سن. سَنَبْ = هلڻ] تياري ڪرڻ – سَنْبَتِ ڪرڻ – سَنيرَڻُ – هَلڻ جو سَعيو ڪرڻ.

– **سَنبَهَ ج سَنبَهُونْ:** ٹ. تياري – سَنبَت.

– **سنبهائِي:** تَيار ڪرڻ – سَنيرائِڻ. اُماهڻ – پَهرائڻ – ناھ ٺوھ ڪرڻ. آلا ٽيڻ.

• **سَنبِيرَ ج سَنبِيرُون:** ٹ. صف – قَطارَ – لائِڊِ.

• **سَنْبَنْڈ ج سَنْبَنْڈَ:** ذ. [سن. سم = گڏ + بنڌ = ٻڌڻ]. نسبَت. برادري – مائٽِي – سَڳائِي – رشتيداريُ. راھ رَسر. ميلُ ميلاپُ – لاڳاپو. دل – پيارَ – قُربَ.

• **سنيارَ ج سَنيارَ:** ذ. مالَ کي ٻَڌڻ جو چڙو يا گھنڊ. (ٹ. سَنيارَ ج سَنْيارُوْنْ).

• **سُنْيارَڻُ:** مصدر. [سن. سم = گڏ + پر = پالڻ] سَنيالڻ – سارَڻ – اونو رکڻ – خيال رکڻ – خبر لھڻ – ٺهوڙڻ – حوصلو ڏارَڻ. سمڪَ آڇڻ – ليکڻ – جاڻڻ. حفاظت ڪرڻ.

– **سَنيارَ ج سَنيارُون:** ٹ. سارُوٽِي – يادگيريُ. اُکيرَ – چڪَ – سڪَ. ننڊ مان جاڳڻ جي حالت – جاڳِ سُجاڳِي. عورَتَ کي وَيَرَ جا سُورَ.

• **سَنيارو ج سَنيارا:** ذ. صفت. سَنوَت وارو – سڌو.

• **سَنْيالَڻُ:** مصدر. [سن. سَنيارَڻُ > سميرَ: سَم = گڏ + پر = پالڻ] نگاھ رکڻ – خيال رکڻ – چوڪسي رکڻ. سنيال لھڻ – اونو رکڻ – نهارَ – رَکڻ – حوصلو ڏارَڻ – خبردار ٿيڻ. جهلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ – سهارو ڏيڻ – ڏَڍ ڏيڻ. پالڻ ٿهورَڻ – پارَڻ – نپائڻ – ڏارَڻ – پَرورش ڪرڻ. انگ پيٽ ڏيڻ. واهر ڪرڻ – رَکيا ڪرڻ – بچائڻ – مدد ڏيڻ – حمايت ڪرڻ. جهلڻ – روڪڻ – پَلَڻ. تپاسڻ. وَس ۾ رکڻ – تابع ڪرڻ – قاعدي ۾ رکڻ. ڪارخانو هلائڻ. اوزار جهلڻ. اِنتظام رَکڻ. ساڳاهَ يا سَمْجهَ واري عمر ۾ آڇڻ. سُڌَرڻ – اصلاح يا دُرستي ڪرڻ. ياد ڪرڻ دل تي آڇڻ ڳڻڻ – شُمار ڪرڻ. عورت کي ويَم لڳڻ.

– **سنيالَ ج سَنيالُڻ:** ث. پَرورش – سنيارَ – تات ـ پرداخت – ٿهوڙَ. خيال – خبرداري – اونو – ڏيان – جاڄ – نهارَ – نگهباني. سارَ. عورت کي ويَم جا سُورَ.

– **سَنيالَ ٽِيڻُ:** سارَ ٽيڻ – ننڍَ مان جاڳڻ. عورت کي ويَم جا سُور لڳڻ.

– **سَنيالَ ڪَرڻُ:** نگهباني ڪرڻ – چوڪسي رکڻ. خيالُ ڪرڻ.

– **سَنيالي ڇَڏَڻُ:** شُمارُ ڪري ڇڏڻ – ڳڻي ڇڏڻ.

– **سَنيالِيندَڙُ ج سَنيالِيندَڙ:** ذ. پرداخت ڪندڙ – نگهبانُ – راکو – رَکپالُ – سَرپرَسْتُ. رَکيڪ – وَصي – هاتف – ڪَرلاهُو. ڏَڻي ڏوڻي – وارث والي. اَميُن – رَکيڪ مَلاڪُ – ڪانڊي ڪارٽي.

• **سَنيالو:** اسم خاص. ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو وڻ. هڪ پسارڪو وَڪر دوا طور ڪم ايندڙ. ڏاڙهونءَ جي وَڻ جيڏو پن زيتون جي پنن جهڙا ۽ ننڍا، باغن ۾ پاٽيءَ جي پَر تي ٿيندڙ.

• **سَنْياڻُ ج سَنياڻ:** ذ. ڪير جَمائڻ لاءِ ڪير ۾ وڌَلُ ڏونريَ جو ڏَرو – سَنيڻُ.

– **سَنياهُ ج سَنياهَ:** ذ. تياري – سانباهو.

– **سَنْيَت ج سَنْيَتُون:** ث. سَنْبَت ـ سعيو – تياري.

• **سَنيرَڻُ:** مصدر. اُسرڻ – سانباهو ڪرڻ – سنبت ڪرڻ. سنبهڙ – لاڇڻ – سعيو ڪرڻ.

• **سَنيائڻُ:** مصدر. سنپرائڻ – تيارُ ڪرڻ.

• **سَنْبُوڙَڻُ:** مصدر. سنپرڻ – تيارُ ٿيڻ – اُسَرڻُ.

– **سَنيوڙُ ج سَنيوڙا:** سنپريلُ – تيار ٽيل: "سنيوڙو سيٺاھ سان، سگهو رَس سَنگهارَ" (شاھ).

• **سَنيوئِي ج سَنيوئِيُون:** ث. ڇار سان ٻَڌڻ جي لَٽ ـ مڇي ڦاسائڻ جو رَڇُ – سنبوهي سانبوهي.

• **سَنْيِيڻُ:** مصدر. مُنجهائڻُ – موڳو ڪرڻ. دل ۾ ساندَڻ. پاڪر وجهي سيني سان لڳائڻ.

• **سَنَتَ ج سَنَتُون:** ث. [ع. سند] بخت – پاڇُ.

• **سَنْتُ ج سَنْتَ:** ذ. ساڌُو – سڌو سنئُون. ٻالو پولو.

• **سُنَتَ ج سُنَتُون:** ث. [ع] نبيِ ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي رَهَٽِي ڪَهَٽِي. پاڻ ڪريمَن جي پيروي. راهَ – رَوَش ـ عادَتَ – دَسْتُورُ – رَسم ـ طريقو. سَنئين راهَ – سڌ رَستو. ختنو – طُهرَ. نذرانو – پيڻا – ڏَنَ. شهپَرَن جي وارن جو ڪَتائي.

– **سُنَتَ اِبراهِيمِي:** حضرت ابراهيم جو اختيار ڪيل عَمَلُ. ختنو – طُهرَ.

– **سُنَتَ ڪرڻ:** طهرَ ڪرڻ – ختنو ڪرڻ.

– **سُنَتَ نَبوِي:** حضور پاڪَ جن جو طريقو عَمل.

– **سُنَتَ وَڌَڻ:** شَهَپرن جا وار پاڪي سان يا ڪَينچيءَ سان ڪَترڻ

– **سُنَتَ وهارَڻ:** طُهر ڪرائڻ. ختنو ڪرائڻ.

• **سَنْتَرَ:** (عدد شماريُ) ٻَڙي ايڪي ۽ ستن ڏَهاڪا وارو انگ – سَتَرَ ۷۰.

• **سَنْتَر ج سَنْتَرُون:** ث. ميڙ – قَطارَ (ظرف). تمام گهڻا.

• **سَنْتَرُ ج سَنْتَرَ:** ذ. (انگ. Centre) وِچ – مَرڪزُ – اَڏُ.

• **سَنْتَري ج سَنْتَريُ:** ذ. [انگ. Sentary] پَهريدارُ – چوڪيدار – جاڳو – ڪَراوَلُ. سپاهي – قيدين تي چوڪسي ڪندڙ.

• **سَنْتَرُ (ث):** مصدر. نَهڻ. سڌو ٿيڻ.

• **سَنْتُو ج سَنْتُو (ث):** ث. ڪوهَ مان پاڻي ڪَڍڻ جو هوڪو – ڪلي – وَرَتَ.

• **سَنپات:** اسم خاص. هڪ پسارڪو وَڪر دَوا طور ڪم ايندڙ عشق پيچ جي وَل وانگر وَڻن ڪي ويڑهيندڙ، پَن ۽ گل بنفشه جهڙا زَرد. شاخون سائيُون، پَنن ۽ گلن جو رَسُ ڏينهوءَ ۽ وَڇوڙ جي ڏنگ لاءِ ڪارائتو. پن جو ڪاڙهو ڪَن جي سُورَ لاءِ مُفيدُ.

• **سَنْپالَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سَنْپُورَڻُ:** مصدر. [سن. سَم = ڪَڏ + پورن = پورو]. سرانجامُ ڪر – پورو ڪرڻ – راس ڪرڻ – سڌ ڪرڻ – ختم ڪرڻ – نبيرَڻ سجو ڪرڻ – سالم ڪرڻ – ڪامل ڪرڻ. اُڪارَڻ – پُڄائڻ.

• **سَنْپير ج سَنْپيرا:** ذ. ساٿي – سانَب – همراه.

– **سَنْپيرو تي آڇڻ:** ساٿي ٿي اچڻ – سانپ ٿي اچڻ – همراه

ٽي آڇڻ.

• **سَنجُ ج سَنجَ:** ذ. [سن. سجا = سينگارڻ] اوزار – هٿيار. گهوڙي جي هَني جو ٽپڙ.

• **سنج:** اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.

• **سَنْجا:** اسم خاص. ٿَر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو. (ٿ) ٽورو ٽورو پاڻي چڪائي گڏ ڪرڻ – ريجاون ڪوهن جي تري ۾ ٽورڙو بيئل پاڻي ٽورو ٽورو ڪري ورتن ذريعي ڪيڏ واروعمل.

• **سنجابُ:** اسم خاص. ٿَڌن مُلڪن ۾ وَڏي ڪُتي سان مشابهت رکندڙ اَعليٰ قسم جو پشر دار ڪَلَ وارو هڪ جانورَ، جنهن جي ڪل مان پوستينيون ٺهن.

• **سنجابُورُ:** اسم خاص. تعلقي تندو باگو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَنجافُ ج سَنجافَ:** ذ. (ف). ڪناري تي لڳل هڪ قسم جو ڪپڙو. حاشِي. گهوڙي جي رنگَ جو هڪ قسم – اَبلق ڪان گهٽ ڪُهري رَنگ جو گهوڙو.

– **سنجافُ لڳائڻُ:** ڪناري لڳائڻ – ڪپڙي ۾ گلو وجهڻ.

– **سَنجافِي ج سنجافِيْ:** ذ. صفت. حاشِيءَ وارو – ڪنَاريءَ وارو.

• **سَنجَرُ:** اسم خَاص. تعلقي شَهداد ڪوٽ ۾ هڪ ديهَ جو نالو.

• **سَنْجراڻِيْ:** اسم خاص. تعلقي ميرواه (خيرپور رياست) ۾ هڪ ديهه جو نالو. بلوچن جي هڪ ڪان وڌيڪ قبيلاڻي شاخن جو نالو.

• **سَنْجَرُ چانگ:** اسم خاص. تعلقي تندوالهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سنجرڻ:** مصدر. پاڻيءَ جو زمين مان باهر نڪرڻ – شُروعات ڪرڻ – مُنهُنْ ڪيڏ.

– **سَنْجَرُ ج سَنْجَرَ:** ذ. پاڻيءَ جي زمين مان باهر نڪري آڇڻ جي حالت.

• **سنْجرڻُ:** مصدر. پيدا ٿيڻ – وَڌڻ – سرنجڻ. آهستي آهستي نِڪرڻ. اُپَرڻ – شروعات ڪرڻ – مُنهُنْ ڪيڏ. (ڇڄ، بار، بيماري وغيره) جو وُجُودَ ۾ اچڻ ۽ اُن بعد وَڌڻ ۽ وڏو ٿيڻ. ٺهڻ – جُڙڻ. "سُورَن ۾ سنجرياس، پورن پالي آهيان" (شاهه).

• **سُنجرو:** اسم خاصَ. دوا طَور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وَڪَرُ.

• **سَنْجَمُ ج سَنْجَمَ:** ذ. [سن. سَنيمَ + سر = گڏ + يَم = ٻڌڻ] پاڻ کي پلڻ جي عادت. صَرفو – ڪفايت.

– **سَنْجَمَ سڪَڻُ:** قناعتَ سڪڻ – ڪفايت شعاري اختيار ڪرڻ – سانگَ صرفو ڪرڻ. صبر سان وقت گذارڻ.

– **سَنْجَمَ ڪَرڻُ:** ڪفايتَ يا سادگي ڪرڻ.

– **سَنْجَمِيْ ج سَنْجَمِيْ:** ذ. صفت. ٽورَ خرچو – صَرفائي – ڪفايتي – ڪم خرچ.

• **سَنْجَنُ ج سَنْجَنَ:** ذ. مينهن يا گَڻُن جي وَهر جو سعيو.

• **سَنْجَنُ:** مصدر. [سن. سَا = ناهڻ] گهوڙي وغيره تي سَنجُ رَکڻ – پلاڻڻ. ٻڌائڻ – جوڙڻ – سينگارڻ – تيارُ ڪرڻ – پارائڻ. تياري ڪرڻ.

– **سَنْجُ ج سَنْجَ:** ذ. گهوڙي جو سارُ وَ سامانُ – پلاڻ – گهوڙي جي چڙهيءَ جي ٽپڙن مان هڪڙو. ڪوهه مان پاڻي ڪيڏ جو ٽپڙ. ناهه نوهه. سنجت – صفائي – اُجرائي. تياريْ – سامَگري – آلات. سَمَرُ سَنو.

– **سَنجائِتو ج سَنجائِتا:** ذ.صفت. سَنجَڻ جهڙو – چڙهيءَ جهڙو. سَنجيتو – اڇو – اُجرو – صاف سُٿرو. سُوڌو – پورو – پڪو.

– **سَنْجَائِنُ:** بنائڻ – تيارُ ڪرائڻ. گهوڙي تي سنج رَکرائڻ – پلاڻائڻ.

– **سَنْجَتِ ج سَنْجَتُوْنُ:** هاربي جو جملہ سامان – سَنجَت (سَنجتر) (ت).

– **سَنْجتو ج سَنجتا:** ذ. صفت. سَربسَتُو – سَمُورو (سامان).

– **سَنْجَڪُ (سَنْجَڪَرُ) ج سَنْجَتَ (سَنْجَڪْسَ).** (ت – ت): ذ. ناهه نوهه – جوڙجڪ – سجاوٽ. تياري – آلات – سامگري. ساج سَڙو – گهرو سامانُ – خانگي ٽپڙ ٽاڙِيْ – اسلَح – اَسبابَ – سامانُ. پوشيدائي – صفائي – سُنائِيْ – اُجرائِيْ. صلح. ملڪيت. محنت – همت – اَدَم – اَورجائي.

– **سَنْجَپِ ج سَنْجَپُوْنُ:** ث. تياري. ناهه نوهه.

– **سَنْجَ رَکَڻُ:** گهوڙي تي چڙهڻ وارا ٽپڙ رکڻ – ننديِ گهوڙي تي پهريون پيرو چڙهڻ وارا ٽپڙ ٻڌڻ. سَهسائي ڪم وَٺڻ – هيرائڻ. ڪناية جماع ڪرڻ.

– **سَنْجِڀِي ج سَنْجِڀِيُوْنُ:** ث. سَنجَڻ جو نمونو – ڍَنگ – طرز – تياريءَ جو نمونو. ناهَ نوهَ بَناوَتَ.

– **سَنْجورو ج سَنْجورا:** ذ. صفت. سَنْجتائتو ناهوڪو – ٺيڪ ناڪ.

– **سَنْجِيْتو ج سَنْجِيتا:** ذ. صفت. سُٿرو – صافُ – اڇو – اُجرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالصُ – نَـجُ. سامانَ سُوڏو.

– **سَنْجيلو ج سَنْجيلا:** ذ. سامان سوڏو – نَنَ وارو. (صفت). چڱين عادتن وارو – سُٹي سُياڻ وارو.

• **سَنْجَڻُ:** مصدر. [سن. سنجر = آلو ڪرڻ] ڪوهه مان پاٽي ڪڍڻ. هٿ سان پاٽي ڇڪڻ. "سنجي سنجي ڪوهڙا، ويڙهي وئاورت" (شاهه).

• **سَنْجو ج سَنْجا:** ذ. ميربحرن جو هڪ اصطلاح – ڪُڙهيءَ جو هڪ عُضوو – ڪُڙهيءَ جو پيرُ.

• **سَنْجوڳُ ج سَنْجوڳ:** ذ. [سن. سَنيوگ = ميلاپ] ميل ميلاپ – جوڙ – پهت – صُلحَ – ساز – اَهنگ – ملنسازي. مُلاقات ـ لاڳاپو. جَماع – لڳ.

– **سَنْجوڳُ ڪَرڻُ:** هڪ ٽي رهڻ – گڏ ٽيڻ. هَمْبسْتَرُ ٽيڻ – زالُ مڙسَ وانگر گڏجي رَهڻ.

– **سَنْجوگِي ج سَنْجوگي:** ذ. صفت. ٺهڪندڙ – مليل – ميلاپ ٽيل. (اسم خاص).

– **سَنْجوگِي شيخَ:** اسم خاص. نئون مسلمان.

• **سَنْجوهڻُ:** مصدر. [سن. سَجّا = ٺاهڻ] سينگارڻ – تيار ڪرڻ – ٺاهڻ – بنائڻ.

• **سَنْجوئڻُ:** مصدر. [سن. سَجّا = ٺاهڻ] سينگارڻ. ٺاهڻ – بنائڻ.

• **سنجي:** ث. ربيع جي فصل ۾ پيدا ٽيندڙ گاهه.

• **سَنْجيدُو ج سَنْجيدا:** ذ. [ف. سَنجيده] ڳُوڑو – ڳنڀير – ديرينو – بُردبارُ. ساڃهه وارو – ادب وارو. ڳاڙو – ويچاروانُ. فهميدو – نهنو.

– **سَنْجيدَگِي ج سَنْجيدَگِيُون:** ث. صفت. گنيرتا – فهميدگي – ديرينائي – ڳرائي – ٽانهر. سُگهڙپائي. دُوراندیشي. نهٺائي. ساڃهه. ويچارُ – ڳٽڀ.

• **سَنْجيرُو ج سَنْجيرا (ل):** ذ. مَنڊي – مَن ۾ نهيري کي جهلينڊڙ هڪ ڪاٺي. ڪوٽو. مٽيءَ جي پيتي.

• **سَنْجيهَهُ ج سَنْجيهَ (ل):** ذ. صفت. سَجيهه. وڏيڪ – زياده ـ گهڻو – سَرسُ.

• **سَنْجهه ج سَنْجهيُون:** ث. سَنجها – سانجهي – سَنجهو – مُنهن اُنداهه – رات. سوير – سنجهو.

– **سَنْجها ج سَنْجهاڻُون:** ث. [سن. سنڌيا: پرا. سَنجها] شام – مغرب – سانجهي – سج لٽي مهل – منهن مير – نماشام.

– **سَنْجها وَقْتَهٔ:** سانجهي مهل.

– **سَنْجهه صُباحَ:** صُبح شام – ساجهر سويلو. "خالق سنجهه صُباحَ، ڪونہ چڏيندو ڪٽهين".

– **سَنْجهوڙُ ج سَنْجها (ت):** شَام – سج لٽي مهل. مُنهن اونداهه - رات جو پهريون پَهرُ – سُمهڻيءَ ڪان اڳ جو تائيم. سويل – ساجهَر.

– **سَنْجهو تارَڙُ:** اڌ رات جو وقت پورو ڪرڻ.

– **سَنْجهوڙُ ڏَرڻُ:** رات جو پهريون پهرُ گذرڻ – سومهڻي گذرڻ.

– **سَنْجهوٽِي ج سَنْجهوٽِيُونْ:** ث. پريات – پرهه ڦٽي.

– **سَنْجهيئِي:** ظرف. سويل – سوير – تمام جلدي – سنجهو مان – ساجهر.

• **سَنْجهُ:** اسم خاص. گاهه پوٽي جو هڪ قسم.

• **سُنْجهَ ج سُنْجهُونْ:** ث. ڳولا ڳولا – پُڇا ڳاڇا – تلاش - خبرچار – حال احوال – سُڌ سماءُ. جاڻ – واقفيت. اطلاع.

• **سَنْجهراهُ:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سُنْجهَوروُ:** اسم خاص. سانگهڙ ضلعي ۾ هڪ شهر جو نالو.

• **سَنْجهيُ:** هڪ وڻ جو قسم – ٽالي. سنجي.

• **سَنْجهارُو ج سَنْجهارا (ت):** ذ. ٽوري جاءِ ۾ خالي نہ هجڻ جي حالت – پيڙ – گپا گيهه.

• **سَنْجو ج سَنْجا (ث):** ذ. [سن. سَنجر] سَعيو – سانباهو - تياري – فِڪر – ڳٽتي – ڏَپ – اُدڪو. سونڪو.

• **سَنْجِي ج سَنْجِيُونْ:** ث. ڪتاب جو پاڳو – اٽن پَنن جو جُز.

• **سَنَدَ ج سَنَدُونْ:** ث. [ع. سَنَدَ ج اسناد = سرٽيفڪيٽ] پاس ج تصديق نامو – سرٽيفڪيٽ – تمغو. پروانو – اختيارنامو اجازت نامو. ثبوتُ – دَليل – پروسي ڪرڻ جهڙي شيءِ. اعتبا – ساڪ – اعتماد. ٽيڪ – آڌر – پروسو. عهد نامو – اقرار نامو

• **سَنَدَ ڏيڻُ:** ثُبوت ڏيڻ – صلاحيت جي تصديق ڪرڻ - سرٽيفڪيٽ ڏيڻ.

– **سَنَدَ رافْداريْ:** [ع. سند + ف.راه = رستو + دار > داشتن: رکڻ] رستَي تان ڪا شيءِ ڪٽي وڃڻ يا مال وٽي وڃڻ لاءِ اجازت نامو.

– **سَنَدَ سَمْجهَنْ:** تَصْديق شُدهه جاڻڻ – تسليم شُدهه سمجهڻ -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معتبر سمجهڻ – تَسلّي بخش سمجهڻ.

– **سَنَدِيُ ج سَنَدِي:** ذ. صفت. سَنَدَ وارو – اختياريءَ وارو – اَميرُ. دَلالِيُ – هُنديارُ – پلاوٽو.

– **سَنَدَ يافتَہ ج سَنَدَ يافتا:** ذ. صفت. [ع. سَنَد + يافتہ < يافتن = لهڻ] سَرٽيفڪيٽَ حاصل ڪيل – سَنَدَ وارو – تمغو حاصل ڪَيَل. متعاهد.

• **سَنْڊُ ج سُنْڊَ (ل):** ذ. بُردبارُ – سُسَت – ڏَڏو. صَنْدُوق. ڏَڪَ سان ڇَهو.

– **سَنْڊُو ج سَندوا (ل):** ذ. ڏيڪيل توڪريُ.

• **سَنْڊاسُ ج سَنْڊاسَ (ل):** ذ. پائخانو – ڪاڪوس. اَبريز – ڏُهو – چشمو – جهَرٽو.

• **سَنْڊاڻ ج سَنْڊاڻيُون:** ث. [ع] لوهارَنُ جو هڪ اوزارُ – لوهَ ڪي ڪُٽڻ لاءِ هيڻان رکيل لوهہ جو ويڪرو ٽلهو پائو.

– **سَنْڊاڻ گَرَڻ:** سخت سزا ڏيڻ.

• **سَنْڊائڻ:** مصدر. ستائڻ – تنگ ڪرڻ – ڇيڙائڻ – دق ڪرڻ – تڪليف ڏيڻ – پريشانُ ڪرڻ – آزارَڻ. سُڌائڻ – خبردار ڪرڻ. سفارَش ڪرڻ.

• **سُنْدَرُ ج سُنْدَرَ:** ز. صفت. [سن. سُندَرُ = سُهڻو] سُهڻو – ناهوڪو – خُوبصُورَت – حَسينُ – شَڪيلُ – مَلُوڪُ – وَجيہُ – زينَتَ پريو – جَميل – سَوپياوانُ – صورَتوَند.

– **سُنْدَرتا ج سُنْدرتائُون:** ث. سُونهَنْ – سوپيا – خُوبصُورتيُ – حُسن – سرويتا – ناهوڪائي – جَمالُ. نَمَڪُ – چَهرو. صورَت. ڊيل ڊولُ. خوبي – خاصيتَ. براج. جلوه. خوبي – لياقَت.

– **سُنْدَرتائي ج سُنْدَرتائيُون:** ث. خوبصورتي – سُونهَنْ – سوپيا – سَندرتا.

– **سُنْدرِيُ ج سُنْدرِيُون:** ث. سُهڻي – خوبصورت – موهڻي. پاڪ واريَ زالَ.

• **سُنْدراڻيُ:** اسر خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ڪَشمورَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سُنْدَرَبُنُ:** اسر خاص. بنگلاديش ۾ پاڻيءَ وارو هڪ وڏو ٻيلو.

• **سُنْدَر ٻيلي:** اسر خاص. تعلقي پنو عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سُنْدَرَسُ:** ذ. [ف. سندروس] ڪونر جَهڙو هڪ وَڪَرُ. وارنش ناهڻ جي ڪم ايندڙ.

• **سَنْدَرَ (ڪ):** مصدر. لَسو ڪرڻ – هَموارُ ڪرڻ – سڌو ڪرڻ – سَنُئون ڪرڻ (زمين کي ڪوڏَر سان). وڇائڻ – پکيڙڻ (گاهہ کي) (ڪ).

• **سندرو سَنْدرُو ج سَنْدرا:** ذ. ملَهن جي چيلهہ سان ٻَڌڻ جو ڪپڙو.

– **سَنْدرُو ٻَڌَڻُ:** ملهہ وڙهڻ لاءِ چيلهہ سان ڪپڙو وٽي ٻَڌڻُ. ڪنهن ڪم لاءِ تيار ٿيڻ. هَمٽ ٻَڌڻ – ڪوشش ڪرڻ.

– **سَنْدرُو ساهڻُ:** سندرو چڪڻ. مَلهہ وڙهڻ لاءِ چوَڻُ. مقابلو ڪرڻ.

– **سَنْدرُو ڪَرَڻُ:** مَلهہ وڙهڻ لاءِ تيار ٿَيڻ – مقابلي لاءِ تيارُ ٿيڻ.

– **سَنْدرُو وَڌَڻُ:** سندري وَاري ڪپڙي کي وَٽُ ڏيڻ.

• **سَندَڪَ ج سَنْدَڪُون:** ث. سنگت – ياري.

• **سَنْدَڻُ:** مصدر. تياري ڪرڻ – سانباهَ ڪرڻ – سعيو ڪرڻ.

• **سَنْدِ ج سَنْدِڻُون:** ث. سنداڻ.

• **سَنْدو ج سَنْدا:** حرف اِضافت. جو – وارو. (ظرف). تو جهڙو – تو سرتو – توڻاني – تُنهنجو مَٽ – تنهنجو شريڪ.

– **سَنْدُس ج سَنْدُنُ:** اضافتي ضمير. هُن جو – هُنَ وارو.

– **سَنْدُمَ ج سَنْدام:** اضافتي ضمير. مُنهنجو – مون وارو.

– **سَنْدُءِ ج سَنْدياءِ يا سَنْدُوُ:** اضافتي ضمير. تُنهنجو – تو وارو.

– **سَنْديان:** اضافتي ضمير. اُنهن جو.

– **سَنْدياءَ:** اضافتي ضمير. تُنهنجو.

• **سَنْديس ج سَنْدياس:** اضافتي ضمير. هُن (عورت) جو.

• **سَنْديسوُ ج سَنْڊيسا:** ذ. [سن. سنديش = سنيهو] سنيهو – نياپو. سماچار – خبر – خوشخبري – بشارت.

• **سَنْديلا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سَنْديهَ ج سَنْديهَہ:** ذ. [سن. سنشيہ = شڪ] شَڪ – شُبهو – گُمانَ – بي اَعتباري – ڪُتڪو. سوچ – فِڪر – انديشو. غَمُ. پَرمُ – سَنسو. غيرت.

– **سَنْديهَ گَرَڻُ:** غم ڪرڻ – فڪر ڪرڻ.

• **سَنْڊ ج سَنْڊِيُون:** ث. ڪاٽ – سرنگهہ – چورن طرفان پڳل جاءِ. نقصان. ڪائيءَ ۾ ٻَڌل پَلن مارَڻ جو ڏِگهو چار. ڏَيال جي ڪاٽ جي ۱۸ فوٽ ڏِگهي ڪائي.

– **سَنْڊِرُ ج سَنْڊِرَ:** ذ. ڪاٽ – هٽندڙ – ڪاٽيو – ڪاٽائي. چورُ – رهزن – ڏاڙيل.

– **سَنْڊِ هڻڻُ:** گهر پَچڻ – ڪاٽ هڻڻ – چوري ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سَنڈ ڪمائڻ:** سياڻپ سان ڪم ڪرڻ.

• **سَنڈ** ج **سَنڈَ:** ذ. [سن. سَنديْ > سَمدا = ميلاپ – جوڙ] بَدن اندران هَڏن جو جوڙ – عُضون جو ڳنڍ جوڙ – دَرِزَ – ڳَرِي – گڏيل – جوڪ – سنگم –ميلاپ. چيرَ _ ڏارُ. حدَ – نشانُ. جبلن جو وچ (ٻيلا).

– **سَنڈائتو** ج **سَنڈائتا:** ذ. سَنڈ وارو پورو – پوري هنڊ تي – هنڊائتو.

– **سَنڈَ سجا ڪرڻ:** سَنڈ ملائڻ. محنت ڪرڻ.

– **سَنڈ سُڪَڻ:** بيڪار ٿيڻ. هڪ قسم جي سَنڊن سُڪڻ جي بيماري ٿيڻ.

– **سَنڈ ملائڻ:** جوڙملائڻ – ڳنڍ ملائڻ – دَرَز پرڻ.

– **سَنڈِيَ** ج **سَنڈِيُون (ڪ):** ث. عضون جو ميلاپ سَنڈَ – جوڙ.

– **سَنڈِيُون سايُون ٿيڻ (ڪ):** ڪم تي هَڏ نہ وَرَڻ – توتي هئڻ.

– **سَنڈِيُون سُڪَڻ:** سنڈيون سايون ٿيڻ.

• **سنڌُ:** اِسم خاص. ملڪ جو نالو. موجوده دور ۾ پاڪستان جي هڪ صوبي جو نالو. "سائين سدائين ڪرين مٽي سنڌ سُڪار، دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين" (شاھ). "جيهس ڪونہ جهان ۾ سنڌ سورت هند هاڻ" (شاھ). سنڌُ درياءَ – مهراڻ. هڪ راڳ (پيرو) جو نالو.

– **سَنڈ ٽائيمَس:** اسم خاص. ۱۸۸۴ع ۽ ۱۸۸۷ع جي وچ ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ هڪ اخبار جو نالو. ايڊيٽر ساڌو هيرانند شوقيرام. جنم ۲۳_مارچ ۱۸۶۳ع. ديهانت جولاءِ ۱۸۹۳ع.

– **سنڌڙي:** اسم خاص. سنڌ جو اسم تصغير. پيار وچان استعمال ٿيندڙ نالو. انبن جي هڪ جنس جو نالو. سنڌ جي هڪ ڳوٺ جو نالو.

– **سنڌُ سُدّارُ:** ڪراچيءَ مان ساڌو هيرانند شوقيرام جي سَرپرستيءَ هيٺ نڪرندڙ هڪ اخبار جو نالو. آمريڪا ولايت جي وَڻَن جي هڪ جنس.

– **سنڌُو:** اسم خاص. سنڌ مان وَهندڙ ندي – سنڌ جو وڏو درياءَ – مَهراڻ.

– **سنڌواسيُ** ج **سنڌواسي:** ذ. سنڌِ جا رهندڙ – سنڌِيُ. (اسم خاص). سنہ ۱۹۱۴ع ڳان حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ هڪ اخبار. (ايڊيٽر ڪنول سنگ پوهومل ملڪاڻي ديهانت ۱۹۴۳ع).

– **سنڌُ واهُ:** اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهہ جو نالو. ضلعو سَکر ۾ مشهور واه جو نالو.

– **سنڌُو دَرياءُ:** اسم خاص. سنڌ مان وَهندڙ وڏي نديءَ جو نالو – سنڌُو نَدي.

– **سنڌوَرڪي** ج **سنڌوَرڪي:** ذ. ڏورانهن ملڪن ۾ واپار ڪندڙ سنڌ جا هندو واپاري.

– **سنڌوندي:** اسم خاص. درياءَ سنڌ جو نالو.

– **سنڌِيُ** ج **سنڌِيُ:** ذ. سنڌ ملڪ جو رَهاڪو. اسم خاص. سنڌ مَلڪ جي ٻولِيءَ جو نالو. سُڌاسيُ جانورَن جو هڪ قسم.

– **سنڌي هِيرَ:** سنڌ جي هيرَن جي هڪ جنس – ننڍڙا –گول.

– **سَنڈِيُ ٽَرنگُ:** ذ. جنديءَ تي گلّ جو هڪ قِسم.

– **سَنڈِيُ چانوَرَ:** گاڙها چانور.

– **سَنڈِيُ خَوانڈَهُ:** ذ. صفت. سنڌي ٻولي پڙهيل.

– **سَنڈِيڙُ** ج **سَنڈِيڙَ:** ذ. صفت. سنڌي ٻولي ڳالهائي ۽ پڙهي سَگهندڙ.

– **سنڌي سُونهُون** ج **سنڌي سُونهاڻ:** ذ. سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتاب جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ٻڌائيندڙ ڪتاب – سنڌي رهبر – سنڌي لغت.

– **سَنڈِيُ ڪَمَنڈُ:** ذ. ڪمند جو هڪ قِسم (ننڍين ڳرين وارو).

– **سَنڈِيُ گَجَرَ:** ذ. گجرُن جو هڪ قِسم – پتي واري گجر – پَتائي گجر.

– **سَنڈِي لاسيُ گَڏهَ:** ذ. گڏهه جو هڪ قِسم (وڏي مٽي ۽ وڏ ڪنن واروگڏهه).

– **سَنڈِيُ لُغَتُ:** ث. سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو ڪتاب – سنڌي ڪوش – سنڌي ڊڪشنري.

– **سَنڈِي مَتَرَ:** ذ. ننڍي داڻي وارن مَٽرن جو هڪ قِسم.

• **سَنڈُ** ج **سَنڈَ (ل):** ذ. قَسر – سُنهُنُ – ساڪ.

• **سَنڈاڻِ** ج **سَنڈاڻُون (ل):** ث. لُهارڪي اوزار جو هڪ قِسم – سنداڻ.

• **سَنڈائِنُ:** مصدر. (سن). ستائڻ. ٻئي کي ڏکوئڻ. هڪ ٻئي کي مار ڏيڻ. آچار ٺهرائڻ – سانڌاڻو ٺهرائڻ.

• **سَنڈ ڊُورُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سَنڈَرُ** ج **سَنڈَرَ (ل):** ذ. ٻَنو. قطار. ٻَهو – چارو – گَسُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سنڌرُ ج سنڌرَ:** ذ. (سن. سنڌُور) رنگ جو هڪ قسم – سيندر.
• **سَنڌرُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **سُنڌرو ج سُنڌرا (ل):** ذ. سُرندو. تُوتارو.
• **سنڌڙي:** اسم خاص. ڪچ ۾ رحمڪي بازار کان نَو ڪوھ پري ڏکڻ ڏي هڪ وڏي پُراڻي شهر جو نالو. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَنڌڻ:** مصدر. (سن. سَنْڌان = آڇار) آچار وجھڻ – آٽاٽو ناھڻ – سانڌاٽو ڪرڻ. هڪ هنڌ گھٽو وقت رکڻ – سانيڻ – لڪائي رکڻ – رکي ڇڏڻ. بند ڪرڻ. هوا بند ڪري ڇڏڻ – ڪلو ڪري رکڻ. پلي ۾ مصالح وجھي ترڻ. ٻيرا ڪرڻ – گيا ڪرڻ – ٽُڪر ڪرڻ. پيوند ڪرڻ – ڳنڍڻ جوڙڻ.
– **سَنڌاٽي ج سَنڌاٽيُون:** ث. سانڌاٽي ٺهرائڻ جي مزوري – آچار بنائڻ جو اُجورو. ڳنڍائڻ جو معاوضو.
• **سَنڌڻُ (ل):** مصدر. (سن. سَنْڌان) مرهم پٽي ڪرڻ – زخم ڇتائڻ "سوئي سنڌيندم سپرين، ڪيس جنهن ڪباب" (شاھ).
• **سَنڌڻو ج سَنڌڻا:** ذ. عورت ڏانهن ويڙ وقت ساھرن جي طرفان موڪليل مناڻ.
• **سَنڌو ج سَنڌا:** ذ. (سن. سَنڌِ: سَمْ = سان + ڌار = ڌار ڪرڻ) حَد – نشان – دنگ – سرحد. پچاڙي – چيڑو – انت – چيھُ. ناڱو – وٽي – وچوٽي – تفاوت – ڳنڍ. ڪن ۾ شين جي وچ ۾ نشاني طور پيل شيءِ. سُجاڻپ. جُدائي.
– **سَنڌوپوڙ:** وٽي پوڙ – وچوٽي پوڙ. جُدائي ٽيڻ.
– **سَنڌو سيڑھو ج سَنڌا سيڑھا:** ذ. (ٻَني ۽ جي) حَد. شرط. پاڇي. مُدو. منع. فرق – وچوٽيَ.
– **سَنڌو سيڑھو:** سنڌو سيڑھو.
– **سَنڌو سيڑھو لَهڻ:** فرق نڪرڻ – تفاوتَ ختم ٽيڻ. ويڇو نہ رهڻ.
– **سَنڌو سَيڑھو هُئڻ:** حد هئڻ ـ وچوٽي هئڻ – فرق هئڻ.
– **سَنڌو ڪَرڻ:** پري پڇڻ – دُور ٽيڻ – ڪنارو ڪرڻ. حد مقرر ڪرڻ – حد بندي ڪرڻ. ورهائڻ – تقسيم ڪرڻ.
– **سَنڌي جا ڏينهن:** ذ. جدائيءَ جا ڏينهن. فصل پڇڻ جو وقت.
– **سَنڌي جو مهينو:** ذ. فصل پڇڻ وارو مهينو – فصل لهڻ جو مهينو – مهانگائيءَ جو وقت.
• **سَنڌوٽِي ج سَنڌوٽِيُون (ل. ث):** ث. اڻ ڏيجندڙ مينهن، ٻکري، ڍڳي وغيره.
• **سَنڌِي ج سَنڌِيُون (ڪ):** ث. ڪاري جي ھيڑيءَ جو هڪ عضو – پرماڻ (سڑھ جي ڪائي) جي مُهڙياري چوٽي وارو درياهي ھيڑيءَ جو گوش. عضو (ث). وچوٽي – دُوري. (ف. صفت) ملائي هڪ ڪيل – چپيل. هضر ڪيل.
• **سَنڌِيُون ڪَرڻ:** جايون ڪرڻ. وچوٽي ڪرڻ. تمام پري وڃڻ.
• **سُنڌِي ج سُنڌِيُون (ڪ):** ث. گوشت جي ھوٽي – ڳڙي – سُڌي. سُنديي.
• **سَنڌِيا ج سَنڌِياڻُون (ث):** ث. (سن). سج لڻي جي مهل – نماشام – سَنجھا – سانجھي.
• **سَنڌِيھو ج سَنڌِيھا (ث):** ذ. (سن. سنديش = سنھيو) – سنيھو – سنديشو – سنديھو. پيغام.
• **سَنڌيشو ج سَنڌيشا (ث):** ذ. (سن. سنديش) سنديھو – سنڌيھو.
• **سَنڌُ (سنڌَ) ج سَنڌَ:** ذ. حواس – تَنْتُ (ث). سيٽاه. ترهو.
– **سَنڌَ مڙڻ:** بيھوش ٽيڻ.
– **سَنڌَ مَٽجھڻ:** بيھوش ٿي وڃڻ – رِيحَ بند ٽيڻ.
• **سُنڌُ ج سُنڌَ (ڪ):** ذ. ٽاڻ ۽ جو هڪ قسم – ڪنگر – لوٽو. ڳوٽ – ھورو – ڳوٽري.
• **سَنڌَڻ (ل):** مصدر. (ف. شنا = ترڻ) مقابلي جي همت ڪرڻ – زور آزمائڻ لاءِ دل جھلڻ. همت جھلي اڳتي وڌڻ. حملي جي همت ڪرڻ.
– **سَنڌَر (سنڌ):** ث. ڪو ٽاڻ – ڪو اوزار – ڪو حيلو.
• **سُنڌُ (سُنڌَرُ) ج سُنڌَ (سُنڌَرَ):** ذ. شور – گھُنج منهن ۾ ـ سُونڌ – گھُنڌ.
– **سُنڌُ پائڻ:** گھُنڌ پائڻ – شور پائڻ – سُونڌ پائڻ.
• **سَنڌو بندر:** اسر خاص. جاتي ڪان ۾ ڪوھ پري، هڪ جھونو ساموندي بندر ۽ ڳوٺ – سير ڳنڍو.
• **سَنڌيَ ج سَنڌيُون:** ث. ڏُڪي نہ ٽيندڙ – اولاد نہ ڄڻيندڙ عورت.
– **سَنڌياپڻُ ج سَنڌياپڻَ:** سَنڌِ هئڻ واري حالت.
– **سَنڌياپو ج سَنڌياپا:** ذ. سنڌاپڻ – سَنڌپائي.
– **سَنڌِيَپائِي ج سَنڌِيَپائِيُون:** ث. سنڌِ هجڻ واري حالت – سَنڌاپو – سَنڌاپڻ.
– **سَنڌِيڙ ج سَنڌِيڙَ:** ذ. سَنڌاپڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سَنْڊيپوُ ج سَنْڊيپا:** ذ. سنڊ هجڻ واري حالت – سَنڊاپو.

• **سُنْڊِ:** (سن. شُنڈَ = سنڊ) مصالح ۾ دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارَ ڪو وڪر – سُڪو ادرڪ. (رنگ ميرانجهڙو، ذائقو تکو طبيعت گرم خشڪ).

• **سُنْڊِ ج سُنْڊِيَ (ت):** ذ. جوئر، باجهر وغيره جي لاباري ڪانپوءِ زمين ۾ باقي رهيل ڪانو – ڪَتَ – ٻٽو – پاڙَ – ناڙُ.

– **سُنْڊِيوُ ج سُنْڊِيا (ت):** ذ. سُنْڊِ. ڪَجيءَ جي ڪاٻڙ ڪان ٻوٽن تائين ڪنڊن وارو حصو. گوشت جو وڏو ٻوٽُ (ل).

• **سُنْڊِيارُ:** مصدر. مارڻ – ڪُٽڻ ڪيڻ.

• **سُنْڊِيوُ ج سُنْڊِيُو:** ذ. (سن. شيال = سالي + وودا = گهوٽ) سالي‌ءَ جو مڙس – زال جي پيڻ جو گهر وارو.

• **سُنْڊِيوَرُ:** مصدر. سنيالڻ – هٿ رکڻ. مدد ڪرڻ. گڏ ڪرڻ – ميڙڻ.

– **سُنْڊِيوَرُ ج سُنْڊِيورُونْ:** ث. سانڊِ – سنيال – پرداخت. ميڙ سيڙ.

• **سُنْڊِيڑِ ج سُنْڊِيُونْ:** ث. گوشت جي ٻوٽِي – تَڙَ. گوشت جو سُڪل ٽڪر. فصل کي نقصان رسائيندڙ هڪ جيت.

• **سَنَرُو ج سَنَرا:** ذ. صفت. (سن. سَرَلَ). سَنرلو – سڌو – ڪڙو. وفادار – سچو. خوش – سرهو – سڪي. تندرست – ٺيڪ – توانو – تازو – مضبوط. خوش رُوءِ ـ ڪلمڪ.

– **سَنَرُو ٿيڻُ:** تندرست ٿيڻ – تازو توانو ٿيڻ. خوش ٿيڻ.

• **سَنْسارُ ج سَنْسارَ:** ذ. (سن. سَم = گڏ + سر = سَرڻُ) دنيا – جڳ – جڳت – جهان – عالم – لوڪ – ڪائنات – زمانو – گِجهَ پڪيءَ جو هڪ قسم.

– **سَنْساريُ ج سَنْساريْ:** ذ. صفت. جهان سان لاڳاپو رکندڙ – دنياوي – جهان جو.

• **سُنْسانُ ج سُنْسانُ:** ذ. رُڃَ – بيابان – اڻ وسندڙ جاءِ ـ هُو جي جاءِ ـ ماڻ – سانت – سُن – (ذ. صفت) ويران – اُجڙ – سُڃو – پڙيانگ – وسوڙو – مغموم – اُداس – مايوس. خوفناڪ – ڏيجارينڊڙ (رات). (ظرف). چپ ۾ ـ ماڻ ۾ ـ خاموش.

– **سُنْسانُ گَرَڻُ:** اُجڙ ڪرڻ – ويران ڪرڻ – بي آرام ڪرڻ – اُداس ڪرڻ.

– **سُنْسانُ هُجَڻُ:** اُجڙيل هٽ – خالي هٽ – اُداس هجڻ. چُپ چاپ هجڻ.

• **سَنْسڪرِتْ:** ث. صفت. [سن. سَمْ = چگو + ڪرت = ڪيل: سَمْڪَرْت > سَنسڪرت] خبرداريءَ سان برابر ٺاهيل – هٿرادو – برابر – پُوري – بهترين – عُمدي. سينگاريل. (اسم خاص). هندستان جي هڪ قديم ٻوليءَ جو نالو (جا گرامر جي اصولن تي پوريءَ طرح سان ٺهيل آهي).

• **سَنْسوُ ج سَنْسا:** ذ. [سن. سَنسْپِيه = سَنْسو] انديشو – شڪ – گُمان – وَهم – پَرم – وسوسو – ڪنڪو – خوف – پوءِ – ڊَپ – ڊِڄ – هراسُ – ڊاءُ.

– **سَنسائِيْ ج سَنْسائِيْ:** ذ. صفت. وهمي – پرمي – شَڪي – ڪنڪائي.

• **سَنْڪُ ج سَنْڪ:** (شوق) ذ. اشتياق – حُب – لاڙو – قُرب. خيال – ويچار.

• **سَنْڪَ ج سَنْڪُونْ (ت):** ث. اشارو – ڏَسَ – پتو. اُهڃاڻ – نشاني.

• **سَنْڪَرُ ج سَنْڪَرُونْ:** ث. سنگهر – جنجير.

• **سَنْڪَلِيْ ج سَنْڪَلِيُونْ (ت):** ث. [سن. شرنْڪَلَ = زنجير] زنجير – سنگهر – نيئر. گچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ گهڻ. "سَنْڪليون سونهن سرتي آهي ماڳ مٽي" (زيور نامو ميان فضل الله پاتائي).

• **سَنْڪَڻُ:** مصدر. [سن. شَنْڪا = ڊپ] ڊڄڻ – ڊپ ڪرڻ – خوف ڪرڻ. ڏڪڻ – تَرڪڻ. ڳڻتي ڪرڻ – فڪر ڪرڻ. "ڪنڊِيءَ آيا ڪيترا، سيڙايا سَنْڪَنِ" (شاهه).

– **سَنْڪو ج سَنْڪا:** ذ. ڊَپ – پوءِ – ڊِڄ. اُڏڪو – ڳڻتي – فڪر. انتظار – اُٽڪ.

• **سَنْڪونا:** ث. ذ. وڻ جو هڪ قسم (ملبريا جي بخار ۾ دوا ٺاهڻ ۾ ڪم ايندڙ وڻ) – ڪوئنين جو وڻُ.

• **سَنْڪُ ج سَنْڪَ:** ذ. [سن. شَنْڪُ = ڪوڏُ] آواز ڏيڻ جو هڪ اوزار – ڪوڏ – سگ. واڇو: "سامي ڪٽي سَنْڪ، ٻجائي وات تيا" (شاهه).

• **سَنْڪِيْ ج سَنْڪِيْ:** ذ. صفت. سَنڪ وجائيندڙ.

• **سَنْڪِيو ج سَنْڪِيا:** دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وڪر – هڪ زهريلي دوا – سَنْڪِئو (ت).

• **سَنْگُ ج سَنْگَ:** ذ. [ف. سنگ = پهڻ] پٿر – پهڇڻ – مُنڊڪو – پوڪ جو چوٽيءَ وارو حصو – ستو. ڳئون جي پڇ جي پڇڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارو جهڪٽو. مڇيءَ جو هڪS قسم. بنا چلرن جي. ويڪر اٽڪل چار آڱر. رنگ ڪارو. بت تي اڇا تڪ، قد هن کان ڇهه فوٽ. وزن – بار. عزت – وقار.

– **سَنْگُ آسْتانْ:** ذ. سنگ + آستان = جاءِ] چائٽ جو پٿر – دروازه جو پٿر.

– **سَنْگ آسْوَدْ:** اسم خاص. [ف. سنگ + ع. آسْوَد = ڪارو] ڪعبي جي ديوار ۾ لڳل هڪ مقدس ڪارو پٿر.

– **سَنْگ آهَنْ رُبا:** ذ. [ف. سنگ + آهن = لوهه + ربا > ربودن = ڇڪڻ] پٿر جو هڪ قسم – لوهه کي ڇڪيندڙ – مقناطيس – چقمق.

– **سَنگائِنْ:** دِج ۽ گُٽيءَ ۾ وجهڻ "حمل ڇڏي هيءَ دلڙي سنگائي سورن".

– **سَنْگ بَاسِيْ:** ذ. پٿر جو هڪ قسم. هن رنگن سان، گاڙهي رنگ وارو الور جَي جبلن مان ملندڙ پيلير يا گاڙهيڙو گوالیار – تانت پور – فتح پور سيڪريءَ جي عَلاقن ۾ ٿيندڙ. هيو نالو گاڙهو پٿر (نمونو دهليءَ جي لعل قلعي ۾ لڳل).

– **سَنگِ بُصري:** ذ. پٿر جو هڪ قسم. دوا طور استعمال ٿيندڙ. هڪ پسارڪو وڪر.

– **سَنْگ پاتري:** ذ. پٿر جو هڪ قسم. ميري رنگ جو سخت ڪشمير علاقي مان لهندڙ.

– **سَنْگتراشُ ج سَنْگتراشْ:** ذ. [ف. سنگ + تراشي > تراشيدن = ڪرڻ] پٿر چلينڊڙ. پٿرن کي چليندڙ – پٿرن کي گهڙيندڙ – پٿر ٽڪڻ وارو – پٿرن جو ڪم ڪندڙ – سلاوٽ – سيلاٽو – گونديو.

– **سَنْگتراشِيْ ج سَنْگتراشِيُوْنْ:** ث. پٿرَ تي ڇٽ سالي‌ءَ جو ڪم – پٿر مان ڪنهن ٿانءَ وغيره ٺاهڻ جو هُنر.

– **سَنْگ پارَسْ:** ذ. پٿر جو هڪ قسم – لوهه کي لڳڻ سان سون بنائيندڙ پٿر – حجرالحڪيم.

– **سَنْگ پُشْتُ ج سَنْگ پُشْتَ:** ذ. [ف. سنگ + پشت = پٺي] پٿر جهڙي سخت پٺي‌ءَ سان پاڻي‌ءَ جو هڪ جانور – ڪُمي.

– **سَنْگِ جَراحْ:** ذ. [ف. سنگ + ع. جراح > جَرَحَ = هُنَ زخم ڪيو] پٿر جو هڪ قسم (ميڙ مان نڪرندڙ. نرم ۽ چمڪندڙ. نوشاندر يا هين دوائن ۾ ماري زخم لاءِ دوا طور استعمال ٿيندڙ) هڪ پسارڪو وڪر.

– **سَنْگ جَراحَتْ:** ذ. سنگ جراح.

– **سَنْگ چَقْماق:** ذ. پٿر جو هڪ قسم. ڪشمير علاقي مان لهندڙ.

– **سَنْگ خارا:** ذ. نيري رنگ تي، پٿر جو هڪ قسم (دڪن علاقي ۾ اِراولي ٽڪرين مان لهندڙ) سَنگ غلول.

– **سَنْگ دامِ:** ذ. پٿر جو هڪ قسَم، رنگ سفيد جٽادار. ڪشمير علاقي مان لهندڙ. عمارتن ٺاهڻ جي ڪم ايندڙ.

– **سَنْگدِلْ ج سَنْگدِلْ:** ذ. صفت. [ف. سنگ + دل] پٿر دل وارو – سخت دل – ڪنور – بيدل – بي رحم – بي قياس. شوخ محبوب – بي پرواهه معشوق.

– **سَنْگدِلِيْ ج سَنْگدِلِيُوْنْ:** ث. پٿر دلي – ڏاڍائي – بي رحمي – بي قياسي – ڪنورائي.

– **سَنْگ دامَرْ:** ذ. پٿر جو هڪ قسم. گاڙهيڙو. سخت. (فتح پور جي ويجهو دامر شهر جي ڪاڻ مان لهندڙ. چڪين ۽ روهين ٺاهڻ جي ڪم ايندڙ).

– **سَنْگ راسخ:** ذ. پٿر جو هڪ قسم. رنگ گاڙهيڙو. اولاسار ۽ تامي سانَ ملي دوا طور استعمال ٿيندڙ. هڪ پسارڪو وڪر.

– **سَنْگ راهَ:** ذ. رستي تي پيل پٿر (مسافرن کي تڪليف ڏيندڙ) – سدَراهه – مانع. رڪاوٽ – روڪ – رندڪ.

– **سَنْگ رُخامَ:** ذ. سنگ مرمر قسم جو نرم رنگين پٿر.

– **سَنْگ ريزَهْ:** ذ. [ف. سنگ + ريزه > ريختن = هارڻ] پٿر جي پور – ريتي – ڪڪري – ڪنڪري – بجري.

– **سَنْگ زُناريْ:** ذ. [ف. سنگ + زنار = آتش پرستن جي مٽي] پٿر جو هڪ قسم. رنگ ڪارو ۽ اڇو. نهايت سخت. تسبيح جي مٽين ٺاهڻ ۾ ڪتب ايندڙ.

– **سَنْگ زَهْرَ مُهْرَهْ:** ذ. [ف. سنگ + زهر + مهره = پهڻ جو گول ٽڪرو] پٿر جو هڪ قسم. رنگ سائيرو. پوچي‌ءَ ۾ ڪم ايندڙ. زهر جي اثر کي ختم ڪندڙ.

– **سَنْگسار:** ذ. [ف. سنگ + سار = پريل] پٿر هٽي مارڻ جي سزا – زاني‌ءَ لاءِ شرعي سزا.

– **سَنْگسار ڪَرَڻْ:** پٿر هٽي مارڻ جي سزا ڏيڻ.

– **سَنْگ سازْ ج سَنْگ ساز:** ذ. [ف. سنگ + ساز > ساخ= ٺاهڻ] پٿر کي ٺاهيندڙ يا درست ڪندڙ – سنگتراش.

– **سَنْگ ستارا:** ز. [ف. سنگ + ستاره = تارو] پٿر جو هڪ قسم. رنگ سُونهري. ستارن ٽڪن سان. مندين جي ڀٽن ٺاهڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتب ايندڙ.

– **سَنْگ سُرْخ:** ذ. [ف. سنگ + سُرْخ = ڳاڙهو] پٿر جو هڪ قسم – ڳاڙهو پٿر.

– **سَنْگ سُرمَہ:** ذ. [ف. سنگ + سرمہ = اکين ۾ پائڻ جو ڏاتو] سرمي جو پٿر.

– **سَنْگ سِلاجِيتُ:** سلاجيت پيدا ڪندڙ پٿر جو هڪ قسم (دکن ۽ صوبي بهار ۾ ليندڙ دوائن جي ڪم ايندڙ)

– **سَنْگ سَماقْ:** ذ. [ف. سنگ + ع. سماق > سمق = وڏو هٿ] پٿر جو هڪ قسم، نهايت سخت ۽ سفيد، گهٽي قيمت وارو.

– **سَنْگ شَجَر:** ذ. [ف. سنگ + ع. شجر = وڻ] پٿر جو هڪ قسم، جنهن ۾ وڻ جي شڪل ڏسجي، اڪثر درياءَ يا سمنڊ مان نڪرندڙ، صبح جي ڪرڻن سبب، وڻ جي پاڇي پوڻ سبب اها شڪل اختيار ڪندڙ، اڪثر نربدا نديءَ مان ليندڙ.

– **سَنْگ كَيْرَ:** وڏائي ڏيکارڻ – آڪڙ ڪرڻ اقبال ظاهر ڪرڻ. مشهور ٽيڪ. فورا ٽيڪ. اَنَ ڪيڪ.

– **سَنْگ لاخَ ج سَنْگ لاخُوْنْ:** ذ. (ف). پٿر واري زمين يا جاءِ ـ سخت زمين. (صفت). سخت – مشڪل – ڪٺن – دُشوار.

– **سَنْگ لَرزانْ:** ذ. [ف. سنگ + لرزان > لرزيدن = ڏڪڻ] پٿر جو هڪ قسم – لوڏي سان لڏي ويندڙ، لچڪيدار. واريا سو پٿر – پُورو پٿر.

– **سَنْگ لَوحْ:** ذ. [ف. سنگ + ع. لَوحْ = تختي] وفات جي تاريخ ۽ سن هٽي، تربت يا قبر جي سيراندي‌ءَ ڪان رکيل پٿر – تربت جو پٿر.

– **سَنْگ ماهِيْ:** ذ. [ف. سنگ + ماهي = مڇي]. پٿر جو هڪ قسم – مڇيءَ جي مٿي مان نڪرندڙ گڙده جي سور لاءِ مفيد.

– **سَنْگ مَثانہ:** ذ. [ف. سنگ + مثانہ] پٿر جو هڪ قسم، پيشاب واري هنڌ پيدا ٿيندڙ پٿر – پٿري.

– **سَنْگِ مَرْمَرْ:** ذ. هڪ قسم جو اڇو چلڪيدار قيمتي پٿر – عمارتن وغيره ۾ ڪم ايندڙ.

– **سَنْگ مَرْوَرْ:** سنگ مرمر.

– **سَنْگ مَزارْ:** ذ. [ف. سنگ + ع. مزار = تربت]. تربت جو پٿر – سنگ لوح.

– **سَنْگ مُوسَيٰ:** ذ. خوشنما ڪارو پٿر.

– **سَنْگ يَشْمْ:** ذ. هڪ قسم جو عمدو پٿر – زبرجد.

– **سَنْگ يَشَبْ:** ذ. سائيرڙي رنگ جو هڪ قيمتي پٿر، دل هول جي بيماري لاءِ استعمال ٿيندڙ.

● **سَنْگ:** ذ. [سن. سر = گڏ + گر = هلڻ] سنگت – صحبت – دوستي – ياراني. گاڏيپو – لاڳاپو – ناتو – ملاوٽ – رلملائي – گڏجاڻي – همراهي – ميل – ميلاپ، محبت – پيار – پائپاڻائي – شراڪت – پنگت – ساڻ، جماعت – سٽ – مَنڊلي – مجلس – سيا.

– **سَنْگَتْ ج سَنْگَتُوْنْ:** ث. دوستي – ياري – ناتو – گانڍاپو – صحبت – محبت – الفت – رفاقت – شراڪت – همراهي – جماعت – ٽولي.

– **سَنْگَتْ رَكْهْ:** دوستي رکڻ – ياري رکڻ، ڀڏيءَ ۾ رهڻ.

– **سَنْگَتْ كَرْ:** دوستي ڪرڻ – ساڻ ڏيڻ، گڏ هلڻ.

– **سَنْگَتِيْ ج سَنْگَتِيْ:** ذ. سنگت وارو – دوست – يار – سنگت ڪندڙ، همدرد – ساٿي – صحبتي – رفيق – پيارو، گڏ هلندڙ – همراهه. تعلق وارو – لاڳاپي وارو.

● **سَنْگ جُو پَرَسَنْگ هُئْ:** ذ. صحبت جو اثر هئڻ.

– **سَنْگ جِڏَّنْ:** دوستي ٽوڙڻ – سنگت ڇڏڻ.

– **سَنْگ ساهِنْ:** دوستي ڳنڍڻ – ناتو رکڻ – تعلقات پيدا ڪرڻ.

– **سَنْگِيْ ج سَنْگِيْ:** ذ. ساڻ وارو – ساٿي – همراهه – رفيق، وارن کي ٻڌڻ جي سُٽ يا پشم جي سڳي – گُٿُون (ٻيلا). زيور جو هڪ قسم، چير سان ميناڪاري، ڪنگڻي يا چوڙي جي ٻانهين جي مٿئين پاسي پنجين چوڙي بعد بيهندڙ.

● **سَنْگَ ج سَنْگ:** ذ. [سن. سنهَ = شينهن] سڪن جو لقب. نالي جَي پويانَ ايندڙ. مثلاً "اَجيت سنگ" شَينهن – بهادر – سورهيه. بُرج اَسَدُ – آسمان جي پنجين راس.

● **سُنْگَ ج سُنْگ:** ذ. ٽولي جي سنگت. سٽ. ٽولو. هڪ قسم جي دِل، بلوچستان جي بلوچ سردارن طرفان پنهنجي قوم ڪان وصولي. محصول. پيس مان ٺهيل گهگهي جي شڪل تي ڪارو. جبل جي ماڙين ۾ جوئر ۽ باجهريءَ جي سنگن کي لٽي گڏ ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ. گديا – مقعد (ل).

– **سُنْگائِنْ:** مصدر. سنگ يا محصول وٺڻ لاءِ ماڻهن کي ترسائڻ.

– **سُنْگ پَرَڙْ:** محصول پرڻ. ڏَڻُ پرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **سُنگ ڏيڻ:** سنگ پرڻ.
- **سُنڱڻ:** مصدر. ڪسڻ. ڏاڙ يا سُنگ لاءِ ماڻهن جو ترسڻ. اُڀاڙي ڪرڻ – ڏِل وڻڻ. وصولي ڪرڻ.
- **سُنگ معاف ٿيڻ:** دِل معاف ٿيڻ. نجات ملڻ – چوتڪارو ملڻ.
- **سُنڱا:** ث. [سن. سَرْ = گڏ + گره = جهلڻ] گرپ – پيٽ – اُميدواري – حَمل. (حرف جر). سنگ – ساڻ – گڏ.
- **سنگا رهڻ:** پيٽ ٿيڻ – حمل ٿيڻ.
- **سُنڱار ج سُنڱارُون (ڪ):** ث. ڪمر ڪارجي جاڻو عورت.
- **سُنڱارُ ج سُنڱارَ:** ذ. [سن. شرنگار = ناهه ٺوهه] سينگار.
- **سُنڱاسَنُ ج سُنڱاسَن:** ذ. شاهي تخت – گاديءَ جو هنڌ – سنگهاسن – راج گدي. (اسم خاص). مهاراجا وڪرمادتيه جو تخت.
- **سُنڱانِي:** اسم خاص. ضلع دادو ۾ هڪ ٽڪريءَ جو نالو.
- **سُنڱاهڻُ:** مصدر. [سن. سَ = سان + هنْس = مارڻ] مارڻ – نابود ڪرڻ – فنا ڪرڻ – هلاڪ ڪرڻ – ڏاهڻ – چٽ ڪرڻ.
- **سُنڱائِي:** ث. مصري جو هڪ قسم – سنگائٽ مصري.
- **سُنڱتَرُ ج سُنڱتَرا:** ذ. ميوي جو هڪ قسم – نارنگي – ترنج.
- **سُنڱجَڻُ:** مصدر. [سن. شنڪا = ڊپ] ٽهڻ – ڊڄڻ – ڪنبڻ – ڪيهائڻ.
- **سُنڱڇوڙُ، سُنڱڇوڙُ:** ذ. نانگ جي هڪ ذات – پاڻيءَ جو وڏو ڊگهو نانگ – چوڙسنگ.
- **سُنڱرَ ج سُنڱرُون:** ث. [سن. سَرنگل = جي پت.] لشڪر پناهه – خندق – ڪاهي – مورچو. هڪ قسم جو زنانو زيور. زنجير.
- **سُنڱرُ ج سُنڱرَ:** ذ. (انگ Sing = ڳائڻ). ڳائيندڙ – گويو. (ل) سڱن واري.
- **سُنڱرَ ج سُنڱرُون (ت):** ث. مانڊاڻيءَ جي هڪ قسم جي ڪاڻي، ماڻيءَ جي منهن تي رکڻ ۾ ايندڙ ٻنهي پاسن ٽوڙي سان ٻڌل ۽ نوڙيون نهري سان ٻڌل – سنجيرو (ل). (انگ). ڪپڙي سبڻ جي مشين جو هڪ مارڪو.
- **سُنڱراهَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **سُنڱراسِي:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ قبيلي جو نالو.
- **سُنڱراسَي:** اسم خاص. ٿر ۾ رهندڙ هڪ قبيلي جو نالو.
- **سُنڱرالَ:** ث. ول جو هڪ قسم، گاهه طور ڪم ايندڙ، ڦرين سَان – سڱرال.

- **سُنڱرانِي ج سُنڱرانِيُون:** ث. ڪتاليون – پيٽون.
- **سُنڱرَڻُ (ڪ):** مصدر. ڪوهه جو پاڻي اُپائي چڙڻ – وري نڪرڻ – سمڻ.
- **سُنڱرُو ج سُنڱرا (ڪ):** ذ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم. ٻنان چلر جي، رنگ ڪارو، بدن گول ۽ قد اٽڪل ڏيڍ ڪان پنج فوٽ.
- **سُنڱرهَڻُ:** مصدر. گڏ ڪرڻ – ميڙڻ – چوندڻ.
- **سُنڱرَهُ ج سُنڱرَهَ:** ذ. گڏ ڪيل مواد.
- **سُنڱرِي ج سُنڱرِيُون (ت):** ث. ڪنڊيءَ جون ڦريون – ڪوڪو – ڪَرندو – سڱري.
- **سُنڱڙِي ج سُنڱڙِيُون:** ث. پڪل ۽ ٽڙيل ڪپهه جي گوگڙي جي ڪَلَ.
- **سُنڱسُتُو ج سُنڱسُتا (ل):** ذ. ڪارڪ.
- **سُنڱِل ج سُنڱِلَ:** ذ. [انگ. Single = اڪيلو] اڪيلو – مُجَرد. سنگَنل (ريلوي جو). هَٽ – سلام. هاڙهي جبل (بلوچستان) کان اڀتي ۽ منزلون. هڪ وڏو سنگل ٻيو ننڍو سنگل. منڊي ۽ نهري سان چر جي ٽڪرن سان ڳنڍيل ڪاٺ جا ٻه ٽڪر.
- **سُنڱرُ ج سُنڱرَ:** ذ. [سن. سنگر: سم = گڏ + گر = هلڻ] ٻن يا ٻن کان وڌيڪ دَرياهن يا وٽن جي ملڻ وارو هنڌ.
- **سُنڱڻُ (ل):** مصدر. [سن. سْمرَ = گڏ + گُم = هَلڻ] ـ سنگت ڪرڻ – دوستي رکڻ. نصيحت وڻڻ [سن. شنڪا = ڊپ] ڊڄڻ – خوف ڪرڻ – ڊپ ڪرڻ – پَوءُ ڪرڻ. سنڪڻ ـ مُڙڻ – هَٽڻ. گمان ڪرڻ – گمان وارو ٽيڻ – شڪ ڪرڻ – شَڪي ٽيڻ. تيار ٽيڻ.
- **سُنڱائِتو ج سُنڱائِتا:** ذ. ڊِڃڻو – ڊيڄو.
- **سُنڱڻُ ج سُنڱا (ل):** ذ. زيورن وغيره رکڻ لاءِ ڪاٺ جو داهلو – سونگو. (ث. سُنگي ج سُنڱِيُون).
- **سُنڱِيٽُ ج سُنڱِيٽَ:** ذ. ڳائڻ وڄائڻ. ٽولي ڪري. گڏجي ڳائڻ – گهٽن ماڻهن جو گڏيل راڳ. ڳائڻ وڄائڻ ۽ نچڻ جو تماشو. ساز ۽ ناچ سان ڳائڻ جو فن. موسيقي – سازن جي وڄت.
- **سُنڱِينُ ج سُنڱِينُون:** ث. هڪ قسم جو هٿيار – بندوق جي مُنهن ۾ پيل ڏڦو – سنهي ڪاتي. ڪٽار – تمنچو. [ف. سنگين = سخت > سَنگ] سخت – مضبوط – ٺوس – ڳرو – ڳورو – پاري – وزني – گِران. نازڪ. سهڻو – عمدو –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاصو. سنهو – باريڪ – پتلو – مَهِيْن – هلڪو – ڪاغذي – فصيح – نفيس.

– **سَنگِينْ پرينْ:** ذ. سهڻو دوست. ظالم محبوب.

– **سنگين دَل:** ذ. سخت دل – بي رحم – بي قياس.

– **سنگين سزا:** ث. ڳوري سزا – سخت سزا – وڏي سزا.

– **سَنگِيْن مَلمَل:** ث. ڪپڙي جو هڪ قسم – هڪ قسم جو نفيس، نازڪ، سنهو ڪپڙو.

– **سَنگِيْنِي ج سَنگِينِيُوْنْ:** ث. مضبوطي – سختي – پختائي – پڪائي – استواري. ڪَرْڪي. ڪَندِيءَ جي وڻ جي ڦري – سگڙ (ڪ).

• **سَنگيو ج سُنگيا (بيلو):** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **سَنْگهَ ج سَنْگهَهَ:** ذ. (سن. سَنگهْ = ميڙ). ميڙ – مجموعو – ٽولي – جماعت.

• **سَنْگهَ ج سَنْگهُوْنْ:** ذ. (سن. شِنگهْ = سنگهڻ) نڪ مان نڪتل گند – لِر (ت).

– **سَنْگهِرُ ج سَنْگهِرَهَ:** ذ. صفت. سنگهه وهائيندڙ – لِمڙ.

• **سَنْگهُ ج سَنْگهَهَ:** ذ. صفت. (سن. سنهَ = شينهنَ). شينهن – شَير. بهادر – پهلوان – دلير – طاقتور.

• **سُنْگهُ ج سُنْگهَهَ:** ذ. ڏڌ ولوڙڻ جي ماڻاڻيءَ جو هڪ پُرزو.

• **سَنْگها:** ث. سَنگا = هار جي ڳچيءَ ۾ پيدا ٿيڻ جي حالت – حمل.

• **سَنْگهَارَ:** مارُو – ماٺهو. (اسم خاص). ڪاري ۾ رهندڙ هڪ ذات جو نالو.

• **سَنْگهارُ ج سَنْگهارَ:** ذ. [سن. سنگهه = ڏَڻ + آر = وارو) وڏي مال وارو وڏو پاڳيو. "سنيوڙو سيٺاڻ سين، سگهو رَسُ سَنگهارَ" (شاهه). اسم خاص. تعلقي ڪَپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **سَنْگهارڪُ ج سَنْگهارڪا:** ذ. صفت. سنگهارن جو – مارُن جو – مالونڊن جو (ث. سگَنهارڪي ج سنگهارڪيُون).

– **سَنْگهارَڻُ:** مصدر. سنگهرون وجهڻ – زنجيرن ۾ ٻڌڻ – ٻيڙيُون وجهڻ.

• **سنگهارُو ج سَنْگهارا:** (اسم خاص). هڪ قسم جو لوهارڪو اوزار.

• **سَنْگهاڙُو:** اسم خاص. هڪ قسم جو قُرُ – پاٽي ڦُل – سنگهوڙو.

• **سَنْگهارڪِيْ:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَنْگهَرَ:** (اسم خاص). بدين تعلقي ۾ هڪ ديهه جو نالو. شهدادپور تعلقي ۾ هڪ ديهه جو نالو. لس ٻيلي ۾ (ث). هڪ مقام جو نالو – سسئيءَ جي غار ٽيڪ جو هنڌ. زنجير.

• **سَنْگهرِ ج سَنْگهرُوْنْ:** ث. (سن شرنْكَلَ = زنجيري). زنجير – سلاسل. لوهه جو گول ڇلو جهرٽي ڪي قابو ڪندڙ. چڙي ٻڌڻ لاءِ لوهه جو زنجير.

– **سَنْگهِرِيْ ج سَنْگهِرِيُوْنْ:** ث. سنگهر جو اسم تصغير – زنجير – جنجير – سلاسل.

• **سَنْگهُرُ ج سَنْگهُرَ:** ذ. صفت. مانڌاڻيءَ ڪي سوگهو ڪري جهلڻ لاءِ ڪاٺ جي مڪڙي.

• **سُنْگهَرُ ج سُنْگهَرَ:** ذ. سُنگهارو – سُنْگهارو – سگرو – سوگارو – سوڳارو – سُڳارُو – هڪ قسم جو لوهارڪو اوزار.

• **سَنْگهَرُوْ ج سَنْگهَرَا:** ذ. منڊي، مَن ۾ لهيري ڪي جهليندڙ ٻنهي پاسن کان رسي ٻڌل هڪ ڪاٺي – سنگهِر. اسم خاص. مچيءَ جو هڪ قسم.

• **سَنْگهرِيُو ج سَنْگهرِيا (ث):** ذ. سنْگهرُ.

• **سَنْگهَڙُ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. هڪ ڳوٺ جو نالو. فقير سليمان جو ٻڌايل.

• **سَنْگهڙڻُ (ڪ):** مصدر. ويريَ مان پاٽيءَ جو سيمون ڪري نڪرڻ.

– **سَنْگهڙِيْ:** ث. پاٽيءَ جو سيمون (چشمو). واڌ – ويجهه.

• **سَنْگهَڙُ ج سَنْگهَڙَ:** ذ. [سن. سنگر = ميلاپ] سنگر.

• **سُنْگهَڻُ:** مصدر. [سن. شنگهه = نڪ مان هوا وڻڻ – سنگهڻ] بُوءِ وٺڻ – باس وٺڻ. سُٽڪڻ – سونگهڻ – سونگڻ. نڪ صاف ڪرڻ – نڪ مان غلاظت ڪيڏڻ.

– **سنگهَ ج سنْگهُوْنْ:** ث. نڪ جي لڪلڪدار غلاظت – لِر (ت). رَيزش وارو پَاٽي – گوبو – بودو – لِپ – بوگو.

– **سُنْگهائِنْ:** ٻئي کي بوءِ وٺائڻ. سٽڪائڻ.

– **سَنْگهائِيْ:** ث. سنگهه هجڻ واري حالت.

– **سَنْگهرُ ج سَنْگهَرَ:** ذ. صفت. سنگهه وارو – لِر وارو – گوبر ٻَجِڙو – ڪنو، رُٽو.

– **سنْگهرُوْ ج سَنْگهرا:** ز. صفت. سنگهه وارو.

• **سُنْگهو ج سُنْگهَا:** ذ. زمين سنگهڻ سان دفن ٿيل دولت کي هٿ ڪندڙ ماٺهو.

• **سَنْگهو ج سَنْگها (ل):** ذ. مرون جو نيش يا ڏند – ڪاٽ (ت). سڱ – شاخ – قرن.

• **سَنْگهوڙو ج سَنْگهوڙا:** ذ. سنگهاڙو – پاڻيءَ ڦل.

• **سَنْگهي ج سَنْگهيُون (ل):** ث. ڪرائي ۾ پائڻ جو هڪ زيور.

• **سَنْگهيڙَ ج سَنْگهيڙَڙ (ت):** ذ. تولو – ولر – ميڙ. مال جي هڪ – ٻئي پٺيان قطار.

• **سَنْگهيڙَ جو ٽلو هُجَنْ:** ٺهيل ڪم ۾ رندڪ وجهڻ.

• **سَنَمَڪائي:** اسر خاص. هڪ پسارڪو وڪر. دوا طور ڪم ايندڙ – سنامڪائي – سون مڪائي.

• **سَنْمُک:** ظرف. [سن. سَم = گڏ + مک = منهن] آمهون سامهون – روبرو – منهن مقابل – منهن سامهون – حاضر – موجود. پرتل – ريڌل. دوستاڻو – اخلاص مند. واصل – سرخرو. سچو – معتبر. حسين – سهڻو – ملوڪ.

- **سَنْمُک ٽِيڻ:** روبرو ٽيڻ – منهن مقابل ٽيڻ – سامهون ٽيڻ. سرخرو ٽيڻ. انجام پورو ڪرڻ – وعدو وفا ڪرڻ – وعدو پارڻ. رشوت ڏيڻ.

- **سَنْمُکُ ڪَرڻ:** روبرو ڪرڻ – منهن مقابل ڪرڻ – منهن سامهون ڪرڻ. حاضر ڪرڻ – پيش ڪرڻ.

سَنْو ج سِنا (ل): ذ. صفت. ڪيڙ مان ڪڍي چڌيل – گهٽو وقت ڪيڙ نه ڪيل.

سَنواتِي ج سَنواتِيُون: ث. (سن. سَوَاتي = چندون، چوڏهينءَ جي موقعي تي سِڌ جي وات ۾ پوندڙ مينهن جي بُوند) سڌ ۾ پوندڙ مينهن جي بوند، موتي پيدا ڪندڙ.

سَنْوانو ج سَنْوانا: ذ. صفت. سنئون – سڌو – سٽو پرو – سولو – ايماندار – حساب ڪتاب ۾ پورو – بلڪل سچو – پورو – راستباز – ساڪائتو – ستياوان – سپتيو – حق حلال جو (ث. سَنْوانِي ج سَنْوانِيُون).

سَنوانِي: سڌي "سَنواتي وات".

سَنْوارَڻ: مصدر. سَڌارڻ – ٺاهڻ – بنائڻ – درست ڪرڻ – ٺيڪ ڪرڻ – سنئين نموني آڻڻ – اصلاح آڻڻ – ترتيب سان لڳائڻ – سڌو ڪرڻ – هموار ڪرڻ – جوڙڻ – سينگارڻ – سجاوٽ ڪرڻ – سجائڻ – براجڻ – آرائش ڪرڻ – سجلائڻ – زينت ڏيڻ – سهڻو بنائڻ – باقاعدي هلائڻ – سڌو ڪرڻ. مُلهه وڌائڻ.

– **سَنْوارَ ج سَنْوارُون:** ث. سڌارَ – ٺاهه – اصلاح – درستي. سجاوٽ – بناوٽ – ٺاهه ٺوهه – سينگار. سڌارو – ترقي – بهتري.

– **سَنوارائِي ج سَنْوارائِيُون:** ث. بناوٽ جو اجورو – ٺاهه ٺوهه جو عيوضو – سجاوٽ جي مزوري – سينگار جي ڪميَتَ.

• **سَنْوارَتَ ج سَنْوارَتُون:** ث. سيرپ – حجامت – بَدن جي وارن جي بناوٽ، ڏاڙهي، مُڇن وغيره وارن جي حجامت.

– **سَنْوارَتَ ڪَرڻ:** ڏاڙهي ناهي ٺيڪ ڪرڻ.

– **سَنْوارتَ وَنڻ:** ڏاڙهي ٺاهڻ. زيرناف لاهڻ.

– **سَنْوارَتَ وَڌِي وَڃَنْ:** وارن جو وڌي وڃڻ. مت ڪسجي وڃڻ – عقل چڙڻ.

• **سَنْوارُو ج سَنْوارِيا:** ذ. صفت. سياڻو – نيڪ بخت – پاڳوند – پاڳوارُو.

• **سُنْوالُو ج سُنْوالا:** ذ. صفت. سوايو – سرس – گهٽيرو – زياده ـ وڌيڪ.

• **سَنْوائِي ج سَنْوائِيُون:** ث. صفت. [سن. سَمَ = سنئون – برابر] سڌائي – بنا ور وڪڙ – سڌي سپاٽي – سوڌائي – چڱائي – سٽائي – سوڪائي ـ سڻائي – صفائي. سونهن. هوش – عقلي پورائي. غرض. لالچ. خيال. گهرج. گهرج مهل مدد.

– **سَنْوائِي ڪَرڻ:** گهرج مهل مدد ڏيڻ – ڏکئي وقت پَڪرڻ (پهچڻ).

• **سُنْوائِي ج سُنْوائِيُون:** ث. [ف. سنوائي = ٻڌڻ جي حالت] فيصلي ٻڌڻ لاءِ مقرر ڪيل تاريخ – حاضريءَ جي تاريخ – شنوائي.

• **سَنْوَتَ ج سَنْوَتُون:** ث. [سن. سَمَ = سنئون. برابر] سڌائي – هڪجهڙائي – برابري – سنوائي – سوڌائي – رِتَ. بناءِ ـ انڪل. صفائي – سڻائي. چڱائي.

– **سَنْوَتَ پَيْدا ٿِيَنْ:** سولائي ٽيڻ – آساني ٽيڻ – ڏکيو ڪم سهنجو ٽيڻ – مونجهارو دفع ٽيڻ.

– **سَنْوَتَ ڏِيَنْ:** سهنجائي ڏيڻ. وجهه ڏيڻ – بُلُ ڏيڻ – سبب ڏيڻ. ڇئي ۾ آڻڻ. سڌو ٽيڻ. مڃڻ. عقلائتو ٽيڻ – سمجهو ٽيڻ.

• **سَنور:** اسر خاص. گاهه جو هڪ قسر.

• **سَنْوَرَڻ:** مصدر. ٺهڻ – بنجڻ – سينگارجڻ – سجاوٽجڻ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهڻو بنجڻ – ملوڪ ٿيڻ – نيڪ ٿيڻ. اُپرڙ – اُٽل. سڌرڻ.

• **سَنُورو ج سَنُورا (ل):** ذ. صفت. خوش – سرهو.

• **سنُوْن:** ذ. [ع. سن = ڏند] ڏندن کي مهٽڻ جو هُورو – مَنْجَنُ.

• **سَنَهْ (ت):** ذ. سامان يا ٽپڙ کي قابو ڪري جهلڻ لاءِ لوهه جو چمٽو.

• **سُنْهَ ج سُنْهَ (ل):** ذ. قَسر – دوهي – سونهن – ساک. ويساهه. سُنهن – سُونهن.

• **سُنْهارُ ج سُنْهارا:** ذ. صفت. سُونْهن وارو – سهڻو – موچارو. سڳورو – پلارو. (اسم خاص). نالو ماڻهوءَ جو.

• **سُنْهاريْ ج سُنْهاريُوْن:** ث. ڏاڙهي – مسڙِيْ.

• **سُنْهائِيْ ج سُنْهائِيُوْن:** ث. سونهن – خوبصورتي. واقفيت – سهوجهه. سنهاڻ. سهائي – روشني.

• **سنْهارْ:** اسم خاص. هڪ هوتيءَ جو قسم. قد وڏو. پن نر جيڏا ۽ ڪَڙا. زالن طرفان ڪنڙي طور متي ۾ وجهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ.

• **سنْهَتَ ڪُنْڊرُو:** ذ. هڪ پسارڪو وکر – خراساني ڪونر.

• **سُنْهَپ ج سُنْهَپُوْن:** ث. راهبَري – رهبري. واقفيت – ڄاڻ – هدايت – سمجهاڻي.

• **سَنْهَرُوْ ج سَنْهَرا (ڪ):** ذ. خوش.

• **سَنْهڙُو:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص. تعلقي سانگهڙ. تعلقي گهوٽڪي ۽ ڪراچي. فيڊرل ايراضي ۾ ديهن جا نالا. هڪ تاري جو نالو (جيڪو آڪاڙ جي مهيني ۾ ڪتيءَ جي پويان ايري).

• **سنهُوْ ج سنِها:** صفت. باريڪ – مَهيْن – سنهڙو. لاغر – ضعيف – ڏهرو – ڪمزور – ڪم قوت. سلو – سهڻو – عُمدو. نفيس – نازڪ

– **سَنهڙُوْ ج سَنهڙا:** ذ. صفت. "سنهو" جو تصغير – تمام سنهو – باريڪ – اِيرو – لاغر – ڪمزور – ڪم قوت – ڏهرو – عمدو – سلو – سوڏو – نازڪ – نفيس – سنگين.

– **سَنهاڻِ ج سَنهاڻِيُوْن:** صفت. سنهائي واري حالت – سنهائي – پتلائي. چدائي. سهڻائيءَ واري حالت – سهڻائي.

– **سَنهائِيْ ج سَنهائِيُوْن:** ث. سنهاڻ – سنهڙائي. سهڻائي.

– **سَنهُوْ جهَنْگَ ج سَنِها جهَنْگ:** ذ. صفت. تازا ڄاول نندا وڻ. نندا ٻوٽا.

– **سَنهُوْ ڪَتَنْ:** باريڪ ڪتن. وڏيڪ خوش ٿيڻ. خدا تعاليٰ جي ڇڪيءَ طرح عبادت ڪرڻ.

– **سَنهُوْ مالْ:** ذ. صفت. ننديِ قد وارو وِرُ – رڍون ۽ ٻڪرين وغيره.

– **سَنهِيْ ج سَنهِيُوْن:** ث. باريڪ – پتلي – مهين – ڪاغذي. هلڪو. لاغر – ضعيف. عورتن جي اصطلاح مطابق پيشاب.

– **سَنهِيْ بُوْنْدَ ج سَنهِيُوْن بُوْنْدُوْن:** ث. برسات جي هلڪي ڦڙي – ڦُڙ ڦُڙ – سنهو مينهن – ڦُڙين جو وسڪارو.

– **سَنهِي بُهَ مانْ ڪَيڻْ:** ڏاڍو مارڻ – سخت سزا ڏيڻ.

– **سَنهِيْ مِچِيْ ج سَنهِيُوْن مِچِيُوْن:** ث. ننديِ مچي – ڪچي مچي.

• **سَنهِڙِيْ:** اسم خاص. هڪ نئن جو نالو. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۽ تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ديهن جو نالو.

• **سُنْهَنْ ج سُنْهَنْ:** ذ. دوهي – قسر – حلف – سوگند – ساک – ويساهه – پَت ـ اعتبار. عهد – پيمان – انجام – اقرار – وعدو.

• **سُنْهَنْدَ ج سُنْهَنْدِيُوْن (ل):** ث. سجاڻپ – واقفيت – ڄاڻ – سجاڻ – ڏيٺ – ويٺ. رَغبت.

– **سُنهَنْدُوْ ج سُنْهَنْدا:** ذ. صفت. سجاڻپ وارو – سجاڻو – واقف – واقف ڪار – ڏِنل – وائنل.

• **سَنْهوار:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَنْهَوَرُ ج سَنْهَوَرَ (ل):** ذ. ڪيڑيءَ جي پتر پڇڙ لاءِ گول بُند – ليٽ. (ت). ڪيڑيل زمين کي هموار ڪرڻ جو تختو – سانهر – زمين کي ليول ۾ ٺاهيندڙ اوزار. هڪ گُل جو قسم.

• **سَنْهوُڙِيْ ڏَرْ:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سنهِيْ ج سنهِيُوْن (ل):** ث. ڪپڙي يا ڪکن مان ٺاهيل متي تي رکڻ جي موڙي – سينهوڙي – سينهون. عورتن جو اصطلاح پيشاب لاءِ (ت). (ذ. صفت). باريڪ – پتلي. نازڪ.

• **سُنْئارِيْ (ت):** اسم خاص. هڪ هُوتيءَ جو قسم – پاڻيءَ تي پَيدا ٿيندڙ – سينور.

• **سُنْئائِتِيْ ج سُنْئائِتِيْ:** ذ. پاڙيسري – نزديڪ رهندڙ – ڪُنبي وارو.

• **سَنْئُوْ ج سَنْئُوْ:** ذ. [سن. سَ = سان + يَشْتْ = لَتْ] لَٽ ـ ڏُڪو – سوٽو.

• **سنْئُرِ:** اسم خاص. هڪ بيماريءَ جو نالو – ماتا – ڏڏي – سَيتلا – سنْئرِي.

– **سَنْئُرِيْ ج سَنْئُرِيُوْن:** ث. سنْئُرِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سنڌرُ:** اسر خاص. هڪ جهنگلي ٻوٽيءَ جو قسم، رنگ سائو، دوا طور ڪم اچي.
• **سنڌريُ:** اسر خاص. مچيءَ جو هڪ قسم.
• **سَنڌُونْ ج سَنڌُونْ:** ذ. صفت. [سن. سَم = برابر] سڏو – ٻٽا ور وڪڙ – سوڏو – سَوَلو – سَرَلُ. چگڻ لڇڻ وارو – ايماندار – سپتيو – سالم – نيڪ. برابر. اُپو – ڪڙوتڙو.
– **سَنڌُونْ سڏوْ ج سَنڌُوْنْ سڏا:** ذ. صفت. شروع کان پڇاڙيءَ تائين. سڏو – بلڪل سڏو. سپتيو – لائق – ايماندار. سالم – برابر – نيڪ. سچو. هوشائتو – هوش وارو – دماغ جو سالم.
– **سَنڌُونْ سَنڌاڻوْ ج سَنڌُوْنْ سَنڌاڻا:** ذ. صفت. سڏو – سپتيو – سچو – ايماندار. لائق. سالم – نيڪ. هوشائتو. دماغ جو سالم.
– **سَنڌُونْ مَٿاڇروْ ج سَنڌُوْنْ مَٿاڇرا:** ذ. صفت. سڌي سنوت واري سطح.
– **سَنڌُونْ مُنْهَنْ نہ ڏِيَنْ:** محبت سان پيش نہ اچڻ – ڪاوڙ ڏيکارڻ.
– **سَنڌِينءِ اَڇڻُ:** بيماريءَ مان اُٺڻ – چاڪ ٽيڻ – صحت جي خيال کان اڳين اندين اَڇڻ.
– **سَنڌِينْ پيٽ (ڪ):** ظرف. حمل سان – پيٽ سان.
– **سَنڌِينْ ڳَنِي ڏِيَنْ:** ايمانداريءَ سان توري ڏيڻ – سڌي ڪانتي توري ڏيڻ – بنا ڪُپت جي تورڻ.
– **سَنڌِينْ لِيڪ:** ث. بن تبڪن جي وچ ۾ ننڍي ۾ ننڍو سڏو مفاصلو – سڌي ليڪ.
– **سَنڌِين مَهِينْي هڻڻ:** ظرف زال جو ڏهن مهينن جي پيٽ سان هجڻ – هٿ پير لهڻ کي ويجهو هڻڻ – ويم کي ويجهو هڻڻ.
– **سَنڌِين مَهِينْي ٽِيَنْ:** پيٽ واري زال جو ڏهين مهيني ۾ ٽيڻ – ويم جا ڏينهن ويجها ٽيڻ.
– **سَنڌِينْ وَهِنْ ج سَنڌِيُون وَهِيُونْ:** ت. سڌي وات – سڌو رستو. چگو رستو – نيڪ وات.
• **سَنڌِيُ ج سَنڌِيُونْ:** ث. راحت – خوشي.
• **سنڌِيْ:** اسر خاص. هڪ مڪان يا منزل جو نالو. (بلوچستان ۾ مَنڙِيْ ۽ ڏاڏر جي وچ ۾ هڪ هنڌ. جتي سنڌ جي حاڪم ميان نور محمد ۽ قلات جي خان ميرعبدالله خان جي وچ ۾ لڙائي لڳي).
• **سُنِيْ:** ذ. (ع) مسلمانن جي اهل سُنت و جماعت جو فرد سنت رسول الله تي هلڻ واري جماعت.
• **سنياتريْ:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَنْيارَيْ:** (منڇر) ڏنڊ ۾ ٻڌل وَل. مچيءَ جو ڪاڇ.
• **سَنْياسَ ج سَنْياس:** ذ. [سن. سَنْياس =] دنيا جا ڏنڊا ۽ رستا ترڪ ڪرڻ واري حالت – تياڳ – فقيري – دنيا کان ڪناره ڪشي – جوڳ – ساڌو پڻو – هندو مذهب جو چوٿون ڏرم.
– **سَنْياسيْ ج سَنْياسيْ:** ذ. صفت. سنياس وارو – جوڳي – ويراڳي – بيراڳي. تياڳي – سنياسي فقير – تارڪ دنيا. ساڌو – سنت – پڳت – پوجاري. (اسر خاص). هڪ ذات جو نالو. چٽن جو هڪ قسم.
• **سَنيارَ ج سَنيارَ (بيلو):** ذ. گدڙ. (اسر خاص). هڪ گاهه جو قسم.
• **سَنيالَ ج سَنيالُوْنْ (لس بيلو):** ث. سُيالڻ.
• **سَنَيْداڻيْ:** اسر خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو. رستمانين جي شاخ.
• **سينوريْ:** اسر خاص. هڪ گاهه جو قسم، تاندورن ۽ سنهن تارن سان.
• **سنيَہ:** ذ. صفت. [ع. سن. ڏند] علم نحو موجب ڏندن مان نڪرندڙ اُچار. (سنيہ حرف: ت، ث، د، ذ، ط، ظ، ل، ن).
• **سَنيهہُ ج سَنيهہَ:** ذ. [سن. سندیش = پيغام] پيار – محبت – الفت – قرب – پريت نينهن – لنئون – عشق – چاهه – اخلاص – ڪاڏو. لاڙو. ياري –دوستي. نياپو – سنهيو. پيار جو خط.
– **سَنيهائِيْ ج سَنيهائِيْ:** ذ. سنيهو آڻيندڙ – پيغام پهچائيندڙ – نياپو رسائيندڙ.
– **سَنيهُو ج سَنيهُا:** ز. [سن. سَندیشُ = سنيهہ] محبت جو پيغام – نياپو – سلام – سَنڊيسو.
– **سَنيهڙو ج سَنيهڙا:** ذ. "سنيهو" جو اسر تصغير – الفت جو پيارو پيغام – سنيهو "آ" جو ڏيان، سنيهڙو نيئي پريان کي ڏج" (شاهه).
– **سَنيهيْ ج سَنيهيْ:** ذ. پيارو – محبتي – ڪاڏي وارو. مٽ – عزيز.
• **سَنيْهَنْوَ (ڪ):** ذ. هڪ ٻوٽيءَ جو قسم.
• **سَڻُ:** حرف جر. ساڻ – گڏ – سَڙ. ودو ڏگهو.
• **سڻُ ج سڻَ (ٽ):** ذ. هڪ ٻوڙي جو قسم (ٽر ۾ سڪڻ کان پوءِ بہ مال لاءِ گاهه طور ڪم اچي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سٹاتَ ج سٹاتُوْنْ (ل):** ث. سولائي – آساني – سهنجائي – سوکائي.
• **سٹاتَ:** ث. سٹات.
• **سٹاسَ ج سٹاسَ (ل):** ذ. مُراد وند – پوري اُميد وارو.
• **سُٹائڻُ:** مصدر. [سن. شْرُ = ہٹڻ] ہٹائڻ – ڈَسڻ – سَلڻ – چوڻ.
• **سُٹائِي ج سُٹائِيُوْنْ:** ث. ماڻهوءَ جي موت جي خبر.
• **سٹائُوْ ج سٹاوا:** ذ. صفت. [سن. سُ = چگو + نِي = نِيَڻ] سولو – سهنجو – سوکو – سئون. فائدي وارو.
– **سٹائُوْ پُکُوْ پَوَڻُ:** سوپ جون نشانيون نظر اچڻ – کامیابي جو يقين ٿيڻ – ڪم سولا ٿيڻ. پاڻ لڳڻ – بخت کلڻ – ستارو چمکڻ – قسمت زور ٿيڻ.
– **سٹائُوواءُ:** ذ. سولو واءُ. سهنجائي – فائدو – فائدي جي مهل.
– **سٹائِي ج سٹائِيُوْنْ:** ث. صفت. چڱائي – پلائي. فائدي واري يا فائدي مند هوا. آساني. خير عافيت.
– **سٹائِي ٿِيَڻُ:** پلائي ٿيڻ – چڱائي ٿيڻ. ڪم پورو ٿيڻ.
• **سٹِيَ:** ذ. [سن. سْنيه = سٹِي] چکنائي – چکناهٽ – چربي – روغن – مَکَ – سٹِيي شيءِ (گيهه، تيل وغيره).
– **سٹِيائِي:** ث. سٹِياڻ – سٹِي واري حالت.
– **سٹِيائِيُ:** ث. سٹِياڻ – سٹِي واري حالت.
– **سٹِيُوْ ج سٹِيا:** ذ. صفت. سٹِي وارو – تيل وارو – گيهه وارو – وَهُ وارو – چرب زبان – زبان جو منو. فائدي وارو. شاهوڪار – پئسن وارو – سٹِيي آسامي – سڳيو ستابو.
– **سٹِيُو گِراهُ:** گيهه وارو طعام. (کُٹِي وغيره).
• **سٹِيالَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **سٹِيجَ ج سٹِيُجَ:** ذ. چمڙو – اَنبُور.
• **سُٹِيس ج سُٹِيسُوْنْ (ک – ل):** ث. خبر – ڪڙڪ – سُڌ – ہڙڪ – واءُ. ٽوري خبر.
• **سُڻْ سُڻْ:** ذ. نڪ مان سنگهڻ جو آواز. سُٹسو. ہاہُوَ.
• **سٹِيکَ ج سٹِيکُوْنْ:** ذ. [سن. سَرَ =] رستو – واٽ – پيجرو – سڙڪ – راهه – دڳ – واهه. ٽڪر جي ڏونگهي رکابي، ڊِڪ مثل (ت) – سٹِيڪَ.
• **سٹِيکُ ج سٹِيکُوْنْ:** ث. [ع. صحنک] ٽڪر مان ٺاهيل ڏونگهي رکابي، ڊِڪ مثل – ٽالهي – رکابي. ڪاشيءِ جي پاٽ – مٽيءِ جي پاٽ. (ٽ) ٽانوَن کي صاف ڪرڻ جي مُٹِي.
– **سٹِيکِيْ ج سٹِيکِيُوْنْ (ت):** ث. طباخ – پاٽ.
• **سَٹِيکَجَڻُ (تَ):** مصدر. اُنڈَڙجڻ – واڙجڻ – هوا ۾ صاف ٽيڻ (اَنَ جو) خشڪ ٽيڻ.
– **سٹِيکجِيْ وَجَڻُ:** ان جو سنهو ٽيڻ – ٽورو سڙڻ – ٽورو سُڪڻ.
• **سُٹِيکَڻُ:** مصدر. نڪ صاف ڪرڻ – لِر ڪيڻ (ت) – گوبو ڪيڻ – سنگهه ڪيڻ – نڪ جو پاڻي مغز ڏي چِکڻ – سُوْن سُوْن ڪرڻ.
– **سُٹِيکَ ج سُٹِيکُوْنْ:** ث. سُٹِکار – سُٹِکات – سٹِکو – سڙڙاٽ – نڪ جو پاڻي مغز ڏي چِکڻ.
– **سُٹِيکاتُ ج سُٹِيکاتُ:** سُڻْ سُڻْ. سُٹِيکَ.
– **سُٹِيکارَ ج سُٹِيکارُوْنْ:** ث. سٹِکات – سٹِکو. سُڙڙاٽ. نڪ جو پاڻي مغز ڏي چِکڻ جو آواز – سُٹِکار.
– **سُٹِيکَجَڻُ:** مصدر. سنگهڻ – سنگهه ڪيڻ. نڪ جو صاف ٽيڻ – سنگهه نڪرڻ.
– **سُٹِيکَ سُٹِکاتُ:** ذ. لاڳيتي سُٹِکارَ.
• **سٹِيکَهَ ج سٹِيکَهُوْنْ (ل):** ث. زمين جي اندران ناهيل ڇَرَ – سَرَنگهه – گَڇهو رستو.
– **سَٹِيکَهُوْنْ هَٹَڻُ:** اندران ئي اندران جوکي جو ڪم ڪرڻ – نقصان پهچائڻ – ڪڏون ڪوٽڻ.
• **سٹِيڱُ ج سٹِيڱُ (ت):** ذ. ويڪرو ٽوپو (تروپو) – چڊوتاکو.
• **سٹِيڱُ ج سٹِيڱُوْنْ (ت):** ث. سٹِگهه – سرنگهَ.
• **سُٹَڻُ:** مصدر. [سن. شَرَوَن > شْرُ = ہٹڻ] ہٹڻ – ڪن ڏيڻ – گوش ڪرڻ. ڪنائڻ – اُناٽڻ. غور ڪرڻ – توجهه ڏيڻ – خيال ڏيڻ – ڌيان ڏيڻ.
• **سٹُوپرُو ج سٹُوپرا (ل):** ذ. صفت. سمجهو – سَنوپرو (ت) – سياڻو. نهنو – فَهميدو – چگو.
• **سٹُوْلُو ج سٹُوْلا (ل):** ذ. صفت. آسان – سوکو – سٹائو – سئون – سڌو. سستو – سهانگو.
• **سٹهُ:** ذ. مٹِي زمين جو هڪ ہوتو. جو ٽڪر جي ٽانوَن ڏوئڻ لاءِ مَوَرِيُ طور ڪم ايندڙ – سٹُ.
• **سٹَهَپ ج سٹَهَپُوْنْ:** ث. پَيشوائي – رهبري – اڳواني – اڳواڻي – مهنداري.

• **سَٹَھَنْ (ک):** مصدر. ڪم ڏسڻ – ڪم لاءِ چوڻ – ڪنهن ڳالهه يا ڪم لاءِ چوڻ. گهُرڻ – هر هر گهرڻ.

• **سٹِيْ:** هڪ گاهه جو قسم. اڪثر ٿر ملڪ ۾ ٿئي.

• **سٹِيْ:** ث. [سن. شَرْ] هڪ پوک جو قسم. بنگلا ديش جي پيدوار. گُوٽين. سڳن. سوتلين. نوڙين وغيره ناهڻ جي ڪم ايندڙ.

– **سٹِيُوْ ج سٹِيا:** ذ. صفت. سٹيءَ جو.

• **سُٹِيْ ج سُٹِيُوْنْ:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم. ڏگهي. سنهي. چپتري ۽ سنهڙن چلرن سان.

• **سَٹِياتِ ج سَٹِياتُوْنْ (ک):** ث. سٹائي – چڱائي. سٹائي.

• **سوْ ج سي:** ذ. ضمير. "جو" ضمير موصول جو جوابي ضمير. اُهو ساڳيو – اُهوئي. ذ. پير "واءِ وڃاءِ مَر سو. پتيءَ جو پنڌ ڪريان".

سو (ل) ذ. صفت. صاف – صفا – پَوِتر – پاڪ – اَنريل – صفا ٽيل. (فعل). سُؤ – ڌوئو.

• **سَوْ ج سَوَ:** ذ. صفت. هڪ عدد شماري. ڏهن ڏهاڪن وارو انگ – صد – سيڪڙو – (۱۰۰).

– **سَوْ پاڳا سون هُڻڻ:** تمام سٺو هجڻ – پَلو هجڻ – اُتم هجڻ – اعليٰ هجڻ – اُجو هجڻ. سجو هجڻ – نج هجڻ – چنڊ هجڻ.

– **سَوْ ڏاڃيَنْ جوْ سائينْ:** ذ. وڏو مالدار – پاڳيو – شاهوڪار – غني – آسودو – سُکيو – پاڳوان.

– **سَوْ ڏاڃيءَ جو سائين هُڻڻ:** وڏو مالدار هڻڻ – وڏو شاهوڪار هجڻ – پاڳيو هجڻ. نالياورو هجڻ – ناميارو هجڻ.

– **سَوْ ساهَ صَدْقي ڪَرڻ:** قربان ٽيڻ – ٻلهار وڃڻ – گهوري وڃڻ. بي انداز پيار ڪرڻ – حد کان وڌيڪ قرب ڪرڻ.

– **سَوْ ڪوشِشُوْنْ ڪَرڻ:** ڪئين حيلا ڪرڻ – تمام گهڻي محنت ڪرڻ – جفاڪشي ڪرڻ – گهڻيون اٽڪلون ويڙهائڻ.

– **سَوْ ڳالهِ جي هڪڙِي ڳالهِ:** مختصر ته – حاصل ڪلام – آخر ۾ ـ نڊاڻ – مطلب ته – الغرض – نيٺ – آخر. نهايت سنجيده ۽ تجربه ڪار ڳالهه – سُٺي ڳالهه. هدايت – سمجهاڻي – نصيحت.

• **سو ج سُوْنْ:** ث. جانورن مان نهيل هڪ پيٽ جي شيءِ.

• **سَوْ ج سَوْ:** ذ. [ف. سُو = طرف] طرف – پاسو – ڏِس – ڏِسا – سمت – جانب. پنهنجي – آتر – خود جي.

• **سَوا:** صفت. هڪ سجو ۽ ٻئي جو چوٽون حصو – ڇڪ جو هڪ انگ.

– **سَوائُوْنْ:** ذ. ظرف. هڪ سجو ۽ ٻئي جي چوٽين پتي.

– **سَوائُوْنِ ج سَوائُوٽِيُوْنْ:** ث. ظرف. هڪ سجو ۽ ٻئي جي چوٽين پتي واري حالت – سَوائِيْ.

– **سَوائُوْنْو ج سَوائُوْنا:** ذ. ظرف. هڪ سجو ۽ ٻئي جي چوٽين پتيءَ واري حالت وارو.

– **سَوائِيْ ج سَوائِيُوْنْ:** ث. ظرف. وڌيڪ – زياده ـ ڪجهه وڌيڪ – ٽورو سَرسُ – لَپ ڪن زياده ـ ڇڪو جاستي. هڪ پيالي کان وڌيڪ ڇڪو.

– **سَوائينْ:** ظرف. سوا جي عام صورت ـ ۾. "اڳي ڪٽڪ جو مٽ سوائين ٽين رُپئي ملندو هو".

– **سَوايُو ج سَوايا:** ذ. صفت. چوٽون حصو وڌيڪ گڏيل. وڌيڪ – سَرسُ. پيالو.

• **سوا:** حرف جر (ع) علاوه ـ سواءِ ـ بجز – بغير – جُدا – کانسواءِ. (صفت). زياده ـ گهٽو. فالتو – بيڪانو – واندو – بيڪار.

• **سُوا ج سُوائُوْنْ (ل):** ث. صفت. [سن. سُو = چٽڻ] تازي ويائل چوپائِي "مينهن. ڍڳي. رڍ. ٻڪري وغيره" – سُٽا – ڪير وَاري. هڪ قسم جي خوشبوءِ دار پاڄي.

• **سَوانِيْ ج سَوانِيُوْنْ:** ث. اسر. سپ کي وٽندڙ مينهن جي ٻُونڊ.

• **سُوانَّ ج سُوانَّوْنْ:** ث. [سن. سَ = چگو + وَاٽ = واٽ] سٺو رستو – سنئون رستو – سڌو رستو – چگي واٽ – سؤلي واٽ. هدايت وارو رستو.

– **سُوانْو ج سُوانا (ل):** ذ. سنئين راهه سان هلندڙ – چگيءَ واٽ وارو – سُٺي رستي وارو – سنئين رستي وارو. سنئون سڌو – پرهيزگار – حق پرست.

• **سَوادُ ج سَوادا:** ذ. [سن. سُواءِ = ذائقو] ذائقو – چکاءُ. مزو – لذت. لطف – رَسُ.

• **سَوادُ اَچَنْ:** ذائقو اچڻ ـ ساءُ اچڻ – چَسُ اچڻ.

– **سَوادُ خورُ ج سَوادَ خُورْ:** ذ. صفت. [سن. سواد + ف. خور < خوردن = کائڻ] چشڪيباز – مزو وٺندڙ – چشون ڳولينڊڙ – چشڪا وٺندڙ – ذائقا ڳولينڊڙ.

– **سوادِيْ ج سَوادِيْ:** صفت. کائڻ ۾ سُٺو – سلوٽو – مزيدار – ذائقيدار – چشائتو – چشڪيدار – شيرين.

• **سُوادِيْ ج سُوادِيُوْنْ (ت):** ث. ڪورين جو تندن صاف ڪرڻ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوزار – بُرش جو هڪ قسم.

• **سُواڏائِيُ ج سُواڏائِيُون:** ث. خوشخبري – چڱي خبر – مُبارڪ – واڌائي – مُبارڪي – ڪِيُر – مُبارڪي – چڱي اوسه ـ نيڪ خبر.

• **سَوادَ ج سَوادَ:** ذ. سواد.

– **سَوادِيُ ج سَوادِيُ:** ذ. سوادي.

• **سُوارُ ج سُوارَ:** ذ. (ف) سُواري ڪندڙ – هسوارُ – گهوڙي سُوار. پوليس جو سپاهي. ٻيڙيءَ جي سڙهه ۾ هڏل رسو. (ذ. صفت). هاڏو – خبردار – هوشيار.

– **سُوارُ ٿِيَنُ:** چڙهڻ – سواري ڪرڻ. رخصت ٿيڻ – موڪلاڻ – روانو ٿيڻ – الوداع ڪرڻ – موڪلاڻي ڪرڻ – اُسهڻ. چالو ٿيڻ. شروع ٿيڻ.

– **سَوارُ ڪَرَنُ:** چاڙهڻ – سواري ڪرائڻ. رخصت ڪرڻ – موڪل ڏيڻ.

– **سُوارُ هُجَنُ:** تيار هجڻ – چڙهيل هجڻ – موڪلاڻ وارو هجڻ – رخصت ٿيڻ وارو هجڻ – اُسهڻ وارو هجڻ. قابض هجڻ – ڪنهن تي ضابطو هڻڻ – مسلط هڻڻ.

– **سُوارِيُ ج سُوارِيُون:** ث. وهت تي چڙهڻ واري حالت – چڙهي – هسواري. چڙهڻَ لاءِ ڪا گاڏي يا وهت وغيره.

– **سُوارِيُ اَچَنُ:** جلوس اچڻ – سرڪس اچڻ.

– **سُوارِيُ ڪَرَنُ:** چڙهڻ – سُوارُ هجڻ – سوار ٿيڻ (ڪنهن وهتَ تي).

– **سُوارِيُ هُجَنُ:** چڙهيءَ لاءِ ڪو وهت هجڻ.

• **سُوارَڻِيُ ج سُوارڻِيُون:** ث. سجاوٽ – بناوٽ – ناهه ٺوهه – سينگار – سينگارٽي – جوڙجڪ – انتظام. سنيال – سانديور.

• **سُوارُ:** ظرف. [سن. ويلا] سويل – سويلو – سويلي – ساجهر – سويرو – سوير. "چانگي سر چڙهي ويا ساڻي سوارا" (شاهه). جلد ئي – جهٽ پٽ – يڪدم – ٺهه پهه – سُٽت – سُٽت ئي – بنا دير جي.

– **سَوارِيُ (ت):** ظرف. سويري – سُياڻي.

• **سُوارِيُ ج سُوارِيُون (ت):** ث. ڪورين جو تندن کي سنوارڻ لاءِ بُرشَ جهڙو هڪ اوزار.

• **سُوازُ:** ظرف. سڌي نموني ۾ ـ چڱي طرح.

– **سُوازُ هَلَنُ:** سڌي نموني هلڻ – سڌو هلڻ – سڌين رستي سان هلڻ – ڏنگ سان هلڻ.

• **سواسائِيُ ج سواسائِيُون (ک ـل):** ث. مينهن وسڻ بعد ٺيا وائکائي – اوسا ڪرائي – وائوکرائي – صفائي – چٽائي – ظاهرائي – پڌرائي.

• **سُوا گَڈَ ج سُواگَڈُون:** ث. [سن. سُواگت: سُ = چڱو + آگت = آيو] مرحبا – آفرين – جَسُ – شاباس – شابس.

• **سُوالُ ج سُوالَ:** ذ. [ع. سال = هُن پڇيو] پڇا – دريافت – گهُه – التماس – عرض – مانگ. پرشن – حُجت – تڪرار – بحث. گالهه – مسئلو – حقيقت – بيان. عقيده ـ ويساهه شُبهو – شَڪ – شُبهو. التجا – آزي – درخواست.

– **سُوالُ ناهِنُ:** پڇا گاڇا جي تياري ڪرڻ ـ چڪاس جو مسودو ناهڻ. ڪو مسئلو تيار ڪرڻ.

– **سُوالُ جَوابُ ج سُوالَ جَوابَ:** پُڇا – پڇا گاڇا – پڇاڻو – حساب ڪتاب. ردبدل – بحث – تڪرار – حجت – قدّو – تردید.

– **سوالُ جَوابُ ڪَرَنُ:** پڇا گاڇا ڪرڻ – بحث ڪرڻ – پڇاڻو وٺڻ – حساب ڪتاب وٺڻ. ردبدل ڪرڻ.

– **سُوالُ حَلُ ڪَرَنُ:** مسئلو حل ڪرڻ – مسئلو کي ظاهر ڪرڻ – سمجهاڻي ڏيڻ – منجهيل گالهه کي کولڻ. ڪو عقده کولڻ. مشڪلات لاهڻ – تڪليفون پري ڪرڻ – مصيبتون هٽائڻ.

– **سُوالُ ڈِيَنُ:** ڪنهن سوال کي حل ٿيڻ واسطي پيش ڪرڻ. پڇا ڪرڻ – پڇاڻو وٺڻ – پڇا گاڇا ڪرڻ. آڏو رد ڏيڻ.

– **سُوالُ سَجايُ ڪَرَنُ:** عرض اگهائڻ – مطلب پورو ڪرڻ – دل جي مراد پڄائڻ – مراد پوري ڪرڻ. مشڪلاتون آسان ڪرڻ – تڪليفون لاهڻ – اهنج ايذاءُ دور ڪرڻ.

– **سُوالُ ڪَرَنُ:** پڇڻ – پڇا گاڇا ڪرڻ. گهرڻ. منگڻ – خيرات پنڻ. گهُر ڪرڻ – طلب ڪرڻ. منت ڪرڻ – عرض ڪرڻ – دَرخواست ڪرڻ – التجا ڪرڻ. امتحان وٺڻ – آزمائڻ – آزمائش ڪرڻ.

– **سوال اٹارَنُ:** اعتراض وٺڻ – رد قد ڏيڻ. تردید ڪرڻ.

– **سُوالُ وجهَنُ:** گهُرڻ – التجا ڪرڻ. درخواست ڪرڻ.

– **سُوالِيُ ج سُوالِيُ:** ذ. صفت. پينو – گدا – گدا گر – فقير – سوال ڪندڙ – گهُرجائو – سوال وارو – عرضدار – سائل – منگتو – منگڻو – گهرندڙ – بيڪاري. ضرورتمند – حاجتمند – حاجتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پچائيندڙ – پُڇائو – پُڇندڙ. درخواست ڪندڙ – عرضدار.

– **سُوالِيْ کي خَالِيْ نہ ڇڏڻ:** سخاوت ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪرڻ – سيکڻهن گهرندڙ کي ڪجهہ ڏيڻ.

• **سَوالُوْ ج سَوالا:** ذ. سولو – آسان – سهنجو. سهانگو – سستو – ٿوري ملهہ وارو.

• **سُوامِيْ ج سُوامِيُوْ:** ذ. صفت. [سن. سُوامي = بزرگ]. وڏو – بزرگ. وشنو جو هڪ صفاتي نالو.

• **سُوانْجوَرُ ج سُوانْجرا:** ذ. اسر خاص. هڪ وڻ جو قسر. هڪ ڦل جو قسر.

• **سُوانْجو ج سُوانْجا:** ذ. ويڑ کان پوءِ استعمال ٿيندڙ خوراڪ – ٻَٽيهُو پُڙو ويڑ جو.

• **سَوانِح ج سَوانحُوْنْ:** ث. [ع. سانح ج سَوانح = واقعو] احوال – حال – ڳالهہ – بيان. نتيجو – پچاڙي.

– **سَوانِحَ عُمريْ ج سَوانِحَ عُمريُوْنْ:** ث. [ع. سوانح + عمر] ماڻهوءَ جيَ زندگي جو احوال – حياتيءَ جي ڪهاڻي – حياتي جو بيان – جنر ساڪِيْ – جيُوَن چرتر.

– **سوانِح نگارُ ج سَوانِحَ نَگارَ:** ز. [ع. سوانح + ف. نگار < نگاريدن = لکڻ] واقعات لکندڙ – واقع نگار – افسانہ نگار – ڪهاڻي نويس. اخبار نويس. نامہ نگار.

• **سَورانِيْ:** ذ. اسر خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو (ت).

• **سُواهَرُوْ ج سُواهَرُوْ:** ذ. [سن. واهَرو] چگو مددگار – چگو حمايتي.

– **سَواءِ:** حرف جر. ڌاران – باجهون – ري – بغير – بگر. علاوه ـ الڳ.

• **سُواءِ ج سُواءِ:** ذ. صفت. [سُ + واءِ]. چگو واءِ – سٽائو واءِ – سُلو واءِ – سولو واءِ – سُڪار. خير – ڄاڻ – معلومات علر.

• **سُوائِيْ ج سُوائِيُوْنْ:** ث. [سُ + وائي =] چگي هولي – چگي گفتگو – وٽندڙ ڳالهہ هولهہ – مٺي گفتگو – خوش ڪلامي.

• **سُوائي:** ذ. سٺي گفتگو ڪندڙ. چگيءَ هوليءَ وارو – مٺي گفتگو وارو – وٽندڙ ڳالهہ هولهہ وارو – سُوائيو. سخي – داتا.

– **سوائي:** اسر خاص. نالو ماڻهوءَ جو.

– **سُوائِيو ج سُوائِيا:** ذ. [سن. س + چگي + وارتا = وائي]. وٽندڙ گفتگو ڪندڙ – مٺا وچن هوليندڙ – خوش آواز – وٽندڙ وائي ڪندڙ – خوش ڪلام. سُڪيو – آسوذو – سُڪاريو.

• **سَوايو:** ظرف. وڌيڪ ڪجهہ وڌيڪ. (اسر خاص) نالو ماڻهوءَ جو.

• **سُوياسُو ج سُوياسا:** ذ. فائدو – نفعو – لاڀ – لاهو – ڪتيو.

• **سُوبَڪُ ج سُوبَڪَ:** ذ. اسر خاص. پٽ پيدا ڪندڙ هڪ ڪنئين جو نالو يا قسر – بُوجريْ گڏر.

• **سوبڏو ج سُوبڏا (ڪ):** ذ. فرحتي – آسائشي – قراري. خبردار – هوشيار – سُجاڳ. تحمل – ثانئير – قرار – ڏيرج – صبر – ڪاندَ.

– **سُوبڏو ٿيڻُ (ڪ ڪ):** فرحت ڪرڻ – آسائش ڪرڻ – ڏيرج ڪرڻ – بُردباري ڪرڻ.

• **سُوبر ج سُوبرِيُوْنْ (ت):** حوضُ. سُڪ – چَٽن – آسودگي – خوشَي – راحت – ڏَوَ. (ضد) "ڏوبَر".

• **سُوبرُوْ ج سُوبرا (ت):** ذ. ڪنو ٽيل ڪاڏو.

• **سوبَلُوْ ج سوبَلا (ڪ):** ذ. صبر وارو – سانتيڪو – مائيٽو – چُپ وارو – ڪاندَ وارو – تحملي – بردبار – ديرينو. فهميدو – سمجهو.

• **سوپا ج سوپائُوْنْ:** ث. [سن. شوپا = سونهن = چمڪو] سوپيا – سونهن – حُسن – شوپا.

• **سُوپارَ (ڪ):** ث. اسر خاص. ڪاري ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو.

• **سُوپاري ج سُوپاريُوْنْ:** ث. سنڌ جي گهوڙين جو هڪ مشهور نسل.

• **سُوپَرَ ج سُوپَرُوْنْ (ل):** ث. ڏُڪي – (هميشہ گهوڙي وهٽ سان ڪر ايندڙ).

• **سُوپَنْ:** مصدر. [سن. شوپَن] حَسين ڪرڻ – سونهن ڏيڻ – سينگارڻ – زيباوَرُ ڪرڻ – زينت وارو ڪرڻ – ڪرڻ. جُڳائڻ – ٺهڻ – شايان هئڻ.

– **سُوپ ج سوپُوْنْ:** ث. [سن. شوپا = چمڪو] فتح – جيت – سَرشي – ڪاميابي – ڪامراني. شاباس – جَسُ. مُهَرَ – بهادريءَ جو ڪر.

– **سوپا ج سوپا:** ذ. سوپارو – سُرخرو – فتح مند – ڪامران – ڪامياب.

– **سُوپارُ ج سُوپارا:** ذ. سوپ وارو – فتح مند – ڪامران – ڪامياب – (اسر خاص). ماڻهوءَ جو نالو.

– **سُوپائِتُ ج سُوپائتا:** ذ. سوپارو – فتحمند – سوپ وارو – ڪندڙ.

– **سوٽ ڪَٽڻُ:** ڪاميابي حاصل ڪرڻ – فتحمند ٿيڻ – جيتڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناڪامي جي موقعي تي يا ڪنهن پُڏي ڪم ڪرڻ وقت، ڪنهن لاءِ طنز طور استعمال ٿيندڙ اصطلاح.

– **سوڀنا ج سُوڀناڻُون (ت):** ث. فتح – سوپ – جيت – ڪَتَ – فتحمندي – ڪامراني.

– **سوڀيرُ ج سُوڀا (ل):** ذ. فتحمند – ڪامران – ڪٽڻهار – ڪٽيندڙ – فاتح – رَڻ جيت – فتحياب – فتح وارو. سردار – مهندار – ڏُرو – اڳواڻ. (اسر خاص). ماڻهوءَ جو نالو.

– **سوڀنيڪُ ج سوڀنيڪ:** ذ. صفت. سوڀياوان – سوڀيا وارو – سُونهَن وارو – سهڻو – وٽندڙ – خوبصورت – حَسين – سهڻو – موهڻو.

– **سوڀي ج سوڀيُون:** ث. صفت. حَسين – مَلوڪَ – مَن موهن – موهڻي – سوڀياوان – سونهن واري. سوپ واري – فتحمند – جيتيندڙ. بختاور – پاڻگوان – پاڻ واري – سَدوري. مڙس وٽ مقبول عورت – مڙس جي چاڪلي عورت.

– **سوڀيا ج سوڀياڻُون:** ث. سونهن – سهڻائي – حُسن – خوبصورتي – حُسن و جمال – زينت. ملوڪت – مٽيان – ديدَ – ڏيک ويک – سينگار – زيب – ناھ ٺوھ – رونق – نَڪ – ڏانڊس – آراستگي – آرائش – نزاڪت – پيڪو – تجمل. عزت – آبرُو – مان – شان – آبَ.

– **سوڀياوانُ ج سوڀياوانَ:** ذ. صفت. سونهن وارو – سهڻو – حَسين – مَلوڪَ – ناھوڪو – سُندر – خوبصورت – صورتمند – موچارو – خوشنما. شاندار – شانائتو – آبائتو – رونقدار – جلويدار – چمڪندڙ – ڏاڍا وارو. (ث) سوڀياوان.

• **سُوٽُ ج سُوٽ:** ذ. تمام ٿورو ذرو. انج جو ڏھون حصو.

• **سُوٽُ نہ ملڻُ:** ڪجھ به حاصل نہ ٿيڻ – ذرو به نہ ملڻ.

• **سُوتارُ ج سُوتارَ (ت):** ذ. [سن. سُوتر + ڌار = ڪاٽ رکندڙ] ڪاٽ رکندڙ – وڻيو – سُوٽهڙ – سُوتار – ڏَکڻ.

• **سُوتراريو ج سُوتاريا (ت):** ذ. ڪائيءَ کي چهنب سان وڌيندڙ – ڪاٽَ ڪُٽو پکي – ڏکان پکي (ت).

• **سُوتراڙُ ج سُوتراڙَ (ت):** ذ. [سن. سُوتار] سُوٽهڙ.

• **سُوتَلِي ج سُوتَلِيُون:** ث. [سن. سُوتر = ڏاڪو] سٽيءَ جو ڏاڪو.

• **سوٽو ج سوٽا (ڪ):** ذ. سپ – سپني. هار کي سُتي پيارڻ جو ڏوئيڙو.

• **سُوٽو پُوٽو ج سُوٽا پُوٽا:** ظرف. ڪافي – پورو – برابر – ٺڪ – دَرست – واجب – برصواب. سنئون سڌو. پورو پُنو – وچولو – درميان – قد آھَرُ.

– **سُوٽو پُوٽو هُجڻُ:** لاچار پورو ٿيڻ – مشڪل سان ڪافي ٿيڻ.

• **سُوتيارو:** اسر خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سُوٽِرو ج سُوٽِرا (ت):** ذ. سُٽرو – سولو – آسان – سهنجو. سلو – چگو – موچارو.

• **سُوٽِرِي ج سُوٽِرِيُون (ت):** ث. پرت جو هڪ قسم – تندن جي وچ ۾ ڪجو پرت.

• **سُوٽِڻُ (ل):** مصدر. [سن. ستنيڪار: ست = سچ + ڪر = ڪرڻ]. خريد ڪرڻ لاءِ ڪا به شيءِ والارڻ سُودي ۾ ڪنهن شيءِ جي سچي قيمت ڏيڻ بدران ڪجھ رقم پيشگي طور ڏيڻ – اڳواٽ ڪجھ رقم سيڙائڻ – سوٽي ڏيڻ – شاهي ڏيڻ (ت).

– **سُوٽي ج سُوٽِيُون:** ث. سودي پکي ڪرڻ لاءِ ڏنل اڳواٽ رقم – بيانو – پيشگي – شاهي (ت).

• **سُوٽِيو ج سُوٽِيا (ت):** ذ. ٽاڻءُ رکڻ لاءِ نوڙيءَ جو سينهو – سُينهي – مُوڙي – مُوڙو (راءِ).

• **سوتَ ج سُوتَ:** ذ. صفت. سُڪل – ٺوٽ. سخت – ڏاڍو – مضبوط – آڙانگو – اَهنجو – پَڪو. تجربيڪار "ماڻهو". ڪُهُرُ – اَهندو – ڪڙيَرُو.

– **سوتاڙ ج سُوتاڙُون:** ث. سُڪل هجڻ واري حالت – خشڪي – ٺوٽپائي. سختي – ڏاڍائي – مضبوطي – مضبوطائي.

– **سوتاڻي ج سُوتاڻِيُون:** ث. سُوتاڙ.

• **سُوتُ (سُوتَرُ) ج سُوتَ (سُوتَرَ):** ذ. چاچي جو پٽ – زال جو مڙس جي لاءِ رسمي نالو. (ث. سَوٽ).

• **سوتُ ج سوتُ:** ذ. صفت. مضبوط وٽيل – سخت – ڏاڍو. اَٽُ.

• **سُوٽُ ج سُوٽَ:** ذ. [انگ. Suit = وڳو] ڪپڙن جو جوڙو. انگريزي پتلون.

– **سُوٽُ ڪُوٽ ج سُوٽ ڪُوٽ:** ذ. [انگ. Coat + Suit] مڪمل انگريزي ڊريس – فل سوٽ (پنلون. ڪوٽ ۽ ٽاءِ سميت).

– **سُوٽُ ڪيسُ ج سُوٽَ ڪيسَ:** ذ. [انگ. Case + Suit = خانو] ڪپڙن رکڻ لاءِ چمڙ جو ٽيلهو – چمڙي جي پيٽي – چمڙ جو بڪس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُوْٽِيَلُ ج سُوْٽِيَلَ (ت): ذ. سُوتي سڌو ڪيل (ڏسو سُوٽڙ).
سُوتاريُو ج سُوتاريا (ت): ذ. هڪ پکيءَ جو قسم ــ ڪاڪ ڪُتو ــ ڏکاڻ پکي.
سُوٽرُو ج سُوٽرا: ذ. هُرلي، ائٽ يا نار جو اصطلاح ــ اري ۽ ان سان لاڳو "ترهيءَ" کي ڏنل ساڳيو نشان ــ گاسو.
سُوْٽَلُ (سُوْٽَـرَلَ) ج سُوتَلُوْن (سُوْٽَرُلُوْن) (ت): ث. هرلي ۽ نار ۾ مالهه جي جهلَ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي.
سُوْٽڻُ (سُوْٽَرُ): مصدر. ڏُهڙڻ (ڏُرهڙڻ) ــ رڳڙي لاهڻ. مهٽڻ ــ گهٽ ــ رڳڙڻ. زور سان آڏ ڪرڻ ــ ڏمڪائڻ ــ ڏمڪي چاڙهڻ ــ ڏَباڻ ــ هيسائڻ ــ مهٽا ڏيڻ ــ طعنا ڏيڻ ــ اورانيا ڏيڻ. چڪي ڏيڻ ــ جهبي ڏيڻ ــ چبي ڏيڻ ــ چڪ ڏيڻ ــ سَٽ ڏيڻ.
سُوتَ (سُوْٽَـرَ) ج سُوْٽُوْن (سُوَتَـرُوْن): ث. ڏُهڙ (ڏُرهڙ) چڪ ــ جهبي ــ چڪي ــ چبي ــ سَٽ ــ ڪَش ــ تاڻ. چينب ــ تڙي ــ ڏڙڪو ــ درد ــ سُور ــ ايذاءَ ــ سيني يا چاتيءَ ۾ اوچتو سُور جي لات. مهٽو ــ طعنو ــ ڏوراپو ــ اورانپو.
سُوْٽا سَهْڻُ (سُوْترا سَهْڻُ): مهٽا سهڻ ــ ڏوراپا سَهَڻ.
سُوْٽائِڻُ (سُوْترائِڻُ) (ت): آڏ ڏيارڻ ــ مهٽائڻ ــ ملائڻ.
سُوتِپُو ج سُوْٽِپا (ت): ذ. مهٽو ــ طعنو ــ ڏوراپو ــ اورانيو.
سُوْٽُ ڏِيڻُ (سُوْٽڙ ڏيڻ) (ت): آڏ ڏيڻ ــ مهٽڻ ــ ملڻ ــ رڳڙڻ ــ گسائڻ. گهڪو ڏيارڻ. گهٽو ڪيائڻ.
سُوْٽو (سُوْترو) ج سُوٽا (سُوْترا): ذ. مهٽو ــ ڏوراپو.
سُوْٽو هڻڻُ (سُوْترو هڻڻُ): ڏوراپو ڏيڻ ــ مهٽو ڏيڻ ــ طعنو هڻڻ. حقي يا هيڙيءَ جو دم هڻڻ ــ وزم هڻڻ.
سُوْٽُ ج سُوْٽُوْن: ث. حُقي يا هيڙيءَ جو دم ــ سُوٽو. وات سان اندر چڪ.
سُوْٽو ج سُوْٽا (ل): ذ. چلم. حقي يا هيڙيءَ وغيره جو دم ــ ڪَش ــ چڪ ــ وزم.
سُوْٽُوْن سِنْبَغ ٽِيَنْ (ل): عورتن جو اصطلاح ــ ٽڪجي پوڻ.
سَوٽو ج سَوٽا (ت): ذ. [سن. سُوْتر =] ڏندو ــ ڏُکو ــ لَڻَ ــ سؤنٽو ــ بانڊو.
سَوٽِي ج سوٽِيُوْن (ت): ث. ننڍي لٽ ــ چڑهي ــ سونٽي ــ بانڊو. ڏندي ــ ڏُکي. لَڪڻ ــ لڪڑي.
سَوٽِيءُ ڪُتّ ج سَوٽِيءِ ڪُتُوْن (ت): ث. لاچاري ــ مجبوري ــ زبردستي. تڪليف. "گهٽي سوٽيءُ ڪُتّ بعد ڪر ٽيو آهي وغيره".
• **سوٽو (ت)**: ظرف. سَويرو ــ جلدي ــ بنا دير جي ــ ساجهر ــ سوَيلو.
• **سُوْتَهَڙُ ج سُوْتَهَڙ (ت)**: ذ. واڍو ــ ڍڪ ــ سُوتار. (اسم خاص). ٽ ۾ هندن جي هڪ ذات.
ــ **سُوْتَهَڙڪُو ج سُوْتَهَڙڪا (ت)**: ث. واڍڪي ــ ڍڪاٽڪو.
• **سُوْتَهَڙ**: اسم خاص. سوتهڙ.
• **سوٽِي (سوٽْرِي) ج سوٽِيُون (سوٽْرِيُون)**: صفت. [سن. سُوتر = سُٽ] سُٽ جو ــ سَٽ مان ٺهيل ــ ڪَپهه جي ڏاڳن مان ٺهيل.
ــ **سوٽِي ڪَپڙو (سوٽْرِي ڪپڙو) ج سوٽِي (سوٽْرِي ڪپڑا)**: سُٽ مان ٺهيل ڪَپڙو ــ ڪَپهه جي ڏاڳن مان ٺهيل ڪَپڙو.
• **سُوْٽِي (سُوترِي) ج سُوْٽِيُوْن (سُوترِيُون) (ت)**: ث. رٽ ــ تجويز. ڳجهو منصوبو ــ سٽ ــ سازش. گهپي ــ رَڙي ــ گوهي. ڦاهي. ڦندو.
ــ **سُوْٽِي اَڏڻُ (سُوترِي اَڏڻُ)**: ڦاسائڻ جا طريقا اختيار ڪرڻ ــ ڳجهو منصوبو سٽڻُ ــ سازشون سٽڻ.
ــ **سُوٽِي سٽڻُ (سُوْٽْرِي سٽڻُ) (ت)**: سازش ڪرڻ ــ بدنيت رکڻ ــ بد ارادو ڪرڻ.
• **سُوٽِي ج سُوٽِيُوْن (ت)**: ث. مقصد ــ گديا. رَڪ.
ــ **سُوٽِي سَڙيُو ج سُوٽِي سَڙيا (ت)**: ذ. ڏُهرو ــ آپرو ــ ضعيف ــ لينجهه ــ هيٺو ــ ناتوانُ ــ لاچار ــ لڏو ــ مريض ــ ڏُجهارو.
ــ **سُوتِيُنْ نَهْڻُ (سُوتَرِيُن نهڻ) (ت)**: ذ. ڳالهين ۾ نهڻ ــ ساڳين رٽن خيالن واري.
ــ **سُوْتِيُنْ نَهيلُ هُجَڻُ (سُوترِيُن نهيل هجڻ)**: همرازُ هجڻ ــ هڪ ڳالهه ۾ هجڻ ــ هڪ ٻئي سان رضامند هجڻ.
• **سونڻُ (ل) مصدر**. سجائڻ ــ سهڻي ڪرڻ. ڳولڻ ــ لهڻ. مکيارو ڪرڻ. مقصد سان سڌو ماڳ تي وڃڻ.
• **سوتَ ج سوتُوْن (ل)**: ث. سجاٽ ــ واقفيت ــ جاڻ پڇاڻ. عيب ــ وڌ ــ گهٽتائي ــ اوڻائي ــ پوڻائي ــ ڪَمي. ڳولڻ لاءِ سڌ.
ــ **سوتائِتو ج سوتائِتا**: ذ. صفت. مکياري ــ وٽندي ۽ تي ــ پسندي ۽ تي. سوٽي وارو ــ سوٽي هٿيڪو. (ظرف). ٺيڪ ــ برابر ــ صحيح ــ دُرست ــ بجا ــ واجب ــ لازمي ــ لازم ــ روا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سونائتي ج سونائتيُون (ت):** ث. ذمي ڪيل – پاڻ تي جوابداري ڪنيل – ذمہ داريءَ سان.
– **سونائڻ:** سجاٽ ڪرائڻ. جاڙ ڪرائڻ. ڳولڻ – ڏوندڻ. سمجهائڻ – ڏيان ۾ رهارڻ.
– **سوئرُو ج سوئرا:** ذ. ذميداريءَ جهڙو – امانتي – ذمي وارو – جوابداريءَ جهڙو – ضامن جهڙو. ايماندار – سپتيو – سچو – نيڪ نيت. وفادار.
– **سونُو ج سونا:** ذ. ذمو – ذميداري – جوابداري – ضامنگير – ضمانت – بارو – سنو. انجام – اقرار – وعدو – قول – پرنُ – وَچن – هول – پرتگيا. واقف ڪار – سُجاڻو – سَهي – سهيپو – جاڻو – واقفيت وارو.
– **سونا سَهائڻ:** ذما ڪٽڻ – جوابداري قبول ڪرائڻ – ذميداري مڃائڻ.
– **سونُو ڪَٽڻ:** ذمو ڪٽڻ – جوابداري ڪٽڻ.
• **سوپارڻ:** مصدر. سُپارڻ – پارت ڪرڻ – سونپڻ – حوالي ڪرڻ.
– **سوپ ج سسوپُون (ڪ):** ث. سنيال – خاطري – پرداخت – نگهباني – نگهداشت – چوڪسي – جانچ. ڏاهپ. پارت – سپارت. ضمانت – جوابداري.
• **سوپارُو ج سوپارا:** ذ. مرداني عضوي جو مٿو – ٽوپڙ.
• **سوپاري ج سوپاريُون:** ث. [سن. شتر = سَو + ف. پا = پير] هڪ وَڻ جو ڦل – پسارڪو وَڪر.
• **سُوپرُو ج سُوپرا (ت):** ذ. سُڪرو – پَڇو.
• **سُوپڙَڪنُو ج سُوپڙَڪنا (ت):** ذ. ڍڳهن ڪَنن وارو.
• **سُوپڙيُو ج سُوپڙيا:** ذ. صفت. پٽيوالو. محافظ –نگهبان – پهريدار. چيڙاڪ – چڙتو (ت).
• **سُوپَڪِي ج سُوپَڪِيُون (ت):** ث. هڪ سُرندڙ جيت جو قسم – سؤ پيري.
• **سوپُو ج سوُپا:** ذ. ننڍ جو جهوتو – ڏؤنڪو – جهُنڪو – پِنڪي.
• **سُوپيري ج سُوپيريُون:** ث. ڪاري رنگ جو هڪ سئو پيرن واري جَيت جو.
• **سوجَ ج سوجُون (ت):** ث. [سن. شَوچ = صفائي] هندن وٽ مقعد ڌوئڻ لاءِ محاورو – صفائي.
• **سوجاڳُو ج سوجاڳا (ت):** سجاڳ – سوجهرو – روشني. ڪنهن بہ داڳيني جي سموري تور – باراني سُوڏي مال جي تور. سَ – اطلاع.
• **سُوجهُ ج سُوجها:** ذ. هڪ وادِڪو اوزار – هڪ قسم جو ڪا چيرڻ جو اوزار – گول ڪارائي – گول ڪرت. زبانو.
• **سُوجِي ج سُوجِيُون:** ث. هڪ قسم جو ٽلهو انّ – ڪڻڪ مغز – سُهجي (ت).
• **سوجَ ج سوجُون:** ث. [سن. شوتَ = ٽوٽر] ٽوٽر – آڦر – ڦُندَ – آماس
– **سُوجَ چڑهڻ:** ٽوٽر چڙهڻ – آڦر ٽيڻ – ڦُندجي وڃڻ – سُجي پ – آماس ٽيڻ.
– **سوجِ لَهڻ:** آڦر لهڻ – ٽوٽر لهڻ.
• **سوجهه ج سوجهُون:** ث. سوجه صفائي.
• **سوجهاڪُو ج سوُجهاڪا (ل–ت):** ذ. اُجالو.
– **سوجهاڳُو ج سوجهاڳا (ت):** ذ. سجاڳو – سوجهاڪو.
• **سوجهروُ ج سوجهرا:** ذ. [سن. سَ = سان + اُت = مٿي + جُوا چمڪڻ] روشني – روشنائي – شعاع. سوجهاڪو – سها – چتائي. هوشياري. سوپ – ڪاميابي.
– **سوجهروُ ڪَرڻ:** روشنائي ڪرڻ. سوپ ڪرڻ – فتح ڪرڻ.
• **سوجَهڙ ج سوجَهڙيُون (ت):** ث. سَوَلي وات – سَوَلي راهه سولو رستو – سڌائي راهه. (ضد. اوجهڙ).
• **سوجهڙيارائي:** اسم خاص. تعلقي منهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سوجَهڻ:** مصدر. [سن. سُوچ = خبر پوڻ] ڏسڻ – پسڻ نهارڻ – نگاهه ڪرڻ. سمجهڻ – ويچارڻ – سوچڻ – خي ڪرڻ. ڏيان ڏيڻ – حواس هلائڻ. ڳولڻ – ڦولڻ – نهارڻ. تلا ڪرڻ – ڦلورڻ – پچا ڪرڻ. لهڻ – هٿ ڪرڻ. يادگيري ڪ صاف ڪرڻ – چٽو ڪرڻ – پڌرو ڪرڻ – ظاهر ڪرڻ – عي ڪرڻ. سهي ڪرڻ.
– **سوجَهه ج سوجُهون:** ث. جوت – نظر – بينائي – بصارت نرت – نگاهه – ديد. اِدراڪ – سمجهه – هوجهه. انديشو خيال – ويچار. ڳول – چڪاس – جانچ – ڪوج – نه جوڙجڪ. مطلب – مراد – مقصد – اِرادو – نيت. ڍنگ طريقو – طرز – نمونو – طوُر – ريت – طرح.
– **سوجَهه هوجَهه:** ث. عقل و فهم – دوراندیشي – اڳ پوءِ جو خيا
• **سوجَها ج سوجَهاڻُون (ت):** ث. [سن. سوچ = خبر پوڻ] سُڌ

سماءُ – ڄاڻ – خبر – معلومات. جستجو – ڳولا – ڪوڄ – جانچ – پڙتال.

- **سوجھا پوڙ:** خبر پوڻ – سُڌ پوڻ – معلوم هڻڻ.

- **سوجھائڻ (ت):** واقف ڪرڻ – ڄاڻ ڏيڻ – سُڌ ڏيڻ – اطلاع ڏيڻ – خبر ڏيڻ – سماءُ ڪرڻ.

- **سوجھوڙ ج سوجھا:** ذ. واقف ڪار – ڄاڻو – واقف – سڃاڻو – سڃاڻپ وارو. خبردار – هوشيار – سجاڳ – سوجھيندڙ – جستجو ڪندڙ. ڪر نظر – ٽوري نظر وارو – جهانپو – جهڪو.

- **سوجھي ج سوجھيُون:** ث. خبر – سڌ – ڄاڻ – آگاهي – ادراڪ – پروڙ – ٻوجھ – پُرجھ – معلومات. سياڻپ – سمجھ – عقل – ڏيان – فهم – ذهن.

- **سوجھي ڪيڏ:** ڳولي ڪيڏ – ڏوندي ڪيڏ – ڳولي هٽ ڪرڻ.

• **سوڙا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سوڙائِي (لس):** ث. سڃاڻپ جي چنڊ (جا انهيءَ کي ٻڌندا جو بادشاهه جو ماريل هوندو تہ متان پويان قومون پاڻ ۾ وڙهن).

• **سوڙ ج سوڙيُون:** ث. [سن. شَوْج = صفائي] اِستَنْجا – طهارت. صفائي.

– **سوڙا ج سوڙائُون:** ث. [سن. شَوْج = صفائي] صفائي – سوڙ.

– **سوڙ ڪَرڻ (ل):** طهارت ڪرڻ – صفائي ڪرڻ – اِستنْجا ڪرڻ.

• **سوڙاڪِي ج سوڙاڪيُون (ل):** ث. ماکوڙي جهڙو ننڍڙو ڏنگيندڙ جيت – ڏکٿهائي (ت) – ڏکراٽي. سيکوئي.

• **سوڄ:** مصدر. [سن. سوج = خبر پوڻ] ويچارڻ – خيال ڪرڻ – ڏيان ڪرڻ – فڪر ڪرڻ – غور ڪرڻ – ڳٽڻ ڪرڻ. پُرجھڻ – پروڙڻ – ذهن نشين ڪرڻ – دماغ ۾ وهارڻ – هنبائڻ. اندیشو ڪرڻ – ڳڻتي ڪرڻ – اوسيئڙو ڪرڻ – انتظار ڪرڻ. جانچڻ جونچڻ – ڳڻڻ ڳوتڻ – خبرداري ڪرڻ – تورڻ تکڻ. ڏيان لڳائڻ.

– **سوڄ ج سوڄُون:** ث. ويچار – خيال غوڙ – فڪر ـ ڏيان. توجھ – خبرداري – هوشياري – سُجاڳي. جانچ جونچ – ڳڻ ڳوت – تورتڪ – سنيال. تخمينو – انداز – شمار – حساب.

– **سوڄ ڪَرڻ:** فڪر ڪرڻ – انديشو ڪرڻ – ويچار ڪرڻ. ڏيان ڏرڻ – ڳڻ ڳوت ڪرڻ – جانچ جونچ ڪرڻ.

– **سوڄ ۾ رَهڻ:** خيال ۾ مصروف هجڻ – فڪر ۾ غلطان هجڻ – اوسيئڙي ۾ هجڻ. انتظار ۾ رهڻ.

– **سوڄ ۾ ويهڻ:** خيال ۾ ويهڻ – ويچار ۾ رهڻ. ڏيان ۾ هجڻ.

– **سوڄ ۾ هُجڻ:** فڪر ۾ هجڻ – خيال ۾ هجڻ – سوچڻ.

– **سوڄ وِچارُ ج سوڄ وِچارِي ذ.** غور و فڪر – ٻهَ ڏهَ – ڏيان – سوڄ سمجھ – جانچ جونچ.

– **سوڄ ويچار ڪرڻ:** خيال ڪرڻ – فڪر ڪرڻ – سوچڻ.

– **سُوجھي سَمْجھِي:** ظرف. ڏسي وائسي – جانچي جونچي – ڏيان سان – غور سان.

– **سوجھِي گَرُ ج سوجھي گَرَ (ت):** ذ. سياڻو – ڏاهو – عقلمند – داناءُ – هوشيار – سوچيندڙ – عاقل – هوشيار – ڏيان وارو – فڪرمند. جاچيندڙ – جوچيندڙ – ڏسندڙ وائسيندڙ – خيال ڪندڙ – ڳڻ ڳوت ڪندڙ.

• **سوچِي ج سوچِي:** ذ. آر (لوهه جو ڀُڇنبياروسوچڪو اوزار) سُوئو – سُئي – لوهه جي ڇنبياري سيخ. ڄُتين جو ڪر ڪندڙ – ڄُتيون ٺاهيندڙ – سرازُ – موچي – ماڙيچو.

– **سوچڪو ج سوچڪا:** ذ. صفت. سوچيءَ جو – سوچيءَ وارو – موچڪو – سَرازَڪو.

– **سوچياڻو ج سوچياڻا:** ذ. صفت. سوچڪو.

• **سوچ ج سوچَ (ت):** ذ. صفت. صاف – شفاف – اُوجل – اُجلو – اڇو – نج – شُڌ.

– **سوڃت ج سوڃتُون:** ث. [ف. سوخت > سوختن = سڙڻ] سوزش – ساڙو – جَل – پَچَ – ڪام – پَڇَر – تَوَ سيڪ.

– **سوڃت ڪَرڻ:** جلائڻ – ساڙڻ – پچائڻ – ڪامائڻ – پجرائڻ – سوزش ڪرڻ.

– **سوڃتگِي ج سوڃتگِيُون:** ث. سوزش – ساڙو – جَل – جَر – پَچ – ڪام. تڪليف – ڏکيائي – مشڪلات – اهنج – ڏنجهه. رنج – صدمو – غم – الم. ڪلفت – هيائي – نفاق – ڦيٽاڙو.

– **سوڃتنِي ج سُوڃتنِي:** صفت. ساڙڻ جهڙو – ساڙڻ جي لائق. بيڪار – خراب.

– **سوڃتہ ج سوڃته:** ذ. صفت. سڙيل – جليل – ڪاميل – پچيل – باهه لڳل. سوزشي – ساڙي وارو. مصيبت زده ـ ڏنجهارو.

– **سوڃتِي ج سوڃتِيُون:** ث. ڪُلفت – هيائي – نفاق – ويجوڙو. رنج – تڪليف – غم – مصيبت – هلاڪت. (صفت). ساڙڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي قابل – جلائڻ جي لائق – ساڙڻ جوگو.

• **سُود ج سُوديُون (ت):** ث. واسطو – لاڳاپو – تعلق – نسبت – رشتو – ڪر – ڪار – ڪاج – ڏنڏو – ڪرت – مشغولي.

• **سُودُ ج سُودَ (ت):** ذ. وڻ جو پورو ٽڙ.

• **سُودُ ج سُودَ:** ذ. (ف). وياج. فائدو – نفعو – متي – اُپت – ڪٽيو – پراپت – لاپ – اُپراسو – لاهو – وٽاءُ – سَوباسو – وَڌپ – بهتري – پلائي – چڱائي.

– **سُوْدُ خُورُ ج سُوْدُ خُورَ:** ذ. [ف. سود + خور > خوردن = ڪائڻ] وياج ونندڙ – وياج ڪائيندڙ – وياج خور. لاپ خور – نفعو ونندڙ.

– **سُوْد دَرْ سُوْدُ:** ذ. [ف. سُوْد + در = ۾ + سود] وياج تي وياج – ڳڏيل وياج.

– **سُوْدُ ڈِيَنْ:** وياج ڏيڻ. منافعو ڏيڻ – نفعو ڏيڻ – فائدو ڏيڻ – لاپ ڏيڻ.

– **سُوْدُ ڪائِنْ:** وياج ڪائڻ – لاپ ڪائڻ – منافعو ونڻ.

– **سُودُ لَگائِنْ:** وياج مڑهڻ – وياج چاڑهڻ. نفعو رکڻ – لاپ رکڻ – منافعو رکڻ.

– **سُوْدُ مَنْدُ ج سُوْدُ مَنْدَ:** ذ. [ف. سود + مند = وارو] فائدي وارو – مُفيد – نفعي وارو – فائدي مند – وٽاءُ وارو – واڌاري وارو. لاهائتو – سجايو – سڪيارتو.

– **سُوْدُ وَنْڻُ:** وياج ونڻ. نفعو ونڻ – لاپ ونڻ – منافع ونڻ.

– **سُوْد هِئَنْ:** فائدو ٿيڻ – نفعو ٿيڻ.

• **سَودا:** ث [ع. ف. ڪاريْ] اجاين خيالن پچائڻ جي بيماري – سوداءُ – جنونُ – ديوانگي – چريائي – خبَطُ – پاڳلپڻو – مالیخوليا. رت سڙي گهاٽي ٿيڻ واري هڪ بيماري – ڪارو بلغم. انديشو – فڪر – ڳڻتي. اوسيئڙو – انتظار. عشق – محبت – پيار – موهُ – قرب – سينهه. (اسر خاص). انساني جسر جي هڪ طبيعت جو نالو. هندستان جي شاعر مرزا جو تخلص.

– **سُوْدا ٿِيَنْ:** مالیخوليا ٿيڻ – جنون ٿيڻ – ديوانگي ٿيڻ – فڪر ٿيڻ – چريائي ٿيڻ – پاڳلپڻو ٿيڻ. ڳڻتي ٿيڻ. اوسيئڙو ٿيڻ – انتظار ٿيڻ – انديشو ٿيڻ.

– **سُوْدا ڪَرَنْ:** ڳڻتي ڪرڻ – فڪر ڪرڻ – خيال ڪرڻ – پَهُ پچائڻ – ويچار ڪرڻ.

– **سُوْدا لَگَنْ:** خفقان ٿيڻ – جنون ٿيڻ – سوداءُ ٿيڻ. انديشو ٿيڻ.

– **سَوْداوِيْ ج سَوْداوِيْ:** ذ. صفت. سوداءُ جي طبيعت وارو. سودائو

– **سَوداوِيْ مزاجْ ج سَوْداوِيْ مزاجَ:** ذ. صفت وارو.

– **سوْدا هَئَنْ:** خفقان هجڻ. خيال هجڻ – فڪر هجڻ – انديشو هجڻ. عشق هئڻ.

– **سوْداءُ ج سوْداءَ:** ذ. چريائي – سودا – ديوانگي – مالیخوليا. دماغي خرابي. خفو – اَجايا خيال – پَهه. پُور – دماغي بيماري

– **سَوْدائِيْ ج سَوْدائِيْ:** ذ. صفت. سوداءُ وارو – پورالو. خفقاني. خبطي – مالیخوليا وارو – پَهُ وارو. مايوس – مَلول. احمق. بيوقوف – چٽ – چريٽ.

– **سوْدائِيْ بَٽَجَنْ:** چريو ٿيڻ – بانولو ٿيڻ – خفقاني ٿيڻ. پورالو ٿيڻ. عشق ۾ پاڳل ٿيڻ. شيدائي ٿيڻ.

• **سَوْدا گَرُ ج سَوْداگَرَ:** ذ. [ف. سَوْدا = ساماڻ سڙو + گر = وارو واپاري – تاجر – تجارت ڪندڙ – واپار ڪندڙ.

• **سُودُ پُودُ (ت):** ظرف. هُوبَهُو – اصل اهڙو – ساڳيو – هڪ جهڙو – نسُ پسُ – همشڪل.

• **سُودَرَ:** اسر خاص. [سن. شودر] هندن ۾ گهٽ ذات – نيچ قوم. (سُودَرُ ج سُودَرَ: سودر ذات جو ماڻهو).

• **سُودرا:** اسر خاص. ٽ ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات.

• **سَودَنْ:** مصدر. [ف. سودا = ڳڏل شيءِ] خريد ڪرڻ – ونڻ – خريدڻ – ڳڻهڻ – سودو ونڻ – خريداري ڪرڻ. پئسن سان ونڻ. مُلهه چڪائڻ – قيمت پچڻ.

– **سَوْداگَرُ ج سَوْداگَرَ:** ذ. واپاري – تاجر – وڻجارو – تجارتي – واپار ڪندڙ – وڃائت – بنجارو.

– **سَوْداگَرزادُ ج سَوْداگَرزادا:** ذ. سوداگر جو پٽ – واپاريءَ جو پٽ.

– **سَوْداگَرِيْ ج سَوْداگَرِيُوْنْ:** ث. وڻجهه – خريد و فروخت – تجارت – سودو – سلف.

– **سَوْداگَرِيْ ڪَرَنْ:** واپار ڪرڻ – تجارت ڪرڻ – وڻج ڪرڻ. ڪاروبار ڪرڻ – خريد و فروخت ڪرڻ – ڏيتي ليتي ڪرڻ – مال جي ڏي وٺ ڪرڻ – مال جي آمدني روانگي ڪرڻ.

– **سَوْداگَرِيْ مالُ ج سَوْداگَرِيْ مالَ:** ذ. وڪري جو اسباب – فروخت ڪرڻ جُون شيون – مال اسباب – ٽپڙ تاڙي – تجارت جون شيون.

– **سَوْدُ ج سَوْدا:** ذ. واپار – وڻج – تجارت – سوداگري – خريد و فروخت – خريداري. وَڪر – شيءِ ـ ٽوڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سوْدوْ بَحالُ ٹيَنْ:** خريد و فروخت جو معاهدو طئي ٹيڻ – مقصد حاصل ٹيڻ. مُرادون پُڄڻ – سوپارو ٹيڻ – ڪامياب ٹيڻ – فتحمند ٹيڻ.

– **سوْدوْ پاڏوْ ج سوْدا پاڏا:** وڃجهه واپار – تجارت – خريد و فروخت – مال جي ڏي وَٺ.

– **سوْدوْ سَلَفُ:** ذ. ريزڪي سيڏو – ريزڪي سامان. ڪائڻ پيئڻ جي شيءِ خريد ڪيل بازاري شي. سيڏو پاڏو.

– **سوْدو ڪَرڻُ:** واپار ڪرڻ – تجارت ڪرڻ. خريداري ڪرڻ – سوداگري ڪرڻ. مَتائڻ – ڏي وٺ ڪرڻ.

• **سُوديشُ ج سُوديشَ:** ذ. [سن. سْوَ = پنهنجو + ديش = ملڪ] پنهنجو ملڪ – وطن.

– **سُوديشِي ج سُوديشِي:** ذ. صفت. ديسي – مُلڪي – پنهنجي ملڪ جو – وطني – پنهنجي ديس سان واسطو رکندڙ – گُونائي (ضد. اوديشِي).

– **سُوديشِي ڪَپڙو:** ذ. ديسي ڪپڙو – ملڪي ڪپڙو – پنهنجي ملڪ اندر ٺهيل ڪپڙو.

• **سَوِڊ ج سَوِڊيُونْ (ت):** ث. چيرُ – خال – پوُر – وٽي. گهپ – گهپو – قوت.

• **سُوڏَڻ (ل – ہيل):** مصدر. سوئڻ – چونڊڻ. اصلاح ڪرڻ – دُرست ڪرڻ – ناهڻ – بنائڻ – سنئون ڪرڻ – ور وڪڙ ڪڍڻ – بنائڻ – سنئون ڪرڻ – سينگارڻ – سنوارڻ. چڪاسڻ – سهي ڪرڻ – جانچڻ. ڳولڻ – تلاش ڪرڻ – نهارڻ – ڍونڍڻ – قولهڻ – وَڙول ڏيڻ. ڦهلائڻ – پکيڙڻ – وٺيڙڻ. شمار ڪرڻ – حساب لڳائڻ – ڳڻڻ – تخمينو ڪرڻ – انداز ڪرڻ – ڪٽ ڪرڻ. هيرُ جولي ڪيرِ سوڏي ڪارائڻ.

– **سُوڏَ:** ث. سڌائي – سنوت – درستي – اِصلاح. آراستگي – سنوار. وڙولَ – ڳولا – تلاش. ڪٽ – اندازو – تخمينو.

– **سُوڏاڻِ:** ث. سڌائي – برابري – پُورائي – سنوت – ٺيڪائي – آراستگي – سنوار. اصلاح – درستي – سڌارو. سوڏ – ڳولا – تلاش. اندازو – ڪٽ – تخمينو.

– **سُوڏائِيِ ج سُوڏائِيُونْ:** ث. سنوارپ – سڌائپ – برابري – پورائي – سنوت – ٺيڪائي. سنوارڻ جي مَزدوري.

– **سُوڏائِنْ:** صفا ڪرائڻ – اَڇو ڪرائڻ. درست ڪرائڻ – سُڌارڻ – ٺيڪ ڪرائڻ. سنوارائڻ – صحيح ڪرائڻ.

– **سُوڏائِيِ ج سُوڏائِيُونْ:** ث. سنوت – سڌائي – پورائي – برابري – ٺيڪائي – سُوڏاڻ – درستي – اِصلاح. هڪجهڙائي. سپتائي – سجائي.

– **سُوڏِريو ج سُوڏِريا:** ذ. درست ڪندڙ – صحيح ڪندڙ – سڌارَيندڙ – ٺيڪ ڪندڙ – سُوڏيندڙ – سنوارينڊڙ – اِصلاح آڻيندڙ. ٺاهيندڙ – بنائيندڙ – جوڙيندڙ – خلقيندڙ – اُپائيندڙ – رَڄيندڙ – صفا ڪندڙ – صفائي ڪندڙ – اَڇو ڪندڙ – اُجرو ڪندڙ – پاڪ ڪندڙ – پوِتر ڪندڙ.

– **سُوڏَ سَنْوارُ ج سُوڏُنْ سَنْوارُنْ:** ث. اصلاح – سُڌارو – دُرستي – ٺيڪائي – سَنوار. ٺاهه ٺوهه – جوڙجڪ – گهڙ ٻج – رَڄنا. صفائي – اڇائي – اُجرائي – اُوجرائي – اوجلائي – پاڪائي.

– **سُوڏلُ ج سُوڏلَ (ل):** ذ. سڌو – سنئون – سُوڏو – درست – بجا – صحيح – ٺيڪ. سچوَ – سپتيو – ايماندار – سچار.

– **سُوڏُ ج سُوڏا:** ذ. سڌو – سنئون – سنئون سڌو. سُٻتو. اُپو – ڪرو. ٺيڪ – برابرَ – درست – صحيح – پوروَ. بجا. ايماندار – سچو – سُپتيو – استباز – سچار. سولو – سڌرو – سريڪو – پوروپورو. سهڻو – حسين – خوبصورت. عاقل – سياڻو – سمجهو – سمجهه وارو. جفاڪش – محنتي – چست – چالاڪ. پاڪ – صاف – اڇو – اُجرو – اُجلو – (حرف جر). ساڻ – گڏ – سميت – جُملہ – ڪُلُ – مليل. تائين – هيستائين – جيستائين. (ث). سوڏي ج سُوڏيون.

– **سُوڏِي ڏَڳ تي اَڇڻُ:** سنئين راهه تي اڇڻ – گمراهي ڇڏڻ. حق پرستي اختيار ڪرڻ.

– **سُوڏِي هَلڻُ:** وهنوار ۾ ٺيڪ هلڻ – ڏي وٺ ۾ پورو هلڻ – رسم رواج ۾ ٺيڪ هلڻ.

• **سُوڏُ پُوڏُ ج سُوڏُ پُوڏَ (ت):** ذ. هوبهُو – ساڳيو – بجنسي – اصل اُن جهڙو – مشابهتي – نس بس.

• **سُوڏِيٽُ ج سُوڏِيٽَ (ت):** ذ. تحقيق – پڪائي – سجائي – خاطري – پڪ. ڪوجنا – ريسرچ – اِيجادُ.

• **سودِوْ ج سودِا:** ذ. ڪيڪڙي جو هڪ قسم.

• **سودا:** ث. [انگ. Soda = ڪار] ڪپڙن ڌوئڻ جي ڪار. پيٽ جي سُور جي لاءِ ڪم ايندڙ هڪ تيز پاڻيءَ جو قسم. اريٽيد

واتر جو هڪ قسم. اسم خاص. سنڌ ۾ رهندڙ نَڪرن جو قبيلو.

• **سوڍا واتَـرْ:** ذ. هڪ تيز پاڻيءَ جو قسم — سوڍا مان بنايل ولايتي پاڻي.

• **سوڍاپُورُ:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۽ تعلقي ڪوٽ غلام محمد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سوڍاچار:** اسم خاص. ٹر ۾ چيلهار کان پنج ميل ڏکڻ طرف هڪ سرڪاري ناڪو.

• **سوڍائِيُ:** اسم خاص. سنڌ جي بلوچن جو هڪ پاڙو.

• **سوڍائِيُ:** اسم خاص. ڪاري واري پاڳي ۾ رهندڙ قبيلو.

• **سوڍَرَ:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **سوڍا:** اسم خاص. خيرپور رياست ۾ رهندڙ مسلمانن جو هڪ قبيلو.

• **سوڍِكِيُ:** اسم خاص. تعلقي گوني يا تندي محمد خان ۽ تعلقي ميرپور خاص ۾ ديهن جا نالا.

• **سوڍَلَ ج سوڍلُونْ:** ث. هڪ قسم جي ننڍڙي پيتي.

• **سوڍَل (ث):** ث. ماتا جي بيماريءَ جو هڪ قسم.

• **سوڍَلُ ج سوڍَلَ (ل):** ذ. صفت. سوڍو — دوست — محبوب — يار — دلبر.

• **سوڍو:** (اسم خاص) سوڍا قبيلي جو هڪ فرد. مُومل جو مرَس. مينڌرو — "راڻو سوڍو" — مومل راڻي جي ڪهاڻي جو هيرو.

• **سوڍِيُ:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو. عورت جو نالو.

• **سُوَرَ ج سُوَرَ:** ذ. سُوئر (جانور) (ل). ذ. صفت. [س = چگو + وَر = مرَس] پاڳيو — مرَد — سُکيو ماڻهو — شاهوڪار — آسودو — خوشحال.

• **سُوْرَ ج سُوْرُوْنْ:** ث. قرآن شريف جو هڪ پاڳو يا ٹُڪر — سُورة — سورت.

• **سورَ:** (اسم خاص). ڪوهستان ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ديري محبت ۽ تعلقي ماتليءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سُورُ ج سُوْرَ:** ذ. [سن. شُول = تڪليف] تڪليف — درد — ايزاءَ — ڏک — پيڙا — رنج. جاکوڙ — ڪشالو — ڪشت. افسوس — ارمان — غم — الم. هار جمڻ وقت عورت کي ايندڙ ايذاءَ. بلڪل سُهڻو — گـلُ. ذ. صفت. صاف سهڻو. مڪمل طور سهڻو.

— **سُوْرَاتِجَنْ:** سور ٹيڻ — سور پوڻ — ايذاءَ ٹيڻ. تمام گهڻو درد ٹيڻ. ڏکوئجڻ — دردمند هڻڻ — سوراتجڻ — سورن ۾ اچي وڃڻ — مصيبت ۾ اچي وڃڻ. غمناڪ هجڻ. پريشان ٹيڻ. وَکَرَ کائڻ — بل کائڻ — بل ڏيڻ — ڦيرا کائڻ.

— **سُورَاتِيلُ ج سُورَاتِيلَ (ت):** ذ. سوراتيو — دردمند — ايذائيل — دردي — رنجيده ـ غمگين — ملول — ڏکويل.

— **سُورَاتِيلُ مُنهُنْ:** ذ. صفت. غمگين شڪل — اُداس — ملول ڏک پريو — ڏُجهارو — رُوٺهارڪو — رُٺو.

— **سُورَاٹُو ج سُورَاٹا:** ذ. صفت. سور وارو. درد وارو — ڏک وارو — ڏکارو.

— **سُوْرَائِتُوْ ج سُوْرَائِتا:** ذ. صفت. سوريتو — غمگين — دردِيلو — سُور وارو — ڏک وارو — درد وارو. (ث. سُوْرَائِتِيْ ج سُوْرَائِتِيُوْنْ).

— **سُوْرَايَلُ ج سُوْرَايَلَ (ل):** ذ. دردن وارو — ڏکن وارو — سُوريتو — دردِيلو.

— **سُوْرُ تَـرَنْ:** ڏک ڏسڻ — سور سهڻ — درد پسڻ.

— **سُوْرُ تِيَنْ:** زال کي "ويم جا" سُور ٹيڻ. "ويم جو وقت" ويجهو اچڻ — درد شروع ٹيڻ — ويم جو خيال ٹيڻ — هٿ پير لهڻ جو وقت اچڻ.

— **سُوْرُ تِيَنْ:** درد ٹيڻ — ايذاءَ اچڻ — تڪليف ٹيڻ.

— **سُوْرُ پَتَنْ:** محنت ڪرڻ — ڪشالا ڪرڻ — جاکوڙا ڪرڻ — مشڪلاتون سهڻ — مصيبتون سهڻ — ڏاکڙا کيڏڻ — رُٺا پٽڻ.

— **سُوْرُ پَچَارُ ج سُوْرَ پَچَارُوْنْ:** ث. ڏکن جون ڳالهيون — سورن جون ڳالهيون. عشق جي ماجرا.

— **سُوْرُ پَچُوْرُ ج سُوْرَ پَچُورُوْنْ:** ث. سُورَ پچار.

— **سُوْرُ پَوَنْ (ت):** درد جاڳڻ. جُوجڪي اچڻ — پُور پوڻ. لالچ ۽ ڪمر جي سوڄ.

— **سُوْرُ پِيڻُ:** ڪاوڙ جهلڻ — غم سهڻ — تڪليف برداشت ڪرڻ.

— **سُوْرَجَنْ (ت):** دردمند ٹيڻ — ڏکارو ٹيڻ — ڏُجهارو ٹيڻ — غمگين ٹيڻ — دردي ٹيڻ — سُورائتو هجڻ.

— **سُوْرُ ڏَكاءُ (ت):** ذ. فوت ٹيل جي قبر تي ٹي ڏينهن ساندهه وجي ختمو درود ڪرڻ جي رسم.

— **سُوْرُ سِرانْدِي ٹيڻ:** ڏک آڏو ٹيڻ — مصيبت ۾ ڦاسڻ — غم ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرفتار ٿيڻ – مشڪلاتن ۾ پوڻ – دردن ۾ ڦاسڻ.

– **سوُرَ طَبيبُ ج سُوُرَ طَبيبَ:** ذ. سور جو طبيب _ سُورَ لاهڻ وارو – درد دفع ڪرڻ وارو.

– **سُوُرَڊ ج سُوُرَڊَ (ل):** ذ. چوپائي مال کي ويامڻ وقت ايذاءُ اچڻ – درد ٿيڻ – سُور لڳڻ.

– **سُوُرياٽِي ج سُوُرياٽِيُونْ (ل):** ث. ٻار ڄڻائڻ واري – دائي.

– **سُوُرَيتو ج سُوُرَيتا:** ذ. صفت. سورائتو – درد وارو – دردي – غم وارو – غمگينَ – ڏک وارو – دردبلو – ڏکويل.

– **سُوريوْ ج سُوريا (ل):** ذ. صفت. سُورَ وارو – سوريتو سورائتو.

• **سورا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سوراٽِي (ل – ک):** اسم خاص. هڪ گاهه جو قسم.

• **سوراجُ ج سوراجَ:** ذ. [سن. سَوراجيہ: سوَ = پنهنجو + راجيہ = راج] پنهنجو راج – آپشاهي – خود حڪومت – خودمختياري – آزاد حڪومت.

• **سوراجُ ج سوراجَ:** ذ. سوراج.

• **سوراجَنْد:** اسم خاص. تعلقي ننگرپارکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سوراخُ ج سوراخَ:** ذ. [ف. سوراخ = تنگ] ٽنگ – ڇڙڪ – سَلُ – ڇيد. رَوزن. دَرزَ – دَرَ – ڏرو – گهپو. موري – پوُر – خال.

• **سوراخُ پَرَڻُ:** ٽنگ پرڻ – درز پرڻ – ڇيد پرڻ – خال پرڻ.

• **سوراخدارُ ج سوراخدارَ:** ذ. [ف. سوراخ + دار = وارو] ٽنگ وارو.

• **سوراخُ ڪَرَڻُ:** ٽنگ ڪرڻ – ڇيد ڪرڻ.

• **سوراوُ ج سورارا (ث):** ذ. صفت. بختاور – خوش نصيب – بخت وارو – سدورو – پاڳن پريو – سياڳو – نيڪ بخت.

• **سورانگَنْ ج سورانگَنُونْ (ل):** ث. سَوڙ – رضائي – لِحاف.

• **سورانگهَڻُ:** مصدر. اورانگهڻ – ٻرانگهڻ مٽان وک پرڻ. "چڪير چگائي، سُورانگهي سُوريءَ تان" (شاهه).

• **سورَبَ ج سورَبُونْ:** اسم خاص. هڪ ٻوٽيءَ جي ميرانجهڙي رنگ تي پاڙ، مُربي ۾ ڪم ايندڙ.

• **سُورَتَ ج سُورَتُونْ:** ث. (ع. سُوره) قرآن شريف جو ڪوبہ باب يا حصو – سُورة – سُوَر.

• **سُورَت:** اسم خاص. بمبئي علاقي ۾ شهر جو نالو. انگريزن جي اوائلي واپار جي اوائلي ڪوٺيءَ وارو شهر.

• **سُورتِي ج سُورتِيُونْ (ل):** ث. (پورچوگيز = سورتَ) شرط – لاٽري – قسمت آزمائي. (اسم خاص). هڪ گاهه ءِ گل جو قسم.

• **سورَتْ:** ث. اسم خاص. [سن. سوراشٹر] هڪ راڳڻيءَ جو نالو. راءِ ڏياچ جي زال جو نالو. ث. صفت. سُهڻي. حَسين (زال).

– **سورِيو ج سورِيا:** ذ. سورٻ ملڪ جو. سورٺ سر جي ڳائڻ واراَ. مگڏهار.

• **سُورَج ج سُورَجَ:** ذ. [سن. سُوَرْيَہ = سج] سج – شمس – آفتاب – خورشيد. سج – تَرَڪو – ڪاڙهو. (اسم خاص). هڪ گل جو قسم. سورج مُکي.

– **سُورَجُ بَنْسي:** اسم خاص. [سن. سوريہ + ونش = اولاد] سج جو اولاد سڏائيندڙ. راجپوتن جو سورج گهراٽو – سورج ونسي.

– **سُورَجَ سَنْسارَ:** ذ. [سن. سوريہ + سنسار = جهان] نظام شمسي – سورج منڊل.

– **سُورَجُ گِرهَڻُ:** ث. [سن. سوريہ + گرهن = گرفتاري – پڪڙ] سج گرهڻ – ڪُسُوف – گرفتگيءَ آفتاب. سج جي جهلڪڻ جي حالت.

– **سُورَجُ گُـلُ:** ذ. [سن. سوريہ + ف. گل] گل جو هڪ قسم – سورج مُکي – سورج منڊل.

– **سُورَجُ مُکِي:** اسم خاص. گل جو هڪ قسم – سورج گل – سورج منڊل – هڪ قسم جو هميشه سج ڏانهن منهن ڪندڙ گل. ٽري پرت جو هڪ نمونو (سورج مکي گل جي نموني تي).

– **سُورَجُ مُکِي گُـجُ (ث):** ذ. هڪ قسم جو پرت پريل گج. صرف ٽڪن ۾ پرت جي گلڪارين سان.

– **سُورَجُ مَنْڈَلُ:** ذ. شمسي دائرو – پڙ.

– **سُورَجُ مَنْڈَلِي:** ث. سورج منڊل – نظام شمي.

– **سُورَجُ وَنَ ج سُورَجَ وَنَ:** ذ. سج جهڙو سهڻو – ڏاڍا وارو – چمڪندڙ – تجليدار – پيڪيدار.

– **سُورَجَ وَنْسي:** ذ. [سن. سوريہ + ونش = اولاد] سج جو اولاد. هندن جو هڪ مکيہ گهراٽو.

– **سُورَجُ وَنْشي:** ذ. سورج وَنْشي خاندان جو راجا – سورج بنسي.

• **سُورجا:** اسم خاص. هڪ گل جو قسم – سُورجاڻ جو گل.

• **سُورَجاڻ:** اسم خاص. هڪ قسم جو پسارڪو وڪر.

• **سُورَجاڻِي:** اسم خاص. ڪَيْر ٽر جبل ۾ هڪ لَڪُ جو نالو. تعلقي گونيءَ. تندي محمد خان تعلقي سجاول ۾ ديهن جا نالا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سُوْرداسُ ج سُوْرداسَ:** ذ. صفت. نابين – انڌو – نابينا – اکين کان ويڻل. (اسر خاص). هڪ انڌي شاعر ۽ گوَيي جو نالو – پڳٽ سُورداس.

• **سورَڻ ج سورَڻُوْن:** ث. [ف. شورش > شوريدن = بغاوت ڪرڻ]. شورش – ڦڙڦوٽ – پج ڀُڪ – لُڙ – شور – مانڌاڻ.

• **سُورگَرَ:** اسر خاص. ڪوهستان ۾ هڪ لَڪ جو نالو.

• **سُوْرَگ ج سُوْرَگَ:** ذ. [سن. سُورَگ = بهشت]. بهشت – سرڳ – فردوس – جنت.

• **سُورمُو ج سُورما:** ذ. صفت. [سن. شُورَ = پهلوان – بهادر – غازي – سورهيَه – سورويُر – جوڌو – ڪوپو.

– **سُورمائُو ج سُورمائا:** ذ. صفت. سورمي جو – سورمي وارو – بهادر جو – پهلوان جو – بهادراڻو.

– **سُورمائِيْ ج سُورمائِيُوْن:** ث. پهلواني – بهادري – همٿ – هلواني – دليري – جُونجهارَپ.

• **سورَنْبَ ج سورَنْبِيُوْن (ل):** ث. مزو – لطف – ساءُ.

• **سُورَنْجان:** اسر خاص. (ھ). هڪ دوا جو قسم.

• **سُورَنْجان شِيْرِيْن:** ث. سورنجان جو هڪ قسم.

• **سورَڻ:** مصدَر. [سن. سر = سُرڻُ]. چورڻ – هڪ هنڌان ڪٽي ٻئي هنڌ رکڻ – سيرڻ – هلائڻ – سَرڪائڻ – ريڑهڻ – کسڪائڻ – ريڑهو ڏيارڻ – گسڪو ڪارائڻ مٽي ڪرڻ (وٽ بتيءَ جي) – چاڙهڻ – ڪٽڻ. ٻُهارڻ – صاف ڪرڻ – مٽو ڪوڙڻ – حجامت ڪرائڻ.

• **سورَ ج سورُوْن:** ث. حرڪت – جُربُر – ريڑهو – گسڪو – کسڪو.

– **سورَڻ ج سورڻِيُون (ل):** ث. وارن لاهڻ جو اوزار – پاڪي – اُسترو.

• **سُوْرِڻ:** ث. پاڇيءَ جو هڪ قسم. هڪ ول جو قسم.

• **سُوَرُوْ ج سُوَرا:** (ل – ث): ذ. سُٻتو – ساڇو پاسو – سنئون پاسو – سُوڏو پاسو – ساڇو هٿ.

• **سُوَرَ سُوَرَت ج سُوَرَتُوْن:** ث. (ع) قرآن شريف جي ۱۱۴ سورتن مان هڪ سورت.

– **سُوْرَت اِخْلاصْ:** اسر خاص. قرآن شريف جي هڪ سورت – قُل هوالله واري سورت.

– **سُوْرَهَ تَبارَكْ:** اسر خاص. قرآن شريف جي هڪ عزت واري سورت جو نالو – ۲۹ پاري جي شروع واري سورت.

– **سُوْرَهَ اِسراءْ:** اسر خاص. قرآن مجيد جي ۱۵ پاري جي سورت جو نالو.

– **سُوْرَهَ نُوْرْ:** اسر خاص. قرآن شريف جي ۱۸ پاري جي سورت جو نالو.

– **سُوْرَهَ ياسِيْنْ:** اسر خاص. قرآن شريف جي هڪ مشهور سورت جو نالو.

• **سُوْرهُ ج سُوْرهَ:** ذ. صفت. [سن. سُورَ = پهلوان] بهادر – سورمو – پهلوان – دلير – دل وارو – جوڌو – ڪُوپو – گوڏو – مڙس ماڻهو – جُرئت وارو – چاتيءَ وارو.

– **سُورهاڻُو ج سُورهاڻا:** ذ. صفت. پهلواني وارو – پهلوان جو – سُورهَيه جو – بهادراڻو – دليريءَ جو.

– **سُورهائِيْ ج سُورهائِيُوْن، سُورهيائِيُوْن:** ث. دليري – پهلواني – بهادري – شجاعت – طاقت – سورمائي – شهه زورائي – بي ڊپائي.

– **سُوْرهيَه ج سُوْرهيَه:** ذ. سوره، بهادر – دليو – پهلوان – همٿ وارو – جوڌو – شير مرد – سورمو.

– **سُورهيائِيْ ج سُوْرهيائِيُوْن:** ث. بهادري – دليري – سورمائي – پهلواني. شجاعت – سُورهيائپ.

• **سورَهَڏِيْ:** اسر خاص. تعلقي تندي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سورهَنْ:** صفت. [سن. سودَش = سورهن] ڳڻٽ جو هڪ انگ – چهن ايڪن ۾ هڪ ڏهاڪي وارو هڪ انگ ۱۶.

– **سورهَنْ آنا:** ظرف. (سجو روپيو). بالڪل – ٺيڪ – پورو – مڪمل.

– **سورهَنْ آنا سَچ هُئُنْ:** بالڪل سچ هئڻ.

– **سورهَنْ آنا هُئُنْ:** سجو سچ – ٺيڪ هئڻ – سجو سچ هئڻ – پڪ هجڻ – خاطري هجڻ.

– **سورهَنْ سَنْڪارَ:** ذ. هندن جون ڏرمي ريتون ۽رسمون – مذهبي رواج.

– **سورهَنْ سينگارَ:** ذ. عورت جا سورهن قسمن جي زيب وَ زينت جا سامانَ – عورت جي سينگار جون سورهن شيون (تفصيل: ڏسو. سينگار).

– **سورهو:** ذ. اُٺڻ لاءِ وڻهي کان ٽورو تلهو سُٽ.

– **سورَهُوْن:** ذ. صفتَ. درجي ۾ سورهون – سورهن مان پچاڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارو – ۱۵ کان پوءِ ايندڙ نمبر وارو. (ث. سورهيُن).

• **سورهيو:** ذ. سورهن آنء چور (لچو)

• **سوريُ ج سوريُون (ت):** ث. اَنَ کي کائيندڙ هڪ ننڍو جيت سَرو.

• **سُوريُ ج سُوريُون:** ث. [سن. شُول = ڪاهي. درد] قاسي – ڪاهي – سُولِي – موت جي سزا. بيماريءَ جو هڪ قسم – ڪاکوس ۾ رَتُ – ٻُورُ – پيچش – پيچ – رَتُ ٻُور. (اسر خاص). هڪ گل جو نالو. افغانن جي هڪ ذات جو نالو. "شير شاهه سوري" هڪ دال جو قسم – مَسُور – مُهُر – مُهَريُ.

– **سُوريءَ تي ننڊَ اَچڻُ:** ڪُٽڻي نه هجڻ – ڪوبه اُلڪو نه هجڻ – بي اَنتظار هجڻ – بنان اوسيئڙي جي هجڻ – ڪوبه فڪر نه هجڻ – بي اونائي هجڻ.

– **سُوريُ پَوَڻُ (ت):** ڪاهو بغض ٿيڻ – ڪينو ٿيڻ.

– **سُوريءَ جاڙهَڻُ:** قاسي ڏيڻ – ڪاهي جاڙهڻ. موت جي سزا ڏيڻ. مصيبت ۾ اَڙائڻ.

– **سُوريءَ مانُ ڪَنڊُو ٿيڻُ:** مهانگو ٿيڻ – اڻ لڀ ٿيڻ.

• **سوريجا:** اسر خاص. مَزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **سورينَدَلُ ج سورينَدَلَ (ل):** ذ. (فعل سورڻ مان فاعل) سورينڊڙ – ريڑهيندڙ – ريڑهو ڪندڙ – سيرو ڪندڙ.

• **سورينگهُ (ڪ):** هڪ گاهُ جو نالو.

• **سَوَڙِ ج سَوَڙُون:** ث. ٽلهو گرم اوچڻ. ڪپهه پيل رضائي – پٽرائي – پٽڑي – چيري.

– **سوڙِ آهَر پيرَ دِڳهارَڻُ:** پئدائش آهر خرچ ڪرڻ – اُپت، سارو کپت ڪرڻ – ڪمائي سارو خرچ ڪرڻ.

– **سَوَڙِ سارُو پيرُ ڪَڍَڻُ:** اُپت سارو خرچ ڪرڻ – پچنديءَ آهر خرچ ڪرڻ.

• **سُوڙُ ج سُوڙَ (ڪ):** ذ. پٽر جو هڪ قسم.

• **سوڙاُنُ (ت):** ذ. ٻَهُر جا ڪنڌا.

• **سوڙاهَ:** اسر خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سُوڙُو ج سُوڙا:** ذ. صفت. وڙائتو – وڙن وارو – ڳٽائتو – سانجهه وارو – سُرت وارو – سمجهه وارو – حيا وارو – شرم وارو – لڄ وارو. مهربان. نيڪ بخت – پاڳوارو – پاڳوان.

• **سُوڙُو ج سُوڙا (ڪچ):** ذ. طوطو – مٺو – چَتون. (اسر خاص).

اولهه اُتر جي هَوا.

• **سوڙهَ ج سوڙهَون:** ث. [سن. سنڪٽ = تنگي – مشڪلات] تنگي – سنگوڙ – گهُٽ. ڳاهه – تڙ پيڙ – پيهَ. تنگدستي – سقيم حالت – پئسي جي سوڙهه – لاچاري حالت – گهٽتائي – ٽوراڻي – ڪوتاهي – تنگ دلي – تنگ حالي. مشڪلات – ڏُکيائي – تڪليف – مصيبت – پريشاني. مهانگائي – ڏُکارُ – ڏُکَرُ – افلاس. گهرج – ڪاپو – محتاجي – ضرورت – ڪپ. مونجهه – مونجهائي – دل تي بار ٿيڻ واري حالت.

– **سوڙهاڳَ ج سوڙهاڳَون:** ث. جاءِ جي تنگي – سوڙهه. ڳاهتائي. اڻ لانگهو – ڏاڍو. پُختو – پڪو – سخت. چُست – چهٽيل – چنبڙيل (بدن تي ڪپڙو) ننڍيرو – ننڍو – چوتو – ڪوتاهه (بوٽ وغيره). ويجهو – نزديڪ – اوري. (اسر خاص) هڪ شهر جو نالو.

– **سوڙهو پَوَڻُ:** تنگ ڪرڻ – بيزار ڪرڻ – لاچار ڪرڻ – پريشان ڪرڻ. ويجهو اچڻ – ويجهو ۽ سوڙهه ڪرڻ.

– **سوڙهو جهلَڻُ:** گهُٽي جهلڻ – قابو ڪرڻ – بند ڪرڻ – تڪليف ڏيڻ – آزارڻ – پريشان ڪرڻ – لاچار ڪرڻ.

– **سوڙهُ سَنڱوڙُ ج سُوڙها سَنڱوڙا:** ذ. بلڪل تنگ – گهُٽيل.

– **سوڙهُ ڪَرَڻُ:** تنگ ڪرڻ – گهُٽڻ – لاچار ڪرڻ – دٻاءُ رکڻ – زور پرڻ – زيربار ڪرڻ. تڪليف ۾ آڻڻ – مصيبت ۾ وجهڻ – پريشان ڪرڻ.

– **سوڙهُ گهُٽَڻُ:** مجبور ڪرڻ – لاچار ڪرڻ.

– **سوڙهي ج سوڙهيُون:** ث. ماپ ۾ گهٽ – ڪوتاهه. سختي – تڪليف – لاچاري – تنگي – اوڪيائي – ڏُکيائي. سڪرات – موت جو آخرين وقت. ڪوهي بيهارڻ لاءِ ٻيڙيءَ جي تري ۾ ناهيل چوڪنڊي ڪاٺ.

– **سوڙهي سَڱَرَ:** اسر خاص. ڪراچي ۽ هنگلاج جي وچ ۾ جبل جي هڪ سوڙهي واٽ – سوڙهو لڪ – تمام تنگ پيچرو.

– **سوڙهي ڪُنڊَ ج سوڙهيُون ڪُنڊُون:** ث. ننڍي ڪُنڊ – گوني ڪُنڊ ڪان ننڍي ڪُنڊ.

– **سوڙهي ڪُنڊَ ٽِڪُنڊُ:** نوي درجن ڪان گهٽ تنهي ڪُنڊن وارو ٽِڪُنڊو.

• **سُوڙهَ ج سُوڙهَ (ت):** ذ. صفت. هُوڙهَ – تڪڙو. نِڪار –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪمو. لاچار – بيزار – پريشان – ڪَڪ.

– **سُوڙهَ بَنڊي ج سُوڙهَ بَنڊيُون:** ث. هر قسم جي روزاني بلي جي واپارين جي چوپڙي – روزانو هر قسم جي ڏيتي ليتي لکڻ جو ڪاتو.

– **سُوڙهڻُ:** مصدر. حملو ڪرڻ – هلان ڪرڻ – ڪاهڻ – ڪاهه ڪرڻ – جُلهه ڪرڻ. ڏُوکڻ – تکي ڊوڙ پائڻ. اڻ ڪيڙيل ٻنيءَ ۾ هَرُ ڏيئي ٻِجُ چَڻي پاٽي چڙڻ (ت). ڪائڻ – چَٻاڙڻ (ڪ).

– **سُوڙهَ ج سُوڙهُون:** ث. ڊوڙ – ڊُڪ – تکي ڊوڙ – هُڙي – هُوڙهي – رومڙ – سڌي ڊوڙ – تيز رفتار – سَٽ – گهت – لُوهه. جُلهه – ڪاهه – ڏُوڪ – حملو. جهڙپ – جهَٽ – لاماروَ (پکيءَ جو). تڪليف – سوڙهه – گهُٽَ – لاچاري – مشڪلات – تنگي – ڏُکيائي – اوڪائي. بيماري – اگهائي – ڪُمهرائي – لگائي – ناچگائي – بي چاقائي. ٻَٽاڪ – لٻاڙ – ڊاڙ – لاڪ – تڪ. چالاڪي – عياري – مڪاري – اٽڪل بازي – حرفت. ٻنيءَ جي جهنگ جي وَڍَ (ت). وڍُو ڪندو – نيش – پالو. ريتيءَ سان مليل چيڪي مٽي.

– **سُوڙهَا ٻاڙهِي ج سُوڙهَا ٻاڙهِيُون (ت):** ث. تڪڙ – جلدائي – تيزائي – ڇُوهائي – تڪائي.

– **سُوڙهَا ٻاڙهِي ڪَرڻ (ت):** تڪڙ ڪرڻ – تيزائي ڪرڻ.

– **سُوڙهَا ٻاڙِيَ ج سُوڙهَا ٻاڙِيُون (ت):** ث. سُوڙها ٻاڙهي. سُوڙهه. قحط – ڏُڪر – ڏُڪار – ڪوٽ – اڻ لپائي. مهانگائي. احتياج – ضرورت – گهرج.

– **سُوڙهَا ٻاڙِي لَڳَڻُ (ت):** ڏڪر پوڻ. تڪليف ٿيڻ.

– **سُوڙهَ چَتَ ج سُوڙهَ چَتُون (ل):** ث. ريڄ ڏٻئي هَرُ ڪاهيل زمين ۾ ڪيل سارين جي چَتَ.

– **سُوڙهَ ڏَڪاءَ ج سُوڙهَ ڏَڪاءَ:** ڏَڪارَ (ت). ذ. آفت جو آواز – ڏٻڙاٽ.

– **سُوڙهَ ڪَرڻُ (ت):** ٻنيءَ جو جهنگ وَڍڻ – صفائي ڪرڻ.

– **سُوڙهِي ج سُوڙهِيُون:** ث. ڏَريل دال – ڏَڏَر – ڏارو. اڏَر – اڻ چاڙيل. چڻن جو اٽو – بيسڻ (ت). ڪماليت وارو ڪم – ڪمال. دڙو – لَڪ (ڪ).

• **سوڙ ج سوڙ:** ذ. [ف. سوز < سوختن = ساڙڻ] ساڙو – جلڻ – پجر – درد – ڏُک – غم – زاري – گريه – (اسم خاص). هندستاني شاعر منشي محمد ميرجو تخلص.

– **سوزاڪُ ج سوزاڪ:** ذ. عضوه مخصوص ۾ ٽيندڙ هڪ بيماريءَ جو قسم – ٽانڪي جو مرض – پرميل – سُجاڪ – حرقة البول ـ ساڙي جي بيماري.

– **سوزائتوُ ج سوزائتا:** ذ. صفت. سوڙ وارو. ساڙي وارو – تپش وارو – جلن وارو. درد وارو – ڏک وارو – فراق وارو.

– **سوزخوانُ سُوزَخَوانَ:** ث. [ف. سوز + خوان > خواندن = پڙهڻ] هڪ خاص طرز تي مرثيه پڙهندڙ.

– **سوزُ خَوانِي ج سوزَخَوانِيُون:** ث. هڪ خاص نموني جي مرثيه خواني – نَوحه خواني.

– **سوزَش ج سُوزشُون:** ث. ساڙو – جلن – ڪام – تاءُ – باهه – سوختگي. هڪ بيماريءَ جو قسم.

– **سوزُ ۾ سَڙِي وَڃَڻُ:** درد غم ۾ گذري وڃڻ. ڏاڍو حيران ۽ پريشان ٿيڻ. فراق ۾ جلڻ – جُدائي ۾ ڳرڻ – وڇوڙي ۾ گذارڻ.

– **سوزَڪ ج سوزَڪ:** ذ. ڏک – افسوس – رنج – گوندر. ڏنج – سوسُ – آرمان – مصيبت – تڪليف – پريشاني.

• **سُوزَنُ ج سوزَنُون:** ث. [ف. سوزن = سُئي] ڪپڙن سبڻ جي سُئي – اِبُر.

– **سوزَنُ ڪاريِ ج سوزَن ڪاريُون:** ث. [ف. سوزن + کار < کردن = ڪرڻ] پَرت جو ڪم – سيبو – ٽوپو – بخيو – سلائي – ٽانڪو – تاڪو.

• **سُوزَنِي:** ذ. هڪ قسم جو ڪپهه سان پريل ڪپڙو. گهٽن ٽوپن ڏنل ڪپڙو.

• **سوسَ ج سوسُون:** ث. فڪر – ڳڻتي – چنتا – وسواس. انتظار – اون – اونو – اوسيڙو. آسرو – اُميد – پروسو. سنيال – خبرداري – تاپ – پرگهور – نگهداشت – پالنا – پرورش – سنيال.

– **سوسَ پَلُجَڻُ:** دل ڪچڻ – خيال لهي وڃڻ – آسرو نه رهڻ – اُميد نه رهڻ. انتظار نه رهڻ.

– **سوسَ پَلُڻُ:** دل ڪٽي چڏڻ – خيال لاهي چڏڻ. آسرو نه ڪرڻ – اُميد نه رکڻ. انتظار نه ڪرڻ.

– **سوس:** ث. [سن. شش = سُکڻ] سوکڙ – سکڑائي – گهٽتائي.

• **سوسُ ج سوسَ:** ذ. [ف. افسوس > سوس]. ڏک – درد – رنج – ويجار. سستي – ڪاهلي – ڍلائي – ٽوٽپائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سُوساتُ ج سُوساتَ:** پاسي مان تکي لنگهڻ جو آواز – شرڑاٽ – سوست. باهه جي پڑڪڻ جو آواز – شوشات. هري هري وات مان ڪيڏل ڇوڪاري جو آواز – ڇپن سان ڪيڏل ڦوڪ – سُوسراٽ ۽ ڇُوڪاٽ – شوڪات. ڪنهن تتل لوهه يا ڏاتوءَ تي پاڻي وجهڻ وقت نڪرندڙ آواز – ڇُونڇو ۽ ڇونڇاٽ. سُور جو وَڏو – وَٽُ.

– **سُوسَڪُ ج سُوسَڪَ:** ذ. هوا جو زور سان لڳڻ جو آواز – ڪنهن تيز اُڏامندڙ شيءِ جو آواز. نانگ بَلا جو ڦوڪاٽ – شوشت. هوڙ يا پاڇي رڌڻ مهل ديگڙيءَ مان نڪتل آواز – سُونْ سُونْ – شُونْ شُونْ. زوردار شوڪارو – غم سبب ڪنهن ٽڏو ساهه. ارمان ۾ ڪنهن ڏڪهو ساهه. ايذاءَ وقت نڪرندڙ آواز – سُور مهل نڪتل سنهي دانهه.

– **سُوسَڪُ ڪَرڻُ:** زور سان هوا جي لڳڻ يا ڪنهن جي لنگهڻ يا اُڏامڻ جو آواز ڪرڻ. غم جو اظهار ڪرڻ – شوڪارو پرڻ. سُون سُون ڪرڻ – شُوشُون ڪرڻ.

– **سُوسراٽُ ج سُوسراٽَ:** زور سان لڳندڙ هوا جو آواز – سُوست – شُوشَت – زُوزَتَ – سُوسڙاٽ.

– **سُوسڙاٽُ ج سُوسڙاٽَ:** سُوسراٽ.

• **سُوسَادُ ج سُوسادَ (ت):** ذ. سَواد – ذائقو. مزو – لذت.

• **سُوسادُو ج سُوسادا:** ذ. صفت. سواد وارو – لذت وارو – ذائقي وارو – چش وارو – چشڪي وارو – ذائقيدار – مزيدار – سوادي. (ث. سُوسادِي ج سُوسادِيُون).

• **سُوسائِٽِي ج سُوسائِٽِيُونْ:** ث. [انگ. Society = جماعت – سماج] سماج – انجمن – مجلس – سڀا – مندلي. گروهه – ميڙ ستَ. ميل جُول – سنگت – ساٿ. تمدن.

• **سُوسَرُو ج سُوسَرا (ت):** ذ. سَهُرو – مُڙس جو پيءُ (عورت لاءِ) – زال جو پيءُ (مرد لاءِ).

• **سُوسرِي ج سُوسرِيُونْ (ڪ):** ث. ڇلو – نرم ماني – ڪُنئرو ڏوڏو. بي ڏولي مانَي (ل).

– **سُوسڙُ ج سُوسڙا:** ذ. صفت. اڏو گابرو. اڏُورو. پورو پُنو – درميانو – وچڙو – موافق. ٽورو گرم پاڻي – نُنهن سوسڙو – ٽڏو – ٽريل سيتَل. بي پرواهه – مغرور – هٺيلو. بخيل – ڪنجوس – شُوم (ت).

– **سُوسڙُ ج سُوسڙا:** ذ. آتش بازي جو هڪ راندِيڪو – ٽونٽو. عورت جو مخصوص عضو.

– **سُوسڙِي ج سُوسڙِيُونْ:** ث. آتش بازيءَ جي راندِيڪي جو هڪ قسمَ – سُوسُوڙَي – داروُنءَ سان پريل ٽانُوَ – داروُنءَ جو ٽونٽو – هَوائي. چٽنگ – ڇُنڇاتي. چغلي – گهٽ وڌ گاله. فساد – ڦَڏو – فتنو.

– **سوسڙِي هارڻُ (ت):** جهيڙي جو بنياد وجهڻ – فساد مچائڻ.

– **سُوسَڙِي ڏُکائڻُ (ت):** جهيڙي جو بنياد وجهڻ – فساد مچائڻ.

– **سُوسَڙِي مچائڻُ:** سُوسڙِي هارڻ – سُوسڙِي ڏُکائڻ.

– **سُوسُوڙِي ج سُوسڙِيُونْ:** ث. سوسڙِي.

– **سُوسُوڙِيُونْ جاڳائڻُ:** فتنو جاڳائڻ – فساد برپا ڪرائڻ.

• **سُوسَ گهيڙُ:** اسم خاص: ٽر ۾ ٽيندڙ هڪ گاهه جو قسم.

• **سُوسمارَ ج سُوسمارَ:** ذ. [ف. سوس = پٽ ڪيئون + مار = نانگ] هڪ جانور جو قسم – گِلوئي. گوهه.

• **سُوسَنُ ج سُوسَنَ:** ذ. (ف). آسماني ۽ ڦڪي رنگ تي هڪ گل جو قسم – نرگس جو قسم. زبان جي شڪل تي هڪ گل جو قسم. ڦِڪو رنگ – هيبو – زردو – پيلو. زناني سٽ جي ڪپڙي جو هڪ قسم. ڳاڙهو ترُ. اچي لَيڪَ. ڪارو پيٽو ۽ ڪَني زردي.

– **سُوسَنُو ج سُوسنا:** ذ. صفت. ڦِڪو – ڦڪي رنگ تي – هيبي رنگَ وارو – هَيبو زردو – سونهري رنگ وارو – پيلو. گهاٽو آسماني – تکو بلُو – واڳٽائي رنگ وارو بنفشو.

– **سُوسنِي ج سُوسنَيْ:** صفت. نيرو – آسماني.

• **سُوسَنْڊو ج سُوسَنْڊا (ڪ):** ذ. پورو پُنو – وچولو – درميانو – وچڙو – موافق. پورو سُورو. رواجي – هالُو چالُو.

• **سَوسَنْگِي (ت):** ث. ٻوٽي جو هڪ قسم (ننڍڙو ٻوٽڙو. جنهن جي ڏاندي ۾ پست جيڏا هزارها داڻا، دوا طور ڪم اچي) – هزارداڻي.

• **سوسَنُ:** مصدر. گهٽ ڪرڻ – ٽورو ڪرڻ – گهٽائڻ – سُسائڻ – جهپائڻ – نديو ڪرڻ – ڇوٽو ڪرڻ. ٽورو ٽيڻ – گهٽ ٽيڻ – سُسڻ – سوس ڪائڻ. (وهر موجب). اَڻ سَهُو. عورت جو پنهنجي پاڙي واريءَ جو مڪڻ سوسڻ (گهٽائڻ). چوندي "هُتي جو به هت، هُتي جو به هت".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سُوسَ ج سُوسُونْ:** ث. اوٽائي – ڪوٽ قلت – ڪَمي – ڪوتاهي – گهٽتائي – تخفيف – لاٽ – ٽَوَرائي. ڪنجوسائي – بخيلي – ڪفايت – صرفو – سانگو – ٽورو خرچائي – ٽور خرچي. ضعيف – ڏهراڻ – لاغرائي.

– **سُوسا ج سوسائُونْ:** ث. گهٽتائي – ٽورائي – ڪوٽ – درڪار – قلت – اوٽائي – سوسُ. بخيلي – شومائي – ڪنجوسائي.

– **سوسائِيٽِوْ ج سوسائِيٽا:** ذ. صفت. سوسي وارو – صرفي وارو – بچت ڪندڙ – ٽور خرچائُو – ڪفائتي – صرفائي. ڪنجوسائي ڪندڙ. (ث. سُوسائِيٽِي ج سوسائِيٽِيُونْ).

– **سوسو ج سُوسا:** ذ. ڪنجوسُ – بخيل. فڪر – انديشو – اونو – انتظار – ڳڻتي – اوسيئڙو. (ذ – صفت). سُڌائيندڙ – ٽورو گرم – سوسڙو – نُنْهُنْ سوسڙو.

• **سُوسُو ج سُوَسا:** ذ. زنانو مخصوص عضو – شرم گاهه.

• **سُوسُو:** مرج وغيره ڪائڻ ڪانپوءِ وات مان ڪديل شوڪاري جو آواز. سيءُ پوڻ وقت وات مان نڪرندڙ آواز.

– **سُوسُوَ ڪَرَڻُ:** مرج وغيره ڪائڻ ڪانپوءِ وات مان شوڪارو ڪڍڻ. سيءُ پوڻ ڪانپوءِ وات مان ڦوڪاري جو آواز ڪڍڻ.

• **سُوسِيَ ج سُوسِيُونْ (ل):** ث. ڪوهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ تري ۾ سوراخ ٽيل لوڻي. (ث. صفت). ٽوري پاڻيءَ واري. اُها عورت جا مڪڻ سوسي.

• **سُوسِيْ ج سُوسِيُونْ:** ث. [ف. سوسي > سوس = پٽ ڪيئون] هڪ گربيءَ جوَ قسم – ڪورين جو هٿ سان اُٽيل عورتن جي شلوار لاءِ ڪر ايندڙ ليڪن وارو رنگين ڪپڙو – تاسيلو (ت). گِيگر (ت). اڻ ڦيٽهڙ زناني سٽڻ جو ڏوتل رنگين ڪپڙو. ايران جي شهر سوس جي نالي سان ڪپڙو.

• **سُوسِيڙُوْ ج سُوسِيڙا:** ذ. اونو – اوسيڙو – انتظار – اُڊڪو – اُلڪو – فِڪر – سَاروٽي – انديشو.

• **سُوشَلُ:** ذ. صفت. [انگ. Social = سماجي] سُوسائٽي جو – معاشرتي – عمراني – تمدني.

– **سُوشَلِزم:** اسم خاص. [انگ. Socialism] سوسائٽيءَ جو هڪ نظريو – اشتراڪيت – اِجتماعيت.

– **سُوشَلِسْٽ:** ذ. اِشتراڪيت جي اُصولن کي مڃيندڙ – اشتراڪي.

• **سوغاتَ ج سُوغاتُونْ:** ث. (ترڪي سوغات) تحفو – سُوڪڙي – نادري. ڪا ڏنل خاص شيءُ. عمدي شيءُ. نذرانو – پيٽا – پاڪڙي.

– **سوغاتِيْ ج سُوغاتِيْ:** ذ. ث. صفت. نايابَ – اَملهه – خاص. عمده ـ پسنديده ـ وٽندڙ – سهڻو – سُنو – لطيف. تحفي ۾ ڏنل.

• **سوفا:** ذ. [انگ. Sofa = ڪوچ] ويهڻ لاءِ گاديلن سان ڪُرسي – ڪوچ.

– **سوفاسيٽ ج سوفا سيٽ:** ذ. مڪمل تن گاديلن واريون ڪُرسيون، هڪ ٻَڏي ۽ ٻه مجرد يا اڪيليون.

• **سُوفارُ ج سُوفارَ:** ذ. (ف). تير جو مٿو. سُئي جو پاهو – پاڪو.

• **سُوڪَ ج سُوڪُونْ:** ث. سوڪهاڙو – سُوڪَهَڙَ – ٽوڻائي – پاڻيءَ جي اٿاٽ – سوڪڙ – پاڻيءَ جي قلت. (ث). ننڍن ڪانن واري جوئر جو هڪ قسم. (ث) پهاڄ – سوڪڻ.

– **سُوڪَ ٽِيَڻُ:** سوڪهڙو ٽيڻ – پوڪ ۾ پاڻيءَ جي قلت ٽيڻ. اَن جو سنگ مري وڃڻ – اَن ڪان سواءِ سنگ ٽيڻ.

– **سُوڪَڙَ ج سُوڪَڙُونْ:** ث. سوڪ – سوڪاڙو – خشڪي – سُوڪهڙ – سوڪهڙو – پاڻيءَ جي اٿاٽ. تَئِي "فصل جي".

– **سوڪڙو ج سوڪڙا:** ذ. صفت. سُڪل واري حالت – سوڪائي – سوڪڙو – سُوڪهڙو – پاڻيءَ جي اٿاٽ – پاڻيءَ جي ڪَمي. بُک – ڪاڏي جي گهٽتائي – لنگهڻ – فاقو.

– **سُوڪهڙوْ ج سُوڪهَڙا:** ذ. صفت. سڪل واري حالت – سوڪ – سوڪڙ – خشڪي – سوڪهڙو – سوڪڙو. بُک فاقو – لنگهڻ.

– **سُوڪهَڙوْ ڪَيَڻُ:** بُک ڪڍڻ – فاقو ڪڍڻ.

– **سُوڪهَڙوْ ڪَرَڻُ:** سوڪ ڪرڻ – خشڪي ڪرڻ – سُڪائڻ. هوا ڏيڻ – سڄ جي گرمي ڏيڻ لاءِ ڪولي رکڻ – وائکو ڪرڻ.

– **سُوڪهَڙِيْ ج سُوڪهَڙِيُونْ:** ث. صفت. سوڪ واري حالت – سوڪاڙو – سوڪائي – سوڪهڙائي. اَٽاڻائي – پاڻيءَ جي ڪمي – پاڻيءَ جي قلت – خشڪي.

• **سُوڪُ ج سُوڪَ:** ذ. صفت. سُڪل – سخت ٿوٽ – خُشڪ – ڏاڍو – ڪَڙَڪ. چڱيءَ طرح پڪل – سيڪيل "ماني" يا "فصل" – نرمي چڏي ويل ماني. ڏڪ – غم – ارمان – الم – دُک – گوندر. تنگي – سوڙهه – جُوکائي (پئسي جي) اِفلاسُ. بک – فاقه – فاقو – ڪاڏي جي اٿاٽ. ڪشالو – تڪليف.

– **سُوڪَ مانيُ پڇائڻُ:** خوب سيڪت ڏيڻ – سخت مارڻ – سخت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سزا ڏيڻ. تعدي ڪرڻ – جُٽ ڦٽ ڪرڻ. ڪجهه بہ نہ ڏيڻ. لنگهڻ ڏيڻ – ڪاڏي ڪان نراس رکڻ.

- **سوڳ مانيڻ ڪرڻ:** سوڳ ماني پچائڻ.

• **سوڳ ج سُوڳُونْ:** ث. سُوسات – سُوست – شُوڪو – شُوڪاٽ – ڦوڪ – ڦوڪارو – شوڪارو – شوڪو – ڇُوڪارو. [سن. شوڪ = ارمان] ڏک – غم. مقعد – ڳچي. عورت جو جنسي عضو.

• **سُوڳَرُ ج سُوڳَرُوْنْ (ث):** ث. وڏ ڦڙي مينهن جو زور سان آواز – سخت برسات جو پري کان گجڪار – ڏڏڪو – شوڪو – زوڪو.

• **سُوڳ ج سُوڳُونْ:** ذ. [سن. سُک = سولائي] سولائي – آساني – سهنجائي – سهولت. آرام – فرحت – قرار – راحت – اَنند – سُک. خوشي – سرهائي – ڪِل – بُود. (ذ – صفت). سولو – سهنجو – آسان – سهولت وارو.

- **سُوڳاڻِ ج سُوڳاڻُونْ:** ث. سولائي – سهنجائي – آساني – سوڳائي – سوڳيڙائي – سهولت – سوڪت – سوڪپ.

- **سُوڳائِيْ ج سُوڳائِيُونْ:** ث. سوڳاڻ.

- **سُوڳَتَ ج سُوڳَتُونْ:** ث. سوڳاڻ – سوڳائي – سوڪپ.

- **سُوڳُ ج سُوڳا:** ذ. سَوَلو – سهنجو – سهولت وارو – سوڳيرو – آسان. آسودو – سُکيو – خوشحال. خوش – راضي – نِهال – پرسن. متارو – بدن ۾ پيريل – تلهو.

- **سُوڳيرُ ج سُوڳيرا:** ذ. صفت. ٿورو سولو – ٿورو سوڪو – ٿورو آسان. سوڪ وارو – سهنجاتو – سولائي وارو – سهنجو – آسانيءَ وارو. ٿورو خوش – ٿورو متارو.

- **سُوڳِڙِيْ ج سُوڳِڙِيُونْ:** ث. سوغات – تحفو. نذرانو – پيتا. هديه – ڏالي.

• **سُوڳِڙِيْ پاڳِڙِيْ ج سُوڳِڙِيُونْ، پاڳِڙِيُونْ:** ث. سوغات وغيره.

• **سُوڳمِيْ ج سُوڳمِيْ (ل – ث):** سڪيو – آسودو – خوشحال.

• **سوڳُ ج سُوڳ:** ذ. [سن. شوڪ = ارمان] ڏک – رنج – غم – تڪليف – مصيبت – ارمان – ستم – اندوهُ – سياپو – ماتم – زاري. خاوند مرڻ بعد عورت جو اختيار ڪيل طريقو – سُوءَ، مُئل ماڻهوءَ لاءِ ڪيل ڏُک – مئي جو (تن. ڏهن يا تيرهن يا چاليهن ڏينهن لاءِ رسمي) ماتم. ميراڻ – ميرائي – ناپاڪائي – نفرت – ڪراهت – حقارت.

• **سُوڳَ ج سُوڳَنُونْ:** ث. نفرت – بُڇان – ڪراهت – حقارت – ڏِڪار – ڏَپ – بَدبُوءِ ـ خراب بانس. عورت جي مرد جو مرڻ کان پوءِ اختيار ڪيل طريقو.

– **سُوڳ اڇڻ:** نفرت اڇڻ – حقارت اڇڻ.

– **سُوڳارُ ج سُوڳارا:** ذ. صفت. نفرت وارو – ڪنو – گَدلو – گَندو – حقارتي. سوڳ وارو – نفرت ڪندڙ – پاسو ڪندڙ – ڏوراڇو.

– **سُوڳالُ ج سُوڳالا (ث):** ذ. سُوڳارو.

– **سُوڳائِتُ ج سُوڳائِتا:** ذ. سُوڳارو – سُوڳي.

– **سُوڳِيْ ج سُوڳِيْ:** ذ. سُوڳارو – سُوڳالو.

• **سُوڳيارو ج سُوڳيارا:** سوڳالا.

• **سُوڳِنُ ج سُوڳِنا (ث):** ذ. صفت. سُنو – موجارو – چگو – ملوڪ ذ. ڪپڙي جو ناهيل گڏو.

• **سُوڳَنِيْ ج سُوڳَنِيُونْ (ث):** ث. چوپڙ جي راند ڪرڻ جي ساري – گوت.

• **سَوْڳَنُ ج سَوڳَنْ (ث):** ذ. [ف. سوگند = قسم] قسم – سُنهن – ساک – حلف. ويساهه – پت.

– **سَوڳَنْدُ وڇَهْ:** سنهن ڏيڻ – ساک گهرڻ – قسم وڇهڻ. سوگن ڏيڻ.

– **سُوڳَنْدَ ج سُوڳَنْدَ:** سَوگن – سوڳن – سوڳَنْدُ.

– **سَوْڳَنْدُ ج سَوْڳَنْدَ:** ذ. سَوْگن.

• **سوڳُ ج سوڳ:** ذ. [سن. شوڪ = ارمان] سوگ – ڏک – افسوس – غم.

– **سوڳارُ ج سُوڳارا:** ذ. صفت. سوگارو – سوڳ وارو – سُڳرُ – ماتامي – سُڳرُ – ڏکويل.

– **سوڳِيْ ج سوڳِيْ:** ذ. صفت. سوڳ وارو – ڏُکي مَلول – غمگين – دردِيلو.

• **سُوڳرُ ج سُوڳرا (ت):** ذ. ڪاٺ جو ٿهيل بانڪ وانگر هڪ اوزار.

• **سوڳهارو ج سوڳهارا:** ذ. لوهار جو اوزار ہ چيرون وچان ڪلي – جڙ هڪ پَڪڙ جنهن جي هڪ طرف لغام وغيره جهلي ٻئي طرف روات هٽندا – ڪنهن ڏڻ ڏني تہ "ہ زالون اڳڻ هڪڙو" يعني سوگهارو.

• **سوڳهُ ج سُوڳها:** ذ. ظرف. [سن. سُ = چگي طرح + گرہ = پڪڙ] قابو – جوپ – پَڪو – پختو – ڏاڍو مضبوط. ڪپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوڙ – محڪم – ثابت قدم – ويرجوان – هٿيڪو. صحيح سلامت – سلامت – محفوظ – سانپيو – ٽانيڪو – سالم – پورو – آجوڪو – بي ضرر – بلائتو.

– **سوگهاڻ:** پڪائي – پختائي – ڏاڍائي – مضبوطائي – محڪومائي. قابو واري حالت.

– **سُوگهائِي ج سُوگهائِيُون:** ث. سوگهاڻ.

• **سُوگهُوجهلَڻ:** قابو جهلڻ – مضبوط جهلڻ.

• **سُول:** اسر خاص. هڪ قسر جي مچي.

– **سَوَلَ (ت):** ظرف. سويل – سويلو – ساجهر – سوير – اڳوات.

• **سولْ:** صفت. [انگ. Civil= ملڪي] مُلڪي – مالي – انتظامي – ديواني – تمدني. خليق – مهذب – شريف – حليم – سنجيده. تعليم يافته – پڙهيل.

– **سولْ جَجْ:** (انگ) ديواني مقدمن جو فيصلو ڪندڙ حاڪم – عَدالت جو صاحب – قاضي – مفتي – انصاف ڪندڙ.

– **سولْ سَرْجَنْ:** (انگ) غير فوجي ڊاڪٽر – اعليٰ درجي جو ڊاڪٽر.

• **سَوَلْ سَرْوِسْ:** (انگ) غير فوجي ملازمت. ضلعي جي عملداري.

• **سَوَلْ سَرْوَنْٽ ج سولْ سَرْونْٽَ:** ذ. (انگ) وڏي عهدي وارو غير فَوجَي ملازم.

• **سولْ ڪُوڊ:** (انگ) ديواني قانونن جو دستور العمل.

– **سَوَلْ ڪُورٽ ج سولْ ڪُورٽُون:** ديواني عدالت – ڏيتي ليتي جَيَ مقدمنَ جي ڪَورَٽ – ڏيواني مقدمن جو عدالت خانو.

– **سولْ لا:** ديواني قانون.

– **سَوَلْ لِسْٽ:** مُلڪي ملازمن جي فهرست – سول سروس ۾ ڪم ڪَندڙ ملازمن جي فهرست.

• **سُوَلُ ج سُوَلَ (ل):** ذ. هوشيار – چالاڪ – سياڻو – ڏاهو – سمجهو. موقعو – وجهه – وارو.

• **سُوْلُ ج سُوْلْ:** ذ. ساز – ميل – صلح. جوڙ – موافقت – ڳانڍاپو. سهڻي سٽاءَ.

• **سُولُ ٽي وجڻ:** پوَرو جڙي وجڻ – سهڻو ٽي وجڻ – راس ٽي وجڻ.

• **سُولُ:** ت. اسر خاص. ننڍي نئن جيڪا گاج نئن مان نڪري.

• **سُولانْڪڙُو ج سُولانْڪڑا (ت):** ذ. سوراخ – تنگ – چيد – پور – ڏر – ڏَرو.

• **سُولانْگي (ڪ):** اسر خاص. هڪ نئين جو نالو.

• **سَوْلُو ج سَوْلا:** ذ. صفت. سليس – آسان – سهنجو – سؤکو – سٹرو. چگو. فائديوارو. آسودو – سُکي. ايماندار – سپتيو – سچو.

– **سَوْلائِي ج سَوْلائِيُون:** ث. آساني – سهنجائي – سهولت. سڏائي – بيهڪ – پورائي – موافقت – موافقي.

• **سولجَرُ ج سولجَرَ:** ذ. (انگ. Soldier) سپاهي – فوجي – فوج جو جوان.

• **سولْڊَنگي:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سُولْهَهُ ج سُولْهَهُ (ت):** ذ. تڪليف ۾ اچڻ – مشڪلات ۾ پوڻ – ڏکيائي ۾ پوڻ.

• **سُولِهِي ج سُولِهِيُون (ت):** ث. راند جو هڪ قسر.

• **سُولِي ج سُولِيُون:** ث. [سن. شولم = سوري] سُوري – ڦاهي. مصيبت – تڪليف.

– **سُولِي ڏِيڻْ:** سُولِيءَ تي چاڑهڻ – ڦاسي ڏيڻ – موت جي سزا ڏيڻ.

– **سُولِي تي چَڑهَڻْ:** ڦاسيءَ تي چڙهڻ – تنگجڻ – موت جي منهن ۾ وڃڻ – ڏسي وائسي جو ڪائتو ڪم ڪرڻ.

– **سُولِي چاڑهَڻْ:** ڦاسي ڏيڻ – تنگڻ – لٽڪائڻ. موت جي سزا ڏيڻ – تڪليف ڏيڻ – مصيبت ۾ وجهڻ.

– **سُولِيءَ چَڑهَڻْ:** ڦاسيءَ تي چڙهڻ – تنگجڻ – لٽڪڻ.

– **سُولِي هُئڻْ:** ڦاسي هئڻ – ڦاهي هئڻ. جان جو عذاب هئڻ جو ڪائتو ڪم هئڻ.

– **سُومارُ ج سُوماڙ:** ذ. [سن. سومَ + وار = ڏينهن] هفتي جي هڪ ڏينهن جو نالو – (اسر خاص). هڪ ماڻهوءَ جو نالو.

– **سُومَرُ ج سُومَرَ:** ذ. هفتي جو هڪ ڏينهن – سُومار. ماڻهوءَ جو نالو.

• **سومالاڙِي:** اسر خاص. هڪ بلوچ قبيلي جو نالو.

• **سُوْمانُ ج سُوَمانَ:** ذ. [سن. سو = پاڻ + مان = عزت]. خود عزت – پاڻيهي پاڻ کي ڏنل عزت – سؤمان.

• **سُومانَ پور:** اسر خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سُومتَ ج سُومتُون (ت):** ث. گندگي – غلاظت – ناپاڪائي – پليتائي – بي پاڪائي – گندائي – ميرائي. آرس – آلس – گرُ – سُستي – ڍلائي – ڍرائي – ڳهير – ڪاهلي – ٽوٽپائي.

– **سُومتَ لاهڻ:** گندگي لاهڻ – غلاظت ڦٽي ڪرڻ. صفائي ڪرڻ

– پاڪائي ڪرڻ – اڇائي ڪرڻ.
- **سُومتيْ ج سُومتيْ:** ذ. صفت. غلاظتي – گندو – گندگي وارو – اڻ صفا – ميرو – ڪنو – گدلو – ناپاڪ – پليت. قريل – مُلحد – ڪافر. آرسي – ڪاهل – توتي.
• **سُومرا:** اسر خاص. تعلقي گوني يا تندي محمد خان جي تپي آڪڙي ۽ تپي ڪاتيار ۾ ديهن جا نالا. هڪ قبيلي جو نالو. "سومرا حڪمران جن سنڌ تي حڪومت ڪئي".
• **سُومَراسَرَ:** اسر خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سُومرائيْ:** اسر خاص. تعلقي سڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سُومَراءِ جاڳيُرُ:** اسر خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سُومَرُ سانگيْ:** اسر خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سُومَرڪيْ:** اسر خاص. تعلقي گوني ۽ تعلقي ديري محبت ۾ ديهن جا نالا.
• **سُومَرُڪيْ جاڳيُرُ:** اسر خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **سومريت:** اسر خاص. تعلقي ننگرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سُومريجيْ:** اسر خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سومنَاتُ:** اسر خاص. پارت جي گجرات پرڳڻي جو مشهور تاريخي مندر.
• **سَومَنْ واريْ:** اسر خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سومَهَڙيْ ج سومَهَڙيُون (ت):** ث. رات جو سمهڻ وارو تاڪو – سانجهيءَ کان بعد وارو وقت – عشا – سَنجهو – سُتي لوڪ – سُومهياڻي – سُوهمياڻي – سُمهاڻي – سهُماڻي.
- **سومهياڻيْ ج سُومَهياڻيُونْ:** ث. سومهڙي.
• **سونْ:** ذ. [پرا سوٹرُ: سن. سُوَرَنْ = سون] نهايت قيمتي ڌاتُوءَ جو هڪ قسم – ڪَٽ نہ چڙهڻ وارو ڌاتُو – زَرّ ـ ڪنچن – ڪُندن – طلا (ذ. صفت). نِج – اصل. اُتر – اعليٰ – اُجو – سٹو – عاليشان.
- **سونارا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **سونارو ج سونارا:** ذ. صفت. [سن. سَوَرْنَ + ڪار = سون ٺاهيندڙ] سون جو ڪم ڪندڙ سون جا زيور ٺاهيندڙ – سونار.

سون وارو – سون جو واپاري زرگر – صراف – شراف.
– **سونارِڪوْ ج سونارڪا:** ذ. صفت. سوناري جو.
– **سونا سگ چاڙهَنْ:** گهُنڊيون پائڻ – گهُنڊ وجهي نهارڻ – شور وجهي ڏسڻ – ڪاوڙ مان ڏسڻ.
– **سونا مَڪيْ:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر – سون جي مَرَ مان ناهيل هڪ وکَر.
– **سونا وَرْقَ:** ذ. سون جا ناهيل سنها پردا.
– **سونْ ٽِيَنْ:** نصيب وارو ٽيٺ – سياڻو ٽيٺ – سَدورو ٽيٺ – بخت وارو ٽيٺ – وڏ پاڳو ٽيٺ – چگو ٽيٺ – سٹو سگلو ٽيٺ.
– **سونْ چانْدِيْ:** ذ. زر مال – ڌَن دولت – مال ملڪيت – پئسو ڏوکڙ – گهُه گهُنو – مال متاع.
– **سونْ ڪي ڪَسُ نہ هُئَنْ:** سدائين هڪ جهڙو هئڻ – هميشہ هڪ حال ۾ هجڻ. پاڪ هجڻ – صاف هجڻ.
– **سونْ مُلَيَنْ سانْ وڙهائيَنْ:** بي رپائي ڪرڻ – پُورو انصاف ڪرڻ.
– **سونو ج سونا:** ذ. صَفت. سون جو – سون وارو – سون مان ٺهيل طلائي – زرّين. بلڪل سٹو – خاصو – عمدو – سهڻو – چوکو. نِج – نبار – صاف – صفا – پاڪ – پوتر – بي عيب.
– **سونو پاڻيْ:** ذ. چانديءَ جي زيورن کي ڏيڻ ۾ ڪم ايندڙ سون جو پاڻي – سون جو مُلمعو.
– **سونو پاڻيْ چاڙهَنْ:** چانديءَ جي گهُه کي مُلمعو چاڙهڻ.
– **سونو پاڻيْ ڏيَنْ:** سونو پاڻي چاڙهڻ.
– **سونو پاڻيْ ڪَرڻُ (ت):** سونو پاڻي چاڙهڻ. اڇو لاءِ مرحبا ڪرڻ – آڇيان ڪرڻ – پلي ڪار ڪرڻ.
– **سونو سجّ اُپَرَنْ:** سياڻو ڏينهن ٽيٺ – فائدي وارو ڏينهن هجڻ – سدورو ڏينهن ٽيٺ.
– **سونو ڪَنُورُ هَٿ ۾ هُئَنْ:** پنڌ ڪان آر نہ هُئڻ – فقيريءَ جو رستو اختيار ڪرڻ – گداگريءَ کان شيُ ڪو نہ ڪرڻ.
– **سونو نَڪُ وڃهَنْ (ت):** عزت رکڻ – وڏو مان ڏيڻ. وڏو ٿورو ڪرڻ.
– **سونْهَريْ ج سونْهَريْ:** ذ. صفت. سون جي رنگ جهڙو – سونو – طلائي – زرّين. ڳاڙهاڻ تي مائل – ڳاڙهيسرو. تجلا ڪندڙ – تجلائي – ٻڪندڙ – چمڪندڙ.
– **سونيارو ج سونيارا (ٿ):** ذ. صفت. سون جو – سونو – طلائي – زرّين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سونڀ ٻانهن هٿ ۾ هُنڌ:** معتبر ضامن هئڻ – کولادار هئڻ. آسودو ماڻهو هٿ ۾ هجڻ – کو شاهوکار ماڻهو چيلو هجڻ.

– **سونڀ تڏ سان ڪَچَ (ت):** سڀ هلت ڪرڻ – چگي چال هلڻ – سُڀي روش اختيار ڪرڻ. ڪنهن کي وڏي عزت يا مان ڏيڻ.

– **سونڀ دانگي جڙهڻ (ت):** سخت ڏکار پوڻ – اناج جي تمام کوٽ پئجي وڃڻ.

– **سونڀ ڪلنگي هُجڻ:** وڏو ماڻهو هُئڻ – معتبر هئڻ.

– **سونڀ مان سان مٽي ڏيڻ:** قرض وري موتائي نه ڏيڻ – اُڌار واپس نه ڪرڻ.

• **سوناپ (ل):** ث. مچيءَ جو هڪ قسم.

• **سوناريَ (ل):** ث. زناني سُٽ جي ڪپڙي جو هڪ قسم (پيٽو نارنگي، ليڪ ۽ وٽ ڳاڙهي). سونارن جي عورت.

• **سونا سيرو:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پسارکي وکر جو هڪ قسم.

• **سوناف (ک):** ذ. مچيءَ جو هڪ قسم رنگ سونهري.

• **سوناگيڙو:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارکو وکر. ڳاڙهي، ڦڪي، ۽ سونهري رنگ جي مٽي.

• **سونامڪي:** ث. دوا طور ڪَم ايندڙ هڪ پسارکو وکر – سون مڪائي.

• **سونائي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سُونڀ ج سُونڀون (ت):** ث. سونڀ – سُوڳ – ڪراهت – نفرت – ڏِکار – چوڀ – شيڪو – چيڪو.

– **سُونڀ ڪرڻ:** سونڀ ڪرڻ – سُوڳ ڪرڻ – پاسو ڪرڻ – نفرت ڪرڻ – ڪراهت ڪرڻ – ڏکار ڪرڻ – شيڪو ڪرڻ.

• **سُونهٻي ج سُونهٻيُون (ت):** ث. منهن جو پاڳو – چهري جو حصو – مهانڊو – شبيهه.

• **سُونهٻي ج سُونهٻيُون (ت):** ث. ٻاجهري (پوکيل) جا گونڇ.

• **سونڀَ ج سونڀَون (ک):** ث. ڪپڙي وغيره کي ڪترڻ جو اوزار – ڪَتَر – ڪينچي.

• **سونڀَ ج سَونڀَون:** ث. سڏائي – سنوائي – ليول – مٽاچري جي هڪجهڙائي. سولائيَ – سهنجائي – آساني – سوکائي. عقل – سمجهه – هوشَ. انڪل – تجويز – رتَ – رٽا.

– **سونڀاتو ج سونڀاتا (ک):** ذ. صفت. سمجهه وارو – عقل وارو – عقلمند – عاقل – سياڻو – سمجهو.

– **سونڀَرڻُ:** مصدر. سنوت تي اچڻ – سڏي وات تي آڇڻ سڏرڻ – سالم ٽيڻ – هوشائتو ٽيڻ – سياڻو ٽيڻ.

• **سونڀَڻُ (ل):** مصدر. سولو ٽيڻ – سهنجو ٽيڻ – آسان ٽيڻ – سوکو ٽيڻ. سڏرڻ – ڏاهو ٽيڻ – سياڻو ٽيڻ.

• **سُونڀَڻُ (ل):** مصدر. خريدي وقت ٽوري رقم اڳواٽ ڏيڻ – سوٽي ڏيڻ – بيانو ڏيڻ – پيشگي ڏيڻ. ائڊوانس ڏيڻ.

• **سُونڀِيو ج سُونڀِيا (ٽ):** ذ. ٽانوَن جي هيٺان رکڻ جو نوڙي ڪکن جو ٺهيل چکرو – سينهون – مُوڙي – هُوڙِيُ – مولهاتو – سينهي.

• **سونڀو ج سونڀا (ل):** ذ. ڏُکو – ڏُنڀو – سوٽو – ٽلهي لٽ – بانڊو – (ٽ) سؤنو (ذ. صفت). ٽلهو – متارو – ڏُڌستو – منڪو

• **سَونڀِي ج سَونڀِيُون (ک):** ث. نڪ جو سوراخ – ناکوٽي – چونٽي – ناس.

• **سُونڀِي ج سونڀِيُون (ٽ):** ث. پيٽ جو وُڇ – ڏُن – ناف.

• **سُونڀَ (ٽ):** ث. وکر جو هڪ قسم – سَڪل ادرک – سُنڌَ.

• **سُونڀَڻُ (ل):** مصدر. سونهائڻ – راه ڏيکارڻ. موکلڻ. لَهڻُ – لَهڻُ – هٿ اچڻ – ملڻ. سُجاڻڻ – پَچاڻڻ – شناخت ڪرڻ تَکڻ – جاچڻ – ڏسَڻ – پَسڻ – نهارڻ. ارادو ڪرڻ – نيَت ڪرڻ – خيال ڪرڻ – ويچار ڪرڻ. اميد ڪرڻ – آسرو ڪرڻ اختيار ڪرڻ – وَس ڪرڻ. پسند ڪرڻ – قبول ڪرڻ خريداريءَ وقت ڪجهه رقم اڳواٽ ڏيڻ – سُوٽي ڏيڻ – بَيانو ڏيڻ – پيشگي ڏيڻ.

• **سُونلو:** سونهايو – ڏيکاريو.

• **سُونلوُ ج سُونلا (ک):** ذ. صفت. سونهون – واقف – جاڻو – سُجاڻو – واقفڪار – پُومو.

• **سُونلي:** اسر خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سونڀاڙ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سونڀ ڀٽ:** ذ. جبل جو ٻوٽو. رات جو ٻري، سج ڏي لڙندو آهي دم ڪشيءَ لاءِ ڪارگر. سُڪائي، گهوٽي، ڪڙ جي تريل آني مٽان وجهي، دم واري ڪي ڪارائجي.

• **سُونڀِرين (ٽ):** ث. پرت جو هڪ قسم (ٽڪندي شڪل تي).

• **سونڀَڻُ:** مصدر. [سن. سَم = جڳي طرح + ارپ = ڏيڻ] سُپرد ڪرڻ – حوالي ڪرڻ – چارج ۾ ڏيڻ – قبضي ۾ ڏيڻ – ذميداريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ہر ڈيڻ – ذمي ڪرڻ – اڑيڻ. سنيال ہر ڈيڻ – هٿ ہر ڈيڻ – رکيا ہر ڈيڻ – نگهباني ہر ڈيڻ. پارت ڪرڻ – سفارش ڪرڻ.

– **سونپ ج سونپُون:** ث. حوالي ڪرڻ جي حالت – سُپردگي – ذميداري – قبضو – چارج. سنيال – رکيا – نگهباني – رکشا – نگهداشت. پارت – سُپارت.

• **سونپُوڙ:** اسر خاص. تعلقي عمرڪوٽ ہر هڪ ديهه جو نالو.

• **سُونجڙو ج سُونجڙا (ل):** ذ. صفت. ڳجهيءَ طرح ملڪيت گڏ ڪندڙ – لِڪَ ہر مايا ميڙيندڙ – ڳجهڙو. ڪنجوس – مکيچوس – چَمڙُوس – بخيل. (ذ). وڌيڪي اوزار جو هڪ قسم – ننڍڙي ڪارائي. وڻ جو هڪ قسم – سُڻانجڙو – سُهانجڙو.

• **سُونجهَڻ:** مصدر. [سن. سُوجْ = خبر پوڻ] ڳولڻ – ڦولهڻ – ڍونڍڻ – تلاش ڪرڻ – جاچڻ. جاچ رکڻ – خبر وٺڻ – سَڌ وٺڻ – سماءُ وٺڻ – سنيال لهڻ. وات نهارڻ – تڪڻ. ڏسڻ – نهارڻ – پسڻ. نُوس نُوس ڪرڻ – نوسڻ. خيال ڪرڻ – سوچڻ – ويچار ڪرڻ.

– **سُونجهہ ج سُونجهُون:** ث. ڳولا – ڦولها – تلاش – نهار – جاچ – تجسس. جاچ جوچ – پچا ڳاڇا – دريافت. جاڻ – سَڌ – سماءُ. عقل – هوش – دماغ. خبر – معلومات – واقفيت – نُوس نُوس.

– **سُونجهڙو ج سُونجهڑا:** ذ. صفت. ڳولينڊڙ – نهارينڊڙ – تلاش ڪندڙ – جاچينڊڙ – ڦولهينڊڙ – دريافت ڪندڙ.

– **سُونجهہ سُونجهہ لائڻ:** هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ – نُوس نُوس ڪرڻ – جاسُوس پائي ڪرڻ – ناسُون هٽڻ.

– **سُونجهڙو ج سُونجهڙا:** ذ. صفت. ڳولينڊڙ – ڳولڻو – ڦولهڙو – سُونجهيو – پُرسان – پُڇ پڇيو. نُوس نُوس ڪندڙ – نُوسڻو. عجب جهڙو – عجيب. هَوس ناڪ – لوپي – لالچي – طمعي.

– **سُونجهوڙ ج سُونجها (ت):** ذ. صفت. ڳولينڊڙ – ڳولائو – واقف – جاڻو – خبردار. سونهون – رهبر – پيشوا – هادي. اڳواڻ.

• **سُونجهيو:** سُونجهو.

• **سونڄ ج سونڄُون (ل):** ث. ٽورو آواز – پٽڪار – پٽڪات. ڪَڙَ.

– **سونڄو ج سونڄا:** ذ. آواز – غوغاءِ – ڪڙڪو – ڪَڙَ. سانباهيءَ. ڇُرپُر – سنبت. فڪر ـ اُلڪو – اُدڪو – انديشو – پوءِ – ڊپ – خوف – ڈر – ڊِجُ – سنڪو – خطرو. وڌيڪي اوزار جو هڪ قسم – ڪارائيءَ جو هڪ قسم.

– **سونڄر ج سونڄَرُ:** ذ. ڳڻتي – اوسيڙو – فڪر – انديشو – الڪو – اُدڪو. ماندڪائي – وَسوَسو. ڪارولوڙ.

– **سونجهو لائڻ:** لامارا ڈيڻ.

– **سونڄَرُ لُوڙ:** ذ. ڪارولُوڙ.

• **سُونڊرو ج سُونڊرا (ت):** ذ. پاٽيءَ تي ٽيندڙ هڪ ہوڏي جو قسر.

• **سُونڈَڙ:** اسر خاص. تعلقي نوشهري ہر هڪ ديهه جو نالو.

• **سُونڈَ (سُونڈبُ) ج سُونڈبُون (سُونڈبرُون):** ث. [سن. شُنْدا] هاٿيءَ جو دِڳهو نڪ – سُونڈ. ڊُوناڙ – ڊُون – ہُوٽ – ہوٽاڙو. منهن ہر ڪاوڙ جو گهُنڊ – گهُنجُ – شور. قوڪَ – شُوڪَ – ڪاوڙ – غصو – شوخي. ريل جي انجڻ اڳيان ٺهيل لوهي ڇڇهري.

– **سُونڈ پائڻ (سُونڈبُ پائڻ):** ڪاوڙ مان پرُون گهنجائڻ – شور وجهڻ – گهُنڊ وجهڻ – شُوڪجڻ – ڪاوڙ ڪرڻ – غُصو ڪرڻ – رنج ٽيڻ – ناراض ٽيڻ – منهن سجائڻ.

• **سُونڈِرو، سُونڈبرَ:** ذ. صفت. مُنهن ہر گهنڊ وجهندڙ – منهن سُجيل – گهُنڊبرُ – قوڪيل – ناراض.

– **سُونڈبو (سُونڈبرُو) ج سُونڈبا (سُونڈبرا):** ذ. صفت. سُونڈ منهون – سُونڈ مڪ – سُونڈبرُ.

– **سُونڈ وَڌائڻ (سُونڈبُ وَڌائڻ):** شور وجهڻ – منهن ہر گهُنڊ وجهڻ – ناراض ٽيڻ – ڪاوڙجڻ.

• **سُونڈا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سُونڈبَرَ:** اسر خاص. تعلقي ٺٽي ہر هڪ ديهه جو نالو.

• **سُونڈبَڙُ (ل):** مصدر. واپس اڇڻ – وري اڇڻ – موٽڻ – ورڻ – موٽي اڇڻ – واپسي ڪرڻ.

• **سُونڈبو ج سُونڈبا (ت):** ذ. ڪچين لئِن مان ٺهيل ڪارو – ڇَبو – توڪرو – چهلو. پکيءَ جو هڪ قسم – گِجهَ (ل).

• **سُونڈبِي:** اسر خاص. تعلقي ٺٽي ہر هڪ ديهه جو نالو.

• **سُونڈَڙ ج سُونڈيُون:** ث. [سن. شُنْدا: شُونْدَ = سُونڈ] هاٿيءَ جو دِڳهو نڪ – سُونڈ. دُوناڙ – دُون – ہوٽاڙ – ہُوٽاڙو – ہُوٽ. ريل جي اڳيان ٺهيل لوهي پجرو.

• **سُونڈِلو ج سُونڈِلا (ل):** ذ. لَٺِي يا ڄار جي سنهين ڪائين مان ٺهيل ڪارو – توڪرو – چهلو – چبو – ڏَلهو – ٽهٽو.

– **سُونديو ج سُونڈيا:** ذ. سُونڈِلو – سُونڈبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سُونڊيڻ:** مصدر. ڳولڻ – سونجهڻ – ڍونڍيڻ – جاچڻ – نهارڻ – ڦولهڻ. نُوسڻ – نُوس ڪرڻ.

• **سوئرو ج سوئرا (ل):** ذ. صفت. چڱو پلو – تندرست – ٺيڪ – جوپ – چاق – تازو – توانو. طاقتور – بَلِي – زوراور – بهادر. هوشائتو – هوش ۾ ـ سالِمُ. (ضد. اَونرو = ڏنگو).

• **سونس ج سونسَ (ت):** ذ. قسم – سُنهن – ساڪ – ويساهُ – حلف – سَڳنڊ – سوگنڊ. وچن – انجام – هول.

• **سونسار ج سونسار:** ذ. [سن. سونسار = دنيا] سنسار – دنيا – جهانُ – جڳنڊ – جڳت. دنياوي ڏنڊا – گهرَ ٻارَ – ٻارُ ٻچا – گهرُو معاملا. چوبول (ڪنهن ڳالهه) – سُٽ سُٽ.

• **سونسو ج سونسا:** ذ. وَسوسو – شَڪ – گمان – سنسو – پرم – وَهم.

• **سُونْ سُونْ:** ث. (آواز) شُونْ شُونْ – نَڪ مان نڪتل آواز – سنگهڻ جو آواز – ٻاڪ واري پاٽيءَ جو آواز – زور سان هوا لڳڻ جو آواز – سُوسڙاٽ – شوشٽ – سيسڙاٽ.

• **سونڌ ج سونڌ:** ذ. پسارڪي وڪرَ جو هڪ قسم – هڪ قسم جي ٻوٽي جو خوشبودار ٻج جو داڻو – وَڏَڻ – وَڏَ – بادِيان.

– **سونڌ رُومي:** ذ. سونڌن جو هڪ قسم.

• **سونڪڙي ج سونڪڙيون (ت):** ث. ناس – نسوار. ناس جي ڊبلي – سُونگهي – سونگڙي.

• **سونڪو ج سونڪا:** ذ. [سن. شَنْكا = ڊِپ] ڊَپ – هراس – خوف – ٻيءُ – ڏَڙ – ڊِڄ – فِڪر – ڳڻتي – انديشو – اُدڪو. دَمَ جي بيماري – سَهڪو.

• **سونڪ ج سونڪون (ت):** ث. پوشيدگي – صفائي – سٿائي. نفرت – ڏِڪار – ڪراهت – سُوڳ.

– **سونڪارو ج سونڪارا:** ذ. صفت. سُونگ وارو – سُونگ ڪندڙ – سُوگارو. صفائي وارو – صفائي پسند – اُجرو – اُوجل.

– **سونڪ ڪرڻ:** ڪنهن ڳهڻتائي سبب استعمال نه ڪرڻ. ڪراهت ڪرڻ – سُوڳ ڪرڻ.

• **سونڪڙي ج سونڪڙيون:** ث. ڪپهه جي گوگڙي جي ڪَلَ يا ڇلڻو – سُونڪڙي.

– **سونڪڙي ج سونڪڙيون (ت):** ث. ڪپهه نڪتل گوگڙو – سونگري ڪپهه جي پوٽي (ل).

• **سونگل:** اسر خاص. ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سونگڻ (ل):** سونگهڻ. سنگهڻ – بُوءِ وٺڻ – نَڪَ سان واسُ وٺڻ.

• **سونگ:** ذ. چونگي – محصول – ناڪو – اڪٽ – لوازمو.

– **سونگڙ ج سونگڙ:** ذ. پتڙ تي اڳاڙيل محصول.

– **سونگي ج سونگي:** ذ. صفت. محصول اڳاڙيندڙ – وصولي ڪندڙ – ناڪي وارو – اڪٽ وٺندڙ – چونگيءَ وارو. (ث) چونگي – محصول.

• **سونگڻو ج سونگڻا (ت):** ذ. اڏ گول جي شڪل تي ننڍي بُسري – ڳڙ وجهي پچايل اڏ گول جي شڪل تي ماني – اڏ گول ڳڙياري.

• **سونگڻي ج سونگڻيون (ت):** ث. ڳڙ وجهي اڏ گول جي شڪل تي پچايل ماني. ڏنبي جي چربيءَ کي ڪاڙهي سٽي ڪڍي ڇڏڻ بعد ۾ بچيل چربي. ڪاڏي طور استعمال ٿيندڙ. ناس – نسوار جي ڏهلي – (ث. صفت). اَپري – ضعيف – ڏُهري – لاغر – نحيف (ت).

• **سونگو ج سونگا:** ذ. [سن. شُلكَ] ڪاٺ جو ڏاهلو – ڪاٺ جو ٻهڪڙ. ساز جو هڪ قسم – طبلو – ڏُڪڙ. (ڪ) سُوئر جو ڏند – ڪات.

– **سونگي ج سونگيون:** ث. ننڍڙو سونگو – ڊهلي – سُونگڙي.

– **سونگيءَ سائ (ل):** ذ. شاديءَ جي هڪ رسم – گهوٽ ۽ ڪنوار اڳيان ڊهليءَ رکڻ ۽ ڳائڻ جو هڪ ساڻ.

• **سونگهڻ:** مصدر. سنگهڻ – نڪ سان هوا وٺڻ – بُوءِ معلوم ڪرڻ – واسُ وٺڻ. ناسُون هڻڻ.

• **سونگهي ج سونگهيون:** ث. سونگي.

• **سونڙ:** اسر خاص. عورت جو نالو (سونيءَ جو اسر تصغير) – دودي سومري جيءَ جو نالو.

• **سونڙ اهڙ:** اسر خاص. تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سونڙ ڪائي:** ث. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم – سونا مڪي.

• **سونڙ مياڻي:** اسر خاص. بلوچستان جي هڪ سامونڊي بندر جو نالو. (ڪراچيءَ کان ۲۴ ميل پري).

• **سونڙ:** اسر خاص. تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سونڙ (ل):** مصدر. سواد وٺڻ – ذائقو وٺڻ – چکڻ. فال وٺڻ – سَڻڻ ڪرڻ – سُڃڻ ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سونواھُ:** ث. اسر خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سونو ٻَنڊِي:** ث. اسر خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
– **سُونْهَنْ ج سُونْهُونْ:** ث. [سن. شوبَن: پرا. سوهَرَ] سوڀيا – حُسن – خوبصورتي – سونهپ – سهڻائي – زيب – زينت – سُندرتا. ڏَما – چمڪو – جلڪو.
– **سُونْهارُ ج سُونْهارا:** ذ. صفت. سونهن وارو – خوبصورت – سهڻو – سُندر – سوڀياوان – ملوڪ – زينت وارو – وٽندڙ – موهَنُ – موهيندڙ. هردل عزيز – ڪِل مُڪ – سهاجهڙو – نيڪ سياڻ – حليم – نرم طبيعت وارو. پلارو – سڳورو – پاڪ – شريف – اشراف. ظاهر – پڌرو – مشهور. (اسر خاص). ماڻهوءَ جو نالو.
• **سُونْهارُ ٻَتِي:** اسر خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سُونْهائِڻُ:** مصدر. ڏسڻ لائق – وات ڏيڪارڻ – وات لائڻ – رستو لائڻ – سُونهون ڪرڻ – واقف ڪرڻ. هلائڻ – پَسائڻ – وٺي وڃڻ – گستاخ ڪرڻ – هيرائڻ – حجتي ڪرڻ. سيبائڻ – ٺهڻ – جڳائڻ – وٽڻ – سهڻو لڳڻ – پورو لڳڻ – موزون لڳڻ – نباهڻ – بجا آڻڻ – پجائڻ – پاڙڻ – پورو ڪرڻ – سرانجام ڪرڻ – وفا ڪرڻ – سڃو ٽيڻ.
– **سُونْهائِي ج سُونهائِيُونْ:** ث. اڳواڻي – رهبري – رهنمائي – پيشوائي – معلّمي – جهانگڏاري. سُونهپ – واقفيت – جاڻ سڃاڻ – پچاڻ.
• **سُونْهارِي ج سُونْهارِيُونْ:** ث. ڏاڙهي – ريش – سُنْهاري. ڪورين جي اصطلاح ۾ تاجيءَ سنوارڻ جو هڪ اوزار (ت). (ث. صفت). زينتدار – خوبصورت – چڱي – عُمدي – پَلي – خُوب.
• **سُونْهالُ ج سُونْهالا (ڪ):** ذ. صفت. سونهالو – سُنهالو. زياده ـ سرس.
• **سُونْهَڙ:** اسر خاص. تعلقي بدين. تعلقي ميرپورخاص ۾ تعلقي ٽنڊيِ باگي ۾ ديهن جا نالا.
• **سُونْهَرِي:** ث. صفت. [سن. سُوَرْڻ = سون] سون جي رنگ جهڙيَ. چمڪندڙ. (ذ). سارين جو هڪ قسم (ڪ). (اسر خاص). هڪ ذات جو نالو (ت). تعلقي گوني. تعلقي ٽنڊي الهيار. تعلقي ڊگهڙي. تعلقي روهڙي. تعلقي عمرڪوٽ. تعلقي ٽنڊي باگي. تعلقي ميرپور ساڪري ۽ تعلقي ميرپور بٺوري ۾ ڪن ديهن جا نالا.
– **سُونْهَرِي سَمَنْڈُ (ت):** ذ. گهوڙي جي رنگ جو هڪ قسم.
• **سُونْهَڙا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾).
• **سُونْهَڙ ج سُونْهَڙِيُونْ:** ث. ٻيڙي – ڊُونڊي – ڪشتي – بتيلو. ڪاٺ کي چلڻ ۽ پالش ڪرڻ جو هڪ روات.
• **سُونْهَڻُ:** مصدر. [سن. شوبَن = خوبصورت] سنهڙو لڳڻ – زيبدار ٽيڻ. خوبصورت لڳڻ – حسين لڳڻ. سُونهَنْ – نَهَڻُ – جڳائڻ. سيبائڻ. ڳولڻ – جاچڻ – ڏسڻ. (ج سونْهَڻ: ذ) ڪاٺ جو سُوئو – ڪاٺ جي ڪِلي – ڪاٺ جي سيخَ – مارفو – ڪُشُولُ. سمندر جي پاڻيءَ تي ٽيندڙ مال لاءِ مٿو ۽ طاقتور گاهه "ڪاري جيئن ڪرن. رنگ مڙيئي واسيا. سونهڙ جيئن سيڻن. مٿو ساڻ نه مڙيو".
– **سُونْهَپ ج سونْهَپُونْ:** ث. اڳواڻي – رهبري – رهنمائي – سُونهائي. معلومات – سُڌ سماءُ – خبرچار. شاهدي – گواهي – ثبوت. سُهڻائي – خوبصورتي.
– **سُونْهُونْ ج سُونْهانْ:** ذ. صفت. رهبر – واقفڪار – جاڻو – خبردار – معلومات رکندڙ. اڳواڻ – هادي – پيشوا – مهندار – سردار – معلم – اڳواڻ – آرڪائي.
• **سُونْهِي:** اسر خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سُونْهِيرا:** اسر خاص. ڪوهستان ۾ رهندڙ هڪ قبيلي جو نالو.
• **سُونْهِيرِي:** اسر خاص. ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سُونْهِيڻْ ج سُونْهِيُونْ:** ث. (ف. سُوهان) پاڻيءَ جي ننڍي واهي – ڪَسي – گَٽ. جهاز ران جي ننڍي ٻيڙي – بتيلو – ڊُونڊي – ڪشتي.
• **سُونْهِيُونْ:** اسر خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سُونْئالُو ج سُونْئالا (ڪ – ٿ – ل):** ذ. صفت. سرسيرو – وڌيڪ – ٽورو زياده.
• **سُونْئالِي ج سُونْئالِيُونْ (ٿ):** ث. اڳين ڪڙيل زمين – هر ڏنل زمين. (ڏاڍيءَ جو ضد).
• **سُونٹرو:** اسر خاص. تعلقي ديري محبت يا ماتلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سونيا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو (خيرپور ضلعي ۾).
• **سُونيانهَ:** اسم خاص. ٽرِ هڪ پٽَ جو نالو ــ هڪ ڳوٺ جو نالو.
• **سُونِياتَ ج سُونِياتُونْ:** ث. نَڪهَير کان ناس طور ڏيڻ لاءِ پنن جو اٽو ــ ٻُورو.
• **سونيريْ:** ذ. لاڙ ۾ ٽيندڙ چانورن جو هڪ قسم ــ سونهري.
• **سُونيْلِيْ:** وَس جي گاهه جو هڪ قسم. (چوٽيءَ ۾ ڦُڪو خوشبوءَدار گل، ڏنار ڪتوريءَ مثل).
• **سَوَنْ ج سَوَنْ:** ذ. [سن. شَكُنَ = ساڻ] ساڻ ــ سُڄُڻُ ــ سَنْوَنْ ــ فال ــ شگون. اڳ جاڻ ــ شروعات.
ــ **سَوَڻائتو ج سَوَڻائتا:** ذ. صفت. سُڻي سوڻ جو ــ نيڪ فال وارو ــ سُڄڻائتو ــ سڳورو ــ سياڳو.
ــ **سَوَنْ سُڄَنْ ج سَوَنْ سُڄَنْ:** ذ. سوڻ ساڻ ــ رسمون رواج.
ــ **سَوَنْ ڪَرَنْ:** ساڻ ڪرڻ ــ فال وجهڻ ــ شگون ڪرڻ ــ چَڪَنْ (ڪنهن ڪاڏي مان). ڪنهن هار جو بيماريءَ ۾ ساڻ ذريعي علاج ڪرڻ.
ــ **سَوَڻِيْ ج سَوَڻِيْ:** ذ. صفت. ساڻ ڪندڙ ــ سُڄَڻ ڪندڙ. سَوَنْ ڳنڍيندڙ ــ فالچي. اڳواڻ صحيح ڪري ويندڙ.
• **سُوڻَنْ (ت):** مصدر. سُجهڻ ــ سوجهي ڪرڻ ــ سوجُ ڪرڻ ــ سُجهي پوڻ ــ ٽوٽر ڪرڻ.
ــ **سُوڻلُ ج سُوڻَلْ:** صفت. سُٽو.
ــ **سُوڻو ج سُوڻا:** ذ. صفت. سوڻيل ــ سُجيل ــ سوج وارو ــ سُڳل ــ ٽوٽر وارو. ٽُلهو ــ ڦيڦو ــ مُسڪو ــ دَونْسو.
ــ **سُوڻو مُوڻو ج سُوڻا مُوڻا:** ذ. صفت. سُجيل ــ سجُيل ــ ٽرٽريل ــ سُوڻل ــ ڦُوڪيَل. ڪاوڙيل ــ ناراض ٽيل ــ غصي ٽيل. رُسٽو. تيسر ــ ڪيتائي ــ ضدي ــ هوڏي ــ هٺيلو.
ــ **سُوڻو مُوڻو هُئَنْ:** ضدي هئڻ ــ نٽر هُئڻ ــ ڊنَر هُئڻ. رُسندڙ هئڻ ــ ڦوڪجندڙ هئڻ.
ــ **سُوڻِيَلُ ج سُوڻِيَلْ:** ذ. صفت. سُجيل ــ ڦُوڪيل ــ ڦُوندِيل ــ سُوڻل. ٽلهو ــ ڦيڦو.
• **سَوَنْ:** ذ. صفت. هڪ مند وارو.
• **سوهاتو ج سوهاتا (ت):** ذ. صفت. وٽندڙ ــ پسند ايندڙ ــ سيبائيندڙ ــ سُٺو لڳندڙ.
• **سوهارُ ج سوهارا (ت):** ذ. هڪ پاسي جو وزن ــ ڪاڻ.
• **سُوهانُ ج سُوهانَ:** ذ. ڪاڻيءَ يا لوهه ڪي گسائڻ جو هڪ اوزار ــ ٽِڪوري ــ رواٽ ــ سُونهَڻ.
• **سوهانِ رُوحْ:** ذ. صفت. روح کي تڪليف پهچائيندڙ ــ دل کي آزارِيندڙ ــ دل ڏکوئيندڙ ــ گران خاطر.
• **سُوهائِنْ (ت):** مصدر. واقف ڪرڻ ــ سُونهون ڪرڻ ــ سُونهائِڻ ــ خبر ڏيڻ. سيکارڻ ــ پاڙهڻ ــ سمجهائڻ ــ مغز ۾ وهارڻ ــ هدايت ڪرڻ.
• **سَوهَڙو ج سوهڙا (ت):** ذ. شاديءَ جو گيت ــ سهرو ــ لاڙو ــ گِيْچ.
ــ **سوْهَڙوْ ج سوهڙا:** ذ. سوْهرو.
• **سوْهڪِيْ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۽ تعلقي سجاول ۾ ديهن جو نالو.
• **سُوهَڙُ ج سُوهَڙَ (ک):** ذ. ڏک ــ تڪليف ــ مصيبت ــ ڏاڪڙو ــ جاکوڙ ــ ڪشالو ــ دُک ــ پيڙا ــ آزار.
• **سوهمو ج سوهما (ت):** ذ. آرام ــ فرحت ــ قرار ــ چَئنُ ــ راحت ــ جمعيت ــ سُک ــ تسڪين ــ مزو ــ لطف. سُهمو ــ طعنو ــ ڏوراپو (ت).
• **سوهنْجو ج سوهنْجا (ت):** ذ. صفت. سَولو ــ سهنجو ــ آسان ــ سَهُڪو ــ سوکو.
• **سُوهَڻُ ج سُوهَڻُونْ:** ث. ڪاٽ ڪي لسي ڪرڻ جو لوهه اوزار ــ سُونهَڻ ــ رواٽ ــ ٽِڪوري ــ رواتي.
• **سُوْهَڻُ:** مصدر. سجاڻڻ ــ پچاڻڻ ــ واقف هجڻ ــ سُڌ هجڻ ــ جاڻ هجڻ ــ واقفيت ڪرڻ ــ معلومات ڪرڻ. سونهڻ ــ ٺهڻ ــ جُڙڻ ــ جُڳائڻ (ج. سُوهَڻ: ذ) هُرلي جي ڦرهي ۾ نڪتل تنگ ۾ پيل ڪاٻي.
• **سُوهَڻُونْ ج سُوهَڻانْ:** ذ. خواب ــ سپنو. جيئن: "آيل سوهڻو رڌ، سُهٽي ڪامَ وسهي" (شاهه ڪريم).
• **سوهْو (ت):** ذ. زَمين کوٽڻ بعد ٻن تن فوٽن بعد نڪرندڙ واري.
• **سوهُوْ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **سُوهِيْ ج سُوهِيُونْ:** ث. جاءِ تڙ ــ جڳهه ــ مڪان ــ ٽانُ ــ هنڌ ــ گهيڙ. جيئن: "مولا مون ڏيکار سُوهِيُون ساموندن جون" (خان زئي). راڳ جي سُرجو هڪ قسم.
• **سوهيْترُ ج سوهيْتَرَ (ت):** ذ. (ف. شهتير) جاءِ جي ڇت ۾ لڳل وڇ وَارو وڏو داسو ــ شَهْتِيرُ ــ ڪام.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سُوهيڙو ج سُوهيڙا (ڪ):** ذ. سُرمون – سوئيرو.
• **سوهَيڙو ج سوهَيڙا:** ذ. [سن. سُوَپ = سمهڻ] سپنو – خواب – سهڻو.
• **سُوءِ ج سُوئُون:** ٿ. [سن. شُوڪ: ف. سوگ =ڏُک] سوگ – سوڳ. ڪنهن عزيز جي مرڻ بعد زالن جي هڪ ادا ڪيل رسم – غم جي رسم – عدت. ساموندي مڇيءَ جو هڪ قسم.
- **سُوءِ لاهڻُ:** عزيز جي مرڻ بعد ڪنهن خاص ڏينهن تي زالن طرفان هڪ ادا ڪيل رسم پوري ڪرڻ.
- **سُوءِ لَهَرائڻُ:** پاڙي وارين زالن جو گڏجي قضئي واري گهر جي زالن سان عدت پوري ڪرڻ جي رسم ادا ڪرڻ.
- **سُوئِيٽو ج سُوئِيٽا:** ذ. صفت. سُوءَ ڪندڙ – ماتامي – غم ۾ گذارينڊڙ – غمگين – ڏکارو – ڏکويل – دردمند. سُوءَ وارو.
• **سُوءِ:** ٿ. (ع). برائي – خرابي. بيماري – اڳهائي – ناچاڪائي – لڳائي – ڪُمهرائي. (ف). طرف – پاسو – جانب. (ذ. صفت). بُرو – خراب – بَد – بُڇڙو – ڪنو – گندو.
- **سُوءِ اِتّفاق:** ذ. موقعي جي خرابي – وقت جي برائي – مهل جي خرابي. بي مهلائي – بي موقعائي – اوچتي حالت.
- **سُوءِ اَدَبُ:** ٿ. بي ادبي – بي حُرمتي – بي فضيلتائي.
- **سُوءِ ظَنُ:** ذ. بدگماني – بدظني – خيال بد. بَدنيتي – بي ايماني.
• **سُوئا ج سُوئائُون:** ٿ. صفت. ڪير ڏينڊڙ مينهن. ڏڳي. ٻڪري وغيره. (ذ). پاڇيءَ جو هڪ قسم. مڇيءَ جو هڪ قسم.
- **سُوئاپٽو ج سُوئاپٽا (ت):** ذ. مال جي ڪير ڏيڻ جو وقت.
- **سُوئانْجو ج سُوئانْجا:** عورت جي ويم وقت طاقت ۽ علاج جي پڙي.
• **سُوئرُ ج سُوئَرَ:** ذ. سن. (سُوکَرْ) جهنگلي جانور جو هڪ قسم – مَرُوْنْ – خنزير. (ذ. صفت). بي غيرت – بي حيا – بي شرم.
- **سُوئَراڻو ج سوئَراڻا:** ذ. صفت. سُوئر جو – مَرُوْنْءَ جو. بي غيرتيءَ جو – بي حَيائيءَ جو.
- **سُوئَرجهلُ (ت):** سُوئر کي بيهارڻ – سُوئر کي پڪڙڻ.
• **سُوئرُ ج سُوئرا (ت):** ذ. سُرمون – سوئيرو.
• **سُوئرُ ج سُوئرا:** ذ. سوپارين وڻ جو اوزار – سوئڙي.
• **سُوئَمُ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **سُوئنْچو ج سُوئنْچا:** ذ. فڪر – چنتا – ڳڻتي – غم – ڏک – ڏُک. پيڙا – درد. سُورَ – سُجاڳي – سجاڳ (ت).
• **سوئِنُ:** مصدر. [سن. سُدّ = صاف] چونڊڻ – صاف ڪرڻ – ڪک پن ڪيڏڻ – ڌُهڙِي لاهڻ. ڪنهن وڻ تان سنهيون تاريون ڪپڻ – ڪنهن تاريءَ تان پن روڙڻ – پاڇيءَ جا پن صاف ڪرڻ. سُسائِنُ ـ سوڙهو ڪرڻ – چپن کي سوڙهو ڪرڻ (ت).
– **سوءِ ج سوئُون:** ٿ. جُونڊَ – جَنڊ چاڻ – صفائي – روڙ. ڌُهَڙَ (ت).
– **سوءِ ڪَرڻُ:** وڻ يا ٻوڙي جون هينيون تاريون ڪپڻ. وڍڻ ـ صفائي ڪرڻ. جَنڊ چاڻ ڪرڻ.
– **سوئنُ سڪوئڻُ:** پاڇين پُتين مان ڪَک ڪچرو ڪيڏي چڏڻ. ذرو ذرو بَڇائي پورت ڪرڻ.
• **سُوئنُ (ڪ):** ذ. ڪيٽي بندر طرف ٽيندڙ گاهه جو هڪ قسم – سونهڻ.
• **سوئنِي ج سوئنِيُون (ل):** ٿ. نڙ ۾ سوراخ ڪيڏڻ جو ڏڳو گڙ.
• **سُوئو ج سُوئا:** ذ. لوهه مان ٺاهيل (گوٽين وغيره سبڻ لاءِ) وڏي سُئي. ڪٽڪ، ڏَپ يا گاهه وغيره مان ٺڪتل سنهون تيز ڪَنڊو. ڪڇيءَ جي قَرهي جو چنبدار ڪنڊو. ڪنڊو – سيلهه – ڪانٽو. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم – سُوئو.
– **سُوئو ڏُنبَنُ:** ايذاءِ رسائڻ.
– **سُوئِي ج سُوئِيُون:** ٿ. سبڻ جو اوزار – سُئي – اِبر ـ سوزني.
• **سوئِي:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۽ تعلقي ميهڙ ۾ ديهن جو نالو. اوباوڙه تعلقي ۾ هڪ درگاهه جو نالو – سوئي شريف. سوئي گئس.
• **سَوئِيتَرُ ج سوئِيتَرَ (ت):** ذ. شُهيتر – سوهيٽر.
• **سوئِيرو ج سوئِيرا (ت):** ذ. سُرمو – سوهيرو – سوئرو. ڪَجَلُ – ڪجليو.
• **سُوئِيَوْ ج سُوئِيا (ت):** ذ. ڏُٽ جو هڪ قسم.
• **سوئِي:** ٿ. ڪٽڪ ڪائينڊڙ جيت جو هڪ قسم – سُرو. (اسم خاص) هڪ شهر جو نالو – سبي.
• **سُوئِيالِي (ڪ):** ٿ. هڪ راند جو نالو.
• **سويتَ ج سويتُون:** ٿ. (ت) برابري – هڪجهڙائي – مشابهت. پُورائي.
• **سويٽ:** اسم خاص. روس جو ملڪ – رشيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سَويرَ ج سَويرُونْ:** ث. ساجهر – سويلائي. (ظرف). جلدي – اڳ ۾ ـ سويلَ – ساجهُر – سويلو – اڳي – شروع ۾ ـ پهرين – سگهو.

– **سَويرَهُونْ:** ظرف. ساجهُر – سويلو – سويل – جلدي – سيگهه ۾ ـ سگهو – جهٽ پٽ.

– **سَويرڙاهُونْ:** ظرف. سويل پرو – ٿورو سويل سان – ساجهر پرو – سَويرڙو – ٿورو جلدي.

– **سَويرڙُو:** ظرف. سويل پرو – ٿورو سويل سان – سيگهه سان – سويرَڙاهون.

– **سَويرو ج سَويرا:** ذ. صبح جو وقت – سويلائي. (ظرف). سويلي – سويلو – سويري – ساجهُر – سيگهه سان – سيگهڙائي ۾ ساويلو – سويرڙو. صبح جو – صبح جو وقت – پرهه ڦٽي – پرهه بانڪ.

– **سويري:** ظرف. جلدي – ساجهُر – سويلو – سويرو.

• **سُويڙ (ڪ):** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

– **سُويساهَ ج سُويساهَ (ت):** ذ. چڱو ويساه – پت – اعتبار. (ذ. صفت) ايماندار – سپتيو – ڪاريت وارو – امانتي – اعتبار وارو.

• **سُويساهو ج سُويساها:** ذ. صفت. سُويساه وارو. ايماندار – ڪاريت وارو – اعتبار وارو "سُويساها ڪاپڙي پريا پراهين پنڌ"

• **سُويلَ ج سُويلُونْ:** ث. [سن. سَويلا < سَ = سا + ويلاَ = وقت] سوير.

– **سُويلاهُونْ:** ظرف. ساويلو – سويل ڪان – ساجهر – ڪڏهن جو – ڪڏهوڪو – ويرم لڳي – سويري. (ذ. صفت). سويل وارو – اڳيون.

– **سُويلو ج سُويلاَ:** ذ. سَويلائي – ساجهُر. (ظرف). ساجهُري – جلدي – سيگهه سان – سويرو – سويلِيرَو – ساجهُر – سگهو.

– **سُويلو:** ظرف. سويري – ساجهُر – جلدي – سگهو – سويلو – سويُر.

• **سُويلو ج سُويلاَ:** ظرف. (سَن) جڳي وقت تي – جڳيءَ مهل تي – ويلائتو – مهلائتو – مهل سر – بروقت.

• **سَوينْ:** صفت. سَو دَفعا – سَؤ پيرا – سَو گهمرا. ڪيئِيْ – ڪيترئونئِيْ.

• **سِه:** صفت. (ف) هن کان بعد وارو انگ – تِيْ – (۳).

– **سِه چَنڊُ:** ذ. ث. صفت. تيٽو – تيٽِيْ.

– **سِه شَنْبَه:** ذ. آچر کان ٽيون ڏينهن – منگل – اڱارو.

– **سَه ماهِيْ ج سِه ماهِيُونْ:** ث. سال جو چوٿون حصو – تي مهنا – ٽ ماهِيْ.

• **سَهَ ج سَهُونْ:** ث. سهيلي – ساهڙي. بندش – سختي – روڪ – منع. ڪوشش. مجتا (فعل سهڻ).

– **سَهَ هُجَنْ:** بندش هجڻ – روڪ هجڻ – منع هجڻ. پيار هجڻ برداشت هجڻ.

• **سَهْ:** حرف جر. ساڻ – سان.

• **سهَ ج سهُونْ:** ث. ڪُونڊَ.

• **سَهُ ج سَهَ:** ظرف. [سن. سدْ = برابر] پورو – برابر – ٺيڪ مڪمل. نهايت. تهه سيارو.

• **سَها:** اسر خاص. مالڪوس راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• **سُها ج سُها:** ذ. ننڍو تارو. پُڇ ساڻ – سُهائو تارو.

• **سُهابَتُ ج سُهابَتَ:** ذ. چئيدار – چئي وارو – چئيوان.

• **سُهاتِيْ ج سُهاتِيُونْ:** ث. صفت. سهي واري – سَهنج واري – وجهه ۽ سجهه واري. ث. ايري پوک.

• **سُهاجڙُ ج سُهاجڙا:** ذ. صفت. سهاجهڙو. وٽندڙ – هردل عزيز – موهن. ڪل مڪ.

• **سَهاجُ ج سَهاجا:** ذ. صفت. سليڇٽو – خوش اطوار – سُڌا تورو – شائستو. ڇيو مجيندڙ – فرمانبردار – چئي وان. نهٺو – نئڙت وارو – نياز وارو.

• **سُهادُ:** ذ. پيندڙيءَ جي هوتيءَ مثل هڪ ڏگهو هوتو – تاندار سڳن ناهڻ جي ڪم ايندڙ – ڪوڙِي سٽِي – سُجاتو.

• **سهار:** هڪ پسارڪو وکر.

• **سَهارَنْپُوريْ اَنْبُ:** اسر خاص. انب جو هڪ قسم – سهارنپور جي پاسيَ جو انب.

• **سَهارَنْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سَهارَنُ:** مصدر. [سن. سَهَ = سهڻ] آڏار وٺڻ – آڏار ڏيڻ – سهارو ڏيڻ. مدد ڪرڻ. همت ٻڌائڻ. همدردي ڪرڻ.

– **سَهارُ ج سَهارا:** ذ. آسرو – اُميد – آس – پروسو – آسانگو – ٽيڪ – جهلو – آڏارُ – مدد – وسيلو – توقع – جهل – سهائتا – پالنا – حمايت – سرپرستي – تڪيه – قوت – توانائي – اطمينان.

– **سَهارُ ڏِيڻُ:** مدد ڏيڻ – ساٿ ڏيڻ – پرجهلو ٽيڻ – همراهي ڪرڻ – همدردي ڪرڻ. آڏ ڏيڻ – ٽيڪ ڏيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سَهارُ ڪَرڻُ:** وسيلو ڪرڻ. همدردي ڪرڻ. آڏ ڏيڻ – ٽيڪ ڏيڻ.
– **سَهارُ ڳولڻُ:** آسرو ڳولڻ – آڌار ڳولڻ – پناهه ڏوندڙ. همدرد ڳولڻ.
– **سَهارُ وڃڻُ:** مدد وڃڻ – پناهه وڃڻ – آڙ وڃڻ – همدردي حال ڪرڻ – مدد وڃڻ.
• **سُهارِي ج سُهارِيُون:** ث. ٻُهاري – ٻُهارُ – ٻُهاري سُهاري.
• **سَهاڙ ج سَهاڙَ:** ذ. سُهاڳ. سڪ. (اسم خاص). ساهڙ – ميهار.
• **سُهاڳ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **سُهاڳُ ج سُهاڳَ:** ذ. [سن. سياڳيه: سُ = چڱو + پاڳيه = پاڳ] سياڳ – بخت – پاڳ – خوشحاليءَ سڌي قسمت – پيار – قرب – محبت. مڙس جو پَرٿي وارو پيار – مڙس جي حياتيءَ تائين پائڻ جو ڇُهُ. (نَتَ، پوپو. مانگهه ڪوڪو وغيره). مڙس جي زنده هڻڻ جي نشاني. خاوند يا گهر وارو. (اسم خاص) هڪ ماڻهوءَ جو نالو.
– **سُهاڳُ اُڃلڻُ:** مڙس جي مرڻ بعد نَتَ لاهي چڏڻ – سينگار نه ڪرڻ – خوشي نه ڪرڻ.
– **سُهاڳ پاڳ هُڻڻُ:** سڌو پاڳ هڻڻ – بخت جو ورڻ.
– **سُهاڳ رات:** ث. شاديءَ جي رات – پرٿي جي رات – وهانوَ جي رات – شبِ عَروسي.
– **سُهاڳُ سَرڻُ:** مهر وارو مڙس ملڻ. گهر جو نصيب ٽيڻ – عيش ۽ آرام حاصل ٿيڻ – ڏُهاڳ ڏُور ٽيڻ.
– **سُهاڳ سيجَ:** ث. شاديءَ جو پلنگ – گهوٽ ڪنوار جي سمهڻ جي ڪَٽ.
– **سُهاڳ لاهڻُ:** مڙس مرڻ بعد نَٿ، ڇُهه وغيره لاهڻ – رناپڻ ظاهر ڪرڻ.
– **سُهاڳُ ماڻڻُ:** مڙس سان خوش هجڻ – مڙس جو زنده رهندو اچڻ.
– **سُهاڳُ ج سُهاڳِيُونْ:** ث. مڙس واري – وَرَ واري – شوهر واري. مڙس جي زنده هڻڻ واري زال. پنهنجي خاوند جي پياري زال – پياري يا دادلي زال. بختاور – نصيب واري – پاڳ واري. پرٿيل. (ضد. ڏُهاڳڻ).
– **سُهاڳ واريُ ج سُهاڳ واريُون:** وَرَ واري. مڙس واري – خاونداري – شوهر واري – پرٿيل.
– **سُهاڳُ وَڃڻُ:** مڙس وڃڻ – پرٿجڻ – شادي ڪرڻ.
– **سُهاڳِي ج سُهاڳِيُونْ:** ث. سُهاڳڻ – مڙس واري – وَرَ واري. بخت واري. (ذ. صفت).
• **سُهاڳِي:** ذ. صفت. سڪيو – سياڳو – خوش – عزت وارو – هلندي پُڄندي وارو – رسوخ وارو. وٽندڙ – پسند آيل.
• **سُهاڳا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **سُهاڳُو ج سُهاڳا:** ذ. زمين کي سنوٽ ۾ آڻڻ ۽ پترن ڇڻڻ جو اوزار – سينوَر. سون يا چاندي جي ڳاڙهڻ لاءِ ڪار جو هڪ قسم – ڪنگڻ ڪار – هڪ پسارڪو وَڪرُ.
• **سُهاڳِي:** اسر خاص. تعلقي ڊگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَهامُ ج سَهامَ:** [ع] ذ. تبر – ٻاڻ – ڪان – سيل.
• **سُهانُ ج سُهانَ (ث):** ذ. اَنُ تارڻ جو ڪم – اَن صاف ڪرڻ جو ڪم.
• **سُهانُ ڪَرڻُ:** اَن تارڻ جو ڪم – اَنُ صاف ڪرڻ جو ڪم.
• **سُهانُ ڪَرڻُ:** اَنُ تارڻ. انُ صاف ڪرڻ.
• **سُهانْجرُو ج سُهانْجرا:** ذ. [سن. شوپانجن =] هڪ وڻ جو قسم. جنهن جون قربُون ۽ گل پاڇيءَ طور استعمال ٿين. (اسم خاص). تعلقي ميربور ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سُهانْدرُو ج سُهانْدرا:** ذ. سُهانجرُو.
• **سُهانْگُو ج سُهانْگا:** ذ. صفت. [سن. سُمَرْگهه: سُ – چڱو + ارگهه = اگهه] سستو – ڪَر خرچ – ڪفايتي – گهٽ قيمت وارو – ارزان. جهجو. سولو – آسان.
– **سُهانْگائِي ج سُهانْگائِيُونْ:** سستائي – ارزاني – سُڪَرُ.
– **سُهانگپ ج سُهانْگپُونْ:** ث. سَستائِي – سُڪَرُ.
– **سُهانْگ سُجاڻڻُ:** سهانگائي جو قدر ڪرڻ – سَستي شيءَ کي اجايو نه وڃائڻ – هٿ ڦاڙ نه بنجڻ – قناعت ڪرڻ.
• **سُهانو ج سُهانا:** ذ. [سن. شُوسَ = سوجهرو] روشنائي. خوشي.
• **سُهانُ ج سُهاڻُ:** ذ. ڪاٽ کي لسي ڪرڻ جو لوهي روات – سُونهَنُ. (ٻيلا) ڪير کي جمائڻ لاءِ ان ۾ وڏل ڪتو – سَباڻ.
• **سُهاءِ ج سُهائِيُونْ:** ث. [سن. سمايه = مدد] مدد – سهارو – جهلو – ڏَيُ – آڌار.
– **سُهائِتا ج سُهائِتاڻُونْ:** ث. مدد – اوٽ – واهر – همراهي – ٻيرائي – سَهارو – حمايت – پشتِي – مددگاري – همدردي. ٻاجهه – رحم. دان – بکيا – خيرات – بيڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سَهائتا ڪرڻ:** مدد ڪرڻ – حمايت ڪرڻ – همدردي ڪرڻ – پنيرائي ڪرڻ.

– **سَهائِكُ ج سَهائِكَ:** ذ. صفت. حمايتي – مددگار – واهرو – پنيَرُوْ – چوڪارو ڏيندڙ – بچائيندڙ. پناه ڏيندڙ – اجهو ڏيندڙ – ساڻي.

• **سَهاءُ ج سَهاءَ:** ذ. سوجهرو – سُهائي – شُعاعُ – نُورُ – روشنيِ – جوت – پرڪاش – اُجالو – اُهاڻ. چمڪو – تروروَ – ڪرڻو – جهلڪو – چاندوڪيِ. فجر جي مهل بتيءَ جو ٽِمڪو.

• **سَهائِيْ ج سَهائِيُوْنْ:** ث. صفت. حفاظت – پناروَ – پناه. آڙ. حمايت – جهلو – آسرو – سَهارو – پنيرائِيْ – پت پروسو. روشني واري (اونداهي جو ضد). چاندوڪي رات – سهائي رات.

– **سَهائڙْ ج سَهائا، سُهاوا:** ذ. سوجهرو – اُجالو – سَهائي – چند. (ذ. صفت). صاف – چٽو – روشن – چمڪندڙ.

– **سَهائو پَڪ ج سَهاوا پَڪ:** چاندوڪيِ رات.

• **سَهائِڻُ:** مصدر. [سن. سَهَ = سَهڻُ] طعنو ڏيڻ – مهڻو ڏيڻ – ڏوراپا ڏيڻ – ٽوڪ ڪرڻ. هموار ڪرڻ – روڪڻ – سر تي وسائڻ. هلاڻ – تڳائڻ. تابعدار ڪرڻ – روشن ڪرڻ. جتاءُ ڪرڻ – هنڌڻ. ترسائڻ – ماڻا ڪرڻ – نخرا ڪرڻ – ناز ڪرڻ.

– **سَهائِپَ ج سَهائِپُوْنْ:** ث. طعنو يا مهڻي ڏيڻ واري حالت. تڪليف برداشت ڪرڻ واري حالت. ناز – نخرو – ماڻو.

– **سُهائِڻُ:** مصدر. جُڳائڻ – لائق هئڻ – مَرڪَ هئڻ – نَهڻ – شايان هئڻ. مناسب هئڻ – موزون هئڻ – سونهائڻ. سيبائڻ. پَريائڻ – ريجهائڻ. پسند ٽيڻ – پسند آڻڻ – ڪرائڻ. وٺائڻ. ڦهڻ – هضم ٽيڻ.

– **سُهاءِ:** ظرف. رهندو – حلال – حقائتو – جائز – مناسب – روا – حقي – سُهائيندڙ.

– **سُهائِتُو ج سُهائِتا:** ذ. صفت. لائق – شائستو – وڙائتو – شايان شان – وجهائتو.

– **سُهائِيْندُوْ ج سُهائِيْندا:** ذ. صفت. جُڳائيندو – جُڳائيندڙ – ٺهندڙ – مناسب – واجبي – لائق. شائستو. شانائتو – وڙائتو. ايندڙ. قربدار.

• **سُهَڏُوْ ج سُهَڏا:** ذ. صفت. چڱو پلو – تندرست – چاق – صحت مند.

• **سَهْتَ ج سَهْتُوْنْ (ت):** ث. [سن. سُپَرہ = سڪَڻُ] حُبَ – سڪَ – اُڪيڙ. مهلت – فرصت.

• **سَهْتا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ڪنڊياري. تعلقي بدين. تعلقي گهوٽڪي. تعلقي گمبٽ (رياست خيرپور) تعلقي جيمس آباد. يا ڪوٽ غلام محمد تعلقي شهدادپور ۽ تعلقي حيدرآباد ۾ ديهن جا نالا.

• **سَهْتَنْ (ت):** مصدر. [سن. سَہ = سَهَڻُ] برداشت ڪرڻ – سهي وڃڻ. مَڃڻ – قبول ڪرڻ.

• **سَهْتائِنْ:** برداشت ڪرائڻ – سَهائِڻ. مڃرائڻ – مڃائڻ – قبول ڪرائڻ.

• **سَهْتوْ:** اسر خاص. تعلقي فيض گنج (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَهْتَ ج سَهْتُوْنْ:** ث. سڪ – قُرب – چاهه – محبت. چڪ – يادگيري. تمنا – ارادوَ – خواهش. خدمت – چاڪري. وندر. دهاءُ. پيڙ "مهت سهت".

• **سَهْجُ ج سَهْجَ:** ذ. [سن. سهج = سياءُ > پرا. سَهَئ] سُک – آسائش – آسودگي – دل جمعي. مزو – لطف. سولائي – سهولت. آساني – سهڃ. تسلي – دلداري – خاطر جمعي. لاڏڪوڏ – پيار. سينگار – ساڻ سڱڻ.

– **سَهْجِ سِياڻ:** ظرف. سولائي سان ـ مزي سان – سولو – پاڻيهي – ازخود – پاڻمرادو.

– **سَهْجَ ڪَرڻ:** خوشيون ڪرڻ – فرحتون وٺڻ. لاڏ ڪوڏ ڪرڻ. هر طرح جي خاطري ڪرڻ – ڪرمشون ڪرڻ – ساڻ ڪرڻ. "هت سهج ڪن ٽيون سومريون، هيرا ٻڌيو هار".

– **سَهْجَنْ (ٻيلا):** خوش ٽيڻ.

– **سُهْجوْ ج سُهْجا:** ذ. صفت. ڪِلمڪ – ڪلڏو – خوش طبع – ڪلائيندڙ. سرهو – خوش – راضي. خوشيءَ جو – خوشيءَ وارو.

– **سَهْجيْ:** ظرف. [سن. ساڻ + ج > جن = جڏڻ = پيدا ڪرڻ] سهڃائيءَ سان – سولائي سان – تڪڙو.

– **سَهْجِينْ:** ظرف. سَهجي.

• **سَهْجائيْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سَهْجُرِ (ٻيلا):** ظرف. ساجهر – سويل – سوير.

• **سَهْجِڙُوْ:** اسر خاص. تعلقي تندي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَهْجو ج سَهْجا (ڪ):** ذ. جيڏو – سرتو – سينگو (ت).
• **سُهَجُو ج سُهجا:** ظرف. خوش – مگن – راضي. (اسر خاص) ماڻهوءَ جو نالو.
• **سَهْجِيْ ج سَهْجِيْ:** ذ. پينگ پيئندڙ – موالِي.
• **سَهجِيْ پرائِيْ ج سَهجِيْ پرائِيْ:** ذ. صفت. ڪنهيئر – بُردبار. سانتيڪو – مائيٽو – صابرين – صابر.
• **سَهَجِيْ سَوڻ ج سَهَجِيْ سَوڻ:** ذ. ڪَسُ – مَڻ – ملاوتي ڏاتو – سون ۾ چاندي جي ڪَس يا مَڻ.
• **سَهْجَ ج سَهْجَ:** ذ. [سن. سَهَجَ = سياڻ] سَهج.
• **سَهَجو ج سَهَجا (ل):** ذ. صفت. سنئون سڌو – سُڌيتيو – ڪار وهنوار وارو.
• **سُهَجاڻِ ج سُهجاڻُون (هيلـ):** ث. [سن. س = سان + جيا = جاڻڻ] سجاڻ – پچاڻ – سجاڻپ – واقفيت.
• **سُهجاڻي ج سهجاڻيون (ل):** ث. (سَجڻ > سجاڻي > سهجاڻي) سجاڻپ. نشاني. "آئون وري ويندس ويڙهه ڏي هي پهري پُراڻي. وجي وهنديس ويجهڙي ڪٽي سر تي سهجاڻي" (سانوڻ).
• **سَهْجارَ ج سَهْجارُوْن:** ث. پريت – پيار – محبت. سڪ.
• **سهَڈ ج سهَڈُوْن:** ث. سهَند – دوستي – ڏيٽ – واقفيت.
– **سَهَڈو ج سَهَدارَ:** ذ. صَفت. واقف – دوست.
• **سَهَدارَ ج سَهَدارَ:** ذ. ساهدار – ساهه وارو.
• **سَهَرَ:** ث. [ع. سَهْل. اِسْهال] مال جي بيماريءَ جو هڪ قسم. جلابي دست يا دستن جو مرض.
• **سَهَرُ ج سَهَرَ (ت):** ذ. زمين جي ڪڻ پٽڻ پڇڻ جو گول بُنڊُ – سَنهَوَرُ. ليٽڻ.
• **سُهَرُ ج سُهَرَ:** ذ. ٻُهاريل گهَرُ – صاف گهر.
• **سُهْرابُ:** اسر خاص. ايران جي هڪ مشهور پهلوان جو نالو. خيرپور رياست جي باني ميرجو نالو.
• **سُهرابِيْ:** ذ. ميرسهراب جو ضرب ڪرايل سڪو.
• **سُهَراتَ:** اسر خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَهَرپارَ:** اسر خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَهْرُوْ جَ سَهْرا:** ذ. [سن. شَكا = تعريف جو گيت] شاديءَ جي وقت گهوٽ جي مٽي تي ٻَڏڻ ۾ ايندڙ موڙ – مُنَڪُ – مُكَتَ. شاديءَ جو راڪ – ڪِيچ – لاڙو – گاڄ.
– **سَهْرا گائِنْ:** شادي يا خوشيءَ جي موقعي تي عورتن طرفان راڳ گائڻ – لاڙا گائڻ – ڪِيچ گائڻ.
– **سَهْرُوْ بَڏَنْ:** موڙ بَڏڻ – مُكَتُ بڏڻ – گهوٽ جي مٽي سان گلن وغيره جي جهالر بڏڻ.
• **سُهْرُوْ ج سُهرا[ع. صهر]** گهوٽ لاءِ ڪنوار جو پيءُ – ڪنوار لاءِ گهوٽ جو پيءُ – سَسَرَ – خُسرو. (هـ).
• **سُهْرَوَرْدِي:** اسر خاص. شيخ شهاب الدين سهروردي ڏانهن منسوب. تصوف جو طريقو.
• **سَهرياڻِيْ:** اسر خاص. هڪ بلوچ قبيلي جو نالو (ت) تعلقي ڪنڊَ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَهْڙ:** ث. ناهه ٿوهه – جوڙجڪ. سار سنيال – پرگهور – پرورش – پالنا.
– **سَهْڙ سَنْيال:** ث. ناهه جوڙ – سار سنيال – پرگهور – پرورش – تربيت – پرداخت.
• **سَهْڙ ج سَهْڙ (ل):** ذ. سهو – خرگوش – سيهڙ. سَيهڙ.
• **سِهْڙ:** اسر خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سِهڙا:** اسر خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَهَڙِڪِيْ:** اسر خاص. تعلقي گوني. تعلقي ڊگهڙي ۾ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ ديهن جو نالو.
• **سَهْڙَڻ:** مصدر. وارد ٽيڻ – پهچڻ – رَسَڻُ. اچي وڃڻ. ترسڻ – ٽِڪڻ – رهڻ. مال جو ماڳ تي موتي اچڻ.
– **سَهَڙَ ج سَهَڙُوْن:** ث. پُهچ – رسيدگي – رَسائي. گڏجاڻي – ميلاپ (مال جو).
– **سَهْڙائِنْ:** مصدر. پهچائڻ – وڃي رسائڻ. مال کي ٽانيڪو ڪرڻ.
• **سُهڙِيْ ج سُهْڙِيُوْن (ل):** ث. سوپاري پڇڻ جو ننڍو اوزار. سُئڙي – سُوئڙي.
• **سَهَسُ ج سَهَسَ:** ذ. [سن. سَهَسْر = هڪ هزار] هڪ هزار – ڏهه سئو. (ذ. صفت). زياده ـ وڌيڪ – گهڻو – بي انداز.
• **سَهْسيرُوْ ج سَهْسيرا:** ذ. صفت. ڪجهه زياده ـ ٿورو. وڌيڪ.
– **سَهْسِيُنْ:** ظرف. سوين – هزارين – ڪئين – بيشمار.
• **سَهسُ:** ذ. گهوڙي جو سوار – سيسُ.
• **سَهْسائِنْ:** مصدر. [سن. سَمَ = سهڻ] سَهڻ – برداشت ڪرڻ – غم ڪائڻ – صبر ڪرڻ – سر تي سهڻ – نقصان وغيره جو سور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پي وڃڻ – سهي وڃڻ. نااميد ٿيڻ – اميدون ويڙهي رکڻ – آسرو لاهي ڇڏڻ.

• **سهڙ سيارو:** ذ. ته. سيارو – وڃ سيارو. "سهڙ سيارو، پاڻي پارو، جت جَهُڙ جهَڪ ۽ جهول".

• **سهڪارَ ج سهڪارُوڻ:** ث. ٻَڌي – ميل – ايڪتا – اتحاد. تعلّقات. شامليت.

• **سهڪڻي:** اسر خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سهڪڻُ:** مصدر. [سن. شُوس = ساهه کڻڻ] زور سان جلدي جلدي ساهه کڻڻ – تکڙا ۽ وڏا ساهه کڻڻ – ڏاڍيان ساهه کڻڻ – اُپا ساهه کڻڻ – هَسڪڻ. هُپي پوڻ – هُلڻ – هُڦڻ – ڪُنجهَڻ. ٽوري مخفي خبر ٻڌائڻ.

• **سُهمائڻ:** پاڻيءَ سان پري بيهارڻ.

– **سهڪڙُ ج سهڪڙا:** ذ. صفت. تکڙي ساهه کڻڻ واري حالت. سخت دم هڻڻ واري حالت – هُلو – هنيارو – دَمُ – اُپ ساهي.

– **سهڪو ج سهڪا:** ذ. سهڪڙو. بيماريءَ جو هڪ قسم – دَمُ – دَمڪشي – اُپ ساهي.

– **سهڪي ج سهڪيُون:** ث. سهڪو – هُلو – هَنيارو – دمڪشي – اُپ ساهي – دَمُ.

• **سهڪو ج سهڪا:** ذ. صفت. سهنجو – سوکو – آسان – سولو.

• **سُهڪُ ج سُهڪَ:** ذ. آرام – فرحت – چين. سُهاڳ.

• **سَهَلَ:** ث. نرم پٽريلي زمين جو هڪ قسم.

• **سَهَلُ ج سَهَلَ:** ذ. صفت. [ف. سهل = آسان] آسان – سهنجو – سولو – سٽائو. سليس. سادو. نَرم.

– **سَهَلُ انْگارُ ج سَهَلَ انْگار:** ذ. صفت. آسان طلب – تَن آسان. کاهل – سُست – آلسي – تورِي.

– **سَهَلُ انْگاريُ ج سَهَلُ انْگاريُون:** ث. تَن آساني – آرام طلبي. کاهلي – سُستي – تورتائي. حيلہ جوئي – بهانا سازي.

• **سَهَلڻُ (ل):** مصدر. سامت ۾ اڇڻ – هوش ۾ اڇڻ. پاڻ جهلو ٽيڻ.

• **سُهَڙُ ج سُهڙَ:** ث. مٺو – طعنو. ڏوراپو. جهٽڪ – تَنبيه – چَنڊَ – چينچ – چڑٻ. ڏمڪي. (ث. سُهڙَ ج سُهَڙُون).

– **سُهڙا:** ذ. جهٽڪون.

– **سُهڙا جهَلڻ:** طعنو جهلڻ – سٽيا کائڻ.

– **سُهڙا سَهڻ:** طعنا برداشت ڪرڻ. چينيون جهلڻ – چڑٻون جهلڻ.

– **سُهڙُو ج سُهڙا:** مٺو – طعنو – جهٽڪ – چينچ – چڑٻ. "کَڻ دورنگيَ دور رَهِ تون، سر اُتي سُهڙو نہ سَهُ"

– **سُهڻائڻ:** پاڻيءَ سان پري بيهارڻ.

– **سُهڻَرَ:** ث. هاري ۾ پاڻيءَ جي پوري. پرپ.

– **سُهڻَر ڏيارڻ:** هارو سمورو پري بيهارڻ.

• **سُهڻاڻِ ج سُهڻاڻِيُون:** ث. سانجهيءَ کان پوءِ وارو وقت – عشا جو وقت – سمهڻ جو وقت. عشا نماز. ظرف. سج لٿي کان پوءِ، ديرسان – رات جو.

• **سُهڻَڻُ:** مصدر. (ف. سَهُڻ = ڊپ – خوف) ڊِجڻ – ڊپ ڪرڻ – خوف ڪرڻ – هراسجڻ – مرعوب ٿيڻ – رُعب هيٺ اچڻ.

– **سُهڻَرَ ج سُهڻَرُون:** ث. ڊَپُ – خوف – ڈَر ـ حراس. حراسجي وڃڻ واري حالت – مرعوب ٿي وڃڻ واري حالت.

– **سُهڻائڻُ:** مصدر. ڊيڄارڻ – ڊپ ڏيئڻ. مرعوب ڪرڻ – رعب هيٺ آڻڻ.

– **سُهڻجَڻُ:** مصدر. ڊِجي وڃڻ – هيسجي وڃڻ – مرعوب ٿي وڃڻ – ڊهجي وڃڻ.

• **سُهڻيلُ ج سُهڻيلَ:** صفت. سدورو لچمي – فرمانبردار – تابعدار – نهنو. هَيسيل.

• **سُهڻُ ج سُهڻَ:** ذ. [هـ. سهج =] سولائي – سهوليت – آسانِي. آرام – سُک – فرحت – آسائش. سبب. سجر – موقعو. ذ. صفت. سولو – آسان – سکيو.

– **سُهڻجائِپ ج سُهڻجائِپُون:** ث. سهولت – سهنج – آساني.

– **سُهڻجائِي ج سُهڻجائِيُون:** ث. سولائي – سُکيائي – آساني – سهولت. آهستگي – نرمي. فرحت – سک – آرام.

– **سُهڻجو ج سُهڻجا:** ذ. صفت. سولو – آسان – سکيو – سوکي – آرامي. کُشادو. سادو.

• **سُهڻجا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سُهڻڻُ ج سُهڻڻَ:** ث. سجاڻپ – واقفيت – پچاڻ. خبر – جاڻ – معلومات.

• **سُهڻدُ ج سُهڻدَ:** ذ. خوشي – فرحت – آرام. رغبت. ذ. صفت. حَسين – سهڻو – جَميل.

• **سُهڻدڙُو:** اسر خاص. هڪ ٻوٽيءَ جو قسم.

• **سُهڻڙو ج سُهڻڙا:** ذ. صفت. جتاءُ وارو – جَتادار – گهٽو وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلندڙ. سهڻ جهڙو – برداشت ڪري سگهڻ جهڙو. سمائجي سگهندڙ – ماپي سگهندڙ.

– **سَهَنْڊرُوْ ج سَهَنْڊرَا:** ذ. سهڻ ۾ ايندڙ – قابل برداشت – نُنهَن. سوسڙو – ٽورو گرم.

– **سَهَنْ سلْ:** صفت. سَهِڻي ويندڙ – سَهَڻ هارُ – سَهَنْڊرُ – بردبار.

● **سُهَنْڊُ ج سُهَنْڊَ:** ذ. چگي جاءِ ـ چگو هنڌ. سيڪو هنڌ – هرجاءِ. ظرف. چگيءَ جاءِ ـ سڀني هنڌ. مهل تي – موقعي – وقتائتو.

● **سُهَنْڊَ ج سُهَنْڊَ:** ث. سُهَنْڊُ.

● **سُهنْگُ:** ذ. صفت. سهانگو.

● **سهنگائي:** سهانگائي.

– **سَهَڻُ:** مصدر. برداشت ڪرڻ. برداشت ڪرڻ. صبر ڪرڻ. ساڻ ڪرڻ. جڻاءُ ڪرڻ – هلڻ. جائز ٺهرائڻ – روا رکڻ. ڏک ڏسڻ – تڪليفون ڏسڻ. ڪٽڻ – نيڻ – رکڻ – پرڻ – ٻڌڻ. (سنو – سهندو – سَنَلُ).

– **سَهَڻُو ج سَهَڻا:** ذ. صفت. سهندڙ – سهڻي ويندڙ – برداشت ڪري ويندڙ. بُردبار – ڏيرج وارو – صبر وارو.

– **سَهَڻَ هارُ ج سَهَڻَ هارَ:** ذ. صفت. سهڻ وارو.

– **سَهِڻِي ج سَهِڻِيُوْنُ:** ث. برداشت ڪرڻ جي حالت. خاموشي – صبر.

– **سَهِڻِيءَ سُمَهڻُ:** اطمينان سان سُمهڻ – بي فِڪرو تي آرام ڪرڻ.

● **سُهَڻُ:** مصدر. سُونهَڻُ – نهڻ – جڳائڻ – لائق هڻڻ – پوڻ (منهن تي). سهڻو لڳڻ. پاڻ پوڻ.

● **سُهڻا بُڪيرا:** اسر خاص. تعلقي تندي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **سَهَڻُ سَنْبهَڻُ:** مصدر. تيار ٿيڻ – تيار ڪرڻ.

● **سُهڻُو ج سُهڻا:** ذ. صفت. [سن. شوين = سُونهن] حَسين – خوب صورت. سونهن وارو – ناهوڪو – ملوڪ – سوڀيان وانُ – سُندَرُ – سڻو – زيبدارُ – دولاڻتو. (ث. سُهڻي ج سهڻيون). خواب (اصطلاح).

– **سُهڻائي ج سُهڻائِيُوْنُ:** ث. سونهن – سوڀيا – حُسن – خوبصورتي – زيب – نزاڪت – زِيْنَتَ. لطف. خوبي – جڳائي.

– **سُهڻو مُنْهَنْ ڏيئُ:** جگي نموني گفتگو ڪرڻ. سڻو وهنوار ڪرڻ.

– **سُهڻِي ج سُهڻِيُوْنُ:** ث. صفت. خوبصورت – سُندر – ناهوڪي – سوهڻي – دلپسند – وٽندڙ – دلفريب. (اسم خاص). نالو عورت جو – سُهڻي ميهار جي داستان جي مانجهياٽي.

● **سَهَوَ ج سَهَوُوْنُ:** ذ. [ع. سَهْوَ = غلطي] چُڪ – خطا – ٻل – غَلطي – قصور – ڏوهه. نماز ۾ ٻلَ.

– **سَهواً:** ظرف. چُڪ وچان – غَلطي سبب – ٻل کان – غفلت کان – ارادي کانسواءِ.

– **سَهْوُالْقَلَمُ:** ث. قلم جي غَلطي – لکڻ ۾ غَلطي.

– **سَهْوَ ٽِيَنْ:** ٻل ٽيڻ. خطا ٽيڻ – غلطي ٽيڻ – سَهَو پوڻ.

– **سَهْوَ هَوَنْ:** غَلطي ٽيڻ – ٻل ٽيڻ. نَماز ۾ ٻلَ ٽيڻ.

– **سَهْوَجوْ سجدوْ ڏيئُ:** نماز ۾ پيل ٻل جي تلافيءَ لاءِ سجدو ڏيڻ.

– **سَهَو ڪاتبُ:** ث. لکڻ واري جي غَلطي.

● **سَهْوَ ج سَها:** ذ. [سن. شش = سَهو] هڪ نندڙو – حلال جهنگلي جانور – سهڙ – خرگوش.

– **سَهْوُ ڪَتوْ ٽِيَنْ:** تمام تيز پيجڻ.

– **سَهي جي كَلَ رَكائِنْ:** ڏِجندو رهڻ – پَوءُ ڪرڻ.

– **سَهي جي كَلَ هُنُنْ:** ضعيف هجڻ. هيٺو هجڻ.

– **سهي جي نندَ ۾ گذارَنْ:** غفلت ۾ رهڻ – بي خبر رهڻ – ڪم ڏانهن ڌيان نه ڏيڻ – بي خيالو گذارڻ.

● **سَهُوْ ج سَهُوْ:** ذ. صفت. لائق – شانائتو – سهڻو – چگو چوڪو. سمجهه وارو. جهلي سگهندڙ – برداشت ڪري سگهندڙ. ڪمندڙ – صابر.

● **سهو ج سها:** ذ. [سن. سَ = سان + آتش = اميد] وَجهه – مَوقعو. اميد – آسانگو. واقفيت – ڏيڻ – جاڻ پچاڻ – سجاڻپ – لاڳاپو – سنگت. پاڙو – ويجهڙائِي. شوق – چاهه. سهولت – سهنج.

– **سهو پاڙوْ ج سها پاڙا:** ذ. سهولت – سهنج.

● **سَهُوْ ج سُها (ل):** ذ. هلڪي پوڪ – نسٽ پوڪ.

● **سُهْوانُ ج سُهْوانَ:** ذ. بهادر – بانڪو – سورهه – ويرُ.

● **سُهُوْلُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

● **سَهُوْلَتَ ج سَهُوْلَتُوْنُ:** ث. [ف. سَهل = سولائي] سولائِي – سهنجائي – سوڪائِي – آسانِي – سَهُنجُ. سک – آسودگِي – آسائش. آهستگي. نرمي. واندڪائي – فرصت.

● **سَهُوْنْجِي:** اسر خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **سَهِيْ:** ظرف. صفت. جاڻو – واقف ڪار – سجاڻو – (ذ) هيجڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجب مال جي خريدي قيمتن کان روپيہ تي نفعو. وات خرچ سميت. سيبيٿي – سيٿ (ٿ).

– **سَهيپ ج سَهيپُونْ:** ث. واقفيت – جاڻ پچاڻ – سجاڻ – ڏيٺ ويٺ.

– **سَهيڙ ڪرڻ:** سجاڻڻ – پُرَهڻ – پروڙڻ – پرکڻ. سمجهڻ – خبر پوڻ – معلوم ٿيڻ – خبر ملڻ. ڏسي وٺڻ.

– **سَهيڙُ ج سَهيڙْ:** ذ. واقف – جاڻو.

• **سَهيڙَڻُ (ت):** مصدر. قبول ڪرڻ – مڃڻ. برداشت ڪرڻ – سهڻ.

• **سَهيتائِڻْ (ت):** مڃائڻ – قبول ڪرائڻ – آهستي آهستي مڃائڻ. برداشت ڪرائڻ.

• **سَهيڙُ ج سَهيڙا:** ذ. آسرو – اميد – آڌار – مدد – سَڃائِي. سنيال.

• **سَهي پوتا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سَهيجا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سَهيجاڻِي:** اسر خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **سَهيڙُ ج سَهيڙَ (ڪ):** ذ. صفت. نَهيڙُ نُڪيڙُ – بت رنڱ ۾ رت ۾ نهيلَ – آبائتو – منهن ۾ پريلَ – نِمَڪَ وارو – صحيح سلامت – سانديل.

• **سَهيڙُ ج سَهيرا (ل):** ذ. صفت. وڏو – ڪشادو. زياده ـ سَرس – گهڻو. افضل.

• **سَهيڙڻُ:** مصدر. ميڙڻ – گڏ ڪرڻ – ڪٺو ڪرڻ. پوک جي ول گڏ ڪرڻ. سنيال لهڻ – خبرداريُ رکڻ – چوڪَس رکڻ. خبرداري ڪرڻ – هوشياري ڪرڻ – سُجيتائي ڪرڻ.

– **سَهيڙَ ج سَهيڙُونْ:** ث. گڏ ڪرڻ يا ميڙڻ جو ڪم. سُجيتائي – هوشياري – خبرداري – سجاڳي – نگهباني – پهري جي سُجاڳي.

– **سَهيڙَڻُ:** مصدر. گڏ ٿيڻ – ملڻ – ڪٺو ٿيڻ.

– **سَهيڙُ ج سَهيرا:** ذ. اچي گڏ ٿيَڻ يا وارد ٿيڻ واري حالت. ميلاپ – گڏجاڻي.

• **سَهيسُ ج سَهيسَ:** ذ. گهوڙي جي سنيال ڪندڙ – سيسُ. (ٿ).

• **سُهَيْلَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سُهَيْلُ:** اسر خاص. هڪ چمڪندڙ تاري جو نالو – اَيْتُ. سهيل يمني.

• **سُهيلُو ج سُهيلا:** ذ. صفت. [ع. سَهل = آسان] سولو – سَهنجو – آسان – سُکي – سُٽرو. سَليس – سؤکو. آسودو – آرامي – خوش. سُنو. پرواهہ. ذ. محرم جي ڏهي ۾ عورتن طرفان ڳائڻ ۾ ايندڙ مرثيو – نوحو.

– **سُهيلائِي ج سُهيلائِيُونْ:** ث. سولائي – سهولت – آساني – آسائش – آرام – سُک – سَهنج – آنند – قرار – سَهنجائِي.

– **سُهيلپ ج سُهيلپُونْ:** سهولت – سَهنج.

• **سَهيلِي ج سَهيلِيُونْ:** ث. [سن. سَکي: سَ = سان + گيا = گهالهائڻ] سَرتي – سَکِي – جيڏي – ساهيڙِي – سنگتياڻي. جيڏل – رازدان. گڏ رهندڙ – مصاحب. رفيق.

• **سَهيڻدَ ج سَهيڻدُونْ:** ث. راضپو – مرضي. رغبت – لاڙو.

– **سَهيڻدِي جَ سَهيڻديُونْ:** ث. پسنديدگي – راضپو – خوشي. رَغبت – لاڙو.

• **سَهيڻدِيءِ جو سَڱُ:** پسنديءَ جي مٽي (مٽري) يا سڱابندي. خَوشيءَ جو ڪم.

• **سَهيٽو:** سهائي وارو. سونهون. سڪ وارو. محبت وارو.

• **سُهيڙُ ج سُهيا:** ظرف. [پرا. سُهيَہ. سن. سُکِتَ] خوش. سکيو – آسودو. آرامي.

• **سُڀا ج سُڀاُونْ:** ث. [سن. سُرسا > سُ = ڇٽڻ] ڪير واري (مينهن. ڏِڳي. ٻڪري وغيره) ڪير ڏيندڙ – مڙندڙ.

– **سُڀاتِي ج سُڀاتِيُونْ:** ث. ڪير واري – سوئا ٻار واري (عورت) ٻاريتي.

– **سُڀانجوُ:** ذ. [سوئا = ڪير واري + جو = ويم واريءَ جو] ويم وقت ۾ ان کان پوءِ عورت کي کارايل طاقت واري معجون.

• **سڀانجڻُ:** مصدر. [سن. شِيت = سيءُ] ٺڏجڻ – ٺڏ لڳڻ – سَرديءَ ۾ وٺجڻ. ڏڪڻي وٺڻ – ڏَکَڻ – ٺرڪڻ – سيتَلجڻ. اُداس ٿيڻ.

• **سُڀاتِي:** ث. هڪ مڇيءَ جو قسم.

• **سڀارَجَڻُ:** مصدر. گهڙجڻ. ٺهي بيهڻ. پَلٽجڻ. پَٽرڻ. سڌرڻ.

• **سَڀاخَوْرُ ج سڀاخَوْرَ:** ذ. سخت سَيءُ – پارو – تَڏِ.

• **سَڀاروُ ج سڀارا:** ذ. سيارو.

• **سَڀاڪوُ ج سڀاڪا:** ذ. سياڪو.

• **سُڀاڪوُ ج سُڀاڪا:** ذ. ڪَنهن جي موت جي وقت زالن جو ماتر – سوگ – سُوءَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سئالُ ج سئال (ت ـ ل):** سئار ـ سيار.
• **سُئالو ج سُئالا (ت):** ذ. صفت. ٿورو وڌيڪ ـ ڪجهه وڌيڪ ـ سُنئالو ـ سُنوالو.
• **سُئانبراڻِي ج سُئانبراڻِيُون:** ث. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم.
• **سُئانٽي ج سُئانٽِي (ت):** ذ. صفت. مائيٽو ـ گهٽ ڳالهائيندڙ.
• **سُئانٽي هُونڊ ج سُئانٽِي هُونڊُون:** ث. سپ کي وٽندڙ مينهن جي ڦڙي.
• **سُئانجو:** ذ. ويم کان پوءِ ڪم ۾ آڻڻ جي دوا ـ سُوانجو.
• **سئانڊري ج سئانڊريُون:** صفت. پاڙو ـ پاسي وارو گهر ـ مَحلو. ڪُٽم ـ قبيلو.
• **سِئانڊوڙ ج سئانڊا:** ذ. [سن. شيت = سيءُ] سيءُ ـ ڏَڏ. ذ. صفت. ڏَڏ جو سَٽيلَ ـ پاري جو ماريل ـ ڏڏيل.
• **سئانڊو ج سئانڊتا:** ذ. گهر جي پاسي وارو ٻيو گهرُ ـ پاڙو. پاڙيسري ـ مَحلي وارو.
• **سئاءُ ج سئاؤ:** ذ. موت جو مرثيو ـ پار.
• **سُئاءُ ج سُئاءَ:** ذ. [سن. سواد] سواد ـ مزو ـ ذائقو. سڱڌ.
• **سُئجو ج سُئجا (ل):** ذ. صفت. سهنجو ـ سولو. سوڌو ـ سئون سڌو ـ سادو ـ غريب. ڏيتي ليتيءَ جو سوڌو. سَيجو.
• **سُئرُ ج سُئرَ:** ذ. سُوئر.
• **سئرُوڙ ج سئرا:** ذ. مائي يا سيتا کان پيل داغ ـ ماتا جو داغ يا ڇڪ.
• **سئرُوڙ ج سئرا:** ذ. صفت. سئو ـ لائق.
• **سُئرُوڙ ج سُئرا:** ذ. سوپاري ڇڻ (وڻ) جو اوزار.
• **سُئرِي ج سُئرِيُون:** ث. چاندي يا سون يا ڪنهن ٻئي ڌاتو جو ٿهيل آڱر جيتري ڪڙيءَ سان، وچ ۾ گول هيٺ ڏڳهي چپڙي سُئي، جملہ ۾ ننگ، هڪ ڪن ڪوٽي، ٻي ڏند ڪوٽي، ٻئي اکثر سڳي يا ڳاڻي ۾ پوتل ۽ ڇڪيءَ ۾ پاتل ـ سُئِي ـ ڪانٽو ـ سبڙِي. ترو ڪڙي ـ ڏينيوڙِي.
ـ **سئرِي هٽڻ:** ترو ڪڙِي هٽڻ ـ تلو ڪڙِي هٽڻ ـ ڏينيوڙي ڪيڏ.
• **سَئسُ:** گهوڙي جو سنپالينڊر ـ سَيسُ.
• **سَئنُ ج سَئنُون:** ث. [سن. سُوچنا = اشارو] خيرات وٺڻ لاءِ فقير جو آواز ـ صدا ـ سوال. اشارو.
• **سَئنُ هَٽَڻَ:** خيرات لاءِ صدا يا آواز ڪرڻ.

• **سَئنَڙ (ل):** مصدر. سڙڻ ـ وَرڻ (بدن ۾) متارو ٽيڻ.
• **سَئنڊِل ج سَئنڊِلَ:** ذ. [انگ] خاص. نموني جي زناني جُتيِ ـ سپاٽو.
• **سَئنڊِيڪيٽ ج سَئنڊِيڪيٽُون:** ث. [انگ] انتظام هلائيندڙ جماعت. اسيمبليءَ جي مکيہ جماعت. ڪنهن يونيورسٽيءَ جي مجلس جو منتظم. سرڪاري طرح اناج وغيره خريد ڪرڻ جو ادارو.
• **سَئنسو ج سَئنسا:** ذ. صفت. سهڻ جهڙو ـ ٿورو گرم ـ نيم گرم ـ تَنهَن سوسڙو. پرم ـ سَنسُوْ (ت).
• **سَئنكِلي ج سَئنكِليُون:** ث. چاندي يا سون جو ڳڇيءَ ۾ هڏل ڏورو ـ قميص ۾ هيڻن طور ڪم ايندڙ سون يا چانديءَ جي زَنجيريُ. زمين جي ماپ جي زنجير.
• **سَئنكو ج سَئنكا (ل):** ذ. اُدڪو ـ ڊَپ ـ ڊاءُ ـ ڊَر ـ خوف ـ هراس.
• **سَئنيما ج سَئنيمائُون:** ث. [انگ. Cinema] فلمي ڪيل ـ فلم ذريعي ڏيکاريل تماشو.
ـ **سَئنيما هائُوس ج سَئنيما هائُوسَ:** ذ. فلم ڏيکارڻ جي جاءِ ـ پڪچر هائوس.
• **سَئنڻ:** مصدر. سُڌڻ ـ ٻڌڻ.
• **سَئو:** ذ. [سن. شَتر = سَئو] ڳاٽيتي جو هڪ انگ ـ ڏهن ڏاهڪن وارو انگ. (۱۰۰) صد.
ـ **سَئو پيري ج سَئو پيريُون:** ث. [سن. شتر + پگ = قدم] هڪ قسم جو جيت ـ هڪ سؤ پيرن سان. سوپاري (ت).
ـ **سَئون ۾ سَرهو ٻيَڻ:** سڄو انسان ٽيڻ. بي عيب ٽيڻ.
ـ **سَئوٽ ج سَئوٽيُون:** ث. ڪنهن شيءِ جي سَئو دفعا وڌيڪ هئڻ واري حالت.
ـ **سَئوٽائڻ:** مصدر. سئو دفعا وڌيڪ ڪرڻ جيئن "ٻيٽائڻ، ٽيٽائڻ وغيره".
ـ **سَئوٽو ج سَئوٽا:** ذ. صفت. هڪ سَو دفعا وڌيڪ حالت وارو.
• **سُئوٽ ج سُئا:** ذ. ڳوٽين کي سبڙ لاءِ پاهي سان هڪ ڏڳهو چهنبدار ڪوڪو. هڪ ڪورين جو اوزار. قالب جي متان ٻيهندڙ.
• **سُئوٽ (سُوٽَر) ج سُوٽَر:** ذ. چاچي جو پُٽ. (ث). سئوٽ ج سئوٽون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سَئُوڻِي سَئُوڻ (سَوڻري = سَوڻر) ج سَئُوڻِي سَوڻ (سَوڻري سَوڻر):** پيءُ جي سوٽ جو پٽ.

• **سَئُوڻِي ج سَئُوڻِيُون (ل):** ث. [ع. سوط =] ڪاٺ جي ڏنڊي – نندي لٺ ـ سَوڻِي – سَوڻِي (ت) – ڏانگ.

• **سَئُوراجُ ج سَئُوراجَ:** ذ. پنهنجو راج – پنهنجي حڪومت – خود حڪومت – سُوراج.

• **سَئِي ج سَيُون:** ث. [سن. سوچ = سُئي] سُئي.

• **سَئِين ج سَئِيُون:** ث. هدايت. سڏو رستو – پلاڻي – چگائِي. چگي – پَلِي.

– **سَئِين ٻنين هُجَن:** هڪ ٻئي جي پران هجڻ – دنگائتا هُجَڻ.

– **سَئِين پَوَنُ:** چگي ڳٽڻ. پلو ارادو رکڻ (ڪنهن جي باري ۾).

– **سَئِين لِڳِين ٽِيَنُ:** بيماريءَ ڪانپوءِ طاقت وٺڻ.

– **سَئِين لِيڪ:** ث. سڌي لِيڪ.

– **سَئِين مَهِني هُئَنُ:** وياڻ جي وقت کي نزديڪ اچڻ.

– **سَئِينسار:** د. پاڻيءَ جو جانور – سينسار.

• **سَئُونجُ ج سَئُونجا (س):** ذ. ڏَپ – اُدڪو – ڏاءُ – پوءِ. سجاڳي – جاڳ – بيداري.

• **سَئُونُ ج سَئُونَ:** ذ. سُڃڻ – ساڻ – شگون – سَوَڻ (ت).

– **سَئُونُ ڪَرَنُ:** شاديءَ جي موقعي تي ساڻ سڃڻ ڪرڻ.

• **سَئِي ج سَيُون:** ث. [سن. سُوچ = سُئي] رُڪ مان ٺهيل سبڻ جو اوزار – توپي ڏيڻ جو اوزار – پرت پرڻ جي سُئِي – جمڑِي کي سبڻ جو اوزار – سبڻِي – سوزن – اِبر – سوزني. دوا کي جسر ۾ داخل ڪرڻ جو اوزار – انجيڪشن – فوني جي رڪارڊ تي رکيل ڪوڪو. سُڻَڻُ – مصدر. مان ماضي مؤنث جو صيغو – هَٿِي.

– **سَئِي جو سڱي کي سيرَ:** ڪنهن به نتيجي جو ڪو نَ ڪو سبب ضرور هئڻ.

– **سَئِيدانَ ج سَئِيدانَ:** سُئِن رکڻ جي شيءِ ـ ٽاچنين ٽنبڻ جي گدي – پن ڪشن.

– **سَئِي سَڳِي سُوڏو:** ذ. صفت. سمورو – سربستو. ذري پُرزِي.

– **سَئِي سَڳِي سُوڏو مالُ هُئَنُ:** سموري جائداد هئڻ.

– **سَئِي سَڳِي کي سورَنُ:** مهل تي ڳالهه مان ڳالهه نڪرڻ. پورو حساب ڪتاب وٺڻ.

– **سَئِي ڪَڍِي سڳُ ڳولَنُ (ت):** اجائي تڪليف ڪرڻ.بي وقوفي جون ڳالهيون ڪرڻ.

• **سَئِيتَ ج سَئِيتُون:** ث. سپ ۾ مينهن جي بُوندَ – سَواتي.

• **سَئِيتَرُ ج سَئِيتَرَ:** ذ. [اَنگ.] گرم گنجِي.

• **سَئِيرِي ج سَئِيرِيُون:** ث. ڪاري جي مڇيءَ جو قسم. سوئي جي پيٽُ رنگ ڪاريڙو پَڪ ڪارڙا. بغل تي ٽِڪا. قد. ۲ ڪان ۴ فوٽ.

• **سَئِيس ج سَئِيسَ:** ذ. گهوڙن جي سنياڻ ڪندڙ – سَيْسُ. گهوٽ جو اهَنَرُ.

• **سَئِي ڪَنڈَرَ:** اسر خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَئِين ج سَئِينُون:** ث. خيرات لاءِ آواز – سوال جو سَڏ – صدا – سَينَ.

– **سَئِين هَڻَنُ:** صدا ڪرڻ – سوال لاءِ سڏ ڪرڻ.

• **سَئِينڍَ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سي (سو جو جمع):** ضمير. اُهي.

• **سياءُ ج سياءَ:** ذ. عزيز – ذات پائي. "سُرهو سڳ سيا".

– **سَياپو ج سَياپا (ل):** ذ. صفت. فاتح خواني – عذرخواهي – منهن ڪاٽ – غمَ ۾ شرڪت. ماتر – غَمي – ماتام – سُوءِ ـ سوگ. آهَ – دانهن – ورلاپ – رودَنَ. گوڏي پيَڻ. مائٽي – عزارت.

• **سياڻَ:** ذ. ڪري جو اَنَ گهر ڪٽي اڇڻ وقت نياڻِي يا غريب يا ڪنهن غريب کي ٻه تي پاتِيُون ڏنل اَنَ.

• **سياڻپ:** سيءُ – ڏڍ – سياڻو.

– **سَياڻَجَنُ:** مصدر. [سن. ششَرَ = ڏڍ ڪري جمڻ] ڏڍ لڳڻ – سَياڻو ٿيڻ – سيءَ ۾ وَلوٽَجَڻُ.

– **سياڻو ج سياڻا:** ذ. صفت. ڏڍ – ڏڪڻي. تپ ۽ سيءُ. خوف – انديشو – ڈَپ – ڏاءُ.

• **سياڻِي (سياڻري) ج سياڻِيُون (سياڻرِيُون):** ث. ڪل جو اڌ رگيل رنگ وارو جمڑو.

• **سَيّاحُ ج سَيّاحَ:** ذ. صفت. ع. سَيَحَ = سفر ڪرڻ] سير ڪندڙ – گهمندڙ – مسافري ڪندڙ – جهان گرد – مسافر – سيلاڻي. جاتري – ياتري – زيارتي.

– **سَياحَتُ ج سَياحَتُون:** ث. سفر – سير.

– **سَيّاحِي ج سَيّاحِيُون:** ث. مسافري – سير – سفر – مسافرت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سيادت ج سيادتون:** ث. [ع. سود = حڪمراني] سرداري – امامت – پيشوائي – رهبري. شرافت. بزرگي.
• **سيار ج سيارَ:** ذ. [ع. سَيْر = قرڻ – گهمڻ] سير ڪندڙ تارو – قرندڙ سئارو – گرهه. سير ڪندڙ – گشت ڪندڙ – مسافري ڪندڙ. رولو گهومو.
- **سيار تارو ج سيار تارا:** ذ. گرهه.
- **سيارَهْ:** ذ. (ع). گردش ڪرڻ وارو ستارو – قرڻ وارو ستارو – قرندڙ ستارو.
• **سيار ج سيارَ:** ذ. [ف. شغال] هڪ جهنگلي جانور – گدڙ – سَيالَ. "راتيان هولي ڪانگڙي، ڏينهان هولي سيارَ. جاڻ مري ڏيهه ڏٽي، جاڻ پئي ڏُڪارَ".
- **سيارڙ ج سيارڙا:** ذ. سيار – سيال – شغال – گدڙ.
• **سَيارَڻِ ج سَيارَيُون:** ث. مادي گدڙ – گداڙِڻِ.
• **سَيارَ ج سيارُون:** ث. سيرائِڻِ – ڪائنين ۾ گول ٽنگن ڪرڻ وارو اوزار – سَيرائِڻِ – سيارِڻِ (ت).
• **سيار:** اسر خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَيارَ پُڄ:** ذ. سنهڙو لڏب جهڙو گاهه – پاڙ ۾ نندڙو ٻوٽ.
• **سيارُ ج (ت):** اسر خاص. وَل جو هڪ قسم. برسات ۾ ٽرن ۽ پَوڻن تي جمندڙ. چوٽيءَ ۾ گاڙها گل. پاڇي طور استعمال ٿيندڙ ان جو اَنّ جوئر يا ٻاجهريءَ جي اٽي سان ملائي ماني لاءِ استعمال ٿيندڙ.
• **سيارسِڻِ:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَيارو ج سيارا:** ذ. [سيءُ + وارو] هڪ موسم جو نالو – سردي جَي موسم – سيءَ واري رُت – موسم سرما – ناهري. پوه. مانگهه جي مهينَن (نومبر – جنوري)واري موسم. اُتر جو واءُ – اُتر اُپرندي جَي ڪُنڊ جو واءُ.
• **سياست ج سياستون:** ث. [ع. ساس > سوس = حڪماني] مُلڪ جي انتظام جو علم. ملڪ جي حفاظت ۽ بندوبست – حڪمت عملي. حڪومت جي ڪاروبار جو علم. گوشمالي – داب – تَنْبيهَ.
– **سياستَ بازِي ج سياست بازيون:** ث. [سياست + بازي > باختن = راند ڪرڻ] سياسي ڪيڏ. غلط سياست.
– **سياستدانَ ج سياستدانَ:** ذ. [سياستَ + دانْ > دانستن – جاڻ] سياست مان جاڻندڙ – سياست وارو.
– **سياستُ ڪرڻ:** سياسي عمل ڪرڻ.
– **سَياستگرِي ج سياستگريُون:** ث. [سياست + گر = ٺاهيندڙ] حَڪومتَ جو انتظام.
– **سياسِي ج سياسِي:** صفت. ملڪي انتظام متعلق – ملڪِي – سَرڪاري – راجَ نيتَڪ.
• **سياڪو ج سياڪا:** ذ. مائٽي – سياپو – عزازت – پائِڇاري يا برادريِ. سڳ – لاڳاپو. "ڪهڙو سنگ سياڪو هاريَ مون هوتنَ سين".
• **سياڪَرَ ج سياڪَرُون (ل):** ث. ڏڪٽي. ٽڙڪٽي. سياڪو. (ذ. صفت) مائٽيَ جو مٽيءَ جو – پائِيچاريءَ جو – سيٽڪو.
• **سَيالُ ج سَيالْ:** ذ. صفت. [ع. سيل = وَهڻ] زور سان وهندڙ – روان – جاري. پٽڙو – پاڻياٽو – چڀو – رهڙو.
• **سيالُ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي دادو تعلقي شَهدادڪوٽ. تعلقي ڳنبٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سيالُ ج سيالْ:** ذ. صفت. مائٽيءَ ڪان ٻاهر. شريڪ. رفيق.
– **سَيالِڪِيرِي:** راج وارن شريڪن جي شادي غميءَ جي سَڏ تي شَرڪتَ يا شموليت.
• **سيالِڪوٽُ:** اسر خاص. پنجاب ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو.
• **سَيالِڪِي:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَيامُ ج سيامَ:** ذ. صفت. ڪارو – سياه. (اسر خاص). ڪرشن مَهراج جو لَقب. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. شام ڪليان. هڪ ملڪ جو نالو.
• **سيانُ ج سيانَ:** ذ. رستي جي سنوت – سڏائِي – سَطحَ – مٿاچرو.
• **سَيانِ ج سَيانُون:** ث. پيرجي مٽائي.
• **سَيانْتو ج سَيانْتا:** ذ. پاڻيءَ جو هڪ جانور – سارين کي وڍيندڙ – ڪيڪڙَ – ڪيڪڙو – سرطان.
• **سيانْدرُو ج سيانْدرا:** ذ. مٽي – مائٽي – برادري – پائِيچاري. دوستي – ياري. تعلق – لاڳاپو.
• **سيانْدرِي ج سيانْدريُون:** ث. مائٽي – عزازت – شرڪت – مٽي – برادريَ. پروَاري جاءِ.
• **سَيانْدُو ج سيانْدا:** ذ. [سن. شيت = سيءَ] سيانو – سيءُ – ٺڏ. ڏڪٽي – رڦٽي. ٻوڙ – خوف – ڊپ – خطرو – هَراس – ڊِڄ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سيانڻي ج سيانڻيُون:** ث. هڪڙي گهر جو در چڊي ٻيو ڏر – پاڙو. محلو.
• **سياڻ ج سياڻُون (ث):** ث. قبر جي وچ ۾ يا پاسي ۾ کوٽيل ڪڍ – سامي. لحد.
• **سيَاڻ ج سياڻ (ث):** ذ. ڪير جمائڻ لاءِ ان ۾ وڏل ٽوري لسڻي يا جَهڙ – سنّياڻ – سَباڻ سباڻُ (ت).
• **سياڻو ج سياڻا:** ذ. [سن. سَ = سان + ججا = ڄاڻڻ] عقل وارو – عاقل – عقل مند. سمجهو – سمجهدار – گياني. داناءَ – تيز فهم – سگهڙ – اڪابر – زيرڪ – فهميدو. هنري. پڪو – تجربيڪار. طبيب – ڏاهو. عيار. دوراندیش.
– **سياڻپ ج سياڻپُون:** ث. سمجهه – ڏاهپ – عقل – هوشياري. دَانائي – حَرفت – اٽڪل – ڏنگ – زيرڪي – عياري. دوراندیشي – تيزفهمي. چالاڪي – سُجستائي. سُگهڙائپ.
– **سياڻو وياڻو ج سياڻا وياڻا:** ذ. صفت. سياڻو – فهميدو.
• **سَياڻي ج سَياڻيُون (لَ):** ث. عورت کي ٻار ڄڻائيندڙ عورت – دائي – نَرس.
• **سياوُش:** اَسم خاص. (ف) هڪ گاه جو قسم. ايران جي بادشاه ڪيڪائوس جو پٽ.
• **سياهَ ج سياهَ:** ذ. صفت. (ف) ڪارو – ڪاري رنگ جو. اَونداهو – تاريڪ. شومَ – نحس – بَد – خراب.
– **سياهَ باطن:** ذ. صفت. [ف. سياه + ع. باطن = گجهه] بدباطن – رياڪارَ – منافق.
– **سياهَ بَخْتَ ج سياهَ بَخْتَ:** صفت. [ف. سياه + بخت = پاڳ] بَدنصيب – بدطالع – نياڳو – چوڪ چندوَ.
– **سياهَ پُوشَ ج سياهَ پُوشَ:** صفت. [ف. سياه + پوش > پوشيدن = ڍڪڻ] ڪاريَ لباس وارو – ماتمي – ڏکويل – غمگين.
– **سياهَ پُوشَ ٹِيَنْ:** ڪاري پوشاڪ پائڻ.
– **سَياهَ پوشي ج سياهَ پُوشيُون:** ث. ڪاري لباس ڍڪڻ واري حَالت. ماتم – غمَ.
– **سياهَ چَشْمَ:** [ف. سياه + چشم = اک] ڪارين اکين وارو – ڪجلو. بازن جو قسم (جن جون اکيون ڪاريون هجن).
– **سياهَ دلَ ج سياهَ دل:** صفت. [ف. سياه + دل] اندرڪارو – گنهگارَ – عاصِي. سنگدل – بي رحم – ظالم.
– **سياهَ ڪارَ ج سياهَ ڪارَ:** ذ. صفت. [ف. سياه + كار > كردن = ڪرڻ] خراب ڪم ڪندڙ – فاسق – بدڪار – فاجر – گنهگار.
– **سياهَ ڪاريَ ج سياهَ ڪاريُون:** ث. بَدڪاريَ – بيڄڙائي.
– **سَياهَ گُوشَ ج سياهَ گُوشَ:** ذ. [ف. سياه + گوش = ڪن] هڪ جَهنگلي جانور – قَيڪاري. ذ. صفت. تيز نظر – تڪي نظر وارو.
– **سياهَ وسفيدَ جو مالڪُ هَڻَ:** هر نقط خيال کان طاقتور هڻڻ – وڏي دسترس هڻڻ. حاڪم هڻڻ.
– **سياهيَ ج سياهيُون:** دسترس. صفت. ڪاراڻ. ڪارنهن اَونداهيَ. دل جَي ڪارنهن "افلاطون عقل جا، ٿا سياهيوز لاهن" (جلال)
• **سياهان:** اسم خاص. مڪران جي اتر وارن جبلن جي قطار جَو نالو.
• **سياهُ پاد:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **سَياهُو:** اسم خاص. تعلقي تنبي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَياءِ ج سياوَ (ٻيلو):** ذ. شريڪ – ذات پائي – عزيز – پريرا عَزيز – ڏورَاهو مائٽ. دوستيءَ جو مائٽ.
– **سيائِڪُو ج سيائِڪا (ٻيلو):** ذ. صفت. شريڪاٽو.
– **سَيائِڙو ج سيائِڙا:** ذ. [هندي. سال. ف. شغالَ = گدڙ] گدڙ – سيال – شغالَ.
• **سيْبُ ج سيْبَ:** ذ. (ف) هڪ قسم جو ميوو – صوف.
• **سيبا ٹِيَنْ:** مصدر. بُڪَ ۾ پاهه ٽيڻ – سيٽا ٽيڻ.
• **سيباجَ ج سيباجَ:** ذ. ملڪيت – دَولت – ڌن. مرجاتا – شائِسْتگيَ – سُنيتيَ.
• **سيبارُوَ ج سيبارا:** ذ. تڏا ٺاهيندڙ – تونريُون ٺاهيندڙ.
• **سْيبانْ:** ث. ڏُڏُ ڇڪو جو ڪير ۾ ڏونري لاءِ وڇهجي. سَباڻ.
• **سيْبائِنْ:** مصدر. وَڻڻُ – پسند پوڻ – دل کي وڻڻ – پسند اچڻ. مَاپڻ – منهن تي پوڻ – جڙڻ.
• **سيْباڻو ج سيْباڻا:** ذ. [سن. شوين = سونهن] وڻيل – پسند ٽيل. مَناسب – لائق – دل گهريو – خواهان – سيبڻ. سُهائڻ – جُڳائڻ.
• **سيبتو ج سيبتا:** ذ. [ف. سربسته > ع. ثابت] سياڻو – سگهڙ. پوشيده ـ سليقه وارو. رڻ پهت وارو – سنجيدو.
• **سيبلوُ ج سيبلاَ (ت):** ذ. سمَ. مرد. عورت جي هنگڻ جي جاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ ڪُٽائي.

• **سيبَڙِ ج سيبڙُون (ڪ):** ث. مقعد کان عضوي مخصوص جي وڃ وارو هيڏيون حصو ـ آلت ۽ مقعد جي وچ وارو ٽُڪر. مقعد ۽ عضوي مخصوص جي وچ واري رڳ. مقعد ـ گديا.

• **سيبَڙُ (ڪ):** مصدر. [سن. سيون = سبڙ] سبَڙُ ـ تويو ڏيڻ ـ جڙڻ ـ ٺهڻ ـ جڳائڻ.

ـ **سيبُو ج سيبا:** ذ. صفت. تويو ـ تاکو ـ بخيو ـ سَنڈُ ـ دَرزَ ـ ڪُنُ. پرت جو سجو ڪٽ ـ ڪوهستان ۾ پرت جو قسر. چَتيَ ـ ٽُڪريُ. "سهسين سيبا ڪنجري لوئي ليڑون ليڑ" (شاهه).

ـ **سيبَيِ ج سيبيُون (ڪ):** ث. سلائي ـ تويو ـ بَخيو.

ـ **سيبَيِ هُنُڙُ (تَ):** چمڙي جي سنهي تندي سان تويو ڏيڻ.

• **سيٺِ ج سيٺُون:** ث. [سن. شيت = ٺَڏ] سردي ـ ٺَڏِ ـ سيءُ (ڪ). ڪاريَءَ جي ٻيڙيءَ جو هڪ عضوو. (جانار ۾ واڙي جي دنگ وارو حصو).

• **سيٺَلُ ج سيٺَلِ:** ذ. صفت. [هـ. سن. شيٖتَلُ = ٺَڏو] ٺَڏو ـ سرد ـ خنڪ ـ ٺريل. خوش ـ سکي ـ آسودو. نرم ـ ڪومل ـ نهولڙو ـ ڪچڙو. رکو ـ بي دليو ـ نرهيو. وٺندڙ ـ مزيدار. صاف ـ اوجل. (ذ). ڪافور جو هڪ قسم. موتي. چندڻ. قرهن مان ٺهيل کارڪن جو چهو ـ پنڌنو. پاڻيءَ تي پيدا ٿيندڙ هڪ ٻوٽيُ (گرڪٽيءَ جو سنگ).

• **سيٺا:** اسم خاص. [سن.] راجا جنڪ جي ڏيءَ ۽ رام جي زال جَو نالو (ث. صفت).

ـ **سيٺاسَتيُ:** ث. سيتا جهڙي پاڪدامن ـ نيڪ عورت.

• **سَيٺارامُ:** ث. هڪ سون جو قسر.

• **سَيتا ڪَلَ ج سيتا ڪَل:** ذ. هڪ ميوي جو نالو. شَريفو.

• **سَيٺانُ:** اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ شهر جو نالو.

• **سيٺانگُ ج سيٺانگَ (ت):** ذ. [سن. سيٺانگُ = بيماري] هڪ بيماري جو قسر ـ متي ۽پيرن تي پگهر ٽيڻ جي بيماري. هڪ قسر جي خارش جي بيماري ـ بدن تي ڏِبَڙ ڏِبَڙ ٽيڻ واري بيماري. فالج. لقوه.

ـ **سيٺانگِيُ ج سَيتانگِيُ:** ذ. صفت. بيمار ـ ناچاق.

• **سَيٺَلُ ج سيٺَلِ:** ذ. صفت. [سن. شيت = ٺَڏ] ٺَڏو ـ سرد.

• **سيٺَلاَ ج سيٺَلاڙُون:** ث. [سن. سيٺلا = ٺَڏي ـ ماتا جي بَيماري] هڪ بيماريءَ جو نالو ـ ماتا ـ مائِي ـ چيچَڪ ـ وڏي مائِي. (ث. صفت). ٺَڏي ـ سَرد.

ـ **سيٺلاَ پُوجَڻُ (ت):** هاج وٺڻ ـ خبر وٺڻ ـ سزا ڏيڻ.

ـ **سَيٺلاَ ڪَڍَڻ:** ماتا جي مرض کي روڪڻ لاءِ اڳواٽ ٽڪا ڏيڻ ـ ٽَڪا ڪيڻ ـ ٽڪا هٽڻ. سائڙُ.

• **سيٺَلِ چِينيِ:** ث. هڪ قسر جو مصالحو (عربي سمنڊ جي ٻَيٽن ۾ پيدا ٿيندڙ).

• **سيٺِي:** حرف جر. سان ـ ساڻ ـ سميت ـ سين ـ پيڙو ـ سُوڏو.

• **سيٺُ ج سيٺُون:** ث. [سن. سيٺَـرْ = سيٺ] آڪڙ ـ ٽانءِ ـ ڦوند ـ وڏائي ـ غُرور ـ هَڻ ـ تڪبر. سيٽي ـ سيندَ. ڪُوڪَ (ريل جي) ـ ڪُوڪاٽ ـ سُوسات. جانور جي هڪ بيماري ـ (انگ. Seat) ويهڻ جي جاءِ ـ ڪرسي ـ ڪوچ وغيره. جُوارين جي اصطلاح ۾ جوان عورت.

ـ **سيٺُ وجائِڻُ:** سيندَ وجائڻ ـ سيٽي وجائڻ ـ سيندارڻ (ريل جَو) ـ ڪُوڪ ڪَرڻ ـ ڪُوڪڻ.

ـ **سيٺِي ج سيٺِيُون:** ث. چپن کي سوئي ڪڍيل وجندڙ آواز ـ سَيندَ ـ سيٺَ. ريل جي ڪُوڪَ.

ـ **سَيٺِي وَجائِڻُ:** سيندَ وجائڻ ـ سيندارڻ ـ آواز ڪرڻ. (ريل جي) ـ ڪُوڪ ڪرڻ ـ ڪُوڪڻ ـ سپاهيءَ جو سيٽيءَ ذريعي چتاءُ ڏيڻ.

• **سيٽُ ج سيٽ:** ذ. (انگ). ڪن شين جو مجموعو ـ (مثلاً چاءِ جو سيٽ ـ ڪوچن جو سيٽ ـ سينگار جو سيٽ وغيره).

• **سيٽُ ج سيٺَ (ت):** ذ. ڪوهه مان پاڻي ڪيڻ لاءِ چر جو ڍڳو. رسو ـ ٽُلهو رَسو ـ ڪَيَ (ت). رَسي ـ وَدي. ڏانوڻ ـ نيرُ ـ بَنڊُ. "وٽي سيٺَ سُوتَ. پاءِ پنهنجيَ ڪرهي" (شاهه). ڪَيَ (ت). پوک کي پَيلجڻ کان بچائڻ لاءِ ڏين مان ٺهيل سنهي پچڑيءَ سان رسو. ٽڪاءُ ڪيائڻ لاءِ ٽَڪ.

ـ **سيٺَ ج سيٺُون:** ث. وڏائي ـ تَڪَبر ـ آڪڙ ـ هَڻ ـ غُرور ـ مَغروري ـ نِڱَ ـ ڍگڙ.

ـ **سيٺَ ڪَرڻ:** آڪڙ ڪرڻ ـ وڏائي ڪرڻ.

ـ **سَيٺجَڻُ:** مصدر. سخت ٽيڻ ـ تات ٽيڻ ـ سوٽ ٽيڻ ـ ڏاڍو ٿيڻ. قابو ٽيڻ ـ سُهَڏُ ٽيڻ. پَڪو ٽيڻ. پختو ٽيڻ. گهاٽو ٽيڻ. ضدي ٽيڻ ـ نِٽر ٽيڻ. چڪجڻ. وڏائي ڪرڻ ـ تڪبر ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سيڊجي هلڻ:** آکڙجي هلڻ – تيگرجي هلڻ – ڦوندجي هلڻ.
– **سَيڊَ جهلڻ:** آکڙ کي روکڻ – وڌائيءَ کي ختم ڪرڻ.
– **سَيڊا ٽيڻ (ک):** بُکَ مرڻ – پاڻ ٽيڻ.
• **سَيدارَ سيدارُڻ (ت):** ث. پراڻين جُتين سبڻ لاءِ آر.
• **سيڊڻ:** مصدر. سَڊْ سَڊْ ڪري وڃڻ – ڪاهي وڃڻ – سڙڻ – تَکڙو ڪاهڻ. سخت ڪرڻ – تاٽ ڪرڻ – سوٽ ڪرڻ – پڪو ڪرڻ –پختو ڪرڻ.
• **سيڊرُ ج سيڊرَ:** ذ. صفت. وڌائي وارو – تڪبر وارو – آکڙيل. سَڊ ڪندڙ اڇهرو.
• **سيڊو ج سيڊا (ت):** ذ. پڪي زمين – گهٽي گاهه واري زمين (ذ. صفت). متارو – ٽلهو – ڏندو. سگهارو – طاقتور. جوان مرد – پهلوان.
• **سيڊو ج سيڊا (ل):** ذ. ڪپڙي جو وٽيل نوڙ.
• **سَيڊواڻِي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **سَيڊ ج سيڊَ:** ذ. شاهوڪار. پئسي وارو.
• **سيڊيُونْ:** ث. [سن. شْرِيشْٹ = شاهوڪار پرا. سيٹ] شاهوڪار – دولتمند – دنيادار – ڏَڻ جو مالڪ – پئسي وارو. واپاري – سوداگر – تاجر – وڻجارو – ڪنهن ڪارخاني جو مالڪ.
– **سيڊپائِي ج سيڊپائِيُونْ:** ث. سيڊپٽو – دولتمندي – شاهوڪاري. وڏماڻپهائي – ڊگر – وڌائي.
– **سيڊپي ج سيڊپيُونْ:** ث. سيڊپائي – سيڊپٽو.
– **سيڊڻِي ج سيڊڻِيُونْ:** ث. سيٽ جو مونٽ – شاهوڪار زال – سيڊاٽي. واڃاٽي – هنڌياٽي –ڪراڙي.
– **سيڊيائِي ج سيڊيائِيُونْ:** ث. سيٽ جو مونٽ – شاهوڪار زال – سيڊٽي.
– **سيڊيو ج سيڊيا:** ذ. آسودو – شاهوڪار – سيٽ ماڻهو. واڻيو – هندو – ڪراڙ.
• **سيڊارَ سيڊارُونْ (ل):** ث. وڄ واري تويي ڏيڻ جي آر – ڪِيرٽي (ت).
• **سيڊارَ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **سيڊار:** اسر خاص تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَيڊارِ پِيرُ:** اسر خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سيڊارَجا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ڪمبٽ (خيرپور رياست) ۾ هڪ ديهه ۽ شهر جو نالو.
• **سيڊارِي:** اسر خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَيڊارُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **سيڊا مانگَر ڪَرڻ (ل):** پنهنجي وڌائي بيان ڪرڻ – پاڙ پڏائڻ – شيخي بيان ڪرڻ. (هي لفظ استعمال ٽيندڙ جتي ڪو ماڻهو مقروض هجي ۽ قرض خواهه کي ڪجهه به نه ڏي ۽ پنهنجا ڪم ڪار ڪندو رهي).
• **سيڊِرِ:** اسر خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ قبيلي جو نالو.
• **سيڊو ج سيڊا (ڪ):** ذ. آگوٽو – ٽوئيو.
• **سيڊهارُ ج سيڊپارا:** ذ. [ف. سيْ = تيهه + پاره = ٽڪرا] قرآن شَريف جي تيهن سيپارن مانَ هڪ پارو.
• **سيڊپارَهُ:** ذ. (ف). قرآن شريف جو تيهون حصو – تيهون سيپارو.
• **سَيڊپاڪِي:** ذ. خطاب جو گفتو. پنهنجو منهن ته ڏس، سيپاڪي تَي پيو آهين.
• **سيپٽمْبَرُ:** اسر خاص. [انگ. September] عيسوي سال جي نائين مهيني جو نالو.
• **سيڊَڪُ ج سيڊَڪَ (ت):** ذ. صفت. تمام سنهو – لاغر – ضَعيف. هيڊو – ايرو – ٽڪل –ڏهرو.
– **سيڊڪڙُ ج سيڊڪڙا (ت):** ذ. سنهڙو – نفيسُ.
• **سَيڊِلِي ج سيڊِلِيُونْ (ت):** ث. دوا – سُتِي.
• **سَيڊُو ج سيڊُها:** ذ. هرندڙ ڪائيءَ مان نڪرندڙ ڏوپ.
• **سَيْ پونو:** اسر خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَيجَ ج سيجُونْ:** ث. [سن. شَيّا > شي = سَمهڻ] شاديءَ وقت گهوٽ ڪنوار لاءِ ناهيل پلنگ – سينگاريل بستر. پلنگ، چپر ڪٽ – ماه محرم جي ۹ تاريخ تي تابوت سانَ گڏ گهمايل پلنگ يا سينگاريل ڪَٽَ.
– **سيجا ج سيجاڻُونْ:** ث. سيجَ.
– **سيجَبَنْدُ ج سيجَبَنْدَ:** ذ. سيجَ تي وڇايل هنڌ جي چادر کي ڪٽ جي پاڻَ سان ٻڌڻ ڏورو. سيج جي پاون کي ٻَڌڻ ۾ ايندڙ جهاهن يا تنورن مان هڪڙو.
– **سيجَ پُجائِڻُ:** ڪتولي داخل ڪرڻ. سيڪٽ ڏيڻ.
– **سيجَ ڇڙهڻُ:** گهوٽ ڪنوار جو گڏجي شاديءَ واري ڪٽ تي سمهڻ. شادي ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سيجَ سَنْوارڻ:** شاديءَ جو هنڌ وڇائڻ – بسترو سينگارڻ.
– **سيجَ ڪَچائي:** ث. سُت جي ڪچين تندن سان سيج جي پلنگ کي ڪچڻ جي هندڪي رسم.
– **سيجَ لُڙڻ (ت):** زال سان گڏ همبستره ٿيڻ.
– **سيجَ ماڻڻ:** شادي ڪرڻ.
– **سيجَ وڇائڻ:** شاديءَ جو بستر درست ڪرڻ – هنڌ وڇائڻ.
• **سيجانَ:** اسم خاص. تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سيجا:** ث. [ف – سَزا] سزا – مار.
• **سيجاهرُ ج سيجاهرا:** ذ. صفت. هٺ وَسيو – سيونجائيو – هَڪيو – سيجهرو – پاسي اوٽو. هنري – ڏهي. ڦڙت. سٽائو.
• **سيجَرا (ت):** ذ. صفت. مينهوڳي سبب ٽيل آلي زمين.
• **سيجوُ ج سيجا (ڪ):** ذ. ڇلهه – ماني پچائڻ جو تَنُور.
• **سيجُو:** اسم خاص. مينگهواڻن جي هڪ ذات (ث).
• **سيجهَرُ ج سيجهَرا:** ذ. صفت. سيجاهرو.
• **سيجَ ج سيجُونْ:** ث. سيجَ.
• **سيجاهوُ ج سيجاها:** ذ. جاڻ – سجاڻ – علم – معلومات.
• **سَيجو ج سَيجا:** ذ. صفت. جيڪو ڪم سهڻو ڪري ناهي "هٺ جو سيجو".
• **سيجَهِ ج سيجَهُونْ (ت):** ث. حيناءِ – قدرشناسي – سجاڻپ – ڏيٺ – واقفيت.
– **سيجاهوُ ج سيجاها:** ذ. صفت. سجاڻندڙ – پرکيندڙ. قدر شنا – سائهي.
• **سيڄاڻوُ ج سيڄاڻا (ڪ):** ذ. باز جو هڪ قسم – سيچاٽو.
• **سَيڄاڻو ج سَيڄاڻا (ت):** ذ. باز پکيءَ جو هڪ قسم – گوشت کائيندڙ باز. "سيچاٽو ۽ سالندو طعام نه چکي سو"
• **سيڄڻُ (ت):** مصدر. تنگ ڪديل ٽيڻ.
– **سَيجَ ج سيڄُونْ:** ث. تنگ – ڪشش – چڪ – ڏُوهَ.
– **سيڄائڻُ:** مصدر. تنگ ڪولائڻ.
• **سَيجو ج سيجا (بيلو):** ذ. ماني وغيره پچائڻ جي جاءِ ـ رَڌَ پَچاءُ جو هَنڌُ – تَنُور.
• **سيڄ ج سيڄُونْ:** ث. لوهَ جي سنهي ڊگهي لَٽ ـ تار ـ ڪَبابَ پَچائڻ جَي شيڄَ. ڪارب مان نڪتل مٽيءَ کي وڌڻ جي تار. پک – ٽُڪ. پَڪل گوشت. ڪُڪڙَ جي ڪَڙَهَ. (ظرف). سنئُونْ – سڏو – سَولو – اُپو – ڪرو.
– **سَيڄَ ٽِيڻُ:** شيڄَ وانگي ڪڙو ٿي بيهڻ – سڏو ٽيڻ سنئون ٽيڻ. نَرَ ڪٽڻ (گهوڙي جو) – اپرڻ. گهٽو ڪاوڙجڻ – مقابلو ڪرڻ – وڙهڻ – سامهون ٽيڻ.
– **سيڄَرُ ج سيڄَرَ:** ذ. پورين ڪَڙَهُن وارو ڪُڪڙُ. سُنو ويڙهو.
– **سَيڄَ هَڻڻُ:** گوءِ يا نَرَ مان گند ڪيڻ.
• **سَيد ج سَيدَ:** ذ. [ع. سيد = سردار] سردار – اڳواڻ – مهندار – پيشوا. رهنما – هادي – هدايت ڪندڙ. نيڪ بخت. حضرت امام حسين عليه اسلام جو اولاد – حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جو ڏهتاڻ – اهلبيت.
– **سَيدُ الأنام:** [ع. سيد + انام = خلق جو سردار] رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو لقب.
– **سَيدُ الشُّهَداءِ:** اسم خاص. [ع. سيد + شهدا = شَهِيدَ] شهيدن جو سردار – امام حسين عليه السلام ۽ حضرت حمزه جن جو لقب.
– **سَيدِياڻِي ج سَيدِياڻِيُونْ:** ث. سيد جو اهل – بيبي.
• **سَيدازَئِي:** اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **سَيدُ شُجاعُ:** اسم خاص. تعلقي ڪنديارين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سيدِي ج سيدِيُونْ (ت):** ث. سڏائِي – سَنُوتَ.
• **سيدانگ ج سيدانگُونْ (ت):** ث. واڌارو – برڪت.
• **سيدَّڻ (ت):** مصدر. ڏَهائڻ – هيسائڻ – ڏَهاءُ رکڻ – هيسڻ – ڊيجارڻ. ٽورائتو جوائڻ. سزا ڏيڻ – مار ڏيڻ. سوجهڻ – جانچڻ – هٺ ڪرڻ. ڪنڀ – جيتڻ – سوپ ڪرڻ. مطيع ڪرڻ – وَس ۾ آڻڻ.
– **سيدَّ ج سيدُونْ:** ث. تابعداري – ڊڄ – خوف – ڀَوُ. سزا – مار. سيڪت.
– **سڏائِڻُ:** مصدر. تابعدارُ ڪرائڻ. سزا ڏيارڻ – مار ڪارائڻ. سيڪت ڏيارڻ.
– **سيدِجَڻُ:** مصدر. تابع ٽيڻ. سزا ڪائڻ – سيڪت حاصل ڪرڻ.
– **سَيدِسيدِڻُ:** ڏَهاءُ رکڻ – زور آڻڻ. ڀَوُ ڏيارڻ – ڊيجارڻ.
• **سيڏو ج سيڏا:** ذ. ڪجو طعام – رسد – توشو – سامان سڙو – وَکَرُ واڙِيَ – اَنُ – اَنو – سنهو ٽلهو ڪاڌي جو سامان. خوراڪ – اَهارُ – ڪِنڀُ – چوڻو – آذِقو.
– **سيڏو پاڏو ج سيڏا پاڏا:** ذ. صفت. سيڏو سامان – سَمَرَ – تَوشو – رَسَدُ – اَهارُ – آذِقو – خوراڪ – چُوٽو – ڪِنڀُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سيڊائڻ:** مصدر. سکائڻ – خواهش ڏيکارڻ – خواهان ٿيڻ – آرزو ڪرڻ – ارادو ڪرڻ – واجهائڻ. منتظر ٿيڻ. بک مَرڻ.

• **سيڊو ج سيڊا (ڪ – ت):** ذ. نڪ مان نڪتل سُنگھ جو ڳُندو – بودو – گوبو.

• **سيڊيو:** اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سيدَ ج سيدُوڻ (ت):** ث. سوَڻ – شگون.

• **سَيرُ ج سَيرَ:** ذ. وڏي ماتا.

• **سيرُ ج سيرَ:** ذ. [سن. سيٰڪ] تور جو هڪ وٽ – ماپ جو هڪ تورو. مڻ جي چاليهين پتيءَ وارو وزن – چَئن پائن جو گڏيل وَٽ. (سنڌي سيرُ ٨٠ تولا، طبي سيرُ ٥ تولا ٨ ماسا، شاهي سيرُ ٢١ ماسا، عالم گيري سير ٣٠٤ طبي مثقال، خراساني سيرُ ١٥ طبي مثقال وزن). ڏَوَ. وات – رستو. لنگھ.

– **سيرُڪُ ج سيرَڪ:** ذ. صفت. هڪ سير وزن جو.

• **سيرو ج سيرا:** ذ. صفت. وزن جو انداز ڏيکاريندڙ. جيئن ته "ٻه سيرو" يا "ٽه سيرو" وغيره.

• **سَيرُ ج سَيْرَ:** ذ. [ع. سير = وڃڻ] گشت – سَياحَت. چهل قدمي – هَوا خوري. گھمڻ. دَوُرو.

– **سَيْرُ ڪَرڻ:** تفريح ڪرڻ – گشت ڪرڻ – گھمڻ. چهل قدمي ڪرڻ – هوا کائڻ. علم جفرواري جو غور ڪرڻ.

– **سيرُ گاهُ ج سَير گاهُون:** ث. [ع. سَيْر + ف. گاه. جاءِ، هنڌ] گھمڻ جي جاءِ ـ سَيْر جي جاءِ ـ وندر جو ميدان – گھمڻ ڦرڻ جي جاءِ ـ نظاري جي جاءِ ـ تماشا گاھ. پرفضا مقام – ڏسڻ جھڙي جاءِ.

• **سيرُج سيرُوڻ:** ث. درياءَ يا نئين جي وچَ وارو حصو. اونهي ۽ تيز وَهڪريَ وارو پاڻي – پاڻيءَ جو تکو وهڪرو – تک. چير – ڦوٽ – ڏار – شگاف. هَر ڪاهڻ وقت ڍڳي جي ٻَڌڻ لاءِ رَسو – نار وَهڻ وقت ڍڳن جي سنگَن ۾ نار جي پرجل جي ڳنڊيندڙ رَسو. نشتر سان رت ڪڍڻ واري حالت. فصد. سُوئر جي شڪار ۾، ڪُتا سير ۾ جهلي وهندا آهن. جبلن جي وچ مان وهندڙ ڍوري. حلال مال کي ڪهڻ وقت ڏَنل وَڍ. مچيءَ جو هڪ قسم. تکبر – وڏائي. سيراڻي – ڪنبٽي – ڏڪٽي.

– **سيرُ جو رَسو:** هر ڪاهڻ وقت ڍڳي جي سگَن ۾ هَر جي مُنيئي ۾ ٻڌل رَسو. نار هلڻ وقت ڍڳن جي سگَن ۾ پرجل ۾ ٻڌل رَسو.

– **سيرُ چوڙائڻ:** نشتر هڻائي خراب رت ڪڍائڻ – فصد کولائڻ.

– **سَيْرَ چوڙَڻ:** مصدر. ڪنهن نَس يا رڳ کي ڇَهڪ ڏيئي رت ڪڍڻ. ناڙَ چوڙڻ – فصد کولڻ – نبض کولڻ – رت ڪڍڻ – نس وَڍڻ – رڳ ڪَپڻ. ڏُڪ پهچائڻ.

– **سيرُ ڏيڻ (ت):** ڪُهڻ – ذبح ڪرڻ – حلال ڪرڻ.

– **سَيْرَ ڪَڍَڻ:** نشتر سان ٻانهن مان رت ڪڍڻ.

– **سَيْرَ وحهَڻ:** ڪُهڻ – حلال ڪرڻ – ذبح ڪرڻ – سير وهائڻ – تَکبيرَ وجهڻ – گھات ڪرڻ. قتل ڪرڻ.

– **سيرُ وَرائڻ:** نئين جات هڻڻ لاءِ ڏاند جي رسي کي ورائڻ.

– **سَيْرُون اِنْدرڻ:** سيسراتيون اُيرڻ – لَونْ ڪاندارجڻ.

– **سَيْرَ وَهائڻ:** ڪُهڻ – قتل ڪرڻ – پائڻ – سير وجهڻ – تَکبير وجهڻ – نڙي ڪَپڻ – گھات ڪرڻ – حلال ڪرڻ (ٻڪري وغيره کي).

• **سيرُ هَڻَڻ:** نشتر هڻڻ – فصد کولڻ – سير چوڙڻ.

• **سَيرُ:** ذ. وج. درياءَ جو وچون وهڪرو. سيل.

– **سيرُالوُهُجَڻ (ت):** شراڪت وارو هجڻ – پائيواري جو هجڻ – آڏيرو هجڻ.

– **سيرَ تي چَڙهَڻ:** ٻيڙيءَ جو درياءَ جي وڏي وهڪري ۾ اچڻ. خَطري ۾ پوڻ.

– **سيرَ سَتَ:** سڏو وچان – سَنئون ئي سَنئُون.

– **سَيْرُ ڪَرڻ:** ڪنهن چوپائي مال ۾ پائيواري ڪرڻ.

• **سَيرُ ج سيرَ:** ذ. رستو – راهه – وات – سڙڪ – ڊَگ – مارگ – سَگَرَ – سيرو – پيچرو – گس – گذر گاھ – لنگھ. (اسم خاص). شهدادپور تعلقي ۾ هڪ ديهه جو نالو. مغليين جي ويجهو ڪاري پاڻيءَ جي هڪ ڍنڍ جو نالو.

• **سَيْرابُ ج سَيْرابَ:** ذ. صفت. [ع. سَيْر = پريل + ف. آب = پاڻي] پريل – لبريز. تازو – ترو تازو – سائو – سرسبز – شاداب. زرخيز. فائده مند – ڏاوَل.

– **سيرابُ ڪَرڻ:** ترو تازه ڪرڻ – تازو ڪرڻ. پرڻ – ٽمٽار ڪرڻ. آباد ڪرڻ. اُج لاهڻ.

• **سيرَ آباد:** اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَيْراپ:** ذ. سراپ. پؤ – ڊَپ – خوف.

• **سَيْراف:** ذ. سَيراپ. "سَپ نه ماري، سَپ جو سيراف ماري".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سيڑامُونْ ج سيڑامانْ (ت):** ذ. [ف. سر = متو] مينهن يا ڏاندن جَي متي واريَ کل – سريءَ جو چمڙو – سڑامُون.

• **سيڑانڊِيُ ج سيڑانڊِيُونْ:** ث. [ف. سَر = مَتو + آمد > آمدن = اچڻ] کٽ جي متي رکڻ وارو پاسو – بستري يا پلنگ جو متي وارو پاسو. (ضد. پيراندي).

• **سيڑاڻِ ج سيڑاڻُونْ:** ث. اوزارن کي تکي ڪرڻ جو گول ڦرندڙ پٿر – سيراڻ.

• **سيڑاڻِ ج سيڑاڻيون (ڪ):** ٿ. نيرن – ناشتو. اوزارن کي تکي ڪرڻ جو پٿر – سراڻ – روهي. هڪ مهيني جو نالو – موسر – سانوڻ.

• **سيڑائِيُ:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَيراهُ ج سيڑاهَ:** ذ. سيڑافُ – ڏَپُ. "تکي ڪاتي هٿ ۾ رکي ڦَريبن. سَڏَڙيا سيراه ۾ موتيو پوءِ وڃن" (خان زئي). سيڑ وارو وقت – ڪُسڻ جي ويل.

• **سيڑاهِيُ ج سيڑاهِيُونْ:** ث. سَنهن سوراخن ڪيڻ لاءِ واڌن جو هَڪ پيچدار اوزار – سيڑاهي – گمليٽ – برمُو – سياري (ت).

• **سيڑائِيُ ج سيڑائِيُونْ:** ث. هڪ واڌڪو اوزار – ڪاڪَ کي تنگ ڪيڻ جو اوزار – سيڑاهي – برمُو – گمليٽ – سياري (ت).

• **سيڑائِيُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو – سيڑائي. (۲۴ پاڙا. (۱) آهير (۲) آواڻ (۲) بدا (۴) پڳٽ (۵) پنڌ (٦) بُوهڙ (۷) بُک (۸) بُٽ (۹) چڄڙا (۱۰) گڇل (۱۱) گورو (۱۲) جويا (۱۳) فتاصرا (۱۴) کيمتيا (۱۵) کوکر (۱٦)کهاوڙ (۱۷) مساڻ (۱۸)سميتا(۱۹)سيال (۲۰) سَيهَر (21) سهاڳ (۲۲) تانوري (۲۳) تاتاريُ (۲۴) تڳڙ (ذ) معزز – عزت وارو – چگو مڙس.

• **سيڑبَ جَ سيڑبُونْ (ت):** ث. وارن ناهڻ يا نهرائڻ جو ڪر – حجامت – سنوارت.

– **سيڑبَ ناهڻُ:** سنوارت ناهڻ – ڏاڙهي نيڪ ڪرڻ.

– **سيڑبَ نهرائِڻُ:** متي ۽ ڏاڙهي جا وار نهرائڻ.

– **سَيڑبَ جو ڪُپڙو:** سيرب نهرائڻ وارن جي چاتيءَ تي ويڙهڻ لاءِ حجامن وٽ رکيل ڪپڙو.

– **سيڑبَ لاهڻُ:** وار لاهڻ – حجامت ڪرڻ – حجامت ناهڻ – حجامکو ڪر ڪرڻ. نقصان پهچائڻ – سزا ڏيڻ – مار ڏيڻ.

– **سيڑبَ وَڻڻُ:** وار ناهڻ – سنوارت ناهڻ. چَتي ڪيڻ – ڏڪ پٽائڻ.

• **سِيڑتَ ج سِيڑتُون:** ث. [ع. سير = هلڻ] هلت چلت – اخلاق – چال – چلگت – آچرن – عادت – لچڻ – اطوار – آچار – خصلت – خو – وصف – سليقو – سُياءِ – گڻ – انتظام.

• **سيڑتو ج سيڑتا (ڪ):** ذ. اوزار کي تکي ڪرڻ جي روهي – سراڻ.

• **سيڑپَ ج سيڑپُونْ (ت – ل):** ث. سنوارت – حجامت – سيڑبَ.

• **سيڑجَا:** اسر خاص. تعلقي سکرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سيڑجيريُ:** اسر خاص. هڪ مچيءَ جو قسر.

• **سَيڑڪاڻِيُ:** اسر خاص. لغاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **سيڑڦوٽائِيُ ج سيڑڦوٽائِيُونْ:** ث. ڪاري پاڻيءَ جي مچيءَ جو هڪ قسر.

• **سيڑڪَ ج سيڑڪُونْ (ت):** ث. سَوڙ – رضائي.

• **سَيڑڪُوئِيُ:** ٿ. بدن تي قرڙين نڪرڻ جي بيماري.

• **سَيڑڪِيُ:** اسر خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَيڑڪُنڊيو:** اسر خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو. مَغليين کان ۽ ڪوهه ڪن پري هڪ ڳوٺ جو نالو. جتان مير نالي ڪاري پيئي وهي – سنڊو بندر.

• **سيڑڻُ:** مصدر. چورڻ – سورڻ – سرڪائڻ – ريڑهڻ – هلائڻ – رسڪائڻ – هڪ پاسي ڪري رکڻ – ڪٽي ٻئي هنڌ نيٽ – ڪٽي پري ڪرڻ.

• **سيڑنُ:** مصدر. چيرڻ – ڏارڻ – ڦوڙڻ.

– **سَيڑَ ج سيڑُونْ:** ث. ڪائيءَ کي وچ مان چير ڦوٽ ۽ ڏار – ڦاڪ. سينڊَ – مانگ. (عورت جي).

– **سيڑڙ ڏَيارڻُ:** وارن مان جُون ڪيڙائڻ.

– **سيڑَ ڏيڻُ:** وارن مان جُون ڪيڻ. ذبح ڪرڻ.

• **سَيڑوُ ج سيڑا (ت):** ذ. مَجُو – محتاج – تابعدار – هٿ جوڙو. تَندي – سَختي. سڏو – سنئون. حلوي جو هڪ قسر.

– **سيڑو ڪَرڻُ:** تندَي ڪرڻ – سختي ڪرڻ – ها ها ڪرڻ. سڏو ڪرڻ – سڏارڻ.

– **سيڑوُ هُجَڻُ:** نهيل هجڻ – ماتحت هجڻ – فرمان يا چئي ۾ هجڻ.

• **سَيڑوُ ج سيڑا:** ذ. گيهه. ڪنڊ ۽ ميدي مان نهيل حلوو – شِيرو – پَٽرو حلوو.

– **سيڑي جي سَڏَ تي اچڻُ:** مفت جو مال ملڻ.

– **سَيڑي مانْ رَبّ ٽيئَ:** نفعي جي بدران نقصان سهڻ. نَياڳو ٽيڻ. "جي ڏني بخت دَبَ تہ. سيري مان رَبّ".

• **سيڑوٽو ج سيڑوٽا (ل – ك)**: ذ. اوزار تكي كرڻ جي روهي. توتو ـ پڪو پترُ – سڙ جو ٽڪرو – سروٽو.

• **سيڑولُ ج سيڑولَ**: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسر. منگر مڇيءَ جو هڪ قسر (مُنهنَ سنهو ڪيڙ جهڙو، پُڇ ننڍو ڪُرڙي وانگر قد ١ کان ٦ فوٽن تائين).

• **سيڑوُ ج سيڑوُن (ت)**: ذ. ڪٽ جي سيراندي واري ڪاني – سيراندي ءَ وارو اوپرو. (ضد. پيرون). (هـ. سيروا).

• **سيڑوُنگو ج سيڑوُنگا (ت)**: ذ. ٽنگُ – سنهو ٽنگ – سوراخ.

• **سيڑوئِي**: اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سَيڑهِ ج سيڑهيُون**: ث. ڪاٺ کي ٽنگ ڪيڻ جو اوزار – سَيرائي – سيراهي – سياري (ت).

• **سيڑهَڻَ ج سيڑهَڻَ (ت)**: ذ. پاسي وارو ڏورٽو.

• **سَيري ج سيريُون**: ث. جاگير ۾ اها اراضي جا جاگيردار خود آباد ڪرائي – خود ڪاشت (انهيءَ لحاظ سان سنڌ ۾ ڪيترن ڳوٺن ۾ ان جو نالو سيري آهي:٩. اسر خاص. ڳوٺ سونڊا جي آس پاس واري ايراضي، جنهن ۾ ميرن جي ڏينهن ۾ مُلا عبدالرحمان هڪ خوددار ۽ رسوخ وارو شخص هو ۽ ڪيس انعام ۾ ڏنل زمين. آبادي – پوک – فصل. آبادگارن طرفان هارين کان پوک سوڌي ورتل زمين مان حاصل ڪيل فصل. ہن ڏندن جي وچ واري وٿي – گهاري – چِداڻ. گهٽي – ڳِلي. "تڪريو نرور سيرئين راَجا رنمل رَليو". مڇيءَ جو هڪ قسر.

• **سَيْري**: اسر خاص. تعلقي ميرپور خاص ۽ تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهَ جو نالو.

• **سيْري**: اسر خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَيْري جاگيرَ**: اسر خاص. تعلقي سجاول ۽ تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سيڑوُ**: ث. سيڑپ – دير. اسر خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **سيڑوُ ج سيڑوُن (ل)**: ث. ڳَرَ جو اِيذاءُ – قٽ جي تڪليف.

– **سَيڑوَارَ ج سَيڑوَارون (ك)**: ث. ڏُهڻ مهل ڪير نہ ڏيندڙ بلڪ بعد ۾ ڳابي کي ڏارائي ڇڏيندڙ ڪُتون.

– **سيڑواهِي (ت)**: ڳَڻَ ۽ مينهن جي بيماريءَ جو هڪ قسر.

– **سَيڑوَنَ (ت)**: بُڪَ ۾ گذارڻ.

– **سيڑوُڪيا (ت)**: ذ. پيلي رنگ جا پيرون.

– **سَيڑوَڻُ**: ذ. پاجاريءَ ۾ وهت کي قابو ڪرڻ لاءِ ڇيڙن ۾ ہڏا رَسو تہ جيئن وهتن جا ڪنڌ هڪ ٻئي سان نہ لڳن. (مصدر) روڪڻ – رَنڊڻ. دير ڪرڻ – ليٽ ڪرڻ – ٽِڙڻ – گِسرڻ – ٿَمَڻ – ٺهرڻ. صبر ڪرڻ. سبڻُ. مشغول رهڻ.

– **سيڑوَ ج سيڑوُن**: ث. گيسر – سيڑپ – دير – سيڑاپو – گهِلَ – سَل ول – اويل. رَنڊَ – روڪَ – جهَل – اٽڪاءُ – رَنڊڪ.

– **سَيڑاپو ج سيڑاپا**: ذ. صفت. گيسر – سيڑپ. مشغولي تَڪليف. رنڊَڪ – روڪ – اٽڪ – اٽڪاءُ.

– **سيڑاٽِي ج سيڑاٽِيُون**: ث. ڪپڙن جي سلائي – سباٽي.

– **سَيڑائِڻُ**: مَصدر. دير ڪرائڻ – ٽڙائڻ – گيسرائڻ – گهِل ڪرائڻ – سيڑ ڪرائڻ – سيڑاپو ڪرائڻ – اوير ڪرائڻ – دير وجهڻ – وقت وجائڻ – ليٽ ڪرائڻ. روڪي ڇڏڻ – روڪڻ – ترسائڻ – رنڊائڻ – اٽڪاءُ ڪرڻ.

– **سيڑَپَ ج سيڑَپُون**: ث. ڏنڊي ڏُڪان ۾ پئسن جي لڳت. سيڑاپو.

– **سَيڑَحَڻُ**: مَصدر. گيسرجڻ – روڪجڻ – رنڊجڻ. دير پوڻ.

• **سَيڑوُ ج سيڑا (ك)**: ذ. سيڙلو.

• **سَيڑهَ**: ڻ. هڪ قسرَ جي راند. سروٽن کي هڪ ٻئي تي چاڙهي، ان کي بال سان ڏَڪُ هڻڻ ذريعي ڪيڏڻ ۾ ايندڙ – نانگيل ڦوسيل راند.

– **سيڑهُ ج سيڑهُون**: ث. ڏگهن ۽ سخت ڪنديدار وارن سان هڪ جانور – خار پُشت. جانور جي ٽڻ مان نڪتل ڪير جي ڏار – ڪير جو گـوهو.

• **سيڑهڪا (ت)**: اسر خاص. اڇا پيرون، جي تمام ننڍا ۽ لذيذ ٿين.

– **سيڑهَڙ ج سيڑهَا**: ذ. هڪ جانور جو قسر – سيڑهه.

– **سيڑهيارَ ج سيڑهيارُون**: ث. گوهو گوهو ڪري ڪير ڏيندڙ مال – آهستي آهستي ڪير لاهيندڙ – ڇرڪ.

• **سيڑهانِي**: ث. رَتُ پِتُ سُڪي وڃڻ واري حالت. بيماريءَ جو هڪ قسر.

• **سيڑهانِي**: ث. مال جي بيماريءَ جو هڪ قسر، جنهن ۾ مغز خراب ٿئي.

• **سيڑهُ ڏيڻُ**: ونڊڻ – سَلڻ – ٽنگ ڪَيڻُ.

• **سيڑهَڻُ**: مصدر. پهچائڻ – رسائڻ. "اولياں رکي ان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڙهيو سنئين پار".

• **سيڙهڻ:** مصدر. سهيڙڻ. ميڙڻ – گڏ ڪرڻ.

• **سَيڙهه ج سيڙهُون (ت):** ث. ڪل جي تنگي. ڪشش. سيڙاپو. سَور ۽ سوڄ.

• **سيڙهو ج سيڙهِا:** ذ. دنگ – سنڌو – حَدَ. لُوهَ – تيز رفتاري – تيزي. حَملو. ويڙهه جو خيال. پڪو خيال (ت).

– **سيڙهو ڪري نڪرڻ:** سڌ ڪري نڪرڻ. تڪڙو هلڻ – تيزيءَ سان هلڻ – لُوهَ ڪري نڪرڻ.

• **سيڙهو ج سيڙها (ڪ، ل، ٿ):** ذ. گاهه پيدا ڪرڻ لاءِ آباد زمين جي پراڻو ٽڪر) ٻنيءَ سان لاڳيتو زمين جو ٽڪر – پوک جي پاسن ۾ مال لاءِ گاهه جي رَکَ – مال جي چارڻ جي جڳهه – ڪوڇو.

• **سيڙهي ج سيڙهيون:** ث. اڇي رنگ جي ڳئون (ت). چن – چونو. (اسم خاص). تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سيڙهي ج سيڙهيون:** ث. اوجو رستو – چاڙهي. ڏاڪڻ. ڏاڪو – درَجو. ذريعو – وسيلو.

• **سَيْس ج سَيْسَ:** ذ. گهوڙو سنياليندڙ – گهوڙي جي خدمت ڪندڙ.

• **سيْس ج سيْسَ:** ذ. [سن. شيـرْش = سـرُ] سري – سسيْ. ساهه.

– **سَيْس نمائڻ:** سرُ جهڪائڻ – ڪنڌ نمائڻ. حَڪم مڃڻ. سَجدو ڪرڻ.

– **سيْس نوائڻ:** سيس نمائڻ.

• **سَيسا ج سيسائُون:** ث. [سن. شيش = باقي] هندن جي ڏرمي مجلس ڪانپوءِ ورهايل شيءِ – منائي.

– **سيسائُون ڪَرڻ:** هندن جو چٽن جا ڪوهَر رڌي دان ڪرڻ.

• **سَيْسارُ ج سَيْسارَ:** ذ. درياهَ جي هڪ خوفناڪ جانور جو قسر – سيسَرُ – سنسار. "وار واڳن واٽ ۾، سسي ڪي سيسار".

• **سيسَـرْ ج سيسَـرَ:** ذ. سيسارُ – سينسار.

• **سيْسراتَ ج سيْسَراتُون:** ث. سياتو – ڏکٽي – سياندو – سَياڻَپُ – سياڻپ – سياڻپَ – ٽڪٽي. ڏڪ – سيءُ.

– **سَيسرَاتِي ج سَيْسرَاتِيُون (ت):** ث. سيْسراتَ.

• **سَيْسَرِيُ ج سيْسرِيُون (ڪ):** ث. نرم مَاني – چلو – چلڙو (ت).

• **سَيْسَكَ ج سَيْسَكُون (ت):** ث. ڪاوڙ – چڙ – غصو.

• **سَيْسلو ج سيْسلا (ڪ):** ذ. نرم ماني – چلو – چلڙو – چلڙو.

• **سَيْسَهَرُ ج سَيْسَهَرَ:** ذ. هڪ نانگ جو قسر.

• **سيشَنُ ج سيشَنَ:** ذ. [انگ. Session = ميڙ] اجلاس – بينڪ – گڏجاڻي. ضلع جي عدالت – ڪورٽ.

– **سيشَنُ جَجُ ج سيشَنَ جَجَ:** [انگ. Session +judge = مصنف] ضلع جي عدالت جو وڏو جَج.

• **سيشَنْ ڪورٽ ج سيشَنْ ڪورٽُونْ:** ث. [انگ. Court + Session = عدالت گهر] ضلعَ جي وڏي ۾ وڏي ڪورٽ – ديواني ۽ فوجداري مقدمن هلائڻ جي جاءِ.

• **سَيْف ج سَيْفُونْ:** ث. [ع. سَيف = تراڙ] تراڙ – تلوار – شَمشيرُ – صَمْصام – قمقام – سڪيلي – تيغ – سَرواهِي.

• **سيْفُ ج سَيْف (ڪ):** ذ. صفت. اڇو صفا – اُجرو. سَچارُ.

• **سَيْفَل:** ذ. جبل جو هڪ ٻوٽو جنهن جو اڪثر ماڻهو ٻوڙ رڌين.

• **سيْقُو ج سيْقا:** ذ. مچيءَ مان نڪتل وَهُ – چَربي.

• **سَيْڪانجَنُ (ت):** مصدر. سرديءَ جو لڳڻ.

• **سَيْڪارو ج سيْڪارا:** ذ. سڏڪو – شوڪارو.

• **سَيْڪا ڪاريْ:** ث. هڪ قسر جي ٻوٽي. وارن ڪپڙن وغيره کي صاف ڪرڻ جي ڪر ايندڙ.

• **سيڪَتَرُ ج سيڪَتَـرَ:** ذ. [انگ. Sector = گول جو حصو] گول جي قوس ۽ ٻن نيم قطرن جي وچ وارو پاڳو – قطاع دائرو.

• **سيڪَرَ:** ث. ٻُک ۾ پاهَ ٽيڻ جي حالت. وَسڪاري جو ٻنين تان سنگ ڪيڻ جو نمونو. اَن جي ڪيڻ جي ترتيب. گهرَ – طلبَ.

– **سيڪَرَ ڪَرڻ:** گهرڻ – ڪابه شيءَ گهري وٺڻ. پاڻ جهڙي ڪان ڏکئي وقت ۾ پڻ.

– **سيڪَرُو ج سيڪَرُو:** ذ. صفت. سڪندڙ. سڪايل. طالبو – خواهاڻ – سڏائتو. "جا مٽي تو مٽيا تنهن سر جو آهيان سيڪَرُو" (شاهه).

• **سيڪَرُو ج سيڪَرا:** ذ. صفت. هڪ سؤ جو ڪجهه پاڳو. سؤ تي ڪجهه مقرر ڪيل انداز.

– **سيڪَرُو ڪَرڻ:** حساب ڪتاب صاف ڪرڻ.

• **سيڪَنْڈُ ج سيڪَنْڈَ:** ذ. [انگ. Second] منٽ جو ٻيون حصو. ٽورڙو وقت.

• **سيڪڻُ:** مصدر. باهه آڏو گرمائش وٺڻ تؤ ڏيڻ – گرم ڪرڻ. تاڪور ڪرڻ – توئڻ – ٽڪورڻ – ٽاٽورڻ.

– **سيڪ ج سيڪَ:** ذ. تؤ – گرمي – تاءُ – ڏُڪ – چڪي – ڪهڪاءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سيڪَ اَڇڻُ:** تَوَ لڳڻ – گرمي لڳڻ – گرمائش رسڻ – کهکاءَ اڇڻ – همدردي ٽيڻ – ڏک ٽيڻ. ڪاوڙ لڳڻ.

– **سيڪُ پُهڇڻُ (ت):** سيمون ٽيڻ – پوسل ٽيڻ. ڏک ٽيڻ – چڪي اڇڻ – کهکاءَ رسڻ.

– **سيڪو ج سيڪا:** ذ. تَوَ – تاکور – گرمائش – (ذ. صفت). خشڪ – ٺوٺ – ٺڪرو.

– **سيڪو چاڙهڻُ:** تَوَ ڏيڻ. سختي ڪرڻ – زور رکڻ – دَباءُ رکڻ.

– **سيڪو ڪَرڻُ:** تاکور ڪرڻ – ٺڪور ڪرڻ.

– **سيڪو هڻڻُ:** دَبائڻ – هيٺسائڻ.

– **سيڪيندو وَڃڻُ:** تڪليفَ لاهڻ لاءِ ڪوشش ڪندو وڃڻ.

• **سَيْڪَڻُ:** مصدر. چنڻ. ٽوڙڻ.

• **سيڪو ج سيڪا (ت):** سنهڙو چوڪر. ڦر مَري وڃڻ جي حالت ۾ ڪير حاصل ڪرڻ لاءِ ڳئون يا مينهن جي ٿڻن کي ڪيل مَهَتَ – ٻَلَ – ڪُجَ.

– **سيڪو لائِڻُ:** ٽورو رکڻ. ماڻو ڪرڻ.

– **سيڪو هڻڻُ:** ڪير لاهيندڙ جانور جي هڪ ٿڻ کي لاڳيتو گهٽو مهٽڻ تہ ايذاءُ سبب ڪير لاهي. سهائڻ – رسامو ڪرڻ.

• **سيڪوئِي ج سيڪوئِيُون (ل):** ث. ماکوڙي جهڙو هڪ ڏنگيندڙ جيت – ڏکراٽي – سوجاکي – ڏکڻ هاري.

• **سيْڪيْ ج سيْڪيُوْنْ:** ث. پيٽ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جو ننڍڙو ڪينئون – سمڪيْ – سيْوڪيْ (ت).

• **سيڪ ج سيڪ:** ذ. باقي – ڪَڻ. خاص.

• **سيْڪَ ج سيْڪُوْنْ (ت):** ث. لوهه جي سيخ – تارَ – شيْخَ.

• **سَيڪاتُ:** اَسر خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **سيڪارَڻ:** مصدر. [سن. شِکْس = سکڻ] سکيا ڏيڻ – تربيت ڏيڻ –تعليم ڏيڻ – سبق پاڙهڻ. ڪيڙڻ. رستي لڳائڻ. اپياس ڪرائڻ. مجائڻ – ڳالهه تي آڻڻ – قبول ڪرائڻ.

– **سيڪارِيْ ج سيڪارِيُوْنْ:** ث. ڪنهن ڪم مان واقف ڪرڻ جو طريقو.

– **سيڪارِيْڏَوَ:** ذ. صفت. استاد – پاڙهيندڙ – مُعلم – تعليم ڏيندڙ.

– **سيڪائُو ج سيڪائُو:** ذ. صفت. سيڪڙائو – سيڪڙيات – شاگرد – متعلم.

– **سيڪَتَ ج سيڪَتُوْنْ:** ث. سمجهاٽي – نصيحت – هدايت – سنوارَ – دُرستيْ – تاکيد. مار – سزا – گوشمالي – تنبيْهَ. عقوبَت.

– **سيڪَتَ ڏِيْڻُ:** سمجهاٽي ڏيڻ. مار ڏيڻ – سزا ڏيڻ – گوشمالي ڪرڻ – تنبيهَ ڪرڻ.

– **سيڪِڙاتَ:** ذ. صفت. نئون سکندڙ – نَولو.

– **سيڪِڙائُو ج سيڪِڙائُو:** ذ. صفت. سيڪِڙاتُ – سيڪائو – سکندڙ – شاگرد – نئون سکندڙ – پڙهندڙ.

– **سيڪِڙياتُ ج سيڪِڙياتَ:** ذ. سيڪڙات.

• **سيڪرائِڻْي:** اسر خاص. بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **سيڪو داڻا:** ذ. ڪجور جي وڻ جي ڳچ مان ٺهيل اناج – سيڪو جانور (بيمارن جي خوراڪ طور استعمال ٿيندڙ).

• **سيڪِيْ ج سيڪِيُوْنْ:** ث. بَلاجو هڪ قسم – سيڪهي.

• **سيڪهُ ج سيڪهَ:** ذ. [سن. شيڪهر = سڪهو] جلدي – جلدائي – چوٽ – سگهائي. ڦڙتائي – تيزي – تکڙائي –شتابي – تکڙ – تکائي.

– **سيڪهُ ج سيڪها:** ذ. ظرف. سکهو – جلد. (ذ). سيڪهڙائي – سيڪهه.

• **سيڪهِيْ (ڪ):** ذ. هڪ قسم جي بلا – سڪهڙيو.

• **سيڪُوْ ج سيڪا:** ذ. هڪ جيڏو – سرتو – هم عمر. هم جنس. عزيز – مائٽ – سڱٽو.

• **سيْڪ ج سيْڪُوْنْ:** ث. [سن. شُرنگ] سڱن مان ٺهيل ڪمان – پَرڪار جو هڪ قسم.

• **سَيْلُ:** ذ. [ع. سَير = هلڻ] سَيْرُ – چڪر – هوا خوري.

– **سَيْلانُ ج سَيْلانَ:** ذ. مسافري – سفر – ڪَهَ – وڏو چڪر.

– **سَيْلانِيْ ج سَيْلانِيْ:** ذ. صفت. سير ڪندڙ – گهمندڙ – سياح – مسافر – پانڊيڙو – واڻهڙو – گهومو – رمتو.

– **سَيْلانِيْ فَقِيْرُ:** گهمندڙ – درويش.

• **سيلُ ج سيلَ:** ذ. ڪنڊو – خار – سيلهه. تنگ – سوراخ.

– **سيلُ ڏاهڻُ:** ڪاڻِ ۾ ڪنگ ڏاهڻ.

– **سيلُو ج سِيلا:** ذ. صفت. تير – هاڻ – سيلهه – سيلهو.

• **سيْلُ ج سيْلُوْنْ:** ث. (ف). چَرَ – هوڏَ – اَٽلَ (انگ. Seal) مُهر – خاتر.

• **سيْلُ ج سيْلَ:** ذ. [سن. شِيْل = چگو سُياءُ] سٺي چال – ست گڻ. عصمت – آبرو. پاڪدامني – سَتُرُ – پرهيزگاري – پَرمُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– پَتَ. ناموس – نيڪ رهڻي – سُپَت. ث. اُها مينهن جا وَهرَڻ تي هجي.

– **سيْلَ ۾ اَڇڻ:** ہج جهلڻ جو وقت اچڻ.

– **سَيْلو ج سيْلا:** ذ. صفت. سيْلُ. همٽ. سڃائي.

– **سَيْلِوانُ جَ سيْلِوانَ:** ذ. صَفت. نيڪ – سُلڇڻو – ستياوانُ – پَرهيزگار – گناهن کان پاڪ.

– **سيْلَوَنْتُ ج سيْلَوَنْتَ:** ذ. صفت. سيل وارو – سيلوان. نيڪ – گُڻائتو. عصمت وارو – پاڪدامن – پاکباز – مُتقي – پرهيزگار – گناهن کان پاڪ.

– **سيْليتيْ ج سيْليتيْ:** ث. صفت. سيلوان – نيڪ – سيْلَ واري – ستيا واريَ – سَتي.

• **سَيْلابُ ج سَيْلابَ:** ذ. پاڻيءَ جو چاڙهه. اُتل هوڏَ – ليتَ – هرهرو – وهکرو. پوسل. آب ڪلائي.

– **سَيْلابِيْ ج سَيْلابِيْ:** ذ. صفت. هوڏ جو – هوڙيل – هڏل – پاڻيءَ هيٺ آيل – ريجيَلُ.

• **سيلانا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. سيلاوَتا.

• **سيلانوْ ج سيلانا (ت):** ذ. رسو – نوڙي – سيلهيْ.

• **سيلانِيْ ج سيلانِيُوْنْ (ڪ):** ث. هڪ جيت جو نالو.

• **سيلاپُ:** مصدر. آلو ڪرڻ – پُسائڻ – پُڇائڻ – آبَڻُ.

• **سيلا (ڪ. ل):** ذ. پرت جو هڪ قسر.

• **سيْلاڄيْ:** اسر خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سَيلاڄ (ڪ. ل):** ذ. هڪ پرت جو قسر.

• **سيلائِڻُ (ت):** مصدر. گڏ ڪرائڻ.

• **سيْلَرا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. ايريال – هڪ پاڇيءَ جو قسر.

• **سَيْلِرا:** اسر خاص. تعلقي شهدادڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سْيلَفوْ ج سْيلَفا (ت):** ذ. ڏاس جو رَسو.

• **سيْلْڪِ (ڪ ل):** ث. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسر. سيلٽي.

• **سيْلْڪِيْ ج سيْلْڪِيُوْنْ:** ث. پاڻيءَ جي پکيءَ جو قسر – قولياروَ – قولارو.

• **سيلوْ ج سيلا:** ذ. ڪنوڻ جي نڪرڻ ۽ گڏ ٿيڻ واري حالت. وارن جي وٽيل ڇڪ جو رسو – رَسو. سالُورُ. سيلهو. قسر. (ذ.صفت). موڪرو – ويڪرو – خلاصو.

• **سيْلوْ ج سيْلا:** ذ. [پرا. سيْلَ سن. شيل] هار سينگار. "سهڻيءَ جا سيْلا، وهُڪَ سپ وجائيا" (شاهه). گڻ – وصف (ڪ) بچاءَ – حفاظت – سير. "سپر سيلو ساهه جو تون توري پُڄ تمام" (سگهڙ).

• **سيْلُورُ:** اسر خاص. تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سيلهْ ج سيلهْ (ت):** ذ. [سن. شولم = ڪنڌو] وڏو ڪنڌو (ڀير جو ڪجيءَ جو). "سيئي سيلهه ٽئام، پڙهئام جي پاڻا" (شاهه ڪريم).

• **سيلَهَنْ ج سيلَهَنُوْنْ:** ث. پيهوڙي.

• **سيلهو ج سيلها (ت):** ذ. ٻڪريءَ جي ڏاس مان ٺاهيل رسو – نوڙ. مغز کي هڏل ريشمي ڪپڙي جي پٽي يا ڏوري.

• **سيْلْهُو (ت):** ث. اسر خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

• **سيْلْهورَڻُ (ل):** مصدر. پاڻيءَ ۾ تڪو هَلَڻُ.

– **سَيْلْهورَ ج سيْلْهورُوْنْ:** ث. پاڻيءَ ۾ تڪي وڃڻ جي حالت – تَيز رفتاريَ.

• **سيلهوڙوج سيلهُوڙا:** ذ. ڪاڏي لاءِ ڪنوار هوٽي جا گل وڏي، لوٽي، سڪائي رکيل.

• **سيلهْي ج سيلهيُوْنْ (ت):** ث. ٻڪريءَ جي وارن جو ٺهيل رسو يا ڏورو. وهت جي ڳڇيءَ ۾ هڏل ڪوڏين ڪانسواءِ رسو. ڪنهن فقير جي ٽوبيءَ ۾ جوڙاري هڏل رسو – اُٺ جي ناڪيليءَ واري هنڌ تي هڏل رسو – ڊنگ. ڳاني (ڪ). مَهارَ. سرڪَ. پٺهڙ – ڪَشَڻ. سگي. پيٽ وارو وارن جو نشان. وٽ. رک – ڪيري – قلهيار.

• **سيلِيْ ج سيلِيُوْنْ:** ث. سيلهي

– **سيلِينْگ ج سيلِينگوْنْ (ل):** ث. اُٺ. گهوڙي جي ڳڇيءَ ۾ هڏل مٽين واري ڳاني.

سيليو ج سيليا (ٻيلا): ذ. هيٺ مٽان. مٽڪن سان جَڙيل ڳانو. –

• **سيلِيُوْنْ (لس):** اسر خاص. هڪ قسر جو جهنگلي ٻوٽو. پن ڪائڻ ۽ ڇپن ڳاڑهي ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ. پاڻ جو هڪ قسر.

• **سيرَ ج سيمُوْنْ:** ث. وَلَ جو هڪ قسر. وڻ ويڑهي مثل درياهه جي ڪناري تي اُپرندڙ. "اهڙن عجيبن. ساهه سوگهو ڪيو سيرَ جان" (وَڏو).

• **سيْرَ ج سيْمُوْنْ (ت):** ث. [سن. سيمن = حد] ڳوٺ جي پَسگردائيَ وارو جهنگ. ڳوٺ جي نالي سان. موسوم (ڏيهاري جي سيْرَ – منيءَ جي سيْرَ وغيره) چراگاه ـ ڪوچو (ت) – سنڊوَ – دنگ – سيڙهوَ – جهنگ. ديسي چَٽن جي قري.

• **سيرَ:** مڇيءَ جو هڪ قسر. بنان چلرن. سفيد. وڏو وات. ڊيگهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲ کان ٦ انچ، پٽ واري پاسي ڏِگهيون ليکون، ان جون ٻيون ذاتيون: (۱) چَمَون، ويڪرائي ۾ گهٽ، اک وڏي. (۲) ٻانگڙن ويڪرائي ۾ وڌيڪ. (۳) ٻَڪو، ٻانگڙي کان ٻ وڌيڪ. سيلو. ترڪاريءَ جو هڪ قسم – ياڄي.

• **سيرَ:** ث. [ف. سير = چاندي] چانديءَ جي سنهي چپتري تار، جَتين ۾ ڪپڙي ۾ لڳڻ جي ڪم ايندڙ. چاندي – ريو – نقره. دولت – ريبا – پئسا.

– **سيْڀرُ ج سيْڀَرَ:** ذ. صفت. [ف. سيْر + بر = بغل] چاندي جَهڙي بغلن وَارو. محبوب – معشوق.

– **سيْمَتَنُ ج سيْمَتَن:** ذ. صفت [ف. سيْر + تن = جسر] چاندي جَهڙي بدن وارو – اڇي جسر وارو – خوبصورت معشوق – محبوبُ.

– **سيْمَرَلِي ج سيْمَرَلِيُون (ت):** ث. ڳوٽ جي پسگردائي وارو جَهنگ – محبوبُ.

– **سيْمَرَلِي ج سيْمَرَلِيُون (ت):** ث. ڳوٽ جي پسگردائي وارو جَهنگ – سيْمَرَ.

– **سيْمَرَ هَٽُ:** جُتي يا ڪنهن ٻي ٽپڙ کي چانديءَ جي تار هٽڻ.

– **سَيْمِينُ ج سيْمِين:** ذ. صفت. (ف). چانديءَ جو – چانديءَ جهڙو.

• **سَيْمَابُ ج سَيْمَاب:** [ف. سيماب = پارو] هڪ سفيد پاڻياٽو ڌاتو – پارو. (اسر خاص). هندستان جي هڪ اردو شاعر جو تخلص (سيماب اڪبر آبادي).

• **سيْمَارُ ج سيْمَارُون (ت):** ث. چاري – ڏوري – سيْمَرَ.

• **سَيْمُرغُ ج سيْمُرغَ:** ذ. هڪ قدآور خيالي پکيَ جو هڪ قسم، اُن پکي. ان جا هڏا زهر کي پرکڻ طور استعمال ٿيندڙ. ڳجهه جو هڪ قسم.

• **سيْمَڪُ (ل):** ذ. گهوڙي جي بيماريءَ جو هڪ قسم، جنهن ۾ پَويون ڏڙ سنهون ٿي پوندڙ. سينوَڪ (ت). شيْمَڪ.

• **سيْمُو ج سيْما:** ذ. ٽورڙو پاڻيَ نڪرڻ. سرَ – سيڪُ.

• **سيْمو ج سيْما:** ذ. پيشانيءَ تي سجَدي جو نشان. سيميا يا طَلسم جو عَلم.

• **سَيْنُ ج سَيْنُون:** ث. [سن. سنْجيانْ = سَيْن] سَوال – صَدا – پُڪار (فقير جي). اک جو اشارو – اَهيَ – غمزو. ڳَجهه.

– **سَيْنُ هَٽُ:** ٻنڊ يا خيرات لاءِ گهر ڪرڻ. سوال ڪرڻ – صدا ڪرڻ.

• **سين:** ذ. هڪ ٻوٽي جو قسم (تالهي جهڙا ننڍڙا پن).

• **سيْنْ:** حرف جر. سان – سَڀارو – ساڻ – گڏ سوڏو – سميت – سَنگ – پيڙو.

• **سيْنِ ج سيْنُوْن:** ث. [انگ.] نظارو – ڏيک – منظر. سينيريْ. روَنق. تماشو. پردو (ناٽڪ جو اصطلاح).

• **سيناپَتِي ج سيناپَتِيْ:** ذ. [سن. سينا + ه. پتي = مڙس] لشڪر جو وڏو عملدار – لشڪر يا فوج جو مهندار يا اڳواڻ – سپهه سالار.

• **سينَبائِڻُ (ل):** مصدر. سيبائڻ. وڪڻ – پسند اچڻ – سڻو محسوس ٿيڻ – فرحت حاصل ٿيڻ.

• **سينهائِڻُ (ڪ):** مصدر. سيبائڻ.

• **سيْنٽ ج سيْنْٽُون (ٽ):** ث. عضوءِ مخصوص تي ٽيل وار – زيرناف.

• **سيْنْدو ج سيْنْدا (ڪچ – ل):** ذ. آگوٽو. لئيو.

• **سَيْنْٽ:** ث. [انگ.] خوشبوءِ ـ مهڪ. عطر.

• **سيْنْٽَرُ ج سيْنْٽَرَ:** ذ. [انگ] وچ – مرڪز.

– **سيْنْٽرَلُ ج سينْٽرَل:** ذ. (انگ) مَرڪزي – درمياني.

– **سيْنْٽرَل جَيْل ج سينْٽرَلْ جَيْلْ:** ذ. مرڪزي جيل.

• **سيْنْجَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **سَيْنْجَڻ (ٽ):** مصدر. اوتڻ – هارڻ. ڪوهَ مان پاڻي چڪڻ يا ڪَڍڻ. وَڻ کي پاڻي ڏيڻ. ٽورو گيهه باهه ۾ وجهڻ.

• **سيندو ج سيْندا:** ذ. سيندو – سڃاڻو. دوست. (ٽ) سيندي.

• **سيندِ ج سيندُون:** ث. [سن. سَيندَ = واقفيت] ڄاڻ سڃاڻ – سڃاٽ – لاڳاپو – آشنائي – واقفيت – سَهيپو – دوستي – ياراٽي – ياري – بيندل گاهه، اڻ پيلِيَلُ.

– **سيندِ ساجَهه:** ث. ڄاڻ پَڇاڻ – واقفيت – آشنائي. سَهيپو – مُهاڪرَو – ڏيڻ. خبر – سَڌ – ڄاڻ. دوستي – ياراٽي – ياري.

– **سيْنْدِ سُجاڻ:** ث. سيْنْدِ ساجَهه.

– **سيندِ مُلاقات:** ث. واقفيت – سُجاڻپ. ملاقات.

– **سيْنْدُ مُنافِق ج سيندْ مُنافِقْ:** ذ. ڏنل وائِنل دُشمن ٿي پوندڙ.

– **سيندِ هَٽُ:** واقفيت جتائي مهٽا ڏيڻ.

• **سيْنْدِ ج سيْنْدُوْن:** ث. [سن. سيمنت > سيمن = حد] پيشاني ڪان سڏو وَڃوٽي تائين وارن وڃان خط. ليک يا سيرَ. مانگ. پٽ ۾ ڪيل سير – سِيْرات – ليک – واٽ – چِيْپ. اقرارُ – انجامَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سينڊ ڏيڻ:** عورت جو ڪنهن کي وعدو ڏيڻ. اقرار ڪرڻ. پڪ خاطري ڏيڻ.

• **سينڈِ ڪِي ج سينڈِ ڪِيُون (لَس):** ث. زيور جو هڪ قسم – سُون جو ٺڪلو سَينڈُ جي مٽان پائڻ ۾ ايندڙ.

– **سينڈِ جو قَسَم:** ڏ. عورت جو اقرار – انجام.

– **سَينڈِ سُرْمون ج سينڈِ سُرْمانْ:** ذ. هار سينگار – ناهه نوهه.

– **سَينْڈِ ڪَلُ ج سينْڈِ ڪَلْ:** ذ. سينڈ جو هڪ زيور – ٺڪلو. ٻيڙيءَ جي مُهري جيَ منهن ۾ لڳل پٽي.

– **سينْڈَ ڪَيَڻْ:** مٽي جي وارن کي ٻن حصن ۾ ورهائي وڃان سَنڈو يا ليڪو ڪيڻ.

• **سينْڈُرُ ج سينْڈُرَ:** ذ. [سن. سندوُرَ. ف. سندروس] رنگ جو هڪ قسم – ڳاڙهو رنگ – شَنگرف جهڙي هڪ ڳاڙهي شيءِ يا پاؤڈر. هڪ پسارڪو وڪر.

• **سينْڈِريوْ (ت):** ذ. نمونيا جي بيماري.

• **سَينْڈَرَ ج سينْڈَرَ:** ذ. صفت. سنڈُ جو – سنڈ جي پيدايش "سينڈَرَ ٻير".

• **سينْڈُرُ ڏينْيُو (ت):** ذ. پيلي رنگ وارو ننڍو ڏينهو.

• **سينْڈَلُ ڪمالُ:** اسر خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سينڈو ج سينْڈا:** ذ. سجاڻو – واقف – آشنا – سونهو – ڏَنَلُ – حُجَتِي – پرجيوانُ – سَهِي. راز محرم – رازدانُ. دل کي وٺندڙ – پياروَ – دوست – يارُ – پرين – سُپرين – ساجن – محبُ – دلدارُ. پڳ مٽ يارُ – هڪ جيڏو – سرتو. ناجائز تعلقاتن وارو – چڳهُ – يارُ.

– سينڈي ج سنڈيون. ث. سجاڻو – واقف ساهيڙي – سريت

• **سينْڈُولُونْ:** ذ. [ف. نمڪ سنگ] لُوڻ جو هڪ قسم – ٻ قسم: (۱) اچو (۲) ڳاڙهو. دوائن ۾ ڪم ايندڙ – جابلو لُوڻ.

• **سينْڈَ ج سينْڈُونْ:** ث. چپن کي سوئي ڏيڻ سنهو آواز

• **سَيتي** – سَيت – وَڻر ڪُڪَ.

– **سينڈارُ:** مصدر. چپن کي سوئي. سنهو آواز ڏيڻ – چپن سان هوائي سيٽي وڄائڻ – ڪوڪارڻ. – ڪوڪ ڪرڻ.

– **سينڈائي ج سينڈائي:** ذ. سينڈِ هٽندڙ – سيٽائي – سيٽِئر – سينڈِرُ.

– **سينڈِ ڏيڻ:** اڳواٽ چتائڻ – اڳواٽ خبر يا اطلاع ڏيڻ.

– **سنْڈِرُ ج سينْڈِيرَ:** ذ. سينڈَ وڃائيندڙ – سينڈائي – سيٽائي – سَيٽر – سَيٽرائي.

• **سَينْڈِيارُوْ ج سينْڈِيارا (ل):** ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم.

• **سَينْڈِيارُوْ ج سَينْڈِيارَ (ک):** ذ. جهنگ چرڻ بعد مالَ جي وهڪ جي جاءِ.

• **سينْڈِيارُوْ تي آٽڻُ:** جهنگ چارڻ کان پوءِ مال کي وهڪ جي جاءِ تي آٽڻ – ماڳ تي آٽڻ – وٽاڻ تي آٽڻ.

• **سينْڈِيڙِيْ ج سينْڈِيڙِيُون (ت):** ث. اڳڙين جي ٺهيل گول ڇَڪري. کاري يا دلي وغيره ڪٽڻ مهل مٽي تي رکڻ ۾ ايندڙ – سينهوڙي – سينَهين – سينهوٽي.

• **سَيْنَرُ ج سَيْنَرَ (ل):** ذ. گاهه جو هڪ قسم. ساوَن پنن. ڪائين ۽ سَرَ جهڙي ڪاني سان.

• **سينْـرَ ج سينْـرُوْنْ:** ث. اُها ٻانهن جا زور سان ورتي وڃي – اُهي حاڪر جي زوريءَ سڳ وٺندا هئا "يا سينرڏيو يا لڙائي ڪريو".

• **سينرُ ج سينـرَ (ل):** ذ. ڪڪڙن جو ڳاٽ ڪنيل ٽڪرو. ڳاٽ ڪٽي وڙهندڙ.

• **سينري:** ث. (انگ) سين – نظارو.

• **سَينْسارُ ج سينْسارَ (ل):** ذ. درياءَ جو هڪ وڏو جانور. واڳو جهڙو پر منهارَ سنهي.

• **سَينْڪِلِيْ ج سَينْڪِلِيُون:** ث. ماپ جي سَنگهَرَ. عورت جي پائڻ جو هڪ زيور.

• **سينْڪوريْ (ت):** ذ. وڇوءَ جو هڪ قسم.

• **سينْڪوئِيْ ج سينْڪوئِيُونْ (ک):** ث. جيت جو هڪ قسم.

• **سينْڪِيْ ج سينْڪِيُونْ (ت):** ث. جيت جو هڪ قسم – ڳاڙهي ماڪوڙي. هڪ بلا جو نالو.

• **سينْڪِرو ج سينْڪِرا (ت):** ذ. مانڊاڻيءَ جي مٽيئن پاسي واري ڪاٺي. نيرو.

• **سينڪيو ج سينڪيا:** ذ. [سن. شرنگي. ف . شرنگ] هڪ قسم جو زهر. دوائن ۾ ڪتب ايندڙ مختلف رنگ: اڇو. زرد. ڳاڙهو. ڪارو وغيره

– **سينگ ج سينگ (ت):** ذسڳ ڪمانَ.

• **سينْڪِڙِيْ ج سينْڪِڙِيُونْ (ت):** ث. جانور جو ننڍڙو سڳ. ننڍڙي ڪمانَ.

• **سينگائڻي ج سينگائيون (ث):** ث. پاٽيءَ جي اوهاري.
• **سَينگارڻ:** مصدر. [سن. شرنگار = ناھ نوھ] ناھ نوھ ڪرڻ – برَاجڻ – ونگاسَڻ – سوپيا ڏيڻ – زَيب ڏيڻ – آراستہ ڪرڻ – چٽ گل ڪَيڻ – سنوارڻ – سُڌارڻ – ناھڻ.
• **سَينگارُ ج سينگار:** ذ. سونھن کي وڌائڻ جو ساڻ – ڪپڙو لَتو ۽ گھڻ ڳُنو – آراستگي – تيل ڦُليل – سينڊ سُرمو – ويس وَڳو – ناھ نُوھ – جھڪمڪ – زرق برق ۽ رَجا ڏجا – زيب و زينت – سَجاوَٽ – ٺھوڙ – شان شوڪت – ٺاٽ – تجمل – صفائي. پيار پوڳ. ڪبوتر جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل ڇلو. (ڪ). چيريل ڦڙا. سينگار. شاعري. عورت جي سونھن. جنھن جا سورھن فطري جزا ۽ ٻارھن جڙتو (مثلاً ڪيسر – ڪجل – گول ٽِڪ – تيل – ميندي وغيره)
– **سينگارڻ:** مصدر. ناھ نوھ ڪرڻ – تيل ڦليل ڪرڻ – آراستگي ڪرڻ – پوشاڪ. گھڻ ڳڻا پائڻ – سينڊ سُرمو ڪرڻ.
• **سينگارجي:** اسر خاص. تعلقي نوشھري ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
• **سَينگارَڙ ج سينگارا:** ذ. وَل جو ھڪ قسم. پاٽيءَ اندر ٽيندڙ. ڦَلُ پيدا ڪندڙ. ڪاري رنگ جي ٽلھي ڪنڊن واري ڪَل سان. سفيد ۽ مٽي ڳچ واري. ڪائڻ طور استعمال ٽيندڙ. ھڪ پسارڪو وڪر دوائن طور ڪم ايندڙ.
• **سينگاريُ ج سينگاريون:** ث. مٽي پاٽيءَ جي مڇيءَ جو ھڪ قسم (بَنا چلڙن جي، ۽ ڪنڊا ڪلين کان. ھڪ ٻڌيءَ تي. ڦڇ ۽ ڏگھن پرن سان. وڏيءَ جي تور انڪل اڌ مڙ عام طرح ڏيکھ ڏيڊ فوٽ کان ھن فوٽن تائين). ڪَڇھري ۽ آواڙي جي وچ ۾ ڪم ڏيندڙ ڏگھين ڪائين مان ھڪڙي.
• **سينگاريو:** اسر خاص. تعلقي ڏيلي ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
• **سَينگوڙ ج سينگا (ڻ):** ذ. اڪ جي ڪير ڏُھي اڇڻ لاءِ استعمال ٽيندڙ پورو سَڱ.
• **سينگِي ج سَينگيون (ڻ):** ث. چمڙي مان گھنجن ڪيڻ جو ھڪ اوزار.
• **سَينگ ج سينگون:** ث. ڪمان – چاپ.
• **سينگِڙي ج سينگڙيون:** ث. ننڍي ڪمان – سينگ.
• **سَينگاري ج سَينگاريون:** ث. مٽي پاٽيءَ جي مڇيءَ جو ھڪ قسم – سينگاري.
• **سينگڙو ج سينگڙا:** ذ. سَڱ وارو – سگھيٽو. دوست – يار.
• **سينگڙي ج سينگڙيون:** ث. سَڱ واري – سَگِيٽي ساھيڙي. يار – سَريت.
• **سينگھاريُ:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
• **سَينو ج سَينا:** ذ. ھر جو ھر ھڪ دفعو.
• **سينو ج سينا:** ذ. [ف. سينہ = سينو] گردن کان ھيٺ ۽ پيٽ کان مٿي. بدن جو حصو – ڪوڙو – چاتي. اُرھ – ٻُبا – پستان. ھر جو ھر ھڪ دفعو.
• **سَيناٻَڌُ ج سيناٻَڌ:** ذ. [ف. سينہ + بند > بستن = ٻڌڻ] چاتيءَ کي گرم رکڻ لاءِ ھڪ قسم جو ڪپڙو. گھوڙي جي چاتي ٻڌڻ ۾ ايندڙ چَمڙ يا سُت جو پٽو – تَنگ. زالن جي چاتيءَ تي پائڻ جو ھڪ زيور. عورتن جي ببن کي ٻڌڻ جو ھڪ ڪپڙو – اَنگي.
• **سيناٻينُ ج سيناٻيئن:** ذ. [ف. سينہ + بين > ديدن = ڏسڻ] ڏاڪڻن جو ھڪ اوزار – دل جي حرڪت کي ماپڻ جو اوزار.
• **سيناڙَنُ:** ذ. صفت. [ف. سينہ + زن > زدن = ھڻڻ] سينہ ڪوبي ڪندڙ.
– **سيناڙَنيُ ج سيناڙَنيون:** ث. سيني تي ڏَڪن ھڻڻ واري حالت – سَينہ ڪوبي – پٽڪو.
– **سيناڙورُ ج سيناڙورَ:** [ف. سينہ + زور = طاقت] زبردست – سَرڪش – طاقتَوَرُ.
– **سيناڙوريُ ج سيناڙوريون:** ث. زبردستي – سر زوري – سختي ۽ ڏاڍائي – سَرڪشي.
– **سيناڙوريُ ڪَرڻ:** ڏاڍائي ڪرڻ – زبردستي ڪرڻ – سَرڪشي ڪرڻ.
– **سيناڪاريُ ج سيناڪاريون (ڪ):** ث. [ف. سينہ + كاري > كار > كَردن = ڪرڻ] زور – زبردستي – ظُلم – جبرُ – ڏاڏ.
– **سيناڪَشيُ ج سيناڪَشيون (ت):** ث. [ف. سينہ + كشي > كَش > كشيدَن = ڇڪڻ] جنگ – جدل – ويڑھ. ھَمْسَريُ.
– **سينو ڍوڪڻُ:** ضامن پوڙ – پڪ ڏيڻ. تيار ھجڻ – آماده ھَجڻ.
– **سَينو ڏيڻُ:** مھٽا ڏيڻ. منھن ڏيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **سِيْنو ساهڙُ:** شوخي ڪرڻ – مغروري مان ڇاتي ڪڍي هلڻ – آڪڙ ڏيکارڻ – غرور ڪرڻ. برابري ڏيکارڻ – ڪُلهو هڻڻ – برميڇڻ – رِيْس ڪرڻ – سامهون ٿيڻ.

– **سِيْنو سُپيرَ ڪَرڻُ:** سامهون ٿيڻ – منهن مقابل هجڻ – روبرو هجڻ.

– **سِيْنو قولَڻُ:** ياد ڪيل ڳالهين جي اُپٽار ڪرڻ. ڪنهن کان ياد ڪيل علم و ادب لکائي وٺڻ. ڳجهه ڪيڏ – راز حاصل ڪرڻ.

– **سِيْني پَرْسَرڻُ:** سيني سان رڙهڻ – هلندو رهڻ.

– **سَيْني تي مُڪ ڏَرڻُ:** (دشمن) کي ساڙڻ جهڙا ڪم ڪندو رهڻ.

– **سَيْني تي هَٿ رَکڻُ:** ڪنهن صدمي کان دل کي روڪڻ – تَسلي ڏيڻ – دلاسو ڏيڻ – صبر ڪرڻ – تڪليفون سهڻ – آٽت ڏيڻ – همدردي – ڪرڻ اندازو لڳائڻ – پاڻ تي پرکڻ – احساس ڏارڻ.

– **سِيْني سانْ لَڳائِڻُ:** پيار ڪرڻ – محبت ڪرڻ.

– **سَيْني کي صافُ ڪَرڻُ:** دل صاف ڪرڻ – پاڪ ٿيڻ – دلُ مان غَير ڪيڏ ڇڏڻ. ناراضگيءَ کي ختم ڪرڻ.

• **سِينوَرُ ج سِينْوَرَ:** ذ. ٻيئل پاڻيءَ جي متاڇري تي ترندڙ سائو جارو. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم جبلن ۾ پيدا ٿيندڙ. دوا طور ڪم ۾ ايندڙ. زمين کي هموار ڪرڻ جو تختو – سَنْهُوَرُ.

• **سِينوارَڻُ:** مصدر. ڪنهن آلي شيءَ جو ڏهي رکڻ سبب ان تي سائو تهه چڙهڻ – سِينوَرُ لڳڻ – سِنْيارُ لڳڻ – جارو لڳڻ. خراب ٿيڻ. بدبوءِ ڪرڻ.

• **سِينْوَرو (ل):** ذ. ٻاٻيهو – ٻاهو (ڪچي).

• **سِينْهُن ج سِينْهَنْ:** ذ. شِينْهُنْ – شير.

• **سَينْهالَ ج سَينْهالُون (ت):** ث. ٽر ۾ هڪ قسم جي وَل.

• **سَينْهَڙا:** اسمَ خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **سَينْهَنْڊ ج سِينْهَنْڊُون (ت):** ث. سڃاڻپ سينڊِ _ واقفيت – جاڻ پڃاڻ.

• **سِينهنڊَو ج سِينهندا:** ذ. واقفڪار. يارُ – دوست.

– **سِينْهَنْڊِي ج سِينْهندِيُون:** ث. واقفڪار. سهيلي. يار _ سريت.

• **سَينهُو ج سِينهُو:** ذ. اڳڙين وغيره مان ٺهيل گول موڙو – سينهوڙو – سينهي – سينهين – موٽڙي. (ث. سينهيْ ج سينهيُون).

• **سِينهُوڙو ج سِينهُوڙا:** ذ. سِينهُو. (ث. سِينهوڙي ج سِينهوڙِيُون).

• **سِينهور:** اسر خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سِينهوريْ:** اسر خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو. اسر خاص. ڏنڊ جو گاهه جنهن کي مچي ڪائي.

• **سِينْهوڙو:** اسر خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **سين:** ث. [سن. سيما = حد] ڏَنگُ – حَد. ٻنيءَ جو ڏنگ. تائين. سان – سينْ.

• **سِيْئُر:** ث. بيماريءَ جو هڪ قسم – ٽڏي – ٽڏڙي – ماتا. مال جي بيماري – موڙو.

• **سِينْئُرُ ج سِينْئُرَ:** ذ. ماتا جي ڦُڙڙي. ماتا جو داغُ – نِشانُ.

• **سَينْئُرُ ج سَينْئُرا:** ذ. چيچَڪ. ماتا جو داغُ.

• **سَينْيْ ج سَينِيُون:** ث. سينهي.

• **سِينْيْ ج سِينْيُون:** ث. [سن. سيمن = حَد – سنڈو] حَدَ – سنڈو – ڏنگ – سرحد – سيڙهو. (حرف جر) تائين – توڙي – سوڙو – لاڪون – سين.

• **سِينِئن:** ٻئي طَرف – لاڳو – لڳولڳ – دنگئي.

• **سِينْيْچَرُ ج سَينْيْچَرَ:** ذ. [سن. شنيئت = ست + چڙهڻ] هڪ نهايت سست رفتار سيّاري جو نالو – ستون گِرهُ – سَتُون سيارو – زحل. چنچر – نياڳ – چندائي – بدنصيبي.

• **سِينِيُوْنْ:** ث. ڪٽڪ جي ميدي مان ٺاهيل وارن جهڙيون ڏگهيون لڙهيون – هڪ ڪجو طعام – سيوئُونْ – سيئِيُونْ – سَيُونْ.

• **سِيڻِ:** حرف جر. ساڻ – گڏ – مليلَ – جملہ ج سيڻَ: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم نندي ته ڪاري (چوٽيءَ ۾ اڇو سنگ. ڪڍي ته مٺي ٿئي. گهوڙا ۽ ڳئون چاهه سان ڪائين).

• **سِيڻاس:** ساڻس "سوئي سو سيڻاس" الخ (شاهه)

• **سِيڻانَ:** ساڻن – هنن سان. "سَبَڙَ جامَ سيڻان، ويهي رات وروهيو" (شاهه ڪريم).

• **سَيڻانيْ:** ساڻن ئي – هنن سان ئي.

• **سِيڻائُو ج سِيڻائا:** ظرف. گڏ – ملت ۾ _ جُٽ – ٻڌ.

• **سِيڻُسَ:** ساڻس – هن سان.

• **سِيڻُ ج سِيڻَ:** ذ. [سن. سُوَجْنَ. پرا. سَيسَنَ. سَ = سان + جيا = جاڻڻ] گهوٽ يا ڪنوار جي مائٽن لاءِ محاورو. سگيٽو – مائٽ – مٽَ – عزيز. سجڻ – دوست – محبوب – محبُ. پيار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **سيٹاپو ج سيٹاپا:** ذ. مائٽي – محبت – لاڳاپو. تعلق. سَڳ.
• **سيٹپو ج سيٹپا:** ذ. ويجهي مائٽي – سڳا بنديءَ جو لاڳاپو. شادي ڪرڻ وقت نياڻي جي سس کي چولي ۽ رَڙي ڏيڻ واري رسم.
• **سيٹپي:** ث. مائٽي – سيٹپو.
• **سيڙَ سَتائڙ:** پنهنجن کي ايذاءُ پهچائڻ – مائٽن جو مَنڪهُرو ٽيڙ – عزيزن جو بدخواه ٽيڙ – پنهنجي ڪٽنب سان ويرُ رکڻ.
• **سيڙوڙ ج سيڙوڙ:** ذ. نائيءَ جو پاڙ. ننهن جو پاڙ.
• **سيڻ ج سيڻون:** ث. ٽر ملڪ ۾ ٽيندڙ هڪ گاهه جو قسم – مال جي چَرڻ لاءِ گاهه طور استعمال ٽيندڙ – هڪ پکيءَ جو قسم – سَرَ. ڪورين جي ڏنڊي جو لفظ – تاجيءَ جي سيڻَ – ڪڙن ٻڌڻ جَو وٽيل ۽ ميڙ لڳل مضبوط ڏاڪو – رڄ جي ڪَم ايندڙ ڏاڪو – تاڪيئي جو ڏاڪو. جنهن مان تاٽو تانجي ڪري. پشر جو سڳو.
• **سيڻاهه ج سيڻاهيون:** ث. [ع. شنع = ترڻ] ٻڪريءَ جي ڪَلَ مَان ٺاهيل ترڻ جي ڪَلي – سيڻهه – سانداري.
• **سيڻاهَ پيتو ج سيڻاهَ پيتا:** ذ. صفت. وڏي پيٽ وارو – گهٽو ڪاءُيندڙ – پيتيرَ – پيتي.
• **سيڻاهيو ج سيڻاهيا:** ذ. سيڻاهه جو تارُو – سيڻهه تي تري هاڻندڙ.
• **سَيڻايو ج سيڻايا:** ذ. صفت. سيڻهه وارو – سيڻاهيو.
• **سَيڻڪَ ج سَيڻڪُون:** ث. طبقو – طبق – درجو.
• **سَيڻَ:** مصدر. [پرا. سُوَنَّ. سن. سُوجن] سَبڙُ – انديءَ وارو توپو ڏيڻ – اوتيءَ وارو توپو ڏيڻ.
• **سيڻهَ ج سيڻهُون:** ث. سيڻاهه.
• **سَيڻهه ٽي پَوَڙ:** گهٽو ڪائڙ يا پرجڙ – ڪاوڙجڙ – ڦوڪجڙ.
• **سَيڻهَڏِيُ:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **سَيڻِئُ ج سيڻِيا (ت):** ذ. ٽر ملڪ ۾ ٽيندڙ هوتي جي شڪل جهڙو گاهه. نوڙين ٺاهڻ جي ڪم ايندڙ.
• **سيو ج سيا:** ذ. سيءَ سان ايندڙ بخار. سيءَ – ڏڪڻي.
• **سَيو ج سَيا (ت):** ذ. هڪ قسم جو جهنگلي ڏٽ.
• **سيوا (ج):** شيوا. خدمت.
• **سيوَر:** ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وڪر.
• **سيُوَرَ ج سيُوَرُن (ت):** ث. ٻي نڪاح جي زال.
• **سَيوَل:** ث. پاڻيءَ ۾ پيدا ٽيندڙ هڪ هوتي جو قسم. سول (Civil) – سول ڪورٽ.
• **سَيُون (ج):** ث. ڪٽڪ جي معدي ۽ آتي مان ٽهيل ڏڪهيون ۽ سنهيون لامون. ڪاڏي طور استعمال ٽيندڙ – سيئِيُون – سيِيُون.
• **سيونجَ ج سيونجُون:** ث. سڪ – سهنج – سهوليت. سَٽو – سانگو – لَهَ. سنائي – صفائي – پوشيدائي – شهُرتُ.
• **سيونجُ ج سيونجَ:** ذ. سهنجو وقت – سؤڪو وقت.
• **سيونجائتو ج سيونجائتا:** ذ. صفت. سؤڪو – سهنجو – سهنجائتو. ڪشادو – خلاصو. صفا – صاف – پوشيدو – سٽرو – اُجرو – اڇو – پاڪ.
• **سيونگ:** ث. [انگ. To Save = بچائڻ] بچت – پاڇي.
• **سيونگ بينڪَ ج سيونگ بينڪُون:** ث. پئسن بچائي رکڻ جي آفيس.
• **سيونگ سرٽيفڪيٽ ج سيونگ سرٽيفڪيٽ:** ذ. ڏراوت جو چلنَ – پئسن بچائي رکڻ جي حالتَ ۾ مليل سرڪاري چلنَ يا رسيد.
• **سيوَنُ:** مصدر. [سن. سيو = ٽهل ڪرڻ] سيوا ڪرڻ – پُوجڻ – بندگي ڪرڻ.
• **سيوا ج سيوائُون:** ث. خدمت – ٽهل ڪرڻ – چاڪري ڪرڻ. شيوا. حفاظت – سنيال. ملازمت.
– **سيوا ڪَرڻُ:** خدمت ڪرڻ – ٽهل ڪرڻ – چاڪري ڪرڻ.
• **سيوَڙي ج سيوَڙيُون:** ث. مرد جي ٽهل. خاطري يا شيوا ڪندڙ زال.
• **سيوَڪُ ج سيوَڪَ:** ذ. پرست – پوڄيندڙ. داس – پڳت – ٽهليو – شيوَڪُ – شاگرد – هالڪو.
• **سيوو ج سيوا:** ذ. لَهوارو ٽيل هَرُ.
• **سيوو ج سيوا:** ذ. لَهوارو ٽيل هَرُ.
• **سيوهڙُ:** اسم خاص. (سيوي + واهڙ) سنڌ جي تاريخي شهر جو نَالو (جيڪو سيوين سيٿين Seythian جو تختگاهه رهيو) قلندر شهبازَ جي درگاهه. تعلقي ۽ ديهه جو نالو.
• **سيُوِيُ ج سيوِيُون:** ث. جانورن يا آتي کي سُري وانگر کائيندڙ هَڪَ جيت گهٽو.
• **سيهڙ سيهُ:** ث. (ف) سياهه ڪارو. بَد – خراب. نياڳو.
– **سَيهڙ باطنُ:** ذ. صفتَ. [فَ. سيهه + باطن = ڳجهه] اندر جو ڪارو. (ذَ). ڪارو اندر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **سيهڙ بَخْتُ ج سيهڙ بَخْتَ:** ذ. صفت. [ف] ڪم بخت – نياڳو ۽ چندبو (چندرو).
- **سيهڙ روُ ج سيهڙ روُ:** ذ. صفت. [ف. سيهڙ + روُ = منهن] منهن ۽ ڪارو. چندوَ (چندرو). نياڳو. گنهگار – عاصي.
• **سيهڙ، سهرو (ت):** ذ. (سيڙهه جو تصغير) جاهو.
• **سيهڙ ڪار ج سيهڙ ڪارَ:** ذ. [ف. سيهڙ + ڪردن = ڪرڻ] ڪارا ڪم ڪندڙ – ڪنا ڪم ڪندڙ ۽ گنهگار – عاصي.
- **سيهڙ ڪاري ج سيهڙ ڪاريُون:** ث. بداخلاقي.
• **سَينهڙ ج سينهڙَ:** ذ. شينهَن – شيرُ. "هڪ پوءِ بيراهُ جو، ٻئو سَانيارا سينهڙ" (شاهه).
• **سيهڙَ:** ثَ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (بنا چلرن جي، رنگ سَفيد، وات وڏو قد اٽڪل ٻن ڪان ڇهن انچن تائين).
• **سيهالڪ:** اسم خاص. مزاري بلوچن جي هڪ شاخ جو نالو (رَستماٽين جي شاخ).
• **سيهراجُ ج سيهراجَ (ت):** ذ. ميلاپ. پريت.
• **سيهري ج سيهريُون (ت):** ث. اُٺ جو چيٽو – ڳسي – پولهڙو – قولڙو – ليڏوٽو.
• **سيهڙَ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **سَيهڙَ ج سيهڙَ:** ذ. هڪ قسم جو جانور، سَهو – خرگوش. ماتا جي بيماري (ڪ).
- **سيهڙَ ڪَل رَڪائِيُ:** نازڪ بدن ٽيٽ. ڍِنڊو رهڻ – ڏَپُ ڪندو رهڻ.
• **سيهڙا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **سيهڙو ج سيهڙا (ت):** ذ. هڪ قسم جو ننڍو جانور – جاهو.
• **سَيهو ج سَيها:** ذ. صفت. ڏاهو – سياڻو – داناءُ – جاڻو. "چريو سوئي لوڪ، چرين ڪي چريو چوي؛ چرين ڏِنو سو ٽوڪ، سيها سڪن جن ڪي". سهو. جاڻ – سجاڻ – ڏيڻ ويڙهه سهولت – آساني.
• **سيهوَ ج سيهَا:** ذ. [سن. سَيڪ] هڪ قسم جو مشهور ڏاتو ۽ شيهو.
• **سيءُ ج سيءِ:** ذ. [سن. شِيت = سردي] سردي – ٺڏ – سياٽو – ٺار – ڏَنيءَ – ڏَرُ. ساڙ – پالو – پارو. سرد هَوا. سيءَ سان ايندڙ بخار. (اسم خاص). هڪ قسم جو گاهه. هڪ خوشبوءِدار گاهه، جو زالون خوشبوءِ خاطر وارن ۾ وجهن. "سيءُ نہ وجهان سينڌ ڪا تيلاڻي تَريُ" (گلو مياڻو).
• **سيئاٽو ج سيئاٽا:** ذ. ڏڪٽي – ٽڙڪٽي – ڦُرڪٽي – سيانَڊو ۽ سياڻ – سَهاڻ.
– **سيئاٽي ج سيئاٽيون:** ث. سيئڪاري. ڏڪٽي.
– **سَيئانڊيُ ج سيئانڊيُون:** ث. ڏڪٽي – ڪنبٽي – خوف واري حالت.
– **سَيئانديُون اِيَرڻ:** خوف طاري ٽيڻ – بدن ۾ ڪنبٽي پوڻ.
– **سَيءُ ٽِيَڻ:** ٺڏ لڳڻ محسوس ڪرڻ. ڏَپ لڳڻ – خوف ٽيڻ.
– **سَيئو ج سيئا:** ذ. ٺڏ ۽ سيءَ سان ايندڙ بخار.
– **سَيءُ وَڻَڻ:** پارو لڳڻ – سردي ٽيڻ. خوف ٽيڻ – ڏڪٽي ٽيڻ – ڏَپ ٽيڻ.
– **سيئوڪريُ ج سيئوڪريُون:** ث. بدن ۾ سيءَ سبب ٽيل ڪاندار ۽ سيسَراتي.
• **سيئاڙَ ج سيئاڙَ:** ذ. ڪري ڪنڊ وقت شروع ۾ اَن جو ڇڇ پري نيَاٽيءَ کي ڏُيڻ واري حالت.
• **سيئاپو ج سيئاپا:** ذ. مرڻ تي گهٽين زالن طرفان گڏجي سُر سَان رُئڻ واريَ رسم – پاڙ.
• **سيئاڙ ج سيئاڙ (ت):** ذ. جانور جو هڪ قسم – گدڙ. ڪانيءَ ۾ ٽنگ ڪيڙ لاءِ اوزار. جانورن جي بيماريءَ جو هڪ قسم – ماتا.
• **سيئس سيئريُ ج سيئريُون:** ث. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم، چَلرن سان، ڏيکهه اٽڪل چئن فوٽن تائين – سيرَ مڇي – رانوَسَ مڇي.
• **سيئڻ ج سيئڻُون (لس):** ث. رستو – گَسُ – واٽ (حرف جر). سَان. تائينَ – سوڌو – آهرُ. موجب.
• **سيئڻُ:** مصدر. هاڻَ ۾ رَڙڻ يا پچائڻ – هاڦ – هاڦَ ڏيڻ – اوهارڻ – پانيڻ.
• **سيئو ج سيئا:** ذ. پالينڊرَ ۽ سانديندڙ مرد.
• **سيئيُ ج سيئيُون:** ث. هار جي گهائي ۾ لوهه ٻڌڻ جي رسي.
• **سيئو ڏِيَڻ:** هار جي واڌ کي سندس چنيڙ سان ملائڻ.
• **سَيئُون ج سَيئُان:** ذ. صفت. سَوين پتي وارو.
• **سيئيُ ج سيئيُون:** ث. ڦوٽ – چير – ڏارُ – شگاف. ضمير جواب موصول. اهيئيُ – اُهي – ساڳيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ش

• **ش:** ث. سنڌي الف بي جو اوٽنيهون اکر. عربي الف بي جو تيرهون اکر. فارسي الف بي جو سورهون اکر. ابجد جي حساب موجب عدد ۳۰۰. (ف). حاصل مصدر جي نيشاني. جيئن ته "کوشش، بندش، بخشش" وغيره.

• **شابُ ج شابَ:** ذ. (ع) جوان – گپرو – لاسڙيات – نوجوان – چوويهن ورهين کان چاليهن ورهين تائين عمر وارو ماڻهو.

• **شاباس ج شاباسُونْ:** ث. [ف. شادباش = شاد = خوش + باش > بودَن = هئڻ] خوش هجو! آفرين! مرحبا! – واه واه! – ساراهه – واکاڻ – تعريف.

– **شاباش ج شاباشُونْ:** ث. شاباس.

• **شابَرائِيْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **شابس:** ث. [ف. شاد + باش = خوش هجو] آفرين.

• **شابيَّ:** ندا [ف. شاباش! – آفرين.

– **شابي شابي گَـرَڙ:** شاباس شاباس چوڻ. ڪنهن کي ڪرڙ لاءِ همتائڻ.

– **شابيرَ (ک):** ندا. شاباس! – آفرين! – واه واه!

• **شاتْ:** ظرف. [ف. شايد = مبادا] شايد – جيڪر.

• **شاپَ ج شاپُونْ:** ث. [انگ. Shop] دُڪان – هَٽ – ڪوئي. ڪارخانو.

• **شاپارْ ج شاپارَ (ت):** ث. شوق – محبت. عشق – سڪ.

• **شاخَ ج شاخُونْ:** ث. [ف. شاخ: سن. شاکا = ٽاري] ٽاري – لام – ڏار. واهه مان نڪتل ننڍي ڪَسي – واهي – نالِي. سَلسلو – نَسل. پاڳو – حصو. وڻ پکي انَب جي نَشاني (پهرين پکل انبڙي). ساک.

– **شاخْدارُ ج شاخْدار:** صفت. [ف. شاخ + دار > داشتن = رکڻ] تارين وارو – شاخن وارو لاميَلْ – سگَرُ.

– **شاخَ ڪَڍَڻُ:** وڻ جون ٽاريون ڪڍڻ. ظاهر ٽيڻ (ڏينهن يا سڀ جو) – اُپرڻ. ڏسجڻ ۾ اچڻ.

– **شاخَ لَڳائِڻُ:** قلم لڳائڻ – اک هڻڻ (وڻ جي) – اک لڳائڻ.

– **شاخَ هَڻَڻُ:** ٽاريُ هڻڻ. سگي هڻڻ.

• **شاخَتَ ج شاخَتُونْ (ت):** گهوڙي جي سَنجَن مان هڪ سَنجَ جو نالو. دُمچيءَ ۾ هَني کي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽُڪر – پشتنگ.

• **شاخَ ڈَرْيلُو:** اسر خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شاخَ ساماروُ:** اسر خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شاخْسانهْ:** ذ. (ف) فتنو. فساد جهيڑو – شڪ شُبهو. نئين ڳالهه. عيب – نقص – نندا – خَلل. الزام – بهتان – تُهمت. فريب – دوکو – ڏوکو.

• **شاخَ کِيْجَرازِيْ:** اسر خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شادُ ج شادَ:** ذ. صفت. [ف. شاد = خوش] خوش خورم – خوش حال – بافرحت. خوش – سرهو – بهار – نِهال – سُکِيْ – آسودو – شُڀ – مزي ۾ ـ ممنون – پَرسن.

– **شاداب ج شاداب:** ذ. صفت. ف. شاد + آب = پاڻي] سرسبز – تروتازه. آباد.

– **شادابِيْ ج شادابِيُونْ:** ث. سرسبزي – ساوڪ. طراوت – تازگِيْ. خوشيَ – آسودَگِيْ.

– **شادانْ ج شادانَ:** ذ. صفت. خوش – سرهو – بَهارُ.

– **شادانْ هُجَڻُ:** خوش هجڻ – سرهو هجڻ.

• **شادَهُوْرُ:** اسر خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شادَمانْ:** اسر خاص. تعلقي جوهي ۾ هڪ ديهه جو نالو. ماڻهوءَ جو نالو.

• **شادِيْ ج شادِيُونْ:** ث. [ف. شادي = خوشي] خوشِي – جشن –

سَرهائي. پرٽو – وهاڻ – ڪاج – نڪاح. خوشخبريُ – بَشارت.

- **شاديانوُ ج شاديانا:** ذ. خوشيءَ جو واڄو – خوشيَءَ جو راڳ – دهل دمامو – راڳ روپ. مبارڪ باد – خوشخبري – بَشارت. شادمانو.

- **شاديانوُ وڄائڻ:** خوشيءَ جي نوٻت وڄائڻ – فتح جو نقارو وڄائڻ.

- **شاديُ ڪرڻ:** وهاڻ ڪرڻ – پرٽو ڪرڻ – پرڻجڻ. خوشي ڪرڻ – جشن ڪرڻ – شادمانو ڪرڻ – شاديءَ جي خوشي ملهائڻ.

- **شاديُ مُبارَڪ:** شاديءَ جي خوشيءَ جي واڌائي.

- **شاديُ هُجَڻ:** وهاڻ هجڻ – نڪاح هجڻ. خوشي هجڻ.

• **شاديُ اَبرُوءُ:** اسر خاص. تعلقي رتيديري پر هڪ ديهه جو نالو.

• **شاديُ اڳهر:** اسر خاص. تعلقي رتيديري پر هڪ ديهه جو نالو.

• **شاديُ پلِي:** اسر خاص. تعلقي ساماري پر هڪ ديهه جو نالو.

• **شاديُ والوُ:** اسر خاص. تعلقي اُباوڙي پر هڪ ديهه جو نالو.

• **شاڏُ:** ظرف. [ع. شذّ = جدا ٿيڻ] جُدا – الڳ – تنها – اڪيلو. ڪڏهين ڪڏهين. عجيب – انوکو – اٽلپ – نادر.

- **شاڏُ ونادرُ:** ظرف. اتفاقاً – ڪڏهين ڪڏهين.

• **شارُ ج شارَ:** ذ. [ع. شَعْر = وار] وارُ (ڏهس).

• **شارٽ:** صفت. [انگ. Short] ننڍڙو – مختصر.

- **شارٽ هئنڈ:** ث. مختصر نويسي.

• **شارحُ ج شارحَ:** ذ. صفت. [ع. شَرحَ = کولڻ] شرح ڪندڙ – کولي بيان لکندڙ – معنيٰ ڪندڙ – ٽيڪاڪار.

• **شارعُ ج شارعَ:** ذ. صفت. وڏو رستو – شاهي واٽ. دين جو رستو – مذهبي واٽ – شريعت تي هلندڙ – صاحب شرع. – فقيهه.

- **شارعِ عامُ:** ذ. عام رستو – شاهراهه.

• **شارڪُ:** ث. (انگ). تمام وڏي مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **شارڪُ ج شارڪُونْ (ت):** ث. وزن جو هڪ قسم – آنو – چٽناگ – پنج ڏڪا.

• **شارڪُ ج شارڪ:** ذ. صفت. [ع. شَرَكَ = پاڳا ڪرڻ] خدا سان هيو شريڪ ڪندڙ – شرڪ ڪندڙ – مشرڪ – ڪافر.

• **شاروُ ج شارا (ت):** ذ. [ع. اشارَهْ = ڏيکارڻ] اشارو – هٿ ڏَس ـ آهج.

• **شاسترُ ج شاستر:** ذ[سن. شاسَتَر = هدايت جو ڪتاب] پُستڪ – ڪتاب. هندن جو ڌرمي ڪتاب. متن جو ڪتاب – قانون جو ڪتاب.

– **شاسَتريُ ج شاسَتريُ:** ذ. صفت. شاستر جو ماهر – هندو ڌرم جي قاعدن جو ماهر – پنڊت. ث. شاسترن جي ٻولي.

• **شاشتَ ج شاشتَونْ (ت):** ث. همت – جرئت – دليري – بهادري. ڪوشش.

– **شاشتَ ٽيڻ:** همت ٽيڻ – جُرئت ٽيڻ.

• **شاطرُ ج شاطر:** ذ. صفت. (ع) شوخ. عيار – چالاڪ. اٽڪلي – چُست – ڪڙو تڙو. قاصد. شطرنج راند ڪندڙ.

• **شاعرُ ج شاعرَ:** ذ. صفت. (ع. شَعَرَ = ڄاڻڻ) شعر ٺاهيندڙ – شعر چوندڙ – ڪوي.

– **شاعريُ ج شاعريَونْ:** ث. شعرن ٺاهڻ جو هنر. شعر بَندي – قافيَهُ بندي.

• **شافعُ ج شافعَ:** ذ. صفت. [ع. شَفع = مدد ڪرڻ] شفاعت ڪندڙ – ڇڏائيندڙ – بچائيندڙ – شَفيع. سفارشي.

– **شافعيُ ج شافعيُ:** ذ. صفت. چوٽڪارو ڪندڙ. وڪيل. سفارشي.

• **شافعيُ:** ذ. صفت. (ع)(اسر خاص). اهل سنت جماعت جي چئن امامن مان هڪ جو نالو. امام شافعي. امام شافعي جي پيروي ڪندڙ.

• **شافيُ ج شافيُ:** ذ. صفت. (ع. شَافع = مدد وارو) شفا ڪرڻ وارو – شفا ڏيڻ وارو.

– **شافيِ مُطْلَقُ:** اسر خاص. الله تعاليٰ جل شانهُ.

• **شاقّ ج شاق:** صفت. [ع. شق = چيرڻ – ٽوڙڻ – ڦوڙڻ] تڪليف وارو – ڏکيو – سخت – ڪٺن. اٽاگو – مشڪل – ڏُشوار – ناگوار. خراب.

• **شاقو ج شاقا (ت):** ذ. اٽڪل – ڏَغا – ٺڳي. وهم.

– **شاقو هڻڻ:** اٽڪل ڪرڻ – دغا ڪرڻ. هيسائڻ.

• **شاهُ ج شاهُ:** ذ. ستن ملڪن مان هڪ ملڪ. راجا سالياهن کان شروع ٿيل سن (جو عيسوي سنہ کان 6، 7، 8 ورهيه بعد شروع ٿيو آهي). (انگ Shock= لوڏو) ڏڪو – لوڏو. صدمو.

• **شاڪرُ ج شاڪرَ:** ذ. صفت. [ع] شُڪر ڪندڙ – شڪر گذار – مشڪور – ممنون. رضا تي راضي رهندڙ – صابر – قانع – راضي. مهرباني مڃيندڙ. اُهي سالڪ جن معرفت حاصل ڪئي

آهي، جنهن لاءِ هُو خدا جو شڪر بجا آڻين ٿا. "صَبُرُ شاڪرَن، آهي اوطاقُن ۾" مني پاڻي جي مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪارڙن چلرن سان ءِ ستن پرن سان سراسر ڏگهو) چٽو (چترو) کان قد ۾ ننڍو – وات وڏو عام طرح وڏي جي ڏيگهه ۳ فوٽ تور ۵ سير ڪن. اندرماس ۾ فقط هڪ ڪنڊو. مُنڊيو – مُڪر – هرڪلو (ل). (ث. شاڪريُ – شاڪريُون).

• **شاڪراڻيُ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **شاڪيُ ج شاڪيُ:** ذ. صفت. (ع. شڪوه = شڪايت ڪرڻ) شڪايت ڪندڙ – گِلا ڪندڙ. داد گهرندڙ – فريادي. بدگو – چُغلخور.

• **شاگِرڊُ ج شاگِرڊَ:** ذ صفت (ف). تعليم وٺندڙ – طالب العلم – پڑهندڙ. ڪو ڪم سکندڙ – سکيا وٺندڙ. پوئلڳ – مريد – هالڪو.

– **شاگِرڊُ ڪَرڻ:** علم ڏيڻ. پوئلڳ ڪرڻ.

– **شاگِرڊُ هُجڻ:** تعليم وٺندڙ هجڻ. قائل هجڻ – اُستاد مڃڻ.

– **شاگِرڊيُ ج شاگِرڊيُون:** ث. طالب علمي – استاد جي هٿ هيٺ ڪم سکڻ جي حالت. مريدي – خدمت چاڪري.

– **شاگِرڊيُ ڪَرڻ:** ڪو ڪم سکڻ – تعليم پرائڻ – پڑهڻ. استاد ڪرڻ.

• **شالا:** حرف ندا. [ع. شاءَ الله = جئن الله گهريو] خدا اِئين ڪري الله ڪري! الله گهريو ته – شَل – مَن!

• **شالا:** ظرف. شال – من – جيڪر.

• **شالَ ج شالُون:** ث. (ف). اوني يا ريشمي چادر – لوئي – اوڍڻي – دُشالو – ڏوري.

– **شالَ دوز:** ذ. صفت. شالن جي دُرستي ۽ مرمت ڪندڙ ڪاريگر.

• **شالا ج شالاتُون:** ث. (سن). گهر – مڪان – جڳهه – جاءِ. جيئن "پاڻ شالا – ڏرم شالا".

• **شالَميُن:** اسر خاص. [ع. سلمان = سليمان] نالو ماڻهو جو.

• **شالُورَ ج شالُورَ:** ذ. (سن). ڪپڙي جو هڪ قسم. ڳاڙهي ريشم جو رَڙو – سالورو.

• **شاليمارَ:** اسر خاص. لاهور شهر جي هڪ مشهور باغ جو نالو.

• **شامَ ج شامُون:** ث. [ف. شام = سانجهي] سانجهي. سنجها – نماشام – مُنْهَنْ مير. ڪاري رنگ جي عورت. اڻ ويامل عورت. سام – پناهه. جنازي لاءِ ورهايل ڪارڪُون (ل). زالاڻي چولي جو سامهون ڪيسو – اندرين.

– **شامِ غَريبانْ:** ث. مصيبت جي شام – مايوسي ۽ تنهائي جو شامَ – مسافري جي شام – مفلسي جي شام.

– **شامِ ڪليانْ:** ذ. هڪ سُر جو نالو. ٺاٽ. ڪلياڻ جو هڪ راڳ.

– **شامَ و سَحَرْ:** ظرف. [ف. شام + ع. سحر = صبح] صبح شام – هر وقت – هڻي وقت – صبح سنجهه.

• **شامَ ج شامُونْ (ت):** ث. اوزارن جي گَڻ کي چيرڻ ڪان بچا لاءِ ڪنهن ڏاتوءَ جو ٺهيل چَلو.

• **شامْ:** اسر خاص. ملڪ جو نالو. سيريا (Syria)

– **شامي ج شامي:** ذ. شام ملڪ جو رَهندڙ.

– **شامَيْ ڪبابَ ج شامي ڪبابَ:** ذ. ڪباب جو هڪ قسم.

• **شامَتْ ج شامَتُونْ:** ڀ. [ع. شامت > شام = نياڳو] اياڳ – نياڳ – نحوست – ادبار – ڪم نصيبي – بدبختي. مصيبت – آفت – اُپدا – وپت. سختي – دُڪ. اوسر – ڏکيا ڏينهن.

– **شامَتْ اَچڻْ:** مصيبت اچڻ – آفت اچڻ – سختي اچڻ – ڏکيو ڏينهن اچڻ – بدقسمتي ٽپڻ – قَهرِ الاهي نازل ٿيڻ.

– **شامَتِ اَعْمالْ:** ث. [ع. شامت + اعمال = ڪَرَ] ڪيل گناهن جي مُصيبت – خراب لڇڻ جو نتيجو – ڪنن ڪرتُوتن جو بَدلو

• **شامَتْ زَدَهْ:** ذ. [ع. شامت + ف. زده > زدن = هڻڻ] مصيبت جو ماريل – سختي هيٺ آيل – ڏکيا ڏينهن گذارينڙ – بَدقسمت.

• **شاملَ ج شاملَ:** ذ. صفت. [ع. شامل > شمل = گڏي ڇڏڻ] (سان) لڳل – گڏيل – مليل – گڏيل – پيوند ڪيل – شريڪ ٿيل. صُحبتي – ساٿي. شريڪ.

– **شاملَ ڪَرڻ:** گڏيڻ – گڏڻ – ملائڻ – لڳائڻ – ڪنو ڪرڻ – ٻڌڻ ڪرڻ – هيلهه ڪرڻ – پيوند ڪرڻ – ساڻي ڪرڻ – پاسي ڪرڻ – هانهن هيلي ڪرڻ.

– **شاملَ هُجڻْ:** گڏ هُجڻ – شريڪ هُجڻ.

• **شامور (ل):** صفت. سڄي – سموري – ثابت. جيئن "گابو ڏِڪيءَ کي شامور پيو ڏائي".

• **شامَهْ:** ذ. [ع. شامّه > شَمّ = سنگهڻ] پنجن حواسن مان سنگهڻ جو هڪ حسّ.

• **شاميانُو ج شاميانا:** [ف. شاميانَهْ] خيمي جو هڪ قسم – سايَه پوش – سائبان – چتي – چندو – ڏَڪ – پال – چايو.

• **شانُ ج شانَ:** ذ. [ف. شان > شان = بزرگي. عزت. ڏنڏو] عزت – مان – مَرتبو – عظمت – وڏائِي – بزرگِي – اقبال. جلال – فلک – رونق – سوييا – جَهلکو. پيڪو – تجمل – نَڪ – ڏَبدبو – ٺاٽ – شوکت – حَشمت. حق – نسبت. فخر. حُرمت – شرف. درجه – حالت _ توقير. قدرت – طاقت.

– **شانائتو ج شانائتا:** ذ. صفت. عزت وارو – شان وارو – شاندار. وڏو – مکيه – عظيم – شاهِي – عاليشان – پيڪيدار – سويياوان – رونق دار.

– **شاندار ج شاندارَ:** ذ. صفت. [ع. شان + ف. دار > داشتن = رکڻ] شان وارو – عزت وارو – شانائتو. وڏو – عظيم – شاهِي – مکيه – گِرو. عاليشان – پيڪيدار.

– **شانُ ڈيکارڻُ:** وڏائي ڏيکارڻ – تجمل ظاهر ڪرڻ – طاقت ڏيکارڻ.

– **شانُ و شَوْڪَتْ:** ث. [ع. شان + ف. شوکت = دبدبو] رُعب تاب – تجمل – شڪوه _ ٺاٽ.

– **شانُ وَڌڻُ:** عزت گهٽجڻ – مانَ مَرتبي ۾ گهٽتائي ٿيڻ.

– **شانِي ج شانِيَ:** ذ. صفت. شان وارو – شانائتو – شاندار. پيڪي وارو. ثاني – مَٽ – برابر.

• **شانَبَ ج شانَبُونْ (ڪ):** ث. وڻ جي ننڍي ٽاري – چانَبَ. چاند – هٿ سان اشارو – ميچ – اَهج – شانڊ.

– **شانتِي ج شانتِيُونْ:** ث. ماڻ – چُپ – صبر. ناپ – ٺانهر – چَين – سُک.

• **شانڊ ج شانڊُونْ (ڪ):** ث. چاند – اشارو – اهج – ميچ – شانَب.

• **شانڊون ڏيڻُ:** اشارا ڏيڻ – ميڙون ڏيڻ.

• **شانْڪارڻُ (ڪ):** مصدر. وڙهڻ لاءِ آماده ڪرڻ – لَلْڪارڻ. اوپارڻ – پڙڪائڻ – وڙهڻ لاءِ پڙڪائڻ.

• **شانْڪرُ:** اسر خاص. هڪ نئين جو نالو.

• **شانگَ:** اسر خاص. بگتي بلوچن جو هڪ پاڙو.

• **شانگارڻُ (ڪ):** مصدر. سُريلي آواز سان راڳ يا سَهرا ڳائڻ – چانگارڻ – جهُونگارڻ. واکاڻ ڪرڻ – پڌائڻ.

• **شانگُولَ ج شانگُولَ (ڪ):** ذ. صفت. قداور – ڊگهو – لَڏبو.

• **شانوْ ج شانا:** ذ. [ف. شانَهْ = کلهي واري ڦٽي] کلهو – دوْش.

• **شانْهَ ج شانْهَرُونْ (ت):** ث. هلڻ کان جواب – وهڻ يا ڪر ڪرڻ کان نابريُ. هٿرادو بي هوشيُ – دَتُ – چَپ – ٺانهر.

– **شانْهريلُ ج شَانْهريلَ:** ذ. صفت. سُسْتُ – ڪم ڪوس. گيدي.

• **شانْهَڙِيُ:** اسر خاص. پرت جو هڪ قسم.

• **شانِيُ ج شانِيَ:** ذ. صفت. [ع. ثانِي = ٻيو] برابر – مَٽ – هڪ جهڙو.

– **شانِيُ شَرِيڪُ ج شانِيَ شَرِيڪَ:** ذ. صفت. مائٽ – عَزيزُ.

• **شاهُ ج شَاهَ:** ذ. [ف. شاهَ = وڏو] حاڪم – بادشاه. شطرنج راند جو هڪ مُهرو. فقيرن، پيرن ۽ اميرن لاءِ مانائتو لقب.

– **شاهُ اُمَرْ:** ذ. اُمتن جو بادشاه _ رسولِ خُدا. حضور مقبول صلي اللهُ عليه وسلم جن جو لقب.

– **شاهانْ ج شاهانَا:** ذ. صفت. شاه جو – شاه وارو. شاهِي – راجائِي. بادشاهي شان وتان.

– **شاهانِيُ ڏورَ هَلَڻُ:** آهستي ۽ فرصت سان هلڻ – ناز نخري سان هلڻ.

• **شاهبازُ ج شاهبازَ:** ذ. [ف. شاه + باز] پکيءَ جو هڪ قسم – وڏو بازُ. پکين جو بادشاهه.

– **شاهَ بَنْدَرُ ج شاهَ بَنْدَرَ:** ذ. [ف. شاه بندر] بَندر جو سردار (جيڪو بندر جو محصول اُڪاڙي). بندرَ جو شاهه – بندر شاهه "تنهن کي بندر شاهه بخشئو لحظي جو لاڳو" (ميون شاه عنات).

– **شاهَ تِيرُ ج شاهَ تِيرَ:** ذ. وڏو ڪاٺ – گهوداسو – ڏاند پُڇو – ڪاٺُ – پَڇَرُ – شَهْتير.

– **شاهتُرو:** هڪ گل جو قسم.

– **شاهَ پَرُ ج شاهَ پَرَ:** ذ. پکيءَ جي سڀ کان وڏي ڪنيڑائِي. مُڇَ – شَهپَرُ.

– **شاهَپَڻِيُ (ڪ):** ظرف. ظاهر ظهور – شاهه شاهوڪاري – ڪليو ڪلايو.

– **شاهُ جُوڳُ ج شاهُ جُوڳ:** ذ. صفت. ناموس جهڙو – جَسائِتيو – سُپتيو – مُعتبر.

– **شاهَ راهَ ج شاهَ راهُونْ:** ث. [ف. شاه + راه = رستو] وڏو رستو – وڏي سَڙڪ – عام رستو.

– **شاهَ رَڳَ ج شاهَ رَڳُونْ:** ث. (ف. شاه + رگ = رڳ) وڏي رَڳ – شهرگ – حبل الوريد.

– **شاهزادُ ج شاهزادا:** ذ. [ف. شاه + زاده = جايل] بادشاه جو پُٽ – بادشاه زادو – شهزادو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **شاهزادي ج شاهزاديُون:** ث. بادشاه جي ڏيءَ.
– **شاهُ سَوَار ج شاهَ سَوَارَ:** ذ. صفت. [ف. شاه + سوار = گهوڙي تي چڙهندڙ] وڏو سُوار – اُستاد سُوار. خُوب سُواري ڪندڙ. شهسوار.
– **شاهُ شاهُوڪاريُ:** ظرف. ڪليو ڪلايو – ظاهر ظهُور – ڏيڻا داستي.
– **شاهُ شريانَ جَ شاه شريانيُون:** ث. [ف. شاه + شريان = هڪ رڳ] وڏي رڳ – شَهَ رڳ. جسر جي سڀني رڳن کان وڏي رڳ (جيڪا سڄي بدن کي رت پهچائي).
– **شاهُڪارَ ج شاهُڪارَ:** ذ. [ف. شاه + کار = ڪر] سڀ کان وڏو ڪر – عجيب ڪر – انوکو ڪر.
– **شاهُ گَڙهيُ:** ذ. اُٺ جو هڪ قسم (پيرن جا نهن گاڙها، قد ۾ گچي ڏاتيءَ اُٺ جهڙي).
– **شاهَ مَرْدُ ج شاهَ مَرْدَ:** ذ. [ف. شاه + مرد = جوان] شاهي خاندان جو مرد – شهزادو – شاه زادو.
– **شاهِ مَرْدانُ:** ذ. حضرت علي ڪرم الله وجه جو لقب.
– **شاهنشاهُ ج شاهَنْشاهَ:** ذ. وڏو بادشاهه – بادشاهن جو بادشاه – قيصر – سلطان – خاقان – مهاراجا.
– **شاهنشاهيُ ج شاهَنْشاهيُون:** ث. وڏي سلطنت – حڪومت – بادشاهي.
– **شاهَ نَشينُ:** ث. [ف. شاه + نشين > نشتن = ويهڻ] بادشاهن جي ويهڻ جي جاءِ.
– **شاهَ وارَ ج شاهَ وارَ:** ذ. صفت. (ف). بادشاهن جي لائق نهايت نفيس چيز – جواهرات – موتي.
– **شاهُوڙُ ج شاهُوڙَ:** صفت. بلڪل وڏو – تمام وڏو – شاهي.
– **شاهيُ ج شاهيُون:** ث. بادشاهي – حڪومت – سلطنت – راج – راجائي. شاهيُ: صفت. وڏو – تمام وڏو – شاهوڙ. شاه جو – شاه وارو – شَهنشاهي – راجائي – بادشاهي – قيصري – شاهاڻو. بادشاهي شان وٽان – شاندار – رعبدار – ملوڪ – ريساڻو.
– **شاهيُ رَسْتوُ ج شاهيُ رسْتا:** ذ. وڏو رستو – عام لنگهه.
• **شاهَاڻيُ:** اسر خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ قبيلي جو نالو.
• **شاهُ بلاوَلُ:** اسر خاص. هڪ بزرگ جو نالو. (هي بزرگ قلندر شهباز جو هم عصر هو. ڪراچيءَ کان چوٽيهن ڪوهن جي مفاصلي تي لاهوت کان ڏيڍ ڪوهه پنڌ تي سندس درگاه آهي)
• **شاهُ بَلُوطُ:** ذ. (ف). وڻ جو هڪ قسم – دَيالُ.
• **شاهُبُورُ:** ذ. ڇهري پڪيءَ جو وڏو قسم – وڏو ڇهرو.
• **شاهُتَرُوُ:** اسر خاص. (ف. شاهتره) دوا طور ڪر ايندڙ هڪ پسارڪو وڪر. گاه جو هڪ قسم (جنهن جا ٻه نمونا آهن: هڪ جا پَن ڏَرا ڏَرا داڻن وانگيان، گل خاڪي رنگ جو (بنفشه) جهڙو ۽ ٻئي جا پن ڏگها ۽ ساوا ۽ گل اڇي پر ٻَئي ڪَوڙا آهن).
• **شاهُ پَنْجَو:** اسر خاص ميان نصير محمد جو مائٽو فقير ڏهوٽ ذات جو دادو ضلعي ۾ سندس مزار. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **شاهُپُورُ:** اسر خاص. تعلقي شهدادپور، ميرپور ماٽيلي، ميرپور بٺوري، پني عاقل، جيڪب آباد، گهوڙا ٻاري، شڪارپور، موري ۽ تعلقي هالا ۾ ديهن جو نالو.
• **شاهدُ ج شاهدَ:** ذ. صفت. (ع. شاهد > شَهد = گواهي ڏيڻ) شاهَدي ڏيندڙ – گواهي ڏيندڙ – گواه ـ ساکي – اوڳاهه. اکين ڏٺي ڳالهه ڪندڙ. خوبصورت حسين – معشوق.
– **شاهديُ ج شاهديُون:** ساک – گواهي – اوڳاهي – ثبوت – تصديق – اظهار – ثابتي – پرماڻ. خوبصورتي – حَسينيُ – معشوقي.
• **شاهداڻو ج شاهداڻا:** ذ. گواهي ڏيندڙ شاهد جو بيان. (ف) ليار جو داڻو – ڳاڙهو داڻو.
• **شاهُ عَبَاسُ:** اسر خاص. (ع) عباس بن عبدالمطلب. رسول مقبول جن جي چاچي جو نالو. حضرت علي (ع) جي پُٽ جو نالو ايران جي بادشاهه جو نالو.
• **شاهُ موريُو:** اسر خاص. تعلقي جوهي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **شاهُ ميهَڙو:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **شاهُڪَپُورُ:** اسر خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.
• **شاهُلُ ج شاهُلَ:** ذ. هڪ رازڪي اوزار جو نالو. پت جي سَنوت جاچڻ لاءِ ڪر ايندڙ هڪ اوزار. (لوهه جو گولو ڏوَر ۾ بَڌل). واڻ مان ناهيل جُتي – چاهُلَ (ڪ). (اسر خاص). تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **شاهُلَ:** ث. اسر خاص. عورت جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **شاهَنامو ج شاهَناما:** ذ. [ف.شاه = بادشاه + نامہ = لکيل = بادشاهن جي احوالن جو کتاب] (اسر خاص). پارسي جو شاعر فردوسي جو منظوم کيل مشهور کتاب (جنهن ۾ قديم ايران جي بادشاهن جي تواريخ جو بيان).

• **شاهُو ج شاها:** ذ. راند ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جو ٽڪر (ت). محصول وغيره جي حساب رکڻ جو کتاب. فريب – ٺڳي – مَڪاري – پَرتو – چَٽ.

– **شاهو ڏيڻ:** ڳلتو ٻڌڻ – چَٽ ٻڌڻ – چاڑها ڏيڻ – پرتا ٻَڌڻ. برغلائڻ – اُتارڻ – چَترائڻ.

• **شاهُو:** (اسر خاص). ماٹهو جو نالو (شاهہ محمد جو اڏورو نالو) تعلقي شهدادڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **شاهُوڪارُ ج شاهُوڪارَ:** ذ. صفت. گهٽي ملڪيت وارو – دولت وارو – ملڪيت وارو – ڌَنوان – دُنيادارُ – دولتمند – تونگر – زردار، سڪيو – آسُودو – جوپ – ونهيون.

– **شاهُوڪاريُ ج شاهُوڪاريُونُ:** ث. دولتمندي – تونگري – دنياداري – ونهيائِيُ. واپارين جي بندين مان هڪ بندي (جنهن ۾ انهن ماٹهن جا ڏار ڏار ليکا رکيا آهن جن کان مال اوڌر تي خريد ڪيو آهي).

• **شاهُوائِيُ:** اسر خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **شاهوڪَ (ڪ):** اسر خاص. ضلعي لس بيلي جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **شاهولِ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو. (اڪثر حيدرآباد ۾)

• **شاهُ وَنگ:** ث. نار جي هڪ ڪائي جو نالو. (سرين جي چٹي متن ۽ ٽاپيءَ جي ٻنهي متن کان وريل ڪائين مان هر هڪ ڪائِيُ). دروازي جي مٹان هڪ وڏي محرابدار ڪمان.

• **شاهي ج شاهي:** ذ. صفت. (ف. شاه = وڏو) وڏو – تمام وڏو. ڏِگهو – جنگ روپيہ جو اڻون حصو. سٹيءَ جي هڪ ڪپڙي جو قِسر. (اسر خاص). هڪ ذات جو نالو.

• **شاهِيُن:** ذ. (ف) بار جو هڪ قِسر – شاهين مادي جنهن جو نر شَهنچو.

• **شاهِينگُ ج شاهِينگَ:** ذ. نالي چڑهيو بَدمعاش. وڏو چور – آڙاهِ چور.

• **شائِستوُ ج شائِستا:** صفت. (ف. شائِستَہ = بردبار) لائق – شايان – واجب – معقول – قابل – جوڳو – مُناسب. عزت وارو.

– **شائِستَگيِ ج شائِستگِيُونُ:** ث. اخلاق – تهذيب – فضيلت – مان شان – آدميت – مروت.

– **شايعُ:** (ع. شائع > شا ع = ظاهر ڪرڻ) ظاهر – آشڪارا – پڌرو – فاش – چٻيل – مشهور ڪيل.

• **شايعُ ڪَرڻ:** جاري ڪرڻ – پڌرو ڪرڻ – مشتهر ڪرڻ – ڇاپڻ.

• **شائِقُ ج شائِقِ:** ذ. صفت. (ع. شائق > شَوق = چاهڻ) شوق رکندڙ – خواهشمند – خواهان – طلبگار – شوقين.

• **شايان:** صفت. (ف). (جي) لائق – زيبا – موزون – مناسب – جوڳو – قابل.

• **شايدُ:** ظرف. (ف). ٿي سگهي يا نہ – مبادا – مجاڻ – الاجي – جيڪس.

• **شَبُ:** ث. (ف). سج لهڻ کان سج اُپرڻ وارو عرصو – رات – رَيْنِ ـ رَجنيِ – لَيل ـ تڱي – تامنيِ.

– **شَبُ باشْ:** ذ. صفت. (ف. شبَ + باش > بودن = هئڻ) رات رهندڙ – رات رهڻ وارو – رات بَسر ڪندڙ.

– **شَب بَخَيْرُ:** جملو. (ف. شب + ب = سان + خير = چڱو) رات جي دعا – رات خير سان گذري.

– **شَب بَرات ج شَب بَراتُونُ:** ث. خوشيءَ جي رات جي رات. (ماه شعبان جي ۱۵ تاريخ رات).

– **شب بيدارُ:** ذ. صفت. (ف. شب + بيدار = سجاڳ) رات جو اٺندڙ – رات جو جاڳندڙ – سڄي رات عبادت ڪندڙ.

– **شَب بيداريُ:** ث. رات جو جاڳڻ جي حالت – سڄيءَ رات عبادت ڪَرڻ واري حالت.

– **شَب تارُ:** ث. رات – ڪاري رات.

– **شَب تاريڪ:** ث. (ف. شب + تاريک = اونداهو) انڌاري رات – اونداهيَ رات – ڪاري رات.

– **شَب خُوابيُ:** ث. [ف. شب + خوابي > خواب > خفتن = سمهڻ] رات جو سَمهڻ جي حالت. رات جو سمهڻ وقت پاتل پوشاڪ.

– **شَب خُونُ:** ذ. [ف. شب + خون = رت] رات جو حملو – راتاهو.

– **شَب روزُ:** ظرف. [ف. شب + روز = ڏينهن] رات ڏينهن – ليل وَنَهار.

– **شَبِستانُ ج شَبِستانَ:** ذ. [ف. شب + اَستان = جاءِ ـ هنڌ] رات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڪڻ جي جاءِ ـ رات جو سمهڻ جي جاءِ، خلوت گاهه ـ خواب گاهه.

– **شَبِ قَدْر:** ث. [ف. شب + ع. قدر = وڏائڻ] عزت ۽ عظمت واري رات. سڳوري رات. قرآن شريف نازل ٿيڻ واري رات (رمضان شريف جي ٢٧ تاريخ جي رات).

– **شَبْ كُورُ ج شَبْ كُورَ:** ذ. صفت. [ف. شب + كور = انڌو] رات جو نہ ڏسي سگهندڙ ـ رات جو انڌو (گهوڙو).

– **شَبْ كُورِيْ:** ث. رات جو نہ ڏسي سگهڻ جي حالت ـ رات انڌائي.

– **شَبْ گُونْ:** ذ. [ف. شب + گون = رنگ وارو] رات جي رنگ وارو ـ ڪارو.

– **شَبِ وصالْ:** ث. [ف. شب + ع. وصال > وَصَل = ملڻ] معشوق سان مَلڻ واري رات ـ سهاڳ جي رات ـ ملاقات جي رات. اها رات، جنهن ۾ ڪنهن عارف بالله جو لاڌاڻو ٿيو هجي.

– **شَبِ وَصْلْ:** ت. شب وصال.

• **شَبْ ج شَبَ:** ذ. ڳجهه ـ پردو ـ پيد ـ منجهه ـ انٽ ـ راز ـ ڏڪ ـ اوٽ. عزت ـ آبرو.

– **شَبْ رَكَنْ:** رازَ لڪائڻ ـ ڳجهه ظاهر نہ ڪرڻ ـ پردو رکڻ ـ ڏڪ رکڻ.

– **شَبْ كَرِيْ:** شب رکڻ ـ پردو رکڻ ـ ڏڪ رکڻ.

– **شَبَ ۾ رَكَنْ:** ڳجهه ۾ رکڻ ـ لڪائڻ ـ پردو ڏيڻ ـ ڪنهن راز کي لڪائڻ ـ ڏڪ ڏيڻ ـ راز کي راز ۾ رکڻ (لڪايل ڳالهه).

• **شَبابْ ج شَبابَ:** ذ. [ف. ع. شبّ = جوان ٿيڻ] هر ڪنهن شيءِ جي ابتدا ـ آغاز ـ شروعات. جواني جو زمانو ـ جواني ـ جوبن.

• **شبانْ ج شَبانْ:** ذ. صفت. (ف). ڏڻ جو راکو ـ ڏنار ـ ڏَرائُ.

• **شَباهَتْ ج شَباهَتُونْ:** ث. [ف. شباهت > ع. شبهه = جهڙو بنائڻ] شڪل ـ شبيهه ـ صورت. رونق ـ روپ. مشابهت ـ مطابقت ـ هڪجهڙائي.

• **شَبْدْ ج شَبْدَ:** ذ. (سن. شَبدَ = چوٽي) آواز ـ صدا. سُر. اکر ـ لفظ. جملو. چَوٽي ـ چَوڪَ ـ چيل شعر. شعر جو ٽڪر ـ راڳ. پجن ـ ڪيرتن. نصيحت واري چوٽي ـ هول ـ وچن ـ اُپديش. نڪتہ شعر ۾ بيان ڪيل.

– **شَبْدُ اَرْتْ:** ذ. شعر جو مطلب.

• **شَبْدُ كوشْ:** ذ. لفظن جي معنيٰ جو ڪتاب ـ لغت ـ ڊڪشنري.

• **شَبْكُوْ ج شَبْكا:** ذ. سونارنجي اصطلاح ۾ سون تي اُڪر جو ڪر ـ ڳهن تي چَل جو ڪر. سون کي جاميٽريءَ جي شڪلين ۾ ورهاست ڪرڻ. انهن ۾ چٽسالي ڪرڻ جو ڪر.

– **شَبْكيدارْ ج شَبْكيدارَ:** ذ. صفت. چهچٽي وارو سهڻو ـ مزيدار ـ وٽندڙ.

• **شَبْكُورَ:** اسر خاص. (ع). هڪ ذات جو نالو.

• **شَبْلِيْ:** اسر خاص. (ع). هڪ مشهور عارف ۽ عالم جو نالو.

• **شَبْنَمْ ج شَبْنَمُونْ:** ث. [ف. شَبْ = رات + نَمْ = آلاڻ] ماڪ ـ مات. ڪپڙي جو هڪ قسم ـ شَبنمْ ـ مَلمل.

• **شَبْنما:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **شَبُوْ:** ذ. (ف). گل جو هڪ قسم (Tuberose).

• **شُبُوْ ج شُباه:** ذ. شُبَهو. وهم ـ وَسوسو ـ پرم ـ سنسو.

• **شُبْهَهْ:** ذ. [ع] شڪ ـ شَبهو. وهم گمان.

– **شُبْهَهْ كَرِنْ:** شڪ آڻڻ ـ گمان آڻڻ.

– **شُبْهَهْ هُنْ:** گمان هڻڻ ـ شَڪ هُنڻ ـ بي ويساهي هڻڻ.

– **شُبْهُوْ ج شُبْهَا:** ذ. (ع) گُمان ـ شَڪ ـ وَهم ـ شبهو.

• **شَبِيْهْ ج شَبِيْهُونْ:** ث. (ع. شبيه > شبه = جهڙو بنائڻ) شَڪل ـ صَورت ـ رُوپ ـ دِؤل. نمونو.

• **شُبْ ج شُبَ:** ذ. (سن. شَبِ = سنو) چگو ـ سنو ـ سَعيدُ. سهڻو ـ مرغوب ـ وٽندڙ ـ من مهڻو ـ بهترين ـ شاندار. روشن ـ چمڪندڙ. قسمت وارو ـ نصيبدار ـ خوش.

• **شَتْ (ڪ):** ظرف. (ف. شايد = مبادا) شايد ـ مبادا ـ متان.

• **شِتابْ ج شِتابَ:** ذ. ظرف. (ف). تڪڙو ـ جلد ـ جلدي ـ يڪدم ـ لَڙِ ۾ ـ تڪڙ ۾ ـ نَهُ ڦَهُ ـ ترت ـ جهَٽ پَٽ ـ فوراً. (ث. ذ). تَعجيلُ ـ تڪڙ ـ اُبهرائي. سگهائي ـ سيگهه ـ جلدائيُ.

– **شِتابِيْ ج شِتابِيُونْ:** ث. تڪڙ ـ تَعجيلَ ـ تيزيُ ـ جلدائي ـ قَرَتائيُ.

• **شَتاه ج شَتاهُونْ (ت):** ث. چالاڪ عورت.

• **شُتُرْ ج شُتُرَ:** ذ. (ف). اُٺ ـ ڏاگهو ـ ڪرهو ـ ليڙهو ـ تودو ـ مَيو ـ جَمل ـ چانگو.

• **شُتُرْبانْ ج شُتُرْبانَ:** ذ. (ف. شتر + بان ـ وان = وارو) اُٺ وارو ـ اوٺي. اُٺ جو نگهبان. اُٺ هلائيندڙ ـ ساربان. جَت.

– **شُتُرْبانِيْ ج شُتَربانِيُونْ:** ث. اُٺ هلائڻ جو ڪر ـ ساربانيُ.

– **شُتُرِي مهارِ:** ذ. صفت. مهار ڪانسواءِ اُٺ ـ ناڪليءَ ڪانسواءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُٺ. پنهنجي مرضيءَ تي هلندڙ. هُوڙهُ – چڑواڳ.

– **شُتُرْبي مَهارُ هُنُڙُ:** اُٺ جو مَهار کانسواءِ هُجڻ – بنا ناکيليءَ جي اُٺ هُجڻ. چڑواڳ هجڻ. آزاد هجڻ – چَوڻ ۾ نہ هُجڻ.

– **شُتُرْسُوارُ ج شُتُرْسوارَ:** ذ. صفت. اُٺ جو سوار – اُٺ هلائيندڙ – جَتُ.

– **شُتُرْمُرْغُ:** ذ. (ف. شتر + مرغ = پکي) پکيءَ جو هڪ قسم – اُٺ پکي. آفريڪا ۽ عربستان جي رڻ ۾ رهندڙ هڪ وڏو پکي. ڊگهين تنگن ۽ وڏي ڊگهي ڳچيءَ سان اُٺ جهڙو پکي.

– **شُتْرواڻُ ج شُترواڻَ:** ذ. شتربان.

– **شُترو ج شُترا (ت):** ذ. صفت. اُٺ جهڙو. بي حياءَ – بي ديدو – اکين اڇو. (ذ). ڏاند جو هڪ قسم – وڏن ۽ ڪندين سڳن وارو ڏاند.

• **شَتَرُوْ ج شَتَرُوْ:** ذ. صفت. (سن. شَتْرُ = دشمن) دشمن – ويريُ – رپ – ور وڌي – ڏُجڻ.

• **شَتَكو ج شَتَكا (ک):** ذ. گهٽي اڄ وڄ – ڊوڙ ڊُڪ – ڊوڙ پاڄ.

• **شَپْ:** ظرف. (ف). جلد – شتابُ – جهت – يڪدم.

• **شَپُ ج شَپَ (ل):** ذ. مُنْهُن – هوٺ – شَڪل.

• **شَپاکُ ج شَپاکا (ل):** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. چاپاکو.

• **شَپڙُ (ک):** مصدر. سُڪڻُ – ڪومائجڻ. سُسَڻ. هيسجَڻ.

• **شَپْ شَپْ:** ذ. (آواز) آواز جو هڪ قسم – ڦَهه ڦَهه. ڪنهن شيءِ سان لاڳيتو ڏکن هٽڻ جو آواز. (ظرف) جهت پٽ يڪدم.

• **شَپْکو ج شَپْکا:** ذ. (آواز) ڪنهن شَي ڪرڻ يا لڳڻ جو آواز – ڦهکو – ٽپکو – ٽهکو.

• **شَپَڻُ (ک):** مصدر. نَپڻ – ناهڻ.

• **شُپو (ڪاڇو – جوهي):** ذ. صفت. نياڳو – منحوس.

• **شُجاعُ ج شُجاعَ:** ذ. صفت. (ع). بهادر – پهلوان – سورمون – سورهيه – دلير – بَلوان.

• **شُجاعَتَ ج شُجاعَتُوْنْ:** ث. دليري – بهادري – سورهيائِيْ – مڙسيْ – مردانگيْ.

• **شَجَرُ ج شَجَرَ:** ذ. (ع). دَرَخْتُ – وَڻ.

– **شَجَرْ پَرَسْتُ ج شَجَرْ پَرَسْتَ:** ذ. صفت. (ع. شجر + ف. پرست > پرستيدن = پوڄڻ) وڻ جو پُوجاري. شُجراع. اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ٽُل ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ ذات جو نالو.

• **شَجَرُوْ ج شُجْرا:** ذ. (ع. شُجْرَهْ = نسب جو نقشو) نسبي وڻ. نسب نامو. حَسب نَسب. پيڙهي – بنياد.

• **شَخْ ج شَخَ (ک):** ذ. (ع. شَڪُ) شَڪ – گُمان – وهم.

• **شَخصُ ج شَخْصَ:** ذ. (ع. شخص ج اشخاص) وجود انسان جو. ماڻهو – بَشر – مَردُ – آدمي. پَهر – وانگي – ڏَر.

– **شَخْصيْ ج شَخْصِيْ:** صفت. شخص جو – ماڻهوءَ جو – آدميْ جو. ذاتي – وجودي – ديهڪ – بدني – اِسمي.

– **شَخْصِيَّتَ ج شَخْصِيَّتُوْنْ:** ث. انسانيت – ماڻهپائِيْ – آدميت. فرديّت – وَحْدَت – گَڻ. عزت – شان – وسعت – وقار – پَت. خوبي.

– **شَخْصيْ حَيثِيَتَ ۾:** ظرف. ذاتي وسعَتَ – پنهنجي پُهچَ – پڄنديْ.

• **شدّ ج شَدّوْنْ:** ث. (ع. شَدّ = سخت ڪرڻ) (لفظ جي) پد تي زور – ڏهاءُ – تاڪيد لفظي. اُچار جو هڪ قسم. ڪنهن لفظ ۾ هڪ جهڙن ٻن اکرن جو لاڳيتو اچڻ ڪري، ٻئي اکر هڪٻئي ۾ ضَمّ ڪري مٽان ڏنل نيشانيْ. جيئن "حُقْقو = حُقو. شُدداڊ = شَدّاد. وغيره". ريت – رواج – رسم – چال – واهپو (ک). جيئن ته. "ٻهراڙيءَ ۾ مٽي اُگهاڑي ڪڻڻ جي "شَدّ" ئي ڪانهي."

– **شَدّ مَدّ:** ظرف. (ع. شَدّ + مَدّ = ڏِگهوڪرڻ) تاڪيد زور سان وضاحت. صاف طرح. ث. ڏام ڏوم – ٽاٽ _ ناهه. شوڪت.

– **شَدّ مَدّ سانْ ڳالهائِڻُ:** فلڪ سان ڳالهائڻ. چٽو ڪري چوڻ.

• **شُد (ت):** ذ. (سن. شُدّ =صاف) صفا – نج – شُڌُ. ثابت. مقرر.

– **شُدّ ڪَرڻُ:** ثابت ڪَرڻُ.

• **شَدّادُ:** اسم خاص. (ع) خُدائيءَ جي دعويٰ ڪندڙ هڪ مشهور حڪمران (جنهن بهشت ٺهرايو هو).

• **شُدائِڻُ:** مصدر. هري هري ٻئي جي دل وٺڻ – ريهڻ – ريبڻ – ريجڻ – ڏَتڻ – ڏُتارڻ – چترائڻ – هرڪائڻ. ڦُسلائڻ – بگيڙڻ. رمز سان ٽُنبڻ. آڏو اشارو ڪرڻ. (زال جو) ست توڙڻ.

• **شِدّتَ ج شِدّتُوْنْ:** ث. (ع. شدت. شدّ = سختي ڪرڻ) زور – ڏهاءُ – سختي – ڏاڍائي. تيزي. زبردستي – زوري – زيادتي. جوش – غلبو. ضد – تڪرار – هَڻ – بانور – تَڪبّر.

– **شِدّتيْ ج شِدّتِيْ:** ذ. صفت. شدت ڪندڙ – ضدي – هوڏِيْ – تڪراري – نَنڊُ. قَدّائِيْ – مُدعي – حُجّتي – ڏوڏي – بَحثي. اٽوٽو – ڪدي – نرجو – اهنڌ. گهَڪيرُ (وَهَڻُ). نگرُ (مرض).

• **شُڌْنِيْ:** صفت. فعل. (ف. شدني > شُدن = ٽيڻ) ٽيٽو – ٽيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڑو – ٹيٽ جوگو – ٽي سگهي ٽو – ممكن. (ث). هجڻ واري ڳالهه – اتفاق – ڳالهه – واقعو – حادثو – ماجرا.

• **شدوْ ج شدا:** ذ. (ع. شده) ضد – هوڏ – شرط.

– **شدو ٻڌڻ:** ضد ٻڌڻ. هوڏ ركڻ – شرط ركڻ.

– **شدو كَرڻُ:** ضد كَرڻ. هوڏ كرڻ – شدّت كَرڻ.

– **شَدوْ مَدوْ ج شدامدا:** ذ. ضدَ – سَختي – جوش – ريڑهه پيڑهه – شدّت.

• **شُدَهْ شُدَهْ:** ظرف. (ف). آهسته آهسته – رَفته رَفته.

• **شَديدْ:** صفت. (ع). سخت. كٹن – مشكل – دشوار.

• **شديدُ شَريرُ ج شَديدَ شَريرْ:** ذ. صفت. سخت شرارت كندڙ.

• **سُڈَ:** صفت. (سن. شُدْ = پاڪ) سچو – نِڇ – خالص – نرمل.

• **شُڈْ ج شُڈَ (ل):** ذ. مٹئي جو هڪ قسم (اكثر نَٽَن ۾ كم ايندڙ سائي رنگ جو موتي).

• **شَرَ:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **شَرُ شَرْ:** ذ. (ع. شَر = خراب ٽيٽ) بُرائي – خرابي – بُڇڙائي – بَدي. شرارت – بدمعاشي – لڇائي. جهڳڑو. تونتو – فساد – جهيڑو.

• **شرُ ج شرَ:** ذ. (ف). كرشمو – جن. پُوتَ جو وهم.

– **شرُ ڪاڙڻُ:** راز ٻڌائڻ – گُجهَ ظاهر كرڻ. كرشما ڏيكارڻ. وهمي ڳالهيون ٻڌائڻ – اجايون كهاڻيون كرڻ.

– **شرُ ڪُدائڻُ:** شيطان گيريءَ جهڙا كم كرڻ – شرارت كرڻ.

– **شرُ مَچائڻُ:** شرارت مچائڻ – اجايو جهڳڑو كرڻ بي فائدو شور كرڻ.

• **شَرابُ ج شَرابَ:** ذ. [ع. شراب > شرب = پيئڻ] نشيدار عرق – انگورن جو چكايل رَسُ – مَي – مَدُ – شراف – دارُون.

– **شَرابُ پٽوْ ج شَرابُ پٽا:** ذ. خُمار – نَشو – مَئي مَستي.

– **شرابُ پيَڻُ:** خمار ٽيٽ لاءِ نشيدار عرق پيٽ – نشو واپرائڻ – مَي نوشي كرڻ.

– **شرابُ خانوْ ج شرابَ خانا:** ذ. [ع. شراب + ف. خانه = جاءِ] شراب پيٽ جي جاءِ ـ مَيخانو. شراب وكڻڻ جي جاءِ ـ كلال خانو – گَنتو. شراب ٺهڻ جي جاءِ ـ بَٽِي.

– **شَرابُ خورُ ج شَرابَ خورْ:** [ع. شراب + خور > خوردن = پيئڻ] ذ. صفت. شراب پيئندڙ – شرابي.

– **شَرابُ خوريُ ج شَرابُ خوريُونْ:** ث. شراب پيئڻ جي حالت – مَئي نوشي – شراب نوشي.

– **شَرابِ طَهُورُ:** ذ. [ع. شراب + طهور > طَهَرَ = صاف ٽيٽ] پاڪ. صاف شراب (جو بهشت ۾ جَنتين كي ملندو).

– **شَرابُ سنڌِيْ:** كَتل. ڇُهارن. كٹڪ جي داڻن. پان جي پاڙ. ٻهر جي چوڏَڻ ۾ ٻين وڻن جي شين مان كاڙهي ٺاهيل شراب.

– **شرابُ داڳيو سنڌِيْ:** شراب جيكو ۾ پيرا باهه تي كاڙهيو وڃي. "شراب داڳيو سنڌي"، يعني "شراب دو آتشه.

– **شَرابِيْ ج شَرابِيْ:** ذ. صفت. شراب پيئندڙ – شراب خور – مَئي نوشَ – نَشئي.

– **شَرابُور:** ذ. صفت. [ع. شراب = پيئڻ جي شيءِ + ور = وارو] پِڳل – پُسيَل.

• **شَرادْ ج شَرادَ:** ذ. (س). هندو ڏرم وارن جي رسم (بدي واري مهيني ۾ مئلن عزيزن جي ياد ۾ برهمڻ كي كاڏو كارائڻ).

• **شَرارْ ج شَرارَ:** ذ. (ع) باهه جي ڇِيي – اُلو. تاندو – چٽنگ – شَرَرُ.

– **شَرارُو ج شَرارا:** ذ. (ع). تاندو – شَرَرُ – شرارُ.

• **شَرارَتَ ج شَرارَتُونْ:** ث. (ع). بَدي – بُرائِي – بيڇڙائِي – شيطانيت – بدمعاشِي. كيچل – مسخري – حركت – چترائِي – لڇائِي. خُلر – نقصان.

– **شَرارَتَ كَرڻُ:** بدي كرڻ – بُرائِي كرڻ. حركت كرڻ – مسخري كرڻ – چيڑڻ.

– **شَرارَتِيْ ج شَرارَتِيْ:** ذ. صفت. بدمعاش. شرارت كندڙ – لُچو – حركتي – مَستيخور – شريرُ.

• **شَراسَتَ ج شَراسَتُونْ (ت):** ث. (ع. شرارتَ مان بگڙيل) شرارت.

• **شَرَفُ (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **شَرافُ ج شَرافَ:** ذ. صفت. سون چانديءَ جو واپاري – صراف – شاهوكارُ (ت): ذ. صفت. لائق – شريف – اشراف.

• **شَرافَتَ ج شَرافَتُونْ:** ث. (ع. شرافت > شَرَفَ = مٹي ٽيٽ) انسانيت – آدميت – چڱمڙسِي. اصليّت – بزرگي – چڱائِي – پَلمانْسِي. اشرافت.

– **شَراكَتَ ج شَراكَتُونْ:** ث. (ع. شَرِك = حصو كرڻ) ميلاپ – گڏجاڻِي. پتي – حصيداريُ – پائيواري – پائنِي.

– **شَراكَتَ كَرڻُ:** گڏجڻ. مائني كرڻ. پَتي ڳنڍڻ – حصيداري كرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **شَراكَتَ نامو ج شَراكَتَ ناما:** ذ. (ع. شراكت + ف. نامہ = كا لكيل شئي) پائيوار نامو – حصي پتيءَ جو كاغذ – كنهن ڪنديل ملكيت يا پائيواريءَ بابت اقرار نامو.

– **شَراكَتي ج شَراكَتيُون:** ث. شاملیت – پائيواريُ – پائني – حصيداريُ. (ذ. صفت) پائيوار – حصيدار – شامَل – ڳنديل – مليل – ڪنديل.

• **شَرانْجَنْ (ت):** مصدر. كاوڙجڻ – غصي ٿيڻ – ڏمرجڻ. رَنْج ٿيڻ.

• **شَرائطُ:** ذ. شَرط جو جمع – واعدا اقرارَ – انجامَ.

• **شربت ج شربت:** ذ. (ف. شربت > ع. شرب = پيڻ) پيڻ جي شيءِ. پيڻ جو منو پاڻي. ڪنڊ جي چاشَ.

– **شَرْبَتُ پيارَنْ:** منو پاڻي پيارڻ – خوشيءَ جي موقعي تي وات منو ڪرائڻ.

– **شَرْبَتي ج شَرْبَتيُ:** ذ. صفت. مٺاڻ وارو – منو – لذيذ. رنگ جو هڪ قسم.

• **شَرْبوُ ج شُربا (ت):** ذ. (ف. شوروه) شوروو – رَسُ.

• **شرتَ ج شَرتُوُنْ (ت):** ث. فريب – ڏڳي – دغا. ڪوڙ – ڪوٽ – بَيْمانيُ.

• **شَرتاكَ ج شَرتاكُونْ (ك):** ث. سَنهونْ لَڪُ – چَمَڪ.

• **شَرتكُو ج شَرتكا (ك):** ذ. (آواز) آواز جو هڪ قسم – پيرن جوَ آواز – آهٽ – شپڪو.

• **شَرحَنْ:** مصدر. كاوڙجڻ – غصي ۾ اچڻ – ڏمرجڻ. رُسڻ.

• **شَرَحَ ج شَرَحونْ:** ث. (ع. شَرح > شَرَحَ = كولڻ) سمجهاڻي – معنيُ – مطلب – حاشيَهٔ – تفيسر – تيڪا – نرواريُ – تَشريحَ. بيان – اظهار. مقرر اڳهه. پتو – مجرائيُ. دستخط – پٽ پرڻ جي حالت (ڪنهن هُنڊيءَ وغيره جي). پهچ جو اقرار.

– **شَرَحَ كَرَنْ:** مفصل بيان ڪرڻ – كولي لكڻ – تشريح لكڻ – معنيُ ڪرڻ.

– **شَرحَ لِكَنْ:** پٽ پرڻ (هنڊي جي) – سفارش لكڻ – تصديق ڪرڻ – وكاءِ پائڻ. سمن يا نوٽيس تي تعميل ڪندڙ عملدار جي تصديَق.

– **شَرَحي ج شَرَحيُ:** ذ. صفت. ضامن جوگو (وارنٽ).

• **شَرَزْ:** ذ. (ع). باهه جي چٽنگ – اُلو – تاندو.

• **شَرْزُ ج شَرْزَ:** ذ. جنن، پوتن ۽ جادوگرن جي اسرارن بنسبت آكاٽيون – وهمي آكاٽيون – اجايون ڳالهيون.

– **شَرْزُ ڪارَنْ:** جنن ۽ پوتن جون واهيات ڳالهيون ڪرڻ.

• **شَرْزِي ج شَرْزِيُ:** ذ. صفت. جنن ۽ پوتن جون ڳالهيون ڪندڙ. لچو – حركتي – ڏڳ – انكلي. شرارتي.

• **شَرْزُ ج شَرْزَ (ت):** ذ. صفت. شرارتي – لچ – فسادي – ويڑهو.

• **شَرْزِيُ ج شَرْزِيُ:** ذ. صفت. شرارتي – لچ – فسادي – ويڑهو.

• **شَرْزاتُ ج شَرْزاتَ:** ذ. (سن. شَرانَا = شرزات) آواز جو هڪ قسم – زور سان نكرندڙ پاٽيءَ جو آواز.

• **شَرْط ج شَرْطُون:** ث. (ع) جي مٽان ڪنهن معاهدي مطابق كا شيءِ مڙهڻ. هوڏَ – بازيُ. داءُ – گوءِ. مقابلو.

– **شَرْط بَڌَنْ:** بازيُ لڳائڻ – هوڏ ڪرڻ. داءُ لڳائڻ.

– **شَرْط پُڄائڻ:** دوڙ پڄائڻ – بازي لڳائڻ.

– **شَرْط جو گهوڙوُ:** ذ. دوڙ جو گهوڙو – بازي جو گهوڙو.

– **شَرْط جو مَيدانُ:** ذ. (گهوڙنجي) دوڙڻ جو ميدان.

– **شَرْط رَكَنْ:** بازيُ ركڻ – داءُ ركڻ – هوڏَ هٽڻ.

– **شَرْطُ مارَنْ:** گوءِ ڪني وڃڻ.

– **شَرْط هَٽَنْ:** بازي ركڻ – داءُ هٽڻ.

– **شَرْطي ج شَرْطيُ:** ذ. صفت. بازيءَ جو.

• **شَرْطَ:** ظرف. (ع) سان. انهيءَ مَهل – بَروقت. جملي ۾ شرطيه يا وقت جي معنيُ ڏيڪاريندڙ لفظ. "وڃ شرط، اچ شرط، وغيره". علم نحو موجب جملي ۾ پيدا ٿيل اهڙي معنيُ جنهن جي ڪري، هڪڙي جملي جو ٻئي سان تعلق رهي (علم نحو).

• **شَرْطُ ج شَرْطَ:** (ع) انجام – قول – اقرار – عهد – پيمان – وعدو.

– **شَرْطُ بَڌَنْ:** اقرار ڪرڻ – عهد ڪرڻ – قول ڪرڻ.

– **شَرْطُ رَكَنْ:** انجام ركڻ – قول ڪرڻ.

– **شَرْطي ج شَرْطيُ:** ذ. صفت. اقراري – هول جو ٺهرايل.

– **شَرْطَيه:** ذ. اهڙو جملو. جنهن ۾ شرط هجي ۽ منجهس حرف شرط جوَ ڪم آيل هجي. "جيڪڏهن اهو ڪم ڪندين، تہ نقصان پهچندءِ".

• **شَرْطاكيُ ج شَرْطاكيُ:** ذ. صفت. ڏڳ – دغاباز – فريبي – ڪپتي – ڏڳبازُ – واهيات ڳالهيون ڪندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **شَرْعَ ج شَرْعُوْنْ:** ث. (ع. شرع = تجويز ڪرڻ) تجويز ٽيل رستو – سڏو رستو – سنئين وات. خدا تعاليٰ جي حڪم تي هلڻ جي وات. حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و آله وسلم جو قاعدو – اسلامي قانون. قرآنِي قانون. آئين – دستور – قانون – شريعت.

– **شَرْعاً:** ظرف. شرع موجب – اسلامي قانون موجب – شرعي طرح – محمدي قانون موجب.

– **شَرْعَ تي هَلَڻْ:** شريعت تي هلڻ – سنئين وات تي هلڻ – دين اسلام جي پيروي ڪرڻ.

– **شَرْعَ مُحمديْ:** ث. قانون محمدي – قانون اسلامي – دين اسلام جو طريقو.

– **شَرْعَ مِ شَرْمُ ڪَرَڻْ:** جائز ڪم ڪان شرم ڪرڻ.

– **شَرْعِيْ ج شَرْعِيْ:** صفت. شريعت مطابق – قانون اسلام موافق. رهندو – حلال – حقائتو – جائز – روا – حقي – باقاعدي – قانونيْ.

– **شَرْعِيْ ڪَرَڻْ (ت):** حجامن جي اصطلاح مِ وار ڪن جي پاڙ جي سنوت تاءِ ڪوڙي ٻتوان ڪرڻ.

• **شَرَفْ ج شَرَفْ:** ذ. (ع. شَرَفَ = عزت وارو ٿيڻ) درجو – فوقيت – ترجيح. بزرگي – پلائِي. بُلندي. عزت – شان – مان – آبروُ – فخر – جَس.

– **شَرف خِدْمَتْ:** ذ. خدمت مِ حاضر رهڻ جو فخر.

– **شَرْفْ ڏِيڻْ:** رونق ونائڻ – درجو ڏيڻ – عزت ڪرڻ.

– **شَرْفْ هُجَڻْ:** بزرگي يا فخر حاصل ٿيڻ – عزت ملڻ.

– **شَرْفْ ياڀْ ج شَرْفْ ياڀَ:** ذ. صفت. (ع. شرف + ف. ياب > يافتن = لَهڻ) عزت وارو – معزز.

– **شَرْقْ ج شَرْقْ:** ذ. (ع. شَرَقَ = اُپرڻ) هڪ طرف جو نالو – سج اُپرڻ وارو طرف – اپرندو – مشرق – پورب.

– **شَرْقِيْ ج شَرْقِيْ:** صفت. مشرق جو – پوربي – مشرقِي.

• **شِرْكْ ج شِرْكْ:** ذ. (ع. شرک = حصا ڪرڻ – ورهائڻ) خدا جي ذات پاڪ مِ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ. ڪفر. خدا سان پائيوار.

– **شِرْكَتْ ج شِرْكَتُوْنْ:** ث. (ع). شراڪت – شموليت – ساڻ – هَمراهي – شاملات – يڪمُشتي.

– **شِرْكُ جَلِيْ:** ذ. ظاهري شرڪ. جهڙوڪ بُت پرستي وغيره.

– **شِرْكُ جو وَرْقَ وارَڻْ:** دل جي ڦرهي تان شرڪ جا لفظ ميساري ڇڏڻ – شرڪ جي پچر ڇڏڻ – خدا تعاليٰ جي وحدانيت تي ثابت قدم رهڻ – خدا کي ڪنهن سان بہ شريڪ نہ سمجهڻ. جيئن "شرڪ جو ست صُفحو ورق واري هيڪڙائي هنن ڏَسي ڏيڪاري" (فاضل شَاهه).

– **شِرْكُ خَفِيْ:** ذ. ڳُجهو شرڪ – پوشيده شرڪ. جهڙوڪ. مطلب جي پورائيءَ لاءِ ڪنهن ماڻهو کي وسيلو وٺڻ.

– **شِرْكَتَ ج شِرْكَتُوْنْ:** ث. عجيب شيءِ ـ نئين نموني جي سِٽاءِ. هنر جي بَازي.

• **شَرْگِڙْ ج شَرْگا (ت):** ذ. صفت. پَٽڙو – پاڻيءَ جهڙو – ڪِنگهو – اُنگهو. بي سواد.

• **شَرَمْ ج شَرَمْ:** ذ. (ف). حَياءُ – لَجَ – مَرمُ – لِيهه – ڦِڪائي. ندامت. غيرت. حجاب. لحاظ – خيال – ديد. "هن کي ڪنهن ماڻهوءَ جو شرم نہ ٿيو". شرم جي ڳالهه – بدنامي. پاڪدامني – سَتُر – اوگهڙ.

– **شَرَمائِتوْ ج شَرَمائِتا:** ذ. صفت. حياءُ وارو – حياءُ دار – شرم وارو – لجارو – ٿَهٽو. محبوب – محجُوب – پاڪدامن.

– **شَرَمائِجَڻْ:** مصدر. شرم وحياءُ محسوس ڪرڻ – لجي ٿيڻ – شرمندو ٿيڻ – ڦِڪو ٿيڻ.

– **شَرَمائِڻْ:** مصدر. ڦِڪو ٿيڻ – لجي ٿيڻ – شرمندو ٿيڻ – شرم ڪرڻ – حياءُ ڪرڻ. شرمندو ڪرڻ – لجارو ڪرڻ. ڪنهن کي منٽ ڪري مجائڻ.

– **شَرَمائُو ج شَرَمائُو:** ذ. صفت. حيادار – لجارو – شرميلو.

• **شَرَمَ هُوتِيْ ج شَرَمَ هُوتِيُوْنْ:** ث. شرم واري هوتي – ڪُنوار هُوتِي. هُوتيءَ جو هڪ قسم (جنهن کي هٿ لائڻ سان ڪومائجي وڃي) – لاجونتي.

– **شَرَمُ پَرْجائِڻْ:** شرمساريءَ کي گهر ڪرڻ جون ڳالهيون ڪرڻ – شرمندگي کي قبول ڪرڻ. ڦِڪائي وندرائڻ.

– **شَرَمَ جِيْ ڳالِهه:** ث. لَجَ جي ڳالهه – غيرت جي ڳالهه. افسوس جي ڳالهه.

– **شَرَم جِيْ مُورتَ:** ث. حياءُ سان پريل صورت. حياءُ وارو – پاڪدامن.

– **شَرَمُ حَضُوريْ:** ذ. اکين جو شرم – منهن ڏسڻ جو ديد – منهن سامهون لحاظ.

– **شَرَمُ رَكَنُ:** لَجَ رَكَنُ ـ غيرت بجائڻ. پَت رکڻ.
– **شَرَمْسارُ ج شَرَمْسارَ:** ذ. صفت. شرم وارو – شرمنده ـ حيا وارو – لجي – قَڪو.
– **شَرَمْسارُ ٿيڻُ:** قَڪو ٿيڻ – لجي ٿيڻ – شرمنده ٿيڻ.
– **شَرَمْساريُ ج شَرَمْساريُونْ:** ث. شرمنده ٿيڻ جي حالت – شرمندگيَ – لَجَ – شرم – حياءَ – قَڪائيَ.
– **شَرمُ ڪَرڻُ:** حياءَ ڪرڻ – حجابُ ڪرڻ – لحاظ ڪرڻ – عار ڪرڻ – خيال ڪرڻ.
– **شَرَمُ گاهُ ج شَرَمَ گاهَ:** ذ. شرم واري جاءِ ـ مرد خواهه زال جي اوڪهَڻِ.
– **شَرَمَ هِ خِيانَتَ ڪَرڻُ:** پرائي عورت سان زبردستي ڪرڻ.
– **شَرَمْناڪُ ج شَرَمْناڪَ:** ذ. صفت. شرم جهڙو – لَجَ وارو – حيا جو.
– **شَرَمْندگيَ ج شَرَمْندگيُونْ:** ث. شرمساري – لج شرم – قَڪائي. بدنامي – خَواري – ندامت. اپمان – هَتَڪَ عزت. بي عزتيَ. غيرت.
– **شَرَمْندوُ ج شَرَمْندا:** ذ. صفت. شرمايل – شرمسارَ – شرمناڪُ – لجيَ – قَڪو. نادمَ – پشيمان. غيرت مند. احسان مند – مَنْنُون.
– **شَرْمْنْدَوْ ڪَرڻُ:** قَڪو ڪرڻ – لجي ڪرڻ. شرمسار ڪرڻ – ذليلَ ڪرڻ.
– **شَرْمْندو هُجَڻُ:** قَڪو هُجَڻ. ممنون هُجڻ – احسان مند هُجَڻ.
– **شَرْمَيْ ج شَرْمِيَ:** ذ. صفت. شرم وارو – حيا وارو – لج جو.
– **شَرْمَيلوْ ج شَرْميلا:** ذ. صفت. شرم وارو – شرمندو – لجارو – حيا دارَ – قَڪو. مُنْهان چرو – محبوب.
• **شَرْمُ ج شَرْمَ:** ذ. جارَ ـ سرڪٽي – قَنڌو – قاهيَ. سخت پورهيو – پتوڙ – ڪَهَ – هَڄٽي – جاکوڙ – ڪشالو – محنت – درد سَريَ. ويم جا سُور. ٽڪَ – لڪَ – چوڪڙو – ماندگيَ.
• **شَرَنْ شَرَنْ:** ذ. (سن. شَرَنْ = بچاءُ. اجهو) بچاءُ – اجهو – اوٽ – سلامتي – پناه ـ ڏِڪ.
– **شَرَنْ پَوَنْ:** سام پوڻ – پناهه پر اچڻ – حفاظت پر اچڻ – اجهي پر اچڻ.
– **شَرْناءِ ج شَرْنائيُونْ:** ث. (ف) ساز جو هڪ قسم – توتاري سرنائيَ – شَرْنائيَ – شَرنَهَ.
– **شَرْنائيَ ج شَرْنائيُونْ:** ث. شرناءِ. شرناءَ وڄائيندڙ.
– **شَرْنايوْ ج شَرْنايا:** ذ. صفت. شرناءِ وڄائيندڙ – تُوتاري وڄائيندڙ – لنگهو. شرنائي.
– **شَرنْهِ ج شَرَنْهُونْ (س):** ث. شَرناءِ.
• **شَرُوْ ج شَرا:** ذ. (ع. شَرَعَ = اظهار ٿيڻ) انصاف – فيصلو – نبيرو (، ڪ) جيئن: "هيڏي شهر پنيور پر، شرو ناتورو". هُل – فساد – جهڳڙو – جنجال – ڪِتراڳَ (ل – ڪ). شُمار – گڻپ (ڪ).
– **شَرو شُمارَ نه هُجَنْ:** تمام گهٽو هجڻ – حد کان زياده هجڻ.
• **شرواهُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص پر هڪ ديهه جو نالو.
• **شُرُوعْ:** ذ. (ع. شَرَعَ = شروع ڪرڻ. داخل ٿيڻ) ابتدا – اول – شروعات – منڊ – آغاز – آرنپ – پهرئين. (صفت) هلندڙ – چالو – رائج – هالو – هليل.
– **شُرُوعات ج شُرُوعاتُونْ:** ث. ابتدا – آرنپ – شروع – مُنْڊ – منهن – اوائل. اڳياڙي.
– **شُرُوعْ ڪَرڻُ:** ابتدا ڪرڻ – آرنپ ڪرڻ – آغاز ڪرڻ. چالو ڪرڻ – جاري ڪرڻ – برپا ڪرڻ – ڪڙو ڪرڻ. لڳڻ.
– **شُرُوْعَ کانْ:** ظرف. اول کان – ابتدا کان – پهرئين کان – منڊ کان – اوائلي – ابتدائي.
– **شُرُوْعُ هُئڻُ:** آغاز هجڻ – ابتدا هجڻ – جاري هئڻ. چالو هئڻ – هلندڙ هئڻ.
• **شُرُوْ ج شُرْوا:** ذ. (ف. شوربا = رَسُ) رَسُ – رَهو – سُوپ – صُوفُ (ٻوڙ يا ميوي وغيره جو) عرق – رُبُ – چاشِ.
• **شريْ:** ذ. (سن. شريْ = ياڳ) سڪ – برڪت. (صفت). ياڳ واَرو – مان وارو. لقب طور ڪم ايندڙ جيئن: "شِريْ ڪرشن. شريْ فلاڻو وغيره".
• **شَرِيْ ڪَرڻُ:** گهٽي دست اندازي ڪري بگاڙڻ.
• **شَرِيانَ ج شَرِيانيُونْ:** ث. (ع) بدن کي رت پهچائيندڙ نَلِيَ – رتَ واهَڻ – نَار – نَبْضَ – رَڳ.
• **شَرِيرُ ج شَرِيرَ:** ذ. (ع. شَرّ) شرارت ڪندڙ – شرارتيَ – حرڪتي – لچُ – بدمعاش. فسادي – خَلِليَ – ڇُغلخور. خراب – بُڇڙو – پابيَ – بدڪار – خَبِيثُ.
• **شَرِيْعَتَ ج شَرِيْعَتُونْ:** ث. (ع. شَرَعَ = داخل ٿيڻ) سڌو رستو – سنَئين واٽ. طريقو – واٽ. اسلامي قاعدو – قانون الاهي –

قرآني آئين – ديني قانون – قاعدو – قانون – نيَر. انصاف – دادُ – نياءُ. درويشن جي اصطلاح ۾ سُلوڪ جو پهريون درجو (جنهن ۾ خدا تعالىٰ جي حڪم ۽ محمدي شريعت تي هلڻ) – ناسوت.

• **شَرِيفُ ج شَرِيفَ:** ذ. صفت. (ع. شريف > شَرَفَ = اوچو ٿيو) وڏي رُتبي وارو – عزت وارو – بزرگ – پلارو. اُتر – اعلىٰ – رفيع. اشراف – اصيل.

– **شَرِيفَہ:** ث. شريف عورت – عزت واري عورت.

• **شَرِيفَائِيٖ:** اسر خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شَرِيفَ پُور:** اسر خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شَرِيڪُ ج شَرِيڪَ:** ذ. صفت. (ع. شريك > شَرَكَ – پاڳيوار ٿيڻ) – شامل – مليل – گڏيل – حصيدار – پائيوار – پَتيار. ساٿي – همراهه – مددگار – رفيق. هڪ ئي نيات يا فرقي جو ماڻهو. عزيز – مٽ – مائٽ.

– **شَرِيڪَاڻُ ج شَرِيڪَاڻَا:** ذ. صفت. شريك جو – گڏ جو – پائيواريءَ جو – گڏيل حصي جو. ساڳئي مائٽي مٽيءَ جو – ساڳئي نيات جو.

– **شَرِيڪَتَ ج شَرِيڪَتُونْ:** ث. مٽي مائٽي – عزازت – برادري – پائپ. پائيواريَ – حصي داريَ – برابري – مساوات. همسري. "سرتيون شريكت. آءٕ ڪيئن آگن سين ڪريان" (شاهه).

– **شَرِيڪُ كَرِنْ:** شامل ڪرڻ – گڏڻ – ملائڻ – ڳنڍڻ. حصيدار بنائڻ – پائيوار ڪرڻ.

– **شَرِيڪُ هُئُنْ:** شامل هئڻ – ساٿ هئڻ – گڏ هئڻ – پتي دار هئڻ – حصي دار هئڻ. مددگار هئڻ.

– **شَرِيڪِي ج شَرِيڪِيُونْ:** ث. شراڪت – لاڳاپو – نسبت – تعلق. پائيواريَ – حصي داري. مائٽي – عزازت – ناتو – سڳائي. برابري – هڪجهڙائي.

• **شُرْبُو ج شُرْبا:** ذ. (ف. شوربا = رَسُ) پتڙي شيءِ کي پيڻ جو آواز.

• **شِسْتَ ج شِسْتُونْ:** ث. (ف). هدف – نشان – چشت (تير جو). آگُوبو – آگر.

– **شِسْتَ بَنَّنْ:** نشان ٻڌڻ – چست ٻڌڻ.

• **شُسْتَہ:** صفت. (ف). ڏوتل – صفا – پاڪ – خالص.

– **شُسْتَگِي ج شُسْتَگِيُونْ:** ث. صفائي. پاڪائي. لفظن جي پختگي – بلاغت.

• **شَشْ:** صفت. (ف) هڪ تعداد – ڇهه.

– **شَشْ پَهْلُو ج شَشْ پَهْلُو:** ذ. صفت. (ف. شش + پهلو = پاسو) ڇهن پاسن وارو – ڇهه پاسو – ڇهه ڪنڊو – مُسدس.

– **شَشْ جِهَتْ:** ذ. صفت. (ف. شش + جهت = طرف) ڇهن طرفن وارو. (ذ). سڄوئي جهان – سڄي دنيا.

– **شَشْ دانگَہ ج شَشْ دانگَ:** ذ. (ف. شش + دانگ = طرف) ڇهه طرف – ڇهه پاسا. سڄي دنيا.

– **شَشْ دَرْ ج شَشْ دَرَ:** ذ. صفت. (ف. شش + در = دروازو) ڇهن درن وارو مڪان. (صفت). حيران – پريشان – ويڑانَ – موڳو – وائڙو.

– **شَشْماهِي ج شَشْماهِيُونْ:** ث. (ف. شش + ماه = مهينو) ڇهن مهنن جي – ڇهه ماهي – اڌ سال جي.

– **شَشْ وَپَنْجَ:** ذ. (ف. شش + پنج = پنج) سوچ ويچار – پريشانيَ – فڪر – انديشه. انتظار.

– **شَشْ وَپَنْجَ ۾ هُئُنْ:** سخت مونجهه ۾ هڻڻ.

• **شِشُ ج شِشَ:** ذ. (سن. شش = شاگرد) شاگرد – چيلو – مريد.

• **شَشُ ج شَشَ (ت):** ذ. صفت. بي وقوف – بي عقل – يُوڪ – ڄُڄ.

• **شَشْدَرْ ج شَشْدَرَ:** ذ. صفت. (ف. شَش = چهه + در) حيران – پريشان – وائڙو – مُنجهيل – بَتليلُ – ويڇُونْ – ڇڪ – موڳو – نپٽ. بي خبر – بي حواس.

– **شَشْدَرْ هُئُنْ:** حيران و پريشان هڻڻ – حيرت ۾ هڻڻ.

– **ششدر ٿيڻ:** مونجهه ۾ پوڻ. پريشان ٿيڻ.

• **شُشْكارَنْ:** مصدر. (سن شُش = قَفْزَ + ف. كار = ڪر) ڦوڪي وارو آواز ڪرڻ. شُش شُش ڪرڻ (رڍن، ٻڪرين وغيره کي). جانورن کي هڪلڻ يا سڏڻ جو آواز ڪرڻ.

– **شُشْكارَ ج شُشْكارُونْ:** ث. بَچ.

– **شُشْكارَ كَرَنْ:** بَچ ڪرڻ.

• **شُشْكانِي ج شُشْكانِيُونْ (ڪ):** ث. بندوق جو هڪ قسم – پري مار ڪنڊڙ بندوق – ميرخاني بندوق.

• **شِشِي قَمْرِي ج شِشِيُ قَمْرِيُ:** ذ. صفت. (ع. شَمْس = سج + قمر = چنڊ شَمْسِي قمري) سَڄ ۽ چنڊ جو – ڪوتو – ڪُپتيو – خيانتي – وَيساهه گهاتڪ. (ذ. ث) بي ايماني جو نفعو – خيانت – خورد بُرد – ويڍي – رشوت – لَبَ – ڳڙو.

• **شَطْرَنْج ج شَطْرَنْجُونْ:** ث. (ف. چَترنگ = دِل جي وندر > چَترنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

= چار طرف (فوج جا) يعني هاٿين + گهوڙن + گاڏين + پيادل سپاهين جا. شش رَنْگ = چهه رنگ — چهه مُهرا — چهن رنگن جون مکيه ساريون. مثلاً، بادشاهه، وزير، گهوڙو، هاٿي، اُٺ ۽ پياده).

هڪ مشهور ويندي جي راند جو نالو. (هيءَ مشهور راند جنهن کي عربن، ايرانين وٽان سکيو ۽ پوءِ دنيا ۾ مشهور ڪيو — اندلس مان هي راند يورپ ۾ پکڙي. عرب مورخ مسعودي (سنه ۹۵۰ ع) پهريون عالم هو جنهن هن راند جي تاريخ تي روشني وڌي. عربن جي تحقيق موجب هي راند ڏاهر نالي شخص ايجاد ڪئي. هن نالي مان سمجهجي ٿو ته هي راند سنڌ ۾ ايجاد ٿي. بقول فردوسي، ايرانين هي راند هندستان مان سکي. سنڌ هندستان جو نزديڪي پاڳو آهي جنهنڪري غالباً ايرانين اها راند سنڌ مان سکي هوندي. (ن.ب).

— **شَطرَنْج باز:** ذ. صفت. (ف. شطرنج + باز > باختن = کيڏڻ) شطرنج راند کيڏندڙ — شاطر.

— **شَطْرَنْج بازِيْ:** ث. شَطرَنج جي راند. شطرنج راند ڪرڻ جي حالت.

— **شَطْرَنْج پَکيڙڻ:** وڏيون رڦون ۽ اميدون ڪرڻ. وڏو منصوبو ٺاهڻ.

— **شَطرَنْجِيْ ج شَطْرَنْجِيُوْنْ:** ث. فراسيءَ جو هڪ قسم. شطرنج راند جي جورس رنگن جي ڪپڙي وانگر فراسيُ.

— **شِعارُ ج شِعارَ:** ذ. (ع. شعار > شعر = ڄاڻڻ) عادتون — اخلاق — لڇڻ.

• **شُعاعُ ج شُعاعَ:** ذ. (ع.شعاع > پکڙجڻ) روشني جي ڪرڻن جي پکڙجڻ واري حالت. روشنائي — روشني — جوت — سهائو — سوجهرو. جهلڪو — تجلّو — آب و تاب — چمڪو. سج جا ڪرڻا — اواڙو.

• **شَعْبانُ:** اسر خاص. (ع). اسلامي يا هجري سال جو اٺون مهينو — شَعْبان المُعَظّم.

• **شُعْبَدَهْ:** ذ. (ع. شعبده > شعبذ = هٿ جي چالاڪي ڏيکارڻ) جادو يا مڪر جي بازي — دوکي بازي — فريب — مڪاري. هٿ جي صفائي — هٿ ناٽ — نظربنديُ.

— **شُعْبَدَهْ باز ج شُعْبَدَه باز:** ذ. صفت. (ع. شعبذه + باز > باختن = کيڏڻ) جادوگر. دوکي باز — مَڪارُ. مداري — بازيگر.

— **شُعْبَدَهْ بازِيْ ج شُعْبَدَهْ بازِيُوْنْ:** ث. جادوگريُ. دغا بازي — مڪاري — چالاڪي.

— **شُعْبَدَهْ ڈيکارَڻْ:** جادو ڏيکارڻ — تماشو ڏيکارڻ. گمراهه ڪرڻ.

— **شُعْبَدَهْ گَـرْ:** ذ.صفت. (ع. شعبذ + ف. گر = ٺاهيندڙ) جادوگر. بازيگر — مداريُ. مَڪارُ — فريبي.

• **شُعْبو:** ذ. (ع. شَعبة > شعب = گڏ ڪرڻ) گروه ـ فرقو — تولو. شاخ — پاڳو — حصو. تعليم گاهه ۾ هر علم لاءِ جدا انتظامي ڪاتو.

• **شَعرُ ج شُعَـرَ:** ذ. (ع) جَاڻَ — جَاڻَپ — دريافت. نندو بيت.نظر.

— **شعرخواني ج شعرخوانيون:** ث. (ع. شعر + ف. خواني > خوان > خواندن = پڙهڻ) شعر پڙهڻ — شعر گوئي.

— **شِعْرُ گـوئِيْ ج شَعْـرَ گوئِيُوْنْ:** ث. (ع. شعر + ف. گوئي > گو > گفتن = چَوڻ) شعرچوڻ — شاعري.

• **شُعْلوْ ج شُعْلا:** ذ. (ع. شعلة > شَعَلَ = ٻرڻ) چمڪو — روشني — جوت. باهه جي لاٽ — اَلو — پَٽْ — پَيڙ — جيءِ. آگ — باهه — آتش.

— **شُعْلهْ خُوْ ج شُعْلهْ خُوْ:** ذ. صفت. (ع. شعلة + ف. خو = طبيعت) تيز مزاج — تيز خُو — بد مزاج.

— **شُعْلهْ رُوْ:** ذ. صفت. (ع. شعلة + ف. رُو = مُنهن) سهڻيءَ شڪل وارو — نهايت خوبصورت — حَسيْنُ.

• **شُعُوْرُ:** ذ. (ع. شعور > شعر = جاڻڻ) سمجهه — عقل — هڏ — جاڻ. دانش — سمجهه — واقفيت — شناخت. اخلاق — لڇڻ — لَلُ — عادت — افعال — تَميزَ — فَضيلت — برخاست — سليقو.

• **شُعَيْب:** اسر خاص. (ع) هڪ پيغمبر جو نالو — ماٺهوءَ جو نالو.

• **شِغالُ ج شِغالَ:** ذ. (ف) جانور جو هڪ قسم — گدڙ — سئالُ — سيار.

• **شُغْلُ ج شُغُلَ:** ذ. (ع) مَشغولي — ڪَم — ڪرت — وڃندي. ورونهن — وڻدرَ. تماشو — کيل — بازي — راند. محفلَ (راڳ وَغيره جي).

— **شُغْلُ ڪَرڻْ:** پاڻ کي وندرائڻ — کيل تماشو ڪرڻ — ڳائڻ وڄائڻ. ڪَتَبُ آڻڻ.

• **شِفا ج شِفائُوْنْ:** ث. (ع. شفا > = صحت جو سڌرڻ) بيماريءَ مان صحت يابي — سڪرائي — نمرائي — تندرستي — چڱيلائيُ — افاقو.

— **شِفاخانو ج شِفاخانا:** ذ. صفت. (ع. شفا + ف. خانه = جاءِ) بيمارن جي علاج جي جاءِ ـ علاج گهر — دواخانو — دارالشفا — اسپتال.

— **شِفا ڈيڻُ:** صحت بخشڻ — تندرستي عطا ڪرڻ — چڱيلائي ڏيڻ — آرام بخشڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **شَفَايابُ ج شَفَايابَ:** ذ. صفت. (ع. + ف. یاب > یافتن = لَهڻ) بيماري مان اُٹيل – چگو پلو – نمرو – خوش – سَکرُ. صحت یاب.
– **شَفَايابيُ ج شَفَايابيُونْ:** ث. چگيلائي – صحتيابي – سکرائِي.
• **شَفَاعَتُ ج شَفَاعَتُونْ:** ث. (ع. شفاعت > شَفَعَ = سفارش ڪرڻ) گناهن جي معافي جي سفارش – پارت. چوڪارو.
• **شَفَافُ ج شَفَافْ:** ذ. صفت. (ع. شفاف > سنهو ۽ سهڻو ٽيڻ) نهايت صاف – صاف. چٽو. (جنهن مان آرپار ڏسي سگهجي).
• **شَفَافِيْ ج شَفَافِيْ:** ذ. صفت. صاف ٽيل. نرمَلُ – شفاف – اوجَلُ – بکندڙ – کلتو.
• **شَفْتَالُ ج شَفْتَالُ:** ذ. (ف). ميوي جو هڪ قِسر – تازو آلو بخارو – بادام.
• **شَفْعُ ج شَفْعُ:** ذ. (ع) پاڙي جو حَقْ – سياندڙيءَ جو حَقْ – حق شفع.
– **شَفْعِيْ ج شَفْعِيْ:** ذ. صفت. پاڙي جو حق ادا ڪندڙ.
• **شَفَقُ ج شَفَقْ:** ذ. (ع) سج لهڻ ۽ اپرڻ وقت ظاهر ٽيل ڳاڙهاڻ.
• **شَفْقَتُ ج شَفْقَتُونْ:** ث. (ع. شفقت > اِشْفَقَ = مهربان ٽيڻ) پلائِي – مهرباني – وَڙ – مهر – ٽورو – لاڙ. رحم – ڪرم – ہاجھ – ترس – مُنهن ڪاڻ – پرچاڻي – اعزا پرسي – غمخواري. محبت – پيار – قُرب.
• **شَفْوِيَهْ:** ذ. (ع). علم نحو جي اِصطلاح موجب چپن مان نڪرندڙ آواز وارا اکر. جيئن: "ب، ف، م، و" (علم نحو).
• **شَفِيْعُ ج شَفِيْعَ:** ذ. صفت. (ع. شفيع > شَفَعَ = سفارش ڪرڻ) شفاعت ڪندڙ – گناهن جي سفارش ڪندڙ – ڇڏائيندڙ – شافعي.
– **شَفِيْعُ الاَمَمْ:** ذ. صفت. (ع. شفيع + اُمت ج اُمم = اُمتون) اُمت جي شفا ڪندڙ. (اسم خاص). حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن جو لقب.
– **شَفِيْعُ مَحْشَرْ:** ذ. صفت. (ع. شفيع + محشر > حَشَرَ = گڏ ٽيڻ) محشر ۾ شفاعت ڪندڙ. (اسم خاص). رسول مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جو لقب.
• **شَفِيْعُ آباد:** اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **شَفِيْعُ مُحَمَّدُ:** اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **شَفِيْقُ ج شَفِيْقْ:** ذ. صفت. (ع) شفقت ڪندڙ. مهرباني ڪندڙ – ٻلو ڪندڙ – مهربان. عنايت ڪندڙ. رحم ڪندڙ – رحمي – ہاجھارو – ڪريم – مشفق – همدرد.
• **شَقُّ ج شَقّْ:** ذ. صفت. (ع. شَقّ > شقّ = ڪپڻ – چيرڻ) قاتل – چيريل. (ذ). قاڙ – چيرُ – شگاف.
– **شَقُّ الْقَمَرْ:** ذ. صفت. (ع. شق + ال = جو + قمر = چند) چند جو چيرُ – چند چيرجڻ جو معجزو.
– **شَقِّ ٽِيَنْ:** قاڙڻ – چيرجڻ.
• **شَقُرُ ج شَقَرا (لس):** ذ. (حقيقت ۾ مادي مگر مذڪر طور استعمال ٿيندڙ) (ع. ف. صقر) پيلين اکين وارو مشهور شڪاري پکي. "چپڪ" جي مادي.
• **شَقِيْ ج شَقِيْ:** ذ. صَفت. (ع). بدنَصيبُ – ڪمبخت – بدبخت – نياڳو.
• **شَڪُ ج شَڪْ:** ذ. (ع. شَکّ) شبهو – گمان – انديشو – اُدڪو – وهم – سنسو – پرم – وَسواسُ – فِڪر. پراڻو ڊِنگرُ (ڪ). شرم – حيا – لج (ت).
– **شَڪائِتُ ج شَڪائِتا:** ذ. صفت. شڪ جهڙو – شڪ وارو – شڪ جو – شڪ ڪندڙ – شڪِي – گماني.
– **شَڪُ پَوَنْ:** گمان پوڻ – وهم پوڻ.
– **شَڪُجَنْ:** مصدر. شڪ ۾ پوڻ – شڪ ڪرڻ.
– **شَڪَ رَفع ڪَرَنْ:** گمان مٽائڻ – شُبهو دور ڪرڻ – وهم وڃائڻ.
– **شَڪُ شُبْهو ج شَڪَ شُبها:** ذ. (ع. شک + ف. شبه = انديشو) وَهم گمان – انديشو.
– **شَڪُ ڪَيَنْ:** وهم ڪَيَڻ – شُبَهو دور ڪرڻ.
– **شَڪُ ڪَرَنْ:** گمان ڪَرڻ – شُبَهو آڻڻ. انديشو ڪرڻ – ڊَپُ ڪرڻ.
– **شَڪُ وجهَنْ:** گمان پيدا ڪرڻ – وهم وجهڻ – شبَهو پيدا ڪرڻ.
– **شَڪِيَ ج شَڪِيْ:** ذ. صفت. شڪ ڪندڙ – وهم آڻيندڙ – وهمي – پرمي – وسوسائي. اڻ وسَهُو – بي اعتبار – شرمندو – ڦِڪو – لجي (تَ).
– **شَڪِيْ ٽِيَنْ:** شڪ وارو ٽيڻ – شَڪ ٽيڻ – وهم آڻڻ – وهم ٽيڻ – وسواسي ٽيڻ – وسوسيو ٽيڻ – پرمي ٽيڻ. شرمسار ٽيڻ – لجي ٽيڻ (ت).
• **شِڪارُ ج شِڪارْ:** ذ. (ف). جانورن يا پکين کي قاسائڻ يا مارڻ جو ڪم سبدُ (ع). ماريل يا قاسايل جانور يا پکي وغيره – صيد – آهيڙو. وَجهُ – بُل – پکَ – پيچو.

– **شڪارٽيڻ:** ڪنهن جانور جو مارجي وڃڻ. دام ۾ ڦاسڻ.
– **شڪار ڪرائڻ (ت):** سوئر کي ٻڌي ڪُتن کان مارائڻ. ڪنهن جي شڪار ۾ مدد ڪرڻ.
– **شڪار ڪرڻ:** ڪنهن جانور يا حيوان کي مارڻ يا ڦاسائڻ. دام ۾ آڻڻ – قابو ڪرڻ – ڦندي ۾ ڦاسائڻ. ڏوڪي سان مارڻ.
– **شڪارگاهه ج شڪارگاهه:** ذ. (ف. شڪار + گاهه = جاءِ ـ هنڌ) شڪار ڪرڻ جي جاءِ ـ صيد گاهه. شڪار وارو جهنگ ـ شڪار واري پيٽي.
– **شڪار ماهي:** ث(ف. شڪار + ماهي = مڇي) مڇيءَ جي شڪار ٽيڻ جي جاءِ ـ مڇيءَ ڦاسائڻ جي جاءِ.
– **شڪار هڻ لڳڻ:** شڪار حاصل هڻڻ – پکي يا حيوان جو شڪار ٽيڻ. آسامي هڻَ اچڻ – مراد جهڙو ڪم ملڻ.
– **شڪاري ج شڪاري:** ذ. صفت. شڪار ڪندڙ – شڪارباز (ماڻهو، ڪتو، جانور وغيره). اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
– **شڪاري ڪتو ج شڪاري ڪتا:** ذ. صفت. شڪار ڪندڙ ڪتو. تازي ڪتو.
• **شڪارپور:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ مشهور شهر جو نالو (هاڻوڪي شڪارپور ۾ اڳي آتي دائود پوٽن جو شڪار گاهه هوندو هو. پوءِ سنه ۱۶۱۷ع ۾ دائود پوٽن سردارن اهو شهر ٻڌايو. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **شڪاڻ ج شڪاڻ:** ذ. شگاف.
• **شڪائڻ:** مصدر. (ع.شڪ) شڪ ۾ آڻڻ – گمان ۾ آڻڻ – وسوسي ۾ وجهڻ.
• **شڪايت ج شڪايتون:** ث. (ع. شڪاية > شڪوَ = گلا ڪرڻ) گلا – غيبت – عيب جوئي. ڏک – مرض – بيماري – تڪليف. فرياد – دادخواهي – ڏوراپو – دانهن.
– **شڪايت ڪرڻ:** گلا ڪرڻ – شڪوه ڪرڻ. مصيبت بيان ڪرڻ. فرياد ڪرڻ – دانهن ڪرڻ.
– **شڪايت هڻڻ:** گلا هڻڻ. ڪنهن ٻئي کان پهتل تڪليف جو شڪوه هڻڻ – بيماري جي تڪليف هڻڻ. ڪنهن خلاف دانهن هڻڻ – فرياد هڻڻ.
– **شڪايتي ج شڪايتي:** ذ. صفت. گلا ڪندڙ –شڪوه ڪندڙ. دانهن ڪندڙ – فريادي. بيمار.

• **شڪتي ج شڪتيون:** ث. (سن. شَڪتي = طاقت) طاقت – توفيق – وسعت – وت – سگهه.
• **شڪر:** ث. (ف. شَڪَّر: ع. سَڪَر) مٺي شيءِ ـ مٺاڻ – کنڊ.
– **شڪر پاره:** ذ. (ف. شڪر + پاره = ٽڪرو) مٺائي جو هڪ قسم – بيسَڻُ ۽ کنڊ مان ٺهيل ٽِڪي.
– **شڪرڏهن:** ذ. (ف. شڪر + دهن = وات) مٺو وات – کنڊ جهڙو وات. (ف. صفت). مٺو ڳالهائيندڙ – مٺ ڳالهائو.
– **شڪر رنجي ج شڪر رنجيون:** ث. (ف. شڪر + رنجي < رنجيدن = ڏکوئڻ) اڻ بڻ – معمولي رَنجش.
– **شڪر لب ج شڪر لب:** ذ. (ف. شڪر + لب = چپ) مٺو چپ – کنڊ وارو چپ. (صفت). چپن مان مٺو ڳالهائيندڙ – مٺ ڳالهائو.
• **شڪر ج شڪر:** ذ. (ع. شُڪر > شَڪَر = احسان مڃڻ) احسان – مهرباني – لاٽ – ٽورو – شڪرانو – سپاس.
– **شڪرانو ج شڪرانا:** ذ. مهرباني – احسان – منت – ٽورو – شڪريو.
– **شڪرانو ادا ڪرڻ:** احسان مڃڻ – ٽورو مڃڻ – مهرباني مڃڻ.
– **شڪرانه:** ذ. احسان – منّت – ٽورو. ڪنهن ڪم جو عيوضو.
– **شڪر بجا آڻڻ:** احسان مڃڻ – ٽورو مڃڻ.
– **شڪر جو سجدو بجا آڻڻ:** ڏٽي تعاليٰ جا لکين شڪر ڪرڻ. مصيبت ٽريٰ وڃڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ – پنهنجي ڪاميابيءَ تي خوش ٿيڻ.
– **شڪر ڪرڻ:** احسان مڃڻ – شڪرانو ڪرڻ.
– **شڪر گذار ج شڪر گذار:** ذ. صفت. احسانمند – ٽورائتو – ممنون احسان – شاڪر. نيازمند. حق شناس. نمڪ حلال.
– **شڪر گذاري ج شڪر گذاريون:** ث. احسانمنديٰ – ڏنيه واد – نيازمنديٰ – ممنونيَت. حَق شناسيٰ. نمڪ حلالِيٰ.
• **شڪر ج شڪر:** ذ. (سن. شُڪّر = روشني) هڪ روشن گره جو نالو – هڪ گرهه جو نالو – وينس – زُهرو. ستن ڏينهن مان هڪ جو نالو – جمعو.
– **شڪروار ج شڪروار:** ذ. جمع جو ڏينهن – آدينه.
• **شڪرتوتي:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.
• **شڪرو ج شڪرا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم – باز جو هڪ قسم – باشو (چڪ باز جي مادي).

• **شَڪريُ قُوتْ:** ذ. ميوي جو هڪ قسم – تُوتَ.
• **شُڪُرُوارُ:** (سن) جمعي جو ڏينهن – آدينہ.
• **شڪَسْتَ ج شڪَسْتُونْ:** ث. (ف) پورَ – پَچَ – توٽ – پَڳ. هارَ – مات _ شڪَ. زيان – کوٽ – نقصان.
– **شڪَسْت ڏيڻُ:** هارجڻ – هارائڻ. پڇڙ – پورَ ٽيڻ – ٽُٽڻ.
– **شڪَسْت حالُ ج شڪَسْت حالَ:** ذ. صفت. پريشان حال – مصيبت زده.
– **شڪَسْت حاليُ ج شڪَسْت حاليُونْ:** ث. پريشاني – بَدحالي.
– **شڪَسْت ڏيڻُ:** جيتڻ – مغلوب ڪرڻ.
– **شڪَسْت فاشْ:** ث. (ف. شڪست + فاش = کليل) سخت هارَ – وڏي هارَ. کليل شڪست. اهڙي شڪست جنهن ۾ وري ڪنڌ نہ کڄي سگهي.
– **شڪَسْت کائڻُ:** هارائڻ – ناااميد ٽيڻ.
– **شڪَسْتگيُ ج شڪَسْتگيُونْ:** ث. پَچَ پُورَ – پڳ توٽ – توڙ تُوڙ. هار – شڪَسْت.
– **شڪَسْتوُ ج شڪَسْتا:** ذ. هار ڪاڌل – هارايل. مات ڪاڌل. هيٺو. پَڳل – ٽُنڊل.
– **شڪَسْتَهْ:** ث. پَڳل – ٽُنڊل.
– **شڪَسْتَهْ حالُ ج شڪَسْتَهْ حالَ:** ذ. دُکي – پريشان حال – مصيبت زده _ خَسته حال.
– **شڪَسْتَهْ حاليُ:** ث. خَسته حالي – پريشاني واري حالت. تباهي.
– **شڪَسْتَهْ خاطرُ:** ث. رَنجيده _ غمگين.
– **شڪَسْتَهْ دلُ:** ذ.صفت. دل پڳل – ناااميد.
– **شڪَسْتيَ ج شڪَسْتيُ:** ذ. صفت. پڳل – ٽُنڊل – ناااميد. غمگين – مَلولُ.
• **شڪَلِ ج شڪَلِيُونْ:** ث. (ع. شَکل = جهڙو ٽيڻ – وانگيان هئڻ) صورت – چهرو – رُوپ – مُنهن. نوع – نمونو – دول – ڍنگ – طور – طريقو. تصوير – مورت. ڏيک.
– **شڪَلائڻُ:** مصدر. صورت ۾ مشابهت رکڻ – هڪجهڙائي ڏيکارڻ.
– **شڪَلِ ناهڻُ:** مُنهن ناهڻ. ويس ڌارڻ. تصوير ناهڻ. منهن بگاڙڻ.
– **شڪَلِ شيشا پَچَنُ:** بَدشڪلو هُئڻ.
– **شڪَلِ ڪَڍَنُ:** اُپاءُ ڪرڻ – اتکل ڪرڻ. تصوير ڪيڻ.
– **شڪَلِ کان بيزارُ ٿيَنُ:** ڪنهن جي صورت کان نفرت ڪرڻ.
– **شڪَلِ وَشَمائِلُ:** ث. صورت و سيرت.
• **شڪْرُ ج شڪَرَ:** ذ. (ف). پيٽ – ڍِڍُ – بطن – ڍِيلُ. ٽولهہ ويڪرائي – موڪرائي – جوڙائي. پاسو. برَ.
– **شڪْرُ پَرَسْتُ:** ذ. (ف. شڪر + پرست > پرستادن = پوجا ڪرڻ) پيٽ جو پوڄيندڙ – پيٽي – پيٽير – پيٽ لَڏ – مانيز توڙ – هَيجي. خوش خوراڪ.
– **شڪَرُ پَرْوَرَ ج شڪَرْ پَرْوَرَ:** ذ. صفت. (ف. شڪر + پرور > پروردن = پالڻ) پيٽ پال – ڪاڌي جو طالبو – پيٽوڙي – پيٽي – هيجي – ڪائو – هائو. خوش خوراڪ.
– **شڪْرُ پَرْوَريُ ج شڪَرْ پَرْوَريُونْ:** ث. پيٽ پوجا – ڪاڌي جي تات – پيٽ جي ڳڻتي.
– **شڪْرُ پُوريُ (ت):** ث. شڪرْ پَرْوَريُ.
– **شڪْرُ مادَرْ:** ذ. (ف.شڪر + مادر = ماءُ) ماءُ جو پيٽ.
– **شڪُمِيُ ج شڪُمِيُ:** ذ. صفت. پيٽ جو. جنر جو – مادر زاد – پيدائشي. اندروني. پيٽوڙيُ.
• **شڪَنْ:** ذ. (ف. شڪَنْ > شکستن = ٽُٽڻ) وَرَ – وَڪَرَ – پيچ – گهُنج – سَرَ – وَٽَ.
– **شڪَنْ پَوَنْ:** وَر پَوَنْ – سَرَ پَوَنْ – گهُنج پَوَنْ.
– **شڪَنُ ج شڪَنَ:** ذ. صفت. (ف. شکن > شکستن = ٽُٽڻ) پڇندڙ – توڙيندڙ.
– **شڪَنِ ج شڪَنِيُونْ:** ث. پڇڙ جي حالت – توڙڻ جي حالت – پڇٽي – توڙٽي.
• **شُڪُنُ ج شُڪُنَ:** ذ. (سن.شُکُنْ = سُڪڻُ) سوٽ – سڪڻ. پَرَمَ – سَنسو – وهم – اَجايو خيال.
• **شُڪُنْتَلا:** اسم خاص. سنسڪرت هوليءَ ۾ ڪالياس ڪويءَ جي ناهيل هڪ ناٽڪ جو نالو. شڪنتلا ناٽڪ جي سورميءَ جو نالو.
• **شڪَنْجو ج شڪَنْجا:** ذ. (ف. شڪَنْجَهْ) ڏوهارين کي سزا ڏيڻ لاءِ هڪ ايذاءُ واري ڪَلَ جو نالو. جلد سازن وٽ ڪتابن کي چَٽَ لاءِ هڪ اوزار جو نالو. (ڪپڙن جو) گهوڙو. سخت – عذاب. دڪ – سزا.
– **شڪَنْجا چارَهْ:** سخت تڪليف ڏيڻ – عذاب ڏيڻ – سزا ڏيڻ.
• **شڪَنْجيُ:** ذ. (ف).شربت جو هڪ قسم – ليمي جو شربت. ليمي جي رَس (ماکيءَ يا ڪنڊ سان ملايل). سرڪو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **شِڪنج بين:** ذ. شڪنجي.
- **شَڪَ:** مصدر. (ع. شَكّ) وهم آڌ – شڪ آڌ – گمانجڻ.
- **شُڪٽي ج شُڪٽيُون (ڪ):** ڏ. سنهي لڪٽي – لَڪَڙ – ڇهو.
- **شِڪَوَڻ:** ذ. (ف) شڪايت – گِلا – ڏوراپو.
- **شَڪُوهَ:** ذ. (ف) رعب – داب – شان – شَوڪت. ڏام ڏوم – دَٻدَبو – ناڻ – اَڊمبر – تومان – پَيڪو – حَشْمَت – تجمل. مرتبو – بزرگي.
- **شڪيبُ ج شڪيبَ:** ذ. (ف). صبر – ماڻ – تحمل – آرام.
- **شڪيبائِي ج شڪيبائِيُون:** ث. صبر واري حالت – صبر پائي – بُردباري – مانائي.
- **شَڪِيلُ ج شَڪِيلَ:** ذ. صفت. (ع) صورت وَنڊ – خوبصورت – ناهوڪو – حسين – سوپياوان – سهڻو – زيبائتو – ڏَڄ مَڄ جهڙو – خوش وضع.
- **شَڪِيلُو ج شَڪِيلَا:** ذ. ترار جو هڪ قسم. نندي ترار – سڪيلو. (جنهن جو منهن ۾ پڻيءَ جو چوٽون حصو تيز ٿيندو آهي) درياهه جي ٻيڙيءَ جو هڪ اوزار.
- **شَكِّي ج شَكِّي (لس):** ذ. صفت. سَخِي.
- **شَڪافُ ج شَڪافَ:** ذ. (ف. شڪاف < شڪفتن = ڦُٽڻ – تڙڻ) چيرُ – وَڏ – ڦوٽ ـ سيرَ – ڏار – ڦوڙ – ڏاڙ.
- **شڪافُ ڏِيڻُ:** ٽڪو ڏِيَڻُ – ڇهڪ ڏيڻ – وَڏ ڏيڻ – چير ڏيڻ.
- **شَڪّاڻُ ج شَڪّاڻَ (ڪ):** ذ. (ف). طعنو – ٽُڪو – اوپالو – مهڻو – ٽوڪ – ڇَڙ.
- **شَڪْبگ:** ذ. وسوسو – وهم – ڪُٽتي. "شَڪبگ آهر سرتيون دم دَم ڏينهان رات" (آدم).
- **شڪفْتَ ج شَڪْفْتُون:** ث. (ف. شڪفت = تعجب) تعجب – حيراني.
- **شَڪْفْتَ ج شَڪْفْتَ:** ذ. صفت. (ف). تڙيل – ڪليل (گل وغيره). شاداب – سائو – تازو – آباد.
- **شَڪْفْتِگِي ج شَڪْفْتِگِيُون:** ث. گل جي تڙڻ جي حالت. خوشي – فرحت. سرسبزي – شادابي.
- **شَڪْفْتَهْ:** صفت. تڙيل – ڪليل. شاداب – سائو – تازو – آباد.
- **شَڪْفْتَهْ خاطِرُ:** ذ.صفت. (ف. شڪفته + خاطر = دل) خوش دل – خوش مزاج.
- **شِڪْفْته رُو:** ذ. صفت. (ف. شڪفته + رو = مُنهن) ڪِلمُڪ – خنده پيشاني.
- **– شَڪْفْتَهْ رُوئِي:** ث. ڪِلمُڪائي.
- **شَڪُنْ ج شَڪُنَ:** ذ. (ف. سن. شَكُنْ = سُڻي خبر آڻيندڙ) نيڪ فال – سُڻو سوڻ.
- **شَڪُوفُو ج شَڪُوفا:** ذ. (ف. شڪوفَهْ) اڌ تڙيل گل – مُڪري – ڪلي. گل. ڦل – پُشپ. ڪنهن عجيب ڳالهه جو ظهورو – اُفواه.
- **شُڪُونُ ج شُڪُونَ:** ذ. (ف. سن. شَكُن = سُڻي خبر آڻيندڙ) نيڪ فال – نيڪ – خبر – سوڻ – سگڻ – سَوڻ.
- **شَلّ:** ذ. صفت. (سن. شَلّ = ٽڪجي پَوَڻ) هٿن پيرن جو سُن ٿي وڃڻ واري حالت ۾ وسامي وڃڻ واري حالت. (صفت). سُست – جُور – ورتلُ – ساڙو – ماندو. عاجز. پگهريل – شَرُ.
- **– شَلّ ٿِي پَوَڻ، وڃڻ:** ماندو ٿي پوڻ – ساڙو ٿي پوڻ. پگهر ۾ شَرُ ٿيڻ. ٽنگون ٽيڙي سمهڻ – دِگهو ٿي پوڻ.
- **– شَلّ ٿِيَڻ:** هٿن پيرن جو ماندو ٿيڻ – پگهر ۾ ٻُهٽار ٿيڻ
- **شَلارُ:** اسر خاص. پرت جو هڪ قسم.
- **شَلْتاكُ ج شَلْتاكَ (ت):** ذ. فريب. فنُ.
- **شَلْوَ ج شَلْوَ:** ذ. (سن.شَلّ = ٽڪجي پوڻ) سُستُ – ڪاهل. دِرو – دِلو – دِرڙو. (پڪيءَ لاءِ).
- **شَلَكْ ج شَلْكا (ل):** ظرف. خيرڪو – ڪونه – نه.
- **شَلْنگُ ج شَلْنگَ (ڪ):** ذ. ٽُڪر ٽُڪر تي مينهن جو وسڪارو (جيئن هتي مينهن وسي وري ميل پنڌ تي وَسي).
- **– شَلْنگَ ڪَرڻُ:** مينهن جو وسڪارا ڪرڻ.
- **شِلِنگُ ج شِلِنگَ:** ذ. (انگ). هڪ انگريزي سڪي جو نالو – پائونڊ جو ويهون حصو.
- **شَلْوارُ ج شَلْوارُون:** ث. (ف) لباس جو هڪ قسم – چيلهه کان پيرن تائين پاتل لباس. سَلْوارَ – سُٿڻ – ڪانڇ.
- **– شَلْوارَ بَنْدُ ج شَلْوارَ بَنْدَ:** ذ. صفت. (ف. شلوار + بند < بستن = ٻڌڻ) اڇڻ – ناڑو – ازاربند.
- **شَلُوڪُ ج شَلُوڪَ:** ذ. (سن. سلوك = ساراهه جو گِيت) ڪَلي – انترو – پَدُ – بيت جي ستَ – مصرع. جئن پَدن جو سنسڪرت ٻوليءَ ۾ شعر – سَلوكَ.
- **شَلِيُ ج شَلِيُون:** ث. ڳَڻ جو هڪ نندو قسم – ارت – اولو.
- **شَمَرَ ج شَمَرُون:** ث. (ع. شَمْعَ = بَتي) بتيءَ جو هڪ قسم – موم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بتي – شمع بتي. اتفاق – ناهه – مٽ – محبت – سلوڪ

• **شُمارڻ:** مصدر. (ف. شمردن = ڳڻڻ) هڪ هڪ ڪري ڳڻڻ – انگ ڳڻڻ. ڳڻپ ڪرڻ – حساب ڪرڻ – ليکو ڪرڻ – اندازو ڪرڻ – ڪَتَ ڪرڻ.

– **شُمارُ ج شُمارَ:** ذ. ڳڻپ – ڳاڻيتو – حساب – ليکو – تعداد اندازو – جاچ – تخمينو – اٽڪل روءِ – ڪَتَ. جملو – رقم – راس.

– **شُمارُ ڪَرڻُ:** حساب ڪرڻ – اندازو ڪرڻ – ڳڻڻ – ليکو ڪرڻ.

– **شُمارَ کانْ باهَرُ:** ظرف. بي حساب – بي انت – تمام گهڻا – بي انداز.

– **شُمارِيْ ج شُمارِيُوْنْ:** ث. ڳاڻيتو – ڳاڻيتي واري رٿا "نمبر شماري".

– **شُمارِيْ عَدَدْ:** ذ. مفرد عدد – اصلي عدد.

• **شمالَ:** ذ. (ع) هڪ طرف جو نالو – اُتر.

– **شَمالِيْ:** ذ. صفت. اُتر جو – اُتريون – اُتر وارو.

• **شَمْبائِيْ:** اسر خاص. بگٽي بلوچن جي قبيلي جي هڪ شاخ.

• **شَمْپِيْرُ:** اسر خاص. (شَمْس پير جو مخفف) ڪراچيءَ کان ۱۱ ميلَ پنڌ تي ماريپور ۾ هڪ ٻيٽ جو نالو (جتي شمس پير جي تربت آهي).

• **شمرُ:** اسر خاص. (ع). حضرت امام حسين (ع) جي قاتل جو نالو – يزيدَ جي هڪ سپه سالار جو نالو. (ذ صفت). مَردُودُ – ظالم.

• **شَمْرُوْ ج شَمْرا:** ذ. صفت. شيرين اکين وارو – شيرو.

• **شَمْسُ ج شَمْس:** ذ. (ع) سجَ ـ سورج – سوريه – آفتاب – آدٽ.

– **شَمْسُ الضحيٰ:** ذ. (ع. شَمس + ضحيٰ = منجهند) چنڊ سجَ.

– **شَمْسِيْ ج شَمْسِيْ:** ذ. صفت. سج جو – سج وارو. آفتابي.

– **شَمْسَيْ حَرْفَ ج شَمْسِيْ حَرْف:** ذ. صفت عربي الف بي جا (ڏندن جي مدد ۾ زبانَ جي چوٽيءَ کان نڪرندڙ آواز وارا اکر: "ت، ث، د، ذ، ط، ظ، ل، ن، ر، ز، س، ش، ص، ض" انهن آڏوال 'وارو لام لکي ويندو.

– **شَمْسِيْ قَمْرِيْ:** ذ. صفت. سج ۽ چنڊ جو.

• **شَمْسَوْ ج شَمْسا:** ذ. قبي جي مٽان لڳايل سونهري چنڊ. تَسبيح ۾ دانَ کي تن حصن ۾ ورهاست ڪندڙ خاص داڻا.

• **شَمْشادُ:** ذ. (ف). وڻ جو هڪ قسم (سهڻي ڊگهي قَدَ جو).

• **شَمْشانْ:** ذ. (سن). هندو ڏرم وارن جي ساڙڻ جي جاءِ ـ مسان.

• **شَمْشُ چَهْرِيْ:** اسر خاص. تعلقي اباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شَمْشير ج شَمْشيرُوْنْ:** ث. (ف. شَم = پُڇ + شير = شينهن: شينهن جي پڇ جهڙو ڏنگو. هٿيار – تلوار – تراڙ – سيف – تيغ.

– **شَمْشيرِبازُ ج شَمْشيرِبازْ:** ذ. صفت. (ف. شمشير + باز > باختر = کيڏڻ) تلوار وارو – تلوار جي جنگ ۾ ماهر.

• **شَمْعَ ج شَمْعُوْنْ:** ث. (ع). چربي ۽ ميڻ مان ٺهيل بتي – ميم جي بتي – مومَ بتي.

– **شَمْعدانْ ج شَمْعَدان:** ذ. صفت. (ع. شمع + ف. دان = رکڻ جو شيءِ) روشني رکڻ جي جاءِ ـ فانُوسَ – روشن دان. گاڏيءَ ۾ بتيءَ جهلڻ جي گهوڙي.

– **شَمْعِ رُو:** ذ. صفت. (ع. شمع + ف. رُو = منهن) شَمع وانگ هرندڙ مُنهن وارو – سهڻو – حَسينَ.

– **شَمْعِ سَحْرِيْ:** ذ. (ع. شمع + سَحَر = صبح) صبح جو ڏيو – جلا فنا ٽيڻ واري شيءِ.

• **شَمَکْ:** ث. جانورن جي بيماريءَ جو هڪ قسم – هڏڙي جي بيماري. (پوئين گوڏن ۾).

• **شَمْلُوْ ج شَمْلا:** ذ. (ف. شمله > شملة > شَمَلَ = ويڙهڻ) ڪُلهه تي رکڻ جي شالَ (لنگيءَ جهڙو ڪپڙو جو درباري اميرَ چيلهه سان ٻڌندا هئا ۽ پلاند لٽڪائي ڇڏيندا هئا. اهڙو پٽڪو. جنهن جو هڪ پَلُوَ پٺيان چيلهه تي لٽڪائي ڇڏجي). پٽڪو – مولهيو – پَڳ.

– **شَمْلُوْ ٻَڌَڻْ (ت):** جوڙجڪ ٻڌڻ. تهمت ڏَرڻ – الزام هڻڻ.

• **شَمَنْ گَلابِيْ ج شَمَنْ گَلابِيُوْنْ (ت):** ث. بلڪل حسين – نازڪ بدن – سوپياوان.

• **شَمَنْ گَنْڈو (ت):** ذ. سهڻو – حسين – نازڪ.

• **شَمَهْ:** ث. (ع). ٽوري خوشبوءِ ـ بوءِ ذرو.

• **شَمِيْمْ:** ث. (ع). خوشبو – سڱند – رهاڻ – نڪهت – مهڪ.

• **شَناخَتَ ج شَناخْتُوْنْ:** ث. (ف. شَناختن = سجاڻڻ) سجاڻپ – ڄاڻ – پَروڙ – پچاڻ – شناسائي. واقفيت – خبر – پَتو. عقل – فضيلت – شناخت.

– **شَناخَتَ ڪَرڻْ:** سجاڻپ ڪرڻ – واقفيت ڪرڻ – سماءُ سُڌ ڪرڻ. عقل ڪرڻ – هوش ڪرڻ. فضيلت ڪرڻ.

• **شَناسَ:** ث. ڄاڻ. شناخت. قدرداني. مُهابو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **شناسُ ج شناسَ:** ذ. (ف). مرکابت ۾ ڪم ايندڙ جيئن: "مرد شناس، حق شناس" وغيره.
- **شناسا:** ذ. صفت. سڃاڻندڙ – ڄاڻندڙ – واقف ڪار – پرکيندڙ.
- **شناسائِي ج شناسائِيُون:** ث. جاڻ پڇاڻ – سُڃاڻ – سڃاڻپ – واقفيت – ڏيٺ.
- **شناسِي ج شناسِيُون:** ث. واقفيت – سڃاڻپ – واقف ڪاري – ڏيٺ.
- **شنانُ ج شنانَ:** ذ. (سن. سَنانُ ف. شنان = وهنجڻ) بت تي پاڻي وهڻ جو عمل – وهنجڻ – تَرُ – غُسل.
- **شنارُ ج شنارَ:** ذ. صفت. (ف. شنا = ترڻ) تارُو – ترندڙ (پاڻي ۾) – تيراڪ – سَنارَ.
- **شنْبائِي (ت):** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
- **شنْبَهُ:** ذ. (ف). هڪ ڏينهن جو نالو – چَنڇر. (يک شَنْبَهُ = آچر، دوشَنْبهُ = سومر، سه شنبه = اڱارو، چار شَنْبَهُ = اربعه، پنج شَنْبَهُ = خميس).
- **شنْجَرفُ:** ذ. (ع). هڪ دوا جو نالو – شنگرفُ.
- **شنجور:** ذ. گهوڙي ڪي ٽيندڙ هڪ عيب.
- **شنْدُ ج شنْدَ (ت):** ذ. (سن. چَنْدُ) مَکرُ – مِکرُ – چَنْدُ – فريبُ – چَل.
- **شنْدُولُ ج شنْدُولَ (لس):** ذ. صفت. سهڻو – حَسينُ (ث. شنْدولَ ج شندولُون). "آٽڻ ڏني هئي سَسئي ٻاهيڙي شَين شندولَ".
- **شَنْکَرُ:** اسر خاص. (سن). هندوَ ڏرم ۾ هڪ مهاتما جو نالو.
- **شنْگُ ج شنْگَ (ت):** برُ – زرُ – بي قابو. تيار – آماده.
- **شَنْگُ ٽِيڻُ:** زرَ ٽيڻ – برَ ٽيڻ. تيار ٽيڻ – آماده ٽيڻ.
- **شنْگرَفُ:** ذ. (ف). دوا طَور ڪم ايندڙ هڪ پسارکو وکر. پاري ۽ گندرف مان تيار ڪيل هڪ گاڙهي رنگ جي دوا – شنْجرَفُ.
- **شنْگرفِي ج شنْگرفِي:** شنگرف جهڙو گاڙهو – گاڙهو.
- **شَنْگُورُ:** اسر خاص. (ف). شگُول. گهنڊي وارن وارو سهڻو ماڻهو. هڪ ماڻهوءَ جو نالو.
- **شنْوائِي ج شنْوائِيُون:** ث. (ف. شُنيدن = ٻڌڻ) ٻڌڻ جي سماعت. عدالت ۾ حاضريءَ واري تاريخ – حاضري.
- **شنْهارَ (ک):** ذ. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.
- **شنْهارَجِي (ک):** اسر خاص. هڪ جبل جو نالو.
- **شنْهارِي ج شنْهارِيُون (ک):** ث. بينل پاڻيءَ تي ڦڪي ۽ سائي رنگ جو ڳڙ ٽيل مواد – ڄارو – سينورَ – ڇڻ.
- **شُنِيدَ ج شُنِيدُون:** ث. (ف. شُنيدَن = ٻڌڻ) ٻڌڻ ۾ آيل ڳالهه – پڌرائي – مشهورائي – خواري – بَدنامي – گِلا – بدناموسي.
- **شُنِيدنِي:** ث. ٻڌڻ جي لائق هُجڻ واري حالت.
- **شنيد ڪرڻ:** ڄاڻ ڪرڻ – اطلاع ڏيڻ.
- **شُنِيدَهُ:** ذ. صفت. ٻڌل – سُڻيل – معلوم.
- **شُنِيدِي ج شُنِيدِيُون:** ث. خواري – بدنامي – گلا – بَدناموسي.
- **شَنِيعُ ج شَنِيعَ:** ذ. صفت. (ع. شِنيع > شَنَعَ = خراب ٽيڻ) خراب – بَد – بُڇڙو – ڪنو – بُرو – مَعيُوبُ.
- **شُٹُ ج شُٹا (ک):** ذ. صفت. نَڪ مان ڳالهائيندڙ – گهُٽو.
- **شوُ:** ذ. صفت. (اسر خاص). هندن جي تن ديوتائن مان هڪ جو نالو. (جو مارڻ جي قدرت رکي ٿو ۽ سڀ کان گهٽي ان جي پُوجا ڪئي ويندي آهي. لغوي معنيٰ ۾ مخلوقات کي فنا ڪندڙ – ناس ڪندڙ – برباد ڪندڙ.
- **شوُراتِرِي ج شوُراتِرِيُون:** ث. هندو ڏرم ۾ شِو مهراج جي يادگيري ۾ هڪ وڏو ڏينهن.
- **شوَ ج شوُون:** ث. (سن). بڙِي – (.). واپارين جي اصطلاح ۾ ڪجهه به نه.
- **شُوٹ ج شُوٹ:** ذ. (انگ). بُوٽ – انگريزي جُتي.
- **شَوال:** اسر خاص. (ع). اسلامي سال جي ڏهين مهيني جو نالو.
- **شوُلا پُلاهُ:** ذ. پُلاهه جو هڪ قسم.
- **شِوالُ ج شِوالا:** ذ. (سن. شِوْ + آلِيه = جاءِ) هندو ڏرم ۾ مهاديو جو آستان – شِوَ مندر – ٽِکاٹو.
- **شُوٹ:** (انگ). چِٽڻ – هٽڻ (گولي ۽ جو)
- **شُوٹ گَرڻ:** بندوق جي گولي هٽڻ – گولي هٽڻ – چِٽڻ – نشان ڪرڻ.
- **شُوٹِنگ ج شُوٹِنگُون:** ث. بندوق جي گولي مارڻ جي حالت.
- **شوُخُ ج شُوُخَ:** ذ. صفت. (ف). بهادر – دلير. چالاڪ. بي ادب. هَٹيلو – ايماني. ڪاوڙيل.
- **شوُخائِي ج شوُخائِيُون:** ث. دليري. چالاڪي – لُڇائي – شرارت. گستاخي – بي ادبي – بي فضيلتي. سختائي – ڏاڍائي – تيزائي – تِکائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **شوخ چشم:** ذ. صفت. (ف. شوخ + چشم = اک) ڪرڙين اکين وارو. بي محابو.
– **شوخ شنگ:** ذ. صفت. تکو تير – ناز انداز وارو(محبوب).
– **شوخي ج شوخيون:** ث. تکائي – تيزائي. چالاکي. گستاخي – بي فضيلتي. ڪاوڙ.
– **شوخي ڪرڻ:** تيزي ڪرڻ – تکائي ڪرڻ. ڪاوڙ ڪرڻ.
– **شوخي سان:** ظرف. تيزيءَ سان – تکائيءَ سان. ڪاوڙ مان.
• **شوداساڻي:** اسر خاص. هندن جي هڪ پاڙي جو نالو.
• **شودر ج شودرا:** ذ. (سن. شُودَر = گهٽ ذات وارو) هندن جي چئن مکيہ ذاتين (۱. برهمڻ ۲. ڪتري ۳. ويش ۴. شودر) مان هڪ ذات – هندن جي چئن ورڻن مان چوٿون – (منوشاستر موجب "شودر" جو ڪم آهي، باقي تن ذاتين جي خدمت چاڪري ڪرڻ).. نيچ – خدمتگار.
• **شودڪو ج شودڪا (ڪ):** ذ. صفت. نماڻو – غريب – هيسيل.
• **شودو ج شودا:** ذ. صفت. (هـ.شوهدا، شودا). لُڇو – بدمعاش – لفنگو – گوندبو – نامراد – نڪمو – نياڳو.
• **شور:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **شور ج شورَ:** ذ. (ف. شور > شوريدن = بغاوت ڪرڻ) هُل – گوڙ – لڙ – گهمسان – غوغاءِ – ڪڙڪو – واکو واڪاڻ – رَڙو رڙ. شهرت – ڏاکو – ڏوم. ڪاوڙ – چڙ – غُصو – ناراضگي. سُوندِ – گهُنڊ.
– **شورانجڻ:** مصدر. شور پائڻ – سُوندِ سُجائڻ – سُوندِ پائڻ گهُور ڪري نهارڻ.
– **شورائڻ:** مصدر. شور ڏيارڻ ـ جوش ڏيارڻ – چيڙڻ – ڪاوڙائڻ – ڪاوڙ ڏيارڻ – مڃائڻ – پڙڪائڻ – چورَڻ.
– **شورهڻ:** مصدر. شوخ ٽيڻ – گهُور نهارڻ – اکيون ڪڙيون ڪرڻ – ڪاوڙجڻ.
– **شور ڪرڻ:** هُل ڪرڻ – گوڙ ڪرڻ – غوغا ڪرڻ.
– **شور مچائڻ:** هُل ڪرڻ – شور ڪرڻ.
– **شور وهڻ:** گهنڊ وهڻ. غصي ۾ اچڻ – ڪاوڙجڻ.
– **شور وَشر:** ذ. (ف.شور + ع. شر = فساد) هُل هنگامو – گوڙ گهمسان.
– **شورُ:** ذ. (ف). لُوڻ – نمڪ. ڪلَرُ.

– **شور بخت:** ذ. صفت. (ف.شور + بخت = پاڇ) نياڳو – اياڳ – ندورو – ڪم بخت – بدبخت – ڪرم هيٺو – بدقسمت – بدنصيب – ڪم نصيب.
• **شورا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **شورامڪ:** اسر خاص. بلوچستان ۾ هڪ ديهہ جو نالو. (ت).
• **شوران:** اسر خاص. بلوچستان جي ويجهو هڪ شهر جو نالو جتي پهريائين پهريائين رند بلوچ اچي آباد ٿيا هئا. (ت).
• **شورش ج شورشون:** ث. (ف. شورش > شوريدن = بغاوت ڪرڻ) شورُ و غوغا – هُل هنگامو – بلُوو – فساد – وڇوڙ – جهڳڙو – بگيڙو – خَلَلُ – گهمسان – ابتري.
– **شورش برپا ڪرڻ:** فساد ڪرو ڪرڻ – بغاوت ڪرڻ – سرڪشي ڪرڻ.
• **شوروڻ ج شوروا:** ذ. (ف. شوروَہ) ڏاتوءَ جو هڪ قسم. تيزاب جهڙ هڪ ساڙيندڙ وَکر.
• **شوروڻ ج شوروا:** ذ. (ف. شوربَہ = رَسُ) رڌل ٻوڙ جي رَسُ – رَهہ – لَس (ت).
• **شوري:** اسر خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **شوريدہ:** صفت (ف). حيران – پريشان – سرگردان.
– **شوريدہ حال:** ذ. صفت. (ف). پريشان حال – خراب حال.
– **شوريدہ سر:** ذ. صفت. (ف) ديوانو – سودائي – چريو.
• **شورينگ:** اسر خاص. تعلقي ٻٽي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **شورڪنديي:** اسر خاص. تعلقي ٻٽي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **شوش ج شوشَ (ل):** ذ. (ع. وَسوسہ) جو مخفف) شڪ – گمان – وَسوسو.
• **شوشاتَ ج شوشاتَ:** ذ. تيزيءَ وارو آواز – شرڙاٽ – سُوساٽ – زوزاٽ.
• **شوشرو ج شوشرا(ت):** ذ. صفت. موگو – وائڙو – حيران.
• **شوشِ فلاڻ (ڪ):** جملو. بي معنيٰ لفظ جو ڪنهن گاله جي وچ ۾ تڪيہ ڪلام وانگر گالهائجي. جيئن "هيئن ٿيو هُنئن ٿيو الاڻ فلاڻ، ٽير مَٽير" وغيره.
• **شوشڪت:** ذ. (سن). ايشور ۽ مايا (سامي).
• **شوشو ج شوشا:** ذ. (ف. شوشه > شعشعه = گند – خرابو = ذرو – پرزو) ذرو – ٽورو – ٽڪر. جهڳڙي جهڙي گاله – فساد پيدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جهڙي ڳالهه. فساد – هُل – اُفواهه – چوچو (ڪ). (صفت). چهو – ڪَنن پڳل – قِدّو – چَپ وديو (ڪ).

– **شوشو اُڇڻ:** فساد جهڙي ڳالهه اُڇڻ – افواهه اُڇڻ – چوهول اُڇڻ.

• **شوفر ج شوفرَ:** ذ. (انگ) موٽر هلائيندڙ – موٽر درائيور.

• **شوق ج شوقَ:** ذ. (ع. شوق = خواهش اُپارڻ) خواهش – آرزو – تمنا – چاهه – مَدّ – مرضي. خيال. خواهش. رغبت – لاڙو – دل – رُجي – ليت – رُخ – لاه. زوق – مزو – چَشڪو – اُمنگ – جذبو. ڏُڻ – موج – لَهَر – مَستي. سڪ – محبت – اُڪير – چڪ. جوش – سرگرمي.

– **شَوق سانْ:** ظرف. خوشيءَ سان – مزي سانْ. بي خوف – بي ڏَڙڪ. مرضيءَ سان – ارادي سان.

– **شوق وڏوق:** ذ. عيش وعشرت.

– **شوقِي ج شوقِيْ:** ذ. صفت. خواهشمند – خواهان – چاهيندڙ. مرضي جهڙو.

– **شوقين ج شوقينَ:** ذ. صفت. شوق وارو – شوق رکندڙ – شوق کندڙ – کوڙيو – خواهشمند – طالب – چاهيندڙ. عياش. عادي. تماش بين. رنگيلو – لهري – موجي.

• **شوڪ ج شوڪَ:** ذ. (سن). ڏُڪ – ڏُکَ – غم – درد – رَنجُ – الم – گوندر – ماتم – غَمي – سُوءِ. داغ – ٽِڪو (ڪ).

• **شوڪارڻ:** مصدر مٽان ڦوڪو ڏيارڻ. مريض تي دعا جو ڦوڪو ڏيڻ.

– **شوڪارو ج شوڪارا:** ذ. آه ـ ڏڏو ساهه – افسوس. اُهڪارو – شيڪارو (ت).

– **شوڪارا پرڻ:** ڏڏا ساهه ڪڍڻ – آهه پرڻ – افسوس جو ساهه پرڻ – ارمان ڪرڻ.

• **شوڪتَ ج شوڪتُونْ:** ث. (ع. شوڪه = دٻدٻو) دٻدٻو – ناڪ – تجمل.

– **شوڪتَ اِسلامُ:** ث. اسلام جو دٻدٻو ۽ ان جي قوت.

• **شوڪڻ:** مصدر. (سن. شوڪ = ڪاوڙجڻ) گهنڊ پائڻ – شوخي سان ڏسڻ – ڪرڙائي سان ڏسڻ – گهوري ڪري نهارڻ. (سن. سُوس = ساهه ڪڍڻ). شُوڪات ڪرڻ (بَلا وغيره جو) شُونْ شُون ڪرڻ – آواز ڪرڻ (ل). زور سان لنگهڻ – ڏُوڪڻ – هَلانْ ڪرڻ (ل). جيئن "پاڻي شوڪيندو اچي."

– **شوڪ:** ث. گهُنڊ – سُونڊ – گهُورَ. شوخي – ڪرڙائي. آڪڙ – تيڙي – تِند. قوڪ "سُوڪ ڦُوڪ".

– **شوڪجڻ:** مصدر. ڪاوڙ ڪرڻ – ڦوڪجڻ – آڪڙجڻ.

– **شوڪو ج شوڪا:** ذ. زور سان ڦوڪ جو آواز – ڦوڪو.

• **شوڪو ج شوڪا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **شوڻ ج شوڻونْ:** ث. (سن. سُوَس = ساهه ڪڍڻ) وات ۾ آڱريون وجهي وڄايل سيٽي (ڪ). بيماريءَ جو هڪ قسم – سهڪي – اُيو ساهه.

• **شُل:** اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شولا (لڻ):** ذ. (ف. شُلَ) ڪَنڊوري. طعام جو هڪ قسم (جو جانورن ۽ گوشت رس. مصالح. پاڇي وغيره ۾ وجهي تيار ڪجي).

• **شولو:** اسم خاص. تعلقي ننگر پارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شُولو ج شُولا (ڪ):** ذ. بَخيو – تاڪو – سيبو – ٽوپو. (سن. شول = درد) مصيبت – طوفان (ت).

• **شُومُ ج شُومَ:** ذ. صفت. (ع. شُوم > شام > نياڳو ٽيڙ) منحوس – نياڳو – اياڳو – بدبَخت – ڪَمبَخت – چَنڊبو. ڪنجوس – مَکي جُوس – بَخيل – موذي – مَرجوڻ ڪاوڙيل.

– **شومائِي ج شومائِيونْ:** ث. نياڳائي – چنڊائي – بدبختي. بخيلائي.

– **شومتْ ج شومتونْ:** ث. نياڳائي – چنڊائي – بَدبختي. بخيلائي – شومائي. شامت – خرابي.

– **شومتِي ج شومتِيْ:** ذ. صفت. شومت وارو – شومي – چَنڊبو – نياڳو – ندورو – بدبخت. بخيل – ڪنجوس. دشمني رکندڙ. "شومتي شيطان شومي متقين سان مدعي. دزد دعويٰ ٿو ڏري ۽ ٿو ڏَڙي ديوٽ ڏڙ" (فاضل شاهه).

– **شومي ج شوميُونْ:** ث. نياڳائي – چنڊائي – بَدبختي. بَخيلائي. ڪنجوسي. شُومائِي – شُومت.

• **شونڪڻ (ڪ):** مصدر. جهوٽڻ – ڳولڻ. لُوسڻ – نُوسڻ.

• **شونڪڻ (ل):** مصدر. سُونگهي ڪا شيءِ لهڻ – ڳولڻ.

• **شونڪڻ (ل):** مصدر. سُونگهڻ. بانس ڪرڻ. نهارڻ. پچا ڪرڻ.

• **شونڪو ج شونڪا:** ذ. فڪر. ڳڻتي. انديشه – ڊَپ – ڇونڪو (ت). آواز جو هڪ قسم – زُوڪو – شُوڪو. هلڻ جو آواز (ڪ).

• **شوهر ج شوهَرَ:** ذ. (ف). گهر وارو – مُڙس – وَرُ – ڪانڊ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَتار – مَرد. ٹَري لهجي ۾ شهر جو بَدل "وڏن شوهرن ۾ ڪير ٿو ڪنهن سان پلائي ڪري" (بدنصيب ٿري).

• **شَهْ:** ذ. (ف). مخفف "شاهه" جو. بادشاهه. (صفت). وڏو – بزرگي. حَسَبَ نَسَب يا طاقت وڌيڪ جيئن: "شَهه زور، شهه بان شَهْ پَرُ". (ث). شطرنج راند جو هڪ داءُ – هار – شڪست – مات – روڪ – جهَل.

– **شَهاڻِي ج شَهاڻِيُ:** صفت. رعب وارو – شاهاڻو – شاندار – رعبدار.

– **شَهْ باڙُ ج شَهْ باڙَ:** ذ. وڏو باز. پکي. (شڪار جهلڻ ۾ ڪم ايندڙ).

– **شَهْ تِيرُ ج شَهْ تِيرَ:** ذ. وڏي ڪامَ (اڏاوت ۾).

– **شَهْ پَرُ ج شَهْ پَرَ:** ذ. پکيءَ جو وڏي ۾ وڏو پَرُ – شاهه پَرُ، مُڇَ (آدميءَ جي).

– **شَهْ ڏِيُ:** شطرنج راند ۾ بادشاهه کي شڪست ڏيڻ – هار ڏيڻ. آگَ ڏيڻ – سَرسي ڪرڻ – بازي ڪٽڻ.

– **شَهْ جالَ ج شَهْ جالُ:** ث. شطرنج راند جي هڪ چال.

– **شَهْ رَگَ ج شَهْ رَگُ:** ث. وڏي رَگَ – شريان – حبل الورید – دل کان جسم کي سنو رت پهچائيندڙ رگَ.

– **شَهزادو ج شَهزادا:** ذ. بادشاهه جو پُٽ – شاهه زادو. (ث.) شَهْزادي.

– **شَهْ زُورُ ج شَهْ زُورَ:** ذ. صفت. تمام گهڻي طاقت وارو. بهادر – پهلوان. سورمو – سورهيه.

– **شَهزوري ج شَهْزورِيُونْ:** ث. پهلواني – طاقت – زبردستي. ڏاڍائي – ڏاڍمڑسي.

– **شَهْ سُوارُ ج شَهْ سُوارَ:** ذ. صفت. گهوڙن کي هلائڻ جو جاڻو سُوار – شاه سوار – وڏو سوار – ماهر سوار – ڪامل سوار – جاڻو سوار – پڪو سوار.

– **شَهْ ڪاريگَرُ:** ذ. صفت. وڏو ڪاريگر – هرزيلي.

– **شَهْ كائِنْ:** شَكَسْتَ كائِنْ – هارَ كائِنْ – مات كائِنْ.

– **شَهْ ماتُ:** ث. بادشاهه جي مات – شَهْ شِكَسْت. شطرنج راند ۾ بادشاهه جي مارجڻ جي حالت.

– **شَهْ ۾ هوءُ (ڪ):** هوڏ ۾ پَوَڻ – وڏائي ۾ پَوَڻ.

– **شَهْ مَرْدَ ج شَهْ مَرْدَ (ت):** ذ. شاه مَرْدَ – شَهْزادو – شاهزادو. وڏي همت ۽ هشمت وارو.

– **شَهْ مُوڙ ج شَهْ مُوڙَ (ت):** ذ. سهڻي صورت وارو – شَهْزادو.

– **شَهْ مِيرُ ج شَهْ مِيرَ (ت):** وڏو امير.

– **شَهْ نَشِينْ ج شَهْ نَشِينِيُونْ:** ث. بادشاهه جي ويهڻ جي جاءِ – بادشاهي گدي.

– **شَهابِي ج شَهابِيُ:** ذ. صفت. گاڙهي رنگ جو – گاڙهو – سُرخ.

• **شَهابُ:** ذ. (ع. شَهاب > شَهَبَ = هيبو ٿيڻ) گاڙهي رنگ وارو سرخ گهوڙو.

– **شَهاب ثاقِبُ:** ذ. رات جو گاڙهو چمڪندڙ تارو.

– **شَهابي:** ذ. صفت. گاڙهو – سُرخ.

• **شَهادَتْ ج شَهادَتُونْ:** ث. (ع. شهاده > شهد = گواهي ڏيڻ) شاهدي – گواهي – ثابتي – ساک – صحيح خبر. خدا تعاليٰ جي وحدانيت ۽ رسول ﷺ جو سچيءَ دل سان اقرار. خدا ۽ رسول جي برحق هڻڻ جي شاهدي. خدا جي راهه ۾ جان ڏيڻ وارو.

– **شَهادَتْ ٿِيڻُ:** شهيد ٿيڻ – خدا جي راهه ۾ مارجڻ. فوت ٿيڻ.

– **شَهادَتْ ڏِيڻُ:** شاهدي ڏيڻ – گواهي ڏيڻ – سچو اظهار ڏيڻ.

– **شَهادتْ وَڻُ:** گواهي وَڻُڻ – اظهار وڻڻ.

• **شَهامَتْ:** ث. (ع. شهامت > شهم = مضبوط ٿيڻ) بزرگي – وڏائي. بهادري – دليري – شجاعت.

• **شَهائِيُ:** اسم خاص. سنڌ جي هندن جو هڪ پاڙو.

• **شَهْبازْ:** ذ. (ف. شهْ = وڏو باز) پکيءَ جو هڪ قسم – وڏو باز. (اسم خاص). سيوهڻ جي ولي حضرت عثمان جو لقب.

• **شَهْبيگ:** اسم خاص. مرد جو نالو. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شَهْتا (ڪ):** ث. بندوق جو هڪ قسم.

• **شَهْتارُ ج شَهْتارُ:** ذ. صفت. (ف. شَهْ + تارُ) تڪو ترندڙ – تڪو تارُ. وڏو ستارو (پرت ۾ ڪم ايندڙ). جيت جو هڪ قسم (جو پاٽيءَ تي تڪو ترندو آهي).

• **شَهْتَرْ ج شَهْتَرَ:** ذ. صفت. (ع. شاطر = انڪلي) چهتر. ٺڳ. جادوگر.

• **شَهْتُوتْ ج شَهْتُوتَ:** ذ. هڪ ميوي ۽ وڻ جو نالو – توت.

• **شَهْ تِيرُ ج شَهْ تِيرَ:** ذ. (ف. شَهْ = وڏو + تير = ڪاٺ) اڏاوت ۾ ڪم ايندڙ. وڏي ڪاٺي – ڳڇي ڪامَ – لاٽ. (ت).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **شَهْپَرُ ج شَهْپَرَ:** ذ. (ف. شَهْ = وڏو + پَر = ڪنپ) پکيءَ جو وڏو پَرُ. مُڇن جو هڪ پاسو – مُڇَ.

• **شَهْپَرْ جَکْرُوْ:** اسر خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شَجرا، شجراع:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **شَهْدَ:** ث. (ع). ماکي – اَنگبين (ف) ظرف. تمام مٺو – شيرين.

• **شَهْدَ آڱر:** ث. (ف. انگشت + ع. شهادت = شاهدي) هٿ جي پهرئين آڱر – ڏَسٽي آڱر.

• **شُهداء:** ذ. (ع.شهيد جو جمع) شهيد جو جمع. شَهيدَ.

• **شَهْدادپُور:** اسر خاص. مير شهداد خان جو وسايل شهر – ضلعي سانگهڙ ۾ تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شَهْدادُ ڪُوٹ:** اسر خاص. ضلعي لاڙڪاڻي ۾ شهر ۽ ديهه ۽ تعلقي جو نالو.

• **شَهْدُوْ ج شُهْدا:** ذ. صفت. [ع] شهادت. "پوي مانَ قبول، شُهدو شهيدن جو" (خان زئي)

• **شَهْدِيْ ج شَهْدِيُون:** ث. (هـ. شهدا) لَنڊي – ڪَميني. "وهاري وطن ۾ شهدي ڪي مَر سڪايو" (شاهه).

• **شَهَرُ ج شَهَرَ:** ذ. (ع). قمري مهينو – ماه. (جيئن ته هلال ڏسي شهرت ڪجي ٿي تنهن ڪري اهو نالو رکيو ويو آهي). گهٽن ماٹهن جي گڏجي رهڻ جو هنڌ – بَستي – ڳوٺ – گامَ – قصبو – تنڊو – مدينو – بلده ـ ننگر.

– **شَهَرُ آبادُ ڪَرَنْ:** شهر ٻڌڻ، وسائڻ.

– **شَهَرُ بَدَرُ ڪَرَنْ:** شهر نيڪالي ڏيڻ – جلا وطن ڪرڻ.

– **شَهَرِتُو ج شَهَرِتُو:** ذ. صفت. شهر جو رهاڪو – شهري.

– **شَهَرُ پَناهَ ج شَهَرَ پَناهُوْنْ:** ث. شهر جي بچاءَ لاءِ چوڌاري ڏنل وڏو ڪوٽ.

– **شَهْرِ خَمُوْشان:** ذ. خاموشيءَ وارو هنڌ. قبرستان – مقام.

– **شَهَرِيْ ج شَهْرِيْ:** ذ. صفت. شهر جو – شهر وارو. شهر ۾ رهندڙ – شَهر واسيَ – ننگر واسي. بدمعاش – لُچو – ڪُڌَنگو.

– **شَهَرْيارُ ج شَهَرْيارَ:** ذ. شهر جو بزرگ – شهر جو وڏو – بادشاهه.

– **شَهْرِيْ بَنْدوبَسْتُ:** ذ. شهري انتظام – شهر جو انتظام.

– **شَهَرِيتَ ج شَهَرِيتُوْنْ:** ث. شهر ۾ رهڻ جا قاعدا. شهر جا رهاڪو ۽ سندن عادتون. شهر جي باشنده هجڻ جي حالت. شهر جي آبادي.

• **شَهْرْ بانُو:** اسر خاص. (ف). شهر جي اميرزادي – شهر جي خاتون. شهر جي زينت. ايران جي بادشاهه يزد جرد جي ڌيءَ جو نالو. (جا ايران فتح ٿيڻ بعد حضرت امام حسين (ع) جي نڪاح ۾ آئي).

• **شُهْرَتْ ج شُهْرَتُوْنْ:** ث. (ع. شهرت > شَهَر = ظاهر ٿيڻ) ڏوم ڌام – اطلاع – اشاعت – ڦهلاءَ – مشهوري – اشتهار – هُل – پڌرائي. ناماچاري – ناموس – ڏاڪو – نيڪ نامي – هاڪ. بدنامي – گِلا – رُسوائي – خواري – بي عزتي.

– **شُهْرَتْ ٹِيَنْ:** مشهوري ٿيڻ – ناماچاري ٿيڻ. بدنامي ٿيڻ – گلا ٿيڻ.

– **شُهْرُوْ ج شُهْرا:** ذ. (ع. شُهْرَهْ = مشهوريْ) شُهرت – مشهوري – نالو – ناموس – نيڪي – ناماچريْ.

– **شُهْرو آفاقْ:** صفت. سڄي جهان ۾ مشهور.

• **شَهْزادُوْ ج شَهْزادا:** ذ. (ف. شاهْ = بادشاه + زادَهْ = ڄڻيل) شاه (بادشاه) جو ڄڻيل – بادشاه جو پٽ – بادشاهه زادو – بادشاهي ٻار، شاهزادو. (ث. شَهْزادي ج شَهْزادِيُون).

• **شَهْکْ:** اسر خاص. (ف. شاه حق) رَنڊ بلوچن جي مشهور سردار جو نالو ميرچاکر جو والد.

• **شَهْکَرُ ج شَهْکَرَ(ت):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم – مُڪُرُ.

• **شَهْکَوْشْ:** ذ. (ف. شَهْ = وڏو + گوش = ڪن) جانور جو هڪ قسم – ڪارن ڪَنن واري گداڙي – سياه گوش – قَيڪاري. "شينهن شهه گوشن جي ٿي دُور پوي ڏڏڪر".

• **شَهَلُ ج شَهَلْ:** ذ. چَهَلَ – چَهَرُ – چَل – مَڪرُ، هُنَرُ – فَنَ. راز ڪي ڪم جو هڪ اوزار – ديوار جي سڏائي لهڻ لاءِ اوزار.

– **شَهَلُ بازُ ج شَهَلَ بازْ:** ذ. صفت. هُنَروارو – مڪريلُ – فن باز – ٺڳ.

– **شَهْلِيْ ج شَهْلِيُوْنْ:** ث. شهل تي بهاريل اوڏڪي پت. اها اوڏڪي ديوار جا پيڙه کان چوٽيءَ تائين هڪجهڙي هُجي. (هَيلي جو ضد).

– **شَهْلِيْ ج شَهْلِيْ:** ذ. صفت. حرفتي – ٺڳُ – مڪارُ – چالاڪ – شهلباز.

• **شَهْمالْ:** ث. چيت جا پويان ڏينهن. اوپر ڏکڻ جي ڪُنڊَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **شَهْمَڻُ (ت):** مصدر. شَرمائڻ – شَرمجَڻُ – ڦڪو ٿيڻ.
• **شَهْمِيڙَ:** اسر خاص. مرد جو نالو. هڪَ پٽَ جو نالو (ت).
• **شَهمَينْگُ ج شَهمينگ (ڪ):** ذ. صفتَ. پَريلَ – پنَلُ – ٻڏَلُ – آلوَ ٿيلُ – تَرٽيل – پُسيَلُ.
– **شَهْمينْگُ ٿيَڻُ:** رت صَاف ڪاڙهو ٿيڻ.
– **شَهْنائِي ج شَهْنائِيُون:** ث. (ف). وڄائڻ جو هڪ سازَ – شرنائي.
• **شَهَنْشاهُ ج شَهَنْشاهَ:** ذ. (ف. شَهْ = وڏو + شاه = بادشاه) شاهن جو شاهه – وڏو بادشاه جنهن جي ماتحت ٻيا بادشاه هجن. سلطان – قيصر – خاقان – فَغفُور.
• **شَهَنْشاهِي ج شَهَنْشاهِيُون:** ث. بادشاهي – سلطاني – تاجداري.
• **شَهَنْگَ ج شَهَنْگَ (ڪ):** ذ. ٻڪريءَ جو هڪ عضوو.
• **شَهْنا (ڪ):** اسر خاص. ڪوهستان جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **شَهْوانِي:** اسر خاص. تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **شَهْوانِي:** اسر خاص. هڪ پاڙي يا ڪٽنب جو نالو.
• **شَهْوَتَ ج شَهْوَتُون:** ث. (ع. شهوت > خواهش ڪرڻ) خواهش – آرزو – شوق – ڏَجهه – حِرْصُ – موهُ – هَوَسُ. بک – اشتها. نَفْساني جذبو – خواهش جماع.
– **شَهْوَت اَنْگيزُ:** ذ. صفت. (ع. شهوت + ف. انگيز > انگيختن = ڪڍڻ ڪرڻ) شَهوتَ يا نفساني خواهش کي اپارينڊ.
– **شَهْوَت ٿيَڻُ:** جماع جي خواهش ٿيڻ.
– **شَهْوَت پَرَسْت:** ذ. صفت. (ع. شهوت + پرست > پرستيدن = پوڄڻ) شهوتي – ڳهٽو جماع ڪندڙ – نفس پرست – عياش.
– **شَهْوَتِي ج شَهْوَتِي:** ذ. صفت. شهوت وارو – ڪامي – عياشِي.
• **شَهُوتَ ج شَهُوْدُون:** ث. سنائِي – صفائِي. گهر بار هلائڻ جي جاڻ. سُگهڑائِي – سَليقو.
– **شَهُوتُ ج شَهُوتَ:** ذ. صفت. سٿرو – صاف. سُگهڙُ.
– **شَهُوتائتوُ ج شَهُوتائتا:** ذ. صفت. صفائي وارو – سنائي وارو. ناهوڪو – وٽندڙ – سُگهڙ.
– **شَهُوتوُ ج شَهُوتا:** ذ. صفت. سٿرو – صاف – صفائي وارو – وٽندڙ – پسنديءَ جهڙو – مزيدار.
• **شَهُودُ:** ذ. (ع. شهود > شاهد > شهد = اکين ڏٺي شاهدي ڏيڻ). حاضر ٿيڻ جي حالت – موجودگِي. تصوف جي اصطلاح ۾ اُهو درجو جو جنهن ۾ طالب هر موجود شيءَ ۾ عَين الحق پَسي ٿو. ڏيڪ – نظارو – ظاهرائِي. (اسر خاص). شڪار جوگو جانور.
• **شَهُوْرُ:** ذ. (ع. شَعُورُ) شَعُورُ. لَڄ – شَرمُ – ليهه (ت).
• **شَهُوَل:** ث. ول جو هڪ قسم – گهوڙا وَل.
• **شَهُوَنْگَ ج شَهُونْگَ:** ذ. (ف.شَهْ = وڏو + وَنگ = وَڻ) وڏي ڪماڻ. دروازي مٿان سرن جو وَنگ. ڪوهه جي ٽَرَ ۾ رکيل ڪاٺ جو گول چڪرو – چَڪُ (ت).
• **شَهُوَڻِي:** اسر خاص. تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **شَهِيجا:** اسر خاص. مَري بلوچن جي هڪ شاخ جو نالو.
• **شَهِيدُ ج شَهِيدَ:** ذ. صفت. (ع). شاهد – گواهي ڏيندڙ – گواه خداَ جي راهَ ۾ قربان ٿيل. قربان – فدا. (اسر خاص). تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
– **شَهِيدُ ٿيَڻُ:** حق جي راهه ۾ سر ڏيڻ. خدا ڪارڻ مرڻ. قتل ٿيڻ.
– **شَهِيدُ ڪَرَڻُ:** قتل ڪرڻ.
• **شَهِيدَينُ وارُ:** اسر خاص. هڪ جبل جو نالو (نئن بارڻ جي اُلهندي ۾، هتي کي سيّد شهيد ٽيا هئا).
• **شَهِيرُ ديرُ:** اسر خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **شَهِيْنُ ج شَهِيْنَ (ت):** ذ. (ف.شاهين). باز جو هڪ قسم – پاٽيءَ جي پکين جو شڪار ڪندڙ – بحري باز. شاهين.
• **شِئاتو ج شِئاتا:** ذ. (سياتو). ڦَرڪٽِي – تَرَڪٽِي – سياندو – سيَاڻُ.
• **شَيءَ ج شَيُون:** ث. (ع). وَٿ ـ چيزَ – ٽولُ – ٽُوڪ – جنس.
– **شَيءُ بَئي:** ث. مال مڈِي – سامان سَرو – مال متاعَ – وسلا واڙي – سامان اسباب.
– **شَيءِ ٿيَڻُ:** ڪجهه وڏو ٿي پَوَڻ. پورائو يا مطلب ٿيڻ. هڪ لاءِ ڪافي هئڻ. ٻئي جي مرضي رکڻ يا عرض مَڃڻ.
– **شَيءُ شِڪِل ج شَيءُ شِڪِلِيُون:** ث. ڪاب شَيءُ. شَيءُ بَئي – مال مڈِي – مال متاع – وسلا واڙي – اسباب سامان.
– **شَيءُ ڪَرَڻُ:** ذَئڻُ – ڏُلْهَڻُ. راضي ڪرڻ – بُوسڻ. پُسائي يا پڃائِي ڪرڻ.
• **شَيتڪوُ ج شيتڪا:** ذ. سنهو – ڏُکهو لَڪُ – ڇهو.
• **شِيتَ ج شِيٽُون:** ث. چيت. عراق جي قديم شهر شِيْت جو اُٽيل ڪپڙو – هڪ قسم جو گلڪاري وارو ڪپڙو جنهن مان عورتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پوشاڪ جا ڪپڙا نهن.

• **شيْپاڪ ج شيْپاڪُونْ (ڪ)**: ث. سَنهو لَڪڻ (جنهن سان ڪپهه ۾ ڏاس سَٽي ڪُٽي صاف ڪجي). ڳاگيءَ جي ڪاٺي. لسي نيٽ وانگر.

• **شَيخْ**: اسر خاص. (ع). هڪ ذات جو نالو. (بن قسمن جا 1ـ هندن مان مسلمان ٿيل 2ـ ايران کان آيل).

• **شيْخُ ج شيْخ**: ذ. (ع). پير ــ مُرشد ــ بزرگ. عالم ــ فاضل ــ مذهبي علوم جو ڄاڻو. قاضي ــ مُفتي ــ مُحدث ــ پوڙهو ــ ٻُڍو ــ پيرمرد. نئو مسلم. خانقاه جو سردار ــ سجاده نَشين. تعلقي سيوهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ــ **شيْخُ الاِسْلام**: مذهب اسلام جو سڀ کان وڏو پيشوا ــ مُفتي ــ وقت جو امام ــ مجتهد.

ــ **شيْخ چلِي**: ذ. صفت. مورک ــ بيوقوف ــ چريو. هڪ فرضي بيوقوف (جنهن جا قصا مشهور آهن).

• **شيْخَ ج شيْخُونْ**: ث. (ف. سيخَ = لوهي ڪلي) لوهه جي ٽلهي تار ــ لوهه جي لَڙ ــ ڪباب پَچٽي.

ــ **شيْخَ تَپائي ڏيڻُ**: ڪنهن جي پٺيان لاهي پاهي دشمني وجهڻ. ڏنپ ڏيڻ. تڪليفون ڏيڻ. سزا ڏيڻ.

ــ **شيْخَ ٽيڻُ**: غُصي ۾ اُبو ٽيڻ ــ تمام ڪاوڙجڻ. چڙهڻ ــ اُپرڻ ــ نَرا ڪٽڻ. متي اُڏامڻ ــ متي چڙهي وڃڻ.

ــ **شيْخَ ٽي وَڃڻُ**: غُصي ۾ سيڄجي وڃڻ ــ اُبو ٽي وڃڻ ــ تيز ٽي وڃڻ.

ــ **شيْخَ پَچائڻُ**: گوشت، ڪباب وغيره شيخ ۾ وجهڻ پچائڻ. گهٽي تڪليف سهڻ ــ ڪشالا ڪرڻ ــ سُور سهي ڏاڍو ٽي وڃڻ ــ گهَڻُ ــ وَهَڻُ.

ــ **شيْخَ ڪَرڻُ**: ڪنهن به حلال جانور يا پکيءَ جو گوشت شيخَ ۾ وجهي پچائڻ.

ــ **شيْخَ ماسَ جِي پَچائڻُ**: پنهنجي جان تي تڪليف سَهَڻُ ــ بدن کي تڪليف جي ڪري سڪائڻ. ڪنهن جانور يا پکيءَ جو گوشت شيخَ ۾ وجهي پچائڻ.

• **شيْخُ اِبراهِيمْ**: اسر خاص. لَس هيلي جي هڪ مشهور شاعر جو نالو.

• **شيْخاڻُ**: اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شَيْخاڻِيْ**: اسر خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. گورچاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو (ت).

• **شيْخاڻِيْ**: اسر خاص. تعلقي ٺٽي. تعلقي ٽنڊي باگي ۽ تعلقي هالا ۾ ديهه جو نالو.

• **شيخاڻي گهاڙي**: ث. اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه ۽ ڊوري جو نالو.

• **شيْخُ پُرڪِيْ**: اسر خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو. مشهور بزرگ جو نالو ــ شيخ آچاري.

• **شيْخَ پُورُ**: اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شيْخُ حَمَرُ**: اسر خاص. لَس هيلي جي هڪ مشهور شاعر جو نالو.

• **شيخڙُ**: اسر خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شيْخُ فوجو**: اسر خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **شيْخُ ڪَڙِيوُ**: اسر خاص. لَس هيلي جي هڪ مشهور درويش جو نالو.

• **شيْخِلوُ ج شيْخِلا**: ذ. هيڙيءَ جو هڪ عضو. سڙه لاهڻ جي اُپي ڪاٺي. بدڪ جو هڪ قسم.

• **شيخِيْ ج شيخِيُونْ**: ث. (ف. شوخي = سختائي) وڏائي ــ بزرگي ــ مَغروري ــ هُوءِ ــ دَمُ ــ فخر ــ مُرڪُ ــ نازُ. ڏاڙَ ــ لَباڙَ ــ لاڙَ ــ بَناڪ.

ــ **شيخي ڏيکارڻ**: وڏ ماٿهپي ڏيکارڻ. مَرڪَڻ ــ فخر ڪرڻ.

ــ **شيخِيْ هَڻَڻ**: دَم هَڻَڻُ ــ بناڪ هڻڻ ــ پڏڻ.

• **شَيْدا ج شيْدا**: ذ. صفت. (ف). عشق ۾ ٻُڏلُ ــ عاشق ــ مجنون. قربان ــ گهوري ــ صدقي ــ فِدا. مَست ــ چريو ــ ديوانو ــ مشتاق (عشق ۾).

ــ **شَيْدائِيْ ج شَيْدائِيْ**: صفت. عاشق ٽيندڙ ــ عاشق ــ مَفْتُون. قربان ٽيندڙ ــ صدقو ٽيندڙ ــ فِدائِيْ. شيدا.

• **شِيْدِيْ ج شِيْدِيْ**: ذ. (ع. سَيدي = سائين) حَبشي ــ زنگي. (اسر خاص) سنڌ جي هڪ قبيلي جو نالو. (ث. شيدڻ ــ شِيدٽِيُون). اُٺ جو هڪ قسم ــ گهنديدار وارن وارو اُٺ (ت). انب جو هڪ قسم (ڪ).

ــ **شيديائِيْ ج شِيْدِيائِيُونْ**: ث. شيديءَ جو مونث ــ حَبشڻ ــ شِيدڻ.

ــ **شَيْدِيْ ڪُڙُ (ت)**: ذ. گهنديدارن ڪنين وارو ڪُڙُ.

• **شيرُ ج شيرَ**: ذ. (ف). جهنگ جو هڪ مشهور جانور ــ شِينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– اسد. (صفت). سورهيه – سورمو. پهلوان – طاقت وارو.
– **شيرُ ٽِيَنْ:** همت وارو ٽيڻ – بهادر ٽيڻ.
– **شيرِ خُدا:** ذ. خدا جو شينهن – حضرت علي ڪرم الله وجه جن جو لقب – اسدالله.
– **شيردِلْ:** ذ. صفت. شينهن جهڙي دل وارو – بهادر – سورهيه – پهلوان.
– **شير ڪَرڻ:** ڪنهن ماڻهوءَ کي چتاءَ ڪري هوشيار ڪرڻ. بهادر ڪرڻ.
– **شيرَلُ ج شيرَلْ:** ذ. صفت. (شير جو تصغير) ننڍو شير – پيارو پهلوان.
– **شيرْ مَرْدُ ج شيرْ مَرْدَ:** ذ. صفت. شينهن جهڙو طاقتور مرد – شير مَرْس. بهادر – جوانمرد – دليرِ.
– **شيرْمَرْدي ج شيرَ مَرْديُوْنْ:** ث. جوانمردي – دليري – بهادري.
– **شيرْمَرْسُ ج شيرْ مَرْسَ:** ذ. شير مرد.
● **شيْرْ:** ذ. (ف). ڪِيرُ. حيوانن ۾ عورتن جي ٿَڻن مان نڪرندڙ سفيد پاڻيٽ. ڪاڪ جو هوروڪ). وڏو ڪوڙ.
– **شيْرُ پيازُ:** ذ. بصرن، دال وغيره مان تيار ڪيل ڪَڙهي.
– **شيْرُ پيازُ پَٽڻُ ڪَرڻُ:** ڪنهن جا ڳُجهه ظاهر ڪرڻ – سڀ عَيب آڪهاڙڻ.
– **شيرُ خُوارُ:** ذ. صفت. ڪير پياڪ – ٻالڪ – معصوم – ٻارُ.
– **شيرُدانُ ج شيرُ دانْ:** ذ. ڪير جو ٿانءُ. ڪير ڏيندڙ ساهواري جي بدن جو هڪ عضوو جنهن ۾ ڪير رهي – مڃي ماني – مالپڙو – شير مال.
– **شيرُ شَڪَرُ ج شيرُ شَڪَرَ:** ذ. ڪير ڪنڊ – مڃا موچارا. گهَرُو – هريَل مريَل. هَمدم – جاني يارُ.
– **شَيرُ شَڪَرُ ٽِيَنْ:** ڪير ڪنڊ ٽي.
– **شيرمادَرْ:** ذ. ماءُ جو ڪير. حلال – جائز – رَوا.
– **شيرُ مالُ ج شيرُ مالْ:** ذ. صفت. ڪير ڏيندي ۽ ڪنڊ مان ٺهيل مڃي ماني – مال پڙو.
– **شيرُ گَرَمُ ج شيرُ گَرَمَ:** ذ. اڏ گرم – نُهَنْ سوسڙو – ٽورو ڪوسو – سَسَهُندو.
– **شيرٽِي ج شيرٽِيُوْنْ:** ث. ڪير مان رڌل رب – فِيرٽِي – ڪِيرٽِي. لاتِّي (جانورن جي لاتي).
● **شيرا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
– **شيْرازُ:** اسر خاص. (ف). ايران جي هڪ مشهور شهر جو نالو (جتي جا ٻه وڏا شاعر سعدي ۽ حافظ).
● **شيْرازِيْ:** ذ. صفت. شيراز شهر جو. (اسر خاص) سنڌ جي ساداتن جو هڪ قبيلو (ذ). ڪبوتر جو هڪ قِسم – ڳاڙهي ۽ اڇي رنگ جو ڪبوتر – پاريلُ.
● **شيْرازو ج شيرازا:** ذ. (ف. شيرازَهْ) رنگين يا سفيد پَٽيُ، جا ڪتاب جي جلد کي مضبوط ڪرڻ ۽ خوبصورتيءَ لاءِ هَنْئي وڃي. انتظام – سلسلو. بندش.
– **شيرازَهْ بَنْدِيْ ج شَيْرازَهْ بَنْديُوْنْ:** ث. (ف. شيرازه + بندي > بستن = بَڌڻ) جلد بندي – جُزبَنْدِيْ – ڪتاب جي سلائي. اتحاد – اتفاق – بڌي.
– **شيْرازَوْ ٽُٽَنْ:** جُلدَ جي سلائي ٽُٽڻ. انتظام نه رهڻ.
● **شيْرانْ:** اسر خاص. تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● **شيْرانْ پوڙْ:** اسر خاص. تعلقي گڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● **شيْرانِيْ:** اسر خاص. مري بلوچن جو هڪ قبيلو بلوچستان جي پٺاڻن جو وڏو قبيلو جنهن جون پنج شاخون.
● **شيرخانْ:** اسر خاص. تعلقي گڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● **شيرُشاهْ:** اسر خاص. جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● **شيرِ ڪَـوَهْ:** اسر خاص. تعلقي ڪنڌ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● **شيروْ ج شيرا:** ذ. صفت. اچين اڪين وارو – نيرين اڪين وارو – ٻلي ۽ جهڙين اڪين وارو – ساين اڪين وارو. چِڀن سنهڙن ڏندن وارو (ڪ). (ذ). مٺائيءَ جو هڪ قسم – سيرو – حلوو (ل).
● **شيرُوْ:** اسر خاص. نالو ماڻهوءَ جو. (مخفف شير محمد، شير خان وغيره جو).
● **شيرواهْ:** اسر خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● **شيرِيْ ج شيرِيُوْنْ:** ث. (ف. "شيرين" جو مخفف) ميناج – ميٺ – رَسُ. سواد – لذت – ذائقو – چشڪو. شيريني.
– **شيرِيْ بيڙِي ڪَرڻ (ت):** مفت جو مال ڪائڻ. رشوت وٺڻ. اٽڪل سانَ مالُ هَٽ ڪرڻ. عيش ڪرڻ.
● **شيرِيْنْ:** ذ. صفت. (ف). مٺو – مٺاڻ وارو – شيريءَ وارو. لذت وارو. لذيذ – (اسر خاص). فرهاد جي مشهور معشوقه جو نالو.
– **شيْرِيْنُ دَهانيْ:** ذ. صفت. (فَ. شيرين + دهاني > دهن = وات)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٺي وات وارو – مٺو ڳالهائيندڙ.

– **شَيْرِيْن زبانْ:** ذ. صفت. (ف. شيرين + زبان + جيءَ) زبان جو مٺو – مَٺ ڳالهائو – خوش گفتار – خوش آواز – سُرِيلو. ملٹوَ – خليق – ڪل مُک – خوش آور.

– **شِيْرِيْنِي ج شِيْرِيْنِيُوْنْ:** ث. مٺاڻ – مٺائي – حلاوت. سواد – مَزو – ذَائقو – چَشَڪو.

• **شِيْرِي جِيْ رَڳ:** اسم خاص. هڪ لَڪَ جو نالو (ڪيرٿر جبل ۾).

• **شِيْشا ڪَارِيْ:** اسم خاص. سنڌو ندي جي سمنڊ ۾ ڇوڙ واري هڪ ڊوريَ جو نالو.

• **شِيْشڪَانِيْ ج شِيْشڪَانِيُوْنْ (ڪ):** ث. (ف. شش ڪاني) بندوق جو هڪ قِسم – تالپورن جي سنڌي رائفل (جيڪا حيدرآباد جا لوهار ناهيندا هئا).

• **شِيْشَمْ ج شِيْشَمَ:** ذ. (سن. سِيْسَمْ) ڪاٺ جو هڪ قِسم – تالهيءَ جي وڻ جي ڪٺ – ڪاري ڪائي.

• **شيشناگ ج شيشناگَ:** ذ. (سَن). نانگن جو راجا. منڊٽو – ممٽو سَپ – نانگ – سَپُ – بلا – ازدها. (هندڪي خيال موجب شيش نانگ جا هزار ڦڻ آهن. جنهن تي وشنو سمهي ٿو ۽ هڪ تي زمين بيٺي آهي).

• **شِيْشُوْ ج شِيْشا:** ذ. (ف.شِيْشَهْ = ڪائي). ڪانڍُ – ڪاڄ – ڪائو. شيشي مان ٺهيل هاٿلي – بوتل. آئينو – درسني – آرسي – آهري – ٽِڪَ.

– **شِيْشائُوْن ج شِيْشائانْ:** ذ. صفت. شيشي وارو – ڪانچ وارو – آرسي وارو.

– **شِيْشُوْ باشُوْ ج شِيْشاباشا:** صفت. ٽاڪئون – نازڪ – پُرندڙ.

– **شِيْشگَرُ ج شِيْشگَرَ:** ذ. صفت. شيشي جو ڪاريگر – شيشي مان سامان ناهيندڙ – شيشو ناهيندڙ.

– **شِيْشُ محَلْ ج شِيْشُ مَحَلْ:** ذ. صفت. شيشي جو محل – شفاف يا اوجل محلات – عاليشان سهڻي عمارت جا شيشن سان سينگاريل هجي.

– **شِيْشِيْ ج شِيْشِيُوْنْ:** ث. نندو شيشو – نندي بوتل – بوتل.

– **شِيْشِيْ سُنْگهائِيْ:** بي هوشيءَ جي دوا سنگهائڻ. بي هوش ڪرڻ – نسٽو ڪرڻ – مُردار ڪرڻ.

• **شِيشي:** بازءِ (ٻئي پکي) جي پڇ جي مٿان ٻئيءَ تي وه جهڙي هڪ اڇي بونبڑي هڏي جنهن ۾ باز چنهنب هڻندو ته تيل نڪرندو جنهن سان پنهنجي ڪنين جي مالش ڪندو.

– **شيشي پلٹڻ:** باز جي ٻئيءَ واري شيشي مان چنهنب ٻوڙي پرسوئڻ ۽ مالش ڪرڻ.

• **شَيْطانُ ج شَيْطانَ:** ذ. (ع) مخالفت ڪندڙ – نافرمان – سرڪش – باغي – خبيث – بَدڪارُ – پَليدُ. سڌي رستي کان ٻڌڪيل – گمراه ـ اوجهڙ – بَدراهه.شَرير – لُڇ – فسادي – فتنه انگيز – فتنه پرداز. مُتڪبّر – هٺيلو – ضدي. (اسم خاص). هڪ ملائڪ. جو حضرت آدم عليه السلام کي سجدي نه ڪرڻ سبب بهشت مان هڪاليو ويو هو – اِبْليسُ – عزازيل – خناس – (ذ). غُصو – غضب – ڏمَرُ. جهڳڙو – فساد.

– **شَيْطانُ اَجْهْ:** ڪاوڙ اڇڻ – غصه اڇڻ. خواب ۾ تڙ پوڻ.

– **شَيْطانُ ٽِيْهْ:** فسادي ٽيڙ – دَنگائي ٽيڙ – لُڇ ٽيڙ – بدمعاش ٽيڙ. حَرڪتي ٽيڙ.

– **شَيْطانْپائِيْ ج شَيْطانْپائِيُوْنْ:** شيطان جهڙو ڪم – خراب ڪم – لُڇائي – حرڪت. فساد – دنگو – شيطان گِيري.

– **شَيْطانَ جا ڪَنَ ڪَٽِڻْ:** حرڪت بازيءَ ۾ شيطان کي شڪست ڏيڻ – شيطاني ڪمن ۾ گوءِ ڪٽڻ.

– **شَيْطانجَنْ:** مصدر. شيطان اڇڻ – شيطان جي قندي ۾ قاسڻ.

– **شَيْطانَ جوْ پِيلوْ:** ذ. اوڙ جو هڪ قسم – يُونْ قوڙ سَپڙو. ڪميڙو ماٿو – فسادي.

– **شيطان جو ٽڪو (ت):** ذ. جهنگلي وڻن ۾ پيدا ٿيندڙ سفيد آني جيڏي هڪ قسم جي ڪُنري شئي.

– **شَيْطانُ چَڙْهَنْ:** غصه چڙهڻ – ڪاوڙ چڙهڻ – ضد چڙهڻ.

– **شَيْطانُڪوْ ج شَيْطانُڪا:** ذ. صفت. شَيْطان جو – شيطانِي.

– **شَيْطانِيْ ج شَيْطانِيُوْنْ:** ث. شيطان جهڙو ڪم – حرڪت – لڇائي. بدمعاشِي. فساد. خراب ڪم. ج شَيْطانِيْ: ذ. صفت. شَيْطان جو – شيطانڪو – ڏاناسرو.

– **شَيْطانِيْ حَرْڪتْ ج شَيْطانِيْ حَرْڪَتُوْنْ:** ث. شيطان جهڙي حرڪت – خراب حرڪت – ناڪوار حرڪت – شرارت – لڇائِي.

– **شَيْطانِيْ لَشْڪَرْ ج شَيْطانِيْ لَشْڪَرَ:** ذ. شَرِير هارن جو ميڙ – لڇا هارَ – حرڪتي هارَ.

– **شَيْطانِيْ وَسْوسا:** ذ. خراب خيال – اڃايا خيال – وهم.

– **شَيْطَنْتُ ج شَيْطَنَتُونْ:** ث. شرارت – لُڇائِي – حرڪت. سَرڪَشِي – مخالفت – نافرماني. فِتنو – فساد – بدڪاريُ.

• **شِيْعُو ج شِيْعا:** ذ. (ع). مسلمانن جي هڪ فرقو جو قسر.

• **شِيْڪارُ ج شِيْڪارا:** ذ. (سن. شوش = ساه ڪڍڻ) ڏڍو ساه ـ شُوڪارو – سُڏڪو.

– **شِيْڪارُ پِرَڻُ:** ڏڍو ساهه پرڻ – شوڪارو پرڻ.

• **شِيْڪارُ ج شِيْڪارا (ت):** ذ. نر هَرڻ. وڏن سڱن وارو هَرڻ.

• **شِيْڪَرُ ج شِيْڪَرَ (ڪ):** ذ. ڪَڇيءَ پيش مان وَڏيلَ رَسوُ (جنهن سان پيشَ جا قڙها چوٽين وٽان پوئي گول لڙهو ٻڌن).

• **شِيْڪلُ ج شِيْڪلا:** ذ. (سن. شريدَ = سڙه + ڪاشْتَ = ڪائي) ٻيڙيءَ جو ڪوهو – شِيْخَلُ.

• **شِيڪڻُ ج شِيڪڻِيُون (ڪ):** ث. ڏاسَ جي ٽهيل سهٽي فراسي (جا جنڊ جي هيٺان رکي اٽو پيهبو آهي ۽ پوءِ جنڊ ڪٽي اٽو انهيءَ فراسيءَ ۾ ويڑهي اُتيئِي ڇڏبو آهي وقت ضرورت جي وري اٽو ٽورو گهٽو ڪڍي وري اُتيئِي ويڑهي ڇڏبو آهي).

• **شِيْڪَنُ:** مصدر. خار يا ڪاوڙ ۾ ڏند پيڙڻ. ٻُهسَڻ – وَهسڻ – ڏَندَ ڪڍي ڪِلڻ.

– **شِيْڪ ج شِيْڪُونْ:** ث. ڏندن ڪيڻ جي حالت. چڙ – ڪاوڙ. ماٺو – لاڏ – ناز – نَخرو (ت).

– **شِيْڪَجَنُ:** مصدر. ڏند ڪيڻ. سيٽجَنُ – ڪاوڙجڻ.

– **شِيْڪَرَ ج شِيڪَرُونْ:** ث. اجائِي وڏائي – شيخ – ڪاوڙ – غصو.

– **شِيْڪَرَنُ (ل):** مصدر. ڪاوڙجڻ – غصو ڪرڻ. ڏند ڪيڻ.

– **شِيْڪُو ج شِيڪا (ل):** ذ. نَفرَتَ – ڪراهت. ماٺو – لاڏ – نَخرو. (ت) جوش – ڪاوڙ – غصو (ت). اجايو ضد. بيفائدو هَڻ.

– **شِيْڪُوجهَلُنُ:** سَڪيڙي وڏائي ڪرڻ – اجائي سيٽ ڪرڻ.

– **شِيْڪُو ڇَڏُنُ:** وَڏَ ماٺهپائي ڏيڻي ڪرڻ – غرور ۽ آڪڙ ڇڏڻ – نياز نئڙت اختيار ڪرڻ.

– **شِيْڪُو ڪَرَنُ:** آڪڙ ڪرڻ. حجاب ڪرڻ – لَڄ ڪرڻ – شرم ڪرڻ – پاسو ڪرڻ. ڪاوڙجڻ – رُسڻ. نخرو ڪرڻ – لاڏ ڪرڻ – ناز ڪرڻ.

– **شِيْڪِيَلُ ج شِيْڪِيَلْ:** ذ. صفت. شَڪ ڪندڙ. پاسو ڪندڙ – ڪنارو ڪندڙ. خوشي ڪندڙ. ضِدِيُ – هَٺيلو.

• **شِيْگَنُ (ڪ):** مصدر. ڇيڙَڻ – ڏار ڪرڻ – ڦاڙڻ.

• **شَيْلُ ج شَيْلْ:** ذ. (ع. سَير = وڃڻ) سَير.

– **شَيل شڪارُ ج شَيل شڪارَ:** ذ. گهُر قِرءِ ان سان گڏ شڪار.

– **شَيْلُ گاهْ ج شَيْلُ گاهَ:** ذ. سَير جي جاءِ ـ گهمڻ جو هنڌ.

• **شِيْمَكُ ج شِيْمَكَ (ڪ – ت):** ذ. گهوڙن جي بيماريءَ جو قسر – گهوڙي جي منهن جو عارضو ۽ ڏڪٽي – ڪمري (جيئن، انسان کي تپ، مينهن کي سيڙهاني ۽ گهوڙي کي شِيمَكُ).

• **شِيْنُ:** (ع. ف. سن). عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ جي "ش" اکر جو اُچار.

• **شَيْنُ:** ذ. (ف). شور – غوغا – فرياد – زاري.

• **شِيْنَ مَلُوڪِيْ ج شِيْنْ مَلُوڪِيُونْ:** ث. سِينڊَ ملوڪِيْ. عورتن جي خوش خير و عافيت جو اصطلاح.

• **شِيْنا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **شِيْنبَ ج شِيْنبُونْ (ڪ):** ث. ڪناري – ريڑَ – وَٽ ـ ڇيڇ – ڏَنڊ ـ لِيهَ (ڪپڑي جي).

• **شِيْنگارَ ج شِيْنگارُونْ (ڪ):** ث. چيري ڪڍيل شيءِ. قَڙهي مان چيري ڪڍيل تندون جن مان واڍ يا تڏا ناهجن.

• **شَيْنگَرْجَنُ:** مصدر. ڪاوڙجڻ – ڏمرجڻ.

• **شِيْنگَنُ (ڪ):** مصدر. چيرڻ – ڏار ڪرڻ – ڦاڙڻ – ڦوڙڻ.

• **شِيْنهرا (ت):** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **شِيْنهرُ ج شِيْنهرا (ت):** ذ. درياه جي مڇيءَ جو قسر. (اسر خاص). نالو ماڻهوءَ جو.

• **شِيْنهَنْ ج شِيْنهَنْ:** ذ. (سن. سنْهَ = شيرُ) هڪ مشهور جهنگلي جانور جو نالو – جانورن جو بادشاهه – شيرُ – بَبَرُ – ڪيهَرُ – چيتو – واڳهه. (ث. شِينهَنْ ج شِينهٽِيُون). (صفت). بهادر – سورهيه – پهلوان "شير مرس". لَڪَ جو نالو. (اسر خاص). نالو ماڻهوءَ جو.

– **شِيْنهَنْ جِيْ ڪَن ۾ هُئُنْ:** تمام ڏکيو هُئڻ. گهٽي مشڪلات ۾ هئڻ.

– **شِيْنهَنْ ڪُلهي چَڙهَنْ:** ڪنهن مشڪل ڪم جو سَر ٽيڻ. نياڻيءَ جو پرڻجي وڃڻ. بي اولاد يا سُکي ٽيڻ.

• **شِيْنهَنْ ٻَڪرِيْ:** ٻاراڻي راند جو هڪ قسر.

– **شِيْنهَنْ ٽَپِيَ رانڊ:** ث. ٻارن جي راند جو قسر. شينهن ٻڪري.

• **شِيْنهُنْ نرَ:** اسر خاص. هڪ تڙ جو نالو. جو اسٽيشن دؤڙ ضلع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نواب شاھ کان ويهن ڪوهن تي اوپر طرف پٽن ۾ ھڪ ننڍ جو نالو (جتي مائي لاڏان ڏاھري، مشهور دلير عورت رهندي ھئي. سن ۱۹۵۰ع بعد وفات ڪيائين. مولانا ابوالحسن ڏاھريءَ جي ماسات جي ڏوهتي ھئي. پيرپاڳاري جي جماعت مان ھئي.

• **شينهن ويڑهو:** اسر خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ ھڪ ديهه جو نالو.

• **شِينْهَڙ ج شِينْهَڙيُون (ت):** ث. باز جو ھڪ قسم (ٻن قسمن جو اڇو ۽ ڪارو). شينهن جي مادي – شيرٽي.

• **شِيْنِيْ ج شِيْنِيُوْنْ:** ث. (ف. سِيني = خونچو) ڪاڏي جي وڏي ٽالهي – خونچو.

• **شيوا ج شيواؤُنْ:** ث. (سن. سيوا = ٽهل ٽَڪور) خدمت – چاڪري – ٽهل ٽڪور – نوڪري – حاضري. عبادت – پُوجا – اُپاسنا – بندگي. عزت – تسبَيح – تعظيم.

– **شيوادَلْ:** ذ. عام خلق جي شيوا يا خدمت ڪرڻ لاءِ ٽولي.

– **شيوادَري ج شيوادَريْ:** ذ. صفت. خدمتگار – ڪم ڪندڙ – ٽَهليو – خادم – نوڪر – چاڪر. عابدُ – بندگي ڪندڙ.

– **شيواسْتانْ ج شيواسْتانْ:** ذ. عبادت گاھ – ڏيوري – ٽِڪاڻو – ديُوَل.

– **شيوَڪُ ج شيوَڪَ:** ذ. صفت. شيوا ڪندڙ – خدمت گار – خادم – چاڪرُ – ٽهليو. عبادتي – عابد – بَندو – پُوجاري. مريد.

• **شِيْوَلْ ج شِيْوَلا:** ذ. صفت. ساين اکين وارو – شَيرو. (ث. شِيولِيْ ج شَيولِيُون).

• **شيوَنْ:** ذ. (ف). آواز. آھَ – پُڪارَ – ماتر – واويلا – فرياد – روج – پٽڪو – نالَهْ – نوحه. رَنْجُ – ڏُکُ – صدمو.

• **شيوْ ج شيوا:** ذ. (ف. شيوَهْ = طريقو) ناز – انگل – ڪرشمو – لَڇَڻ – ادب – انداز. هيـرَ – چال – ريت – رواج – پَر. دستور – ڍَنگ – پارُ – وَڌه ـ وَڏل – نمونو.

• **شِيْوَھاڪُ ج شِيْوَھاڪَ (ل):** ذ. سنهو لکڻ – چهبڪ – چابڪ – چاهڪ.

• **شِيْهُوْ ج شِيْهَا:** ذ. (سن. سِيْسَم = سيهو) ڏاتوءِ جو ھڪ قسم – سَرب.

• **شِيْهِيْ:** اسر خاص. ھڪ قوم جو نالو (ايران ۽ مڪران ۾).

• **شِيئَرُ ج شِيئَرَ:** ذ. (انگ). حصو – پَتي – ونڊ – ورچ – تقسيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ص

• **ص:** ذ. (ع). عربيءَ جو چوڏهون، فارسي جو سترهون، ۽ سنڌيءَ جو ٽيهون اکر — ابجد جي حساب ۾ عدد ۹۰.

• **صاب:** ظرف. (ع. صاب = نشاني تي لڳڻ) قبول — پسند. سجايو. پورو — ٺڪاڻي تي.

— **صاب ڪرڻ:** قبول ڪرڻ. سجايو ٽيڻ. "سوئي صاب پيوم، جو هن آڃاڻندي اوريو".

— **صاب وجهڻ:** صاب ڪرڻ. قبول ڪرڻ. سجايو ڪرڻ.

• **صابرَ ج صابرَ:** ذ. صفت. (ع. صابر > صَبَر پاڻ کي روڪڻ) صبر ڪندڙ — صبر وارو. ڪنهن تڪليف اڃڻ تي ماٺ ڪندڙ. بردبار. رضا تي راضي رهندڙ (اسم خاص). حضرت ايوب عليه السلام جو لقب. امام حسين (ع) جو لقب.

— **صابريْ ج صابريْ:** ذ. صفت. صبر وارو "رهيا اٽيئي رات. صبح ويندي ۽ صابري .(شاهه).

— **صابرِيْنْ ج صابرِيْنْ:** ذ. صفت. صابرُ — صبر ڪندڙ — مائيٽو.

• **صابُنْ ج صابُنْ:** ذ. ڪار سودا، مَيدي، تيل وغيره مان ٺهيل ڪپڙن ڌوئڻ جو مصالح.

• **ساچيْرُلا ج ساچيْرُلا:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم. (دالچيني جهڙا، رنگ بوءِ ۽ لذت وارو).

• **صاحبُ ج صاحبَ:** ذ. (ع. صحب = هن صحبت رکي) يار — دوست — سائي — سنگتي — صحبتي. سائين — مالڪ — آقا. والي — حاڪم. تعظيم طور ڪم ايندڙ هڪ لقب — حضرت — جناب — حضور، "صاحب علم، صاحب اخلاق وغيره". سڀني جو سائين — خدا. "ساراهيان سچو ڏٽي جو صاحب رب ستار".

— **صاحب اِخْتيارْ:** ذ. صفت. (ع. صاحب + اختيار) اختيار وارو — بااختيار. خود مختار — مرضيءَ جو مالڪ — صاحب حڪومت. حاڪم.

— **صاحبانْو ج صاحباڻا:** ذ. صفت. آبرو وارو — مانائتو — عزت پريو. خوش پوشاڪ.

— **صاحب تَخْتْ:** ذ. صفت. (ع. صاحب + ف. تخت). تخت جو ڌڻي — تخت جو مالڪ. گادي ۽ ڏٽي — گادي نشين — تاجدار.

— **صاحبَ تَدْبيْرْ:** ذ. صفت. (ع. صاحب + تدبير = حد سوچڻ) انڪَلَ وارو — تجربه ڪار — هوشيار. مدبر.

— **صاحب تَمِيْزْ:** ذ. صفت. (ع. صاحب + تميز > ميز + جدا ڪرڻ) هوش ۽ عقل وارو — داناءُ — سمجهو — سڃاڻ. دانشمند — ڄاڻو — سگهڙ.

— **صاحب حيثِيَتْ:** ذ. صفت. (ع. صاحب + حيثيت > حيث = جنهن جاءِ تي) شاهوڪار — دولت مند. عزت وارو.

— **صاحب دِلْ:** ذ. صفت. (ع. صاحب + ف. دل) دل وارو. خدا شناس — ولي — عارف. ڪرامت وارو. پرهيزگار — پارسا — متقي.

— **صاحب ذَوْقْ:** ذ. صفت. (ع. صاحب + ذوق > ذاق = مزو وٺڻ) ذوق وارو — شوقين. عاشق مزاج.

— **صاحب رازْ ج صاحب رازْ:** ذ. صفت. (ع. صاحب + ف. راز = ڳجهه) همراز — رازدار — محرم. دمساز — پيدي.

— **صاحب زادوْ ج صاحب زادا:** ذ. (ع. صاحب + ف. زاده > زائيدن = ڄڻڻ. جمڻ) اميرزادو — رئيس جو ٻار. اشراف جو ٻار — عزت واري جو پٽ. پٽ — فرزند. (ث. صاحبزادي ج صاحبزاديوُنْ).

— **صاحب سَلِيْقَہ:** ذ. صفت. (ع. صاحب + سليقه = روش) سياڻو — تميز وارو — عاقل — هنر وارو — سُگهڙ.

— **صاحب فَراشْ ج صاحب فَراشْ:** ذ. صفت. (ع. صاحب + فراش > فَرَش = پکيڙڻ) بسترِي تان اٿي نه سگهندڙ بيمار.

— **صاحب قُدْرتْ:** ذ. صفت. (ع. صاحب + قدرت — سگهه) قدرت وارو — قدرت جو مالڪ.

- **صاحب ڪمالُ ج صاحب ڪمال:** ذ. صفت. (ع. صاحب + ڪمَالَ > ڪَمَلَ = پورو ٿيڻ) ڪمال وارو – ڪمال ڪي پهتل – ڪامل. ڪماليت جو مالڪ.
- **صاحبلوڪُ ج صاحبلوڪ:** ذ. صفت. يورپي – فرنگي. (ذ). يورپي آفيسرن جو عام خطاب.
- **صاحب نَصيبُ:** ذ. صفت. نصيب وارو – سياڻو – ياڳوان – بَختاور.
- **صاحبيُ ج صاحبيُون:** ث. حڪومت – سلطنت – بادشاهي. اميريَ دَوْر.
- **صاحبيُ ڪرڻ:** حڪومت ڪرڻ – حڪم هلائڻ – بادشاهي ڪرڻ. قاعدي ۾ رکڻ – وس رکڻ.
- **صاحبيُ هلائڻُ:** حڪومت هلائڻ – حڪومت ڪرڻ. دٻاڻ – زور هلائڻ.
- **صاحب جي صاحبي:** حاڪم جي حڪومت. قادر جي قدرت.
- **صادُ:** ذ. (ع) حرف صاد (ص) جو تلفظ. منظور ڪرڻ جي نشاني. قرآن شريف جي اٺتيهين سورة جو نالو.
- **صادُ ڪرڻ:** تصديق ڪرڻ – منظور ڪرڻ – صحيح وهڻ – صحيح طور صاد لکڻ.
- **صادرُ:** صفت. (ع. صادر > صدر = جاري ٿيڻ) نڪرندڙ – ٻاهر اچڻ وارو – ڪنهن هنڌان ٻاهر نڪرڻ وارو. موڪلائيندڙ. جاري ٿيندڙ.
- **صادرُ ٿيڻ:** جاري ٿيڻ – نافذ ٿيڻ. واقع ٿيڻ. پيش اچڻ. پهچڻ – نازل ٿيڻ.
- **صادرُ ڪرڻ:** جاري ڪرڻ – نافذ ڪرڻ. ڪو حڪم يا فرمان پاس ڪرڻ.
- **صادقُ ج صادقَ:** ذ. صفت. (ع. صادق > صدق = سچ ٻالهائڻ) سچو – سچار – راست گو – ست وارو. ايماندار – سُٻتيو. وفادار.
- **صادقُ اَچڻ:** نيڪ ٿيڻ – درست ٿيڻ. عائد ٿيڻ.
- **صادقُ الاعْتقادُ ج صادقُ الاعْتقادَ:** ذ. صفت. (ع. صادق + اعتقاد > عقد = گهُٽي ٻڌڻ) سچي اعتقاد وارو.
- **صادقُ الْقوْلِ ج صادقُ الْقوْلَ:** ذ. صفت. (ع. صادق + قول > قال = هن ٻالهايو) ٻالهه جو سچو. وفادار.
- **صافُ ج صافَ:** ذ. صفت. (ع. صاف > صفا > صفو = مَرُ لَهَ – صفا ٿيڻ) ڪرو – خالص – نج – بنا ملاوٽ – نبار. اڇو اُجرو – چٽو – بي داغ – بي عيب – بي گناهه.
- **صافَ بَڳوْ ج صافُ بَڳا:** ذ. ڏڳي جو هڪ قسم – سفيد رنگ جو ڏاند.
- **صافُ جَوابُ ج صافُ جوابَ:** ذ. (ع. صاف + جواب) ڪتو جواب – اِنڪار – ناڪار.
- **صافُ جَوابُ ڏيڻُ:** بالڪل انڪار ڪرڻ. نهڪر ڪرڻ.
- **صافُ دل ج صافُ دِلَ:** ذ. صفت. (ع. صاف + ف. دل) دل جو اڇو. ايماندار. ڪرو.
- **صافُ دِلِيُ ج صافُ دلـيُون:** ث. صداقت – راستي – سچائي. نيت خلوصي – اخلاص.
- **صافُ رَهڻُ:** پاڪ رهڻ. اوجل رهڻ. ايمانداريءَ سان رهڻ.
- **صافُ صافُ:** صفت. ظرف. ڪلم ڪلا – ڪليو ڪلايو – اعلانيه. ظاهر ظهور. سنئون سڌو.
- **صافُ صافُ ٻڌائڻُ:** ڪليو ڪلايو ٻڌائڻ. سنئين سڌي ۽ سچي ٻالهه ٻڌائڻ. فيصلو ڪن ٻالهه ٻڌائڻ.
- **صافُ صافُ چَوَڻُ:** ڪليو ڪلايو چوڻ. ڪري ٻالهه چوڻ. سچ چوڻ.
- **صافُ صَفائِيُ ج صافُ صَفائِيُون:** ث. اچائي اُجرائي. ڪنهن ٻالهه جي چنڊ چاڻ. آخري فيصلو.
- **صافُ ڪَرڻُ:** مير ڪيڏ – ڏوئڻ. چنڊڻ – ڦوڪڻ. مانجهڻ – ملڻ – مَهڻ. ٻُهارڻ (اصطلاح) صفائي ڪري چڏڻ. برباد ڪرڻ.
- **صافُ ڪَري چَڈَڻُ:** مانجهڻ. ٻُهاري چڏڻ – جهنگ ڪپي ميدان ڪرڻ – چَٽ ڪرڻ – اُجاڙڻ.
- **صافِيُ ج صافِيُ:** صفت. صاف ڪيل. باقي بچيل – رهيل – رهت ڪيل. باقيات.
- **صافِي ج صافِيُون:** ث. چاڻڻ جو ڪپڙو – صافو. سُلفي چڪڻ لاءِ ڪپڙو. هڪ مڇيءَ جو قسم. بارداني ڪان سواءِ مال جي تور. بچت – بچيل – باقيات. صفائي.
- **صافِيُ ڏيڻُ:** ڏاڙهيءَ جي وارن کي پاڪيءَ سان صاف ڪرڻ – ڏاڙهي ڪوڙڻ.
- **صافِيُ صافُ ج صافِيُ صافَ:** صفت. بالڪل سُٻو – بالڪل نِج. لٽ پَٽ (ليکو).
- **صافِيُ نڦعوْ ج صافِيُ نڦعا:** ذ. خرچ پکي لٽي باقي فائدو.
- **صافُو ج صافا:** ذ. ٽاڊل يا پينگ وغيره چاڻڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديگ يا ديگڙي مٽان ڏيڻ جو ڪپڙو. حجام جو پاڪي وغيره صاف ڪرڻ جو ڪپڙو – هڪ ڪپڙي جو نالو (جو پنجاب ۾ خاص پٽڪي لاءِ تيار ٿئي) مٽي تي پَڏڻ جو ڪپڙو – پٽڪو – پَگڙي – پَگ.

– **صافوسُکنُ نہ ڈیئنُ:** گهٽي وٽي نہ وجهڻ.

• **صالحُ ج صالحَ:** ذ. صفت. (ع. صالح > صَلَحَ = چڱو ٿيڻ) سُٺن لڇڻ وارو – نيڪ. نيڪ بخت – سَياڳو. چئيوان – فرمانبردار. پارسا – پرهيزگار – مُتقي. (اُسم خاص). هڪ پيغمبر جو نالو.

• **صانعُ ج صانعَ:** ذ. صفت. (ع. صانعُ > صَنَعَ = ناهڻ) ڪاريگر – ناهيندڙ. ڪاريگري ڪندڙ. پيدا ڪندڙ. خالق.

– **صانعُ حَقیقي:** ذ. صفت. (ع. صانع + حقيقي > حق = صحيح هڻڻ) اصلي ڪاريگر. خالق. (اسم خاص) خدا تعاليٰ.

– **صانعِ قُدْرَتْ:** ذ. صفت. (ع. صانع + قدرت > قدر = لائق ٿيڻ) قدرت جو ناهيندڙ. مخلوق کي پيدا ڪرڻ وارو – خدا تعاليٰ – الله پاڪ.

– **صانعِ مُطلَقْ:** ذ. (ع. صانع + مطلق > طَلَقَ = آزاد هڻڻ) صنعت ۾ ڪنهن جو به محتاج نہ ٿيندڙ ڪاريگر – خدا تعاليٰ.

• **صاهُرا:** ذ. (ع. صهر) جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. گهوٽ لاءِ ڪنوارجا ۽ ڪنوار لاءِ گهوٽ جا مائٽ – ساهريجا.

• **صائبُ:** ذ. صفت. (ع. صائب > صوبَ = پڇڻ – ٺهڪڻ) پهچندڙ. درست – نيڪ.

• **صائمُ:** ذ. صفت. (ع. صائم > صوم = رکجڻ. روزو رکڻ) روزو رکندڙ – روزه دار.

– **صائمُ الدّهْر:** صفت. (ع. صائم + دهر = وقت) هميشه روزه رکندڙ.

• **صَبا:** ث. (ع. صبا > صبو = کيڏڻ) اُپرندي کان لڳندڙ هوا. پوئين رات جو لڳندڙ پوربي هوا. صبح جي هيـَر. بهار جي هوا.

• **صَباحَ:** ث. (ع). سج اُپرڻ جي مهل – صبحَ – فجر – سحر – پريات – پرهَ ڦٽي – صُبوح.

• **صَباحَتْ ج صَباحَتُونْ:** ث. (ع. صباحت > صَبَحَ = سُهڻو ٿيڻ) حُسن – سُونهن – سوڀيا – خوبصورتي – خوبروئي – جمال.

• **صَباحي، صُبوحي:** صبوح وارو تارو. پريات وقت چمڪ روشن تارو. (اهڙا هڪ کان وڌيڪ تارا جيڪي جُدا جُدا موسمن ۾ نظر اچن).

• **صُبْحَ ج صُبْحَ، صُبْحُونْ:** ذ. ث. (ع). سج اُپرڻ جي مهل – سحر – پرهه – پريات.

– **صُبْحَ ٹیَنْ:** ڏينهن نڪرڻ – فجر ٽيڻ – سج اُپرڻ. پرهه ڦٽڻ.

– **صُبْحَ جو تارو:** ذ. سج اُپرڻ کان اڳ ۾ پَرهه جو چمڪ تارو وهائو تارو.

– **صُبْحَ جي ڏِئي وانگَـرْ پساهَ گُڏَنُ:** تمام پوڙهو ٽيڻ. مرڻ جي ڪَنڊيءَ تي هُئڻ – پويان پساهه پورا ڪرڻ.

– **صُبْحَ دَمْ:** ذ. (ع. صبح + ف. دم = وقت – مهل) صبح جي مهل – علي الصباح – وڏي فجر – ڏِکيءَ ويل.

– **صُبْحَ شامَ کَـرَڻ:** اڄ سياڻي ڪرڻ. حيلا بهانا ڪري تارڻ نٽائڻ. بهانا ڪرڻ.

– **صُبْحَ صادِقْ:** ذ. (ع. صبح + صادق > صَدَقَ = سچ ڳالهائڻ) نڪ جو نڙڪو – علي الصبح. فجر – پرهه – ڏِکي – اڇو ڏينهن.

– **صُبْحَ کاذِبْ:** ذ. (ع. صبح + کاذب > کذب = ڪوڙ ڳالهائڻ) وڏو اسُر. صبح صادق کان اڳ ۾ ٽيل اڇاڻ، جنهن بعد وري اوندهه ٿئي.

– **صُبْحَ کَـرَڻ:** رات ڪاٽڻ – رات گذارڻ. سڄي رات جاڳي ڪاٽڻ. اوجاگو ڪرڻ.

– **صُبْحُونْيُ:** ذ. صفت. صبح جو – صبح وارو.

• **صُبْحانيُ، صُبْحازيُ (ل):** صبوح جو.

• **صَبْرُ ج صَبْـرَ:** ذ. (ع. صَبْرُ > صَبَـرَ = ماڻ ۾ رهڻ) چپ – ماڻ – خاموشي – سانت – شانتي. ڏيرج – تحمل – ٽامر – حلم – بردباري. برداشت – توقف – تامل. تسلي – تسڪين – اطمينان. توڪل. قناعت. دير.

– **صَبْرُ اِجْڻُ:** ماڻ اچڻ – خاموشي اچڻ – تسلي ٿيڻ – اطمينان ٿيڻ. قرار اچڻ – چين اچڻ. فرحت اچڻ. ٽهمر اچڻ.

– **صَبْرُ ٹیَنْ:** ماڻ ٽيڻ – چپ ٽيڻ. برداشت ٽيڻ. تسلي ٽيڻ.

– **صَبْرُ جا کوٹَ پَچَنْ:** بي صبري اختيار ڪرڻ – وس کان بي وس ٽيڻ. آپي کان ٻاهر نڪرڻ.

– **صَبْرُ کَـرَڻ:** ماڻ ڪرڻ – چپ ڪرڻ – سانت ڪرڻ. ڏيرج ڪرڻ. برداشت ڪرڻ – تحمل ڪرڻ – سهڻ.

– **صَبْرُ وَ شُکْرُ کَـرَڻ:** ڪنهن مصيبت وغيره ۾ چپ رهڻ

تکليف ۾ تحمل ڪرڻ ۽ خدا جو شڪر بجا آڻڻ.

• **صَبُوحَ:** ذ. (ع. صَبح) سج اُپرڻ جي مهل – صُبح – صَباحَ.

• **صَبُوڙِي ج صَبُوڙِيُون (ث):** ث. صبح جو ڪاڏو – نيرن – ناشتو – نيراڻ.

• **صَبِيٰ:** صفت. سولو – سوکو – آسان.

• **صَبِيحَ ج صَبِيحَ:** ذ. صفت. (ع. صبيح > صَبَحَ = سهڻو ٿيڻ) اڇو – گورو. سُهڻو – خوبصورت – ملوڪ – حسين.

• **صَحابَ:** ذ. (ع. صحاب > صَحَبَ = ڪنهن سان تعلق رکڻ) يار – دوست. اصحاب. رسول مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جا ساٿي.

– **صَحابَتَ ج صَحابَتُون:** ث. تعلق – لاڳاپو.

– **صُحابتَ ج صُحابَتَ:** ذ. صفت. ڪل مڪ. هردل عزيز – وٽندڙ – چئيوان – فرمانبردار. حليم. سدورو.

– **صَحابِيٰ** – صَحابِيٰ: ذ. صفت. حضور مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جو ساٿي – اصحاب.

– **صَحافَتَ ج صَحافَتُون:** ث. لکڻ جو هنر – اخبار نويسي.

– **صَحافِيٰ ج صَحافِيٰ:** ذ. صفت. (ع. صَحَف = لکڻ) اخبار لاءِ لکندڙ – اخبار نويس.

• **صُحْبَتْ ج صُحبَتُون:** ث. (ع. صحبت > صَحَبَ = تعلق رکڻ) ياري – دوستي – سنگت. همراهي – ساٿ – مدد – ميل جول – ميل ميلاپ – ملاقات. عورت سان گڏجي سمهڻ – همبستري.

– **صُحْبَتْ جوُ اَثَرُ ٿِيڻُ:** دوستيءَ ۾ گڏ اُٺڻ ويهڻ ڪري ٻين جي عادتن جو غالب پوڻ

– **صُحْبَتْ رَکَڻُ:** سنگت رکڻ – دوستي رکڻ – ياراني گنڊيڻ.

– **صُحْبَتْ کَرڻُ:** ميلاپ ڪرڻ – ياري ڪرڻ – سنگت ڪرڻ. مجامعت ڪرڻ.

– **صُحْبتِيٰ ج صُحْبتِيٰ:** ذ. صفت. يار – ساٿي – سنگتي – رفيق – دوستي وارو – دوست. ناتي وارو – گهاٽو دوست.

– **صَحبيٰ ج صَحبيٰ:** ذ. صفت. (ع) صحبت ڪندڙ – صحبتي. سنگتي – دوست. اصحبي.

• **صُحْبَتْ مَرِيٰ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **صِحَتْ ج صِحَتُون:** ث. (ع. صحت > صحّ = تندرست رهڻ) تندرستي – چڱيلائي – نمرائي – شفا. دستي – تصحيح.

– **صِحَتْ بَخْشُ ج صِحَتْ بَخْشُ:** ذ. صفت. (ع. صحت + ف. بخش > بخشيدن = مفت ڏيڻ) تندرستي بخشيندڙ – شفا ڏيندڙ. فائدو ڏيندڙ – مفيد.

– **صِحَتْ جانْ:** ث. (ع. صحت + ف. جان = جسم) چڱيلائي – نمرائي. شفايابي – تندرستي.

– **صِحَت خانوْ ج صِحّت خانا:** ذ. (ع. صحت + ف. خانہ = گهر) ڪاکوس – پاخانو – جاءِ ضرور – پُئي – بيت الخلا.

– **صِحَتْوُ ج صِحّتَا:** ذ. صفت. تندرست – چاق – شفايابِ.

– **صَحَتْ سَنِيْهُ ج صِحّتْ سَنِيْهَ (س):** ذ. صفت. چڱيلائي جي خوشخبري ڏيندڙ.

– **صِحَتْ کسَرِ:** تندرستي حاصل ٿيڻ – تندرست ٿيڻ – شفايابِ ٿيڻ. سگهو ٿيڻ. تازو توانو ٿيڻ.

– **صِحَتْ نامْوْ ج صِحّتُ ناما:** ذ. (ع. صحت + ف. نامہ = هر لکيل ڳالهه) ڪتاب جي آخر ۾ ڇپيل غلط الفاظن جي درستي.

– **صِحتْ يابُ ج صِحّتْ يابَ:** ذ. صفت. (ع. صحت + ف. ياب > يافتن = لهڻ) تندرست – چگو – چگو پلو – نمرو. شفايابِ.

• **صَحْرا ج صَحْرا:** ذ. (ع). واريءَ وارو ميدان – ريگستان – رڻ – رٽيٽ – ٿَرُ – بيابان. سُڃ – ويراني – بريت.

– **صَحْرا نَوَرْدُ ج صَحْرا نَوَرْدَ:** ذ. صفت. (ع. صحرا + ف. نورد > نوردن = ويڑهڻ) بيابان پيٽيندڙ – رڻ گهمندڙ.

– **صَحْرا اَعْظَمُ:** اسم خاص. (ع. ريگستان + اعظم = تمام وڏو) آفريڪا جو مشهور.

– **صحراءُ لَق ودَقْ:** ذ. ويران رٽيٽ.

– **صَحَرائِيٰ ج صَحَرائِيٰ:** ذ. صفت. رڻ پٽ جو – ريگستاني – بياباني.

• **صَحْنُ ج صَحْنُ:** ز. (ع). اڱڻ – ايوان – آڱڻ – آڱر.

• **صَحْوَ ج صَحْوُون:** ث. (ع). هوشياري – سجاڳي.

• **صَحِيٰ ج صَحِيٰ:** صفت. (ع. صحيح > صحّ = ٺيڪ هُئڻ) سچ پچ. صحيح – برابر – ٺيڪ.

• **صَحِيحَ ج صَحِيحُون:** ث. (ع). دستخط – هٿ اکر. تصديق. شاهدي (لکت ۾).

– **صَحِيحُ بُوكُ:** ذ. ڏنل پٺسن جي صحيح وٺڻ جو ڪتاب.

– **صَحِيحُ ٽِيَنُ:** دستخط ٽيڻ – تصديق ٽيڻ.
– **صَحِيحُ ڪَرڻُ:** دستخط ڪرڻ. تصديق ڪرڻ.
• **صَحِيحُ ج صَحِيحَ:** ذ. صفت. (ع). عيب کان پاڪ – صاف. پورو – درست – بجا. سچو – راست. حقي. پورو – ڪامل – سڃو – سارو.
– **صَحِيحاً:** ظرف. پوريءَ طرح – سنئين طرح. مناسب طور – شائستگي سان.
– **صَحِيحُ الْعَقْلِ:** ذ. صفت. (ع. صحيح + عقل > عَقْل = سياڻو ٽيڻ) سالم عقل وارو – ماڻهو – عاقل – فهيم.
– **صَحِيحُ النسب:** ذ. صفت. (ع. صحيح + نسب > نَسَب = سلسلو قائم رکڻ) نسل جي اعتبار کان ٺيڪ – صحيح گهراڻي جو – اصيل. خانداني.
– **صَحِيحاتِي ج صَحِيحاتِيُونُ:** ث. صحيح هجڻ جي حالت – درستي – اصطلاح – سڌارو – صحت.
– **صَحِيحُ ٽِيَنُ:** غلطي نہ ڪرڻ – درست ٽيڻ – ٺيڪ ٽيڻ. پڪو ٽيڻ – برابر ٽيڻ.
– **صَحِيحُ سالِمُ ج صَحِيحُ سالِمَ:** صفت. (ع. صحيح + سالم > سَلَمَ = بي جوکو رهڻ) جيئن جو تيئن – پورو – برابر – سالم – ٺيڪ. صحيح سلامت. سلامت – هٿيڪو – محفوظ – چگو ڀلو – تندرست.
– **صَحِيحُ سَلامَتُ:** ذ. صفت. جيئن جو تيئن – صحيح سالم. صحت ۽ تندرستيءَ سان – چگو ڀلو – تندرست.
– **صَحِيحُ ڪَرڻُ:** اصلاح ڏيڻ – درست ڪرڻ. غلطي ڪيڻ. ٺيڪ ڪرڻ – سُودڻ سناورڻ. ڪرو ڪرڻ. ثابت ڪرڻ. ثابتي پهچائڻ. شاهديءَ لاءِ پڪو ڪرڻ.
• **صَحِيفُو ج صَحِيفًا ذ.** (ع. صَحِيفَةُ = ڪتاب > صحف = لکڻ) ڪتاب – رسالو. لکيل صفحو – ورق – پنو. خدا جي طرفان موڪليل ڪتاب.
• **صَحِيفَءُ إبْراهِيمِيْ:** ذ. حضرت ابراهيم عليه السلام تي نازل ٿيل ڪتاب.
• **صَخْرَهُ:** ذ. (ع). سخت پهڻ. (اسم خاص). مسجد اقصيٰ جي پر ۾ رکيل هڪ پٿر جو نالو. جنهن جي اولهه واري پت يهودين جو قبلو ۽ اوپر واري پت عيسائين جو قبلو آهي.

• **صَدْ:** صفت. (ف) هڪ تعداد جو نالو – هڪ سئو – سيڪڙو.
– **صَدْ آفَرِيْن:** ندا. (ف. ضد + آفرين = شاباس) ڪلمءِ تحسين مرحبا! بارڪَاللّٰه! شاباس.
– **صَدْبارْ:** ظرف. (ف. ضد + بار = پيرو – گهمرو) سئو پيرا – ڪيترائي دفعا.
– **صَدْ رَحْمَتْ:** ندا. (ف. صد + ع. رحمت > رَحمَ = مهرباني ڪرڻ) صد آفرين.
– **صَدْشُڪْرَ:** ذ. (ف. صد + ع. شُڪْر > شَڪَر = احسان مڃڻ) سوين شڪرانا.
– **صَدْها:** ظرف. سوين. تمام گهٽا – هزارين.
• **صَدا ج صَدائُونْ:** ث. (ع). گنبذ جو آواز – گونج. پڙاڏو – پڙلاءِ. آواز – ندا. قول – گفتگو. درويش يا فقير جي گهرڻ جو آواز – سوال – سَئِ. "صدا وڏير سُورجي. اڇَئان ڪوهياري" (شاهه). آهه. وائي. (فقير محمدَ صديق صوفي جي راڳنامي جي) فقيرن جو پَنگ وغيره پيٽ وقت تڪيه ڪلام (ت).
– **صَدا ڪَرڻُ:** سوال ڪرڻ. آواز لڳائڻ. ڪجهه گهرڻ لاءِ آواز ڪرڻ. موالين جو پَنگ پيٽ وقت صدا هڻڻ.
– **صَدا لَڳائڻُ:** پنڻ لاءِ سوال ڪرڻ.
– **صَدا هڻَڻُ:** سوال ڪرڻ. صدا ڪرڻ.
• **صَدارَتَ ج صَدارَتُونْ:** ث. (ع. صدارت > صَدَرَ = جاري ڪرڻ. روانو ٽيڻ) اڳواڻي – رهبري. ڪنهن مجلس يا جلسي جي ڪاروائي جي – صدرنشيني – چيئرمئني. اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **صَداقَتَ ج صَداقَتُونْ:** ث. (ع. صداقت > صَدَقَ. سچ ڳالهائڻ) سچائي – صاف گوئي. خلوص. وفاداري بي ريائي. ثبوت – ثابتي – گواهي – شاهدي – تصديق. ايمانداري – ديانتداري.
• **صَدْبَرْگ ج صَدْبَرْگَ:** ذ. (ف. صد + برگ = پن – سو پنن وارو گل) گُل جو هڪ قسم.
• **صَدْرُ ج صَدْرَ:** ذ. (ع) جلسي جو سَربراهُ – مير مجلس. سينو – ڇاتي. اڳَنڌ. اُهو هنڌ. جتي ڪنهن اعليٰ مرتبي وارو هيڊڪوارٽر هجي(صفت). اعليٰ – رئيس –بزرگ – وڏو – مک – اڳواڻ – جلسي جو سَربراهُ – مير مجلس (ذ). پيش جو ٺهيل پڙچ – تڏو (ڪ). گادي – مسند – تخت – ڪئمپ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانوٽي – لشڪر گاھ.
– **صَدْرُ اعليٰ:** ذ. وزير اعظم.
– **صَدْرُ بازار:** ث. چانوٽيءَ جي بازار – لشڪرگاھ جي بازار.
– **صَدْرِ عَدالَتْ:** ث. وڏي عدالت – ھاءِ ڪورٽ.
– **صَدْرِ مَقامْ:** ذ. وڏي آفيسر جي رھڻ جي جاءِ ـ ھيڈڪوارٽر.
– **صَدْرمَكانَ ج صَدْرمَكانْ:** ذ. صدر مقام.
– **صَدْرنَشينْ ج صَدْرنَشينْ:** ذ. ميرمجلس – چيئرمئن.
• **صَدْرِيْ:** اسر خاص. تعلقي خيرپور رياست ۾ ھڪ ديھ ۽ گوٺ جو نالو.
• **صَدْرِيْ ج صَدْرِيُوْنْ:** ث. (ع. صدر) سيني سان لڳل سوڙھي قميص – قُتي. ڪپڑي ويڑھڻ جو گز (ت). (صفت) سيني جون ڳالھيون يا روايتون.
• **صَدَفْ:** ث. (ع). سمند جو ھڪ جيت (جنھن مان موتي نڪري) – سپ – سپي ٻڪڙي.
• **صَدَقَ:** ظرف. (ع). صدقي – قربان – فدا.
• **صِدْقُ ج صِدْقْ:** ذ. (ع. صِدْقٌ > صَدَقَ = سچ ڳالھائڻ) سچ – سچائي – سَتُ – راستي. خلوص. ايمانداري – ديانتداري.
– **صِدْقْ جِيْ ستَ سَنْيالَڻْ:** سچائيءَ تي قائم رھڻ.
• **صَدْقوْ ج صَدْقا:** ذ. (ع. صَدْقَةٌ) خدا جي نالي تي ڏنل شيءِ ـ خيرات – قرباني – بَلُ. ڪنھن جي مٿان گھوريل شيءِ. ٻلھاري – عوض. فدا – قربان.
– **صَدْقو ٿِيَنْ:** قربان ٿيڻ – فدا ٿيڻ – نثار ٿيڻ – ٻلھار وڃڻ.
– **صَدْقو ڏِيَنْ:** خيرات ڪرڻ. ڪاشيءِ گھوري ڏيڻ. قربان ڪرڻ – نثار ڪرڻ. قرباني ڏيڻ.
– **صَدْقو ڪَرَنْ:** قربان ڪرڻ – گھوريڻ – نثار ڪرڻ.
– **صَدْقو وَڃَنْ:** قربان ٿيڻ – گھوري وڃڻ – نثار ٿيڻ – ٻلھار ٿيڻ.
– **صَدْقي:** ظرف. گھوري – نثار – قربان – فدا. طفيل – بدولت.
– **صَدْقي ٽِيانْ:** ڪلمو. خوشي منجھان ڪينڪارڻ ۽ دعا ڪرڻ جو ڪلمو – گھوري وڃان – قربان ٽيان.
– **صَدْقي ٿِيَنْ:** قربان ٿيڻ.
– **صَدْقي جُو ٻَڪرُ ج صَدْقي جا ٻَڪَرَ:** ذ. گھوريل ٻڪر.
– **صَدْقي جِيْ ٻَڪرِيْ ج صَدْقي جُونْ ٻَكرِيُوْنْ:** ث. گھوريل ٻڪري. تمام ضعيف. ھيڇ. ڪجي پاجائي. نڏڪي.
– **صَدْقي جِيْ ٻَكرِيْ هُڻَنْ:** بي وسيلو يا نڏڪو ھڻڻ.
– **صَدْقي ڪَرَنْ:** قربان ڪرڻ – گھوريڻ – ٻلھارڻ.
– **صَدْقي وَڃَنْ:** قربان ٿيڻ. ٻئي لاءِ جان ڏيڻ. وڏي قرباني ڪرڻ. دل سان چاھڻ – ٻلھار ٿيڻ.
• **صَدْمو ج صَدْما:** ذ. (ع. صَدْمَةٌ > صَدَمَ = ڏڪو ڏيڻ) ڏڪو – ٽيلھو – ٽڪر. ٽاپو – ڌڪ. ضرب – چوٽ. اوچتو حادثو – واقعو. نقصان ضرر – چيھو.
– **صَدْمو ٽِيَنْ:** رنج ٿيڻ – غم ٿيڻ – تڪليف پھچڻ.
– **صَدْمو پَھُچَنْ:** ڏک اچڻ. اوچتي واقعي سبب نقصان ٿيڻ – غم ٿيڻ.
– **صَدْمو سَھَنْ:** تڪليف سھڻ – نقصان سھڻ. ڪو حادثو برداشت ڪرڻ.
• **صَدِيْ ج صَدِيُوْنْ:** ث. (ف. صَدْ = سَو) سيڪڙو. سؤ ورھيه – سؤ سال. جيئن "تيرھين صدي. چوڏھين صدي وغيره". سيڪڙو – سؤ تي: "في صدي وياج وغيره".
• **صَدِيْقُ ج صَدِيْقْ:** ذ. صفت. (ع. صديق > صَدَقَ = سچ ڳالھائڻ) نھايت سچو – راست گو. دوست – يار. وفادار دوست (اسر خاص). حضرت ابوبڪر رضہ جو لقب.
• **صِدِيْقِيْ:** اسر خاص. گھٽو ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي اولاد جي ھارن جو نالو.
• **صُراحِيْ ج صُراحِيُوْنْ:** ث. (ف. صراحي. ع. صُراح = خالص شراب). شراب يا پاڻي رکڻ جو ڊگھي ۽ سنھي ڳچيءَ وارو ٽانءُ – گھگھي.
– **صُراحِيْ دارْ:** ذ. صفت. (ف. صراحي + دار = وارو) صراحيءَ وانگر – گھگھيءِ جھڙو – ڊگھي ڳچيءَ سان.
– **صُراحِيْ دار گَـرْدَنْ:** ذ. ڊگھي ۽ سھٽي ڳچي.
• **صِراطَ ج صِراطُوْنْ:** ث. (ع). رستو – راھ – گس. اھل اسلام جي عقيدي موجب دوزخ ۽ بھشت جي وچ ۾ وار کان سنھي ۽ تلوار کان تکي ھڪ پُل جو نالو.
– **صِراطُ مُسْتَقِيْم:** ث. (ع. صراط + مستقيم > استقام > قامَ > قوم + سڌو ٿي بيھڻ) سڌو رستو – راھ راست – سنئون رستو.
• **صَرافُ ج صَرافْ:** ذ. صفت. (ع. صَراف > صَرف = متاستا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ) دولت جي مٽا سٽا ڪندڙ. پارکو – پرکيندڙ – سڃاڻندڙ. رپيہ پرکيندڙ – سون چاندي پرکيندڙ. نقدي يا زيور جي ڏيتي ليتي ڪندڙ شاهوڪار – سونارو – شراف. سياڻو – سمجهو – تيز فهم – قاضي – مصنف – امين – ٽياڪر.

– **صَرافِي ج صَرافِيُون:** ث. شاهوڪاري – روپين جو واپار – مٽاسٽا – ڏيتي ليتي – وارڦير. ڏي وٺ (نائي جي).

– **صَرافِي چلڻِي ج صرافِي چلِيُون:** ث. ناڪارو نہ پريندڙ يا ڏيوالو ڪيندڙ يا هنڌي خاصي نہ ڪنڍڙ ماڻهوءَ کان ٻئي ماڻهوءَ تي لڪائي ورتل هنڌي. هنڌي – چيڪ – بل.

● **صَرْصَرْ:** (ع. صَرّ = آواز ڪرڻ) زور سان لڳندڙ واءُ – طوفان – جهڪ – ڇرڇر وارو آواز (ڪپڙي جي ڦاٽڻ جو وغيره).

● **صَرْف:** ذ. (ع. صرف = مٽا سٽا ڪرڻ – تبديل ڪرڻ) خرچ – اخراج – کپت – کاپو – ڏيتي. لکت (پئسي جي) – نقصان – هرج. (هوليءَ جو). لفظن جي اڪرن، ڦيرين گهيرين، گردانن ۽ بدل سدل جاڻڻ جو علم – شبد ساڌن ودیا – شبد ويچار – اشتقاق.

– **صَرْف ٻَيْنْ:** خرچ ٽيٽ.

– **صَرْف ڪَرڻْ:** خرچ ڪرڻ – خرچ ۾ آڻڻ – کپائڻ. ڪم آڻڻ. وهائڻ – سانڍڻ – ڪاڍڻ – گذارڻ – گهارڻ. ٽڪڻ – رهڻ – نڀرڻ – ترسڻ.

– **صَرْف نَحْوْ:** لفظن جي ڦير گهير ۽ ترتيب جو علم – هوليءَ جو قاعدو. "لوڪان نحو صرف، مون مطالع سپرين" (شاهه ڪريم). گرامر – وياڪرڻ.

– **صَرْفِي ج صَرْفِيْ:** ذ. صفت. علم صرف جو جاڻندڙ – صرف نحوي.

● **صِرْف:** صفت. (ع). خالص – نج – نرمل. (ظرف). فقط – رڳو – رُکَٽو – مُرڳو – محض.

– **صَرْفو ج صَرْفا:** ذ. (ع. صَرْفَة) ڪفايت ۽ زيادتي – خرچ ۾ بخيلي – ڪنجوسي. بچت – ڪفايت شعاري ڪر خرچي.

– **صَرْفُو ج صَرفا:** ذ. صفت. ٿورو خرچ ڪندڙ – ڪفايت ڪندڙ. ڪنجوس.

– **صَرْفو ڪَرڻْ:** ڪفايت ڪرڻ – بچت ڪرڻ. ڪنجوسائپ ڪرڻ – بخل ڪرڻ.

– **صَرْفي سانْ:** ظرف. ڪفايت سان – سنجم سان – ترڪيب سان.

● **صَرِيْح:** صفت. ظرف. (ع. صريح > صرح = ظاهر ٿيڻ – صاف ٿيڻ) ظاهر – کليو – آشڪار – نشانبر – عيان. چٽو – صفا. بلڪل – پڌرو. برابر – صحيح. نج – نسورو – خالص.

– **صَرِيْحاً:** ظرف. کليو کلايو – علي الاعلان – ظاهر ظهور – پڌري پٽ.

● **صَعُوبَتْ ج صَعُوبَتُوْنْ:** ث. (ع. صَعْب = ڏکيو) سختي – ڏکيائي – دقت – دشواري – مشڪل. اهنج – تڪليف – مصيبت. ڪشالو – ڪشٽ – مشڪلات – ڏاکڙو.

● **صُغْرا:** ث. (ع. صُغْرا > صَغَر = ننڍو ٿيڻ) ننڍي چوڪري. سڀ کان ننڍي شيءِ. علم منطق ۾ ننڍي شڪل جو پهريون قضيو. (اسر خاص). امام حسين عليه السلام جن جي دختر جو نالو "حضرت فاطمه صُغرا (ع)".

● **صَغِيْرْ ج صَغِيْرَ:** ذ. صفت. (ع. صغَر = ننڍو – گهٽ – ادنيٰ – ٿورو – هلڪو – خسيس. ٻار – نابالغ – ڪم عمر. ضعيف – ڪم طاقت – نربل – اپرو – هيٺو. ننڍو گناه: جيئن. "مون هتان منهنجا ڏٺي، سهسين ٽيا صغير" (شاه).

– **صَغِيْرسِنْ:** ذ.صفت. (ع. صغير + سن = سال) گهٽ ڇمار وارو – ننڍيَ عمر وارو – نابالغ.

– **صَغِيْرسِنِيْ:** ث. ننڍپڻ.

– **صَغِيْرو ڪَبِيْر:** ذ. (ع. صغير + كبير > كبر = وڏو ٿيڻ) ننڍا وڏا – اعليٰ ادنيٰ.

– **صَغِيْرِي ج صَغِيْرِيُوْنْ:** ث. ننڍپڻ – ٻاروتڻ. نابالغي.

● **صَفّ ج صُفُوْنْ:** ث. (ع. صفّ = قطار ۾ بيهارڻ) لائين – پرو. نمازين جي قطار.

– **صَفّ آرا ج صَفّ آرا:** صفت. (ع. صف + آرا > آراستن = سنوارڻ) قطار ٻڌل – قطار ۾ بيهل مقابلو ڪندڙ – جنگ لاءِ تيار.

– **صَفّ آرا ٻَيْنْ:** لڙائي لاءِ قطارون ٺاهي ٻهڙ.

– **صَفّ آرائِي ج صَفّ آرائِيُوْنْ:** ث. قطار بندي.

– **صِفائِتُوْ ج صِفائِتا:** ذ. صفت. قطار ۾ ـ لائين ۾ ـ نمبروار – هڪٻئي پٺيان – لڳاتار – سلسليوار – لاڳيتو.

– **صَفّ بَنْدِيْ ج صَفّ بندِيون:** ث. (ع. صف + بندي > بند > بستن = ٻڌڻ) قطاربندي – صف آرائي.

– **صَفِ بَڌَّڻْ:** سڌي هڪ قطار ٺاهڻ.

صف جي صف: ث. قطار جي قطار – سڄي قطار.

صَف مَائرُ: ث. (ع. صف + ف. ماتر = روچ) ماتر وارن جي قطار – مَيت لاءِ پٽر.

صفُون ڏڻ: قطارون لڳائڻ.

صَفا ج صَفا: صفت (ع. صفا > صَفُو = صاف ٿيڻ). پاڪ – پاڪيزه. اڇو ڪيل – شفاف. چٽو – ظاهر. ڪرو – نجو – اصل. سٽو. پورو – نهرايل – پڪو. خالي – پالهو – سڏو – سنئون. بلڪل صفا. ويران – چٽ – تباهه. (اسم خاص). مڪي شريف ۾ هڪ ٽڪريءَ جو نالو.

- **صَفا صاف ڪَرڻ:** تباهه ڪرڻ – اُجاڙڻ – برباد ڪرڻ.

- **صَفا جَوابُ ڏيڻ:** صاف انڪار ڪرڻ – نابري وارڻ. سڌو جواب ڏيڻ – نہ قبولڻ – نہ – مڃڻ – روڪڙو جواب ڏيڻ. موتائڻ – خالي موتائڻ.

- **صَفا ڇَتُ ڪَرڻُ:** بنياد ئي ناس ڪري ڇڏڻ. برباد ڪرڻ. سڀ ڪجهه ڦري وڃڻ – سڀ ڪجهه ٻُهاري يا ميڙي ڪٽي وڃڻ. ڪنهن کي ترين ۾ ڪرڻ.

- **صَفا چَوَڻ:** سڄ چوڻ – ڪلايو ڪلايو چوڻ.

- **صَفا ڇِٽي وَڃڻ:** بالڪل آزاد ٿي وڃڻ. باقاعده آزاد ٿيڻ. قيد وغيره جو بالڪل ميٽجي وڃڻ.

- **صفا راڌ ڪَرڻ:** اڇي راند ڪرڻ. بنا ڪوڙ ڪپٽ جي وهنوار ڪرڻ.

- **صَفا ڪَرڻ:** صاف ڪرڻ – ملڻ – اوجل ڪرڻ. ليڪو لاهي لعل ٿيڻ. سنمک ٿيڻ. قرض وغيره. سيڪجهه لاهي ڇڏڻ. ڪُجهارت يا بيت پڇڻ.

- **صَفائِي ج صَفائِيُون:** ث. پاڪائي – پاڪيزگي – اُڇائي – اُجرائي – سُڻائي – اُجلائي – اوجلائي. چند – ڦوڪ – اُگهه. سچائي – صداقت. چلڪو – رونق. لسائي – سڏائي. انتظام – جوڙجڪ. پڏرائي. حساب جي بي باقي – فيصلو – تصفيو. ميلاپ – صلح. ديانت داري. ترديد. تباهي. "گهر جي تباهي ٿي ويئي". چالاڪي – ڦڙتي – تيزي. "هٿ جي صفائي".

– **صَفائِي ٿِيَڻ:** خالي ٿي وڃڻ – ختم ٿي وڃڻ – ڪٽي وڃڻ. پورو ٿي وڃڻ. خرڇجي وڃڻ.

– **صَفائِي ڪَرڻ:** ٻُهارڻ – چندڻ – ڦوڪڻ – اُگهڻ – صاف ڪرڻ – چمڪائڻ – اُجلو ڪرڻ. فيصلو ڪرڻ. برباد ڪرڻ – تباهه ڪرڻ.

• **صفاتِي ج صفاتِي:** صفت. صفات ڏانهن منسوب. عارضي – هٿراڏو – جڙتو – نقلي. حاصل ڪيل – پرايل – مليل – ڪنيل.

• **صَفا وَ مَرْوَهْ:** اسم خاص. (ع) مڪي شريف جَي مشهور ٻن ٽڪرين جا نالا.

• **صِفَت ج صِفَتُون:** (ع. صفت > وصف = بيان ڪرڻ) ڪنهن شَيءِ جو نشان – اُهڃاڻ. گُڻ يا چڱاين جو بيان. تعريف – خوبي – وصف – ساراهه – واکاڻ – خاصيت – خصلت. حمد – ثنا. آفرين – تحسين – واهه واهه. تاثير. وضع – سياءِ – لڇڻ. لياقت – سيرت – خصلت – عادت. هوشياري. گرامر ۾ اسم خاص ضمير سان لاڳو ٿي اُن بابت ڪجهه حقيقت ڄاڻائيندڙ لفظ. مرڪبات ۾، جهڙو – وانگر – جيئن – مثل معنيٰ واري ڏيڪاريندڙ. "شمع صفت، گرگ صفت وغيره".

– **صِفَتْ تَفْصِيْل:** ث. (ع. صفت + تفصيل > فَصَل = جدا ڪرڻ) گرامر ۾ هي صفت سان پيٽ ۾ ايندڙ. جيئن "سڀي ڪان سڀو انب هي آهي".

– **صِفَتْ خالِص:** ث. (ع. صفت. + خالص > خلص = صاف ٿيڻ) گرامر ۾ هي صفت سان پيٽ ۾ نہ ايندڙ لفظ. جيئن: "هي گهوڙو پلو آهي".

– **صِفَتْ ضَمِيْرِيْ:** ث. (ع. صفت + ضمير = پنهنجي ذات) گرامر ۾ صفت ٿيَ ڪم ايندڙ ضمير جو لفظ. جيئن: "جهڙو تهڙو ههڙو وغيره".

– **صِفَتْ عَدَدِيْ:** ث. (ع. صفت. + عدد > عَدّ = ڳڻڻ) گرامر ۾ صفت ٿي ڪم ايندڙ عدد جو لفظ. جيئن: "پنج، ڏهه، ويهه وغيره".

– **صِفَتْ مُبالغو:** ث. (ع. صفت + مبالغه > بَلَغَ = پهچڻ – رسڻ) گرامر ۾ هين سيني ساڳي جنس يا قسم وارن سان پيٽ ۾ ايندڙ صفت جو لفظ. جيئن: "هي ساڪرو انب، هين سيني انبن ڪان سڀو آهي".

– **صِفَتْ مُرَكَّبْ:** ث. (ع. صفت. + مُرڪّب > رَكَّبَ = مليل هڻڻ) ڪنهن زائد حرف ملائڻ سان گرامر ۾ صفت جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ مرڪب لفظ. جيئن: "هُنرمند، عالي شان وغيره".

– **صِفَتْ وَصْفِيْ:** ث. (ع. صفت + وَصف = بيان ڪرڻ) گرامر ۾ اسم خاصيت، قد، درجو، حالت يا قسم ڄاڻائيندڙ لفظ. جيئن:

"پلو نندڻ مٽاهون" شاهوڪاري، ساڪرو وغيره".

• **صَفْحوْ ج صَفْحا:** ذ. (ع. صَفحه > صَفَحَ = منهن ڦيري ٻئي پاسي ڪرڻ) پني جو هڪ پاسو – ورق. ڪتاب جو پاسو. مٽاچرو – سطح – پکيڙ. جاءِ جو وڏو ڪمرو – هال – ڪوٺي.

• **صُفْحهٔ هَسْتيْ:** ذ. (ع. صفحه + ف. هستي > هست > = هُئڻ) دنيا جو مٽاچرو – رُوءِ زمين.

• **صَفْدرُ ج صَفْدَرَ:** ذ. صفت. (ف. صَفْ = قطار + دريدن = چيرڻ) قطارون چيرندڙ – لشڪر جون صفون چيرندڙ. بهادر. (اسر خاص). حضرت علي عليه السلام جن جو لقب.

• **صفر:** ذ. (ع. صَفْـَر = خالي ٿيڻ) خالي – خالي ڪيل – نَلهو – سَکٽو. قمري سال جو ٻيو مهينو.

– **صَفَرْ پوئِينْ اَرْبَعْ:** ث. صفر مهيني جي ڇاڙيءَ وارو اربع جو ڏينهن. (ڪي ماڻهو هن کي سڳورو ڏينهن سمجهن).

– **صَفَرْ پوئِينْ اَرْبَعائِنْ:** سُڄ هٿ – ويراني ڏسڻ ۾ اچڻ.

• **صفْـَر:** ث. (ع). خالي – ڪجهه به نه. ٻڙي.

• **صَفْرا:** ذ. (ع). جسم جي ڇئن خلطن مان پيلي رنگ جو هڪ خلط. جسم جو پيلو پاڻي – پتَ – ڪڙاڻ. ڪاوڙ – تيسو – ضد – هَڪ.

– **صَفْراوِيْ ج صَفْراوِيْ:** صفت. صفرا جو – صفرا وارو. تيسر – ضديَ – چيڙاڪ – هٺيلو.

– **صَفْراوِيْ مزاجْ:** ذ. اُهو ماڻهو جنهن جي مزاج ۾ صفرا جي خلط زياده هَجيَ – تلخ مزاج.

• **صَفَرْطَوقْ:** اسر خاص. سنڌ جي اولهه ۾ هڪ جبل جو نالو.

• **صُفُوْ ج صُفا:** ذ. وڏي ڪوٺي – ڪمرو – صفحو.

• **صَفُوراْنْ:** اسر خاص. ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. عورت جو نالو.

• **صَفَوِيْ:** اسر خاص. (ع). ايران جي هڪ شاهي خاندان جو نالو (جنهن ۾ شاهه طهماسپ، شاهه اسماعيل مشهور بادشاهه ٿيا).

• **صَفِيْ:** صفت. (ع. صَفَوَ + صاف ٿيڻ) صاف – پاڪ – نِج – خالص (اسر خاص). حضرت آدم عليه السلام جن جو لقب: "آدم صفي الله".

• **صَقَلِيْ ج صَقَلِيْ:** ذ. صفت. لوهه صاف ڪندڙ – تراريون ٺاهيندڙ.

• **صَلاج صَلاجُوْنْ:** ث. (ع) آواز. سَڏ – ڪاڏي ڪائڻ يا ڪنهن شيءِ واسطي سڏ. ڪوٽ – نيندڙ – دعوت – نوتو – ڏامو.

• **صَلابَتْ ج صَلابَتُوْنْ:** ث. (ع. صلابت > صَلَبَ سخت ٿيڻ سختي – مضبوطي – ڏاڍائي. استحڪام – بيهڪ – بيٺلائي. اقبال – شان – شوڪت. رعب – دٻدٻو – حشمت – تُومان – آب – تجمل – ٺٽ – فلڪ – مٽيا – ڏيا – ساڃاهه.

– **صَلابَتْ جنْگ:** ذ. صفت. لڙائي جو مضبوط. بهادر – جنگجو – جوڌو. جنگي عهديدارن جو خطاب.

• **صَلاحَ ج صَلاحُوْنْ:** ث.(ع. صلاح > صَلَحَ = چڱو ٿيڻ) نيڪ مصلحت، چڱي راءِ. مت – نصيحت – هدايت. مشوره ـ مصلحت – ڳٽڻ – لاءِ ـ رٽ – تدبير – تجويز. ارادو – منشا – مرضي. ڪاڏي ڪائڻ جي التجا. چڱائي. بهتري – بهبودي. نيڪ ڪاري. "ساهُڙجي صلاح، پارلنگهايس ٻاجهه سين" (شاهه).

– **صَلاحَ بيهڻْ:** رٽ بيهڻ – مشوَرو ٽيڻ – تجويز بحال ٽيڻ ارادو ٽيڻ.

– **صَلاح ڏيڻْ:** راءِ ڏيڻ – تجويز ٻڌائڻ – ڏنگ ٻڌائڻ – رستو ڏسڻ.

– **صَلاحَ پَرْيو ج صَلاحَ پَرْيا:** ذ. صفت. صلاح وارو – صلاحتو – مناسبَ – واجب – ٺيڪَ.

– **صَلاحتوْ ج صَلاحتا:** ذ. صفت. صلاح ونندڙ – مشوره ڪندڙ نياءَ سَان – شرعاً – عدلاً.

– **صَلاحَ تي هَلڻْ:** ڪنهن جي راءِ تي ڪم ڪرڻ. ڪنهن جو چيو مڃڻ.

– **صَلاحَ پُڇڻْ:** راءِ پڇڻ – رٽ پڇڻ – مرضي پڇڻ.

– **صَلاح ڏيڻْ:** راءِ ڏيڻ – رٽ ڏيڻ – مشوره ڏيڻ – تجويز ڏيڻ. رستو ٻڌائڻ. مڪتب ۾ ڪائڻ واري شيءِ مان سيڪارينڊڙ کي پاڳو ڏيڻ.

– **صَلاحَ سانْ:** ظرف. راءِ سان – رٽ سان – مشوره سان – تجويز سان. سمجهائڻ سان.

– **صَلاحڪارُ ج صَلاحڪارَ:** ذ. صفت. (ع. صلاح. + ف. کار > کردن = ڪرڻ) صلاح ڏيندڙ – راءِ ڏيندڙ – مشوره ڏيندڙ. مشير – منتري – وزير. ناصح.

– **صَلاحَ ڪَرڻْ:** ونڻ – مشوره ڪرڻ. تجويز ڪرڻ – تدبير سوچڻ – ڳٽڻ ڪرڻ. پُڇڻ – ڳٽڻ – پهَڻ. هڪراءِ ٽيڻ. طعام ۾ شريڪ ٽيڻ لاءِ سڏ ڪرڻ. دعوت ڏيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **صَلاَحَ مَشْورَوْ:** ذ. تدبير ۽ تجويز.
– **صَلاح مَصْلَحَتْ:** ث. تدبير ۽ تجويز. سوچ. ويچار – گڏت – گڻ.
– **صَلاحُوْ ج صَلاَحُوْ:** ذ. صفت. صلاح. صلاح ڏيندڙ – صلاحي.
– **صَلاَحَ وَنڻُ:** راءِ ونڻ. رٽ ونڻ – مشوره پڇڻ. ڪائڻ جي شيءِ مان ڪجهه حصو ونڻ.
– **صَلاَحِيْ ج صَلاَحِيْ:** ذ. صفت. صلاح ڪندڙ – صلاح ڏيندڙ – صلاحو – شريڪ – سائي.
• **صَلاَحِيَّتْ ج صَلاَحِيَّتُوْنْ:** ث. (ع. صلاحيت > صَلَحَ = ڇڱو ٿيڻ) بهتري – پلائي – نيڪي. اصلاح – درستي. لياقت – سمجهه.
• **صُلْحُ ج صُلْحَ:** ذ. (ع. صُلْح > صَلَحَ = ڇڱو ٿيڻ) ميل – ميلاپ – اتحاد – ٻڌي – ناهه – نَهراءُ – سلوڪ – موافقت – راضپو. راضي نامو – پرجاءُ – سرجاءُ. اَمنُ – اَمانَ – آشتي – سلامتي. سُک – آنند – آرام – قرار.
– **صُلْحَ آمِيْز:** صفت. (ع. صلح + ف. آميز > آميختن = ملي وڃڻ) صُلح وارو – صلح جو – صلحائتو.
– **صُلْحائِتُوْ ج صُلْحائِتا:** ذ. صفت. – صلح وارو – صلح پسند – با امن – سانتيڪو – سليم – صلحي.
– **صُلْحُ ٽِيْ:** عهدنامو ٽيڻ – ناهه ٽيڻ. اتحاد ٽيڻ. پرجاءُ ٽيڻ – سلوڪ ٽيڻ – پرجڻ – سرجڻ – راج ٽيڻ – نهڻ – راڌاويڏ ڪرڻ. امن ٽيڻ.
– **صُلْحَ پَسَنْدَ ج صُلْح پسندَ:** ذ. صفت. (ع. صلح + ف. پسند > پسنديدن = وڻڻ) صلح پسند ڪندڙ – اَمن پسند – صلح دوست.
– **صُلْح دوْسْتُ ج صُلْحَ دوْسْتَ:** ذ. صفت. صلح ڪي پسند ڪندڙ – امن چاهيندڙ.
– **صُلْح صَلاحَ كَرَڻُ:** سوچ ويچار ڪرڻ – مصلحت ڪرڻ – مشورو ڪرڻ.
– **صُلحُ كَرائِڻُ:** پاڻ ۾ ناهه ڪرائڻ – ميلاپ ڪرائڻ – ٻڌي ڪرائڻ.
– **صُلْحُ كَرَڻُ:** ناهه ڪرڻ – ميلاپ ڪرڻ. ٻڌي ڪرڻ. عهدنامو ڪرڻ. نهراءُ ڪرڻ.
– **صُلْحُ كُلْ:** ذ. صفت. سيني سان صلح (مذهبن نظرين جي اختلاف جي باوجود امن پسندي ۽ سڀ جو خير.
– **صُلْحَ ۾ وِگوڙُ:** بدامني – فساد – جهيڙو – جنگ – قَدو.
– **صُلْحَنامُو ج صُلْحَناما:** ذ. ناهه جو دستاويز – صلح جو ڪاغذ – لکيل پرجاءُ – پرجاءُ نامو – عهدنامو – راضي نامو.
– **صُلْحُ وَصفا:** ث. صلح – دوستي – ناهه.
– **صُلْحِيْ ج صُلْحِيْ:** ذ. صفت. با امن – صلحائتو – صلح پسند – سانتيڪو. سليم. آنند مئي – آسودو.
• **صَلِّ عليٰ:** ث. (ع). لغوي معنيٰ تہ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن تي درود موڪل".
– **صلعَمْ:** ث. (ع). دعا – صلي الله عليه و آله وسلم جو مخفف (اُن تي خدا تعاليٰ جا درود رحمتون ۽ سلام هجن).
• **صَلْواة:** ث. (ع). درود – خدا جي رحمت. دعا. نماز – بندگي. خدا جي واکاڻ. برڪت.
– **صَلْواتَ ج صَلْواتُوْنْ:** ث. صلوات جو جمع – برڪتون. خدا تعاليٰ جي طرفان حضور پاڪ جن جي حق ۾ درود، برڪتون ۽ رحمتون. دعا – نماز.
– **صَلْواتُوْنْ ٻڌائِڻْ:** گهٽ وڌ ڳالهائڻ – بي عزتو ڪرڻ.
• **صلو:** ذ. (ع. هيله). انعام – عطا – بخشش – تحفه – هديه. نيڪيءَ جو عوض – بدلو – اجر.
– **صلو ڏِيڻُ:** انعام ڏيڻ. بدلو ڏيڻ – عوض ڏيڻ – اُجرت يا مزدوري ڏيڻ.
– **صلو ملڻُ:** سڻي ڪم جو عوض ملڻ – بدلو ملڻ.
• **صَلِيْبَ ج صَلِيْبَ:** ذ. (ع. صلب = قاسي چاڑهڻ) قاسيءَ جو ڪاٺ. ڪرستانين جي خاص نشاني – ڪراس.
– **صَلِيْب تي چاڑهَڻُ:** ڪراس تي چاڑهڻ – قاسيءَ تي چاڑهڻ. مغلوب ڪرڻ.
– **صَلِيْبِيْ ج صَلِيْبِيْ:** ذ. صفت. صليب کي مڃڻ وارو – ڪرستاني.
• **صَمَّ ج صُمّ:** ذ. صفت. (ع. اصمّ ج صُمّ = گنگو) ڪَنن ڪان نہ ٻڌندڙ – ٻوڑو – گهٻرو.
• **صَمَدُ ج صَمَدَ:** ذ. صفت. (ع). بي نياز – غير محتاج – بي پرواهه. خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو. رب – ڌڻي – مالڪ – (صفت. ظرف). نت – قائم – ازلي و ابدي. هميشه جو – جاودان – امر.
– **صَمَدانِيْ ج صَمَدانِيْ:** ذ.صفت. وڏائيءَ وارو جوان.
• **صَمَدانِيْ شَبابُ ج صَمَدانِيْ شَبابَ:** ذ. صفت. وڏائيءَ وارو جوان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **صَمْصامْ:** ث. (ع). اها شيءِ، جنهن جو منهن نہ ڦري (كنايةً) تكي تلوار. تلوار – شمشير – سرواهي.

• **صَمَنْدَ ج صَمَنْدَ:** ذ. صفت. گھوڙي جو هڪ قسم. گھوڙي جو هڪ رنگ. سمند (گھوڙو).

• **صَمَنْدكوٹ:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **صَنّاعْ:** ذ. صفت. (ع. صَنَعَ = ٺاهڻ) تمام وڏو كاريگر – پيشه ور – هنرمند.

– **صَناعَتْ ج صَناعَتُونْ:** ث. هنر. كاريگري. كرت – كم – پيشه – ڏنڊو. وڃ – واپار – سودو – سوداگري – تجارت.

– **صَنائعْ:** ذ. جمع "صنعت" جو. صنعتون – كاريگريون – هنر.

– **صَنائعْ بَدائعْ:** ذ. نظر يا كلام ۾ رنگيني پيدا كرڻ لاءِ عجيب و غريب نكتا.

• **صَنْدَلْ ج صَنْدَلْ:** ذ. (سن. چندن) خوشبوءِ دار وڻ جو هڪ قسم – چندن. (صَنْدل تن قسمن جو: ١ـ سفيد، خوشبودار. ٢ـ ڳاڙهو، بنا خوشبو. ٣ـ پيلو، بنا خوشبو. صندل جي كائي بنا ريشي ٿئي ۽ گھڻ سان بلكل صاف ٿئي). كاٺ جو ٺهيل كتولو – تختن سان ٺهيل كٽ – تختائين كٽ.

– **صَنْدَلِيْ ج صَنْدَلِيُون:** ث. كاٺ مان ٺهيل نندو صندل – كاٺ جي نندڙي تختائين منجي. كورين جو هڪ اوزار – تَرَ ۾ پيل لوهي سيخ (ت).

• **صَنْدُوقْ ج صَنْدُوقُونْ:** ث. (ع) پيتي – بكس. تابوت. (اسم خاص). تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **صُنْعانْ:** اسم خاص. (ع) هڪ مشهور معروف ولي كامل جو نالو.

• **صَنْعَتْ ج صَنْعَتُونْ:** ث. (ع. صَنَعَ = ٺاهڻ) كاريگري – هنر – فن. پيشه – ڏنڊو – كسب – كم. اٽكل – ڏهه. چالاكي – كيڏ – اٽكل بازي – حرفت.

– **صَنْعَتْ گَرْ ج صَنْعَتْ گَرَ:** ذ. صفت. كاريگر – هنري. كارستانو – پيشه ور. استاد. اٽكلي – چالاك – حرفتي.

– **صَنْعَتِيْ ج صَنْعَتِيْ:** ذ. صفت. هنر جو – كاريگريءَ جو. هنري – كاريگر – هنرمند.

• **صِنْف:** ث. (ع) قِسر – جنس – نوع.

– **صَنَمْ ج صَنَمْ:** ذ. (ع). بُت – مورتي – پتلو – پتلي (متيءَ پٿر. ڏاتو يا كائي وغيره. مان ٺهيل) (صفت). پريتم – پيارو – دلبر – دلدار – دلربا – جانS ي – محبوب – معشوق ـ لالڻ – پرين – سپرين.

– **صَنَمْ خانوْ ج صَنَمْ خانا:** ذ. (ع. صنم + ف. خانہ = گھر) بتخانو – مندر.

– **صَنَمْ كَدَهْ:** ذ. (ع. صنم + ف. كده = پيالو) صنم خانو.

• **صَنَوْبَرْ ج صَنَوْبَرَ:** ذ. (ع) وڻ جو هڪ قسم. چيل – ديال.

• **صِنْكَ ج صِنْكُونْ:** ث. (ع. صحنك) نندو طباق – ركابي – تالهي – قيلهي – پات – سٽك.

• **صَوابْ ج صَوابْ:** ذ. (ع. صَوب = سڌو وڃڻ) سڌو – راست – صحيح – درست. بهتر – خوب. سڏائي – سنوت. سنئون رستو – چگي واٽ. سُپت – سچائي – ثواب – بركت. "ساهُڙَ ۽ صَوابُ. آءٌ گھٽو ئي گھوريان" (شاهه).

• **صُوبْ ج صُوبا:** ذ. (ع. صُوبَہ) پرڳڻو – علاقو. ملك يا حكومت جو حصو. صوبي جو حاكم – امير – سردار – حاكم – رئيس.

– **صُوبيدارْ ج صُوبيدارَ:** ذ. صفت. صوبي جو سنياليندڙ – صوبه دار. پرڳڻي جو حاكم. پوليس جو هڪ نندو عملدار – ٽائيدار.

– **صُوبيداريْ ج صُوبيداريُونْ:** ث. صوبه داري. صوبه دار جو عهدو. حكومت جو علاقو. پوليس جي عملداري.

• **صُوپُولَنْدَ:** اسم خاص. تعلقي ميريور ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **صَوْتْ:** ذ. (ع. صوت = آواز كرڻ) آواز – صدا – ندا – بانگ.

• **صُور ج صُورُون:** ث. (ع. صور = آواز كرڻ) نفير. نفيل – مسلمانن جي رسمي عقيدي ۾ حضرت اسرافيل ع وارو نفير. (جنهن جي ڏكاءَ ۽ سخت آواز تي سڀ ماڻهو مري ويندا ۽ قيامت ٿي ويندي).

– **صُورِ اِسْرافيل:** ذ. قيامت جي ڏينهن تي حضرت اسرافيل ع جي نفير جو آواز.

– **صُور ڈكا:** اسرافيل جي نفير جو ڏمڪ.

• **صُورَتْ ج صُورَتُونْ:** ث. (ع. صورت) شكل – شبيهه – مُنْهن – مهانڊو – چهرو – پيكر – نقشو – نقش. گھاڙ – بناوت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصوير – خاكو – مورت. قالب. پُتلي. گهاٽ – طرح – طريقو – ڍنگ – نوع – نمونو – دستور. تدبير – تجويز – اٽڪل – ريت. علامت – نشان. حالت – ڪيفيت. روئداد. درجو. (ظرف). مانند – مثل – وانگر.

– **صُوْرَتْ آشْنا ج صُوْرَت آشنا:** ذ. صفت. (ع. صورت + ف. آشنا = واقف) معمولي واقف – روشناس – جاڻ سُجاڻ وارو.

– **صُوْرَتْ بَدْلڻ:** ويس بدلڻ – ڇهرو تبديل ڪرڻ – شڪل بدلڻ.

– **صُوْرَتْ بگاڑڻ:** ڇهرو بگاڑڻ. شڪل خراب ڪرڻ. اڌاوت خراب ڪرڻ – ڦٽائڻ – سهٽائي – خراب ڪرڻ.

– **صُوْرَتْ پَرَسْتَ ج صُوْرَت پَرَسْتَ:** ذ. صفت. (ع. صورت + ف. پرست > پرستيدن = پوجا ڪرڻ) بت پرست – ظاهر پرست.

– **صُوْرَتْ جوْ صاحبْ هُڻڻ:** صورت وارو هڻڻ – نهايت سهڻو هڻڻ.

– **صوْرَتْ حالْ:** ث. ظاهري حالت – حقيقت – سچي ڳالهه. نقشو – خاڪو. رٽا – تجويز – سٽا – سٽ – مسوده. سچي ڳالهه – حقيقت.

– **صُوْرَتْ حَرامْ ج صُوْرَتْ حَرامْ:** ذ. صفت. شڪل جو چگو پر اندر جو ڪوٽو – ٻاهران سنو پر اندر جو پليت – ڏيکائتو – ڏيکدار – ڏيکر. ٻاهران سچو – ملمعائي – اُريبي.

– **صُوْرَتْ خَطْيْ ج صُوْرَتْ خَطِيُوْنْ:** ث. اکر اکر ڪري لکائڻ جي حالت – مَشق.

• **صُوْرَتْ دارْ ج صُوْرَتْ دارْ:** ذ. صفت. صورت وند – خوبصورت – سهڻو.

– **صُوْرَتْ دِيْوارْ ج صُوْرَتْ دِيْوارْ:** ذ. صفت. صورت حرام.

– **صُوْرَتْ ڈيڪارڻ:** شڪل ڏيڪارڻ – مهانڊو ڏيڪارڻ. سامهون اچڻ – روبرو اچڻ.

– **صُوْرَتْ گَرْ ج صُوْرَتْ گَـرْ:** ذ. صفت. (ع. صورت + ف. گر = ٺاهيندڙ) مورت ٺاهيندڙ – تصوير ٺاهيندڙ – مصور – نقاش.

– **صُوْرَتْ گَـرِيْ ج صُوْرَتْ گريون:** ث. مورت ٺاهڻ جو ڪر – مصوري – نقاشي.

– **صُوْرَتْ وَنْڈ ج صُوْرَتْ وَنْڈ:** ذ. صفت. صورت وارو – ڍولائتو – سهڻو – شڪيل – حسين – خوبصورت – ٺاهوڪو – زيبائتو – موچارو – سوڀياوان – سدرشن – عمدو – چگو چوکو – ونگس – ڏاڍ مڃ جهڙو – نڪو – اوگهو – پريم مان.

– **صُوْرَتِيْ ج صُوْرَتِيُوْنْ:** ث. ٻارن جي هڪ راند جو نمونو – قسمت آزمائي (پُڪن يا ڪُٽن رستي).

• **صُوْفْ ج صُوْفْ:** ذ. (ع). اُنّ – پشم – ڪاري رنگ جي ڪپڙي جو هڪ قسم – ايلپاڪو. ميوي ۽ وڻ جو هڪ قسم. پرت جو هڪ قسم (ٿ).

– **صُوْفانْڈُوْنْ ج صُوْفانْڈانْ:** ذ. صفت. صوف جي رنگ جهڙو. (ذ). مَتَرُ.

– **صُوفانْڈِيْنْ جُنِيْ (ٿ):** ث. پرت پريل چني (جا ڪنوار جي پيڪن مان موڪلائي ساهري گهر وڃڻ وقت پائي).

– **صُوفِيْ ہِيرْ ج صُوْفِيْ ہِيرْ:** ذ. وڏي ہير جو هڪ قسم – ڇڻ صوف جيڏو وڏو ہير.

– **صُوْفائِيْ:** اسم خاص. تعلقي ميرواه (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **صُوْفْڻِيْ ج صُوْفْڻِيُوْنْ:** ث. دوا ۾ ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر – ہڄ جو هڪ قسم.

• **صُوْفِيْ ج صُوْفِيْ:** ذ. صفت. (ع. صُوف = اُن مان ٺهيل ڪپڙو) اوني ڪارو ڪٽو ڍڪيندڙ – پشمينه پوش. متقي – پارسا – پاڪباز – پرهيزگار – صاف. (ذ). طريقت وارو سالڪ – سلوڪ وارو فقير. شراب يا ڪنهن به شئي نشي کان پرهيز ڪندڙ. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **صُوفِياٽِي:** ث. پرهيز – رک – ڪري – شراب کان پرهيز.

• **صُوْلائِتُوْ ج صُوْلائِتا:** ذ. صفت. جڙندڙ – شائستو – ٺهندڙ – لائق – شايان – وڙائتو – ڏانوَ جو – ڪم جو – وٺندڙ – پاوند – جڳائتو.

• **صَوْمْ:** ذ. (ع! صَوم = رکجڻ) روزو – ورت.

– **صَوْم صَلواةْ:** روزو نماز.

• **صَهْبا:** ث. (ع). گاڙهو شراب – سفيد انگورَن جو شراب.

• **صَيّادُ ج صَيّادْ:** ذ. صفت. (ع. صيد = هو شڪار ٿيو) وڏو ماهر – شڪار ڪندڙ – وڏو شڪاري – وڏو ماري.

• **صَيْدُ ج صَيْدْ:** ذ. (ع. صيدُ = هو شڪار ٿيو) اُهو جانور جيڪو شڪار ٿئي – شڪار.

– **صَيْدُ ڪَرڻ:** شڪار ڪرڻ – آهيڙڻ. قبضي ۾ آڻڻ – وس ۾ آڻڻ.

– **صَيدُ گـاهُ ج صَيْدْگاهْ:** ذ. ث. (ع. صيد + ف. گاه = جاءِ) شڪارجو هنڌ – شڪارگاهه.

● **صِيْغو ج صِيْغا:** ذ. (ع. صوغ = كارب ۽ وجهڻ) سانچي ۽ وڏل – قالب ۽ ڊاليل. لفظن جو اصل – ڏاتو – بنياد – اشتقاق. گرامر جي اصطلاح ۾ اهو لفظ جنهن مان فعل جي بيان جي نموني جي خبر پوي. اهل تشيع ۾ ايجاب و قبول جا كلمہ – نكاح – عقد.

● **صيف:** ذ. اونهارو.

● **صيقَلْ:** اسر خاص. تعلقي كنڊ كوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– **صَيْقَلْ:** ث. (ع. صَقَلَ = پالش كرڻ) كٽ (لوهہ تان) لاهڻ جو كر. صفائي چمكو – چلكو – اوجر.

– **صَيْقَلْ ڏَنِّي ج صَيْقَلْ ڏَنِّي:** ذ. صفت. مانجيندڙ – مليندڙ. صيقل گر – ميراثي.

– **صَيْقَلْ كَـرَڻُ:** كٽ لاهڻ (لوهہ تان) – صاف كرڻ – چمكائڻ.

– **صَيْقَلْ كَـرَ ج صَيْقَلْ گَرْ:** ذ. صفت. هٿيارن يا لوهہ جي سامان كي چمكائيندڙ ۽ صاف كندڙ. لسو كندڙ – پالش كندڙ – تيوَرو – زرهہ ساز – سلاح ساز.

– **صَيْقَلْگِيْـرَ ج صَيْقَلْگِيْـرَ:** ذ. صفت. صيقل گر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ض

• **ض:** ذ. (ع). عربيءَ جو پندرهون، فارسيءَ جو ارڙهون ۽ سنڌيءَ جو چوويهون (۲۴) اڪر – ابجد جي حساب موجب عدد (۸۰۰).

• **ضابطُ ج ضابطا:** ذ. صفت. (ع. ضَبَطَ = هن سوگهو ڪيو) هوشياري ۽ سمجهه سان ڏسندڙ – نظرداري ڪندڙ. چڱيءَ طرح پڪڙيندڙ – سوگهو جهليندڙ – قابض. انتظام ڪندڙ – مُنتظِمْ. هوشيار. حاڪم – مالڪ.

– **ضابطوْ ج ضابطا:** ذ. لُغوي معنيٰ ۾ هر شيءِ کي حد اندر نگاهه ۾ رکڻ جو ڪَم – نگهداشت – نظرداري – چوڪسي – سنيال. قاعدو – قانون – دستور – آئِينُ. بندوبست – انتظام. ربط و ضبط – قبضو. دٻاءُ – رعبُ – جَمَتِ _ پُڄَت – پُڄندي – وسعَتَ.

– **ضابطوْ رَکَڻُ:** قاعدو رکڻ. بندوبست رکڻ. سختي رکڻ. جمت رکڻَ – دٻاءُ رکڻ.

• **ضامنُ ج ضامنِ:** ذ. صفت. (ع. ضامن < ضَمَنَ = جوابدار رهڻُ) ذمو کڻندڙ – ذمہ دارُ – ذمي وارُ – جوابداري کڻندڙ. ويساهه ڏيارينڊڙ. وچ ۾ پوندڙ – عيوضي. وسيلو – آڏارُ – بچاءُ. وَريي جي هيڻان ٽيڪ طور ڏنل ڪائي – شَهتيرُ.

– **ضامنِ پَوَڻُ:** ڪنهن جو ذمہ وار ٽيڻ. وچ ۾ پَوَڻُ.

– **ضامنُ ڏيڻُ:** ڪنهن ٻئي کي پنهنجي طرفان ذمو کڻائڻ.

– **ضامَنگِيرُ ج ضامَنگِيرَ:** ذ. صفت. ع. ضامن + ف. گير < گرفتن = وٺڻ) جوابداري کڻندڙ – ذمہ دارُ.

– **ضامَنگِيريْ ج ضامَنگِيرِيُوْنْ:** ث. ذمہ داري – جوابداري.

• **ضاءَ:** ظرفَ. (ع. ضَايع < ضَيْعَ). برباد ٽيڻ – زيان ٽيڻ "ذرو نہ ٽئي ضياءَ" (سَرسريراڳ).

• **ضائِفانْ ج ضائِفانُوْنْ:** ث. (ع. ضَعِيْف). زال – عورت – مائي. زائفان. ضائفا (ت).

• **ضايعُ:** صفت. (ع. ضَيْع = برباد ٽيڻ) برباد – زيان. اجايو – بي فائدو.

– **ضايعُ ٽِيڻُ:** نقصان ٽيڻ. بي فائدو وڃڻ – برباد ٽيڻ.

– **ضايعُ ڪَرڻُ:** برباد ڪرڻ – وڃائڻ – بيڪار ۽ نڪمو ڪرڻ – ناس ڪرڻ.

• **ضَبْطُ:** (ع. ضَبَطَ = هن سوگهو ڪيو) سنيال – جاج – نگهباني – حفاظت. روڪ – بندش – پابندي – قيد. سرڪاري قبضو. انتظام – بندوبست.

– **ضَبْطُ ڪَرڻُ:** سنيال ڪرڻ – نگراني ڪرڻ. روڪڻ – قابو ڪرڻ. بندش وجهي سرڪاري ڪرڻ. قبضي ۾ آڻڻ – قبائڻ.

– **ضَبْطِ ولادَتَ:** ث. اولاد کي روڪڻ جو فعل.

– **ضَبْطِيْ ج ضَبْطِيُوْنْ:** ث. نگراني – سنيال. روڪ – بندش – پابندي. ڪنهن مال کي قبضي ڪرڻ واري حالت.

– **ضَبْطِيْ ٽِيڻُ:** سرڪاري سنيال هيٺ اچڻ. ڦرجي وڃڻ.

– **ضَبْطِيْ ڪَرڻُ:** بندش وجهي سرڪاري ڪرڻ. قَبْضي ۾ آڻڻ.

• **ضَخامَتْ ج ضَخامَتُوْنْ:** ث. (ع. ضخامت < ضَخَمَ + ٽلهو ٽيڻ) ٿولهه – ٽلهائي – جَسامت.

• **ضَخِيْمَ ج ضَخِيمَ:** ذ. صفت. ٽلهو – جسيم.

• **ضدْ:** ذ. (ع). برعڪس – اُبتڙ – برخلاف – خلافُ – اونڌو – اُڀائو – اُلٽو – اُبتو.

• **ضدَ ج ضدَ، ضدُون:** ذ. ث. مخالفَت – برخلافي – عَداوَتَ – دشمَني – وِيرُ – ڪينو – بُغضُ. اِصرارُ – هَٹُ – وري وري چوڻ – شدَتَ. ڇَڏُ – هوڏَ – شدو. ڪاوڙ – چڙَ – غُصو.

– **ضدُ ہڏَڻ:** گهٽو اصرارُ ڪرڻ – وَري وَري چوڻ – بَحَثُ ڪَرڻ. هَٹُ ڪرڻ ڪنهن ڳالهه تي تيسو ڪرڻ. دُشمَني ڪرڻ – عَداوَت ڪرڻ – مُخالَفَت ڪرڻ – وِيرُ رکڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ضدّ تي جڙهڻ:** مخالفت تي سندرو ٻڌڻ. بحث تي جڙهڻ.
– **ضدّ پُورو ڪرڻ:** پنهنجو ٻول پورو ڪرڻ – خيال پورو ڪرڻ. ويڑ وٺڻ.
– **ضدّ جڙهڻ:** ڪاوڙ جڙهڻ. هوڏ ڪرڻ.
– **ضدّ رکڻ:** ويڑ رکڻ – دشمني رکڻ – مخالفت رکڻ.
– **ضدّ ڪرڻ:** هوڏ ڪرڻ – اصرار ڪرڻ. هٺ ڪرڻ. بحث ڪرڻ – تڪرار ڪرڻ. جهيڑو ڪرڻ – جهڳڑو ڪرڻ.
– **ضدِي ج ضدِيُ:** ذ. صفت. هوڏي – هٺيلو. بحثي – تڪراري. ڪٽڻ ڪندڙ – قَدّائي – نئرُ – شدتي.
– **ضديّت ج ضديتُون:** ث. دشمني – ويڑ – عداوت. بحث – اصرار. تڏو – ڪٽڻ ـ شدت – نئرپائي.
● **ضَرْبَ:** مصدر. (ع. ضَرَب = هُنَ هنيون) ڏڪ هڻڻ – زخم رسائڻ – ايذاءُ رسائڻ. مارڻ – هيسڻ. علم رياضيءَ موجب ٻن عددن کي پاڻ ۾ ٻي سڳهڻ ڏيڻ. ٽيپو هڻڻ – مُهر هڻڻ – ڇاپو هڻڻ.
– **ضَرْبُ ج ضَرْبُون:** ث. چوٽ – ڏڪ – رُهندڙ. مار. نقصان – گهاتو. صَدمو. ٽيپو – ڇاپو – مُهر. علم رياضيءَ موجب ٻن عددن جي ٻي سڳهڻ – عدد جي واڌ. شعر جو آخري لفظ – اکر. بيان – ذڪر. موسيقي جي سازجون آوازي تارون.
– **ضَرْبُ اَپَت ج ضَرْبُ اَپَتُون:** ث. ضرب جي حساب جو جواب – سمائيندڙ انگ – پيچ اَپت.
– **ضَرْبُ اَچڻُ:** چوٽ اچڻ – ڏڪ لڳڻ. گهاتو پوڻ. صدمو اچڻ.
● **ضَرْبُ الْمَثَلُ:** جوڙي – مثال – ٻهاکو.
– **ضَرْبَخانو ج ضَرْبَخانا:** ذ. سڪن ٺهڻ جي جاءِ.
– **ضَرْبُ ڏيڻُ:** نقصان پهچائڻ. ضرب ڪرڻ.
– **ضَرْبُ ڪَرڻُ:** ضرب جو حساب ڪرڻ.
– **ضَرْبُ لڳڻُ:** ڏڪ لڳڻ – چوٽ لڳڻ. صَدمو پهچڻ. نعرو لڳڻ.
– **ضَرْبِٽِي ج ضَرْبِٽِيُون:** ث. اهو انگ جنهن کي ضربيندڙ سان ضرب ڪجي – پَيجِٽي.
– **ضَرْبِي جَڏُ:** ڏڪ ڏيڻ. چوٽ رسائڻ. هيسائڻ – دبائڻ (ت).
– **ضَرْبِيل ج ضَرْبِيلُ:** ذ. صفت. نقصان رَسيلُ. قَٽيلُ – زخميل – گهايل. زبان ٽيل.
– **ضَرْبِيندڙ ج ضَرْبِيندَڙُ:** ذ. صفت. انگ کي وڌائيندڙ – پچندڙ – ضرب ڪندڙ.

● **ضَرَرُ ج ضَرَرَ:** ذ. (ع) نقصان – ٽوٽو – چيهو – خسارو – هَرُج – گهاتو – زيان. ڏڪ – چوٽ. دَرْدُ – تڪليف – صدمو.
– **ضَرَرُ پُهچائڻُ:** تڪليف پُهچائڻ – ايذاءُ رسائڻ.
● **ضَرَرُ رَسَانُ ج ضَرَرُ رَسَانَ:** ذ. صفت. (ع. ضرر ف. + رسان < رسانيدن = پهچائڻ) نقصان رسائيندڙ – تڪليف پهچائيندڙ.
– **ضَرَرْناڪُ ج ضَرَرْناڪَ:** ذ. صفت. نقصان وَهندڙ – نُقصانُ ڪارُ – ٽوٽو وَهندڙ – چيهو رسائيندڙ – زيانڪارُ.
● **ضَرُورَ:** ظرف. (ع). واجبُ – لازمُ – فَرْضُ بجا – بيشڪ – بلاشڪ – جائي. هُروپُرو. اَٽ تَرُ – اَٽلُ – اوسُ – لاڪلاڪ. (ذ). حَاجت – گهُرَج – ضَرورت – چاهنا – طَلَب – خُواهش.
– **ضَرُورَتَ وارو:** ضروري – لازمي – گهرجائو – حاجت مند – گهربيلُ.
– **ضَرُورتَ ج ضَرُورَتُون:** ث. گهُرَج – حاجَتَ – احتياج – خواهش – چاهنا – طَلَب – دَرڪارَ. مشڪل – تنگي – لاچاري – دُشواري.
– **ضَرُورَتَ ٽِيَڻُ:** گهُرَج ٽيڻ – طلب ٽيڻ.
– **ضَرُورَتَ پَوَڻُ:** گهُرَجَ پوڻ – طلب ٽيڻ.
– **ضَرُورَتْمَنْدُ ج ضَرُورَتْمَنْدَ:** ذ. صفت. گهُرجائو – حاجتمند – طالبو. مُفلسُ – محتاج – مسڪينُ – تنگ حال.
– **ضَرُورَتْ نَ آهي:** جملو. گهُرَج ڪانهي. هَرُو پَرو نه ٽيئي. طلب ڪانهي.
– **ضَرُورِي ج ضَرُورِيُ:** ذ. صفت. واجبي – لازمي – لاچاري – مَجبوري – تاڪيدي.
– **ضَرُورِيات:** ث. جمع ضَرورَت جو – ضروري (شَيون) – گهربلَ (شيون).
● **ضَرِيبُ ج ضَرِيبَ:** ذ. صفت. (ع. ضَرَبَ = هُن هنيون) ضَرْبَ رَسِيلُ – ضَرِبيلُ – قَٽيلُ – ڏڪ لڳل. ماريلُ – وَرتلُ – مُبْتَلا.
● **ضَرِيحَ ج ضَرِيحُون:** ث. (ع). قَبَرَ – گورَ – مَزارَ – مرقد – مقبره. قبرجي سيراندي – پڙ.
● **ضُعْفُ:** ذ. (ع. ضَعُفَ = هَيٺو ٽيڻ) ڪمزوري – هيٺائي – ناتواني – بي طاقتي.
– **ضَعِيفَ ج ضَعِيفَانُون:** صفت. (ع. ضَعِيفٌ = هيٺي) هيٺي اَيري – ڪمزور – بي طاقت. ث. زال – عورت – مائي.
● **ضَعُوفُ ج ضَعُوفَ (ت):** ذ. ضُعْفُ = هيٺائي) ضُعْفُ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كَمزوري – هيٹائي.

• **ضَعِيْفُ ج ضَعِيْفٌ:** ذ. صفت. (ع. ضُعْفٌ = كمزور) هيٹو – كمزورُ – نسَتو – نبَل – ناتوانُ – بي طاقت. اَپرو – ڈُبَلُ – ڈُہرُو – نَحيفُ – لاغَرُ. ہڈيو – پوڑھو – پيرمَرْدُ.

– **ضَعِيْفُ الْاِعْتِقاد:** ذ. صفت. اعتقاد جو كچو – گهٹ ويساهَ وارو. سادو – پورڑو – ہالو پولو.

– **ضَعِيْفُ الْعَقْل:** ذ. صفت. گهٹ عقل وارو – كَمْ عَقْلُ – بيوقُوف.

– **ضَعِيْفائِي ج ضَعِيْفائِيُوْنْ:** ث. هيٹائِي – كَمْزوري – ناتَواني. سُسْتي – موڳائي – مانداڻي.

– **ضَعِيْفُ ٹِيَنْ:** كَمْزور ٹيٹ – نبَلُ ٹيٹ – اپرو ٹيٹ.

– **ضَعِيْفَڙ ج ضَعِيْفائُون:** ث. كَمْزورُ (عَوْرَتُ). (صفت). ہڈِي – پوڑهي – پيرسَن.

– **ضَعِيْفِي جَ ضَعِيْفِيُوْنْ:** كمْزوري – ناتَواني – اپرائِي – هيٹائي. پيري – ہڈاپَنُ.

• **ضَلالَتَ ج ضَلالَتُوْنْ:** ث. > ضَلّ = گمراه ٹيڻ. غلطي كرڻ) اُونداهِ – كاراڻ. گمراهي. خطا – قُصُورُ. بُجڑائي – خَرابي. خُوَاري – بَدنامي – تباهي – بربادي.

• **ضِلْعُ:** ذ. (ع). كَنهن ملك جو پاڳو – تَعلَقنُ جو مجمُوعو – دِسْتركُ.

– **ضِلَعُوْ ج ضِلَعا:** ذ. ملك جو پاڳو – تعلقن جو جوڙ. تعلقن تي ہڏل.

• **ضَمّ:** ذ. (ع. ضَمّ = ملائڻ) كنهن شيءِ كي پاڻ ۾ ملائڻ جي حالت – شُموليتَ. پيشَ (ـُ) جي حركت (اها حركت ہنهي چپن جي ملائڻ سان نكري).

– **ضَمّ كَرَڻ:** ملائڻ – گڏڻ – جوڙڻ.

• **ضِمادُ ج ضِمادَ:** ذ. (ع. ضَمَدَ = ہڏڻ) نرم كري زخم تي ركڻ جي دوا – لَيپُ – لُپري.

• **ضِمانُ ج ضِمان:** ذ. صفت. (ع. ضَمنَ = جوابداري كڍڻ) پاراڻ پَوندڙ – بدلو پوندڙ – ضامنُ – ضامني.

– **ضِمانَتَ ج ضِمانَتُوْن:** ث. (ع. ذمہ داري – كفالَتَ – جوابداري.

– **ضِمانَتْ ناموْ ج ضِمانَتْ ناما:** ذ. (ع. ضمانت + ف. نامہ = لكيل ڳالهه) ضمانت جي تَحريرَ – كفالت نامہ = لكيل ڳالهه) ضمانت جي تَحريرَ – كفالت نامہ – ضامنَ جو اِقرار نامو.

– **ضِمانَتِيْ ج ضِمانَتِي:** ذ. صفت. ضامنُ پَوندڙ – ضَامنُ پيَلُ – ذمہ دارُ – ضامنُ.

• **ضِمْنَ:** ظرف. (عَ). پويان شامل كيل – ذ. كنهن لكت بابت وڌيك فقرو.

• **ضَمِيْرُ ج ضَمِيْرَ:** ذ. (ع). دل – مَنُ – جيءُ – قلب – هردو. اندر – گُنجهه – رَازُ – پيدُ – خِيالُ – ڌيانُ – مرضي. (ذ.صفت). اندر وارو – پوشيده – مخفي. گرامر ۾ اسم جو جانَشينُ لفظُ – اسم جي بدران كم ايندڙ لفظ. (۱ـ ضمير حاضر. ۲ـ ضَميرُ غائبُ ۳ـ ضميرُ مَتكَلِمُ ۴ـ ضمير خالص ۵ـ ضمير اِشارو ويجهو ۶ـ ضمير اشارو ڈُور ۷ـ ضمير مُبَهم ۸ـ ضمير مُشترك ۹ـ ضمير اِسْتِفْهام ۱۰ـ ضمير موصول ۱۰ـ جواب موصُولُ ۱۲ـ ضمير متصل ۱۳ـ ضمير مُفصل).

– **ضَمِيرُ اِستفهام:** ذ. (ع. ضمير + استفهام > فهم = ڄاڻڻ) سوال پڇڻ لاءِ كم ايندڙ ضمير جو لفظ. جيئن تہ چا؟ چو؟ وغيره.

– **ضَمِيْرُ اِشارو:** ذ. اسمَنُ ڈانهن اِشارو كندڙ. ضَميرَ جو لفظ. جيئَن تہ هو. اُهو. هُن وغيره. (ہ قسم ۱ـ ضمير اشارو ڈور ۲ـ ضمير اشارو ويجهو).

– **ضَمير اشارو ڈُورُ:** ذ. ڈوراهين اسم ڈانهن اِشارو كندڙ ضميري لفظ. جئن تہ "هو اهو وغيره".

– **ضَمِيرُ اِشارو ويجهو:** ذ. ويجهي اسم ڈانهن اشارو كندڙ ضمير جو لفظ. جئن تہ "هي. هنَ وغيره".

– **ضَمِيرُ جواب موصُولُ:** ذ. موصول جي جواب ۾ كم ايندڙ ضميري لفظ. جئن تہ. "سو. سا. اُها وغيره".

– **ضَمِير حاضرُ:** ذ. ضمير حاضر اسم جي بدران كم ايندڙ ضمير جو لفظ. جئَن تہ. "تُون. تَوهان. تو وغيره".

– **ضَمِير خالِصُ:** ذ. ضمير متكلم. حاضر ۽ ضمير غائب كي گڏي ڏنل نالو.

– **ضَمِيرُ غائبُ:** ذ. غائب اسم جي بدران كم ايندڙ ضميري لفظ. جئن تہ "اُهو. انهن وغيره".

– **ضَمِير مُبَهَمُ:** گُجهو ضَميرَ وارو لفظ. جئن تہ "كيرُ. كهڙو. كُجاڙو وغيره".

• **ضَمِير مُتّصِلُ:** ذ. گڏيل ضميري پڇاڙي. جئن تہ "پٽسُ.

لکيُم، جَيَمُ وغيره".

– **ضَميرُ مُتكلِمُ:** ذ. گالهائيندڙ اسم جي بدران ڪم ايندڙ ضمير جو لفظ، جئن تہ "آءُ، اسين، مون وغيره".

– **ضَميرُ مُشْتَرِڪُ:** ذ. جملي ۾ فاعل جي بدران مفعول ٿي ڪم ايندڙ يا ضمير خالص کي زور پرائڻ وارو ضمير جو لفظ.

– **ضمير موصُوْل:** ذ. ٻن جملن کي ڳنڍيندڙ اسم جي بدران ڪم ايندڙ لفظ "جا" سان جئن تہ: "جا لُکَن لُوساڻي، سا سيج پسندي سسئي" (شاھ).

• **ضَميْمُو ج ضَميْما:** ذ. (ع. ضميمه > ضَمّ = گڏ ڪرڻ) ڪنهن شيءِ تي وڌيڪ لڳايل شيءُ وڌايل شيءُ – ڪتاب پوري ٿيڻ کان پوءِ پڇاڙيءَ جو ڏنلُ وَڌيڪ مَوادُ – تتمو.

• **ضَوْ:** ذ. (ع. ضَوا = روشني ڏيڻ) روشني – سِڄ جي روشنِي.

– **ضَوْفَشانْ:** ذ. صفت. (ع. ضو + ف. فشان > افشاندن = پکيڙڻ) روشني ڪندڙ – روشَنُ – چمڪندَڙُ – جِلڪَندڙ.

– **ضيا ج ضيائُونْ:** ث. (ع). روشني – روشنائي – چمڪ – تَجَلّي – نُور – جوت ـ پرڪاشُ.

• **ضِيافَتْ ج ضِيافَتُونْ:** ث. اسم (ع). ڪاڏي جي وَڏي مَجلِس – مهماني – دَعوتَ.

• **ضِيافَتْ ڪَرڻْ:** دَعوَتَ ڪرڻ – ڪاڏو ڪارائڻ.

• **ضَيافُو ج ضيافا:** ذ.ص. فائدو، ڪَٽيو – لاڀ.

• **ضَيْقُ:** ذ. (ع. ضاق = سوڙهو ٿيڻ) تنگي – تَڪليف – دُکيائي – مُشڪلات – دقّت، ڪمي – ڪوتاهي، دَمَ جو مَرْضُ.

– **ضِيقُ النَفْس:** ذ. اَيَساهيءَ جو مرضُ – دَمَ جي بيماري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ط

ط: ث. (ع). عربي جو سورهون، فارسيءَ جو اُٺتيهون ۽ سنڌيءَ جو پنجتيهون اکر – ابجد جي حساب موجب عدد (۹).

طابعُ ج طابعِ: ذ. صفت. (ع. طَبَعَ = مُهر هڻڻ) ڇپائي ڪندڙ – ڇاپيندڙ.

طارقْ: اسم خاص. (ع). اندلس کي فتح ڪندڙ. سپهه سالار جوَ نالو.

طاريْ ج طارِيْ: ذ. صفت. (ع). اوچتو ظاهر ٿيندڙ – يڪدم اچي پوندڙ – ڇانڀجي ويندڙ. غالب پوندڙ.

طاريْ ٽِيَنْ: ڇانڀجي وڃڻ – غالب ٿيڻ. اوچتو اچي پوڻ.

طاسَ ج طاسُوْنْ: ث. ٽالهه. طاس – طس. ويڪري منهن وارو – پيالو – ٽالهي – رڪابي. راند جو هڪ قسم – پتن جي راند – تاس.

طاسرُوْ ج طاسرا: ذ. ٽانءَ جو هڪ قسم – وڏو وَٽو.

طاسَ وَڙنِيْ جَ طاسَ وَڙنِيُوْنْ: ث. صفت. سون جهڙي – سهڻي.

طاعَتْ ج طاعَتُوْنْ: ث. (ع. طاعت > طوع = فرمانبرداري ڪرڻ) فرمانبرداري – مڃتا – قبوليت. تابعداري. ٻانهپ – بندگي – عبادت.

طاعَتْ پَذِيْرُ ج طاعَتْ پَذِيْرَ: ذ. صفت. (ع. طاعت + ف. پذير > پذيرفتن = قبول ڪرڻ). فرمانبردار – مجيندڙ – قبولينڊڙ.

طاعُوْنِ: ث. (ع). بيماريءَ جو هڪ قسم – پليگ – وبا – مهامَريْ.

طافَ ج طَافُوْنْ: ث. سرحد – دنگ – حد – سنڌو – ڍڳ. جبل ۽ ميدان کي هڪ ٻئي کان جدا ڪندڙ حد – ماڙي.

طافْ ج طافْ (ل): ذ. (ع. ظرف). ڏنگو پيچرو.

طاقَ ج طاقَ: ذ. (ع. طاق > پهلوي > تاک = جارو – ڪَڙڪي) پت جي مٿان سطح تي، اندر تي ڏنل رٽائتو وڊ. چوراس وڊ. مَحراب. دروازي جو هڪ پڙ – دروازي جو تختو. دَرُ. دَري يا ڪٻٽ بند ڪرڻ جو تختو. (صفت). اڪي – چڙهو – واحد. لاثاني – لاجواب – نايابه جيئن: "فلاڻو هر ڪم ۾ طاق آهي".

– طاقاتُوْنْ ج طاقاوانْ: ذ. صفت. طاق وارو (دروازو).

– طاق جوْ مُنْڊيوْ: ذ. وڊڪي اصطلاح ۾ دَرّ يا دريءَ جو هيٺيون، مٿيون، وچون ڪائيءَ جو ٽُڪرُ – پانيلي.

– طاق ڪَڍَنْ: وقت ۾ ڏڪ ڪيڻ – ٻيڙيءَ ڇاڙهي ڦرهو ڪيڻ – ڏڪ ڏيڻ – ڦرهو ڪيڻ.

– طاقَ ڪَدِيْ چَڏَنْ: تختا ڪدي چڏڻ – سخت نقصان رسائڻ – ڏاڍو ڏُک پهچائڻ.

– طاق لَڳَنْ: تختا بند ٿيڻ (دروازي جا). حيرت ۾ پئجي وڃڻ – ٽپ ٽري وڃڻ – تپرس ۾ پوڻ – عجب ۾ پئجي وڃڻ. چوٽ لڳڻ.

– طاق لڳِيْ وَيَنْ: اوچتو ڪنهن خبر ملڻ تي حيران، پريشان يا پشيمان ٿيڻ – تختا لڳي وڃڻ. ٽپ ٽري وڃڻ – ارمان ۾ پئجي وڃڻ – سخت ارمان ٿيڻ.

– طاق نِڪْرِيْ وَيَنْ: تختا نڪري وڃڻ. نقصان پهچڻ. سخت صدمو پهچڻ.

– طاقِيْ ج طاقِيُوْنْ: ث. دَرُ يا دريءَ جو هڪ پاسو يا پڙ. تاس جو هڪ پتو. واهه وغيره جي ڪائيءَ لاءِ مقرر ڏيگهه جو مفاصلو.

– طاقِيُوْنْ ڏِيْنْ: گهَرَ جا دروازا بند ڪرڻ – دَرَ پورڻ – دَرَ جا طاق بند ڪرڻ.

طاقَتْ ج طاقَتُوْنْ: ث. (ع. طاقه > طوق = ڪَرڻ جي لياقت رکڻ) سَگهه – زور – ٻل – قوّت – وت. حوصلو – برداشت – لياقت.

– طاقَتْ آزمائِيْ ج طاقَتْ آزمائِيُوْنْ: ث. (ع. طاقه + ف. آزمائي > آزما > آزمودن = تجربو هڻڻ) زور لڳائڻ جي حالت – زور آزمائي.

– طاقَتْ مَنْدُ ج طاقَتْ مَنْدْ: ذ. صفت. (ع. طاقه + ف. مند = وارو)

زور وارو – زبردست.

– **طاقَتْ وارو ج طاقَتْ وارا:** ذ. صفت. سگھ وارو – سگھائتو – طاقت وَر – زور پريو – زور آور – زورائتو – همّت پريو.

– **طاقَتْوَرُ ج طاقَتْوَرَ:** ذ.صفت. (ع. طاقه + ف. ور = وارو) طاقت وارو – زور وارو – زبردست – زور آور.

– **طاقَتِي ج طاقَتِيَ:** ذ. صفت. زور آور – زور وارو.

• **طاقِنْ:** طاق ڏيڻ، دربند ڪرڻ.

• **طاقُو ج طاقا:** ذ. (ع. طاقَهْ + ٽڪرو) ڪپڑي جو ٽانُ – تاكيو.

– **طاقِيُو ج طاقِيا:** ذ. ڪپڑي جو ٽانُ – طاقو – تاكيو.

• **طالِبُ ج طالِبَ:** ذ. صفت. (ع. طَلَبْ = هن گهربو) طلب ڪندڙ – خواهان. گولينڊڙ – تلاش ڪندڙ – گولائو. عاشق – مريد. شاگرد. سالڪ – فقير.

– **طالِبُ الْمَولىٰ ذ.** صفت. هڪ الله جو طلبگار. مولىٰ جو گولينڊڙ. سنڌي زبان جي هڪ مشهور شاعر مخدوم محمد زمان هالائي جو شاعرانه تخلص.

– **طالِبُ دُنْيا:** ذ. صفت. دنيا جو طلبگار – دنيا جو گهورو. لالچي – حريص.

– **طالِبُ دِيدارَ:** ذ. صفت. ديدار جو طالب – ڏسڻ لاءِ مشتاق – عاشق.

– **طالِبُ عُقْبىٰ:** ذ. صفت. عقبىٰ جو گهورو. ديندار – عابد – زاهد. نيڪ – بزرگ.

– **طالِبُ عِلْمَ ج طالِبِ عِلْمَ:** ذ. صفت. علم جو طالب – علم چاهيندڙ – علم جو گولائو. پڙهندڙ – شاگرد – متعلم.

– **طالِبُ عِلْمِيْ ج طالِبِ عِلْمِيُوْنْ:** ث. علم سکڻ جو ڪر – متعلمي – شاگردي.

– **طالِبُو ج طالِبُوَ:** ذ. صفت. طلب ڪندڙ – طلب رکندڙ – گهرندڙ. گولائو – گولينڊڙ. مريد – چيلو. شاگرد.

– **طالِبُ وْمَطْلُوب:** ذ. عاشق ۽ معشوق – محب وَ محبوب.

• **طالِحُ ج طالِحَ:** ذ. صفت. (ع. طالح > طلح = خراب ٿيڻ) بدبخت – نياڳو – ندورو. (ضد. صالِحُ ج صالِحَ).

• **صالِحُ تنوْ ج صالِحَ تنا:** ذ. صفت. نياڳو – چندو – بدبخت.

• **طالِعُ ج طالِعَ:** ز. صفت. [(ع. طلع = اُپرڻ، مٿي ٿيڻ، مٿي وڃڻ) > طَالِع = مٿي ٿيندڙ] طلوع ٿيندڙ – نڪرندڙ – اُپرندڙ. (ذ). نئون چند. نجومين جي اصطلاح ۾ (ڪنهن جي جنم وقت يا سوال پڇڻ وقت ساڳيو اُپرندڙ برج. بخت – نصيب پاڳ – قسمت – ستارو. جيئن: "مارڳ جي مَرَن، وڏا طالع جا" (شاهه).

– **طالِعُ تَنُو ج طالِعَ تَنا:** ذ. صفت. اَپاڳو – نياڳو – بدنصيب – بدبخت.

– **طالِعْ شُناسُ ج طالِعْ شناسَ:** ذ. صفت. (ع. طالع + ف. شناس شناختن = سڃاڻڻ). ستاره شناس – نجومي – جوتشي.

– **طالِعْمَنْدَ ج طالِعمَنْدَ:** ذ. صفت. (ع. طالع + ف. مند = وار خوش نصيب – پاڳ وارو – نصيب وارو – سياڳو – بختاور اقبال مند.

– **طالِعْمَنْدِيْ ج طالِعْمَنْدِيُوْنْ:** ث. بخت – چڱو نصيب – پاڳ چڱي بشارت.

• **طالُوتْ:** اسر خاص. (ع). قوم بني اسرائيل جو پهريون بادشاهه

• **طاماعُو ج طاماعُو:** ذ. صت. (ع. طَمَعَ = هُنَ لالچ رکي) طمع رکندڙ – لالچي – طمعو – تاکائو. اميدوار – سوالي.

• **طامِعُ ج طامِعَ:** ذ. صفت. (ع. طَمَعَ = هُنَ لالچ رکي) طمع کند – طمع وارو – لالچي – لوبي – حريص.

• **طامُوعُوْ ج طامُوعُو:** ذ. صفت. طامِعُ.

• **طامونْ ج طامانْ (ت):** ذ. (ع. طَعَامُ > طعامو) طعام – کاڌ – خوراڪ.

• **طٰسٓ:** ث. (ع). قرآن شريف جي سورة جو نالو. (اسر خاص) حضور پاڪ جن جو نالو مبارڪ.

• **طاهِرُ ج طاهِرَ:** ذ. صفت. (ع. طاهر > طَهَرَ = صاف ٿيڻ) پاڪ – پوتر – صاف.

• **طاهِرِيْ ج طاهِرِيُوْنْ:** آڳاٽي دور جي طاهر نالي بورچي جو رڌل طعام. ڳڙ پيل رڌل چانور – ڳڙ جي چاشني.

• **طائِرُ ج طائِرَ:** ذ. صفت. (ع. طائر > طَيْرْ + اُڏامڻ) اُڏامندڙ (ذ). پکي – پرنده – پنڇي.

– **طائِرِ قُدْسْ:** ذ. پاڪ جهان جو پکي – فرشته – ملائڪ – ملڪ. (اسر خاص). حضرت جبريل عليه السلام جو هڪ نالو.

– **طائِرِ قُدْسِيْ:** ذ. طائِرِ قدس.

• **طائِفْ:** اسر خاص. (ع). عربستان ملڪ جي هڪ شهر جو نالو.

• **طائِفُو ج طائِفا:** ذ. (ع). گروهه – تولو – جماعت – جٿو –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تولي – زمرو. فرقو. (ع. طوائف) گائڙ وجائڙ وارين جو تولو.
ناچ – نچڪارو. لڙ – گوڙ – هُل – شور – هائيتال. ڏمچر.
– **طائفو وجهڙ:** ناچ وجهڙ. ڏمچر مچائڻ.
• **طائوسَ ج طائوسَ:** ذ. (ع). پکيءَ جو هڪ قسم. مور. ساز جو هڪ قسم – مور جي شڪل تي ٺهيل هڪ ساز.
– **طائوسِ تخت ج طائوسِ تخت:** ذ. مور پکيءَ جي شڪل تي ٺهيل تخت – سهڻو تخت. (اسم خاص). شاهجهان بادشاهه جو تخت.
• **طائي:** اسم خاص. (ع). مشهور عرب قبيلو "بنو طائي" جنهن مان حاتم طائي وڏو سخي ساماڻو. سندن جي سومرن جو هڪ پاڙو (ٽرءِ ٻئي طرف رهندڙ)
• **طبّ:** (ع. طَبّ = دوا ڪرڻ) جسم ۽ جان جو علاج دوا دارون جو عِلم – علم حڪمت. طبابت.
– **طبّ ڪرڻ:** حڪمت ڪرڻ – دوا ڪرڻ.
• **طِبّ ج طِبَب:** ذ. دوائن جو ڪتاب. طب بنسبت ڪيل ڪوبه ڪم. طبابت جو علم.
• **طَبابَتْ ج طَبابَتُون:** ث. (ع). دوا دارُون جو هنر – علاج – معالجه – حڪمت.
• **طَبّاخ ج طَبّاخ، طَباخُون:** ث. (ع. طباخ = بورچي > طبَخَ = پچائڻ) (ف. طباق = پيالو) بورچي – باورچي. ٽانءَ جو هڪ قسم. پاتوڙو – پات – ڦيلهي.
– **طَباخِي ج طَباخِي (ت):** ذ. صفت. گهٽو ڪائيندڙ – پيٽوڙي.
• **طَباشِيرْ:** ذ. (ع). پسارڪي وڪرجو هڪ قسم – تپاشير.
• **طَباعَتْ ج طَباعَتُون:** ث. (ع. طَبَعَ = مُهر هڻڻ. ڇپڻ) ڇپائي (ڪنهن ڪتاب وغيره جي).
• **طَباقَ ج طَباق:** ذ. (ع) پيالي. پيالي مثل ٽالهي – ٽالهه. ٽڪر جو ٽانءُ – پات – طباخ. ڪوپري – ڪيپراتي.
• **طَبَعَ ج طَبْعُون:** ث. (ع). ماڻهوءَ جي بناوت. طبيعت. مزاج. عادت – خصلت – خو. سيرت – خلق – سياءُ. لاڙو – خواهش. نقش – سڪو – مهر – ڇاپو – ٽپو – ڇاپ – پور.
– **طبع آزمائِي ج طَبْع آزمائِيُون:** ث. (ع. طبع + ف. آزمائي > آزما > آزمودن = تجربو هڻڻ) طبيعت جي پڌنديءَ جو امتحان.
– **طَبْعَ رَسا:** ذ. صفت. (ع. طبع + ف. رسا > رسيدن = پهچڻ) پهچندڙ طبيعت – تيز طبع.
– **طَبْعزادُ ج طَبْعزادَ:** ذ. (ع. طبع + ف. زاد > زادن = ڄڻڻ) طبيعت مان نڪتل – دل مان نڪتل – پنهنجي خيال مان ٺاهيل – پنهنجي ايجاد. ذاتي – شخصي – پنهنجو.
– **طَبْعَ ڪَرَڻ:** ڇاپڻ – شايع ڪرڻ.
– **طَبْعِي ج طَبْعِي:** صفت. فطرتي. ذاتي – پيدائشي.
– **طَبْعِي جاگرافِي:** زمين جي اندرين تورِّي باهرين حالتن تي ڪيل بحث واري جاگرافي.
– **طَبْعِي ڏيڪ:** ذ. قدرتي نظارو – قدرتي ڏيک.
– **طَبْعِي صُورَتْ:** ث. قدرتي ڏيک.
• **طَبَقَ ج طَبَق:** ذ. (ع). ٽالهه – ٽالهي – طباق. تَهَ – پڙ – طبقو (زمين وغيره جو). حصو – پاڳو (ڪنهن گهر يا ملڪ جو). ڏس – طرف – پاسو (اس).
– **طَبَقِ اُونْدا نَصِيبْ:** بخت اوندو ٽيڙ – بدبختي اڇڻ.
– **طَبْقُو ج طَبْقا:** ذ. درجو – منزل – تهه – پڙ. پاڳو – حصو.
• **طَبَلَ ج طَبَل:** ذ. (ع. طَبْل + ڏُڪڙ. ڏُڪڙ جو وجت وارو پاسو) وڏو ڏهل – ڏمامو. وڏو نغارو – پيرِ رعب – ڏبڏبو.
– **طَبَلَ ڈيکارَڻ:** رعب ڏيکارڻ. فخر سان هلڻ.
– **طَبَلَ ڪَرَڻ:** رعب جمائڻ – جمت ڪرڻ. ڏڙڪو داب ڪرڻ. فخر ڪرڻ (ڪنهن معمولي ڪم تي).
– **طَبَلَ وَجائِڻ:** ڏُڪڙ وجائڻ. خوشي ڪرڻ. وڌائي ڏيڪارڻ.
– **طَبَلَ هَلائِڻ:** حڪم هلائڻ. رعب ويهارڻ لاءِ ڏڙڪو داب ڪرڻ.
• **طَبْلُو ج طَبْلا:** ذ. (ع). ساز جو هڪ قسم – ننڍو ڍهل – ڍولڪ. ڏڪڙ.
– **طَبَلْچِي ج طَبَلْچِي:** ذ. صفت. – طبلائي – ڏوڪڙي.
– **طَبْلائِي ج طَبْلائِي:** ذ. صفت. طبلا وجائيندڙ – ڏوڪڙي.
– **طَبَلَ بازْ ج طَبَل بازَ:** ذ. صفت. (ع. طبل + ف. باز > باختن = کيڏڻ) ڍهل جو وجائيندڙ – نغارا ۽ نوبتون وجائيندڙ.
• **طِبُّ ج طِبا (ل):** ذ. (ع. طب = علاج ڪرڻ) علاج – دوا – درمل – ڏکي – هُڪي – بلو – حيلو. "عشق جي آزار جو ويجن نه ڪئو تازم طبو".
• **طِبِّيّ ج طِبِّي:** ذ. صفت. (ع). طب جو – ڊاڪٽري – حڪيمي.
• **طَبِيبُ ج طَبِيبَ:** ذ. صفت. (ع). طبابت ڪندڙ – علاج ڪندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– حڪيم – ڊاڪٽر – وِد – ويج – معالج.
– **طبيبُ ڀاڻُ ج طَبيبُ ڀاڻا:** ذ. صفت. حڪيم وارو – ويج وارو.
– **طَبيبائِي ج طَبيبائِيُون:** ث. فَنّ طبابت ويڇپائي – حڪمت.
– **طَبيبڪُ ج طَبيبڪا:** ذ. صفت. طبيب وارو – طبيب جو – طبيباڻو.
– **طَبيبَنْ ٿات پَوَنْ:** بيمار ٿيڻ – اگهو ٿيڻ – طبيبن جو محتاج ٿيڻ. بين جي محتاجيءَ ۾ پوڻ – ڪاٽيارو ٿيڻ.
– **طَبيبَنْ ٿات نہ پَوَنْ:** طبيبن جي ضرورت نہ پوڻ – ڪڌهن بہ بيمار نہ ٿيڻ – هر وقت تندرست ۽ تازو توانو رهڻ.
• **طَبيبي ج طبيبيُونْ:** ث. طبيبائي – حڪمت. صفت. طبيب جو.
• **طَبيعت ج طَبيعَتون:** ث. (ع). مزاج – سرشت – فطرت. خلقت – پيدائش. خو – عادت – خصلت – سياءِ رجحان – لاڙو – خواهش.
– **طَبيعَتْ بگڙَنْ:** بيمار ٿيڻ. ناراض ٿيڻ – ڪاوڙجڻ.
– **طبيعت پَرْجَنْ:** دل ڪتي ٿيڻ – دل ٽهڻ – بيزار ٿيڻ. ڏوَ ٿيڻ.
– **طبيعت شُناسُ ج شُناسَ:** ذ. صفت. (ع). طبيعت + ف. شناس > شناختن = سڃاڻڻ) حڪيم – طبيب – ويج. مزاج ڪي سمجهندڙ.
– **طَبيعَتْ لَڳَنْ:** دل لڳڻ – جيءُ لڳڻ – شوق ٿيڻ – چاهه ٿيڻ.
• **طَبَيْلُ ج طَبَيْلا:** ذ. (ع. طويله = چوپائي مال کي ٻڌڻ جي نوڙي) گهوڙن ٻڌڻ جي جاءِ ـ ڪڙهه – تنبيلو.
• **طَپاشِيرُ:** ذ. (ع). پساريڪي وڪر جو هڪ قسم – طباشير – تپاشيرُ.
• **طَپاڻُ:** ذ. صفت. (ف). تڙپندڙ – ڦٽڪندڙ – لڇندڙ. تپندڙ – ٽهڪندڙ.
• **طَرازُ ج طَرازُون:** ث. (ع). ٻيڙيءَ جو هڪ قسم. ڏوندي ٻيڙي (تانگهي تري واري، جا ندين ۾ واهڙن ۾ هلي. "تاري ونُ طراز کي" (شاهه). ٻيڙي – دنگي – تراز. جيئن: "تني جي ساجاهه، تاري جي طراز کي" (خان زئي).
• **طَراوَتَ ج طَراوَتُون:** ث. (ع. طراوت > طَروَ = تازو ٿيڻ) ساوڪ – سبزي. آلاڻ – پوسَلُ – تَريُ. ڏاڙ – خنڪي. فرحت – آرام – تازگي.
– **طَراوَتْ بَخْشَنْ:** ذ. صفت. (ع. طراوت + ف. بخش > بخشيدن + ڏيڻ) تازگي بخشڻ – فرحت بخشڻ.
• **طَرَبْ:** ث. (ع. طَرَبَ = خوشيءَ جي جوش ۾ اڇل) خوشي – خرمي – فرحت. مزو – لذت – عيش. اُمنگ – جذبو.
– **طَرَبْ انْگيزْ ج طَرَبْ انْگيزَ:** ذ. صفت. (ع. طرب + ف. انگيز > انگيختن = ڪڍو ڪرڻ). فرحت بخشڻ – راحت ڏيندڙ – لذت بخش. امنگ وڌائيندڙ – جذبو ڏيارينڙ.
• **طَرْبُوشَ:** ث. تُرڪي ٽوپيءَ جو هڪ قسم.
• **طَرَح ج طَرَحُونْ:** ث. (ع). طور – ڍنگ – نمونو – طرز – ريت – ڍؤل – انداز. طبع آزمائي لاءِ شاعرن کي ڏنل مصرع.
– **طَرَحْدارُ ج طَرَحْدارَ:** ذ. صفت. نموني وارو – ڍنگ وارو – وضعدار. خوبصورت – سهڻو.
– **طَرْحُونْ ڪَرڻُ (ت):** اَهَلُونْ ڪَرَنْ – نَڪُلَ ڪَرڻ – ويچارا ڪيڻ.
– **طَرَحَينْ طَرَحَينْ:** ظرف. نموني نموني – قسمين قسمين – پاتين پاتين.
• **طَرَزَ ج طَرْزُونْ:** ث. (ع). بناوت – اڏاوت – ناهپ – هيئت – شڪل. طور طريقو – قانون – قاعدو – ريت – روش – نمونو – ڍنگ. اٽڪل – رستو – وضع – انداز. عادت – خصلت – خو – وضع – سياءِ.
– **طَرْزباز ج طَرْزبازَ:** ذ. صفت. (ع. طَرز + ف. باز > باختن + ڪيڏڻ) ڍنگ وارو – اٽڪلي. ريتائتو.
– **طَرْزِ تَحْرِيرِ:** ث. (ع. طرز + تحرير = لکٽي) لکڻ جو نمونو – لکت جو نمونو – لکت جو ڍنگ.
– **طَرْزِ ڪلامُ:** ث. (ع. طرز + ڪلام = گفتگو) ڳالهائڻ جو ڍنگ – انداز گفتگو.
– **طَرْزِ گُفْتگُو:** ث. (ع. طرز + ف. گفتگو = ڳالهه ٻولهه) ڳالهائڻ جو ڍنگ – انداز گفتگو – طرز ڪلام.
– **طَرْزِي ج طَرْزِيَ:** ذ. صفت. ڍنگ وارو – ڍنگائتو – اٽڪلي.
• **طَرَفَ ج طَرَفَ:** ذ. (ع. طَرَفَ + اڪ جي ٻاهرين ڪنڊ سان ڏسڻ) ڪنارو – ڪَپَرُ – پَرُ. حاشيو – اُفق. پاسو – ڏِس – دس – جانب – بازو – رُخ – سمت. حصو – ٽڪرو – پاڳو. لحاظ – رياءُ – پاسداري.
– **طَرَفانْ:** ظرف. طرف ڪان – پاسي ڪان.
– **طَرَفْدارُ ج طَرَفْدارَ:** ذ. صفت. (ع. طرف + ف. دار > داشتن = رکڻ) پاسو ڪندڙ – حمايتي – مددگار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **طَـرَفْدارَ ٹِيَـنْ:** حمايتي ٹيڻ – مددگار ٹيڻ.
– **طَـرَفْداري ج طَـرَفْداريُونْ:** ث. پاسو – لحاظ – حمايت – رياءِ.
– **طَـرَفْداري كَـرڻ:** پاسداري كرڻ – لحاظ كرڻ. حمايت كرڻ – پاسو كرڻ.
– **طَـرْفَيْن:** ظرف. ٻنهي طرفن جا – آمهان سامهان. پاسي وارا – پاسي كان. (ذ). ٻئي ڏريون.
– **طُـرْفو ج طُـرْفا:** ذ. (ع. طَـرَفَ + اك پڇاڙ) اک جو اشارو – غمزو.
• **طُـرُو ج طُـرا:** ذ. (ع. طُـرّة > طَـرّ = ڪپڙ) پٽڪي جو ٻاهر نڪتل ڇيڙو – ڇڳو. مور – ڪلنگي – چوٽي. وادڪي اوزار جو هڪ قسم – ٽنگ ڪيڻ لاءِ سيراهيءَ جو لوهي ڦَرُ.
– **طُـرَيلُ ج طُـرَيل:** ذ. صفت. طُري وارو – وڏي طري وارو.
– **طُـرَيلو ج طُـرَيلا:** ذ. صفت. طُري وارو – پگڏار – سردار – رئيس.
• **طَرِيقُ ج طَرِيقْ:** ذ. (ع). راهه – رستو – سڙڪ – واٽ – گس. مذهب – شَريعت. طرز – وضع – رَوَش – چال. طور – ڍنگ. ريت – رسم – رواج – دستور. قاعدو – ترڪيب.
– **طَرِيقُ الْشَّمْسُ:** ذ. سج جي هلڻ جو رستو – جدي گهيري كان سَرَطان گهيري تائين. يا سرطان گهيري كان جدي گهيري تائين هلڻ لاءِ سج جو مقرر ٽيل رستو.
• **طَرِيقَتْ ج طَرِيقَتُونْ (ثه** (ع) سلوڪ جو رستو. صوفين وٽ تصوف جو ٻيو درجو.
• **طَرِيقو ج طَرِيقا:** ذ. (ع). راهه – رستو – واٽ. قاعدو – قانون – دَستور. ڍنگ – نمونو – ترڪيب.
– **طَرِيقو ٻَڌائِڻْ:** رستو ٻڌائڻ. ڪنهن کي ڪرڻ جو ڍنگ ٻڌائڻ. هدَايت كرڻ.
• **طٰسٓ:** ذ. (ع). قران شريف جي سورة نمل جو ٻهريون لفظ.
• **طَشْتَ ج طَشْتَ:** ذ. (ع). وڏو طباخ – وڏي ٽالهي ـ ٽالهه.
– **طَشْت أَزْبارْ:** ظاهر – عيان – آشڪار – مشهور ـ عام.
– **طَشْت أَزْبارْ ٹِيَـنْ:** ظاهر ٽيڻ. مشهور ٽيڻ. رَسوا ٽيڻ – بدنام ٽيڻ. پيد كلڻ – راز فاش ٽيڻ.
– **طَشْتَرِي ج طَشْتَرِيُونْ:** ث. ننڍي ٽالهي – ٽالهڙي.
• **طَعامُ ج طَعامَ:** ز. (ع. طَعَمَ = كائڻ) كائڻ جي شيءِ ـ كاڏو – غذا – خوراڪ.
– **طَعامُو ج طَعاما:** ذ. طعام – كاڏو – خوراڪ. ذ. باز پكي لاءِ وقت جو كاڏو.
• **طَعْنْ:** ذ. (ع. طَعَنَ + پالي سان زخم كرڻ) عيب جوئي – طعنه – مهڻو – اوپالو.
– **طَعْن تَشْنِيعْ:** ث. طعنو مهڻو – ڦٽ لعنت.
• **طَعْنُو ج طَعْنا:** ذ. (ع "طَعْنْ) مهڻو – اوپالو – تُنڪو – اوپالو.
– **طَعْنُو تُنْكُرْ ج طَعْنا تُنْكا:** طعنو مهڻو – ڏک ڏوراپو – ڦٽ لعنت.
– **طَعْنُو ڏِيڻْ:** مهڻو ڏيڻ.
– **طَعْنُو مِهْڻو ج طَعْنا مِهْڻا:** ذ. لعنت ملامت – ڦٽ لعنت.
– **طَعْنُو هَڏَّ:** مهڻو ڏيڻ – اوپالو ڏيڻ.
– **طَعْنَهَ زَنْ ج طَعْنَهَ زَنَ:** ذ. صفت. (ع. طعن + ف. زن > زدن = هڻڻ) طعنو هڻندڙ – مهڻو ڏيندڙ.
– **طَعْنَهَ زَنِي ج طَعْنَهَ زَنِيُونْ:** ث. عيب جوئي. طعني ڏيڻ جي حالت.
• **طُغْرَلْ:** اسم خاص. (تركي) سلجوق خاندان جي پهرئين بادشاه جو نالو.
• **طُغْرُو ج طُغْرا:** ذ. (تركي) پيچيده لكت. شاهي فرمان – مٿان لكيل تحرير.
• **طُغْيانُ ج طُغْيانَ:** ذ. (ع. طغيان + طغو > طغي = واجبي حد كان ٽپي وڃڻ) درياءِ جو چاڙهه ـ اٽل – ٻوڏ – سيلاب. سركشي – بغاوت. گهٽائي – زيادتي – واڌارو.
– **طُغْيانِي ج طُغْيانِيُونْ:** ث. (ع). سركشي – بغاوت. زيادتي – گهٽائي – واڌارو. درياهه جو چاڙهه – اُٽل – ٻوڏ – سيلاب.
• **طِفْلُ ج طِفْلْ:** ذ. (ع. طفل) ٻالڪ – ٻڇو. (صفت). ناسمجهه – معصوم.
– **طِفْل شِيـرْ خُوارْ:** ذ. صفت. (ع. طفل + ف.شير = كير + خوار > خوردن = كائڻ) كير پياڪ.
– **طِفْلِ مَكْتَبْ:** ذ. صفت. مكتب جو ٻار – طالب علم – شاگرد ـ متعلمَ. ناتجربه ڪار – اڻ آزمودگار. سيكڙات – نوآموز – نَوَل.
– **طِفْلِي:** ث. ٻالپڻ – ٻالپڻو – ننڍپڻ – ڪمسني – ناداني – بي سمجهي.
• **طُفُولِيَّتْ:** ث. (ع). ٻالپڻ – طفلي. ناداني.
– **طُفَيْلْ:** ذ. (ع). ذريعو – وسيلو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **طُفيل:** ظرف. ذريعي – معرفت – صدقي – محابي – بدولت – عوض.

• **طُفَيلڻ (ت):** مصدر. خراب ڪرڻ. لتاڙڻ.

• **طلاءُ:** ث. (ف). سون – زر – ڪندن – ڪنچن. ملمعو – گلٽ. لَيپ – پلستر – لاٽ جي دوا.

– **طلاڪارُ ج طلاڪار:** ذ. صفت. (ف. طلا + كار > كردن = ڪرڻ) سون جو ڪر ڪندڙ – سوناروِ. چانديءَ جي زيورن تي سون جو پاٽي چاڙهيندڙ – ملمعي سازُ.

– **طلاڪاريُ ج طلاڪاريُونْ:** ث. سوني پاٽي چاڙهڻ جو ڪر – مَلمعي سَازي.

– **طلائيُ ج طلائيَ:** ذ. صفت. سون جو – سون وارو – سونو – سُونهري – زرّين. سون وارو.

– **طلائيُ وَرَقُ ج طلائيَ وَرَق:** ذ. سون جو پن – سون جو پردو – سُون جو پتو – سُون جو سنهڙو ڪاغذ.

• **طَلاق ج طَلاقُونْ:** ث. (ع. طَلَقَ + آزاد ڪرڻ) عورت کي شريعت موجب ڇڏي ڏيڻ جي حالت – زال جي نڪاح مُوڙڻ واري حالت.

– **طَلاقُ ڏِيڻُ:** زالَ کي ڇڏي ڏيڻ – مذهبي قانون موجب قطع تعلقات ڪرڻ.

– **طَلاقُ نامُو ج طَلاقُ نامَا:** ذ. طَلاق ڏيڻ جو دستاويز – طَلاق جي لکت.

– **طَلاقَڻُ ج طلاقَڻيُونْ:** ث. طَلاق ڏنل عورت – طلاقيل زال.

– **طَلاقِ وَڻڻُ:** مڙس کان جدائي حاصل ڪرڻ. مڙس کي ڇڏي ڏيڻ.

• **طَلْبَ:** مصدر. (ع. طَلَبَ = ڳولڻ. خواهش ڪرڻ) گهرڻ – منگڻ. خواهش ڪرڻ – لهڻ – وٺڻ – وصول ڪرڻ.

– **طَلَبَ ج طَلَبُونْ:** ث. تلاش – جستجو – ڳولا. خواهش – ضرورت. گهر – مانگ. درخواست – التجا. آرزو – تمنا. ڪاندِ – ڪوٽ – نيندِ. لهڻو – رهت – پگهار – مزوري.

– **طَلَبَ ٿِيڻُ:** ضرورت پوڻ – گهرج ٿيڻ.

– **طَلَبْدارُ ج طَلَبْدارَ:** ذ. صفت. (ع. طلب + ف. دار > داشتن = رکڻ) خواهشمند – گهرجائو – طالبو – ڳولائو.

– **طَلَبَ ڪَرڻُ:** گهرڻ – گهر ڪرڻ – دعويٰ ڪرڻ. گهرائڻ – سڏڻ.

– **طَلَبْگارُ ج طَلَبْگارَ:** ذ. صفت. ڳولائو. خواهشمند – گهرجائو – ضرورتمند – لهڻيدار – پگهاردار – مزدور.

– **طَلَبْنامُو ج طَلَبْناما:** ذ. گهرَ جو ڪاغذ – سَمَنُ – گهرج – خواهش.

– **طَلَبيُ ج طَلَبيُونْ:** ث. گهرَ – ڪوڻ – سَڏ – ڪاند. گهرج – ضَرورت.

• **طِلِسْمُ ج طِلِسْمَ:** ذ. (يوناني. ع) وهمي خيالاتن سان ناهيل يا پَيدا ڪيلَ پتلو – جادوءَ جو عجيب و غريب تماشو. جادوءَ سان ناهيل ڊيجاريندڙ شڪل (جا ڪنهن خاص شيءِ جي حفاظت لاءِ ناهجي). عجيب و غريب ڳالهه – حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه – حرفت – اٽڪل – مڪر – فريب. وهمن کي عجيب و غريب شڪل ۾ اڳيان آڻيندڙ علم. ڪرشمو.

– **طِلِسْماتَ:** طلسم جو جمع. جادو.

– **طَلِسْماتيُ ج طِلِسْماتيَ:** صفت. جادوءَ جو – جادوءَ وارو – عجيب.

– **طَلِسْمُ بَڌَڻ:** ڪا عجيب و غريب ڳالهه ڪري ڏيکارڻ – جادو ڪرڻ.

– **طِلِسْميُ ج طِلِسْميَ:** صفت. جادوءَ جو – جادوءَ وارو – جادوئي. جادو ڪندڙ – جادوگر. حَرفتي – ٺڳ – فريبي – مڪريل – دغاباز.

• **طَلْعَتَ:** ث. (ع. طلعت > طَلَعَ = ظاهر ٿيڻ) نظاره ـ ديدار – ڏيک – درشن. رخ – صورت – شڪل – چهرو. جيئن "مور طلعت، ماه طلعت" وغيره.

• **طلو ج طلاَ:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم – ڏماچ – ڪيمخواب – زربفت. ڄڻيءَ تي پريل گُلُ يا ٻوٽو.

– **طليدارُ ج طليدارَ:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم – سونهري ڪناري سَان ڪپڙو.

• **طُلُوعُ:** ذ. (عَ. طلوع > طلع = اپرڻ) سج يا چند جي اپرڻ جي حالت – اوپارو.

– **طُلُوعُ ٿِيڻُ:** اُپرڻ – نڪرڻ. سج چند يا ڪنهن تاري جو ظاهر ٿيڻ.

• **طَمانْچُو ج طمانْچا:** ذ. (ف. تپانچه = ٿپڙ) ٿَڦڙ – چماٽ – لپاٽ – ٿڦ.

• **طُمانيَتْ:** ث. (ع. طمانيت > اطمينان = ماڻ ۾ رهڻ) اطمينان – تسلي – خاطري – دل جمعي – ڏيجو.

• **طُمْطَراقُ:** ذ.(ف. طُمْ = بلند + طراق = خوشي) خوشي. شان – ڪرفر – شوڪت – دٻدٻو – ڏوم ڏام – اڊنبر – ڊانڊيس. وڏائي – هٺ – ايمان – جبر – ڏاڏائي.

• **طَمْعَ ج طَمْعُونْ:** ث. (ع. طَمْع + لالچ رکڻ) لوڀ – لالچ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حرص. خواهش – چاهه – گهرج – ضرورت. اميد.

طَمْعْدارُ ج طَمْعْدارَ: ذ. صفت. (ع. طمع + ف. دار > داشتن = رکڻ) طمع رکندڙ – لالچي – لوڀي.

طَمْعِيْ ج طَمْعِيْ: ذ. صفت. طمع وارو – طمعو – طاماعو – لالچي.

طَمْنْچو ج طمنْچا: ذ. (ف) ننڍڙي بندوق – پستول – تپاچو.

طَنابَ ج طَنابُوْنْ: ث. (ع. طُنُب ج طناب = تنبوءَ جي رسي) طنبوءَ جي رسي. زمين ماپڻ جي رسي. بازيگرن جي نوڙي. ڏوري – رسي – نوڙي – ڏور.

طَنابِيْ ج طَنابِيْ، طنابِيُون: ذ. ث. صفت. رسي سان زمين وغيره جي ماپ کندڙ – طنابُ – تورينڊڙ. طنبور جي تُنبي. طول جي ماپ – روينيو جي ماپ.

طَنْبُوْ ج طَنْبُوْ: ذ. ڪپڙي جو ناهيل اڏيل گهر. خيمو.

طَنبُوْرُ ج طَنْبُوْرَ: (ع). ساز جو هڪ قسم – وڏي ڳڻ سان تارن وارو ساز جيڪو آڱرين سان وڄي.

طَنْبُورو ج طَنْبُورا: ذ. (ع). ساز جو هڪ قسم – دَنْبورو.

طَنْزَ ج طَنْزُوْنْ: ث. (ع).ناز نخري سان ڳالهه ڪرڻ جي حالت. طعنو – مهڻو – اوپالو. اهل – ويچارا – ٺٺول – مسخري – ٽوڪ – چٽر.

- طَنْزْ ڪَرڻْ: طعنا هڻڻ. ويچارا ڏيڻ – ٺٺول ڪرڻ.

طَوافُ ج طَوافَ: ذ. (ع. طواف > طَوف = چوڌاري ڦرڻ) چوڌاري ڦرڻ جي حالت – ڦيرو – گهمرو. ڪعبةالله جي چوڌاري ڦرڻ جي حالت.

- طوافُ ڪَرڻْ: چوڌاري ڦرڻ – ڦيرو ڪرڻ. ڪعبي جي چوڌاري ڦرڻ.

طَوالَتْ ج طَوالَتُوْنْ: ث. (ع. طوالت > طول = ڊگهو ٿيڻ) ڊيگهه – طول – لنبائي – واڌ – درازي. زيادتي – واڌارو – گهٽائي.

طوائِفْ: ذ. (ع). طائفه جو جمع – گروهَ – تولين (ث). ڪيري – رنڊي – ڪسبياٽي – نچڻي – ڳائڻي.

- طَوائِفُ الْمُلوكْ: ذ. بدانتظام ۽ بي اصول حڪمران ۽ حڪمراني – حڪومتي بهران جنهن ۾ حڪومت ئي پکي پائي تي رهي نه رعايا کي ئي آرام حاصل ٿئي – بادشاهه گردي.

- طَوائِفُ الْمُلوكِيْ ج طَوائِفُ الْمَلوكِيُون: ث. بادشاهه گردي – بدانتظامي – انڌير ۽ ظلم. بغاوت ۽ بد انتظامي واري حالت.

• طُوْبيٰ: ذ. (ع). تمام خوشبودار – بهشت جي هڪ وڻ جو نالو (جنهن جون ٽاريون هر هڪ جنتي جي جاءِ تي ڇانيل هونديون).

• طَوْرْ: ذ. (ع) طرز – روش – ڍنگ – نمونو – نوع. ريت – هلت چلت. (ظرف). وانگر – طرح – مثل.

– طَوْر طَرِيْقَ ج طَوْر طَرِيْقْ: ذ. رنگ ڍنگ – هلت چلت – چال چلت – رويّ – برتاءُ.

• طُوْرُ: اسر خاص. (ع). هڪ مقدس پهاڙ جو نالو. جو عربستان جي اتر اولهه ۾ آهي جنهن تي يهودين جي پيغمبر حضرت موسيٰ الله سان هم ڪلام ٿيو. جبل سينا.

– طُوْرْسِيْنا: اسر خاص. طُور جبل.

• طوسَ: ث. پشم جو هڪ قسم (ڪاراڻ، اچاڻ يا ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل پوري رنگ جي).

• طُوْس: اسر خاص. (ع). خراسان جي هڪ شهر جو نالو – فردوسي شاعر جو وطن.

– طُوْسِيْ ج طُوْسِيْ: ذ. صفت. طوس شهر جو رهاڪو. ڪپڙي جو هڪ قسم – خَاڪي ڪپڙو.

• طُوطا: اسر خاص. مرد جو نالو. ٻٽي ضلعي جي ڪلمتي قبيلي جي مَلڪ جو نالو مَلڪ طوطا.

• طوطو ج طوطا: ذ. (ف. طوطي = طوطو) هڪ مشهور پکي جو نالو – مٺو – چتون – طوطو – هلو – پوپٽ.

– طُوطا چَشْمْ ج طُوطا چَشْمَ: ذ. صفت. (ف. طوطي + چشم + اک) بي مروّت – بيوفا – اکين ڊڪ.

– طوطيْ کيْ حَقّ و اللّٰه يادُ نه رَهَنْ: بيان ڪرڻ جي طاقت نه رهڻ. زبان تي پاٽي پاٽي هئڻ. ساهه نڪرڻ تي اچڻ – سخت مصيبت ۾ ڦاسجڻ. تمام گهٽي گرمي ٿيڻ.

• طُوطِيو ج طُوطِيا: ذ. (ف). پسارڪي وکر جو هڪ قسم – زهريلي پٽر جو هڪ قسم – توتيو.

• طَوْعاً: ظرف. (ع). پنهنجي رضا ۽ خوشيءَ سان – رضامندي سان.

– طَوْعاً وَكَرْهاً: ظرف. خوشي يا ناخوشي. لاچار ۽ ناچار. نفرت سان. زوري – جبراً.

• طوغينُ، طيغون: بازدارن جو لفظ. سفيد باز. سپ کان پلو باز.

• طُوفانُ ج طُوفانَ: ذ. (ع. طوفان > طوف = وکوڙڻ – چوڌاري ڦرڻ) طوفان – زور واري سخت هوا. هوڙيندڙ پاڻيءَ جي اُٿل –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي گهيريندڙ يا تباهه ڪندڙ پاڻي. سخت چوهو – آندي – جهڪ. (اصطلاح) وڏو هُل ۽ شور. هنگامو ۽ لڙائي. مصيبت – آفت. اوريڪ.

– **طوفانَ اُٹارَڻُ:** تمام گهٽو گوڙ ۽ گهٽي گِلا ڪرڻ. بُهتان مڑهڻ.

– **طوفانُ اچڻُ:** وڏي جهڪ لڳڻ – آندي اچڻ.

– **طوفانُ بَرپا ڪَرڻُ:** فتنو فساد جاڳائڻ – هنگامو ڪرڻ. مانڊاڻ مچائڻ.

– **طوفانُ کَڙو ڪَرڻُ:** مصيبت پيدا ڪرڻ. فساد کڙو ڪرڻ. تڪليف پهچائڻ لاءِ سخت ڪوشش ڪرڻ. بدنام ڪرڻ. هنگامو ڪرڻ.

– **طوفانِ نُوحُ:** ذ. حضرت نوح جي زماني ۾ تباهه ڪندڙ طوفان.

– **طوفانِي ج طوفاني:** ذ. صفت. طوفان جو – طوفان وارو. هوادار. زوردار – زبردست. تکو – تکڙو – جلدي.

• **طوقُ ج طُوقَ:** ذ. (ع. طوق = برداشت ڪرڻ) ڳچيءَ ۾ پائڻ جو پٽو – گردن بند. ڳَٽُ ڳچيءَ ۾ پيل ڳرو رسو – ڳٽُ – قاهي. زيور جو هڪ قسم – ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڳَهُ.

– **طَوقُ پُٹلو ج طَوقُ پُٹلا:** ذ. صفت. ڳچيءَ جو ڳانو. محبوب – دلبر.

– **طَوقُ پُٹلو هَڻڻُ:** تمام گهٽو پيارو هڻڻ.

• **طولَ ج طُولُونَ:** ث. پٽراڻي – رضائي – گاديلو.

• **طُولُ ج طُولَ (ت):** ذ. (ع. طول = ڊگهو ٿيڻ) ڊيگهه – ڊگهائي – لمبائي – درازي.

– **طُولُ ڏيڻُ:** ڊيگهه ڏيڻ – وڌائڻ. ڊگهو ڪرڻ – چڪڻ.

– **طُولُ طَويلُ:** ذ. صفت. تمام ڊگهو – تمام لَنبو.

• **طُولانُ جَ طُولانِ:** ذ. ساز و سامان – مال ملڪيت "طنبو طولان. ڏيڏهو – شان – شوڪت. هَڪ – وڏائي.

• **طُومارُ ج طُوماري:** ذ. (ع. طومار > طمر = ويڑهڻ) ڊگهي لکت خط. ڪاغذن جو بنڊل – پتن جو ويڑهو – ڊگ – درو – انالو.

– **طُومارُ ٻَڌڻُ:** نندي ڳالهه کي وڏو ڪري بيان ڪرڻ – ڊگهو قصو چيڑڻ. نوڙيءَ مان نانگ ڪرڻ.

• **طَويلُ ج طَويلَ:** ذ. صفت. (طويل > طول = ڊگهو ٿيڻ) ڊگهو – لمبو. دراز. مُشڪل. علم عروض جي اٺويهن بحرن مان هڪ بحر جو نالو.

• **طَويلَهْ ج طَويلا:** ذ. (ع). گهوڙن ٻڌڻ جي جاءِ ـ طبيلو – ڪرَهه ـ اصطبل.

• **طَهارَتْ ج طَهارَتُونْ:** ث. (ع. طهارت > طَهَر = صاف ٿيڻ پاڻيءَ سان ڏوئڻ جي حالت – پاڪائي – صفائي. پاخاني ۾ پاڻيءَ سان ڏوئڻ – استنجا. مَسْحو – وضُو.

– **طَهارَتْ ڪَرڻُ:** پاڪائي ڪرڻ. هٿ ڏوئڻ – استنجا ڪرڻ.

• **طَهْرَتْ ج طَهْرَتُونْ (ڪ):** ث. طهارت.

• **طُهْرَڻُ:** مصدر. (ع. طُهْر > طَهَر = صاف ٿيڻ) طُهر ڪرڻ ختنو ڪرڻ – سنت ڪرڻ. نقصان پهچائڻ (ت).

– **طُهْر ج طُهُرُونْ:** ث. ختنو – سُنّت.

– **طُهْر وهارَڻُ:** ختنو ڪرائڻ – سنّت وهارڻ.

• **طَهْرِيَ:** ث. طاهري.

• **طَهُوَرَ ج طَهُورُونْ:** ث. (ع. طُهْر) ختنو – سُنّت – طهر.

• **طَهُورا:** ذ. (ع). بهشت جو پاڻي. بهشت جو پاڪ شراب. جيئن "ڏي طهورا تن کي، جي سڪن لاءِ شراب" (شاهه).

• **طَيِ:** ث. (ع). ويڑهڻ يا لپيٽڻ جي حالت – ويڑهه – لپيٽ. مسافري جو خاتمو. پورائي – انجام. (صفت). ختم – پورو – تمام.

– **طَيِ ٿيڻُ:** پورو ٿيڻ – ختم ٿيڻ.

– **طَيِ ڪَرڻُ:** ويڑهڻ – لپيٽڻ – تهه ڪرڻ. فيصلو ڪرڻ.

• **طَيّارُ:** ذ. (صفت). (ع). تمام تکو اُڏامندڙ.

– **طَيّارَهْ ج طَيّارَهْ:** ذ. اُڏامندڙ. هوائي جهاز.

• **طَيِبُ ج طَيِبَ:** ذ. صفت. (ع). پاڪ صاف. سنو. حلال خوشگوار. نفيس.

• **طَيْرُ ج طَيْرَ:** ذ. (ع). اُڏامندڙ ساهوارو – پکي – پرندو.

– **طَيورُ ج طَيورَ:** ذ. طير جو جمع "طيورن تناورئو، پنهون پچاڻاءِ" (شاهه).

• **طَيْشُ ج طَيْشَ:** ذ. (ع. طيش = هلڪو ٿيڻ) جلدائي. ڪاوڙ – غصو – ڏمر. جوش – ڪروڌ – عتاب. گرميءَ سبب ٿيل بي آرامي – گرمي – حدّت.

– **طَيْشُ ڏيارَڻُ:** جوش ڏيارڻ – پڑڪائڻ – ڪاوڙ ڏيارڻ.

• **طَيْشُ ۾ اچڻُ:** ڪاوڙ ۾ پرڻ – جوش ۾ اچڻ – غضبناڪ ٿيڻ.

• **طِينَتَ:** ث. (ع). پيدائش – سرشت – خِلقت. اصل – طبيعت. خَصلت – عادت – خو – سياءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظ

• **ظ:** ث. عربيءَ جو سترهون، فارسيءَ جو ويهون ۽ سنڌيءَ جو ٽيٽيهون اکر – ابجد جي حساب موجب عدد (۹۰۰).

• **ظالِمُ ج ظالِمَ:** ذ. صفت. (ظالم > ظَلَمَ = پڌو ڪم ڪرڻ. ستم ڪرڻ) ظلم ڪندڙ – بي رحم – بي قياس – سنگدل – آزاريندڙ. ناحق ڪندڙ – بي انصاف – بيدادگر.

• **ظاهِرُ ج ظاهِرَ:** ذ. صفت. (ع. ظاهر > ظهَرَ = ڏسڻ ۾ اچڻ) کليل – پٽيل – اُپٽيل – عَيان – ڇٽو – پڌرو – نروار. آشڪار – مشهور.

• **ظانِي ج ظانِي:** صفت. ظن ڪندڙ – شڪ ڪندڙ. بي ويساها. "ظاهر ۾ ظاني، فڪر منجهه فنا ٿيا" (شاهه). هُليلُ. نشانبر – ساکيات. ٻاهريون – ڏيکائتو. صريح – روشن – واضح. 'باطل' جو ضدُ.

– **ظاهِرَيْنُ ج ظاهِرِيْنَ:** ذ. صفت. (ع. ظاهر + ف. بين > ديدن = ڏسڻ) ظاهري حالت تي هلندڙ. ابن الوقت.

– **ظاهِرٽِيءُ:** ڪلڻ – پڌرو ٿيڻ. نمودار ٿيڻ. مشهور ٿيڻ.

– **ظاهِرُ ثابتِي ج ظاهِرُ ثابتِيُوْنُ:** ث. کليل ثبوت – کلي تصديق.

– **ظاهِرُ پَرَسْتُ ج ظاهِرُ پَرَسْتَ:** ذ. صفت. (ع. ظاهر + ف. پرست > پرستيدن = پوڄا ڪرڻ) ظاهري حالت تي نظر رکندڙ – ظاهر کي پوڄيندڙ. ظاهردار – دنيادار.

– **ظاهِرُدارُ ج ظاهِرُدارَ:** ذ. صفت. (ع. ظاهر + ف. دار > داشتن = رکڻ) ڏيکائي واَرو – ج ڏيکارو ڪندڙ.

– **ظاهِرُداريْ ج ظاهِرُداريُوْنُ:** ث. ڏيکاءُ – ٻاهريون نظارو.

– **ظاهِرُ ظُهُوْرُ:** ظرف. کلي کلايو – پڌري پٽ – صاف صاف – عالَم آشڪار – مشهور.

– **ظاهِرُ ڪَرڻُ:** کولڻ – افشا ڪرڻ – پڌرو ڪرڻ. مشهور ڪرڻ – اشتهار ڏيڻ. وضاحت ڪرڻ.

– **ظاهِرِ:** ظرف. کليو – پڌرو.

– **ظاهِرُوَباطِنْ:** ظرف. (ع. ظاهر + باطن = ڳجهه) اندر ٻاهر.

– **ظاهِرِيْ ج ظاهِرِيُوْنُ:** ث. مشهوري – شهرت. شنيد – پڌر. (ذ. صفتَ). ظاهرِ ۾. ظاهري طور. کليو – پڌرو – صاف – ٻهريون.

• **ظَرافَتْ ج ظَرافَتُوْنُ:** ث. (ع. ظرافت > ظَرف = سمجهداري) هوشياري – چترائي – ڏاهپ – دانائي. خوش طبعي – خوش مزاجي – مزاح – کل – جرجو.

• **ظَرْفُ ج ظُرُوْفَ:** ذ. (ع). هوشياري – فهم – دانائي – سمجهه. ٽانءُ – برتن – پانڌو – باسڻ. اندر – دل. گرامر جي اصطلاح ۾ فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان لاڳو ٿي، اُن جي ريت، قدر، انداز، وقت، جاءِ يا طرف ڏيکاريندڙ لفظ.

– **ظَرْفُ تَميزُ:** ذ. ريت، دستور، قدر يا انداز ڄاڻائيندڙ لفظ.

– **ظَرْفُ زَمانُ:** ذ. وقت جي حالت ڏيکاريندڙ لفظ.

– **ظَرْفُ مَكانُ:** جاءِ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ.

• **ظَرِيْفُ ج ظَرِيْفَ:** ذ. صفت. (ع. ظريف > ظَرَفَ = سمجهدار هنڙ) سمجهو – سياڻو – داناءُ – فهم – تيزفهم – حاضر جواب. خوش طبع – خوش مزاج – چرچائي – پوڳائي.

• **ظَفَرَ:** ث. (ع. ظَفَر = ڪامياب ٿيڻ) سوپ – فتح – جيت – نصرت – فتحمندي – ڪاميابي.

– **ظَفَرْ تَكِيوْ ج ظَفَرْ تَكِيا:** ذ. ڪاءِ جي ٽيڪ – ڪاءِ جو تڪيو – ويراڳڻ – بيراڳڻ.

– **ظَفَرْ جَنْگُ:** ذ. جنگ جي فتح. هڪ فوجي خطاب.

– **ظَفَرْمَوجُ ج ظَفَرْمَوجَ:** ذ. صفت. فتح مند – ڪامياب.

• **ظِلُّ:** ذ. (ع. ظِلّ + پاڇو ڪرڻ) پاڇو – ڇانو. سايو – ڇانءُ.

– **ظِلُّ اللهُ:** ذ. خدا جي ڇانءَ. بادشاهي لقب.

• **ظُلْمُ ج ظُلْمَ:** ذ. (ع. ظَلَمَ = ستم ڪرڻ) انڌير – ستم – جور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– جفا. پاپ. بي انصافي – بيداد – انڌ ڌنڌ. راج هُڪ – فرعونيت – سختي – زبردستي. ڏاڍ – جبر. غضب – قهر. تعدي – وَيْلُ – غريبان مار. بي رحمي – هٿيار.

• **ظُلما ظُلْمي:** ظرف. ڏاڍ سان – ظلم سان – زوران زوري – زبردستيَ – جبراً.

– **ظُلْمَ جوْ ٽڪَرُ هُئُنْ:** (اصطلاح) ڏاڍو ظالم هُئڻ.

– **ظُلْمَ جي گهاڻي ۾ پيڑجَنْ (ت):** سختيون سهڻ – ظلم سهڻ – ڏاڍ سهڻ.

– **ظُلْم رَسِيْدَه:** ذ. صفت. (ع. ظلم + ف. رسيده > رسيدن = پهچڻ) ظلم هيٺ آيل – مظلوم.

– **ظُلْم ڪَرَنْ:** ستم ڪرڻ – انڌير ڪرڻ. سختي ڪرڻ. وَيلُ ڪرڻ.

– **ظُلْمي ج ظُلْمي:** ذ. صفت. ظلم ڪندڙ – ظالم – قهار. بي رحم.

• **ظُلْمَاتَ:** ث.(ع). 'ظلمت' جو جمع – اونداهي. تاريڪي. آب حيات جي چشمه واري اونداهي. اوقيانوس. سمنڊ جو نالو – بحر ظلمات.

• **ظُلْمَتْ:** ث.(ع). ظلمات.

– **ظُلْمَتْ ڪَدَهْ:** ذ. اونداهي جاءِ ـ ڪاراڻ وارو هنڌ.

• **ظَنّ َ ج ظَنّ:** ذ. (ع. ظَنّ = گمان ڪرڻ) شَڪ – شُبهو – گمان. انديشو – خيال. ڏاڪو – اٽڪل – تَڪَ.

• **ظُهْرَ:** ث. (ع). زوال جو وقت – سج لڙئي مهل. هن پهرن لڙئي جي مهل. اڳئين ءِ جي نماز.

• **ظُهُورَ ج ظُهُوْرَ:** ذ. (ع. ظَهَرَ = پڌرو ٿيڻ) اظهار – پڌرائي – ظاهرائي. وقوع – انڪشاف. صورت – شڪل – ڏيک.

– **ظُهُورُ ٿِيَنْ:** ظاهر ٿيڻ.

– **ظُهُورَ ۾ اچَنْ:** ظاهر ٿيڻ – نمايان ٿيڻ – پڌرو ٿيڻ.

– **ظُهُورُ ج ظُهُورا:** ذ. اظهار – پڌرائي. جلوو – تجلو.

– **ظُهُورُ پَسائِنْ:** ديدار ڪرائڻ.

• **ظَهِيْرَ ج ظهِيْرَ:** ذ. صفت. (ع). ايرو – ناتوان – ڪمزور – ڏهرو – ضعيف – هيٺو. مجبور – لاچار – بي وس.

– **ظَهِيْرِيْ:** ث. ايرائي – ضعيفائي – ناتواني – ڪمزوري. لاچاري – مجبوري. پيري – ٻياپڻ – وڏپڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ع

ع: ث. (ع). سنڌي الف، ب جو چوتيهون، عربيءَ جو ارڙهون ۽ فارسيءَ جو چوويهون اکر. اُچار "عَيْنْ". ابجد جي حساب موجب عدد ستر. "عيسوي" سن لاءِ نشان طور ڪم ايندڙ. جئن "۱۹۵۴ع".

عابدُ ج عابدَ: ذ. صفت. (ع. عَبَدَ = هن بندگي ڪئي) عبادت ڪندڙ – بندگي ڪندڙ – رياضت ڪندڙ – پوڄاري – نمازي – اُپاسڪ – (خُدا)پَرست ڏرمشٽ – مُتّقي – ديندار – ڏرم ارٿ – دينيائتو – شپوڪ – داس – پڳٽ. پرهيزگار – نيڪ.

عَابدائِيْ: اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

عَاجُ ج عَاجَ: ذ. (ع). هاٿيءَ جو وات جي پرواري هڏو – هاٿيءَ ڏندُ.

عَاجُ بَنْدُ ج عَاجُ بَنْدَ: ذ. عاج سان جڙيل – عاج وارو – عاج پيل عاج جو ڪم ڪندڙ.

عَاجُكُوْجُ عَاجُكَا: ذ. صفت. عاج جو – عاج وارو – عاج پَيَل – عاجُ بَنْدُ.

عاجُگِيْرُ ج عَاجُگِيْرَ: ذ. صفت. عاج جو ڪم ڪندڙ.

عَاجِزُ ج عاجِزَ: ذ. (ع. عَجِزَ = ڪمزور ٿيو > اسم فاعل. عاجز) ڪمزور – نستو – هيٺو – بي وس – بي پهُچ – ناتوان – لاچار – مجبورُ – مَعْزُوْرُ – ويچارو. ٽڪلُ – مَانْدو – پريشانُ – مايوس. نماٿو. ورڇيلُ. دُکي – سَتَايَل. غريب – مسڪين – محتاج.

عَاجِزُ آهِنْ، ٿِيَنْ: لاچار ٿيڻ – بيوَسَ ٿيڻ – "عاجز اچي ويو عُنْصري، الخ" (عرس). مجبور ٿيڻ. ڪَڪُ ٿيڻ – ٽڪجڻ.

عَاجِزُ ڪَرِنْ: مجبور ڪرڻ – لاچار ڪرڻ. دِق ڪرڻ. رَنْج ڪرڻ – ستائڻ.

عَاجِزِيْ ج عاجزِيُوْنْ: ث. هيٺائي – نِستائي – ڪمزوري. ٽڪاوٽ – مَانڊگي – ماندڪائي. پريشاني. نماٿائي – نهَنَائي – هيناهيْن. اِلْتجا – منٿ – عرض – آزي نيَازي – نيزاري – زَاري. لاچاري – مجبوري – اَٽسَرَنْدي.

– عَاجِزِي ڪرِنْ: منٿ ڪرڻ – لِيلاڙڻ – اِلتجا ڪرڻ – آزي نيازي ڪرڻ. هَٿ بَڌڻ.

– عَاجِزَهْ: ث. (ع. عَجُوْز > عَاجِزَهْ). عورت – ناري – زال (ل – ت). نِيْنگري – چوڪري – چُهَر ـ نياڻي.

• **عَادُ:** اسم خاص. قديم زماني جي هڪ قوم جو نالو – (جنهن تي حضرت هود عليه السلام پيغمبر مقرر ٿيو – قوم جو عاد بن سام بن نوح سان تعلق. هيءَ قوم خدا تعالىٰ جي نافرماني سبب سخت طوفان ۾ تباهه ۽ برباد ٿي وئي).

• **عَادَتَ ج عَادتون:** ث. خصلت – سُڀاءُ – خُوءِ ـ طبيعت – خاصيَت. چال. چلت – هلت – روش. علَتَ. ريت – نمونو – پَرِ ـ رسم – ڍَنگ – نيَم – دستور – شيَوو – رواج.

– عَادتًا (عَادتن): ظرف. عادت کان – عادت جي ڪري – علت جي ڪري – هيرَ جي ڪري.

– عَادت پوڻ: هيرَ پوڻ – علت پوڻ – غذا پوڻ – عادي ٿيڻ – هانڌاڻُ پوڻ.

• **عَادتي ج عادتي:** ذ. صفت. عادت وارو – علتي – هانڌاڻي – هيراڪ – هيرائتو – هريلُ. عادي.

• **عادَتِيْ گُنهْگَارُ ج عَادتِيْ گُنهْگَارَ.** ذ. صفت. عادتي گناهن ڪرڻ وارو – گناهه ڪرڻ جو عادي – گناهه جو هيراڪ.

• **عَادِلُ ج عادِلَ:** ذ. صفت. (ع. عدل = هُن انصاف ڪيو) عدل ڪندڙ – انصاف ڪندڙ – آچاري – نياڪاري – منصف – جج – قاضي. حقي فيصلو ڪندڙ – انصاف پسند – حق ۽ ناحق ڏار ڪندڙ.

• **عَادِلْ پُوْرِ:** اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **عَادِيْ ج عَادِيُ:** صفت. هر هڪ عادت کي چهڻي پوڻ وارو ـ سخت علتيُ ـ عادتي. ٻانڌاڻي ـ هيراڪ.
ـ **عَادِيْ ٽِيَنْ:** عادتي ٽيڻ ـ علتي ٽيڻ ـ هيراڪ ٽيڻ.
• **عَارُ ج عَارَ:** ذ. (ع. عريْ + اُگهاڙو) شرم ـ حياءِ ـ لج ـ لِيْهه ـ مَرمُ ـ ڦڪائي ـ حجاب ـ شرمندگي ـ شرم جي ڳالهه. بدنامي ـ بدناموسي. ڪنر ـ غيرت ـ نڪ ناس ـ پتو ـ حئيف. آيمان ـ اپجسُ ـ هتڪ عزت ـ هتڪ حرمت. ننگ ـ عيب وڏ ـ برائي.
ـ **عَارُ اَچَنْ:** شرم اچڻ ـ لج اچڻ ـ حجاب ٽيڻ.
ـ **عَارُ ڪَرَنْ:** حياءُ ڪرڻ ـ شرم ڪرڻ ـ لج ڪرڻ. عيب سمجهڻ ـ ننگ معلوم ڪرڻ.
• **عَارَبُ:** اسم خاص. ماڻهوءَ جو نالو.
• **عاربائِيْ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ڪوٽ ڏيجي (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **عارَبِيْ:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **عارِضُ ج عارِضَ:** ذ. ڳَلُ ـ ڳِنو ـ رُخسارُ. فوج جي تخميني لڳاڻ وارو. لاڪ هٽڻ وارو ـ پيش اچڻ وارو.
• **عارِضُ هُئَنْ:** پيش اچڻ. پيدا ٽيڻ ـ نمودار ٽيڻ ـ ظاهر ٽيڻ.
• **عارَضُو ج عارضا:** ذ. صفت. (ع. عَرَضَ = لاحق ٽيڻ) بيماري ـ مرضَ ـ روڳَ ـ تڪليف.
• **عارِضِيْ ج عارِضِيْ:** ذ. صفت. ٿوري وقت لاءِ ـ ڏينهن لاءِ ـ وقتيَ ـ اتفاقيَ. شرطي ـ جڙتو ـ مصنوعي.
• **عارِفُ ج عارِفَ:** ذ. صفت. (ع. عَرَفَ = سڃاڻڻ) سڃاڻندڙ ـ واقفَ ـ ڄاڻندڙ ـ ڄاڻو. خدا کي سڃاڻندڙ ـ الاهي معرفت وارو ـ محبت الاهي ۾ غرق. سياڻو ـ عقلمند ـ داناءُ.
• **عارِيْ ج عارِيْ:** حياءُ ڪندڙ ـ عار ڪندڙ ـ شرم ڪندڙ ـ پري پجندڙ ـ بيزار. غير واقف. خالي جيئن: "علم کان عاري" وغيره. اڳاڙو ـ ننگو. عاجز ـ لاچار ـ مجبور. اُڌارو ورتل.
• **عازِمُ ج عازِمَ:** ذ. صفت. (ع. عَزْمُ + ارادو ڪرڻ) ارادو ڪندڙ ـ قصد ڪندڙ. ڪنهن شيءِ تي دل لڳائيندڙ ـ چاهيندڙ ـ گهرندڙ.
• **عاشِقُ ج عاشِقَ:** ذ. صفت. (ع. عشق = محبت ڪرڻ) عشق وارو ـ عشق ڪندڙ ـ بي انتها پيار ڪندڙ ـ مُحبّ ـ مفتون ـ فريفته ـ شيدائي ـ نثار.
ـ **عاشقاڻُ ج عاشقاڻا:** ذ. صفت. عاشق جو ـ عاشق جهڙو. عاشق جي حالت وارو ـ عاشق جي مزاج مطابق.
ـ **عاشِقُ ٽِيَنْ:** پيار وارو ٽيڻ ـ محبت وارو ٽيڻ ـ چاهيندڙ ٽيڻ اکيون لڙائڻ ـ دل لڳائڻ ـ دل ڏيڻ ـ محبت ڪرڻ. مفتون ٽيڻ ـ فريفته ٽيڻ ـ فدا ٽيڻ ـ نثار ٽيڻ ـ قربان ٽيڻ.
ـ **عاشِقُ مزاجُ ج عاشِقِ مزاجَ:** ذ. صفت. عاشقاڻي طبيعت وارو ـ حُسن پرَست.
ـ **عاشِقُ مَعْشُوقُ ج عاشِقَ مَعْشُوقَ:** ذ. ث. هڪٻئي سان عشق ڪندڙ ـ مُحبُ ۽ مَحبُوب.
ـ **عاشقيْ ج عاشقيُونْ:** ث. عشق ـ محبت ـ پيار ـ قرب ـ پريم
• **عاشُورُ ج عاشُورا:** ذ. (ع. عاشُورَه > عَشَرَ = ڏهَ) مُحرّم مهيني جي ڏهين تاريخ حضرت امام حسين (ع) جي شهادت جو ڏينهن.
• **عاصِيْ ج عاصِيْ:** ذ. (ع. عَصِي = هن بي فرماني ڪئي گنهگار ـ مُجرم ـ خطا ڪار ـ ڏوهاري ـ گناهي ـ خطاوار ـ قصور وارو ـ تقصير وار ـ حڪم عدول. نافرمان ـ قُرَيلُ.
• **عاطِفَتْ:** ث. (ع. عطف = مهرباني) لطف ـ عنايت ـ شفقت ـ نوازش ـ هاڃه ـ ڪرم.
• **عافِيَتَ ج عافِيَتُونْ:** ث. (عفا = هو آرامي ۽ صحت مند ٿيو صحت ـ تندرستي ـ چڱيلائي ـ چاقائي ـ نروياڻي. آرام ـ راحت ـ خوشي ـ فرحت ـ سرهائي. سلامتي ـ خيريت ـ خير خوبي ـ امن امان.
ـ **عافِيَتَ تُنْگ ڪَرَنْ:** ڪنهن جي عيش آرام ۾ دخل ڏيڻ ـ آرام ڦٽائڻ ـ آرام سان وهڻ نه ڏيڻ.
• **عاقّ ج عاقّ:** ذ. صفت. (ع). ماءُ ـ پيءُ کان نافرمان ـ بي چيو ـ ڪپوت ـ ناصالح ـ وَڙي کان خارج. خراب. "عُمَرَ اُوءِ عاقّ، ڏکيا جمّ ڏکوئين" (سرمارئي ـ شاهه).
• **عاقِيْ ج عاقِيْ:** ذ.صفت. نافرمان ـ بي چيو. هٺيلو ـ باغي ـ نَ ـ هوڏي ـ اٿونو ـ شدّتي ـ نَجس ـ قَدي ـ نرجو ـ اهنبه
• **عاقِبَتْ ج عاقِبَتُونْ:** ث. (ع. عَتَب = هو پنيان آيو) پڇاڙي ـ آخر ـ انجام ـ توڙ ـ ڇيهُ ـ نتيجو. ايندڙ زمانو ـ آئنده مستقبل. حساب وارو. قيامت جو ڏينهن ـ آخرت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **عَاقِبَتَ أَنْديشُ:** آخو پيچو جاچيندڙ – اڳپوءِ جو ويچار ڪندڙ. آخرت گهرليندڙ. دوراندیش – عاقل – هوشيار – داناءُ.
- **عَاقِبَتَ أَنْديشي:** ث. اڳ پوءِ جي جاچ – دوراندیشي – دڳهي نظر. سياڻپ – عقلمندي.
- **عَاقَرقَرْحو:** ذ. (ع. عاقر قَرحا) پساريڪي وکر جو هڪ قسم. ڏندن جي درد لاءِ هڪ مفيد دوا. هڪ ٻوٽيءَ جو قسم.
- **عَاقِل:** اسر خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.
- **عَاقِلُ ج عَاقِلَ:** ز. صفت. (ع). عقل وارو – فهميدو – سياڻو – ڏاهو – داناءُ – اڪابر – دانشمند. (ث. عاقله). (اسر خاص). تعلقي تندي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **عَاقِلاڻي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **عَاقِلُ پور:** اسر خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **عَاقِل هَكرُو:** اسر خاص. تعلقي رتيديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **عَاقُوبَتَ ج عاقوبتونْ:** ث. (ع. عاقبت) عاقبت – پڇاڙي. ڇڏ – تعدي.
- **عَالَمُ ج عالَمَ:** ذ. (ع). دنيا – جهان – جڳ – سنسار – جڳت. پرتڻي. مخلوق – آدم – لوڪ – خلق. زمانو – وقت – دؤر – سمو – عهد. طور – طريقو – ڍنگ.
- **– عَالَمُ آرا ج عالم آرا:** صفت. دنيا کي ٺاهڻ وارو – جهان کي سينگارڻ وارو.
- **– عَالَمُ آشكارَ ج عالم آشكارَ:** ظرف. دنيا ۾ پڌرو – جهان ۾ ظاهر – مشهور – هاڪارو – نالبرو – عام – واضح – کليل.
- **– عَالَمَ آشكارَ هئڻ:** ظاهر هئڻ – پڌرو هئڻ – مشهور هئڻ – هاڪارو هئڻ – نالبرو هئڻ.
- **– عالَمُ أَرْوَاحُ ج عالم أرواحَ:** ذ. روحن جو جهان – روحن جي دنيا.
- **– عَالَم اسْبَابُ:** ذ. دنيا جو سازو سامان.
- **– عَالَمُ أَصْغَرُ:** ذ. ننڍي دنيا – هي جهان. بقا جي جهان جو ضد – فاني جهان.
- **– عَالَمُ أَكْبَرُ:** وڏو جهان – هوءِ دنيا. بقا جو جهان – آخرت.
- **– عَالَمُ أَفْروزُ:** صفت. دنيا کي روشن ڪرڻ وارو – سج – شمس – سورج.
- **– عَالَمُ بَالاَ:** متاهين دنيا. آسماني جهان – ٻيو جهان – پرلوڪ. آسمان – عرش. بهشت.
- **– عَالَمُ بَرْزَخُ:** ذ. روحن جي گڏ ٽيڻ جي جاءِ (جتي روح قيامت تائين محفوظ هوندا).
- **– عَالَمُ پَنَاهُ ج عَالَمُ پَنَاهَ:** ذ. جهان جو آجهو – دنيا جو آجهو. شهر جي پناهه لاءِ ڪوٽ ماٺهن جي بچاءَ لاءِ قلعو. اهو شخص جنهن وٽ مخلوق کي امن ملي. بادشاهه.
- **– عَالَمُ جَاوِيْدُ:** ذ. آخري دنيا – فنا نه ٿيندڙ جهان – باقي جهان – بقا جو جهان – هميشه رهندڙ جهان.
- **– عَالَمُ جنّاتُ:** جنن پوتن جي دنيا. جنن ۽ پرين جي دنيا.
- **– عَالَمُ ڈَيكارتْ:** دنيا ڏيڪارڻ – جهان ڏيڪارڻ. جواني ڏيڪارڻ – انداز ڏيڪارڻ. رونق ڏيڪارڻ.
- **– عَالَمُ سِفْلِيْ:** ذ. هيٺيون جهان. هي دنيا. زمين. خاڪ.
- **– عَالَمُ صَغِيْرُ:** ذ. انسان ۽ انسان جو جسم – جامع انساني لڪل جهان.
- **– عَالَمَ غَيْبُ ج عَالَمَ غَيْبَ:** ذ. لڪل جهان. ٻيو جهان – هي دنيا – پوشيده دنيا.
- **– عَالَمَ كَبِيْرُ:** ذ. دنيا – جهان – سنسار. قدرت. طاقت.
- **– عَالَمُ گِيْرُ:** صفت. جهان کي فتح ڪرڻ وارو – دنيا تي ڇانيل عظيم الشان بادشاهه. (اسر خاص). تيموري خاندان جي مشهور بادشاهه (اورنگزيب) جو لقب.
- **– عَالَمَ نَاسُوْتَ:** ذ. (ع. ناس = انسان) انسانن جي جيائپي واري دنيا. فاني دنيا.
- **– عَالِمُ ج عَالِمَ:** ذ. صفت. (ع). علم وارو. پڙهيل – ودوان. سڃاڻ – سمجهو – زيرڪ – سياڻو – ڏاهو – هوشيار. مذهبي پيشوا – مولوي.
- **– عَالِمُ الْغَيْب:** ذ. (صفت. (ع. ڳجهه جو ڄاڻو) غيب جون ڳالهيون ڄاڻندڙ – دانابينا. الله تعاليٰ.
- **عَالَمُ آرائي:** اسر خاص. تعلقي اياوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **عَالِمَاڻِي:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **عَالِمُ آباد:** اسر خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **عَالِي ج عَالِيْ:** ذ. صفت. (ع. علا = هو مٿانهون ٽيو) مٿي کيل – بلندي ڏنل – بلند – مٿانهون – بالا – رفيع – اعليٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– برتر – اوچو – وڏو – عظيم – ڪلان (عزت) چڙهيل – درجي چڙهيل – سرفراز. ممتاز. عزت وارو – مانوارو – قابل عزت. نامور – نامياروـ مشهور.

– **عَالِيْ تَبَارُ ج عالِيْ تَبَارَ:** ذ. صفت. وڏي اصل ۽ نسل وارو – پيڙهائتو – بنيادي – خانداني. حضرت.

– **عَالِيْ جَاهْ:** صفت. وڏي مرتبي وارو – وڏي عزت وارو – بلند شان وارو – عالي مرتبہ – بلند پايہ.

– **عَالِيْجَنَابْ:** صفت. وڏي مرتبي وارو – مٿانهين شان وارو – وڏي اصل ۽ نسل وارو. عزت جو هڪ لقب.

– **عَالِيْ حَضْرَتْ:** ذ. صفت. وڏي مرتبي ۽ عزت وارو.

– **عَالِيْ خَانْدَانْ:** ذ. صفت. وڏي گهراڻي وارو – وڏي خاندان وارو – وڏي گهرجو – اميرزاده ـ شريف زادو.

– **عالِيْ دِمَاغْ:** صفت. وڏي دماغ وارو – روشن دماغ. بلڪل خبردار – تمام هوشيار – داناءِ – عقلمند. اوچن خيالن وارو.

– **عالِيْ شَانْ ج عَالِيْ شَانَ:** ذ. صفت. وڏي شان وارو – شاندار. عمدو – رونق وارو – جلويدار – پيڪو رکندڙ. تمام وڏو – شاهي – بلند – شاهاڻو.

– **عَالِيْ قَـدْرْ:** ذ. صفت. وڏي مرتبي وارو – وڏي عزت وارو – عظيم الشان – عالي مرتبہ.

– **عَالِيْ هِمْتْ:** صفت. وڏي همت وارو – وڏي دل وارو – صاحب جرأت – دلير – سورهيہ. بلند نظريہ – بلند خيالات وارو. سخي – فياض.

• **عَالِيْ سَمونْ:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **عَالِيْ سُومْرُو:** اسر خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **عَالِيْ كِيهَرْ:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **عامْ ج عامَرْ:** صفت. (ع. عَمّ = عام ٿيو) پکڙيل – ڦهليل. مشهور – پڌرو – ظاهر – آشڪار. معمولي – رواجي – رسمي – هالو چالو – رائج سادو – بازاري – هلڪو – گهٽ – ادنيٰ. سڀ جو – وڃ جو – سمان – هڪجهڙو. سڀ – ماڻهو – خدا جي خلق – مخلوق. صوفين جي اصطلاح ۾ صوفي طريقي کان غير واقف. عام يا رواجي ماڻهو. علم منطق جي اصطلاح ۾ سڃي مبتدا جو اثبات يا نَهي ۾ خبر ڏيڪاريندڙ جملو. جيئن: "سڀ ماڻهو مرڻا آهن. ڪوبہ مُئو وري جيئرو نہ ٿيو آهي" وغيرہ.

• **عامُ خاصْ:** صفت. ننڍو وڏو – اعليٰ ادنيٰ – هيٺاهون مٿاهون.

– **عام راءِ:** ث. سڀني ماڻهن جي راءِ ـ سڀ جو خيال.

– **عامُ فَهَمْ:** صفت. هر ڪنهن جي سمجهہ ۾ اچڻ وارو (مضمون يا ڪتاب يا گفتگو) – آسان – سُولو.

– **عامُ مُخْتارْ ج عامَ مُخْتارَ:** ذ. صفت. ڏٽيءَ جي پاران عام ڪمن ڪرڻ جي اجازت مليل ملازم – نائب – ڪم هلائيندڙ – وَڪيلُ – مختار. گماشتو.

– **عامُ مَعافِيْ ج عامَ مَعافِيُوْنْ:** ث. رواجي معافي. سڀني لاءِ معافي – عام خاص لاءِ معافي.

– **عامُ ميڙ ج عامَ ميڙَ:** ذ. عام جي ڪڏجاڻي. عام جلسو.

• **عامِيْ ج عامِيْ:** ذ. صفت. عام ماڻهو. نالائق – مشهور – نامياروـ پڌرو. عامجام. اڻ ڄاڻ – جاهل. رواجي.

• **عامِرْ:** اسر خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **عامَراجِيْ:** اسر خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **عامَرْجِيْ:** اسر خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **عامِر نار:** اسر خاص. تعلقي تندي باگي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **عامرِيْ:** اسر خاص. سَن ۽ لَڪيءَ جي وچ ۾ هڪ قديم ڳوٺ جو نالو.

• **عامڑا:** اسر خاص. تعلقي ميرپور بٹوري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **عامَلْ:** اسر خاص. سنڌ جي هندن جي هڪ طبقي جو نالو (جيڪي ميرن صاحبن جي نوڪري ۾ هئا).

• **عاملُ ج عامِلَ:** ذ. (ع. عَمل = هن ڪيو) عمل ڪندڙ – عملدار – حاڪم – آفيسر. شاهي عهدي وارو. سرڪاري نوڪر. (صفت). علم نجوم موجب عمل جي دعويٰ ڪندڙ. منترجنتر ڪندڙ.

– **عاملِيْ:** ث. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **عائِدْ:** صفت. (ع. عَودُ = موٽڻ) روڪ – رڪاوٽ – بندش.

• **عائِدْ كَرَنْ:** مٿان مڑهڻ – مُسلط ڪرڻ.

• **عبادَتْ ج عِبادَتُوْنْ:** ث. (ع. عَبَدَ = هن بندگي ڪئي) اِطاعت (خدا جي) – بندگي – نمازَ – سَجدو – تَسبيح – طاعت – پڄتي (خدا جي).

– **عبادَتْ خانوْ ج عِبادتْ خانا:** ذ. بندگيءَ جي جاءِ ـ مسجد – عبادت گاهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **عبادَتگاهُ ج عبادَتگاهَ:** ذ. صفت. عبادت جي جاءِ ـ عبادت خانو – پرستش گاه ـ مَعبد – مندر – ٹِکاڻو. ديول.

– **عبادَتي ج عبادَتِي:** ذ.صفت. عبادت ڪندڙ – عابدُ. ديندار – خدا ترس.

• **عبارَت ج عبارَتُونْ:** ث. بيان – مضمون. لکت – تحرير. لکت جو نمونو – لکڻ جي طرز – لکڻي – انشا. خط جي ايڊريس – سرنامو.

• **عَبّاسُ:** ذ. (ع). حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي چاچي جو نالو. حضرت علي ڪرم الله وجه جن جي فرزند جو نالو (جو ڪربلا جي ميدان ۾ شهيد ٿيو). هڪ ٻوٽيءَ جو نالو (گل عباس).

– **عَبّاسِي ج عَبّاسِيْ:** صفت. حضرت عباس جي خاندان جو لقب. ڏور عَباسيہ جو ڪارو رنگ (خلفاءِ عباسيہ جو پسنديده رنگ، جو اُنهن پنهنجي لباس کي ڏياريو). گل جو هڪ قسم. پٽر جو هڪ قسم – (آمريڪا جي پيرو ملڪ جو سنگمرمر). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. هڪ سڪي جو نالو.

• **عبّاسِي گُلْ:** ذ. هڪ ٻوٽيءَ جو نالو (پن زيتون جي پنن جهڙا، نندا، ساوا، نرم، گل خيري وانگر ڳاڙهاڻ ۾ اچاڻ تي مائل. قَرُ بادام جيڏو ۽ ڪاري رنگ تي ٻج ۽ ڪائيون دوائن جي ڪم اچن).

• **عَبَثُ:** صفت. (ع. عَبَث = هن اجايو ڪم ڪيو) اجايو – بي فائدو – خالي پيلي – فضول – لاحاصل. بيڪار – نڪمو – نڪارُ. سبب ڪان سواءِ ـ ناحق – هروپرو – خواه مخواه.

• **عَبْدُ:** صفت. (ع. عَبد = هن بندگي ڪئي) غلام – ٻانهون – گولو – بندو – تابعدار – مطيع. نوڪر – نفر – چاڪر – ملازم. خدمتگار – ٽهليو – پيلي.

– **عَبْدِيّت:** ث. غلامي – ٻانهپ – گولپ – بندگي – تابعداري.

• **عَبدالُ:** اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَبْدُ الْمُطّلِب:** اسم خاص. (ع). حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن جي ڏاڏي جو نالو.

• **عَبْدُ الْمَنّان:** اسم خاص. (ع). حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن جي پڑ ڏاڏي جو نالو.

• **عَبْدُ اللّٰه:** اسم خاص. حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن جي والد جو نالو.

• **عَبْدُاللّٰه دِڪَنْ:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَبْدُاللّٰه جَکرانِيْ:** اسم خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَبْدُاللّٰه مَهَر:** اسم خاص. تعلقي ڪُڑهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَبْدُلانِيْ:** اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو. (رستمانين جي شاخ).

• **عَبْدُوْجاگِيْرَ:** اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَبْدُوْمَهْنُ:** اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عِبْرانِيْ ج عِبْرانِيْ:** ذ. (ع). يهودي. (ث). يهودين جي ٻولي. (صفت). يهودين جو.

• **عِبْرَتَ ج عِبْرَتُوْنْ:** ث. (ث). انديشو – عجب – حيرت – تعجب – اچرج. هيبت – خوف. سبق. ٻئي جي مثال مان حاصل ڪيل نصيحت – تاڪيد.

– **عِبْرَتَ جي ماڳ ۾ اچڻ:** عبرت حاصل ڪرڻ – سجاڳي پرائڻ.

– **عَبْرَتَ گاهُ ج عِبْرَتَ گاهَ:** ذ. حيرت جي جاءِ.

– **عِبرَتَ ۾ پَوَنْ:** حيرت ۾ ٻوڙ.

– **عَبْرَتَ وَنْ:** اچرج لڳڻ – تعجب لڳڻ – عجب وڻڻ – عجب ۾ ٻوڙ – حيرت وڻڻ – حيران ٿيڻ – متحير ٿيڻ. ٻئي جو حال ڏسي نصيحت وڻڻ – نتيجن کي ڏسي خبردار ٿيڻ.

• **عُبُوْدِيّتْ:** ث. (ع. عبد = هن بندگي ڪئي) غلامي – ٻانهپ – بندگي – عبديت.

• **عُبُوْرَ:** ذ. (ع. عَبَرَ + هو گذري ويو) پاڻيءَ مان هڪ طرف کان ٻئي طرف لنگهي وڃڻ. گذر – گذارو – اُڪارو – لنگهه.

• **عُبُور گَرَنْ:** پاڻيءَ مان هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ڏانهن وڃڻ. درياه پار ڪرڻ. ڪنهن رستي تان پار وڃڻ – رستي تان لنگهڻ – گذرڻ – اُڪرڻ.

• **عَبيرُ ج عَبيرَ:** ذ. (س. اَنْبَرَ. ف. عَنْبَرَ + آسمان) ڪبڙي جو هڪ قسم (آسماني رنگ تي) – خوشبوءِ دار شيءِ (گاجرا).

• **عَبَهَرَ:** ذ. گل جو نالو. نرگس.

• **عِتابُ ج عِتابَ:** ذ. (ع. عَتَبَ = هو ڪاوڙيو) بيزاري ۽ خفگيءَ جو اظهار – ملامت. جهٽڪ – چَنڊَ – ڏهنامو. مهٽو – ڏوراپو –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طعنو – ٽوڪ – شڪايت – چاٽڪ – ٽُنڪو – وڍ – ڪاوڙ – چڙ. غصو.

• **عِتْرَتَ:** ذ. (ع). اولاد – نسل.

• **عَجائِبُ ج عَجائِبَ:** ذ. (ع جمع عجب جو). عجب وارو – اچرج جهڙو – عجب جهڙو – عجيب – حيرت انگيز – عجيب و غريب – ناشنيدو – اڻُنبي.

• **عَجائِبُ:** هڪ گل جو قسم (Hibicus).

– **عَجائِبُ خانو ج عَجائِبُ خانا:** ذ. ڏسڻ لاءِ (قديم يا جديد زماني جي) عجيب عجيب شين محفوظ ڪرڻ جي جاءِ ـ عجائب گهر – لائبريري ميوزم.

– **عَجائِبُ وغَرائِبُ هُنُ:** عجب جهڙو هئڻ. حيرت جهڙو هئڻ.

• **عَجائِبُ پُور:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَجَبُ ج عَجَبَ:** ذ. (ع). اچرج – حيرت – تعجب – حيراني. (صفت). اچرج جهڙو – حيرت انگيز – عجيب. نئين نموني جو – نه ڏٺو نه ٻڌو – نرالو – خاص. اڳ نه ڏٺل – نادر – نئون – عجيب و غريب. (ل). پرت جو هڪ قسم. فراسيءَ جي گلڪاريءَ جو هڪ نمونو (لغت مهيري).

– **عَجَبُ اِسْرارُ ج عَجَبُ اِسْرارَ:** ذ. ڏاڍي حيرت – عجب رنگ – عجب جهڙي شيءِ.

– **عَجْبائِتُ ج عَجْبائِتا:** ذ. صفت. حيرت انگيز – عجب جهڙو – عجيب – نرالو.

– **عَجَبَ جَهڑُ ج عَجَبَ جَهڑا:** ذ. صفت. حيرت – جهڙو – عجيب – حيرت انگيز. صفت. اڳ نه ڏٺل – نادر.

– **عَجَبُ رَنْگُ ج عَجَبَ رَنْگَ:** ذ. عجيب ڪر – اچرج جهڙو نظارو. حيرت پيدا ڪندڙ نظارو – حيرت جهڙو تماشو.

– **عَجْبِرْيُ ج عَجْبِرْيُونْ (ل):** ث. فراسيءَ جي چٽن جو هڪ قسم (مهيري).

• **عِجْزُ ج عِجْزَ:** ذ. (ع). عَجَزَ = هيٺو ٽيو) نهنائي – نمرتا – نياز – هيناهين – نوڙت – نيازي. نيزاري – تسليم.

• **عِجْلَتْ ج عِجْلَتُونْ:** ث. (ع. عَجَلَ + هن تڪڙ ڪئي) جلدائي – تڪڙائي – تيزي – سُرْعَتَ – شتابي.

• **عَجَمُ:** اسم خاص. هڪ مُلڪ جو نالو – ايران – فارس – پارس. عرب کان سواءِ ٻيو ملڪ. "عَرَب و عَجَمُ".

• **عَجُوبُ:** ذ. صفت. (ع). نهايت عجيب – حيرت پريو.

• **عَجُوزُ ج عَجُوزَ:** (ع. عَجَزَ = هو عاجز ٿيو) عاجز ماڻهو. ڪراڙي زال.

• **عَجِيْبُ ج عَجِيْبَ:** ذ. صفت. (عَجَبُ = عبرت) عجب جهڙو – اچرج جهڙو – حيرت انگيز – تعجب خيز – اجنبي – اوپرو. بي مثال – لاثاني – يڪانو – مُفرد (صفت). دوست – يار – رفيق – سنگتي. محبوب – معشوق – سپرين – ساجن – مُحب – منڌار – دلبر – جانب – پيارو.

– **عَجِيبائِيْ ج عَجِيْبائِيُوْنْ:** ث. عجب واري حالت – عجب يا اچرج جو سبب.

– **عَجِيْبُ وَغَرِيْبُ ج عَجِيْبُ وَ غَرِيْبَ:** ذ.صفت. عجيب عجيب – عجيب قسمن جهڙو. تعجب جهڙو.

• **عَدالَتَ ج عَدالَتُونْ:** ث. (ع. عَدلْ = اِنصافُ) انصاف – نياءِ – دادُ – عَدلُ. انصاف ڪرڻ جي جاءِ ـ انصاف گهر – عدالت گهر – ڪورٽ – ڪچهري – نياءُ گهر.

– **عَدالَتَ كَرَنْ:** انصاف ڪرڻ – داد ڪرڻ – نياءُ ڪرڻ – فيصلو ڪرڻ – نبيرو ڪرڻ.

– **عَدالَتِيْ ج عَدالَتِيْ:** ذ.صفت. عدالت جو – ڪچهريءَ جو – انصاف جو – قانوني – شرعي.

– **عَدالَتِيْ كَمْ كَرَنْ:** انصاف جو ڪم ڪرڻ – عدالت جو ڪم ڪرڻ. قانوني ڪم ڪرڻ – شرعي ڪم ڪرڻ. شرعي نموني هلڻ.

– **عَدالَتِيْ مَحْكُمُوْ ج عدالتي مَحْكَمَا:** ذ. انصاف ڪندڙ ڪاتو – قانوني ڪاتو – عدالتي – ڪاتو – انصاف جي جاءِ ـ انصاف گهر.

• **عَدَاوَتَ ج عَدَاوَتُونْ:** ث. (ع. عَدُوّ). ويڑ – دشمنو – دشمني – وروڌ. ڪلهت – ڪينو – ڪپٽ – بغض – بدخواهي – بيائي. معاملو – جهگڙو – جڏ.

– **عَدَاوَتِيْ ج عَدَاوَتِيْ:** ذ. صفت. ويري دشمن – برخلاف – بدخواه ـ مخالف. دشمن جو – دشمناٽو.

– **عِدّتْ:** ث. (ع. عَدّ). تعداد – شمار – ڳاڻيٽو – عدد – عرصو – مدت – ميعاد. (چار مهينا ۽ ڏهن ڏينهن جو عرصو جنهن ۾ طلاق ڏنل زال يا رنجي پيل عورت ٻيو نڪاح نه ڪري).

• **عَدَدُ ج عَدَدَ:** ذ. (ع. عَدّ = ڳڻيو) ڳاڻاٽو – تعداد – شمار –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳڻپ – توڙ – حساب – ليکو – حساب ڪتاب. انگ – لکيو – قسمت. عدت وارو عرصو.

عدد تقسيمي: ذ. علم رياضي موجب تقسيم يا ورڇ جي معنيٰ ڏيڪارينڊڙ عدد – جيئن "هر هڪ چوڪري چار چار چوڪرا – پنج پنج چوڪريون وغيره".

عَدَدُ جَمْعٌ: صفت. علم رياضي موجب هڪ کان وڌيڪ تعداد ڏيڪارينڊڙ عدد. گهڻا عدد – گهڻا انگ – گهڻيون شيون. "جيئن ڏهه چوڪ ست ڪڪڙ پنج گهوڙا وغيره" گرامر ۾ گهڻين شين ڏيڪارڻ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ.

عَدَدُ شُمَارِيْ ج عَدَدَ شُمَارِيُوْنْ: ث. انگن جي ڳڻپ جو ڪم – انگن جي ڳڻپ – ڳاڻيٽو – نمبر شماري.

عَدَدُ قَطَارِيْ: سلسلي وار هڪ ٻئي جي پٺيان ايندڙ انگ – باترتيب انگ – جيئن "پهريون، ٻيون، ٽيون وغيره".

عدد مُبْهَمْ: ذ. جنهنءَطرح انداز نه ڄاڻائيندڙ انگ – غير مقرر انگ. جيئن "سڀ، مڙيوئي، سمورو، وغيره".

عَدَدُ مُرَكَّبْ: ذ. ڳڌيل انگ. علم رياضي موجب جزن ۾ تقسيم ٿيندڙ انگ.

عَدَدُ مُفْرَدْ: ذ. اڪيلو انگ – ڇڙو انگ. علم رياضي موجب جزن ۾ تقسيم نه ٿيندڙ انگ.

عَدَدُ نَاطِقْ: ذ.صفت. ڇڙو انگ.

عَدَدُ وَاحَدْ: ذ. واحد عدد – اڪيلو عدد – هڪ انگ. هڪ شي. گرامر ۾ هڪ شي ڏيڪارڻ – لاءِ ڪم ايندڙ لفظ.

عَدَدِيْ ج عَدَدِيْ: صفت. عدد جو – عدد وارو – تعداد – شماري.

عَدْلٌ ج عَدْلْ: ذ. (عَدَلَ + هن انصاف ڪيو) برابري – مساوات – هڪجهڙائي انصاف – داد – نياءَ – آچار. حقي فيصلو – بي رياءَ فيصلو – حق ناحق جو نبيرو.

عَدْلُ كَرَنْ: انصاف ڪرڻ – نياءَ ڪرڻ – داد ڪرڻ – حق ۽ناحق کي ڌار ڪرڻ.

عَدلَ وَارُوْ ج عَدْلْ وَارَا: ذ. صفت. انصاف وارو – انصافي – آچاري. حقي فيصلا ڪرڻ وارو.

عَدْمُ: صفت. (ع. عَدَمَ = هو گم ٿيو) معدوم. ناپيد – غير موجود – بي وجود. نابود – نيست – فنا – فاني. (ذ.ث). نه هئڻ جي حالت – نيستي – نابودي – معدومي. فنا جو ملڪ – هوجهان. آخرت.

– عَدَمْ بجاوَرِيْ ج عَدَمُ بَجَاوَرِيُوْنْ: ث. حڪم نه مڃڻ جي حالت – حڪم جي عدولي.

– عَدَمْ پِيْدا: ظرف. نه پيدا – گم – اڻ لڀ – غير حاضر – غير موجود – ناپيد. نه هٽ آيل – نه لَڌل – نه ڳولييل – رُوپوش – لِڪل.

– عَدَمُ پِيْدا هُئُنْ: ناپيدا هئڻ – نه لَهڻ. غير حاضر هئڻ.

– عَدَمُ داخِلا ج عَدَمْ داخِلاتُوْنْ: ث. نه داخل – داخل نه ٿيل – داخلا گم – اڻ داخل.

– عَدَمُ مُوْجُودگِيْ ج عَدَمُ مُوْجُودگِيُوْنْ: ث. حاضر نه هئڻ جي حالت – عدم حاضري – غير موجودگي – غير حاضري. واردات واري جاءِ تي نه هئڻ جي حالت.

• **عَدَنْ:** اسم خاص. (ع). بهشت – جَنّت – فردوس. بهشتي باغ – جنتي باغ. ڏکڻ عربستان جي هڪ بندرِ شهر جو نالو.

• **عَدُوْ ج عَدَوْ:** ذ. صفت. (ع) دشمن – ويري. بدخواهه – مخالف – اڻ سَهُو.

– عَدُوْلِيَلْ ج عَدُو لِيَلْ: ذ.صفت. دشمن – ويري – برخلاف – مخالف.

• **عَدُوْلَنْ:** مصدر. نه مڃڻ – نُڪرائڻ. عدول ڪرڻ – نافرماني ڪرڻ.

– عَدُوْلُ ج عَدولْ: ذ. نه مڃڻ جي حالت – نافرماني.

– عَدُوْلِجَنْ: مصدر. بي فرمان ٿيڻ. ناقبول ٿيڻ.

– عَدُوْلِ حُكُمْ: ذ. صفت. حڪم جي نافرماني ڪندڙ – منحرف – نافرمان.

– عُدُوْل حُكْمِي ج عُدُوْل حُكْمِيُوْنْ: ث. حڪم کي نه مڃڻ جي حالت – قانوني کاروائيءَ ۾ گُس گُساءُ.

– عُدُوْل حُكْمِيْ كَرَنْ: حڪم جي نافرماني ڪرڻ.

• **عُدُوْلِيْ ج عُدُوْلِيُوْنْ:** ث. بي فرماني.

• **عَدِيْمْ:** صفت. (ع. عَدِمَ = هن وڃايو) گم – ناپيدا. لِڪل – گُجهو.

– عَدِيْمُ الْفُرْصَتْ: ذ. صفت. ڪم ۾ مشغول – گهڻ ڪمو. اهو جنهن کي واندڪائي نه هجي.

• **عَذَابُ ج عَذَابْ:** ذ. (ع). نه سَهڻ جهڙو سُور – اِيذاءُ – پيڙا – درد. اذيّت – سختي. آزار ويڍن.

– عَذَابِ قَبَرْ: ذ. قبر جو عذاب – قبر جي سختي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **عذارُ ج عذارَ:** ذ. صفت. گل - رُخسار - چهرو - صورت. مُنهن جَ رُخ. مرکبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ جيئن ""عذار گل" وغيره.
• **عذبان:** مٺو پرين.
• **عُذْرُ ج عُذَرَ:** ذ. (ع. عُذْر) معافي - معذرت. اعتراض - حُجّت - جَرح - بَهانو - سبب - ڪنهن جي مرڻ تي اظهار غم - پرچار.
- **عُذْرُ خواهي ج عُذْرُ خواهيُونْ:** ث. ڪنهن جي مرڻ جو اظهار غم - اعزا پُرسي - پرچائي - منهن ڪاڻ - تعزيت - سياپو. آخري نيازي. معافي - عاجزي. "عذر خواهيون عاجزيون، سسئي ڪنهن مَ سَل" (شاهه).
- **عُذْرَخواهي ڪَرڻُ:** ڪنهن جي موت تي اَن جي عزيزن سان همدرديءَ ڪري دعا گهرڻ - پرچائي ڪرڻ - منهن ڪاڻ ڪرڻ.
- **عُذْرداري ج عُذْرداريُونْ:** ث. اعتراض - دليل - دعوا - حُجّت.
- **عُذْرُ هُنُنْ:** ڪنهن ويجهي عزيز جي موت ڪري ڏهرايل وقت تائين دک ۾ رهڻ ۽ خوشيءَ جهڙي ڪم ۾ شريڪ نه ٿيڻ.
• **عَذْرا:** ث. (ع). ڪنواري چوڪري. (اسم خاص). هڪ مشهور عاشق وامق جي معشوق جو نالو.
• **عراقُ:** اسم خاص. (ع. عراق = ڪنارو = لب درياءُ) دجلہ ۽ فرات ندين جي ڪنارن وارو ملڪ. (فرات ندي جي ڪناري وارو ملڪ عراق عرب جنهن ۾ بغداد اچي وڃي ٿو. ۽ دجلہ ندي جي ٻي ڪناري وارو ملڪ عراق عجم). عرب - ايران. راڪ جي ٻارهن نغمن يا سرن مان ستين جو نالو. گهوڙي جو هڪ قسم - عربي گهوڙو.
• **عراقي ج عراقيْ:** ذ. صفت. عراق ملڪ جو - عراق وارو - عراق جو رهاڪو - عراق واسي. (ذ) گهوڙي جو هڪ قسم - تازي گهوڙو.
• **عَرَبَ:** اسم خاص. سنڌي قبيلي جو نالو.
• **عَرَبُ:** اسم خاص. (ع). ايشيا ڪنڊ جي هڪ ملڪ جو نالو. مسلمانن جو پاڪ ملڪ (جنهن ۾ ڪعبة الله شريف ۽ مڪ معظمہ ۽ مدينہ منوره آهن، حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي ولادت باسعادت ۽ لاڏاڻي جو ملڪ). (ذ. صفت). عرب ملڪ جو رهاڪو - عربي.
- **عَرَبُسْتانُ:** اسم خاص. عربن جي رهڻ جو هنڌ - عربن جو ملڪ - عرب.
- **عَرَبُ عَجَمُ:** ذ. سجو جهان - سارو جهان (ل.ق).
- **عَرَبي:** ث. عرب ملڪ جي ٻولي.
- **عَرَبيَ ج عَرَبِيْ:** صفت. عربستان جو عرب. (ذ) عربي گهوڙو - تازي.
• **عَرْسُ ج عُرْسَ:** ذ. (ع. عُرس = شاديءَ جو ڪاڏو). ڪنهن اولياءَ يا بزرگ جي نالي ڪيل ڪاڏو - ڪنهن پير يا ولي ۽ جي ياد ۾ سندس مماتيءَ وارو ملهايل ڏينهن (مجازاً). ڪنهن درويش جو هن فاني دنيا مان وصال ڪرڻ، باعث خوشي آهي ماه ربيع الاول ۾ تاريخ 12 تي (حضور رسول مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جي ياد ۾، مذڪوره تاريخ حضور جن جو وصال ۽ ولادت جي آهي) ڪيل نذر نياز.
- **عرس وارو مهينو:** ذ. ماه ربيع الاول جو نالو.
• **عَرْشُ ج عَرْشَ:** ذ. (ع. عَرْش = چت) چت. تخت - گادي - اورنگ. تخت الاهي - حق تعالىٰ جي ڪرسي. آسمان - آڪاس. مٿانهون آسمان - اٺون آسمان.
- **عَرْشَ تي چَڙهَڻُ:** مٿانهين درجي ڪي پهچڻ. تمام عزت ودڙ نهايت خوشامد ٿيڻ ڪري مغرور ٿيڻ.
- **عَرْشُ ڪُرْسيْ:** ستن آسمانن کان مٿي جا درجا.
• **عَرْصَاتْ:** ثَ. (ع). عَرْصہ جو جمع. قيامت جو ميدان. (سنڌي ٻوليءَ ۾ واحد طور مستعمل).
• **عَرْصوُ ج عَرْصَا:** ذ. (ع. عَرْصَہ = وقت). وقت - ٽائيم - مُدت. زمانو - سمو - دؤر. ميعاد. گهٽو وقت - دير. ٿورو وقت - وچوتي - وٽي - ويجهي - چيٽي - ناغو - مهلت.
- **عَرْصوُ لَڳائڻُ:** وقت لڳائڻ - دير ڪرڻ - توقف ڪرڻ.
• **عَرَضُ:** ث. (ع). هي شيءِ جي وجود تي مدار رکندڙ عارضي خاصيت.
• **عَرْضُ ج عَرْضَ:** ذ. (ع). سوال - گهر. وينتي - اِلتجا - منت - منٽ - اَرداس - درخواست - عريضي - گذارش - التماس موڪرائي - پيٽ - ويڪر (ڪپڙي وغيره جي). علم جغرافيہ موجب ڪنهن هنڌ ۾ خط استوا جي وڃ وارو مفاصلو.
• **عَرْضْدارُ ج عَرْضْدارَ:** ذ. صفت. عرض ڪندڙ - سوال ڪندڙ - وينتي ڪندڙ - درخواست ڪندڙ.
- **عَرْضداشتْ ج عَرْضداشتُونْ:** ث. لکيل عرض - عريضي - درخواست - لکيت - گذارش. عَريضي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **عَـرْضُ مَعْرُوْضُ:** ذ. درخواست – گذارش – منت.
– **عَـرْضِيْ ج عَـرْضِيْ:** ذ. صفت. عرضي ڪندڙ – منٽائو – سوالي.
– **عَـرْضِيَائِيْ ج عَـرْضِيَائِيُوْنْ:** ث. عرضدارڻ – سوالي عورت.
– **عريضي نَوِيْسُ ج عريضي نَوِيْس:** ذ. صفت. درخواستون لکندڙ.
• **عَـرْضِيْ پِتَو:** اسر خاص. تعلقي ميرو خان ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.
• **عَـرْفُ، عُرْفُ:** ظرف. (ع). يا – ۽ طرح – ۽ طرح ٻئي نموني. ٻئي نالي سان. عالم آشڪار – مشهور معروف. (ف). علم نحو جي اصطلاح موجب اسر معرفہ جو هڪ قسم – ڪنهن ماڻهوءَ جو لاڏ جو نالو – ڪنيت – لقب – تخلص. (جنهن سان هو اڪثر سڏبو هجي).
• **عَـرَفَاتْ:** اسر خاص. (ع). مڪي شريف جي ويجهو هڪ ميدان جو نالو (جنهن تي حج جي ڏينهن حاجي ڪڏ ٿي ظهر ۽ عصر جي نماز پڙهن).
• **عَـرَقْ ج عَـرَقْ:** ذ. (ع). انسان جي بدن مان گرميءَ جي حالت ۾ نڪتل رطوبت – پگهر – پسينو. چڪائڻ رستي ڪديل پاڻي – مقطر. دوائن جي ٻاڦ مان ٺهيل پاڻي. جيئن: "عرق گلاب، عرق بنفشہ" وغيره. نچوڙيل پاڻي – نچوڙ – رَسُ – تَتُ – جوهَر – ارڪ. شراب.
– **عَـرَقْ ريزِيْ ج عَـرَقْ ريزِيُوْنْ:** ث. پگهر ڪيندڙ – سخت محنت ڪرڻ جي حالت – جانفشاني – گهٽي محنت – زحمت.
– **عَـرَقْ ريزِيْ كَـرَنْ:** سخت محنت ڪرڻ – جانفشاني ڪرڻ.
• **عِرْقُ النِّسَا:** ذ. هڪ رڳ جو نالو. ان رڳ جي بيماريءَ ۾ تَنگن ۽ سخت سور جي بيماري.
• **عُرُوْجْ ج عُرُوْجَ:** ذ. (ع. عَـرَجَ = هُو مٿي ويو) بُلندي – اُچائي – مٿانهين – چاڙهي – چاڙهُ – چڙهتي – ترقي – ارتقاء. ڪنهن وڏي درجي ڪي پهچڻ واري حالت. اقبال.
• **عُرُوْسَ:** ث. (ع). نئين پرٽيل زال – بَنري – بَني – لال بَني – ڪنوارَ.
• **عروُصْ:** ذ. (ع). مڪّ مُعظمہ جو نالو – بيت الله ۽ ڪعبت الله ۽ ڪعبہ. شعر جي وزن ۽ بحر معلوم ڪرڻ جو علم (جئين تہ خليل بن احمد ڪي ڪعبت الله ۾ انهيءَ علم جو الهام ٿيو هو. انهيءَ ڪري تبرڪاً اهو نالو رکيو ويو).

• **عُـرْيان:** صفت. (ع. عريٰ: خالي ٿيو) اُگهاڙو – ننگو – برهنہ. بي پرده ۽ ظاهر – صاف – نروار – پڌرو.
– **عُرْيانِيْ ج عُـرْيانِيُوْنْ:** ث. اُگهاڙپ – اوگهڙ – ننگائي – برهنگي.
• **عَـرِيْضْ ج عَرِيْضا:** ذ. صفت. (ع. عريضہ) عرض معروض. (ذ). عَريضي – درَخواست – گذارش – التماس.
– **عَـرِيْضِيْ ج عَرِيْضِيُوْنْ:** ث. درخواست – عريضو. اِلتجا – منت – سوال – گهَرَ.
– **عَـرِيْضِيْ نَوِيْسُ ج عَرِيْضِيْ نَوِيْس:** ذ. صفت. عريضي لکندڙ. درَخواست لکڻ جو ڪَم ڪندڙ.
– **عَـرِيْضِيَائِيْ ج عَرِيْضِيَائِيُوْنْ:** ث. صفت. التجا ڪندڙ – درَخواست ڪندڙ (عَورت).
• **عِزّْ:** صفت. (ع). عزت – مانُ – شان. وڏائي – بزرگي – شرف – عظمت. ارجمندي. وڏو عهدو – اقبال – مرتبو – درجو. شوڪت – حشمت.
– **عَزّ وَجَلّ:** ذ. صفت. غالب ٿيو ۽ وڏو ٿيو. چانيل – قادر. وڏائيءَ جو لائق – جَلِيْلُ – اَعْظَـمُ – اَعْلٰي. شان وارو – ساراهہ جوڳو. (ث). الله تعالٰي جي صفت.
• **عَزا:** ذ. (ع). مصيبت جي وقت ۾ ڪيل صبر. ماتم پُرسي – سياپو – پرڃاڻي.
– **عَزادارُ ج عَزادارَ:** ذ. صفت. مري ويل جو غم ڪندڙ – سوگوار – ماتمي.
• **عَزازَتْ ج عَزازَتُوْنْ:** ث. (ع) مٽي مائٽي – سڳائي – مٽاچاريْ – عَزيزي. سڳيائائي – سڳاوتي – برادري. ناتو. ڳانڍاپو – لاڳاپو – وراڪو – سنڌُ – تعلق – نسبت.
• **عَزازِيْلْ:** اسر خاص. (ع. عَزل = جدا ڪرڻ) شيطان جو نالو (جنهن کي، حضرت آدم کي سجدي نہ ڪرڻ جي حالت ۾ بهشت مان تڙيو ويو). ابليس – شيطان – خنّاس. نفس. جيئن: "اوڏي عزازيل کي ويجهي تان مَ وڃ" (شاهہ).
• **عزت ج عِزّتُوْنْ:** ث. (ع. عز = غالب ٿيو) شان – مانُ – مُهت – آدَرَ – سَنمانُ – آبُ – آبَرو – حُرْمَت – وقر – وقار. وڏائي – عظمت – بزرگي – شرف. درجو – وقعتَ. ساک – پَت – ڪار – معتبري – پئجَ – ناموس – لَجَ – پَرم – سيل. سَتر – سَتُ. عصْمت (عورت جو). لحاظ – نيارُ – آدابُ – خيال –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيانُ. دبدبو – حشمت – رعب – ڏاکو.

– **عزّتَ تانْ هَتُ كَٹنْ:** آبرُو کان ناامید ٹيڻ. بي عزت ٹيڻ. لاهي پاهي بيهڻ.

– **عزّتَ خرابَ ٹيَنْ:** بي عزّتي ٹيڻ – آبرو مٽيءَ ۾ ملڻ. شانُ وَڃڻ.

– **عزّتَ ڏيڻ:** مانُ ڏيڻ – آبرو ڏيڻ – آبُ ڏيڻ – ادب ڪرڻ – لحاظ ڪرڻ – خيال ڪرڻ.

– **عزّتَ رَکڻ:** آبرُو رَکڻ – مانُ رکڻ – آبرو کي قائم رکڻ. نالي کي برقرار رکڻ – ڀالهه نپائڻ. لحاظ رکڻ.

– **عزّتَ سان پيشُ اچڻ:** مانَ شانَ سان پيش اچڻ – خاطر تواضع سان پيش اچڻ.

– **عزّتَ گهٽائڻ:** رتبو گهٽ ڪرڻ. بي عزت ڪرڻ – ذليل ڪرڻ – رُسوا ڪرڻ.

– **عزّتَ لَهڻ:** مانُ پائڻ – شان حاصل ڪرڻ – عزت وارو ٹيڻ.

– **عزّتَ وارُو ج عزّتَ وارا:** ذ. صفت. شان وارو – مان وارو – عزت جو لائق – مانائتو – آبرُو وارو – مُعزز – اشراف – سَکر. مُعزز.

– **عزّتَ ونڻ:** بي عزتي ڪرڻ – اپمان ڪرڻ. نرمان ڪرڻ – عَقوبت ڪرڻ. ذليل ڪرڻ – خوار ڪرڻ. عصمت ونڻ (ڪنهن عورت جي). آبرو حاصل ڪرڻ – شانُ ملڻ.

– **عزّتَ وَڃڻ:** پت نہ رهڻ – ساک وڃڻ – بَي عزتي ٹيڻ.

– **عزّتَ وکڻ:** عزت لهرائڻ جهڙو ڪم ڪرڻ – ذليل ٹيڻ. بي غَيرتو ٹيڻ.

– **عزّتَ هُئڻ:** آبرو هئڻ – مانَ هئڻ. رتبو وڌڻ. تعريف هئڻ.

• **عزّتْ خانْ:** اسم خاص. مرد جو نالو. تعلقي رتي ديري ۾ ۽ تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عزّتْ واريُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عزْرائيلْ:** اسم خاص. (ع). هڪ فرشتو جو نالو (چئن برگزيده فرشتن مان هڪ فرشتو) – ساهه ڪيندڙ فرشتو – موت جو ملائڪ – فرشتو قضا – ملڪ الموت – قابض الارواح.

• **عزْمُ ج عَزْمَ:** ذ. (ع. عَزمَ = هن ارادو ڪيو) ارادو – خواهش – قصد – نيّت – سعيو – ڪوشش.

– **عزْمُ بالْجَزْم:** ذ. پڪو ارادو مصمم ارادو – يقيني ارادو.

– **عزْمُ ڪَرڻ:** ارادو ڪرڻ – قصد ڪرڻ.

• **عَزْمُ ناهڻُ:** ڪوڙا سبب ناهڻ – ڪوڙا بهانا ناهڻ – ڪوڙا ناهه ناهڻ.

• **عَزَيُ:** ذ. (ع). عربستان جي هڪ بُت جو نالو (جو وڻ جي شڪل وانگر هو. جنهن کي خالد بن وليد جلائي ڇڏيو هو).

• **عَزِيزُ ج عَزِيزَ:** ذ. صفت. (ع. عَزّ = پيارو ٹيو). پيارو – محبوب – دلارو – جاني – سڄڻ. مائٽ – رشتيدار – پنهنجو – ويجهو. قريب. وٽندڙ – مرغوب – دلپسند. (اسم خاص). مصر جي بادشاه جو لقب. خدا تعالىٰ جو هڪ صفاتي نالو.

– **عَزِيزَ مانْ جَزِيزُ ٹيَنْ (ت):** دوست مان فري دشمن ٹيڻ – سڄڻ مان ويري ٹيڻ.

– **عَزِيزِيْ:** ث. سڳائي – مائٽي – رشتيداري – عزازت.

• **عُسْرَتَ:** ت. (ع. عَسَرَ: ڏکيو ٹيو). دقت – دشواري – تکليف – سختي – مصيبت. تنگي – مفلسي.

• **عَسْڪرُ:** ذ. (ع). لشڪر – فوج – سپاه ـ ڪٽڪ.

• **عَسَلْ:** ث. (ع). ماکي – شهد – مڌ – انگبين.

• **عشا:** ث. (ع). رات جي اونداهي. سومهٹي. سومهٹي نماز جو وقت. سومهٹي نماز.

• **عُشاقْ:** ذ. (ع. عاشق جو جمع) پيار ڪندڙ. وڌو شائق. وڌي محبت وارو. وڌو عاشق.

• **عُشْبو ج عُشْبَا:** ذ. (ع. عُشْبَهٗ). پسارڪي وکر جو هڪ قسم (رت صفا ڪرڻ واري هڪ دوا) سينترل امريڪا مان لينڊڙ پيشاب وڌائيندڙ دوا.

• **عَشَرُ:** صفت. (ع). هڪ تعداد جو نالو – ڏهه – دهه.

• **عُشْرُ:** صفت. (ع). ڏهون. ڏهون حصو. جيڪو زمين جي ڏل طور ورتو وڃي.

– **عُشْرِ عَشْرُ:** صفت. ڏهين جو ـ ڏهون حصو – سوين پتي. تمام ٹورو.

• **عشْرتَ ج عشْرتَوْنْ:** ث. (ع). گڏجاڻي – ميلاپ – وصول. گڏجي مزي سان رهڻ جي حالت. خوشي – مسرت – خرمي – آنند. مزو – فرحت – لطف – عيش – نشاط – رنگ – رس – موج – بهاري – نفساني لذت – عيش و عشرت.

– **عشْرتَ خانُو ج عشْرتَ خانَا:** ذ. عيش و عشرت جي جاءِ ـ عشرت گاه ـ نشاطَ خانو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **عشقُ** ج **عشقَ:** ذ. (ع). تمام گهڻو پيار – پريتڙو – موهه – قرب – نيهن. تمنا – چاه ـ شوق – رغبت – دل – عادت – چسڪو – هير.

– **عشقُ بازُ** ج **عشق باز:** ذ.صفت. عشق ڪندڙ – نينهن لائيندڙ. عاشق مزاج – حسن پرست ـ عاشق جيئڙو. رنگيلو – اوباش – لاندارو.

– **عشقُ بازيُ** ج **عشق بازيونُ:** ث. عشق ڪمائڻ واري حالت – نينهن لائڻ واري حالت – عاشقي – پريتڙو. عاشق مزاجي – حسن پرستي. عياشي. لاندارائي.

– **عشق پيچ:** هڪ ول جو قسم جا وڻ ڪي ويڑهي ويندي آهي.

– **عشقُ حقيقيُ:** ذ. سچي محبت – سچو قرب – سچي پريت – خدا جي محبت – بقادار عشق. صوفين جي اصطلاح ۾ عشق جي هڪ منزل.

– **عشقُ زوراور:** ذ. صفت. پنهنجيءَ تي هلڻ وارو – عجيب دوست.

– **عشقُ مجازيُ:** ذ. دنيوي عشق – ٽورو وقت هلندڙ پيار (ڪنهن ماڻهوءَ سان).

– **عشقَ ۾ گهاريُ پوڻ:** محنت ۾ رندڪ پوڻ – پيار ۾ اٽڪ پوڻ.

– **عشقيُ** ج **عشقي:** ذ. صفت. عشق وارو – عشق چاهيندڙ.

– **عشقين:** ندا. واهه واهه – آفرين.

• **عشقُ پيچُ** ج **عشق پيچ:** ذ. عشق جو پيچ – محبت جو وراڪو. ياسمين ۽ چنبيليءَ سان مشابهت رکندڙ هڪ گل.

• **عشقڻ:** ول جو هڪ قسم (جا وڻ تي جڙهي وڻ ڪي سُڪائي ڇڏي).

• **عشوهُ:** ذ. (ع). ناز – انگل – نخرو – ماڻو. فريب – مڪر.

– **عشوه سازُ:** ذ. صفت. معشوق.

– **عشوهُ گرُ:** ذ. صفت. عشوهُ سازُ.

• **عَصا** ج **عصائونُ:** ث. (ع. عَصا = لٺ) لَڪُ – لٺ. هٿ جو لڪڙ – ڇڙي.

– **عَصائي مُوسيٰ:** ث. حضرت موسيٰ عليه السلام . لٺ (جا جادوگرن سان مقابلي وقت نانگ ٿي هئي) (اصطلاح) ڏڍ لاءِ ڏندو.

• **عَصَبيّت:** ث. (ع). طرفداري – پاسخاطري – لحاظ.

• **عَصرُ:** ذ. (ع). وقت. سمون – زمانو – "هر عصر اديب العصر وغيره" عُمر – همار. ڏينهن جو آخر حصو – چوٿون حصو (جنهن ۾ وچين يا عصر نماز جو وقت).

• **عصمت** ج **عصمتونُ:** (ع. عصمہ = گناهه کان بچيو) گناهه کان بچاءِ – پرهيزگاري – پاکائي – پاکدامنيُ – ستر – ستُ – پارسائي – سيلُ – پرهيز. لَجُ – شرمَ – عزت – پرم. (ڪنايةً). ابتدا ڪان انتها تائين گناهن کان پري رهيل.

• **عصّيانُ:** ذ. (ع). گناهه – پاپ – ڏوهه – دوش – جرم – خطا – قصور.

• **عُضوُ** ج **عُضوا:** ذ. بدن جو هڪ پاگو – لڳ – اَنگُ.

– **عُضوا اُکوڙڻ:** هيٺو ٽيڻ – ضعيف ٽيڻ – ڪمزور ٽيڻ – جان ۾ طاقت نه رهڻ – هيڏو جهور ٽيڻ. بخار واري حالت ٽيڻ.

– **عُضوُ تناسُلُ:** ذ. اولاد پيدا ڪرڻ جو عضوو – نَسُلَ پيدا ڪرڻ جو عضوو – عضوو مخصوص.

– **عُضوُ مخصُوصُ:** ذ. جسم جو خاص عضوو (مردانو يا زنانو).

• **عطا** ج **عَطائونُ:** ث. (ع). ڏاتُ – بخشش – انعام – ڏاڻُ – سخا – عنايت – امدادُ. دانُ – خيرات. تحفو: سوغات – سوکڙي – عَطيئو. خدا جي طرفان مليل چوٽڪارو – معافي (ل – ق).

– **عَطا جو هَتُ رَکَنُ:** مهرباني جو هَتُ رکڻ – ڪرم فرمائي ڪرڻ – احسان ڪرڻ – اجهو ۽ آسرو ڏيڻ.

– **عَطا ڪَرڻُ:** بخشش ڪرڻ – امداد ڪرڻ – بخشڻ. انعام ڏيڻ – دانُ ڏيڻ. منظور ڪرڻ – قبول ڪرڻ.

• **عَطارُ** ج **عَطارَ:** ذ. صفت. (ع. عِطْرٌ) عطر وارو. عطر ٺاهيندڙ. عطر وڪڻندڙ – عطر فروش – عطُريُ – قليلي. پساري – دوا سازُ.

• **عَطارَڏُ:** ذ. (ع) هڪ گره جو نالو ـ ٻٽ – وهائو.

• **عَطائيُ** ج **عَطائيَ:** ذ. صفت. (ع). عطا ڪهڙندڙ – بخشش ڪهڙندڙ – سوالي – فقير – منگتوُ. ڪشادي دل وارو (عطا ڪندڙ). قدرتي عقل وارو – ذات وارو. قدرتي طرح ڪنهن فن ۾ هوشيار. راڪيندڙ – ڳائڻو. (اسم خاص). تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَطرُ** ج **عَطـرَ:** ذ. (ع. عِطْـرٌ = سرهاڻ) گلن ۽ ٻين شين جو جوهَرُ – جوڙهَرُ – رُوح – عرق. گلن جو رَسُ. سرهاڻ – سُڳنڌ – قليلُ – خوشبوءِ.

– **عَطـرُ پاشيُ ٹيڻُ:** جاءِ ۾ خوشبوءِ هارڻ – عطر چٽڪارڻ. محفل کي سينگارڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **عَطْرْدانْ ج عَطْرْدانَ:** ذ. عطر جي رکڻ جو ٽان.

• **عطرداني ج عَطْرْدانِيُونْ:** ٿ. عطر رکڻ جي شيشي. سرهاڻ واري شيشي.

• **عَطَشْ:** ٿ. (ع). اُج – پياس – تشنگي.

• **عَطِيَّهْ ج عَطِيعًا:** ذ. (ع). سوکڙي – تحفو – پاکر – بخشش. مهرباني – نوازش – عنايت.

• **عَظْمَتْ ج عَظْمَتُونْ:** ٿ. (ع). وڏائي – بزرگي – برتري – بلندي – مٿانهين. شان و شوکت – قدر و منزلت. (اسم خاص). تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَظْمَتْ ج عَظْمَتُونْ:** ٿ. (ع). وڏائي – بزرگي – برتري – بلندي – مٿانهين. شان و شوکت – قدرومنزلت. (اسم خاص). تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَظْمَتْ آباد:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَظْمَتْ جاگِيرَ:** اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَظْمَتْ کَهُوْ:** اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عُظْمَيٰ:** ٿ. صفت. (ع. عَظَم = هو بزرگ هو) اُتر – اعظم. عالي – بلند – اعليٰ.

• **عَظِيْمُ الشّانِ:** ذ. صفت. وڏي شان وارو – وڏي عزت وارو – مانوارو. دبدبي وارو – حشمت وارو – رعب و جلال وارو.

• **عَظِيْمُ آبَادْ:** اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عِفَّتْ:** ٿ. (ع). عصمت – پاکدامني – ستر – ستپڻو. پرهيزگاري – پاکائي – پارسائي.

• **عَفْوْ:** ٿ. (ع. عَفَوَ = لاهڻ، کرڻ) معافي – بخشش – مرحمت.

– **عَفْوْ کَرڻْ:** معاف کرڻ – درگذر کرڻ. بخشڻ.

• **عفْوْنَتْ ج عَفْوْنَتُونْ:** ٿ. (ع). گندي بانس – بدبوءِ – ڏپ – بانس.

• **عُقَابْ ج عُقَابَ:** ذ. (ع). پکيءَ جو هڪ قسم. کاري رنگ جو هڪ وڏو شکاري پکي. ٻئي پکيءَ کان شڪار کسي ويندڙ پکي. (اسم خاص).

– **عُقَابِيْلْ ج عُقَابِيْلَ:** ذ. عُقاب پکيءَ جو پَرُ. تير – گز – هاڻ – آڇاتي وقت جو تير جنهن جي پوئين چوٽي ۾ عقاب جا. کنپ پوري وزن ۾ بيهڪ خاطر لڳل هوندا هئا. "عُقابيل اکين ۾ تير تکا توڪي" (شاهه).

• **عَقَائِدُ ج عَقَائِدَ:** ذ. (عَقِيْدَه > عقد: هن گنڊيڏني). عقيده جو جمع – عقيدا.

• **عَقَبْ:** ذ. (ع. عَقَبَ = پويان آيو) پٺ – پڇاڙي – پس.

• **عُقُوبَتْ:** ٿ. (ع). عقوبت. سزا – سيکت.

• **عُقْبيٰ:** ذ. (ع). عاقبت. آخرت – پڇاڙي. قيامت.

• **عَقْدُ ج عَقْدَ:** ذ. (عَقَد = هن لاڳاپو گنديو). گنڊ – گانڊاپو – لاڳاپو. ٻڌڻ. نڪاح. ٻول – قبول – انجام – اقرار – عهد – پيمان.

– **عَقْدُ پڑهڻْ:** نڪاح پڙهڻ.

– **عَقْدُ کَرڻْ:** گنڊيجڻ لاءِ قول کرڻ. نڪاح کرڻ. شادي کرڻ. حڪيمن جي اصطلاح ۾ پاري کي قابو کرڻ.

– **عَقْدُ نِکَاحْ:** ذ. نڪاح جي گنڊ – گهوٽ ۽ ڪنوار جو نڪاح رستي گانڊاپو.

– **عَقْدُوْنْ:** ذ. شاديءَ لاءِ نڪاح جو عقد.

• **عَقْدو ج عَقْدا:** ذ. (ع). گنڊ. مسئلو – مشڪل گالهه – گجهارت. معمو.

• **عَقده:** ري موڪل آبادي – ري موڪل دخل بابت ڪيل ڪارروائي جو فارم.

– **عَقْدهْ کُشَا:** ذ. صفت. گنڊ کولينڊڙ. مشڪل گالهه حل ڪندڙ – حل ڪندڙ مشڪل کي. مشڪل ڪشا.

• **عَقْرَبْ:** ذ. (ع). زهري جيت جو هڪ قسم – وِڇون – پَٽُون. هڪ برج جو نالو.

• **عَقْرَقَرْحُوْ:** ذ. (ع). پساريکي وکر جو هڪ قسم – ڏندن جي سُور جي هڪ دوا – عاقرقرحو.

• **عَقْلُ ج عَقْلَ:** ذ. (ع). ٻڌِ ـ ڄاڻ – سمجهه – پرجهه – پروڙ – فَهم – خِرد – شعُور – ادراڪ – درڪ. فراست – وقوف – ذاهپ – چترائي – دانائي – هوشياري – زيرڪي. ذهن – دماغ – هوش – حڪماءَ جي اصطلاح ۾ ڏهن فرشتن مان هڪ جو نالو.

– **عَقْلُ اُجهَهْ:** ٻڌِ مُنجهَهْ – متيون مُنجهڻ – سمجهه ۾ نه رهڻ – هوش نه رهڻ. وائڙو ٿيڻ.

– **عَقْلُ ڏجوڻ ٽيڻ (ت):** حوصلا خطا ٿيڻ – بي خبر ٿيڻ – نامعلوم ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **عَقْلائِتوُ ج عَقْلائِتا:** ذ. صفت. عقل جو — عقل وارو. سمجھ وارو — هوشائتو — سياڻو — عقلاڻو — سمجھو — عَقْلي — ناطق — اڪابرُ — ڏاهو — داناءَ — وگياني — ٻڌوان — هوشوَنْدُ — سڌيو — ڀهجاڻ — فهميدو — جهان ديدو — دُور انديش. (ظرف). عقل سان — عَقل.
- **عَقْل تي پٿَرَ پوَنْ:** سمجھ ڪان نڪرڻ — موگھو ٽيڻ — بيوقوف ٽيڻ — بي سمجھ ٽيڻ.
- **عَقْلْ تي پَرْدو پوَنْ:** عقل مارجڻ — عقل وڃڻ — مت مارجڻ. سمجھ نہ رهڻ. سمجھ ۾ نہ وهڻ (ڪا ڳالھ).
- **عَقْلْ جا گهوڙا ڊوڙائِنْ:** خيال ڪي وري وري هلائڻ — اُونهو عقل هلائڻ. دليل پيش ڪرڻ. خيالي پُلاءُ پچائڻ.
- **عقْلْ جو دُشْمَنْ ج عَقْلْ جا دُشْمَنْ:** ذ. صفت. عقل جو ويري — بيوقوف — مَورک.
- **عَقْلْ جوڙيرُهُنْ:** عقل جو گهٽ هئڻ — ڪم عقل هئڻ.
- **عَقْلْ جي مارَ:** ث. سمجھ جي هيٺائي — عقل جي ڪوتاهي — ڪُند ذهني — ڪم فهمي.
- **عَقْلْ جَڙُ ٿِيَنْ:** عجب ۾ پوڻ — حيران ٽيڻ — اچرج ۾ پوڻ — تعجب ۾ پوڻ. منجهي پوڻ.
- **عَقْلْ حَيْوانِيْ:** ذ. حيوان جي فطرت ۾ داخل ٽيل سمجھ (جنهن جي وسيلي مڇي جھٽ سان تري ٿي. پکي بنا سيکارڻ جي هلي ۽ آکيرو ناهي ۽ اُڏامي ٿو) — جبلّت.
- **عَقْلْ ڏِيْنْ:** سمجھ ڏيڻ — مت ڏيڻ. صَلاح ڏيڻ — رٽ ڏيڻ.
- **عَقْلْ سَلِيْمُ:** ذ. پورو عقل — صحيح عقل.
- **عَقْلْ كَمْ نَعْوْ كَري:** جملو. سمجھ ۾ نٿو اچي.
- **عَقْلْمَنْدَ ج عَقْلْمَنْدَ:** ذ. صفت. عقل وارو — سمجھ وارو — عاقل — عَقْلائِتو — عَقْلِي — سياڻو — داناءَ — سُجاڻ — ڏاهو — هوشيار — چَتُر.
- **عَقْلْمَنْدِيْ ج عَقْلْمَنْدِيُوْنْ:** ث. ڏاهپ — سياڻپ — هوشياري — دانائي — چترائي — فراست.
- **عَقْلْ وارُوْ ج عَقْلْ وارا:** ذ. صفت. عقلمند — سمجھُو — داناءَ — سياڻو.
- **عَقْلْ وَيُنْ:** هوش وڃڻ — سمجھ وڃڻ. حواس گم ٽيڻ.
- **عَقْلْ وَنْدَ ج عَقْل وَنْدَ:** ذ. صفت. عقلمند.

- **عَقْلْ ويڙهائِنْ:** دماغ هلائڻ — عقل ڊوڙائڻ — ويچار ڪرڻ — سوچڻ. سمجھ جي ڪوشش ڪرڻ. ڪا عقل واري ڪيڏ ڪيڏڻ. سياڻپ ڪرڻ.
- **عَقْلِيْ ج عَقْلِيْ:** ذ. صفت. عقل وارو. عقل جو — سمجھ جو. ذِهْني.
- **عَقُوبَتَ ج عَقُوبَتُوْنْ:** ث. (ع). تڪليف — ايذاءَ — عَذابُ. جُٹ — سيڪت. سزا — تعدي — گوشمالي. هَلاڪِيْ —هَلاڪِيْ — دڦت. ضَرَرُ — هاجو — هَرَجُ.
- **عَقِيْدَتْ ج عَقِيْدَتُوْنْ:** ث. (ع. عَقَد = هن لاڳاپو ڳنڍيو) ڪنهن ڳالھ ڪي ٺيڪ ۽ صحيح سمجھي دل تي وهارڻ جي حالت — ارادت — دل جو پروسو — اعتقاد. ڪنهن مذهب ۾ شامل ٽيڻ لاءِ اُن جي اُصولن تي آندل يقين — ايمان.
- **عَقِيْدَتْ مَنْد:** ذ. صفت. عقيدي وارو. ارادتمند — معتقد.
- **عَقِيْدو ج عَقِيْدا:** ذ. (ع. عَقَدَ = هن لاڳاپو ڳنڍيو) دل ۾ جمايل اصول — دل جو پروسو — يقين — اعتبار — وشواسَ — اعتقادُ. مذهبي يقين — ايمانُ.
- **عَقِيْقُ ج عَقِيْق:** ذ. (ع) جبل جي پٿر جو هڪ قسم — ڳاڙهو پٿر (جو مندين ۾ ننگ طور ڪم اچي). گل جو هڪ قسم (شرٽ).
- **عقِيْق اَلْبَحْرِ ج عَقِيْق اَلْبَحْرَ:** ذ.صفت. سمنڊ مان ليجندڙ عقيق — مرجان.
- **عَقِيْقُ سُلَيْمانِيْ:** ذ. عقيق جو هڪ قسم — ڪاراڻ تي مائل ڳاڙهو عقيق.
- **عقِيْقُ شَجَرِيْ:** ذ. عقيق جو هڪ قسم — وڻ جي شڪل وارو عقيق.
- **عَقِيْقُ مصري:** ذ. عقيق جو هڪ قسم — پيلي رنگ جو عقيق.
- **عَقِيْقُ يَمَنِيْ:** ذ. عقيق جو هڪ قسم — هلڪي ڳاڙهي رنگ جو عقيق.
- **عقِيْقُو ج عَقِيْقا:** ذ. (ع). لغوي معنيٰ ۾ ماءُ جي پيٽ ۾ هار کي هاوِل وارَ. مسلمانن جي هڪ رسم — هار جھٽ ڪان پوءِ پهرئين دفعي مٿو ڪوڙائڻ جي حالت — جھَنڊ.
- **عُقيلِيْ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
- **عَقِيْمْ:** ث. صفت. (ع). هار نہ جٹيندڙ عورت — سَنڊِ ـ وانجھ.
- **عَكْس ج عَكْس:** ذ. (ع. عَكَسَ = هن اونڌو ڪيو) اُبتو ڪرڻ جي حالت — اُٽل — اُلٽ. پاڻيءَ يا آرسيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظر ايندڙ شڪل. تصوير – مورت – شبيهه – سُروپ. اُس ۾ ٽيل پاڇو – پاڇولو – سايه – پرڇائين – ڇايا. اولڙو – تڙڪو – پَرْتَو – روشنائي. دُشمني – ويـر – بدخواهيْ. خصومت – ڪينو – بُغضُ.

– **عَڪْسانْ عَڪْسُ:** ظرف. وَرْوَڌ سان – دشمنيءَ ڪان – بداديشي ڪري – خار وچانَ – بُغض وچان – بدخواهي ڪري.

– **عَڪْسانْ عَڪْسيْ:** ظرف عَڪْسان عَڪْس.

– **عَڪْسجَنُ:** مصدر. ويرُ رکڻ – دشمني رکڻ.

– **عَڪْسَ رَکَڻُ:** ضد رکڻ – ويـر رکڻ – دشمني وڌهڻ.

– **عَڪْسيْ ج عَڪْسيْ:** ذ. صفت. پاڇي وارو – عڪس انداز – پِرْتَبِمْبيْ. ويرُ رکندڙ – دُشمن – بدخواهُ.

– **عَڪْسيْ تَصويْـرَ ج عَڪْسيْ تَصويْرُونْ:** ث. تصوير (جا روشنيءَ جي زور تي نڪري) – ڇاڻَ چتر. ڪئميرا مان نڪتل تصوير – فوٽو.

– **عَڪْسيْ ڪُنْڊونْ:** ث. ڪنڊ جو هڪ قسم – ۱۸۰ درجن ڪان وڌيڪ درجن واري ڪنڊ.

● **عَلْيُ:** ظرف. (ع. علْيُ) مٿانهون – متي – بلند – اوچو. (حرف جر). تي – اُتي ـ ۾ ـ لاءِ ـ لڳ – وٽ – ويجهو – پَرِ ۾ ـ سان.

– **عَلي الْحساب:** ظرف. حساب ڪان سواءِ ـ بي حساب – ٽُلهي ليکي – تخمِيناً – حساب ۾.

– **عَلي الْحساب ڏِيڻُ:** بنا حساب ڏيڻ – بنا ڳاڻاٽي جي ڏيڻ. ٽلهي ليکي ڏيڻ – اڳواٽ ڏيڻ.

– **عَلي الْخُصُوص:** ذ. صفت. خاص لاءِ ـ خاص ڪري – خُصوصاً.

– **عَلي الصَّبّاح:** ظرف. صبح جو – فجر جو – اسَرَ جو – ينيرڪي جو. صبح جو سوير.

– **عَلَيْ هٰذَاالْقياس:** ظرف. وجور جي ضروري قيرڪار سان – فروعات جي بدل سدل سان.

● **عِلاجُ ج عِلاجَ:** ذ. (ع. عَلَجَ = هُن ڇِتايو) بيماري ڇِتائڻ جو اُپاءُ – چارو – تدبير. دَوا – دَرمل – دارُون.

– **عِلاجُ ڪَرَڻُ:** دوا درمل ڪرڻ – دوا دارون ڪرڻ – سُتي ڦڪي ڪرڻ. اُپاءُ ڪرڻ – تدبير ڪرڻ.

● **عَلاحدُ ج عَلاحدا:** ذ. صفت. (ع. عَلـحدَهُ) جُدا – الڳ – يَنُ – وکرو – آراڏو – خلاصو – علحدو – وٽيرڪو – نيارو – ڌار – نجو.

● **عَلالَتَ ج عَلالَتُونْ:** ث. (ع. علّت) بيماري – مرض – اڳهاڻ – ناچاقائي – روڳ.

● **عَلّامُ ج عَلّامُ:** ذ. (ع. عَلَمَ = هن ڄاتو) تمام گهڻو ڄاڻندڙ وڏو عالِمُ – فاضل – ماهرُ.

● **عَلامَتَ ج عَلامَتُونْ:** ث. (ع. عَلِمَ = هُن ڄاتو) سڃاڻپ نشان – نشان – نشاني – اُهج – اُهجاڻ – آثار. اشارو – چنـ – مارُ. پَتو – ائڊريس – سرنامو. مرض – بيماري.

● **عَلّامَهْ:** صفت. (ع. عَلِمَ = هُن ڄاتو) نهايت گهڻو ڄاڻندڙ عالِم – علم ۾ ماهر.

● **عَلائِيَهْ:** ظرف. (ع). ڪلي طرح – ڪليو – ظاهر – پڌرو آشڪار. عام ماڻهن ۾ ـ سيني جي سامهون.

● **عَلاؤالدّيْن:** اسم خاص. (ع). مرد جو نالو. بادشاهي لقب.

● **علاوَهْ:** ظرف. (ع). ان کان سواءِ ـ کان سواءِ ـ سواءِ. ٻيو ٻـ وڌيڪ – مٿان – زياده.

● **علاقوْ ج علاقا:** ذ. (ع. عَلَقَ = هن ڳنڍيو) تعلق – لاڳاپو ڳانڍاپو – واسطو – رَبْطُ. جاڻ پڇاڻ – واقفيت – مُهاڪرو ڏيڻ – سيهيپو. ڪنهن مُلڪ جو حصو – ضلعو – تعلقو صوبو – پرڳڻو.

● **علّتَ ج علّتونْ:** ث. (ع). بيماري – مرض – روڳ – اڳهاڻ عادت – هَير – هانڊاڻ – خصلت. خراب عادت – خراب چال – خراب هيـر – ڪني خُوءِ ـ ڪني پَر. عيب – نَقص – وڏَ.

– **علّتيْ ج علّتيْ:** ذ. صفت. بيمار – روڳي – مريض – عليل. علـ وارو – خراب عادت وارو – عادتي – هيراڪُ. خراب چال وارو.

– **علّتيْ ٽِيَنُ:** عادتي ٽيڻ – هيراڪ ٽيڻ.

● **عَلْحَدوْ ج عَلْحدا:** صفت. (ع. عَلـحَدَهْ جو مخففُ) جدا – الڳ – ڌار – نيارو – خلاصو – وکرو.

● **عَلحدْگيْ ج عَلحدگيُونْ:** ث. جُدائي – آراڏي – وکـرائي – اُچاتَ. بِرَهَ – وڇوڙو – فِراق – ڦوڙائو. خلاصو حَق – بـ شرڪت. ڪٽي.

● **عَلَمُ ج عَلَمَ:** ذ. جهنڊو – نيزو. بيرَڪَ – جهَنْڊيْ. ڏڃا. فوج جـ نشان (جهنڊو). انگاس. علم نحو جي اصطلاح موجب اسم معرفہ جو هڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **عَلَمْبَرْدارُ ج عَلَمْبَرْدارَ:** ذ. صفت. جهندو ڪنندڙ.
– **عَلَمْدارُ ج عَلَمْدارَ:** ذ. صفت. عَلَم وارو. جهندو ڪنندڙ – اڳواڻ – سردار.
– **عَلَمْ طَوقُ ج عَلَم طَوق:** ذ. جهندي جي لَٽ جي چوٽي. ڪَلْسُ.
• **علْمُ ج علْمَ:** ذ. (عَلِمَ = هن جاتو) جاڻ – جاڻپ – واقفيت – آگاهي – دانش – دانست. وديا – وگيان – تعليم. سمجهه – سُڌ ـ ڪَلَ – خَبَر – سَماءُ – پَرُوڙ. معرفت – علميّت – قابليّت. هُنر – فَن – جوهَرَ – گُنَ – گُڻ. (عربيءَ ۾ بنيادي ۱۹ علوم آهن. جن جون ٻيون ٻه ڪيتريون ئي شاخون آهن: علم صَرف، علم نَحو، علم لُغت، علم مَعاني، علم بيان، علم قيافه، علم عروض، علم اِنشاءُ، علم رسم الخط، علم مُعَمّاءُ، علم مناظرو، علم قراءت، علم حديث، علم تفسير، علم فقه، علم فرائض، علم اصول، علم ڪلام، علم منطق، علم حڪمت، علم هيئت، علم هندسه، علم رياضي، علم عدد، علم طب، علم فلاحت، علم ڪيميا، علم نجوم، علم موسيقي، علم جبر و مقابل، علم جرّثقيل، علم رمل، علم جفر، علم طلسم.. علم مساحت، علم اصطرلاب، علم محاضرات (لطيفه گوئي ۽ حاضر جوابي) علم تعبير، علم تعويذ، علم تصوف، علم اخلاق، علم تاريخ، علم جغرافيه، علم مُدن وغيره وغيره. سنسڪرت ۾ وري ۱۴ عُلوم آهن: چار وِيد: سام وِيد، يجر وِيد، رگ وِيد، اٿر وِيد). ويدن جا ڇهه انگ (تفسير: صرف، نحو، قراءت، ڪلام، عروض، نجوم)، علم اِلاهي، پُراڻ (جي ۱۸ آهن)، نياءُ (منطق)، ڏرم شاستر (فقه) انهن علمن جون ٻيون ٻه شاخون آهن).
– **علمُ آبُ:** ذ. پاڻيءَ جو علم.
– **عَلْمُ آوازُ:** ذ. آواز جو علم – آواز جي اصولن جي جاڻ.
– **عَلْمُ اَخْلاقَ:** ذ. اَخْلاق وديا – آچار شاستريُ – نيتيُ سڪيا.
– **عَلْمُ اِلـٰهيْ:** ذ. اِلـٰهيَ اصول سيکارينڌڙ علم. علم معرفت.
– **عَلْمُ اَدَبَ:** ذ. اِنشا ۽ اخلاق – علم معاني – علم بيان – بديع – صرف و نَحوَ – انشا پردازي.
– **علْمُ الْيَقيْنِ:** ذ. يقين جو علم – دَليلَنْ ذريعي حاصل ٿيل جاڻ.
– **علْمُ اِنْشا:** ذ. مضمون ٺاهڻ ۽ انهن جي اظهار ڪرڻ جو علم.
– **عَلْمائِتو ج عِلْمائِتا:** صفت. علم سان لاڳاپو رکندڙ – علمي – شاستري – وگيانڪ – ازروءِ علم – وجائتو.
– **علْمُ بَلاغَتْ:** ذ. اهو علم جنهن ۾ مَوقع مهل ۽ وقت موجب مناسب گفتگو ڪرڻ جو رستو ٻڌايل هجي.
– **علْمُ بَيانْ:** ذ. بيان ڪرڻ جو علم – ڳالهائڻ جو علم. گفتگو ڪرڻ جو علم – علم فصاحت – علم ڪلام.
– **علْمُ تَشْرِيحْ:** ذ. بدن جي بناوت جو علم (جنهن جي وسيلي انسان جيّ بدن جي رڳن، مُشڪن وغيره جي بناوت اندرين ٻاهرين معلوم ٿئي).
– **علْمُ تَصوّفْ:** ذ. روحانيت جي جاڻ ڏيندڙ علم – روحاني علم – معرفت جو علم.
– **علْمُ تَمَدُّنْ:** ذ. شهري انتظام جو علم – راج نيتي جو علم.
– **عَلْمُ تَواريخْ:** ث. گذريل واقعاتن جي ڄاڻڻ جو علم. بادشاهتن جي واقعاتن جو علم.
– **علْمُ پِيْ وَيَچْ:** سگهو سڪڻ.
– **عَلْمُ جَبْرُ و مُقابلَهْ:** ذ. رياضيءَ جو هڪ علم.
– **عَلْمُ جَرّ ثَقيْلَ:** ذ. گرين شين جي آسانيءَ سان لاهڻ چاڙهڻ يا ٻئي هنڌ کڻي وڃڻ جو علم.
– **علْمُ جَفْرَ:** لڪل ڳالهين جي ظاهر ڪرڻ جو علم (جو حضرت اِمام جعفر صادق (ع) ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو).
– **علْمُ جَمادات:** ذ. زمين مان کوٽي ڪڍيل شين جي قسمن ۽ جدا ڪرڻ جو علم – علم معدنيات – ڌات وديا.
– **علْمُ حَديْثْ:** حديث جو علم – (اهو علم جنهن ۾ حضور رسول مَقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جي افعال "ڪرڻ ويهڻ" ۽ گفتگو بابت جاڻ ڏني).
– **علْمُ حساب:** ذ. انگن يا ڪنهن شيءَ جي شمار ڪرڻ يا گهٽ وڌ ڪرڻ جو علم – علم – علم رياضي.
– **علْمُ حڪْمَتَ:** ذ. موجودات خارج (شين) جي احوال (۽ جيستائين انسان جي طاقت هلي سگهي) انهن جي تحقيق جو علم – علم فلسفو (جنهن علم طبعي، علم رياضي ۽ علم الٰهي شامل).
– **علْمُ حيوانات:** ذ. حيوانن جو علم (جنهن ۾ حيوانن جي قسم، سڃاڻپ ۽ عادتن وغيره جو بيان هجي).
– **علْمُ دَسْتُورُ الْمَعاشْ:** ذ. گذران جي ذريعن وارو علم، (جنهن ۾ ڏن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پيدائش، اُن جي ورج ۽ مَتاسّنا جي جاڻ هجي) ارٿ شاستر.
– **علْمُ دِيْن:** ذ. مذهب ۽ ملت جي اصولن جو علم.
– **عَلْمُ رَمْلْ:** فال ۽ زائچي ۽ قرعه اندازي ذريعي غيب جو حال مَعلوم ڪرڻ جو علم.
– **علْمُ رياضيْ:** مختلف عددن، مقدارن ۽ ٽولهه جي درمياني تعلق کي ظاهر ڪندڙ علم.
– **علْمُ زبانْ:** ذ. ڪنهن زبان جي اصليت، محاورن ۽ اصطلاحن جي تحقيق جو علم (هن ۾ علم عروض، علم فصاحت، علم تاريخ ۽ علم ادب اچي وڃن ٿا).
– **علْمُ زِنْدگيْ:** زندگيءَ جو علم – جيوَن وديا – علم حيات (هيءُ هڪ وڏو علم آهي، جنهن ۾ نباتات، علم حيوانات، عالم ارتقا وغيره اچي وڃن ٿا).
– **علْمُ طَبَعيْ:** ذ. ڪائنات جي جاڻڻ جو علم – قدرتي علم – سَياويڪ علم – پوتڪي.
– **علْمُ عَرُوْض:** ذ. موزون شعر جي بناوت جو علم.
– **عَلْمُ فِقْهْ:** ذ. شريعت جي حڪمن جو علم – علم دينيات – دِيني قاعدن جي جاڻ.
– **علْمُ فَلاحتْ:** ذ. بَني ۾ اري ڪرڻ لاءِ طريقن يا اصولن جو علم – پوک ڪرڻ جو علم.
– **علْمُ فَلْسَفَهْ:** ذ. علم حڪمت (هن ۾ طبعي، رياضي ۽ اِلاهي ٽيئي علم اچي وڃن ٿا).
– **علْمُ قِيافَهْ:** ذ. ڪنهن ماڻهوءَ جون حالتون، ان جي جسماني نشانين مان جاڻڻ جو علم.
– **علْمُ كلامْ:** ذ. فصاحت ۽ بلاغت جي جاڻ، رنگين هولين جي جَاڻ – النڪار – خوش بياني – هوليءَ رَسُ. دليلن ۽ سببن جي بحث مباحثي جو علم.
– **علْمُ كيْمِيا:** ذ. سون چاندي ٺاهڻ جو علم – رَسائِن وديا (هَاٿي) شيَن جي جُزن کي پاڻ ۾ ملائڻ يا جدا ڪرڻ جو علم.
– **علْمُ لَدُنيْ:** ذ. خدا تعاليٰ جي طرفان مليل علم.
– **عَلْمُ لُغَتْ:** ث. هوليءَ جي لفظن جي تحقيقات جو علم.
– **عَلْمُ مُدُنْ:** ذ. شهري انتظام يا حڪومت جي هلاڻ جو علم – اُمور رياست جو علم – راج نيتي.
– **علْمُ مَساحَتْ:** ذ. ماپ ۽ پَيمائش جو علم. شين جي ڏيگهه، ويڪرائي، اونهائي ۽ گهاتائي جي ماپڻ ۽ انهن جي لاڳاپن جي قاعدن جو بيان.
– **علْمُ مَعْدنيات:** ذ. زمين مان نڪرندڙ شين جو علم.
– **عَلْمُ مَناظَرْ:** ذ. اکين جو علم – (اهو علم جنهن جو واسطو روشنائي، ان جي ڦهلاءُ، مُڙڻ، ڀڄڻ، پکڙڻ، پاڇن ۽ سندس لاڳاپن سان آهي).
– **علْمُ مَنْطِقْ:** ذ. صحيح ۽ باقاعدي دليلن جو علم – گفتگو مَان نتيجي ڪڍڻ جو علم – تَصَوّرات ۽ تصديقات جو بحث.
– **علْمُ موسيْقيْ:** ذ. گهائڻ وڄائڻ جي قاعدن، سُرن جي اصولن ۽ آواز جي سلسلي معلوم ڪرڻ جو علم (سرياني لغت ۾ موسيقي جي معنيٰ مُطْلَق لَحَنْ آهي ۽ اصطلاح ۾ سُريلو آواز. هن علم جي ابتدا بقول امام فخرالدين رازي جي، حضرت سُليمان عليه السلام جي شاگرد حڪيم فيثاغورث کان ٿي، ڪن جي خيالن ۾ هن علم جو موجد حضرت دائود عليه السلام آهي. هين روايتن موجب هڪ مشهور خوش اِلْحانُ پکي "قُقنس" جي آواز مان هي علم ورتو ويو ۽ ڏاهَنْ ان کي آسمان جي هارهن برجن موجب تقسيم ڪيو. مولانا روم جي شعر مان معلوم ٿو ٿئي ته هي علم گردش افلاڪ مان حاصل ٿيل آهي. جيئن: "خوش حڪيمان گفته اند اين لَحْنَها، گردوار چرخ بگرفتيم ما."
– **علْمُ نَبَاتات:** ذ. نباتات جو علم – بنسپتي شاستر. وڻن، ٻوٽن، ولن، "جڙي ٻوٽي" جي قسمن ۽ سندن بناوت ۽ سندن واڌاري ۽ حياتيءَ بابت علم – بناسپتي شاستر.
– **علْمُ نُجُوْمْ:** ذ. تارن ۽ سيارن جي بيهڪ، جسامت، لهڻ اُپرڻ، گردش ۽ گرهڻ وغيره جو علم – علم هيئت – جوتش ويديا.
– **علْمُ هنْدَسَهْ:** ذ. جسم جي ٽولهه، سطح ۽ پيمائش جاڻائيندڙ علم. شڪلين ۽ نقشن جي (پکيڙ) جاڻڻ جو علم.
– **علْمُ هَوا:** ذ. هوا جو علم (اهو علم جيڪو هوا جي ڏهاءُ وغيره جو بيان ڪري).
– **علْمُ هيئت:** تارن ستارن جو علم – علم نجوم – Astronomy.
– **علْميْ ج علْميْ:** صفت. علم وارو – علم جو – علمائتو – وِگيانَڪُ. قِياسي – خيالي – انومانِي – نظري – مانسڪُ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُوتر آتمڪ.

- **عَلْميّتَ:** ث. ڄاڻپ – وڏي ڄاڻ – علم. ڪَل – سُڌ – سماءَ – مَعرفت – پروڙ. قابليت – هوشياريْ.

• **عُلَمَاءُ:** ذ. صفت. (ع. عالم > عَلَمَ = هن ڄاتو) عالم جو جمع. پڙهيل – وڏي علم وارا – فاضل – مُدبّر – ڄاڻو – سياڻا. بزرگ.

• **عَلَمْ پور:** اسر خاص. تعلقي گڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عُلُوّ:** ذ. (ع. عُلو = اوجو) وڏائي – بُلَنْدي – اوچائي. برتري. مرتبه – عزت – جاهُ.

- **عُلْويْ ج عُلْويْ:** ذ. اَعْلَيٰ درجي جو – مٿانهون – بلند. آسماني – فَلَڪي. ذ. فرشته – مَلَڪُ. تارو ڪوڪب – نجم.

• **علْوداڻيْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **عُلُوفَهْ ج عُلُوفَا:** (ع. عُلوفَهْ) ڪاڏي جي شي – ڪاڏو – طعام – خوراڪ. راتبُ. پينشن – وظيفو.

• **عُلُومْ:** ذ. (ع عَلِمَ = هن ڄاتو) علم جو جمع – گهڻا علم – هُنر – فَنَ.

- **عُلُوم جَديْدَه:** ذ. هلندڙ وقت جي ايجادن جو علم (جهڙوڪ، فوتوگرافي، سئنيما وغيره).

• **عُلُوم مُتَعارفَه:** ذ. هلندڙ وقت جي ايجادن جو علم (جهڙوڪ، فوتو گرافي، سئنيما وغيره).

- **عُلُوم مَشْرَقيْ:** ذ. ايرندي مُلڪن جا علم "جهڙوڪ عربي، سنسڪرت، فارسي، وغيره."

• **عَلْويْ:** ذ.صفت. حضرت علي ڪَرّم الله وَجْه جن جو اَوْلاد. (اسَر خاص). هڪ ذات جو نالو.

• **عَلِيْ:** صفت. مٿانهون – بلند – اوچو – اَعليٰ. (اسر خاص). (حضرت علي (ع) حضور مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جي نائي، سوٽ ۽ خلافت راشده جي هڪ خليفي جو نالو.

• **عَلِيءِ جو مَيْدانْ:** ذ. حضرت عليءَ جن جو خاص گڻ – فقر ۽ فاقو. حضرت عليءَ جو خاص رستو – حضرت علي جن جي پيروي – همت ۽ مردانگيءَ جو ميدان.

• **عَلِيْ آباد:** اسر خاص. تعلقي تندي باگي ۽ تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَلْيَانْ ج عَلْيَانَ (ت):** ذ.تکن ڏندن وارو لغام. (جو ڏنگي ۽ مَسْت گهوڙي کي ڏجي).

• **عَلْيَاڻو:** اسر خاص. تعلقي ڊگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَلْيَاڻيْ:** اسر خاص. نصاريُ قبيلي جي هڪ شاخ جو نالو.

• **عَلِيْ بَحَرْ:** اسر خاص. تعلقي واره، تعلقي شڪارپور، تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَلِيْ پُور:** اسر خاص. تعلقي جيڪب آباد، تعلقي ديري محبت ۽ تعلقي گوني۽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَلِيْ خانْ:** اسر خاص. تعلقي ٽل ۽ تعلقي گڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو. قنبر جي پر ۾ هڪ شهر جو نالو.

• **عَليڪ سَليڪ:** ث. (ع. عَليڪُم سَلام جو مُخفف) سلام عليڪي جو رستو. مُنهن لڳ – واقفيت – سجاڻپ – دوستي – سنگت – ياري.

• **عَلِيْل:** صفت. (ع). پَوٽو – نهَلُ – بي سَتو – بي حال. بيمار – اگهو – ناچاق – مريضُ. زَڄ – بي مزي – سُڪالو – اٽڪيل. "آٿي ڏي عَليْلَ کي، معجونون موچار" مَڳُ – الُوٽ – مَسْتُ. بي حال – عاشق.

• **عَلِيْم:** صفت. (ع). وڏي علم وارو – وڏو ڄاڻندڙ. وڏو ڄاڻو (اسر خاص). خدا تعاليُ جو هڪ صفاتي نالو.

• **عَليْواهْ:** اسر خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَلَيْه:** ظَرف. (ع). اُن تي – اُن جي مٿان.

– **عَلَيْهَ الْـرّحْمَتْ:** جملو. خدا جي اُن تي رحمت هجي.

– **عَلَيْه السّلامْ:** جملو. خدا هُن کي سلامت رکي! – شال هُو سلامَت رهي!.

• **عَليْ مَهر:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عَمْ ذادَهْ:** ذ. پيءُ جي پاءُ جو پُٽ – چاچي جو پُٽ – سَوٽُ.

• **عمارَتْ ج عمارَتُونْ:** ث. (ع. عَمَرَ = هُن مرمت ڪئي) جاءِ ـ جڳهه – گهر – مڪان – اڏاوت. محل – بنگلو.

– **عمارَتْ سازْ ج عمارَتْ سازْ:** ذ. صفت. عمارت ناهيندڙ – جاين جون رٽون رٽيندڙ. اُستو – ڪاريگر – معمار.

– **عمارَتْ سازيْ ج عمارَتْ سازيُونْ:** ث. جاءِ ناهڻ جو ڪم – مَعماري – اڏاوت.

– **عمارَتيْ ج عمارَتيْ:** صفت. عمارت جو – عمارت لاءِ ـ عمارت جي ڪم جو.

• **عَماريْ ج عَماريُونْ:** ث. (ع). سواري لاءِ هاٿيءَ جي پُٺيءَ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکڻ جي ڏولي – پالکي – هَردو – هؤدو – هَنياري (عَماري ٿاهڻ جو مُوجد عَمار هو. ان کري عَماري سڏجي ٿي).

• **عَمالِيُونْ ڪَرڻ(ت):** مؤجون ماڻڻ.

• **عمامَهْ:** ذ. (ع). پَڳڙو – دستار.

• **عَمْد:** ذ. (ع. عَمَدَ = هُن ڪڙي ڪئي) اختيار سان ڪم ڪرڻ جي نيت – قَصد – ارادو – اَهنگ – نيّت – منشاء – عزم.

– **عَمْداً:** ظرف. ارادي سان – قصداً – اِرادتاً – جاڻي واڻي – دانستہ.

• **عُمْدو ج عُمْدا:** ذ. صفت. (ع. عُمْدَهْ) مٽيون – اُجو – بالا – وڏو – اعليٰ – اُتر – چولو. بهتر – چگو – خاصو – فائق. نهايت سٺو – سريشٹ – سُٹي ۾ سُٹو – اول درجي جو – بيش – برتر – افضل. قيمتي بي بها. خوبصورت – سهڻو – نفيس.

– **عُمْدائِي ج عُمْدائِيُونْ:** ث. سُنائي. سُهاڻي – خوبصورتي – حُسن. خوبي – خاصيت – گُڻ – جوهَر. فضيلت – فوقيت.

– **عُمْدَگِي ج عُمْدَگِيُونْ:** ث. عمدائي.

• **عُمر ج عُمرِيُونْ:** ث. (ع. عُمْرُ). جمڻ کان مرڻ تائين حياتيءَ جو وقت – جَمار. جيئڻ – جياپو. حياتي – زندگي.

– **عُمْر بَسَر ڪَرڻ:** حياتيءَ جا ڏينهن گذارڻ – زندگي گذارڻ – حياتيءَ جو دور پورو ڪرڻ.

– **عُمْرِيڙ:** ظرف. ساري عمر لاءِ ـ ساري جمار لاءِ. حياتيءَ تائين – پڇاڙيءَ تائين – آخر تائين.

– **عُمْر دَرازْ:** ذ. صفت. وڏي عمر وارو – وڏي جمار وارو. ڏگهي جمار – وڏي عمر.

– **عُمْر رسيدَهْ:** ذ. صفت. وڏي عمر کي پهتل – وڏي عمر جو – پوڙهو – مُعمّر – طبعي عمر کي پهتل – پيرسن – هڏو.

– **عُمْر رَوانَهْ:** ذ. صفت. ويل عمر جو – پوڙهو – پيرسن (ديوان واصف).

– **عُمْرنُوحْ:** ذ. صفت. حضرت نوح (ع) پيغمبر وانگر وڏيءَ عمر جو.

• **عُمَرْ:** اسر خاص. (ع). اسلام جي ٻئي خليفي راشد حضرت عمر رضي الله عنه جو نالو. سومره خاندان جي هڪ بادشاهه جو نالو (مارئي عُمر جي تمثيل وارو).

• **عُمْرانِيْ:** اسر خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. (نَوَ پاڙا: ١. عمراڻي. ٢. دلاور زئي. ٣. بهاراڻي ۴. جدواڻي ۵. جروار عمراڻي ٦. جونگاڻي ٧. ملغاڻي ٨. دليلاڻي ٩. نوتکاڻي).

• **عُمْرانِيْ پُور:** اسر خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عُمَرَ ڪُوٽْ (ل – ک):** ذ. پرت جو هڪ قسر. (اسر خاص شهر جو نالو. تعلقي عمر ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عُمَرِ مَرکِيَانِيْ:** اسر خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **عُمْرو:** ذ. (ع. عُمْرَهْ) (حج کانسواءِ ٻئي کنهن موقعي تي احرام ٻڌي. طواف ڪرڻ ۽ عبادت ڪرڻ).

• **عُمَقْ ج عُمَقْ:** ذ. (ع). اونهائي – اچائي – اَتاهين – اَپائي – اونهاڻ

• **عَمَلْ ج عَمَلْ:** ذ. (ع. عَمَلَ = هن ڪم ڪيو) ڪَمُ – فِعل ڪار – ڪِرت. مڃڻ يا بجا آڻڻ جي حالت – تعميل پوئواري – بجا آوري. عادت – هير – چال. دستور – نيم قاعدو – قانون – سرشتو. حڪومت جو دائرو. اختيار انتظام – حڪمراني – حڪومت – راج – صاحبي.

– **عَمَلْ ڪَرڻ:** عَمَلَ ۾ آڻڻ – پوءِ واري ڪرڻ – تعميل ڪرڻ پورائي ڪرڻ. ڪارروائي ڪرڻ چئي موجب ڪرڻ. مشق ڪ – (پاڻ کي) هيرڻ – سکڻ (اصطلاح) همت – حيثيت – تاب

– **عَمَلْ ڪري اُڻڻ:** حشمت ۽ تاب سان اُڻڻ.

– **عَمَلِيْ ج عَمَلِيْ:** صفت. عمل جو – عمل وارو. ڪم جو – ڪ وارو – ڪارگر. اُهو جنهن تي عمل ڪري سگهجي – جيڪ عمل ۾ آڻي سگهجي – عملاتو – استعمالي.

– **عَمَلِيْ سُڌيان:** ذ. جاميٽريءَ جو اهو سُڌيان جنهن ۾ ڪجه ٿاهڻو پوي.

• **عَمَلدارْ ج عَمَلدارَ:** ذ. صفت. (ع. عَمْلَ + ف. دارْ + رکندڙ تعميل ڪندڙ – پوئواري ڪندڙ. انتظام رکندڙ. حڪ هلائيندڙ. عهده دار – ڪامورو – آفيسر.

• **عَمَلْدارِيْ ج عَمَلْدارِيُونْ:** ث. عملدار جو ڪَمُ. انتظام حڪومت هلائڻ جي حالت – حڪمراني – حڪومت.

• **عَمْلُوْ ج عَمْلا:** ذ. (ع. عَمْلَهْ) ڪم ڪندڙ ماڻهن جو مجموعو مُلازم. آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو – زيردست اتالو. نوڪر – چاڪر – ڇوڪر – ڏنبلو – اَتالو. ڪنجڪ لڳ سُوار – ٻيڙو. انبوهُ – خلق – ڪَڪ – پيند. گهُر – دعويٰ – طلب مقدمو – فرياد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عُمُوْدُ ج عُمُوْدَ: ذ. (ع. عَمَدَ = هن ڪڙوڪيو) پت. تنبو. تنبوءَ جي اُپي ڪاٺي – مَلُ. هڪ سنئين ليڪ تي ٻي پيَل اُپي ليڪ – خَط عمود – پايو. جاميٽريءَ موجب اُها سنئين ليڪ جا ٻيءَ سنئين ليڪ تي اهڙي طرح پوي جو پرواريون ڪندون گونيون ٺهن.

عُمُودِيْ: صفت. اُپو – سَنُئون.

عَمُوماً: ظرف. (ع). عام طرح – اڪثر – گهڻو ڪري – ساڌارڻ ريت – گهڻُ ڪرو – سراسري. معمولي – هڪجهڙو – رواجي – سمان.

عَمِيْق: صفت. (ع. عَمَق = اونهو ٿيو) تمام هيٺ – اونهو – گهَرُو. اونهو سمنڊ – بحر. (مجازي معنيٰ ۾) وحدت جو درياءُ – مطلق هستي. "جن کي عشقُ عَميْقُ جو سي خلوت خيالي".

عُنَابُ ج عُنَابَ: ذ. (ع). پساريَڪي وکر جو هڪ قسم – ٻيرُ (جبل جو) – ولايتي ڪاري رنگ جو ٻيرُ.

عُنَابِيْ ج عُنَابِيْ: صفت. ڳاڙهو – لال.

عِنَادٌ: ذ. (ع. عند = مقابلو ڪرڻ) دشمني – ويرُ – ضد – بُغْضُ – عَداوَتَ – نفَاقَ – ڪينو. جهڳڙو – لڙائي – فساد.

عَنَاصِرُ: ذ. (جمع عُنْصَر جو) اصلي بنيادي طبعي جُزا. (چار عنصر هوا، باهه، پاڻي، مٽي).

عِنَانٌ: (ث. (ع). واڳَ – لگامُ – لَجامُ.

عِنَايَتَ ج عِنَايَتُوْنْ: ث. (ع. عَنَي = هن ارادو ڪيو) مهرباني – اَحسان – ٿورو – لاڙو – پلائي – وَڙُ – نوازش – ڪريا. دَيا – ٻاجهه – مهر. بخشش – لطف – شفقت. لحاظ – پاسخاطري.

عِنَايَتُ پُوْرُ: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

عَنْبَرُ ج عَنْبَرَ: ذ. (ع). پساريي وکر جو هڪ قسم.

عَنْبَرِ سارا: ذ. خالص عنبر – نُڇ عنبر. عَمّان جي ڪناري تي هڪ شهر جو نالو.

عَنْبَرِ شَمِيْمُ: ذ. خوشبودار عنبر.

عَنْبِيْرُ جَ عَنْبِيْرَ: ذ. (ع). پساريي وکر جو هڪ قسم (انڌي وانگر ڳاڙهي رَنگ تي خوشبودار. ملر ناهڙ جي ٻ ڪم اچي).

عِنْد: ظرف (ع). ويجهو – نزديڪ – پرسان – قريب – متصل – لاڳو.

عَنْدَلِيْبُ: ذ. (ع). پکيءَ جو هڪ قسم – بُلبُل. پوري.

عُنْصَرُ ج عَنَاصِرَ: ذ. (ع). اصلي جزا – (ڏسو عَناصر).

– **عُنْصَرِيْ:** ذ. اوائلي – ابتدائي – شروعاتي.

• **عُنْقَا جَ عُنْقَا:** ذ. (ع). هڪ خيالي پکيءَ جو نالو – راڄ هُنْسُ – سيمُرغ (جنهن بابت عام خيال تہ ساري دنيا ۾ رڳو هڪئي ڏَئي جيڪو وڏي عمر جو ٿئي تہ پاڻ کي ساڙي چڏي، ۽ ان جي رَکَ مان ٻيو پيدا ٿئي).

– **عُنْقَا جوْ شِكَارْكَرَنْ:** ڪا شيءِ ڏکي هٿ اچڻ – ناممڪن ڳالهه ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

• **عُنْقَرِيْبَ:** ظرف. (ع). نزديڪ – ويجهو – اوري – پرسان. تمام جلدَ – تُرت – فوراً – هينئر – جلدئي.

• **عَنْكَبُوْتُ:** ذ. (ع). هڪ جيت جو نالو – ڪوريئڙو.

• **عُنْوَانُ ج عُنْوَانَ:** ذ. (ع. عَنَنَ = هن سرخي ڏني) ڪنهن به شيءِ جو مُنڊ – اول – آغاز – شروعات – مُنڊ. ڪنهن لکيل مواد جو نالو (جهڙوڪ ڪتاب، ناول، مضمون، آکاڻي، افسانو وغيره) – موضوع – سُرخي – هيڊنگ.

• **عَوَامُ:** ذ. (ع). عام ماڻهو – عام خلق – خلقِ ـ خُدا – مخلوق. (ضد. خاص). عام پبلڪ – عام شهري.

– **عَوَامُ النَّاس:** ذ. عام ماڻهو – سڀ ماڻهو – خلق – مخلوق.

• **عُوْدُ:** ذ. (ف). خوشبودار ڪاٺيءَ جو هڪ قسم – خوشبوءِدار ڪاٺي.

• **عُوْدِيْ:** اسم خاص. تعلقي نُل ۾ هڪ ڳوٺ ۽ديهه جو نالو.

• **عَوْرَتَ ج عَوْرَتُوْنْ:** ث. (ع). زال – اِستري – نار – ناري – زائفان – مهري. گهرواري – زَنَ زال – جوءِ.

– **عَوْرَتَ ذَاتَ ج عَوْرَتَ ذَاتَ:** ث. عورت جي جنس.

• **عِوَضْ:** ذ. (ع). ڪنهن شيءِ جو بدلو – بَدل – بَدو – عيوَضو – مُعاوضو. اُجرَ، انتقام. (ظرف). بدلي ۾ ـ بدران – پاران – بجاءِ.

– **عِوَضْ وَنَڈْ:** بدل وٹڻ – عيوضو وٹڻ. انتقام وٹڻ. بدلو وٹڻ.

– **عِيوَضِيْ ج عِيوَضِيْ:** ذ. صفت. ڪنهن جي بدران ڪم ڪندڙ – انچارج – قائم مقام – سَفيرُ – ايلچي.

• **عَوْلُ:** ذ. اڳئين دستور موجب فاتح بادشاهه يا حاڪم مخالف ذر جا خاص ماڻهو ضامن طور نظربند ڪري وٺي ويندا هئا – اول – ٻانڌ.

• **عَهَدُ ج عَهَدَ:** ذ. (ع). انجامُ – اِقرار – وعدو – شَرط – قوَل – سُخن – زمانو – وقت – سَمو – جُگُ – عرصو – دوَر – وارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– ايّامُ. راج – بادشاهي – حڪومت.
– **عَهْد پَيْمانُ:** ذ. صلح جا شرط. قول قرار – انجام اقرار.
– **عَهْدشِڪَنِي ج عَهْدُ شِڪَنِيُونْ:** ث. قول جي پڇڪڑي – وعدي خلافي – انجام شڪني – بي وفائي.
– **عَهْدِ حُڪُومَتْ:** ذ. حڪومت جو وقت – بادشاهيءَ جو زمانو.
– **عَهْدْنامُوْ ج عَهْدْناما:** ذ. ڪنهن انجام لاءِ لکيل ڪاغذ – تحريري معاهدو. صُلح جي شرطن جو لکيل ڪاغذ – قبوليت نامو – قرارنامو.
– **عَهْدُ وَپَيْمانُ ج عَهْدْ وَپَيْمانُ:** ذ. اقرار نامي يا قبوليت نامي جا شرط – انجام و اقرار.
• **عُهْدُو ج عُهْدا:** ذ. (ع). درجو – مرتبو. لقب – ڪوبہ سرڪاري خطاب.
– **عَهْدي:** ذ.صفت. بهادر (جو جنگ تي چڙهي).
– **عُهْديدارُ ج عُهْديدارَ:** ذ. صفت. ڪم جو مالڪ. عهدي وارو – عملدار – آفيسر – ڪامورو. دفتردار – لقب وارو.
• **عيادَتَ ج عيادَتُونْ:** ث. (ع). بيمار ڪان ڪيل پُڇا – بيمار پُرسي. اگهي سان همدردي.
• **عيّارُ ج عَيّارَ:** ذ. صفت. (ع). مَڪارُ – نَڳُ – فريبي – دغاباز. چالاڪ – فطرتي چال باز – هوشيار.
– **عَيّاريُ ج عَيّاريُونْ:** ث. دغابازي – مَڪاري – ڏوڪيبازي – دغا – فريب – نَڳي. حرفت – چالاڪي – هوشياري.
• **عَيّاشُ ج عَيّاشَ:** ذ. صفت. (ع. عَيْشُ = خوشي) عيش ڪندڙ – عياشي – عيشي – آرام سان حياتي بسر ڪندڙ – آرام پسند. بيڪار.
– **عَياشِيْ ج عَياشِيُونْ:** ث. عيش و عشرت – نفس پرستي. (ذ. صفت). عيش ڪندڙ – عياش – نَفس پرست.
• **عَيالُ ج عَيالَ:** ذ. (ع). ڪُٽنب – ڪُڙم – آڪهه – ڪُنبو – خاندان – گهراڻو – ڪُل. آل اولاد – هار ٻچا – گهر هار – تَبَرَ.
– **عَيالْدارُ ج عَيالْدارَ:** ذ. صفت. ٻَڇڙ وارُ – اولادي – عَيالي.
– **عَيالْداريُ ج عَيالْداريُونْ:** ث. ٻچڙوال هئڻ جي حالت – ٽبرداري.
– **عَيالِيُ ج عَيالِيَ:** ذ. صفت. آل اولاد وارو – هار ٻچن وارو – ڪُٽنب وارو – گهر هار وارو – آڪهه وارو.
• **عَيانُ:** صفت. (ع. عَينَ = اک) ڏسڻ ۾ ايندڙ – ڏسجندڙ – ڪليو – پَڌرو – ظاهر – واضح – آشڪار – نشانبَرَ. روشن – چٽو – صاف.
– **عَيْبُ ج عَيْبَ:** ذ. (ع). گهٽتائي – اوڻائي – نُقص – ڪَسَر – ڪَمي – سُقَمُ – قصور. ڪوٽ – خرابي – اوڳڻ – خامي – اُڻ چُڻ. وِيڪَ – وڏَ.
– **عَيْباتُوْ ج عَيْباتا:** ذ. صفت. عَيب وارو – عَيبدارُ – اٽپورو – اڻ سالر.
– **عَيْبُ پوْشُ ج عَيْبُ پوْشَ:** ذ. صفت. عيبن تي پوش ڏيندڙ – عيب ڍڪيندڙ.
– **عَيْبُ پوْشِيْ ج عَيْبُ پوْشِيُونْ:** ث. عيبن کي ڍڪڻ واري حالت – چشم پوشي.
– **عَيْبُ جُوْ:** ذ. صفت. عيب ڪيندڙ – عيب ڳولينڊڙ – گا ڪندڙ. گهٽتائي ڪندڙ.
– **عَيْبُدارُ ج عَيْبُدارَ:** ذ. صفت. عيبن وارو.
– **عَيْبُ لائڻُ:** تهمت لائڻ. الزام مڙهڻ.
• **عيْدَ ج عيدُونْ:** ث. (ع). خوشي – راحت. هارنهن ماهو ڏينهن – وڏو ڏينهن – (چار عيدون. عيد الفطر. عيدالبقر. عيد ميلاد عيد براة. عيد الضحيٰ).
• **عيد ڪرڻ:** عيد ملهائڻ – خوشي ڪرڻ.
– **عيدَ اَڳِرْيْ ج عيد اَڳِرْيُونْ:** ث. اويل سويل جو آڻڻُ – مينهن وسندي جو ٽپڙ – اڳيءَ ڪنيءَ جو وسيلو.
– **عيد اَڳِرْيْ پائڻ:** صاف سهڻو ويس پائڻ – مانائتا ڪپڑا پائڻ
• **عيْدُ الضَّحيٰ:** ث. ذوالحج مهيني جي ڏهين تاريخ واري عيد – عيدالبقر – عيد قرباني.
• **عيْدُ الْفِطْرُ:** ث. فطري ڏيڻ واري عيد – رمضان جي مهيني جو ختم ٿيڻ تي مهيني شوال جي پهرين تاريخ واري عيد – عيد رمضان – ملي عيد.
• **عيدانُو ج عيدانا:** ذ. صفت. وڏي ڏينهن جو – عيد جو طعام – عيد جو تحفو.
• **عيْد بَرات:** ث. شعبان مهيني جي ۱۵ تاريخ واري عيد.
• **عَيْدَ گاهْ ج عيْدَگاهَ:** ذ. ث. عيد جي نماز پڙهڻ جي جاءِ يا ميدان.
• **عيْدِيْ:** ث. عيد جي ڏينهن ڏنل طعام – عيد جو تحفو – عيد جي خرچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **عيْدَلْجيْ:** اسر خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **عَيْدنُ جَرْوارُ:** اسر خاص. تعلقي شهدادڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **عيْدَنْ شاهْ (ت):** ذ. ث. ڪجيءَ جو هڪ قسم (جنهن جي ڇَڙِي ٽلهي ٽئي، جنهن مان ٻهارا ۽ ڪاهر سخت ٽين. ڏونڪو وانگٽائي ۽ ڪارڪ ڪاري ۽ ٽلهي ٽئي).
• **عيْدَنْ شاهْي ڪُپڙا:** ذ. عيدن شاه ڪجيءَ جون ڪارڪون – عيدن شاهه جا ڪُپڙا.
• **عيْسيٰ:** اسر خاص. هڪ نبي سڳوري جو نالو – حضرت عيسيٰ عليه السلام.
– **عيْسائِي ج عيْسائِيْ:** ذ. صفت. عيسائي مذهب جا پوئلڳ – ڪرسچن – مَسيحيْ – نصراني – نصاريٰ.
– **عيْسَويْ:** صفت. ذ. حضرت عيسيٰ جي جنڊ کان شروع ٿيل سَنُ – مَسيحي سن.
– **عيْسَويْ دَمُ:** ذ. حضرت عيسيٰ عليه السلام جو ڪلام ۽ ڦيٽو (ديوانَ – واصف).
• **عيْسانائِيْ:** اسر خاص. مري بلوچن جو هڪ پاڙو.
• **عَيسانْ پوْتَه:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر حيدرآباد ۾).
• **عيْسائِيْ:** اسر خاص. هڪ ڪتنب جو نالو.
• **عَيْسائِينْ:** ذ. مزاري بلوچن جو هڪ پاڙو.
• **عَيْسوْ:** اسر خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **عَيْسوْ ماچِيْ:** اسر خاص. تعلقي ڪَڙَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **عَيْسوْ ناريجوْ:** اسر خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **عَيْسي واريْ:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **عَيْشْ ج عَيْشَ:** ذ. (ع). خوشي – لطف – راحت – موج – فرحت. خوشيءَ سان حياتي گذارڻ جي حالت – آسودگي – آرام – چين – سُک. نفساني يا جسماني لذت. عيش و عشرت.
– **عيْشُ اُسْرَنْ:** آرام هليو وڃڻ – خوشي باقي نه رهڻ – بي آرامي پيدا ٿيڻ. جيئن "رنجُ ريزالن رقيبن جي ڪنان، عَيش اُسريو پڻ ٿيو اِڪراه خط". (فاضل شاهه).
– **عَيْشَ جوْ بَنْدوْ ج عَيْشَ جا بَنْدا:** ذ. آرام طلب. موجي جيوڙو – نفس پرست. عياش.
– **عَيْشَ عِشْرتُونْ ج عَيْشَ عِشْرتُونْ:** ث. نفساني خوشي – رنگ روپ – رنگ رس.
– **عَيشِيْ ج عَيْشِيْ:** صفت. عيش جو – عيش وارو – عيش عشرت ڪندڙ – عيش پرست – نفس پرست – شهوت پرست – ڪامي – پوڳي.
– **عَيْشِيْ جِيئڙوْ ج عَيْشِيْ جِيئڙا:** ذ. صفت. عيش پسند – خوش مزاج – ڇَهيلو – زنده دل – ڪِل مُڪ.
• **عَيْلَ ج عيْلُونْ (ت):** تو ٻَهه – بانْ.
– **عَيْلَ ڪَرَنْ:** تو ٻهه ڪرڻ – بَس ڪرڻ – بانْ ڪرڻ.
• **عَيلاڙ ج عيلاڙ (ت):** ذ. (ع. علاج جي بگڙيل صورت). منت – آزي – علاج.
• **عَيْنْ ج عَيْنُونْ (ت):** ث. اٽڪل – تجويز – رڻ – حيلو – تَلَ. چالاڪي.
– **عَيْنباڙ ج عَيْنباڙَ:** ذ. صفت. اٽڪل باز – اٽڪلي. نگ، چالاڪ.
– **عَيْنُونْ ڪَرَنْ:** اٽڪلون ڪرڻ – حيلا هلائڻ – تجويزون ڪرڻ.
• **عَيْنُ ج عَيْنُونْ:** ذ. (ع). هڪ عضوي جو نالو – اک – چشم – نيٽُ – نيْنُ – چَهُ (ڪ). پاڻيءَ جو چشمو. (ڪنهن شيءِ جي) خاصيت – گُڻ – جوهر – رُوح – تت. (ڪنهن شيءِ جي) اصليت – حقيقت. چگائي – نيڪي – خير – خيريت (ا – س). الف ب جو هڪ اکر. گوڏي جي ڊِڪٽيءَ وارو هڏو. سردار. (ضمير) پنهنجو پاڻ – جند – خود – پنڊ. (صفت). محض – فقط – رڳو – بلڪل. خالص – نج. نَسورو – سچ – ڪُل. معلوم – ظاهر – پڌرو – چٽو. وُڃ يا خاص – بالڪل اهو – اصل – هوبهو. "سوئي عَين عذاب، سوئي راحت روح جي، ڪوٽ قربن جو عين تڙ آهه".
• **عَيْنُ آمهون سامهُونْ:** ظوفَ. بلڪل اُبتڙ – مخالف – منهن سامهون.
– **عَيْنُ الْمَالِ:** ذ. موڙي. صافي پيل نفعو – صافي فائدو. زمين جي دِل.
– **عَيْنُ الْيَقِيْنْ:** ذ. ڏٺي شاهدي سان حاصل ڄاڻ. پورو يا سچو يقين.
– **عَيْنُ بيْنُ:** صفت. بلڪل ساڳيو – سڌ پڌ – هوبهو – ان جهڙو – اُهوئي.
– **عَيْنُ ثَيَنْ:** معلوم ٿيڻ – ظاهر ٿيڻ – پڌرو ٿيڻ.
– **عَيْنُ قَرارُ لَهْنُ:** مَٽ ٽيڻ – برابر ٽيڻ – پِڇِجي اَچڻ – نِعْمَ

اَلبَدَلُ بَٽِجَڻُ.

– **عَيْنَکَ ج عَيْنَکُوڻْ:** ٿ. ڏسڻ جو شيشو – چشمو.

– **عَيْنُ لَهَرُ ج عَيْنُ لَهَرَ:** ذ. صفت. هلڻءَ جي اک. جواهر جو هک قسم (جنهن کي، گُنبَڏي نموني ۾ وڌبو ته هلڻءَ جي اک جيان پيو ڏسبو).

– **عَيَنُ وَقْتُ:** ظرف. تُر وقت –اوکهيءَ گهڙيءَ ـ نازک وقت. پوري وقت. ٺيڪ وقت – مهلاڻتو.

– **عَيْنُ وقْتَ تي پَهْچڻُ:** نازک وقت تي پُهچڻ – تُر وقت تي پهچڻ – پوري مهل تي پهچڻ. ٺهرايل وقت تي مس مس پهچڻ.

– **عَيْنِيْ:** ذ. صفت. اک جو – اک وارو. اکين ڏِنل.

• **عَيْنَکَ ج عَيْنَکُوڻْ:** ٿ. (ع). نظر وڌائڻ لاءِ فريم ۾ پيل شيشي جو جوڙو – چشمو.

• **عَيْنَلَهَرُ ج عَيْنَلَهَرَ:** ذ. (عَيْنُ = اک + لَهَرُ) هلڻءَ جي اک. هيري جو هک قِسم – ساواڻ تي مائل هيرو (جنهن کي گُنبَڏي نموني ۾ وڌبو ته هلڻءَ جي اک جيان پيو پاسبو).

– **عيوَضُ ج عيوضُ:** ذ. (ع. عوَضُ) عوَضُ. بدلي ۾ ڏنل شيءَ – بَدَرُ – بَدَلُ – ساٽو – پرتيِنْڈِيْ. معاوضو – اجورو. مَٽ سٽ – ڏي وٺ. جَزا – کيٽو – نَتيجوُ – پرتي قُلُ. پاران کم کندڙ – مختار – وکيل. گماشتو. سفيرُ – ايلچيْ (پرمانند).

– **عيوضو ج عيوضا:** ذ. عوضو – بَدْرُ – بَدلو – ساٽو. اُجورو. جزا – کيٽو.

– **عيوضِيْ ج عيوضِيْ:** ذ. صفت. بدران کم کندڙ – ايلچِي – قائم مقام – نائب – گماشتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غ

غ: ث. (ع). عربي الف ب جو اوٽيهون ۽ فارسي الف ب جو هاويهون اکر. سنڌي الف ب جو پنجٽيهون اکر. سندس اُچار "غَيْن". ابجد جي حساب موجب عدد هزار (۱۰۰۰).

غارَ ج غارُونْ > غارَ: ذ. ث. (ع). جبل جي سرنگهه – ڇَپَر – جانورن جي رهڻ جو اونهون کڏو – وڏي ٻُرُ. (ظرف). غرق – ٻڏل. جيئن: "فلاڻو درياءَ ۾ غار ٿي ويو" (صفت). چَٽُ – ناس – نابود – تباهه. "فلاڻا شَل غار ٿئين!" (جملو).

غارُ ٿِيڻُ: کڏ پوڻ – اوڙاهه ٿيڻ – اوڙاهه ۾ وڃڻ. ٻڏڻ – غرق ٿيڻ (پاڻيءَ ۾). (دل) هُپامَڻ. (اکيون) ڏرا ڏيڻ. (بيمار جو) ڊرکڻ – ڏُلکڻ. (گپ ۾). گپڻ – گپي پوڻ – گَـرَڻ. غائب ٿيڻ – الپ ٿيڻ – گم ٿيڻ – هُرت ٿيڻ – عدم پيدا ٿيڻ. تباهه ٿيڻ – برباد ٿيڻ – ستياناس ٿيڻ – هڙموڙي ٻڏي وڃڻ.

غارُ ڪَرڻُ: غرق ڪرڻ – غائب ڪرڻ – الپ ڪرڻ. نابود ڪرڻ – ناس ڪرڻ – فنا ڪرڻ.

غارِ حرا: اسم خاص. (ع). مڪي شريف جي ٻاهران هڪ جبل ۾ مشهور غار آهي (جتي حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن نبوت کان اڳ اچي ويهندا ۽ عبادت ڪندا هئا).

غارَتَ: ث. (ع). دشمن جي ملڪ جي قيدين ۽ غنيمت جي واسطي ڪيل حملو. مال غنيمت. لُٽَ – قُرَ. (ظرف). تباهه – برباد – ناس – فنا – اُجڙ – ويران.

غارَتَ ٿِيڻَ: اُجَڙ ٿيڻ – ناس ٿيڻ – فنا ٿيڻ – برباد ٿيڻ – تباهه ٿيڻ.

غارَتگَرُ ج غارَتگَـرَ: ذ.صفت. لٽيندڙ – لٽيرو – ڦورو – لوٽَـو. تباهه ڪندڙ – برباد ڪندڙ.

غارَتْگِريْ: ث. لُٽَ – قُرَ. تباهي – بربادي.

غارِبُو ج غارِبا: صفت. غريباڻو – غريبن جو. گهٽ قسم جو – عام.

- **غارِيُقُونْ:** ذ. (ف). ٻوٽي جو هڪ قسم (مينهن کانپوءِ ڪنيين وانگر زمين مان خودبخود اپرندڙ). پساريڪي وڪرجو هڪ قسم – جلاب طور ڪم ايندڙ هڪ دوا.
- **غازاڻِيْ:** اسم خاص. جن جي هڪ قبيلي جو نالو.
- **غازُ:** ذ. (ف. غازَهْ) خوبصورتي لاءِ منهن جي رنگ اڇي ۽ صاف ڪرڻ لاءِ هڪ خوشبوئدار اڇو پائوڈر. "دامن کان رشڪ گل جي اُڏي با غ ۾ جو خاڪ. بنجي وئي سا غازو عروس بهار جو" (نامعلوم).
- **غازَهْ:** ذ. (ف). چپن يا ڳلن کي ڳاڙهي ڪرڻ جو روغن – لالي – سرخي.
- **غازِيْ ج غازِيْ:** ذ. صفت. (ع. غزا = جنگ) جهاد ڪندڙ – مجاهد. "پاڻ مري ته شهيد ۽ ماري ته غازي". شجاع – بهادر.
- **غاسِلُ ج غاسِلْ:** ذ. (ع). ميّت کي وهنجاريندڙ – ميّت کي غُسل ڏيندڙ – غسال.
- **غاشُوْ ج غاشا:** ذ. ع. غاشَة. گهوڙي جي زين – گاشو (اُٺ ۽ گهوڙي جو). هني جو پوش.
- **غاصِبُ ج غاصِبْ:** ذ. صفت. (ع). پرائو حق غصب ڪندڙ – ٻئي جو مال هڙپ ڪندڙ.
- **غاضِبُ ج غاضِبْ:** ذ. صفت. (ع). ڪاوڙ ڪندڙ – ظالم ڪندڙ – ظَالِم – ظلمي.
- **غافِلُ ج غافِلْ:** ذ. صفت. (ع. غَفَل = مدهوش ٿيڻ) غفلت ڪندڙ – ويسريو – اويسلو – ڪاهل – ڍرو – سُست – ٽوٽي. بي ڌيان – بي سانگو. بي سوچ – بي فڪر – بي احتياط.
- **غافِلائُوْ ج غافِلائا:** ذ. صفت. بي فڪريءَ جو – غافل جو. غفلت وارو.

– **غافلائي ج غافلائيون:** ث. غفلت. ويسر – نسياني. ڪهيلائي ـ سستي – ڏرائي. بي ڌياني – بي سُرتي – بي احتياطي. بي خيالي – بي فڪري.

– **غافلي:** ث. سستي – غفلت – بي ڌياني – ڪهيلائي – ڏرائي. لاغرضائي. لاپرواهي – غفلت.

• **غافلائڻ:** مصدر. غافل ٿيڻ – غفلت ڪرڻ. لاپرواهه ٿيڻ – بي فڪر ٿيڻ – ڪاهلي ڏيکارڻ – الغرضائي ڪرڻ – بي ڌيانو رهڻ.

• **غالِبُ ج غالِبَ:** ذ. صفت. (ع. غَلَبَ = هن سوپ کتي) غلبو ڪرڻ وارو – زور پوندڙ – قابض –مسلط – حاوي. فاتح – فتحياب – جيتيندڙ – غلبو ڪندڙ – قبضو ڪندڙ.

– **غالِبُ پوڻ:** جيتڻ – غلبوڪرڻ – ڪنٽ – سوپ پائڻ – فتح ڪرڻ. سوپارو ٿيڻ.

• **غالِباً:** ظرف. (ع. غَلَبَ = غالب ٿيو) گهڻو ڪري – اڪثر ڪري – ضرور – يقيناً. شايد – گمان آهي.

• **غالِيچو ج غالِيچا:** ذ. (ف). اُن يا پَشم مان ٺهيل گلڪاريءَ سان وڇاڻو – قالين.

• **غامِرڪي:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **غائِبُ ج غائِبَ:** ظرف. (ع). غير موجود – غيرحاضر – مخفي.

– **غائِبانو:** صفت. غير حاضريءَ وارو – غير موجودگيءَ وارو. ڳجهو – لڪل.

– **غائِبُ ٿيڻ:** نظر کان لڪڻ – گُم ٿيڻ – اُلوپ ٿيڻ – لڪي وڃڻ. رفُوچڪر ٿي وڃڻ – ڪک پَن ٿي وڃڻ. غير حاضر ٿيڻ. روپوش ٿيڻ.

• **غايِتْ:** ظرف. (ع). ازحد – بي حد – گهڻو – بيشمار – بي حساب.

• **غايت ج غايتُون:** ث. (ع). پڇاڙي – انتها – انجام. غرض – مقصد – مطلب.

• **غُبارُ ج غُبارَ:** ذ. (ع. غبَرَ = مٽيءَ جي رنگ جهڙو ٿيو) مٽيءَ ۾ مليل هَوا. ڏوڙ جا ڪڪر. مٽي – گرد – ڏوڙ – ڏَڙ. ڏَنڊ – لڙات – لڙ. اونداهي – اڻ چٽائي. ڏنڊڪار – ڪوهيڙو – ڏونگر. دل تي بار – چاتيءَ تي ڳوراڻ. رَنج – ملال. ڪلفت – عداوت – ڪٿر – بغض.

– **غُبارُ آلودَ:** ذ. صفت. مٽيءَ سان پريل – ڏوڙ سان پريل – رڪ سان پريل – خاڪ سان پريل. رنج سان پريل – ڪدورت سان پريل.

– **غُبارُ ڪَڍڻ:** ڪينو ڪڍڻ – دشمني ڪڍڻ – ڪدورت ڪڍڻ – رنج ڪڍڻ.

• **غُبارو ج غُبارا:** ذ. (ع). بم گولو. ڦوڪٽو. آتشبازيءَ جو هڪ قسم. اُڏند ڪتولي – بَلون.

• **غُبارِجي ج غُبارِجي:** ذ. صفت. بم گولي ڪي باهه ڏيندڙ – سوسڙي ڏکائيندڙ. توبچي – گلنداز – توبزن.

• **غَبْغَبُ:** ث. (ع). ڪاڏيءَ هيٺان لٽڪيل گوشت (جو خوبصورتي ڏيکاري). ڪاڏيءَ جي ڪَڏ (ديوان واصف). (اسم خاص). مينا ۾ هڪ ٽڪريءَ جو نالو.

• **غَبَنُ:** ذ. (ع). امانت ۾ ڪيل ٺڳي – خيانت – ڪوبي.

– **غَبَنُ ڪرڻ:** خيانت ڪرڻ – ٺڳي ڪرڻ.

• **غَبِيُ ج غَبِيَ:** ذ. صفت. (ع). ڪُند ذهن – بي عقل – مورڪ – نادان – احمق – چربٽ. پورڙو – البيلو – ڳهيلو – موڳو – ڪٽڙيل.

• **غَبَ ج غَبُونْ (ت):** ث. گفتگو – ڳالهه. من گهڙت ڳالهه – اجائي ڪوات – ڏاڙ – ٻڌاڪ – لاف.

– **غَبَ شَبَ ج غَبُونْ شَبُونْ:** ث. ڪوڙي سچي ڳالهه. هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهه. ٻڌاڪ ستاڪ – ڏاڙ لٻاڙ.

– **غَبِيُ ج غَبِيَ:** ذ. صفت. گهٽو ڳالهائيندڙ – اجايو ڳالهائيندڙ. لٻاڙيو – ٻڌاڪي – ڏاڙي – لافيو – ڏينگر.

• **غَدارُ ج غَدّارَ:** ذ. صفت. (ع. غدر = هو دغاباز ٿيو) ڦريل – باغي – وڏو بلوو ڪندڙ – بلوائي – فسادي – فتنائي – سرڪش. راج دوهو.

• **غَدَرُ ج غَدَرَ:** ذ. (ع). بي وفائي – عهدشڪني – بدعهدي. بغاوت – بلوو. فتنو. سرڪشي – هلچل.

– **غَدَرُ ڪَرڻ:** فتنو برپا ڪرڻ. سرڪشي ڪرڻ – باغي ٿيڻ.

• **غُدُوُ ج غُدُوَ:** ذ. (ع). ماس جو گوڙهو. چربي دارآماس – سٽيو گوڙهو (ماس جو) – گَندُود – خلط.

• **غِذا ج غِذائُونْ:** ث. (ع). ڪاڇ – ڪاڏو – ڪائڻ – ڪِيَڙ – طعام – آهارُ – خوراڪ – قوت – ڪريءَ جو ڪاڏو – بيماريءَ جو طِعام. عادت – چال – هير – ورد – علت. ريت – پَر ـ خُوءِ ـ روش – شيوو – خصلت.

– **غِذا ٿي وَڃڻ:** عادت ٿي وڃڻ – هير ٿي وڃڻ. ورد ٿي وڃڻ. ڏنڏو ٿي وڃڻ. ريت ٿي وڃڻ – ڏينگ ٿي وڃڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **غِزاءِ لَطِيْفُ:** ٹ. هلكي خوراك – سادي خوراك – هضم كاڏو.

• **غُرابُ ج غُرابَ:** ذ. (ع). غوراب. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم – وڏو ٻيڙو – وڏ. پکيءَ جو هڪ قسم – ڪاڻ – ڪانگ.

• **غَرارُو ج غَرارا:** ذ. زنانو لباس – پڙي جو هڪ قسم.

• **غَرّانُ ج غَرّانَ:** ذ. (ف). گوڙ ڪرڻ وارو – ڏاڍيان آواز ڪيڏ وارو – رڙيون ڪندڙ.

• **غُرْبُ:** ذ. وڻ جو هڪ قسم.

• **غُرَباءُ:** ذ. (ع). غريب جو جمع. غير ملكي ماڻهو – اجنبي – مسافر – پرديسي. غريب – مسڪين – محتاج – مفلس – ڪنگال – نادار (بعضي واحد پڙ ڪم اچي "غريب غربو" وغيره).

• **غُرْبَتُ ج غُرْبَتُونْ:** ٹ. (ع). گهٽتائي – اوٽائي – ڪوتاهي. غريبي – مسڪيني – مفلسي – تنگدستي – افلاس – محتاجي – اڻ هوند – ڪنگالپڻو – ولهائي.

• **غَرْضَ ج غَرْضُونْ:** ٹ. (ع). گهرج. پرواهه. غرض.

• **غَرَضُ ج غَرَضْ:** ذ. (ع). مقصد – ارادو – نيت – منشا – قصد. مطلب – مدعا – معنيٰ – ڪارڻ – سبب – ترغيب – وجهه – تحريڪ. ضرورت – ڪَپ – گهرج – ڪاڻ – حاجت – گهٽي – لوڙ – احتياج – محتاجي – سوڙه. چاهه. خواهش – مرضي. ذوق – دلچسپي – شوق. فڪر – ڳڻتي – پرواهه.

– **غَرْضائِتُو ج غَرْضائِتا:** ذ. صفت. گهرجائتو – حاجتمند – احتياجي – ضرورتمند. فائدي لاءِ ڪم ڪندڙ – نفعي لاءِ ڪم ڪندڙ – خود غرض.

– **غَرْضائُو ج غَرْضائُو:** ذ. صفت. گهرج وارو – گهرجائو – ضرورت وارو – ضرورتمند – حاجتمند – محتاج – غرضمند – غرضائي – غرضائتو. مطلبي. واسطيدار. دلچسپي رکندڙ.

– **غَرْضائِيْ ج غَرْضائِيْ:** ذ. صفت. غرضائتو – غرضائو – غرضمند.

– **غَرْضُ تہ:** حرف جُملو. تنهن لاءِ ـ تنهن واسطي. مطلب تہ.

– **غَرْضُ پَوَنْ:** گهرج پوڻ – ضرورت پوڻ. مطلب پوڻ. واسطو پوڻ.

– **غَرْضُ رَکَنْ:** مطلب رکڻ. اُميد رکڻ – آرزو رکڻ. تمنا رکڻ – آسرو رکڻ.

– **غَرْضَمَنْدُ ج غَرْضَمَنْدَ:** ذ. صفت. غرض وارو – غرضائو – غرضائتا – غرضائي – گهرجائو – حاجتمند. خواهشمند – خواهان. شوق وارو – ذوق وارو – چاهه وارو. مطلبي.

– **غَرْضِيْ ج غَرْضِيْ:** ذ. صفت. گهرجائو – حاجتمند – ضرورتمند.

– **غَرْغَرُوْ ج غَرْغَرا:** ذ. (ع). پاڻي وات ۾ وجهي، نڙي صاف ڪري ٻاهر ڪيڏ جي حالت – گرڙي.

• **غُرْفُوْ ج غُرْفا (ت):** تنگڙو جاءِ ۾. روشنائي لاءِ ڪيل سوراخ – ڪُڙڪو.

• **غَرْقُ:** صفت. (ع. غَرَق: سن. گرت = ٻڏڻ) پاڻيءَ ۾ اندر ويل – ٻڏل – تهيل. گم – غائب – لڪل. غلطان – محو – تَهيءَ ۾ ڀيل – ويچار ۾ گم. نشي ۾ ڇور – مخمور. گهٽو مشغول – بي حال. ناس – تباهه چٽ – برباد.

– **غَرقابُ:** ذ. صفت. اونهو (پاڻي) – هوڙيندڙ (پاڻي) – تار. ٻڏل – غرق.

– **غَرْقابِيْ (ت):** ٹ. پاڻيءَ هيٺ اچي وڃڻ جي حالت – هوڙهوڙان. هوڏ – سَيلاب.

– **غَرْقُ ٹِيَنْ:** ٻڏڻ. گم ٹيڻ – غائب ٹيڻ. مري وڃڻ – تباهه ٹيڻ – برباد ٹيڻ.

– **غَرْقِجَنْ:** مصدر. پاڻيءَ ۾ اندر گهڙي وڃڻ – ڪنهن خيال ۾ غلطان هجڻ – ٿهيءَ ۾ هجڻ. آلائڻ جي ڪري زخمجڻ.

– **غَرْقِيْ ج غَرْقِيْ:** ذ. صفت. ٻڏل. پاڻيءَ ۾ هوڏ رستي مُئل. گم ٹيل – غَرقابُ.

• **غُرُوْبُ:** ذ. (ع). هوڏ – ٿهي – لِڪَ (سج يا چند جي) لاهه – لاٿ (سج يا چند جو). سج چند گم ٹيڻ جي حالت. سج لهڻ جو وقت. (ضد. طلوع).

– **غُرُوْبُ ٹِيَنْ:** سج يا چند جو اُلهڻ – لهڻ. گم ٹيڻ – غائب ٹيڻ.

• **غُرُوْرُ ج غُرُوْرَ:** ذ. (ع). هٺ – مغروري – گهمنڊ – وڏائي.

– **غُرُوْرُ ڪَرَنْ:** هٺ ڪرڻ – فخر ڪرڻ – گهمنڊ ڪرڻ – وڏائي ڪرڻ.

• **غُرَه:** ذ. ٹ. (ع). قمري مهيني جو پهريون ڏينهن – چند جي پهرين تاريخ. پهرين.

• **غَرِيْبُ ج غَرِيْبَ:** ذ. صفت. (ع. غرب = هو پري ٿيو) وطن کان نڪتل – مَسافر – پرديسي. بيگانو – اجنبي. غربت وارو – مسڪين. بي پهچ – ڪمزور. ضرورتمند – گهرجائو – محتاج. سانتيڪو – مائيٽو – حليم. اشراف – خليق. نهٺو – نماڻو. نرم دل – رحمدل – سڌو سادو. عجيب قسم جو "عجيبُ غريب".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **غريبُ الْوَطَن:** ذ. وطن کان پري – مسافر – پرديسي – بي وطن.
– **غَرِيْباٹو ج غَرِيْبَاٹَا:** ذ. صفت. غريب وارو – غريب جو – غاريبو – غريبڪو – مسڪين جو – ٿوري خرچ وارو – سادو سودو.
– **غَرِيْبَاوَاڊ ج غَرِيْبَاوَاڊَ:** ذ. غريب طبقو. غريب طبقي جا ماڻهو.
– **غَرِيْبَائِي ج غَرِيْبَائِيُوْن:** ث. غربت – غريبي – مسڪيني. اڻ هوند – ڪنلائي – محتاجي – افلاس – ڪنگالپڻو. ضرورت – گهرج. ايرائي. هيلانهين – عاجزي.
– **غَرِيْبُ پَرْوَرُ:** ذ. صفت. غريب جي پرورش ڪندڙ – مسڪين نواز چڱي. وڏي کي "رسمي" خطاب.
– **غَرِيْبُ خَانُو ج غَرِيْبُ خَانَا:** ذ. مسافر خانو – سراءِ. غريباڻو گهر – جهوپڙي.
– **غَرِيْبُ غُرْبو ج غَرِيْبُ غُرَبَا:** ذ. مسافر. مسڪين – ڪنگال. ضرورتمند. غريب.
– **غَرِيْبِيْ:** ث. غريبائي – مفلسي – ناداري – محتاجي – مسڪيني. – عاجزي – نماڻائي.
• **غَرِيْقُ:** ذ. صفت. (ع). ٻڏل – غرق – مستغرق. لڪل. سمايل. گهڻو مصروف – رڌل. محو.
• **غَرْپُ:** ذ. (اواز سان) ڳِيْتَ – تڪَ – هَپُ – ڳَتَ – ڳِهڙِيْ. هڪ ئي پيري سان وات ۾ وجهي ڳهڙ جي حالت – هَڙَپُ. لنگهائڻ يا گهيڙائڻ جو آواز – گڙپ.
– **غَرْپُ كَرَنُ:** پيٽ ۾ لنگهائي وجهڙ – هڙپ ڪرڙ – ڪائي وڃڻ – ڳڙڪائي وڃڻ – ڳيهي وڃڻ. ڪائي ڪپائي ڇڏڻ – هضم ڪرڻ.
– **غُرْغُوْن، غُرْغُوْنُ:** ث. ڪبوتر جي هولڙ جو آواز.
• **غزا ج غَزَائُون:** ث. (ع). مهل تي ڪم ڪرڻ جي خوبي. همت – مردانگي – مڙسي (ت).
– **غَزَا ٽِيَنُ (ت):** ڪنهن سان ڪم ڪري ڏيڻ جي همت ٽيڻ – مردانگي ٽيڻ – مڙسي ٽيڻ.
• **غَزَالُ ج غَزَالَ:** ز. (ع. ف). هرڻ جو ٻچو – هرڻ.
– **غَزَالِ تَتَارُ:** ذ. تاتار ملڪ جو هرڻ.
– **غَزَالِ چَشْمَ:** صفت. هرڻيءَ اکين وارو – وڏين وڏين اکين وارو – آهو چشم.
• **غَزَلُ ج غَزَلَ:** ذ. (ع) فعل جو هڪ قسم. عشق. وصال. فراق. حسن وجمال بابت نظم – عشقيه شعر.
– **غَزَلُ خُوَانُ:** ذ. صفت. غزل پڙهندڙ. غزل ڳائيندڙ.
– **غَزَلُ خُوَانِيْ:** ث. غزل پڙهڻ جي حالت.
– **غَزَلِيْ ج غَزَلِيْ (ت):** ذ. صفت. غزل چوندڙ – غزل خوان.
• **غَزْنَوِيْ:** ذ. صفت. غزني شهر جو مشهور بادشاهه "سلطان محمود غزنوي".
• **غَزْنِيْ:** اسر خاص. افغانستان جو تاريخي شهر.
• **غَزْنِيْنِيْ:** اسر خاص. مري بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **غَسَّالُ:** ذ. صفت. (ع). وهنجارڙ وارو. ميتن (مُردن) کي وهنجاريندڙ.
• **غُسْلُ ج غُسْلَ:** ذ. (ع). سڄي بدن کي پاڻيءَ سان ڌوئي صاف يا پاڪ ڪرڙ جو مال – وهنجڻ. تڙ – جهيلاڙو (ل) – جهُليو (ٿ). مري ويل کي وهنجارڙ – ميت کي ڏنل يا ڪرايل تڙ.
– **غُسْلخانُو ج غُسْلَخانا:** ذ. (ع. غسل + ف. خانو) وهنجڻ جي جاءِ – تڙ ڪرڙ جي جاءِ.
– **غُسْلُ كَرَنُ:** تڙ ڪرڙ – وهنجڻ.
• **غَشُ:** ذ. غش ٽيڙ واري حالت – غَشِي – بيهوشي – ماندڪائي – اوُنگهه – ڏڪر – وسام – ساڻائي – ڪيرائي – مدهوشي. ماندو – ساڻو – بي هوش. ڏڪريل.
– **غَشُ ٽِيَنُ:** بيوش ٽيڻ – ڏڪرجڻ – وسامڻ – ڪيرو ٽيڻ.
– **غَشُ كَائِنُ:** بيهوش ٽيڻ – بيهوش ٿي ڪرڻ. عاشق ٽيڻ – فريفته ٽيڻ.
– **غشِيْ ج غَشِيُوْن:** ث. غش ٽيڙ واري حالت – بي هوشي – وسام – ڏڪر.
• **غَضَبُ ج غَضَبَ:** ذ. (ع). تَغَلَّبُ – خُردبُرد – خيانت. بي قاعدي يا زبردستي سان ڪيل ڪر. ڪنهن جو زوري ڦهايل حق – زور زبر – ڏاڏائي – زوري – زبردستي (صفت). هڙپ ڪيل – ڦهيل – ڦهايل – زوريءَ قبضو ڪيل – بي انصافي سان ورتل.
– **غَضَبُ كَرَنُ:** زبردستي ڪرڙ – ڏاڏائي ڪرڙ. ڪسي وڃڻ – ڦري وڃڻ – زوريءَ قبضو ڪرڙ – زبردستي سان بي دخل ڪرڙ – واسطو ڇڏائڻ.
• **غُصوْ ج غُصَا:** ذ. تمام گهڻي ڪاوڙ – ڏمر – وڏوڻ – چڙ.

ناراضگي – رنج. خفگي – رنجش. قَهر – غضب – عتاب.
– **غُصّو پيَنْ:** کاوڙ کي روڪڻ – جوش روڪڻ. غم کائڻ.
– **غُصو چَڙهڻ:** کاوڙ اچڻ – طيش اچڻ – جوش اچڻ – جذبو اچڻ.
– **غُصو نَڪ تي چَڙهڻ:** ڳالهه ڳالهه تي کاوڙجڻ – جلدي جوش ۾ اچڻ.
– **غُصي ٿيڻ:** کاوڙجڻ – رنج ٿيڻ – چڑڻ – ڏمرجڻ – چڑ ڪرڻ.
• **غَضَبُ ج غَضَبْ:** ذ. (ع. غَضَب = غَضبناڪ ٿيڻ) – ظلم – قهر – ڏاڍ – جَبرُ – ڏمر – غصو. ڪوپ – مصيبت.
– **غَضَبُ اِلاهي:** ذ. قهر خدا – انتقام الاهي – عتاب الاهي. ڏمر الاهي.
– **غَضَبُ ڪَرڻ:** ظلم ڪرڻ. آفت برپا ڪرڻ – فساد ڪرڻ. مناسب ڪم ڪرڻ. عجيب ڪم ڪرڻ.
– **غَضَبُ ڪَرَڪَ:** خدا جو قهر اچڻ – مصيبت پوڻ. ڪنهن مصيبت جو نازل ٿيڻ.
– **غَضَبُ نَاڪُ:** ذ. صفت. غضب وارو – قهري – ظلمي. وراڏو – ورودي – چتو – ديوانو – بي خود.
• **غَضَبِيْ ج غَضَبِيْ:** ذ. صفت. غضبناڪ – قهار – ظلم ڪندڙ – ظالم – ستمگر – ستمي.
• **غَضَنْفَرُ:** ذ. (ع). شينهن – شير. (صفت). شينهن جهڙو طاقت ور. پهلوان – سورهيه – جوڌو – ڪوپو – بهادر.
• **غُفَا ج غُفَائُونْ:** ث. (سن. گُهَا) زير زمين ڪڏ – گُفا – غارَ. سرنگهه – ڍڳهو رستو.
• **غَفَّارُ:** ذ. صفت. (ع. غَفَرَ = بخشڻ) وڏو بخشڻ وارو – هڏو بخشيندڙ. وڏو مرهيندڙ – معافي ڏيندڙ – معاف ڪندڙ. (اسر خاص). الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو – غفُوْرُ – بخشڻهار.
• **غَفْلَتُ ج غَفْلَتُونْ:** ث. (ع. غَفَلَ = غافل ٿيڻ) بي پرواهي – بي خيالي – بي ڌياني – بي توجهّي. ڪاهلي – غافلي – سستي. پُلَ جُوڪ – خطا. ويسر – نسياني.
– **غَفْلَتُ ڪَرڻ:** بي پرواهي ڪرڻ. سُستي ڪرڻ. ڌيان نه ڏيڻ.
– **غَفْلَتِيْ ج غَفْلَتِي:** ذ. صفت. سست – بي پرواه. ڪاهل – غافل. ويسر ڪندڙ.
• **غفُوْرُ:** ذ. صفت. (ع). معاف ڪرڻ وارو – خطا بخشڻ وارو – گناهن. بخشڻ وارو. ڀاڃهارو – مهربان – رحيم – غفار. (اسر خاص). خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• **غَفِيْرُ:** صفت. (ع). بي انداز – تمام گهڻو. ڪثير. (ذ). تمام وڏي جماعت – انبوه ـ گروه.
• **غُلْ غُلْ:** ذ. (ع). گوڙ – شور – غوغا – هُل. گهمسان – هنگامو.
• **غَلاظَتَ ج غَلاظَتُونْ:** ث.(ع). ڪچرو – ڪَنُ – گَندُ – بُهَرُ – گندگي. ناپاڪائي – ميراڻ. گدلائي.
• **غِلافُ غِلافَ:** ذ. (ع. غَلَفَ = ڍڪڻ) پوش – ڍڪ – ڍڪڻ – پڙ. مٽيون پردو – چَوَ (وهاٽي يا گادي وغيره جي). ڪِپَ – ميان (ترار جي). جُلدُ – پوش. ويسُ – بانو.
– **غِلافُ چاڙهڻ:** پوش چاڙهڻ. لڪائڻ – ڇپائڻ.
• **غُلامُ ج غُلامَ:** ذ. (ع). خريد ڪيل نوڪر – زرخريد ٻانهو – گولو. بنده ـ خدمتگار – چاڪري ڪندڙ – نيازمند – عقيدتمند – فدوي – تابعدار – مطيع – فرمانبردار – نمڪ حلال. چوڪرو. راند جي پتن مان هڪ پتي جو نالو – گولو.
– **غُلامُ زادهْ:** ذ. صفت. غلامن جو اولاد.
– **غُلامُ ڪَرڻ:** تابع ڪرڻ. نوڪر ڪرڻ. فرمانبردار ڪرڻ. مفتون ڪرڻ.
– **غُلامِيْ ج غُلامِيُونْ:** ث. ٻانهپ – بندگي. عبديت – اطاعت. فرمانبرداري – تابعداري. خدمت – چاڪري.
• **غُلامُ الله:** اسر خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ شهر ۽ ديهه جو نالو.
• **غُلامُ حُسينُ:** اسر خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **غُلامُ شاهُ:** اسر خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **غُلامُونْ:** اسر خاص. تعلقي ڏَل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **غَلْبُ ج غَلْبا:** ذ. (ع. غَلْبَهْ) غالب اچڻ يا پوڻ واري حالت. حملو – ڪاهه – جُلهه. زور – ٻَلُ – طاقت – قوت. زبردستي – زور آوري – زيادتي. آڪاڻجهائي – وڌيڪائي – فرط – گهڻ – نهايت – بسياري – جهجهائي – هيڪاندائي. جيت – سوپ – فتح.
– **غَلْبُ ڪرڻ:** حملو ڪرڻ. غالب ٿيڻ.
– **غَلْبي راءِ:** ظرف. گهٽن جي راءِ سان – جهجهن جي راءِ سان. گهٽائيءَ وارو خيال – گهٽائي واري سمجهه – گهٽائيءَ وارو قياس.

• **غَلَطْ:** ظرف. صفت. (ع. غلط = پلجڻ) نابرابر – نادرست – اڻ صحيح – اڻ برابر. ڀُوڪ وارو – پل وارو. اڻ سهائيندڙ – ناجائز – بيجا.

– **غَلَطْ فَهْمِيْ ج غَلَطْ فَهْمِيُوْنْ:** ث. اصل ڳالهه کي هيءَ طرح سمجهڻ جي حالت – ناسمجهي – نادرست خيالي – خام خيالي. الٽي معنيٰ – اُبتو مطلب – غلط معنيٰ. پُل – خطا. ناسازي – ڪُڪت – بي اتفاقي.

– **غَلَطْ نَامُوْ ج غَلَطْ نَامَا:** ذ. ڪتابن جي ڇپائيءَ ۾ غلط ڇپيل لفظن جي درستي – صحتنامو. (عام غلط لفظ). پُل نامو.

• **غَلَطِيْ ج غلطيُوْنْ:** ث. ڀُوڪ – سَهوَ – پُل – خطا.

• **غَلْطَانْ ج غَلْطَانَ:** ذ. صفت. ٻڏل – غرق. گتل – مَگن – رڌل. ٻيهيءَ ۾ پيل – خيال ۾ مگهن – محْوَ – مشغول. (ذ). نيٽ – سلامي – نشيبي – لاهي – لَهَنْدِيْ – آڏو پَير. ٽيڪي جي جاءِ ۾ ديوار جي جوَنيءَ وٽ ڇت جي سينگار لاءِ گولائيءَ تي ڏنل ليپو (جنهن سبب ڇت ۽ ڀت جو سنڌو ڏيکجي وڃي).

– **غَلْطَانْ ٽِيَنْ:** ٻڏي وڃڻ (ڳڻتيءَ يا خيال ۾) – ڪنهن ڪم ۾ گهٽو مشغول ٽِيَڻُ – محو ٽيڻ. نشي ۾ ونجي وڃڻ. بيهوش ٽيڻ.

– **غَلْطَانْ وَنَنْ:** ڇت ۽ ڀت جي وجواري ڳنڍ کي ڇڻ يا مٽيءَ سان ڪنهن هيءَ شيءِ سانَ ڇڪيل هٽي بند ڪرڻ – پٽياٽو ڪَرڻ.

– **غَلْطَانْ ۽ پَتِيْ:** ذ. غلطان ۽ گولو.

– **غَلْطَانْ ۽ گولو:** ذ. جاءِ جي اڏاوت جو هڪ نمونو. دروازي جي مٿان آيل ونگ – غلطان.

– **غَلْطَانِيْ ج غَلْطَانِيُوْنْ:** ث. خيال ۾ مَگنُ هڻڻ واري حالت – ڪم ۾ محويت – بيحد مصروفيت.

• **غُلْغُلو ج غُلْغُلَا:** ذ. (ع. ف). هُلْ – گوڙ – غُل – لَڙ – غوغا – شور – گوڙ – آواز. ڪرڪل – فساد – دنگو – هنگامو – بکيڙو. ماڇانگ – هَنبَسُ – هُلڙ – ڏمڇر – راماڻو – هل حشر – راماڻ – ممڻ – خرخسو. بي قراري – بي آرامي – آنڊُ مانڊُ.

• **غُلْزَمِيْ:** اسر خاص. ٻاٽن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **غِلْمانْ:** ذ. (ع). غلام جو جمع. حسين ڇوڪرا. بهشتين جي خدمت ڪندڙ بهشتي ڇوڪرا.

• **غُلُوْ ج غُلُوْلَ > غُلُوْلُوْنْ:** ذ. ث. (ع). گليل – گلولُ – غُليلَ.

– **غُلُوْلُوْ ج غُلُوْلَا:** ذ. گليل سان اُڇلائڻ جو مٽيءَ جو ڳوڙهو – گلولو.

• **غَلَّهْ:** ذ. (ع). انَ – اناج. زمين جي پيداوار (ڪڻڪ – ڀاجهري – جوئر وغيره).

– **غَلَّهْ فِرُوْشُ ج غَلَّهْ فِرُوْشَ:** ذ. انَ وڪڻندڙ. اناج وڪڻندڙ – بَقالُ. مودِيُ. بَنيو.

• **غَلِيْظْ ج غَلِيْظَ:** ذ. صفت. (ع. غَلَظ = هو گندو ٿيو) ميرو – گدلو – گَندو – لڙو – لڙاٽيل. بدبوءِ وارو – اوسنو – اوگهو.

• **غَلِيْظَائِيْ ج غَلِيْظَائِيُوْنْ:** ث. ميرائي – ڪِنائي – گَدلائي – اوگهائي – بدبُوءِ. لڙاٽ – لڙ.

• **غَلِيْفْ ج غَلِيْفَ:** ذ. (ع. غلاف = پڙدو) ڍڪ – پردو. چَوَ (ڪپڙي جي).

• **غُلِيلْ ج غُلِيلُوْنْ:** ث. مٽيءَ جي گوڙهن اُڇلڻ لاءِ ڪائيءَ مان ناهيل اوزار – گليل – گلول – غلول.

• **غُلِيلُوْ ج غُلِيلَا:** ذ. غُليل. مٽيءَ جو ننڍڙو گوڙهو – غلولو – گلولو.

• **غَمْ ج غَمَرْ:** ذ. (ع. غَمّ = هُو ڏکوئيو) ڏک – دُک – گوندر – رنج – افسوس. مَلال – شوڪ – ارمان. درد – تڪليف – صدمو. انڊوهه – فڪر.

• **غَمَائِتُوْ ج غَمَائِتَا:** ذ. صفت. غم وارو – دُکي – اُداس – غمگين – ڏکارو – ڏکويل.

• **غَمْتَارْ ج غَمْتَارَ:** ذ. ڏک ڪي لاهيندڙ – رنج ٽارينڊڙ – ڏکويل سان همدردي ڪندڙ – همدرد. چرچائي – ڪلمڪ – زنده دل (ت). داناءُ (ت).

– **غَمْ خُوَارْ ج غَمْ خُوَارَ:** ذ. صفت. دڪ درد جو شريڪ – درد ونڊيندڙ – دُک پائي – حال پائي – درد شريڪ. اعزا پرسي ڪندڙ – پرچاٽي ڪندڙ – همدم – همراز – حال پائي – جاني دوست – گهاٽو دوست.

– **غَمْ خُوَارِيْ ج غَمْ خُوَارِيُوْنْ:** ث. همدردي – غمگساري – دردمنديِ – اعزا پرسي – پرچاٽي – منهن ڪاڻ.

– **غمْ خُوَارِيْ ڪَرَڻْ:** همدردي ڪرڻ – غمگساري ڪرڻ. پرچاٽي ڪَرڻ – اعزا پرسي ڪرڻ.

– **غَمْدِل (ت):** ذ. صفت. غم سان ڀريل دل وارو. (اسر خاص). ماٺهوءِ جو نالو.

– **غَمْ زَدَهْ:** صفت. ڏکن جو ماريل – ڏکويل – سورن جو ستايل –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنج جو آزاريل.

- **غمزدگي ج غمزدگيون:** ث.(ع). غمزده هئڻ واري حالت – غم ۾ هئڻ واري حالت.
- **غمڙ غَلَطُ ڪَرڻ:** ڏکن کي تارڻ. ڪنهن وندر ۾ هئڻ – دل بهلائڻ.
- **غمڙ کائڻ:** سُور پيڻ. ڏک سور صبر سان سهڻ – صبر ڪرڻ – مات ڪرڻ. تحمل ڪرڻ – کاندڙ ڪرڻ – صبوري ڪرڻ. تري وڃڻ. برداشت ڪرڻ. نقصان سهڻ.
- **غمڪسار ج غمڪسارَ:** ذ. صفت. (ع. ف) غم ڪتيندڙ – دک دور ڪندڙ. همدرد – غمتار – غمخوار. بيمار جي خبر رکندڙ.
- **غمگين ج غمگينْ:** ذ. صفت. غم سان ڀريل – ڏک ڀريو – ڏک جهڙو – ڏکويل – دکدائڪ – غمناڪ – دردمند.
- **غمگينيءَ ج غمگينيئون:** ث. ڏک سان ڀريل هئڻ جي حالت – غمناڪي – اداسائي. ويڳاڻائي – تنگي – پشيماني – پڇتاءِ.
- **غمناڪ ج غمناڪ:** ذ. صفت. درد سان ڀريل – ڏکويل – غمگين. فکر سان ڀريل. اداسيل – ويڳاڻل.
- **غمي ج غميون:** ث. رنج – ڏک – غم. موت – وفات. روڄ – سوءِ.
- **غمّاز:** ذ. صفت. (ع). اک سان اشارو ڪندڙ. طعنو ڏيندڙ غيب ڏانهن اشارو ڪندڙ.
- **غمزو ج غمزا:** ذ. (ع). اک جو اشارو – ميچ – اهج. ڪنهن (خاص مقرر ڪم لاءِ) ڳالهه لاءِ اک جو اشارو. رمز – مام – اشارو. آر – عشوه.
- **غمزو هڻڻ:** اک جو اشارو ڏيڻ. اٽڪل سان ڪم ڪڍي وڃڻ. بي خبريءَ ۾ ڪو فائدو وٺڻ (ت).
- **غمزيباز ج غمزيبازَ (ت):** ذ. صفت. اشارو ڪندڙ – ميچ ڏيندڙ. رَمزباز. اٽڪلي – حرفتي.
- **غنا:** ث. ڌَن – دولت – مايا – ملڪيت – تونگري – شاهوڪاري.
- **غنڌو ج غنڌا:** ذ. (ف. غُنْچه) اڻ ٽڙيل گل – ڪچو گل – مُکڙي – ڪلي. گلاب جي ڪلي.
- **غنڊو ج غنڊا:** ذ. صفت. خراب ڪم ڪندڙ – لُڇ – لفنگو – شودو – لوفر. بدمعاش – اوباش – بدڪار – گونڊو.
- **غنڊه گردي:** ث. بدمعاشي – لفنگائي – شودائي – لڇائي. بدڪرداري – بدافعالي.
- **غنو ج غنا:** ذ. صفت. (ع). نڪ مان ڳالهائيندڙ – گهٽو. (ذ). نڪ مان نڪتل (آواز).
- **غنائي:** ث. گهٽائي. لفظن ۾ 'ن' جو آواز ٻئي حرف جي آواز ۾ سمائجي وڃڻ.
- **غنود:** ذ. صفت. (ف. غُنودن = ننڊ ڪرڻ) سُتَلُ – سمهيل. آرامي. غافل. (ذ). ننڊ – آرام.
- **غنودگي ج غنودگيون:** ث. ننڊ – آرام. خمار – ڪهر – غفلت.
- **غني ج اغنيا:** ذ. صفت. (ع). ناٽي وارو – مالا مال – دنياادار – تونگر – سکيو ستابو. بي نياز – بي پرواهه.
- **غنيسقو:** ذ. پساريءَ وکر جو هڪ قسم. قٽن ڦُرڙين کي چُٽائڻ لاءِ ڪَم اينڊ وکر.
- **غنيمُ:** ذ. (ع. غَنَمَ = هن لُٽيو) حملوڪري ڦُرلُٽ ڪندڙ – لُٽيندڙ. دشمن جو لشکر.
- **غنيمت ج غنيمتون > غنايمُ:** ث. لُٽ – ياڄ ڪاڏل دشمن جي لشکر جو (لُٽ ۾ هٿ آيل) مال. بنا محنت هٿ آيل مال – مفت مال نعمت – ڪافي ڪجهه برڪت.
- **غنيمت هُجڻ:** چگو هجڻ – سٺو هجڻ. جهجهو هجڻ. بس هجڻ – ڪافي هجڻ.
- **غواص ج غوّاص:** ذ. صفت. (ع). تهيون هٽندڙ (سمنڊ ۾) – غوطه زن. غوطو هڻي سمنڊ مان (موتين لاءِ) سپون ڪيندڙ. (1) "آجاڙا عميق جا، گڏيا غَواصَن" (شاهه). (2) "اِي گَتِ غَواصَن، جيئن سمنڊ سوجهيائون" (شاهه).
- **غوث ج غوثَ:** ذ. (ع). دانهن اوانائيندڙ – فرياد ٻڌندڙ. اهل اسلام اولياءَ جو هڪ درجو. سپ کان وڏو ولي – قطب. "غوث خَطائون گَم ڪر، پيرا سان ڏي پاڻ" (شاهه جو رسالو).
- **غوث پُور:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ ديهن جو نالو.
- **غوجائي ج غوجائيون (ت):** ث. ڪيسو – گيدو – گوندو (ل).
- **غور ج غورَ:** ذ. (ع). تَرو – تَرُ – تَهَ. اونهائي – گهرائي. ڪنهن شيءِ جي اصليت ۽ ماهيت ۽ نتيجي جو خيال. اونهو خيال – اونهو ويچار – انتهائي فڪر. سوچ – ويچار – خيال – خوض. (اسم خاص). هڪ ملڪ جو نالو. وچ وارو حصو.
- **غور طلب:** ذ. فڪر جوڳو – ويچار جوڳو – سوچڻ لائق – ڌيان جوڳو – ڌيان طلب – توجهه طلب – ڪٽ لائق – راءِ طلب.

• **غور ڪرڻ:** ڪنهن شيءِ جي ماهيت يا مسئلي جي نوعيت تي پهچڻ لاءِ سوچڻ.

• **غَوْراب ج غَوْرابَ:** ذ. گهٽن سڙهن جي زور تي هلندڙ ننڍو جهاز. جهاز – گورابَ – غُراب.

• **غَوْرَس ج غَوْرَسُوْن:** ذ. (ف. غور + رسي) اتساه ـ سرگرمي – ڪوشش – شوق – ادم – سعيو – محنت – گورشي – گورسي.

– **غَوْرسِيْ ج غَوْرسِيُوْن:** ٹ. غورس – گورسي – گورَسَ.

• **غوريٰ:** ذ. صفتَ. غور ملڪ جو رهندڙ. (اسم خاص). غور ملڪ مان آيل سلطان محمّد جو لقب.

• **غُوْشِيْ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **غوْطو ج غوْطا:** ذ. پاڻيءَ ۾ هيٺ وڃڻ جي حالت – ٽهي گهُتَ. گلي ۾ هوا جي نليءَ ۾ پاڻي گهڙي وڃڻ سبب پيدا ٿيل حالت – گوتو – گهوتو گهڙي وڃڻ سبب پيدا ٿيل حالت – گوتو – گهوتو (ت). پُور – من موج – دوُر – لهر – رَءَ – ڪُڏ – شوق – دل مرضي – لاڙو.

– **غوْطا کائِنْ:** ٻڏڻ جي حالت ۾ پاڻيءَ ۾ هيٺ مٿي ٿيڻ. ٻڏڻ مهل ٽهيون هڻڻ – گوتا کائڻ. اونهي خيال ۾ پئجي وڃڻ – ٽهيءَ ۾ ٻوڙ – سوچ ويچار ۾ پوڻ – خيال ۾ غرق ٿيڻ. ڳڻتيون کائڻ.

– **غوْطو هڻڻ:** پاڻيءَ ۾ هيٺ وڃڻ – ٽهي هڻڻ – گوتو هڻڻ. سوچ ۾ پئجي وڃڻ – خيالن ۾ غرق ٿي وڃڻ – لِڪي وڃڻ – پوشيده ٿيڻ. ڪنهن خيال کي گهڻو سوچڻ.

• **غوْغاءِ ج غوْغَاه:** ذ. (ع). وڏو آواز – آواز – گوڙ – هُل – لـڙ – شور – ڏمجر – ڏوم – هَنبَسُ – هُلڙ – هاهو – ڪڙڪو – مانڊاڻ – ڪرڪل – غلغلو – گهمسان – ٻائيتال – واويلا – رڙو رڙ – ٻاڪار – واڪو واڪاڻ. ماڻهن جي وڏي جماعت جو گهمسان. هجوم. هُل.

– **غوْغَائِيْ ج غوْغَائِيْ:** ذ. صفت. غوغاءِ ڪندڙ – گوڙ ڪندڙ – شور ڪندڙ – لُڙ ڪندڙ – هُل مچائيندڙ. دانهون ڪندڙ – رڙيون ڪندڙ – دانهيُر. گهمسَاني – ٻائيتالي – غلغلائي – واويلائي.

– **غوْغَائِيْ مرجَ:** ذ. مصالح جو هڪ قسم. ڳاڙها تکا مرچ (جيئن ته سندن ڪَڙاڻ تمام تيز آهي. ان ڪري وات ۾ لڳڻ سان دانهن نڪري ٿي وڃي) گوگائي مرچ.

– **غوْغَائِيْ مرچ وجهَڻ (ت):** سخت سزا ڏيڻ.

• **غوْلُ ج غَوْلَ:** ذ. (ع). تمام وڏو ميڙ – انبوه. فوج – سپاه لشڪر. جماعت – ٽولي. جنن. ديون يا پرين جو ٽولو. (ديوان واصف).

• **غَيبيْ ديرُ:** اسم خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهه جو نالو. نواد غيبيَ خان چانديي جو ڳوٺ.

• **غيابَ:** ذ. بند خلاصي – آزادي – رهائي – فرياد – دانهن - پڪار – فرياد رسي – داد رسي.

• **غَيْبُ ج غَيْبَ:** ذ. (ع. غَيْبُ + مخفي ٽيڻ) ڏسڻ ۾ نه اچڻ جو حالت. پوشيدگي – ناپيدگي – غير موجودگي – اڻ ڏٺ ناديدني. هن دنيا جو اندريون اسرار. ڳجهه – راز "گدو چوي غيب جي. آ خاوند کي خبر". جن. پوت. غيبات – شَرّ (ت). صفت.

– **غَيْبانْوْ ج غَيْبَانَّا:** ذ. صفت. غيب جو. اڻ سينڌو – اڻ واقف - اڻ ڄاتل – نامعلوم – گمنام – ڏنڀيل – ابترحال.

– **غَيْبَتَ:** ٹ. غير حاضري – عدم موجودگي. راز – ڳجهه.

– **غَيْبُ ڏِيَنْ:** نظر کان غائب ٽيڻ – گم ٽيڻ – ڪک پن ٽيڻ - رفوچکر ٽيڻ. ناس ٽيڻ – چٽ ٽيڻ.

– **غَيْبُ دانْ ج غَيْبُ دانَ:** ذ. صفت. ڳجهه جون ڳالهيون ڄاڻندڙ (اسم خاص). عالم الغيب – انترجامي.

– **غَيْبَ جوْحسابُ هُئَنْ:** جن يا پوت جو اثر هڻڻ.

– **غَيْبُ عالَمْ:** ذ. لڪل دنيا (جن. پُوت وغيره) – پوت – جن – پري

– **غَيْبُ عالَمْ هُئَنْ:** نجس روح هڻڻ.

– **غَيْبيْ ج غَيْبِيْ:** ذ. صفت. ڏسڻ ۾ نه ايندڙ – ڳجهو – لڪل هاتفي – ڳجهي طاقت رکندڙ. اڻ ڏٺو – انديدي. اڻ ٽيڙهي ڳالهيون ڪندڙ – ناممڪن ڳالهيون ڪندڙ.

• **غِيْبَتَ ج غِيْبَتُوْنْ:** ٹ. (ع). گِلا – نندا – لائي چائي – پچار - گهٽتائي – عيب جوئي.

– **غِيْبَتِيْ ج غِيْبَتِيْ:** ذ.صفت. بدناموسي ڪندڙ – گِلاخور. لائي چائي ڪندڙ.

• **غَيْبُ پيرُ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **غَيْبُ ڏيرُ:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **غَيْرُ ج غَيُرَ:** ذ. صفت. (ع). ٻيو – ٻيو ڪو. (ظرف). علحده ـ

جدا – الڳ – ڌار. (حرف جر). سواءِ ـ کان سواءِ ـ بنا – بي.

(صفت). ٻاهريون – ٻاهرجو – ڌاريو. پَـرُ – پرايو – سَت ڌاريو – اوپرو – پَرائو. اڻ سجاتل – اڻ سينڌو. اڻ سجاتل – اڻ سينڌو – اجنبي – قريل – متايل – بدليل. (ذ). علحدي شيءِ ـ ڌاري شيءِ. ميرُ – مَيْل. ملاوت. ملاوتي ڏاتو – مَڪ. ڪَسُ – قيڪ – قوڳ. ٻيائي – دوئي – رياءُ. خدا کان سواءِ ٻي شيءِ.

– **غَيْرُ آبادُ ج غَيْـرُ آبادَ:** ذ. صفت. آبادي کان سواءِ ـ اڻ پوکيل – آباد نہ ڪيل – اڻ وسايل (زمين).

– **غَيْرُ آبادِيْ ج غَيْرُ آباديُوْنْ:** ث. بربادي – اُجاڙ – خرابي – سُڃ. ويراني – بيدي – ڪنگراڙ – بَرُ – پوئو.

– **غَيْرُ بلوْرِيْ:** ذ. صفت. جنهن مان آرپار ڏسي نہ سگهجي – غير شفاف.

– **غَيْرُ جانبْدارُ:** ذ. صفت. واسطو نہ رکندڙ – ڪنهن بہ ڏُر سان تعلق نہ رکندڙ – بي تعلق – غيرواسطيدار.

– **غَيْرُ جيْس:** ذ. صفت. بيءِ جنس جو – ڌاريو.

– **غَيْرُ حَاضِرُ ج غَيْرُ حاضْرَ:** ذ. صفت. ناموجود – اڻ حاضر – غير موجود – غائب.

– **غَيْر حاضِرِيْ ج غَيْر حاضِريُوْنْ:** ث. نہ هٽ واري حالت – اڻ حاضري – غير موجودگي – ناموجودگي.

– **غَيْرُ سَنَدِيْ:** ذ. صفت. سَنَدَ کان سواءِ ـ بي سَنَدوُ – بي قول و اِقرار – غير معاهد – بي اقراريو. انجام شڪن – وعده توڙ.

– **غَيْرُ شَفافُ ج غَيْرُ شَفافَ:** ذ. جنهن مان آرپار ڏسي نہ سگهجي – آرپار درشڪ – پَرڪاش – پاڃو – ڏنڊ وارو – اڻ صفا.

– **غَيْرُ شفافِيْ ج غَيْرُ شَفافِيُوْنْ:** ث. ميرانجهڙائي – اڻ صفائي – لڙات – ڏنڊ – ڏنڊ لائي.

– **غَيْرُ گمانْ:** ذ. شڪ شبهه. ڪاوڙ. ويـر – مونجهارو – حسد.

– **غَيْرُ مُتحِيدُ:** ذ. صفت. اتحاد کان سواءِ ـ ٻڌيءَ کان سواءِ ـ اتفاق کان سواءِ.

– **غَيْرُ مُتَحَرِّكُ:** ذ. صفت. حرڪت ۾ نہ ايندڙ – چرپر ۾ نہ ايندڙ – جُنبش ۾ نہ ايندڙ – اڻ چرندڙ – نہ چرندڙ جهڙو. هڪ هنڌ ٻيهل. علم نحو جي اصطلاح ۾ اهو اکر جنهن تي ڪا حرڪت نہ هجي – ساڪن.

– **غَيْرُ مَشْرُوْطُ:** ذ. بنا شرط – شرط کان سواءِ.

– **غَيْرُ مُقَرَّرُ:** ذ. صفت. بي ماڳائتو – اڻ هنڌائتو – بي ماڳ – بي جاءِ ـ بي گهر.

– **غَيْرُ مُكَمَّلُ:** صفت. اڻ پورو – اڌورو – نامڪمل – ناقص.

– **غَيْرُ مُمْكِنُ:** ذ. ث. صفت. نہ ٽيڻ جهڙو – دشوار – محال – مشڪل. اڻ ٽيٽي. ناشناسي.

– **غَيْرُ مُنَاسِبُ:** صفت. بيجا – نامناسب – غير واجب.

– **غَيْرُ مَنْقُوْطُ:** ذ. علم نحو جي اصطلاح ۾ بنا نقطن اکر – مهمل.

– **غَيْرُ مَنْكُوحُ:** صفت. نڪاح کانسواءِ ـ بي نڪاحي. سريت – سنگتياڻي.

– **غَيْرُ مَوروْثِيْ:** ذ. صفت. ورثي ۾ نہ آيل. وارثيءَ ۾ نہ – مٽيءَ مائٽيءَ ۾ نہ.

– **غَيْرُ واجِبُ:** ذ. صفت. بي انصافيءَ جو – ڪُنياءَ جو – ناجائز – بي جاءِ ـ غير روا – نادرست – اڻ واجب – بي واجب – نامناسب.

– **غَيْرُ واجِبِيْ ج غَيْرُ واجِبِيُوْنْ:** ث. بي انصافي – بي داد – ظلم – ناحقَ – ستم. ناحق – انرٿ.

– **غَيْرِ واقِع ج غَيْرِ واقِعا:** صفت. (ع). ڪوڙو. خلاف دَستور.

– **غَيْرُ واقُفُ ج غَيْرُ واقُفَ:** ذ. صفت. اڻ واقف – اڻ سونهو. اڻ سجاتو – اڻ سينڌو – اڻ ڄاتل – اڻ سجاتل. اوپرو – ڌاريو – اجنبي – پرائو – بيگانو – نامحرم. سيڪڙات – نَول – نئون سکندڙ – ڪچو – ناآزمودگار.

– **غَيْرِيّت:** ث. ٻيائي – دوئي. جدائي – علحدگي. حسد – ويـر – ساڙ.

● **غَيْـرَتَ ج غَيْـرَتُوْنْ:** ث. شڪ – گمان – ناجائز ڳالهه تي جذبو – غيرت – ڪتر – جوش.

– **غَيْـرَتَ آٽُ:** شڪ آٽُ – شڪجڻ – گمانجڻ.

– **غَيْـرَتمَنْدُ ج غَيْرَتمَنْدَ:** ذ. صفت. غيرت وارو – ڪتر وارو – نڪ وارو – (صاحب شرم وحيا) حياءُ وارو – پتي وارو. شرم وارو.

– **غَيْـرَتِيْ ج غَيْـرَتِيْ:** ذ. صفت. غيرت وارو – ڪتر وارو.

● **غَيْظُ:** ذ. (ع). سخت ڪاوڙ – ڏمر – غصو. غضب – ڪوپ – قهر. سخت عتاب.

● **غَيْنُ:** ث. غير – غيرت – ٻيائي.

● **غَيْنُ:** (ع). ڪارو ڪَڪَرُ – اُجوُ ٽيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ف

• **ف:** عربي "الف ب" جو ويهون. فارسي الف ب جو ٽيويهون ۽ سنڌي الف ب جو ڇٽيهون اکر ابجد جي حساب موجب عدد (۸۰) (اُجار. في).

• **فاتِحُ ج فاتِح:** ذ. صفت. (ع. فَتَحَ = هُن کوليو) کولڻ وارو — کولِيندڙ. شروع ڪرڻ وارو — آغاز ڪرڻ وارو. فتح ڪرڻ وارو — کٽڻ وارو (جنگ وغيره).

— **فاتِحَهْ:** اسم خاص. (ع. فَتَحَ = هُن کوليو) قرآن شريف جي پهرين سورة جو نالو — سورة الحمدُ — ج فاتِحَوْنْ فَاتِحَاتُوْنْ: ث. ميّت لاءِ دعا (سورة الحمد. جا ميّت جي عذرخواهيَ يا قبر يا مقام تي پڙهي وڃي). عذر خواهي. ختمو.

— **فَاتِحَهْ پڑهڻُ:** مري ويل ماڻهوءَ لاءِ سورة الحمدُ پڙهڻ — دعا گهرڻ.

— **فَاتِحَهْ خُوانِيْ ج فَاتِحَ خُوانِيُوْنْ:** ذ. صفت. مري ويل ماڻهوءَ لاءِ دعا گهرڻ جي رسم (جنهن ۾ دعا گهرڻ بعد کجهه کارايو وڃي). عذر خواهي. پرچاڻي.

— **فَاتِحَهْ ڈِيْنْ:** مري ويل ماڻهوءَ جي عزيزن وٽ وڃي مئل ماڻهوءَ جي لاءِ دعا گهرڻ جي رسم ادا ڪرڻ — پرچاڻي ڏيڻ — عذرخواهي ڪرڻ.

— **فَاتِحه کَرنْ:** عذر خواهي وقت (سورة الحمد) دعا جي لاءِ پڙهڻ. عذر خواهي ڪرڻ.

• **فَاجِرُ ج فَاجِر:** ذ. صفت. (ع. فَجَرَ = هن حڪر عدولي ڪئي) بدڪار — بدڪردار — بدچلن — زناڪار — زاني. فاسق — (ث. فاجره).

• **فَاحِشْ ج فَاحِش:** ذ. صفت. (ع. فحَش = هُو اڳهاڙو ٿيو) بَديءَ ۾ پريل — خراب ڪم جي حد اُڪريل — ازحد بدڪار. خراب. اڳهاڙو. (ث" فاحشَهْ).

• **فَاخِتَهْ:** ث.ذ (ع). پکيءَ جو قسم — ڪَبري. ڪبوتر — ڪبوتري.

— **فاخِتَائِيْ ج فَاخِتَائِيْ:** ذ. صفت. ڪَبَري يا ڪبوتر جي رنگ جهڙو — ڪَبوڙهو خاڪي — ڪبوترائي.

• **فَاذْزَهْرُ حَيْوَانِيْ:** ذ. (طب جو اصطلاح) دوا جو هڪ قسم. جانورن جي اوجهريءَ مان نڪرندڙ گول پٿر جو هڪ قسم. (ف. سنگ گاء = ع. حجر البقر).

• **فَاذْزَهْرُ قُنْفُذِيْ:** ذ. (طب جو اصطلاح) دوا جو هڪ قسم. جاهي جي پيٽ مان هٿ ايندڙ جافر جيڏو گول پٿر جو قسم.

• **فَاذْزَهْرُ کَانْيِيْ:** ذ. (طب جو اصطلاح) دوا جو هڪ قسم — زهر جو اوتار ڪندڙ پٿر جو هڪ قسم — جبلن مان هٿ ايندڙ (ف. تِرياق ڪوهي = ع. فارغ تِرياق حجري).

• **فَارابِيْ:** اسم خاص. مشهور مفڪر ۽ حڪيم ابوالنصر (فاراب جي شهر جو).

• **فَارْخَطِيْ ج فارخَطِيُوْنْ:** ث. (ع. فارغ خطي) ملازمت وغيره مان ڪڍيَ ڇڏڻ جو لکيل حڪم نامو — لکيل استعفا. صافي نامو — چڪتو رسيد. طلاق نامو. ورهاڱي جو ڪاغذ — فارغ خطي.

• **فَارِنْگ ج فارِنْگ:** ذ. (انگ) انگريزي سکي جو هڪ قسم.

• **فارَسْ:** اسم خَاص. (ف). هڪ ملڪ جو نالو — پارس (شيراز، اصفهان، ڪرمان، طهران، يزد وغيره علائقن تي مشتمل) پسر بن پهلوانن سام بن نوح عليه السلام طرفان آباد ڪيل.

— **فَارسِيْ:** (صفت). فارس جو — فارس جي. (ث). فارس ملڪ جي هوليَ — پارسي.

— **فَارسِيْ دانْ ج فَارسِيْ دانَ:** ذ. صفت. (ف. فارسي + دانْ دانستن = جاڻڻ) فارسي جاڻندڙ — پارسي دان.

• **فَارِغْ:** صفت. (ع. فَرَغ = هو واندو ٿيو) ڪم ڪانسواءِ — ڪم ڪان آجو — واندو. ڇٽل — آزاد — آسودو — مطمئن.

• **فَارِغُ الْبَال ج فارِغُ الْبَالْ:** صفت. آزاد — واندو. بي فڪر — مطمئن — آسودو.

— **فَارِغْ ٹِيْنْ:** آزاد ٿيڻ. آسودو ٿيڻ — مطمئن ٿيڻ. بار لهڻ (متي تان. دل تان). خلاص ٿيڻ.

— **فارِغْ خَطِيْ ج فَارِغ خَطِيُوْنْ:** ث. ٻئي کان آزاد ٿيڻ جو اقرار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نامو. فارخطي.

• **فَارِقُ:** صفت. (ع. فارِغ > فَـرَغَ = هو فرصت وارو ٿيو) آزاد – وَاندو – فارغ.

• **فارَكُ ج فارَكَ:** ذ صفت پراڻو – جهونو – قديم – ڪُهنو – پَٽو. نڪمو – بيڪار – نڪارو – ناڪام. هَيو – ڪراڙو – پوڙهو – جهور.

• **فَارُقُ:** صفت. (ع. فَرْق = هن فرق ڪيو) فرق ڪندڙ – تفاوت وجهندڙ – جدا ڪندڙ – حق ۽ ناحق ۾ فرق ڪندڙ. هڪ خليفي حضرت عمر رضي الله عنه جو مشهور لقب.

• **فَارُوقِي:** ذ. صفت. فاروق وارو – فاروق جو. حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه جو اولاد. قبيلي جو نالو.

• **فاسِدُ ج فَاسِدَ:** ذ. صفت. (ع. فَسَدَ = هو خراب ٿيو) خراب – بگڙيل – ناقص (جيئن فاسد خون وغيره) گندو – ڪنو. بد فسادي – فتنه انگيز. (ظرف). تباه ـ برباد. ضايع – زيان. غير ضروري.

• **فَاسِقُ ج فَاسِقَ:** صفت. (ع. فَسَقَ = هو آواره ٿيو). بدڪارُ – بدڪردارُ – بَدراه. زاني. ڪوڙو – ڪساڪي.

• **فَاشْ:** ظرف. (ف). ظاهر – ڪليل – آشڪار – پڌرو – چٽو – عيان – عريان – صاف.

– **فَاشْ ٿِيڻُ:** ظاهر ٿيڻ – پڌرو ٿيڻ – ڪلڻ.

• **فَاصِلُو ج فاصلا:** ذ. (ع. فَاصِلْ. فَاصِلَهْ + جدا ڪندڙ). دوري – پنڌ – مفاصلو – ويچو – وڇوٽو. فَرق. علم عروض جو هڪ اصطلاح جنهن جا ٻه قسم ١. فاصلا صغرا، ٢. فاصلا ڪبرا).

• **فَاضِلْ:** صفت. (ع. فَضلَ = فاضل ٿيو). زائد – زياده ـ وڌيڪ. اُجوَ – چوڪو – خاصو – پلارو – مٿاهون – اُتر – فائق. عالم – قابل – جاڻو. پڙهيل.

– **فاضِلْي:** صفت. واڌو – زياده ـ وڌيڪ. بچت ۾ آيل – بقايا. ڊل جي بچت. ايجنٽ جي واجبي طلب.

• **فَاضِل آباد:** اسر خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **فَاضِلاڻِي:** اَسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **فَاضِلَ پِيرُ:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **فاطِمَهْ:** اسر خاص. رسول مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جي دختر فاطمَةَ الزَّهراءُ (ع) جو اسر مبارڪ.

• **فاعِلُ ج فاعَلْ:** ذ. صفت. (ع. فَعَلَ = هُنَ ڪيو) فعل ڪرڻ وارو – ڪنهن بہ ڪم جو ڪندڙ. اُهو شخص جنهن کان ڪو ڪم سرزد ٿيو هجي. جيئن "گهوڙي گاهه کاڌو" انهيءَ جملي ۾ گهوڙو فاعل آهي. مُجرم. لُوطي. زاني.

• **فاعِلِي:** ث. گرامر ۾ پنجن حالتن مان فاعل کي لڳندڙ هڪ حالت.

• **فاقُوْ ج فاقا:** ذ. (ع. فاقَهْ) مُفلسي – غريبي – تنگ حالي – افلاس – مسڪيني – پينگيائي (ع) سُڄائي – تهيدستي. بُک – لَنگهڻ جيئن: "پسڻ ڏاران پرين جي، فقير پوءِ مَ فاقو" (شاهه).

– **فاقُو ڪَڍَڻُ:** بُک ڪڍڻ – لَنگهڻ ڪڍڻ – بنا کاڌي رهڻ – فاقو ڪرڻ.

– **فاقَه ڪُشْ:** ذ. صفت. بُک ڪڍندڙ – بُکيو – مفلس – ڪنگال.

• **فالَ ج فالُوْنْ:** ث. (ع). شگون – شَگُن – سَوَنُ – سُگُنُ. اڇڪتي – پيشنگوئي – رَمَلُ.

– **فالنامُو ج فالِناما:** ذ. سَوَنُ ڏسڻ جو ڪتاب – پيشنگوئي معلوم ڪرڻ جو ڪتاب – جنتري.

– **فال وجهَنْ:** سَوَنُ ڪرڻ – سُگُن ڪرڻ – اڇڪتي ڪرڻ. رَمَلُ هلائڻ. غيب جي ڳالهه ٻڌائڻ.

• **فالِئُو ج فالِئُو:** صفت. گهرج کان وڌيڪ – ضرورت کان زياده ـ فاضل – افزون – واڌو – زياده ـ فالتو – زائد. ڪم نہ ايندڙ شيءِ ـ نڪار. وڌيڪ پيل (شيءِ وغيره) – بچت ۾ آيل – باڇو.

• **فالِجُ ج فالِجَ:** ذ. (ع. فَلَجَ = حصا ڪرڻ) بيماريءَ جو هڪ قسم – بدن جي اڌ سُڪي وڃڻ جي بيماري – اڌ رنگ.

• **فالِڪُ ج فالِڪا:** ذ. دريائي ٻيڙيءَ جي هڪ حصي جو نالو – ڪنجيءَ جي مٿان پويون تختو. جهاز جي تري ۾ سامان رکڻ جي جاءِ. جهاز جي وهڻ وارن تختن ۾ ٽيل سوراخ (جنهن مان سامان تري ۾ رکي سگهجي).

• **فالُودُ ج فالُودا:** ذ. (ف. فالُوده) ڪَلِ ۽ جميل نشاستو شربت ۾ ٺاهيل سيئيون – شربت ۾ ڪم ايندڙ نشاستو. چانورن جي پيڄيءَ مان ٺهيل مٺائيءَ جو هڪ قسم.

• **فامُ ج فامَ:** ذ. (ف) رنگ – وَرَنُ – وَرَڪ.

• **فانْ (ت):** صفت. فان : = ختم ٿيندڙ) بيهوش – ساڏو – قانْ. جيئن "هلندي هلندي قانْ ٿي ڪري پيو".

• **فانُوسُ ج فانُوسَ:** ذ. (ع. ف) بَتيءَ جو هڪ قسم – بتيءَ رکڻ جو شيشي جو چورس باڪس (جو بتيءَ کي هوا کان بچائي) شمعدان – قَنديل. هَنديل (ل).

– **فَانُوسُ گهَرُ ج فَانُوس گهَرَ:** ذ. ٻيڙن يا جهازن جي رهبريءَ لاءِ درياءَ يا سمنڊ جي ڪناري تي اڏيل روشني ڏيندڙ منارو – لائيٽ هائوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **فَانُوشُ ج فَانُوشَ:** ذ. فانوس.

• **فَانِيُ ج فَانِيْ:** صفت. (ع. فَنِي + هو مَري ويو) فَنَا ٿيندڙ – فنا ٿيل – ختم ٿيندڙ – نابود ٿيندڙ – مرندڙ. گر ٿيندڙ – عدم پيدا ٿيندڙ. بي بقا – ناپائدار – گهاتي.

• **فَائدوُ ج فائدا:** ذ. (ع. فائدَه) نفعو – لابُ پراپت – سُودُ. ڪنيو – اُپراسو – اَپت. حاصلات – آمدني. واڌ – سَرْسيُ – واڌيُ. گُٽ – وصف – خوبيُ. چڱائي – بهتري – پلائيَ. جيئن "هن دوا مان ڪو فائدو ڪونہ ٿيو" غرض – مطلب – افاقو – آرام – صحت – چڱيلائي. جيئن "دوا کائڻ کان پوءِ فائدو ٿيو آهي."

• **فَائِدي مَنْدُ ج فَائِدِيْ مَنْدَ:** صفت. (ع. فَائِدَهْ + ف. مَنْد + وارو) فائدي وارو – نفعي وارو – سُودمَنْدُ – مُفيد – سُڌل. ڪارگر – ڪارآمد.

• **فَائِيقُ:** صفت. (ع. فَوْق = مَٿي ٿِيَڻُ. فَائِق = مٿي ٿيندڙ) بُلند – مٿاهون – وڏو مٿيون – بالا – اُتر – اُجو – اَعليُ. مَشهورُ – ممتاز – بَرتر. بهتر. سڀ کان چڱو – سُٺو – عمدو. معزز – برگزيده ـ فوقيت وارو – فيض وارو – بزرگ. سرخرو – سياڻو.

• **فَتاحُ:** (ع. فَتَح = هُن کوليو) تمام گهٽو کوليندڙ. مشڪلاتون حَل ڪندڙ. خدا تعاليُ جو هڪ صفاتي نالو – ڏاڍي تعاليُ.

• **فَتَحَ ج فَتْحُونُ:** ث. (ع. فَتَح = هن کوليو) جِيْتَ – سوپَ – نصرت – ڪاميابي.

– **فَتْحُ ڪَرڻُ:** جيڻُ – سوپ ڪرڻ – نصرت ڪرڻ – سَرُ ڪرڻ – ڪاميابي ڪَرڻ – فيروزي پائڻ. مُلڪ هٿ ڪرڻ. ڪنڊ (لڙائي وغيره). ڪنهن مشڪل ڪم تي غالب اچڻ. ٺاهڙ – بنائڻ.

– **فَتَحْ مَنْدُ ج فَتَحَ مَنْدَ:** ذ. صفت. (ع. فَتَح + ف. مَنْد = وارو) فتح وارو – سوپارو – جيتيندڙ.

– **فَتَحْ يابُ ج فَتَحْيابَ:** ذ. صفت. (ع. فَتْحَ + ف. ياب > يافتن = لَهَڻُ) جڪاري – منصور ـ مُظفر ـ ڪٽيندڙ ـ فَتَح ڪندڙ – ڪامياب – سوپارو – ڪٽهارُ – ڪٽيات – فَتَح مند.

• **فَتَحَ بَاغُ:** اسر خاص. تعلقي ٽنڈي محمد خان ۾ هڪ ديهہ ۽ گوٺ جو نالو – اُن جاءِ تي واقع. سنڌ جي هڪ تاريخي شهر جو نالو.

• **فَتَحَ ٽَنڈو:** اسر خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **فَتَحَ پورُ:** اسر خاص. تعلقي ميرپور ماٽيلي، تعلقي گوني، تعلقي جيڪب آباد، تعلقي رتي ديري، تعلقي ڏوڪري، تعلقي سکر تعلقي لاڙڪاڻي، تعلقي هالا ۽ تعلقي ڪڪڙ ۾ ڪن ديهن جو نالو.

• **فَتَحَ پُورجاگيُر:** اسر خاص. تعلقي گوني ۾ ديهہ جو نالو.

• **فَتَحَ جَنگ:** ذ. صفت. رنگ جي لحاظ سان گهوڙي جو نا (مُنهن ۾ بَانُو ۽ اڳين ٻنهي پيرن ۾ اڇا ٽڪا)

• **فَتْحَ خَانُ:** اسر خاص. تعلقي ڏُل ۽ تعلقي شاهبندر ۾ ديهن جو نالو

• **فَتْحَ ڈِنْيَ:** اسر خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **فَتَحْ مَحمد اَبڑو:** اسر خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **فَتَحَهُ:** ث. (ع). زبر.

• **فَتَحَيائِيْ:** اسر خاص. جسڪاٽي بلوچ قبيلي جو پاڙو.

• **فِتنوُ ج فِتنا:** ذ. (ع. فِتْنَه = فساد) فساد – بلوو – بغاوت – جهيڙ بغاوت – سرڪشي. فِتُور – هيائي – ڏڦير. غوغا – هُل – گوڙ.

• **فِتْنوُ:** زنبق جو قسم.

– **فِتنائِيْ ج فِتنائِيْ:** ذ. صفت. فتنو ڪندڙ – فسادي – جهيڙائو – جهگڙالو – خَلَلِيْ – چريو.

– **فِتنَتِيْ ج فِتنَتِيْ:** ذ. صفت. فسادي. چيٽا پوُر – ٽَنْتائي – ويڇوڙ

– **فِتْنَهْ اَنْگِيْزُ ج فِتْنَه اَنْگِيْزَ:** ذ. صفت. (ع. فِتنَهْ + ف. انگي انگيختن + ڪرو ڪرڻ) جهيڙو اُٽاريندڙ – خَلِلي – فسادي. فِتنائي

– **فِتْنَهْ بازُ ج فِتْنَهْ بازَ:** ذ. (ع. فِتْنَه + ف. باز. باختن = کيڏڻ فتنائي – فتنتي.

– **فِتْنَهْ بازِيْ:** ث. (ف). جهيڙي وجهاڙ جي حالت.

– **فَتُوْحَلْ جُوڏُو:** ديهہ جو نالو. ٽپو حيدر چانڊيو. تعلقو ميرو خا ضلعو لاڙڪاڻو.

• **فِتُورُ ج فِتُورُ:** ذ. (ع. فَتَرَ + هو سُست ٿيو) سُستي – ڪاهلي. نقص – خلل ضُعف – ڪوتاهي. فتنو – فساد – وڪوڙ – جهگڙو – ٽَنْ – بلوو – هَلَڙ – شورش – جهيڙو – معاملو – تڪرار – قَڏو.

– **فِتُورُ جاگائِڻُ:** فتنو جاڳائڻ – فساد جاڳائڻ. نئين دشمني پيا ڪرڻ. ڏڦيڙ وجهڻ.

– **فِتُورُ وجهَڻُ:** جهيڙو وجهڻ – هيائي پيدا ڪرڻ – هن ڪم ويڑهائڻ – رُخنو وجهڻ.

– **فِتُوريْ ج فِتُورِيْ:** ذ. صفت. فِتُور وجهندڙ. معاملائي بکيڙائي – فتنہ انگيز – فِتنتي.

• **فِتوهِيْ ج فتوهِيُوْنْ (ت):** ث. چولي جي اندران پاتل نندي چولي

• **فَتْوِيُ ج فَتْوَانُوْنْ:** ث. (ع). شرعي حڪم – قانون مُحَمّد؛ موجب ٿيل فيصلو – قاضيءَ جو صادر ڪيل شرعي حڪم

قانون موجب فيصلو. ڪنهن به ڪيس بابت ڪنهن به ماجسٽريٽ جو هدايل حڪم – فيصلو – حڪم.

فتويُ ڏيڻ: شرعي حڪم لڳائڻ. قاضي يا مفتي جو قانون موجب ڏنل حڪم. فيصلو ڏيڻ.

فَتِيلَ ج فَتِيلَوْنْ: ث. (ف). ليڪ – ليڪو. پٽو – حاشي – پٽي. ڪاغذ جي ڊگهي سوڙهي ٽڪري. ليڪن ڪيڻ لاءِ ڪاٽ جي سنهي پٽي يا چپر. ڪپڙي سٽ ۾ ڊگهي چٽي.

فَتو ج فَتا: ذ. نار جو هڪ قسم پاڻيا جن سان پاڻي اُپاڙي نالي‌ءَ ۾ وهن.

فَجار ج فَجارُونْ: ث. سختي – تڪليف. جيئن "فجارون فراق جون نٽو ساهه سهي، جي لمحو لک لهي، تہ پسان منهن ميهار جو" (خانزئي).

فِجانْ ج فِجانْ: ذ. (ف. فِنْجانْ) نندڙو گلاس – فنجانْ.

فَجْر: ذ. (ع). رات جي ختم ٿيڻ وارو وقت. صبح صادق – پريات – سَحَر – پرهه ڦٽي – پئسي پرڪ.

فُجُورُ ج فُجُورَ: ذ. (ع. فَجَرَ = هن گناهه ڪيو) گناهه – جُرم – قصور – ڏوهه. حق کان ڦرڻ جي حالت – دين کان ڦرڻ جي حالت – بي ديني. نافرماني. بدڪرداري – بدڪاري – زنا ڪاري – گنهگاري.

فَجِيتو ج فَجِيتا (ک): ذ. (ع. فضيحت) ڦَدّو – فساد.

فَحَشْ ج فَحَشْ: ذ. صفت. (ع). حد کان وڌيڪ بدڪار – خراب – گندو. (ذ. ث) بي حيائي. بدڪاري.

فَحْش ڪَلامِيْ ج فَحْش ڪَلامِيُونْ: ث. خراب گفتگو – خراب ٻالهاءِ – واهيات گفتگو. گارگند – بدڪلامي.

فَخْرُ ج فَخْرُ: ذ. (ع. فَخَرَ = هُن فخر ڪيو) نارُ – شرف – بزرگي. گهمنڊ – غرور – هَنُ – وڏائي – ٽانءِ ـ وڏنءِ ـ هُوءِ ـ لاڻ – ڏاڙ. مَرْڪُ – شانُ.

فَخْرجي فَرَسَ تي سُوارِيْ ڪَرڻْ: اَنڊ جي گهوڙي تي سُوارُ ٿيڻ ـ تمام گهٽو فخر ڪرڻ – غرور ۾ پرجي وڃڻ جيئن "محبت سندي محض ميدان ۾، فرس فخرجي تي سُواري غلط" (فاضل شاهه).

فَخْرُ سَمْجهَهْ: شانُ جو سبب سمجهڻ – نارُ سمجهڻ – وڏائي سمجهڻ – شانُ سمجهڻ.

فِدا: ث. (ع) صدقو – گهور – قرباني. عبادت – بندگي – پڄتي. (صفت). هئي لاءِ سَرُ ڏيندڙ – جان نثار – قُربان – صدقي عاشق – فريفتہ – مفتون – شيفتہ – دلداده.

– فِدا ٿِيڻْ: قربان ٿيڻ – صدقو ٿيڻ. گهوري وڃڻ.

– فِدا ڪَرڻْ: قربان ڪرڻ – صدقو ڪرڻ – گهور ڪرڻ – گهورڻ – نثار ڪرڻ.

– فِدائِيْ ج فِدائِيْ: صفت. قرباني ڏيندڙ – جان نثار – جان باز. عاشق.

● **فِدْوِيْ ج فِدْوِيْ:** صفت. (ع. فِدا = هن قربان ڪيو) فدا ٿيڻ وارو – ڪنهن جَي عيوض پنهنجو سَرُ ڏيندڙ – قربان ٿيندڙ – سر وڪڻندڙ – سر ڏيندڙ – سَر فروش. جان نثار – فِدائي. حڪم بجا آڻيندڙ – حڪم مڃيندڙ – فرمانبردار – تابعدار.

● **فِدْيَهْ:** ذ. (ع. فِدْيَة) ڪنهن قيديءَ کي ڇڏائڻ قيديءَ جي آجائي جو عيوض – سربَهَا – ڏوه جو معاوضو. صدقو.

● **فِدِيهْ ج فِدِيهُونْ (ت):** ث. منّتَ – آزِيْ – نيزاري – عِجْزُ – عرض. جُهٽ – جاڙ – ڦِٽ. ڪوشش.

● **فَرَج فَرَ:** ذ. (ف). آرائش – زيبائش – زينت – زَيْبُ – آراستگي – ناهه نُوه. شان شوڪت. ڏام ڏوم. ڏَهْڏهو – رُعْبُ – تابُ.

● **فُراتُ:** اسر خاص. (ع). عراق جي مشهور نَديءَ جو نالو. (جا آرمينا جي جبلن مان نڪري ايراني نار ۾ وڃڻي ٿي، ۱۳۰ ميلن جي فاصلي تي ساٿس ڏَجلُ نَدي به اچي گڏجي ٿي).

● **فَراخْ:** صفت. (ع). ويڪرو – موڪرو – ڪُشادو – خلاصو – عريض – ڪَلِيلُ – چوڙو – وسيع وڏو. اعظم – عالي – بُلند.

– فَراخِيْ ج فَراخِيُونْ: ث. ويڪر – موڪر – ڪُشادائِيْ – خُلاصِيْ – پکيڙ – وسعت. اُجائي. طول – ديگهه. بلندي. گهٽائي.

● **فَرارْ ٿِيڻْ:** (ع. فَـرّ = پڇو > فَـرّار = تکو پڇندڙ) پَجَڻُ – پَجِي وڃڻ – ڊوڙڻ – گم ٿي وڃڻ – رفوچکر ٿيڻ. روپوش ٿيڻ. غائب ٿيڻ. لڪي وڃڻ.

● **فَـرّازُ ج فَـرّازا:** ذ. (ع). ڪليل – وڃايل. ڪشادو. مَٿي – مٿاهون – بلند – اوچو – اعليٰ – اُتم – وڏو. (ذ). اوچائي – مٿانهين – بلندي – "تَشبيبُ و فَرازُ". چوٽُ – اوج. تَهه. چاڙهي.

● **فَراسُ ج فَراسَ:** ذ. صفت. (ع. فَرَشَ. فَرّاش) فرش وڃائيندڙ – فراش. فراسيہ ن وڪڻندڙ – غاليچن جو واپاري. (ث). وڏي فراسي – گلہ.

● **فَراسَتَ ج فَراسَتُونْ:** ث. دانائي – عقلمندي – تيز فهمي – زيرڪي – فهم – آدراڪ سمجهه – هاڻ – پروڙ. قيافہ شناسي.

● **فَراسِيْ ج فَراسِيُونْ:** ث. (ع. فَراشَ = وڃاٽو) سُٽ مان ٺهيل نندڙو غالچيو – سادو غاليچو – وڃاٽو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **فَرآشُ ج فَرآشَ:** ذ. صفت. (ع. فَرَشَ = هُنَ وڇايو) فرش وڇائڻ وارو – گلر غاليچو وڇائڻ وارو. تاريوش ڪندڙ – ٽهل ٽڪورَ ڪندڙ – ٽهليو. خاص غاليچن وڇائڻ وارو نوڪر – فراسُ. (اسر خاص). تعلقي سڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **فَراشِي ج فَراشِيُونْ:** ث. فَراسُ.

• **فَراغَتْ ج فَراغَتُونْ:** ث. (ع. فَرَغَ = هو آزاد ٿيو) واندڪائي – فُرجو – وارڪائي – فُرصت – مهلت. نجات – ڇوٽڪارو – اڪيلائي. بي فڪري.

• **فِراقْ ج فِراقَ:** ذ. فَرَقَ = هُو جُدا ٿيو) وڇوڙي يا جدائيءَ جا ڏُک سُور – جدائي – وڇوڙو – ورهُ – ڦوڙائو – ويراڳُ – برهُ – هجْر – فُرقت. پياري سجڻ ڪاڻ جدائي – جدائي وارو عرصَو.

– **فِراقِيل ج فِراقِيلْ:** ذ. صفت. وڇوڙيلُ – ويراڳيل – مهجورُ.

– **فِراقِي ج فِراقِيْ:** ذ. صفت. فِراق وارو – فِراق جو – فِراقِيلُ.

– **فِراقِيو ج فِراقِيا:** ذ. صفت. جدائيءَ جي غم جو سَتايل – جدائي جي غم ۾ پريل – وڇوڙيل – فِراقِيلُ.

• **فَراقَتْ ج فَراقَتُونْ (ت):** ث. (ع. فَرقَ) فرق – تفاوت. فائدو – افاقو (بيماري وغيره ۾).

• **فَراكِي (ت):** ث. پنج سنجي (گهوڙي جي) جو هڪ سَگُ – بالاتنگ.

• **فَرامُوش:** صفت. (ف). دل تان لاٿل – وساريل – ڀُلايل – ڇڏيل.

– **فَرامُوش ڪَرَنْ:** دل تان لاهڻ – وسارڻ – ڀُلائڻ.

– **فَرامُوشِي ج فَرامُوشِيُونْ:** ث. ڀُل – چُوڪ – سهوَ – خطا – ويسر – نسيان.

• **فَرانْس:** اَسر خاص. (انگ). يورپ جي هڪ ملڪ جو نالو.

• **فَراوانْ:** صفت. (ف). گهڻو – جهجهو – مَٹُو – ڪثير – زياده – اَڻُوٽ – بسيارُ – وافر – ريل چيل – بي انداز – وڌيڪ.

– **فَراوانِي ج فَراوانِيُونْ:** ث. زيادتي – گهڻائي جهجهائي – ڪثرت – زيادتي – بسياري.

• **فَراهَمْ:** صفت. (ف. فَرا + هَمْ = سڀ) گڏ – جمع – ڪُل.

– **فَراهَمْ ڪَرَنْ:** گڏ ڪرڻ – ڪٺو ڪرڻ – ميڙڻ – جمع ڪرڻ.

• **فَرائضَ:** ذ (ع. جمع فرض' جو). خدا تعاليٰ جي طرفان حڪمن موجب رکيل ڪم. جهڙوڪ "نماز، روزه، حج، زڪواة، ڪلمو وغيره".

• **فَراضْ:** ث. (ع. فرائض) اهو سالياڻو نذرانو جو پير صاحب پاڻ گاره جا مريد پنهنجي طرفان درگاه تي موڪلين يا پيش ڪن.

• **فَرَبَہْ:** صفت. (ف). ٿُلهو – موٽو – دونسو – بدن ۾ پريل.

• **فَرتُوتْ:** صفت. (ف). تمام پوڙهو – پوڙهو ۽ ضعيف – ڪراڙو – جهور – جهونو – هيٺو.

• **فَرْجْ ج فَرْجَ:** ذ. (ع). ويڪر – وٿي – ٻن شين جي وچ واري ويڪراڻ – رخنو – چير. عورت جو عضوه تناسل – شرمگاه.

• **فَرْصو ج فَرْصا:** ذ. فرصت جو وقت – واندڪائي – وارڪائي – وار – فراغت – ڏَڻ – مهلت – وقت – نسبختا – نويڪلائي دير – اوسَر.

• **فَرْحَتْ ج فَرْحَتُونْ:** ث. (ع. فَرَحَ = خوش ٿيو) خوشي – سرهائي – آنند – شادماني – خرمي – مزو – لطف – سواد – لذت – وندر. آرام – قرار – سک. سهنج – سولائي.

• **فَرْخْ:** صفت. (ف. فَرْ = سونهن + رُخْ = شڪل) سهڻي شڪل وارو – خوبصورت – حسين. مبارڪ – نيڪ. خوش.

– **فَرخَنْدَہ:** صفت. نيڪ – مبارڪ – پلارو – سدورو.

• **فَرْدْ ج فَرْدَ:** صفت. هڪ – هڪڙو – واحد – يڪو – اڪيلو – تنها – چڙو. (ذ). پنو – ورق – صفحو (ڪتاب وغيره جو). پن. شعر جو هڪ قسم.

• **فَرْدُ بَاطِلْ:** ذ. صفت. پراڻو – جهور – جهونو – ڪُهنو. نوڪريَ جي عمر ڪان چڙهيل – مدي خارج.

– **فَرْدِ كَجُورْ:** ذ. ڪجور جو پن. هڪ قسم جي ڪارڪ.

• **فَرْدَا:** ظرف. (ف). ايندڙ ڏينهن – ٻئي ڏينهن – سياڻي. آئنده جو دلاسو. قيامت جو ڏينهن – آخرت. "فَردا مُنذَ ڦٽي ڪئي، نَقدُ ڪنيو نار" (شاهه).

• **فِرْدوسْ ج فِرْدوسَ:** ذ. (ع) ميوي دار وڻن وارو باغ – گل زار – گلشن. گلستان. بهشت – جنت – سرڳ. سڀ کان مٿاهين ۽ اڻين بهشت جو نالو.

• **فِرْدوسِي:** بهشت جو – بهشت وارو. بهشتي – جنتي.

– **فِرْدوسِيْ:** اسر خاص. (ع. ف). حڪيم ابو القاسم منصور طوسي جو لقب (جنهن ايران جي بادشاهن جي مشهور تاريخ شاهنامو شعر ۾ ٺاهيو).

• **فَرْدِيْ ج فَرْدِيُونْ:** ث. تاس جو هڪ پتو – پتو. سخت پني جو ٽڪر – پاڻو. ڪتاب جو پنو. پني جو هڪ سنهون ٽڪر – فهرست – ياداشت – لسٽ.

• **فَرْزاتْ ج فَرْزاتَ:** ذ. (آواز) ڪنهن شيءِ جي تکي اڌامڻ جو آواز.

• **فَرْزانَہ:** صفت. (ف). داناءُ – عقلمند – سياڻو – ڏاهو. حڪيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **فَرزَنْد ج فَرزَنْد:** ذ. (ف). پٽيلو اولاد – پٽ – هيٽو – پسر – ابن – ولد.
• **فَرزَنْدِيءَ ۾ قبولڻ:** پٽ ڪري سمجهڻ – پٽيلو ڪرڻ.
• **فِرِشتو ج فِرِشتا:** ذ. (ف). (فرِشتَادَن فرست = موڪليل ماڻهو) اهو ماڻهو جو ڪنهن جي برخلاف ڪا ڳالهه ٻڌي ته ان کي وڃي ٻڌائي ۽ جهيڑو ڪرائي – چيٽا يور.
• **فَرسَنگ ج فَرسَنگَ:** ذ. (ف). اٽڪل تن ميلن جو مفاصلو.
• **فَرشو ج فَرشا (ت):** ذ. ڪٽڪ ڳاهڻ مهل وَل کي هموار ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جو مستطيل (واٽيل) ڇوڪ.
• **فَرسُودَه:** صفت. (ف). بي ڪار – نڪمو –ڪم ڪان ويل. پراڻو – جهونو.
• **فَرش ج فَرشَ:** ذ. (ع. فَرَش = هُن وڇايو) وڇائڻ جي ڪا شيءِ – وڇاڻو بسترو. غاليچو – گلم – فراسي. پَٽ – زمين. سرن ساڻ ٻڌل پَٽ. (اسم خاص). تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **فَرشَبَنْدَ ج فَرشَبَنْدَه:** ذ. صفت. فرش ناهڻ (ٻڌڻ) جو ڪم ڪندڙ – فرش هڻندڙ – رازو – مستري – معمار.
– **فَرشَبَنْدي ج فَرشَبَنْديُون:** ث. سرن سان فرش ٻڌڻ جو ڪم.
• **فِرِشتو ج فِرِشتا:** ذ. (ف). نور مان پيدا ٿيل هڪ مخلوق جو فَرُدُ (جو فقط خدا تعاليٰ جي عبادت ڪري ۽ الاهي حڪمن جي پوءِ واري ۽ پابندي سندس فطرت هجي. وڏا فرشتا چار آهن. جبرائيل. ميڪائيل. اسرافيل. عزرايل). خدا تعاليٰ جو نوراني قاصد – مَلَڪ – ملائڪ.
• **فَرشِي ج فَرشِيُون:** ث. (ع. فَرَش = هُن وڇايو. سن. پَرشُهْ = ڪهاڙو) ڪاٺ کي چلي لسي ڪرڻ جو واڌڪو اوزار – رندو. چڪڻ جي ڪلي) جا ڏرتي تي رکي چڪجي.
• **فَرصَتَ ج فَرصَتُون:** ث. (ع). وارو – نوبت – وقت. موقعو – وجهه. واندڪائي – فراغت – وارڪائي. مهلت – وار – ڏت – نويڪلائي – اڪيلائي. موڪل – ڇوٽي – آزادي. آرام.
• **فَرض ج فَرض:** ذ. (ع) خدا جو لازم ڪيل حڪم – (قدرت طرفان) مقرر ٿيل ڪم – اهو شرعي حڪم جُنهن جي نه ڪرڻ کي انسان گنهگار ۽ مذهب کان خارج سمجهيو وڃي. رکيل ڪم – سونپيل ڪم. ذمه داري – جوابداري.
– **فَرض اَدا كَرڻ:** رکيل ڪم پورو ڪرڻ – شرعي حڪم موجب هلڻ.
– **فَرض گَرڻ:** ڪنهن ڳالهه کي عارضي طور تسليم ڪرڻ. ادا ڪرڻ – داخل ٿيڻ. مڃڻ.
– **فَرض كَيل:** صفت. مليل – سونپيل – حوالي ٿيل. سمجهڻ خاطر ۽ مثال طور رکيلَ.
– **فَرضِي ج فَرضِي:** ذ. صفت. ضروري – لازمي – واجب – لابد – اٽتر. مصنوعي – هٿرادو – جعلي. مثالي.
• **فَرط:** ث. (ع). گهڻائي – زيادتي – جهجهائي – بسياري – افراط.
– **فَرط مَحَبَّت:** ث. محبت جي گهڻائي – پيار جي زيادتي. نهايت حُبّ.
• **فَرع:** ث. (ع). شاخ – تاري – لامَ. وڻ جي تاري.
• **فِرعَون:** اسم خاص. (ع). مصر جي قديم بادشاهه جو لقب – حضرت موسيٰ عليه السلام جو همعصر مصر جو بادشاهه. (صفت). مغرور – تڪبر – ايماني – هٺيلو – سرڪش. ظالم – مُنڪر.
• **فَرغَلَ ج فَرغَل:** ذ. ڍڳهو. ڪوٽ – فَرڳَلُ.
• **فُر فُر:** ث. (آواز) ڪنهن شيءِ جي تڪي هلڻ جو آواز. (ظرف). تڪو – تڪڙو – تيز – جلدي – سَرل زبان سان – تڪڙ مان. فَصيح نموني – لَس.
– **فَرفَر پڑهڻ:** بنا هَڪَ پڙهڻ – تڪڙو پڙهڻ – سَرل زبان سان پڙهڻ. فصيح نموني سان پڙهڻ.
• **فَرفِيُون:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وکر جو هڪ قسم. (خاڪي ۽ زرداڻ تي مائل هڪ ٻوٽيءَ جو ڪير).
• **فَرق ج فَرق:** ذ (ع. فَرَقَ = هُن جُدا ڪيو) جدا ڪرڻ جي حالت – جُدائي – علحدگي – تفاوت – وڇوٽي – مفاصلو – اختلاف – وڇاندر – ويچو – ڦيرُ. امتياز – تميز – شناخت. ڪوتاهي – ڪَمي – گهٽتائي. علم رياضيءَ موجب ڪن ٻن انگن جو تفاوت – ڪَٽَ. اُپت – پاڇي – فائدو. ڦوڙائو – فِراق – وڇوڙو. اٽبٽَت – ورودَ – ڏڦير – ڪرودُ. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار – تاجيءَ هيٺان ڏيڻ جو ڪاٺ جو تختو (ت).
– **فَرق پَوڻ:** ويچو پوڻ – جدائي ٿيڻ – وڇوڙو ٿيڻ. اٽبٽت ٿيڻ.
– **فَرقَ كَيڻ:** اختلاف ڪيڻ – تفاوت ڪيڻ – (دل مان) زنگ ڪيڻ.
– **فَرق هُئڻ:** جدائي هئڻ – وڇوڙو هئڻ – علحدگي هئڻ.
• **فُرقان:** ذ. (ع). (لُغوي معنيٰ ۾) حق ۽ باطل ۾ تفاوت ڪندڙ. (اصطلاحي) ڪلام الله ـ قرآن شريف.
• **فُرقَت ج فُرقَتُون:** ث. (ع. فَرَقَ = هُن جدا ڪيو) جدائي – علحدگي. وڇوٽي – ويچو – مفاصلو – دُوري. وڇوڙو – ڦوڙائو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– فراق – هجر.
• **فَرْقَپُور:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **فِرْقو ج فِرْقا:** ذ. (ع. فِرْقة، فَرَق = هن جدا ڪيو) ڪوفو – قوم – ذات – نيات – ڪُل – خاندان – قبيلو – پيڑهي – نَسل. گروهه – تولو – سَبا – سماج – جَٿو – انجمن – مجلس – منڊلي.
• **فَرْلانگ ج فَرْلانگَ:** ذ. (انگ). ميل جو اٺون حصو – ۾ سئو ويهه وار مفاصلو.
• **فَرْمانُ ج فَرْمان:** ذ. (ف). بادشاهي حڪم – بادشاهي اعلان – حڪمنامو – فتويٰ. حُڪمُ – فرمودو – ارشاد – منشورُ – پروانو.
– **فَرْمانْبَرْدار ج فَرْمانْبَرْدارَ:** ذ. صفت. حڪم مڃيندڙ – حڪم جي بجا آوري ڪندڙ. حڪم جو بندو – محڪوم – مطيع – تابعدار. چئيوان – چيو مڃيندڙ – چئي ۾ ـ چئيدار.
– **فَرْمانْبَرْداريُ ج فَرْمانْبَرْداريُونْ:** ث. حڪم جي مڃتا – چئيدار – آگيا پالڻ ـ تابعداري – اِطاعت – بيعت – تسليم – نياز مندي. وفاداري – نمڪ حلالي.
– **فَرْمانَرَوا ج فَرْمانَرَوا:** ذ. صفت. حڪم هلائيندڙ – حڪمران – حاڪم – بادشاهه
– **فَرْمانَرَوائي ج فَرْمانَرَوائِيُونْ:** ث. حڪمراني – حڪومت – بادشاهي – حاڪمي.
• **فَرْمائِشْ ج فَرْمائِشُونْ:** ث. (ف. فَرْمايَش) حڪم – فرمان – جَوڙُ – جيو – گهُر – طَلَب – اِلتجا – درخواست (مال وغيره لاءِ). اجازت. سوڪڙي – تحفو. گيهه لڳل مانيَ – اُقرانو. تنبيهَ.
– **فَرْمائِشِي ج فَرْمائِشِي:** ذ. صفت. فرمائش ڪندڙ – طالبُ. اهو جنهن کان مال گهرائجي.
– **فَرْمائِش ڪَرڻ:** درخواست ڪرڻ – چاهڻ – گهرڻ – تمنار ڪرڻ. ارشاد ڪرڻ. تحفو گهرائڻ.
• **فَرْمائِڻُ:** مصدر. (ف. فرمودَنْ = چوڻ – حڪم ڪرڻ) فرمائش ڪرڻ – فرمان هلائڻ – حڪم ڪرڻ – حڪم هلائڻ – باضابطه جَوڙُ – ارشاد ڪرڻ. ظاهر ڪرڻ – سيکارڻ.
• **فَرْمُودو ج فَرْمُودا:** ذ. (ف. فَرْمُودَهْ = فرمايل) حڪم – فرمان – ارشاد. چَيو – جَوڙُ.
• **فِرنڪ:** ذ.صفت. (انگ). سامهون – آڏو.
– **فَرنڪ ٽي بيهڻ:** سامهون ٿي بيهڻ – وڙهڻَ لاءِ تيار ٿيڻ.
• **فِرِنگ:** ذ. (ف. انگ. فِرنڪ = فرانس جو)فرنگين جو مُلڪ – يورپ.
– **فِرِنگِستان:** ذ. فِرنگُ – يورپ.
– **فِرِنگي ج فِرِنْگِي:** ذ. صفت. فرنگ جو رهاڪو. انگريز – يورپي – گورو.
• **فَرْنو ج فَرْنا:** ذ. صفت. فَلَڪِي – چالاڪ. تازو توانو – ٽِپ ٽاپ – خوش. خوش پوشاڪ – ناهوڪو.
• **فِروخْت:** ث. (ف. فِروخْتَنْ = وڪڻڻ) وڪرو – نيڪالُ – ويڪرو.
– **فِروخْتَ ڪَرَڻُ:** وڪڻڻ – وڪرو ڪرڻ. نيڪال ڪرڻ – ڏيڻ.
• **فِروز:** صفت. چَمَڪ – چمڪ. روشني. تابش.
• **فِروش:** صفت. (ف. فروختن = وڪڻڻ) فروخت ڪندڙ – وڪڻندڙ. مرڪّبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ جيئن "ڪتب فروش. ريشم فروش. ضمير فروش. وغيره".
• **فُروعَ ج فُرُوعات:** ذ. (ع. فَرعَ = جُدا ٿِيَڻُ > فُرْع ج فُرُوعَ = لامر يا شاخ). ٽريُونْ – شاخون – لامون. فِقهيْ اصطلاح ۾ اُهي مسئلا جن جوَ اصولي عقيدي يا بحث سان تعلق نه هجي. (اَصْلَ مان فَرع = پاڙ مان شاخ).
• **فُرُوعي:** ذ. (ع. فرعَ > فُرُوعَ = ٽاريُون) ڏڪ. روڙو مال جو عيوضو. زراعت جي پيل بابت اڳ جو قاعدو (جي چرندڙ مال کنهن آباد ڪيل يا ڏِل ٻڌل زمين ۾ گهڙي ويندو ۽ زيان ڪندو تہ سجو ڏڻ يا گلو وڪڻي حاصلات حاڪم جي ڪاتي ڪئي ويندي هئي. ڏڻ جي مالڪ ۽ زمين جي مالڪ کي سندن غفلت سان نہ ڪچ نہ ملندو. جورن کان جوريءَ عيوض ورتل ڏنڊ. مڪيه مضمون جون شاخون – زيربحث ڳالهه کي چڏي ٻيون ڳالهيون. (صفت). روڙو – نڏڻڪو.
– **فُرُوعي مُنْشي:** ذ. ڏِڪَ مُنْشي.
• **فُروغ:** ذ. (ع). روشنيَ – رونَقَ. واڌارو.
• **فروگذاشْتْ:** ث. (ف). نظر انداز – قلم انداز – درگذر – چشم پوشي – بي پرواهي. غلفت – ڪوتاهي. ڪمي. بيشي.
• **فَرهاد:** اسم خاص. (ف). هڪ مشهور عاشق جو نالو (شيرين جو عاشق).
• **فَرهَنْگَ ج فَرْهَنْگُونْ:** ث. (ف). ڄاڻ ۽ دانائي. لفظن جي معنيٰ جو ڪتاب – لغت.
• **فَرهي ج فَرهَيُونْ:** ث. اکرن لکڻ لاءِ ڪاٺ جي تختي – ڦرهي – پٽي.

• **فَرْيادُ ج فَرْيادَ:** ذ. (ف) مدد ملڙ لاءِ ڪيل دانهن. هل – گهوڑا – واويلا. دانهن – پُڪارَ – ڪوڪ. شڪايت. ڪيس – مقدمو – دعويٰ.

- **فَرْيادَ جو ظَرفُ:** ذ. دانهين ڏر وارو فرياد جو پاسو.

- **فَرْيادَ رَسُ:** ذ. صفت. فرياد ٻڌندڙ – دانهن ٻڌندڙ. عرض اونائيندڙ. انصاف ڪندڙ.

- **فَرْيادَ ڪَرڻ:** دانهن ڪرڻ – ڪُوڪ ڪرڻ – پُڪارڻ. انصاف لاءِ گهُر ڪرڻ. ڪيس ڪرڻ – دعويٰ ڪرڻ – مقدمو ڪرڻ.

- **فَرْيادَ مَچائڻُ:** دانهون ڪرڻ – پُڪارڻ.

- **فَرْيادِيُ ج فَرْيادِيُ:** ذ. صفت. فرياد ڪندڙ – دانهن ڪندڙ. دانهين – مُدّعيُ. عرض ڪندڙ – پُڪاريندڙ – ڪيس ڪندڙ.

• **فِرِيبُ ج فِرِيبَ:** ذ. (ف). دَغا – دولاب – مَڪرُ – ٺڳي – ڏوڪو – ڇَل – ترڪٽ – حيلو – ڪوٽ – ڪُپت – ڏوهُ – ڪهاڻ. جادُو.

- **فِرِيبُ ڏيڻُ:** ٺڳي ڪرڻ – ٺڳڻ – دولاب ڪرڻ – ڏوڪو ڏيڻ.

- **فِرِيبِيُ ج فَرِيبِيُ:** ذ. صفت. فريب ڪندڙ – ٺڳُ – دولابيُ – ڪُپتيو – دَغاباز – مڪارُ – ترڪتي – ڏوڪيباز – مڪريلو.

• **فَرِيدُ:** صفت. (ع). فَرد – يڪتا – بي مثل – بي نظير – لاثاني. اڪيلو پنهنجو مٽ پاڻ (اسر خاص) ماڻهو جو نالو.

• **فَرِيدآباد:** اسر خاص؛ تعلقي ميهڙ ۾ شهر ۽ ديهه جو نالو. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ ديهه جو نالو.

• **فَرِيدَ ٻُوٽِيُ:** ث. پساريڪي وڪرجو هڪ قسم. هڪ ٻوٽيءَ جو نالو.

- **فَرِيدُونُ:** اسر خاص. (ف). ايران جي هڪ عادل بادشاهه جو نالو.

• **فَرِيضَهُ ج فَرِيضا:** (ع). بندن تي واجب ڪيل خدا جو حڪم (روزو، نماز، حج، ڪلمو، زڪوات وغيره).

• **فَرِيفتَهُ:** صفت. (ف. فَرِيفتَنْ). موهيل – شيفته – شيدا – مَفْتُونُ – عاشق.

• **فَرِيقُ ج فَرِيقَ:** ذ. (ع). وڏو گروه ـ وڏو ٽولو – جماعت ڏُر.

• **فَرِيمُ ج فَرِيمَ:** ذ. (انگ). ڪورين جو هڪ اوزار. جوڪٽ.

• **فَزُونُ:** صفت. (ف). وڌيڪ – زياده. بسيارُ – جهَجهو – گهڻو – ڪَثيرُ.

• **فَسادُ ج فَسادَ:** ذ. (ع. فَسَدَ = خراب ٿيو) تباهيُ – بَربادِيُ – خرابي. خَلَل – بگاڙ. جهڳڙو – جهيڙو – فتور – دنگو. وڳوڙ – فِتنو.

- **فَسادِيُ ج فسادِي:** ذ. صفت. فساد ڪندڙ – فتوريَ – مفْسدُ – فتنه اَنگيز – راج ڏوهو. جهيڙائي. جهَنائي. شرير – ڪوتو.

• **فَسانو ج فَسانا:** ذ. (ف. اَفْسانَهْ جو مَخَفّفُ) هٿ جو گهڙيل قصو – ناهيل ڪهاڻي – خيالي قصو – طبع زاد مضمون. قصو – داستان – آکاڻي – عشقي قِصو – ماجرا – سرگذشت – حال احوال. حڪايت.

• **فُسراتَ ڪَرڻ (ت):** نَتائڻُ. اَلي وچڻ – ڪوڙ ڳالهائڻ.

• **فِسْقُ ج فِسقَ:** ذ (ع). نافرماني – حڪم عدُولي. صحيح رستي تان هٽڻ جي حالت. بدڪاري. گناهه – جُرم – ڏوهه – خطا – قصور.

– **فِسْقُ وَ فُجُورُ:** ذ. خطا ۽ قصور – بدراهي. گمراهي – بدڪاري – گناهه ڪبير.

– **فُسُونْ:** ذ. (ف. اَفْسُونْ) جادُو – سحْرُ – نَيرنگُ.

– **فُسُونْ سازُ ج فُسُونْ سازَ:** ذ. صفت. جادو ڪندڙ – جادوگر – ساحِرُ.

• **فُسُونْ گَرُ:** ذ. صفت. جادوگر – ساحرُ.

• **فَصاحَتُ ج فَصاحَتُونْ:** ث. (ع. فَصَحَ = هُنَ صفا ڳالهايو) بيان ۾ سلاست ۽ سهڻائي. خوش بياني. خوش ڪلامي – خوش گفتاري.

• **فَصّادُ ج فَصّادَ:** ذ. صفت. (ع. فَصَدَ = هن سير ڪولي) سيرَ چوڑيندڙ – خراب رت ڪيندڙ – نَشْترزن.

• **فَصْدُ ج فَصْدُونْ:** ث. (ع). خراب رت واري نَلِيَ – نَس – رَڳَ – دَمَني – نارُ – نبض.

– **فَصْدِ چوڑڻُ:** سيرَ چوڑڻ – نَشتر هڻڻ. ڪنو رت ڪيڻ.

– **فَصْدَ ڪولَڻُ:** فَصد چوڑڻ.

• **فَصْلُ ج فَصْلَ:** ذ. موسم مطابق سال واري پوک ۽ پيدائش (هِ مڪي فصل سَرءُ ۽ سانوٽي، ربيع ۽ خريف – رُتَ – مُنْدَ. موسم جي پوک. ٻنيءَ جي هڪ واري جي پيدائش – پوک – آبادي. عبارت جو هڪ ٽڪرو – فقرو – قلر. ڪتاب جو هڪ حصو. باب جو هڪ حصو.

– **فَصْلاتُو ج فَصْلاتا:** ذ. صفت. فصل جو – فصل وارو. فصل جو ڏنل اُجورو.

– **فَصْلَهْتِيرُو ج فَصْلَهْتِيرا:** ذ. فصل جي وقت ايندڙ ٻٽيرو. لاڀ جي سَمي ايندڙ. خود غرض آدمي. وقت جو يار مطلبيُ.

– **فَصْلِيُ ج فَصْلِيَ:** ذ. صفت. فصل وارو – فصل جو – مُندائتو. فصل جي مُند مطابق لڳيل سال. ڪجيءَ جو هڪ قسم – 'اصلي' جنس جو ضد.

– **فَصْلُ ٻَٽيرُو هُئڻُ:** خوشامدڙيو يا چاپلوس هُئڻ. مطلبي هُئڻ (ت).

• **فَصِيحُ ج فَصِيحَ:** ذ. صفت. (ع. فَصَحَ > فَصيحٌ) صحيح ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاف ڳالهائيندڙ – صاف بيان – سهل گو. شيرين ڪلام – مٺ زبانو – خوش ڪلام – زبان آور.

• **فِضَا ج فِضائُونْ:** ٿ. (ع). ڪشادي جاءِ ـ ميدان. چوگرد جون حالتون – وارتا ورڻ – وايو منڊل – ماحول. هَوا – واءُ – وايو.

• **فَضْلُ ج فَضْلَ:** ذ. (ع. فَضَلَ = هن بخشي) زيادتي – وڌاءُ عطا – بخشش – عطيو. بزرگي. علم – هُنر – جوهر – خوبي. مهرباني – پلائي – ڪرپا – عنايت – نوازش. ٻاجهه – ڪرم – دَيا – رحم – مهٽر. "فضل ڪر فتاح، ٻئي تُراڙي ٻاجهه جو" (شاهه).

• **فَضْلائِي:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ پر هڪ ديهه جو نالو.

• **فُضُولُ:** صفت. (ع. فَضَلَ = هُن زيادتي ڪئي) زياده ـ گهٽو – جهجهو – وافر – بسيار – وڌيڪ – ازحد – ڪثير – فاضل – فالتو. بي فائدو – لاحاصل – رائگان – اجايو – نڪمو – ضايع – بي ڪار – ناڪام – نڪارو – اڍنگو خرچ ڪندڙ – بالفضول.

– **فُضُولُ خَرْچُ:** ذ. صفت. ڪمائيءَ کان وڌيڪ خرچ ڪندڙ – هٿ ڦاڙ. (ٿ) فُضُولُ خَرْچِي ج فُضُولُ خَرْچِيُونْ.

– **فُضُولِي ج فُضُولِيُونْ:** گهڻ – وڌيڪ – جهجهائي – بسياري بي اندازي – زيادتي. خرچ جي گهٽائي. اڍنگو خرچ. اڍنگي ڳالهه. واهيات‌پڻو.

• **فَضِيحَتْ ج فَضِيحَتُونْ:** ٿ. (ع. فَضَحَ + هو خوار ٿيو) خواري – بدنامي – رُسوائِي – ذلّت. اَپمان – اَپجَس – هتڪ عزت. شرمساريُ.

• **فَضِيلَتْ ج فَضِيلَتُونْ:** ٿ. (ع. فَضَلَ = هو پلو ٿيو) وڏائي – بزرگي. عمدگي – چڱائي – سنائي. خاصيت – گڻ – جوهر. علميت – اُٺ ويهه جو سهڻو ڍنگ – اخلاق. فوقيت – ترجيح برتري.

– **فَضِيلَتِ پَرِيُو:** ذ. صفت. فضيلت وارو – اخلاق وارو – سلجهڻو – آباڪتو – لياقت وارو – پوشيدو – سُشيل – سپيڙ.

• **فِطْرَتْ ج فِطْرَتُونْ:** ٿ. (ع. فَطَرَ: هن پيدا ڪيو) پيدائش – خلقت – سرشتي – اصل خلقت – آفرينش – نيچر – قدرت. جنهن ۾ شيءِ جو اصل مادو – جوهر – سياءُ. طبيعت – سيرت ـ جبلت – مزاج.

– **فِطْرَتِي ج فِطْرَتِيْ:** ذ. صفت. قدرتي – اصلي – بنيادي – ذاتي. خلقتي. سياويڪ – طبعي.

• **فِطْرُ ج فِطْرَا:** ذ. (ع). عيد رمضان جي نماز پڙهڻ کان اڳ ۾ صدقو هڪ ماٺهوءَ لاءِ ۽ سير ڪڻڪ مطابق.

• **فَعِل ج افعال:** صفت. (ع). خلقتي – اصلي – قدرتي – ذاتي.

• **فِطْرِي ج فِطْرِيْ:** ذ. (ع. فَعَلَ = هن ڪر ڪيو) ڪر ڪاڄ – عَمَل – ڪرتب. ماٺهوءَ جي حرڪت – جنبش. لچ گرامر جو لفظ. (فعل پنج قسم: ۱. لازمي ۲. متعدي ۳. معاو ۴. متعدي بالواسطه ۵. مجهول).

– **فِعْلُ بِي فَاعِلْ:** ذ. گرامر جي اصطلاح ۾ اُهو فعل جنهن ڪ فاعل ڪونهي – فعل اڪرترڪ.

– **فِعْلُ لازِمِي:** ذ. گرامر جي اصطلاح ۾. فاعل سان لاڳاپو رکي. ڪ يا حالت ڏيکاريندڙ فعل (فعل لازمي کي مفعول ڪونه ٿئي).

– **فِعْلُ مُتَعَدِّي:** ذ. متعدي معنيٰ ٻئي تائين لنگهي ويندڙ. فع متعدي اهو ڪر ٿو ڏيکاري جنهن جو اثر فاعل کان لنگهي ڪنهن ٻئي تائين پهچي ٿو – سڪرمڪ.

– **فِعْلُ مُتَعَدِّي بِالْوَاسِطَه:** ذ. اهو فعل جو اُهو ڪر ٿو ڄاڻائي ج ٻئي ڪنهن جَي واسطي يا وسيلي سان يا اُن جي هٿان ٻئي تائين اثر پهچائي ٿو.

– **فِعْلُ مُتَعَدِّي مَجْهُولْ:** ذ. اُهو فعل جنهن ۾ مفعول ڦري جملي ج فاعل ٿئي ٿو ۽ فعل هميشه انهي ڏانهن (ڪر ڪندڙ کان وڌيڪ ڏيان ڇڪائي اُهين ٿو ڄاڻائي ته هن تي ڪو ڪر ٿئي ٿو.

– **فِعْلُ مُتَعَدِّي مَعْرُوفْ:** ذ. اُهو فعل. جو هميشه پنهنجي فاعا ڏانهن (مفعول کان وڌيڪ) ڏيان ڇڪائي. هيءَ ڳالهه ڄاڻائي ڏ ته هو (فاعل) ڪنهن ٻئي تي ڪر ڪري ٿو.

– **فِعْلُ مَجْهُولْ:** ذ. اُهو فعل جنهن ۾ فاعل ظاهر نه هجي "ضروري آهي ته هيءُ ڪر ڪجي".

– **فِعْلِ مُعَاوِنْ:** ذ. اُهو فعل جو ٻين فعلن جي زمانن جوڙڻ ۾ مد يا واهر ڪري ٿو.

– **فَعْلِيَه:** ذ. علم نَحوَ جي اصطلاح ۾ اُهو جملو جنهن ۾ فعال فعل هجن ۽ جي فعل متعدي هجي ته مفعول ۽ موجود هجي جيئن ته "قاسم عمر کي ماريو".

• **فَغَانْ:** ٿ. (ف). دانهن – پڪار – فرياد. رڙ – ڪوڪ – واويلا – هنبس – شور. غوغاءِ. (لغت قديم موجب "ف" کي زبر ۽ عربي انگلش ڊڪشنري موجب "ف" کي زير آهي).

• **فَعَلْ:** ذ. (سنڌي اصطلاح موجب) خراب ڪر – ڪرتوت (بر فعل جيئن ته زنا، اغلام).

• **فغفُورْ:** ذ. (ف). چين ملڪ جي بادشاهن جو لقب.

• **فَقْ:** صفت. (ع). پيلو – زرد – هيبو – بي رونق – بي رنگ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **فَڪُ ٽيڻ:** زرد ٽيڻ – پيلو ٽيڻ (شرمساري سبب منهن جو) بي رونق ٽيڻ.

• **فُقْدانُ:** ذ. (ع. فَقْدَ =هن وڃايو). گهٽتائي – ڪمي – اوٽائي. فقط.

• **فَقْرُ ج فَقْرَ:** ذ. (ع. فَقَرَ = هو محتاج ٿيو). حاجت – احتياج – محتاجي – غريبي. درويشي – فقيري. فقيري حالت – اڻ هوند ۾ به شڪر جي زندگي.

• **فَقْرُ فاقو ج فَقْرُ فَاقَا:** ذ. غريبي مسڪيني – اُڃ ٻک – تنگدستي. "فقر فاقو تن کي، ٻيو لنگهڻ لاهوتين، ڏسي انهن جي ڏک کي هوند ڏونگر ڏريو پون". (گرهوڙي).

• **فُقَرا:** ذ. (ع. فَقِيرُ ج فُقَراءُ). جمع. فقير جو تولو – گهڻا فقير.

• **فِقْرو ج فِقْرا:** ذ. (ع. فِقْرَهْ + ٽُڪر – ٻرِي). جملو. جملي جو ڪوئي حصو – پورو دَم. قانون جو ڪو خاص حصو – قلم – ڏارا.

• **فَقَطُ:** ظرف. (ع. ف. تڏهن + قَطُ + بَسُ). بس – ڪافي – پورو – صرف – رڳو – محض – تنها – اڪيلو. خاتمو – پورائو. تمت – تمام شد.

• **فِقهو ج فِقهَا:** ٿ. (ع). دريافت – جاڻ – واقفيت – پروڙ – سمجهه. شريعت جي حڪمن جي جاڻ. دين جو علم – علم شريعت.

• **فقِيرُ ج فَقِيرَ:** ذ. مسڪين – مفلس – ڪنگال – ڪتل – محتاج – غريب – نادار – ڪس مَ پرسي جي حالت وارو. درويش ـ الله لوڪ. صاحب معرفت – صاحب فقر – قانع – سالڪ – تارڪ الدنيا – زاهد. عابد – متقي – دينڊار. اهو درويش جو پنهنجي هارن ڇڻن لاءِ هڪ ويلو ۽ وڌ ۾ وڌ ٻن ڇڻن ويلَن جو ٻکاري – پينو – پنندڙ – سوالي – گداگر – منگتو – سائل. (ٿ. فقيرياڻي ج فقيرياڻيون).

• **فَقِيرُ:** ذ. عام وهمي اصطلاح ۾ جن – آسيب.

– **فقِيرُ اَڇَڻُ:** حساب ٽيڻ – جن اَڇڻ.

– **فقِيرُاڻو ج فقِيرُاڻَا:** ذ. صفت. فقير جو – فقير وارو – غريباڻو.

– **فقِيرَڻُ:** ذ.صفت. غريب – مسڪين – نادار.

– **فقِيرِي ج فَقِيرِيُونْ:** ٿ. فقر واري حالت – مسڪيني – محتاجي – ڪتلائي – اُٿهوند – مفلسي – غريبي. درويشي. زهد. (ذ. صفت). فقير يا فقيريءَ جو.

• **فَقِيرَاڻِي:** اسر خاص. جتن بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو_ فقيراڻي جت.

• **فَقِيهُ ج فَقِيهَ:** ذ. صفت. (ع. فَقَهَ. فقيهه ٿيو). فقهه جي علم جو جاڻندڙ.

• **فَڪُ وجهَڻُ:** گهاري وجهڻ – ڦٽائڻ.

• **فِڪَتُ ج فِڪَتُونْ:** ٿ. فساد – جهيڙو. ڏڦوڙ.

• **فِڪْرُ ج فِڪْرَ:** ذ.(ع. فِڪْرِ = هن خيال ڪيو). سوچ – ويچار – خيال – سانگو – غور – تامل – خوض – ڌيان. اوٽ – اونو – انتظار – اوسيڙو – انديشو – رنج – غم – ملال – ڏک.

– **فِڪراتَ ج فِڪْرَاتُونْ:** ٿ. ڳڻتي – ويچار – فڪر – پريشاني.

– **فِڪْرَائِتُو ج فِڪْرَائِتَا:** ذ. فڪر وارو – فڪر ڪندڙ – منتظر – فڪرمند – اونائتو – اُڏيڪ.

– **فِڪرُ ڪَرڻُ:** ويچار ڪرڻ – سوچڻ – خيال ڪرڻ. غور ڪرڻ – تدبير ڪرڻ. ڏک ڪرڻ. رنج ڪرڻ.

– **فِڪْرَمَنْدُ ج فِڪْرَمَنْدَ:** ذ. صفت. فڪر وارو – ڳڻتي وارو – چنتا ڪندڙ – انتظارڪش – منتظر – ڳڻتڙ. غمگين – ڏکويل. پريشان.

– **فِڪْرَمَنْدِي ج فِڪْرَمَنْدِيُونْ:** ٿ. انتظاري – بي قراري – پريشاني.

– **فِڪْرَڻُ آهي:** اصطلاحي. جملو. ڪا پرواه ناهي! ڪو ڀوُ ڪونهي.

• **فِڪَلُ ج فِڪَلْ (ت):** ذ. فريب – نگي – دغا. ڦير.

• **فِگارُ ج فِگارَ:** صفت. (ف). زخمي – ڦٽيل – مجروح – گهايل – زخميل – جيئن "دل فگار" وغيره.

• **فَلاحُ:** ٿ. (ع" فَلَحَ + هو ڪامياب ٿيو) نجات – ڇوٽڪارو – مڪتي – سلامتي – امَن – بچاءُ – امان – حفاظت – پناهه – اجهو. ڀلائي – خيريت – نيڪي – چڱائي – خير. آرام – راحت – آسودگي. سڪ. بَرڪت – لَهر بحر – اقبال – طالع چڙهتي – سَٽائي. ڪاميابي – فتح مندي.

• **فلاڪَتُ:** ٿ. (ع). ناداري – محتاجي – مفلسي. زماني جي گردش.

• **فِلالَيْنُ ج فِلالَيْنَ:** ذ. (انگ) 'فِلانيل' جو بگڙيل لفظ – اُهو ملائم ۽ نرم اوني ڪپڙو جو ڊرواٽيل ٿيندو آهي. پراڻي فرينچ هوليءَ جو لفظ فَلَيْن، جنهن جي معنيٰ وهاڻي جي ڇوَ.

• **فلانُو ج فَلانَا:** ذ. (ع. فُلانْ) نامعلوم شخص – فرضي ماڻهو. مبهم طرح ڳالهائڻ لاءِ ڪنهن جي لاءِ اشارو – ٽيرو مَٽيرو – آلاٽو – اِمڪو.

• **فَلانُو ٽِيرُو ج فَلانَا ٽِيرَا:** ذ. ڪنهن لاءِ هلڪائي وارو فقرو. امڪو ڊمڪو.

• **فَلْسَفُو ج فَلْسَفَا:** ذ. (يوناني). حڪمت – دانائي – دانشمندي

– فَلاسافي.

• **فَلَسْطِيْن:** اسر خاص. (ع). وڇ مشرق جي هڪ ملڪ ۽ شهر جو نالو.

• **فِلْفِلْ:** ث. هڪ وادڪي اوزار جو نالو. رَندي جو هڪ قسم (جنهن سان ڪاٺ ۾ جهري ڪيڄي) ڪارا مرچَ.

• **فَلَكْ ج فَلَكُوْنْ:** ث. دبدبو – حشمت – رُعْبُ – درجو – زور – شانُ. جُرئت – همّت – همّٽ – تڪڙائي – جلدائي – ڦرتي – چالاڪي – چُستائي.

– **فَلَكْ ڏيڪارڻ:** همت ڏيکارڻ. جلدائي ڪرڻ.

• **ڦُونڍُو ج ڦُونڍا (ت):** ذ. صفت. ننڍي نڪ وارو – بنو – مِنو.
• **ڦُوهُ ج ڦُوهَ:** ذ. اَوج – بلندي – چڑهتي. جوبن – لالائي – تازگي (جواني جي). شاهوڪاريءَ جو گهمنڊ – مايا جو هَڪ. جهجهائي – گهٽائي – پوروچاڙهه.
• **ڦُوهارُو ج ڦُوهَارا:** ذ. (ف. فوارہ) پاڻيءَ جو ڦڙن جي صورت پر وسڪارو. (ڪنهن مٽانهين هنڌ تان) پاڻيءَ جي ڪرندڙ ڌار. سنهون مينهن – بوند بوند – ڦُڙ ڦڙ – چاتار. پاڻيءَ جو اُڇل ڪائي وري سنهي بوند جي صورت پر ڪرڻ جي حالت – ڦوهارُ. پاڻيءَ جي اڇل – ڦهاڙ. (پاڻيءَ جي) لاڙ – ڌار. پاڻيءَ کي اُڇل ڏيئي (ڦڙڦڙ جي شڪل پر ڪيرائيندڙ) اوزار. چنڪار ڪرڻ جو لوهي اوزار – باغيچي کي پاڻي ڏيڻ جو لوهي ڏبو (جنهن جي منهن پر سنها سوراخ). مينهن وانگر پاڻي وسائيندڙ نل حجامن جو پاڻي هڻڻ جو اوزار. عطر وغيره جي چنڪار ڪرڻ لاءِ اوزار. ڦهارو.
• **ڦُوهِٽُو ج ڦُوهِٽا (ت):** ذ. چيٽو – بوسو (گهائي مال جو).
• **ڦُوهَـرُ ج ڦُوهَرُون:** ث. وات مان ڪيڏل پاڻيءَ جي پچڪاري – ڌار – ڦوهار – لاڙ – لاڙ.
• **ڦُوهرا:** وڏيرڙا ڦر (جي ڏڻ سان پهرائجن)
• **ڦُوهَڙُ ج ڦُوهَڙَ:** ذ. صفت. بي عقل – بيوقوف – نادان – بي سمجهه – اهوجهه. اَناڙي – جَٽُ. جهنگلي – اُبهرو. ترڙو – بدفضيلت – بدسليقو – بيهودو.
• **ڦُوهَڙُو (ت):** ذ. ڪتي يا هِليءَ جو گونهه.
• **ڦُوهِڻُ (ت):** مصدر. (دلن جي مِٽيءَ کي وڏائي) وڏو ڪرڻ.
• **ڦُوهِٽِي ج ڦُوهِٽِيُون (ڪ):** ث. نڪ جي چونٽي ناس.
• **ڦُوهِيارِي:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين پر هڪ ديهه جو نالو.
• **ڦُهَ:** ٽ. (آواز). ڪنهن ڳري شيءِ جي ڪرڻ جو آواز – زِپ ـ دَم. (ظرف). امالڪ – ڏو – سڏو – نا.
– **ڦُهَ ڪري ڪِرڻُ:** مٽان ٽي ڪِرڻ – بيهوش ٽي وَڃڻ.
• **ڦُهَارَ ج ڦُهَارُون:** ث. مينهن جون سنهيون ڦڙيون – بوند – ڪٽيون – وَسڪارو – ڦوهَارَ.
– **ڦُهَارَ پَوَڻُ:** سنهي بوند پوڻ – بوندَ بوندَ پوڻ – ڪٽيون پوڻ – ڦڙيون پوڻ.
• **ڦُهارو ج ڦُهَارا:** ذ. سنهي بوند وانگر پاڻي وسائيندڙ اوزار – ڦوهارو.
• **ڦُهائِي:** اسم خاص. فيڊرل ايريا ڪراچيءَ پر هڪ ديهه جو نالو.
• **ڦُهَ ڦُهَ:** ث. مسلسل ڏڪن هڻڻ جو آوزار. لاڳيتو ڏڪن هڻڻ جي حالت. ڦهڪار – ڦهڪا.
• **ڦُهڪاتُ ج ڦُهڪاتَ:** ذ. ڦهڪو ڪري ڪرڻ جو آواز – ڦهُ. ڏڪاءِ – ٽڙڪو – ڏَڪُ. مسلسل ڏڪن هڻڻ جو آواز. ڏڏڪو – ڏڏڪڙ – ڦهڪارو – ڦهڪو – ڦهڪاءِ.
• **ڦُهڪارُو ج ڦُهڪارا:** ذ. ڦُهڪاتُ – ڦهڪا – ڦهڪو.
– **ڦُهڪاءِ ڦُهڪاءِ:** ذ. ڦهڪاتُ – ڦهڪارو – ڦهڪو.
• **ڦُهڪائڻُ:** ناهي ڏڪ لڳائڻ. سخت ڏڪ لڳائڻ. ٽڪا ڪرائڻ.
• **ڦُهڪَڻُ:** مصدر. ڦهه ٽيڻ – ٽڪاءِ سان لڳڻ – ڏڪ وغيره) برابر ٽي يا ملي اڇڻ – پڄي بيهڻ – لڳي بيهڻ – ڪپ ٽيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪشجڻ – قابو ٽيڻ.

• **ڦهڪو ج ڦهڪا:** ذ. ڦهه ڪري ڪرڻ جو آواز – زيڪو – زپ – ڦهه. لاڳيتو ڏکن هڻڻ جي حالت – شپڪو – سٽڪو – ڪٽڪو – ڦهه ڦهه. لاڳيتو ڏکن جو آواز – ڦهڪاٽ – ڦهڪاءِ.

– **ڦهڪا ڪرڻ:** سٽڪا ڪرڻ – ڦهه ڦهه ڪرڻ – لاڳيتو هڻڻ (ڏڪ وغيره) – ٽڪاءِ ڪرڻ. ڏڪ تي ڏڪ هڻڻ.

• **ڦهلُ ج ڦهل (ت)ي ذ.** صفت. ڦيڦو – سُجيل. بي طاقت.

• **ڦهلائڻُ:** مصدر. پسارڻ – پکيڙڻ – وڇائڻ. کولڻ – ڪشادو ڪرڻ – وڌائڻ. ڪندرائڻ – ٽيڙڻ – پکيڙڻ – ڪٽو ڪڍو ڪرڻ. شايع ڪرڻ – مشتهر ڪرڻ.

– **ڦهلاءِ ج ڦهلاءَ:** ذ. ويڪرائي – ڪشادگي – ڊيگهه – درازي – طوالت. پکيڙ – مشهوري.

– **ڦهلاءِ ڪرڻُ:** وڌاءُ ڪرڻ – وڌائڻ – پکيڙڻ. مشهوري ڪرڻ.

• **ڦهلڻُ:** مصدر. پسرڻ – پکڙڻ – ڪشادو ٽيڻ – ويڪرو ٽيڻ. ڊگهو ٽيڻ – لمبو ٽيڻ. وکڙڻ. ڇانئجڻ (وڻ وغيره جو). سايه دار ٽيڻ. وڌڻ – وڏو ٽيڻ – گهڻو ٽيڻ. حد ڪان وڌڻ. گهڻائي ٽيڻ. مشهور ٽيڻ – مشتهر ٽيڻ – شايع ٽيڻ.

• **ڦهنڪ ج ڦهنڪُون:** ث. بُوندَ – ڦُڙي. ڦِنگ – ڦينگ. ڦُڪَ – ڪَف. جٽو – داغ.

– **ڦهنڪَ پوڻ:** ڦُڙي پوڻ – بُوندَ پوڻ. مينهن وسڻ.

– **ڦهنڪَر ج ڦهنڪَرُون (ت):** ث. ڦُڙي – بُوند – ڦهنگ.

– **ڦهنڪُون وهڻ:** (ڳالهائيندي ٿُڪون اُڇلڻ. تکڙو ڳالهائڻ – گڙٻڙ ڳالهائڻ.

• **ڦهڻِ ج ڦهيُون (ت – ل):** ث. پيٽ جي هڪ حصي جو نالو – تري – تلي.

– **ڦهيُون سُڪائڻ:** هلاڪ ڪرڻ – تنگ ڪرڻ. هيسائڻ. ڏنجهه ڏيڻ.

• **ڦهيارَ:** ث. مڇي. سنهي مڇي. ڦهياروَ. "ڦيرائي ڦهيار. چانيو وڃي جنڇ ۾"

– **ڦهيارو ج ڦهيارا:** ذ. ڦهيار.

• **ڦهياريُ:** اسم خاص. تعلقي تندي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڦهيڙُ ج ڦهيڙَ (ل – ت):** ذ. ٽُلهو – ڦيڦو. بي طاقت. بي ڏوُلو.

• **ڦُٽڙ ج ڦُٽا:** ذ. سهٽي شانائتي پڳ. سرداري واري پڳ.

• **ڦيٽَ ج ڦيٽَون:** ث. (انگ: فيت) ماپڻ جي پَٽي – فوٽ ڪُٽ – فوٽَ ڪَٽي. پنجاهه فوٽن کان وڌيڪ ماپ جي پَٽي (جا ويڙهيل ۽ ڏهيءَ ۾ بند هوندي آهي). پرت پريل پَٽي – پانڪَ. ڪٽُنَ.

• **ڦيٽاپُور:** اسم خاص. تعلقي ننگرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڦيٽوُ ج ڦيٽا:** ذ. (سن. پٹّ = رستو > پٹيہ = رستي تي هلندڙ) گول چڪرو (جنهن تي گاڏي هلي). چڪرو – چرخي. پلنگ جي پاون هيٺان رکيل ڪاٺيءَ جو گول ٽڪر. ڪَپيءَ جو رُود.

– **ڦيٽوُ ڦيرائڻُ:** ڏنگون ٽيڙائڻ. وايُون بتال ڪرڻ.

• **ڦيٽ ج ڦيٽَ:** ث. چوپائي مال جي بيماريءَ جو هڪ قسم – خراب پاڻي پيٽ ڪري ٽيل بيماري (ت). گهوڙي جي هڪ بيماري (گهوڙي تي ٻاهران چڙهي اچي لهبو. لغام لاهبو. پوءِ گهوڙي کي يڪدم ڪاڏو پاڻي ڏبو ته ڦٽي پوندو). بدهضمي – آڦري – پرتي (ل). سون کي سخت ڪرڻ لاءِ تامي جي مالوت (تولي ۾ ٻه ماسا ڪن تامو مليل). (ث) ڦيٽَ ج ڦيٽون).

– **ڦيٽَ ٽيَڻُ (ت):** چوپائي مال کي گهڑاڙي لاهڻ جي بيماري ٽيڻ – گهڑاڙو لهي پوڻ.

– **ڦيٽَ پَوَڻُ:** چوپائي مال کي گهڑاڙي لاهڻ جي بيماري ٽيڻ – گهڑاڙي لهي پوڻ.

– **ڦيٽ پَوَڻُ:** چوپائي مال ۾ ڪني پاڻي پيٽ سبب گهڑاڙي جي بيماري پوڻ.

– **ڦيٽَ ڪَرڻُ:** گهڑاڙو لاهڻ (چوپائي جو).

– **ڦيٽَ وهائڻُ:** (ت): سون ۾ ٻئي ڪنهن ڌاتوءَ جي ملاوت ڪرائڻ.

• **ڦيٽ ج ڦيٽون:** ث. ڏڪ – ٽوڪر. ڪڙهه. ويڙهه ۾ هڪ ٻانگي جو ٻئي کي ڪڙهون هڻڻ.

• **ڦيٽُون هڻڻ:** فساد وڇهڻ – جهيڙو انڪائڻ.

• **ڦيتارُ ج ڦيتارَ (ت – ل):** ذ. صفت. (سن. سُٹّٹ = خراب ڪرڻ) خراب ڪندڙ – ڦٽائيندڙ – ڦيٽائو. ڦٽي پوندڙ – ڦِٽندڙ – ڦينهڙ. ڪچي رنگ وارو (ڪپڙو).

• **ڦيتارُ ج ڦيتارا:** ذ. (سن. سڦّٹ = خراب ڪرڻ) جدائي – علحدگي. ويڇو. ڏڦير – نفاق. خَلَلُ. نااتفاقي – اڻ ٺاهه.

• **ڦيتاهينْ ج ڦيتاهيُون (ت):** ث. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **ڦيتائَڻُ ج ڦيتائَو:** ذ. صفت. (سن. سڦّٹ = خراب) ڦٽندڙ – ڦٽي ويندڙ – ڪجو (رنگ). ڦٽائيندڙ – خراب ڪندڙ.

• **ڦيٽجَڻُ (ل):** مصدر. بدهضمي ٽيڻ. آڦري ٽيڻ – پيٽ ۾ پرتي ٽيڻ.

• **ڦيٽوُ ج ڦيٽا:** ذ. خرابي. خلل – ڦيتارُ. فرق – نفاق.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڦيٽوُ پوڙ (ت):** نفاق پوڙ – ڏڦير پوڙ. فساد پوڙ – جهيڙو پوڙ.
– **ڦيٽو وجهڻ:** نفاق وجهڻ – جهيڙو وجهڻ. ڦيٽاڙو وجهڻ.
– **ڦيٽو هڻڻ:** ڦيٽو وجهڻ.
• **ڦيٽوهڙ (ل):** ذ. صفت. ڦيٽاڙ – ڦيٽهر.
• **ڦيٽهڙ ج ڦيٽهڙ:** ذ. صفت. (سن. سڏّ = خراب ڪرڻ). ڦٽندڙ – ڪجو (رنگ) – ڦيٽاڙ – ڦيٽوهڙ.
– **ڦيٽهڙو ج ڦيٽهڙو:** ذ.صفت. ڦيٽهڙ.
• **ڦيٽ:** ث. جُٽ _ لعنت – ملامت. ڏڪار – نفرت. "هين جي شاباس کان تنهنجي وٽي مون هيٺ ڦيٽ" (گل).
• **ڦيڌغ:** ذ. جبل ۾ پيدا ٿيندڙ ٽوهر مثل بنا ڪنڊن وارو ووٽ (چيٽ ۾ گوَنڇا ۽ ساوڻ ۾ گل جهلي).
• **ڦيڌڙ ج ڦيڌڙ (ل):** ذ. ڏڌ ڪڍيل ڪير – ڀهڙ – ڦيڌرو (ل – ٽ).
– **ڦيڌرو (ٽ – ڏاڻ):** ذ. لسي تي ڏڌل ڪير – ڦيڌڙ – ڀهڙ – پنير.
• **ڦيـر (ت):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جي پاڙ مان نڪتل تيل دوا طور ڪم اچي).
• **ڦيراڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڦيـرُنڊُ ج ڦيـرُنڊ (ت – ڪ):** ذ. صفت. تمام وڏي عمر وارو – ڪراڙو – جهونو – جهور – ٻڍو. ڪمزور – هيٺو – ضعيف.
• **ڦيـرَڻ:** ث. ڪنيارڪي ڪم جو هڪ اوزار – ڪوَنري تي چٽن ڪڍڻ لاءِ گول لوهي اوزار.
• **ڦيـرڻ:** مصدر. (سن. پَـرْمَ = ڦيرڻ) ڦيرو ڏيڻ – ڦيرائڻ. گهمائڻ – چڪر ڏيڻ – گردش ڏيڻ – ڦيري ڏيڻ. گهمتاري ڏيارڻ – گشت ڪرائڻ. منهن ڦيرائڻ – رخ بدلائڻ – طرف ڪان موڙڻ – هٻي پاسي ڪرڻ. اٽلائڻ – ابتو ڪرڻ. (تسبيح) هلائڻ – گردان ڪَـرڻ – دؤر ڪرڻ. دهرائڻ – ياد ڪَـرڻ – سبق کي ٻيو دفعو پڙهڻ. پلٽي ڪرڻ. ناراض ڪرڻ. هَٿ لڳائڻ – ڇهڻ – گسائڻ. وَرُ ڏيڻ – وڪڙ ڏيڻ – ونگ ڪرڻ. موڙڻ – ورائڻ. ميڙڻ – ميسارڻ – ڌاهڻ (اک). وارَڻ.
– **ڦيرُ ج ڦيـرَ:** ذ. چڪر – گهمرو – ڦيرو – ڦيراڻي – گيرو – وَلو. وَرُ – پيرو. ڦرڻ جي حالت – گردش. اراضي "فلاڻي جي ڦير" ٻڌي. وراڻو – گهمتاري. گول – گهيرو – دائرو – حاطو. وَرُ – وَڪڙ – ڏنگُ – ونگ – ٽيڙ. وَٽُ – پيچُ – مروٽ – مروٽو – وراڪو. فرق – تفاوت – وڃاندُر – اختلاف. مَٽَ سَٽَ – ڦيرگهير – تبديل – اُٽل پٽل. پلٽو – موٽ. تفصير – انقلاب. دؤر – گردان – پيرو. پيچُ – جارُ – ڦونڊُ. فريب. ڏنگ – ڏوهه. خطا. وعدي خلافي – انڪار. اٽڪل – تجويز – رٽ. مونجهار – بگيڙو. دقت – تڪليف – مشڪلات – سختي. ريزو ريجو. خردو – پرچون – ڪچرو.
• **ڦيرائڻُ:** مصدر. ڦيرائڻ – گهمائڻ – چڪر ڏيڻ.
– **ڦيرائيُ ج ڦيرائيُون:** ث. گهمري – گهمراٽي – ولو – چڪ (مٽي جو). ڦيروٽي – ٻنواٽي – ٻنوالي – نؤبت – دؤر. هٽ نه – هٽ جي چالاڪي.
– **ڦيرا ڏيڻ:** گهمرا ڏيڻ.
– **ڦيرارُ ج ڦيرارا (ت):** ذ. صفت. ڦيرو ڪندڙ – ڦرندڙ – ڦيراگهيرا ڪندڙ. جهيڙوجهٽو ڪرائيندڙ – منافق.
– **ڦيرائـُن:** مصدر. ڦيرو يا ڦيري ڏيارڻ – چڪر ڏيارڻ – گهمائڻ – گردش ڪرائڻ. ڦيرڻ – ورائڻ – چڪر ڪارائڻ – چوگرد هلائڻ – گشت ڪرائڻ. جوڙڻ – پيرڻ (چرخو). واهڻ – گيڙڻ (نار اُبتائڻ – اُبتو ڪرڻ. (منهن) موڙڻ – بدلائڻ (رخ) متائڻ (جندي) چاڙهڻ. ترجمو ڪرڻ. هڪ ملهه جو ٻئي ملهه کي گهمائڻ. وارو وَٽي ڪرڻ. ميڙڻ – رَدُ ڪَـرڻ.
– **ڦيرائـِتوُ ج ڦيرائـِتا:** ذ. صفت. ڦيري وارو – ڦيرڻون. چڪر وارو – چڪرائڻون. ڦرندڙ گهرندڙ – چلولو – چنچل. واري وَٽيءَ وار – اوٽ موٽ. ور وڪڙ وارو – پيچيدو – ونگو – وراڙو.
– **ڦيرائي ڏيڻ:** واپس ڪَـرڻ – موتائي ڏيڻ – طرف بدلائڻ – پاسو ڦيرائڻ. ڪاتو بدلائي ڏيڻ.
– **ڦيرُ پوڙ:** گهمرو پوڙ – چڪر پوڙ – فرق پوڙ – تفاوت پوڙ.
– **ڦيرُ ڦارُ ج ڦيـرڦارُ: ڦيرڦارُون:** ذ مَٽ سَٽ – ڦير گهير – اُٽل پٽل – بدل سدل – فرق – ڦير – ايرپير اُلٽ پُلٽ.
– **ڦيـرڦارُ ڪَـرڻ:** اُلٽ پُلٽ ڪرڻ – بدل سدل ڪرڻ – اُٽل پُٽل ڪرڻ – ڦير گهير ڪرڻ.
– **ڦيـرَ ڦيرائـُن:** انڪلون ويڙهائڻ – حرفت هلائڻ.
– **ڦيرُ گهيں ڦيـرَگهيں ڦيرڦيُون گهيرڦيُون:** ذ. ث. ڦيرڦار.
– **ڦيـرَن ۾ اُڪرڻ (ڪ):** ناپسند ٿيڻ. (ڪنهن به شيءِ جو) منهن پوڻ. اُڏيهڙن واري زال کي ڪنهن شيءِ جو نه وٽڻ.
• **ڦيرٽوُ ج ڦيرٽا:** ذ. صفت. ڦرڻ جهڙو. ڪورين جو هڪ اوزار. آڏائي جوَ هڪ عضو – تکي ڦيرائڻ لاءِ فوٽ ڪن ڏگهي ڪاٺي.
• **ڦيرٽيُ ج ڦيرٽيُون:** ث. ڪورين جو هڪ اوزار – ڦيرٽوُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **قيرُ ج قيرا:** ذ. گردش – دؤرو – ولو – چڪرُ – گهمرو– وراڻو ـ دفعو – پيرو – وارو – گيڙو – گهيڙو (نار جو). هوا خوري – ٽهل. گشت. قيري. (پهري واري جي). وَرُ – وڪڙ – اچڻ وڃڻ. ملاقات. شاديءَ وقت گهوٽ ۽ ڪنوار جو ويڙي مهل باهه جي چوگرد قيري (هندڪي رسم). انقلاب –بادشاهه گردي. پيٽ واري زال جي روح کي گهمرو – اُديهڙ (ڪ).
- **قيرُ ٻڏَڻُ:** گهمرو ٻڏڻ –چڪر ٻڏڻ. وارو ٻڏڻ. وڪڙ ڏيڻ –جار پکيڙڻ.
- **قيرُنِي ج قيرُنِيُون:** ث. قيرانِي.
- **قيرُ ڏيڻُ:** چڪر لڳائڻ. هڙ مُوڙي ڪٽي وڃڻ.
- **قيرُ ڪَرڻُ:** گهُمرو ڪرڻ – چڪر هڻڻ. وارو ڪرڻ. دؤرو ڪرڻ. ورُ ڪرڻ – موڙ ڪرڻ. وري واپس اچڻ.
- **قيرُ ڪائڻُ:** قري وڃڻ – منجهڻ – قَـرڻ. بدلجڻ.
- **قيرُنُ ج قيرُنَانُ:** ذ. صفت. قرندڙ – قيرائتو. قيري وارو (ڪُرف). (ذ). ڪرف جو هڪ قسم.
- **قيرِي ج قيرِيُون:** ث. گهمري – گهمتاڙي – چڪر – دؤرو – گردش – قيرو. گشت – گهوم. پاڻ – چرخ – پانئٽي. ريزڪي وڪري وارن جو چڪر – گهور. فقيرن جو خيرات لاءِ گشت. گدائي – پنَ – گداگري. روزگار جاچڻ لاءِ قيرو. مغز جو چڪر – پنواڻي – َ پنوالي – قيراڻي. مغروري – گهمني – هَڻ – شيخي – دماغ – وڏنءِ – هوءِ ـ دَمُ – اغماض – غُرور – ٽاڻءِ. ٻاڪري مال کي (قيريءَ جي) بيماريءَ جو هڪ قسم.
- **قيرِي اَچُ:** (معز کي) چڪرُ اچڻ – پنواڻي اچڻ – متو قَـرڻ.
- **قيرِي ٽيڻُ:** (مغز ۾) چڪر اچڻ – پنواڻي ٽيڻ – پنوالي ٽيڻ – متو قرڻ.
- **قيرِي پائڻُ:** پنهنجي جوڙاري قرڻ – گهمري پائڻ. چڪر لڳائڻ.
- **قيرِيدارُ ج قيرِيدارَ:** ذ. صفت. قيري ڏيندڙ – گهورڙيو. دردر وينڊڙ. فقير.
- **قيرِي ڏيڻُ:** ڪنهن کي ٻانهن کان جهلي قيرائڻ – جوڙاري گهمائڻ – قيرائڻ –گهمتاڙي ڏيڻ – چڪر ڏيڻ. پنواڻي ڏيڻ. گهڻيءگهٽيءَ ۾ گهمڻ. قرڻ – ٽهلڻ – چڪر هڻڻ يا ڏيڻ. ملهه ۾ اوجتو منين جو زور ڏيئي ٻئي ملهه کي ڪيرائي وجهڻ.
- **قيرِي ڪَرڻُ:** گشت ڪرڻ –چڪر ڏيڻ – دورو ڪرڻ. ريزڪي وڪرو ڪَندڙ جو (ڪونمجو ڪٽي) واپار لاءِ چڪر هڻڻ – ڪمائي ڪرڻ.
- **قيرِي لاهڻُ:** پَنواڻِي لاهڻ. ٽيڙي ڪيڻ – واءُ ڪيڻ (مغز مان). غُرور پَچڻ – تڪبر لاهڻ – هَڻ وڃائڻ.
- **قيرِي لَڳائڻُ:** چَڪرُ هڻڻ – گَشت ڪرڻ. ڪومچي واري جو واپار تي نڪرڻ – ڪمائيءَ لاءِ وڃڻ. فقير جو گدائيءَ تي وڃڻ.
- **قيرِي ڪائڻُ:** قيرو ڏيڻ. قري وڃڻ. انجام ڪان قري وڃڻ.
- **قيرِيُون گهيرِيُونُ:** ث. اُٽلون پٽلون – بدليون سدليون – قيرقار. وارا جمارا.
- **قيرِي هُجَڻُ:** مغز ۾ چڪر هجڻ. پوري هجڻ – پنواڻي هجڻ.
- **قيرُو ديرُو:** اسم خاص. تعلقي جوهي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **قيرَڻُ (ت):** مصدر. وڙهڻ. جهيڙو ڪرڻ – جهڳڙو ڪَرڻ. دشمني ڪَرڻ – عداوت رکڻ. جدا ڪَرڻ. "ڏاڍن سندو ڏيهه نه قيرَ جي تن سان".
- **قيرُ ج قيرَ:** ذ. نفاق – جدائي – علحدگي.
- **قيرَهه ج قيرَهَ:** ذ. وڏو پٽڪو – پگڙ.
- **قيرَهَ ٻَڏَڻُ:** وڏو پٽڪو ٻڏڻ.
- **قيرَهُ ج قيرَهَا:** ذ. ڪٽڪ يا سارين جي رکيل وَلِ جو ڍِڳُ – ڏَڻ – ڪورو. قيڑهُ (ت).
- **قيِسَ:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جي پنن مان تڏا وغيره ٺهن) قِشَ – پيِسَ – پيش.
- **قيسڙُ:** صفت. پٽتي پيل – (عهدي ۽ عزت ۾) گهٽ. ترڪٽو – لسو (جنهن تان ماڻهو ترڪي پوي. ترڪي پوندڙ پَرٽي (زمين) – ڪنئري (زمين). نرم. يڪدم قِسِي پوندڙ – قِسِٽو.
- **قيسڙُ پيتُ:** ذ. هڪ بيماريءَ جو قسم. جيت جو هڪ قسم.
- **قيسڙُ چِچِڙُ:** جيتَ جو هڪ قسم – چَمَرُ چچڙُ.
- **قيسُوڙو:** اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم (سَنڈ سنڈ تي لامدار ڦل، جنهن ۾ اندر چٽن جيڏا داڻا، اُٺ ڪائين).
- **قيسُوڙِي:** ث. ول جو هڪ قسم (زمين تي پکڙندڙ پَنن تي سنهڙا ڪندڙا، گول ڏينو. جنهن ۾ چٽن جيڏا چار پنج داڻا ٽين جي ڏٺ طور ڪائجن).
- **قيسڻُ (ت):** مصدر. پيهڻ – قِسائڻُ – چٽڻُ. پچي پرزا ڪرڻ.
- **قيشُ (ڪ):** ث. ٻوٽي جو هڪ قسم – پيش – قيش.
- **قيڙوڙ ج قيڙوڙا (ل):** ذ. صفت. تمام سنهو – سنهڙو.
- **قيڙوُ ج قيڙا:** ذ. صفت. سجيل – سوٽل – ڦوڪيل. آڦريل – گول مول – ڊول مول. موٽو – ٽلهڙ – ليلهڙ – قَمَّسُ – قوسو – قلهڙو. اها شيءِ جا اندران پوري هجي. ڪمزور – بي طاقت – بي همت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڦيڦوڏو ج ڦيڦوڏا (ڪ):** ذ. گھٽي پنڊ سبب پيرن ۾ ٽيل گاٽ – لڦ. ڦلٽو – چلٽو. ڦوڦيندو – ڦوڪٽو.

• **ڦيڪ ج ڦيڪون (ت):** ث. گدڙ يا لومڙ جو آواز – اونائي. دانهن – رڙ ـ ڪوڪ.

– **ڦيڪ پوڻ:** گھٽو رئڻ – روج ڪرڻ.

– **ڦيڪون ڪرڻ:** لومڙيءَ جون اونايون ڪرڻ. رڙيون ڪرڻ. دانهون ڪرڻ.

• **ڦيڪاري ج ڦيڪاريون:** ث. جانور جو هڪ قسم. سياه گوش – لومڙي. خواري – رسوائي – بدنامي.

– **ڦيڪاري لاڻ:** بدنامي ڪرڻ. گھُرگھُر لاڻ – ڪُرڪُر ڪرڻ.

• **ڦيڪڙاڻو:** اسر خاص. تعلقي واري ۾ تعلقي ڪچري ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **ڦيڪڻ (ت):** ذ. ڦيڪاريءَ جانور جو آواز. رڙ جو آواز.

• **ڦيڪڻو ج ڦيڪڻا:** ذ. ڦوڳٽو – ڦولھڙو – ڦولڙو – پولڙو – ليڏوٽو.

– **ڦيڪڻي ج ڦيڪڻيون:** ڦوڳٽي – ڦولھڙي – ڦولڙي – پولڙي.

• **ڦيلَ ج ڦيلَ (ل):** ذ. وڏو ٽالھ – وڏي پات – ڦيلھ.

• **ڦيلاڻ:** مصدر. ڦھلاڻ – وڌائڻ. پکيڙڻ – پسارڻ – ڏگھوڪرڻ – وکيڙڻ. ٽيڙڻ – ڪنديرڻ. شايع ڪرڻ – اشاعت ڪرڻ. ڦھلاءُ ڪرڻ – پرچار ڪرڻ. مشهور ڪرڻ.

– **ڦيلاءِ ج ڦيلاءِ:** ذ صفت. ڦھلاءِ – پکيڙ – اشاعت – پرچار – پڌرائي.

• **ڦيلڻ:** مصدر. ڦھلجڻ – پکڙڻ. ڪندرڻ – پٽرڻ. (ڪنپ) ڪيڙڻ – ٽڙڻ. (سڑھ) ڪلڻ. وگھرڻ – آئڙڻ. وڌجڻ. ڦھلڻ.

• **ڦيلھو ج ڦيلھا (ت):** ذ. آنورو – خصيه – پيلو.

• **ڦيلھي ج ڦيلھيون:** ث. ٽانءُ جو هڪ قسم – ٻڪري جي ننڍي پات – ڦيلي.

– **ڦيلھيءِ مان ڪڍي ڇڏڻ:** پَٽ مان ڪڍي ڇڏڻ – نيات يا برادريءَ مان خارج ڪرڻ.

• **ڦيلي ج ڦيليون (ت):** ث. ڦيلھي.

• **ڦيليون ڦيرڻ:** نااميد ٽيڻ – مايوس ٽيڻ – مطلب پورو نہ ٽيڻ – ناڪامياب ٽيڻ.

• **ڦينڊو ج ڦينڊا:** ذ. مٽي تي ٻڌڻ لاءِ ننڍو پٽڪو – پگڙي – ڇڳڙي. پَگَ – پاڳ – دستار. "سونهين ٿو سردار جي ڦينڊي مٿي ڦل".

"ڦينڊي مٿي ڦل سونهي سر سردار جي" (جلال ڪتي).

• **ڦينڊھو ج ڦينڊھا:** ذ. چانيو – چينيو – چانگھو – چانير. (ث ڦينڊھري ج ڦينڊھريون).

• **ڦينڊھو ڪَتڻ (ت):** ڪوشش ڪرڻ – محنت ڪرڻ.

• **ڦينڊڪ ج ڦينڊڪ (ت):** ذ. ٽلھو مٽو. حَشُف – سوپارو.

• **ڦينڪاري ج ڦينڪاريون (ل):** ث. ڦيڪاري – لومڙي.

• **ڦينڪڻ:** مصدر. اُڇلائڻ – ڪيرائڻ – ڦٽو ڪرڻ – ڇڏڻ – هيٺ ڪيرائڻ. هارڻ.

• **ڦينگَ ج ڦينگَون:** ث. ڇنڊو – ڇھنگ.

• **ڦينگون ھڻڻ:** ٽُڪن جا چنڊا ھڻڻ (ڳالھائڻ ۾)

• **ڦينڻجھاڑي (ڪ):** ث. (آواز) جانور جي چڪ جو آواز.

• **ڦينڻگھاڙ ج ڦينڻگھاڙون:** ث. (مينھن جي) ڦُڙ ڦُڙ – بُونڊ بُونڊ.

• **ڦيڻ ج ڦيڻون:** ث. (سن. ڦيٽ > ڦيڻ) وات جو پاڻي – لَعاب – گَگ – لَٻ – پڪ. ٽُڪ – ڦيٽي. بيهوشيءَ جي حالت ۾ وات مان نڪتل گجي – ڪف – گڦ. جھڳيل پاڻيءَ تي ٽيل ڦوڦيندا – گاڄ – جھَڳ – آڇ. سمنڊ جي لھرين سبب پاڻيءَ ۾ پيدا ٽيل گجي. کير جي گجي – جھڳي – جھاڳ. صابڻ جي گجي.

• **ڦيڻاھي ج ڦيڻاھيون:** ث. پکيءَ جو هڪ قسم – پيٽ پکي.

• **ڦيڻو ج ڦيڻا:** ذ. (سن. ڦين). منتر – منڊ – لٽڪو – عمل. جھاڙ. ڦوڪارو (دعا جو) – ڇوڪارو – شوڪارو.

– **ڦيڻو پڙھڻ يا ھڻڻ:** جھاڙ وجھٽ – جادو ڪرڻ.

– **ڦيڻو ڇنڊو:** ذ. منتر جنتر. ساڻ سوڻ.

• **ڦيھڻ:** مصدر. (سن. پَتَلَر = هلڻ > ڦيھڻ) ڏکُ هڏي يا ڇپي اندريون ڳپ ڪڍڻ. چٽڻ – چڙڻ – چلھڻ – چچرڻ – ڦسائڻ – ڦھڻ پيچڻ. ڪُٽڻ – مار ڏيڻ – پيھ ڪڍڻ – سَٽڻ – ڏاگورڻ – سڑھڻ – سٽڪائڻ.

– **ڦيھ ج ڦيھون:** ث. چٽ – چپ. ڏَباءُ. گھٽي مار – جاگور – پيچ. سيڪت – سزا. ڏاڍي پيچ ڪڍڻ.

– **ڦيھ ڪڍڻ:** سخت مار ڏيڻ – سخت سزا ڏيڻ.

• **ڦيئي ج ڦيئيون (ڪ):** ث. پوک ۾ ويھي پکين هڪلڻ لاءِ ٺاهيل چنو – پيھي – پيھو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ق

• **ق:** ذ. (ع). سنڌي الف بي جو اٺيهون، عربيءَ جو ايڪيهون ۽ فارسيءَ جو چوويهون اکر. ابجد موجب عدد هڪ سؤ (۱۰۰). اُچار "قاف".

• **قَابَ:** ذ. (ع). ڪمان جو اڌ حصو. ڪمان جي قبضي ۽ خاني جو وچون حصو — ڪمان جي موڙ ڪان گوشي تائين وارو حصو.

• **قَابَ قَوْسَيْن:** ذ. ٻن ڪمانن جو مفاصلو. ٻن هٿن جو مفاصلو. نهايت ويجهو. محبوب جا پيرُون.

• **قَابِضُ ج قَابِضَ:** ذ. صفت. (ع. قَبَضَ = هن قبضو ڪيو) قبضو ڪندڙ — قبضيدار. بندش ڪندڙ. قبضي ڪندڙ — دير هضم (ڪاڏو).

• **قَابُ قُرآنُ:** ذ. اُڇا ڇهه ڪُندي سونيءَ يا چانديءَ جي ڏهلي، جنهن ۾ قرآن شريف جو ننڍڙو نسخو وڌي بند ڪري تعويذ طور ٻڌجي.

• **قَابِلُ ج قَابِلَ:** ذ. (ع). تجربيڪار — عاقل — پڙ — جوڳو — لائق — مناسب — اهل.

— **قَابِلُ اِعْتِبَارُ:** ذ. صفت. اعتبار جهڙو — اعتبار جوڳو — معتبر.

— **قَابِلِ اِعْتِرَاضُ:** ذ. صفت. اعتراض جوڳو — اعتراض وٺڻ جهڙو.

— **قَابِلُ اِعْتِمَادُ:** صفت. اعتبار جوڳو — اعتبار ڪرڻ جهڙو.

— **قَابِلُ اِلْتِفَاتُ:** صفت. ڌيان ڏيڻ جي لائق — قابل توجه.

— **قَابِلِ :** تَسْلِيم: صفت. قبول ڪرڻ جهڙو — مڃڻ جهڙو.

— **قَابِلِ تَعْرِيفُ:** صفت. ساراهڻ جهڙو — ساراهه جوڳو.

— **قَابِلِ سَزَا:** صفت. سزا جو لائق — سزا وار — ڏوهاري.

— **قَابِلِ سَمَاعَتْ:** صفت. ٻڌڻ جوڳو.

— **قَابِلَ غَوْرُ:** ذ. صف. ڌيان ڏيڻ ۽ ويچارڻ جهڙو.

— **قَابِلُ كَرَنُ:** هوشيار ڪرڻ — سمجهُو ڪرڻ. لائق ڪرڻ — اهل ڪَرڻ — جوڳو ڪرڻ.

— **قَابِلُ ٹِيَنُ:** هوشيار ٹيڻ. لائق ٹيڻ — اهل ٹيڻ.

— **قَابِلِيَتَ ج قَابِلِيتُونْ:** ث. قابل هُڻ واري حالت — هوشياري — ڏاهپ. لياقت — لائقي — سليقيداري — تجربيڪاري — دانائي — حاذقي — سياڻپ.

— **قَابِلِيَتَ ڈِيكَارَنُ:** هوشياري ڏيڪارڻ — لائقي ڏيڪارڻ. گُڻ ڏيڪارڻ. ڪمال ڏيڪارڻ.

• **قَابُو ج قَابُو:** ذ. (ترڪي). وقت — وارو — داءُ زور — سَگهه — طاقت — وَسُ — پهندي — اختيار (صفت). سوگهو — ڏاڍو — پڪو — مضبوط — بلائتو — محفوظ — هٿيڪو — بنا جوکي — بي ڪٽڪو — بي نقصان — بي ضرر. (ظرف). ويجهو — اوري — نزديڪ.

— **قَابُو كَرَنُ:** وس ۾ ڪرڻ — اختيار ۾ رکڻ — مغلوب ڪرڻ — زير ڪرڻ — جهلڻ — قبضي ۾ ڪرڻ.

• **قَابِيْل:** اسم خاص. (سرياني). حضرت آدم عليه السلام جي پٽ ۽ هابيل جي ڀاءُ جو نالو (جنهن پنهنجي پيٽ اڇيحا جي حسد ۾ هابيل کي ماريُ وڌو).

• **قَاتِلُ ج قَاتِلَ:** ذ. صفت. (ع). قتل ڪندڙ — خوني — گهاتڪ — جلاد — ڪهندڙ — خون خوار — ڪوس ڪندڙ.

• **قَادِرُ ج قَادِرَ:** ذ. صفت. (ع) قدرت وارو — طاقت وارو — زور وار قويَ — طاقت رکندڙ. وس رکندڙ — وس وارو. (اسم خاص). خدا تعالىٰ جو هڪ صفاتي نالو.

— **قَادِرُ مُطْلَقَ:** اسم خاص. خدا تعالىٰ جو هڪ صفاتي نالو.

• **قَادِرَ پُوُر:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۽ گهوٽڪي تعلقي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **قَادِرِيْ پِيْرُ:** اسم خاص. شيخ عبدالقادر جيلاني جو لقب (قادري طريقي جو باني يا اڳواڻ). "ڪر قادري پير ڪرم، مٿي پازيءَ پنهنجي" (شاهه جو رسالو).

• **قَادَنُ:** اسم خاص. ماڻهو جو هڪ نالو. (قادر بخش، قادر ڏنو وغيره جو مخفف).

• **قَارَبُ ج قَارَبَ:** ذ. قالب — ڪارب — سانچو. ڍؤل — گهاٽ — شڪل — نقشو — خاڪو. بوتو — نمونو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **قَارُوڙه:** ذ. (ع). طبي اصطلاح. بيمار جي پيشاب وجهڻ جو شيشو. بيمار جو مُٺ – پيشابُ.

• **قَارُونُ ج قَارُونَ:** ذ. صفت. نہ خرچ ڪندڙ – ڪنجوس – بخيل. (اسم خاص). حضرت موسيٰ عليه السلام جي سوٽ جو نالو (هي تمام شاهوڪار هو خدا تعالیٰ سندس دولت سميت حضرت موسيٰ عليه اسلام جي بي ادبيءَ ڪرڻ ڪري زمين ۾ غرق ڪري ڇڏيو).

– **قَارُونُ جو خَزانو:** ذ. تمام گهڻو خزانو – بي انت مايا – اٿاهه دولت.

– **قَارُونُ جو گَنْجُ:** ذ. قارون جو خزانو.

– **قَارُونِي ج قَارُونِيُ:** ذ. صفت. دنيا گڏ ڪندڙ – ڪنجوس.

• **قَارِيُ:** ذ. صفت. (ع). علم قراءت جو ڄاڻو. قرآن شريف کي صحيح مخرج سان پڙهندڙ.

• **قَازُ ج قَازَ:** ذ. (ف. بط) پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم (پاڻيءَ جي سيني پکين ۾ وڏو ۽ سهڻو. رنگ سفيد. پاڻي ۾ تري ۽ ڪجهه اوچائي تائين اُڏامي به سگهي) – شاهي هنجهه.

• **قَاسِمُ ج قَاسِمَ:** ذ. صفت. (ع). ورهائيندڙ – تقسيم ڪندڙ – حصا ڪندڙ. اسر خاص. ماڻهوءَ جو نالو. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَاسِمَانِيُ:** اسر خاص. قبيلي جو نالو.

• **قَاسُمُ سُومرو:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَاشُقُ ج قَاشُقَ:** ذ. (ترڪي). چمچو – ڪاشقو.

• **قَاصَائِيُ ج قَاصَائِيَ:** ذ. (ع. قصاب) گوشت پائيندڙ يا وڪڻندڙ.

• **قَاصِدُ ج قَاصِدَ:** ذ. صفت. (ع) قصد ڪندڙ – ارادو ڪندڙ. پيغام پهچائيندڙ – سنيهو رسائيندڙ – نياپو پهچائيندڙ – نياپو نيندڙ – سَنديسو آڻيندڙ – ريبارو.

– **قَاصِدانُو ج قَاصِدانَا:** ذ. صفت. قاصد جو – قاصد وارو (ذ). قاصد کي ڏنل معاوضو – مزدوري.

– **قَاصِدانِيُ كارَ كَرڻُ:** ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ.

– **قَاصِدِيُ:** ث. قاصد جو ڪم.

• **قَاصِرُ:** صفت. (ع). ڪهتائي ڪندڙ – ڪوتاهي ڪندڙ. قصور ڪندڙ. مجبور – لاچار – ناچار.

• **قَاضَكِيُ مَارِيُ:** اسر خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَاضِيُ ج قَاضِيَ:** ذ. صفت. (ع). فيصلو ڪندڙ – انصاف ڪندڙ – نبيرو ڪندڙ. جهيڙي جو فيصلو ڪندڙ. شريعت جو صاحب. عدالتي جج – منصف – نيائي. (اسر خاص).

– **قَاضِيُ الْحَاجَاتِ:** ذ. صفت. حاجت روا ڪندڙ – حاجت دور ڪندڙ – مرادون پجائيندڙ (خدا تعالیٰ).

– **قَاضِيِ الْقُضَاتِ:** ذ. قاضين جو قاضي – وڏو قاضي – منصف اعليٰ.

– **قَاضِيُ مُفْتِيُ ثِيَنُ:** حق يا ناحق سمجهڻ. خيال ڪرڻ.

– **قَاضِيُ اَحْمَدُ:** اسر خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ شهر ۽ ديهه جو نالو.

– **قَاضِيُ واهِنُ:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪي ۽ تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَاعِدُ ج قَاعِدا:** ذ. (ع. قعد = هو وينو) بنياد – پاڙ – بناءَ – بيخ – بُٽ. مُول – اصل. رسم – رواج – چال – چلت – روش. دستورالعمل – آئين – قانون – ضابطو. امر – حڪم – فرمان – طور – طريقو – ڍنگ – ترتيب – قرينو – ناهپ – سنوار. نماز ۾ وهڻ جي حالت – قعود – قعده. هاراڻو ڪتاب.

• **قَاعِدُ بَنْدُ:** قانون ناهڻ – نيم ناهڻ – عمل ڪري ڇڏڻ – روزانو هير ڪرڻ. عادت ڪري ڇڏڻ.

– **قَاعِدُ جارِيُ كَرَنُ:** قانون جاري ڪرڻ – حڪم احڪام جاري ڪرڻ.

– **قَاعِدو وڙهي كَنْدُ هيڪُ رَكَنُ:** حڪم نہ مڃڻ.

– **قَاعِديانُ ج قَاعِديانَ:** ذ. صفت. قاعدو ڄاڻندڙ – قاعدن ۾ ماهر – وڪيل.

• **قَاعِدُ ج قَاعِدا:** ذ. (ع. قازه) گهوڙي کي قانون ۾ بهارڻ – ڏنل لغام جو هڪ نمونو.

– **قَاعِدُ ڏِيَنُ:** گهوڙي کي لغام چاڙهي ڇڏڻ (ته کاڏو هضم ٿئيس. گهوڙي کي مچائڻ لاءِ قاعدو ڏبو آهي).

• **قَافُ ج قافَ:** ذ. (ع). عربي الف بي جو ايڪيهون اکر. ايشيا ڪوچڪ جي اتر ۾ ڪئسپسن سي ۽ اسود سمونڊن جي وچ واري جبل جو نالو. ڏونگر – پهاڙ – ڪوهه – پربت. "ڏونگر ڏَسُ ڏڪيءَ کي قاف نہ ڏئين ڪو" (شاهه).

– **قَافَتُونُ:** ظرف. قافن مان – جبلنمان. "قافتون ڪاهينڊياس، موتان تان ڪَرَ ميهڙو" (شاهه).

• **قَافِلُ ج قَافِلا:** ذ. (ع). ڪاروان – سرواڻ – ساٿ. زيارتون ڪندڙن جي ٽولي. سگهر – وگهر – ٽولو – جماعت. قطار (اُٺن جي). ڪشالو – ڪ.

– **قَانِلاكَتِنْ:** ڏک ڏورڻ – سختيون سهڻ – تڪليف وٺڻ – ڪشالا ڪيڻ.

• **قَانِيُوْ ج قَانِيَا:** ذ. (ع). لغوي معنيٰ ۾ پٽيان هلندڙ. رديف ڪان اڳيون لفظ (جو بدلبو رهي).

• **قَانِصِيْ ج قَانِصِيْ (ت):** ذ. صفت. (ع. قصاب) بي رحم – بي قياس – سنگدل – ڪنور. ظالم. جَلاد.

• **قَانُمْ:** ث. نهايت نرم ۽ اڇن وارن وارو سنجاب جهڙو هڪ جانور (جنهن جي ڪل منجهان پوستين ٺهندا آهن).

• **قَالُ ج قَالْ:** ذ. (ع). گفتگو – ڳالهه – هولهه – گفتار. چوڪ – چوٽي. قول – مقولو – سخن. ڳالهائڻ (ل –ق). خداتعاليٰ جو قول يا ڪلام (ل –ق). (فعل). ڇيو – فرمايو – ارشاد ڪيو. جيئن "قَال الله تعاليٰ".

– **قَال قِيْلْ:** ذ. گفتگو – ڳالهه هولهه. رد ڪد – بحث مباحثو. شڪ شبهو. چون چرا.

– **قَالْ مَقَالْ:** ث. ڳالهه هولهه. بحث مباحثو.

– **قَالُوْ بَلِيْ:** جملو. (ع) "چيائون تہ هائو" (قرآن)

• **قَالَبْ ج قَالِبْ:** ذ. (ع). ڪنهن شيءِ ٺاهڻ جو سانچو – ڍانچو – ڪارَبَ – ڪارب. سرن وجهڻ جو اوزار. ڪورين جو هڪ اوزار – ڪاٽ جو ڦرهو (جنهن جي مٿان ڪڙا پربا آهن، جيئن سپ ڪڙا انهيءَ ماپ جا ٽين). جتين ٺاهڻ لاءِ لوهه يا ڪاٽ جو ماپو – بدن – جسم – بُت (ل –ق).

– **قَالَبْ مَانْ كَيَهْ (ت):** هڪ جهڙيون شيون تيار ڪرڻ.

• **قَالِيْ:** ث. عمدي فراسيءَ جو هڪ قسم – غاليچو – قالين. فرش وانگي وڇايل جبل (ن – ب). جبل (ل –ق). زباني ڳالهه.

• **قَالِيْنْ ج قَالِيْنَ:** ذ. غاليچو.

• **قَامَتْ ج قَامَتُوْنْ:** (ع. قوم = بيهڻ) بيهڪ – قد – ڏيل – هائي – جسم – بدن.

• **قَانْبَرُوْ:** ذ. جانورن جو هڪ قسم. قنبر علائقي جا پيدا ٿيل جانور.

• **قَانْدَارَ كَكَرِ (ت):** ث. زهري جيت جو هڪ قسم – قندار جي ككر. وڏو ڏينهن.

• **قَانِعْ:** صفت. (ع). ٿوري تي صبر ڪندڙ. صابر. ٿوريءَ شيءِ مان پورائو ڪندڙ – قناعتي. ڪفايت ڪندڙ. صرفي سان خرچ ڪندڙ.

• **قَانُوْنْ ج قَانُوْنْ:** ذ. (ع). سرشتو – ريت – رواج – رسم – چال. ڪم ڪرڻ جو نمونو – ڍنگ – طرز – وڌي – طور. سرڪاري دستور العمل – قاعدو – دستور – آئين – ضابطو – نيم – عمل. حڪومت – راج – صاحبي. دڳو. هر هڪ شيءِ جي اصليت – مادو – جڙ – بنياد – بنا – شروعات.

– **قَانُوْنْ دانْ ج قَانُوْنْ دانَ:** ذ. صفت. قاعدو ڄاڻندڙ – وڪيل. مفتي. فقيهه.

– **قَانُوْنْ گوْ:** ذ. صفت. قاعدا قانون ٻڌائيندڙ ۽ سمجهائيندڙ.

– **قَانُوْنِيْ ج قَانُوْنِيْ:** ذ. صفت. قاعدي جو – قاعدي وارو – قاعدي موجب – قاعدي مطابق – قانوناً – باقاعدي – اصول پٽاندر. حقي – روا – جائز – حقائتو – رهندو. حق حلال جو – شرعي حلال.

• **قَاهِرُ:** اسم خاص (ع. قَاهِرْ) مصر ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ.

• **قَائِدْ:** ذ. صفت. (ع. قادْ: اڳواڻ ٽيو). فوج جو سردار – سپهه سالار. قوم جو رهبر. اڳواڻ – پيشوا – نيتا.

– **قَائِدِ اَعْظَمْ:** ذ. صفت.قوم جو وڏو رهبر – مهانيتا. (اسم خاص) پاڪستان جي پهرئين گورنر جنرل محمد علي جناح کي قوم طرفان مليل لقب.

– **قَائِمْلَتْ:** ذ. صفت. مسلم قوم جو اڳواڻ. (اسم خاص). مرحوم لياقت علي خان کي قوم جو ڏنل خطاب.

• **قَائِزُ قَائِدُ:** ذ. (ع. قَائِـزَهْ) لغام – لگام. گهوڙي کي سڏائي ۾ ٻهارڻ لاءِ لغام جون پچاڙيون پڇ جي هيڻان ٻڌڻ يا هَني ۾ ٻڌڻ جو نمونو (جيئن گهوڙو منهن ورائي نہ سگهي). قاعدو. روڪ – بندش – رڪاوٽ – رنڊڪ (پرمانند).

– **قَائِزُ كَرَنْ:** گهوڙي کي هوتاڙو چاڙهڻ (جيئن هلڻ ۾ منهن نہ ڦيرائي).

• **قَائِلْ ج قَائِلْ:** ذ. صفت. (ع. قال = هن ڳالهايو) چوندڙ – هوليندڙ – ڳالهائيندڙ. پنهنجي خطا جو اقرار ڪندڙ. قبول ڪندڙ – اقراري. تسليم ڪندڙ.

– **قَائِلْ ٿِيَنْ:** اعتراف ڪرڻ – قبول ڪرڻ – مڃڻ – تسليم ڪرڻ – معترف ٿيڻ.

• **قَائِمْ:** صفت. (ع. قَامَ + هو بيٺو) ڪڙو ٿيندڙ – اُپو ٿيندڙ بيهندڙ. ڪڙو ٿيل – اُپو ٿيل – بيٺل. اُپو – سنئون – سڌو. هڪ هنڌ بيٺل – اَڻ ڏُڏُ – اڏولُ – غير متحرڪ. ڪتل – ڪوڙيل – ايستاده ـ ڪپ – ڪوڙ. هڪ ٽانئيڪو – ماڳائتو – هنڌائتو. برقرار. مستقل – مستحڪم – مقرر – محڪم. مضبوط – پڪو – ڏاڍو – سوگهو – قابو. هميشہ جو – هميشہ رهندڙ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاودان – موجود.
– **قائمُ ٹيَنْ:** اُيو ٹيڻ – بيهڻ. بنياد پوڻ – پيڙهه پوڻ. مقرر ٹيڻ. مضبوط ٹيڻ. مستقل ٹيڻ.
– **قائم رَکَنْ:** برقرار رکڻ – مرجود رکڻ. سنيالي رکڻ. محفوظ رکڻ. صحيح و سالم رکڻ. سنيالي رکڻ. محفوظ رکڻ. صحيح و سالم رکڻ.
– **قائم رهڻ:** بيهڻ. برقرار رهڻ – سلامت رهڻ. موجود رهڻ. مضبوط رهڻ – مستقل رهڻ – ثابت قدم رهڻ.
– **قائم ڪَرڻ:** بيهارڻ – ڪڙوکرڻ. اُيو ڪرڻ. مقرر ڪرڻ – مستقل ڪرڻ. بنياد وجهڻ – پاڙ مضبوط ڪرڻ. ٺاهڻ – بنائڻ – تعمير ڪرڻ.
– **قائمُ مُقام:** ذ. صفت. ٻئي جي جاءِ تي ڪم ڪندڙ – عيوضي. نائب سلطنت. مقرر ٹيل وارث.
• **قائمِيْ:** ث. بيهڪ – ايستادگي. استقامت – پائداري. ٽڪاءُ – قرار. پختائي – ڏاڍائي – مضبوطائي. (صفت) قائم جو (اولاد).
• **قائمَ کوڙ:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **قائمَ ڪُوپانگ:** اسم خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **قايمَ ج قايمِ:** ذ. صفت. قائم.
– **قَايمَ اللَّيْل:** ذ. صفت. هميشه رات جو جاڳندڙ – تهجدگذار.
• **قَبَا ج قَبَائُوْنْ:** ث. (ع). ڪوٽ جو هڪ قسم – بنا هيڙن، اڳيان ڪليل ڊگهو ڪوٽ – چوغو – جامو. ڪپهه پيل ويڪرو ڪڙتو.
– **قَباي حَرِيْر:** پٽ جي قبا.
• **قَباحَتَ ج قَباحَتُوْنْ:** ث. (ع). بُرائي – خرابي – بدي – بيڇڙائي – نقص – عيب. بُڇان – نفرت – ڪراهت.
• **قُباشَهْداد:** اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو. مير شهداد خان جي نالي سان قبرستان (جتي ان جي قبر تعلقو سنجهورو)
• **قَبالُوْ ج قَبالا:** ذ. (ع. قبالَهْ) لغوي معنيٰ ۾ قبوليت – مڃتا – اقرار. قرارنامو – قبوليت نامو. ملڪيت جي ثابتيءَ جو ڪاغذ – سَنَدَ ملڪيت – وڪري جو اقرار نامو – بيعنامو – ڪاپاڙو. دستاويز – قبض. عطا نامو (عهدي جو). پٽو (مقاطعي جو).
• **قِبالُوْ:** اسم خاص. تعلقي ڄڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **قَبائِلُ:** ذ (ع). قبيلي جوجمع. گروهه – جماعتون – ڪٽنب – عيال.
– **قَبائِلِيْ:** ذ. صفت. قبيلي جو. پاڪستان جي صوبي سرحد جي قبائلي زمين جا رهاڪو.
• **قَبَرَ ج قَبَرُوْنْ:** ث. (ع). دفن ڪرڻ جي جاءِ ـ ميت پورڻ جي جاءِ ـ تربت – گور – مدفن. مزار.
– **قَبَر جي کَنْڊِيءِ تي هُجَڻُ:** ڪراڙو هجڻ – ٻيو هجڻ – پيرسن هجڻ. مرڻ کي ويجهو هجڻ.
– **قَبَرُسْتانُ ج قَبَرُسْتانَ:** ذ. گورستان – شهرخموشان – مقام.
– **قَبَرَ کَنِيْ نَ ڪَرَڻُ:** مري ويل جو قرض لاهڻ.
– **قَبَرَ مانَ اَٽِيِ اَچَڻُ:** تمام ضعيف ٿي وڃڻ – سخت بيماريءَ مان شفا پائڻ.
• **قَبْضُ ج قَبْضَ:** ذ. (ع). هٿ سان ڪنهن شيءِ کي قابو جهلڻ جي حالت – پڪڙ – جَهلَ – لکيل قبوليت – لکيل پهچ – لکيل رسيد. پرامسري نوٽ – هنڊي. دستاويز – قبالو – ڪاپاڙو – قبوليت نامو – بيعنامو.
– **قَبْضُ ڪَرَڻُ:** اڙ ڪرڻ – بندش ڪرڻ – ٻَهَ ڪرڻ. پڪڙڻ – سوگهو جهلڻ. تورو خلاصو نہ اچڻ. توري ۾ ڇهڙڪ ٹيڻ.
– **قَبْضُ کُشا ج قَبْضُ کُشا:** ذ. صفت. قبضي ٽوڙيندڙ – پائخانو آڻيندڙ (هلڪو جُلاب).
• **قَبْضُوْ ج قَبْضا:** ذ. (ع. قبضَهْ) ڪنهن شيءِ کي جهلڻ لاءِ هٿ وڇهڻ جو هنڌ – دستو – هٿيو – مُٺيو – مُٺ – ڳڻ (ترار جو). ڪمان جو هٿيو يا مُٺ (ل – ق). دخل – پڪڙ – اختيار – دڳو – الڪي – متصرفي – قبضيداري. درن جي طاقن کي مضبوط ڪندڙ لوهه جو ٽڪر.
– **قَبْضُوْ ڪَرَڻُ:** دخل ڪرڻ. تصوف ۾ آٽڻ – خرچ ڪرڻ. حق ثابت ڪرڻ – چنبي وٺڻ – مالڪ بنجڻ.
– **قَبِضِيْ ج قَبْضِيْ > قَبِضِيُوْنْ:** ث. قابضو – قبضو – قبضي داري.
– **قَبضيدارُ ج قَبضيدار:** ذ. صفت. قبضي وارو – قبضو جهلينڊڙ. وينل. مالڪ.
– **قَبْضيداريْ:** ث. قبضي ڪرڻ جو حق – واسطيداري – مالڪاڻيَ جا حق – متصرفي – مالڪي. جائز حق.
– **قَبْضي ۾ رَهَڻُ:** قابو ۾ رهڻ – وس ۾ رهڻ. جئي ۾ رهڻ.
– **قَبْضِيْ ج قَبضِيُوْنْ:** ث. پاخاني نہ اچڻ جي حالت – ڇهڙڪ – توري ۾ بندش.
– **قَبْضِيَتَ:** ث. قبضي.

• **قَبْلُ:** ظرف. (ع). پهرين – پهريائين – اول – اڳ پيش – پيشتر.
– **قَبْلَهُ:** ظرف. انهي جي اڳيان.
• **قِبْلو (قِبْلَهُ ج قِبْلا (قِبْلَهُ):** ذ. سامهين شيءِ ـ اڳيان واري شيءِ. ڪعبي جو طرف (اهو طرف جيڏانهن منهن ڪري نماز پڙهجي). ڪعبة الله. پاسو – طرف. ذ. صفت. رستو ڏيکاريندڙ – رهبري ڪندڙ – سونهپ ڪندڙ. (ذ). بادشاهن وڏن مائٽن، يا وڏي مان وارن لاءِ عزت جو لفظ.
– **قِبْلَهُ عَالَمُ:** ذ. عزت جو هڪ لقب.
– **قِبْلَهُ گاهُ:** ذ. قبلي جي بجاءِ ـ والد ماجد – پيءَ يا مرشد کي ڏنل عزت وارو لقب.
– **قِبْلَهُ نُمَا:** ذ. قبلو يا طرف ڏيکاريندڙ اوزار – ڪمپاس – قطب نما – پرڪار (خلاصين جو).
– **قِبْلي سامُهُونْ ٽِيَنْ:** ڪعبة الله جي سامهون منهن ڪرڻ. پيءُ جي هٽڪ ڪرڻ.
• **قَبُو(ت):** ذ. پرت جو هڪ قسم.
• **قَبُو ج قُبَا:** ذ. (ع).۱. قبر مٿان اڏيل گول عمارت – گنبذ. روضو – مقبرو. (ث. قَبِيْ ج قُبِيُوْن) ۲. نار جي مٿين چڪري جو آرو ۳. آسمان جو هڪ تارو جيڪو وڇوءَ جي ڪنڊي جي پويان اپري.
– **قَبُو اَڏائي وِهَنْ:** سدائين جيئرو رهڻ.
• **قُبُوْرُ:** ذ. (ع). قبر جو جمع – قبرون.
• **قَبُوْ قَلَنْدَرُ:** اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **قبول:** (اسم خاص) ماڻهو جو نالو.
• **قَبُوْلاڻِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **قَبُوْلَ پُوْر:** اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **قَبُوْلَ پُوْرِ جاگِيْر:** اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **قَبُوْلُ:** مصدر. مڃڻ – قبول ڪرڻ – ها ڪرڻ – منظور ڪرڻ – اقرار ڪرڻ – قبوليت ڪرڻ – مڃتا ڪرڻ – ريهڻ. پسند ڪرڻ.
• **قَبُوْلُ:** ظرف. تسليم – منظور – پسند – بحال. خوش – راضي – خواهان – رضامند – تيار.
– **قَبُوْلُ ڪَرَڻُ:** منظور ڪرڻ – پسند ڪرڻ – مڃڻ.
– **قَبُوْلِيْ ج قَبُوْلِيُوْنْ:** ث. زراعت جي اصطلاح ۾ سرڪار کان پوک لاءِ ڪٽ ڪيل زمين. مقرر رقم (ليزمني) پيارڻ بعد ذاتي ملڪيت تي مليل خاص موڪل واري زمين. (صفت) اجازت ڏنل. "قبولي زمين = اجازت ڏنل زمين".
– **قَبُوْلِيَتْ ج قَبُوْلِيَتُوْنْ:** ث. ناھ – ميل (الڪت ۾). انجام – هول – قول – وعدو. اقرار نامو – عهد نامو – راضي نامو – دستاويز. اجابت دعا – نڪاح جي وقت دعا پڙهڻ جي قبوليت.
• **قَبِيْ ج قُبِيُوْنْ:** ث. (ع). نندڙو قبو – نندو مقبرو. (اسم خاص). تعلقي ڪوٽڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
– **قَبُوْلْ:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. ماڻهو جو نالو – قبوليو.
• **قَبِيْحُ:** ذ. صفت. (ع. قَبَحَ = بچڙو ٽيو) ڪوجهو – بدزيبو – بدصورت – ڪُجَڻُ – روپ هيڻ – ڇَهيلو – دوڙ موڙ – ڪروپ – بدشڪل نازيبا – نامناسب. ڪنو – خراب – بَد – بُچڙو – نفرت انگيز.
• **قَبِيْلو ج قَبِيْلا:** ذ. (ع. قَبِيْلَهَ) گروه ـ ٽولي – جماعت ڪنهن قوم جو هڪ حصو – هڪڙي ڏاڏي جو اولاد. خاندان – گهراڻو – گهرٻار – آل اولاد – پروار – آڪهه – عيال.
– **قَبِيْلِدارُ ج قَبِيْلِدارَ:** ذ. صفت. ڪٽنب وارو – خاندان وارو – گهرٻار وارو.
• **قُبُوْ ج قُبَا:** ذ. (ع. قُبَهْ) قبر جي مٿان اڏيل گولائين، چوٽيدار عمارت. نار جي چڪري جو گولائون وارو.
• **قِتالُ ج قِتالْ:** ذ. (ع). جنگ – جدال – لڙائي – خونريزي – جُڌ – ويڙهه – قتل عام – ڪشت و خون.
• **قَتْلُ:** ذ. (ع. قَتَلَ = هُن ڪُنو) تلوار يا ٻئي ڪنهن تکي اوزار سان مارڻ واري حالت – ڪوس – گهات – خون. هلاڪت – خونريزي – گاهه ـ ڪُسَ – جيُوَ هَچا – ڪيُسُ.
– **قَتْلامُ ج قَتْلامَ:** ذ. (ع. قَتْلُ + عام) خُون – ڪُهه – ڪوسُ – گهات – قتل.
– **قَتْلُ ڪَرَڻُ:** ڪُهڻ – خون ڪرڻ – گهات ڪرڻ – ذبح ڪرڻ – ماري وجهڻ – مارڻ – حلال ڪرڻ – نرڙي ڪَٽڻ (ماڻهوءَ جي).
– **قَتْلُ عامُ:** ذ. بنا امتياز جي هر خاص و عام کي ماري وجهڻ جي حالت – عام ڪوس – خونريزي – رتوڇاڻ.
– **قَتْلُ عَامُ ڪَرَڻُ:** عوام الناس جو خُون وهائڻ – عام ماڻهن کي بنا امتياز ماري وجهڻ.
• **قَتِيْلُ:** ذ. صفت. قتل ٿيل – ڪُنل – مقتول – ڪُشتہ – ماريل – مُئل.
• **قَحْبَهُ:** ث. (ع). خراب عورت – بدچال عورت – ڪُراڙي زال.
• **قَحَطُ ج قَحَطْ:** ز. (ع.) ڏڪار برسات نہ پوڻ ڪري، انّ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهانگي ٽيڻ جي حالت – انّ جي اٽاٽ. برسات نہ وسڻ جي حالت – ڏُکر – کال. مهانگائي – اٽاٽ.

– **قَحطُ پَوَڻُ:** ڏُکار پوڻ – مهانگائي ٽيڻ.

– **قحطُ زَدَهْ:** ذ. صفت. ڏُکار جو ماريل – ڏُکاري – بُکيو – پيڙيل – ڪنگال.

– **قَحطُ سَالِيْ ج قَحطُ سَالِيُوْنْ:** ث. ڏکاروارو سال يا ڏکاردار سال.

• **قَدْ ج قَدَ:** ذ. (ع). بدن جي ڍڪائي – جسر جي لنبائي. قامت – ڊيل – اوچڻ – هائي – هاڻي. بدن جي بيهڪ. اوچائي – مٿاهين – بلندي – اُتاهين. آڪار – مقدار. ماپ – ڪاڇو – ماپو – ماڻ. بنا ڪنهن سبب جي بحث – تڪرار – مباحثو – رد ڪَدُ – هوڏ – هَڻ.

– **قداوَرُ ج قَداوَرَ:** ذ. صفت. وڏي قد وارو – ڍڪهي قد وارو – ڍڪهي هائيءَ وارو – لمبو – ڍڪهو – تسينگ – ڏَڪهُ.

– **قَدْ بَڌَڻْ:** هوڏ ٻڌڻ. بحث ڪرڻ. سينو ساهڻ – حُجت هلائڻ – سرڪشي ڪرڻ. "قَد ٻڌي تون ڪيئن، پهچندءِ پُنهونءَ سين" (شاهه).

– **قَدْ وقَامَتْ:** ث. جسر جي بيهڪ – بدن جي بناوت.

– **قَدَامُ ج قَدَامَرْ:** ذ. (ع). هميشگي. جهونائي – (ل – ق). قدم – هرانگهون (ل – ق). "ڪهج پر قدام"

• **قُدَامُ:** ذ. صفت. (ع). ديرينہ – ڪهنو.

• **قَدَامَتْ ج قَدَامَتُوْنْ:** ث. (ع). گذريل وقت – اڳوٽو وقت – اڳيون زمانو – جهونائي.

• **قدحُ ج قَدَحَ:** ذ. (ع). وڏو پيالو – جام – ساغر – پيمانو. وڏو وٽو – جنگو (ل). ڏاهورو – ڏاهر.

• **قَدَرُ، قَدْرُ:** ذ. (ع). طاقت – توانائي – ڪنهن شيءِ جو وزن – انداز – مقدار. مُلهه – قيمت – بها – ناٽو – پاءِ. لياقت – گڻ – لائقي. ڪَل – جوهر – خوبي. درجو – رتبو. مان – عزت – آبرو. لحاظ – خيال. پاڳو – ناس – ٽڪر. حصو – بُخرو.

– **قَدْرائتوْ ج قَدْرائتا:** ذ. صفت. قدر وارو – قدر ڪندڙ. ٻئي جو قدر سڃاڻندڙ. ٻئي کي عزت ڏيندڙ. لائق وڙائتو – لائقن پريو – معقول – مناسب – واجب – شڪرگذار – شڪرمند – مشڪور – ممنون. شاڪر. احسانمند. (ظرف). لائقي سان – جوڳي ريت – بخوبي.

– **قَدْرِدانْ ج قَدْرِدانَ:** صفت. قدر ڪندڙ – قدر وارو. قدرشناس – قدر سڃاڻندڙ. قدر جاڻندڙ. مان ڏيندڙ. قيمت جاڻندڙ. ٻئي جو هنر جاڻندڙ. جوهر شناس.

– **قَدْرِدانِي ج قَدْرِدانِيُوْ:** ث. قدر سڃاڻڻ واري حالت. قدر شناسي. جوهر شناسي.

– **قَدْرِدانِيْ ڪَرڻْ:** هنر سبب عزت بخشڻ. جوهر سبب رتبو بخشڻ. هنر جو داد ڏيڻ.

– **قَدْرَ سَارُوْ:** ظرف. سراسري – معتدل – پاڳيرو – پاڳائتو – حصي روءِ – ٽوري انداز ۾ – قدري – رواجي.

– **قَدْرَ ڪَرڻْ:** عزت ڪرڻ. گڻ ڳائڻ.

– **قَدْرَ شناسْ:** ذ. صفت. قدر سڃاڻندڙ. قدر ڪندڙ.

– **قَدْرِيْ:** ظرف. حصي ۾ – پاڳي ۾ – پتيءَ ۾ – قدر سارو. ٽورو گهٽ – قليل – ڪجهه ڪجهه.

• **قُدْرَتْ ج قُدْرَتُوْنْ:** ث. (ع. قدر = هو طاقت ور هو) الاهي طاقت – خدائي قوت. طاقت – شان باري – عظمت الاهي – شان الاهي. خدا جي ڪاريگري. قوت – سگهه – زور – توفيق. وس – پهچ – پهندي – دسترس – وسعت. ڏِگو – اختياري – هلندي. ڪائنات – عالم – خلقت – سارو جهان. سنسار. فطرت.

– **قُدْرَتِيْ ج قُدْرَتِيْ:** صفت. قدرت جو – الاهي – خدائي – نهايت عمدو – افضل – برتر – اعليٰ – مٿاهون. سياويڪ – فطرتي – طبعي – ذاتي – خِلقِيْ – اصلي.

• **قُدْسُ:** صفت. (ع). متبرڪ – پاڪ – مقدس – اطهر.

– **قُدْسِيْ:** صفت. پاڪ – پاڪيزو – متبرڪ – پوتر – اطهر.

• **قَدَمُ ج قَدَمَرْ:** ذ. (ع. قَدَمَ = هو اڳيان ويو) پنڌ ۾ هنهي پيرن جي وچ وارو مناصلو – هرانگهه – هرانگ – هلانگهه. پير – پڳ – چَرَن. گام – رفتار. پنڌ – تور – روش – هلٽي. گهوڙي جي هلٽي جو هڪ قسم. چالو منزل جو رلي وارو پنڌ.

– **قَدَمُ اُکَڑْ:** پير اُکڙڻ. شڪست کائڻ. پاڇ کائڻ.

– **قَدَمُ بَرْقَدَمُ هَلَڻْ:** نقش قدم تي هلڻ – پيروي ڪرڻ – ڪنهن جي اُصولن موجب هلڻ – تقليد ڪرڻ.

– **قَدَمُ بوسِيْ ج قَدَمُ بوْسِيُوْنْ:** ث. پيرن چمڻ جي حالت – پيرُجرَ ڪنهن وڏي بزرگ جي پابوسي. نوڙت. ڪُرنشي.

– **قَدَمُ بوْسِيْ ڪَرڻْ:** پيرين پوڻ – پير چمڻ. بندگي ڪرڻ.

– **قَدَمُ چُمَڻْ:** پير چمڻ – پيرين پوڻ.

– **قَدَمُ رَکَڻْ:** پير رکڻ – پير ڌرڻ.

– **قَدَمُ پرڻ:** (ڪنهن جي گهر تائين) اچڻ جي تڪليف ڪرڻ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهرباني ڪري اچڻ.

– **قَدَمُ كَنَڻُ:** ڪو رستو يا طريقو اختيار ڪرڻ.

– **قَدَمُ گهَرُڻِيَڻُ:** ڪنهن شخص جي نحوست جو ٻئي تي اثر پوڻ.

– **قَدَمُ هَلَڻُ:** هلڻ – پنڌ ڪرڻ. گهمڻ – ٽرڻ – ڦرڻ – جنگهون ساهڻ – گهمڻ گهتڻ – ٽورو ڦرڻ – تَهِلَڻُ. هلڻ چلڻ – رَوَش. وڪون پيري هلڻ. ٻرانگهن تي هلڻ. ٽور هلڻ (گهڙي جو).

• **قُدُوسِيُ:** اسر خاص. شريعت جي احڪامن جو هڪ ڪتاب – فقه جو هڪ ڪتاب.

• **قُدُوسُ:** صفت. (ع). تمام پاڪ. (اسر خاص). خدا جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

• **قَدِيرُ ج قَدِيرَ:** ذ. صفت. (ع. قدر) قدرت وارو – صاحب قدرت – قادر – طاقت وارو – سگهارو – سگهائتو – ستاڻو – زوردار – زور پريو – قرارو – زبردست. دليز (اسر خاص). الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو – قادر مطلق.

• **قَدِيمُ:** صفت. (ع. قدم = هو اڳي ٿيو) اڳئين زماني جو – اڳوٽو – پُراڻو – براجين. ازلي. آبائي – موروثي – جَدي – پيءُ ڏاڏي جو.

– **قَدِيمِيُ:** صفت. اصل جو. اصل کان وٺي هميشہ جو. مدامي.

• **قَرَابَتَ ج قَرَابَتُونْ:** ث. (ع. قَـرَبَ = هو ويجهو ٿيو) ويجهي ٿيڻ جي حالت – ويجهڙائي – ويجهائي – نزديڪي – رشتيداري – مائٽي – عزازت. لاڳاپو – ناتو.

• **قَرَابَتِيُ:** ذ. صفت. ويجهو – نزديڪ. رشتي جو – ناتي جو. عزيز – مٽ مائٽ – رشتيدار.

• **قَرَابِينُ ج قَرَابِينُ:** ذ. بندوق جو هڪ قسم – ننڍي بندوق.

• **قِرَاءَت ج قِرَائَتُونْ:** ث. (ع). پڙهڻ جو ڪم – پڙهڻي – پڙهائي. پڙهڻ ۾ اڪرن جا اُچار صحيح نموني سان پڙهڻ جي حالت. (اسر خاص) قرآن شريف کي پڙهڻ.

• **قرارُ:** ذ. (ع. قَـرَّ = فرحت ڪرڻ) بيهڪ – ٺهر – سُڪون – قيام. ٺانهر – ڏيرج – صبر – تحمل. آرام – فرحت – وسرام – چَين – آسائش. ساهي – فرصت. ڏاهو – ٽِڪاڻو. سُک – آسودگي. آسودائي. انجام – هول – قول – وعدو – اقرار – وچن – شرط. ناهه – ميل. چيهه – دنگ – آخر – انتها – پچاڙي. (ذ. صفت). زور وارو – ڪراڙو – زبردست – غالب (ل – ق).

– **قَرَارُ اچڻُ:** آرام اچڻ – ماڻ اچڻ – صبر اچڻ – تحمل اچڻ – اطمينان اچڻ.

– **قَرَارَحَڻُ:** مصدر. آرام ڪرڻ – قرار ڪرڻ.

– **قَرَارَدَادُ ج قَرَارَدَادُونْ:** ث. عهد پئمان – قرار – فيصلو – نبيرو. تجويز. ٺهراءُ.

– **قَرَارُ ڏِيَڻُ:** انجام ڏيڻ – اقرار ڪرڻ – وعدو ڪرڻ – عهد ڪرڻ.

– **قَرَارُ ڪَرَڻُ:** آرام ڪرڻ – فرحت وٺڻ – درد ناڙڻ. ويهڻ – ساهي کڻڻ. اقرار ڪرڻ – انجام ڪرڻ – عهد ڪرڻ. جاءِ ضرور وڃڻ – قضا حاجت ڪرڻ – ڪاڪوس جي خيال کان وڃڻ.

– **قَرَارُ ج قَرَارَا:** ذ. صفت. ظرف. قرار وارو – سُک سان – سهولت سان – فرحت ۾ – آرامي – قراري. مضبوط – جاڏو – جبرو – ڪَراڙو – سَبَرُ – زورائتو – زبردست – ثابت قدم.

– **قَرَارُ ٿِيَڻُ:** آرامي ٿيڻ – قرار وٺڻ. آسائش وٺڻ. ٽانيڪو ٽيڻ.

– **قَرَارُ وَڻَڻُ:** حمل جو قائم ٿيڻ – حمل بيهڻ.

• **قَرَارِيُ ج قَرَارِيُ:** صفت. آرامي – آسائشي. ٽانيڪو. پختائي – ڏيرج. قرارو. (ث). سهولت – سهنجائي. فرحت – آرام – قرار – سُک. سانت – آرام – سانتيڪائي – چُپ – خاموشي – ٺانهر – فرحت.

• **قرارَڻُ:** مصدر. (ع. قَرار > قَـرَّ) سک سان ويهڻ – قراري ٽيڻ – آرامي ٽيڻ "مون کي ڏَنءِ ڏيئي، وڃي ڏولو ڏَتَّ قَرارئو" (شاهه).

• **قُرآنُ:** اسر خاص. (ع). حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن تي الله تعاليٰ طرفان نازل ٿيل ڪتاب – ڪلام الله ـ فرقان مجيد.

– **قُرآن بخشائڻُ:** قرآن پڙهڻ جي عيوض ڪجهه مُلي کي ڏيڻ. قرآن شريف پڙهي ان جو فوتيءَ کي بخشڻ.

– **قُرآن تي هَٿُ رَکَڻُ:** قرآن شريف هٿ ۾ کڻي يا جهلي قسم کڻڻ.

– **قُرآن پڙهَڻُ:** ڪلام الله جي تلاوت ڪرڻ. ڪنهن جي ثواب لاءِ قرآن شريف پڙهي پورو ڪرڻ.

– **قُرآن جو سُنْهُنْ:** قرآن شريف جو قسم.

– **قُرآن شَرِيفُ شَرْطُ ڪَرَڻُ (ت):** قرآن بخشائڻ.

– **قُرآنُ ڪَٽَائِنُ:** قرآن مجيد ڪٽائڻ – قسم ڪٽائڻ.

– **قُرآن ڪَڻُ:** قرآن مجيد هٿ ۾ جهلي قسم کڻڻ.

– **قرآن مجيد:** اسر خاص. قرآن شريف.

– **قُرآنِيُ ج قرآنِيُ:** ذ. صفت. قرآن بابت قرآن جو.

• **قُرْبَ ج قُرْبَ:** ذ. (ع. قَـرَبَ = هو ويجهو هو). ويجهڙائي – نزديڪي – ويجهي ٽيڻ جي حالت. "ڪثرت آهي قرب ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِدغَام ۾ اِعراب" (شاھ). پيار – پريت – محبت. عزت جو برتاءُ – تعظيم – مانُ – مُهت.

– **قُرْبَائِتوْج قُرْبَائِتَا:** ذ. صفت. ظرف. قرب وارو. قرب ڏيندڙ – قرب ڪندڙ – پيار ڪندڙ – محبتي. پياروِ – محب.

– **قُرْبَتَ ج قُرْبَتُوْنْ:** ث. ويجهڙائي – نزديڪي. رشتو – قرابت. قرب – پيار – محبت.

– **قُرْبَدَارُ ج قُرْبَدَارَ:** ذ. صفت. قرب يامحبت سان پريل. پيار ڪندڙ – محبتي – پريمي – قربائتو – قرب وارو. پياروِ.

– **قُرب كاريْ ج قُرب كاريُوْنْ (ل):** ث. قرباري – اثرائتي محبت – پوري پوري مَحبت. "امينن سندو عشق سالم صحيح، ڪميٽن ڪرڻ قرب ڪاري غلط" (فاضل شاھ).

– **قُرْب كَپَڻُ:** ناتو ٽوڙڻ. ياري چنڻ.

– **قُرْبَ كَرِنْ:** پيار ڪرڻ. دوستي رکڻ. احسان ڪرڻ – مهرباني ڪرڻ – ٺورو ڪرڻ. محبت وندڻ.

– **قُرْبَنْ پَريوْ ج قُرْبَنْ پَريَا:** ذ. صفت. قربائتو – قرب وند.

– **قُرْب وَنْدُ ج قُرْب وِنْدَ:** ذ. صفت. قرب وارو – قربائتو. پياروِ محبت وارو.

– **قربِيَتَ:** ث. قرب – پيار – پريت – محبت.

• **قُرْبَانَ ج قُرْبَانَ:** ذ. حق جي راھ ۾ صدقي ٿيڻ واري حالت – گھور – ھلھار – فدا – نثار.

– **قُرْبَان ٿِيَنْ:** صدقي وڃڻ – نثار ٿيڻ – گھوري وڃڻ – ھلھار ٿيڻ.

– **قُرْبَان گَاھَ ج قُرْبَان گَاھُوْنْ:** ث. ذ. قرباني جي جاءِ ـ صدقي جي جاءِ ـ اڈي – مذبح – مقتل.

– **قُرْبَانُ وَجَنْ:** ڪنهن جي لاءِ پنهنجي حياتي ڏيڻ لاءِ تيار رھڻ – صدقو ٿيڻ. فدا ٿيڻ – جان نثار ڪرڻ.

– **قُرْبَانِيْ ج قُرْبَانِيُوْنْ:** ث. صدقو عيدالضحيٰ تي جانور جي قرباني نذرانو – پيٺا. خيرات – دان.

– **قُرْبَانِيْ كَرَنْ:** خدا جي راھ ۾ حلال جانور کي ذبح ڪرڻ – حلال ڪرڻ.

• **قُرْبَنْ:** مصدر. (ع. قرب) قرب ڪرڻ – قرب ڏيڻ. قرب ۾ قابو رکڻ – قُربي چڙڻ. "قربيس تو نہ قريب، ٿو ڏئين ڏوراپا ڏک جا" (راڄن شاھ).

• **قُرْصُ ج قُرْص:** ذ. (ع). گردو – گھيرو گول ڇڪي يا ٽڪي (دوا يا مٺائي وغيره جي). سج يا چند جي ٽڪي (ل – ق).

• **قُرْضُ ج قُرْض:** ذ. (ع. قرض = ڪترڻ) اوڌر – ڏِئٽو – اُڌار – لھٽو – ڪٽ. گھريل رقم.

– **قُرْضُ پِكُوْ ج قُرْضَ پِكا:** ذ. ٻين جو لھٽو. ڏيتي ليتي – اُڌار سُڌار.

– **قُرْضُ خَواھُ ج قُرْضُ خَواھَ:** ذ. صفت. قرض وٺندڙ – قرض گھرندڙ – لھٽيدار.

– **قُرْضَدَارُ ج قُرْضَدَارَ:** ذ. قرض ڪٽندڙ – تليدو – ڪٽتي – اُڌارو وٺندڙ – مقروض – قرضي.

– **قُرْضَدَاريْ ج قُرْضَدَاريُوْنْ:** ث. اوڌر – اُڌار – لھٽو – ڪٽ.

– **قُرْضُ ڏِيَنْ:** اُڌار ڏيڻ – ڪنڊو ڪٽائڻ.

– **قُرْضُ كَٽَنْ:** اُڌار وٺڻ.

– **قُرْضُ كَٽِيْ كَنْگَڻُ پائِنْ:** فضول خرچي ڪرڻ وَٽ ڪان ٻاھر ھلڻ.

– **قُرْضُ لاھِنْ:** اُڌار ڪنيل رقم واپس ڪرڻ.

– **قُرْضُ ۾ ڏَنْ:** تمام گھٽو قرض ڪٽڻ.

– **قُرْضُ ۾ وَھَنْ:** قرض لاھڻ لاءِ ڪم ڪرڻ. (اصطلاح) متاچرو ڪم ڪرڻ.

– **قُرْضُ وَڌُ مَرْضُ ھُٿُ:** قرض ڪٽڻ مان تمام گھٽو نقصان ھجڻ. قرض جي ڪٽتي جھڙي بي ڪابہ ڪٽتي نہ ھجڻ.

– **قُرْضِيْ ج قُرْضِيْ:** ذ. صفت. قرضدار – ڏيبو – تَليدو – ڪٽتي. ڪاٽيارو (اصطلاح) احسانمند – ممنون – شڪر گذار.

• **قِرْطَاسُ ج قِرْطَاس:** ذ. (ع). ڪاغذ – پنو.

– **قِرْطَاسُ ابْيَضْ:** ذ. اڇو ڪاغذ. ڪنهن خاص بيان جي پڌرائيءَ لاءِ جاري ڪيل ڪاغذ – پڌرنامو.

• **قُرْعُ ج قُرْعَا:** ذ. (ع). فال. ڪٽو – ڏاروَ – داٽو – ڇڪو – گردي – داءُ – گھوڙي. ڏاري جي اُڇل. ڏاري جي ڪيڏ – ڇڪي جي راند.

• **قَرْ قُلْ:** (ع قرنفل) خوشبوءَ دار وکر. خوشبوءِ "قر قُل، قوٽا، پارجا، عبير آندائون"

• **قِرْمِجْيْ ج قِرْمِجْيْ:** ذ. (ع. قِرْمِز = گاڙھي شيءِ) رنگ جو ھڪ قسم. واڱڻائي مائل گاڙھو رنگ – قرمو. ذ. صفت. گاڙھو – رنگدار – رتول. (ذ). جيت جو ھڪ قسم (جنهن مان گاڙھو رنگ نڪري).

• **قِرْمِزُ ج قِرْمِزَ:** ذ. (ع). رنگ جو ھڪ قسم – قرمزي – قرمچي. جيت جو ھڪ قسم (جنهن مان گاڙھو رنگ نڪري).

– **قِرْمِزِيْ ج قِرْمِزِيْ:** ذ. گاڙھو – رتول – گل انار – لال – قرمچي.

• **قَرَنُ ج قَرَنَ:** ذ. (ع). ستارن جو ميلاپ – سيارن جو سنجوڳ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هارهن. ٽيهه. اسي يا ۱۲۰ ورهين جو زمانو. ڏگهو وقت – مدت مديد – صديون. سگ. (جانورجو).

• **قَرْنَاءِ ج قَرْنَائِيُوْنْ:** ث. وجائڻ جو سڱ – سگڙي – قرنائي. شرنائي – شرناءِ

• **قرنا، قرنو:** گل جو قسم.

– **قَرْنَائِي ج قَرْنَائِيُوْنْ:** ث. وجائڻ جو سڱ – قرناءِ. شرناءِ.

– **قَرْنَايُوْ ج قَرْنَايَا:** ذ. صفت. قرنائي وڄائيندڙ – شرنائي وڄائيندڙ – شرنايو.

• **قَرْنَفَلُ ج قَرَنْفَل:** ذ. (ع). پسار جي سامان مان عرق ڪڍڻ لاءِ هڪ ٽاڻ – قرنڦل.

• **قَرْنَفُلُ:** ذ. قرنفل.

• **قَرْنُوْ ج قَرْنَا:** ذ. گل جو هڪ قسم.

• **قَرِيْبُ ج قَرِيْبَ:** ظرف. (ع. قَـرُبَ = ويجهو ٿيو). ويجهو – نزديڪ – اوري – اوڏو. اورانهون. ويجهڙو – پرسان – پر. (ذ – صفت). ويجهو مائٽ – عزيز – رشتيدار – مٽ – خويش – سڪو – سنگتي – يار ساٿي. پرين – سڄڻ – محبوب. "قُريبس تو نہ قريب، وريو ڏئن ڏوراپا ڏک جا" (راڄن شاهه). (ظرف). ڪَن – تخمينًا – انڪل – تقريباً – لڳ ڀڳ – ڏري گهٽ – ڏري ڏک.

– **قَرِيْبُ الْمَـرَگْ:** صفت. مرڻ کي ويجهو – سڪرات ۾.

– **قَرِيْبُ الْمَوْت:** صفت. مرڻ کي ويجهو – مرٽينگ – مرڻ ڳليءَ آخرين گهڙي.

– **قَرِيْبَائُوْ ج قَرِيْبَائَا:** ذ. صفت. عزيزجو – رشتيدارجو – مائٽ جو.

– **قَرِيْبِيْ:** صفت. ويجهائي – ويجهڙائي – نزديڪي – نزديڪائي. سڱڀائي – مائٽي – رشتيداري – عزازت. تعلق – نسبت.

• **قَرِيْنُوْ ج قَرِيْنَا:** ذ. (ع. قَرِيْنَهْ) هڪ شيءِ جي ٻيءَ شي سان پيوستگيءَ – الحاق. ٻنَ شين جي وچ ۾ ظاهري مناسبت مشابهت – هڪ جهڙائي – نسبت. شين جي رکڻ جي ٽاپ – طرز – انداز – روش – طور – طريقو. ريت – دستور – طرح – وضع. انتظام – قواعد – ضابطو. قاعدو – سرشتو – قانون – نيم. ويجهائي – نزديڪي (ل – ق). پيار – پريت – محبت (ل – ق). عزازت – قرابت (ل – پرمانند). وڙ – احسان – پلائي – ٽورو (ل – ق).

– **قَرِيْنِي ٻَڌُوْ:** ذ. صفت. ضابطي ۾ رکيل – قواعد ۾ ـ انتظامي – پورو – سنئون – سڌو – قاعدي ٻڌو – ٺهرايل – ڪٽتاتو – نيمائتو – باقاعدي.

• **قُرَيْشُ:** اسم خاص. (ع). عربستان جي هڪ مشهور ۽ عزت واري قبيلي جو نالو. هڪ قبيلي جو نالو.

– **قُرَيْشِيْ:** صفت. قريش قبيلي جو. (اسم خاص). هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **قُرَيْشِيْ هَاشِمِيْ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو (جنهن ۾ پيغمبرعليه السلام پيدا ٿيو).

• **قَرِيَه:** ذ. (ع). ڳوٺ – شهر – بستي.

• **قَرِيْي:** ظرف. قريي ۾ ـ ڳوٺ ۾ ـ شهر ۾.

• **قَـزَاقَ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. (اڪثر نواب شاهه ۽ حيدرآباد سنڌ ۾).

• **قَـزَاقُ ج قَـزَاقَ:** ذ. (ع. ترڪي). زبردست رهزن.

– **قَـزَاقِيْ ج قَـزَاقِيُوْنْ:** ث. غارتگري – رهزني.

– **قَـزَاقِيْ پَوَڙُ (ت):** ڏوهه پوڙ – الزام اڇڻ.

• **قزاڪَ ج قَـزَاڪُوْنْ (لس):** ث. (ع. قز + ڪجي سلڪ. پٽ). پٽ جي چادر – پٽ جي جهُل (اُٽ. گهوڙي واسطي). "هيٺ قزاڪون، متن پاڳون، رخ رکيائون راه". (گل محمد ڪاڇيلو). "اُن تي قزاڪون ڪارو ڇئي، سونهن ٻڌيءَ ڏاڳهن ڏول". (ڪارو ڪاڇيلو).

• **قَزْلْبَاشْ ج قَزْلْبَاشَ:** ذ. (قَزِل = ڳاڙهو + باش = متو). ڳاڙهي متي وارو سپاهي (شاهه اسماعيل پنهنجي فوج جي سپاهين کي ڳاڙهي توپي پارائي هئي). سپاهي لشڪري. (اسم خاص) هڪ قبيلي جو نالو.

• **قَسْطُ ج قَسْطَ:** ذ. (ع). بيداد – ظلم – انڌير. ڪاوڙ – جوش. جلهه – حملو. زور. (ع. قَحْطُ جو بگڙيل). مهانگائيءَ جو زمانو – قحط – ڏڪار – ڪال (ت). اولو وقت (ت).

– **قَسْطُ ڪَانْ (ت):** قحط ڪاٽڻ – تڪليفون ڏسڻ – قحط ۾ گذارڻ.

• **قِسْطَ ج قِسْطُوْنْ:** ث. (ع). پاڳو – حصو – ٽڪرو. حصن رستي ڏنل پيسا – حصن ۾ ڏنل رقم. محصول زمين – مال گذاري.

– **قِسْطَ بَنْدِيْ ج قِسْطَ بَنْدِيُوْنْ:** ث. قسطن پيارڻ جي مقرر ڪيل تاريخ.

– **قِسْطَوَارْ ج قِسْطَوَارَ:** ذ. صفت. مقرر ڪيل. قسطن ۾ ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهستي آهستي.

– **قِسْطُونْ ڪَري اَڇڻُ:** ساهيون ڪري اڇڻ.

• **قَسَرُ ج قَسَرَ:** ذ. (ع) سُهُنْ – دوهي – سؤڳنڊ – سؤگن – ويساهه. خدا جي نالي سان ڪيل عهد پيمان – حلف – ساک.

– **قَسَرُ ٽوڙڻُ:** عهد جي خلاف ڪم ڪرڻ – انجام پڄڻ – عهد شڪني ڪرڻ.

– **قَسَرُ ڪَڻا ج قَسَر ڪَڻا:** ذ. لکيل قسر – لکيل ساک. قسر تي ڏنل يا لکيل بيان.

• **قِسْرُ ج قِسْرَ:** ذ. (ع. قَسَرَ + هن ورهايو). ورهايل حصو – پاڳو. جنس – پانت – ذات. وجهه وڙ. نمونو – ڍنگ – طرز.

– **قِسْمينْ قِسْمينْ:** ظرف. نموني نموني – طرحين طرحين – پانت پانت – جنس جنس.

• **قِسْمَت ج قِسْمَتُونْ:** ث. (ع). ورهاست – ورهاڳو – تقسيم – وڊ – ورڇ. ورهاست جو حصو. حصو – بخرو – پاڳو. پاڪَ – نصيب – لکيو.

• **قِسْمَتْ جون مهارُونْ ڇِڪْجَنْ:** ڪنهن پاسي وڃڻ لاءِ ڇڪ ٽيڻ – داڻي پاڻي جي ڪشش ٽيڻ. مسافريءَ لاءِ تيار ٽيڻ.

• **قِسْمَت ساڻگي اَڇڻُ:** اتفاق سان اچڻ.

– **قِسْمَتَ ڪَلْڻُ:** پاڪ ڄاڻڻ – نصيبدار ٽيڻ.

– **قِسْمَتَ کي خِزانْ وَڻڻُ:** نصيب بگڙجڻ نيا ڳ لڳڻ. "آهي اهڙو اڇي آخر ۾ قسمت کي خزان ورتو. چمن جو سير ڪيو مون ٿي ته مرغانِ چمن بگڙيا" (سانگي).

– **قِسْمَتَ وارو ج قِسْمَتَ وارا:** صفت. خوش نصيب – اقبال وارو – بخت وارو.

• **قَسْتُو ج قَسْتا:** ذ. (ف). نراڙ تي نڪتل نشان – بندي – ٽڪو سينڊر جو.

• **قصّابُ ج قصّابَ:** ذ. صفت. (ع. قَصَبَ + ٽڪرنکي ڪپيندڙ) گوشت ڪپيندڙ. گوشت جو ڪم ڪندڙ – ڪوس ڪندڙ – ڪاسائي.

• **قِصَاصُ ج قِصاصَ:** ذ. (ع). جان جي عيوض جان ۽ خون جي عيوض خون – مقتول جي عيوض خون – مقتول جي عيوض قاتل جو خون – شرعي سزا. عيوض – بدلو – مڪافات. چٽي – ڏنڊ (ل – ق).

– **قِصاصُ وَڻڻُ:** خون جو عيوضو وڻڻ – بدلو وڻڻ – انتقام وڻڻ.

• **قَصّائِي:** ڪاسائي.

• **قَصَبو ج قَصَبا:** ذ. (ع. قَصْبَهْ) وڏو ڳوٺ – ننڍو شهر. (اسم خاص). تعلقي جو هيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَصَدُ ج قَصَدَ:** ذ. (ع). پڪو ارادو – عزم بالجزم – اٽل ارادو – پڪي منشا – مستقل ارادو. اقدام – پيش قدمي. نياپو – سنيهو – پيغام (ت).

– **قَصْدُ ڪَرڻُ:** ارادو ڪرڻ. منصوبو رڪڻ.

• **قَصْرَ ج قَصْرُونْ:** ث. (ع) عاليشان عمارت – محل – محلسراءِ ـ حويلي. بارگاهه. "ايڪ قصر" در لَکْ، ڪوڙين ڪٽس ڳڙڪيُونْ" (شاهه).

• **قِصْوْ ج قِصَا:** ذ. (ع. قِصّه > قصّ = هن بيان ڪيو). ڪهاڻي – ڳالهه – آڪاڻي – حڪايت – داستان – افسانو. بيان – ذڪر – تذڪرو.

– **قِصَا ڪُتَنْ:** ڳالهيون ڪرڻ – ڪهاڻيون ڪرڻ – گپ شپ هٽڻ – يٽ شٽ هٽڻ. اجائي بڪ بڪ ڪرڻ. بي مطلب ڍگهيون ڳالهيون ڪرڻ – مَوَر بڪڻ.

– **قِصْوْ ڪَرڻُ:** بيان ڪرڻ – آڪاڻي ڪٽڻ. (اصطلاح) بکيڙو ڪرڻ.

– **قِصْوْ ڪُوتاهَ:** ظرف. مطلب ته – الغرض – الحاصل – حاصل ڪلام – ٽونڪي ۾ ـ مختصر – ٽوري ۾ ـ آخرڪار – ٽوري ڳالهه – في الجمله. پوءِ ـ فقط. بس.

– **قِصْوْ وَڌائُنْ:** ڳالهه کي ڍگهو ڪرڻ – ڏيگهه ڏيڻ – ڳالهه انگهائڻ.

• **قُصُوْرُ ج قُصُوْرَ:** ذ. (ع. قَصَرَ) ڪمي – ڪوتاهي – گهٽتائي – ڪس. نقص – عيب – سقم. پُل – خطا – ڏوه ـ تقصير – گناه. چوڪ – غلطي – سَهَوَ. مت – پَرَم – پرانت. غفلت. (قُصُرُ جو جمع) ماڙيون محلات.

– **قُصُوْرُ وارُ ج قُصُوْرُ وارَ:** ذ. صفت. خطا وار – هڪ راڄڻيءَ سر جو نالو. (سڃل ص ۴۹).

• **قصِيْدُ ج قَصِيْدا:** ذ. قَصائد (ع قَصِيْدَه) شعر جو هڪ قسم – ڪنهن جي تعريف ۾ چيل هڪ سؤ ڪان وڌيڪ بيتن ۾ چيل شعر ساراهه ۽ واکاڻ وارو نظم.

• **قَضا ج قضائُونْ:** ث. (ع). امر الاهي – حڪم الاهي. مخلوق جي حق ۾ خدا تعالىٰ جو ڪيل حڪم. تڪميل – خاتمو – انجام – بجا آوري. پيدائش – تقدير – قسمت – لکيو – نماز جو ڇڏيل وقت. قضا ٿيل نماز. فتويٰ – فيصلو – نياءُ.

"سين آهين تون، قضا كندين كن سين" (شاهه). موت — كال، اوچتو واقعو — حادثو — اتفاق.

— **قَضا ٽِيَنْ:** فوت ٿيڻ — مري وڃڻ — گذرڻ. وري نه موٽڻ. نماز جو وقت تي ادا نه ڪرڻ. گسڻ. ناغو پوڻ.

— **قَضا جو فرشتو:** ذ. موت جو فرشتو — ملڪ الموت — عزرائيل.

— **قَضارا:** ظرف. اتفاقاً — اتفاقيه — اتفاق سان. اوچتو.

— **قَضا سانْ:** ظرف. قضارا.

— **قَضا قَضا نه ٽِيَنْ:** لکيو نه ترڻ.

— **قَضا ڪَرڻ:** شرعي حڪم بجا آڻڻ. پڙهيل نماز وري ٻئي دفعي پڙهڻ. فيصلو ڪرڻ.

— **قَضائي:** ظرف. قضا سان — قسمت سان — اتفاق سان — اتفاقي — اوچتو — عارضي — اپاڪ. ڪڌهن ڪڌهن.

— **قَضاءُ قدر:** ذ. الله تعالىٰ جا ڪل ڪائنات بابت لڳايل حڪم احڪام.

— **قَضائي:** ظرف. اتفاق سان. ڪڌهن ڪڌهن — ڪنهن مهل.

• **قُضات:** ذ. (ع). 'قاضي' جو جمع.

• **قَضِيو ج قَضِيا:** ذ. (ع. قَضِيَه) موت — اجل — مرڻو — وفات — انتقال. واقعو — واردات — جيڪي ٿي گذريو (ل — ق). معاملو — تڪرار — جهيڙو.

— **قَضِيو ٽِيَنْ:** موت ٿيڻ — انتقال ٿيڻ — وفات ٿيڻ.

• **قَطُ ج قَطَ:** ذ. (ع). قلم جي وڏيل ڇهنب. قلم جي نوڪ کي وڏل وڏ.

— **قَطَرَنْ ج قَطَرَنَ:** ذ. عاج. ڪاٺ يا لوهه جو ٽڪر (جنهن تي قلم رکي قط وهجي).

— **قَطُ وهَنْ:** قلم جي ڇهنب وڏڻ — قلم جو منهن ڪيڻ. ڪنهن ڳالهه جو خاتمو ڪرڻ. وهڻ — لڳ ڪرڻ. ڏنب وغيره جو نشان ڪرڻ. جاچي چڏڻ. پڏرو ڪرڻ.

• **قَطارُ:** مصدر. صف ۾ ڪرڻ — قطار ۾ بيهارڻ — لائيد ڪرڻ — سلسلي ۾ بيهارڻ. اُٿن کي گڏي ٻڌڻ — اُٿن جي قطار ٻڌڻ — ڪاهي هلڻ.

• **قَطارَ ج قَطارُونْ:** ث. (ع). گهٽ ۾ گهٽ ڏهن اُٿن جو سلسلو. صف — لائيد. سات — قافلو. هڪ ٻئي پٺيان سلسلي ۾ رکيل شيون. سلسلو — ترتيب.

— **قَطارَ ٻَڌڻ:** صف ٻڌڻ — لائيد ڪرڻ.

— **قَطارَ نَهَنْ:** صف ٺهڻ — هڪ ٻئي پويان برابريءَ ۾ بيهڻ.

— **قَطارَجَنْ:** مصدر. صف ٺاهي بيهڻ — هڪ ٻئي پويان بيهڻ.

— **قَطارِ هُنْ:** سلسلي ۾ هڻڻ. هڪ جهڙو هڻڻ.

• **قَطاعُ ج قَطاعَ:** ذ. صفت. (ع. قَطَعَ = ٽڪر ڪرڻ) قطع ڪندڙ — وڍيندڙ — اڏاڻ ڪندڙ (پرمانند).

• **قُطْبُ ج قُطْبَ:** ذ. (ع). جنڊ جو وچيون ڪلو (جنهن تي جنڊ جو مٿيون پڙ ڦري). علم جغرافيه موجب زمين جو اُترين ۽ ڏاڪڻ نقطو (جنهن جي وچ مان محور لنگهي ۽ جنهن جي مرڪز تي ڌرتي ڦري). زمين جي محور جي اتر يا ڏکڻ وارو پٽو (جو محور جي اٿر هيٺ هجي. اهي به پٽا آهن اُتر قطب ۽ ڏکڻ قطب). قوم جو سردار — سڀهه سالار. افضل ماڻهو (جنهن تي ڪم جو مدار هجي). ولي. غوث. رهبر — هادي — سونهون — پيشوا.

— **قُطْبُ تارو:** (اسر خاص) اُتر قطب مٿان بيٺل هڪ تارو — ڏُرو تارو.

— **قُطْبُ مُنارُ:** اسر خاص. دهليءَ ۾ قطب الدين بادشاهه جو ٺهرايل منارو.

— **قُطْبُ نُما ج قُطْبُ نُما:** ذ. قطب کي سڃاڻڻ جي اوزار جو نالو — قبلہ نما.

— **قُطْبِيْ ج قُطْبِيْ:** ذ. صفت. قطب جو — قطب وارو. قطب وٽ. مقناطيسي.

• **قُطْبُ شاهُ:** اسر خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَطْبُ كُنڍُ:** اسر خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَطَرُ:** ذ. ذرڙا ذرڙا. ٽُهن گڏيل داڻا "قطر چُٽيو ڪُڙهِ پرئين هول ڀجهندين هنجهه" (شاهه جو رسالو).

• **قَطَرچَنْ:** ڪنو ڪاڏو ڪائڻ. بدپيشو اختيار ڪرڻ.

• **قَطَرُ ج قَطَرَ:** ذ. (ع. قَطْر) گول جي هڪ پاسي کان نڪري مرڪز مان لنگهي ٻئي پاسي تائين وڃي گول جا پورا ٻه اڏ ڪندڙ ليڪ. (ذ. صفت). چوٽي وڪ وارو — تيز هلندڙ (لس). وسڪارو. ڪنارو.

• **قَطَرِ لَڳَنْ:** انيڪ ٽيڻ — گهٽو ٽيڻ — بي شمار ٽيڻ — بي انداز ٽيڻ — حد کان باهر لڳڻ (پرمانند).

• **قَطْرُ ج قَطْرا:** ذ. (ع. قَطَر + پاٽيءَ جو قڙو) — قڙو — قڙي — بوند — ٽيپو — ڳاڙو — ڇٻاڪو. ڦنگ. چندو. پاڻيٽ جو ڇڪو.

• **قَطَريا:** اسر خاص. تعلقي شهدادڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **قَطعَ:** ذ. (ع. اُن کپيو) کپڙ جي حالت – ڪٽ – ڪاٽ – وَڍ – ٽڪ – تراش. حصو – ٽڪرو – پاڳو – جزو. طور – طريق – وضع – ڍنگ – طرز – انداز – ڍول – روپ. شعر جو هڪ قسم.

– **قَطعاً:** ظرف. هرگز – اصل – بلڪل – ماڳهين.

– **قَطعُ بُرِيْدَ:** ث. وِڇڪ – ڪَچَ وِيْهَڻَ.

– **قَطعُ تَعْلُقُ كَرڻُ:** تعلقات ڇڏي ڏيڻ – ناتو ٽوڙڻ – وهنوار نہ رکڻ.

– **قَطعُ دائِرُو ج قَطعَ دائِرا:** ذ. گولي جو حصو – گول جو پاڳو.

– **قَطعُ كَرڻُ:** وِڍ – ڪَپڻُ – ڪَترڻ – ڪاٽڻ – الڳ ڪرڻ – چِنڻ – ٽوڙڻ. ننڍو ڪرڻ. پورو ڪرڻ – ڇيهه ڪرڻ. ختم ڪرڻ – پوري ڪرڻ (لاهه). نبيرڻ – فيصلو ڪرڻ.

– **قَطعِيْ ج قَطعِيْ:** ظرف. ضرور – شرطي. يقيني – آخرين – پڇاڙيءَ جو – انڊَم. پڪو.

• **قِطعِوْ ج قِطعا:** ذ. (ع. قطعه) ٽڪرو – حصو – پاڳ – بخرو. ملڪ جو حصو – خطو. ديار – ملڪ – ديس. ٽڪرو زمين جو. شعر جو هڪ قسم – ٻن مصرعن وارو شعر.

• **قَطِيْنُوْ ج قَطِيْنا:** ذ. (ع. قَطِيْفَهْ) ڪپڙي جو هڪ قسم. ريشمي ڪپڙو. مخمل – بخمل – اِيلس – ريشم.

– **قَطِيْنائِيْ:** صفت. مخملي – اَطلسي – ريشمي.

– **قَطِيْنِيْ ج قَطِيْفِيُوْنْ:** ث. عمدي ڪپڙي جو هڪ قسم – اطلس – بخمل (ل – ق).

• **قِطمِيْرُ:** اسر خاص. (ع). اصحاب ڪهف جي ڪتي جو نالو.

• **قَعبُ ج قَعبَ:** ذ. شش پهلو. ڪعب – ڳهن – ٽين سگهه. هڪ جيتري يا برابر ڊيگهه. ويڪر ۽ اوچائي واري ڇهه پاسي شيءِ (گاجرا).

• **قَعْدَهْ:** (ع). غار ۾ ويهڻ. غار ۾ ويهڻ واري حالت. قاعدو – قانون (گاجرا).

• **قَعُوْدُ:** ذ. هيٺ وهڪ – هيٺ وهڻي – بينڪ (پرمانند).

• **قَفَسُ ج قَفَسَ:** ذ. (ع.ف). پکين جو پيجرو – قيد – بند – بندش.

• **قُفْلُ ج قُفْلَ:** ذ. (ع). ڪرف – قلف – تالو – جندرو – تاڙي.

– **قُفْلُ هَٹَّنْ:** قلف هٽڻ – تالي ۾ رکڻ. بند ڪرڻ – بندي ڇڏڻ – پورڻ – قابو ڪرڻ. سانڍڻ – سانڍي رکڻ.

• **قُفْنَسُ ج قُفْنَسَ:** ذ. (يواني. مخفف: قُفْنُوسُ). هڪ خيالي ڳائڪندڙ پکي. "مڇن پاڻي ۾ پچي منجهه هوا، وهتن وڻ منا ڪري قفنس ڪارڻ باه". (گرهوڙي).

• **قُلْ:** امر. (ع). ڳالهه ڪر – چئو – ڳالهاءِ. (ذ). قُل هُو اللّٰه جو مخفف – قرآن شريف جي سورة اخلاص جو نالو.

– **قُل پڑهڻ:** قُل هُو اللّٰه (قرآن شريف جي سوره) پڙهڻ – سورة اخلاص پڙهڻ.

– **قُلابُ:** ذ. (ع). زنجير جي ڪڙي – ڪُنڊيو.

– **قُلابُو ج قُلابا:** ذ. (ع). قُلابُ.

– **قُلابا مِلائِنْ:** ٻن شين کي ڳنڍڻ – آرا ملائڻ. ڳالهه ٻاهي مبالغو ڪري ٻڌائڻ.

• **قَلاتُ:** اسر خاص. بلوچستان ملڪ جي رياست جو نالو – ماضي جي سپ کان وڏي رياست جو مکيه شهر.

• **قَلاشُ:** ذ. صفت. (ف). مفلس.

• **قَلبُ ج قُلُبَ:** صفت. (ع). (ذ). دل – هنيو – هردو. فوج جو وچون حصو. هر شيءِ جو وچ. پِتو – مغز – ڳپ. دماغ – عقل.

– **قَلبُ تانْ كُتْ لَهْنْ:** دل صاف ٽيڻ – من جي ميرائي لهڻ – اندر اجرو ٽيڻ. حقيقت حاصل ٽيڻ – اکيون روشن ٽيڻ. ٻيائيءَ جو ٻج پٽجڻ – سچو صوفي بنجڻ.

– **قَلبُ مِر كَجِ كُڏَنْ:** ڪوڙ سان دل هٽڻ.

– **قَلبِي ج قَلبِيْ:** ذ. صفت. قلب جو – قلب وارو – دلي. قرب وارو – حب وارو.

• **قُلْبانُ:** ظرف. (ع. قربان جو بگڙيل لفظ). ڏسو قربان.

• **قُلْبانُ وَڃڻُ:** قربان وڃڻ – صدقي وڃڻ – گهوري وڃڻ.

• **قِلتَ ج قِلتُوْنْ:** ث. (ع). گهٽتائي – ڪمي – ٽورائي – اڻ لپائي – ڪوٽ – ڪَميابي. دقت – مشڪل – دشواري.

• **قُلْزُمُ ج قُلْزُمَ:** ذ. (ع). سمنڊ (سمندر) کارو. عربستان ۽ مصر جي وچوارو سمنڊ – بحر قلزم – وڏو درياءُ.

• **قِلعُو ج قِلعا:** ذ. (ع). ڪوٽ – گَڍ – ڳڙهه. تمام وڏي ۽ اُتاهين. مضبوط. چوڦير ڦري ايندڙ ديوار (جنهن ۾ حاڪر ۽ شهر محفوظ رهي) – حصا. (اصطلاح) جنگ.

– **قِلعُو فَتح كَرڻُ:** تمام مشڪل ڪم ڪري ڏيکارڻ – ڏکن ڏاکڻن مان ٽپي پار ٽيڻ. ڪنهن زبردست شيءِ جو مقابلو ڪرڻ – ڏاڍي کي هيسائي هيٺو ڪرڻ – ڏاڍاين تڪليفن کان پوءِ ڪامياب ٽيڻ.

– **قِلعُو قَبُولُ كَرڻُ:** جنگ قبول ڪرڻ – پيش نہ پوڻ. "قلعو قبول نہ ڪن، سر نہ باسن سپرين" (راڄن شاهه).

- **قِلعيدَارُ ج قِلعيدَارَ:** ذ. صفت. قلعو سنياليندڙ. فوجي يا جنگي عملدار.
• **قَلَعِيْ:** ث. ڏاتوءَ جو هڪ قسم (جنهن جو استر ٽانوَن تي چاڙهجي).
- **قَلَعِيْ ڪَرَڻُ:** ٽانوَن کي قلعي جو پوچو ڏيڻ. ڪَس لاهڻ.
- **قَلَعِيْ ڪُوْلُ:** ڪنهن جو ڳجهه ظاهر ڪرڻ يا سچي حقيقت بيان ڪرڻ – انعال پڌرا ڪرڻ.
- **قَلَعِيْگرُ ج قَلَعِيْگَرَ:** ذ. صفت. قلعي جو ڪم ڪندڙ – ٽانوَن کي قلعي ڪندڙ.
• **قُلْفُ ج قُلَفُ:** ذ. (ع. قفل) تالو – جندرو – ڪلف – ڪرف.
• **قُلْفِيْ ج قُلْفِيُوْنُ:** ث. برف ۽ کير وغيره مان ٺهيل ٺڏي مٺائي جو هڪ قسم – ڪُلفي.
• **قَلَمُ ج قَلَمَ:** ذ. (ع). لکڻ لاءِ وڏيل، گهڙيل ڪانو. ڪِلْڪَ – ليکَڻِ ـ لکڻي: لوهي ڪلڪ – اسٽيل. لوندڙين وارا هيٺيان ڪٽ يا خط. لوندڙين وارا وار. پوکڻ لاءِ وڏيل ٽاريءَ جو ٽڪر. هڪ جي ٻئي وڻ ۾ لڳايل شاخ (جا ڦٽڻ بعد نئون وڻ تيار ڪري). حڪيمن جي اصطلاح ۾ ڪنهن جوهر جون ڪيميائي طريقي سان ٺاهيل تيليون. قاعدي جو دفعو – قانون جو صيغو. فرقو.
• **قَلَمُ تَازُ:** ذ. مُک لکت پوري ڪرڻ بعد هيٺان اضافي ٽڪرو – تَتْمِه خطُ.
– **قَلَمَ تَرَاشُ:** ذ. قلم گهڙڻ جو ڪپ – چاقو.
– **قَلَمَ تَرَاشُ:** قَلَم گهڙڻ.
– **قَلَمَجُ:** مصدر. قلمي ٽيڻ – لکجي وڃڻ. قلم قلم ٽيڻ (ڪنهن دوا جو). قلم جو لڳڻ (ڪنهن وڻ جي).
– **قَلَم جُوْ وهِيْ وَڃُ:** جو لکڻو هجي سو لکجي وڃڻ – قسمت جو فيصلو ٿي وڃڻ.
– **قَلَم جِيْ زُبَانَ جَلَڻُ:** درد پريو داستان لکڻ – وڏي مصيبت جو ذڪر لکڻ.
– **قَلَمَ جِيْ کَانِيْ:** ذ. قضا جو قلم.
– **قَلَمْدَانَ ج قَلَمْدَانَ:** ذ. صفت. قلم رکڻ جي جاءِ ـ ڪلڪ رکڻي. اسٽيل رکڻ جو خانو. مس قلم رکڻ لاءِ ٺهيل هڪ نندي پيتي. آڏاڻي جي هودي کي بند ڪرڻ ۾ گهٽڪن کي قابو جهلڻ لاءِ ڪاٺ جا فوت ڪن ڏڳها ٿي انج ويڪرا ٽڪرا.
– **قَلَمَ ڪَدِيْ ڇَڏَڻُ:** نہ ڪرڻ جو ٺهراءُ ڪرڻ – رواج بند ڪرڻ. انجام ڏيڻ.
– **قَلَمُ ڪَرَڻُ:** چانگڙ – چانٽڻ. وڏڻ – ڪپڻ – ڪاٽڻ قتل ڪرڻ – مارڻ – گهات ڪرڻ. پورو ڪرڻ.
– **قَلَمُ لَڳَائِڻُ:** ڪنهن ڏوهه سان قانون جو دفعو يا صيغو لڳائڻ. قلم هڻڻ.
– **قَلَمَنِ جِي قَدْمَن هِ پَاهَال ٿِيَڻُ:** اڪرن ۾ اڙڻ. لکيرجو فقير بنجڻ. ڪتابن جي تقليد ڪرڻ. علم جي باريڪين کان بي خبر رهڻ.
– **قَلَمَ وَهَڻُ:** قلم وهي وڃڻ – انگ لکجي وڃڻ. ڪم پورو ٿي وڃڻ.
– **قَلَمُ وَهِيْ وَڃُ:** حڪم ٿي وَڃُ – ٽيٽي ٿي وڃڻ.
– **قَلَمُ هَڻُ:** ٻوٽي جي سائي وڏيل ڪائي پوکڻ لاءِ زمين ۾ هڻڻ – قلم لڳائڻ.
– **قَـلَمِيْ ج قَـلَمِيْ:** صفت. هٿ جو لکيل – تحريري – نَوشْتَه – دستي. قلم ٽيل – وڏيل.
– **قَلَمِيْ پَاٽِيْ:** ذ. پاٽيءَ جي هڪ ڪيميائي حالت.
– **قَـلَمِيْ ڪَرَڻُ:** وڏڻ. وڻ رکي وڏڻ.
– **قَـلَمِيْ ڪَشَالُ:** ذ. لکڻ پڙهڻ جي تڪليف.
• **قَـلَمِيْ ج قَلَمِيُوْنُ:** ث. هيڙيءَ جو سڙهه. بيرق.
• **قَـلَمِيْ شُوْرُوْ:** ذ. (ع). پسارڪي وڪرجو هڪ قسم – صفا ٽيل شورو جو قلمن جي صورت ۾ هجي.
• **قَلَنْدَرُ ج قَلَنْدَرَ:** ذ. صفت. (ع). فقير. درويش – الهه لوڪ فقير. دنيا کي ترڪ ڏيندڙ مست فقير.
– **قَلَنْدَرُشَهْبَازُ:** اسر خاص. حضرت عثمان مروندي۽ جو لقب (جنهن جي درگاهه سيوهڻ ۾ آهي).
– **قَلَنْدَرِيْ ج قَلَنْدَرِيْ:** ذ. صفت. قلندر جو – قلندر وارو. قلندري اُصولَن تي هلندڙ. فقيرن جو هڪ فرقو.
• **قَلَنْدَرَانِيْ:** اسر خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **قَلَنْدَرِيُوْرُ:** اسر خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **قَلُوبُ ج قَلُوْبَ:** ذ. قَلْبَ جو جمع – دليون.
• **قَلَّهُ (ت):** ذ. خبر – چوري ٽيل شيءِ جي خبر – پتو – جاچ – وڻڳ.
• **قَلِيْ:** ذ. (ع. قَلَيَ = تئي ۾ ڪنهن شيءِ کي پُجڻ) هوڙ. پُڄل هوڙ – پُڄو.
• **قَلِيْ ج قَلِيُوْنُ:** ث. حقي جو هڪ قسم – نندو حُقو (پرمانند).
• **قُلِيْ ج قُلِيْ:** ذ. صفت. (ع). مزدور – مزور – حمال – غلام.
• **قَلِيانُ ج قَلِيانَ:** ذ. (ع). قليان – سر ڪليان. حقو.

• **قَلِيچ:** ث. (ترڪي) تراز – تلوار. (اسر خاص). مرزا قليچ بيگ جو تخلص.

• **قَلِيل:** صفت. (ع). ٿورو – گهٽ – قدري – ذرو. نندو – لاڏو – لاڙو – ڇوٽو. اڻ پورو. ڪوڙو. ڪچ – جزوي – ڇڏو – ورلي – ڇٽو – ڪي. "وحدت جي وادي ۾ ڪوڙئين ڪي قليل". خسيس – تُڇ. ڪُڏو – گهٽ قسر جو.

• **قَلِيلُ ج قَلِيا:** ذ. صفت. (ع. قَلِيّ > قَلِيَ + تئي ۾ ڪا شيء يُجهڙ) اُهاريل – تهڪايل. مصالح ڏنل (گوشت وغيره) (گاجرا).

• **قُمْ:** امر. (ع. قامَ جو امر) اُٺ. (اسر خاص). ايران جي هڪ شهر جو نالو.

– **قُمْ بِہِ إِذْنِي:** جملو اُٺي منهنجي حڪم سان.

– **قُمْ تِيَهْ:** اُٺي تيار ٿيڻ. "قم تي پهچ قريب کي، اِجلس تونہ جڳاءِ"

• **قِمارُ ج قِمارَ:** ذ. (ع). بازي يا شرط واري راند (جنهن ۾ رپين جي ڏي وٺ هجي) – جُوا جي راند – جُوا.

– **قِمارُباز ج قِمارَباز:** ذ. صفت. جُوا جي راند ڪندڙ – جُواري.

– **قِمارَخانُ ج قِمارَخانا:** ذ. جُوا راند ڪرڻ جي جاءِ ـ ٽڪريُ.

• **قَماش ج قَماش:** ذ. (ف). ريشمي ڪپڙو. گهر جو سامان – اَسباب.

• **قَمْبَرُ:** اسر خاص. لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ تعلقو ۽ شهر. دادو شهر ۾ هڪ ديهه جو نالو. ماڻهوءَ جو نالو.

• **قَمْبرانِي:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو – تعلقي ڊگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَمَرُ ج قَمَر:** ذ. (ع). چند (چَندر) ماه ـ ماهتاب – مَهه. "قمر پاڙي ڪيِ شمس سپرين سين" (شاهه ڪنيات).

– **قَمَرِي ج قَمَرِي:** ذ. صفت. چندِ وارو – چند جو – چندائٽو. چند سان واسطو رکندڙ "قمري مهينو. قمري سال وغيره" چند جي تاريخن جي ڳاڻيٽي وارا مهينا يا سال.

– **قمري اکر:** علر نحو موجب شفويه (چپن مان نڪرندڙ آواز) ۽ لهويه (تارونءَ تي زبان رکڻ سان نڪرندڙ آواز) ۽ حلقيه (نڙيءَ مان نڪرندڙ آواز) اکر.

• **قُمْرِي ج قُمْرِيُون:** ث. پکيءَ جو هڪ قسر (ڪبوتر يا پاريل جهڙو غريبَ ۽ نرم سياڻ، اکيون نمائيون، ٻولي مٺي، ڳچيءَ تي ڳانو يا پٽي وانگر ليڪو جنهن کي طوق چون).

• **قَمِيصَ ج قَمِيصُون:** ث. (ع). خميس. چولو – ڪرتو – پهراڻ. ٻانهن وارو ڊگهو چولو. وڏو ڪُرتو.

• **قَنَاتَ ج قَنَاتُون:** ث. (ع). پاسو – پَر. طنبوءَ جو هڪ پاسو طنبوءَ جي پٽ. طنبوءَ جو پردو (ل – ق).

• **قَنَاداتِي:** اسر خاص. تعلقي تندومحمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو

• **قِنَارُ ج قِنَارا:** ذ. ٽڪنڊو – ٽڪنڊيارو – ترڪُونْ – ٽڪورو – ٽپاس – ٽپاسو. گوشت ٽنگڻ لاءِ ٽي. ڪينارو – ڪميلو ڪوس – ڪوس گهر (پرمانند).

• **قَناصِرا (ت):** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو تعلقي ڪوٽ ڏيجي (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **قِنَاعِتَ ج قِنَاعِتُون:** ث. (ع). ٿوري تي راضي رهڻ واري حالت ڪفايت – ٿور خرچي – ٿور خرچائي – سانگ صرفو – صرفو.

• **قِنَاعت پِيشَہ:** ذ. صفت. ڪفايت جي ڏنڊي وارو – ڪِفايتي – قناعتي.

– **قِنَاعتَ جِي ڪمَر ٻَڌُ:** قناعت تي پڪائي سان قائم رهڻ – سڄي دل سان سانگ صرفو ڪرڻ.

– **قِنَاعِتِي ج قِنَاعِتِي:** ذ. صفت. ٿورو خرچ ڪندڙ – صرفو ڪندڙ – ڪفايتي.

• **قَناوِيزُ ج قَناوِيز:** ذ. (ترڪي). ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسر – بخارا ملڪ جي سِلڪ.

• **قَنْبَرَجاگِيرَ:** اسر خاص. تعلقي ڪَڪَڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَنْدُ:** ذ. (ع). ڪنڊ – شڪر. مصري. ڳڙ. نبات.

• **قُنْداقُ ج قُنْداق:** ذ. (ع). بندوق جو هڪ حصو – ڪُنْدو.

• **قَنْدَقَ:** ذ. (ف. بندق). پسارڪي وڪر جو هڪ قسر (بادامي جيڏا، مغزِ مغز جو تيل دوائن طور ڪر اچي).

• **قُنْدُوجُ قُنْدا:** ذ. (ع). بندوق جو هڪ حصو – قُنداقُ.

• **قَنْدِيلُ ج قَنْدِيل:** ذ. (ع). شمعن ٻارڻ لاءِ شيشي جي رنگين پيالن وارو شمعدان. فقيرن جو پيالو. ڪِشتو – ڪچڪول – ڪشڪول – زنْبِيلُ (ل – ق).

• **قَنْدَارُ:** اسر خاص. (سن. گَنْدار) افغانستان جي هڪ شهر ۽ علاقي جو نالو.

– **قَنْدَارِي ڏاڙهُون:** ذ. ڏاڙهون جو هڪ قسر. قندار جو ڏاڙهون (وڏو ۽ ڳاڙهن داڻن سان).

• **قَنْطَارُ ج قَنْطَار:** ذ. سِڪي جو هڪ قسر.

• **قَنْفُ:** ث. ڳهه جو هڪ قسر – ڪن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه (گول ۽ سنهيءَ چوٽيءَ سان ٽئي جنهن جو ڳڻ ڪَن جي ٽوپيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُرَ يا نسبيءَ مان لنگهي ٻيهي.

• **قَنُوطُ:** ث. (ع. قَنَطَ). ناميد – نراسل – مايوس.

- **قَنُوطِيُ ج قَنُوطِيُ:** ذ. صفت. ناميد – نراس.

- **قَنُوطِيَّت:** ث. ناميدي – مايوسي.

• **قَوَاعِدُ ج قَوَاعِدَ:** ذ. (ع). قاعدي جو جمع – قانون – قاعدا – سرشتا. ڪواز – فوج جي پريڊ.

- **قَواعِدُ ڪَرڻ:** فوج جو ورزش ڪرڻ – پريڊ ڪرڻ. ڪواز ڪرڻ.

• **قَوَّالُ ج قَوَّالُ:** ذ. صفت. (ع). قوالي ڳائيندڙ – راڳي – بزرگن جا قول ڳائيندڙ.

- **قَوَّالِيُ ج قَوَّالِيُون:** ث. ڳائڻ جو هڪ قسم. قوالن جو ڳائڻ. روحاني رمزن وارو راڳ.

• **قَوَامُ:** ذ. (ع). ڳهاڻي پاڻيٽ – لار ڪري وهندڙ پاڻيٽ – چاش – ڳهاڻي پَت.

• **قَوَانِيُن:** ذ. (ع). قانون جو جمع – قاعدا.

• **قُوتُ ج قُوتُ:** ذ. (ع). ڪاڄ – ڪاڏو – خوراڪ – طعام – غذا – خورش. چوڳ – چوگو. روزي – رزق – آذقو – توشو. گذران – ڪاڏو پيتو – هر ڪو ڳهوبي يا چوني جي ڳڻ پوڻ وارو سوراخ – ڪُوٽُ (ل).

• **قُوَّتَ ج قُوَّتُون:** ث. (ع). زور – ٻل – طاقت – سگهه – توفيق – مجال –تاب. وس – پهچ – وسعت – دسترسي. ڏاڍائي – مضبوطي – پختائي – پختگي – تقويت. ڏَڍِ – آڌار – آسرو – سهارو. دگو – اختياري – هلندي. شهزوري.

– **قُوتَ بَاهَ:** ث. شهوَت – مڙسي.

– **قُوتَ حَافظ:** ث. ياددائت جي طاقت – يادگيري جي طاقت.

– **قُوتَ جَاذِب:** ث. جذب ڪرڻ واري حالت. سڪائيندڙ قوت – چوسيندڙ قوت.

– **قُوَت جِسْمَانِيُ:** ث. بدني طاقت.

– **قُوَتِيُ ج قُوَتِيُ:** ذ. صفت. قوت وارو – مضبوط – جاڏو – جبرو – سگهارو – سگهائتو – سهر – زورائتو – زور پريو – قرارو – سٽاٽو.

• **قُوتِيُ:** پيتيءَ جو هڪ قسم – نندڙي ڪاڪ جي پيتي (جنهن ۾ افغانستان مان انگور اچن).

• **قُوذُج قُوذَ:** ذ. چولي جي ڳڇيءَ ۾ وڏل ڏاري پٽي جيڪا هيڻان ڳنڍي پرت پرچي).

• **قُورمو ج قُورمَا:** ذ. (ترڪي قورمه). طعام جو هڪ قسم – گهٽي گهه ۾ رڌل گوشت.

• **قَوسُ:** ث. (ع). ڪمان – ڏَنَڪ. گهيري جو ٽڪر. آسماني بُرج جو نالو.

• **قَوسِ قُزَح:** ث. مينهن ٻيهڻ تي آسمان تي اپرندڙ رنگا رنگي ڪمان – اندلڪ.

• **قَولُ ج قَولُ:** ذ. (ع. قَوْل = چوڻ). ٻول گفتو – مقولو. پهاڪو – انجام – وعدو – اقرار – اقرار نامو – قبوليت.

– **(آڻِ) قَولُ هَڪُ:** واهيات گفتگو ڪرڻ – گار گند ڪرڻ.

– **قَولُ جو سچو:** ذ. صفت. قول جو پورو – انجام جو پڪو.

– **قَولُ قَرَارُ:** ذ. عهدو پيمان – انجام اقرار.

– **قَولُ ڪَرڻُ:** انجام ڏيڻ – وعدو ڪرڻ – اقرار ڪرڻ – عهد ڪرڻ. پڪ ڏيڻ. اميد ڏيڻ – دلاسو ڏيڻ – آسرو ڏيڻ.

– **قَولنَامو ج قَولنَامَا:** ذ. انجام نامو – اقرار نامو – قبوليت نامو.

– **قَولُ وَنُ:** انجام وٺڻ – اقرار وٺڻ – عهد وٺڻ.

– **قَولُ وفِعلُ:** ذ. چوٽي ۽ ڪرٽي – چوڻ ۽ ڪرڻ – گفتن و ڪردن.

• **قَولَابُو ج قَولَابَا:** ذ. ٻيڙي ٻيهارڻ جو ڪُنڊو – فقيرنجي ڪڙي.

• **قَولَنج:** ذ. (ع). بيماريءَ جو هڪ قسم – آنڊي جي خرابي ڪري پيٽ ۾ پوندڙ سخت سُور. ساڳئي نصب ۽ ساڳي هولي ڳالهائيندڙ ماڻهو.

• **قَومَ ج قَومُون:** ث. (ع). ملڪ ۽ ساڳئي سياسي نظريي وارو ماڻهو. فرقو – جاتي. قبيلو. ماڻهن جو ٽولو – جماعت – جٿو – پاڻاري – ميڙ – سَٽ – ٽولي.

– **قَومَ پَرَسْت:** ذ. صفت. پنهنجي قوم جو خيرخواه ـ قوم جو مفاد خواهان – قوم جو پلو گهرندڙ. قوم جو طرفدار. قوم سان پيار ڪندڙ.

– **قَومِيُ ج قَومِيُ:** صفت. قوم جو.

– **قَومِيَّت:** ث. قومي اتحاد. قومي اتحاد وارو جذبو.

– **قَومِيُ تَرَانُ:** ذ. قومي گيت.

• **قَومِيچَارُ:** اسر خاص. تعلقي ڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَويُ ج قَويُ:** ذ. صفت. (ع). قوت وارو – طاقتور – پهلوان – سگهو – زورائتو – زور پريو – مضبوط – جاڏو – جبرو – قرارو – توانو – سٽاٽو – مستحڪم.

• **قَهَارُ ج قَهَارُ:** ذ. صفت. (ع. قهر) قهر ڪندڙ – غضب ڪندڙ. سخت غصو ڪندڙ. قهري. (اسم خاص). اللّٰه تعاليٰ جو هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفاتي نالو.

– **قَهَارِيْ:** ذ. صفت. قهر جو – سخت – ظلم جهڙو. ظلم ڪندڙ – ظلمي – ظالم.

• **قَهْرُ ج قَهَرَ:** ذ. (ع). غضب – ڏمر. زبردستي – زوري – ڏاڍ – ظلم – بيداد – انڌير – شامت – بدبختي – نياڳائي – برائي – چندائي.

– **قَهْرُ اِلاٰهِيْ:** ذ. خدا جو غضب. آسماني آفت.

– **قَهْرُ ٻارڻُ:** ظلم ڪرڻ – انڌير ڪرڻ. ظلم مڃائڻ. مصيبت پيدا ڪرڻ.

– **قَهْرُ ڪَرڻُ:** غضب ڪرڻ – بيداد ڪرڻ. زوري ڪرڻ – زبردستي ڪرڻ.

– **قَهْرِيْ ج قَهْرِيْ:** ذ. صفت. قهر جو – قهر وارو. قهر ڪندڙ – قهار – ظالم. زبردست (ڪنايةً). دل جي مصيبت پيدا ڪندڙ – حسين – سهڻو. معشوق (ل – ق).

– **قَهْرِيْ ڪَرُ چَڙهُ:** مصيبت جو وسڻ – گوندر جو گهيرو ٽيڻ – پهاڙ ڪنڊ تي اچي ڪرڻ – هزارن غمن ۾ گرفتار ٽيڻ – خوشيءَ جي ڪا اميد باقي نه رهڻ.

• **قَهْقَهُ ج قَهْقَهَا:** ز. (ع. قَهْقَهَ). ڏاڍيان ڪلڻ واري حالت – ٺهڪ. ڪل – مسخري.

• **قَهوَ (قَهْوَهُ):** ذ. (ف). بج جو هڪ قسم جو ڪاڙهي پيجي – ڪافي.

– **قَهوِي خَانُ ج قَهْوِي خَانَا:** ذ. ڪافي گهر. هوٽل.

• **قَهوِي دَانُ ج قَهوِي دَانَ:** ذ. ڪافي پيئڻ جو پيالو. ڪافي ڪاڙهڻ جو ٽانءُ.

• **قَهيري:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **قَيءُ:** ث. (ع). ڪاڏل ڪاڏو وري وات مان اُباڪيءَ سان ٻاهر اڇڻ – اُلٽي – ڪي – اُچل – اوڪ – اوڪارو – اوچارو – منهن خال. منهن چنڊ.

– **قَيْ اَچَڻ:** اُلٽي اڇڻ – اُچل اڇڻ – اوڪ اڇڻ. ڪراهت اڇڻ – نفرت ٽيڻ – بچان ٽيڻ.

• **قَيْ ڪَرڻُ:** اُلٽي ڪرڻ – اوڪارو ڪرڻ.

• **قَيَادَتُ ج قَيَادَتُوْنْ:** ث. (ع). رهبري – پيشوائي – اڳواڻي. صلاح مصلحت.

• **قَيَاسُ ج قَيَاسَ:** ذ. (ع). اندازو – ڪَتُ – تَڪ – تخمينو. ڪنهن ڳالهه جي وچار سان ڀي ڳالهه سان برابر ڪرڻ جي حالت. وچار جي طاقت. ڳٽت – انومان – انديشو – گمان. انسئو – هر تم – سوچ – وچار – خيال – غور – خوض – ڳٽتي. جاچ – ڏيان. دانست – جاڻ. را ـ صلاح – رٽ. ٻين لاءِ خيال – ساڃهه – لحاظ. مهرباني – مهر – پلائي – احسان. ٽورو – وَڻُ. رحم – ترس. علم نحو موجب دليل جي منطقي شڪل – قيافو.

– **قَيَاساً:** ظرف. قياس سان – قياس موجب – اندازي سارو – تڪ تي – اٽڪل سان – اٽڪل روءِ ـ ٽل تي – انوماني.

– **قَيَاسُ پَوڻُ:** رحم پوڻ – ٻاجهه پوڻ – هينئون ڪُرڪڻ – هڏ ڏکڻ.

– **قَيَاسُ ڪَاذِبْ:** ذ. ڪوڙو دليل – ڪوڙو سبب.

– **قَيَاسُ ڪَرڻُ:** انداز ڪرڻ – جانچڻ – انومان ڪرڻ – اٽڪل ڪرڻ. تورڻ – تڪڻ. رحم ڪرڻ – ٻاجهه ڪرڻ. ترس کائڻ.

– **قَيَاسِيْ ج قَيَاسِيْ:** ذ. صفت. قياس وارو – وچار وارو. مهربان – رحمدل – قياس وند – غير عملي – صاحب قياس. (ظرف) اندازي طور.

• **قَيَافُوْج قَيَافَا:** ذ. (ع. قِيافَه) شڪل ڏسي نياڻ سياڻ يا چگائي مدائي وغيره جي علامتن معلوم ڪرڻ جو علم. شگون – سَگُنُ – حال.

• **قَيَامَ:** ث. قيامت (جو مخفف). بيهڪ (نماز ۾) مصيبت – آفت – غضب (ظرف). پٽيءَ ـ مُور – ڪڏهن – هرگز – اصل – بلڪل.

– **قَيَامُ ڪَرڻُ:** مقام ڪرڻ – ترسڻ – ٽِڪاءُ ڪرڻ – بيهڪ ڪرڻ. اُٽڻ – ڪڙائي ڪرڻ.

• **قَيَامَتُ ج قَيَامَتُوْنْ:** ث. (ع). قائم ٽيڻ جي حالت – اُٽڻ جي حالت. بيهڻ جي حالت. (چاڪاڻ ته ماڻهو قيامت ڏينهن پيرن ۾ بيهي پنهنجي اعمالن جو حساب ڪتاب ڏيندا. مُردن جي اُٽڻ جو ڏينهن – روز محشر – قيام.

– **قَيَامَتُ اِجَنْ:** حساب ڪتاب جو ڏينهن اڇڻ.

– **قَيَامَتُ خِرَامْ:** صفت. ناز سان هلندڙ.

– **قَيَامَتُ لَائِي ڏِيَنْ:** (اصطلاح) حشر ٻارڻ. رڙ مٽان رڙ لائي ڏيڻ – ماڻ نه ڪرڻ.

– **قَيَامَتُ مَجَائِنْ:** ظلم ڪرڻ – ناحق ڪرڻ – بي انصافي ڪرڻ. رڙ مٽان رڙ لائي ڏيڻ.

• **قَيْدُ ج قَيْدَ:** ذ. (ع). بند – روڪ – بندش. بَڌُ. پَڪڙ – وٽ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهل – گرفت. گرفتاري. بند ڪرڻ جي جاءِ ـ جيل – ترمر (صفت). بند ٽيل – روڪيل – بنديل. بڌل. پڪڙيل – گرفتار. (ظرف). جيل ۾ ترنگ ۾.

– **قَيْدُ الْماءِ:** ذ. پاڻيءَ جو قيد (جتي داڻو پاڻي لڪيل هجي)

نصيب – قسمت – تقدير.

– **قَيْدُ خانو ج قَيْدَخانا:** ذ. بندي خانو – جيل خانو – زندان – جيل.

• **قَيْدُ ڪَرڻُ:** بند ڪرڻ ـ روڪڻ. جيل ۾ وجهڻ – زندان ۾ وجهڻ.

– **قَيْدِيُ ج قَيْدِيْ:** ذ. صفت. قيد ڪيل – باندي – جيلي – اسير – مُقَيَّدُ – گرفتار – پڪڙيل – جهليل. مجرم – ڏوهاري – سزا يافته.

• **قيراطُ:** ذ. (ع). وزن جو هڪ قسم. چئن جَوَن جي تور جو وزن – اڌ دانگ.

• **قَيْسُ:** اسم خاص. ليليٰ جو عاشق – مجنون (ل – ق).

• **قَيْصَرُ ج قَيْصَرَ:** ذ. (روم جو بادشاه (اغسطوس) بادشاهن جو بادشاه – شهنشاه. جانورن جو بادشاه (شينهن) – شير (ل – ق).

– **قَيْصَرُ هِنْدُ:** ذ. هندُستان جو شهنشاه (۱۸۷۷ع ۾ مهاراڻي وڪتوريا اهو لقب اختيار ڪيو هو جو انگريز جي دؤر ۾ ۱۹۴۷ع تائين هندُستان جي شهنشاه لاءِ ڪم ايندو هو).

• **قَيْصَرآبادُ:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَيْصَرانيُ:** اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **قيصر سنهڙو:** ذ. هڪ ٻوٽو. ٻج ڳاڙهي رنگ تي چٽرا داڻا. دوا جي ڪم اچي.

• **قَيْصَرِيُوْنَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۾).

• **قَيْصَرِ خانُ مَريُ:** اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَيْصَرِ راجَرُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَيْضُ ج قَيْضَ:** ذ. چير – ڦوٽ. گهٽتائي – ڪاڻ – عيب – وڏ – سقم ڪوتائي – خامي – خرابي.

– **قَيْضِيُ:** ذ. ڪوتو ريبو – خراب ريبو. (اسم خاص). تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قَيْطُوْنُ ج قَيْطُوْنَ:** ذ. ث. (ترڪي. قَيْطُوْنُ = ڏوري). ڪنهن ڪپڙي وغيره ڪي سونهن خاطر هٽڻ لاءِ زريءَ واري پٽي – مُقيس جي پٽي پرت پريل پٽي. پَامَڪَ – پانَڪَ – ڏوري – پٽي – ڦيٽ. ريشم جي پٽي – ربين – ڪناري – وَٽ ـ آنڊيُ.

• **قَيْفُ ج قَيْفَ > قَيْفُوْنُ:** ذ. ث. (ع). مخروطي شڪل جي لوهي ٽَن سان پيالي (جنهنجي وسيلي ڪنهن سوڙهي منهن واري ٽانءُ ۾ پاڻيٺ وجهجي) – ڪِمْي – ڪِيْفُ. دونهين جو نيڪال – بخارو – بخاري – چمني.

• **قِيْلُ** ذ. (ع). لفظ. ڳالهاءُ – گفتگو. ڳالهه – هولهه. مخفف قيل قال جو.

– **قِيْلُ مَقالُ:** ث. گفتگو. ڳالهه هولهه – بات چيت – ريجهه رهاڻ. رد ڪَدُ – بحث.

– **قِيْلُ وَقالُ:** ذ. ث. قيل مقال.

• **قَيْلَوْلا:** ذ. (ع. قَيْلُولَه): هن پهرن جي نند – منجهند جو آرام. نندڙي – ڏئونڪو – سوپو – سوپڙو – گهيرٽ – جهٽڪو.

• **قِيمَتُ ج قيمَتُوْنُ:** ث. (ع). مُلهه – بها – دام – نرخ – اگهه. مرتبو. قدر.

– **قِيْمَتِيْ ج قِيْمَتِيْ:** ذ. صفت. گهٽي قيمت وارو. ملهائتو – مهانگو. گران – چوڪمي مال (زيورات). قابل قدر. ناياب – بلڪل ڪمائتو. عمدو – نفيس – سهڻو.

• **قِيْمَتْ آبادُ:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **قِيْمُوْج قِيمَا:** ذ. (ع. قِيْمَهُ). ذرا ذرا ٽيل گوشت – ڪُتريل گوشت – سنهون ٽيل گوشت.

– **قِيْمَائِيْ ج قِيْمَائِيْ:** ذ. صفت. قيمو وڪڻندڙ.

– **قِيْمُوْكَرَڻُ:** ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ – ذرا ذرا ڪرڻ – تمام سنهو ڪرڻ. چٽڻُ.

• **قَيْنْچِي ج قَيْنْچِيُوْنُ:** ث. (ترڪي). ڪپڙو وغيره ڪترڻ جو مشهور اوزار – مقراض – ڪَتَر.

– **قَيْنْچِيءِ تي ناهِڻُ:** حجامن جي اصطلاح ۾ هينيان ڦٽي جهلي قينچيءَ سان وارن کي ڪترڻ.

• **قَيُّوْمُ:** ذ. صفت. (ع). قائم ڪندڙ – بربا ڪيل – ڪپايل – جمايل. ڪڙو ڪيل – اُپوڪيل – قائم. ٽاڪيل (ڪنهن عهدي تي ملازم يا ميمبر وغيره) – مقرر ڪيل. پڪو – پختو – ڏاڍو – مضبوط – قابو – سوگهو. اسم خاص. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪ

• **ڪ:** سنڌي الف، جو ٣٩، عربي جو ٢٢ ۽ فارسيءَ جو ٢٥ اکر – ابجد موجب سنڌس عدد ٢٠ (اُچار ڪاف).

• **ڪَ:** حرف جملو يا جئين "هي ڪَ هو" (علم نحو) چا "ڪو بلو پيٽي ڪبوئي ڪونہ ڪَ؟" (ث).

• **ڪ:** حرف جملو. "ڪي" جو مخفف – سوالي مصرع، جو جملو پورو ڪندڙ حرف يا – تہ جيئن "هوءَ ڪ هيءَ اچي". (صفت). ڪو – ڪجهہ. ڪينَ – چا. "ڪ ڪي ڪڙيا پيرڪ ڪڙيو ڪيج ڏٽين لاءِ" (شاهہ – آبري).

• **ڪُ:** ذ. صفت. گرامر ۾ هئي لفظ اڳيان لڳندڙ حرف. خراب – ڪنو – گندو – بيڄڙو – ردي. (جيئن "ڪُسَنگ" وغيره). بيمار – اَگهو – لگو – ناچگو. بي – ڪانسواءِ ـ ري – بنا. جيئن "ڪمهل، ڪپاٽ، ڪپتيو وغيره" (ضد. سُ = چگو).

– **ڪُڌَ:** ث. بي ادبي – گستاخي – بدتميزي – بدتهذيبي – بداخلاقي – بدڪرداري.

– **ڪُڌَ يا ڄ ڪُڌَ ياڻُون:** ث. بي ايماني – ڪُپت – ڏڳي – دولابَ – دغا – فريب – دوکو – دوکيبازي – تَرڪَٽ.

– **ڪُڀ:** ذ. اندر طرف ڏوڙ – ڪَٻ. گهُبَ.

– **ڪُڀ پوڙ:** گهب پوڙ – ٽانوَ ۾ اندر تي ڏوڙ پوڙ.

– **ڪُهائي:** ڪُب پوڙ واري حالت. پُڻيءَ ۾ ور واري حالت. ڏوڙ واري حالت.

– **ڪُهائي هلڻ:** ڪُهوئي هلڻ.

– **ڪُهو:** ذ. صفت. ڪهڙو ٽي هلندڙ (اسم خاص) قبو.

– **ڪُهَڙ:** ذ. هڪ قبيلي جو نالو.

– **ڪُهَڙ ڄ ڪُهَڙ:** ذ. صفت. بي طاقت – بي زورو – بي سگهو – نسَتو – ڪُسَتُ – هيڻو – ايرو – ضعيف – ناتوان.

– **ڪُهَنڊِي (ت):** ث. اجائي ڳالهہ. بدارادو – بدتميزي – بداخلاقي – بدتهذيبي – بدڪرداري.

– **ڪُهيلِي:** ذ. بي يارو مددگار. بيڄڻ افعالن وارو درست – ڪسنگي – بدافعال – ڪَرُ – خراب دوست.

– **ڪُهيلياڻِي ج ڪُهيلِياڻِيُون:** ث. جگي مددگار ڪانسواءِ ـ بي سهاري. "ڪهيلياڻي ڪيجَ ڏي حُجَ نہ هلائج".

– **ڪاباڙ:** ذ. ناريل يا ڪجيءَ جا باندورا جنهن مان واجهہ وڻجن.

– **ڪاباڙو:** ذ. جهيڙو ـ خلل.

– **ڪَبَرَ ج ڪَبرون:** ث. [ع. قَبَرہ] پکي جو قسر. گهرو پکي گهرجي جارن ڦوڙن ۾ ٻچا ڪري وڏو هوليندڙ پکي.

– **ڪَبرو:** ذ. صفت. ڍڳي جو رنگ.

– **ڪُپ ج ڪُپ:** ذ. صفت. نياڳ يا بدبختي آڻيندڙ شيءِ. دُک – مصيبت – شامت.

– **ڪُتَوُ ج ڪُتَوَ:** ذ. خراب تڙ واري جاءِ ـ گندوگهيڙ – خراب تڙ.

– **ڪُپاتِرُ ج ڪُپاتِرَ:** ذ. صفت. نالائق – ڪُپاٽ – نااهل (اولاد). بي اعتبار – بي ويساهو – ڪپتيو – لوبي – لالچي. ارڏو – شرير – ڏنگو.

– **ڪُپاٽ ج ڪُپاٽ:** ذ. صفت. بدخصلت – نا صالح – ڪريل – نالائق – ڪَپوتُ – نااهل (اولاد). ڏسو ڪُپاتِرُ.

– **ڪُپارُ ج ڪُپارَ (ت):** ذ. صفت. بي وفا.

– **ڪُپاس (ت):** ث. بي لحاظ ـ بي مُروّت.

– **ڪُپُتَ ج ڪُپُتَ:** ذ. صفت. خراب لڇڻ وارو پٽ – ڪُپوتُ – ڪَپوتُ – نالائق – بگڙيل – ڪريل – ناسالم (پٽ). بي ڏنگو – بدفضيلتو – اڏنگو – بدتميز.

– **ڪُپَڻِي ج ڪُپَڻِي:** ذ. صفت. دولابي – فريبي. دغاباز – ڏڳ.

– **ڪُپَت ج ڪُپَتُون:** ث. خراب پت – ڏڳي – دولاب – فريبُ – خيانت.

– **ڪُپَتِيو ج ڪُپَتِيا:** ث. صفت. خراب پت وارو – خيانتي – بي ويساهو – بي اعتبارُ – بي پتيو.

– **ڪُپجو ج ڪُپجا:** ذ. صفت. ڪنو يا بيڄڙو ماڻهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪُپَچ:** جمڙيءَ جو اهڙو ٽپَ جيڪو نہ ڇُٽي (پچ مان ڦري ڪپچ ٿيندو).
– **ڪُپَر ج ڪُپَرُونْ:** ث. اڻنگي هلت – اجائي پَر ـ خراب رسم – بي دستوري – ڪُريت ـ غلط رستو. ناحق – ظلَم – مصيبت (ل).
– **ڪُپوتيُ ج ڪُپوتيُونْ:** ث. بگاڙ – خرابي.
– **ڪُپُوتُ ج ڪُپُوتَ:** ذ. صفت. نا صالح پٽ – نا خلف – نياڳو – بدنصيب – بي فرمان – ڪُپَت. (ضد. سَپُوتُ).
– **ڪُهُرَ ج ڪُهُرَڪُونْ:** ث. صفت. ردي يا خراب پورک.
– **ڪُهِيڙُ ج ڪُهِيڑَ:** ذ. صفت. ڪُپيرو – بدبخت – چندو – ڪلچٽو – اڻنگو – بي راهه.
– **ڪُهِيڑائيُ ج ڪُهِيڑائِيُونْ:** ث. بدنصيبي – بدبختي – چنڊائي.
– **ڪُپيرو ج ڪُپيرا:** ذ. صفت. بدنصيب – نياڳو – بدبخت – چندو – ڪلچٽو – بي راهه – اڻنگو. شوم.
– **ڪُپيريُ ج ڪُپيريُونْ ث.** اها وات جنهن ۾ پير ڏکن "ڪپيريءَ ۾ پيرَ ڪَني پاتو پيرئين" (شاهه). ث. صفت. خراب چال واري عورت – ڪلچٽي – ٻاهر پيري. بيراهي – گمراهي – غلطي.
– **ڪُپيريوُ ج ڪُپيريا:** ذ. صفت. ڪُپير – بي راهو.
– **ڪجات ج ڪُجاتُونْ:** ث. صفت. ڪمَ ذات – گهٽ ذات.
– **ڪُجاتيوُ ج ڪُجاتيا:** ذ. گهٽ ذات وارو.
– **ڪُجُتُ ج ڪُجُتَ:** ذ. صفت. بدنيت – بُري طبع وارو ماڻهو – کوٽو – تنگ دل – ڏنگو. بيڪار.
– **ڪُجَتُ ج ڪُجَتَ:** ذ. صفت. بيوقوف (انسان) – ڪمَ ذهن – بي عقل – مورک – مت هيڻ – ڳهيلو – مٽي ڦريل. نؤڏُ. بدشڪل – قبيح. گندو – ميرو – غليظ.
– **ڪُجُسو ج ڪُجُسا:** ذ. صفت. (ڪُ + جَس = چگي جس نہ) ڪلچٽو – اڻنگو.
– **ڪُجُسائيُ ج ڪُجُسائِيُونْ:** ث. ڪلچٽائي – اڻنگائي.
– **ڪُجَڪُو ج ڪُجَڪا:** ذ. صفت. اڻ جاول (ڪير).
– **ڪُجَتُ ج ڪُجَتَ:** ذ. صفت. ڪُجتُ.
– **ڪُجهوُ:** ذ. اڙانگو پيچرو – اوجهڙ. ڪُواتَ.
– **ڪُجَالَ ج ڪُجَالُونْ:** ث. بدچال – اڻنگي روش.
– **ڪُجَرُ ج ڪُجَرَ:** ذ. صفت. گهٽ چَرندڙ – ڏجر. بي همت.
– **ڪُجَنُ ج ڪُجَنْ:** ذ. صفت. خراب چَن – خراب جاءِ. "چن نہ ڇڇي هيٺ. ڪُچَن آهيان ڪوٽ ۾" (شاهه).
– **ڪُڏَاتُورو ج ڪُڏَاتُورَا:** ذ. صفت. (ڪ = خراب + تور + بنياد). خراب بڻ وارو – بي بنيادو – بدبنياد – بي بٽو. ڪلچٽو – اڻنگو – بدڪردار – بي ارڪانو. بي چيو – نٽر. (ضد. سُڏا تورو).
– **ڪُڏُنْ ج ڪُڏَنْ:** ذ. صفت. خراب ڏڻ. ڳڏهن جو ڏڻ.
– **ڪُڏُولُ ج ڪُڏُولَ:** ذ. صفت. خراب ڍول – بدشڪل – بدزيب – بدصورت – (ضد. سُڏول).
– **ڪُڏُولو ج ڪُڏُوْلا:** ذ. صفت. بي ڍولو – بدشڪل – قبيح – ڍل مول – دوڙ موڙ – ڪجت. اڻنگو – بي ڍنگو.
– **ڪُڏَهائيُ ج ڪُڏَهائِيُونْ:** ث. (ڪُ + ڏَهُ + نمونو) بدشڪلي – بدزيبي – بي ڍولائي. بدفضيلتائي. بي ادبي – ڪلچٽائي. بدتدبيري (ت).
– **ڪُڏَهو ج ڪُڏَها:** ذ. صفت. بي ڍَولو – دوڙ موڙ – بدزيبو – بدشڪل – بدصورت – ڪجت. اڻنگو. بي فضيلتو – بي ادب – ڪلچٽو.
– **ڪُڏَهائيُ ج ڪُڏَهائِيُونْ:** ث. ڪڏهائي.
– **ڪُڏَهو ج ڪُڏَها:** ث. ڪُڏَهو.
– **ڪُڏَنگائيُ ج ڪُڏَنگائِيُونْ:** ث. اڻنگائي – ڪڏائي.
– **ڪُڏَنگو ج ڪُڏَنگا:** ذ. صفت. اڻنگو – ڪلچٽو – بدتميز.
– **ڪُذَاتُ ج ڪُذَاتِيُونْ:** ث. ڪميٽائي – ڪڏائي – اوچائي – پسورائي – بچڙائي. گهٽ ذات – نيچ – ڪمينو – ڪذاتيو.
– **ڪُذَاتيو ج ڪُذَاتيَا:** ذ. صفت. گهٽ ذات – ڪين جهڙو – اوچو – ڪمَ ذات – ڪميٽو – ڪڏو.
– **ڪُرَاهَ ج ڪُرَاهُونْ:** ث. اوجهڙ – خراب رستو – ڏنگي وات.
– **ڪُرَسُو ج ڪُرَسَا:** ذ. صفت. (سن. ڪُ = خراب + رَسُ = سَوادُ). بي سواد – بي لطف – بي ذائقو – ڦڪو. اڻ سجلاڻتو – اڻاڻو – بي شعور. بي مانو – بدنام – بدنامي جهڙو. (اها شيءِ يا ڳالهه) جنهن ۾ ڪجهه ٽورو تجلو. سونهن يا چگي نالي ڪيڏ واري خوبي هجي.
– **ڪُرسيُ ج ڪُرسِيُونْ:** ث. صفت. بدسلوڪي ـ اٽبٽ ـ رسامو – معاملو. بدنامي – خواري – ڦڪَت.
– **ڪُرسِي ج ڪُرسِيُون:** ث. تخت. سرداري واري جاءِ ـ ويهڻ لاءِ چئن ٽنگن ۽ پٺيءَ جي ٽيڪ سان ڪاٺ يا لوهه وغيره مان ٺهيل ويهڪ.
– **ڪُرنگُ ج ڪُرنگ:** صفت: خراب رنگ
– **ڪُروپُ ج ڪُروپَ:** ذ. صفت. بدشڪل – ڪوجهو – ڍول –

بدصورتي – بدزيبائي.

– **ڪُروپِي ج ڪُروپِيُ:** ذ. صفت. بدشڪل – ڪوجهو – بدصورت – بدزيبو.

– **ڪُريٽ ج ڪُريٽُونْ:** ث. نامناسب چال – اڍنگي ريت – ڪُپر ـ اڍنگو طريقو – نامناسب دستور. بي وفائي.

– **ڪُريٽ ڪَرڻُ:** خراب رسم يا روش ڪرڻ.

– **ڪُرَيْتَو ج ڪُرَيْتَا:** ذ. صفت. خراب ريت وارو – ناجائز طريقي وارو – اجائي طرح. بي ڪِرو – ڪاتورو. ڪلهڻو – اڍنگو – بي فضيلتو.

– **ڪُساڪُ ج ڪُساڪَ:** ذ. صفت. ڪوڙو – قسمي – ڪوڙيون ساڪون ڏيندڙ.

– **ڪُساڪُ ج ڪُساڪُونْ:** ث. ڪوڙو قسم – ڪوڙي ساڪ.

– **ڪُساڪ ڪَرڻُ:** ڪوڙ ڪرڻ.

– **ڪُساڪِ ج ڪُساڪا:** ذ. صفت. ڪُساڪو. ڪوڙي ساڪ ڏيندڙ – قسمي ڪوڙو.

– **ڪُسَتُ ج ڪُسَتَ:** ذ. بي طاقت – بي زور – نست – بي پهج. ڪوڙ.

– **ڪُسَجهُ ج ڪُسَجهَ:** ذ. سهولت کان سواءِ ـ بنا وجهه.

– **ڪُسَجهِي ج ڪُسَجهِيُ:** ث. بي سهولتي – بي وجهي.

– **ڪُسَرُ ج ڪُسَرَ:** ذ. صفت. خراب سَرُ – گندو تلاءُ – خراب پاڻيءَ جي ڏنڊ. (اسم) هڪ ٻُوڙي جو نالو – ڪوڙو سَرُ.

– **ڪُسَرُو ج ڪُسَرا (ڪ):** ذ. صفت. بي سُرو – بي تارو.

– **ڪُسَنْگُ ج ڪُسَنْگَ:** ذ. صفت. خراب صحبت – بري سنگت – بچڙن جو ميل ملاپ.

– **ڪُسَنْگِي ج ڪُسَنْگِيُ:** ذ. صفت. خراب سنگت وارو – بري صحبت وارو. ڪريل.

– **ڪُسولتِي (ڪ):** ذ. بدصورت. ڪشاهيگ.

– **ڪُسُهَاتو (ٿ):** ذ. اڻ وٽندڙ.

– **ڪُشاهِيگُ ج ڪُشاهِيگَ:** ذ. صفت. (ڪ + خراب + شاهيگ = سهڻو). بدشڪل – بدصورت.

– **ڪُشَرا ج ڪُشَرائُونْ >ڪُشرايُونْ:** [ڪُ + شرع = ناانصاف] ث. غلط فيصلو. ناانصافي – بي انصافي.

– **ڪُشَرايُونْ ڪَرڻُ:** ناانصافيون ڪرڻ.

– **ڪُشرعِيُ ج ڪُشرعِيُونْ:** ث. بي انصافي – خراب هلت.

– **ڪُشرِيُ (ڪ):** ث. خراب فيصلو – بي انصافي – ڪُنِياءُ.

– **ڪُڪَرَمُ ج ڪُڪَرَمَ:** ذ. صفت. (ڪ = خراب + ڪرم = ڪم). ظلم – ناحق. گناهه – ڏوهه.

– **ڪُڪَرَمِي ج ڪُڪَرَمِيُ:** ذ. صفت. خراب ڪم ڪندڙ – شرير. بدڪار. ظالم.

– **ڪُڪاجُ ج ڪُڪاجَ:** ذ. صفت. نه ڪائڻ جهڙو ڪاڏو.

– **ڪُگهَرِيُ (ٿ):** ث. گهٽ گهر مان آندل – نيچ گهرجي.

– **ڪُلاءِ (ڪ):** ظرف. ڇا لاءِ ـ ڇاجي لاءِ.

– **ڪُلَهَنُ ج ڪُلَهَنَ:** ذ. خراب لَڇڻ – بدعادتون – خراب چال – اوگڻ – بدڪرداري – بدتهذيبي.

– **ڪُلَهِڻُو ج ڪُلَهِڻا:** ذ. صفت. بد اطوار – بدڪردار – بداخلاق – بي لَڇڻو – بدعادت.

– **ڪُلَڪُنُ ج ڪُلَڪُنَ:** ڪلهڻ – بدعادت – اوگڻ – خراب لڇڻ.

– **ڪُمَتِ ج ڪُمَتُونْ:** ث. (ڪ = خراب + مت = سمجهه) اجايو خيال – وهَمُ. اياڻپ – بي عقلي – بي وقوفي – حماقت – چريائي – مورڪائي. خراب صلاح – ڪنِي نصيحت.

– **ڪُمتِيُ ج ڪُمَتِيَ:** ذ. صفت. اجاين خيالن وارو – بدنيت. خراب نصيحت ڪندڙ – ڪاريندڙ. دشمن – نقصانڪار.

– **ڪُمُنْدائِتُو ج ڪُمُنْدائِتا:** ذ. صفت. بي مندائتو – بنا موسم جي – موسم ڪانسواءِ ـ بي موقعي – بي مهل – ڪُمهلو.

– **ڪُمُنْدُو ج ڪُمُنْدا:** ذ. صفت. بي مُندو – بي مهلو – ڪُمهلو – بي موقعي – اڻ مُندو – موسم ڪانسواءِ.

– **ڪُماڙهُو ج ڪُماڙهُو:** ذ. صفت. ڪُماڻهو – ماڻهپي کان ٻاهر. بي لڇڻو.

– **ڪُماڻهو ج ڪُماڻهُ:** ذ. ماڻهپي کان ٻاهر. بي لڇڻو.

– **ڪُمهَرِيُ ج ڪُمهَرِيُونْ:** ث. مهر ڪانسواءِ. ڪاوڙ – رنج. تڪليف – ڏک – ڏاڪڙو. وَقت سر ڪيرَ نه ڏيندڙ مال (ڪ). (ضد. سُمَهَرِيُ).

– **ڪُمَهْلُو ج ڪُمَهْلا:** ظرف. بي وقتو – بي مهلو – ڪويلو – ڏيرائو – اويلو. بي موسمو. بي موقعي. مهل نه ڪندڙ – ڪم نه ڪندڙ.

– **ڪُمَهْلائِيُ ج ڪُمَهْلائِيُونْ:** ث. ڪويلائي – بي وقتائي. بي موسمي.

– **ڪُنِياءُ ج ڪُنِياءَ:** ذ. بي انصافي – ظلم – بيداد – ناحق. ستم – ڪلُورُ.

– **ڪُنِيائِيُ ج ڪُنِيائِيُونْ:** ث. بي انصافي – ظلم – ڪُنِياءُ. (ذ. صفت). بي انصاف – ظالم – ستمگر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **كُنِيَتَ ج كُنِيَتُونْ:** ث. بچڑائي – بدفعلي – لاڳ چوٽائي – بدڪرداري – بدخيالي – غلطفهمي. بي ترتيبي – اڻ ريت – بي ضابطگي. ناغو – وٿي. ساهي.

– **كُنِيَتُوْ ج كُنِيَتا:** ذ. صفت. ڏُراچاري – ڪلڇٽو – بداخلاق – بدڪردار – بچڑو. بي ڪاٽو – ڪنيمو. اڻ ڪٽيو – وقت تي غيرحاضر.

– **كُنِيْرُ ج كُنِيْرَ:** ذ. صفت. نالائق (ت).

– **كُنِيْمُوْ ج كُنِيْما:** ذ.صفت. بي ڪاٽو – وقت تي غير حاضر – اڻ ڪٽيو – بي ترتيب – بي ضابطگي – بي قاعدي – بي اُصول. بي ڏؤلُ.

– **كُوَرَائِيْ ج كُوَرَائِيُوْنْ:** بي وڙائي – بي شرمائي – بي حيائي – نالائقي.

– **كُوَرُوْ ج كُوَرَا:** ذ. صفت. بي وڙو – اڻ سهائيندو – ناشائستو – خراب طبيعت وارو – بي مروّت – بي لحاظو – بي مَرم – بي حَيا. نالائق. عيبدار.

– **كُوَرِّيْ ج كُوَرِّيُوْنْ:** ث. صفت. گهٽ وڙن واري – نالائق. ڪميني – بدافعال – نااهلُ. چگي وڙ واري نہ – بد بنياد واري. بد.

– **كُوَقْتُوْ ج كُوَقْتا:** ظرف. ڪويلو – ڪُمهلو – بي وقتو – اويلو – چرڪو – بي مهلو. بي موسمو – ري مندو.

– **كُوَلُ ج كُوَلَ:** ذ. صفت. موڳو – موڙهل – مورڪ – نؤڏُ. بي ڏؤلو – بدصورت. بدلڇڻ.

– **كُوَٽِ ج كُوَٽِتُوْنْ:** ث. اٽبٽ – ڦيٽاڙو – ڏاهاڳ.

– **كُوِيجَ ج كُوِيجَ:** ذ. صفت. (ڪ = خراب + (سن) وئيدم = حڪيم) نيم طبيب – نادان حڪيم – اڻ ڄاڻ علاج ڪندڙ.

– **كُوِيرَ ج كُوِيرُوْنْ:** اوير – دير – ڪُويل – ڪُمَهل.

– **كُوِيرو ج كُوِيرا:** ظرف. ڪمهلو – ڪُويلو – اويرو – چرڪو.

– **كُوِيسَاهُ ج كُوِيسَاهَ:** ذ. صفت. بد ويساهه وارو – بي ايمان.

– **كُوِيلَ ج كُوِيلَـُوْنْ:** ظرف. ڪُويرَ – ڪُمَهلَ – دير ـ اوير ـ بي وقت. خراب وقت – ڪني مهل – نياڳو وقت.

– **كُوِيلائِيْ ج كُوِيلائِيُوْنْ:** ظرف. – ڪمهلائي – بي وقتي.

– **كُوِيلو ج كُوِيلا:** ذ. ظرف. بي مهلو – چرڪو – اويلو – بي وقتو – ڪُمَهلو.

• **گا:** ث. ضمير. "ڪو" ضمير جو مؤنث – ڪهڙي – ڪير.

– **گاءِ:** ث. ڪهڙي ءِ – ڪيرءِ.

– **گا پَرواهَ نہ هُجَنْ:** ڪاءِ ڳڻتي نہ هئڻ – ڪاءِ چنتا نہ هجڻ – بي خوفائي هئڻ – بي اُدڪائي هجڻ.

• **گابُلَ:** اسم خاص. هڪ شهر جو نالو – افغانستان جي گاديءَ جو هنڌ.

– **گابُولِيْ:** ذ. ڪابل جو – ڪابل سان تعلق رکندڙ. ٻهر جي وڻ جو هڪ قسم. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۾).

– **گابولي ٻَهْرَ ج گابولي ٻَهْرَ (ت):** ذ. ٻهر جو هڪ قسم – سڏو سنئون ٻهر – ديلياري (ل).

– **گابُولِيْ ڪِكِرُ ج گابولِيْ ڪِكِرَ:** ذ. ڪابولي ٻَهرُ – ديلياري (ل).

– **گابُولِيْ هَرِيْڙَ ج گابُولِيْ هَرِيْڙُوْنْ:** ث. پساركي وڪر جو هڪ قسم – وڏي هَرِيْڙَ.

• **گابِيْنُ:** ذ. (ع). مرّس جي زال کي نڪاح وقت ڏنل رقم – حق مهر – استري ڏَنُ – ڪابينو.

• **گابِيْنو ج گابِيْنا:** ذ. ڪابِيْنُ – حق مهر. (انگ. Cabinet) بااختيار فيصلي ڪندڙ انجمن – حڪومت جو بااختيار ادارو.

• **گاپ ج گاپُوْنْ (ت):** ث. اٽڪل – تجويز – رٽ.

• **گاپَارَ:** ث. واجهن ٺهڻ جي ڪم ايندڙ ناريلَ جون تندون – ڪاپارو – ڪاپارُ. سامان – ساڄ – شيءِ شَڪل. اوزارُ – آلات.

• **گاپَارَ ج گاپَارَ:** ذ. ڪجي يا ناريل جي تَندن مان ٺهيل واجهه – وڏو ٽلهو نوڙ.

• **گاپَاروج گاپَارا:** ذ. ڪجي يا ناريل جو ڇارو. جنهن مان وڏا واجهه ءِ نوڙ ٺهن – ڪاپارُ. جابلو جانور جو هڪ قسم (ڪ).

– **گاپَارو ناريل ج گاپَارا ناريلَ:** ذ. ڪل ءِ بُجرن ۾ ويڙهيل ناريل – تاندورن سميت ناريل.

• **گاپارو ج گاپارا:** ذ. معاملو – جهيڙو – فساد. جنگ "بي عقل سين بات ڪهيو تہ ڪاپارو ٿيو". ڪاپارو – ڪٺ ڦٽ.

• **گاپَاڙو ج گاپَاڙا:** ذ. (ع. قبالہ). قبوليت – سَنَدَ. پروانو – بيع نامو (پرنامو).

• **گاپالو ج گاپالاَ:** ذ. ڪيل معاهدي جي شرطن جو پنو ڪاپاڙو.

• **گاپَتَ ج كاپَتَ:** ث. صفت. قلت – اٽاٽ – ڳهٽتائي – ڪَمي – ٽورائي – تنگي – ڪوٽ – ڪاپَتَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **گاهڪ ج گاهڪن:** ث. صفت. کا هڪ (ل – ت).
• **گاهر ج کاهر:** ذ. ناريل يا کجور جي ڳُر مٽان جڙهيل قدرتي پردو – ناريل يا کجور جي کَلَ.
– **گاهر ڪنڊ ج گاهر ڪنا:** ذ. تارون ناهيندڙ (ت).
• **گاهڙ ج گاها (ت):** ذ. بنا مطلب جي وچ ۾ گالهائيندڙ – وچ ڪانگڑيو.
• **گاهڻ (ت):** (اسر خاص). گاهه جو هڪ قسم.
• **گاٽ ج گاٽ:** ذ. (ع. قاطع > قطع = وڍڻ) ڇُرو – وڏي ڪاتي – خنجر – وڏو ڪُپ، سون چاندي ڪٽڻ لاءِ لوهه جي اٻوري. هٿيار جو هڪ قسم. ڪتابن وغيره جا پاسا وغيره ڪترينڊڙ هڪ قسم جو اوزار.
– **گاٽ ڪهاڙا ڪڻڻ:** ڪنهن جي پويان لاهي پاهي مخالفت ڪرڻ – ڪنهن جي پٺيان باهه ٻارڻ ـ دشمني ڪرڻ.
• **گاٽي ج گاٽيون:** ث. وڏي ڪ لاءِ هڪ ڪو اوزار – ڇُري – وڏو چاقو. سون چاندي وڍڻ لاءِ سونارڪو اوزار – انبوري – ڪاٽ.
– **گاٽي پائڻ:** سر تي ڪاتي وهائڻ. مصيبت ۾ منهن وجهڻ – سر جو سانگو لاهڻ. پنهنجي خودي ناس ڪرڻ – پاڻ مارڻ – پنهنجو هٽ وڃائڻ.
– **گاٽي سر هيٺ رکڻ:** ڏک قبول ڪرڻ – رنج ۽ مصيبت ۾ راضي رهڻ – سپ تڪليفون سر تي سهڻ – ڪنهن مشڪل کان نه گهبرائڻ – مصيبت ۾ منهن وجهڻ.
– **گاٽي ڪيڏي ويهڻ:** ڏرٽو مارڻ – هوڏ ڪري ويهڻ – ڪپ ڪوڙي ويهڻ.
– **گاٽين ڪنڊ ج گاٽين ڪنا:** ذ. صفت. ضدي – نٽر – ڏٻرُ – هوڏي – اٽوٽو – شَتي.
– **گاٽين ڪهاڙين ٽيڻ:** سخت دشمني رکڻ – ضد رکڻ – ساڙ ڏارڻ – ويري هُجَڻ – خاري هجڻ – هڪٻئي جي جان جو دشمن هجڻ.
– **گاٽين ڪهاڙين هُجڻ:** دشمن هجڻ – وڙهيل.
– **گاڻيءَ وڍيو (ت):** گوشت – طاقت جهڙيون شيون. ميوا وغيره. حلال شيون – جائز شيون – روا شيون.
– **گاڻيءَ وڍيو ڪائڻ:** گوشت ڪائڻ – طاقت جهڙيون شيون ڪائڻ – ميوا وغيره ڪائڻ.
• **گاڏار ج گاڏارون > گاڏاريون:** ث. (سن. ڪَرْتَنَ = ڪَتڻ) سُٽ ڪتيندڙ عورت – ڪتڻ واري. ڪنواري.
• **گاڏار ج گاڏار:** ذ. ڪتڻ وارو. جيت جو هڪ قسم – ڪوڙيئڙو.
– **گاڏارو ج گاڏارا:** ذ. ڪَتڻ وارو – ڪَتيندڙ – ڪاتار.
• **گاڏبُ ج گاڏبَ:** ذ. (ع. ڪَتَب = هن لکيو) نقل نويس – تحرير ڪندڙ – لکندڙ – مُحرر – منشي. سهڻي صورتخطي ۾ عبارت لکندڙ. خوش نويس.
• **گاڙ ج گاڙون:** ث. تلوار وانگي وريل ۽ چپڙي گهڙيل ڪاٻي – شڪار جو هڪ هٿيار. ڏاس ڪترڻ جي (پراڻي زماني واري) ڪُينچي – جاتي – ڪتر. وارن جي ڪٽائي (ڪ). ذرڙا – ٽڪر "سوپارين جي ڪاتر ڪٽي اڇ".
– **گاڙيڙي:** ذ. ڪاترو – ڪترينڊڙ.
– **گاڙرو ج گاڙرو:** ذ. صفت. اُن يا ڏاس ڪترينڊڙ – وڍيندڙ – ٽڪيندڙ – ڪاترجي.
• **گاڙر ج گاڙر:** ذ. ڍڇڙو – هينئان هوڙ – بُزدل – ڪَمهمت – ڏرپوڪ.
• **گاڙر:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (ت).
• **گاڙرو ج گاڙرا (ت):** ذ. سانوڻ جي موسم ۾ پيدا ٿيندڙ جيت جو هڪ قسم – ڪانترو – ڪانيرو. سڙه.
• **گاڙريا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **گاڙريو ج گاڙريا:** ذ. ڏاڙهي مُڇون – ڳلن جا وار – ٻلي وغيرهَ جو مُڇون. مَڇن جا وَڍيل وار.
• **گاڙڪ (ت):** ذ. ٻوڙ ٻاڙي – پاڇي.
• **گاڙو ج گاڙا:** ذ. ٽلهي ڪيڪَ يا مانيءَ جو هڪ قسم. ڪتڻ جي مزوري. ڪَتڻ.
• **گاڻهين:** ظرف. ڪاڻي – ڪاڻهين.
• **گاڻي:** ظرف. ڪٽي – ڪاڻي – ڪهڙي پاسي.
• **گاڻيارَ:** اسر خاص. تعلقي ٽنڈي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **گاڻيرو ج گاڻيرا:** ذ. (سن. ڪَرْتَنَ = ڪَتڻ) ڪترڻ جو هڪ اوزار – ڪُينچي – ڪاتيرو.
– **گاڻيڙو ج گاڻيڙا (ت):** ذ. لوهه جي پٽ ڪترڻ لاءِ ڪُينچي – ڪاتيرو.
• **گاڏان:** ظرف. (سن. ڪُتَه = ڪتان) ڪاڏانهون – ڪٽاڻ – ڪاڏون – ڪهڙي هنڌان – ڪهڙي جڳهه کان – ڪهڙي پاسي کان. ڪٽاهين – ڪٽان – ڪٽاهون؟

– **كَتَانْهِينْ:** ظرف. كاتَنْهِينْ؟ كيڏانهن؟ _ كهڙي هنڌ؟ _ كتان؟ _ كاٿهون؟ _ كتَاهون؟ _ كتَاهين؟. كهڙي پاسي كان – كنهن پاسي. كٽي نه كٽي.

– **كاتْنهُنْ:** ظرف. كتان – كاتان.

– **كَاتُونْ:** ظرف. كتَان – كاتُهون – كاتان.

– **كاتْنِينْ:** ظرف. كاٿهين.

– **كاتُهِينْ:** (ت). ظرف. كاٽي – كاتانهين. كهڙي پاسي.

– **كاتي:** ظرف. كاتُونْ – كاتْنِين.

• **كاتِروتُ ج كاتِروتَ (ت):** ذ. ٺڪر جي ٽالهي – طباخ – پاتوڙو – ڦيلهيُ.

• **كَاتُو ج كَاتَا:** ذ. صفت. كَٽ – شمارُ – اندازُ – ڳٽپ – ڳاٽيتو – تخمينو – حساب – ليكو. چيهُ – حد – دنگ – چيڙو – اٽكل روءِ _ انداز". وڏي ڳالهه ويچار – خيال – قياس آرائي – ڳڻ ڳوت (ت). ڏيگهه – كاڏ – پساروِ – پٽاڻ.

– **كاتُوئي (ٽ):** ليكو – ڳٽپ – شمار – كاتو.

• **كَاتَالْ:** اسم خاص. تندي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كاتَالْ جَاگِيْرَ:** اسم خاص. تعلقي تندي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَاتَائُو:** اسم خاص. ٽر ۾ هڪ تڙَ جو نالو.

• **كَاتِكُو ج كَاتِكُو:** ذ. صفت. رهزن چورُ – بدنام (چور). نالي چڙهيو – نامي گرامي – نام كنيو – چورن جو سردارُ – پاٽاريدارُ (ت). هوشيار – چالاك – نپٽ – افلاطون. (اسم). پسارڪي وكر جو هڪ قسم – اٽيل اكين ۾ وجهڻ جو ڏَيُ.

• **كَاتَلْ:** اسم خاص. تعلقي ناري (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَاتَنْ مل ج كَاتَنْ مِلُون:** ث. (انگ). كپهه ڪاٽن جو كارخانوَ – كپهه جي فيكٽري.

• **كَاتَنْ:** مصدر. (سن. كَرْتَنْ). گذارڻ – وهائڻ – پورو كرڻ – سانڍ – گهارڻ (وقت). وڍڻ – كپڻ – كَتَنْ – چانڍڻ – وڍ كٽ كرڻ – كاٽ كرڻ – وڍ كرڻ – ٽكڙ – جدا كرڻ. كٽ كرڻ – وضع كرڻ. (حساب) لاهڻ. روكي چڏڻ (كا رقم) – ليك پائي رد كرڻ – خارج كرڻ. ترك كرڻ. گهٽ كرڻ – گهٽائڻ – كفايت كرڻ – تخفيف كرڻ (خرچ وغيره). تاس جي پتن مان كجهه پتا لاهي ركڻ – تاپي لاهڻ – كاٽ لاهڻ.

– **كَاتَ ج كَاتُونْ:** ث. كٽ – وضع – تخفيف – لاٽ. وڍڪ. نتيجو – انومان.

– **كَاتَا:** ث. لغڙ جي وڃڻ واري حالت – كتر – كاٽ – كٽ.

– **كَاتَا ٽِيَنْ:** لغڙ جو كپجي وڃڻ.

– **كَاتَائِنْ:** مصدر. كَاٽ كرائڻ – كٽائڻ – لهرائڻ.

– **كَاتَجَنْ:** مصدر. كٽ ٽيڻ – گهٽ ٽيڻ.

– **كَاتَ كَتَرِ كري گذارَنْ:** كسي كوري وقت گذارڻ – ڏكيا ڏينهن گذارڻ يا كاٽڻ – جيئن تيئن كري پورائو كرڻ – ٿوري پئسي مان سپ كم ٽپائڻ – كفايت سان هلڻ – ٿوري خرچ مان پورائو كرڻ.

– **كَاتَ كَرِنْ:** وضع كرڻ – لاهڻ – كاٽڻ – كٽڻ – پڇي ڏيڻ – لاهي ڏيڻ. تاس جي پتن مان ٻاپ لاهڻ – كجهه پتا بندل مان لاهي پوءِ ورهائڻ – كٽ كرڻ.

– **كَاتَ كُوتَ:** ث. حساب كتاب جي جاچ كري اعتراض جوڳا پاڳا كڍي چڏڻ.

– **كَاتَ كُوتَ صاحب:** ذ. حساب كتاب جي پڙتال كري اعتراض جوڳا پاڳا كڍي چڏيندڙ عملدار – ماڻهن جي نالن، مال ملكيت ۽ حيثيت وغيره جي داخلا كندڙ آفيسر – ٽپال جي خطن وغيره تي نظرداري كندڙ عملدار – كاٽ كوٽ عملدار.

– **كَاتَ كُوتَ كَرِنْ:** چنڊ چاڙ كرڻ – تخفيف كرڻ – گهٽائڻ – پيچ گهڙ كرڻ. كتاب مان كي ٽكرا كڍي چڏڻ.

– **كَاتَنُونْ ج كَاتَنُنْ:** ذ. وياج جو هڪ قسم – هلندڙ ليكي تي جمع ۽ واصل ٿنهي رقمن تي هر دفعي كاٽيل وياج. (اكين جي) ڊپ جو هڪ قسم – كاتِكو. (صفت). كٽ وارو – كٽ كندڙ – كٽيندڙ.

– **كَاتُو:** ذ. كَتَ جي نشاني – (_) جي نشاني. (واڌوءِ جو ضد).

– **كَاتَنُونْ ج كَاتَنُنْ:** ذ. كَاتِنُنُونْ.

• **كَاتُو ج كَاتَا:** ذ. كانتو. تور جي جاءِ كارخانو – بني. "جي اٽئي سڪ سرڪ جي تـ ونءُ كلاڙن كاتي" (شاهر).

– **كَاتِي:** كاتي تي.

• **كَاتُولُوج كَاتُولَا (ك):** ذ. جهنگلي ڦل جو هڪ قسم – منگهو (ك).

• **كَاتَوَنْ هَابُ ٽِيَنْ:** خوار ٽيڻ – خراب ٽيڻ – بدنام ٽيڻ – رسوا ٽيڻ – ذليل ٽيڻ. ڪك ٽيڻ – بيزار ٽيڻ – دق ٽيڻ –

هلاڪ ٽيڻ – خنا ٽيڻ.

• **كَانيلوْ ج كَانيْلاَ:** ذ. تنبي يا ڪدوءَ جو هڪ قسم.

• **كَاڪ ج كَاڪَ:** ذ. (سن. ڪاشت). بندُ – ٽلهي ڪائي – وڏي ڪائي. عمارتي ڪاڪ (ڪام – داسو) سزا جو هڪ قسم – قيديءَ جي هٿ پير ڪاٺ لاءِ ڪاٺن لڳل بند (صفت). سخت – مشڪل – ڪٺن – ڏاڍو – اٿولو – نه مڙندڙ. روگ – روگي.

– **كَاڪَ ٽِي بِيهَنْ:** جواب نه ڏيڻ – نه جڙڻ نه پوڻ. حيرت ۾ غرق ٿي وڃڻ – عجب ۾ وائڙو ٿيڻ – حيران ٿي وڃڻ.

– **كَاڪِ پَوڻ:** قيد ۾ پوڻ – قيد ٿيڻ – بند ۾ پوڻ – بند ٿيڻ – سزا اڇڻ – نظربند ٿيڻ. قابو ٿيڻ – سوگهو ٿيڻ – مضبوط ٿيڻ.

– **كاڪ ۾ وجهڻ:** ڏوهاري قيدي کي ڪاڪ جي ڪاٺن ۾ قابو ڪرڻ.

– **كَاڪَ جو بُنْو ڏِيڻ:** ڪوڙو دلاسو ڏيڻ – آسري ۾ رکڻ – ڏنو ڏيڻ – ڪوڙي اميد ۾ رکڻ.

– **كَاڪَ جو پَٽلو هُجڻ:** فقط نالي ماتر هڻڻ – رڳو پٽُ جو جٽُ هڻڻ – فقط مٽيءَ جو ماٺهو هڻڻ. هين جي جوڙ تي هلڻ – هين جي هٿن ۾ راندیڪو ٿيڻ – ڪنهن به ڪم جو نه هڻڻ – بيڪار هجڻ – نڪار هجڻ – نڪمو هُجڻ.

– **كَاڪَ جي ٽُڪَ جو ڪَمْ:** ڪاڪ تي اُڪَر جو ڪم ڪرنبي سان ڪاڪ تي ڪديل گلڪاري – نقشبندي – چٽسالي – ٽُڪَ.

– **كَاڪ جي گونيا:** جاءِ جي چٽي پاسن کي سڌي ڪرڻ لاءِ گوني ڪُنڊ وانگر ڪم ايندڙ هڪ اوزار جو نالو – گونيا.

– **كَاڪَ جِي مَانِيْ:** ث. سخت پورهيو – ڏکيو ڏنڏو – دشوار پيشو يا ڪم – جاکوڙو – جانڪشاني – محنت.

– **كَاڪَ جَهَنْ:** خراب حال هڻڻ تحليف ۾ اچڻ – نقصان هيٺ اچڻ – تمام تڪليف ۾ هجڻ.

– **كَاڪِرُ ج كَاڪِرَ:** ڪائيون ڪري وڪڻندڙ – ڪائيَرُ.

– **كَاڪَ رَسُ:** ذ. ڪائيءَ جو رس – ڪوڻر.

– **كَاڪَ سُونْهَنْ:** ث. ڪاڪ کي لسي ڪرڻ جي روات – ٽڪوري.

– **كَاڪَ سيڙهِي (ث):** ث. سخت ٽٽن واري ٻڪري.

– **كَاڪَ كُٽو ج كَاڪ كُٽَا:** ذ. هڪ پکيءَ جو نالو – ڪاڪ ٽڪيندڙ پکي – ڏکڻ پکي. هڪ جيت جو نالو – ڪاڪ ڪٽيو.

– **كَاڪَ كُلهِي تي كَٽَائِڻ:** اٽڪل طور ڪم ڪرائڻ – ڏنو ڏيئي ڪم ڪرائڻ – گشي تي ڪم ڪيائڻ – آسري ۾ ڪم ڪرائڻ.

– **كَاڪَ كُٽُو ج كَاڪ كُٽَا:** ث. واڍڪي اوزار جو هڪ قسم – گونيا جو قسم.

– **كَاڪَ كهاڙا كَٽِيْ لَڳَڻْ:** هٿ ڏوئي پٺيان پوڻ – دشمني وڇوٽ – ڪنهن کي برباد ڪرڻ لاءِ ڪر ڪشي ٻيهڻ. اورچ ٿي لڳڻ – لاهي پاهي پٺيان پوڻ.

– **كَاڪَ كوڙِيُوْنْ (ڪ):** ڪاڪ جي سڌائي وٺڻ لاءِ واڍڪو هڪ اوزار.

– **كَاڪَڙَه ج كَاڪَڙَا:** ذ. (ڪاڪ + ڳڙهه = ڪاڪ جو ڪوٽ). ڪاڪ جو پجرو – ويڙهو. ڪاڪ جو سامان – فرنيچر. ڪاڪ تي ٽيل ڪم جو جنسار – چٽسالي – ٽُڪَ – اُڪَر – چِتَ ڪَلَ.

– **(اڻ گهڙيو) كَاڪ هُجڻ:** مورک هڻڻ – نادان هڻڻ – بي عقل هڻڻ. مجو هڻڻ.

– **كَائِيْ ج كَائِيُوْنْ:** ث. وڏو ڪاڪ نديي ڪائي ـ بندي ـ ڍگهي مضبوط ڪانڇ ـ لَڪُ – لَٽ ـ ڇڙهي – سوٽني – ڏُکي – لَڪڙي – جسر – قدُ – ڪڙي – هائي – اڏاوت – بناوت – ڏِيلُ – بدن جي ٻيهڪ. پوکن جي وچ واري زمين (ث).

– **كَائِيارُوْ ج كَائِيارا:** ذ. ڪاڪ وڪڻندڙ – ڪاڪ جو واپاري – تال وارو. ڪائيون وڏيندڙ – ڪائيون ڪندڙ – ڪائِيرُ – ڪائِرُ.

– **كَائِيْ پَانْگُوْ ج كَائِيْ پَانْگَا:** ذ. هارڻ جون ڪائيون.

– **كَائِيْ پَچَڻْ:** نانگ يا بَلا ڪان ڪاڍڻ يا ڪڪِجَڻ.

– **كَائِيْ پَڪِيْ هُجَڻْ:** بلا ڪان ڪڪِجَڻ.

– **كَائِيْ تي كَائِيْ پَچَڻْ:** ضد پاڙڻ – دشمني ڪرڻ – ويرُ وڇوٽ.

– **كَائِيرُ ج كَائِيرَ:** ذ. ڪاڪ وڪڻندڙ – تالوارو – ڪاڪ جو واپاري. ڪائيون وڏيندڙ – ڪائِرُ – ڪائِرُ.

– **كَائِيْ سُوْرَ:** ث. باهه ۾ ڪائي ناهي وڇوٽ – باهه مَڇائڻ. جهيڙو شروع ڪرائڻ – فساد جو بنياد وڇوٽ – مَمَڙُ مڇائڻ.

– **كَائِيْ كَرَڻْ:** باهه ڏيڻ. ڏڪارڻ – نفرت ڪرڻ – بُڇان ڪرڻ. ڪراهت آڻڻ.

– **كَائِيْ لَڳَڻْ:** ماٺهوءَ کي نانگ جو ڪائڻ.

– **كَائِيُوْنْ كَرَڻْ:** لڪڙيون گڏ ڪرڻ – ڪائيون ميڙڻ.

• **كَاڪَ هَانْيَڻْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو – فقيرن جو هڪ قسم. سنڌ ۾ مسلمانن جو هڪ قبيلو. هندو فقير جيڪي امام حسين(ع)جي نانءَ تي خيرات وٺن.

• **كَاڪَ هَانْيَڻْ جَاڳِيْرَ:** اسر خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَاڪَ ٽُوريْ ج كَاڪَ ٽُورِيُوْنْ:** ث. پاڇيءَ جو هڪ قسم – پيندي. دوا جو هڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪاڪَ پالَ:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
• **ڪاڪَ پَٽِيُ:** اسم خاص. ڪيرٿر جبل ۾ هڪ مڪان جو نالو.
• **ڪاڪ چِيڙُ ڪاڪَ چِيڙَ (ڪ ج):** ذ. ميوي جو هڪ قسم – پَپِيهو – ڪاڪ ڳدرو.
• **ڪانڙِيُ:** اسم خاص. حيدرآباد، ٽنڈوالهيار ۽ ميرپور خاص تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڪاڪُ شوڙَ وارو:** اسم خاص. بارڻ جي اولهه طرف هڪ جبل جو نالو.
• **ڪاڪ ڪِرِيُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڪاڪَ ڳِدرُ ج ڪاڪَ ڳِدرا:** ذ. ميوي جو هڪ قسم – پَپِيهو – ڪاڪَ چِيڙُ.
• **ڪاڪَ ڳڙهَ:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڪاڪَ ڳهڙِيُ:** اسم خاص. حب ڪان اوريان هڪ جبل جو نالو.
• **ڪانُ:** ذ. چار جي تندن ٽانڪڻ لاءِ هڪ قسم جو ڪاٺ جو موئو – سُٽَ ويڑهڻ جي ڪاٺي (ت). ديڳ رڌڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪنگير – ڪپڪير – اَنيي – هنيي (ل) – وڏي ڏوئي (ث). پاڪڑي يا پلاڻ جو ڪاٺ جو چؤنڪ – هنو (ث). ڪائين جو ٽالهه (ت).
• **ڳانُوَ:** اسم خاص. گوني ۽ ديري محبت تعلقن ۾ ديهه جو نالو. ڳوٺن جو نالو.
• **ڳانُوڙِ ج ڪانُوڙُنُ:** ث. پوک واري خشڪ زمين. گهٽيون ڪائيون (ت). (اسم خاص). شاهه بندر، ميرپور ساڪري، گهوڙا باڙي تعلقن ۾ ديهه جو نالو. هڪ مڪان جو نالو (ڪ).
• **ڪانُوڙُ ڪانُوڙَ:** ذ. هني يا پاڪڑي يا پلاڻ جو ڪاٺ مان ٺهيل فريم – ڪانو. شيشن رکڻ جو جارو. ڪاٺ جو ٽالهه – خومچو – پاتوڙو – پاتڙو – ڪومچو – پاٽ. وڻ جي ٽڙ تي ٽڙ مان نڪتل ڳنڊ – ٽڙ يا ڪاٺ جو سطح. (اسم خاص). تعلقي ناري (خيرپور رياست) تعلقي ڪبري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڪانُوڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪانُوڙو ج ڪانُوڙا:** ذ. ڪانُوڙ – ڪانو. تاجي اُٽڻ لاءِ ڪورين جو هڪ ڪاٺ جو فريم – ڪپڙي اُٽڻ جو هڪ اوزار. وادِن جو هڪ اوزار – رندو. ڪاري جي وڏي ٻيڙي (واڻ) جو ماٿهن جي وهڻ وارو پاڳو – دڪاني – فالڪي (ڪ).
– **ڪَانُوڙِيُ ج ڪانُوڙِيُونُ:** ث. ڪاٺ مان ٺهيل سامان – فرنيچر. ڪاٺ – لڪڑي – عمارتي ڪاٺ. گهوڙي جو هنو.

• **ڪانئيرو ج ڪانئيرا (ت):** ذ. ڪاڻ ڪُٽو – ڏکڻ پکي.
• **ڪانِيُ:** ث. مڑهي جو وڄ – سَريُ.
• **ڪانِيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪانِيابارانِيُ:** اسم خاص. تعلقي جوهي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڪانِيا بازار:** اسم خاص. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڪانِياوارِيُ:** اسم خاص. ڪانِياوارُ جو رهاڪو. سنهڙي ڇڇي ۽ وڏن ڪنن واري گهوڙي جو هڪ قسم.
• **ڪانِيُ لُڪِيُ:** اسم خاص. سنڌ جي اولهه ۾ ٽڪر جو نالو.
• **ڳاپ ج ڪاپُونُ:** ث. فوج جي رهڻ جو هنڌ – لشڪر گاهه – ڇانوڻي.
– **ڪاپ ڪَرڻ (ڪوپ ڪرڻ):** سختي ڪرڻ. ڪئمپ ڪرڻ – اڈو کوڙڻ – بئنڪ ڪرڻ – ڪُٻ کوڙڻ – ڊاهو ڪرڻ.
• **ڪاپ ج ڪاپ:** ذ. ڪَٻ – ڪاتي – چاقو – چرو – خنجر. "ٻاهران جاپ ٻوءِ، اندران ڪاپ ٻوءِ" (گل قند ۳۸).
• **ڪاپاتِيُ ج ڪاپاتِيُونُ:** ث. ڪپهه ڪتڻ واري ڪاتار – ڪاپائتي – ڪتيندڙ. ڪُنواريُ – آتڻ ۾ ڪتڻ واري.
• **ڳاپاتِيو ج ڪاپاتِيا (ت):** ذ. روئيندڙ.
• **ڪا پارَ ج ڪاپارَ:** ذ. (سن. ڪَپال = ڪاپار) ڪوپريءَ جو مٿيون حصو – چوٽي. ڪيپراٽي. ٽوڪڙ – ٽپڙ. مٿو – سِر – نِراڙ (ت). ڪَنڊُ. آسمان جو. اسان جي سِر جي پورو يا سِڌو مٿان بيٺل ٽهڪو – ڪپارُ – اوڄ فلڪ.
– **ڪاپارَتي جَڙهَنُ:** شنگهه ٽيڙ – مغرور ٽيڙ – آڪڙجڻ – ضد ڪَرڻ.
– **ڪاپارِيُ ج ڪاپارِيُ:** ذ. ڪاپار وارو – چوٽيءَ جو – مٿي وارو. سَمَتَ اَلراس وارو. عَمودي. سخت.
– **ڪاپارِي ڏَڪُ:** تمام وڏو نقصان – شديد صدمو.
– **ڪاپارِيُ ڏَڪُ لَڳُنُ:** سِر کي سخت چوٽ لڳڻ. سخت نقصان رسڻ – وڏو صدمو پهچڻ.
• **ڪاپاهو:** اسم خاص. تعلقي ٽنڈي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڳاپاهِيُ ج ڳاپاهِيُ:** ذ. ڪپهه وڪڻڻ.
• **ڪاپائتو ج ڳاپائتا:** ذ. صفت محبت ڪندڙ، محنتي – جفاڪش.
• **ڳاپائتِيُ ج ڳاپائتِيُونُ:** ث. (سن. ڪرپاس = ڪپهه). ڪپهه ڪتيندڙ. ڪاپو ڪندڙ.
• **ڳاپڙ ج ڳاپڙ:** ذ. (سن. ڪَرپَٽ). فقيرن جو هڪ قسم – پڳڙ يا پوجاري – وديل. جاول. (ت). (اسم خاص). جوڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقيرن جي هڪ ذات جو نالو.

• **کاپُرسُ ج کاپُرسَ:** ذ. صفت. (نادان (ضد. ساپرس = داناءِ – سياڻو – ڏاهو – عَقلمند – اڪابر – هوشيار – پَڌ) پَتارُ – وَرُ – مڙس – شوهر – پتي – گهروارو (ل).

• **کاپِڙِي:** اسر خاص. دنيا جا لڳ لاڳاپا لاڙل فقيرن جي هڪ ذات. (اصل لفظ (کاپو = محنت) کان پوءِ کاپيو > کاپڙيو کاپڙي = جنهن کي آرام جي ڳڻتي نه هجي) – سنياسي – جوگي.

• **کاپڻ ج کاپا:** ذ. (سن. کلپن = ڪٽڻ) وَڍَ ڪُٽَ – کاپ – ڪَٽَ – مُڇَ (ل). ڪٽڻ جو ڪر. پورهيو – لايو لڳايو – محنت – مزوري. اورچائي – جَفاڪشي – اَدَمُ. ڪفايت – صرفو (ث). نيسر جي پوک. تکنديِ زمين ۾ رهيل حصو يا ٽڪر (ت).

– **کاپا ڪَڍڻ:** سڏائي ڪرڻ – سنوَت وٺڻ.

– **کاپڻ ڪَڍڻ:** ثابت قدمي سان هلڻ – جدوجهد ڪرڻ – پورهيو ڪرڻ – ڪشالا ڪڍڻ – اورچ ٽيڻ – اڻ ٽڪ هڻڻ. شدت ڪرڻ – ضد ڪرڻ – هوڏ ڪرڻ.

– **کاپڻ ڪَرڻ:** ڪٽڻ جو پورهيو ڪرڻ. محنت ڪرڻ. (نير جو) لاباروِ وڇوڻ يا لُٽڻ. ڪفايت ڪرڻ (ت). کاپو ڪڍڻ. ٻيڙيءَ جو درياءَ جي وڇ مان وهڪري جي زور تي پاڻهي ڪناري تي اچڻ.

• **کاپڻ کوڙڻ:** اڏو کوڙڻ – ٻيڙڪ ڪرڻ – ڪُٽَ کوڙڻ – ڪُٽڻي کوڙڻ – اڏو لڳائڻ (ڪوپ کوڙڻ).

• **کاپڻ ٽوڙ ج کاپڻا (ت):** ڪپڙي جو ننڍو ٽُڪر.

• **کاپِي ج کاپِيُون:** ث. ڪاغذ جو ڪجو نوٽبوڪ. پني تان ڏسڻ واري حالت (اسڪولي ڪمن ۾) – نقل. ڪَپِي. نانگ جو هڪ قسم. "ڪاپي کارايل پاڻ ۾ مٽي دَرَ دڙين"

• **کاجُ ج کاجَ:** ذ. ڪاڄ.

• **کاجَلُ ج کاجَل (ت):** ذ. (سن). ڪاجلِ ليڪَ. دونهين جي لاڙَ مان ٺاهيل اکين ۾ وڇوڙ لاءِ خَميرو – ڪَجَلُ.

• **کاجُ ج کاجَ:** ذ. (سن. کارِيَ = ڪر) ڪر – ڪار – ڏَنڊو – پيشو – ڪرت – ڏاري – ڪسَبُ – ڪارگذاري – ڪاجُ. خوشيءَ جي رسم – شادي. جشن – شاديءَ جي ماني. مجلس – محفل – ڪچهري – رهاڻ – مارڪو. اُميد – مراد – مطلب – آسرو. خميس جي ٻيڙن وڇوڙ جو ٽنگ. ڪاز.

– **کاجُ ڪَرڻ:** شاديءَ جو پَٽُ ڪرڻ. مُئي جي ماني ڪرڻ.

– **کاجيتو ج کاجيتا:** ذ. ڪاجُ ڪندڙ – شادي وارو – ڪاج وارو.

• **کاجَڪُ:** ذ. ڪجرو – ڳند – ٻُهَرُ – ميڙ سيڙ.

• **کاجوُ (ت):** ذ. ڦَلُ – ڦَرُ – ميوو.

• **کاجهَر:** اسر خاص. حيدرآباد ۽ نوشهري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **کاجهَڑِي:** اسر خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **کاجِڙِ ج کاجِڙُون (ت):** ث. ڪاجِڻ. جنهن ۾ مڪڙو پوي.

• **کاجِڻَ ج کاجِڻُون:** ث. هُرلي يا ايٽ جي مُهري جي جهل لاءِ مٽين ڪاني – ڏگهي ٽلهي ڪاني جيڪا ٻن پينگهن تي بيهي ۽ جنهن ۾ مڪڙو پوي. ٻَني ۽ جي ڪُنڊَ (ڪ). (صفت). ڏگهو – لمبو – قداوَرُ. "مُڙس ته ڪاجِڻ لڳو پيو آهي" (جملو).

• **کاڇ (ڪ):** ث. ڪانڇ – سُڏَڻ.

• **کاڇ ج کاڇ:** ذ. (سن. ڪاچ > ڪانچ = شيشو) ڌاتوءَ جو هڪ قسم – ڪائو – شيشو – ڪانچ – قميص جي ٻيڙن وڇوڙ لاءِ ڪديل ٽنڪ – ڪاڇ – ڪاڙ (ت).

• **کاڇِر ج کاڇِرُون:** ث. ڪُمي – ڪَڇَنُون.

• **کاڇاٽو ج کاڇاٽا:** ذ. صفت. ڪَڇَ جو.

• **کاڇاٽِي ج کاڇاٽِيُون:** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم – ڪاڇياڻ – ڪاڇڻ.

• **کاڇِڻ ج کاڇِڻيُون:** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم. بلوچستان جي ڪڇي علاقي ۾ پيدا ٿيندڙ جوئر جو هڪ قسم.

– **کاڇو ج کاڇا:** ذ. جبلن جي پروارو ميدان (باجاريءَ ۽ ننڍي رحيم خان کان ولي اُتر سنڌ جي سرحد تائين) سنڌ جي دادو ضلعي جو الهندين پاڳو. جبل جو ڪَڇ. هڪ مڪان جو نالو. ماپو – مقدارُ – مانَ – ڪَڇَ – پَڀائش – پَڀانو. سائيز (انگ).

– **کاڇُو ج کاڇا:** ذ. صفت. ڪَڇَ ڪندڙ – ماپيندڙ – پَڀائش ڪندڙ – ماپَ وارو. ضابطُ – (زمين) سروي ڪندڙ.

– **کاڇو ڪَرڻ:** ماپَ ڪرڻ – ڪڇڻ – ماپڻ – پَڀائش ڪرڻ.

– **کاڇو وڻڻ:** جُتي ٺاهڻ لاءِ پيرن جي ماپَ وٺڻ.

• **کاڇوٽِي ج کاڇوٽِيُون:** ث. (سن. ڪچو ٽيڪا > ڪڪشٽي = لانگوٽي). ننڍڙو اوگهڙ ڍڪڻ جو ڪپڙو – ڪچو – لانگوٽي – لُنگ – چوتو – لنگوٽ. "ڪديم ڪاچوٽي، وڏم جوڳ جتن لاءِ" (شاهه). ڪَڇ واري گودڙي – ٻگري.

• **کاڇوٽِي ج کاڇوٽِيُون (ت):** ث. (سن. ڪچو ٽيڪا > ڪڪشٽي = لانگوٽي). ننڍڙو اوگهڙ ڍڪڻ جو ڪپڙو – ڪچو – لانگوٽي – لُنگ – چوتو – لنگوٽ. "ڪديم ڪاچوٽي، وڏم جوڳ جتن لاءِ" (شاهه). ڪَڇ واري گودڙي – ٻگري.

• **کاڇوٽِي ج کاڇوٽِيُون (ت):** ث. ڪفني – يڪو چولو.

• **کاڇوڙو ج کاڇوڙا:** ذ. ڪچ ملڪ جو رهاڪو – ڪاڇي –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڇي – ڪاڇيلو – ڪاڇيڙو.

• **گانْڊراڻيْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **گانْڊڙا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **گانْڊڙ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **گانْڊڙ ڪانْڊا:** ذ. ڏِگهي جي ڪلهي وارو ٽوهو.

• **گانڊو ج گانْڊو (ت):** ذ. جوارين جي اصطلاح موجب هندو واڻئي يا دڪاندار کي ڏنل نالو.

• **گانْڊيْ ج گانْڊيْ:** ذ.(سن. سْڪَنْدَ = ڪانڊي). فوتيءَ سان گڏ سندس جنازي کي ڪلهو ڏيندڙ – جنازو ڪڍندڙ – مَيّت کڻي ويندڙ. "ڪانڊي ڪنگ ٽياس، وهڻ جنازو سهڻي" (شاهه). (اسر خاص). تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **گانْڊاڻون ج گانْڊاڻان (ت):** ذ. ڪانڊين کي ڪارايل ڪاڏو – ڪانڊپو – ڪانڊپڻو.

– **گانڊ پائيْ:** ث. ڪانڊ پڻ – ڪانڊپو – ڪانڊيَپ. جنازي کي ڪلهو ڏيئي هلڻ جي رسم. زال تي مڙس جا احڪام يا فرض.

– **گانڊپڻ:** ذ. جنازي کي ڏنل ڪلهو – ڪانڊيپو – ڪانڊپڻو.

– **گانْڊپڻو ج گانْڊپا:** ذ. مري ويل ماڻهوءَ کي دفن ڪري بروقت ڪانڊين کي ڪارايل ڪاڏو.

– **گانْڊ ٿَپائي:** ث. ڪانڊ پائي.

– **گانْڊيُپڻ:** ث. جنازي سان گڏ هلڻ جي ادا ڪيل رسم – ڪانڊپائي.

– **گانْڊيُپڻو ج گانْڊيُپڻا:** ذ. جنازي سان قبرستان تائين هلڻ جي ادا ڪيل رسم.

– **گانْڊيَپو ج گانْڊيَپا:** ذ. جنازي جي ڪانڊين کي ڪارايل پهريڙ مانيِ – ڪانڊپو.

– **گانْڊيَپ ج گانْڊيَپون:** ث. جنازي سان قبرستان تائين هلڻ واري حالت – ڪانڊپو.

– **گانْڊيپو ج گانْڊيپا:** ذ. ڪانڊين کي ڪارايل مانيِ – جنازي

پورڙ بعد ڪيل ماني – ڪانڊِپو.

– **كانڊي كارڙي:** ذ. سنيال ڪندڙ. (اصطلاح) حامي حمايتي.

– **كانڊين مُوڙهو:** ذ. بدبخت – نِياڳو – چَندو – نِدوررو.

– **كانڊيَوَ ج كانڊيا (ت):** ذ. ڪانڊي ٿي وڃڻ واري حالت – ڪانڊيئپو – ڪانڊِيو.

• **كانڊي ج كانڊِي (ت):** ذ. گهٽو ڪائيندڙ پيتوڙي – هيڇي – پيتي – جَڊيو.

• **كانڊ ج كانڊَ (ت):** ذ. (سن. ڪانڊَ) بابُ. حصو. واتعو.

• **كانڊارَ ج كانڊارُوْن:** ث. ڪنهن واقعي جي پيش اچڻ سبب بُت ۾ پيدا ٿيل لَرزش – جوش ۾ اچڻ سبب جسر جي وارن جو اُپو ٿيڻ. غصو – ڪاوڙ – جوش.

– **كانڊارَڻُ:** مصدر. (سن. ڪَنْتَكَ = ڪندو) ڪنهن واقعي جي پيش اچڻ سبب بُت جو لَرزَڻُ: ـ جوش ۾ اچڻ سبب جسر جي هر هڪ عضوي جو ڪڙو ٿيڻ – لنوَ لنوَ ڪڙي ٿيڻ – وارن جو اُپو ٿيڻ (ڪاوڙ ۾). اکين ۾ گهور وهي ڳالهائڻ – غصي ۾ اچڻ – ڪاوڙجڻ – هڪدم جوش چڙهي وڃڻ – سيڙجڻ – آڪڙجڻ.

– **كانڊارَڻُ:** مصدر. ڪڙو ڪرڻ – اُپو ڪرڻ. ڊپ ۾ وهڻ.

– **كانڊاريَلُ ج كانڊاريَلَ:** ذ. جسر جي لنوَ لنوَ ڪڙي ٿيل – بُتَ ۾ لَرز آيل – جوش ڪري جسر جا وار اُپا ٿيل – ڪاوڙيَلُ – جوش ۾ آيل.

• **كانڊارَ ج كانڊارَ:** ذ. ڳڇهه ڪان وڏي پکيءَ جو هڪ قسم. پندرهن هزار فوت مٿي جبل تي آنا لاهي. جبل جو هڪ ٻوٽو. پَن ۽ ڪندو ڳڏ. ڪندو پَن هيٺان چنبڙيل. ٻَنيءَ جي ڪنڊيءَ وارا جانور.

• **كانڊاروُ ج كانڊارا:** ذ. پُنيءَ جي ڪندي وارو (جانور).

• **كانڊائِي ج كانڊائِيُوْن:** ث. ڪاندو. اَڳرن هڙڻ يا ٻاهه جي تيزي. ڏيتي ليتي ۾ تيزي – سختي. اڳهه جي مهنگائي.

• **كانڊوْ ج كانڊا:** ذ. (سن. ڪَنْتَكَ = ڪندو) ڪندن وارو. پلي يا مڇيءَ جو ڪندن وارو اڏ – ڪانديارو. سر – ڪسرائتو – زياده ـ فائدي وارو – نفعي وارو. سَرهو – بهتر – بهترين. چِڪَ (ت). ڪرائي (ل). سگهو – زور وارو – همٽ پريو (ل). تيز – تِکو – سخت.

– **كانڊائِپ ۾ پَوَنْ:** ڪاوڙ ۾ پرجي وڃڻ – جوش ۾ اچڻ. هروپرو سِيٽَ ڏيڪارڻ.

• **كانڊيارو ج كانڊيارا:** ذ. مڇي يا پَلي جي ٽُلهي ڪَندي وارو پاسو (اڏ – چوٽو) – ڪاندو. ڪجهه وڏيڪ – سرس – بهتر.

– **كانڊيِي ج كانڊيُوْن (ت):** ث. وڏي ملهه واري – ڳري اڳهه واري – آڪري – ملهائتي – مهانگي. ڪَندن واري. تيز – تِکي.

• **كانديارو ج كانديارا (ت):** ذ. ڪندن واري لغام جو هڪ قسم (گهوڙي کي مستي لاءِ وجهندا تہ مستي چڙي) ڪهرو لغام – الياڻ.

• **گانڊيرو ج گانڊيرا:** ذ. ڪَندن واري ٻوٽي جو هڪ قسم – دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪو وکر. نندڙو وڻ (اُڻن جو ڪاڄ). "جتي وڻ ناهي، اُت ڪانديرو درخت" (چوٽي). ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (ويڪري، گول پاسي وارن ڪندن کان وار ٻاهر نڪتل. قسم ۱. تر ڪانديري نندي ۽ لسي، قد ۱ – ۳ انچ. ۲. لس ڪانديري، قد ۲ – ۶ انچ. ۳. ڪنڊ ڪانديري، قد ۶ انچ ۽ پيچارو وڏو ۽ ويڪرو. ۴. ڪاري پٽي واري ڪانديري، نندڙي پٽيءَ تي ڪارو پٽو، قد ۱ کان 2 انچ).

– **كانڊيرو كائو:** ذ. اُٺ.

• **گانڊيرِي ج گانڊيريُوْن:** ث. (سن. ڪَنْتَكَ = ڪندو). دوا طور ڪم ايندڙ ڪندن واري ڪڙن ڏيلهن سان وَل يا ٻوٽي جو هڪ قسم – ڏاماهو. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (بنا چلرن جي، رنگ سونهري، قد وڏي ۾ وڏو ۱ – ۲ انچ).

• **گانڊيَرَ (ت):** ث. ڪاندرَ. وڏائي – آڪڙ – سيڙ – ٽِنڊ – ٽاڻ ـ ڦوڪ شوڪ. ڪاوڙ – غصو – جوش – ناراضگي.

• **گانڊيڻُ (ت – ل):** مصدر. (سن. آ = چڱيءَ ريت + ڪَر = سڏڻ). شادي وغيره جي مقرر تاريخ لاءِ سڏڻ – دعوت ڏيڻ – ڪوٽ – نيڻڊَ ڏيڻ – دعوت مُڪائڻ. ڪم ڪار لاءِ سڏڻ.

– **گانڊيَ ج گانڊيُوْن:** ث. شادي وغيره جي دعوت – ڪوٽ – نيڻڊَ – سَڏ – اطلاع – هڏاڻو. طولائي – ڊگهائي – لمبائي – لانڊيَ.

– **گانڊيائِڻُ:** مصدر. شادي وغيره جي دعوت ڏيڻ – سڏ ڏيڻ – گانڊيَ ڏيڻ – ڪوٽ ڏيڻ.

– **گانڊيَ ڏِيڻُ:** شادي وغيره جي موقعي تي مٽن مائٽن، دوستن ۽ راڄ کي دعوت ڏيڻ – ڪانيائڻ.

– **گانڊيَ ڪَرڻُ:** دعوت ڏيڻ – ڪوٽ ڪرڻ سڏ ڏيڻ.

– **گانڊيو ج گانڊيا:** ذ. ڪوٽ ڪندڙ – ڪانڊ پهچائيندڙ – شادي وغيره جي دعوت ڏيندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **گانرو ج گانرا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (پاڻيءَ ۾ رهندڙ، سنهي چهنب مٿو گنجو ۽ ڪارو، ڳچي ڪاري) ڪانڙو، بلبل. (اسر خاص). هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• **گانڙو ج گانڙا:** ذ. ٻڪريءَ جو بلڪل ننڍو قر (ل). تير – ٻاڻ – گز (ت). نڙ (ت).

• **گانڙي (ڪ – ل):** ث. پرت جو هڪ قسم.

• **گانڙا:** اسر خاص. ڪوهستان جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **گانڙيو ج گانڙيا:** ذ. لاباري وقت ڪانا لٽندڙ مزور. جانورن جي بيماريءَ جو هڪ قسم (ت).

• **گانز ج گانز (ڪ):** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **گانس ج گانس (ت):** ذ. جوارين جي اصطلاح موجب هڪ پئسو.

• **گانسِ ج گانسُون:** ث. ڪٻٽ جي متان سونهن لاءِ لڳل تڪندي پٽي – ڪمان. جاءِ ۾ چت جي ويجهو ڪمري ۾ اندر يا ٻاهر پٽ سان لڳل ننڍو واڌارو جنهن ۾ سونهن لاءِ چنسالي هجي.

• **گانسُ ج گانس:** ذ. ڪنگٽي – چوڙي.

• **گانسو ج گانسا:** ذ. ڏاتوءَ جو هڪ قسم.

• **گانسي (ت):** ث. ڏاتوءَ جو هڪ قسم – ڪنجهو – پسي.

• **گانگَلُ ج گانگَل:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪو وڪر – هڪ قسم جي وڻ جي ڪل يا چوڙو. هڪ قسم جو ٻوٽو.

• **گانگَر (ت):** اسر خاص. ٿر ۾ هڪ ٻٽ جو نالو.

• **گانگَرَنُ (ڪ):** مصدر. سور ڪان جهيڙو آواز ڪرڻ – ڪنجهڻ – ڪُٽڪَڻ – ڪنجهڪار ڪرڻ – چنگهڪار ڪرڻ – چنگهڙ.

• **گانگرو ج گانگرا:** ذ. پاڻيءَ جو هڪ چلڪيدار جانور.

• **گانگرو ج گانگرا:** ذ. (سن. ڪَرَڪَ). درياءَ يا سمند جي پکيءَ جو هڪ قسم. سمند جي مڇيءَ جو هڪ قسم. سپيءَ جهڙي سخت ڍڪ سان. ننڍي ٻچ ۾ ڏهن پيرن سان پاڻيءَ ۾ رهندڙ جيت جو هڪ قسم.

• **گانگو (ت):** ذ. وڻ جو هڪ قسم – ڪانڪهه.

• **گانگو ڏي ج گانگو ڏيون (ت):** ث. ڪوڏ سان مشابهت رکندڙ هڪ ول جي پاڙ (ڪن جي سور لاءِ ڪم ايندڙ). ول جو هڪ قسم.

• **گانگوري (ت):** ذ. وڻ جو هڪ قسم.

• **گانگهه:** ذ. وڻ جو هڪ قسم.

– **گانگٽي جو ڏَمَرُ (ت):** اسر خاص. ڪانڪٽي پرسان هڪ ڏهر جو نالو. ٿر ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **گانگ ج گانگون:** ث. (سن. ڪانڪشا). خواهش – اِڇا – چاهه – موه ـ ڪانڪا.

– **گانگا ج گانگائون:** ث. ڪانڪ – چاهه – موه.

– **گانگي ج گانگي:** ذ. خواهشمند – خواهان – سڏائتو – سڏيو – مشتاق – گهرجائو – ضرورتمند – آرزومند – طالب – آسائو – چاهيندڙ – مرضي وارو. خواهش. اِڇا – آرزو – چاهه – ضرورت – لوڙ.

• **گانگ ج گانگون:** ث. (سن. ڪاڪ = ڪانءُ). ڪانگ جو آواز. ڪانءَ جي معرفت آيل خبر – نياپو – خبرجار. تڪڙ پيغام. ڏڳهي لڪت (پيغام جي).

• **گانگَ ج گانگَ:** ذ. (سن. ڪاڪ = ڪانگ). پکيءَ جو قسم – ڪانءُ – ڪانگڙو – ڪيانتو – زاغ – ڪانگل – ڪانگو – لڪو – ڪاڳڙو. ڪياڙيءَ جا وار. اها ڪاٻي جنهن جي متان نار جو پاڙجو رکجي. (صفت). ڏاهو – سياڻو – هوشيار. حرفتي – چالاڪ – ڪيڏاري – اتڪلي – حرفتباز. قاصد – نياپو ڪٽي ويندڙ – پيغامي. (اسر خاص). ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (گول، رنگ ڪارو بنا چلرن، قد ٣ – ٦ انچ).

– **گانگِ ج گانگيون:** ث. ڪانگ جي رڙ – دانهن – ڪاڪ جو آواز – ڪانگ جي واتان ڏياري موڪليل نياپو – ضروري پيغام.

– **گانگَ اڏائڻ:** نياپا موڪلڻ – قاصد روانو ڪرڻ – پيغام موڪلڻ. واجهائڻ – اڪير هڻڻ – اوسيڙي ۾ هڻڻ. بدسؤڙ لڳڻ – برائيءَ جا آثار نظر اچڻ – بچڙا سؤڻ هڻڻ.

– **گانگ تڙو ج گانگَ تڙا:** ذ. ٻنيءَ مان جهارَ کي هڪلڻ لاءِ ڪپڙي ۽ ڪائين جو ٽاهي رکيل ٻوتو يا پتلو. ٻنيءَ جي فصل يا ڪري تان پکي اڏائيندڙ – نگهبان – راکو – حفاظتي.

– **گانگَ پيرو:** پرت جو هڪ قسم.

– **گانگڙو ج گانگڙا:** ذ. ڪانگ جو اسر تصغير. ڪانگ لاءِ پرٻٽ يا آرانگل جو ٺهو نالو. ڪاغذ جي لغڙ جو هڪ قسم – پتنگ.

– **گانگ ڪيڻ:** ڪنهن جي لاءِ واجهائڻ – گهٽي اڪير هڻڻ. وڏو ڪري ڏيکارڻ – ڳالهه ۾ ڏيگهه ڪرڻ – پٽاڙ ڪرڻ.

– **گانگَلُ ج گانگَل:** ذ. ڪانگ – ڪانءُ – خابرو – قاصد –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يغام پهچائيندڙ.

- **ڪانگ ڏنوڙ:** ڪانگ جو ٻولڻ – لاتيون ڪرڻ – ڪان ڪان ڪرڻ. (سنڌ جي ماڻهن جو اهو خيال ته ڪاڻ مهمان جي اچڻ جي خبر پهچائي ٿو ان ڪري هن کي خابرو چون. جڏهن ڪنهن گهر جي ٻت تي اچي ٻولي (ڪان ڪان) ڪري تڏهن زالون چون ته "اڏام ڪيانتا، ڏي ٽپڪي، ڏيئين کير وتي، فلاڻو اچي ٿو!" جي ڪانگ ٽپي ٻئي هنڌ ويهي ۽ اڏامي ويو ته پڪ انهيءَ ڏينهن اهو ماڻهو يا ڪو مهمان ايندو).
- **ڪانگڻ ڪتڻ جو ڪاڄ هڻڻ:** مري وڃڻ. تڪر تڪر ٽيڻ. (شين جو) ٽڙيل پکڙيل هڻڻ.
- **ڪانگڻ وارو ڪانگرو ڪرڻ (ت):** هڪڙي هنڌ گڏ ٽيڻ – ميڙو ڪرڻ – مجموعو ڪرڻ.
- **ڪانگو ج ڪانگا:** ذ. ڪانگل – ڪاڻ – ڪانگ. قاصد.
- **ڪانگورو ج ڪانگورا:** ذ. گهٽن ڪانگن جو شور يا آواز – ڪانگيرو – ڪانگن جو هُل. ڪانگ جي پيدا ٽيڻ ۽ پلجڻ جي جاءِ. مئل ڪاڻ کي ڏسي ٻين ڪانگن جو ڪيل شور.
- **ڪانگوڙو:** ذ. ڪانگورو.
- **ڪانگيرو ج ڪانگيرا:** ذ. وانهيري وير. سج لهڻ مهل. ڪانگن جو گڏيل آواز. ڪانگن جو مجموعو – ڪانگن جو لشڪر. "ڪانگن ڪانگيرو، وهين واهيرو".
- **ڪانگيرو ڪرڻ:** (ڪانگن جو) گوڙ ڪرڻ – شور ڪرڻ – لڙڪرڻ – ڪان ڪان ڪرڻ.
- **ڪانگيلو ج ڪانگيلا (ت):** ذ. ڪانگن جو آواز – ڪانگيرو.
- **ڪانگيون ڏوڙائڻ:** تڪڙا نياپا موڪلڻ – پيغام رسائڻ.
- **ڪانگڙ ج ڪانگڙ:** ذ. (سن. ڪانڊَ = ڪانو) ڪانو – ڪاني – تيلو. ڄوئر جو هڪ قسم (ڪانو پورو ۽ ڏڳهو بي طاقت، سواد ڪڪو، سنگ ڇڏيو، وجون پن اڇو). ڳُنو. فصل جي لاباري ڪانپوءِ ڪانن جون رهيل ڪتون ۽ پاڙون. ناڙي واري زمين – هڪ فصل ڪٽي وري انهي زمين ۾ ٻئي پوکيل فصل تي پيل ڏَڙ (ل).
- **ڪانگڙي ج ڪانگڙيون:** ث. ڪڪ جي تيلي – ڪانو – ڪانگڙ. جواهرات تورڻ جو هڪ نندو تورو – لاڙي.
- **ڪانگڙو ج ڪانگڙا:** ذ. ڇڻڪڙي نموني لغڙ جو هڪ قسم. جانورن جو هڪ قسم – سادا چاور ڪنگڻي جانور.
- **ڪانگڙيات ج ڪانگڙيات (ت):** ذ. ائٽ ۾ هڪ ڏاند لاءِ مقرر ڪيل پاڃاري.
- **ڪانگلو ج ڪانگلا (ت):** ذ. لغڙ – پتنگ – ڪانگڙو. گندي – پُوري – پتلي.
- **ڪانگڻي ج ڪانگڻيون:** ث. وَل جو هڪ قسم – رتي (ل). سٽي جهڙي ٻوٽي جو هڪ قسم تاريون لکڙ وانگي ڏگهيون ۽ساين). دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارکو وڪر. صحت جو بنياد – پاڙ. (اسم خاص). ديري محبت، ساماري ۽ ڪپري تعلقن ۾ هڪ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڪانگو:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. هڪ ماڻهوءَ جو نالو.
- **ڪانگي ج ڪانگيون:** ث. مٽي تي جهولي وانگر ويڙهيل چادر – ڪانبو – ڪانبي، ڦٽي – ڪنڪي – ڪنگو – ڦٽوٽو (ٽ).
- **ڪانگهه ج ڪانگهون (ت):** ث. ڪانگ – ڪنهن ماڻهوءَ کي لکي ڏنل دستاويز يا آثارتي – سَنَدَ.
- **ڪانگهارو ج ڪانگهارا (ت):** ذ. جانور جو وڏو ڦڙ – وڏو گابو.
- **ڪانگهاري ج ڪانگهاريون:** ث. ڪير سڪائي ويلَ (ڏڳي يا مينهن) – ڪافي وقت ڏهاڙئ بعد وهڪي ويلَ وهڻ. آخرين گوهن تي مالُ – ڪانگهاري.
- **ڪانمانهه (ت):** اُتر ۽ اُپرندي جي ڪنڊ واري هوا. اُتر اوپر وارو طرف.
- **ڪانُو ج ڪانُو:** ذ. ڪانگ – ڪاڻ. نار يا هُرلي جي پارچ کي سنهالينڊڙ يا جهلينڊڙ ڪاٺي – مُهرو.
- **ڪانُو ٽنگو ۽ ڪانُو ٽنگا:** ذ. ڪَڻَ واڻٽ جو هڪ قسم – ڪانگيرو. ڪَڻَ جي تيڊي ٽيڻ واري حالت – ڪاڻ واري ڪَڻَ. (صفت). پريشان (ت).
- **ڪانُو پيريو:** ڪَڻَ جي واڻٽ جو هڪ نمونو ڪانگيرو.
- **ڪانُو جو ڏنوڙ:** ڪانگ جو "ڪانڪان" ڪرڻ.
- **ڪانُو جي اک نڪرڻ:** (اصطلاح) سخت گرمي هڻڻ – ڏاڍي اَس هجڻ – نٽهڻ اُس هجڻ – سخت ڪاڙهو هجڻ.
- **ڪانُو ڪُجهو هُجڻ (ت):** بي تعلق هجڻ – بي طرفدار هجڻ.
- **ڪانُو ڪرڻ:** اُتو ڪرڻ – نرن تي اوڪرڙو ڪرڻ. جنگي ڪاتي ۾ سزا ڏيڻ جو هڪ نمونو.
- **ڪانُولي ج ڪانُوليون:** ث. مادي ڪاڻ – ڪانگڙي.
- **ڪانُو نڪرڻ:** عَيبَ ڏسڻ ۾ اچڻ – خامي ظاهر هجڻ – وڏو هجڻ.
- **ڪانُوڻ وارو ڪانگيرو ڪرڻ، هڻڻ (ت):** لڙ مچائڻ – تر تر ڪرڻ – شور ڪرڻ – ڏمجر ڪرڻ.

• **ڪانوَن واري ڪاڻ ڪَنڊ (ت):** اجايو لڙ مجائڻ.
– **ڪانوَيلائِيَ ج ڪانويلائيُون:** ث. بڪواس – بَڪواتَ – اجايو شورُ – يخي – بَڪ بَڪ – اجائي ڳالهه – لٻاڙ – تَرڪو.
– **ڪانويلو ج ڪانويلا:** ذ. (صفت). اجايو ڳالهائيندڙ – بڪواس ڪندڙ – بَڪَبَڪيو. ننڍو ڪاڻ.
– **ڪانويلِيُ ج ڪانويليُون:** ث. ڪاڻ جي مادي – ڪانگڙي – ڪانگڙ.
• **ڪانو ج ڪانا:** ذ. (سن. ڪانْڊَ = ڪاني. سن ڪلڪ: پرا. ڪلڪو). سَر جي ڏاندي. جوئر يا ٻاجهري وغيره جو ڳَنو. ڇڙهي – لڪڙي. ماپ جو ماپيل ڪانو. ترازي جو ڳَنُ. ڪورين جو هڪ اوزار – تاجيءَ کي سڏي ٻهارڻ جي ڪائي. ڪڙو – ڳَنو. گاهه جو هڪ قسم (اُڻن جو ڪاڇ).
– **ڪانا سَارَڻُ (ت):** (ڪورين جو اصطلاح) تندن جي نمبروار ٻهارڻ لاءِ هڪ ٻئي ڪان جدا ڪرڻ لاءِ وڇ ۾ ڪانا ڏيڻ.
– **ڪانو جوڙَڻُ (ت):** تاجيءَ کي مُنجهي پوڻ ڪان بچائڻ لاءِ تاجيءَ ۾ ڪانا وجهڻ.
– **ڪانو ڇڏائڻُ (ت):** منجهيل تاجيءَ کي صفا ڪرائڻ – تاجيءَ جي اوڇ لاءِ رستو صفا ڪرڻ – تاجي صفا ڪرڻ.
– **ڪانو سَوارَڻُ (ت):** تندون صفا ڪرڻ – منجهيل تاجيءَ کي صفا ڪرڻ.
– **ڪانو ڪَڍڻُ:** (مُئل ماڻهوءَ جي) قبر ۾ ڪفن ناهڻ لاءِ ڪاني سان ماپ ڪرڻ. واهه جي ڪاڻي ماپڻ. مٽرن يا لُوسڻ جو گاهه وڪٽڻ لاءِ ڪاني سان مَڻي ڏيڻ.
– **ڪانو ڪَٽڻُ (ت):** گِلا ڪرڻ – نِندا ڪرڻ.
– **ڪانو سِجُ ڇڙَهَڻُ:** اپرڻ ڪان پوءِ ڪاني جيترو مٽي اڇڻ – سج اپرڻ ڪان پوءِ هڪ ڪلاڪ ڪن گذري وڃڻ.
– **ڪاني رُنْبَ ڪَنڊ (ت):** نشان ڪرڻ. بنياد ٻَڌڻ – پيڙهه ٻَڌڻ. پايو ٻَڌڻ.
– **ڪاني ڪَڍَ (ت):** ورهاست – ماپ.
• **ڪانوائِيُ ج ڪانوائيُون:** ث. پاڻي پرڻ لاءِ ٻنهي ڇيڙن ۾ رسن سان ڌلا، ڏول يا بالٽيون وغيره ٻَڌي ڪنيل ڪائي – ڪَنوائي.
• **ڪانوَجهَروُ (ت):** وارَ ڪَسائيندڙ بيماريءَ جو هڪ قسم.
• **ڪانوجهَروُ:** اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڪانوريُ ج ڪانوريُون:** ث. ڳئون جي رنگ جو هڪ قسم (پيلي رنگ کان وري گاڙهي رنگ تي آيل). (ک – ک). چڙ ۾ ڪاڪ جي ننڍي ڦڙڻي – نار جو هڪ عضوو (ث).
• **ڪانوريُ ج ڪانوريُون (ت):** ث. ٻيڙيءَ جو سکان جهلڻ ڪائي.
• **ڪانوُل:** ث. (عنب الثعلب) دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم گاهه يا ٻوٽو (ڦُل گول گاڙهوءِ سائو ڪڇي جو سواد ڪ پڪي جو مٺو طبيعت سرد، خشڪ يا گرم) ڪانئيل پيروڻ اُن جا ٻَڙ. (هـ. مڪو).
• **ڪانُويرا (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪانهِ:** طرف. (سن. ڪَرَهِ. پرا. ڪَنْهِ = ڪتي) ڪتي؟ ڪيڏانهن؟ ـ ڪاڏي؟ ـ ڪائي؟ ـ ڪهڙي هنڌ؟ ـ ڪهڙ پاسي؟. (ضمير). ڪير – ڪنهن کي – ڇا. "تنين ڪ ڪانهِ، جن ڪڏئي گوندر نہ لهي" (شاهه).
• **ڪانهِ ج ڪانهَ:** ذ. (سن. ڪاشڪ = ڪاس) وارياسي زمين ٽيندڙ ٻوڙي جو هڪ قسم جي ڪاني مان قلم ۾ پنن مان ٺ ٺهن. مينهن جي ڪاڻ ڪري کير مٺو ٿئي). "لايا لال لِڳن ڪ ائين جي چرو ڪانهَ" (شاهه).
• **ڪانهَنُ ج ڪانهُون:** ث. پاڻڇي جي بند پاسي رکڻ وار ڪائي – ڪان.
• **ڪانهَرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪانهِرُ ج ڪانهِرَ:** ذ. صفت. ڪاڻو.
• **ڪانهِروُ ج ڪانهِرا:** ذ. ڪانهلو – نازڪ – تاڪُتُون. ڏکائتو ڏکندڙ – سورائتو. هيٺو. بي وَسُ.
• **ڪانهري جا گِيتَ:** اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديه جو نالو.
• **ڪانهلوُ ج ڪانهلا:** ذ. صفت. (سرائڪي) نرم مزاج – نازڪ طبيعت – نازڪ. ڏکائتو – ڏکايل.
• **ڪانهلائِيُ ج ڪانهلائيُون:** ث. ڏهرائي – ضعيفائي – ايراڻ – لاغرائي – هيٺائي.
• **ڪانهُون ج ڪانهاُن (ت):** ذ. ساهميءَ جو ڏاڪو – تارازيءَ جي ڏو
• **ڪانهياريُ:** اسم خاص. تعلقي ڏڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڪانهيروُج ڪانهيرا (ک):** هڪ وڻ جو نالو.
• **ڪانهيڪيُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانهين ج ڪانهيون: ث. ڪٽڪ جي تيلين جو پاڪر. لٽيل ڪٽڪ جي ڍڳي.

ڪانهيو ج ڪانهيا (ل): ذ. ڇڙو – اڪيلو – هيڪلو.

ڪاڻ ج ڪاڻ: ذ. (سن. ڪاڪ > ڪاند = ڪانگ) پکيءَ جو هڪ قسم – ڪانڱ – ڪانگل – ڪانگڙو – زاغ. ائٽ يا نار جو هڪ عضو – پاڙجي کي مٿي جهلي بهارڙ لاءِ مٽيين پاسي کان ڏنل ڪاني. نار ۾ مالهه جي جهل واري سٽ هٽ ڍڳهي ڪاني. لوهارڪي اوزار جو نالو (ت). (صفت). (اصطلاح) ڏاهو – سياڻو – حرفتي – انڪلي – ڪيڏاري – هوشيار – چالاڪ.

ڪاڻ جي ڇهنب ۾ موڪلڻ: تمام تکڙو موڪلڻ – جهٽ پٽ موڪلڻ – جلدي موڪلڻ. سيگهه ۾ موڪلڻ.

ڪاڻ لڻڻ: ڪانگ جو تان تان ڪرڻ (عام خيال موجب مهمان جي اچڻ جي خبر ڏيڻ).

ڪانڻ ج ڪانڻ: ذ. ڪاڻ.

ڪانڻ: ث. اُڻن جي پنڌ جو هڪ قسم.

ڪانڙ ج ڪانڙ: ذ. صفت. ڍڇو – بزدل – گيدي – ڪاهل – ڪم چور – ڪيهائيندڙ. ڪڏو – ميسڙو – اندر ڪوتو. (اصطلاح) لائي چائي ڪندڙ – نندا خور. ڪانڙو (پکيءَ).

ڪانڙاڙو ج ڪانڙاڙا: ذ. صفت. ڪانڙ جو – ڪانڙ وارو – گانڊو آڙو – نامردانو – بزدلانو.

ڪانڙاڙي ج ڪانڙاڙيون: ث. ڪانڙيڙو – گيديٽو – بزدلي – ڪم همتي – بي سپهچي – نامردي – بي جگري – ڪنڊائي – ڪڏائي. جاهلائي. آرس – سُستي – ڍلائي – موڳائي – ڍرائي – تونيئپڻو – ڪاهلي – گوسڙائپ – نٽ نٽاءِ – گس گساءِ.

ڪانڙرپ ج ڪانڙرپون: ث. سستي – ڍر – گهلڻ. بزدلي – ڪانڙائي.

ڪانڙرپو: ذ. ڪانڙائي – ڪانڙرپ – ڍيجوڙو – سستي – ڪاهلي.

ڪانڙرو ج ڪانڙرا: ذ. پاڻي جي پکي جو هڪ قسم – ڪانڙر (ت).

ڪانڙل: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (پن نازبوءَ کان ٽورا وڏا) – پٽ پيرون.

• **ڪانڙل پيرون:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پسارکو وڪڙ – ٻوٽي جو هڪ قسم – پيرون.

• **ڪانڙڻل ج ڪانڙڻل:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پسارکو وڪڙ – ٻوٽي جو هڪ قسم.

• **ڪنڊون:** ضمير. ڳڻيٽي ۾ ڪهڙو تعداد – ڪهڙو نمبر. (ث. ڪانڻين).

• **ڪانڻيڻ ج ڪانڻيون:** ث. پاڄ. شڪستَ – هار. نٽ نٽاءِ – گس گساءِ – تارو. ڪانڙپائي – بزدلي – گيديپڻو. نڻيڻي – خاموشي – چُپ چُپاتُ.

• **ڪانڻين ڪڍڻ:** پڇڻ – پاڄ ڪائڻ – پڇ پائي پڇڻ. شڪست ڪائڻ – هارائڻ. ڪانڙ ٽيڻ – بزدل ٽيڻ – گيدي ٽيڻ. نٽائڻ – گسائڻ – ناتمائڻ – تارڻ – انڪار ڪرڻ – دٻڻ ۾ پيرُ هٽڻ. نڻيي هٽي ويهي رهڻ – لڪي وهڻ – ڇڪڻ.

– **ڪانڻين ڪڍي وهڻ:** نٽائي وهڻ – گسائي وهڻ.

• **ڪانڻيرو ج ڪانڻيرا:** ذ. ڍنڊ جي پکيءَ جو هڪ قسم (رنگ ڪارو. پڇ ڍگهو ڪناري تي رهي. مڇي ڪائيندڙ. قسم (۳): ۱ـ سري ۲ـ ڪنيو ۳ـ ڪانهيرو يا ڪانڻيرو). جهنگلي قل جي ڏٺ جو هڪ قسم (ڪ). گاهه جو هڪ قسم.

• **ڪانيڙ ج ڪانيون:** ث. (سن. ڪانڊ = ڪانو > تير). سَرَ جو مٽيون پاگو (جنهن مان توڪرا، ڪاريون، ڇَجَ وغيره ٺهن. هينئين پاگي مان قلم ٺهن) – ڪانو – ڪلڪ – تيلي. تير – گز. نڙ – نڙاندي – نڙاڻي (سان). قبر کڇڻ وارو ڪانو. سرائي (سرمي يا ڪجل پائڻ جي). جاهي جو سُئو. ساهمي جي ڳڻي. گاهه (ث) ڏڪ. ڪراهت (ت). (صفت). پٽ – پاراتو – بد دُعا. "مري پنهنجي موت، تہ بہ ڪاني ڪلهوڙي جي)

– **ڪانيارو ج ڪانيارا:** ذ. صفت. ڪاني لڳل – تيُر لڳل – تير سان زخميل.

– **ڪاني هڻڻ:** پڻڻ – بددُعا ڪرڻ – پاراتو ڏيڻ.

• **ڪانيرو ج ڪانيڙا:** ذ. ميون. ڪانريٽ. دندان. نيش). نيش – ڏند – ڪٽيلو.

• **ڪانيلو ج ڪانيلا:** ذ. اٽ جي ڳڇيءَ جي سونهن جو هڪ زيور – گوربند – ڪنڌ جو پتلو. هار – ڳانو – ڳاني – جنسار.

• **ڪانيرڙ ج ڪانيرڙون (ل):** ث. ڪاڪ ۾ تمام ننڍا سوراخ ڪندڙ ڪاڪ جي رنبيءَ جو هڪ قسم – واڍڪي اوزار جو هڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪانيرو ج ڪانيرا:** ذ. پاڻيءَ جو پکي ڪانڙو ـ ڪانرو. ڊگهي جي رنگ جو هڪ قسم. ڪاڪ ۾ گول يا چورس ٽنگ ڪرڻ لاءِ لوهہ جو هڪ اوزار ـ ڪانيرڙ.

• **ڪانيو ج ڪانيا:** ذ. مگر مڇيءَ جو هڪ قسم. (پني ڪاري، پيٽ اڇو. پڪ اڏ ڪارا، اڏ اڇا، منهن ٽورو ڊگهيرو ـ قد ۱ ـ ۲ فوٽ).

• **ڪانيُورا (ت):** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪانيُهَرُ ج ڪانيُهَرَ (ت):** ذ. جيت جو هڪ قسم. (چار پير رنگ ڪارو ڏنگ نہ هڻي).

• **ڪانيُهو ج ڪانيُهَا (ل):** ذ. قاصد ـ پيامبر ـ پيغام پهچائيندڙ ـ پيغامي ـ نياپو رسائيندڙ ـ ٽپالي.

• **ڪانيُڙو ج ڪانيُڙا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **ڪاڻ ج ڪاڻُون:** ث. صفت (سن. ڪاڻ = گهٽتائي). گهٽائي ـ ڪس ـ مَنائي ـ ڪمي ـ ڪوت. گتي ـ لوڙ ـ گهرج ضرورت ـ احتياج ـ ڪپ ـ حاجت ـ غرض ـ محتاجي ـ پرواه ـ لاچاري. وڏَ ـ عيب. نقص ـ مدائي ـ ڇڪ ـ پُلَ ـ خطا ـ قصور. خواهش ـ آرزو ـ لاڙو ـ شوق ـ چاهه. ڳٽتي ـ غم ـ ڏک ـ فڪر ـ اڻ تڻ ـ انتظار ـ اوسيڙو ـ انديشو ـ اونو ـ ويچار ـ خيال. پرگهور ـ نظرداري ـ پرداخت ـ رکيا ـ نگهباني ـ سنيال ـ حفاظت. تفاوت ـ ڦير ـ فرق ـ ويچو ـ تفرقو ـ وڃاندر. زيادتي ميارَن جي. ساهمي جي اَهل. شرمندگي ـ ندامتَ ـ پشيماني ـ شرمساري. حساب. ماپ (ت). (حرف جر). لاءِ ـ واسطي ـ جي ڪري ـ (ج) لاءِ ـ ڪاڻي ـ سبب.

ـ **ڪاڻائتو ج ڪاڻائتا:** ذ. عاجز ـ لاچار ـ محتاج ـ گهرجائو. ڪاڻيارو ـ ڪاڻياتو ـ بي پهچ ـ بي جي حڪم هيٺ ـ تليدو.

ـ **ڪاڻ ٻڌڻ:** (ساهمي جي) هلڪي پاسي ڏانهن اڳڙي ٻڌڻ ـ تارازي جو وزن پورو ڪرڻ. ساهمي جا هڻي پاسا برابر ڪرڻ.

ـ **ڪاڻ رهاڻ:** ث. دوستي ـ سنگت ـ ڏيٺ ـ واقفيت ـ پچاڻ ـ جاڻ سجاڻ. ڏي وٺ ـ وهنوار. سڪ ـ پريت ـ محبت ـ پيار ـ اُڪنجهر ـ موهہ ـ پريم.

ـ **ڪاڻ سُوڳَ (ت):** ڏک ۾ ويڙهل (موت جي) ـ سوڳ ۾ ـ ماتم ۾ ـ ماتمداري ۾.

ـ **ڪاڻ سهڻ:** ڪاڻ ڪيڻ ـ پرواه ڪرڻ ـ خيال ڪرڻ. مهٽا سهڻ ـ طعنا تڪا سهڻ ـ اورانهيا سهڻ. "هوند نہ ڪيئر هيتري ڪوهياري جي ڪاڻ" (شاهہ).

ـ **ڪاڻ ڪَيڻ:** عرض لاءِ محتاجي ڪرڻ ـ لحاظ رکڻ ـ سانگ رکڻ ـ آسري تي لڳڻ ـ هٻي تي پارڻ. تفاوت ڪيڻ ـ برابر ڪرڻ ـ هڪ جهڙو ڪرڻ ـ پورو ڪرڻ ـ هموزن ڪرڻ.

ـ **ڪاڻ ڪَرڻ:** ساهمي جو هڪ پاسو هيٺ ٻيو پاسو مٿي ٽي وڃڻ.

ـ **ڪاڻ رکڻ:** ساهمي ۾ وٽ رکڻ.

ـ **ڪاڻ لاهڻ:** ساهمي جا هٻي پاسا برابر ڪري ٻهارڻ ـ تفاوت ڪيڻ.

ـ **ڪاڻ لَهڻ:** غم لهڻ ـ ڏک دور ٽيڻ ـ ڳٽتي نہ رهڻ. محتاجي ختم ٽيڻ.

ـ **ڪاڻوڙو ج ڪاڻوڙا:** ذ. ڪاڻ وارو ـ محتاج ـ ضرورتمند ـ گهرجائو ـ حاجتمند.

ـ **ڪاڻ هُجڻ:** گهٽتائي يا عيب هجڻ ـ وڏَ هجڻ ـ سقم هجڻ ـ خامي هجڻ. ميار هجڻ.

ـ **ڪاڻياتو ج ڪاڻياتا:** ذ. صفت. ڪاڻ ڪيندڙ ـ محتاج ـ ڪاڻيارو ـ غرض ڪيندڙ.

• **ڪاڻيارو ج ڪاڻيارا:** ذ. صفت. ڪاڻ وارو ـ غرضدار ـ محتاج ـ گهرجائو ـ ضرورتمند ـ ڪاڻياتو ـ پَروَسُ ـ حڪم هيٺ ميارو ـ قصور وار ـ ڏوهي ـ حرفي ـ داغدار ـ عيبدار.

ـ **ڪاڻيُون ڪَيڻ:** ٽورا ڪٽڻ ـ احسان ڪٽڻ. محتاجي ڪيڻ.

• **ڪاڻاموٽِي ج ڪاڻا مُوٽِيُون (ت):** ث. لاڙ ـ ماٹو ـ انگل ـ آرو ـ ناز ـ نخرو ـ چاڪَ ـ ڪوڏ. چرڪَ ـ اوير ـ دير ـ دِيلَ انڪار ـ ناڪار.

ـ **ڪاڻاموٽِي ڪَرڻ:** انڪار ڪرڻ ـ ناڪار ڪرڻ. ماٹو ڪرڻ ـ انگل ڪرڻ ـ لاڙ ڪرڻ. اٽڪل ڪرڻ ـ حرفت ڪرڻ ـ چالاڪي ڪرڻ. گيسر ڪرڻ ـ دير ڪرڻ.

• **ڪاڻاهہ ج ڪاڻاهہ (ل):** ذ. تيل وغيره تپائڻ لاءِ لوهہ جو وڏو ٽان؛ ـ وڏي تَئي ـ ڪٺهو ـ ڪٺاهہ.

• **ڪاڻِڪو ج ڪاڻِڪا:** ذ. صفت. ڪٽڪ جو ـ ڪٽڪ وارو. گندمي ـ ڪٽڪ جهڙو. ڪٽڪ رنگو ـ سانورو ـ سانولو.

• **ڪاڻو ج ڪاڻا:** ذ. (سن. ڪاڻ > ڪانا = ڪاڻو). هڪ اک وارو ـ يڪ چشم ـ هڪ اکو. هڪ اک ۾ ڦلو پيل يا خراب ٽيل ـ ڪاڻجو. عيبدار. ڪارنهن وارو (اَنُ). (ث). ڪاڻي ج ڪاڻيون.

ـ **ڪاڻي کي ڪاڻو نہ چوڙ:** رويرو عيب نہ کولڻ ـ منهن تي عيب جوئي نہ ڪرڻ ـ ڪنهن جا عيب ثواب ظاهر نہ ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **كَاڻِي:** ث. جوئر جو هڪ قسم (اڇا، ڪارا ڏاڻا، سنگ گول). پوک جو جيت – رتي. مرض جو هڪ قسر. ڪارنهن – اڳاري. ڏيڊي يا قريل مالهه. هڪ وڪر جو نالو.

• **كَاڻِي ڪُوڏِي:** ث. پڳل ڪوڏي. تمام ٿوري ذري.

• **كَاڻُون:** اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَاڻُونُو ج كَاڻُونَنَا:** ذ. گندڻ مڇيءَ جو هڪ قسم (ڊيگهه منو فوٽ، ويڪر اڌ فوٽ).

• **كَاڻهيَارَ ج كَاڻهيَارُون (ت):** ث. موڪاڻ.

• **كَاڻِيَا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَاڻِيلو ج كَاڻِيلَا:** ذ. جانور جو نيش ڏند. چيرڻ ڦاڙڻ وارو تکو ڏند. "مُڇي پاڻن بن، ڪره ڪاڻيلا رگيا". (خليفو نبي بخش).

• **كَاڻِيگو ج كَاڻِيگَا (ت):** ذ. ڇانهين هندائو – ڪارينگو – تربوز.

• **كَاوَانُو ج كَاوَانَا:** ذ. ڏول. دلا يا مٽ ڪٽڻ لاءِ ٻنهي ڇيڙن ۾ رسا ٻڌل ڪاٻي – ڪَاڻُواڻي – ڪَڻُواڻي – ڪاوائيو – ڪاوَڻ.

– **كَاوَانِي ج كَاوَانِيُون:** ث. ڪاوانو – ڪَڻُواڻي.

– **كَاوَانِيو ج كَاوَانِيَا:** ذ. ڪَڻُواڻي – ڪاوانو.

• **كَاوتو ج كَاوتَا (ل):** ذ. محنت – تڪليف – سور – درد – ڪشالو – جاڪوڙو – ڏاڪڙو.

– **كَاوتَا كَرڻ:** تڪليف سهڻ – محنت ڪرڻ – جاڪوڙ سهڻ – ڪشالو ڪيڻ – درد سري ڪرڻ.

• **كاوڙ:** مصدر. (سن. ڪشوپ = ڪاوڙ) غصي ۾ اچڻ – ناراض ٿيڻ – ڪاوڙجڻ – ڏمرجڻ – رنج ٿيڻ – چڙڻ – ڪروڌ ڪرڻ – غصو ڪرڻ.

– **كاوڙ ج كاوڙُون:** ث. غُصو – رنج – جوش – ڏمر – چڙ – ناراضگي – ناراضپو – رُسامو.

• **كاوڙيلُ ج كاوڙيل:** ذ. غصي ۾ _ ڏمريل – ناراض – رنجيده.

– **كاوڙائڻُ:** مصدر. ڏمرائڻ – چيڑائڻ – غصو ڏيارڻ – چيڙڻ – رنجائڻ – ڪاوڙ ڏيارڻ – جوش ڏيارڻ – ناراض ڪرڻ – رُسائڻ.

– **كاوڙَڻُ:** مصدر. غصي ۾ اچڻ – چڙڻ – ڏمرجڻ – رنج ٿيڻ – جوش ۾ اچڻ – ڪاوڙڻ – پسرجڻ – رُسڻ – ناراض ٿيڻ – ڪروڌ ڪرڻ.

• **كاوڙ كاوا (ت):** ذ. شيشو – ڪانڇ – ڪاڇ – ڪائو – ڪايو.

• **كاويلِي ج كاويلِيُون (ت):** ث. مادي ڪاءُ – ڪانگڙي – ڪانگڙي.

• **كاهَ ج كاهُون:** ث. (سن. ڪَرْهـ = جُلهه) جُلهه – حملو. مال جو ۴۰، ۵۰ انداز (ث). پَنڌُ – حَل هَلان. "هُيس هوتن هاڻي تي ڪيچي گڏير ڪاهه ۾" (شاهه). ڪانهُ؟ _ (ظرف) ڪٿي؟ _ ڪائي؟ _ ڪهڙي هنڌ؟ _ ڪيڏانهن؟.

• **كاهرُ ج كاهِرا (ت):** ذ. صفت. ٿوٻي – ڪانهرو – سُست – ڪاهِل – ڪاهلو – آرسي. (ث) ڪاهِرِي ج **كاهِرِيُون.**

• **كاهري:** (اسر خاص). دادو ضلعي ۾ هڪ شهر جو نالو.

• **كاهَكِي:** اسر خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كاهِلُ ج كاهِل:** ذ. صفت. سُست – ڍرو – آرسي – ٿوٻي – ڪانهرو – ڪاهلو. ضعيف – ڏٻرو. پوئتي پيل.

– **كاهلپَ ج كاهلپُون:** ث. ڪاهِلي – سُستي – آرس – موڳائي.

– **كاهَلپِڻُ:** ث. ڪاهلي – سستي – موڳائي – آرس – ڍرائي.

– **كاهَلِي ج كاهلِيُون:** ث. سستي – آرس – آرسپائي – ڍرائي – آهستي – موڳائي – ڍلائي – ڳَرَ – ڏوٽپائي.

• **كاهِن ج كاهِن (ذ.** (ع). اڳڪٿي ڪندڙ. جادوگر. فال گو. جانورن جو آواز سڃاڻندڙ. غيب جون ڳالهيون ٻڌائيندڙ.

• **كاهِڻُ:** مصدر. هلائڻ – هڪلڻ – ڌڪڻ – ڏوڪڻ – چورڻ – اڳتي ڪرڻ. حملو ڪرڻ – چڑهي ڪرڻ – رومڙ ڪرڻ – جُلهه ڪرڻ – ڪاهه ڪرڻ – زور يا جوش سان هلڻ يا ڌُڪڻ. پيس ڪرڻ (پتي راند ۾ پتا) ورهائڻ.

– **كاهَ ج كاهُون:** ث. حملو – هَلان – جُلهه – رومڙ ۽ اچار – اوچتي چڑهي.

– **كاهُو كاهو:** ذ. صفت. حَملو ڪندڙ – جلهه ڪندڙ – رومڙ ڪندڙ – چڑهي ڪندڙ – گهيرو ڪندڙ – ڪاهَ ڪندڙ. ڪاهيندڙ. هلائيندڙ – هڪلينڊڙ – سُوار فريادي (اسر). ڪاهه – ڏوڪارَ – چڑهائي – اڳتي وڌڻ جي حالت. ڀڄ جو هڪ قسر. ٻوٽي جو هڪ قسر. پاڻي جي پکيءَ جو هڪ قسر. هڪ وڻ جو نالو. (اسر خاص). هڪ مڪان جو نالو. تعلقي ميربور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **كاهُوتي بيهَڻُ:** اوچ ٿيڻ – ثابت قدم ٿي بيهڻ – اڻ ٽڪ ٿي بيهڻ _ هوڏ يا شدت ٻڌي بيهڻ – ضد ٻڌي بيهڻ.

– **كاهو كاهَ:** ڏوڪ ڏوڪاڻ – حَملو – ڪاهَ – جُلهَ – اَلَر – رومڙ.

– **كاهي:** هڪلي – حملو ڪري – جلهه ڪري. (ضمير). ڪهڙي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **گاهي اڇڻ:** حملو ڪري اچڻ. وڃي اچڻ – ڪٽي اچڻ.
– **گاهي ڪڍ پوڻ:** ڏاڍو تنگ ڪرڻ – ڪَڪ ڪرڻ – سوڙهو گهٽڻ – بيزار ڪرڻ – لاٿي لڳائي پنڌيان پوڻ – مَڇڏو ٿي لڳڻ.
– **گاهُو ج گاهَا (ڪ):** ذ. ضمير. ڪنهن جو؟ ڪير. ڪو؟
• **گاهُوجيءُ:** اسر خاص. پٽ شاهه ڪي ويجهو هڪ ماڳ جو نالو.
• **گاهُوءِ جو ڏرو:** اسر خاص. ميرپور خاص جي پرسان هڪ قديم قتل شهر جو نالو.
• **گاهوريُ:** اسر خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **گاهيَ ٽِڪيو ج گاهي ٽِڪيا (ل):** ذ. بد اخلاق – بي حَيا – بي شرم – نرجو – بي لجو. بيڪار – بيڪمو – نڪارَ – نڪمو – اجايو – رائيگانَ.
• **گاهِيُ ج گاهِيُون (ت):** ث. سَٽِريُ – اوڙو. ڦٽڪي (ت).
• **گاهيا:** اسر خاص. ٽر ۾ مسلمان جي هڪ ذات جو نالو.
• **گاهِينْ ج گاهِنْيُونْ:** ث. ڪنهن بہ اَن (ڪٽڻ وغيره) جي وَل – ڪانهين – ناڙي. ڊِڳُي – سَٽِريُ.
• **گاهيْجا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **گاءِ:** ظرف. ڪائي – ڪاب.
• **گاءِ ج گاءِ:** ذ. ڪئو – ڏَڀ – هراسُ – پئو – خطرو – ڊيڄو.
• **گائِتُ ج گائِتَ (ت):** ذ. گائِڪ. مُشَبِهُ – شَڪِيُ – گُماني.
• **گائِتُ:** اسر خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **گائِجو ج گائِجا:** ذ. قاعدو – قانون – دستور العمل. رواج – ريت – رَسَم.. چَڪَ. هوٽارو.
• **گائِرُ ج گائِرَ:** ذ. (سن. گَائِـرَ = ڊِڄڻو) ڊِڄڻو – گيدي – بُزدل – ڊرپوڪ – ڪَمَ هِمتَ – بي هِمتَ – ڪائِرُ.
• **گائلائو:** (ث) ذ. حفاظت – رک (ٻَنيءَ جي)
• **گائِنَات ج گائِنَاتُونْ:** ث. (ع. ڪون = وجود) دُنيا – جهانُ. مخلوقات – جَڳُ – سَنسارُ – عَالِمُ – خلق الله – سرشٽِيُ. موجودات.
• **گائِنج:** ث. سلوار ـ سٿڻ.
• **گائِنج اُڇلڻُ:** انتهائي ڪوشش ڪرڻ – گهڻو زور لائڻ – بيحد سعيو ڪرڻ.
– **گائِنج هَڻڻُ:** اِنتهائي ڪوشش ڪرڻ – گهڻو زور لائڻ.
• **گائِنرُ:** اسر خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **گائُ:** ذ. (سن. ڪانُج = شيشو) ڪايو – شيشو – ڪَنج – ڪانُج – ڪاجُ. آرسي. ڪايو سمنڊ جي ويرَ لهڻ واري حالت. درياءَ ۾ پاڻيءَ جي لاٽ. پاڻيءَ جي ڇڇڙ وَاري حالت – پاڻيءَ جي لاٽ (ل).
– **گائُ ڏِيڻُ (ت):** ڇڏي وڃڻ – لهي وڃڻ. "سڄ لهڻ مهل تَپ ڪائو ڏئي لهي پوندو آهي" (جملو).
– **گائُ ڪَچ:** ڪوڙو يا ڪچو شيشو (نہ موتي نہ جواهر) – ڪوڙو – ڪوتو.
– **گائُ گائُ:** (تپ، بيماري، پاڻي وغيره جو) گهڻجڻ – لَهڻ – مڙڻ – هَڻڻ – جهپجڻ – پوئتي پوڻ.
• **گائُور (ت):** ث. اُبتو – اُبتڙ – برطرف – اونڌو – اُلٽو.
• **گائُوڙِيُ ج گائُوڙِيُون (ت):** ث. ڪائين جي لَڏ جو هڪ پاسو – گڏهه جي جنديءَ جو هڪ پاسو.
• **گائُوسُ ج گائُوسَ:** ذ. (ع). ايران جي هڪ بادشاهه جو نالو (رستم پهلوان ان جي نوڪرن مان هو). ڪَيڪائوس.
• **گائُونْ (ت):** ذ. مالهه ڪي ڊينگي تان ٽڙڻ ڪان جهلي بهندڙ هڪ ڪائي. (ضمير). ڪهڙو نمبر وغيره.
• **گائِيُ ج گائِيُونْ:** ث. (سن. گَتَ) هندن جي پارٽي (جنازي) ڪڍڻ لاءِ ڪاٺ جي ٺهيل ڍاڪائين ڍولي – بانس ۽ ڪڪن جي ٺهيل ڍولي. ٻَنيءَ ۾ ڪَلَرَ وجهڻ لاءِ ڪتب ايندڙ ڪپڑو (ت). (اسر خاص). سيوهڻ تعلقي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
– **گائِيُ ڪَڍَنْ:** مساڻ ڏي مردو ڪڍي وڃڻ – ڪائيءَ تي ڪڍڻ.
• **گائِيُلُ ج گائِيُلَ:** ذ. پيٽ ۾ ويل ڪاڏي جو سڏيو جزو.
• **گائِيُرُ ج گائِيُرَ:** ذ. پيٽ ۾ رَبَ جي صورت اختيار ڪيل اڻ هضم ٽيل ڪاڏو.
• **گائِينْ:** ث. موشو – تارو – سوس – ذري جيتري بہ ناڪار "ڪُونڊَ قلعي جا ڪوڏيا، ڪائين. مُور نہ ڪن" (خليفو نبي بخش). (ضمير) ڪهڙي (نمبر ۾).
– **گائِينْ ڪَرَنْ:** (ت). ڪَنِي ڪرڻ – پُٺِ ڏيڻ – پاسو ڪرڻ – تارو ڪرڻ – موشو ڪرڻ.
– **گائِينْ وارَنْ (ت):** پُٺِ ڏيڻ – انڪار ڪرڻ – ناڪار ڪرڻ.
– **گائِينْ ڪالْ:** تمام پوءِ ـ گهڻو وقت پوءِ.
• **گائِينْلُ ج گائِينْلَ (ل):** ذ. هڪ پکيءَ جو نالو.
• **گايَا ج گايائُونْ:** ث. (سن. ڪايَ > ڪايا = بدن) بَدن – جسم – هاڻي – جان ـ تَنُ – سَرِيرُ – بُتُ – ڏِيلُ – وجود.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چهرو – رُوپ – شڪل – صورت. تندرستي – چڱيلائي.
– **ڪايا پَلٽ:** ث. صفت. جُوڙ قبول ڪندڙ. هڪڙي جسم مان ٻئي جسم ۾ وينڊر. چولو بدلائيندڙ – ويس بدلائيندڙ. طبيعت ۾ تبديلي – طبيعت ۾ ڦير. (اسم) پوڙهي مان جوان ڪندڙ دوا.
– **ڪايا پَلٽ ٿيڻ:** صورتحال بدلجڻ. روپ مٽجڻ.
– **كايا پلٽڻ:** بلڪل بدلائي ڇڏڻ – تبديلي آڻڻ – ڦيرو آڻڻ.
– **كايا ڪَوريجڻ:** جواني ۽ جا آثار ظاهر ٿيڻ – لڳ لال ٿيڻ – مورڇڻ.
– **ڪايا ۾ ويچار هُئڻ:** بي مزي ٿيڻ – ناچاق ٿيڻ – عليل ٿيڻ – اُڪهو ٿيڻ – بي چاق ٿيڻ.
• **ڪايرُ ج كايرَ (ث):** ذ. ٽڪل – چُور. بيزار – ڪَڪ – خفي – ڦڪو – شرمنده ـ پشيمان – شرمسار.
• **ڪَايُو ج ڪَايا:** ذ. ڪائو – شيشو. ڏگهي چڙهه – لڙهو. پَجرُ.
• **ڪَبَابُ ج ڪَبَابَ:** ذ. (ع). ڪاڌي جي شيءِ جو هڪ قسم – سِيخَ ۾ پڪل قيمون.
– **ڪَبَابُ ٿِيڻ:** پچڻ – سيخ ٿيڻ. سَڙڻ.
– **ڪَبَابُ ڪَرڻ:** ڪباب ٺاهڻ – سيخ ڪرڻ.
– **ڪَبَابَ وارو:** ڪبابن وارو – ڪباب ٺاهي وڪڻندڙ – ڪبابي – ڪبابچي.
– **ڪَبَابِيُ ج ڪَبَابِيْ:** ذ. صفت. ڪباب ٺاهي وڪڻندڙ – ڪبابن وارو.
• **بَابُ چِيْنِيْ:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر (گول داڻا. رنگ ڪارو. ڪارن مرچن جهڙو مصالح طور کاڌي ۾ ڪم ايندڙ).
• **كَبَتُ ج كَبَتَ:** ذ. (هڪوَت. ڪهت) بيت – نظر – شعر. ڏگهو قصو.
• **ڪِبرُ:** ذ. (ع) پوڙهائي – ٻڍائي – پيري – بزرگي – وڏائي – عظمَت – خدا تعاليٰ جي وڏائي واري وصف. تڪَبّرُ – ڪوڙو ڏيڪ – مغروري.
• **ڪِبْرِيا:** ذ. (ع). ڪبرياءِ. عظمت – وڏائي. تڪبر – خود بيني – خَودنمائي.
• **ڪِبرِيَاءُ:** ذ. (ع). عظمت – جلالت – شان – عزت – وڏائي – قدرَت ـ الله تعاليٰ جو صفاتي نالو. تحمل. هٺ – غرور – تڪبر. "قربُ ڪِبرِياءِ. ماءِ ملاقي نہ ٽيا" (شاهه).
• **ڪَبَڪ ج ڪَبَڪ:** ذ. (ف) مور پکيءَ جي مادي – ڊيل.
• **ڪُبو ءِ ڪُبَا:** ذ. گهِهُ. تيل وغيره وهڻ لاءِ چم جي وڏي ڳوٽري. ڪُپو – ڪُپي (باهه جي ڪم لاءِ). ڪوندي.
• **ڪَبُوتَرُ ج ڪَبُوتَرَ:** ذ. (سن. ڪَپُوتڪ = ڪَبُوتر). پکيءَ جو هڪ قسم – پاربهر – پاربهل – پاربل – پاربلو. (صفت). پيغام پهچائيندڙ – قاصد. حَسينُ – سُهڻو – من موهڻو – معشوق (ذ). گهوڙي جي رنگ جو هڪ قسم.
– **ڪَبُوتَرائِيْ:** ذ. ڪبوتر ڏارينڊ يا وڪڻندڙ – ڪبوتر باز.
– **ڪَبُوتَرُ باڙ ج ڪَبُوتَرَ باڙَ:** ذ. ڪَبُوتَر ڏارينڊ يا وڪڻندڙ – ڪَبُوترائي.
– **ڪَبُوتَرُ خانُو ج ڪَبُوتَرخانا:** ذ. ڪَبُوترن جي رهڻ جي جاءِ ـ ڪابُڪ. اها جاءِ جتي هڪڙو اچي ٻيو وڃي – مسافر خانو.
– **ڪَبُوتَرِيْ ج ڪَبُوتَرِيُوْنْ:** ث. ڪبوتر جي مادي. نڍڻ واري ڪجريَ – نڍڻي. (صَفت). خوبصورت – سهڻي – خوش وضع – حَسِيْن – سُنْدَر.
• **ڪَبُودُ:** ذ صفت (فَ). آسماني رنگ جو – بِلُو – نِيلو – آسماني.
• **ڪپِيْ (ل):** ظرف. (هـ. ڪپي) ڪڏهن پـ – ڪڏهن بـ – ڪَڏهين پي – "آءُ ڪَبِيْ ڪونَ چڏيندس" (جملو).
• **ڪُبِيَارَ ج ڪُبِيارُوْنْ (ث):** ث. قر ڪي پيار سان ڪير نہ ڏارائيندڙ ٻڪري – ڪَٽر.
• **ڪَبِيْرُ ج ڪَبِيْرَ:** ذ. صَفت. (ع). وڏو – بزرگ – بَرگَزِيدو – اُتَم – اعظم – اعليٰ. (اسم خاص). هندستان جو مشهور پڳٽ ۽ درويش فقير – ڪَبِيْرُ. پڳٽ.
– **ڪَبِيْرَ پَنْتِيْ:** ذ. پڳٽ ڪبير جا پوئلڳ. چيلا. مريد.
• **ڪَبِيْرُو ج ڪَبِيْرا:** ذ. صفت. (ع). وڏو – سخت. ڪَبِيْرو گُناهه ـ وڏو گُناهُ.
• **ڪَبِيْرُ شاهُ:** اسم خاص. سنڌ جي مشهور شاعر جو نالو (لس ٻيلي جي شهر اٽل ۾ سندس مزار).
• **ڪَبَ ج ڪَبُوْنْ (ل):** ث. ٻهانو – تارو – عُذر. نت نَٽاءِ – گَس گَساءِ – گوٽناٽ. ڏَپ – پؤ – خطرو.
• **ڪُبْ ج ڪُبَ:** ذ. (سن. ڪُبْج = ڪَڪُ) گَڪُ – وَر – ڪُج – وَڪرُ – خَمَر – وَٽ – گَنڀ – پيچ – ڏِنگ – گُهُپ – اَماس – سوج – گُبَ – ڍٽو – ڪُهِيْ. اُپيٽو – ماهي پشت – ٽوهو. ڳنڍ – جهڪ – چُگهه – گِهِيج.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **کُھائڻُ:** مصدر. کُھو ٽيڻ. نوڙي هلڻ – جهڪو ٽي. کُھڙو ٽي هلڻ – گڪ ٽي هلڻ – کُھو ٽي هلڻ. ٽيڙو ٽيڻ – ڏنگو ٽيڻ – چِبو ٽيڻ. پَڄڻ – مُڙڻ. ٽيڪ ڏيئي وهڻ.

– **کُھائِيْ ج کُھائِيُوْنْ:** ث. گُڪائِي – گُڪ – کُھ – وُر – موڙ – چِبُ – وکڙ – ڏنگائي.

– **کُھڙو ج کُھڙا:** ذ. صفت. گُڪ نڪتل – کُھو – نوڙي هلندڙ – ڏوندڙو – نمي هلندڙ. ٽوهي وارو – ٽوهو – گُڪ – کُھ – اُپيٽو – ماهي پُشت.

– **کُھڙو ٽِيڻ:** جهُڪڻ – لوڙڻ – هيٺ ٽيڻ – نمڻ – کُھو ٽيڻ – گُڪو ٽيڻ – کُھ کَڏڻ – نئڙڻ – نوڙڻ. چيلهه ٽُپائڻ.

• **کَھاڻ ج کَھاڻ (ت):** ذ. (ڏوٻين جو محاورو) کَھڻ – اَلماڙِيْ. کپڙا استري ڪري کَھاڻ ۾ رک" (جملو).

• **کُھائڻ:** سيڙائڻ – اوير ڪرائڻ – ٽيڙائڻ – لمائڻ.

• **کَھٹ (ک):** ذ. ڪُڳي – دغا – دولاب – تَرڪُ – فريب – وساهه گهاتي.

• **کَھٹ ج کَھٹ:** ذ. الماڙي – کَھاڻ.

• **کَھٹا:** اسم خاص. ٽ ۾ رهندڙ هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **کُھٹَڊيُو ج کُھٹَڊيا:** ذ. صفت. بدنيت – کُنڊ.

• **کَھڏِيْ:** اسم خاص. هڪ راند جو نالو – کَھڏ کوڏي – کوڏي کوڏي.

• **کَھرج کَھرُوْنْ:** ث. (ع. قبره) پکيءَ جو هڪ قسم – لالي.

• **کَھَڙ کَھْھَرِيْ (ث):** گهٽن رنگن جي ميلاپ واري شيءِ – رنگ برنگيَ – رنگارنگي.

• **کُھَڙ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو – جوٽيجن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **کُھرا:** اسم خاص. (مهرن جي قوم) هڪ پاڙي جو نالو.

• **کَھرُوْ ج کَھرا:** ذ. صفت. چٽڪمري رنگ وارو – ڪبر وانگر ڪارو اڇو ٻن رنگن جي چٽن وارو (ڏاند، جانور). چٽ چٽ – ابلق – چٽڪمرو (جانورن جي رنگ جو هڪ قسم) (ث) کَھري ج کَھرُون.

– **کَھَڙِيْ ٻَڙِيْ:** ٽ. بري ٻکريءَ جو هڪ قسم.

– **کَھَڙِيْ ڏاڙهِيْ:** ث. اڇن ۽ ڪارن وارن واري ڏاڙهي – کرڙڏاڙهي (ذ). کَرڙودُ.

• **کُھڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **کُھڙاڻُ ج کُھڙاڻُوْنْ:** ذ. ث. ڪڪڙاڻ – ريهاڙ ڪُتي جو جانور کي وٺڻ وقت آواز – پُونڪاڻ – ٻُوهاڙ – پُونڪ (ت).

• **کُھڙُوْ:** اسم خاص. تعلقي رتيديري ۾ هڪ ديهه جو نالو. گهٽو کُھو (ٻٽ نڪتل).

• **کَھَڙ:** اسم خاص. راند جو هڪ قسم – کَھَڙ وڏي – کوڏي کوڏي – کَھَڏي.

• **کَھَڻُ:** مصدر. کَنبڻُ – ڏَکَڻُ. اندیشو ڪرڻ – اونو ڪرڻ – فڪر ڪرڻ – ڳڻتي ڪرڻ – اوسيڙو ڪرڻ.

• **کُھ ج کَھ:** ذ. ڏوڏو – لوڏو – ٽرڪٽي – ڏڪٽي. چِرڪ – ڏَپ – ڊِڄ – ڊيڄو. کَھ. گهُھ.

• **کَھوڙ ج کَھا (ل):** ذ. ٻاڙو – ٽورو ڪسارو. "ڪوهه تازو ٻڌل آهي، انهيءَ ڪري پاٽي کُھو ٽي پيو آهي" (جملو).

• **کُھوڙ ج کُھا:** ذ. صفت. (سن. کَبْج > کُوبَر. ف کوز = نميل) نميلَ – نوڙيل – پُٽ نڪتل – خميده پُشت – گُڪو – ڏنگو – قُڏو – ڏوڙاکو – چِبو. نار جو هڪ عضوو – مهري واري چڪر جو گولاڻون ارو.

– **کُھيْ ج کُھيُوْنْ:** ث. کُھي جو مؤنث – جهُڪيل – نميل – ڏنگي – قُڏي. ڏيئي ٻارڻ لاءِ ڳاري (هندڪي رسم).

– **کُھيْ لِيْڪ:** ث. ڏنگي يا قُڏي ليک.

– **کُھيْ کائڻُ:** اڻ سڌيءَ طرح انڪار ڪرڻ. ڳڻتي ڪرڻ – دل هٽڻ.

• **کَھُوهڙِيْ ج کَھُوهڙِيُوْنْ (ل):** ث. گهٽن رنگن واري – چٽڪبري – چٽَڪمري – رنگين. ڪاري تتر جي مادي – مسيِ – کَھَهڙِيْ (ت).

• **کَھُوهو (ت):** اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.

• **کَھَهڙُ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم – کَھَهڙ. کَلَ جو هڪ قسم – ننڍي اڻ مِنڊيل کَلَ (چوٽي منڊيئڙي وانگر). پاٽيءَ تي ٽيندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم.

• **کَھَهڙِيْ ج کَھَهڙِيُوْنْ:** ث. پکيءَ جو هڪ قسم – ڪارڙي تتر جي مادي – مسيِ – کَھوهڙِي.

• **کَھِيْ:** ث. (اڏ نالو) ڪارڙي تتر جي مادي.

• **کُھٻ ج کُھٻ:** ذ. خراب لفظ – کُوَڇنُ – آشُٻ – بدلفظ – گارگند – (ضد. سُٻ).

• **کُھِيَر:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **كُيَر:** اسر خاص. تعلقي اٻاوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كُٽ:** ث. ڪُتيءَ جو لڳ. ڪَتيءَ جي مهيني ۾ ڪُتي جي لڳ جو وقت – اتي مان جدا ٽيل تهه – چِلڙو – اَن جون ڪلون – ڪُٽو.

(ظرف) ڪٽي؟ ـ ڪاڻي؟ ـ ڪهڙي هنڌ؟ ـ ڪيڏانهن؟

– **ڪُٽ ڪَرڻُ:** ڪتي ۽ ڪتيءَ جو لڳ ڪرڻ.

• **ڪُتُّ ج ڪُتَ:** ذ. (سن. ڪرتن = ڪَتُ). نبُ (قلم جو). ڪتڻ جو ڪر – ڪاپو (اٿت جي وسيلي ڪپهه مان تندون ڪڍڻ). ڪوڏر سان زمين تي ڪيل نشان. چاقون يا چريءَ سان وڻ وغيره تي ڏنل وڍ. ڪپ – ٽڪو. خط (وارن جو). ڪريلي وغيره جي چِلَ – چِلو – چلڪو – ڪل – ڪَلهَڙ.

– **ڪُٽ جي ماني:** ڪريلي جي ڪٽ وڌي پڇايل روٽي.

– **ڪُٽ وڍڻُ:** نشان ڪرڻ – وڍ ڏيڻ – ڪپ ڪرڻ – ڪپو ڏيڻ – تڪ ڪَرڻ. ڳالهه جو فيصلو ڪرڻ – قطع ڪلام ڪرڻ – نبيرو ڪرڻ – آخرين چيڙو ڇڏائڻ.

• **ڪٽ ج ڪُتُوْن (ل):** ث. بدن تي نڪتل سنها پورا وار. راءِ جا داڻا داڻا. بدن کي ڪائيندڙ ذرڙا – ننڍڙي زهريلي جيت جو هڪ قسم – مڇر جو هڪ قسم.

• **ڪُٽ ج ڪُٽ:** ث. (سن. ڪِيٹ). سنهڙي اڇڙي اُڏامندڙ جيت جو هڪ قسم. سَرَ وغيره جي پنن تي نڪتل سنها ڪارائي وارا ڏندا. (وڻ جي) پنن وغيره تي سنها وار – بوجر. زير ناف وارا وار.

• **ڪُٽ خَلقْ:** ث. عام ماڻهو – گرا گنجا – تڙي تِيمٽِي – ڪُٽ راج.

• **ڪُٽ رَاجُ:** ذ. ڪُٽ خلق – هيٺا – ڪمزور (ماڻهو).

• **ڪِتَابُ ج ڪُتَبَ:** ذ. (ع. ڪَتَبَ = هن لکيو). لکيل پنن جو جلد. جويڙي – بندي – رسالو – ڪاپي. وَهِيْ – ڪاتو – رجسٽر.

– **ڪِتَابُ آسمَانِيْ:** ذ.ڪِتَابُ الاهي (خدا تعاليٰ جي طرفان احڪام الاهي بابت ڪنهن پيغمبر جي وسيلي سان نازل ٿيل ڪتاب). جيئن ته "توريت – انجيل – زبور – فرقان (قرآن شريف)".

– **ڪِتَابَتْ ج ڪِتَابَتُوْنْ:** ث. لِکيت – لِکت – تحرير – لکڻي – نوشتو – ڪاپي نويسي – لکيو. نامہ – رقعو – خط. خبر – نياپو. اعمالنامو.

– **ڪِتَابُ فروشْ:** تاجر ڪتب – ڪتاب وڪڻندڙ – (انگ) بڪ سيلر.

– **ڪِتَابُ ڪَيْڻُ:** ڦورو ڦولڻ – ليکو ڪرڻ – حساب ڪرڻ – حساب. اوڻايون ظاهر ڪرڻ – اعمالنامو ظاهر ڪرڻ – برايون وغيره پڌريون ڪرڻ – نڪته چيني ڪرڻ. اعتراض ڪرڻ. حرفي ڪرڻ – عتاب ڏيڻ.

– **ڪِتَابَنْ جو ڪِيڙو:** ذ. ڪتابن کي ڪائيندڙ هڪ جيت – اُڏوهي (صفت). گهٽو مطالعو ڪندڙ – گهٽو پڙهندڙ.

– **ڪِتَابِيْ ج ڪِتَابِيْ:** ذ. ڪتاب رکندڙ – ڪتاب وڪڻندڙ. پڙهيل ڪتاب دان – عالم – صاحب ڪتاب – ڄاڻو – فاضل. (صفت). ڪتاب جو. منهن ويڪرو – گول چهرو – ڪليل منهن.

• **ڪُتَابُ ج ڪُتَّابُ:** ذ. (ع). ڪتابُ – مڪتب – ڪتاب خانو.

• **ڪُتالاڻيْ:** اسر خاص. پتافي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **ڪُتانُ:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽي جو نالو. سِٹِيءَ جي هڪ عمدي قسم جو ڪپڙو.

• **ڪُتانِيْ:** اسر خاص. ڏيبلي تعلقي ۾ هڪ نڙ ڪوهه جو نالو.

• **ڪُتائِيُ:** مصدر. (سن. ڪَرْتَنَ = ڪَتڻُ) ڪتڻ واري ڪرت ڪرائڻ – ٻئي کان ڪتڻ جو ڪم ڪرائڻ – ڪپڙو تيار ڪرڻ لاءِ ست بنائڻ.

– **ڪُتائِيْ ج ڪُتائِيُوْنْ:** ث. ڪتڻ جي مزوري يا عيوضو – ڪتائڻ جو اجورو.

• **ڪُتَائِيْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪُتَبُ ج ڪُتَبَ:** ذ. (سن. ڪرتوبَ = ڪم) ڪَمُ – ڪاجُ – ڪارُج – ڪرتَبُ – ڪار – ڪرت – مشغولي – ڪم ڪار – پيشو – ڌنڌو – هنر – ڪاريگري. غرض – لاءِ – فائدو – سُودُ – اُٺ جي پلڙ جو اڳيون ڪاٺ وارو ٽڪر (هي به گڏ ٽين انهيءَ لاءِ ته رسو ٻڌڻ ڪري اُٺ کي ايذاءُ نه اچي). هني جي ڪمان. (اسر خاص). پرت جو هڪ قسم (ڪ).

• **ڪُتَبُ اَڇڻُ:** ڪم اچڻ – ضرورت هڻڻ – گهرج هڻڻ. فائديوارو ٽيڻ – لاءِ وارو ٽيڻ.

• **ڪُتْبائِتو ج ڪُتْبائِتا:** ذ. صفت. ڪمائتو – ڪارائتو – ڪم ايندڙ – ڪارآمد – ڪم جهڙو.

• **ڪُتَبُ لاڙُ:** ڪم لاڙ. ڌنڌي ۾ لاڙ – ڪرت ۾ لڳائڻ. ڪم ۾ آڻڻ.

• **ڪُتُبُ:** 'ڪتاب' جو عربي ۾ جمع. گهٽا ڪتاب.

• **ڪُتُبخانُو ج ڪُتُبْخانا:** ذ. ڪتاب گهرُ – ٻُوڪ ڊپو. پڙهڻ لاءِ جمع ٽيل ڪتابن جي جاءِ ـ لائبريري.

• **ڪُتُبُ فروشُ:** ڪتاب وڪڻندڙ – تاجر – ڪُتُبُ – ڪتابن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپاري – ڪتابَ فروش.

• **ڪُتبو ج ڪُتبا:** ذ. خيال – ويچار – فڪر. اُميد – آسرو. ڪوشش – سَعْيو – اُدم – اورجائي (ت).

• **ڪَتبو ج ڪَتبا:** ذ. پٿر. سر. ديوار وغيره تي ڪنڊ ٽيل يا لکيل عبارت (تاريخي يادگار طور)

• **ڪَتِجڻُ:** مصدر. گرم ٽيڻ – تَپڻُ (چڪين وغيره ۾). (ڪپهه وغيره) ڪتجي تيار ٽيڻ – ڇُٽا ڇُٽا ٽيڻ.

• **ڪَتْخُدا:** ذ. (ف) گهر جو مالڪ – پَتارُ – خاوندُ – گهوٽ – ڪَدْ خُدا.

• **ڪَتَرُ ج ڪَتَرَ:** ذ. اُناج جو ٿُهَ يا ڪَلَ – ٿُهَ جو ذرو – ڪَڏَرُ – بُهَ – ٽُوتڙُ – چِلِرُ – چِلتو. اک ۾ پيئل ڪڪرو – ڪَتَرُ مَڇِي جو نندو ٽڪر – سِرِيُ – ڳَيِيُ – هيرو.

• **ڪَتَرُ ڪاٽڻُ:** ميڙا چوندَي وارو اَنَ صاف ڪرڻ – بُهه اپڙڻ. نڪمي شيءِ تي مغز هڏڻ – بي فائدو ڪم ڪرڻ – اجايو مٿو مارڻ – خواهه مخواهه پاڻ پتوڙڻ – بي فائدو پورهيو ڪرڻ. ڇڱيءَ طرح جانچ جونچ ڪرڻ – باريڪ بيني سان جانچڻ.

• **ڪُتر ج ڪُترِ:** ث. (سن. ڪرتن = ڪُترڻ) جانورن جي ڪارائٽ جي ڪم ايندڙ گاهه يا ڪانن جا ڪيل نندا نندا ڪترا – ڪانن جا ڳَترا ڳَتِرا.

– **ڪُترِ ٽيڻُ:** ٽڪر ٽڪر ٽيڻ – ذرا ذرا ٽيڻ. ڪنهن جي دَرَ تي گهڙي گهڙي وڃڻ. وڃڻ وارن جي گهٽائي ٽيڻ – جهجهائي ٽيڻ – بي انداز ٽيڻ – ڳاڙيٽي ڪان ٻاهر هجڻ.

– **ڪُترِجڻُ:** مصدر. ڪُترِ ٽيڻُ.

• **ڪُتَرَڙِي ج ڪُتَرڙِيُونْ:** ث. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم – پوٽ ٻوٽي.

• **ڪُترڪو ج ڪُترڪا (ل):** ذ. بي ڏَوُلو – بدشڪلُ – بيڇڙو – بدصورت.

• **ڪَتْرُ:** مصدر. (سن. ڪَرْتَنَ = ڪَترڻُ) وڍڻ – ڪاٽڻ – چانٽڻ (ڪڪ ڪانا) وار نندا ڪرڻ (مٿي جا) چانڊڻ – تراشڻ. وار ڪاٽڻ (هڪري جا). وهنڊ – ٽاپڻ – ماپ وٺڻ – ڪَچڻ (ڪپڙو). (اسر خاص). گاهه جو هڪ قسم.

• **ڪَتَرَ ج ڪَتَرُونْ:** ث. ڪپڙي ڪترڻ جو اوزار – ڪاتر – ڪُنجي – مقراض – ڄاتي (ڪ). سوپارين وڍڻ جو اوزار – سُوئڙو – سُوئڙي. ڪَترِيل ڪپڙي جا ٽڪر – ڪَتيل سنهيون اڇڙيون. لِيڙون – ٽِڪڙيُون. ذرا ذرا – ٽڪر ٽڪر (سوپارين وغيره جا). ڪاتَ – وَڍَ. ٽر ۾ چوپائي مال جي سڃاڻپ لاءِ ڪُنجي جهڙو ڪديل نشان.

– **ڪَترائِيْ ج ڪَترائِيُونْ:** ث. ڪترڻ جو اُجورو – وڍائي – حَجامت – ڪترائي.

– **ڪَترائِڻُ:** مصدر. ڪتر جو ڪر ڪرائڻ – ڪٽائڻ – ڪٽ ڪرائڻ – وَڍائڻ – چوٽو ڪرائڻ – ڇَنڊائڻ – هلڪو ڪرائڻ. (سنگت کي) اڏ ۾ ڇڏي وڃڻ – وڃ ۾ ڇڏي وڃڻ – پڇي وڃڻ.

– **ڪَترائِيْ ج ڪَترائِيُونْ:** ث. (ڪپڙي وغيره) ڪترڻ جو عيوضو يا مزوري.

– **ڪُتَرَ پوَڻُ:** ڪترجڻ – وڍجڻ – ڪُنجڻ. ڪُنجي پوڻ. گهنجڻ – سُسَڻ – گهٽ ٽيڻ (جمار ۾). لاٽ پوڻ (پاڻيءَ ۾). ڪَتَ ٽيڻ (پئسن ۾). گهوبي لڳڻ – وڃان نڪري وڃڻ (ڪنهن شيءِ جو). بي ايماني ٽيڻ – دغا ٽيڻ.

– **ڪَتَرْڻِيْ ج ڪَتَرْڻِيُونْ:** ث. قَنچي – مقراض – ڪَتَرَ – ڪاتَرَ – ڄاتي (ڪ).

– **ڪَترِوُ ج ڪَترا:** ذ. چاقو وغيره سان ڪپيل ٽڪر – ڳَترو – پورُ – ٽُڪر – ذرو – تِڇَ – چوڏو – ڪٽو.

• **ڪُترَ ج ڪُتَرُونْ:** ث. ڪپڙي جون ٽڪريون – ليڙون – ڪاٽ ڪُوتَ – وَڍَ ٽُڪَ – چاندِ ڀُوندِ. ذرو پرزو – ٻوهار سوهار – ڪُترسُتر.

• **ڪَترِيْ ج ڪَترِيُونْ:** ث. ڪاري مِرونءَ يا سُوئر جو نيٺُ – ڏاڙهَ – ڏڦو. ويڑهاڪي ڏاند جي سڱ جي پاسيري اَڪَلَ – ٽونو – ڪَپي (ت). مڇيءَ جي ٻيري. وڏن اکن واري جار (ت). ڪاني جي ٻن ڳَنڊين جي وچ وارو هنڌ – ڳري ڳَري.

– **ڪَترِيْ هَڏَڻُ:** سڱن واري جانور جو ڪنهن ماٿهوءَ يا ٻئي جانور کي ٽونو هڏڻ. هڪ مَلهه کي ڏڪ ڏيڻ جي ارادي سان مٿي يا ڄاڙيءَ ۾ مٿو هڏڻ – هُرڇَڻُ.

• **ڪَترِيُونْ صُوفَ (ت):** پرت جو هڪ قسم.

• **ڪَترِيُونْ هَڏَڻُ:** خراب نيت ڏيکارڻ – دغا ڪرڻ – دولاب ڪرڻ – فريب ڪرڻ.

• **ڪَترِيوُ ج ڪَترِيا:** ذ. عورت جي ڪرائيءَ جو ڳَهَ – ٻانهن جي زيور جو هڪ هڪ قسم – ڪَنگڻ – ڇوڙو – ٻانهن رَکي – دستي. ڪڙهي جو پيرُ – سَنْجو (ل). "ڪپ وادولا، ڪترِيا، هُنَا بارُو بند بار" (موسو لاشاري). ٽري زالن جو ڏائي هٿ ۾

پائڻ جو هڪ زيور – ڪتريئا.

• **ڪُترڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪُترڙُ ج ڪُترڙا:** ذ. آڏاڻي جو هڪ اوزار – هوديءَ ۾ قرندڙ اوزار (جو نار کي ڏکيندو آهي) ڳٽڪو. پرت جو هڪ قسم (ڪ). نندڙو ڪُتو – ڪُلُرُ.

• **ڪُترِيُونْ (ت):** ث. ڪاوڙ – جوش – ڏک – ارمان – گوندر – شوڪ – غَمُ.

• **ڪُتڪُ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪُتڪائِيْ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُتڪُتُ ج ڪُتڪُتُونْ:** ث. ڪتڪتائي – ڪتڪتوئي – ڪتڪوئي – ڪَتَ ڪَتَ – ڪَتَ ڪت _ گَڏ گَڏي – ڪَتڪتوئِيْ (ڪلاڻ يا خوش ڪرڻ لاءِ بدن کي لرزش ۾ آڻڻ جو هڪ نمونو).

– **ڪتڪتائِيْ:** مصدر. ڪتڪتوڙِيْ ڪرڻ – گَڏگَڏي ڪري بدن ۾ لرزش آڻڻ – ڪتڪتائِيْ ڪرڻ. خوش ڪرڻ – ڪلاڻ – مزي ۾ آڻڻ – وَڏرائڻ – روه هي وجهڻ – بوڏ ۾ آڻڻ.

– **ڪتڪتائِيْ ج ڪَتڪتائِيُونْ:** ث. جسم کي حساس ڪندڙ حرڪت – ڪچ يا پاسن ۾ آگر هڻي ڪلاڻ واري حالت – ڪتڪتوئي – گَڏ گڏي. ڪيچل – مستي – حرڪت – اَڻُتَرائي. نندڙن هارن کي نِم جي ڇهي سان قودني جي قوڪ ڏيڻ واري حالت (ت).

– **ڪت ڪت ڪَرڻ:** ڪتڪتاڙِيْ ڪرڻ – گَڏگَڏي ڪرڻ. ڪنهن جانور جون رڳو ٽنگون آهستي آهستي زمين تان گهلڻ (ل).

– **ڪتڪتوئِيْ:** ث. ڪتڪوئي – ڪتڪت _ ڪتڪتائي.

• **ڪُتَڪُوُ ج ڪُتڪا:** ذ. ڏنڏو – سونٽو – ڏُڪو – گهوباٽو – بانڊو. لَٺ _ ڇڙهي. ڏنڏو (تاڏل وغيره گهوٽڻ لاءِ). چينيو – لڪڻ – ڪاني – لڪڙي.

• **ڪُتَلُ ج ڪُتَلُونْ:** ث. ڪجيءَ جي وڻ جي ميوي ڪَجُورُ جا ڇُهارا – خرمو.

– **ڪُتَلُ جو دارُون:** ث. ڪجور مان تيار ڪيل شرابُ – ديسي دارون.

• **ڪتلِيْ ج ڪتلِيُونْ:** ث. هني جي ڪمان. ويڙهاڪي ڏاند جي سگ جي چپيٽ – ڪَتري. سُوئر جو ڏگهو ڏند – نيشُ – ڏقو. انڪارُ. ضدُ (ت).

– **ڪَتلِيْ مارَڻُ (ت):** انڪار ڪرڻ – ناڪار ڪرڻ – جواب ڏيڻ – ناڪاري وارڻ.

• **ڪَتلِيرُ هَڻَڻُ (ت):** دَغا ڪرڻ – فريب ڪرڻ – دولاب ڪرڻ.

• **ڪَتَنُ:** اسم خاص. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ خوشبودار ٻوٽي جو نالو (ڏين مثل ڏڳهو. تاثير گرم. چاءِ طور ڪاڙهين. مال کونه کائي).

• **ڪَتَنُ:** مصدر. (سن. ڪَرْتَنَ ڪَتَنُ) ڏاس. ڪپهه. سِٽِيْ وغيره کي ڏيري يا چرخي وسيلي. وکڙ ڏيئي ڏاڳو تيار ڪرڻ – سُٽ تيار ڪرڻ – ڏاڳو ٺاهڻ.

– **ڪَتنائِيْ ج ڪَتنائِيُونْ:** ث. ڪتڻ مهل ڏاس ويڙهڻ واري ڪائي – ڪتڻ جو اڏو يا اوزار – ڏگهي ڪمان وانگر لٽ ۾ ٻڌل نوڙي سان ڪتڻ جو اوزار.

– **ڪَتنُوئِيْ ج ڪَتنُوئِيُونْ:** ث. سٽ کي ڪتڻ واري ڪائي يا چرخو – ڪَتنائِيْ.

• **ڪَتنِيْ ج ڪَتنِيُونْ:** ث. ڪتڻ جو ڪم – ڪتڻ جو نمونو – ڪتيندڙ – ڪتڻ جو ڪم ڪندڙ. ڪتڻ جو اُجورو.

• **ڪَتنُونْ (ت):** ذ. ڏُڪ – تڪليفون – ڏاکڙا – جفاڪشي – جاکوڙو – هَلاڪيْ. پنڌ. منٽون – نيزاريُونْ – وينتيُونْ – آزيون.

• **ڪَتو ج ڪَتا (ت):** ذ. خاطري – پَڪَ. پَتو – نِشان – پار – اهجاڻ. شڪ – گمان – وَهَمُ – انديشو.

• **ڪَتو ج ڪَتا:** ذ. جيڪي ڪَتِيَلُ هجي. (ضميري صفت). ڪيتروُ (ت).

• **ڪُتو ج ڪُتا:** ذ. هڪ گهرو پالتو جانور – ڪلبُ – سَگُ. (اصطلاح) غلام – بندو. ذليل. ڪتولي واڻڻ وقت واڻ کي جهلڻ لاءِ واڻ سان ٺاهيل ايس تي رکيل ٽڪر – ڪترُو. هڪ اوزار جو نالو.

– **ڪُتا بَجَڻُ:** شڪار ڪرڻ مهل سوئر تي ڪُتا ڇڏڻ – ڪتن جي بَچَ ڪَرڻُ.

– **ڪُتا ڪُهَڻُ (ت):** انتظار ڪرڻ – شوق ڏيکارڻ – اوسيڙو ڪرڻ.

– **ڪُتائِيْ:** ذ. صفت. ڪُتن وارو – شڪاري ڪُتا ڇڪيندڙ – ڪُتا ڏاريندڙ. ڪُتن وارو ڏند ڇڪ.

– **ڪُتَنْ آبْ ٽِيَڻُ:** ڪتن هاب ٽيڻ – بچڙي حالت ۾ اچڻ.

– **ڪُتَنْ هَابُ ٽِيَڻُ:** خراب حالت ۾ ٽيڻ – ڪتن واري (بچڙي) حالت ٽيڻ – ڪتن آب ٽيڻ.

• **ڪُتو پؤنڪڻُ:** اجايو ڳالهائڻ – بڪ شڪ ڪرڻ – بڪواس ڪرڻ – لٻاڙ هڻڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪُتو ٿيِ مَرڻُ:** بي عزت ٿي مرڻ – بيڄڙي حالت ۾ ٿي مرڻ – تمام ذليل ٿي مرڻ.

– **ڪُتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي مانيءَ مَانُ:** ڪميڻو ڇا ڄاڻي شرافت مان.

– **ڪُتو ڪُتي جو ويريُ:** جنُس جنُس جو ويري – پنهنجائي ۾ دشمني – رت ۾ ٻاهه.

– **ڪُتو نہ ڏسي نہ ڏُونڪي:** لاڄي ۽ چور نہ مُڙي ڏسي. نہ تڪليف ڏئي – نقصان ڪار ڪان پرهيز ضروري آهي.

– **ڪُتَهِرُ (ت):** ث. گهٽا ڪتا – ڪتن جو گلو – ڪتن جو وَلَرُ. ڪُتن واري جُوءِ.

– **ڪُتي آڄ:** صفت. بَڪبَڪِيو – ڏاڍي – گهٽو ڳالهائو – لٻاڙي – بڪواتي.

– **ڪُتي اَڪُ:** فضول خرچ. مشڪلاتون سهندڙ.

– **ڪُتي ٻِلي ڪَانُ سوگهو هُجَنُ:** سخت سنيال ۾ هجڻ – چوڪسي هيٺ رهڻ – سخت نظرداري هيٺ هجڻ – پهري هيٺ هجڻ. مخفي هجڻ – لڪل هجڻ – پوشيده هجڻ. قابو هجڻ – سُڪ هجڻ – سوگهو هجڻ – مضبوط هجڻ.

– **ڪُتي ٻلي ڪان قابو يا سُڪَ هُجَنُ:** ڪتي ٻلي کان سوگهو هجڻ.

– **ڪُتي ٻُچَ ج ڪُتي ٻُچَ:** ذ. ڪنهن لاءِ چيل بد الفاظ (ان ماڻهوءَ لاءِ جو ڪڏهن ب پنهنجن حرڪتن ڪان باز نہ اچي يعني ڪتي جي ٻچ وانگر سنئون نہ ٿئي). ڪتي جو ٻچ. (صفت) ڏنگو – ٽيڙو – ڦڏو – چِهو – وريل – مُڙيل. حرڪتي – لچو – شرير – بدمعاش – ائنٽرو – ڪيچلو. ٻچڙگاهه (ڪ).

– **ڪُتي پيرو (ڪ):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (پن ڪتي جي پيرن جهڙا ٿين).

– **ڪُتي جِيانُ پوُنڪنُ:** اجائي بڪ ڪرڻ – بڪوات ڪرڻ – بڪ شڪ ڪرڻ – لٻاڙ هڻڻ – يخي هڻڻ – مٿو ڪائڻ – سر ڪپائڻ.

– **ڪُتي جو آوَازُ:** پوُنڪ – بهوڙ.

– **ڪُتي جو پُڇ نَوَ ۾ وهَنُ تہ ب سنئون نہ ٿيئ:** اصل نہ سڌرڻ – ڪڏهن ب سنئون نہ ٿيڻ.

– **ڪُتي جيُ ڏَنُگَ:** ث. ڪتي جي پوئين ٽنگ وانگر ڏنگي ڪاٽي – ٽيڙهي – ڦڏي – چِهي.

– **ڪُتي جي مَڪ:** ث. سگ مَگَس ـ ٻَگسُيُ. ٻگي – ٻنگاري.

– **ڪُتي چَاپَ:** هَزماسٽرس وائسَ ڪمپني جي رجسٽرڊ مُهر – ڪمپني جي فونن ۽ ريڪارڊن وغيره تي لڳل چاپ. (صفت). عمدي شيءِ ـ بهترين (ننڍولي طرح).

– **ڪُتي ڪُنُو:** ذ. جبل ۾ پيدا ٿيندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم (پن ڪتي جي ڪن جهڙا).

– **ڪُتي ڪَنَ وَڏائنُ:** آئنده لاءِ توبهه ڪرڻ – وري اهڙو ڪر نہ ڪرڻ. بيزار ٿيڻ – ڪک ٿيڻ – ورجڻ – خفي ٿيڻ. نابري وارڻ – ناڪار ڪرڻ.

– **ڪُتي ڪَنَ وَڏَنُ:** پاڄ ڪائڻ – ائين وڃڻ جيئن ڪير ب ڏسي نہ سگهي – پڄي وڃڻ – شڪست ڪائڻ – هارائڻ.

– **ڪُتي ڪُوڪَ:** تمام تکي ڊوڙ. "اهڙو ٻيرن تي زور رکيائين جهڙو ڪتي کي ڪوڪ ڪجي ۽ ڪتو پڄي". (جملو).

– **ڪُتي لَٽُ پِڇنُ:** تمام تکو پڇڻ – چوهو پڇڻ.

• **ڪُتُولِيُ ج ڪُتُولِيُونُ (ل):** ث. تمام ننڍڙي – ننڍي – چوٽي.

• **ڪُتَهِ ج ڪُتَهُونُ (ت):** ث. ڏاڍن کي تکي ڪرڻ جو اوزار – روات – رواتي – ٽڪوري.

• **ڪُتَهِرُ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪُتَهِينُ:** ظرف. ڪهڙي پاسي – ڪاڏي – ڪهڙي طرف – ڪتي – ڪيڏانهن – ڪڏهين.

• **ڪُتَئِينُ:** ظرف. ڪهڙي پاسي – ڪاڏي – ڪهڙي طرف. ڪڏهن – ڪهڙي وقت. اندر – منجهه.

• **ڪُتِيِ:** ظرف. ڪهڙي پاسي – ڪهڙي طرف – ڪائي. ڪٽي – ڪيڏانهن – ڪاڏي.

• **ڪُتِيُ ج ڪُتِيُونُ:** ث. (سن. کارتک. ع. ثريا. ف. پروين = ڪَتيُ). سن جي اٺين مهيني جو نالو. سرءُ جي مند وارو فصل – خريف جو فصل. هڪ نڪٻ جو نالو. ستن ننڍڙن تارن جي ميڙ وارو نڪٻ. (چوٽي ت: ڪُتيُ وُڇونءَ جي مگ آهي. انهي ڪري ٻئي ساڄڻي وقت آسمان ۾ نہ هوندا. ڪتي لهي ته وڇون ايري. وڇون لهي ته ڪتي ايري. راند جي هڪ قسم ۾ ڪم ايندڙ لٺ.

– **ڪُتِيارو ج ڪُتِيارَا:** ذ. صفت. ڪتيءَ جو يا ڪتيءَ وارو. خريف جو فصل – ڪتيءَ جو فصل.

– **ڪُتِيءَ لڳي:** پوئين رات – آسر جو – پوئين پهر – فجر جو.

– **ڪُتِيُونُ:** ث. ڪتيءَ واري مهيني ۾ هندو عورتن جي هڪ رسم.

– **ڪُتِيُونُ ڪُنڊَرَنُ:** ورهيه لنگهي وڃڻ – سال ٿي وڃڻ.

– **ڪُتِيَا:** ذ. ڦوڳ جي ٻوٽي ۾ ٿيندڙ سنها تاندورا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– كُتيا جَمَنْ: قوڳ جي هوتي ۾ تاندورا پيدا ٿيڻ.
• كُتيال (ت): ث. ول جو هڪ قسم.
• كُتيْبي ج كُتيْبيُون: ث. تختا پوشي ڪيل جاءِ جي پت ۽ چت جي ڳڏجڻ واري هنڌ تي ڪيڊيل گلڪاري. ڪپڙي سينگارڻ لاءِ لڳل پٽي يا ڪناري.
• كُتي پٽو: ذ. گهه جو هڪ قسم. اُٺ جي مُرئي ۾ ٻڌل چير.
• كُتيڙو ج كُتيڙا (ت): ث. نندو ڪاٺ.
• كُتيْڻي (ت): ث. ڪارڪ جو هڪ قسم – كتيْنِي ڪارڪ.
• كُتي گوزَ (ڪٽ): ذ. (نباتاتي جوهر موجب) ڪُتي جي قبر. ڏاڙهياڙي جبل جي چوٽي تي هڪ قبر.
• كُتيْلو ج كُتيْلا: ذ. هڪ پسارڪي وڪر جو نالو – هڪ قسم جي وڻ جو ڪوئلو – كَتيْرو.
• كُتيو ج كُتيا: ذ. هڪ وڏو جو اوزار – ڪاٺ.
• كَتّ ج كَتُون: ث. (سن. كَتْ = تخمينو). اندازو – انومان تَڪ – تخمينو – اٽڪل – اندازاً – اٽڪل روءِ. ماپ – وزن – تور – ماڻ. شمار – ڳاٽيتو – ليکو – حسابُ – ڳڻپ – ڳڻت. مُلهه – قيمت – اڳهه. قياس – قياس آرائي – خيال – فڪر.
– كَتّ كَتانْ كَرڻ: دل من هٽڻ – دل نه جهلڻ – دل هٽڻ. گس گساءِ ڪرڻ – نتائڻ.
– كَتّ كَتّڻ: رٽا رٽڻ – ارادو ڪرڻ – سِڌا سِڌڻ – نيت ڪرڻ – خيال ڪرڻ – ويچار ڪرڻ – منصوبو رٽڻ.
– كَتّ كَرڻ: اندازو لڳائڻ – ويچار ڪرڻ – سمجهه سوچ ڪرڻ – تور تڪ ڪرڻ.
• كَتّ ج كَتَ (ت): ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وڪر جو هڪ نالو.
• كِتِ: ظرف. (سرائڪي) ڪِئي – ڪهڙي هنڌ؟ ڪڏهن – ڪهڙي قوت. ڪهڙيءَ طرح – ڪيئن. چو – چا جي لاءِ.
• كَتا ج كَتائُون: ث. (سن. كَتا = ڳالهه) ڳالهه – بيان – آڪاڻي – وارتا – ڪهاڻي – افسانو – داستان. مقدس ڪتابن جو نصيحت آميز ترجمو. نصيحت.
• كِتان: ظرف. كِتهَنْ – كِتُونْ – كِتائون – ڪهڙي هنڌان – ڪهڙي جاءِ تان – ڪهڙي طرف ڪان – ڪهڙي پاسي ڪان – ڪٽي.
• كِتانْهِينْ: ظرف. ڏسو كِتان؟ _ كِتانهون؟
• كِتانْهُونْ: ظرف. ڏسو كِتان؟ _ كِتانهون؟ _ كِتانهين؟

• كَتائِڻُ: مصدر. (سن. كَتْ = تخمينو). ٻڌي ڪان وزن ڪرائڻ – اندازو ڪرائڻ – ڪت ڪرائڻ – تخمينو ڪرائڻ – ڳاٽيتو ڪرائڻ – حساب ڪرائڻ. تورائڻ – وزن ڪرائڻ. ماپ ڪرائڻ – ماپائڻ – پئمائش ڪرائڻ. گسائڻ – نتائڻ – هائو نه ڪرڻ – نت نتاءُ ڪرڻ – عذر ڏيڻ – تارڻ – تال متول ڪرڻ – بهانا ڪرڻ. هٽڻ – بيزار ٿيڻ – ڪک ٿيڻ. ڏجڻ – هِيْسِجَڻُ.
• كَتائي وَنْ: كتائِڻ.
• كِتَهين: ظرف. ڪهڙي هنڌ – ڪهڙي پاسي.
• كَتَرُنْ ج كَتَرُونْ (ت): ث. ماني ٺاهڻ ۾ آٽي گوهڻ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ٽانءُ جو نالو.
• كَتَكُ ج كَتَكْ: ذ. (سن. كت = انداز). ڪٽا پڙهندڙ – ڳالهه ٻڌائيندڙ ڪهاڻي ڪندڙ. وعظ ڪندڙ – تقرير ڪندڙ – واکاڻ ڪندڙ – ثنا جا بيت چوندڙ – مدح خوان. اعليٰ درجي جو ڳائيندڙ – گَوَيو – ڳائٽو – ڳائڪ – راڳيندڙ. پَٽ – پانُ. ناڇو.
• كَتا: ث. ڳٽتي – خيال – فڪر – ويچار – چنتا.
• كَتّڻُ: مصدر. (سن. كَتْ = تخمينو). اندازو لڳائڻ – تخمينو ڪرڻ – تورڻ تڪڻ – ڳڻڻ ڪرڻ – شمار ڪرڻ – ڳاٽيتو ڪرڻ – تڪ ڪرڻ – اٽڪل روءِ سمجهڻ – تلهو ليکو ڪرڻ – اٽڪل روءِ حساب ڪرڻ. ملهه ڪرڻ – قيمت ٻڌائڻ – اڳهه ڪرڻ. سِٽ سِڌڻ – رٽڻ – ارادو ڪرڻ. غور ويچار ڪرڻ – پهٽ – سوچڻ – سمجهڻ – ڏيان ڪرڻ. بيان ڪرڻ – چوڻ – ٻڌائڻ – وارتا ڪرڻ.
• كَتو ج كَتا: ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وڪر. پان جي پَن تي لڳائي ڪائڻ جي ڪم ايندڙ ڳاڙهي رنگ جي ڪاٿيءَ جو ڪاڙهيل رَسُ – ڪاتو (سن. كدر = كتو) كتو.
• كُتو ج كُتا (ت): ذ. ڪاهِي جو هڪ پاسو – هوريءَ جو هڪ پاسو يا آڏ.
• كَتور: اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
– كِتُونْ: (سرائيڪي) ظرف ڪِتانْ؟ _ ڪهڙي هنڌان – ڪهڙي جاءِ تان – ڪِتانهون – ڪهڙي طرف ڪان – ڪهڙيءَ ڏس ڪان.
– كِتَهُنْ: ظرف. ڪِتانئون – ڪِتان – ڪِتهِينْ – ڪهڙي هنڌ ڪان – ڪهڙي پاسي – ڪهڙي طرف.
– كِتَهِينْ: ظرف. ڪِتَهُنْ – ڪِتانْ – ڪِتانئَونْ – ڪهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاسي – ڪهڙي جاءِ تي.

• **ڪٽي:** ظرف. (سن. ڪُتَر). ڪاٽي (ت) – ڪهڙي هنڌ – ڪهڙي پاسي – ڪهڙي جاءِ تي – ڪاڏي! ڪيڏانهن؟ ڪٽي نہ ڪٽي. (هنڌ جاڻڻ لاءِ سوالي نشاني).

– **ڪٽي ڪٽي جا ماٿو گڏ هُئڻ:** جدا جدا هنڌن جا ماٿو اڇي هڪ هنڌ ڪٺي ٿيڻ – جدا جدا پاسن جا ماٿو گڏ ٿيڻ – مجموعو ٿيڻ – ميڙ ٿيڻ.

• **ڪَٽ ج ڪَٽُون:** ث. (سن. ڪَرتَ = ڪَٽَڻ) وَڍ ڪُٽ – ڪاٽ – تخفيف – وضع – چانٽ – ڪَٽ – ڪُوٽ – ڪَٽَر – گهٽتائي – گهَٽاءُ – لاٽ – گهٽ ڪرڻ جي حالت. رياضي ۾ هڪ نشاني (–) جو نالو – ڪاٽو. حِسابُ. غرض. (سن. ڪئٽ = چيلهه). چيلهه – ڪَمَر.

– **ڪَٽ پاڇِيُ ج ڪَٽ پاڇِيُون:** ث. تفاوت – فرق قَير (حسابن ۾).

– **ڪَٽ پَوڻ:** لاٽ ٿيڻ – گهٽتائي ٿيڻ – تخفيف ٿيڻ – چانٽ ٿيڻ – ڪٽر پوڻ منهن اونداهي ٿيڻ (ڪ).

– **ڪَٽ ڪَڍڻ:** تخفيف ڪرڻ. بدلو وٺڻ – حساب وٺڻ – ويرُ وٺڻ – پاڙو جهاڙو وٺڻ.

– **ڪَٽ ڪرڻ:** تخفيف ڪرڻ – ڪاٽڻ – وضع ڪرڻ – گهٽ ڪرڻ – چانٽ ڪرڻ – لاٽ ڪرڻ – ڪٽر ڪرڻ.

– **ڪَٽ ڪَٽَڻ:** ڪوٽ ڪرڻ – ڪُٽ ڪرڻ – دولاب ڪرڻ – فريب ڪرڻ.

– **ڪَٽ ڪُوٽ ج ڪَٽ ڪُوٽُون:** ث. وضع – ڪَٽ – ڪاٽ – ڪانٽ چانٽ – تخفيف – لاٽ – وَڍ ٽڪ – ڪَٽر سَٽر. ويهٽ سيهَٽ.

– **ڪَٽ وَڍ ج ڪَٽ وَڍ:** ث. ڪاٽ جي سامان ناهڻ لاءِ وَڍ ٽڪ. ڪپڙي مان پوشاڪ ناهڻ لاءِ ويهٽ سيهٽ – سِلائي جي بيهڪ.

• **ڪٽ ج ڪَٽ:** ذ. (سن ڪتال = ڪَسُ) تامي وغيره جي ٽانوَن جي سانواڻ – زَنگُ – زنگار – ڪَسُ – مُرچو – موربڻ. لوهه جو سڙيل پورو – ڪٽوڙو – ڪنڪهر – گهانگهر – گونهٽ. لوهه مان ٺهيل ڪارو رنگ. (طب ۾) "خبث الحديد". ڪارنهن – خرابي – ڪاراڻ. ڪاراٽ. (سن. ڪِٽ). دشمني – نفاق – ويرُ – وروڌ – ڪلفت – ٻيائي – ضد – بغض – عداوت. (چٽن. مَٽرَن. گوار وغيره جو). بُهه – تُهِڻِ ڪَلون. اَنْبيڪو (گدامري جي ڪڪڙن جو پينل) ۽ لوهه جي پَٽن کي پاڻي ۾ گڏ پسائي ڪپڙن ڀُرڻ لاءِ ٺاهيل مَسالحو. ٻير جي هوريءَ جو رنگ (ل).

پڳل ٽانوَن جي ڪٽيل پور (ڪنيار پڳل ٽانوَن کي پور ڪري مٽي ۾ ملائين. جنهن مان دانگيون وغيره ٺاهين). "پڳو هئيز تہ بہ پَٽُ ڪر. ڪنبج پئي قهار. متان ئي ٻيهار. ڪُٽي هٽن ئي ڪٽ ۾" ذرا ذرا – ڪُٽو – پَويُر – پورُ. تڪو شراب. ڪوڙو. وڍ – ٽُڪ – چير – چَهَڪ – چَڪ – قَٽ – زخم (ظرف) اصل – مُور – هرگز – پٽيءَ – بلڪل ڪڏهن بہ. "سِر سوري ڏڙ ڪنگرين. متان ڪُچين ڪَٽ" (شاهه). مونجهارو – فڪر – ڳڻتي – پريشاني – فڪرات – مونجهه.

• **ڪَٽ پَوڻ:** (مٽن مائٽن ۾) جدائي پوڻ – نفاق پوڻ – عداوت پوڻ – دشمني ٿيڻ.

– **ڪَٽ چَڙهَڻ:** زنگ لڳڻ. دل تي خراب اثر وهڻ – زنگ پوڻ – نفاق پوڻ – ضد پوڻ.

• **ڪَٽ وارو:** ذ. دشمن – ضدي – ويري – بغضي – ڏُجَڻُ – وروڌي. غيرتمند – غيرتي.

• **ڪٽ ج ڪٽُون:** ث. چيز – متاع – شيءِ شڪل – ٽپڙتاڙي – اسباب – مڈي.

• **ڪُٽ ج ڪِٽ:** ذ. (سن. ڪِٽ = حقي جي ڪِٽ). حقي. نڙ. گوءِ ۾ ٽوپي جي خاني ۾ ٽيل ڪارو بدبوءِ وارو مواد – ڪارو ڪٽ. (ت). لوهه تان لٽل موربڻ جو چِلَرُ.

• **ڪُٽ ج ڪُٽُون:** ث. مَارَ – ٽڪا ٽوڪي – ڏَڪَ مُڪَ – مارڪُٽَ – سخت مار – ڏينب ۽ سزا.

• **ڪُٽ سُٽ:** پيچ پورَ – تاکوڙو – پيچ ڏاهه.

• **ڪُٽ:** ث. (سن. ڪُنّ = ڪُنجهو). جست ۽ پتل جي ملاوٽ مان ٺهيل ڏات – ڪُنجهو – پِسِيُ.

• **ڪُٽ ج ڪُٽ:** ذ. آنورن نڪتل جانور – خصيه نڪتل – ڪُٽيل – ڪَسِيُ – بي طاقت – بي زور. مڙسي. برباد – ناس – ڦٽايل – چٽ – فنا. (صفت). ڏاهيل – هيسيلُ – دهاءُ هيٺ ڪيل – دهايل – هنج – گود – جهولي.

– **ڪُٽ ٽِيَڻُ:** خصي ٿيڻ – ڪَسِيُ ٿيڻ – نامرد ٿيڻ. غريب ٿيڻ – ارڏائي چڏڻ.

– **ڪُٽ ڪَرڻ:** مردانگي ماري چڏڻ – خصي ڪرڻ – طاقت ڪيڙي چڏڻ. ضايع ڪرڻ – برباد ڪرڻ – ناس ڪرڻ – چٽ ڪرڻ – تباهه ڪرڻ – ويران ڪرڻ – نابود ڪرڻ. مطيع ڪرڻ – تابع ڪرڻ – هٽ هيٺ ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪتا ج ڪتائون:** ث. (سن. ڪُتيا = جهوپڙي). رهڻ جي جاءِ ـ جهوپڙي ـ ڪڪائين جاءِ ـ پونگي ـ گهر (ل). (اسر خاص). هڪ ذات جو نالو. نل. اُباوڙي ۽ پني عاقل تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪتار ج ڪتارون:** ث. (سن). وڍ جو هڪ اوزار ـ خنجر ـ ڪَنو ـ ڪاتي ـ ننڍي تلوار ـ نيمچو ـ ڪٽاري ـ ڪات ـ ٻيڙيءَ جو هڪ قسم ـ وڏي ٻيڙي ـ ڪنارو.

ـ **ڪتارو ج ڪتارا:** ذ. وڍڻ جو هڪ نوڪدار اوزار ـ خنجر ـ پالو ڏڦو ـ ڪٽاري ـ ڪتار ـ ڪنو ـ نيمچو ـ ننڍي تلوار ـ ڪرپان.

ـ **ڪتاري ج ڪتاريون:** ث. هٿيار جو هڪ قسم ـ ڪتار ـ ڪتارو ـ نيمچو ـ ننڍي تلوار ـ خنجر ـ بڪچي. مال جي سڃاڻپ جو هڪ نشان.

• **ڪتاڙ:** (ت): ذ. گند ـ ڪچرو ـ ڪُن ـ ڀهر ـ ميڙسيڙ.

• **ڪتانگر ج ڪتانگر (ت):** ذ. تتر جو هڪ قسم ـ پٽون (تتر).

• **ڪتاهه ج ڪتاهه:** ذ. ڪپڙي تي پرت جو هڪ قسم ـ مقيس ـ زريءَ جو پرت ـ ڪلابات ـ چمڪدوزي. گاهه، ڪڪ، ڪانا وغيره (ت).

• **ڪتائڻ:** مصدر. وڍائڻ ـ ڪاتائڻ ـ وڍ ڪرائڻ ـ وڍرائڻ ـ ڪَترائڻ. ڪُهائڻ ـ ڪوسُ ڪرائڻ ـ ذبح ڪرائڻ.

ـ **ڪتائي ج ڪتائيون:** ث. ڪٽ ـ وڍ ـ ڪات. وڍڻ يا ڪاٽڻ وغيره جي مزوري.

• **ڪتائڻ:** مصدر. (سن. ڪُتّ). ٻئي کان مار ڪُٽ ڪرائڻ ـ سزا ڏيارڻ ـ سيکٽ ڏيارڻ ـ ٻئي کي ڏڪ هٽائڻ ـ مار ڪارائڻ. مصالح وغيره کي اکريءَ ۾ سنهو ڪرائڻ.

ـ **ڪتائي ج ڪتائيون:** ث. ڪٽڻ جي مزوري.

ـ **ڪتائي ج ڪتائيون:** ث. مار ڪٽ ـ ست ڪٽ. ڪُٽڻ جي مزوري.

• **ڪتپار:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو ـ ڪتپر.

• **ڪتپٽ ج ڪتپٽون:** ث. ڪٽڻ ـ ڪٽڪٽ ـ ڪلڪل ـ ڪروڌ ـ ڏانڊل ـ جهيڑو جهٽو ـ ڪِکِر ـ ڪُرڪُر. بحث مباحثو.

• **ڪتپٽيو ج ڪتپٽيا:** ذ. صفت. ڪٽڪٽيو ـ ڪٽڻيو ـ ڪرڪريو ـ ڏانڊلائي ـ بحثي.

• **ڪتپر (ت):** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪتڀڻ:** مصدر. وڍجڻ ـ مُڇجڻ ـ ڪاٽجڻ ـ ڪترجڻ. ڪسجڻ ـ ذبح ٿيڻ. ڪٽ ڪوٽ ٿيڻ ـ وضع ٿيڻ (پگهار وغيره مان). گهٽجڻ ـ ڪَٽجڻ ـ مورجڻ ـ زنگ آلوده ٿيڻ.

• **ڪتڀڻ:** مصدر. (سن. ڪَٽ). ستجڻ ـ ڏاگورجڻ. مار کائڻ ـ ڏَڪ لڳڻ ـ خصي ٿيڻ (جوان وهڙي جو) سنهو ٿيڻ ـ پيسجڻ (مسالي جو).

ـ **ڪتجي ڪٽا ٿيڻ:** سخت تکليف سهڻ ـ مصيبت جي منهن ۾ اچي قاسڻ. برباد ٿيڻ ـ ناس ٿيڻ ـ چٽ ٿيڻ ـ تباهه ٿيڻ.

ـ **ڪتجي وڃا ٿيڻ:** سخت تکليف هيٺ اچڻ ـ ڪتجي ڪٽا ٿي پوڻ.

• **ڪتر ج ڪترَ:** ذ. اک ۾ پيل تمام سنهڙي سخت شيءِ. سرٽ ـ ڪکرو. پتر ـ منيءَ جو ذرو. ڪک ـ ڦش ـ ڪچرو. اُڏامندڙ جيت جو هڪ قسم ـ مک. (صفت). بدگماني ـ غلط فهمي. ضد ـ ويڑ ـ زنگ ـ دشمني ـ دل ۾ دغا ـ کوٽ ـ ٻيائي ـ ڪينو. تعصب. ڪلفت. غيرت ـ پتو ـ شرم. غم ـ ارمان ـ دک ـ ڏک (ذ. صفت). ارادي جو مضبوط ـ سخت ـ ڪٺن ـ پڪو. سنگ دل ـ بي رحم ـ ڪنوُر ـ پٿر دل. بي مروت ـ بي لحاظ.

ـ **ڪتر پوڻ:** اک ۾ ڪکرو پوڻ. شڪ پوڻ ـ گمان پوڻ ـ بدگماني جاڳڻ. ضد ٿيڻ ـ ڪلفت جاڳڻ ـ دشمني پوڻ. خصومت ٿيڻ.

ـ **ڪترڻ:** مصدر. دشمني رکڻ ـ ڪتر پوڻ.

• **ڪتري ج ڪتريون (ت):** ث. سُنبي سان تنگ ڪيڏ مهل لوهه جي ٽڪر هيٺان رکڻ جو هڪ اوزار ـ پروٽي.

• **ڪترو ج ڪترا (ت):** ذ. صفت. ڳورو ـ ٻوڙو ـ اڇو ـ سفيد رنگ تي.

• **ڪتڪ ج ڪتڪ:** ذ. (سن). لشڪر ـ عسڪر ـ فوج ـ سپاهه. دَلُ ـ انبوهه ـ حشام ـ ڪٽُ ـ پينڊَ ـ لٽي ـ پيڙ ـ خلق ـ گهٽائي ـ وڏو مجموعو ـ خلقت ـ اٿاهه ـ بي حد ـ بي شمار.

ـ **ڪتڪ ڀاڙهڙ:** لشڪر چاڙهي اچڻ ـ فوج چاڙهڻ. ميڙ ونڊي اچڻ. ڪاوڙ ڪرڻ ـ ناراض ٿيڻ.

ـ **ڪتڪو ج ڪتڪا:** ذ. لشڪر ـ ڪتڪ. ڪاه ـ حملو ـ جُلهه. زور ـ هل ـ قوت ـ اڏائي ـ جَبرُ.

• **ڪتڪ ج ڪتڪون (ڪ):** ث. ٻن لارن سان ننڍڙو ميٽر ـ گهنڊٽي ـ چَڑِي ـ ٽلي.

• **ڪتڪت ج ڪتڪٽون:** ث. ڪلڪل ـ ڪٽڪٽ ـ گهپي

– ڪروڏ – ڪرڪر – ڪُرڪُر. تيسو – ضد.

• **ڪنڪتو ج ڪنڪتا (ت):** ذ. جهيڑو – فساد – رڳڑو – تڪرار – تنتو – جهڳڑو.

• **ڪنڪتيو ج ڪنڪتيا:** ذ. صفت. ڪروڌي – ڪنڪتيو – ڪُريو – ڪتپتيو. ضدي – هٺيلو – هوڏي – تيُسرُ. وروڌني – راڙو ڪندڙ.

• **ڪُڪ ڪُڪ ڪَرڻ:** ڪڪڙ جو پنهنجي ٻچن کي آواز ڪري سڏڻ – ڪڪڙ جو پنهنجي ٻچن کي چوڳي لاءِ سڏڻ.

• **ڪَنڪَرَ ج ڪَنڪَرُونْ:** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم (رنگ ڪاروءِ ڳاڙهو).

• **ڪِتِ ڪُميتُ ج ڪِتِ ڪُميتَ (ل):** ذ. بداخلاق – بدلچڻ – واهيات – بي فضيلتو.

– **ڪِتِ ڪُميتُ بَڌْجَنْ:** بداخلاق ٽيڻ – بدلچڻ ٽيڻ – واهيات ٽيڻ – بي فضيلتو ٽيڻ.

• **ڪَنڪَنُ:** مصدر. ٻڪريءَ کي سڏ ڪرڻ. بلبل جو ڳڻ ڳڻ ڪرڻ. ڳَنڪڻ – آواز ڪرڻ – ڳَنڪار ڪرڻ.

– **ڪَنڪاروج ڪَنڪارا (ث):** ذ. ٻڪريءَ کي سڏڻ جو آواز ڪرڻ – ڳَنڪارَ.

• **ڪُڪو ج ڪُڪا:** ذ. (سن. ڪُتّ). مارڻ جو آوازُ – سَنڪو – ڏماڇوڪڙي – ڦهڪو – سَنڪارَ – ڏهڑاڻ – مارو – ست ڪُتَ. مارَ ڏاڳور – پيَجَ. ڪٽڪَ – صدمو. ڪاري ڏڪ – چوتَ. سوپارين جي ڪائڻ جو آواز – ڪرتو. سوپارين وغيره جو ڪُتو – پور. رگيل ڪوري ڪپڙي جو پوڙ. (سن. ڪُنّڪُ) مٽ ڪان ڪجهه ننڍو ٽاڻڻ – مَتِي – مٽڪو – ماٽوڙو – گهڙو – دلو. "اِجا ڪوري ماڳ، مٽ ڪُنڪا ڪَٽ گهٽا" (شاهه). (اسم خاص). تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **ڪُڪوڙ وجهَڻ:** مارو وجهڻ – هاڪر ڪُتو وجهڻ. سَٽَ ڪُٽَ ڪرڻ – پيَجڻ – ڏاڳورڻ.

• **ڪَنڪِي ج ڪَنڪِيُونْ:** ث. سخت ڪاوڙ – غصو – جوش ۽ جڙ.

– **ڪَنڪِي ڪَرَنْ:** ڪاوڙ ڪرڻ – غصو ڪرڻ – جوش ڪرڻ – ناراضگي ڏيکارڻ.

• **ڪَنڪِيُ ج ڪَنڪِيُونْ:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ڳنڍيدار گاهه جي پاڙ (رنگ ڪارو، پن ڪَڪڙي جي پن کان ننڍا، سڪل ڦلُ گونٽ ۾ ايندڙ. سواد ڪارو ۽ ڪڙو) – ڪرِسَتُ پرِيٺ – ناتال گلاب جو گل.

• **ڪُتِلُ ج ڪُتِلْ:** ذ. صفت. بچڑو – خراب – دَشٽ – بَدَ – مندو – پراڇتي. خبيث – شرير – شيطان – بدمعاش – رذيل – پاپي – لُڇو – حرڪتي – زهري – زيانخور – ڏنگو – اڙهنگ. بحثي – ضدي – هوڏي – اٿونَو – اونڌو – ويلُ. بي ڪهلو – ڪَنورُ – بي رحم – سنگدل – بي قياسُ – وحشي.

• **ڪُتِلو ج ڪُتِلاً (ت):** ذ. صفت. سٹو طعام – لذيذ کاڌو – مزيدارخوراڪ – ڏامو.

• **ڪَتِلِي ج ڪَتِلِيُونْ:** ث. (سن. ڪِتّ، انگ. ڪِيٽَل = ڪَتِلي). چانهه وجهي رکڻ ۽ ڪاڙهڻ جو ٽاڻ – چانهه داني – ڪيٽلي.

• **ڪُتَمُ ج ڪُتَمِ:** ذ. (سن. ڪُتَنْب = آڪهه). ڪُتَنْبُ – آڪهه – ڪُتَمْبُ – گهرپار – قبيلو – خاندانُ – ڪيڙ – ڪُڙمُ. نسل – بنياد.

– **ڪُتَمِي ج ڪُتَمِي:** ذ. ڪتنب وارو – ڪتنبي – آڪهه وارو – عيالي – ٻچڙيوال – وڳر وارو – ڪڙم وارو.

• **ڪُتَمْتُ ج ڪُتَمْتَ:** ذ. صفت. وڏو بي پرواه – پهلوان – وڏي همت وارو جوڌو – ڊگ – بانڪو – مٽير – چوڑي پٽ – وٺڌار – دليرِ بي پرواه ـ مغرور – مٽي ڦريل – شهزور (ڪ).

– **ڪَتَمْتِي ج ڪَتَمْتِيُونْ:** ث. زور – ڏاڍائي – جبرائي. آڪڙ – وڏائي.

• **ڪُتَنْبُ ج ڪُتَنْبَ:** ذ. (سن. ڪُتَنْبَ = آڪهه). ڪتم – ڪڙم – آڪهه – قبيلو. گهرپار – آل اولاد – هارٻچا. خاندان ـ گهراٽو.

– **ڪُتَنْبائتو ج ڪُتَنْبائتَا:** ذ. صفت. ڪتنب وارو – عيالي – هارن ٻچن وارو – سگهرو – گهر وارو.

– **ڪُتَنْبي:** ذ. ڪتنب وارو – آڪهه وارو – عيالي – اولادي – ڪتنبائتو.

• **ڪَتَنُ:** مصدر. (سن. ڪَرْتَن. ڪپڻ. ع. قطع). وڍڻ – ڪپڻ – ڪترڻ – ڪاٽڻ – جدا ڪرڻ. (ننهن) لاهڻ. (ڪپڑا) وهنڊڻ. گهائڻ – وڍڻ ورهائڻ. (واسطو) ٽوڙڻ – (ناتو) ڇنڊ. گهٽائڻ – ڇانٽڻ – تخفيف ڪرڻ – ڪٽ ڪوٽ ڪرڻ. هلندڙ تاس جو پتو نه هجڻ جي حالت ۾ رنگ جو پتو هٽي هٽ ڪٽڻ – ڪاٽڻ. (حساب ڪتاب) ڊاهي ڇڏڻ. گهارڻ – گذارڻ – ڪاٽڻ.

• **ڪُتَنُ:** مصدر. (سن. ڪُتّ). چلهڻ – چپڻ – چٽڻ – ڦيهڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنهو ڪرڻ. ڏَڪ هڻڻ – ڦهڪائڻ – ٽوڪڻ – ڏاگورڻ – سٽڪائڻ. سٽڪا چاڙهڻ – مارڪٽ ڪرڻ.

– **كُنڊِيُ ج كُنڊِيُونْ:** ث. ڪنڊ جو ڪر – ڪنڊ واري حالت. ڪُنڊ عورت – ڪنڊپو ڪندڙ پڙوي.

– **كُنڊ ج كُنا:** ذ. ڪُنڊيل شْئي ـ چورو. دفتريءَ جو هڪ قسم.

– **كُنڊي پَرڻ:** جڳي طرح ناهي ٽوڪي پرڻ – دب ڦس ڪري پرڻ.

– **كُنڊُ ج كُنڈَ:** ذ. صفت. (سن. كُنَنْ = كُنڊُ). پڙوت ڪندڙ – پاڙيو – پڙوو.

– **كُنڊُپائِيُ ج كُنڊُپائِيُونْ:** ث. پڙوت – دلالي – بي حيائي – ڪميڊپ.

– **كُنڊُپُ ج كُنڊُپا:** ذ. پڙوت – ڪنڊپائي.

• **كُنڊو ج كُنڈا:** ذ. صفت. دل تي ڪٺ چڙهيل (مائٿو) – ڪافر – سخت – پڪو – رُکَ – ڪاري رنگ جهڙو – ڪارو (ل). صفا – بنهين – ماڳهين (ل). (اسم خاص). ڏاندن جو هڪ قسم (سائو. ڪاراڻ تي مائل) (ت).

• **كُنڊو ج كُنڊا:** ذ. (سن. كُنڊ). ڪاب ڪنڊيل شيءِ ـ چورو – پور. پُڪو. ڪاتر (ڪاغذ جي). ٻُهه يا پلال جو سنهون بوسو. ڪنڊيل پَنن مان ٺهيل هڪ قسم جي دفتري.

• **كُنڊورو ج كُنڊورا:** ذ. تامي يا پتل وغيره جو وٽو. وٽو. پيالو. جَمڻ – جنگو (ل).

– **كُنڊوردانُ ج كُنڊوردانَ:** ذ. وٽي رکڻ لاءِ چمڙي جي هڪ ڳوٽري.

– **كُنڊوريُ ج كُنڊوريُونْ:** ث. وَٽِي – جَمنِي – پيالي. پاٽي جي سيميَ لاءِ نل ۾ وڏَلُ جَمَ مان ٺهيل پيالي (ت). (اسم خاص). دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وَکَرُ (قرگول. داڻا ليمن جيڏا ۽ رنگ جا پورا).

• **كُنڊُورُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كِنڊُوڙُ ج كِنڊُوڙا (ل):** لوهه ڪي ڳارڻ وقت ڪوري جي تَري ۾ مٽي سان ٻڌجي ويل ڪٺ – ڪَسُ – زَنگُ – زنگارُ.

• **كُنڊوهَرُ ج كُنڊوهَرَ (ت):** ذ. ڪارونانگ – واسينگ – اصيل نانگ – ڪاريُهَرُ.

• **كُنڊوهڙو (ت):** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **كُنڊهَرُ:** اسم خاص. تعلقي لاڑڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كُنڊهَرُ ج كُنڊهَرُ:** ذ. مچيءَ مان تيار ڪيل ٻوڙ – ڪُنڊهرُو. (صفت). سخت – ڏاڍو – ڪَنَنُ – مُشڪِلُ.

• **كَنڊهَرُو ج كَنڊهَرُا:** ذ. ڪاٺ يا لوهه جو پَلويرُو – نندڙي پِٽ يا ديوار + قبي جي اندرين تريت جي مٽان ڪاٺ يا سنگمرمر جو چنسالي ۽ سان پنجرو. ٻيڙيءَ جي پاڇيل جي تختي هيٺان وهڻ لاءِ ٺهيل جاءِ. پاتوليءَ جي پيرر ڪي وهڻ لاءِ اڏي. ڪُترڪرڻ لاءِ اڏي.

• **كَنڊِيُ:** ذ. (سن. كَنْ = ذرا ذرَا). هَلر ڪان پوءِ انُ ڪڍي باقي لتاڙيل ڳاهُ – ان جي ڪکن جو چورو – ٻُهه – پُڏَ – ڪَڏا – قِرڪٽ – چانورن مان نڪتل بوسو – چاڙ – ڦوڳ. قٽين مان نڪتل ڪچرو. ٻهرجي هوري.

• **كَنڊِي:** خارَ – ڪاوڙ. غصو – چِڙَ – ناراضگي (ل). ٻڪريءَ جي رنگ جو نالو (داغدار. ڪاري ڪنڊِي. ڳاڙهي ڪَنڊِي – ڪَنڊِي ڏاسياريُ.

– **كَنڊِيُونْ كَرَڻْ:** خار ڪائڻ – ڪاوڙ ڪرڻ – چِڙَ ۾ پرجڻ.

– **كَنڊِيُونْ كائِڻْ:** (ل): ڪاوڙ ڪرڻ. رهيل مٽي – آخَرُ – تَرو. ڪارخاني يا گهر ۾ پاڇي ڪيل – ناٽو – بجت.

• **كَنڊِي:** ث. ناسازي – جدائي – ڪلفت – قطع تعلقات – اٽبٽٽ (ل).

• **كُنڊِيُ ج كُنڊِيُونْ:** ث. گهه ۽ ڪنڊ سان ڪُنڊيل يا مهٽيل مانيُ. پوريل (ماني وغيره) – چُوري – پوري. مٺائيءَ جو هڪ قسم (ت). ذرا ذرا ٽيل مال جو چارو – ڳورائي (اُٺ جو چارو) (ت).

– **كُنڊِيُ كَرَڻْ:** مانيءَ ۾ گهُهُ وجهي مهٽڻ – چُوري ڪرڻ. ڪير ۾ مانيُ پورڻ. ذرا ذرا ڪرڻ – سنهون ڪرڻ. وَڌڻ ٽُڪڻ.

• **كَنڊِيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

– **كَنڊِيرِيُ ج كَنڊِيرِيُونْ:** ث. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم – ڪانديري.

• **كَنڊِينگَرُ ج كَنڊِينگَرَ (ڪ):** ذ. اعليُ درجي جي ٻانيڙن جو هڪ قسم.

• **كَنڊِيلُ ج كَنڊِيلَ:** ذ. صفت. ڪَنجُوسُ – بَخِيل – مرچوٽ – مُوذي – شُومُ. اندر ڪوٽو – اندر رَڌو – ڪڌو.

• **كَنڊِيلُو ج كَنڊِيلا (ت):** اُٺ جو نندو قر – گَوَنرو.

• **كَنڊُ (ت):** ث. ڪَمر – چيلهه. رَسُ – مَزو.

• **كَنڊُ ج كَنڊَ:** ذ. (سن. كَنْڊ = آواز) آواز. گَلو – نِرِيُ – نرگهٽ – نرگهوٽو. رَسُ – مزو. گوڙ – ميڙ – ميڙاڪو – حشام – هُجوم. سَٽ – ساٽاري – جماعت.

• **كِنڊ ج كِنڊ (ڪ):** ث. ٻڪرين جو ياڻ – ٻاکرو ياڻ.

• **كِنڊُ ج كِنڊَ:** ذ. ٽالهيءَ جي ڪاٺ جو اندريون سخت پاڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيشر جي ڪائي – ڪاري ڪائي (ت). ڪَيُ – وُڇ – مغز (ڪنهن بہ ڪائيءَ جو). ڪچ جو ضد. (نسبتي مَعنيٰ ۾). سنهڙو پر مضبوط (ت).

– **ڪڻ تي رَهڻُ:** جوکي ڪان ڇڻل رهڻ – نقصان ڪان بچيل رهڻ – خطري کان خالي رهڻ.

• **ڪُڻ ج ڪُڻَ:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر. (صفت). شوخ – رُکَ مُنهون – سخت مزاج – ڪڙڪ.

• **ڪُڻارَ ج ڪُڻارَوڻ:** ث. (سن. ڪنڻ = ڪنارو) واهہ يا نديءَ جو پاسو – ڪنارو – ڪنڌي – نديءَ جو چوڙ.

• **ڪُڻارَ ج ڪُڻارَ (ل):** ذ. صفت. وڏو. طاقت وَرُ – زبردست – جبرو – طاقتمند.

• **ڪُڻانڊرو ج ڪُڻانڊرا (ت):** ذ. ڪاڌي جي شين جي بچاءَ ڪان گهر ۾ رکيل چورس ننڍو ڪَٻَڙ – ڪوٺو.

• **ڪُڻ بيدُ ج ڪُڻ بيدَ:** ذ. ڪُوبِجُ – نيم طبيب – ڪُڻ ويُج – نيم حڪيم.

• **ڪِڻ ڪُميتُ ج ڪِڻ ڪُميتَ:** ذ. صفت. گهوڙي جو هڪ قسم – چٽني پيرن سان ڪارو گهوڙو – گهٽو ڪاراڻ تي مائل گهوڙو. ڪارَ تَريو ڪميت.

• **ڪِڻ ڪُميرُ ج ڪِڻ ڪُميرَ:** ذ. صفت. خاص ڪاري رنگ جو گهوڙو – ڪُميتُ.

• **ڪُڻَلِ ج ڪُڻلُون:** ث. وڍيل – ماريل – ڪهي چڏيل. وڇوڙي جي ماريل – فراق ۾ ورتل – جدائيءَ ۾ ڳريل.

• **ڪِڻمالَ ج ڪِڻمالُون:** ث. (ڪُنڌ + مالها) ڳچيءَ ۾ پائڻ جو زنانو زيور – ڳچيءَ جو هڪ خاص ڳهه. چاندي يا سون جي هيٺ سيني تائين هار تي بيهي.

• **ڪِڻمَنائِي ج ڪِڻمَنائِيُون (ل):** ث. گهٽتائي – اڻاٽ – ڪوٽ – قلت – لاٽ – لاچاري.

• **ڪَڻُ ج ڪَڻَ:** ذ. (سن). مشڪل – ڏکيو – سخت – تڪليف وارو – لاچار – سٽاٽو – دُشوار – اوکو – اوڙو – اڻاگو – نہ ٽيڙ جهڙو. ڪَنجُوسُ – شُوم – مُوذي – بَخيل. مضبوط – قابو – ڏاڍو – سوگهو – بلائتو – محفوظ.

• **ڪَڻُ ج ڪَڻَ:** ذ. سخت دل – سنگدل – بي رحم – بي قياس. بيوفا. غيرآباد ملڪ – سُڃو – ويرانُ – برپٽ – پوٽو – بيابان (ل).

• **ڪَڻو ج ڪَڻا:** ذ. گڏ ڪيل – ميڙيل – جُملي – مجموعو ڪيل – گڏ – پيڙو – هيڪاندو.

– **ڪَڻو ڪَرڻُ:** سَميٽَڻُ – ميڙڻ – گڏ ڪرڻ – چِنڻ – چونڊڻ – روڙڻ. چڻڻ (ڪپڙو).

• **ڪُڻ ج ڪُڻا:** ذ. (ڪُسڻ يا ڪُهڻ جو ماضي) ڪُهيو – ذبح ڪيو. ماريو – وَڍيو – ذرا ذرا ڪيو.

• **ڪُڻُرُ ج ڪُڻُرَ:** ذ. صفت. (سن). اباجهو – بي درد – بي ترس – بي رحم ـ بي قياس – سنگدل – پٿر دل – ظالم

– **ڪُڻُر دلُ:** ذ. سخت دل – ڪُڻُر.

• **ڪُڻُرُ ج ڪُڻُرا:** ذ. سخت (چادر). ٻيڙيءَ جي پاڇيل.

• **ڪُڻڙِي ج ڪُڻڙِيُون:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽيءَ جي پاڙ. بلو – بيل.

• **ڪُڻوُ (ت):** ذ. واسينگ – اصيل – ڪارو نانگ.

• **ڪِثِي ج ڪِثِيُون:** ث. (سن. ڪَشْتَ) ڪمائي – اُپت – پراپت – حاصلات – ڪتيو. پاچي – بچت – فائدو. ڪفايت – سانگ صرفو – ٽورو خرچ. ڪَشالو – جاکوڙو – طاقت – وتُ – زور سگهه – بَلُ – رَتُ (ل).

• **ڪَثافَتَ ج ڪَثافَتُون:** ث. (ع). غلاظت – نجاست – گندائي. آلاڻ – آلودگي – آلائش. ڳرائي – ٿُلهائي. (ضد. لطافت).

• **ڪَثَرَ ج ڪَثَرُون:** ث. (ع). گهٽائي – جهجهائي – واڌارو – اضافو. فائدو – نفعو – لاڀ – پراپت.

• **ڪَثْرَتَ ج ڪَثْرَتُون:** ث. گهٽائي – جهجهائي – انيڪتا – فراواني – واڌارو – اضافو – ڳاهت – (ماٺهن جو) انبوهُ. سُڪر – سَبْزسالي. تصوف جي اصطلاح ۾ "وَحْدَتَ" جا مختلف جلوا – صفات.

– **ڪَثْرَتِ راءِ:** ث. ڪنهن ڳالهه ۾ جهجهن ماٺهن جي راض – اڌ کان گهٽن جي راءِ ـ اڪثريت.

– **ڪثرٽيڊ:** وڌيڪ ٽيڊ.

– **ڪثرَ ڪَرڻُ:** وڌيڪ ڪرڻ. فائدو ڪرڻ. (ملهه راند ۾ محاورو) ملاکڙي ۾ ڪر از ڪر تن ملهن کي ماري وڃڻ – ساري ڪرڻ.

– **ڪثر ڪٽڻ:** وڌيڪ فائدو ڪٽڻ.

• **ڪَثِيرُ ج ڪَثِيرَ:** ذ. صفت. تمام گهڻو – جهجهو – زياده ـ بي شمار – بسيارُ – انيڪ – بي حد – حد کان وڌيڪ.

– **ڪثيرو ڪثروارو:** واڌو. اسر خاص. ماٺهوءَ جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪنيڑي جو ڪَرڻ:** بي عزت ڪرڻ – بي مانو ڪرڻ – ٽڪي هڪڙي جو ڪرڻ.

• **ڪنڍُ ج ڪَنڍَ:** ذ. ٽلهو – نهرو – ڇَوڙهو – گهاٽو – گهرو – ڳرو. ٻَڏُ – غير شفاف – (شيشو وغيره). گندو – گدلو – ميرو – غليظ – سادو – پورڙو – ڪم عقل – مَت هيڻُ.

• **ڪَپ:** ث. ڪاتَ – ڪَتَ – وَڍَ – ڪٽائي – وَڍائي. ٽڪر – ذرو – ٽورو – پور.

– **ڪَپ ٽُڪَ ج ڪُپُنْ ٽُڪُنْ:** ث. وَڍَ ڪَتَ – ڪَپ – ڪاتَ – وڍائي – ڪٽائي – ڪَپائي – وَڍ ٽُڪَ.

• **ڪَپ ج ڪَپ:** ذ. (سن. ڪَلپن = ڪَپڙُ). چاقُوڻ – قلمتراش. ننڍي ڪاتي. ندي، يا واهه جو ڪنارو – ڪنڊي – پَر – ڪَپَر (ڪپڙي جي) اندي. ڪَسُ – ڪنڌو – ڪناري. عورت جي ڪَرائي جو هڪ ڳَهه "ڪَپ، واڍولا ڪَترايا، هُنَا بازو بند بار" (موسو لاشاري). بهَن کي ٽڪرن ڪرڻ جو هڪ نمونو.

– **ڪَپ پَوَڻ (ت):** (ڪجيءَ جو محاورو). ڪجيون چانگڻ.

• **ڪُپ ج ڪُپ (ل):** ذ. ڪٽڪ جي ٻُهه کي مٽان ويڑهيل ناڑِيءَ جو ٻوجهو. (ٽڪر جو) ڪُپو – ڪُوزو – ٽِيو – چَلَ. چمر مان ٺهيل تيل وجهڻ جي ڏَبِي.

• **ڪَپاتُ ج ڪَپاتَ:** ذ. (سن. ڪَپالُ = ڪَپاتُ) ڪيپراني – ڪيپراتي – ڪوپري – ڪاپار. مٿو – مغز – سِرُ. نِلاڙُ – نِراڙ. لڪيو – (سن. ڪَپات = دَرجو طاق). دَرَ – دروازو – ڪواڙُ. دروازي جو پانيل – الماڙي – ڪَٻَٽ – ڪَپاٽ. هوش – حواسُ. دماغُ.

– **ڪَپاتَ ڪَلڻُ:** هوش جاءِ تي اچڻ – ڳالهه کي سمجهڻ – حواس درست ٽيڻ – دماغُ سالم ٽيڻ – مغز ڪَلڻ – غلطي محسوس ڪرڻ – ڇُوڪَ کي سمجهڻ.

– **ڪَپاتَ کولڻُ:** پاڻ سنيالڻ – هوش ۾ اچڻ.

• **ڪَپاڙ ج ڪَپاڙُ:** ذ. (سن. ڪپالُ = ڪاپالُ) کوپري – ڪاپار – ڪيپراتي – سِرُ – مٿو – ڪنڌ (رامڪلي). قسمت – پاڳ – لڪيو – نصيب – بخت.

• **ڪَپاسِيو ڪَپاسِيا (ت):** ذ. (سن. ڪَرْپاسَ = ڪپهه) ڪپهه جو ٻج – ڪکرو.

• **ڪَپاهُ ج ڪَپاهُونْ:** ث. (سن. ڪَرْپاسَ = ڪپهه). ڪڪڙن مان نڪتل ڦَٽي – ڪَپهَ. وونئڻ جي پوڪ جو ڦَلُ – ڦَٽيون.

• **ڪَپاهَ ڙِي:** اسر خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **ڪَپائڻُ:** مصدر. (سن. ڪَلْپَنْ = ڪپڻ). ڪَپڻ جو ڪم ٻئي کان ڪرائڻ – ڪٽائڻ – وڍائڻ – ڪپرائڻ – وڍرائڻ – ڪترائڻ. ڪُهائڻُ – ڪوس ڪرائڻ.

• **ڪُپَتِ ج ڪُپَتُونْ:** ث. (سن. ڪ = خراب + پَرَتِيَه = پَت) بي ايماني – نڱي – دغا – فريبُ – ڪوٽُ – ٻيائي – ڪُڌَت – ويساگهاتي – خيانت – دولابُ – گِدي. بدمعاشي – چالاڪي – لچائي. ڪوڙُ – جوٽُ.

• **ڪُپَتِيو ج ڪُپَتِيا:** ذ. صفت. خراب پت وارو – ڪوٽو – ڪوڙو – دغاباز – دولابي – گِديخور – ويساهه گهاتي – فريبي – خيانتي. بدمعاش – چالاڪ – لچو. بي وفا – ڪُلال.

• **ڪُپتانُ ج ڪُپتانَ:** ذ. (انگ. ڪَئپٽن). فوج جي دستي جو سالار جهاز جو حڪمران آزمودگار فوجي آفيسر – فوج يا پوليس جو وڏو آفيسر.

• **ڪَپٽُ ج ڪَپَٽَ:** ذ. (سن. ڪَپَتَ = دَغا). دوکو – نڱي – دغا – فريب – ڏوپو – ويساهه گهاتي – بي ايماني – چَل – ترڪت – ڪوٽ – ڪوٽائي – ڦندو. ڪوڙ. ٻناڪ. ظلم. (ت).

• **ڪَپَٽِي ج ڪَپَٽِي:** ذ. صفت. دولابي – نڱ – دغاباز – ڪُپتيو – ڏوپي باز – فريبي – ڪوٽو – ترڪٽي – چَلي. ظالم – وحشي – ظلمي – خونخوار – قهار.

• **ڪَپڄڻُ:** مصدر. وڍڄڻ – ڪٽجڻ.

• **ڪُپَچُ ج ڪُپَچَ:** ذ. (سن. ڪُپتَيَه = خراب رس). پَچ يا پڪريز جيڪو اَڻلي پوي. خراب پچ. (پَچَ مان ڪُپچ ٿيندو) "هاريا تو هري ڪپچ ڪاياسين ڪَيو" (شاهه). بي تدارڪ (ت).

• **ڪُپَچ ج ڪُپَچَ:** ذ. (سن. ڪُ = خراب + پچ > پڪش = طرف). نالائقي – نامناسبي – بي ننگائي.

• **ڪَپَرُ ج ڪَپَرَ:** ذ. (سن. ڪَپَالَ = ڪنارو). ڪپ – پاسو – پر – ڪنارو – وَٽ _ ڪنڊي – ڪنار. اُوجو ڪنارو – اُتاهين ڪنڊي. ڪپڙي جي اَنڊي. ڪاپار – ڪوپري. مٽاڙ. (ت). "جتان گهڙي تتان گهيڙ ڪپر پچن ڪوڙيون". (شاهه).

• **ڪُپَرُ (ت):** ذ. ڳڙ يا ڪنڊ ملائي پچايل سوڪ ماني.

• **ڪَپَرُ ٽانُ:** اسر خاص. ڪاري جي مچيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان. رنگ اڇو. پَڪ هيڊا. ڪائڙ ۾ لذيذ. قد ۴ کان ۱۳ انچن تائين).

• **ڪَپرو ج ڪَپرَا (ت):** ذ. واريءَ جو ننڍو ڏڙو – واريءَ جي ننڍي پِٽَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **كَپَرِي ج كَپَرِيُون:** ث. چٽي – بوجو – مصيبت – پري – بار – علامت (ل). (اسر خاص). ٻکري جو هڪ قسر. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَپَڙُ ج كَپَڙَا:** ذ. (سن. كَـرْپَـٰسَ = كپڑو) هٽ جو اٽيل كهرو ۽ ٽلهو كپڙو – ديسي آڏاڻن جو كپڙو – سادو كپڙو – كاڏيءَ جو كپڙو.

– **كَپَڙُ چَاڻُ:** صفت. كپڙي مان چاٽيل – تمام سنهو ٻورو. صاف كيل – چاٽيل.

– **كَپَڙُ چَاڻُ كَرَڻُ:** كپڙي مان چاڻڻ – تمام سنهو كرڻ – باريڪ كرڻ – ميدي وانگر كرڻ.

– **كَپَڙُ كوتُ ج كَپَڙُ كوتَ:** ذ. كپڙي جي پردي واري جاءِ ـ خيمون – پڙدو – پناهه – اَجهو – اوٽ.

– **كَپَڙُ كَاڙِ (ت):** ث. كپڙي سڑڻ جي ڏَپَ – كومو – كومي جي ڏپ.

• **كُپَڙُ ج كُپَڙَ (ت):** ذ. ٻکريءَ جي ڦولهڙين جو سنهو ٻورو كيل پاڙ – ٻکرين جي پاڙ جو جميل تهه. گند – كچرو – ٻُهر – كَن – مَٽِيُ. تمام كنڊري زمين – نرم زمين – وارياسي زمين – پوپلي زمين (ل).

• **كَپِڑَا:** ذ. حيض – ماهواري – مهينو – گندين – رگ – خون.

– **كَپِڑَا اَچڻُ:** حيض جو جاري ٿيڻ – ماهواري اچڻ – زالاڻا اچڻ – رگ اچڻ.

• **كَپِڑُو ج كَپِڑَا:** ذ. (سن. كَـرْپَـٰسَ = كپڑو). بت تي پهرڻ لاءِ لٽو – چيرُ – لباس – لُڳڙ – وڳو – اوڍڻ – پُڄ. اوڍڻ.

– **كَپِڑَا بَدلاڻُ:** ميرا كپڑا لاهي ڏوتل كپڑا پائڻ – پوشاك متائڻ – وڳو بدلائڻ – لباس متائڻ.

– **كَپِڑَا پَائڻُ:** بدن تي لباس كرڻ – پوشاك پائڻ – كپڑا پهرڻ – وڳو ڍڪڻ.

– **كَپِڑَا لاهڻُ:** وڳو متائڻ – پوشاك بدلائڻ. نانگو ٿيڻ – اگهاڙو ٿيڻ. بي حيا ٿيڻ – بي شرم ٿيڻ. گهٽي چڙ وڃڻ – بنا سوچڻ جي غصي ۾ پرجي وڃڻ. "پاٽيءَ كان اڳ كپڑا لاهڻ".

– **كَپِڑَا لاهي وَڃڻُ:** اُگهاڙو كرڻ – نانگو كرڻ. ننگي كرڻ – دلبو كرڻ – فريب كرڻ – دغا كرڻ – دولاب كرڻ.

– **كَپڑَن كَانْ بيزار ٿيڻُ:** تمام كك ٿيڻ – هلاك ٿيڻ – خفي ٿيڻ – ورجڻ – دڻ ٿيڻ.

– **كَپڑَن مَانْ كَڍڻُ:** كك كرڻ – چيڙائڻ – بيزار كرڻ – خفي كرڻ – ورجائڻ – دق كرڻ – هلاك كرڻ.

– **كَپڑَن مَانْ نِكرِي وَڃڻُ:** تمام كك ٿيڻ – بيزار ٿيڻ – گهٽو هلاك ٿيڻ – خفي ٿيڻ – كپڙن كان بيزار ٿيڻ – ورجڻ.

– **كَپڑَن ۾ رَهڻُ:** لج ڏارڻ – حيا كرڻ – شرم ركڻ – كجهه ننگ هجڻ.

– **كَپڑَن ۾ نه سَمائجَڻُ:** بيحد خوش ٿيڻ – تمام گهٽو نهال ٿيڻ – بي انداز سرهو ٿيڻ – كپڙن ۾ نه ماپڻ.

– **كَپڑَن ۾ نه ماپڻُ:** كپڙن ۾ نه سمائجڻ – تمام گهٽو خوش ٿيڻ.

– **كَپڑُو اوڍڻُ:** كپڙي سان ڍكيل رهڻ – كپڙو پائڻ – كپڙو متان كرڻ – وڳو پهرڻ – پوشاك پائڻ.

– **كَپڑُو پَائڻُ:** پوشاك پهرڻ – لباس پائڻ. كپڙو اوڍڻ.

– **كَپڑُو كَرَڻُ:** كپڙو پائڻ – كپڙو پهرڻ.

– **كَپڑِي جو ميلُ:** كپڙي جي هر قسر جي وچور وار ڏار ليكي ركڻ جي وَهِي يا بندي – كپڙي جي جنسن جي تفصيل ركڻ جي كابي.

• **كَپِڑُو ج كُپِڑَا:** ذ. (سن. كُـنْـبَ = كُپو). پاڻي پيئڻ لاءِ ٺكر جو ننڍو ٽانءُ – كُپو – ڏونگهو – كمرو – ٽيو.

• **كَپِڑِي ج كُپِڑِيُون:** ث. ننڍي ٽيِي – كنڊي. مس جي كُپي. ٻارن كي كير پيارڻ جو ٽانءُ.

• **كَپِڑِي (ت):** ث. چور جو كُنَيلُ پيرو.

– **كَپِڑِي كَرَڻُ:** پيرو كٽڻ. بدنام كرڻ – تنگ كرڻ – رذيل كرڻ – بچڑو كرڻ – كاريت وجائڻ.

• **كَپكَس (ت):** ظرف. مس مس – لاچار.

• **كَپكِيرُ ج كَپكِيرُ:** ذ. (ف. كف = مٺ + گير > گرفتن = وٺڻ). ديگ وڌائڻ يا رڌڻ جو وڏو چمچو – كفگير – ڏوئلو – كانوڙو.

• **كُپلو ج كَپلَا (ت):** كُپڙو – كُپو – ٽيو – كوزو – كُنڍو.

• **كَپلَپُور:** اسر خاص. تعلقي عمركوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَپَڻُ:** مصدر. (سن. كَلْپَنَ = وَڍَڻُ) وڍڻ – كاٽڻ – كٽڻ. كترڻ. جُدا كرڻ – الگ كرڻ – ڌار كرڻ – ٽوڙڻ – چٽڻ – پَٽڻ. جَهَكَ ڏيڻ – زخمي كرڻ – چير ڏيڻ. هيرا كرڻ. گُنترا كرڻ – ٽكر ٽكر كرڻ – گَيا كرڻ. كوس كرڻ. خونريزي كرڻ.

• **كَپي جَڏڻُ:** وڏي چڏڻ – كَٽي چڏڻ. (بنياد) ٽوڙي چڏڻ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفا ڪڍي چڏڻ – الڳ ڪري چڏڻ.

• **ڪَپـڙ (ل):** ث. سخت (سَردِيُ) – ٺاٽ (سِيءُ) – سُڪ (سَردِيُ). "اڄ سِيءَ جي ڪَپـڙ آهي. (جملو).

• **ڪُپڙُ ج ڪُپڙُون (ت):** ث. پوڙي زمين – ڏَهڙَ – چِڪَڙَ – گِچَڙَ – گهيچڙ.

• **ڪُپڙُ ج ڪُپا:** ذ. (سن. ڪُنْپَ = ڪُپو) متيءَ جو پڪل ٽِيو – ڪمرو – ڪُپـڑو. گهه. تيل وغيره رکڻ لاءِ ڇَرَ جي ڏَبـي. ٽـين جي اڏڙي. گلن رکڻ جي ڪُونڊي. آتش بازيءَ جو هڪ قسر. مٽِن يا ڳَلـن ڦوڪڻ واري حالت – ڦوڪيَل ڳَلُ.

– **ڪُپڙُ سُجائـڙ :** ڪاوڙ يا ناراضگيءَ ۾ منهن ۾ سُونڊ وجهڻ. مـٽِون ڦوڪڻ – منهن سجائڻ – منهن کي ڏَهو ڪرڻ.

– **ڪُپڙُ ڪَچَ ۾ هُئـڙ:** تمام گهٽو تورتو پوڻ – هرج پوڻ. سُجو ٽِيڻ – پينگيو ٽِيڻ. پنندو وٽڻ. "يا تہ پَنَڻُ هارهن يا تہ ڪُپو ڪَچَ ۾ " (چوٽي).

– **ڪُپڙُي اُونڊُو ٽِيَڙ:** سپ ڪجهه نقصان ٽِيڻ – سپ ڪُجهه ڇَڏ ٽي وڃڻ.

• **ڪَپُوچ ج ڪَپُوچَ (ڪ):** ذ. پرت جو هڪ قسر.

• **ڪَپُورُ ج ڪَپُورَ:** ذ. (سن. ڪَرْپُورَ = ڪافُورَ) خوشبوءِدار ٻوٽي جو هڪ قسر – هڪ وَڻُ جي سُرهي رَس – سُرهي وَٽ – ڪافُور. هڪ قسر جي خوشبوءِدار دوا جا هَوا تي رکڻ سان اُڏامي وڃي. هڪ گل جو نالو."ڪوماٽو ڪَپُورُ مون واجهائيندي پرينءَ کي" (شاهه). ٻڪريا گهيٽي وغيره جو آنورو –خصيه – پيلو.

– **ڪَپُورڙُ ج ڪَپُورا:** ذ. ٻَڪريا گهيٽي وغيره جو آنورو – خصيو – پيلو – ڪَپُورُ.

– **ڪَپُوريڙُ ج ڪَپُوريا:** ذ. ڪَپُوريو – ڪپُورُ – آنورو.

• **ڪَپُورَاڙو:** اسر خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَپُورَ ڪَڇِـرِيُ ج ڪَپُورَ ڪَڇِـرِيُون:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ خوشبوءِدار وَڪَرُ – هڪ سُرهي ٻوٽي (گاهه) جي پاڙَ.

• **ڪَپُورڙُ ج ڪَپُورا (ت):** ذ. ڏوهه – گناهه – جُرم – خَطا – قَصُور.

• **ڪَپُوريُ:** اسر خاص. تعلقي تندي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَپُوريڙُ ج ڪَپُوريا (ت):** ذ. ڪوسَ مان پاٽي وَهي ڪڍ ٽِيڻ جو پهريوَن هنڌ.

• **ڪَپُولُ ج ڪَپُولَ (ت):** ذ. گاڙهي وڻ جو گل – گل جو هڪ قسر.

• **ڪَپُوهِـيُ (ل):** ث. هڪ پسارڪي وکر جو نالو – پَنيـرَ ڦوٽو. ڪَپُـئي – ڪَپوئي.

• **ڪَپُوئِـيُ (ڪ):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسر جنهن ۾ ڪَپوئي جا ڦُل ٽين.

• **ڪَپَهَ ج ڪَپَهَ:** ث.(سن. ڪرپاسَ. ع. قَطن = ڪپهه) وڻڻ جي پيدائش – ڪڪڑن مان نڪتل ڦٽيون – ڪَپاهَ. پوڪ جو هڪ قسر – وَڻڻ جي پوڪ.

• **ڪَپَـئِـيُ ج ڪَپَـئِـيُون:** ث.دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽي جو ٻِـيُ.

• **ڪَپِـيُ ج ڪَپِـيُون:** ث. لوهه يا ڪاٺ جي قرٽي – چرخي – پوڙي – سرڪٽي – ڇڪري. بيرم جو هڪ قسر. (سائنس ۾).

• **ڪُپِـيُ ج ڪُپِـيُون:** ث. سن. مس وغيره وڇهي رکڻ لاءِ ننڍي شيشي – ڪُپڑي. ڇَرَ جو ٽانءُ – چرَ جو شيشو. بارود رکڻ جي شيشي.

• **ڪُپِي وارو:** اسر خاص. مول ڪان اُلهندي طرف هڪ جبل جو نالو.

• **ڪُپِيري:** اُها پيٽي جتي واٽ وارو پيرئي نہ ليي – پير وڃائيندڙ واٽَ."ڪپيريءَ ۾ پير جني پاتو پيرئين"(شاهه)

• **ڪَپِـيْنجَرُ ج ڪَپِـيْنجَـرَ (ڪ):** ذ. پکيءَ جو هڪ قسر – ڪَبُوتَرُ – پاريلُ – پاريْهَلُ.

• **ڪَپِـيْهَلُ ج ڪَپِـيْهَلَ:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسر – پَپِـيْهَلُ – تاڙو – پپيهو.

• **ڪَجَ ج ڪَجُونُ:** ث. هڪ اک جي نظر گهٽ هئڻ واري حالت – هڪ اک کان نابينائي – هڪ اک جي غير شفافِـيُ – ڏَنڊِ.

• **ڪَجُ ج ڪَجَ:** ذ. صفت. ڏنگو – وِنگو – ڪُبو – مُڙيَلُ. وَرِيَلُ – قـرِيَلُ. ٽيڙو. جهڙو تهڙو – اُپرو سپرو – سادو سودو. برخلاف – اُونڌو – اُبتڙ – اُبتو – اُلٽو – قـرِيَلُ. گمراهُ – پليل – مُنْجهيَلُ – خطا – اؤسان قـرِيَلُ.(اسر). ڪُنڊ – ڪُٽِيَ.

– **ڪَجُ بَحَثُ:** ذ. صفت. ڪَجُ پيچُ – نـئـرُ – هوڏي – اٽولو – ضدي – بحثي –شِدَتي. نرجو – اَهَنْڌُ. قڏا ڪندڙ – تڪراري –خواهمخواهه حجت اُٽارينڊڙ – قڏائي – اعتراض اٽارينڊڙ (بي فائدو اجايو).

– **ڪَجَ بَحَثِـيُ:** ث. هوڏَ – شدت – ضِدُ – نـئرائي – اهنڌائي – بحثُ. حُجت – تڪرارُ – قڏو.

– **ڪَجَنْهِـرُ ج ڪَجَنْهِـرَ:** ذ. صفت. سمجهه جو اونڌو – بي عقل – مورک – چرٻَٽ – چَسو – بي وَقوف – نادان – جاهِلُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪُڇ ڪُلاءُ:** ذ. نٹونئون – ٹنڊي – ننڍن ٹچٹو – ٹنڈٹي ماکوڑو – ڦنڈٹي – نخري بار – ڏنگ تي ٽوپي رکندڙ – ٽيڏي ٽوپي پائيندڙ – ٹوٽ.

• **ڪُجاوڙ ج ڪُجاوا:** ذ. (ف. قزاوَہ) ڪُجاءُ.

– **ڪُجاءُ ج ڪُجائا:** ذ. (ف. قزاوَہ) ماڻهن وهڻ لاءِ اُٺ تي رکيل ڪاٺ جي ڏولي (اڪثر ڄڃ جي وقت هڪ اُٺ تي ٨ – ١٠ زالون چڑهن) – مَحمِلُ – ڪَجاوو. اوڏڪي متي ڪٹڻ لاءِ گڏهن تي رکيل ڪاٺ جو پنجرو – ڪاربُ.

• **ڪُجَرُ ج ڪُجَرَ (ت):** ذ. دونهين جي ڪاراٽ مان اک ۾ پائڻ جي لاءِ ناهيل سُرمون – ڪاجَلُ – ڪَجَلُ.

– **ڪُجَريو ج ڪُجَريا:** ذ. صفت. ڪجل وجهندڙ – ڪَجلِيو – ڪَجلِي – ڪَجَلُ پائل.

• **ڪَجَلُ ج ڪَجَلْ:** ذ. (سن. ڪَجّلَ = ڪَجَلُ). ڏيئي جي دونهين جي ڪاراٽ ۾ سٹي مان ناهيل سُرمون –سُرمي جو هڪ قسم – دُود چراغ. ڪَجَرُ.

– **ڪَجَلْدانُ ج ڪَجَلْدانَ:** ذ. ڪَجَلُ جي ڪانين رکڻ لاءِ ڏَبلي. سُرميداڻي.

– **ڪَجْلو ج ڪَجْلا:** ذ. ڪجل وارو يا ڪجل پيل – ڪَجلِيو – ڪارين اکين وارو – سُرمائي.

– **ڪَجْلوٽِي ج ڪَجلوٽِيُونْ:** ث. ڪجل جي ڪائين رکڻ جي ڏَبلي – ڪجلدانُ. سُرميداڻي.

– **ڪَجلِي ج ڪَجلِيُونْ:** ث. صفت. ڪجل پائيندڙ عورت – ڪارين اکين واري. سهڻي زال – حسين عورت. (اسم خاص). تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **ڪَجلِيو ج ڪَجلِيا:** ذ. صفت. ڪَجَلو – ڪجل پائيندڙ. (ذ). ڏَرملڪ جو هڪ لوڪ گيت.

• **ڪَجَ ج ڪَجُونْ:** ث. (سن. ڪَو = ڍڪڻ). اوڇڻ – ڍڪ – پوشَ – پردو – پناهه – اوٽ – اجهو – جهلو – بچاءُ، حياءُ – حجابُ. چبي – تاڻ – ڪشش – چڪ. زورُ –ڏَبَ (زالن کي هار هڻڻ وقت ڪَجَ ڏيڻي آهي). (ت). چت متي ڪٹڻ جي ڪائي (ت).

– **ڪَجَ ڏيڻُ:** ڏَبَ ڏيڻ – زور ڏيڻ – چڪ ڏيڻ. بار ڪٹڻ.

• **ڪَجُ ج ڪَجَ (ت):** ذ. ڪاج – خوشي. رَجُ – ڏَءِ. "ڪاڪيون ٿيندم ڪَج. آيو عنايت الله جئي".

• **ڪِجُ ج ڪِجُونْ:** ث. ڪاڍو – ڍيلَ – جلهائي – سِلَ – گُسگُساءَ – ديرمدارُ – سُستي – ڪاهلي – سل ول – چرڪ – اويرَ.

• **ڪُجا:** ضمير. (ف. ڪُجا = چا) ڪُجاڙو – ڪُجاءُ – ڪُجو – چا – چو – ڪُجا. ڪهڙو.

– **ڪُجاڙو:** ضمير. چا – ڪُجا. ڪهڙو. ڪوهه. جي – ها – هائو.

– **ڪُجاڙيا:** ضمير. چو – چا لاءِ ـ چاڪاڻ – ڪُجا لاءِ.

– **ڪُجاڙيا:** ضمير. ڪُجاڙيا – چو – چا لاءِ ـ چاڪاڻ.

• **ڪُجاڻُ:** مصدر. چيڙڻ – ڇُرڪرڻ.

• **ڪُجاڻيو:** چيڙيو.

• **ڪُجَرُ ج ڪُجَرَ (ت):** ذ. صفت. سُست – ڪاهلُ – ٽوٽي – آرسي – ڪم چورُ – ڳَمَرُ. بَخيل – پَڪو – مُٺ پيڙ. بڪواتي – بَڪبڪيو.

• **ڪُجرُو ج ڪُجرا:** ذ. (ماپ ۾) ننڍڙو چوٽو – پيچڪڙو – بندرو – ڏُمڪڙو – ڏُمڪو – لالير و – هلڪو – ڊينبو.

– **ڪُجڙائِي ج ڪُجڙائِيُونْ:** ث. نَنڍَ – ننڍائي – چوٽائي – پيچڪڙائي (قد ۾). اوٽائي – درڪار – ڪوٽ – سوس – قِلت – ڪَسَ. هُٿي – ڪوٽي – اٽاٽ – ڪَمي – ڪوتاهي – ڪاٻَٽ – تنگي – لاچاري.

– **ڪُجڙائِي ڪَرڻُ:** گهُر ڪرڻ – چاهڻ – (موجودگي) گهرڻ. گهرج ۾ هڻڻ – پوئتي پيل هڻڻ – گهٽ ٽيڻ – ڪم ٽيڻ – ڪوٽ ۾ هجڻ. ڪاهلُ ٽيڻ. پورو ٽيڻ.

• **ڪُجڻُ:** مصدر. ڍڪڻ – لڪائڻ – پردو ڪرڻ. پناهه ڏيڻ – بچاءُ ۾ رکڻ – اوٽ ۾ رکڻ – پرده پوشي ڪرڻ. ويڑهڻ – تهه نشين ڪرڻ – تهه ڪرڻ. وجهائڻ – گُم ڪرڻ – والارڻ – قبضي ۾ ڪرڻ – هٽ ڪرڻ. سَمائڻ. بچائڻ. (بندل وغيره). هڏڻ وقت (پنن وغيره کي) زور ڏيئي سولو ڪرڻ – چاپڻ – سوڙهو ڪرڻ – دَبڻُ.

• **ڪُجوڙ ڪُجا:** ذ. ڏَڪيل – پُوريل – بچاءُ ۾ آندل – پڙدي ۾ ڪيل. ڏَهيل – سيٽيل. لِڪَلُ – گُم ٽيل. "سِبي سيبا ڏي. پوري نيهَ نہ ڪجيو".

• **ڪُجَنُ ج ڪُجَنَ (ل):** ذ. صفت. ڏُجڻ – دشمن – ويري. (ضد. سجڻ).

• **ڪُجهڙُ ج ڪُجهڙَ (ل):** ذ. گند – ڪچرو – ڪِرڪٽ – ڪنُ – ڪَهجَرُ – ڀُهرُ.

• **ڪَجهُ ج ڪَجهَ:** ذ. صفت. گندو – غليظ – ڪنو – خراب – گندگي وارو.

• **ڪُجهُ:** صفت. (سن. ڪنِچ) ٽورو – ڪُچ – ڪي ڪُجهُ – ڪي قدر – وڌيڪ – هيو ڪُچ – ٽورو گهٽو – قدري – جيڪي سو – جان تان – جزوي – ڪي ب. ڪا ڳالهه. ڪُچ ڪَچُ – البت – ڪُچ نه ڪُچ. (ضمير). ڪو – ڪا.

– **ڪُجهُ ته هُئُن:** ڪا ته ڳالهه هئڻ – مڙيئي ڪجهه ته سمجهڻ. ملڻ جو ارادو ٿيڻ. ٽوري ڪا رقم هئڻ.

– **ڪُجهُ ڪُجهُ:** ٽورو ٽورو – ذرو ذرو – ڪُجهُ قدر – ٽورو گهٽو.

– **ڪُجهُ ڪِيُن هُئُنُ:** بالڪل خالي هُڻ – ٽلهو هجڻ – پالهو هجڻ.

– **ڪُجهُ نه ڪُجهُ:** ٽورو گهٽو – ڪجهه قدر – ڪي قدر – مڙيئي.

– **ڪُجهُ نه ڪَرَنُ:** ڪوبه قدم نه کڻڻ. ڪابه ڪم جي ڳالهه نه ڪرڻ. ڪوبه فائدي وارو ڪم نه ڪرڻ – بيڪار رهڻ – نڪمو رهڻ.

– **ڪُجهُ نه هُئُنُ:** ڪا ڳالهه نه هئڻ – ڪو معاملو نه هئڻ ڪُجهه ڪين هئڻ.

• **ڪُجهَڙ ج ڪُجهڙُونُ:** ث. ڪُوات. اَوَجهڙ رستي مُنجهڻ ڪري ٽيل پريشاني – مونجهارو.

• **ڪُجِ ج ڪُجُونُ:** ث. مخاطبت جو هڪ گندو لفظ – رَنَ! ڪجري!

• **ڪُجَ ج ڪُجُونُ (ت):** ذ. ڪڙهيل ڪيرجي متان جاوَلَ ملائي – تَرُ.

• **ڪَجا ج ڪَجائُونُ:** ث. (سن. ڪَنيا = چوڪري). ڪُنواري چوڪري – نِياڻي – ڪماري.

• **ڪُجائِنُ:** مصدر. سُسائڻ – گهٽ ڪرڻ – نندو ڪرڻ. سُنُ ڪرڻ. منجهائڻ – پلائڻ – گمراهُ ڪرڻ. "سا پيئي بندياڻي بند ۾، ڪوئين ڪُجائي".

• **ڪَجَرُ ج ڪَجَرَ:** ذ. صفت. (سن. ڪنْچڪَن) خراب ماڻهو – پڙوو – دَلو – ڪميڻو – پڙوت ڪندڙ – ڏوتو – وَڄ ڪُتيو – پيٽو. ڪجريءَ جو عزيز.

– **ڪَجَرڪو:** ذ. ڪَجرجو.

– **ڪَجِريُ ج ڪَجِريُونُ:** ث(ف. ڪنچني). رَنڊي – ناچڻي – وئيشيا – فَاحش عورت – چڪلائڻ – ڪَسبڻ – بدپيشي واري عورت.

• **ڪَجِرياڻو:** ذ. صفت. ڪجريءَ واروياڪجريءَ جو.

• **ڪُجرَاڻُ ج ڪُجرَاڻُونُ:** ث. هڪ ڪرهي واري پاڄاريءَ جو هڪ قسم.

• **ڪَجُ ج ڪَجَ:** ذ. (سن. ڪاچُ > ڪانْچُ = شيشو). شيشو – ڪَاچ – ڪانچُ . ڪوڙُ – جوتُ – ڪوٽ. وڻن جو قونهڙو – گونجَ هُور.

• **ڪَجو ج ڪَجا:** ڪَجو (دلو) – پيلو. پُرندڙ (شي). "هڪ تڪوئي تار وهي، هيو هٿ ڪَميٽي "ڪَجُ" اڻ پڪل قريا ميوو نابالغ چوڪرو". (شاهه). درياه جي اٽل وارو پاڳو. ڪجو ڪَمُ – گناهه جهڙو ڪَم. ڪاڪ جو ٻاهرين آڇو پاسو – ڪاڪ جو مٽيون نرم پاڳو. ٻُبي جي ڏُنڊ. ڪجوو(ک).

• **ڪَجَ پُورُ(ت):** ث. ڪڇين اکين واري اڇي رنگ جي مينهن.

• **ڪَجَسرِيُ ج ڪَجَسرِيُونُ:** ث. ڪڇين سرن جي ٽهيل (جاءِ).

• **ڪَجِڪَارُي ج ڪَجِڪَارِيُونُ:** ث. شيشي جو ڪم – شيشي جو سامانَ – شيشائون. نَازڪ – ٽاڪنئون – پُرٽو. شيشي جهڙو چلڪندڙ.

• **ڪَجُ ڪَرَنُ:** نه وٽڻ – ڦٽو ڪرڻ – ٽو ڪٽا ڪرڻ – ڇڏي ڏيڻ. وڻن جو قونهڙو ڪرڻ.

• **ڪَجُ ڪَمائِنُ:** ڪوڙ ڳالهائڻ – جوٽ هولڻ. ڪُڳيون ڪرڻ.

• **ڪَجُ ڪَجِيُ ج ڪَجُ ڪَجِيُونُ (ت):** ذ. نئين ڊُڪي ٽيل – تازي ڦَريل (ڳئون، مينهن وغيره).

• **ڪَجُ مَتُنُ:** بد الفاظ واتان ڪيڻ – ڪچا لفظ ڳالهائڻ – گار گند ڏيڻ – بدفضيلتو ڳالهائڻ. ڪوڙ ڳالهائڻ – جوٽ هولڻ – ڪج ڪمائڻ.

• **ڪُجُ ج ڪُجُونُ (ت):** ث. تنبيهه – جٽ ڦٽ – لعنت – ملامت – تعدي. زور – دباءُ. چوپائي مال کي ڪير لهرائڻ لاءِ ڪيل حيلو "ڪج ٻَلَ".

– **ڪُجَ ڪَرَنُ:** تنبيهه ڪرڻ – جٽ ڦٽ ڪرڻ – لعنت ملامت ڪرڻ – تعدي ڪرڻ. زور رکڻ. دباءُ ڪرڻ. نه مرندڙ جانور کي سَرن جو موئو ناهي سارَ ۾ ڏيئي ڪير لاءِ حيلو ڪرڻ.

• **ڪُجُ:** ث. (سن. ڪُنْجُ). منجهيل ڳالهائڻ – آهستي ڳالهائڻ.

– **ڪُجِ ڪُجِ ڪَرَنُ:** آهستي آهستي ڳالهائڻ – سس پس ڪرڻ. گهڙيءَ گهڙيءَ جوَڙ – ستائڻ.

• **ڪَجَالو:** ذ. سائي پاڄيءَ جو هڪ قسم – رتالو – چيني پتاتو.

• **ڪُجِجو ج ڪُجِجَا:** ذ. صفت. ميرو – گندو – لڙهيل – گدلو – ميروگچيرو – ڏوڙ پڪليو.

– **ڪَجَرُ ج ڪَجَرَ(ت):** ذ. نندي جانور جو گوشت – حلواڻ – ڪجڙو گوشت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪَچَرُ پَچَرُ (ت):** ذ. ڪچر پچر – گند گوچر.
– **ڪَچَرُ پَچَرُ:** ذ. گھٽن قسمن جو گڏيل ڪاڏو. چچر پچر – حليم – ڪشڪول.
• **ڪَچَرَ (ت):** ث. سوڙھ. گھُٽ – تنگي – لاچاري – قلت – ڪوٽ – گھرج – ضرورت.
– **ڪُچِرُ ج ڪُچِرَ:** ذ. وڏن ڪُجن وارو. بي همت – بزدل – گيدي – ڊرپوڪ – ڊڄڻو.
– **ڪُچِرائو ج ڪُچِرائا:** ذ. صفت. ڪنهن اٽپوري يا خراب ڪر واسطي ٻڌي ماڻهو جي لاءِ ڳالهايل بيهودا الفاظ. بيهودو – واهيات.
– **ڪُچِرائِي ج ڪُچِرائِيُون:** ث. بي افعالائي .خراب هلت ـ انڪار ۽ نٽا سٽا واري ڪي چوندا. "ڪُچرائي ڇڏ". ڪچرائي – بي جرئتي – بي همٽائي. چڙب (ت).
– **ڪُچِرائِي ڪَرڻ:** ڪو ڪر آڏ ۾ چڏي وڃڻ – اٽپورو ڪر ڪرڻ – نامڪمل ڪر ڪرڻ. سستي ڪرڻ. بزدلي ڏيکارڻ. ڪر همٽي ڪرڻ – گيديپڻو ڏيکارڻ. "ڪمن ڪُچرائي ڪئي، لوڙهي پاسي لڄ".
• **ڪَچِرو ج ڪَچِرا:** ذ. (سن. ڪچّرَ). ڪن ڪچرو – ڦوڳ – ڪَهجرُ – ڪن ڦٽ – نندو سڪو – ريزو.
• **ڪَچِرِي ج ڪَچِرِيُون:** ث. چيڙن، تورين ميهن وغيره جا وڍيل ۽ سڪايل ڳٽرا – سڪايل پاڃيءَ جا ٽڪر. ڪجيءَ جي هڪ ذات جو نالو. (ڪارڪون ڪچيون منيون ۽ نڙيءَ کي نہ ونڊڻ).
• **ڪَچِرِيُون ڪرڻ:** تازي پاڃي (مثلاً گوگڑو، ميها، ڪريلا، چيڙ وغيره) چلي، لوٽي ۽ ڳٽرا ڪري سڪائڻ. ذرا ذرا ڪرڻ – ڳٽرا ڪرڻ – ٽڪر ٽڪر ڪرڻ.
• **ڪُچِرِي ج ڪُچِرِيُون (ت):** ث. سنهي چهنب سان ڪاڻيءَ جو ٽڪر.
• **ڪِچِريا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪِچِڙُ ج ڪِچِڙُون:** ث. گپ – چڪ – گارو – ڪيچڙ – راهڙو. ڪچرو – ڀهر – ڪهجر – پاڻ.
• **ڪَچِرُو ج ڪَچرا:** ذ. صفت. تمام ڪچو – نرم – نازڪڙو – اَڄيتڙو. تازو ڦٽل گونج – گنُونڙ –گوهو. ڪچي جو اسم تصغير. اُديهَڙ.
• **ڪچرو ٻاهه جهڙو هڻڻ:** تمام نازڪ هڻڻ – تمام نرم هڻڻ – نفيس هڻڻ.
– **ڪَچِرُو عَيَالُ:** نندا ٻچا – سنها ٻار – تَهَرُ – سنها ٻچا.
– **ڪچِرِيُ مَنجهَنْد:** منجهند کان ٽورو اڳ جو وقت.
• **ڪَچِرِيُ ج ڪَچِرِيُون:** ث. زري يا زربفت جي پرت ۾ پريل گل يا پن – زريءَ جو پريل پرت.
• **ڪَچِڪَ ج ڪَچِڪُون:** ث. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم. (چلرن سان، رنگ اڇو، قد ۲ – ۳انچ).
• **ڪُچڪ:** اسم خاص. بروهي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **ڪِچِڪِچ ج ڪِچِڪِچُون:** ث. ڏندن هيٺ واري يا پٽري اڇڻ جو آواز – ڪِڙڪِرَ – ڪرڪرو – ڪرچ ڪرچ.
• **ڪُچ ڪُچ :** ث. وري وري ڏهرايل ڳالهه – تاڪيد. جهُر جهُر – ڪُر ڪُر – گوُنر – وڪ وڪ – جهنڀ جهنڀ – گهپي – ڪِڪل – ڪٽ ڦٽ. حرڪت – ڪينچل – مستي. مسخري – مذاق. چرچو – گهپو.
– **ڪُچ ڪُچ ڪَرڻ:** تپائي ڪٽڻ – گهڙيءَ گهڙيءَ ٽوڪڻ – وري وري ڳالهه ڏهرائڻ – ذري ذري تاڪيد ڪرڻ. هروپرو مٽو ڪپائڻ – اجائي محنت ڪرڻ. چراند ڪرڻ – ڪيچل ڪرڻ – چرچ ڪرڻ – چونگ ڏيڻ – هشي ڏيڻ.
• **ڪُچڪو (ل):** ذ. ٽڪر يا شيشي جي ٽانوَن پچڻ جو آواز – ڏڪ جو آواز – ٽِڙڪاٽ – ٽڙڪو.
• **ڪُچڪوڙَ:** ث. گهٽ قيمت واري شي – سستي – سهانگي. ڪوڙو زيور. ڪوڙا.
– **ڪِچڪوڙِي ج ڪَچَڪوڙِيُون:** ث. نندي ڪوڏيءَ جو هڪ قسم – سمند جي سپي (جيت) – ڪچي ڪوڏي. ڪچ – ڪائو ڪچ – ڪوڏ ڪچ.
• **ڪَچڪوڙُ ج ڪُچُڪوڙُ:** ذ. دريائي ناريل جو سُڪايل آڏ. پنڻ جو ٽانءُ – ڪشتو – پيالو – ڪستو – ڪشڪول. زنبيل – جنبيل. سپ قسم جو ڪاڏو جو ڪنهن پينڙيات کي بگري يا جهولي ۾ ملي – ڪچ ـ گڏهه گاجرو – گاڏڙ ساڏڙ – گڏيل – ملاوت ڪيل – ڳڙ – ڳڙڏاڻي – چچر پچر. نندي هڙ – بيدڪي – بدوڪي.
• **ڪَچلاڪ:** اسم خاص. رياست قلات جي سراوان علاقي ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو.
• **ڪُچلُ (ل):** مصدر. گپ ڪرڻ – گارو ڪرڻ – ڪهڪل ڪرڻ

– راهڙو ڪرڻ.

• **ڪُجِلو ج ڪُجِلا:** ذ. (ع. حَبُ الغراب). زهر جو هڪ قسم (ڪانگ هن کي ڪائي تنهنڪري هندي ۾ ڪانگ ڦل چوَن) – زهر ڪچلو.

• **ڪُجِنَارُ ج ڪُجِنَارَ:** ذ. وڻ جو هڪ قسم (هن جا گل يا گونچ پاڃيءَ طور ڪم اچن) – ڪنجال – ڪچنار جو گل.

• **ڪُجِنَالُ ج ڪُجِنَالَ:** ذ. وڻ جو هڪ قسم – ڪچنار.

• **ڪُجِنِيُ ج ڪُجِنِيُونْ:** ث. هڪ ٻوٽي جو نالو جنهن جو ميوو سوپاري جهڙو ٿئي. سوپاريءَ جو هڪ قسم.

• **ڪُجُ ج ڪُجا:** ذ. صفت. (سن. ڪجج = اڻ پڪو) اڻ پڪل – بنا رَڏَلُ – اڌ رَڏَلُ (ڪاڏو). ڦينڙ – ڦينهڙ – ڦنڊڙ.

• **ڪُجُ ج ڪُجا:** ذ. صفت. (سن. ڪجج = اڻ پڪو) اڻ پڪل – بنا رَڏَلُ – اڌ رَڏَلُ (ڪاڏو). ڦينڙ – ڦينهڙ – ڦنڊڙ. بي بَقا – ناپائدار (رنگ). تازو – سائو – اڻ رسيل (ميوو). اڻ ڪمايل – خام – آلو – ناپائدار – نازڪ – ڪمزور. نرم – مُلائم. بي جتاءِ – طاقت ۾ گهٽ (جمڙو). پُرندڙ – تڪانئُون – بي زور – پُتو – پوڙو. اڻ تيار (خاڪو). اڻ پڪل (دلو يا مَٽ). گهٽ – ڪَسو – اوڻو – اڻ پُورو. اناڙي – الڙ – اروٽ – اڻ آزمودگار – نئون – بنا تجربي – تازو – نَوَلُ – جڙو – سيکڙات. نابالغ – ڳَيرُو. نئون پرتي ٽيل – نوڪريءَ ۾ تازو ٻيندل. عيبدار – ڏوهي – خطاوار – ويڪَرُ – قصور وار – گنهگار. اڻ تصديق ڪيل – بِنا پَڪَ. بَنا ٽپي يا بنا مُهر. اڻ چتو – مُبهم – شڪي – نامعلوم – نامعتبر – نه وسهڻ جوڳو – بي پروسي. اپرو – ضعيف – ڏهرو – لاغَرُ – هيٺو – نستو. مڙندڙ – سَزاوندو – لڇڪيدار – مُڙٽو – لڇڪٽو. اندازاً – تخميني روءِ – اٽڪل روءِ. (اسم). سيلابي زمين – درياهه جي هوڏ هيٺ آيل زمين (جنهن تان پاڻي لهي وڃي) – ڪَڇي يا پُرندڙ زمين – تاڪنئين (ڪناري واري) زمين. (سن. ڪتشا = گار) ڏوراپو – طعنو – عِتابُ – ويڻ – مهڻو. گِلا – ٽِڪو – عيبُ – بدناموسيُ – نندا – گهٽتائي (عزت جي) – اوڻائي. خراب ٻولي – ڪچا لفظ – گارگند. حساب ڪتاب رکڻ جو روزنامچو – ڏينهنڪڙي – دوڪاندار جو ڪرڙو. (اسم خاص). درياءِ جي سيلاب هيٺ آٽيندڙ پاڳي جو نالو. پرت جو هڪ قسم (ڪ). (ث. ڪچي ج ڪچيون).

– **ڪُجا (ت):** ذ. (ڏوهين جو مُهاوروَ) ڪنڀ ۾ ڇڳيءَ طرح نه رڌل ڪپڙا.

– **ڪُجاتُ ج ڪُجاتَ (ل):** ذ. صفت. ڪچو – اڻ پڪل. ننڍي عمر وارو – ننڍي ٽهيءَ وارو – هالِڪ – ڪَچيرو.

– **ڪُجا ڏِينْهَنْ:** حامل عورت يا ڪنهن وهٽ جو ڀهريون ڇهن – پنجن مهينن وارو عرصو. "مُدي ڏڻ" يعني ڪچي هنڌي جي حالت ۾ هنڌي پريندڙ کي مجرائي جا چوٽ ڏنل چار ڏينهن.

• **ڪُجاڻ:** ث. ڪُجائي – ڪچ – ڪَجاوَتَ – اڻ رَسيلائي. ساواڻ – تازاڻ (ميوي جي). ايڇپ – بي عقلي – بي وقوفي – حماقت – مورکائي – چريائي – ڪوتاه انديشي – جَهالت.

• **ڪُجاوَتُ ج ڪُجاوَتَ:** ذ. ڪَجائي – ڪچاڻ. اڻ پوري ڏوتل (ڪپڙي) واري حالت – خالي پاڻيءَ مان ڪپڙن ڪيڻ واري حالت – بنا مصالح ڪپڙن ڏوئڻ واري حالت.

– **ڪُجائِيُ ج ڪُجائِيُونْ:** ث. اڻ پڪائي – ڪَجاوَتَ – ناپختگي – اڻ رسيلائي – ڪچاڻ. ناتجربيڪاري – مورکائي – حماقت – بيوقوفي – بي عقلي – ايڇپَ. گِلا – شڪايت – غِيبت – عيبُ. مَهڻو – طَعنو – ڏوراپو – عِتابُ – ويڻ. بي وفائي.

– **ڪُجائِيُ ڪَرڻُ:** مورکائيءَ جهڙو ڪم ڪرڻ – بيوقوفيءَ جهڙو ڪم ڪرڻ – نقصان جهڙو ڪم ڪرڻ. بي وفائي ڪرڻ. ڪچو ڪم ڪرڻ. اڻڳي هلت اختيار ڪرڻ – گِلا ڪيائڻ – شڪايت ڪيائڻ. مِهڻي هاب ٽيڻ – ڏوراپي جهڙو ڪم ڪرڻ.

– **ڪُجو هارُ ج ڪُجا هارَ:** ذ. اڻن مهينن کان اڳ جو هاول هارُ. اڻ مڪمل هار – اڏورو هار.

– **ڪُجُو پِرْتُ:** تويي جو هڪ قسم (جو ڪپڙي جي مٿئين پاسي گهڙو ۽ سنو ۽ هيٺئين پاسي ٽورو ڏسبو آهي).

– **ڪُجُو ٽِيَڻُ:** مُورڪ ٽيڻ – گهٽ ٽيڻ – بي وفا ٽيڻ.

– **ڪُجُو پَڪُو ج ڪُجا پَڪا:** ذ. اڌ ڪچو اڌ پَڪو – ڏڏَڙ – اڌ پڪو – ڪچ پڪوڙو – اڌو گابرو پڪل. اڻ رَڏو – ڏڏر ڦڏر – اڌو گابرو رَڏَلُ.

– **ڪُجو پَڪو ڪَرڻُ:** ڪنهن ڳالهه تي ڪجهه راضي ڪرڻ – اڌو گابرو راضي ڪرڻ.

– **ڪُجو پَڪو ڳالهائِڻُ:** ڪجهه ظاهري ۽ ڪُجهه ڳجهو ڳالهائڻ. چڱو مَنو ڳالهائڻ – بدشد ڳالهائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪُجھ چِلُو بيان ڪرڻ:** اوڻايون پوڻايون بيان ڪرڻ – عيب ثواب پڌرا ڪرڻ – افعال پڌرا ڪرڻ – خوب شڪايت ڪرڻ – اعمالنامو ظاهر ڪرڻ.

– **ڪُجھ ڏاڪو ج ڪُجا ڏاڪا:** ذ. اڻ وٽيل ست – ڪچي تَنْدِ ـ ڪچي ڏُوڙ.

– **ڪُجھ رَستو ج ڪُجا رَستا:** ذ. واري يا ڪچيءَ مٽيءَ وارو رستو – خراب رستو – ڏاسڙ رستو – گهاڙو – بنا پٿر ۽ ڏامر جي ٺهيل رستو.

• **ڪُجھ روڪڙُ ج ڪُجا روڪڙَ:** ذ. روزمره جي نقدي (روڪڙ) داخل ڪرڻ جي وَهي – روزاني مليل روڪڙ جي حساب ڪتاب رکڻ جي بندي.

– **ڪُجھ سُفيدو:** ذ. اڇي رنگ جو هڪ قسم.

– **ڪُجھ سيرُ ج ڪُجا سيرَ:** ذ. چاليهن تولن وارو سيرُ – اڌ سيرُ.

– **ڪُجھ ڪانو هُئڻُ:** گهٽ وڌ ڳالهائڻ – مهڻو ڏيڻ – عتاب ڏيڻ – ويڑ ڏيڻ – طعنو هڻڻ. پاراتو ڪيڻ – پٽڻ.

– **ڪُجھ ڪَرڻُ:** ڪچي سِلائي رکڻ – ڪچو توپو ڏيڻ. بي همت ڪرڻ – بزدل بنائڻ. گهٽ ڪرڻ – ناقابل ٺهرائڻ. درياءَ جو اُتل ڪري زمين کي هوڙڻ – سيلاب ٽيڻ هوڏ ڪرڻ.

– **ڪُجھ ڪِرَڻُ:** ڪَڇن مهينن جي ٻار جو پيٽ مان نڪرڻ – ڪُهائي ٽيڻ.

– **ڪُجھ ڪوروڙ ج ڪُجا ڪوڙا:** ذ. اڻ پرٽيل – ڪُنوارو – واندو – چڙهو.

– **ڪُجھ ڪوروهُئڻُ:** اڻ پرٽيل هئڻ – واندو هئڻ – ڪُنوارو هئڻ – چڙهو هجڻ. وهاڻ نه ڪرڻ.

– **ڪُجھ ڪائڻُ:** پچي وڃڻ کان اڳ ۾ ڪا شيءِ کائڻ. بي رحمي سان سيکت ڏيڻ – مارڻ يا وڙهڻ. تمام سخت غصو ڪرڻ – بيحد ڪاوڙ ڪرڻ.

– **ڪُجھ ڪائي وَڃڻُ:** ڪنهن تي حد کان وڌيڪ غصو ظاهر ڪرڻ.

– **ڪُجھ ڪيڙُ:** اڻ ڪڙهيل ڪير – ڏڌو ڪيڙُ.

– **ڪُجھ ڪيڙُ پيڻُ:** آزمايش نه هئڻ – ڪوبه تجربو نه هئڻ – الڙ هئڻ – ناسمجهه هئڻ – ناتجربيڪار هئڻ. هٿي جي صلاح سان ڪوبه ڪم ڪرڻ – روءِ سوءِ ڪَمُ ڪرڻ.

– **ڪُجھ لاڙُ:** بدنام يا گلارو ڪرڻ – ٽڪو لاڙُ – بي آبرو ۽ خوار ڪرڻ – ذليل ڪرڻ – رُسوا ڪرڻ – عيبدار ڪرڻ.

– **ڪُجھ وَڻُ:** ذ. ڏاڪي کي اُبتي ڀيري تي ڏنل وَڻُ.

– **ڪُجھ هِنْيُوْنْ ٽِيَڻُ:** دل خراب ٽيڻ – اُلڻيءَ جو خيال ٽيڻ – ڦئي جو خيال ٽيڻ – دل بتال ٽيڻ – هاڻ تي بارُ ٽيڻ. ڪنهن به ڳالهه جو نه وٺڻ – اُڳرو ڪَمُ ڏِسَڻُ.

– **ڪُجھي ڪَهَڙي پاڻِي پَيَڻُ:** وڏي آزمايش ڪرڻ – پرک مار لنگهي وڃڻ – سخت آزمايش کي منهن ڏيڻ. تمام مشڪل ڪم ڪرڻ – ڪَٺن ڪم ڪرڻ.

– **ڪُجھِينْ لڳِيْنْ:** تمام ضعيف – اپرو. ڪچڙي جسم وارو – رَت جو ڦهو. بيمار – اڳهو – ناچاق – لَڳو.

– **ڪُجھِينْ لڳِين هُئڻُ:** زال جو ويم واري حالت ۾ هئڻ. بيمار هجڻ – اڳهو هجڻ – ناچاق – هجڻ. تمام ضعيف هجڻ – اَپرو هجڻ.

• **ڪُجھ ج ڪُجا:** ذ. جنسي عضوي جي چوڌاري وار – بلوغت وارا وار – زيرناف – وارَ.

• **ڪُجھْ بَخْشُوْ ڪُهڑنْ:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُجھْ بِهابُ:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُجھْ بِهْنْبِيْ:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُجھْ ٽُپِيْ:** اسر خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُجھْ ٽَمَّ:** اسر خاص. تعلقي سرڪنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُجھُوْر:** ٿ. (سن. ڪَرچور > ڪج. ف. زرنباد) سُنڊ سان مشابهَت رکندڙ هڪ خوشبوءِدار ٻوٽي جي پاڙ جو نالو (رنگ پورو. ذائقو ڪڙو ۽ تِکو. طبيعت گرم ۽ خشڪ. دوا طور ڪم ايندڙ) – اُٺ ڪُجُورُ – جَدوارُ.

• **ڪُجھُوْرِيْ ج ڪُجھُوْرِيُوْنْ:** ٿ. بيسٽ، قيمي يا چٽن جي دال مان ناهيل ۽ تيل يا گهه وغيره ۾ تريل. تِکِي – مصالح دار تِکِي – ڇهري تِکِي.

• **ڪُجھْ سُڪَپُوْرُ:** اسر خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُجھْ سِيْتانْ:** اسر خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُجھْ شاهَپُوْرُ:** اسر خاص. تعلقي ٻني عالق ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُجھْ ڪَشْمُوْرُ:** اسر خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **كَچھُ كَوْتُ شاهُو:** اسر خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كَچھُ كَوْهِرِي:** اسر خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كَچھُ كَوْسِكِي:** اسر خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كَچْھُلُ** ج **كَچْھُولَ (ت):** ذ. زنانو پَھراڻُ.
• **كچھُولُ** ج **كَچھُولا:** ذ. چِڪَني، چِيڑھالي، لڳلڳدار ۽ وَڪَ واري پاڇي۽ جو هڪ قسم – ڪَچالو – چِيڻي پَتاتو – رَتالو.
• **كَچھُولُو:** اسر خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كَچھُولِي:** اسر خاص. عمرڪوٽ ۽ ڊِگھڙي تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كَچھُو مَڙھُو:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كَچھُو مَنْبُو دائِرُو:** اسر خاص. تعلقي روهڙي۽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كَچھُو مِياڻِي مَلُوڪُ:** اسر خاص. تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كَچھُومِيرانْپُورُ:** اسر خاص. تعلقي گھوٽڪي۽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كَچُونْبَرُ** ج **كَچُونْبَرَ:** ذ. سُرڪي ۾ ڪُتر ڪري پُسايل بَصَرُ.
– **كَچُونْبَرُ كَرڻُ:** سَنھون ڪرڻ – ذرا ذرا ڪرڻ – گِيجَھجا ڪيڏ – ڪُتر ڪرڻ – ڳَتَرا ڪرڻ – ٽُڪر ٽُڪر ڪرڻ. مارڻ – فَنا ڪرڻ – نابُود ڪرڻ.
• **كَچُوتُونْ:** اسر خاص. تعلقي جاتي۽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كَچُوتو** ج **كَچُوتا:** ذ. تر ۾ ڊِت ۽ پارڪر جي زالن جي پوشاڪ ۾ فقط چاتي ڍڪيندڙ اڌ گَڄ – چولي – انگيا.
• **كَچَھْرِي** ج **كَچَھْرِيُونْ:** ث. مجلس – محفل – مارڪو – مندل – مندلي – رَهاڻ. سات. سنگت – دوستي – فيصلن نبيرڻ جي جاءِ ۽ نيائي سَڀا – راج دربار. حاضرين يا ٻڌندڙن يا ملاقاتين جو هڪ هالُ.
– **كَچَھْرِي۽ جو مُوڙُ:** سنو ڳالھائيندڙ – فضيلت وارو – سياڻو – عاقل – نيڪ گفتار – بااخلاق – ڏاهو.
– **كَچَھْرِي كَرڻُ:** راج وارن جو گڏ ويھي رهاڻ ڪرڻ. راج دربار لڳائڻ. دوستن جو پاڻ ۾ ويھي رهاڻ ڪرڻ. گڏ ٿي ڳالھ ٻولھ ڪرڻ (زماني جي).
• **كَچَھْلا:** اسر خاص. ذات جو هڪ قسم.
• **كَچِي** ج **كَچِيُونْ:** ث. صفت. "ڪچو" جو مؤنث. اڻ رسيل – اڻ پڪل. ڪچو ڪَمُ – عَيبُ – ڪچائي – بدزبي ڳالھ – شڪايت – مَھٽو – گِلا. زمين کي آبادي لاءِ ڏنل پھريون پاڻي. شروعات – منڊ – آرنپ. پاڇي۽ جي پوک – بقل.
• **كَچِي ٽِيَنْ:** ڪچي ڪم ڪرڻ ڪري گلا ٽيڻ – گھٽتائي ٽيڻ.
– **كَچِي ڏاتُو:** ڪاٽين مان ڪوتي ڪيڏيل (ٻين ڏاتن سان گڏيل) ڏاتو.
– **كَچِي ڪِكِي:** عيب – گھٽتائي – اوڻائي – وڏَ.
– **كَچِي ڪِكِي ظاهر كَرڻ:** عيب جوئي ڪرڻ – گھٽتائي ظاهر ڪرڻ – عيب ظاهر ڪرڻ.
– **كَچِي ڪِكِي كَرڻ:** گھٽتائي ڪرڻ – اوڻائي ڪرڻ.
• **كَچِي كانْبَ:** ث. سنھا هار – ننڍا هار.
– **كَچِي كانْبَ هُڻڻ:** ننڍا هار هڻڻ. ڪجھ به نه هڻڻ.
– **كَچِي كِھِ هُجَنْ (ت):** بت نرم هجڻ – تمام نفيس هجڻ – بدن ۾ نازڪ هجڻ.
– **كَچِي كَرڻُ:** خرابي ڪرڻ. پڌري ڪرڻ (ڪاب ڳالھ) – ظاهر ڪرڻ – ڳالھ کولڻ – راز پڌرو ڪرڻ. (ونجھوتي راند ۾) سڀ هارين هڪ پاسي اُڪري وڃڻ.
– **كَچِي كوڏِي بہ نہ هُڻڻ:** ڪجھ به نه هڻڻ – سُجو هڻڻ – هٿين خالي هڻڻ – ٽلھو هڻڻ – پالھو هڻڻ.
– **كَچِي۽ كانْ:** منڊ کان – شروع کان – شروعات کان – ابتدا کان – اصل کان.
– **كَچِي لاهِڻُ:** اڻ تيار تيل (ڪاڏو پوک وغيره). لاهڻ – اڻ پڪل شيءِ لاهڻ.
– **كَچِي لھَڻُ:** اڻ تيار تيل (ڪاڏو وغيره). لھڻ – اڻ پڪل لھڻ.
– **كَچِي۽ ۾:** شروعات ۾ ـ منڊ کان – منڊ ۾.
– **كَچِي۽ ۾ خراب ٽِيڻُ:** شروعات کان وٺي خراب ٽيڻ – بنياد ئي خراب هُجڻ – منڊ ۾ ئي ڪرجي وڃڻ.
– **كَچِي۽ ۾ كَرڻُ:** شروعات ۾ سنياڻ – شروع کان ئي سنياڻ – بنياد کان وٺي ڪجھ ڪرڻ.
– **كَچِي وَٽ:** ريج ڏنل زمين ۾ گھٽي قدر آلاڻ – پاڻي ڏنل زمين ۾ ايڪا بينل گپ – هر ڏينھن جي نه لاٿل زمين.
– **كَچِي وَهِي** ج **كَچِيُون وَهِيُونْ:** ث. اها روزاني حساب ڪتاب جي وهي جنھن ۾ رقم گھٽ وڌ ڪري سگھجي – روزنامچو – ڪاتو – ڏينھنڪڙي – ڪرڙو – سوڙھ بندي – ڪچي بندي – روزاني داخلا جي بندي. ڪچو ڪاتو. ننڍي عمر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– ہاراٹي وهي.

– **كَجِيُوْنْ ٹِيَنْ:** اڏ پكل كاركون پال وجهڻ – كچين كاركن كي ٻُهه وغيره ۾ بند كري هٹراڏو پچائڻ.

– **كَجِيُوْنْ كَرَنْ:** اڏ راس ٽيل كاركون پٽي ٻُهه يا كنهن ٽانوَ ۾ بند كري ركڻ ۽ پال وانگر كيڻ – كچيون ٽيڻ.

• **كُجِيْلُ ج كُجِيْلْ:** ذ. صفت. خراب – ميلو – ميرو – گندو. حركتي – شرير – لچو – اَڻٽرو.

– **كَجّ ج كَجُوْنْ:** ث. (سن. كَكُْشْ = بغل). جسم جي هانهن ۽ كلهي جي جوڙ وارو هيڻان جو هنڌ – بَغَلُ. وهٽ – ماپ – پيمائش – پئماڻو – ٽيٽ. ماڻ – ماپو – كاڇو. هَنْجَ – گود – جهولي.

– **كَجّ هِلاڙِيْ (ت):** كچ ۾ نكتل ڦڙڦي – كچوراڙي – كچ ۾ نكتل گَـزَ – بغل ۾ نكتل ڦڙڦي.

– **كَجّ كَـرَنْ (ت):** سوئر كي ڏڦو هٹي مارڻ – مِـرونءَ كي پالي سان مارڻ. ماپ كرڻ – وهٽ كرڻ.

– **كَجُوْنْ ٹوكَنْ:** خوش ٽيڻ – جهمر هٹڻ – گد گد ٽيڻ – وهسڻ – من موج ۾ اڇڻ – بغل ٽوكڻ – سرهو ٽيڻ – نهال ٽيڻ – راضي ٽيڻ – آنند ۾ اڇڻ.

– **كَجّ وهِـتْ:** ماپ ساپ – وڌ ٽڪ – ترڇل – گهڙ پچ (ك).

– **كَجْ:** اسم خاص. سنڌ جي ڏكڻ ۾ عربي سمنڊ جي كناري لڳ هڪ ملڪ جو نالو – پار جو هڪ پرڳڻو. هيڻائين زمين – ماڙي – وادي – ترائي. كچو (ت).

– **كِجِ ج كِجُوْنْ (ك ـت):** ث. پيشاب جي بيماريءَ ـ پيشاب جو ساڙو. پيشاب ۾ خرابي (هكريءَ كي ٿئي تہ ڏڙڦي ٽي دانهون كري).

• **كِجُّ ج كِجّ (ل):** ذ. كچ ۾ نكتل گَـزَ – بغل جو گَـزَ – كچوراڙي. سور واري جاءِ ـ ڦڙڦي – ڦٽ – سُڄيل جاءِ ـ چوپائي مال جي مرض جو هڪ قسم. هڪ دوا جو نالو.

• **كُجْ:** ظرف. (سن. كنچ). كجهه – ٿورو – كي – ذرو – كي قدر – كجهه قدر – قدري – قليل – ٿورو كجهه. گهالهائڻ واري حالت ۾ (سوالیہ. جئو يا ڇَوَ؟ ـ ٻڌاءِ؟ ـ شروع كر؟ ـ گهالهاءِ؟ ـ آواز كڍ؟ ـ پٽكو كر. (ل).

• **كُجَهائِـنْ:** مصدر. ماپائڻ – ماپ كرائڻ – وهٽ كرائڻ.

• **كِجَهائِـنْ:** مصدر. كراهت آٽڻ – نفرت كرڻ.

• **كُجهائِـنْ:** مصدر. گهالهه كرائڻ – گهالهائڻ – چوارائڻ.

• **كَجَرُ ج كَجَرَ:** ذ. نانگ جو هڪ قسم.

• **كَجِـرُ ج كَجِـرَ:** ذ. ساز سامان سان پلاٽيل اُٺ. ڍڳي گاڏيءَ سان پاڃاريءَ ۾ ٻڌل گُنُ. اڳين جنگهن ۾ ڦٽ وارو اُٺ، گوڏن ۾ پيل چٽن وارو اُٺ.

• **كِجِـراڙو ج كِجِـرَاڙَا (ل):** ذ. گند – كچرو – كِـن – ٻهر.

• **كَجِـروج كَجِـرَا:** ذ. كَجِـرُ – كچين لڳل اُٺ. (ل). اُٺ جو هڪ عضوو – بَدبُرُ. (ٿ).

• **كِجِـروج كِجِـرَا:** ذ. گندو – ميرو – غليظ ـ گِـجِـڑو (ل).

• **كَجِـرِيْ ج كَجِـرِيْ:** ث. گج يا چولي جي كچ واري هنڌ كان لڳل ڪپڙي جو ٽڪندو ٽكر – كچوتي. مَنْجِـيْ جي پاسن واري كائي (ت). بيل گاڏي جو هڪ پاڳو. (ت).

• **كُجِـرِيْ ج كُجِـرِيُوْنْ (ت):** ث. مَنْجيءَ جي پاسي واري ٽلهي كائي، جنهن جيَ سوراخن ۾ ڏرو پوي.

• **كَجَرِّ ج كَجَرُّوْنْ:** ث. ٻار وغيره كٽڻ لاءِ بغل يا كچ جو هيڻيون حصو يا پاسو – ڏاڪ. (صفت). كچ تي جڙهيل.

• **كُجِـرِّ ج كُجِـرُّوْنْ:** ث. كُجِـرِّ ـ ڏَڏِ. پاندو – كرنگهو. كچ – بغل. (ل).

• **كِـجِـرُّو ج كِـجِـرَّا:** ذ. صفت. درد ۾ دانهون كندڙ مريض – سورائيو – دَانْهِرُ.

• **كَجَرُّو:** اسم خاص. كَچ ملڪ "كيئن ماٽيندا سي، چوڏهن چارو كَجَرُّو".

• **كَجِـرِّيْ ج كَجِـرِّيُوْنْ:** ث. قميص وغيره ۾ كچ وٽان پيل ڪپڙي جي ٽكندي پٽي يا ٽكر – چولي جي كچ – كچڙي. ڪپڙي جو ٽكر – چاڙكي – هاڙي. هٽ.

• **كَجَنْ:** مصدر. كچ كرڻ – ماپ كرڻ – ماپڻ – مئب كرڻ – ماڻ كرڻ – ماپو وٺڻ – ويهٽ كرڻ – پئماڻش كرڻ.

• **كَجي ڪاوَنْ:** هوند سارو خرچ كرڻ – پنهنجي هوند سارو هلڻ – سوڙ آهر پير ڊگها كرڻ – ڳٽي ڳوتي هلت كرڻ – سوجي ويچاري كم كرڻ – كمائي سارو خرچ كرڻ – اُپٽ سارو كپٽ كرڻ.

• **كَجِـڻ ج كَجِـڻُيُوْنْ:** ث. صفت. كاچڻ – كچي زال – كَچ جي رهاكو عورت. كَچ جي (چوپائي).

– **كُجَنْ:** مصدر. (سن. كُجْ = تيز رڙ كرڻ > كَنْجِ = يُڙ پُڙ كرڻ). چوڙ – گهالهائڻ – احوال كرڻ – گهالهه كرڻ – آكڻ – بيان كرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هولڻ – کهڻ. ڳرهڻ – ڳالهه هول کرڻ. (کافي) ڳائڻ.

– **كُجهُ كَنْدِيْ:** کُجهڻ جي کَنْدِيْ – ڳالهائڻ جو گهٽ. "کجهڻ کندي لاءِ کَنَ ٽي کيچين کچيو". (شاھ).

– **كُجو ج كُجَا:** ذ. (سن. کچَلَکَ = کاچو). گوڏي کان مٿي ٻيئل ننڍي سٽ – نندو پائجامو – چڊي – لنگوٽي – جهانگيو. گوڏ – پوٽرو – ڏاڍ – لاڪ ننڍڙي هارجي سٽ – هارجي شلوار.

(سن. کَنْجُکَ = کاچو). ماپ – کاچو – قد. جبل جي مٿان آبادي لاءِ مٽي ۽ وارو ميدان (ک). جبل جي اوپر وارو پاسو. (سن. کَنْجَ = ٻيڙيءَ جو پاسو). ٻيڙيءَ جو پويون تختو – ٻيڙيءَ جو پاسو. (ت). طعام جو پوش. (سن. کَکْشَا = ڪَڙي). اٽ وغيره کي ٽيندڙ ڪَٽن جي هڪ بيماري – اٽ جي اڇين ٽنگن ۾ مرض جو ڳوڙهو. تاندورو – موڙ – ٽَندو – ٽڳو – ڏور.

– **كُجونِي ج كُجونِيُوْنْ:** ٹ. لانگوٽ – لنگوٽ – لنگوٽو. لانگوٽي – لنگوٽي – لُنگ – کچو – جهانگيو. "کچي کَچوٽي، نانگن ٻڌي نِينهَن ءَ جي". (شاھ) کفني – وڏوجولو. (ت).

• **كُجُو:** اسر خاص. رياست ۾ ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو.

– **كُجوراڙِي ج كُجوراڙِيُوْنْ (ل):** ٹ. گندگي – گندکچرو – مَئِل – ڀُهرُ – کچرو – غلاظت. کين. بدبوءِ. کچ ۾ نڪتل ڳوڙهو – کچوراڙي.

– **كُجوراڙِيْ ج كُجوراڙِيُوْنْ:** ٹ. (سن. کَکْشَ). کَچَ ۾ نڪتل ڪَڙي – بغل ۾ نڪتل ڳوڙهي – کچوراڙ.

– **كُجوراٽِي ج كُجوراٽِيُوْنْ (ک):** ٹ. بيماريءَ جو هڪ قسم – کچ ۾ نڪتل ڳوڙهي – کچوراڙ – کچوراڙي.

• **كُجُوْنْ ج كُجُوْنْ > كُجُوٽَانْ:** ذ. (پرا. کچھو: سن. کَچْچَپَ = کچو). پاڻيءَ جي هڪ جانور جو نالو – وڏو ڪُڇ – کچَئُوْنْ – سَنگپُشْتَ (ف).

• **كُجَمُّنْ:** ذ. کُجُونْ.

• **كُجَمُّوْنْ:** ذ. کُجُونْ. (اسر خاص). هندن جي هڪ اوتار جو نالو.

– **كُجَمُّنِيْنْ ج كُجَمُّنِيُوْنْ:** ٹ. کچون جي مادي – کُمِيْ – تَرَڙ (ل) – طومر.

• **كُجِيْ ج كُجِيْ (ل):** ٹ. اُٺ جي وارن کترڻ وقت بغل وٽ چڊيل وارن جي ڇڪ. (صفت). کچ جو – کچ وارو – کچي نسل جو – کچ ملک جو رهاکو – کچ جو مزور. (اسر خاص). بلوچستان جو هڪ پاڳو (جنهن ۾ "پاڳناڑي" شامل. (اسر خاص). تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كُجِيَا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **كُجِيرَڙِ ج كُجِيرَڙُوْنْ (ک):** ٹ. کچ ۾ نڪتل ڳوڙهي – بغل ۾ نڪتل ڪَڙي – کچوراڙي.

• **كُدُ ج كُدَ:** ذ. ضد – هوڏ – شِدتَ – نِرجائي – ڊيڄائي. بحث – دليل بازي – منظارو.

• **كُدُ ٻَڌڻُ:** ضد کرڻ. هوڏ کرڻ – بحث کرڻ. "کر ٻڌي تون کيئن، پهچندين ءَ پُنهون ءَ سين (شاھ)

• **كُدِيْ ج كُدِيْ:** ذ. صفت. نٹر – شدتي – ضدي – اٽوٹو – نِرجو – اَهنڊ. قَدّائي – تکراري – جهڪڙائي. حجتي – بحثي. اوڙ – اٽ ٽڪ – محنتي – جفاڪش. ثابت قدم.

• **كُدّتِ ج كُدّتُوْن (ت):** ٹ. ٽڪي – کپت – دَغا – فريب – دوکو – ويساھ گھاتي.

• **كُدْ خُدَا:** ذ. (ف. کَده = گھر + خدا = مالک). گھرجو مالک – گھر ڌڻي. سائين – آقا – آغا – مالک – والي. پتار – گھوٽ – کت خدا – وَرُ – مڙس – شوهر – پتي.

• **كُدر كان (ت):** ذ. ماڻهن جي گھٽائي – هجوم – خلقت – انبوهَ – ميڙ.

• **كُدُوْ ج كُدُوْ:** ذ. سائي پاڇيءَ جو هڪ قسم – دُوْدي (ت). ول جو هڪ قسم. جا وٽن تي چڙهي جنهن ۾ وڏا گول ڦر جن جا سڪل ٽنبا ترڻ لاءِ ۽ يکتاري جي ساز لاءِ کم اچن.

• **كُدُو كُشْ ج كُدُوكَشْ:** ذ. (ف). کدوءَ کي ڇلڻ ۽ صاف کرڻ جو هڪ اوزار.

• **كُدُوْ ج كُدَا (ک):** ذ. کُڏو – نٹر – هٹ وارو – هوڏي – ضدي – شِدتي – اٽوٹو – نرجو – اَهنڊ.

• **كُدُوْرَتَ ج كُدُوْرَتَ:** ٹ. آلائش – غليظائي – گدلائي – ناپاڪائي – ميرائي – دشمني – ٻيائي – زنگ – بغض – کينو – اندرکوٽائي – کاوڙ – ناراضگي. رَنْجش – گھٽو ناراضپو. خار. افسردگي – ملال – ڏک – دک – ارمان. ڏوڙ – گرد – غبار – مٽي – لَٽ – دز – بُس. گھٽتائي – کاٽ – کوٽ – اوٽائي – پوٽاٽي – سَقَمُ.

– **كُدُوْرَتَ رَكَڻُ:** بغض رکڻ – عداوت رکڻ – کينو رکڻ – ويرر کڻ.

• **كَدَهْ:** ذ. (ف). جڳهه – مقام – گھر – خانو – آستان – جاءِ –

ٺڪاڻو – هنڌ – آستانو – ماڳ – منزل. جيئن "آتش كَدَهْ، مَئي كدھ وغيره".

• **كَدِيْفُ ج كَدِيْفَا:** ذ. (ع. قَطِيْفَه). اُڇي ۽ قيمتي ڪپڙي جو هڪ قسم. ريشمي بخمل – كَديفِي – زربفت – قناويز – مخمل – قطيفو – اَطلس – ولويٽ – سٽين. پٽ – ريشم. "كَديْفي جي كَرهَا، هَيدي پايَئين حال". (شاھ).

• **كَدِيْلْ ج كَدِيْلَسُوْنْ:** ث. وھڻ جي لاءِ نرم گادي لڳل ڪرسي – ڪوچ – صوفو.

• **كَڏ:** اسر خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **كُڏاتورو:** بي پيڙھيائتو بي بنياد (سُڏا تورو جو ضد).

• **كُڏِرَڻ:** مصدر. خراب ٿيڻ – ڪرڻ – بگڙڻ – ڦٽڻ – داڻيون پاڻيون نڪرڻ – ڪرومُرو ٿيڻ.

• **كَڏُ ج كَڏَا (ك):** ذ. گھٽو ڪاڏو – هيڄ. وڏو – ڪٽورو – جمن – پيالو (ت).

• **كُڏُ ج كُڏَا:** ذ. صفت. سخت شوخ. محبت کان خالي – اَڳرو – بي مھابو ـ ڪُماڻھو چور – چوراٽيو. (ت).

– **كُڏا كَرْتُوتَ:** ذ. خراب ڪر.

– **كُڏائِي ج كُڏائِيُوْنْ:** ث. اُوچائي – نيچ پائي – بدچالي – پسورائي. اندر کوٽائي – بي ايماني.

• **كَڏَ ج كَڏُوْنْ (ت):** ث. مرحات – غير – اثر – تاثير. كَڏِي. (سمنڊ ۾ هيٺ ڪٽي ٺڪر جن جي مٿان اڇرا ڪوڏ (جيت) لڳل. جيڪي ڪڙڪا يا آواز ڪن.)

• **كَڏ ج كَڏُوْنْ (ت):** ث. ھيڙي جو هڪ اوزار – ھيڙيءَ جي وچ ۾ لڳل هڪ اوزار. دوباره ڳاھڻ جھڙو اناج يا تيلي ٻج – ٻٽ ھاھيل سنگن جا اناج کان جدا ڪيل كَڏا. ھٻرن جي ھوريءَ چنڊيل ڪائيون (ل).

• **كَڏ ج كَڏ:** ذ. (سن. كَبَنْكَرَ). ڪک – ڪڏو – كَھْجَرُ.

• **كُڏ ج كُڏ:** ذ. مال جي ڊوڙ ڊُڪ – راند روند – ٽپو – ٽينگ – ٽپ – لُوه ـ چال. شوق. ريجھ – من موج – پُور. ھارن کي ڪيڏائڻ واري حالت – لاڏ – ڪوڏ – ماڻو – نازنخرو – انگل.

– **كُڏَجَارَ ج كُڏَجَارُوْنْ:** ث. ڪڏڪارو – نجھو – ٽپڪو (جانورن جي ڦرن جو).

– **كُڏ ڏيڻ:** ٽينگ ٽپا ڏيڻ – ڇرڪڻ ڦرڪڻ.

– **كُڏكَارَ ج كُڏكَارُوْنْ:** ث. كُڏ – ڊوڙ – ڊُڪ – نجھو – ٽپڪو – كُڏ ڇار.

• **كُڏكَارو ج كُڏكَارَا:** ذ. ڊوڙ – ٽپ – كڏ ڇار – ڏڪار.

• **كُڏ كَرَڻ:** ٽينگ ڏيڻ – ٽپا ڏيڻ – اَپڪُ ڪيڏانهن وڃڻ. آڪڙ ڪرڻ – مستي ڏيکارڻ. نقصان جھڙو ڪم ڪرڻ.

– **كُڏ كَري وڙھڻ:** رَءَ ڪري وڙھڻ – هروپرو وڙھڻ – هاسيکار وڙھڻ.

– **كُڏ كُنَڊ:** حرص ٽيڻ – شوق ٽيڻ – چاھ ٽيڻ – دل ٽيڻ – شوق ۾ اچڻ – مڙج ڪرڻ. ريجھ اچڻ – بود ۾ اچڻ.

• **كُڏا:** ان نڪرڻ کان پوءِ خالي سنگ جا ٽڪرا. اسر خاص. مچيءَ جو هڪ قسم. كَڏ – كڏي.

• **كُڏارَڻ:** اسر خاص. تعلقي شاھبندر ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **كُڏاكُتِي ج كُڏاكُتِيُوْنْ:** ث. منگرمچيءَ جو هڪ قسم (پُنَي ڪاري، بدن گولائون، ننڍن اڇن ٽڪن سان، قد هڪ فوٽ، ويڪر ڏيڍ فوٽ).

• **كُڏكُوتو:** ث. مچيءَ جو هڪ قسم.

• **كُڏائِنْ:** مصدر. (سن. ف. كردن) ٽپائڻ – نچائڻ – ٽينگ ڏيارڻ – ٽپا ڏيارڻ. خوش ڪرڻ – راضي ڪرڻ – ريجھائڻ – پريائڻ. كيڏائڻ – وندرائڻ – راند ڪرائڻ.

• **كَڏَرَ (ك):** ذ. ذرا ذرا – تھَرَ – ٻُڪا – پورا – ٽُڪر – پور. ننڍيون ننڍيون ڪائيون – كَڏا. اَن نڪري وڃڻ ڪري سنگن جون باقي بچيل ڪائيون – ڏڏر ڏڏر.

– **كَڏَرَ لَڳَڻْ:** ذرا ذرا ڇيڪَڻ.

• **كُڏِكِي ج كُڏكِيُون (ت):** ث. سَڌ – خواهش – مرضي – دل – اِڇا – تمنا – رُجي.

• **كُڏَنُولو ج كُڏَنُولَا (ت):** ذ. بدشڪل – بيڙو – بدزيبو – ڪوجھو – بدصورت.

• **كُڏَڻ ج كُڏَڻُوْنْ:** ث. ڪوڏ واري (عورت) – ناز واري "كُڏَڻ نڪتي ڪوٽ مان، نڪري ٽي نروار". (اسحاق گڏو).

• **كُڏَنْ:** اسر خاص. تعلقي ميھڙ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **كُڏَڻْ:** مصدر. (ف. كردن. كوردَ = كُڏَڻ). ٽپا ڏيڻ – ٽپڻ – ٽينگ ڏيڻ – ٽپ ڏيڻ. نچڻ. راند ڪرڻ – كيڏڻ – راند روند ڪرڻ. خوش ٽيڻ – كلڻ – وَهسَڻُ – ٽھڪ ڏيڻ. (گھوڙي جو) گوھي ڪرڻ. پڏڻ – ٻناڪ ھڏڻ – دم ھڏڻ – ڊاڙ ھڏڻ. مَرْڪَڻ. ڪنھن جي آڌار تي ٽاڻ ۾ پرجڻ. (صفت). ٽپا ڏيندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– ٹينگر – راند ڪندڙ. (اسم خاص) نالو ماڻهو جو.

- **كُڏڻو ج كُڏڻا:** ذ. صفت. تپ ڏندڙ – تپا ڏيندڙ – ٹينگر – ٽپٽو – ڪڏندڙ. چاڱلو – چلولو – چاترُ. ڪڏاري – راندير.

- **كُڏڻو جُوانُ:** ذ. ويڑهو پهلوان. شوقين. خفتي.

- **كُڏڻي پَوڻ:** شوق سان ڪاهي اڇڻ – ڏوڪي پوڻ – ٽپي پوڻ – ڪهڙي پوڻ.

• **كُڏو ج كُڏا:** ذ. ڳاهيل (سنگن جا ٽڪرا) اُن لهي ويل پڳل سنگ – تماڪ جي ڏاندي (پن لڙل). ڪک – ڪَڏ – ڪَهجَرُ. ٽورو – ڏرو (ت). اڏڻ جانور (ل). پاڻيءَ سان پريل ڪڏو. ڇلهو. ويڪرو ٽي وهڻ واري حالت (ل). مچيءَ جو هڪ قسر – ڪالو. ڪاوڙ – غصو – چِـڙَ (ت). غيرت (ت).

- **كُڏو كُڏَنُ:** نڪته چيني ڪرڻ – چڪون ڪيڻ – اوٽايون پوٽايون ظاهر ڪرڻ.

- **كُڏو كَرڻُ:** ماڻهوءَ کي ڦرڻ – ڦري سُڄو ڪرڻ – پينگيو ڪري ڇڏڻ.

- **كُڏي وَارُو ج كُڏي وَارَا:** ذ. قابل حِـس – غيرتمند.

• **كُڏو(ت):** ذ. صفت. ڪيڏو ڪيترو؟

• **كُڏهِن:** ظرف.(سن. كَدَا). ڪيڏيءَ مهل؟ ـ ڪهڙي وقت؟ ـ ڪهڙي ڏينهن؟ ـ ڪنهن وقت – ڪنهن به وقت. شايد – جيڪر – جيڪس – الاجي.

- **كُڏهاڪُ:** ظرف. ڪڏهاڪو – ڪيتري وقت کان وٺي – ڪڏهن کان – ڪڏهڪو – ڪهٽي وقت کان – ڪهٽو اڳي – ڪهڙي توت – کان؟

- **كُڏهاڪو:** ظرف. ڪهٽو آڳاٽو – ڪڏهڪو – مدت اڳ – ڪهٽا ڏينهن. ڪڏهاڪر.

- **كُڏهڪُ ج كُڏهڪا:** ظرف. ڪڏهاڪو – ڪڏهاڪُ.

- **كُڏهوڪو:** ظرف. ڪڏهوٽڪو – ڪڏهڪو – ڪڏهوٽو – ڪهٽو اڳ – ڪڇ وقت اڳ – ڪڏهاڪر – ڪڏهاڪو – ڪڏهن جو – ڪهڙي وقت جو؟.

- **كُڏهُوٽڪو ج كُڏهُوٽڪا:** ذ. ظرف. ڪڏهڪو – ڪڏهوٽو – ڪڏهانڪُ – ڪهٽو اڳ – ڪهٽي مدت کان.

- **كُڏهُوٽو:** ظرف. ڪڏهوٽڪو – ڪڏهڪو – ڪڏهان ڪر – ڪهٽو اڳي.

– **كُڏهِنْ نه:** ظرف. مُور نه – اصل نه – صفا نه – بلڪل نه – هرگز نه.

– **كُڏهين:** ظرف. ڪهڙي وقت – ڪهڙي ساعت – ڪنهن ناڻي – ڪيڏيءَ مهل. بعضي – گاهي. ڪنهن وقت. هر وقت – هر گهڙي – هرساعت – هر مهل.

– **كُڏهِنْ به:** ظرف. ڪهڙي به وقت – ڪيڏيءَ مهل به – جڏهين وٽيَ تڏهين – ڪنهن به ساعت – ڪهڙيءَ به مهل.

– **كُڏهين قضاني:** ظرف. ڪڏهن ڪڏهن – اتفاق سان – جمعي ڇنداڻي – گاهي گاهه.

– **كُڏهين كُڏهين:** ظرف. اتفاق سان – ڪنهن قضاني – جمعي ڇنداڻي – گاهي گاهي – ڇِـدو پادو. بعضي بعضي.

• **كُڏِيْ ج كُڏِيُونْ (ل):** ث. (كَڏي جو مؤنث). ڏاندي. ڪاري جي گانگٽ جو هڪ قسر (پنيءَ تي ٽڪڙا، قد ١ کان ٣ انچ).

• **كُڏيچا:** اسر خاص. ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **كِدِ(ڪ):** ذ. وَڏو. "اوڪيڏو ڪِدِ سَهوهو، مري تہ راڄ ڏِئي".

• **كَيَ كَيُونْ:** ث. وستار – ڏيگهه – ڪاڏِ – ڪَهَتَ – طول طويل گفتگو – پنڌ. لاڙو – تمنا – مرضي – خواهش. پنيان – پيڇو – تعاقب – پُٺ. ڪشش ڇڪ – حُب – سڪ. "ڪَيَ پنهونءَ ڪاهي، جاڻي روح جرئو ڪئو". (شاه). وَڏِيَ – واڏِ – چمجي وَڏِي – ڏرو (ت). اوڪارو – اوچارو – اَتـرَّ – اُلٽي – اُڇل – قئي – منهن اُتل – اوڪ. نار جو هڪ عضوو (ڏگهي ڪائي). اختصار – تت – مغز – سَتُ – نِچوڙ. (اسر خاص). تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **كَيَپَوَنْ:** پنيان پوڻ – پٺ وٽڻ. دشمن ٽيڻ – ويري ٽيڻ – دشمني وڌهڻ – ويرُ وڌهڻ.

– **كِدِ لڳڻ:** پوئتان لڳڻ. پيروي ڪرڻ – پوئلڳ ٽيڻ – چيلو ٽيڻ. لڙهه لڳڻ – مريد ٽيڻ.

– **كَيَ كَاهِنْ:** پنيان لڳڻ – ڪِدِ پوڻ.

– **كَيَ كَيڏاڻِي (ت):** چڙ چوٽ – چندچاڻ – مجرائي.

– **كَيَ كَرڻُ:** ڏيگهه ڪرڻ – وستار ڪرڻ – پنڌ ڪرڻ – تمام گهٽو ڳالهائڻ – اينگهه ڪرڻ. بيان ڪرڻ – گفتار ڪرڻ. بحث ڪرڻ – تڪرار ڪرڻ – بحث مباحثو ڪرڻ. الٽي ڪرڻ – قئي ڪرڻ – اوڪ ڪرڻ – منهن اتل ڪرڻ. درستي ڪرڻ – اصلاح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كرڻ – سڌارو كرڻ.

– **كِيَ ج كِيئُنْ (ك):** ث. انبار – دَن ـ گنج – بُٹ ـ گھٹو – كوڙ – ڍڳ.

• **كِيائِيْ ج كِيائِيُوْنْ:** ث. ٻاهر كڍيل شيءِ جو اُجورو – كياڻي.

• **كِيَائِنْ:** مصدر. كا شيءِ ٻئي جي مدد سان يا ٻئي كان ٻاهر كرائڻ. نيكالي ڏياري شهر بدر كرائڻ – نيكال كرائڻ.

• **كِيائِيْ ج كِيائِيُوْنْ:** ث. كياڻ جي مزوري يا اُجورو – كياڻي.

• **كِيْ كَنْڊِياريْ:** اسم خاص. تعلقي كپري ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **كِيڊِ ج كِيڊُوْنْ (ت):** ث. ڏڌ ولوڙڻ لاءِ مانڊاڻي ۾ ٻڌل چَمَ جي وَڍي يا رَسِيْ – چِڪ. پاڻي چڪڻ جي رسي. (ت). (اسم خاص). تعلقي بدين ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **كِيْڊُ:** مصدر. كا شيءِ اندر كري ٻاهر كڍڻ – ٻاهر چڪڻ. (تيل) پيڙڻ. (تراڙ) اڳهاڙڻ. (پئسو) ڇڏائڻ. (عرق) چڪائڻ – نچوڙڻ – پيڙڻ – نچوڙڻ. (سَتون) پائڻ. (كا شئي) چوريءَ هٿ كرڻ. (فوٽو يا تصوير) اتارڻ – ناهڻ – ڇاپڻ. (گهٽين شين مان) چونڊڻ – ڳولڻ. نيكالي ڏيڻ – لوڏڻ – تڙڻ – مؤقوف كرڻ – خارج كرڻ. الڳ كڍڻ – قَئي كرڻ – كَيَ كرڻ. (اسم خاص). گهٽي پنڌ تان پوڪ كي پاڻي رسائيندڙ نار جو هڪ قسم (ت).

– **كِيڊِيْ ج كِيڊِيُوْنْ:** ث. ٻاهر كڍڻ جي شيءِ. رسي – ورت – نوڙي – كَيَ – واجهُ – نوڙ – كَاهارُ.

• **كُيَرَ ج كُيَرُوْنْ (ل):** ث. باهه ۾ دونهون كندڙ كاٺي.

• **كُيرو ج كُيرا (ث):** ذ. صفت. سخت دل – پيار نه كندڙ (ث). كُڊي ج كَڊيون.

• **كِيرِيْ ج كِيرِي (ل):** چوٽي قد بت ۾ ويڪري پيٽ سان (ماڻهو) – ڊمڙي – ڊينبو – گهگهڙي – چگهڙي – رُگهڙو – كِيڊ ـ پيٽي.

• **كُيرِيْ ج كُيرِيُوْنْ:** ث. بتڙي كرڻ كان پوءِ كري يا بار ۾ بچيل ٿهن گڏيل اَنَ – كُنڊي.

• **كُيرِيْ كَرَڻْ:** ٿهن ۾ مليل اَن كي چَڄَ سان صاف كرڻ.

• **كُيرِيْ كَاڏارو ج كُيرِيْ كَاڏارَا (ت):** ذ. مُتَكبر – هٺيلو – هوڏي – ضدي – مَغرُور.

• **كَذَا:** ث. (ع). ائين – اهڙيءَ طرح – ان ريت – هِن وانگر.

• **كَذَّابُ ج كَذَّابَ:** ذ. صفت. (ع). نهايت كوڙو – تمام كوڙو – كُساكي. دولابي – نَڳُ – مكريلو.

• **كَذِبُ:** ذ. (ع) كوڙ – دُروغ. دولاب – نڳي – فريب – مكر.

• **كَرَ ج كَرُون:** "حمل جئي هي كَرُ تنهنجو ماڻهن ۾ مٺو ٽئي" پاڻيءَ جي لاهَ چاڙهه جو نشان – سنڌو. "پاڻي كر هٽي ويو آهي" (سن. كلا = هوش). سُڌ – سماءُ – كَلَ – خبر – جاڻ. خبر چار – كُڙڪ. سار سنيار. (واهه جي) پر – پاسو – كنارو – كَپ – كَپَرُ. وٽن جي قطار (ل). هڪ زيور جو نالو ككڙ جو آري وقت كنهن ساهواري كي ڏسي كيل آوا (ت). آڏاڻي جي نوڙي – هُرلي جو رسو (ت). گهوٽي يا جنڊ جو اوزار (ث). كورين جو هڪ اوزار. گهٽي پاڻيءَ وارو پيٽ – چڊ پيٽ (ت). منگر مڇيءَ جو هڪ قسم (بدن كارو ريئي جيڏ كارا ٽڪا، منهن گول، ڏند تكا، اكيون وڏيون، گوشت بي ڪمي. جيري مان گهٽو تيل نكري جو ٻيڙين كي هٽڻ لاءِ كم اچي. قد ۱۲ فوٽ پڻ مٽي) (ك). انتها – گهٽتائي (ت). (حرف جر). جَڙ – جڙڪ – گويا – پانءِ تہ – جيكڏهن – جيكر – ٽئي تہ – ڏِس تہ – هوند – جڙ تہ – فرضي – (ظرف). كيڏي مهل – كهڙي وقت – كڏهن.

– **كَرَ ڏِيڻْ:** پاڻيءَ جو اصلي سطح كان هيٺ ٽي وڃڻ – پاڻي جو لهڻ – كَرَ ڏيئي وڃڻ. خبر ڏيڻ – سڌ ڏيڻ – سَماءُ ڏيڻ.

– **كَرَ لَهَڻْ:** خبر چار لهڻ – پوئواري كرڻ – پرگهور كرڻ – سڌ سَماءُ لهڻ.

– **كَرُ ج كَرَ:** ذ. قَڙ. گاٽ – كنڊ – گچي – سِسِي. سِسِي مٽي كٽڻ واري حالت. قَڙُ. قَد (ك). شان – شوكت. مرتبو پرٽي جو خرچ (ت).

– **كَرَ پَجَڻْ:** آرس پيڃڻ – سستي كرڻ – بدن موڙڻ ۾ ٻانهون قيرائڻ (سُسْتِيْ كان).

– **كَرُ رَكَڻْ:** پري وڃڻ جو رخ ركڻ – رُخ ركڻ.

– **كَرَ كَڍَڻْ:** سينو ساهڻ – گاٽ مٽي كري هلڻ – مغرور ٿي هلڻ. آرس مارڻ – آلس كڍڻ. سُسْتِي كري بدن كي موڙڻ : ٻانهن كي قيرائڻ.

– **كَرُ كَڍَڻْ:** سينو مٽي كري (ٻاهر كڍي) هلڻ – گاٽ مٽي كٽڻ. ٻانهن چورڻ – پاسو ورائڻ. نانگ جو ڇڻ كڍي اچرڻ.

– **كَرَ موڙَڻْ:** آرس پيڃڻ – كَرَ پيڃڻ.

• **كِرِ ج كِرُوْنْ:** ث. ڀُلهه جي مٽي – راك – ڪُليار – كَيري – رَكَ – خاك – چار – ڪُليار. مٽيءَ جي داڻ داڻ – كُنَا كِر (ل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **كُرِ ج كُرُونْ:** ث. خشكي زمين – سُكي (ت). جاءِ. كنڊ.
• **كُرِ هِ ٽَبِي هُٽَ:** صفا نابري وارڻ – انكار كرڻ – چيو نہ مڃڻ – بي مروت ٽيڻ – بي لحاظ ٽيڻ.
• **كُرُ ج كُرَ:** ذ. (سن. كُلْ = خاندان). نسل – خاندان – گهراٽو – بڻ – بنياد – كڙم – پُري – حسب نسب – (ع. قُرْطُ = كُرَ). كن هِ پائڻ جو زيور – كُڙڪ – كُڙكي – كُرڪ – پنڙو – والو. دُرُ (ل) – ڏيدو (ت) – گُن.
– **كُرُ اُجارُ ج كُرُ اُجَارَ:** ذ. (كل = خاندان + اُجولن = اجارڻ). پنهنجي خاندان جو نالو ڪيندڙ – ڪر كي اجاريندڙ – نالياورو – كُر اجارو.
– **كُرُ اُجَارو ج كُرُ اُجَارَا:** ذ. (سن. كُل + اُجل = چمكندڙ): پنهنجي خاندان جو نالو روشن كندڙ – ناموَرُ – نالياورو – كُر اُجَارُ.
– **كُر گَجِي ج كُرَ گَجِيُونْ:** كُر جي كچي – كچي كنب واري. پوءِ ڌائي.
• **كُرَا:** ذ. كاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (بنا چلر. نانگ وانگر ڊگهو گول. وات هِ سنها ڏند. قد ٢ – ٦ فوٽ تائين).
• **كُرَا:** حرف جر. وٽان. كَنا. كان.
• **كُرابِرِي:** اسر خاص. تعلقي بدين هِ هڪ ديهه جو نالو.
• **كُرَاتُ ج كُرَاتَ (ك):** ذ. اَڇن ۽ كارن وارن وارو ماڻهو – كرڙاٽ – كرڙوءُ – اڌرُوٽُ.
• **كُراجرو ج كُراجِرا:** ذ. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.
• **كُراجُ:** ذ. (ع). هڪ پسارڪي وكر جو نالو.
• **كُرَاجُ ج كُرَاجَ:** ذ. (ع. كران). شيشو – گَانڇُ – كُراڇو.
– **كُرَاجُو ج كُرَاجَا:** ذ. شيشو – كُراجُ.
– **كُرَاجهُ ج كُراجهَ:** ذ. ڪڪ – كانو – كَنُ – ڪچرو – گَنڊُ – ڀُهَرُ. رَءُ – لَٽ – دَز – مِٽي – بُس – دُسَڙ.
• **كُراجُ:** ذ. پكڙندڙ ول جو هڪ قسم (سيكو مال كائي).
• **كُراجُ (ٽ):** ذ. شيشو – بوتل – بالٽي.
• **كُراڇو (ك):** ذ. وڻ تي چڙهندڙ ۽ پكڙندڙ هڪ ول جو نالو.
• **كُرَاڊِي ج كُرَاڊِيُونْ:** ٽ. اُها سُوئا چوپائي جنهن جا گوها زوم ڏيڻ سان نكرڻ – سخت ٽٽن واري چوپائي – هانڊڙ.
• **كُرَارُ:** صفت. (ع). بار بار حملو كندڙ – هِئي كي پجائيندڙ. حضرت علي (ع) جن جو لقب "حيدر كرّار".
• **كُرِاڙُ:** اسر خاص. پٽ شاهه لڳ هڪ ننديِ. ڏَنْڊِ.

• **كَرَارُوجُ كَرارَا:** ذ. صفت. زبردست – پهلوان – زوراور – شهزور. طاقتور – هليارو – سگهو – جانڀو. سَهَرُ. كرڙو – سخت – كهرو. حملو كندڙ – كاهه كندڙ. بي ڊپو. تمام گهٽو – وڌيڪ (ت).
• **كَرَارُو ٿِيڻُ:** سگهارو ٿيڻ – مضبوط ٿيڻ. طاقتمند ٿيڻ – ناميارو ٿيڻ – شهرت حاصل كرڻ – ناموس كمائڻ – نالو كمائڻ.
• **كَرَارِي ج كَرَارِي (ك):** ذ. وڌيڪ – سَوايو.
• **كِرارُ ج كِرارَ:** ذ. ٽر هِ هندن جي هڪ ذات واڻيو – هٽ وارو – پيرون پڇڻ كان اڳ. سبز داڻو – كچو پيرُون.
• **كَرَارُو ج كَرَارَا:** ذ. كَرارو مضبوط – جاڏو.
• **كُرَارُ ج كُرَارَا:** ذ. صفت. پيڙسن – عُمر رسيده ـ وڏيءَ عُمر وارو – جهونو – پيرمرد. ضعيف – هيڏو – ناتوان – نِهَلُ – كمزور. (ث. كُرَازِي ج كُرَازُونْ).
– **كُرَازَائِيُ:** مصدر. (ڏسڻ هِ) كُرازَپ لَكائڻ – پوڙهو لڳڻ.
– **كُرَازَپُ ج كُرَازَپُونْ:** ث. پيڙِري – هڏاپڻ – وڏتڻ – هڏاپو – پوڙهائي.
• **كَرَازِي ج كَرَازِيُونْ:** ث. گودِي ۽ دُڊِ جي وجوارو هڏو (ل). هڪريءَ جي گوشت جي هڪ پاڳي جو نالو (ك). وڌيڪ – سوائي – زياده (ك).
• **كِرَازِي ج كِرَازِيُونْ (ث):** ث. اڌ پكل پيرون – ساواڻ تي پيرُون.
• **كِراسُ ج كِرَاسَ:** ذ. (انگ Cross) مُنڊِيئڙو. چيڪ جو هڪ قسم (هن هِ كوبه ماڻهو پيسا پنهنجي يا هِئي كنهن جي حساب هِ داخل كرائڻ سان وصول كري سگهي ٿو) صليب.
• **كُرَاڪُ ج كُرَاڪُونْ (ت):** ث. كير نہ ڏيندڙ اُٺ – ڦنڊي ڏاجي – كوراڪَ.
• **كَرَالُ ج كَرَالَ:** ذ. صفت. (سن). شوخ – كرڙو – تندمزاج – سخت – كهرو – كراڙو.
• **كَرَالَ ج كَرَالُونْ:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم (سنهڙي. پيٽ گاڙهو. تي پكڙا. قد ٣ انچ).
• **كَراماً كَاتِبِيْنَ:** ذ. (ع). مسلمانن جي عقيدي موجب انسان جا عمل لكندڙ ٻه فرشتا (مخفي طرح كلهن تي ويٺل).
• **كَرَامتَ ج كَرَامَتُونْ:** ث. اسرارُ – تعجب انگيز گَالهه – كرشمو – تَصَوّ ـ خرق عادت. بزرگي – وڏائي – عظمت – بلندي – اقبال. نوازش – مهرباني – كَرم – ٻاجهه – رحمت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪَرامَتِي ج ڪَرامَتِيَ:** ذ. صفت. ڪرامت ڏيکارڻ وارو – اسراري.

• **ڪَرَانْ:** حرف جر. ڪَنان – کان – وٽان "تہ نہ هُئِي خبر مون کي قضيي ان ڪَران." (روضة الشهداءُ).

• **ڪِرَانْ ج ڪِرَانَ:** ذ. نديو ڪَڪَ – تڏو – رڻ – ڪِراڙُهه.

• **ڪِرَانْت:** ث. ڪرڻ جي چمڪ تجلو – جَهرڪو – شُعاع.

• **ڪِرَانْجُ ج ڪِرَانْجَ (ت):** ذ. هڪ قسر جو مني ذائقي وارو ٻوٽو.

• **ڪِرَانْجهُ ج ڪِرانْجهَ:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسر. ڪراج. (گل اڇا، دوا طور ڪم ايندڙ).

• **ڪِرَاءِ:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽي جو قسر يا نالو (زمين تي تار هٽي ٻهي ۽ اڇا گل جهلي).

• **ڪِرانِيْ ج ڪرانِيُوْنْ (ل):** ث. تاندن تي پچايل ماني (جنهن ۾ آگرين سان سوراخ ڪجن). ڪوڪِيْ – روٽلو – ڊوڊو – روٽ.

• **ڪِرائُو (ت):** ذ. جنس – پسارُ – مصالح ـ وڪر.

• **ڪِرَائِي (ت):** ذ. سامان جو نگهبان – راکو – سنپالينڊڙ. منشي – ليکاري – حسابي.

• **ڪِراوَنڪُ، ڪِراوَنْڪُ:** ذ. بَر جو هڪ وڏيرڙو حلال پکي (سياري ۾ اڇي ۽ شڪار ٿئي).

• **ڪَراهَتَ ج ڪَراهَتُوْنْ:** ث. (ع. ڪَرَهَ = هُن ڏِڪاريو) ناپسندي – بُڇان – نفرت – ڏِڪار. بِدعَتَ. غيرت (ت). ناخوشي – رَنجُ.

• **ڪُراهِيْ:** ذ. پاٽيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسر.

• **ڪِرائِتُوْ:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪي وڪرجو نالو – چرائتو.

• **ڪَرائِڻُ:** مصدر. (ڪرڻ مان متعدي بالواسطه) ڪم ونڻ – ٻئي جي معرفت – سرانجام ڪرڻ. عمل پيرا ڪرائڻ – تڪميل تائين پهچارائڻ.

• **ڪُرائِڻُ:** مصدر. ڦَٽَ جو سُور ڪرڻ – ڪنهن هلڪي زخر ۾ ٿورو سور ٿيڻ.

– **ڪُرائِجِيْ وَيَڻُ (ڪ):** ڪُڑجي وڃڻ – ويڑهجي سيڑهجي وڃڻ – گول مول ٿي وڃڻ – ڪُرومُرو ٿيڻ.

• **ڪِرائُ ج ڪِرائا:** ذ. ڪرايو – پاڙو – مسواڙ. محصول – جُنگي – دِلّ – اڪَڻ – رائُر.

– **ڪِرائِي ج ڪِرائِي:** ذ. صفت. ڪِرائي تي – پاڙي تي – مسواڙ تي. ڪِرائي واري – پاڙي واري – ڪِرائيدار – مسواڙي.

– **ڪِرائِي وَڻُ:** ڪِرائي تي ونڻ – پاڙي تي ونڻ – مسواڙ تي ونڻ.

• **ڪَرائِيْ ج ڪَرائِيُوْنْ > ڪَرايُوْنْ:** ث. (سن. ڪَلاچِيڪا > ڪَلاچِي) هٿ ۾ ٽونڊ جي وچ وارو حصو – ڪارائي – ڪلائي. ڪهوڙي جي ڪُر ۽ فِيزَنَ جي بلڪل مٿان وارو حصو – ڪهوڙي جي جنگهه جو مُريو. وادي جو ڪاٽ ڪپڙ جو اوزار – ڪارائي. ڪارائيءَ جو ڳَنُ (ڪاٽ جو). انَ جي اوڏاڻ ڪرڻ لاءِ ڪاٽ جو ٽهيل ڪَفگير. سانوڻي موسر ۾ پيل تمام چڊي برسات (جنهن ۾ ڪو وڻ سائو ۽ سُڪو رهجي وڃي) (ڪ).

– **ڪَرائِيْ ۾ ڏُوڙ هُڻڻُ:** سگهه هٽڻ – پهچ هٽڻ – زور هٽڻ – وِٽ هڇڻ – پهچندي هڇڻ.

• **ڪِرايو ج ڪِرايا:** ذ. ڪِرائو – مسواڙ.

• **ڪَرْبُ:** ذ. (ع). افسوس – غر – اندوهه – رَنج – الر – درد – ڏُکُ. بيقراري – ماندڪائي – لوچ پوچ. پريشاني – بي چيني – اضطراب – بي آرامي. نهايت تڪليف.

– **ڪَرْبِ بَلا:** ث. (ع. ڪَرْب + بَلا = مصيبت) آپدا – آفت – مصيبت – بَلا. رَنج.

• **ڪربت:** ث. هڪ پسارڪو وڪر دوائن جي ڪر اڇي.

• **ڪَرْبَلا:** اسر خاص. عراق ۾ هڪ شهر جو نالو (جتي حضرت امام حسين (ع) جن شهيد ٿيا) – عراق ۾ هڪ بيابان جو نالو.

– **ڪَرْبَلا ٿِيَڻُ:** واويلا مچڻ – هاءِ گهوڑا مَچڻ. نهايت تڪليف درپيش اچڻ.

– **ڪَرْبَلائِيْ:** صفت. ڪربلا جو – ڪربلا وارو. ڪربلا مان ٽي آيل – زوارُ. ڪڪڙ جو هڪ قسر (موڙ وڏو ۽ اُن ۾ گهر گهر گهٽا ۽ ڪنن جا پاڙ هيٺ وريل) (ت).

• **ڪَرْبُوخا:** بلوچستان ۾ جهونا غرق ٽيل درڙا (ت – بلوچستان).

• **ڪَرْبِهائِڻُ:** مصدر. ناپسند ڪرڻ – ڪيهائڻ (ل).

• **ڪِرِپ ج ڪِرِپُوْنْ:** ث. (ف. ڪِرفت گندگي) سُوگ – بُڇان – نَفرت – ڏِڪار – ڪَراهَتَ. گندگي – پَليدي. ڪپڙي سبب خارش – گاڪ (ت).

• **ڪَرْپَڻُ ج ڪَرْپَنْ:** ذ. جنبي جي ڪر لاءِ لوهه جو هڪ اوزار. لوهه جي رَنبي.

• **ڪَرْتُ ج ڪَرْتُوتَ:** ذ. ڪائي چيرڻ جو هڪ اوزار – وڏي ڪارائي – ڪَرتُ (سن. ڪَرْت) وَڏَ – ڪَٽَ – خوشي – سرهائي.

• **ڪِرْتِ ج ڪِرْتُوْنْ:** ث. ڏَنڏو – پيشو. ڪَمُ – هاجُ – ڪار – ڪاروبار.

– **ڪِرْتِ ڪارِ:** ڪم ڪار – ڏَنڏو – مشغولي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪرت وارو ج ڪرت وارا:** ذ. صفت. ڪَمُ وارو – ڏنڏي وارو – پيشي وارو – ڪاروباري.

• **ڪرتُ ج ڪرتَ:** ذ. ڪَمُ – فعل – ڪارنامو – وَهنوارُ. پچار – ورونءِ ـ ڳالهه بولهه – وردُ – چئو پَچئو. عبارت – سَرنامو. (صفت). چڙهيل – ٻُهيل. تحريري. لکيل – نوشته.

– **ڪرتنْ:** ث. ڪمن ۾ ـ ڪرت ڪارن ۾ ـ ڪتُون – افعال.

– **ڪرتَن ڪجهُ:** اڻنگي هلت ڪنڊ – بچڑا يا خراب ڪم ڪنڊ – ڪنو – بداخلاق. "تو جن اهڙن ڪجن ڪرتَن، ڪبير شاهه جوي، دل وڏ ياءِ ڏوڏي".

– **ڪرتَنِ ڪنوْ ج ڪرتَنْ ڪنا:** ذ. بُرن ڪمن وارو – ڪُڌاتورو – بداخلاق – بدڪردار – اڻنگو – بدفضيلتو.

• **ڪرتُ ج ڪرتَ:** ذ. (سن. ڪُرتَ = ڪَمُ) ڪَمُ – عمل – فعل – ڏنڏو – ڪارُ. داد – شرط – بازي.

• **ڪَرتا ج ڪَرتا:** ذ. (سن. ڪرتا = ڪندڙ) (گرامر ۾) فاعل – ڪم ڪندڙ – ڪم وارو. عيوضي – ايجنٽ – پلاوٽو – گماشتو – دلال – چاڙتو. ڪم راس ڪندڙ – جوڙيندڙ.

– **ڪَرتا ڏرتا:** ڪندڙ ۽ ڏيندڙ – ڪرڻ ڏرڻ وارو ـ ڪلي طور تي اختيار وارو.

– **ڪَرتارُ ج ڪَرتارَ:** ذ. (سن. ڪَرتارُ = ڪَرَ = هَٿُ + تالُ = تالُ) ڪم ڪندڙ – پڳوان – ڪَرد ڪارُ – ايشور. ڪندڙ – ناهيندڙ – بنائيندڙ – صانع. ڏٽي – مالڪ – سيٽ. مڙس – شوهَرُ (پليتس). ڪائيءَ ۾ جَڙيل هڪ قسم جون ڪَنجڙيون – وڄائڻ جو هڪ قسم جو ساز – ڪڙتال.

• **ڪَرتانْ ج ڪَرتانَ:** ذ. ڳوڙ جو ڪپڙو وڄائڻ جي ڪم ايندڙ ٽاڪُ – پالُ.

• **ڪَرتَبُ ج ڪَرتَب:** ذ. (سن. ڪَرتْوِيَ). فن – هنر – ڪمال – اٽڪل بازي – کيڏ – کيڏبازي – چالاڪيءَ جو ڪَمُ – هوشياريءَ جو ڪَمُ – هٿ ناٽ – عجيب ڪم – حيرت ۾ وجهندڙ ڪم – طلسم – بازيگر – ڪارنامو – ڪرشمو – کيل – تماشو – جانبازي – بهادري – شجاعت – همٿ – دليري – پهلواني.

– **ڪَرتَبُ ڏيکارڻ:** هنر ڏيکارڻ – ڪمال ڏيکارڻ. فن سِڀهڪيڙي ڏيکارڻ – بهادري ڏيکارڻ – دليري ڏيکارڻ.

• **ڪَرتَرِي پريوگ:** (سن. ڪَرتري = ڪَمُ ڪندڙ + پرِيوگ = وَهنوارُ). اهو پريوگ جنهن ۾ فعل پنهنجي فاعل پتاندڙ منجي.

• **ڪَرتَو:** ظرف. روزانه – هميشه ـ سدائين (ت). (اسم). ڪَمُ – ڪَرت – ڪار – ڏنڏو – پيشو. روزانو ڪيل ڪم (ت).

• **ڪُرتو:** ذ. (ف) ڪرتو.

• **ڪَرتُوتَ ج ڪَرتُوتَ:** ذ. (سن). افعال – لڇڻ – اخلاق – هلت چلت – فَعلَ – عَمل. خصلت – سُڀاءِ – عادت – وهڪ. ڪم – ڏنڏو – ڪاج – ڪارُ. فريب – چالاڪي – عياري – مڪاري. برو ڪم – ڪڏو ڪم – بچڑو ڪم.

• **ڪَرتي ج ڪَرتيءِ:** ذ. ڪم – ڏنڏو – پيشو – هنر – ڪرت – هاج – ڪار.

• **ڪُرتِي ج ڪُرتِيُون:** ث. ڪُرتي – ڪُرتو – ڍڳهو ڪوٽ – چوغو. گدلو. پيٽ ۽ پنيءِ جي حصي کي ڍڪيندڙ چولي سان گڏ هڪ خاص نموني تي سبيل ڪپڙو – چولي.

• **ڪرت يگ (سن):** جئن يُگنَ مان پهريون يُگَ – ستجُگ.

• **ڪَرتُ ج ڪَرتَ:** ذ. ڪاوڙ – غصو – چِڙَ – ناراضگي – مَنِيان. وڏن بنڌن کي چيرڻ جو هڪ اوزار. وڏي ڪارائي. آرو. اڌ ڪجو ۽ اڌ پکو گدرو (جو ڪائڻ وقت ڪرت ڪرت جو آواز پيدا ڪري). ڏندن جي پاڻ ۾ گسڻ جو آواز – ڪٽو – گهٽو.

– **ڪَرتجِي پَوَڻ (ت):** وڏجي پوڻ – درد وارو ٽيڻ – سورائتو ٽيڻ – دَردمند ٽيڻ.

– **ڪَرتُ وهَڻُ:** ڪٽڻ – ڪاٽڻ – وڍڻ – جدا ڪرڻ – الڳ ڪَرڻ – ڏار ڪرڻ. تعلقات ٽوڙڻ – برادريءَ جو ناتو ٽوڙڻ – رستو ٽوڙڻ – لڳ لاڳاپو ٽوڙڻ – ميل جول بند ڪرڻ.

• **ڪَرتَ ج ڪَرڻُون (ل):** ث. خوش طبعي – ڪل پوڳ – چرجو – مذاق – پوڳَ.

• **ڪَرتُ ج ڪَرتَ:** ذ. (نوهه جي) ڪٽ – ڪَسُ – زَنگارُ – زنگ.

• **ڪُرتُ ج ڪُرتَ:** ذ. صفت. پڙوٽ ڪندڙ – ڏوتو – وڄَ ڪٽيو. بنا آنورن وارو ڍڳو ڪسي – خصي.

• **ڪَرتالو:** ذ. گار – گاڙهه.

• **ڪَرتار:** اسم خاص. تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَرتالُو:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. حلالخور – ڇُهڙو (ت). (صفت). بداخلاق – بدلچڻ – بدچال.

• **ڪَرتَڻُ:** مصدر. ڏند هڪ ٻئي سان گسائي آواز ڪرڻ – ڪرتو ڪرڻ – ڪرت ڪرت ڪرڻ. ٽڪڻ – وڍڻ – ڪائڻ سخت

غصي جي حالت ڏيکارڻ (جيئن ڏند ڪرٽڻ).
– **ڪَرٽ ڪرتَانْ:** تمام گھٽو ڪرتو. گھٽو ڪاڏو. گھٽن ماٹھن جي گڏجي ڪائڻ جو آواز.
– **ڪَرتو ج ڪَرتَا:** ذ. تمام ڏاڍي شيءِ ڪائڻ جو آواز – اڌ پڪي يا اڌ ڪچي گڏري جي ڪائڻ جو آواز.
– **ڪَرتي ڇڏڻ:** ڪائي ڇڏڻ – چڪ ھڻڻ – زخمي ڪرڻ.
• **ڪَرْتَنُ (ل):** مصدر. خوش طبعي واري ويڑھ ڪرڻ – وڑھڻ – مذاق ۾ وڑھڻ.
• **ڪُرتڻُ:** مصدر. ھوريان ھوريان ڪائڻ – ٽورو ٽورو ڪري ڪائڻ – ڪائڻ جي شيءِ کي آھستي آھستي ڏندن سان پڄي پورا ڪرڻ – آھستي آھستي ڪا شيءِ ڪائي ختم ڪرڻ. ڪائڻ – ڇڇرڻ – وڍڻُ.
• **ڪَرٽ ج ڪَرٽُونْ:** ث. جانور جي ڪائڻ جو آواز – ڪنھن بہ جانور جي ڪائڻ وقت ان جي ڏندن جو ٽيل آواز.
– **ڪَرْتَاٽَپ ج ڪَرْتَاٽَيُونْ (ت):** ث. ڇاڙڻ واري حالت – ڇاڙو – ڇَباڙ – ڇاھو.
– **ڪُرتَاٽِي:** ث. ڇَباڙ – ڇاھو – ڇَباڙو.
– **ڪُرَٽِٽِي ھَڏِي:** ڪاڏي مھل ڪڙڙاٽ ڪندڙ ھڏي – نرم ھڏي – ٽڙڪندڙ ھڏي – ڪرٽو – پُرٽو.
– **ڪَرتو ج ڪُرتَا:** ذ. آھستي آھستي شيءِ ڪائڻ جو آواز ڇاھو.
• **ڪَرْتُونْ(ڪ):** ث. ڇڇيءَ جھڙي جيت جو ھڪ قسم. (جھنگ ۾ وٽن تي رھندڙ وسڪاري ۾ ، سسسي ڳاڙھي ٽئيس.
• **ڪَرْتِي ج ڪَرْتِيُونْ:** ث. ڪاوڙ –غصو – چڙ – ناراضگي – مٹياڻ. وڏي چيڑي – ريڑي. (اسر خاص). تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
• **ڪَرْتِيَا:** اسر خاص. ھڪ قبيلي جو نالو.
• **ڪَرْتِيَاتو ج ڪُرتِيَاتَا:** ذ. ڏوتو – ڪنڊ – دلو – پڙوو – پيٽو. بدمعاش – لُڇو – لُڏنگ.
• **ڪَرْپ:** اسر خاص. تعلقي نوشھري ۾ ھڪ ديھ جو نالو.
• **ڪَرْپ ج ڪَرْپَ:** ذ. ڪائيءَ جو ٽڏو (ت). تکو ڏند – نيش (ل). آرپار وڍجي وڃڻ واري حالت – آرپار وڍ (ڪ).
• **ڪَرْپ ج ڪَرَپ (ت):** ذ. تکو رنبو. وڏو ڪندو. سيلھ (ت). سيلھ.
• **ڪرپا ج ڪرپاتُونْ:** ث. (سن) دیا ـ مھرباني ـ آسِيْس (ت).
– **ڪَرْپَا ڪَرَڻُ:** دیا ڪرڻ – ہاجھ ڪرڻ ـ ٹورو ڪرڻ – لائق ڪرڻ.
– **ڪَرْپال ج ڪَرْپالَ:** ذ. (سن). مھربان – ہاجھارو – دَیاوانُ – داني پُرشُ – (اسر خاص) ماٹھوءِ جو نالو.
• **ڪرپاس يا ڪرپاساڻي ٽري:** ث. سنڌ ۾ اڳ ھلندڙ ڊيگھ جي ماپ – ڇھ مُٹيون آگوٹي کان سواءِ (ڪن جي خيال ۾ ست مٹيون آگوٹي کان سواءِ)
• **ڪَرْپاساڻِي:** اسر خاص. ڪوھستان ۾ ھڪ لَڪَ جو نالو.
• **ڪَرْپالاڻِي:** اسر خاص. سنڌ جي ھندن جي ھڪ ڪٽنب جو نالو.
• **ڪَرْپانُ ج ڪَرْپانَ:** ذ. (سن. ڪرپاڻ = وڏو چاقون) نيزي وانگر نوڪدار ڪٽاري ۔ نندي ترار – ڪٽاري. ڪٽار – ڪَٽارو (خالصن جي مذھب جي نشاني).
• **ڪَرْجَ:** ذ. ڪَرجُ.
• **ڪَرْجَ:** ذ. ڪڪ ڪانا – ڪَھجرُ – ڪچرو.
• **ڪَرْجھَ ج ڪَرْجھَ:** ڪڪ ڪھجَر – ڪچرو.
• **ڪَرْجُ ج ڪَرْجَ:** ذ. ڪاٹ ۾ خرابي – ساڻاڻ (ت).
• **ڪَرْچ ج ڪَرْچُونْ (ت):** ث. تلوار جي چوٹي يا نوڪ.
• **ڪَرْچ ج ڪَرْچَ:** ذ. ھڪ خاص تلوار جو نالو.
• **ڪَرْچَ ج ڪَرْچُونْ:** ث. ٻنھي تيز پاسن واري ڇُري – خنجر – سنگين.
• **ڪَرچ ج ڪَرچ (ت):** ث. تلواريا تکي اوزار جي ٽنبڙ جو آواز. تلوار جي چوٹيَ يا نوڪ.
• **ڪَرْچَرْيْ ج ڪَرْچَرْيُونْ:** ث. پير جي آڱر جي مُنڊي. آڱوٹي جي منڊي (ت). (ذ). فراسيءَ جي چَٽن جو ھڪ قسم (ل).
• **ڪَرچِڪ ج ڪَرچِڪَ (ت):** ذ. صفا ڪيل انَ جي آخري بچت – سنھون انُ – زَيُون.
• **ڪُرْچِلُ ڪَرڻُ:** چٹ ڪرڻ – برباد ڪرڻ – ناسُ ڪرڻ. پَڄي ڇڏڻ ۔ ٹُڪر ٹُڪر ڪرڻ – پُرزا پُرزا ڪرڻ – پور پور ڪرڻ – پورا پورا ڪرڻ.
• **ڪُرچ ج ڪُرچَ (ت):** ذ. لوھ جو وڏو اُٽلاٹو – ٽٽي.
• **ڪُرَچْ ج ڪُرَچَڻُونْ (ل):** ث. سُڪي زمين ۾ سارين جي ٻِجَ جي چٽ – ڪوراڙ – ڪوڙ (پوءِ مٹان پاٹي ڏبو آھي).
• **ڪُرْچَ ج ڪُرْچُونْ:** ث. ڪُندَ – ڪُرچ (جيئن تہ "ڪُندِ ڪُرْچ").
• **ڪَرْدُ ج ڪَرْدَ:** ذ. (سن. ڪَرْتَنَ = ڪَتَڻُ) چاقو يا خنجر جو

هڪ قسم – ڪريان. ڪرت. "ڪُسندي ڪُسڪَن ڪين ڪي، ڪي ڪُنا ڪاريءَ ڪَرْدُ" (دليت).

• **ڪِردارُ ج ڪِردارَ:** ذ. (ف). طرز – روش – طورُ – طريقو – قاعدو. شغل – ڪَمُ – عَملُ – ڏنڏو چال – چلن – روَيو – اخلاق – لڇڻ – أفعال – خصلت – برتاءُ.

• **ڪَردگارُ:** ذ. (ف) قدرت جو جوڙيندڙ – طرزبنائيندڙ – خلقٽهار – خلقيندڙ.

• **ڪُردي يا ڪُردگالي:** اسر خاص. بلوچن جي قديم روايتن موجب بروهي بلوچن جي هوليءَ جو نالو جيڪي اصل ۾ ڪردستان (ايران) مان آيا. (ت – بلوچستان ص. ١٠).

• **ڪَرَڏَرَ ج ڪَرَڏَرُونْ:** ث. (سن. ڪرِ = ڪَرَڻُ + ڏَر = رَکڻُ) صحيح نموني ۾ ٽپڙ يا شين رکڻ واري حالت. سليقہ شعاري – سامان سڙو ناهي جوڙي رکڻ جو سليقو.

• **ڪُرڏُ ج ڪُرڏَ:** ذ. صفت. اڻ رڌل – ڪچو پڪو – ڏڏر ڏڏر (جانور) ڪچا ڦڪا. ڏنگا جانور. ڪَنجُوسُ – شُومُ – مُوذِي – مکي چُوسُ (ت). سخت – ڏاڍو – اٽونو (ت).

• **ڪُرڏُ ج ڪُرڏَ (ت):** ذ. پٿر دلُ – سخت دلُ – سنگدلُ. بيوفا. ظالم – ظلمي قهار.

• **ڪَرڙ ج ڪَرڙُونْ (ت):** ث. آڪڙ – وڏائي – هَڻ – گهمنڊ – شيخي – سيٽ – تَنْدَ.

• **ڪَرَڙ ج ڪَرَڙَ (ل):** ذ. ٻاجهري ۽ ڪڪ اڏو اڌ – گاڏڙ – گڏ (ضد. نِـڇ).

• **ڪَرڙ (ت):** ث. صفت. سخت – ڏاڍو – ڪڙڪ – ڪهرو – اٽاگو.

• **ڪَرڙ جهَرڙ:** سختي – ڏاڍائي.

• **ڪَرڙ ڪُچي (ت) ي ث.** وهيءَ کان موٽيل – عمر رسيدي – اڌ وهي واري (عورت) – ڪرڙود.

• **ڪِرڙ ج ڪِرڙَ:** ذ. (سن. ڪَرِيْـرَهَ = ڪِرڙ) وڻ جو هڪ قسم (بنَ ڪونہ ٽيئن. منهن ڪنڊن سان. قر ڪي ڏوُنرا (پکا) ۽ گل ڪي پُسي چنڇي).

– **ڪِرڙ ڪَکورَحْ:** ڪرڙ جي وڻ جو ٻُونگر (مکڙين) منجهان گل ڪرڻ – ڪَـرڙن جو گل جهلڻ.

– **ڪِرڙِي ج ڪِرڙِيُونْ:** ث. ڪرڙ جو ننڍو ٻوٽو – ننڍو ڪِـرڙ. سانڊي (سانڊري).

• **ڪَرِڙ (ت):** ث. ڪَنڊِي جو جهنگ – ڪَنڊي جي وڻن جو ٻيلو.

• **ڪُـرڙُو (ت):** اسر خاص. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **ڪَـرڙَاتُ ج ڪَرڙَاتَ:** صفت. وڃين عمر وارو – ڪرڙوَڏُ – اڌ وهي وارو – اڌ وٽ – اڌڙوٽ – ڪڪن وارن وارو – ڏاڙهيءَ ۾ اڇن وارن وارو. ڪَهرو آواز – ڪڙڪو – سخت آواز.

• **ڪَـرڙَاتُ ڪَـرَڙْ:** ڪڙڪو ڪرڻ – سخت آواز ڪرڻ.

• **ڪَـرڙَاتُ ج ڪَـرڙَاتَ:** ذ. صفت. ڪرڙات. اڇو ڪارو. ڳڙيل اڌڙوٽ – ڪرڙوَڏُ – اڌڙوٽ – پيرسن – جهونو – پوڙهو – ٻُڍو (ڪ).

• **ڪَـرَڙ ڊِينگُ ج ڪَـرَڙَ ڊِينگ:** ذ. هڪ وڏي پکيءَ جو هڪ قسم – ڊرڙ ڊينگ.

• **ڪَـرڙْ:** مصدر. اڏو گابرو ڪائڻ – ڏڏرڻ – ڏڏر ڪرڻ – ڇٻاڙڻ. ڏندن سان آواز ڪرڻ – ڪرڙات ڪرڻ – ڪرڙ ڪرڙ ڪرڻ.

• **ڪَـرڙُو ج ڪَـرڙَا:** ذ. سخت – ستاڻو – ڏاڍو – ڪنن. زوراور – طاقتور – ڪراڙو – تَنْدُ – تيز – تُند مزاج – تيز مزاج – بد مزاج. رکو. ڪنن. شوخ – سخت دل – ڪنور – بي رحم – گهاتو – ڳوڙهو – نهرو. متيءَ جو سخت پکل ٽاڻ – پکو (ت). شهوتي. حرفتي – انڪلي – چالاڪ (ت). پاٽيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم (قد جو ننڍو. چتڪبرو. رنگ ميرانجهڙو. سهٽو. پڇ ڊگهو. نرجي ڳچي ڪاري ۽ مادي يڪ رنگي. حَلالُ).

• **ڪَـرڙَائپ ج ڪَـرڙَائپَ:** ث. ڏاڍائي – سختي – جبر. ظلم – وَيلُ.

• **ڪَـرڙَائِـي ج ڪَـرڙَائِـيُونْ:** ث. ڏاڍائي سختي – جَبرُ. شوخي – ڪرڙائپ. سخت دلي – بي رحمي – ڪنورائي – ظلم. ٽيڪڙ – وڏائي – سيٽ – آڪڙ – وڏِ ماڻهپائي.

• **ڪَـرڙِي ج ڪَـرڙِيُونْ:** ث. صفت. سخت – ڪهري – تيز طبع – جوشيلي (عورت). بي رحم – ڪنور. (هارين جي اصطلاح موجب) هر ڪاهڻ وقت تڪليف ڏيندڙ زمين – سخت متي (ت). مهانگي – آڪڙي – گِران – تيز بها واري. سخت پکل (پوک. سِر وغيره). سُڻي. (شئي) خوش (ت).

• **ڪِـرڙو ج ڪِـرڙا (ت):** ذ. هڪ قسم جي سُرندڙ جيت جو نالو (جو ڏنگ نہ هڻي. مگر وات ۾ گهٽو زهر اٿس) – سانڊو – گـروڙو (ت). (ث) ڪِـرڙي ج ڪِـرڙيون.

• **ڪُـرڙو ج ڪُـرڙا:** ذ. پاٽيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم (رنگ ڳاڙهو. چلرن سان. ۵ کان ٦ فوٽن تائين) – ڏنيرو. (ستن ڪنين سان وڏي ۽ ڳري. تور اڌ مڙ. عام تور اڍائي سير) – (ننڍي) ڪُـرڙي (صفت).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪَرَڙوچيڪلو:** ذ. اسم خاص. هڪڙي قسم جي بَدڪَ.

• **ڪرڙَ وَڏُ ج ڪَرَڙَ وَڏ:** ذ. جواني ۽ ڪان موٽيل – وڇين عمر وارو – اڌ وهي – ڪرڙاٽ – اڌيڙ – نہ پوڙهو نہ جُوان – اڌڙوٽ – ڪڪن وارن وارو.

• **ڪَرڙِيْ ج ڪَرڙِيُوْنْ:** ث. (ف. ڪرفش). سُرندڙ جيت جو هڪ قسم – ساندي – چڇي.

• **ڪُرڙِيْ ج ڪُرڙِيُوْنْ:** ث. ملي پاٽي ۽ جي مڇي ۽ جو هڪ قسم – ڪرڙي جو ننڍو ٻچو. ننڍي مڇي.

• **ڪرڙِيَارِيْ:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَرِڙِيُوْ ج ڪَرِڙِيَا:** ذ" تڙاڙ جي مُٺ – تڙار جو هٿيو – قبضو – دستو. مرد جو عضو تناسل – آلت.

• **ڪُرْزِنْ ج ڪُرْزِنُوْنْ (ڪ):** ث. خرزين – ڪڙيو – مرهِيْ.

• **ڪُرْسَ ج ڪُرْسُوْنْ (ڪ):** ث. ٻيڙيءَ کي ٻڌڻ جي ڪائي. ٽر جي ماٿهن جي هڪ رسم – شادي يا جُڱ جي وقت پاٽي پيل ۽ مٽان سوا رپيو رکيل لوتو.

• **ڪُرْسُ ج ڪُرْسَ:** ذ. (سن. ڪانْسِيَ = تامي يا قلعي مان ناهيل پاٽي پيئڻ جو بَرْتَنْ). تامي جو ٿانءُ.

• **ڪُرْسُ ج ڪُرُوْسْ:** (ع. قُرْصْ) منائيءَ جو هڪ قسم.

• **ڪرِسْتَان ج ڪرِسْتانْ:** ذ. يَسوعُ جو اُمتي – مَسيحي ماٿهو – ڪرسٽ.

– **ڪرِسْتانِيْ ج ڪرِسْتانِيُوْنْ:** ث. مَسيحَتَ – ڪرِست مَتُ – يَسوع جي پوئلڳي.

• **ڪرِسرو ج ڪرِسرَا:** ذ. ڪاسْ بيماريءَ ڪري ڪنجهه ڪرڻ. خارش – ڪرَنْهنْ گهَ – سُرسُر.

• **ڪرسرِيْ ج ڪرسرِيُوْنْ:** ث. ڪرِ ڪرِ – واري.

• **ڪَرسرِيُوْنْ ڪَائڻْ (ت):** تمر ڪاوڙجڻ پر صبر ڪرڻ – سخت رنج هوندي به چپ ڪرڻ – برد ٻڌڻ.

• **ڪرسرِيُوْنْ مارڻْ:** سخت رنج هوندي به صبر ڪرڻ.

• **ڪُرْسَنْ ج ڪُرْسَنْ:** ذ. سوپارين جو هڪ ٻوٽو – جامِر.

• **ڪَرْسَنْ ج ڪَرْسَنْ:** ذ.گلن جي ڪوندي ـ ننڍو باغ – باغيچو – چمن – ڦلواڙي (ت).

• **ڪَرسو ج ڪَرَسَا:** ذ. ڪُٽ جو لوتو – ٽينو – ڪوپو – ڪَرشو – ڪرسيو – ڪوزو – جَمن – ڪونجي – ڪنهن ڏاتوءَ جي ٺهيل ڳوٽري يا ڪوندي. مهيشوري قوم ۾ شادي جي ماني ءَجو نالو (ٽ).

• **ڪَرسِيْ ج ڪَرسِيُوْنْ:** ث. (پاٽي پيڻ لاءِ) چَل – ڪونجي – ڪَرسو

• **ڪَرسيو ج ڪَرَسِيَا:** ذ. ڪَرسِيْ – ڪَرسو.

• **ڪُرَسِيْ ج ڪَرِسِيُوْنْ:** ث. ڪندي جي وڻ جي پاڙ (ل). سخت ڪاٽ (رنگ جو ڪارو ۽ بلڪل سخت) – ڪُٽ – ڪٽ (ٽ). اٽي ۾ جنڊ جي گاٽ – واري – رائو (ت) ڏندن ۾ ڇرڇر – ڪرسِرِيْ – ڪرچ ڪرچ. بُڇان – ڪراهت – نفرت – ڏڪار.

• **ڪُرَسِيْ ج ڪُرْسِيُوْنْ:** ث. [ع] تخت ـ مَسْنَدْ – گدي – منجي – صندلي. اڻون آسمان – برابر ۽ سڌو خط. عُهدو لڏڻ هيڻان ڏنل پيڙهي (ت).

– **ڪُرْسِيْ سينگارَڻْ:** حڪومت ڪرڻ. خالي ڪرسي تي ويهڻ ۽ ڪجهه به ڪم نہ ڪرڻ – بيڪار هجڻ – ڪنهن به ڪم جو نہ هجڻ.

– **ڪُرْسِيْ نِشِيْنْ:** ڪُرسي تي ويٺل – گادي نشين. مجلس جو صدر.

• **ڪِرْشِيُو ج ڪِرْشِيَا:** ذ. (ف). اکين ۽ پيرُن جو اشارو – اک جي اَڃَ – اشارت – ميڃَ – شانڊ – عَلامت – غمزو – عِشوو. نَڪ – ناز – لاڏ. آرو – چاڳ. حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه – طلسم – شعبدو – اعجاز – اِلاهي رنگ – اسرار. جلوو – ظهور. تماشو.

• **ڪِرشِيُو ڏيکارَڻْ:** اسرار ڏيکارڻ – عجب جهڙي ڳالهه ڪرڻ – حيرت جهڙو عمل ڏيکارڻ.

– **ڪرشمه قُدْرت:** قادر جو تماشو – الاهي اسرار.

• **ڪِرْشِنْ:** ذ. صفت. ڪارو – سَياهُ – سانورو. چنڊ جي پوئين تاريخ – انڌيرو – اونداهو. (اسر خاص) هندن جو وڏو اوتار – واسديوَ جي پٽ ۽ راجا ڪنس جي پائٽي جو نالو ڪرشن مهراج – ڏرمي عقيدي موجب وشنو جو ڏهون سُرُوپ – ڪِرشنا – ڪَنهيو – مرليڌرُ – گئوپال – گوال.

• **ڪِرْشِنْ پَڪْ:** چنڊ واري مهيني جون ٻن هفتن کان پوءِ واريون تاريخون – اونداهو پَکُ.

• **ڪَرشو ج ڪَرشا:** ذ. ڪَرسو – لوتو – ٽينو – کونجو چَل.

• **ڪَرشِيْ ج ڪَرشِيُوْنْ (ڪ):** ث. ڪاوڙ – غصو – خار – ساڙ – چڙ.

– **ڪرشِيُوْنْ مارَڻْ:** غصي وچان ڏند پيهڻ – خار کائڻ – ڪاوڙ ڪرڻ ٻئي تي سڙڻ – خارن مان ڏند ڪرٽڻ.

• **ڪُرْف ج ڪُرُفْ:** ذ. (ع. قُفل) ڪلف. ڪفل – تالو – جَنبرو

– تاڙي – جنڊرو.

– **ڪُرُڦ ڪُنجيِ لڳڻُ:** قابو ٽيڻ – سوگهو ٽيڻ – بلائتو ٽيڻ.

• **ڪِرِفتيِ ج ڪِرِفتِيُونْ:** ث. (سن. ڪِتْ = ڪِرِفتِيْ). ڪِريتي. گونهن – پائخانو – ڪاڪوس – گند – ڪچرو – غلاظت – گندگي. رک – چار – قلهير – ڪيري (ت).

• **ڪِرِفتِيْ ج ڪِرِفتِيُونْ:** ث. ڪِرِفتِيْ.

– **ڪُرَّفَرُ:** ذ. (ف). شان شوڪت – ڏوم ڏام – رُعب تاب. ناهه نوهه – دَبدبو – تجمل – نَڪ – ناڪ.

• **ڪُرَّفَرُ:** ذ. ڪُرَّفَرُ – عزت آبرو – مان شان (ت).

• **ڪُرَّلَّالِيْ:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُرَڪُ:** ث. صاف واري – سڪل واري (ت). ڏاڻ – ڏاڙهه (ڪ).

• **ڪُرَڪُ ج ڪُرَڪُ:** ذ. (سن. ڪَرْڪَ) سيانتو – ڪيڪڙو – خرچنگ – سَرطانُ. برج سَرطان – سرطان جو نشان – چوتين راس جو نالو. راس منڊل ۾ گرمي جي موسم ۾ سج جي گردش جي حد ظاهر ڪرڻ جو هڪ نشان (صفت). غريب – ڪنگلا – مسڪين – نِڌَرُ – تهي دَست. پڻيءَ وارو هَڏو – ڪرنگهو (ت).

• **ڪُرَڪُ گهيرُوْ ج ڪُرَڪ گهيرا:** ذ. سرطاني گهيرو. خط سرطان.

• **ڪُرَّڪُ ج ڪُرَّڪُوْنْ:** ث. هڪ تمام سنهي شيءِ، ان چنڊ بعد باقي بچيل سنهو ان (ت). ننڍڙيءَ ڇڙِي سنهڙي لار سان (ٻڪرين جي ننڍن ڦرن کي ٻڌن).

• **ڪِرِڪُ ج ڪِرْڪُ:** ذ.(سن. ڪَرْڙِڪا = ڪَلِڪ) ف. ڪلڪ = قلم > تِيرُ) سَرُ – ٻاڻ – تيرُ – تينگرُ – پيڪانُ – گَزُ – پيلو – ڪانُ – لوري – سيلو. "لڳيس ڪامَ ڪِرْڪُ، لوهان تـکي لطيف چئي".

• **ڪِرِڪاءُ ج ڪِرِڪاءُ:** ذ. چنڊچاڻ – بچت سچت. ڪِن ڪِچرو – گند – ٻَهَرُ.

• **ڪُرْڪُ ج ڪُرْڪُوْنْ > ڪُرْڪِيُوْنْ:** ث. (سن. ڪُنڪ) ٽري زالن جي ڪن جي ڇڇ جو هڪ قسم – نَسْبِيْ. پنڑو – ٻَنڊ – جهومڪ – جهالر – (منهن واري پاسي ڪَن جي ننڍڙي ٻُوند). پشر جو هڪ قسم. بيمار جو آواز – چِنگهه – چنگهڪارَ – ڪُٽڪَ. ڪُڪڙ جو آري وقت آواز (ل). ڪُڙڪ – خبر – نَڪاءُ (ڪ) آواز – هڪل.

• **ڪُرْڪُتْ:** جيت جو نالو.

• **ڪُرْڪُتْ ج ڪُرْڪُتَّ (ل):** ذ. پڳ پور – پڳ ٽوٽ – يڪ پور – پُڪو – ذرو ذرو.

• **ڪُرْڪِتِيْ ج ڪُرْڪِتِيُوْنْ:** ث. تمام سنهي پور – ذرا ذرا – ٽڪر – ڇورو.

• **ڪُرْڪُتْ ج ڪُرْڪُتَّ:** ذ. صفت. ننڍي قد وارو – بندرو – جامڙو – ڪوتاهه قد – رُڳهني – چڳهني – ڍمِي – گهگهني – ڍينبو – قوسو – ڍيمڪڙو – ڍمِني – چوٽو – موٽو. ڏسڻ جو ننڍي پرعمر جو وڏو (ت). طالب علم – شاگرد.

• **ڪُرڪٽ گهيرو:** ذ. ننڍڙو ڳاڙهيرڙو گهيرو.

• **ڪرڪٽ جاگيرُ:** اسر خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَرَڪٽ رَعيتيِ:** اسر خاص. تعلقي ڪَڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُرڪِتوُ ج ڪُرڪِتا (ت):** ذ. سوراخن ڪيڏ جو اوزار – سَلّ آرائي – سيرائيَ.

• **ڪُرْڪُتِيْ ج ڪُرُ ڪُتِيُوْنْ:** ث. پتائي گجرن جو آچار – سانڌاڻو – سَنڌُ – آهوريُ – آهَريُ.

• **ڪُرْڪِچ (ت):** ث. پترائنون ٽڪر – پهاڙي حصو – جابلو علاقو – چاپرُو. پُڳل انَ. ڪرڪِچو.

• **ڪُرِڪَچ ج ڪُرِڪَچُوْنْ:** ث. نڪ جا اندريان پڙدا (ڪ).

• **ڪَرِڪَرِ:** ذ. (سن. ڪَرْڪَ = زور سان ڪلڻ) ڪائڻ مهل ڏندن جو هڪ ٻئي سان لڳڻ جو آواز – ڪَرَڪُ ڪَرَڪُ – چَرچَر – ڪرتو. ڪڪڙ جو آري تي وهڻ وقت ڪيل آواز – ترتر. (اسر خاص). ٽر ۾ هڪ پٽ جو نالو.

• **ڪِرِڪِرِ:** ث. (سن. ڪُرِر = آواز ڪرڻ) ڪِڙقِٽ _ ڪِٽ قِٽ – ڪُر ڪُر. ريڑهه پيڑهه – گهپي – ڪروڏ. روجُ راڙو. جيهڑو – رَبڙ – رڳڑو (ت). لالچ – هَبَچ (ت) ڪرسڙي واريءَ جي گسڻ جو آوازُ – ڏندن هيٺ اچي ويل پٿر وغيره جو آواز – ڪِرچ ڪِرچ – ڪِرڪِراٽ – ڪچ ڪچ (ت).

– **ڪِرِڪِرَڙُ:** اجايو ڪروڙ ڪرڻ – راضي نه رهڻ – گهپي ڪرڻ – جهُرجهُر ڪرڻ – ڪِنڦِٽ مچائڻ – ڪِلڪِل ڪرڻ. جهيڑو ڪرڻ – رڳڑو مچائڻ.

– **ڪِرِڪِرِ مچائِنْ:** ڪِرِ ڪِرِ ڪرڻ – اجايو جهيڑو ڪرڻ – رڳڑو مچائڻ.

– **ڪِرِڪِرِيُوْ ج ڪِرِڪِريا:** ذ. صفت. ڪِنڦِٽيو – ڪُر ڪُريو – ڪروڏي – رڳڑائي – گهپي خورُ.

• **ڪُرْڪُرُ ج ڪُرْڪُرُوْنْ:** ث. (سن. ڪُرِرَ = آواز ڪرڻ) وڏيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيءِ لاءِ اجائي گهُر – ريڑهه پيڑهه – ڪُرڪڻ واري حالت – گهپي – ڪِرڪِر – ڪِپٽپٽ – ڪلڪل.

– **ڪُرڪُرڪَرڻُ:** اجائي گهُر گهُر ڪرڻ – ڪُرڪڻ – ريڑهه پيڑهه ڪرڻ – گهپي لاڻ – ڪِڪل مچائڻ – ڪِٽڪِٽ ڪرڻ – جهُڪ جهُڪ ڪرڻ.

– **ڪُرِڪُريُوْ ج ڪُرِڪُريا:** ذ. صفت. ڪُرِڪُرِ ڪاڏو – ڪُروڏي – رنگٽو – شاڪي – تقاضائي – معاملاتي – رڳڑائي. خواه مخواه متو ڪپائيندڙ (ت).

• **ڪُرْڪَرُوْ ج ڪُرْڪَرا:** ذ. صفت. (سن. ڪَرَ ڪَرَ = سخت) مضبوط – جاڏو – جبرو – سگهارو – سگهو – سَهَرُ – زورائتو. (اسم). گوڙ – شورُ – هُل – غوغاءِ – ڏمچر – هائيتسال.

• **ڪَرِڪَشُ ج ڪَرِڪَشَ:** ذ. صفت. (سن. ڪُرڪش) ڪُهرو – سخت – ڪَڙُڪُ.

• **ڪَرْڪُلُوْ ج ڪَرْڪَلا (ل):** ذ. پور پور – ذَرِيُوْن ذَرِيُون – ذَرا ذرا – ٽُڪر ٽُڪر – ڳَيا ڳَيا – ڳِترا ڳِترا.

• **ڪُرڪلي (ت) اسم خاص.** بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪَرْڪَناتِ ج ڪَرْڪَانَتُوْنْ:** ث. ڪاري رنگ جي ڪڪڑ جو هڪ قسم. (صفت). ڪَرْڪَناٽ – ترتَر ڪندڙ – ترڙي.

• **ڪُرْڪَنْ:** مصدر. ڪڪڑ جو آري تي ويهڻ. ڪڪڑ جو ڪرڪر ڪرڻ. (اسم). داڻ داڻ واري – تمام ڪڙڪ واري.

• **ڪِرْڪَنْ:** مصدر. ٽڙڪو ڪرڻ – چِيرُ پوڻ – ڦوٽ پوڻ – ڦٽڻ – چيرجڻ. سوپاري وغيره. پِڇڻ. آهستي آهستي آواز ڪرڻ – هري هري ڳالهائڻ. مٺي لات ڪرڻ – هولي ڪرڻ.

• **ڪُرڪَنْ:** مصدر. (سن. ڪُرِيَ = ڪرڻ) گهُر گهُر لاءِ ڏيڻ – گهپي لاءِ ڏيڻ – تقاضا ڪرڻ – جهُڪڻ – رنگ ڪرڻ – ناراض ٿيڻ – رنج ٿيڻ – ڪاوڙجڻ – غصو ڪرڻ – چڙڻ. ڍڄي وڃڻ – ڪيبائڻ – گهبرائڻ (ت). پيٽ مان بادي هوا جو ڪڍڻ – ٽٽ ڏيڻ.

– **ڪُرڪُوْ ج ڪُرڪا:** ذ. صفت. رنگٽو – وَڪوَڪيو – پنڊ – شاڪي – ڳڪ – ليلائيندڙ – جڳا – ڪُرڪُريو – تقاضائي.

• **ڪُرڪُوْ ج ڪُرڪا:** ذ. ڪرڪڻ واري حالت – ڪِنجهڪو – ڪلڪل – گهپي – چيني.

• **ڪَرْڪَوْ ج ڪَرْڪا (ڪ):** ذ. اُٽ جو آواز – رڙ.

• **ڪِرڪِر ج ڪِرڪا (ت):** ذ. ٽورو ٽڪر – ذرو.

• **ڪَرْڪَيْ ج ڪَرْڪَيُوْن (ل):** ث. جاڙيءَ کان هيٺ ڳِجيءَ جو ماس – ڳلڦڙو.

• **ڪُرْڪِيْ ج ڪُرْڪِيُوْنْ:** ث. ڪن ۾ پائڻ جي هڪ زيور جو نالو – ڪڙڪي – ڪرڪ. پشم جو هڪ قسم – ڪرڪ.

• **ڪِرْڪيٽ ج ڪِرْڪيٽُوْنْ:** ث. (انگ. Cricket) راند جو هڪ قسم – بيٽ بال راند.

• **ڪَرْڪِينِ ج ڪَرْڪِيْنُوْن:** ث. ڪتي گاڏي (اتر قطب وٽ ايسڪيمن جي برف تي هلندڙ گاڏي جنهن کي ڪُتا چڪين).

• **ڪُرڪيڙُ ج ڪُرڪيڙُوْنْ:** ث. سڪل زمين کي هر ڏيڻ واري حالت – سُڪل زمين ۾ ڏنل هَرُ – ٽوٽ زمين ۾ ڪيل ڪيڙَ.

– **ڪُرَ ڪيڙَانْ ٻڌڻُ:** سڪل زمين ۾ هرڏيڻ – سڪي زمين ۾ ڪيڙ ڪرڻ. ايذائڻ – تڪليفون ڪرڻ آزارڻ.

• **ڪَرَڪُ ج ڪَرَڪَ (ڪ):** ذ. جبل جي اُتاهين چوٽي.

• **ڪِرگان:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **ڪِرگِنِيْ ج ڪِرْگِنِيُوْنْ (ت):** ث. ڪائيءَ جو سنهو ٽڪر – چَوڏو – چيت.

• **ڪَرِڪَسُ ج ڪَرِڪَسَ (ت):** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم – مردار خور – ڳِجهه.

• **ڪَرْڪَلُ (ل):** ذ. انبوه ـ ميڙ. گوڙ وارو وڏو آواز. گجگوڙ. گهمسان "روه راماڻا ڪُن اڄ پڙ هلڙ هاڙهيون. ڪرڪل ڪونجڙين. رائي ۾ رات ڪئي".

• **ڪرگل (ت):** گوڙ – هل – غوغاءِ – هَنْبَسُ – غلغلو – هُلَڙُ – هنگامو – بکيڙو – وَلَرُ – وَڳَرُ – تولو – دَڙُ (ت).

• **ڪَرْڪَڙُ ج ڪَرُ ڳَڙَ:** ذ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (بنا چلر بدن تي پاسن کان سنها ٽڪا. قد اڌ فوٽ کان ۳ فوٽ).

• **ڪَرَ گهڙ:** (سن) درياءَ وغيره جي پاڻيءَ جو زور سان وهڻ ڪري ٽيل آواز گهر گاٽ.

• **ڪَرْلُ:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **ڪَرَلُ ج ڪَرْلَ:** ذ. (سن. ڪَلُ = آواز ڪرڻ). آواز – شَبدُ – پرلاءِ – تنوار – ڳالهه – پڙاڏو – آلاءِ.

• **ڪُرْلُ ج ڪُرْلَ:** ذ. ڪاري جي ٻيڙي جو هڪ عضو – داسي سان لڳو لڳ اَڌِيْ جي جهلي لاءِ هڪ ڪاٺي. ٻيڙيءَ جي تري جو تختو – ٻيڙي تي وهڻ واري جاءِ ڪي آڏي ڏنل پٽي. مڇيون ڪائيندڙ ڏانديِ پکيءَ جو هڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪَرْلاهو ج ڪَرْلاها:** ذ. (ڪٽ – خبر + لهندڙ) سنپالينڊڙ نگهبان – خبر لهندڙ – پرگهور لهندڙ.

• **ڪُرْلائِڻُ:** مصدر. سُر سان آواز ڪرڻ – تنوار ڪرڻ – تنوارڻ – لات ڪرڻ – آلاپڻ – ڳائڻ. (ڪُرلائيو – ڪُرلائيندو – ڪُرلائيل).

• **ڪَرَمُ ج ڪَرَمَ:** ذ. (سن. ڪُرَمَ = ڪَمُ). لکيو – پاڳَ – پاوِي – مقدر – نصيب – قسمت – ازل – تقدير – بخت – داڏو پاڻي – نِراڙ – پيشاني. مهرباني – پلائي – احسان – ٿورو – وَڙ – عنايت – چڱائي – ڳُڻ – لائق – مِهر – ٻاجهه – دِيا – ڪَرُ – فعل – ارڪان – افعال – ڪيتو – لڇ. خيرات – زڪوات – سخاوت – بخشش – دان – پُڃ. موت – ڪال – اَجَلُ – مرتيو – قضِئو – چالاڏو – لاڏاڏو.

– **ڪَرَمَ جُو ڪايو:** قسمت جي ڪشش – قضا جي ڇڪ – لکئي جو ليک – تقدير جو لاڙو.

– **ڪَرَمَ چَنڈو:** نياڳو – نَحسُ – بدبخت – چَنڈو – بدقسمت.

– **ڪَرَمَ سَنئُون:** سياڳو – خوش قسمت. سدورو.

– **ڪَرْمُ ڪَلُ:** (سن). ڪيتي جي سزا.

– **ڪَرَمَ ڪانڈَ:** ٿ (سن). هندو ڌرم ۾ مذهبي رسم – ڪرياڪرم.

– **ڪَرَمُ ڪُٽَنُ:** پنهنجي پاڳ تي روئڻ – پنهنجي نصيب کي جوڙ – مقدر تي روئڻ – پنهنجي لکئي تي ماتم ڪرڻ – بخت کي پٽڻ – پٽڻ.

– **ڪَرمُ ڪَرَڻُ:** مهرباني ڪرڻ – احسان ڪرڻ – نوازش ڪرڻ – پلائي ڪرڻ – وَڙ ڪرڻ – ٿورو ڪرڻ – لائق ڪرڻ – ٻاجهه ڪرڻ.

– **ڪَرْمَنْ کي جَوَڻُ:** پنهنجي قسمت کي ڏوهه ڏيڻ – بخت کي پٽڻ. قسمت تي راضي رهڻ – تقدير تي خوش رهڻ.

– **ڪَرْمِي ج ڪَرْمِيُ:** ذ. صفت. سَدورو – خوش قسمت – نصيب وارو – خوش نصيب – بختاور – پاڳن وارو – بخت وارو – سياڳو – سعادتمند – لاکيٽو. ڪرم ڪندڙ – مهرباني ڪندڙ – احسان ڪندڙ.

• **ڪَرَمَ (ت):** ذ. صفت. بلڪل گهٽا – بي انداز – بي شمار – ڳاڻيٽي کان ٻاهر – هيڪاندا.

• **ڪَرمان (ت):** ذ. پيٽ ۾ پيدا ٿيندڙ ڪينئان – سينوڪيون (ت) – سيٽڪيُون.

• **ڪَرْمَتْ:** ذ. هڪ پسارڪي وڪر جو نالو.

• **ڪَرْمتاڻِي:** اسر خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَرَمتِي ج ڪرمتي:** ذ. اسر خاص. ٺٽي ضلعي ۾ بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو – ڪَلمتي – ڪَلماتي.

• **ڪَرمَتُ ج ڪَرمَتَ (ت):** ذ. تانداڻو – ڪڙڪهيتو. هڪ پسارڪي وڪر جو نالو – گوساٽو.

• **ڪَرْمَتُ ج ڪَرْمَتَ:** ذ. پسارڪي وڪر جو نالو – گوساٽو.

• **ڪَرَمپُور:** اسر خاص. سيوهڻ، ڪنڊ ڪوٽ، ميرپور ماٽيلي تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَرمِچِي ج ڪَرمِچِيُ:** هڪ پسارڪو وڪر – قرمز – قرمزي. اکين جي لاءِ ڊپ طور ڪم اينڊڙ.

• **ڪرمز:** ذ. دوا طور ڪم اينڊڙ هڪ پسارڪو وڪر (اتي وانگر ڳاڙهن ڪيئن جي پيدائش، ان ۾ پٽ ۽ ڪپڙو رنگجي). قرمچي – قرمزي – ڪَرمچي – قَرمز.

• **ڪُرمِشَ ج ڪُرمِشُونُ:** ٿ. ڪُرْشَ – ڪورنشَ – بادشاهه جو سلام – مُجروَ – ڪرمُش. عاجزي – التجا – نيزاري. عجز – نياز – ميڙ. خدمت – چاڪري – ٽهل – شيوا.

• **ڪُرمِش ڪَرَڻُ:** مجرو ڀرڻ – ڪورنش بجا آڻڻ – گوڏن تائين نوڙي تي دفعا سلام ڀرڻ. خدمت ڪرڻ. ٽهل ڪرڻ – چاڪري ڪرڻ – خاطري ڪرڻ. منٽ ڪرڻ – عرض ڪرڻ – وينتي ڪرڻ – التجا ڪرڻ.

• **ڪُرمُش (ت):** انتظار – پريشاني – اوسيڙو – ڳڻتي – فڪر – انديشو – فڪرات.

• **ڪَرَمَ علي گوپانگ:** اسر خاص. تعلقي ميري خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَرَمُ اللهِ ڏَاهِرِيُ:** اسر خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪرمنبلَ ج ڪُرمَنبلَ:** ذ. (سن. ڪَمَنْبلُ = ڪِستو). دريائي ناريل مان ٺهيل ڪشتو – ڪدوءَ مان ٺهيل ڪشتو – فقيرن جي پنڻ جو برتن. هڪ قسم جو ساڏو فقيرن جو ڪاٺ يا لوهه يا پتل مان ٺهيل بالٽيءَ جي نموني تي برتن.

• **ڪرمٹو:** ذ. اسر خاص. مچيءَ جو قسم.

• **ڪَرَمٹِي پريوگ:** ذ. اهو پريوگ جنهن ۾ فعل سدائين مجهول صورت وارو آهي، جنهن ڪري مفعول ڦري جملي جو فاعل ٿئي ۽ فعل ان پٽاندر عدد، جنس ۽ ضمير ۾ متجي. (گرامر).

• **ڪرمُو ج ڪرمان:** ذ. وڏا ڪينئان.

• **ڪُرْمُوش ج ڪُرْمُوشَ:** ذ. (سن. ڪٹھَ = تر + مُشِيْ = مَس). هڪ قسم جو انڌو ڪوئو – ڇڇوندر. تِرُ – تِلڪ – تِلوڪڙي – خال. اُٺ جي هڪ رنگ جو نالو.

• **ڪَرَنْ:** اسر خاص. مني ۽ شڪارپور تعلقن ۾ هڪ ديھ جو نالو. شڪارپور ۾ هڪ دَرَ جو نالو. (اسر خاص) هڪ سمي جام جو نالو.

• **ڪَرَنائي:** سمن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **ڪَرَناهُ:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **ڪَرَناھ:** ث. وڃائڻ جو هڪ ساز. نَفِيْلَ – ڪرنائي. (اسر خاص). تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **ڪَرْنائڻُ:** مصدر. پاسا لاهڻ – پاسا هيٺ ڪرڻ – پاسا ڌارڻ. وڪوڙي وڃڻ – گھٽو مينهن وسائڻ.

– **ڪَرْنائِيْ ج ڪَرْنائِيُوْنْ:** ث. ڪَرناءِ.

• **ڪرْنُ ڪَنْوْ ج ڪَرْنْ ڪَنا:** ذ. صفت. (سن. ڪَر = هَتُ + تَرْتُ = يَڄڻُ) سست – ٽوٽي.

• **ڪَرْنُپور:** اسر خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **ڪَرْنْجھ:** ذ. چيٽ ۾ ٿيندڙ هڪ تيلي ٻُج جو فصل – جانيو.

• **ڪَرْنْجھُ ج ڪَرْنْجھا:** ذ. (سن. ڪرنجھ) دوا طور ڪم ايندڙ ڪَنڊن واري ٻوٽي جو هڪ قسم. (عرق گرميءَ کان پيئجي).

• **ڪَرَنْڊ ج ڪَرَنْڊَ:** ذ. (ڪُ = خراب + رَنْد = رستو) ڏکيو رستو – خراب رستو – اٽانگي واٽ – دُشوار راھ – اوجھڙ. ڪٽ لاهڻ يا ڪرڻ جو اوزار.

• **ڪَرَنْڊانْ:** غلط رستي مان – اوجھڙ تان.

• **ڪَرَنْڊُ ج ڪَرَنْڊَ:** ذ. جوگي فقيرن جو نانگ قاسائڻ جو ڪُلهي تي ڪنيل ڏول. "سو محبت ڪاڻ متا، اچي ڪاڻي ڪَرَنڊَ ۾" (سگھڙ). (ث. ڪَرَنڊي ج ڪَرَنديون).

• **ڪَرِنْڊُ ج ڪَرِنْڊَ:** ذ. وَڏَڪَٽ جي اوزارن کي تکي ڪرڻ لاءِ ڪاري پٿر جوَ هڪ قسم – روهي. مونڙو – پيرو ٽِڙي – مونڙي سونڙي. آگوننيءَ ڏسٽي آگر سان ماپيل حصو – ھاڃ – ھاڙي ().

• **ڪُرَنْڊُ:** اوزارن کي تکي ڪرڻ لاءِ روهين ٺاهڻ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ قسم جو پٿر.

• **ڪَرَنْڊڻُ:** مصدر. موڙڻ – ڇڻ – ڇِهو ڪرڻ – ڏنگو ڪرڻ – ڦِڏو ڪرڻ – ٽيڙو ڪرڻ.

• **ڪَرَنْڊُوْ ج ڪَرَنْڊا:** ذ. صفت. ڪُھڙو – جھُڪيل – نِميَلُ – ڪَروندڙو – دُوَندڙو (ت).

• **ڪَرَنْڊِيْ ج ڪَرَنْڊِيُوْنْ:** ث. دهي مان پاڻيائي شيءِ وغير ڪَڍڻ لاءِ هڪ قسم جي ڏوئي – ٽپڙي – ٽپري – ڪيوي – چَمچو – وڏڻي – ڏونگھو. بيد يا ڪنھن ٻئي مضبوط ڪائي مان ٺھيل ٽوڪري جا پھاڙن تي ماٺھن چاڙھڻ يا ميوي وغير جي ٻاھر موڪلڻ لاءِ ڪم اچي.

• **ڪُرَنْڊِيْ ج ڪُرَنْڊِيُوْنْ:** ث. ڪُنڊِ – ڪُوڙھو – مُڇو – موڙھل سُٽَ – مُنجھيل ڏاڳو.

• **ڪَرَنْڊِيْ:** اسر خاص. اَنَ جو هڪ قسم (رنگ ڦِڪو ھن جي مانيِ سيني جي سور لاءِ فائديمند آهي، ان جي اَتي ۾ ايلسي ۽ وڏف ملائي سوج ۾ سُورَ وارين جاين کي ھڏڻ سان فائدو ٿيندو – ڪرنگھ.

• **ڪَرَنْشُ ج ڪَرَنْشُوْنْ:** ث. بادشاھ يا ڪنھن وڏي ماڻھوءَ جي اڳيان جھڪي ڪيل سلام – آداب – ڪورنش – عجز – نيازُ – نوڙت. تعظيم – پلي ڪار. خدمت – چاڪري – تھل – شيوا.

• **ڪَرَنْشُوْنْ ڪَرَنْ:** مجرو پرڻ – آداب بجا آڻڻ – ڪورنش ڪرڻ – سلام پرڻ. تعظيم ڏيڻ. خدمت ڪرڻ – چاڪري ڪرڻ.

• **ڪَرَنْگُ ج ڪَرَنْگَ (ڪ):** ذ. ھڏن جو پيجرو – بوتو. ڪرنگھو.

• **ڪِرَنْگُ:** ذ (سن. ڪَنگَ. فـ گلا) پوک جو هڪ قسم – ڪِرنگھ.

• **ڪَرَنْگُ ج ڪَرَنْگي ذ. ڪَرَنگھ** – ھَڙ.

• **ڪَرَنْگَرُ ج ڪَرَنْگَرَ:** ذ. پُٽيءَ جو ڪنڌو – ڪرنگھو – ڪَرَنگھر.

• **ڪرَنْگَلُ ج ڪَرَنْگَلَ:** ذ. پٽيءَ جو ھڏو – ڪَنڌو – ڪَرنگھو بُت جي ھڏن جو ٺاٽ – بوتو – قالَبَ.

• **ڪَرَنْگھُ ج ڪَرَنْگھَ:** ذ. ڪرنگھر – ڪرنگھو.

• **ڪِرَنْگھَ:** ت. جھنگلي اَن جو هڪ قسم – ڪِرنگُ – ڏُٽ (غريبن جو ڪاج). گاھ جو هڪ قسم.

• **ڪُرَنْگھُ ج ڪُرَنْگھَ:** ذ. ڪُرَنْگ – ھَڙ.

• **ڪَرَنْگھَرُ ج ڪَرَنْگھَرَ:** ذ. (سن. ڪنڪالُ > ڪَرَنْڪَ > ڪَرَٽَڪھَ = ڏَنڊُ بدن جو ڪوبہ ھڏو) ڪنڌ ۾ پٽيءَ جو ھڏو – ڪرنگھو. ھڏن جو پيجرو. واھ جو منھن.

• **ڪَرَنْگھو ج ڪَرَنْگھا:** ذ. ڪنڌ ۾ پُٽيءَ جو ھڏو _ ڪنڌو – ڪَرنْگھَرُ. ھڏن جو پيجرو – لاغر – ضعيف – اپرو. جاءِ جي پُٽ

(ت). جاءِ جو وچون حصو (ت). سَنڈو – لاٽ.

• **ڪُرنگهو ج ڪُرنگهَا:** ذ. ڏنگو – ڪبڑو – ڪُڪو – نِميل – وَريل – اونڌو.

- **ڪَرُلو:** ذ. (سن. ڪَلْيا = شراب) خوشبودار ٻوٽو – ان ٻوٽي جو ميوو ۽ گل (گلنمان ڪرني شراب، عرق ۽ عطر ٺهي). عرق ڪشيءَ لاءِ هڪ ڏاڻ – ڪرنڊل.

• **ڪِرنو:** ذ. ڪاري ۽ ملي جي گاهه جو هڪ قسم. (خصوصاً مينهون کائين).

• **ڪُرنهَ ج ڪُرنهُون (ڪ):** ٿ. ساز جو هڪ قسم – نَفيل – ڪرنائي.

• **ڪَرَنْهِ ج ڪَرَنْهِيُون:** ٿ. (سن. ڪلَهَ = جهيڙو). ڪَرهه – ويڑهه – لڑائي – تڪرار – جهڪڑو – جنگ – جهيڙو.

• **ڪِرنهِن ج ڪِرنهُون:** ٿ. خارش – ڪَهه – نفرت – ڏڪار – ڪراهت. خارُ – ڇِڙ – ڪاوڙ – بخيلي.

- **ڪِرنهِن ٽيڻ:** خارش ٽيڻ – ڪَهَ ٽيڻ. بچان اچڻ – نفرت ٽيڻ – ڏڪار ٽيڻ – سوگ اچڻ.

- **ڪِرنهِن ڪٽڻ:** خارش ڪٽڻ – ڪهه ٽيڻ. اصطلاحي معنيٰ ۾ "مار جيَ ضرورت ٽيڻ".

- **ڪِرَنْهِنْ لاهڻ:** مار ڏيڻ – سزا ڏيڻ.

- **ڪِرَنْڻُ ج ڪِرنڻُون:** ٿ. ڪَهه – ڪئي – خارش – بچان – نفرت – ڏڪار. بخيلي.

• **ڪِرنئِي ج ڪِرنئِيُون (ڪ):** ٿ. واريائسي زمين جو جيت (منو انج ڏِڪهو).

• **ڪَرنِي:** ذ. رازڪو لوهه جو هڪ اوزار (اوسَاري جي وقت گاري گهڪڙ لاءِ). ڇُونارو. سنڌ جي ديسي شراب جو هڪ قسم (ڳڙ جي عرق ۽ ڪرني جي گلن مان ٺهيل).

• **ڪُرنِي ج ڪُرنُون:** ٿ. (سن. ڪُرنَتِي = ڳنڍ). ڳنڍ ڳوڙهو. منجهيل وار. "مينڊا ڏوءِ نه مارئي، ٽيس ڪُرنو وارَ".

• **ڪُرنيلُ ج ڪُرنيل:** ذ. (انگ) پلٽڻ جو وَڏو عملدار – سپهه سالار – جرنيل.

• **ڪَرڻُ:** مصدر. (پَرا. ڪَر. سن. ڪَروَ = ڪرڻ). پورو ڪرڻ – (ڪ) لاهڻ – پڄائڻ – نپائڻ – ڇيڙو آڻڻ. بجا آڻڻ. عَمل ڪرڻ. (ڏنڏو) هلائڻ – لڳائڻ. (پئسو) خرچڻ – (شيءِ) ڪم آڻڻ – استعمال ڪرڻ – واپرائڻ – ڪتب لاڻڻ – بلي لاڻڻ – ورتائڻ. (ڪپڙو) چوڙڻ – هنڍائڻ – پهرڻ – ڪوهڻ. (عقل) جاءِ ڪرڻ – (هوش) آڻڻ – ويچارڻ. (فرض) بجا آڻڻ. (ڪورٽ) ڪوٺائڻ – سڏائڻ – هلائڻ. بندوبست ڪرڻ – انتظام رکڻ – جوڙجڪ ڪرڻ. قائم رکڻ – دائم رکڻ. سنوارڻ – ٺاهڻ – بنائڻ – سُڌارڻ – سُڌارو آڻڻ – اصلاح آڻڻ. دانهن ڪرڻ – ڪوڪ ڪرڻ.

• **ڪَرڻُ ڪَرڻُ وارو نه هُجَڻُ:** ڪم ڪار وارو ماڻهو نه هجڻ – گهر جو وڏو نه هجڻ – ڪوبه انتظام وارو نه هجڻ.

• **ڪَرڻُ هارُ:** ڪرڻ وارو – ڪندڙ.

• **ڪِرٽِي ج ڪِرٽِيُون:** ٿ. ڪم – فعل – ڪِرت – ڪار – هاج – ڏَنڏو – مشغُولي – پيشو – روزگار. چال چلت – هلت – اُتي ويٺي – اِرادو – خيال. ان جي نيت "جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي".

– **ڪِرِنْدڙ ج ڪِرِنْدڙَ:** ذ. ڪندڙ – ڪرائيندڙ.

– **ڪِرِنْدو ج ڪِرِنْدا:** ذ. ڪندو – عمل ۾ آڻيندو.

– **ڪَرِين:** ضميرَ حاضر. تون ڪرين – ڪَرين.

• **ڪِرَڻُ:** مصدر. مڃان کان هيٺ اچي پوڻ – ڏکو ڪائڻ – ڏهڻ – هيٺ پوڻ. ڇڄڻ – جدا ٽيڻ (ميوي جو). (حَمل) ضايع ٽيڻ. مصيبت ۾ اچڻ. ناتوان ٽيڻ – مَنجو وڻڻ. قريب المرگ ٽيڻ. شڪست گهنڊجڻ – ڪري پوڻ – مائو ٽيڻ. (پاڻي) ڇَڇَڻُ (ماڻهو) ڪنگال ٽيڻ – مفلس ٽيڻ – پئسي ۽ سُجو ٽيڻ. (لُڙڪن جو) ٽمڻ.

• **ڪِرڻ ج ڪِرڻِ:** ذ. (سن. ڪِرڻَهَ) روشنائيءَ جي لِيڪَ – سج جو تَرورو – شُعَاع – ڪِرڻو – سوجهرو.

• **ڪُرڻُ:** مَصدر. (سن. ڪُنْد = ساڑڻ) (اندر ۾) پوسرڻ – پَسرَڻُ – جَلڻ ـ سَڙڻ. ڇِپ ڇِپ ڪرڻ – پوسرات ڪرڻ. خارش ڪرڻ (ت). ڏک رسڻ – اِيذاءُ يا درد محسوس ڪرڻ (ت). جانورن جو رڌجڻ مهل پاڻي وڃڻ جي حالت ۾ ٻاڦ جو بڙ بڙ ڪرڻ (ڪ).

• **ڪُرْٽا ج ڪُرْٽا:** ذ. ٻاجهه – ڪَهَلَ – قياس – دَيا – رحم – مرحمت.

• **ڪُرْڻَڪُلُ ج ڪُرْڻَڪُلَ:** ذ. عرق ڪَشي لاءِ هڪ قسم جو ڏاڻ – عرق چڪائڻ جو برتن – ڪَرنو – ڪَرنڪُلُ.

• **ڪِرٽُ ج ڪِرٽا:** ذ. (سن. ڪِرڻَهَ = ڪِرٽو. سن ڪِرَن = ڪِرٽو) سج جو تَرورو – ڪرٽو – روشنائيءَ جو ننڍو جُزو – روشنيءَ جي ڏار – لات. راس – اولڙو – دَڙو – شُعاع. مُقيس جي تار – زريدار قطعون. ڪاري جي گاهه جو هڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪُرٽُوْ (ت):** ذ. خارش – کنهار. جسم تي خارش پيدا ڪندڙ هڪ قسم جي بيماري – سُرٽو.

• **ڪَرُوْ ج ڪَرَا:** ذ. (سن. ڪَرَڪَوَ = ڪَرو) ٻڪر جي ٽانوَ جو هڪ قسم – ٽَونڊِيءَ وارو لوٽو – ڪَوَنرو – بَدلو – ڪوزو. ٽر ۾ (ماٹھو) چوپائي مال جي سجاٹپ جو هڪ نشان (اسم خاص). تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **ڪَرُوْڪانُ ٽِيڻُ (ڪ):** وچ ۾ ڏنو ٽيڻ.

• **ڪَرُوْ ج ڪَرَا:** ذ. زهريلي جيت جو هڪ قسم – ڏينيو – چيلاٹو (ڪ).

• **ڪَرو:** ذ. صفت. (سن. ڪُور = وڏڻ کان روڪڻ) قد جو ننڍو – ٻندر – ڄامڙو – مَنْڊِرو – گَٺ مُنڍيو. (اسم خاص). ھالار جبل جي هڪ شاخ جو نالو.

• **ڪَرو ج ڪَرا:** ذ. بَها – اڳهه – مُلهه – نُرخ – پيٽ – قيمت. اڳهه مانُ. "شيءِ جو ڏاڍو ڪَرو آهي". نالو. پاڙو (ت) پاٹيءَ جي اوهاري جو دَرُ (ٹ).

• **ڪَرُوْ ج ڪَرا:** ذ. (پرا.بوڪڙو) ننڍن ڪنن وارو – بنا ڪنن جي – ڪنن وِڍيَلُ (چوپايو يا ماٹھو). (ضمير استفهام) ڇا – ڪُجاڙو (ڪ – ٹ).

• **ڪُرُوْ ج ڪُرُوْ (ت):** ذ. گھوڙي جو ننڍو ڪير پيدا ڪَرُ – ٻِهاڻُ – وڇيرو. گرم پٽر تي پڪل ماني – روٽ (ڪ). (صفت). بَد – ڪميٽو (ت).

• **ڪَرُوانُ:** ذ. حلال پکي جنهن جو شڪار ٿئي.

• **ڪَرْ وَانَڪَ ج ڪَرْوَانْڪُونْ:** ٹ. پٽر جو هڪ قسم. ڪَروانڪ پکي.

• **ڪَرْوَاڻُ ج ڪَرْوَاڻَ:** ذ. ڪَروانُ.

• **ڪَرَوَت (ج ڪَروتُونْ (ت):** ٹ. سختي – ڏاڍائي – جبر – زور – زبردستي – زوراوري.

• **ڪَرَوَتُ ج ڪَرَوَتَ (ت):** ذ. بندن کي چيريندڙ وڏي ڪارائي – ڪرٽ – ڪروٽ.

• **ڪَروٽُ ج ڪَروٽَ:** ذ. (سن. ڪَلاتُ = وڏِيْ ڪارائِيْ). ڪَروَتُ. اُٺ جي پٺيءَ جو هڏو – اُٺ جو ڪُنڍگھو (ت). (سن. ڪَتِ = پاسو). پاسي اٹلاٹڻ جي حالت – پاسي بدل.

• **ڪِرُوٽُ ج ڪِرُوٽَ:** ذ. اسم خاص. مَلائي ڪِيي ورتل ڪِيْرُ. جبل مان نڪرندڙ مهمائي – مُومائي – مهميرو.

• **ڪِرُوپُ ج ڪِرُوپَ:** ذ. (سن. ڪُپْ = ڪاوڙجڻ) ڪِروڌُ – ڪاوڙ – غصو – ڏمر – رَنج – ناراضگي – چِڙ – خار.

• **ڪِرُو پِڇَڻُ:** مصدر. ڪِروڌجڻ – ڪاوڙجڻ – ڏمرجڻ – غصي ٿيڻ.

• **ڪِرُوپِيْ ج ڪِرُوپِيْ:** ذ. صفت. ڪروڌي – جوشيلو – جوشر پريو – ڪَروجو: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **ڪِرُوڌُ ج ڪِرُوڌَ:** ذ. (سن. ڪُروڌَ = ڪاوڙ). ڪاوڙ – غصو – ناراضپو – رنج. گھپي – ڪِلڪِل – ڪتڪت – ڪُرڪُر – ريڑھ پيڑھ. ضد – بحث – خواھ مخواھ جو رودَنُ – رُسامو. ڪلفت – ناسازي.

– **ڪِرُوڌَڻُ:** مصدر. ڪاوڙ ۾ اچڻ – ڪِروپجڻ – ڏمرجڻ – غصي ٿيڻ – چڙڻ – جوش ۾ اچڻ. گھپي ڪرڻ – ڪيٽو ڪرڻ – ڪِلڪِل ڪرڻ – اجائي ريڑھ پيڑھ ڪرڻ – مانڈاٹو مچائڻ.

– **ڪِرُوڌُ ڪَدِيْ وهَڻُ:** ضد ڪري وهڻ – ڊرٽو ماري وهڻ. گھپي ڪرڻ – ڪيٽو ڪَرڻ.

– **ڪِرُوڌُ ڪَرَڻُ:** ضد ڪرڻ – گھپي ڪرڻ. رسڻ. روڄ راڙو ڪرڻ.

– **ڪِرُوڌِيْ ج ڪِرُوڌِيْ:** ذ. ڪاوڙ ڪندڙ – غصي وارو – چيڙاڪ – زور رنج – گھپي خور – ڪيٽائي – ڪِلڪِليو – ضدي.

• **ڪُرُوْ (ت):** ٹ. ول جو هڪ قسم.

• **ڪُرُوْ ج ڪُرُوْ:** ذ. صفت. (سن. ڪوٽِ) ڳاٹيٽي جو هڪ عدد – هڪ سؤ لک (١٠٠٠٠٠٠).

– **ڪُرُوْپَتِيْ:** ذ. صفت. ڪروڙ روپين جو مالڪ – شاهوڪار – وڏو مالدارُ – مايا ونڊُ – ڏنوانُ.

• **ڪَرُوڙُ (ت):** مصدر. (ان جو) ڏارو ڏرڻ – ڏَڏَرُ ڪرڻ. (ڪَروڙِيو – ڪَروڙِيندو – ڪَروڙِيَلُ).

• **ڪَرُوْلُ ج ڪَرُوْلْ:** ذ. صفت. هوشيار – چالاڪ – ماهِرُ – پِڌُ – گوهَرُ – اُستاد – حرفتي – انڪلي.

• **ڪَرُوْلِيْ ج ڪَرُوْلِيُونْ (ت):** ٹ. زناني. زيوَر جو هڪ قسم – مَنگلي.

• **ڪُرُوْمُرُ:** ذ. (انگ). معدني شين مان رگڙيل چمڙو – تمام نرم، پرجناءدار چمڙو.

• **ڪُرُوْ مُرُوْ (ت):** ذ. صفت. ردي – بيڪار – نِڪمو – نِڪارُ – مردار – ڏُونڊِ.

– **ڪُرُوْمُرُوْ ڪَرَڻُ:** خراب ڪرڻ – وڃائڻ – لُٹڻ (ڪاڏو وغيره) اجايو وڃائڻ – ردي ڪرڻ – بيڪار ڪرڻ. ضايع ڪرڻ – برباد ڪرڻ.

– **كُرُوُ مُرُوْ كَري وِڃَڻُ:** دربدر كرڻ – رُلائڻ – حال كان وجائڻ.
– **كُرُوْنُ (ت):** ذ. صفت. كم ذات – بُڇڙو – خراب.
– **كُرُوْنُ مُرُوْنُ:** ذ. اجايو – نادرست – خراب – كُرُومُرُوْ.
– **كُرُوْنُ مُرُوْنُ ٽِيَڻُ:** بيكار ٽيڻ – نكمو ٽيڻ – نِكارُ ٽيڻ. نہ هيڏانهن نہ هوڏانهن ٽيڻ.
– **كُرُوْنُ مُرُوْنُ كرڻُ:** خراب كرڻ – ڇڏ كرڻ – ناس كرڻ.
• **كُرُوْنجهي ج كُرُوْنجهيُوْنُ:** ث. صفت. چوٽي قد واري بندري (ككڙ)، رنگ گرو آنا گهٽا لاهي). "ڪُڪڙ تہ ڪَرونجهي پلي" (چوٽي).
• **كُرُوْنْدُ ج كُرُوْنْدَ:** ذ. صت. قُرب وارو – قريائتو – رلٽو ملٽو – ميل جول وارو – مبتي – ناهوكو – يار ويسُ.
• **كُرُوْنْبَجَنُ:** مصدر. (سن. كُروِدَ = چاتي) چِهو ٽيڻ – گكو ٽيڻ – كُهو ٽيڻ. نِوڙڻ – نِمڻ – ڏونڊڙو ٽيڻ. ڏَڏ جي كري ويڑهجڻ – كومائجڻ – كومائجڻ – گهومائجڻ – سوس كائڻ – سُسڻ – سوڙهو ٽيڻ.
– **كُرُوْنْدڙُوْ ج كُرُوْنْدڙَا:** ذ. صفت. كُهو – ڏُونڊڙو – نِوڙيَلُ – نِميَلُ – گَكو – چهو. سُسيَلُ – سوس كاڏل – كومايَلُ – گهومائيَلُ. تنگ دلُ – سوڙهو. (ث. كُرُوْنْدڙي ج كُرُوْنْدڙِيُوْنُ).
• **كُرُوْنْدِي:** اسر خاص. تعلقي فيض گنج (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهہ ۽ ڳوٺ جو نالو.
• **كُرُوْوُ ج كُرُوا (ت):** ذ. سُكل – ٺوٺ. (ث. كُرُوِيْ ج كُرُوِيُوْنُ).
• **كُرُوٽُوْ ج كُرُوْٽا (ت):** ذ. صفت. كارو – لوٽائيو – ٻاڙو. تِكو – تيزُ (ذائقي ۾).
• **كَرُوِيلُوْ ج كَرُوِيلا:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم.
• **كَرُوِيلي جِڙي پاڙَ:** ث. كرويلي ٻوٽي جي اڇاڻ ۽ پراٽي رنگ تي دوا طور كم ايندڙ هڪ پسارڪو وكر (سواد كڙو).
• **كَرَهِ ج كَرَهُوْنُ:** ث. (سن. كَلَه = جنگ) جنگ – لڙائي – ويڑهہ – كاوڙ – رنج. آفت – آپدا – مصيبت. بدبختي – كم بختي – شامت. باهہ – آهہ. "جيسين لَلو كٽي لَٽ، تيسين كَرَه اُجهامي وڃي". كرهو – اُٽ.
– **كَرَهِ اُجهامَنُ:** باهہ جو ٺرڻ. جهيڙو بند ٽيڻ – لڙائي خلاص ٽيڻ – معاملو ختم ٽيڻ.
– **كَرَهِ اَڇِيْ بيهڻُ:** بدبختي لڳڻ – نصيب ڦٽڻ – شامت اڇڻ – كمبختي شروع ٽيڻ.
– **كَرَه لَڳڻُ:** رنجش ٽيڻ. نفاق پيدا ٽيڻ – جهيڙو پيدا ٽيڻ. "پوءِ كَرَه لڳندي كيئن، اسان پرين وچ ۾". (راڄن شاهہ).
– **كَرَهِن ج كَرَهِنُوْنُ:** ث. جهيڙو – جنگ – فساد – كَلَهہ – رڳڙو – تَنتو – ويڑهہ.
• **كَرَهُ:** مصدر. كاوڙجڻ – رنج ٽيڻ. "پروڙئو پَراڙَ، تہ كَرهيندي قرب ٽئي". (شاهہ كريم).
• **كَرِهہ ج كَرِهَ (ل):** ث. نفرت – بچان – كراهت – سوگ – ڏكار.
• **كَرِهُ:** ذ. گاهہ جيكو سر واري زمين ۾ ٽئي (كَل، كَرِهُ ۽ ڏِيرُ ٽيئي گهوڙي جا گاهہ).
• **كَرِهَ ج كَرِهہ (ل):** ذ. هيرڻ جهڙو ۽ جيڏو (بج سكل، پهٽ مثلُ سخت، پَراڻي وهم موجب هن جو بج جنهن گهر ۾ اُڇلبو تہ اتي سدائين جهيڙو جاري رهندو). اها نهري شكل، جا اڌ گول كي سندس قطرتي چوڌاري ڦيرائبو تہ ٺهي (پٺماشي كتاب ص. ۱۱).
– **كَرِهَ كَكَرِيْ اُڇلڻ:** جهيڙو وجهڻ – نفاق پيدا كرڻ – كلفت پيدا كرڻ.
– **كَرهائِيْ:** ث. جهيڙو – وڙهاند – ناڪاهہ – جنگ – لڙائي – معاملو – خرخسو. دشمني – ويرُ – ضد – نفاق.
• **كَرَهَ تَنْبٽِيْ ج كَرَهَ تَنْبٽِيُوْنُ:** ث. جيت جو هڪ قسم. (رنگ كارو ۽ ڳاڙهو، تنبڻ جيڏو، زهردار، دوائن ۾ كم ايندڙ). ڳاڙهي تنبٽي. هڪ چمكندڙ جيت جو نالو – ڪُڙ ڪُهيتو – تانبو.
• **كَرهَر (ت):** ث. گوڙ – هل – شور – بغاوت – ڏمجر – ٻائيتال – حَشر – مانڌاڻو – غوغاءِ.
• **كَرهُ كَكَرِيْ (ل):** ث. هڪ قسم جي ٻوٽيءَ جو بُج.
• **كَرَهَلُ ج كَرَهَلَ:** كَرهو – اُٽ – ڏاڳهو – كره ـ تودُو – ميو. هڪ عام وكرجو نالو.
• **كَرَنهہ:** ث. خارش – كَهہ – كَئي – كرسرو – كيهار – كَجلي.
• **كَرهُ:** مصدر. غصي ۾ اچڻ معاملو مجائڻ – نفاق وجهڻ.
• **كَرهو ج كَرَها:** ذ. (سن. كَرَبَ = كرهو. پرا. كرهو). اُٽ – ڏاڳهو – تودُو – كَرَهُ – مَيو – كنوات. پاڃاريءَ ۾ ڊِڳي جي كُلهي اچڻ واري جاءِ. (متئين پاسي) – كَنڊاڻُ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كانڊو بازار جي هڪ وڪر جو نالو (عام).

• **كَرْهَوڙَ ج كَرْهَوڙَ (ل):** ذ. اُٺ جي ننڍن ڦرن جو انبوهُ – گونرن جو وَلَرُ – ڪنوانَن جو وڳُ.

• **كُرْهو ج كُرْهَا:** ذ. (ف. كُرَّه = ٻچو). ننڍو ڦَرُ – ٻَهرو – چيلو.

• **كُرْهو كَرَنْ:** ڪُنڊ پهرو جي ڪل لاهڻ بعد پيٽ ڪري پوءِ سسي وَڌڻُ (ڪ).

• **كُرَهو ج كُرَهَا:** ذ. بدبودار ڏکيو – اٽانگو – دشوار – اوکو – اَوڙو. (ضد. سُرهو). "سڃڻ جو سگ سدا سُرهو. قربن قرب ڏس ڪُرهو. انٽي تِک تار جو تُرهو. هيئين جي هار جو اخلاص". (فاضل شاهه).

• **كَرَهِيْ ج كَرَهِيُوْنْ (ث):** ث. ڪائين جي ٽهيل اونهي پيهي (فصل لُٽي ويڪي رکڻ لاءِ). (اسر خاص) تعلقي ڪوٽڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَرَءِ ج كَرَءِ:** ذ. ڏُڪار – قحط – قحط سالي – ڏُکر – اٽاٽ – مهانگائي – قلت. (ضد. سَرَءُ).

• **كَرَءِ (ت):** ذ. سُڪي زمين ۾ بج چنڻ لاءِ ڏنل هَرُ – سُڄَ – ويراني – بربادي – اُجاڙَ – تباهي. سوڪ – بَٽ.

• **كَرَئِيْ (كچ):** ذ. گهَرُ – جاءِ ـ مڪان – كَرَئِيْ (كچ): ذ. گهَرُ – جاءِ ـ سڪان – هَنڌُ – ٺڪاڻو – آستانو – جڳهه.

• **كَرِئِينْ (ك):** ث. جهنگ ۾ رهندڙ ننڍي چڇي – كَرِڙِيْ.

• **كَرِي:** حرف جر. (سن. كَر = كَرْڻُ) (ج) سبب – لاءِ ـ واسطي – ڪاڻ. (جي) هٿان – معرفت – هَتُّون – بذريعي – دُوران. (شرم) وڃان. (جي) مشابهت ۾.

• **كَرِيْ ج كَرِيُوْنْ:** ث. پاٽي لاءِ ڍڳهي مُنيي ۽ وريل ڏن سان ٺڪر جو ٽانَ ڪَونڙي. بالٽي (ت). هڪ زيور جو نالو (ث). ڪپڙي جو هڪ قسم (ث). ٻڪريءَ جو هڪ قسم – چٽ ڪمري (ك). (سن. ڪٽھ = چِٽڻُ) چُٽل ڦٽُ جو نشان.

• **كَرِيْ ج كَرِيُوْنْ:** ث. (سن. كريا = پرهيز) بيماريءَ جي حالت ۾ نڦصان ڏيندڙ ڪاڏي ڪان پرهيز – ركڻ – سنيال – موشو – كريءَ جو ڪاڏو – هلڪي غذا – هلڪو ڪاڏو.

– **كَرِياتُوْ ج كَرِياتا:** ذ. كَرِيءَ وارو – كَرِي كندڙ – ڳَري ڪاڏي ڪان پرهيز ڪندڙ – ڪرائتو – رَڪ وارو.

– **كَرِيانْتو ج كَرِيانْتا:** ذ. كَرِي كندڙ – كَرِيائتو.

– **كَرِيائتوْ ج كَرِياتا:** ذ. كَرِياتو.

• **كَرِيْ كَرَنْ:** رک ڪرڻ پرهيز ڪرڻ – باز رهڻ. پري رهڻ.

• **كُرَيْ ج كُرَيُوْنْ:** ث. ننڍن ڪنن واري ٻڪري يا رڍَ. چانهين ۽ جوَ ٻِڄ (ث). جُتيءَ جو هڪ قسم (نَڪا ڍڳها ۽ پوئتي مُڙيل) (ڪ). ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ زيور (ڪ).

– **كُرِيْ پُوريْ:** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم (ڪٽڪ رنگي. ڪن جا وار ننڍا ۽ ٻَٽ سان ڇهتيل ۽ ڪن جا وارَ ڏاسيارا. سڳ اُڀا پورائپا ۽ وٽيل. قد ڍڳهو ۽ ڪي ڪيرجون پليون ۽ ڪي ڊليون).

• **كُرِيْ كامُوْرِيْ:** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم (ڪٽڪ رنگي. مٿان ڳاڙها ٽَنبڪا. وارَ وڏا. ٽنڊ ڍڳها. قد جي بلڪل ڍڳهي. سڳ ڍڳها. منهن تي تمام ڍڳها وار).

• **كَرْيا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **كِرِيا:** ث. (سن). ڪر – ڪاڄ – هندو ڏرمي رسم.

• **كِرِيا كَرَمُ:** ڪابه ادا ڪيل هندڪي رسم. هندن ۾ مُئي ماڻهوءَ جي پويان ڪابه ادا ڪيل رسم سنسڪار.

• **كِرِياتوْ:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وڪر – چرياتو.

• **كَرْياڙِيْ ج كَرْياڙِيُوْنْ:** ث. گهوڙي جو لَغام – سخت لغام.

• **كُرِيانِيْ ج كُرِيانِيُوْنْ (ك):** ث. صرف تاندن تي پچايل ماني – كُرو – كُرياني – روٽ.

• **كِرِياتُو ج كِرِياتا:** ذ. (سن. كُدي = خريدي) اناج ڪان سواءِ ٻي جنس – تيلي ٻج.

• **كِرِياٽِيْ ج كِرِياٽِيْ:** ذ. ريزڪي وڪري وارو دڪاندار – پرچوني – هَٽائي.

• **كِرِيائِتو:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وَڪرُ – كَرِياتو – چرياتو. هڪ ول جو نالو.

• **كِرِيْبَ ج كِرِيْبُوْنْ (ل):** ث. نفرت – قباحت – ڪراهت – حقارت – بيجان – ڏڪار.

• **كِرِيْپَ ج كِرِيْپُوْنْ:** ث. كِرِيْب – قباحت – حقارت. دل خراب ٿيڻ واري حالت.

• **كِرِيپْ ج كِرِيپ:** ذ. (انگ). ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم – ڪچي ريشم جو سنهو ڪپڙو.

• **كَرِيجْ:** ڪرڻ مان امر استقبال ڪَجُ – ڪَجانءِ.

– **كَرِيجانْ:** ڪجانءِ ـ كريج.

• **كريدَ (ل):** ذ. نہ اٽڻ جي ارادي سان وهڻ واري حالت – ڪپ ڪوڙ.

• **كَرِيْرِ ج كَرِيْرُوْنْ:** ث. نفرت – بيجان – ڪراهت – ڏڪار – حقارت.

– **ڪريراڇڻ:** نفرت پيدا ٿيڻ – بچان اڇڻ – ڏکار ٿيڻ.

• **ڪَرَيْرُ ج ڪَرِيْـرَ:** ذ. ڪريڙ.

• **ڪُرَيريُ:** اسمَ خاص. تعلقي ناري (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَرِيْرُ ج ڪَرِيْرُوَ:** ذ. هڪ وڻ جو نالو. ڪرڙ. ماٹھوءَ جو هڪ نالو. مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **ڪَرِيْرُڻُ:** مصدر. (سن. ڪُريڙَا = راند). کيلڻ – پکارڻ – آواز ڪَرڻ – سڏ ڪرڻ – هڪل ڪرڻ – سڏڻ.

– **ڪَرِيْرُوَ ج ڪَرِيْرُوْنُ:** ث. ڪَرِيْرُ = کيلڻ). راند – وندر – وبارُ – بازيَ ـ کَلُول ـ کيل – مَزو – رؤنشو – کيڏ.

• **ڪُرِيْـرَ ج ڪُرِيْرَوْنُ:** ث. (ف. ڪُريز. ڪَرِيجُ). پکيءَ جو پراٹا کنپ کوهي نوان کنپ کيڏڻ وري حالت ۾ پکيءَ جو هر سال نون کنين وارو قوتھڑو. مهميز – مار – هٹ جي ٹاهيل باز کي سياري ۾ شڪار لاءِ جهلڻ ۽ پوءِ اونهاري ۾ احتياط سان ويهاري ڇڏڻ وارو عمل ۽ عرصو (باز جو ڪريز ۾ ويهڻ ڪريز کائڻ). اونهاري ۾ بازن کي کارايل کاڌو (ت).

– **ڪُرِيْزَ ڪَيْڏُ:** باز جو اڇيان کنپ چاٹي. نوان کنپ کيڏڻ.

– **ڪُرِيْزَ کَائِـڻُ:** ڪريز کيڏڻ. تکليفون سهڻ – سختيون سهڻ.

– **ڪُرِيْزُ ۾ ويهارڻُ:** باز کي گرمي واري موسم ۾ خاص احتياط واريَ جاءِ ۾ وهارڻ.

• **ڪَرِيلو ج ڪَرِيلاَ:** ذ. (سن. ڪاويلَ = ڪريلو). پاڇيءَ جو هڪ قسم – هڪ ول جو ننڍو قر (ذائقو ڪڙو). سودا يا ليمن جي ٻاٹلي. حقي جو هڪ قسم.

• **ڪَرِيْمَ ج ڪَرِيْمَ:** ذ. صفت. (ع). ڪرم يا احسان ڪندڙ – بخشڻ هار – ٻاجهارو. معاف ڪندڙ. سخي – خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. رسول الله جن جو هڪ صفاتي نالو.

– **ڪَرِيْما:** ذ. حرف ندا. اي ڪريما! – اي سخي! – اي خدا!.

• **ڪَرِيْمَ ج ڪَرِيْمُوْنُ:** ث. (انگ). ڪچي ڪير مان مشن ذريعي نڪتل سٹيءَ – مَلائي جهڙو گيهُ. مُنهن تي هٹڻ لاءِ هڪ خوشبودار چڪنو تيل – وَسِلين.

• **ڪَرِيْم آباد:** اسم خاص. ڪشمورِ ۽ ٹل تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَرِيْم پُوْرُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور بٹوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَرِين:** ڪَرن ۾ ـ بازن ۾ ـ لڳن ۾ ـ جسر ۾ ـ عُضون ۾. "صحت جي سرير ۾، ڪَل ڪَرين پيئي" (شاھ).

– **ڪَرِين وَرُ ڪَيْڏُ:** بدن مان سستي کيڏڻ. جُٹ ڪرڻ – تعدي ڪرڻ (ڪ).

• **ڪُرِيْنْدِجَڻُ:** مصدر. ڪُروندجڻ – ڏڍ ۾ سُڪي وڃڻ – ڪومائجي وڃڻ – سُسي وڃڻ. ڪُروندڙو ٿيڻ – ننڍڙو ٿيڻ – گھوماٹجي وڃڻ. ڏونڊڙو ٿيڻ.

– **ڪُرِيْنْدِڙُ ج ڪُرِيْنْدِڑَا:** ذ. ڪُروندڙو – سُسيل – ڪوماٹل – ڏونڊڙو.

• **ڪَرِيو ڪَـرَّ:** ذ. ٽر ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ گاھ جو نالو.

• **ڪَرِيْهَرُ ج ڪَرِيْهَـرَ:** ذ. صفت. ڪوجهو – بدصورت – بدشڪل – بَدزيبو. ميروَ – لَڙو – گدلو – ميرو گچيرو – ڏوڙ پُڪليو.

• **ڪَرَّ:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَرَّ ج ڪَرُوْنُ:** ث. واھَ جو ڪنارو – پَر ـ ڪَپر – ڪَپ – ڪَنڊي – پاسو – ڪنڌو. پاٹيءَ جي جهل لاءِ ڏنل ٻَنو – اڙ – ٻَنڌَ – چيلهه (ت) فالتو پاٹيءَ لاءِ نڪتل نالي – ڇَنڊڻ (ت). ٻَهون – گھٹو – جهجهو – سرس – زياده وڌيڪ (ت). "هي ڏڳي هن مينهن کان ڪَرَّ آهي" (جملو).

– **ڪَرَّ ڪانْڌُ (ت):** ذ. ڪَڌُون ڪُوٻا – هيٺ مٹانهين – ناهمواري.

– **ڪَـرَّ ڪَرائِـڻُ:** ڪَرَّ ٻڌي پاٹي پنهنجي زمين ڏانهن وهائڻ (ل).

• **ڪَرِّ (ل):** ذ. وڌيڪ – ڪثر – جهجهائي – گھٹائي – زيادتي – سَرسي – زورائي. "ڪارواٹ بگي کان ڪرِ ۾ آهي" (جملو).

– **ڪَرِّ ڪَڍُڻُ:** گوءِ ڪٹڻ – ڪثر ڪٹڻ – زور ٹيڻ – وڌيڪ هٹڻ.

• **ڪِرِّ (ل):** ث. نوائي ۾ پري کان ٻڌڻ ۾ ايندڙ پٹاٹ يا آواز. تتر جي هلڪي ٻولي.

• **ڪِرُّ:** ذ. پکي جي چت واري جاءِ.

• **ڪُرَّ ج ڪُرُوْنُ:** ث. ٹڪ – ٹڪاوٽ. وَجهُ (ت).

• **ڪُرِّ ج ڪُرُوْنُ:** ث. ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار جي پلجڻ ۽ وڏي ٹيڻ جي جاءِ ـ ڪُڙهه. ڪڪڙ کي هڪلڻ جو آواز.

– **ڪُرِّيَڻُ:** پيٽ پرڻ – جهڙو تهڙو کاڌو کائي شڪر پلڻ.

– **ڪُرِّيِ نہ ڪرڻ:** اف ئي نہ ڪرڻ – ڪوبہ آواز نہ ڪرڻ. ٻچا ڳاڇا ئي نہ ڪرڻ.

• **ڪَرَّاڪَ ج ڪَرَّكُوْنُ:** ث. وڏي ڪاءَ وارو آواز – سختي – تڪليف – ڏک – اَهنج.

– **ڪَرَّاكُوْنْ كَائِـڻُ:** سختيون سهڻ – تکليفون برداشت ڪرڻ.

• **ڪَرَّاكُتَ (ت):** ث. سجي ڪبي – ٻنهي طرفن – سيني پاسن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪڙاڪو ج ڪڙاڪا:** ذ. (سن. ڪَڙ = پچڻ > سخت ڪرڻ). ٽڪاءَ ٽڙڪي وارو آواز (جاءِ وغيره ڪرڻ جو) – ڪڙڪو – ڪڙو – ڪڙڪاٽ – ٽڪاءَ – ٽڪا – ڏڪاءَ – ڏڙڪو – ڏهڪو – ڏَڙڏڙَ – ڪڙڪاٽ. سختي – ڏاڍائي ڪَش – ٿوڪ – دم – وزم – سوٽو – ڏڪ. "چلم مان ڪڙاڪو ڪيو ونان". (جملو).

– **ڪڙاڪا ڪائڻ:** تڪليفن ۾ اڇي وڃڻ – ڏکڙا ڏسڻ – مشڪلاتون سهڻ – سختيون ڪاٽڻ – ڏولاٽن ۾ اڇي وڃڻ – مصيبتن ۾ پٺجي وڃڻ.

– **ڪڙڪو ڪيڻ:** وَزمُ هڻڻ – دَمُ هڻڻ – سوٽو هڻڻ – ٿوڪ ڀرڻ – ڪَش ڪيڻ.

• **ڪڙال (ڪ):** ڪوٽين جو قسم (سواد ڪارو) ڪٽال.

• **ڪڙاويڙهه (ل):** ث. پناهه جي ڇت – لوڙهو – اَجهو – جهلو.

• **ڪڙاهَ ج ڪڙاهَ:** ذ. (سن. ڪَٽاهَ = ڪَٽاهِيْ). تمام وڏي لوهه جي تئي – ڪڙاهو – ڪٽاهي – ڪٽاهُ.

• **ڪڙاهو ج ڪڙاهَا:** ذ. (سن. ڪٽاهَڪَ = وڏي تئي). لوهه جي تمام وڏي تئي – ڪڙاهُ – ڪٽاهي – ڪٽاهُ – وڏي تئي يا ديگ – ڪٽاهو. (ث. ڪڙاهي ج ڪڙاهِيُوْنْ).

• **ڪڙاهِيُو (ث):** ذ. وڏي تَئي – ڪٽهي – ڪٽاهو – ڪڙاهو – ڪٽاهُ – ڪڙاهُ – ڪٽڇو.

• **ڪڙَائُ:** مصدر. (سن. ڪَدْ = ڏکڻ. سن. ڪَتْ + تاپنم = ڏک ڏيڻ). ڪڙو لڳڻ بيزار ڪرائڻ – ٽڪائڻ – برُ ڪرائڻ – دقُ ڪرڻ – خفي ڪرڻ – ڪَڪُ ڪرڻ. رنجائڻ – ناراض ڪرڻ – کهڪائڻ. دشمني لاڻ – ضد رکڻ. (سن. ڪَتْ = ڪوڙو لڳڻ) (سواد ۾). ڪڙو لڳڻ. ٻَڌائڻ – قابو ڪرائڻ – سوگهو ڪرائڻ. رسن سان ٻڌي مضبوط ڪرائڻ.

• **ڪُڙائُ:** مصدر. (سن. ڪُدِ = ايذاءُ سهڻ). ورجائڻ – ڪُڪائڻ – ڪُڙڻ – ماندو ڪرائڻ – چور ڪرڻ – بيزار ڪرڻ – چيلهائڻ – ساڙڻ – جلائڻ – ڪَوَنچائڻ.

– **ڪُڙائجي وَڃُ:** ٽڪجي پوڻ – چور ٿي پوڻ – ساڙو ٿي پوڻ – ماندو ٿيڻ – ڪڙجي وڃڻ. ويڙهجي سيڙهجي وڃڻ – گول مول ٿي وڃڻ – ڏوندڙو ٿي وڃڻ – ڪُرونڊڙو ٿيڻ.

• **ڪُڙائِيْ ج ڪُڙائِيُوْنْ (ث):** ث. ڪُڙاهي ڪوس کي ٻڌڻ لاءِ گولائيءَ تي وريل ۽ آمهون سامهون ڪائيون.

• **ڪَڙِبْ ج ڪَڙِبُوْنْ:** ث. (سن. ڪَدَنڪَرَ = ڪڏو). جوئر يا ٻاجهري جا وڏيل سڪل ڪانا.

– **ڪَڙِبِيْ ٿ:** جوئر يا ٻاجهر جا وڏيل ڪانا. ڪَڙِبْ.

• **ڪَڙِبَاتْ ج ڪَڙِبَاتْ:** ذ. گهوڙي وغيره جي سنبن جو آواز – ڪَڙِبَتْ.

– **ڪَڙِبَتْ:** ذ. ڪَڙِبَاتْ.

– **ڪَڙِبَتْ ڪَرَڻْ:** پچڻ – ڊوڙ پائڻ.

• **ڪَڙِبَجَڻْ:** مصدر. ٽڪجي پوڻ – ٽڪي پوڻ – ڪُڙڇي پوڻ – ڪُچر ٽي پوڻ – هُڏجي پوڻ – ڪَڙِبَڻْ.

– **ڪَڙِبَجِيْ پَوَڻْ:** ٽڪجي پوڻ – ڪڙِبجڻ. سختي اڇڻ – تڪليف پهچڻ.

• **ڪَڙِبِيْ ج ڪَڙِبِيُوْنْ (ت):** ث. مينهن جو هڪ قسم (پُڇ اڇو پر ٻڪ ۾ ٻه اڇو ٻڪو).

• **ڪِڙِتْ ج ڪِڙِتْ (ت):** ذ. بلڪل ڏٻرو – اپرو – ضعيف – لاغَرُ – هيٺو – نِهَلُ – دَرَبَلُ – ڪمزور – ناتوان – بي پهچ. خراب گوشت.

• **ڪُڙْتُوْ ج ڪُڙْتُوْنا:** ذ. (ف. ڪرته) بدن سان چهٽل لُندو چولو – پهراڻ. نندو ڪوٽ.

• **ڪُڙِتِيْ ج ڪُڙِتِيُوْنْ:** ث. چولو – انگرکو – ڪُڙتو – جهبو – ڪرتي – پهراڻ. (جئڪيٽ وانگر). چولو (ث).

• **ڪِڙِجَ (ت):** ذ. سنهو پاڻ – پاڻ جو ڇورو. ڪڙِجِ.

• **ڪَڙِجَڻُ:** مصدر. ٻَڌجڻ – قابو ٿيڻ – قاسجڻ – اڙجڻ – سوگهو ٿيڻ – جڪڙجڻ – قيد ٿيڻ. محبت ۾ گرفتار ٿيڻ – عشق ۾ قاسجي وڃڻ.

– **ڪَڙِجِيْ پَوَڻْ:** ٻَڌجي پوڻ – گرفتار ٿيڻ – قابو ٿيڻ.

• **ڪُڙْجَڻْ:** مصدر. ٽڪجڻ – ٽَڪڻ – ٽڪاوٽ محسوس ڪرڻ – چُور ٽي پوڻ. جسم جو نستو ٿيڻ – ساڙو ٿيڻ – ماندو ٿيڻ. بيزار ٿيڻ – خفي ٿيڻ – ورڇجڻ.

– **ڪُڙْجِيْ پَوَڻْ:** هڪ جاءِ تيَ ويهي ويهي ٽَڪي پوڻ – جسم جو نستو ٿي پوڻ.

– **ڪُڙْجِيْ وَڃَڻْ:** ويهي ويهي ٽڪجي پوڻ. ويڙهجي سيڙهجي وڃڻ – گول مول ٿي وڃڻ – ڪَرونڊڙو ٿيڻ – ڏوندڙو ٿيڻ.

• **ڪِڙِجُ ج ڪِڙِجْ:** ذ. ڪَڪ ڪانو – ڪَن ڪِچرو – هوهر سوهر – ڪَڪ ڪهجر – اولڙ. (صفت). هيڏانهن هوڏانهن پکڙيل (ڪابه شيءِ) – چڙوچڙيل – ڪِنڊريل – ڙيل پکڙيل.

• **ڪِرِجُ ج ڪِرِڄَ:** ذ. رڌڻ يا پُڄڻ لاءِ لوهه جي ڏوئي – ڏوئلو – ڪفگير.

• **ڪَرِڄ ج ڪَرِڄُون (ت):** ث. ڪُنڊَ. خبر – سُڌ – پَتو ـ سماءُ – حالُ – احوال – سماچارُ – اطلاع – ڄاڻ (اسم خاص). ڏاڙهياري جبل ۾ هڪ ڏوريءَ جو نالو.

• **ڪَرِڄي ج ڪَرِڄيُون:** ث. شيءِ تَرڻ جو ڦُرهي پانُ – ترٽي – ڪٽاهي.

• **ڪَرْڏُ:** ظرف. علحده ـ جدا – الڳ – ڏارُ – ڇڙوڇڙ. رولُ – رولاڪُ (ڪ).

– **ڪَرْڏُ ٽِيڻُ (ڪ):** الڳ ٽيڻ – ڏار ٽيڻ – علحده ٽيڻ – جدا ٽيڻ. پلجي وڃڻ – راهان رَدُ ٽيڻ – ڦَٽي وڃڻ – لاهه ٽيڻ – گَنر ٽيڻ. "ٻڪري مال مان ڪَرْد ٿي ويئي".

• **ڪَرْڏُ ڪَرڻُ:** بلائتو ٻڌڻ – سوگهو ٻڌڻ – قابو ڪرڻ – مضبوط ٻڌڻ – جڪڑڻ (ل).

• **ڪَرْڏ ج ڪَرْڏُون:** ث. ڏوڙ – ڏُڪ – پاڄ – پَڄ – تاپي.

– **ڪَرْڏُ ڪَرڻ:** تِکو ڏوڙڻ – پاڄ وڃڻ – پڄڻ – تاپي ڪٽڻ – ڏيهه ڪرڻ – ڏيهاڙو ٻوڙڻ.

• **ڪَرْدِي ج ڪَرْدِيُون (ت):** ث. ڪاهَ – حَملو – جُلهَ – اُمارو – رُومَڙ.

– **ڪَرْدِي ڪَرڻ:** ڪاهَ ڪرڻ – حملو ڪرڻ – جُلهه ڪرڻ – اُمارو ڪرڻ – رومڙ ڪرڻ.

• **ڪَرِسارُ ج ڪَرِسارا (ت):** ذ. اَنُ رکڻ لاءِ ٽهيل مِٽيءَ جي جاءِ ـ گَندي – گَندلو.

• **ڪَرِسُ ج ڪَرِسا (ت):** ذ. مِٽيءَ جو پڪل مَٽ – ماٽورو – مَٽڪو.

• **ڪَرِسِيُ ج ڪَرِسِيا (ت):** ذ. لوٽو – گَڏَوُن.

• **ڪَرُڪُ ج ڪَرُڪ:** ذ. صفت. سخت – ڏاڍو – پڪو – پختو. ٿوٽُ – سُڪل. ڪُهرو – تِکو – تُند مزاج – تيزطبع.

– **ڪَرُڪُ موالي:** ذ. وڏو موالي – گهڻڊ موالي – گڙنگ موالي.

• **ڪَرِڪ ج ڪَرِڪُون:** ث. (سن. ڪَلِ = تيرُ). گَنرُ – تيرُ – ٻاڻ. ٻڪرين ۽ رڍن کي ڳڇيءَ ۾ ٻڌڻ جي جڙي – ڪِرڪ – ڏور کي اڌارڻ جو آواز. (ث) ٿورڙي خبر.

– **ڪَرِڪ پوڻ:** ٿورڙي خبر پئجي وڃڻ.

• **ڪَرَڪَ ڪَرُڪُون:** ث. ڪنن جي پاڙين ۾ پائڻ لاءِ زيور جو هڪ قسم.

• **ڪَرْڪَاٽ ج ڪَرْڪَاٽ:** ذ. ڪڙڪي وارو آواز – وڻ جي ڪرڻ. وڏي ڪاٽ جي پڄڻ جو ڪڙڪو ـ ٽڪاءُ – ٽڙڪو – ڪڙڪو. طوفان جي گوڙ – گجڪار. ڪونج جو آواز (ت).

– **ڪَرْڪَاءُ ج ڪَرْڪَاءُ:** ذ. ڪڙڪو – شور آواز – گوڙ – ڪڙڪاٽ.

– **ڪَرْڪَرُ:** ذ. (تير، گاڏي، پاٽي وغيره جو). ڪڙڪي وارو آواز – ڪرڙاٽ وارو پڙلاءُ.

• **ڪُرُ ڪُرُ:** ذ. ڪڙڪڻ جو آواز.

• **ڪُرِڪ ڪُڪِرُ:** ث. آري تي ويڙل ڪڙ – آنن تي ويڙل ڪڙ.

• **ڪَرْڪڻُ:** مصدر. (سن. ڪَرْ = ٽڪر ٽڪر ڪرڻ. سن. ڪَرَّكَ = آواز ڪرڻ). ڪڙڪو ڪرڻ ڪڙڪاٽ ڪرڻ – ٽڪاءُ ڪرڻ – ٽڙڪاٽ ڪرڻ – گوڙ جو گرجڻ. مٽان اچي پوڻ – وارد ٽيڻ – اچي سهڙڻ. سختيءِ سان دشمن تي حملو ڪرڻ – جُلهَ ڪرڻ – ڪاهَ ڪرڻ – رومڙ ڪرڻ.

– **ڪَرْڪائِيُ:** مصدر. وڻ کي ڪيرائڻ ـ زور سان ڏڪ هڻڻ – مٽان اچي وڃڻ.

– **ڪَرْڪَندي پَوڻ:** مصيبت نازل ٽيڻ – چپ ڪرڻ – آپدا پَوڻ.

• **ڪِرْڪڻُ:** مصدر. روانو ٽيڻ. (اٺ وغيره جو). آواز ڪرڻ – دانهن ڪرڻ – ڪُٽڪَڻ – رنگڻ – رينگو ڪرڻ. رينگاٽ ڪرڻ. چنگهڻ.

• **ڪَرْڪو ج ڪَرْڪا:** ذ. وڏي ڪڙڪي وارا آواز – ڪڙڪاٽ – ڪڙڪاءُ – ٽڪاءُ. وڻ وغيره جي ڪرڻ جو آواز – ڏڙڪاٽ. گوڙ جي گجڪار. زور ساڻ ڳالهائڻ جو آواز – دهل وغيره وڄڻ جو آواز – واڄت.

– **ڪَرْڪيلو ج ڪَرْڪيلا:** صفت. گوڙ ڪندڙ – گوڙ وارو – ڪڙڪائي.

• **ڪَرْڳَڻُ (ل):** مصدر. پرڻ سَٽڻ (ڪَرِڳيو – ڪَرِڳيندو – ڪَرِڳيَلُ).

• **ڪَرْڳَهَ ج ڪَرْڳَهَ (ل):** ذ. صفت. انبوهه – ميڙ – هَشام. بي انداز. گهڻو مينهن. حملو – جُلهه – ڪاهَ. آڪيڙو (ت).

• **ڪَرَلُ ج ڪَرَلَ:** ذ. مڇي مارينڊ باز جو هڪ قسم – دريائي پکي (ل). (صفت). قداور – ڊگهو ماڻهو (ت).

– **ڪَرَلَ هَڻڻُ:** ڊگها قدم رکڻ – وڏيون وکون کڻڻ – وڏيون ٻرانگون پرڻ – لاٻڙيا هڻڻ. (ت).

• **ڪَرَلا ج ڪَرَلا:** ذ. پڙلاءُ – تنوار. رڙ – چيٽ – ڪوڪ.

غوغا. هُل.

• **ڪَڙُمُ ج ڪَڙُمَ (ل):** ذ. قٹ – زخم – ڳَڙهُ.

• **ڪِڙُمُ ج ڪِڙُمَ:** ذ. طريقو – سليقو – نمونو – اِطوار – طرز – ڍنگ – طور.

• **ڪَڙُمَ ج ڪَڙُمون:** ث. مينهن.

• **ڪُڙُمُ ج ڪُڙُمُ:** ذ. (سن. ڪتنب = قبيلو) قبيلو – گهراٽو – ڪُنبو – خاندان. گهرٻار – ڪتنب – آڪهه – عَيالُ – ذات وارا – نيات – قوم – شريڪ.

• **ڪَڙُمَلُ:** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَڙُمُ ج ڪَڙُما (ت):** ذ. صفت. بلڪل نحس – نياڳو – چندبو – ڪمبخت – ندورو.

• **ڪُڙُمي ج ڪُڙُمِيُ:** ذ. (سن. ڪُتنب) ڪيتيءَ جو ڪم ڪندڙ – ڪُڙمت ڪندڙ – هارپو ڪندڙ – هاري – راهَڪُ – ٻَنِيَرُ – وَڏِيَرُ – ڪاشتڪار – آبادگار.

– **ڪُڙُمُڪُ ج ڪُڙُمُڪا:** ذ. ڪڙميءَ جو – هاريءَ جو. ڪُڙم جو – قبيلي وارو.

– **ڪُڙُمِيائِي ج ڪُڙُمِيائِيُون:** ث. هارپو – ڪڙمٽو – ڪيتي – ڪاشتڪاري.

– **ڪُڙُمِيٽو ج ڪُڙُمِيٽا:** ذ. ڪڙمبائي – ڪيتي ـ ڪتنب هجڻ واري حالت – ڀڙيوالي – اولادي.

– **ڪُڙُمِياٽُو ج ڪُڙُمِياٽا:** ذ. ڪڙميءَ جو. هاري جو(حصو).

• **ڪُڙُنڊَڙُ ج ڪُڙُنڊَڙا:** ذ. صفت. ڪُبو – ڏونڊڙو.

• **ڪَڙَنگُ ج ڪَڙَنگ:** ذ. صفت. ڳريل – ڏهرو – ايرو – لاغَرُ – نستو. هيٺو – ضعيف.

• **ڪَڙڻُ:** مصدر. زنجير وغيره سان ٻڌڻ – سوگهو ڪرڻ – جڪڙڻ. انڪائڻ – ڦاسائڻ. ڳنڍڻ – جوڙڻ – گڏڻ. قطارڻ. پير ڪٽڻ – پيرن جا نشان ليڪڻ.

– **ڪڙي چَڙَڻُ:** قابو ڪري چڙڻ – مضبوطيءَ سان ٻڌڻ – سوگهو ڪري چڙڻ – جڪڙي چڙڻ. هوشياريءَ سان ٻڌڻ. محبت ۾ جڪڙڻ – عشق جي دام ۾ گرفتار ڪرڻ.

• **ڪِڙڻُ:** مصدر. ڪنهن واپاري يا سودي وغيره جو ڏنگ يا خبر چار سڪڻ – آزمودو پرائڻ – واقف ٿيڻ. ساٽو ٽيڻ. ڏنگ اچڻ. محنت ڪرڻ ـ جفا ڪشي ڪرڻ – هلاڪي ڪرڻ – پورهيو ڪرڻ . ڪنبر جي وڃڻ – چڙوچڙ ٿي وڃڻ – پڪڙجي وڃڻ – چنگهڪار ڪرڻ – رنگڻ. تترا(پکي) جو هولي ڪرڻ.

• **ڪُڙڻُ:** مصدر. (سن. ڪُدِ= ايذاءُ سهڻ) ٽڪجڻ – ڇُور ٽيڻ – ڪڙڇڻ – هُڄ ٽيڻ – ماندو ٽيڻ – ساٽو ٽيڻ – ڪهجڻ.

• **ڪُڙُوُ ج ڪُڙَا:** ذ. صفت. (سن. ڪَتَ = ڪوڙو). سواد ۾ ڪوڙو – تلخ – مرجن وارو – چيڙاڪ – چڙٻو – تيز طبع – گرم مزاج – چٽگي. (اسم) تکو آواز – کهرو ڳالهائ. (ضد. مٺو). (پرا. ڪڙ، سن. ڪتک = ڪڙو). درجي طاقن کي سوگهي ڪرڻ لاءِ ڪنڊو – تاڙي. ٻيڙي وهڻ لاءِ ڪاڄ – ڪاز. پاڻيءَ جي برتن ڪٽڻ يا جهلڻ جو هٿيو – مُٺ ـ ڳَنُ – مُنيو – جهلو. ڪانيائي ۾ آگرين وهڻ لاءِ چمر جو گول چلو. رَڄ جو هڪ حصو – رسي کي ٻڌڻ لاءِ واڌ. ڪورين جو هڪ اوزار (اهو سوراخ جنهن مان تند لنگهي). ڳَنُ – زنجير. اُٺ جي نڑي جو اندران سڄي پوٺ واري حالت. (ل). (ث. ڪڙي ج ڪڙيُون).

– **ڪُڙُوُ چال:** ذ. اِندر جو جي وڻ جو چوڌو.

– **ڪُڙُلُ ج ڪُڙالَ (ل):** ذ. ڪاراڻ وارو – ڪساروَ – ڪارو – ڪوڙو.

– **ڪُڙالو ج ڪُڙالو:** ذ. ڪڙو – ڪوڙو. (ضد. مٺالو).

– **ڪُڙاڻ:** ث. ڪڙائي – ڪوڙاڻ – تلخي. ڪرڙائي – شوخي. سنگت ۾ ڦيٽاڙو – جدائي – نفاق – اختلاف.

– **ڪُڙا وَاتَ وهڻ:** ڪڙو ڳالهائڻ – کهرو ڳالهائڻ – تلخ ڳالهائڻ – تُرشروئي سان ڳالهائڻ – هڏيون ڏيڻ – جهٽ وهڻ.

– **ڪُڙائِي ج ڪُڙائِيُون:** ث. سواد ۾ ڪڙاڻ – تيزائي. دوستيءَ ۾ ڦيٽاڙو – جُدائي.

– **ڪُڙُو تيل:** ذ. کارو تيل – جانيي جو تيل.

– **ڪُڙو جاڙهڻ:** جوڙاري ليڪو ڪيڻ (جهاڙن يا وظيفن پڇائڻ لاءِ) پڙهيل ليڪي اندر ويهارڻ.

– **ڪُڙو ڏِيڻ:** دروازو بند ڪرڻ – ڪنديي ڏيڻ – تاڙي ڏيڻ.

– **ڪُڙو قائِم ڪرڻ:** دروازو بند ڪرڻ.

– **ڪُڙُوُ لَڳڻ:** ذ. ذائقي ۾ ڪوڙو لڳڻ. (ڳالهائڻ) نہ وٺڻ – بيڙو لڳڻ.

– **ڪُڙولو:** ذ. ڪڙو – ڪوڙو – تلخ.

– **ڪُڙو مِلو پُوڻ:** دوستي دشمني رکڻ – تِڪو مَنو ٽيڻ.

– **ڪُڙو ويڑهِ ڏِيڻ:** وهڻ کي بيماريءَ کان ڪنڊڻي ڏنب ڏيڻ.

– **ڪُڙو هٹَڻُ:** ڪڙو ڪڙڪائڻ. اطلاع ڏيڻ – خبر ڏيڻ – سڌ ڏيڻ – بند ڪرڻ – قابو ڪرڻ – سوگهو ڪرڻ. جهنگ ۾ سوئر کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڌاري ڪتن ۾ ماٹھن جو وکوڙي وڃڻ. (شڪار جو اصطلاح).

• **ڪرڙو ج ڪرڙا:** ذ. لئسي جي ڪائين يا ڪاڻن جو ٺهيل ڪارو — ڏلهو. دروازي جي چڪ — چڪ — ٽوئو — تڏو — ڪڙيءَ. پاڻي ۾ جي اوهاڙي جو در — آواڙي جو در — دانگڙو (ٽ).

• **ڪرڙ ج ڪرا (ل):** ذ. ٻهڻ تي هلڻ واري حالت — ڪڙيو.

— **ڪرا ڪڻ:** پهن تي هلڻ — ڪڙيا ڪٽڻ. تيار هجڻ — سنيهرڻ.

• **ڪرڙال:** اسم خاص. ڪاڇي جي جبل ۾ هڪ ڏيوريءَ جو نالو.

• **ڪرڙاهَ ج ڪرڙاهُون:** ث. ڪرڙ — سُرير — سُريات — پٽڪات — "ڪاجا ٽي ڪرڙاهَ. بَنڊ ڏانهن بهير جي". (خان زئي). پٽڪار پتو — سڌ — جاڻ — سماع — اطلاع — خبر (ت).

• **ڪرڙاءِ ج ڪرڙاءِ —** آواز — پرلاءِ.

• **ڪرڙٽي ج ڪرڙٽيُون (ت):** ث. وهڻن جي راند.

• **ڪرڙڪائي:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارکي وکر جو نالو.

• **ڪرڙڪاٽي:** اسم خاص. جکراٽي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **ڪرڙل ج ڪرڙلُون (ت):** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم. آچار ٽاهڻ لاءِ هڪ ڪنو ميوو.

• **ڪرڙلُ ج ڪرڙل:** ذ. پُختي شيءِ.

• **ڪرڙلو ج ڪرڙلا:** ذ. ٻانهن ۾ وجهڻ جو هڪ ڳَهُ — ڪنگڻ. ڪڙين چڙهيل لَٽ — لوڙهَ. (اسم خاص) تعلقي. ڪهوڙا ٻاريءَ ۾ ديهه جو نالو.

• **ڪرڙلي ج ڪرڙليُون (ت):** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم. (اسم خاص). تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪرڙن (ت):** ث. سڻ جون ست ڇڪيُون.

• **ڪرڙوئا:** اسم خاص. ٽر ۾ رهندڙ هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ڪرڙهِ ج ڪرڙهُون:** ث. لَنگهه — گذر — گهٽ — ٻَٽيو — ڪرَڙهَ — رستو.

• **ڪرڙهُ ج ڪرڙهُون:** ث.(سن. ڪٽ = ڪٽيا) گهوڙن جي بيهڻ جي جاءِ ـ طبيلو — ڪوٽي — ٽاڻ. هَرَ ۾ چوني ۾ هَرهن پوٽ واري جاءِ ـ سوراخ — سَلُ. چڙهي جي منهن ويڪري ڪرڻ لاءِ ان ۾ وڏل ڪاٺي. ٻڇي داني — رحم — نهائين — نرو (ل). عورت جو فرج. بُتُ. جسر — بَدن. ڪلي يا هڏيو. ڪجيءَ جي هڪ ذات — ڪڙهه واري (ت). (صفت).

— **ڪرڙهُ سوڙهي:** پيٽ جو ڪدوءَ وانگر اُپو نڪرڻ واري حالت. پيٽ سان عورت جو ڪدو وانگر نڪتل اُپو پيٽ.

• **ڪرڙهُ ج ڪرڙهُون:** ذ. وڏي وڻ جي ڇڇي پوَڙ جو وڏو ڪڙڪاٽ — ٽڙڪاٽ — ٽڙڪو.

— **ڪرڙهاٽ ڪرائيُ:** زور سان وڃائڻ — وڏا ٽڪاءِ ڪڍائڻ. "فقير ڏهل کي ڪڙهاٽ ڪرايا" (جملو).

• **ڪرڙهڻ:** مصدر. (پرا. ڪڙڍُ. سن. ڪُرَٽ = ٽهڪڻ). (پاڻيءَ جو) جوش کائڻ — ٽهڪڻ — ٽڇڪڻ. (ڪاڌي جي شيءِ) رڌجڻ — رڇهڻ. اوبارڇڻ (گرميءَ ۾) جَلڻ — پچڻ — ڪامڻ. سڙڻ. قرڙيءَ جو ڪاڙهوڪرڻ — پوسرڻ. ويچار يا فڪر ڪرڻ — ڳڻتي ڪرڻ — فڪرات ڪرڻ. ڪَچڻ — ڪِجَڻ — ارمان ڪرڻ — ڏُکي ٽيڻ — پريشان ٽيڻ — تنگ ٽيڻ. (ناموس ڪڍڻ لاءِ) سُور پڌڻ. سور ٽيڻ — ايذاءِ ٽيڻ — درد ٽيڻ — ڏُکڻ — ڏکي ٽيڻ — ڏکيو ٽيڻ. (بيماريءَ ۾) رنگڻ — ڪُٽڪڻ — پيڙڇڻ. علم پڙهي ان تي عمل ڪرڻ — دل ۾ هنڊائڻ. رودَن ڪرڻ — راڙهو ڪرڻ.

— **ڪرڙهُ ڇڇُ:** جَلڻ — ڪامڻ — پوسرڻ. ڏُکَ ۾ پرڇڻ. جدائيءَ ۾ رُئڻ — فراق ۾ ڳرڻ.

• **ڪرڙهي ڪرڙهي:** سور ڪائي — تڪليفون ڏسي — پچي پچي.

• **ڪرڙهو ج ڪرڙها:** ذ. شينهن جو ٻچو — شينهن — شير. (صفت). بهادر — دلير — همت وارو — جوانمرد — پهلوان — طاقتمند — جوڌو — سورهه — ويرَ — بانڪو (ڪ). (اسم). ڪوهي مان پاڻيءَ ڪڍڻ جي ٽانوَن ۾ ڇڙهي جي منهن ۾ ٻڌل رسي (ل).

— **ڪرڙهي ج ڪرڙهي (ڪ):** ذ. صفت. ڪونڈر — بهادر — بانڪو — پهلوان — ويرَ — جوڌو — دلير — سورهيه.

• **ڪرڙهوليُ ج ڪرڙهوليُون (ت):** ث. هٿ ۾ پائڻ جو هڪ ڳَهُ — منگلي. ڪڙولي.

• **ڪرڙهي ج ڪرڙهيُون:** ث. (ڪڙهڻ) ٽوري شوروي سان نمڪين ڇهرو پٽڙو ٻوڙ. ڏُڌَ ۾ بيسڻ گهوٽي اُن مان تيار ڪيل پٽڙو ٻوڙ. ٻوڙ سادو — ڳُندڻ.

• **ڪرڙهِي ج ڪرڙهيُون:** ث. مڇين ڦاسائڻ جي هڪ جاري (ڇهه پايا هرهڪ ۴ فوٽ. گول ٽئي). سُنهيُن مڇين ڦاسائڻ لاءِ ڪنديءِ. وَڏيرُ جهنگ جو ڍڳ. گاهه جي سٽري — پَري — سَٽي.

— **ڪرڙهيُون ڪرڻ:** وڏيل ٻوڙڻ جون ڍڳيون ڪرڻ — سَٽيون هٽڻ.

• **ڪرڙهيڙ ج ڪرڙهيڙُون:** ث. ڪوهه يا ڪوهاڏي مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ چڙهئي جي چم واري ڪائي.

• **ڪرڙي ج ڪرڙيُون:** ث.(سن. ڪَٽ = ننڍو ڪڙو). پير مٽان مرئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ پائڻ جو هڪ زيور. زنجير جو هڪ حصو يا ٽڪر. لوهه جو ڇلو (ڏاڪڻ جو) اڏو – قورو – ديرو – ڳوٽو. مقرر حد – دنگ. قيد جي چٽو مهل. ٻڌل سُڪل رت پُڻ جو سخت پڙدو – قيد تي ٻڌل ڪرندڙ – چلر – کل. (صفت). رنج – ڏک – مصيبت – تڪليف. ڪاري – ڪوڙي – ڪڙي. تُنبي جي مٿان ٻڌل ڇاري (جنهن کي مڙهه سان ٻڌي، ان ۾ وَڌيون وجهجن).

- **ڪَڙيُون پَوَڙُ:** بندشون عائد ٿيڻ – روڪجڻ – بند ۾ پوڻ – زنجيرن ۾ پوڻ – جڪڙجڻ – قابو ٿيڻ.
- **ڪَڙيُ ج ڪَڙيُون:** ث. پاڻ يا مٽي وغيره ڪٽڻ لاءِ لَئيءَ جي ڪائين يا ڪانن جو واڙيل ڪارو – ڏلهو. ڪانهن، سَرَ وغيره جو ناهيل تڏو – چڪ (ت). تڏي جو ٿهيل گهر. "هو ٽي ڪُل ڪڙيون، هو ٽي جت جلال چوي". ڪچي جاءِ يا وٽاڻن وغيره جي لاءِ ڏڪن مان دروازو – ڏاڪائون دروازو.
- **ڪُڙيُ ج ڪُڙيُون (ت):** ث. چانهين، ٽوهه وغيره جو سڪل ٻڃ. قبيلو – آکهه – ڪُٽنب (ڪ). دام – ڪوڙڪي (ٽ).

– **ڪُڙيُ ٻَڌَڻ:** جانورن کي قاسائڻ لاءِ هڪ قسم جي قاسي ناهڻ – دام وجهڻ – ڪوڙڪو يا ڪوڙڪي اڏڻ (ٽ).

- **ڪُڙيا:** اَسر خاص. ڏڳهڙي ۽ ساماري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڪُڙيا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **ڪُڙيُ گَابِڙيُ:** اسر خاص. ٽر ۾ ٽيندڙ هڪ راند جو قسم.
- **ڪُڙيالُو (ت):** ذ. جهيڙو – فساد – ويڑهه. ڏاڍيان ڳالهاءِ – گوڙ – شور – ڏمڙ – هُل.
- **ڪُڙيالُو ڪَيڻُ:** وڑهڻ – فساد ڪرڻ – جهيڙو ڪرڻ. گوڙ ڪرڻ – شور ڪرڻ – ڏاڍيان ڳالهائڻ – هل ڪرڻ.
- **ڪُڙيُ رَاند:** اسر خاص. هاراڻي ديسي راند جو هڪ قسم – ٽاپو راند – تزي يا تزلي راند (هڪ پير مٽي ڪري، هڪ جنگهه تي ٽپڪ ٽپڪ ڪري ٽاپو يا تيزي (گول گهڙيل ٺڪري) کي مقرر ڪيل ليڪن کان تڏي ٻاهر ڪيڄي).
- **ڪُڙيلو ج ڪُڙيلا:** ذ. پاڄيءَ جو هڪ قسم – ڪريلو.
- **ڪُڙيُ ج ڪُڙيا:** ذ. (سن. ڪُلِيا > ڪَرْشُو = نندو واهه). نندو واهه – ڪَسي – نالي – واهُڙ. ٻُوٽي يا وڻ جي ٽاري يا شاخ – ڏاري – لامَ يا انگهه وٽان ڦٽل گونڄ – نئون انگورَ – نئين ڏاندي ڪيڻ – جهوپڙي – جهوپڙو – ڇَن. (اسر خاص). تعقلي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **ڪُڙيا ٻَڌَڻ:** انبن جو ڪَري هور بدران پَڻ گونج ڪيڻ.

- **ڪُڙيا پَڇَڻ:** تماڪ جي ٻوٽي مٿان نڪتل سنگن کي پڇڻ.

– **ڪُڙيا ڪَڍَڻ:** جُوئَر يا ڀاجهريءَ جو سنگ لٽڻ بعد چوٽيءَ وٽان سنگ واري ڏاندي کان سواءِ ٻيون ٻه ٽي شاخون ڪڍي سنگ ڪيڻ. بصرن جي پوک مان ٻيجي (پُوکُ) ڪيڻ (ت).

- **ڪُڙيوُ ج ڪُڙيا:** ذ. وڏو ڪوٽ – ڍڳلو – گدلو – ڪڙتو. ٽلهي ڪپڙي جو وڏو چولو (جو سنڌ جا ميرپائيندا هٿا).
- **ڪُڙيوُ ج ڪُڙيا:** ذ. ٽپڪي – منڊڪ – ٽينگ ٽپو – ٻِڏ – چال.

– **ڪُڙيا ڪَٽَڻ:** ڪنهن ماڻهوءَ يا پکيءَ جو پير ڪٽڻ – ڪڙيا ڪٽڻ – پيرو ڪٽڻ – پوئتان لڳڻ – ڪڙي ڪٽڻ. ڪڙيون ڪٽي ٻيهڻ.

– **ڪُڙيوُ هَلَڻُ:** هڪ جنگهه تي ٽپو ڏيئي هلڻ – منڊڪائي هلڻ – چال ڏيئي هلڻ – ٻِڏ ڏيئي هلڻ.

- **ڪُڙيي (ڪُڙئي) رانْد:** ٽپڪين ڏيڻ واري راند – منڊڪ منڊي راند.
- **ڪُڙيوُ اُوڍا:** اسر خاص. تعلقي ميري خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڪُڙيوُ پِيرَ:** اسر خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڪُڙيوُ جامُ:** اسر خاص. تعلقي ميري خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڪُڙيوُ غُلامُ اللهُ:** اسر خاص. تعلقي ڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڪُڙيوُ صوبِدارُ:** اسر خاص. تعلقي شهدادڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڪُڙيوُ قاسمُ شاهه:** اسر خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڪُڙيوُ ڪَلْ شيرُ:** اسر خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڪُڙيوُ مُرادَ عَليُ:** اسر خاص. تعلقي قمبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڪُڙافُ ج ڪُڙافَ:** ذ. (ف. گِراف) گَراف – لاڪ _ اجائي ٻَتاڪَ – ڏاڙَ.
- **ڪُڙاڪي ج ڪُڙاڪيُون:** ث. ڪڙاڪن (قَڙاڪن) واري ڏاڍائي – ارڏائي – زبردستي. چالاڪي.
- **ڪُڙڻُ (ڪ):** مصدر. سوڙهو ٽي وڃڻ يا وهڻ – سُسَڻُ سوس ڪائڻ. سيءَ ۾ ڏڪڻ – ٽڙڪڻ – ڪنبڻ.
- **ڪُڙُ ج ڪُڙا:** ذ. دين کان ڦريل (صفت). مڪي ڇُوس – مرجوت – ڪنجوس. (ث. ڪُڙيُ ج ڪُڙيُون).
- **ڪُڙيُ ج ڪُڙيُون:** ث. وڏن ڪنن واري ٻڪري.
- **ڪُڙيُ ج ڪُڙيُون (ت):** ث. چوڪريءَ جا مٽي ڪوڙائڻ بعد ڪَنَ هيڻان چڏيل ٽورا وارَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪُزيُونْ ڏاهڙ:** متي ڪوڙائڙ بعد ڪَنَ جي هيڏان ٽورا وارَ ڏاهي بهارڙ.
– **ڪُزيُونْ چڏڙ:** متي ڪوڙائڙ بعد ڪَن هيڏان ٽورا وارَ رهائڙ.
– **ڪُزيُونْ رکڙ:** ڪُزيون چڏڙ.
– **ڪُس ج ڪُسُونْ:** ث. (ع) ڪَسر= پڇڙ، گهٽجڙ. گهاٽو – نقصان – چيهو – ٽوٽو – هرج – تاوان – چَٽي. ڪوٽ – نقصان – چيهو – ٽوٽو – هرج – تاوان – چَٽي. ڪوٽ – لاڙ – سوس. ڪپڙي مان ٽهيل ڏاڳي جهڙي ڪهي – انگر کي ٻڌڻ لاءِ ڏاڳن جا ٽکر (ٺ). دنگ – حَد، سنڌو. پَر – ڪَر – پاسو (ت). چالاڙو – لاڏاڙو – رحلت (ت). سئو پيرن واري سرندڙ جيت جو هڪ قسم – سئو پيري (ڪ). جهنگ – ٻيلو (ڪ).
• **ڪُسڪوڙَ ج ڪُسڪوڙُونْ (ت):** ث. بخيلي – چِڙَ – خارَ – ڪاوڙ – جوش. وَڏَ ٽُڪَ – ڪاڙ ڪوڙ – چانڙ.
– **ڪُسڪوڙ ج ڪُسڪوڙُونْ:** ث. (ڪس + ڪوءِ) خرچ ۾ گهٽتائي – بچت – ڪفايت – سانگ صرفو – قناعت. پورائي – ذرو پُرزو – وَندِ وراهَ – ميڙ ڀُونڊَ – ميڙي ڀُونڊي – اوگهه سوگهه – رَهت ڪَهت. بخيلي – چِڙ – ڪاوڙ – جوش – غُصو – خار (ت) – جماع – همبستري – مُباشرت – گڏجاڻي (ت).
– **ڪُسڪيرو (ت):** ڪجهه ٽورو – ذرو پرزو.
• **ڪُسُ:** ث. صفت (ف. ڪش). پسند – وٽندڙ – موافق – سنو – موچارو – پسنديده ـ بحال – چونڊ – سهائيندڙ. موافق اچڻ. "سوڍي ريءَ سرتيون، ڪاڪَ نہ اچي ڪُسَ" (سر مومل).
• **ڪُس، ڪُسَ:** ذ. گهٽتائي. مونجهارو – دلگيري – غم – ارمان – انڊوهه – پريشاني – مَلال فڪر – ڳڻتي. تامي يا پتل جي ٽانوَن تي پيدا ٿيندڙ زَنگ – زنگار – ڪٽ. سوس – ڪوٽ – لاڙ – لاهه (ل). "پاڻي ڪس ڪري ويو آهي". (اسر خاص). بخار – برو – تَپُ (ل). ڏاتوءِ جو هڪ قسم (ل). بادل – ڪڪر – اَبر "اڄ ڏکڻ پاسي ڪس هو" (ل). ڪنارو – ڪنڌي – ڪپر – پَرُ "اڄ رڻ جي ڪس تي شينهن ماريو اٽن" (ل). گهاٽو – چيهو – ٽوٽو – نقصان. "انهيءَ واپار ۾ ڪس ڪانهي" (جملو).
– **ڪُسُونْ لاهڙ:** دل صاف ڪرڻ – دل مان بيائي دور ڪرڻ – اندر اجرو ڪرڻ – دل مان اختلاف ڪيڻ. ٽانوَن تان ڪٽ لاهڙ.
• **ڪُسُ ج ڪُسَ:** ذ. (سن. ڪُشَايَ = ڪَٽُ). تامي يا پتل جي برتن تي پيدا ٿيل ڪَٽُ – زنگ – زنگار – ميلُ – موريائ – مُرجو. ملاوتي ڏاتو – مَٽُ – جوڙو ڪَس. وڏو واهه – پاڻيءَ جو وڏو وهڪرو – واهڙ (ت). تپ – هرو – ڪوساڻ – بخار (ت). اُلٽي رستي نڪتل سائو پاڻي – پِٽ. ڪڪر – بادل اَبر. "هڪڙا وڏ قڙيا واڻن تي، ٻيا ڪارا ڪارا ڪس". (سائينداد). (اسر خاص). تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو. (صفت). ڪاراڙ – پيلاڙ ساواڙ. سهراڙو.
• **ڪُس جي ڪَٽِيءِ:** گهٽتائيءِ جو ذرو.
• **ڪُس ڪورَ ڪَرڻْ:** گهٽ وڌ ڪري پورو ڪرڻ – گهٽائڻ – سوس ڪرڻ – قناعت ڪرڻ – سانگ صرفو ڪرڻ.
– **ڪُسُ ڪائڙُ:** نقصان سهڻ – گهاٽو قبول ڪرڻ – پوري يا نامناسب اڳهه ڪان وڌيڪ پرڻ – هرج ۾ پوڻ – چيهو قبول ڪرڻ – ٽوٽو پرڻ.
– **ڪُسُ ڪائڙُ جهڙو هُجَنْ:** نقصان سهڻ جهڙو هجڻ – رساڪار هجڻ.
– **ڪُسُ لاڻڙُ:** نقصان وهڻ – گهٽتائي ڪرڻ – چيهو وهڻ – ٽوٽو لاڻڙ.
• **ڪِسُ ج ڪِسَ (ل):** ذ. ڪَسيل پِتَ وغيرد ڪسارو – ڪاروپاڙو (ت).
• **ڪُسَ ج ڪُسُونْ:** ث. (سن. ڪَشْ = مارَڻ) قتل – گهات – ڳاهه – خونريزي – ڪوس – حَلال – خون – موت. ڪوس جي جاءِ ـ ڪاميلو – ڪَميلو. هَرَ جو قَر – قارُ (ٺ).
• **ڪُسُ ج ڪُسَ:** ذ. عورت جو شرمگاهُ – فرج. لوهه جو رنبو (ل).
• **ڪُسابَ:** ذ. (جمع ۾ استعمال ٿيندڙ) – ايام – زمانا – "ڪيئي ڪساب گذري ويا". "هيءَ ڳالهه ڪسابن جي آهي". قديم وقت.
• **ڪُسابو ج ڪُسابا:** ذ. زالن جو مٽي تي ٻڌڻ جو رومال.
• **ڪُسادُ ج ڪُسادَ:** ذ. (ع). مهانگائي – ڪوتائي. نارواجي – بي رواجي.
• **ڪُسادُو ج ڪُسادا:** ذ. صفت. ڪوڙو – ڪوٽو – جونو. فريبي – مڪريلو – دغاباز – ويساهه گهاتي (ت).
• **ڪُسارُ ج ڪُسارُونْ (ت):** ث. لذت – لطف – مزو – سوادُ – ذائقو – چشڪو – رسُ – رَسنا.
• **ڪُسارُ ڪُسارَ:** ذ. مِنائي جو هڪ قسم. ڪنو – ترسُ (ت).
• **ڪُسارو ج ڪُسارا:** ذ. صفت. (سن. ڪُشايَ = ڪسارو). ڪڙاڻ وانگر – ٻاڙو – لوڻائيو – چهرو. زنگ وارو – ڪَسُ وارو – ڪَٽُ وارو – ڪَٽِيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪساڪ:** بي اعتبار – ڪوڙو.

• **ڪسائڻ (ل):** مصدر. ساکت. هيراکس. ٻرن ۽ ڏاڙهون جي چوڌي پاڻيءَ ۾ ملائي ڪپڙو پسائڻ – رنگائن – رنگ ڪرائڻ (سن. ڪش = آزمائڻ). آزمائڻ – پرکڻ – آزمائش ڪرڻ.

• **ڪسائي ج ڪسائيون:** ث. رنگائي – رڱائي – رنگ ڏيارٽي.

• **ڪسب ج ڪسبَ:** ذ. (ف: ڪسَبَ = ڪَمُ). ڏنڊو – هُنر – پيشو – وٽج – واپار – ڪَمُ – ڪار – ڪرت – مشغولي – ڪرتب – فن. اُدم – سَعيو – ڪوشش. محنت – جفاڪشي – جانبازي – پورهيو. پيدا ڪرڻ واري حالت – حاصل ڪرڻ واري حالت. فاحشہ عورت جو بدپيشو. بدپيشي مان ڪيل ڪمائي.

– **ڪسبائتو ج ڪسبائتي ذ.** صفت. هنرمند – جاڻو – ڪاريگر – ماهِر – پَڙُ – نِپَڻُ – گوهَرُ – استاد – هُنري. ڪاريگراڻو – ڪسبياڻو – هُنريا استاديءَ جو.

– **ڪسب پائي:** ذ. ڪاسبي – ڪاريگر ماڻهو – هڏ ڪسبي – هُنرمند – هُنرِيو – ساڱئي ڏنڊي وارو.

– **ڪسبِڻ:** ث. بد پيشي واري عورت – فاحشہ عورت – ڪسبياڻي.

– **ڪسب ويرُ ج ڪسب ويرُ:** ذ. رئيس – چنايٽي – مقابلو – برابري – شرط. اغياري – رقابت – چڑهَت – سَرسِي – چاڙهو – ايرکا – حَسد – بغض.

– **ڪسب ويري:** ذ. صفت. ڏنڊي ۾ ريس ڪندڙ – ڏنڊي ۾ مقابلو ڪندڙ – ريسارو – رقيبُ – حاسِدَ – ساڙيلو. (زال) پهاڻ.

– **ڪسبي ج ڪسبِي:** ذ. صفت. هنر وارو – پيشي وارو – ڏنڊي وارو – جاڻو – دستڪارُ – ڪاريگرُ – هٿ ڪسبي – مستري – چرب دست – ماهِرُ – نپڻ – استادُ ـ هُنري – هُنرمَندُ. خراب ڏنڊي وارو – پڙوو – دَلو – ڏوتو.

– **ڪسبياڻو ج ڪسبياڻا:** ذ. صفت. ڪسب وارو – هُنر وارو – ڪاريگر. بدپيشي وارو.

– **ڪسبياڻي ج ڪسبياڻيون:** ث. ڪسب ڪندڙ عورت – بَدپيشہ عورت – رنڈي – چڪلاڻ.

• **ڪسبَتَ ج ڪسبَتُون:** ث. حجامن جي اوزارن رکڻ لاءِ چَمڙ جو ٽيلهو يا پيٽي – حَجامڪي پاني. سامان رکڻ لاءِ چمڙي جي ڏبي يا ڪولو. ڪارتوسن جي ٽيلهي يا پيٽي – ڏبي يا ڪولو. ڪارتوسن جي ٽيلهي يا پيٽي – توشدان – ڪيسو. سنجن وڇڻ جي ڇوٽري (ت). پاٽي پرڻ لاءِ چر جي چَڙهِي (ت).

• **ڪسبو ڪسبا (ت):** ذ. ٽوپين وغيره تي هٿ لاءِ وٽيل زري – ڪلابات – مُقيس.

• **ڪسٽ ج ڪسٽ:** ذ. جوش – ڪاوڙ – غصو – چڑ – خار. زور – زَبر – جَبر – زوراوري – ڪم ڪرڻ جو پڪو ارادو. "عزّ الٰهنت ڏانهن اي دل عُزم ڪر. ڪر ڪُڏائي ۾ ڪڏهن تون ڪيُرَ ڪَسٽَ" (قاسم).

• **ڪسٽان ج ڪسٽانَ:** ذ. خانداني – حيثيت – حڪومت – شخصيت (سسئي پنهون صہ ٣٦).

• **ڪسٽائي ج ڪسٽائيون:** ث. صفت. گهنٽائي – ڪمي – لاٽ – ڪوٽ – قلت – اوٽائي (ت).

• **ڪسٽو ج ڪسٽا:** ذ. دريائي ناريل جو اڌ (فقير پنڻ لاءِ ڪٽن) – ڪشتو.

– **ڪسٽو ڪَٽَڻُ:** پنڻ – گدائي ڪرڻ – بيڪ ڪرڻ – مَنگڻُ.

• **ڪسٽور ج ڪسٽورَ:** ذ. ڪڙهِ يا شيخ وارو ڪُڙُ – ڪڙهدار – شيخرُ.

• **ڪسٽوري ج ڪسٽوريون (ت):** ث. هڪ خوشبوءدار ٻوٽي – ڪٿوري – ڪَسٽُوري.

• **ڪسٽي ج ڪسٽيون:** ث. فقيرن جي پنڻ جو ٽاڻ. گَپ مان ٺاهيل سَرَ (ت). ٻيڙي – ڪشتي – ناؤ – ڏونڊي.

– **ڪسٽيبان ج ڪسٽيبانَ:** ذ. ڪشتيبان.

• **ڪُسٽيزُن:** ذ. (ف. خستہ + زن) گار جو هڪ قسم – بدلفظ – گار – چالاڪ – عَيار – حرفتي – اٽڪلي.

• **ڪسٽُورُ:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ڪسٽِي ج ڪسٽيون (ت):** ث. هڪ بيماريءَ جو نالو.

• **ڪسجَڻُ:** مصدر. ڪَسجَڻُ – زنگجڻ – ڪَٽ لڳي وڃڻ – سائو ٽي وڃڻ – ڪَسُ ٽي وڃڻ. گهنجڻ – لاٽ ۾ وڃڻ – ڪوٽ ۾ وڃڻ – ڪسو ٽي وڃڻ – اوٽو ٽيڻ. لڳ ڪوسا ٽيڻ – هَرو چڙهڻ.

• **ڪسَر ج ڪسَرُون:** ث. (ع. ڪسر = گهٽو) نفعو – اُپت – ڪَٽيو – لاڀ – پراپت – فائدو – اُپراسو. واڌ – وادي – زيادتي – گهٽائي – اڪثريت – جهجهائي. (صفت). سُلو – چگو – اوجو – موجارو – عمدو – سڌرو – چوکو – اعليٰ – برتر – اُتَرُ – اُتَرُ رنگ – چونگي – ٽورو وڌيڪ – ذرو – ٽيپو. (ع. ڪسر) ڪسل. ڊرائي – سستي – گيسَرَ – ڪَسَلُ – نتاءِ – دير – گهِلَ – ڄَرُ – گهنٽائي. بيماري – اگهائي – ناچگائي –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳائي (ٿ). (اسر خاص). هڪ ذات جو نالو.

– **ڪُسرائتوُ ج ڪُسرائتا:** ذ. صفت. ڪسر وارو – ڪسر ڏيندڙ – فائدي وارو – واڌ وارو – بچت وارو. وڌي حصي وارو – وڌيڪ – گھٽو – جھجھو – زياده ـ بسيار. پڪو – پختو. ٽورو آلو – آليرو – وَٽُ وارو. (ٿ).

– **ڪُسرَ ڪَڍڻُ ج ڪُسرُون ڪَڍڻُ:** ڪمي پوري ڪرڻ – بقايا وصول ڪرڻ – رهت وٺڻ. حساب ڪتاب پورو ڪرڻ بدلو وٺڻ – انتقام وٺڻ – ويرُ وٺڻ – هٽ ٽارڻ. فائدو ڪرڻ – نفعي ۾ وڃڻ – سرسي ٽيڻ – واڌارو ٽيڻ.

• **ڪُسرُيُ:** اسر خاص. نوشيروان بادشاھ جو لقب. فارس (عجر) جي بادشاھن جو لقب.

• **ڪُسرَتُ ج ڪُسرَتُون:** ث. (ع. ڪَسرِ = پاڄ) ورزش – روزانو اُٺ ويھ. مشق – مھارت – ربط. اُپياس. آزمودو – آزمائش پريکشا – امتحان. شڪستگي. نفس کي ماري مات ڪرڻ واري حالت. ڇڙ يا پرزا پرزا ڪرڻ واري حالت. پھلواني – بھادري – دليري – ويرتا. جھجھائي – گھٽائي – اڪثريت – زيادتي. مرض جو عارَضو (ت). پاڄ – شڪستگي – ٽُڪر.

• **ڪُسرَتُ ڪَرڻُ:** ورزش ڪرڻ. رياضت ڪرڻ – عبادت ڪرڻ – بندگي ڪرڻ. پھلواني ڪرڻ – بھادري ڪرڻ – دليري ڏيکارڻ. مشق ڪرڻ – ربط ڪرڻ – اُپياس ڪرڻ – محاورو ڪرڻ.

• **ڪُسرڏَ ج ڪُسرَڏَ (ت):** ذ. صفت. پڪو – ڪنجوس – شوم – موذي – بخيل – چمچوس – مرجوٽ.

• **ڪُسرڏَڻُ:** مصدر. ڪنجوسائي ڪرڻ – شومائي ڪرڻ – مرجونائي ڪرڻ – بخيل ٽيڻ.

• **ڪُسرڪُ:** دل جي ڪس – ڇڙ – غصو – رنج – ناراضگي.

• **ڪِسرُڪِيُ ج ڪِسرِ ڪِيُون (ل):** ث. سون جو پتلو – سوراخدار مٽيو – سون جو ٽنگ وارو موتي.

• **ڪُسرڻُ (ت):** مصدر. وڙھڻ – جھيڙو ڪرڻ – لڙائي ڪرڻ – جنگ ڪرڻ.

– **ڪُسرَھُ:** مصدر. وڙھڻ – ڪَسرڻُ.

• **ڪُسرُو ج ڪُسرا (ڪ):** ذ. صفت. ڪسارو – ڪارو – ڪوڙاڻ مائل – بي عادتو – بي ڍنگو – بي لڇڻو – ڪلڇڻو.

• **ڪُسرُ ج ڪُسرَ (ل):** ذ. ڊير – ڊگ. ڪک ڪانا – ڪک پن – ڪک ڪنڊا.

• **ڪُسرِيُ (ت):** ث. ناڇگيلائي – اڳھائي – لڳائي – بيماري – ناڇگائي – بي ڇاڪائي.

• **ڪُسڪُ ج ڪُسڪِ:** ذ. پوري ماپ کان ڪجھ گھٽ.

• **ڪُسڪَڻُ:** مصدر. ڪيھائڻ – رنگھ ڪرڻ – رينگڻ – ڪٽڪڻ – ڪنجھڻ – ڪرڪڻ – چنگھڻ. وڌيڪ گھر ڪرڻ – گھٽو وٺڻ – ڪِکِر ڪرڻ – ناراض ٽيڻ – رنج ٽيڻ – چڙ ڪرڻ – غصي ٽيڻ – ڏمرڄڻ بيزار ٽيڻ – ڪاوڙجڻ. ڏڪ ڪرڻ – ارمان ڪرڻ – افسوس ڪرڻ – ھاءِ ھاءِ ڪرڻ. ڪيڙ – ڳالھائڻ.

– **ڪُسڪَ ج ڪُسڪُون (ت):** ث. ڪُٽڪ – ناراضپو – چنگھ – چنگھڪار – رنگھَ – رينگ – رينگو.

– **ڪُسڪو ج ڪُسڪا (ت):** ذ. ڪھڪاءَ – درد – ڏک – ارمان.

• **ڪُسُلُ ج ڪُسُلَ (ت):** ذ. (سن. ڪُشْلَ = خيريت). خيريت – چڱيلائي – تندرستي – ڇاڪائي.

• **ڪُسلِ ڪوٽُ:** اسر خاص. ٽرِ ھڪ پٽ جو نالو.

• **ڪُسلِيُ ج ڪُسلِيُون:** ث. صفت. ٽوري عقل واري – بي سمجھ – پورڙي – ڪم عقل – موڪي – بي عقل.

• **ڪُسمُبُ:** ڳنگ سان مشابھت رکندڙ ھڪ نشيدار شيءِ ـ اَمَلُ – آفيم. (بھادرن جي سُرکي).

• **ڪُسمرو ج ڪُسمرا:** ذ. ڪشمرو – ڪن – گند – ڪچرو – غلاظت – ڀھر – گندگي – پوسل – آلاڻ.

• **ڪُسمرِيُ ج ڪُسمرِيُون (ت):** ث. ڳاڙھي مرچ – لال مرچ.

• **ڪُسمَسُولو ج ڪُسمَسُولا (ت):** ذ. ڪَھِينْ سان زالاٽو ريشمي ڪَنْجرو – گَجُ.

• **ڪُسنُبَ:** اسر خاص. ھڪ ذات جو نالو.

• **ڪُسنُبُ (ت):** ذ. ڳاريل آفيم – اَمَلْ – ڪُسنُبو – ڪُسُمبو.

• **ڪُسنُبو ج ڪُسنُبا:** ذ. ڳاريل آفيم – اَمل – ڏنگو. ڪسُنُبَ – ڪُسُمبو. ڳاڙھو رنگ – ڪَھنبو. (ث. ڪُسنُبِيُ ج ڪُسنُبِيُون).

• **ڪِسنِيُ ج ڪِسنِيُون (ت):** ث. قسمت – نصيب – پاڪ – لکيو – تقديرَ.

• **ڪُسڻُ ج ڪُسڻُون (ت):** ث. چر جو ڏورو (گاشي وغيره جي ٻڌڻ لاءِ).

• **ڪَسڻُ:** مصدر. (سن. ڪَچْ = ٻڌڻُ. پرا. ڪسڻ = ٻَڌڻُ). ڪَشڻ. چڪي تات ڪرڻ – چڪڻ – چڪ ڏيڻ – چڪي سوگھو ٻڌڻ – مضبوط ڪرڻ – جڪڙڻ – ڏاڍو ڪرڻ. تامي يا پتل جي

برتن جو ڪَسُ ڪرڻ – ڪسجڻ.

• **ڪُسڻُ:** مصدر. (ف. ڪُشتن. سن. ڪَش = مارڻ). ماٹھوءَ جو (جانور جو) – قتل ٿيڻ – خون ٿيڻ. ڪسجڻ. حلال ٿيڻ – تکبير پوڻ. مَرڻ. قبول پوڻ (ت).

• **ڪُسٽُو ج ڪُسٽا:** ذ. ڪَشٹو – وَڊيُ – پَٽو – ڪشو – چمڙي جي پٽي (حجامن وٽ پاڪي تيز ڪرڻ لاءِ). ڪنيُلَ (ت).

• **ڪُسٽِيُ ج ڪُسٽِيُونْ:** ث. ڪَس – زَنگُ – ڪَٽَ – زنگار.

• **ڪُسٽِيُون ج ڪُسٽِيا:** ذ. زناني ڪَنجري يا جهبي جي پويان ٻڌڻ جو ڏاڳو – تَسْمو.

• **ڪَسُ ج ڪَسا:** ذ. صفت. اوٽو – گهٽ – اڻ پورو – ٽورو – ڪتلُ – ڪَمْتَرُ – ڪَمُ – ناقص – نامڪمل – ڪمتي – تور ۾ گهٽ – وزن ۾ گهٽ. مَنو – ڪوتو – ڪُوڙو – اَسَتُ – ملاوتي. زنگ. ڪَس – ڪَٽ (ک). (ث. ڪَسيُ ج ڪَسيُونْ).

– **ڪَسائيُ پَڪائي:** گهاتي واڌي – اوٽائي پوٽائي. ڏ ڪ سڪ – رنج راحت – ڏُکُ سُکُ.

– **ڪَسو پَڪو ٿيڻُ:** گهٽ وڌ ٿيڻ – اوٽو پوٽو ٿيڻ. پاڻ ۾ وڙهڻ.

– **ڪَسُ ڪانڊو:** گهٽ وَڌُ – لاڙو ڪاندو – ڪَمُ بيشُ. جهڙو تهڙو – سادو سَودو – اَپرو سپرو.

– **ڪَسُ ڪَرڻُ:** لڄي ڪرڻ – ڇڪو ڪرڻ. شرمنده ڪرڻ – شرمسار ڪرڻ.

• **ڪِسْوَتَ (ت):** ث. لِباسُ – پوشاڪَ.

• **ڪَسُوتِرو ج ڪَسوتِرا (ت):** ذ. ڪسو – گهٽ – اوٽو. اپرو – سادو.

• **ڪَسُوتِري ج ڪَسُوتِريُونْ:** ث. ٽوري آلي شيءِ ـ گهميل – آليري – وٽَ واري – آبوڪي.

• **ڪَسوٽو (ت):** ذ. ڪَهڪاءُ – دُکُ – درد – ايذاءُ – انتقامُ – بدلو. دشمني – ويرَ – عداوت – بُغض.

– **ڪَسوٽو اَڇڻُ:** ڪيڪاءُ اڇڻ – درد ٿيڻ. انتقام وٺڻ – بدلو چُڪائڻ.

• **ڪُسْوَتِيُ ج ڪُسْوتِيُونْ:** (سن. ڪَسَه = ڪَسوتِيُ). سون پرکڻ جو ڪارو پٿر يا روهي – سونارڪو اوزار. پرک – معيار – جاچ – آزمائش.

• **ڪسوريُ:** اسم خاص. راڳ جي هڪ سُر جو نالو. راڳني قصوري (قصور جي)

• **ڪَسُوسَ ج ڪَسُوسُونْ:** ث. جلدائي – چوٽ – سيڪهه – سڳهائي. ڦڙتائي – تکڙائي – شِتابي – تيزي – تکڙ. تيز رفتاري. هَئَر ہئَر – رفتار – چال.

• **ڪُسوسِيُ ج ڪُسُوسِيُونْ:** ث. گيسَر – سيڙپَ – دير – دِلَ – ڏِرائي – اويلَ – اوسيڙو. اوٽائي – درڪار – ڪوٽ – سوس. اٽاڻَ – لاڙ – گهاٽي – ڪمي – (پاڻيءَ جي) ڪاهٽَ – ڪوتاهي – گهٽتائي.

• **ڪُسُوفُ ج ڪُسُوفْ:** ذ. (ع). سِج گرهڻ) سج گرهڻ – سج يا چند (چند رڻ) جي.

• **ڪُسُومَت ج ڪُسُومَتُونْ:** ث. (ع. خُصومت = دشمني) دُشمني – عداوت – بُغضُ – ويرُ.

– **ڪُسُومَتِيو ج ڪُسُومَتِيا:** ذ. صفت. دشمن – ويري – عَداوتي – ڏَجَڻ. ڪاوڙَيلُ.

• **ڪَسُونْبو ج ڪَسونْبا (ت):** ذ. آفيم – اَمَلُ – ڏنگو – ڪُسَمْبو – ڪُسَنْبوُ. ٻيڙين جي تماڪ جو هڪ قسم. نشو (ت).

– **ڪَسُونْبيُ:** ذ. صفت. آفيمي – اَمَلِيُ – افيم جو مَوالي. نَشائي – خماريل – نَشئي.

• **ڪَسُونْڻُ (ت):** مصدر. ڏوتي يا سٽڻ چيلهه جي وراڪي ۾ ٻڌڻ – ڏوتيءَ جو پلاند چڪي چيلهه ۾ ٻڌڻ.

• **ڪَسُوٽاتُ (ت):** ث. خراب ٽيل اڏوڙ – ڪنو اڏوڙ. (چمڙي جو).

• **ڪُسيارُ (ت):** ث. ڪجي ٻار ڪرڻ واري حالت – ڪُهائي.

• **ڪَسيُ ج ڪَسيُونْ:** ث. پاڻيءَ جي سوڙهي نندي واهي – اَڏ – واهڙ – ڪاهي – چري – واتر – نالو – نالي. صفت. گهٽ – ٽوري.

• **ڪِسيُ ج ڪِسيُونْ:** ث. (پرا: ڪَسَرَ = هڪ قسم جي مَچي). ڪاري جي مچيءَ جو هڪ قسم. (چلرن سان. ڪائڻ ۾ لذيذ. قد ٣ ڪان ٦ انچ يا فوٽ تائين). ڪنبي جي ٽُڙَ جي اندرين پڪل ڪاري ڪائي – ڪرسيُ. (ل). ڪٻ.

• **ڪَسيٽَ ج ڪَسيٽُونْ (ت):** ث. ساهه جي چِڪَ.

• **ڪَسيٽائيُ ج ڪَسيٽائيُونْ:** ث. سوسَ – ڪنجوسائي – مرجونائي – شومائي – پڪائي – سِٽ – بخيلي – مُٺ پِيڙَ – تير ٽُڪلو – ٽُڪ ٽنيڻ.

• **ڪَسيڑ:** ذ. جبل جو وڻ. جنهن ۾ هير ٽين.

• **ڪَسيڑو ج ڪَسيڑا:** ذ. پئسي جو چوٿون حصو – تور ۾ تولي جو چوٿون حصو. (صفت) ڪجهه گهٽ. (اسم خاص). تعلقي ميهڑ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **ڪَسيڑا مَعافُ ٿيڻُ:** هلڪا ڏوهه گناهه معاف ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **كَسيڑڪ ج كَسيڑڪَ (ل):** ذ. صفت. كسيري جي برابر – كسيري جو – بي عزت – نيچ – كَمينو – گهٽ ذات – بي آبرو – رذيل – ذليل – كميٽو – خَسيس – كمذات. (ث. كَسيرڪ ج كَسيرڪيون).

– **كَسيڑي جو ڪرڻ:** بي عزتو ڪرڻ – بي مانو ڪرڻ – خراب خوار ڪرڻ – ذليل ڪرڻ – رُسوا ڪرڻ.

– **كَسيڑي جو ڪَرُ:** نُضول ڪر – بي عزتي جهڙو ڪر – ذليل ڪر – اجايو ڪر. رواجي ڪر – معمولي ڪر.

• **كَسيس ج كَسيسُونْ > كَسيسانْ:** (ف. كشش) – چڪ – تانگهه – تانُ – سَتَ. "وڙهندي سرُ ويرئين كوڏ كَسيسان ڏي" (ويول مارئي). جوش – ناراضگي – غصو – كاوڙ (ت). دَم كَشي (ت). سورُ – ڏُكَ – تكليف. "ويچاري ٻكري كَسيسُون پئي كائي. كُهي چڏيوس" (جملو).

• **كَسيئڙُ ج كَسيئا (ت):** ذ. ٻانهن ۾ پائڻ لاءِ چمڙي مان ٺهيل چوڙي.

• **كَشَ ج كَشُونْ (ت):** ث. (ف) سَتُ – طاقت – جوهَرُ – عرق – نچوڙ. جَوَن جو پاڻي.

• **كَشُ ج كَشَ:** ذ. اُٺ يا گهوڙي جي تنگ چڪڻ لاءِ چَمَ جو سنهو ۽ ڊگهو پَٽو – كَسٽو – كشٽو – چمڪي – چم جي وڊي – كشو – تَسْمو – ڏُوالُ – سيڻ – ورت. چمڙي جي پٽي (حجامن جي اوزارن تكي ڪرڻ لاءِ) اردلي – نوكر چاكر – خدمتگار – ٺهليو – ٻيلي. تابعدار – بندو – تَليدو – هٿ وسيكو – جوڳو – ٻانهو – داس – تابع ۽ (ماٺهو) پاٽيائو كاڏو – پَٽڙو – چِدو – هلكو. قُوڪَ – وَزم – سُوٽو – دَمُ – گَشو. ٻانهن جي هيٺان وارو هنڌ – بَغَلُ. سِينوُ – چاتي ڪَمر – چيلهه. وچونءِ جو هڪ قسم. سويري (ڪ). (اسم خاص).

– **كَشُ ٻَڌڻُ:** تنگ قابو ڪرڻ.

– **كَشُ پَرَڻُ:** گهوڙي جو تنگ قابو ڪرڻ. قُوڪَ پرڻ – وزم پرڻ – سُوٽو هٽڻ.

– **كَشُ چِڪَڻُ:** تنگ پري ٻڌڻ. وزم پرڻ – قُوڪ ڪيڻ – سوٽو هٽڻ – دم هٽڻ – گشو ڪيڻ.

– **كَشُ رَكَڻُ:** هٿ نوكي ركڻ (ت).

– **كَشُ كَيَڻُ:** (چلم وغيره مان) ڦُوڪ ڪيڻ – وزم ڪيڻ – سوٽو هٽڻ – دَمُ هٽڻ.

• **كَشُ ج كُشُ:** ذ. صفت. (ف). ماريندڙ – هلاڪ ڪندڙ – گهاتي – خوني – مارو – قاتل.

• **كُشا ج كُشا:** ذ. صفت. چڏائيندڙ. كولينڊڙ – "مشكل كُشا = مشكلاتن كان چڏائيندڙ". پكيڙ – واڌ. "دل كُشا = وڏي دل".

• **كُشادوْ ج كُشادا:** ذ. صفت. (ف. كشاده = ويكرو) ويكرو – موكرو – خلاصو – اُپٽيل – كُليل – پَٽيل – وَسيع – فراغ. آزاد – بنا مشغولي (وقت).

• **كُشادائي ج كُشادائيونْ:** ث. كُشادائيْ – موكرائي – ويكرائي – ويڪر – كُشادگي – خلاصگي – خُلاصائي – فراخي – وَسعت.

– **كُشادگيْ ج كُشادگيُونْ:** ث. ويكراڻ – ويكرائي – فراخي – وسعت – كُشادائي.

• **كُشادي پيشانيْ ليَڻُ:** خيالن ۾ وسعت پيدا ٿيڻ – بغض ۽ تعصب هليو وڃڻ.

• **كَشالُ (ڪ):** ذ. صفت. پُر – پريل – تمتار – چڪارُ. محبتي – اخلاص مَنْدُ. كشالا – تكليفون – ڏك ڏاكڙا.

• **كَشالوْ ج كَشالا:** ذ. سخت پورهيو – تكليف – محنت – كَهَ آزار – جنجالُ – رَنج – ڏُكَ – مشكل. كوشش – سعيو – اُدم – اورچائي. تنگي – افلاس – سُجائي – پينگيائي – كوٽ – پئسي جي اُٽاٽ.

– **كَشالو سِرَ تي كَٽڻَ:** ڏك ڏاكڙا مٿي تي كٽڻ – تكليفون برداشت ڪرڻ – مصيبتن كي منهن ڏيڻ لاءِ مڙس ٿي بيهڻ – جان ماري سَهَڻُ.

– **كَشالو كَيڻُ:** تكليف سهڻ – مصيبت برداشت ڪرڻ – مشكلات كي منهن ڏيڻ – جا كوڙا سهڻ.

• **كِشتو ج كِشْتا:** ذ. هڪ زهريلي دريائي ناريل جو كوكو – گداگرن جي پنڻ جو ٽانءُ – كِسْتو – جَنْبِيلُ – زَنْبِيلُ – كچكول.

– **كِشْتي ۾ ڪَٽا:** باقي حياتي جا رهيل ڏينهن – پويان ڏينهن – آخرين پساهَ.

• **كُشتو ج كُشْتا:** ذ. (ف. كُشته = كُنل). طاقت جي دوا جو هڪ قسم – كنهن به ڌاتوءَ كي ماري اُن مان ناهيل طاقت جي دوا – ماريل ڌاتو – طاقت جي دوا – طاقت واري خوراڪ. كُشته ـ ڪَڪ – خاكو. قتل كيل – ذبح ڪيل – كُنَلُ – ماريلُ.

– **كُشْتو ڪَرڻُ:** اكسير بنائڻ – ڌاتو ڦلائڻ – خاكو ناهڻ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪ تيار ڪرڻ.

• **ڪشتي ج ڪشتيُون:** ث. (ف. ڪشتي = ٻيڙي) ٻيڙي – بتيلو – ڊونديُ – ڪٽارَ – هوڙي – سَفينو – ناءُ.

– **ڪشتي بازيُ ج ڪشتي بازيُون:** ث. ٻيڙين ۾ڇائڻ جي شرط – ريس – ڊوڙ – پاڄ. ٻيڙين ۾ڇائڻ واري راند.

– **ڪشتيبانُ ج ڪشتيبانُ:** ذ. ٻيڙي وارو – ٻيڙي هلائيندڙ – پاٽي. ناخُدا – ناکٽو – ملاحَ – ناکٽُون – ٻيڙيائتو. معلم – هادي – اڳواڻ – رهبر – سونهون – پيشوا – مهندار.

• **ڪُشتيُ ج ڪُشتيُون:** ث. (ف). زور آزمائي – پهلواني جو هُنر – بن پهلوانن جو ٽڪرُ – لڙائي. راند جو هڪ قسم.

– **ڪُشتيُ ڪمائڻُ:** ملهه وڙهڻ – زور آزمائي ڪرڻ – پهلواني ڏيکارڻ.

• **ڪُشٽ ج ڪُشتَ:** ذ. (سن. ڪُشتَ = تڪليف). تڪليف – مصيبت – هاڃو – جفا – جاکوڙو – آفت – بلا – سختي – آزار – پيڙا.

• **ڪَشَش ج ڪَشَشُون:** ث. (ف. ڪَشيدَن = ڇڪڻ). ڇڪ – تانگهه – لاڙو – رغبت – جهڪاءَ – سِڪ – اُلفت – موهه – عشق.

• **ڪَشَشِ ثِقَلْ:** ڌرتيءَ ۽ ٻين شين جي وچواري ڇڪ – ڪشش مرڪز.

• **ڪَشَشِ ڪِيمِيَائِيْ:** ث. ٻن شين جو پاڻ ۾ ملي ٿي شيءِ بنجڻ واري قوت. رَسايَنِيُ شين جي ڇڪ.

• **ڪَشَشِ مَقْنَاطِيسِيْ:** ث. پٿر جي لوهه کي پاڻ ڏي ڇڪڻ واري قوت – چقمقي ڇڪ.

• **ڪَشَفَ ج ڪَشَفَ:** ذ. (ع). ڳُجهه جي ڄاڻ – راز جي پروڙ – اندر جي معلومات. ڪرامت. ظهور – انڪشاف – تفسير – تشريح – شرح – کولي ظاهر ڪرڻ واري حالت. پردي پري ڪرڻ واري حالت.

• **ڪَشَڪَ ج ڪَشَڪَ:** ذ. اٽ جي پلاڻ کي ڪتبن سان قابو ٻڌڻ لاءِ هڪ رسو.

• **ڪشڪاءِ ج ڪشڪاءِ (ڪ):** ذ. ڪهڪاءِ – ايذاءِ. پرواهه – خيال – سانگو.

• **ڪُشڪَنُ:** مصدر. ڪُچڻ – آکڻ. ڪٽڪڻ – رنگڻ – چنگهڻ – دانهن ڪرڻ – رڙ ڪرڻ. (ڪ).

• **ڪُشڪولُ ج ڪُشڪولَ:** ذ. فقير جي ٻنڌ جو ٿانءُ – زَنبيلُ – ڪِستو – ڪِشتو. فقيرن جو گڏ ڪيل ڪاڏو (هر قسم جو هجي) – ڪَڇڪولُ.

• **ڪَشلَتَ ج ڪَشلَتُون (ت):** ث. تدبير – صلاح – حڪمت – اٽڪل – مصلحت – رٽ – تجويز.

• **ڪَشلَتيو ج ڪَشلَتِيَا:** ذ. صفت. صلاحڪار – مصلحتي. حڪير.

• **ڪشمش:** ث. (ف). سڪل انگور يا ڏاک. ول جو هڪ قسم.

– **ڪَشمشِيْ:** ذ. سڪل ڏاک مان ٺهيل سنڌ جو ديسي شراب – انگوري شراب.

• **ڪَشمَكَش ج ڪَشمَكَشُون:** ث. ڇڪتاڻ – ڇڪيچکان – کشيدگي. مشڪلات – ڏکيائي – دقت – جاکوڙ. لڙائي – جهيڙو.

• **ڪَشمِيْرُ:** اسر خاص. هڪ ملڪ جو نالو (جيڪو سهڻو ۽ سرسبز هجي) (صفت). سرسبز – شاداب – هريو پريو – سائو. "ملڪ تہ ڪشميرلڳو پيو آهي". (جملو).

• **ڪَشمِيْرو ج ڪَشمِيْرا:** ذ. سُٽ ۽ اَنَ مان ٺهيل ٽلهو ۽ گهٽ درجي واري ڪپڙي جو هڪ قسم – پرت پرڻ جو رنگين پٽ جو ڏاڪو.

• **ڪَشنِيْزُ:** ذ. (ف). ساوا ڏاٽا – ڪوتمير.

• **ڪَشَوَ ج ڪَشَوُون (ل):** ث. پاڪڙي کي اُٽ سان مضبوط ٻڌڻ لاءِ رسي. پٽهر – سيلهي.

• **ڪَشَوُ:** مصدر. (ف. ڪشيدن = ڇڪڻ > پرا. ڪَس = ٻڌڻ) ڇڪڻ – تاڻ ڪرڻ – ڇڪي ٻڌڻ – ڪَسڻُ – سُڪ ٻڌڻ – ڇڪ ڏيڻ – سَٽ ڪيڻ. زور ڏيڻ – پيڙو ڏيڻ. ڏاڍو ڪرڻ – مضبوط ڪرڻ – سوگهو ڪرڻ. پنڌ ڪرڻ – تکو هلڻ. وهٽ هڪلڻ يا ڪاهڻ – وهٽ ۾ڇائڻ.

• **ڪشي ٻَڌَ:** ڇڪي ٻڌڻ – بلاتو ٻڌڻ – زور ڏيئي ٻڌڻ – سوگهو ٻڌڻ – مضبوطي سان ٻڌڻ – جڪڙڻ.

• **ڪشڻو ج ڪشڻا:** ذ. اُٽ جي غاشيه (گاشي) کي قابو ڪرڻ لاءِ سٽ جي ڏوري يا چَمڙ جي وَدِيُ – ڪَسُ – ڪَسڻُو – تنگ – واڌ – ڪشو – هانڊو.

– **ڪَشنِيْ ج ڪَشنِيُون:** ث. جانور جي ٻڌڻ جي رسي. پٽهڙُ – ڪُشڻُ – سيلهيُ.

• **ڪشو ج ڪشا:** ذ. سُٽ يا چمڙي جو سنهو ڏاڪو. پٽو بَنڌُ (ڏهل وغيره لاءِ) – ڪشڻو. بُوٽَ جو ڏاڪو – ڪَهيُ – تسمو. ٻہ وغيره جي وڻ مان مال لاءِ چاٽي (سٽي) ڪَڊيَل پَنَ (ڪ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪِشوَرُ ج ڪِشوَرَ:** ذ. چوڪَرُ – نينگرُ – چوڪرو – هالڪُ – هارُ. (صفت). ڳبرو – (اسم خاص). هڪ ملڪ يا ولايت جو نالو.
– **ڪِشور اَوستا ج ڪِشور اَوستائُون:** ث. صغيريَ – ٻچيٽ – هالڪ آوستا – هالپٽو – ننڍپڻ – نابالغي – معصوميتَ – معصومي.
• **ڪَشُوغ ج ڪَشُوغَ (ل):** ذ. ڪچي گهر جي پاسي وارين درين کي (هوا جي صدمي کان بچائڻ لاءِ) ٻڌل ڏوري.
• **ڪَشُولُ ج ڪَشُول (ل):** ذ. ڪاٺ جو سوئو – سُونهڻ.
• **ڪَشْهُوغ ج ڪَشْهُوغَ (ل):** ذ. هڪ ڏور جا پکي اڏڻ وقت ٻڌجي – ڪَشُوغ.
• **ڪِشِيْت ج ڪَشِيْئُون (ت):** ث. هڪ بيماري جو نالو – دم ڪشي.
• **ڪَشِيْدگي ج ڪَشِيْدگِيُون:** ث. (ف). ڇڪتاڻ – ڪَشمَڪَش – گهِلَ گينداڙ. نفرت – حقارَتَ – ڏَڪار. اٽٻٽ – ڪُلفت – رڳڙو – فساد – جهيڙو – جهڳڙو.
• **ڪَشِيلُ ج ڪَشِيلَ:** ذ. صفت. آزمايَلُ – پرڪيَلُ – تجربيڪار – تجربيدارُ – آزمودگارُ. هريَلُ – عادتي. پلاٽيل – تيار ڪيل – جوٽيل – ٻَڌلُ – سنبرايَلُ (وهٽ).
• **ڪِشِينگ ج ڪِشِينگَ ():** ذ. پَلاڻُ سٻڌ جو سُوئو.
• **ڪَعَبُ ج ڪَعَب:** ذ. نهرو پور وچوٽ پاسو جنهن جي ويڪرائي، ڊگهائي ۽ تلهائي هڪ جيتري هجي. ٽين سَگهَ – گهُن.
– **ڪَعَبُ مَاپ:** چؤ. پاسي ماپ.
• **ڪَعْبو ج ڪَعْبا:** ذ. (ع. ڪعبه = الله جو گهَرُ) بيت الله جو نالو – بيت الحرام – قبلو – خدا جو گهرُ (مڪي ۾). نماز ۾ سجدي وارو طرف.
• **ڪَفّ ج ڪَفُون:** ث. (سن. ڪُفّ = ڪَفَ) ڦيڻَ – گَجي – جَهڪَ – گَفُ – پِڪَ – بلغم – ڦيٽي – اوڪاڙَ. بدن جي ٽن موادن مان هڪ – خلط – رُطوبَتَ – چاٽو. ساهَ ڪٽڻ ۾ ڪانگهاري پيل آواز – بلغمي آواز (ٽ).
• **ڪَفَ ج ڪَفَه:** ذ. (انگ) قميص جي ٻانهن جو ڇيڙو – ڪنو. ڪالَرَ.
• **ڪُفُ ج ڪُفَ (ت):** ذ. خاندان – گهراڻو – ذات – قبيلو – ڪُٽنبُ. ڪُوٽو.
– **ڪُفُ ۾:** قبيلي ۾ ـ خاندان ۾.
• **ڪِفاتَ ج ڪِفاتُون:** ڪِفايتَ – صَرفو.
• **ڪُفّارَ:** ذ. (ع). "ڪافِرُ" جو جمع) خدا جا مُنڪر.
• **ڪَفّارَتَ ج ڪَفّارَتُون:** ث. (ع. ڪَفّاره = چوٽڪارو) گناهن جو بدلو. ڪَفارو – چوٽڪارو – نجات – رهائي.
• **ڪَفّارُ ج ڪَفّارا:** ذ. (ع). گناهن کي مَيٽڻ وارو – گناهن کي ڏوئيندڙ. (شريعت ۾) گناهن جو عيوضو – خطا جو بدلو. گناهن دفع ڪرڻ جو وسيلو – ڪَفارت – چَٽِي – ڏَنڊ – تاوانُ.
• **ڪَفّارُ ڏِيْئُ:** گناهن جو عيوضو ڏيڻ.
• **ڪِفالَتَ ج ڪِفالَتُون:** ث. (ع) رضا – رضامنديگيري – خوشنودي – مرضي – خواهش – ڪفيل.
• **ڪِفايَتَ ج ڪِفايَتُون:** ث. (ع. ڪفايت = صرفو) صرفو – ڪفايت. ڪفايتي.
– **ڪِفايَتِي ج ڪِفايَتِي:** ذ. صفت. ڪفايتي. صرفائي – ٽور خرچو – قناعتي – ڪم خرچ. سهانگو – سستو. (ظرف). هلڪو – بي قيمت.
• **ڪِفايَتَ ج ڪِفايَتُون:** ث. (ع. ڪفايت = صرفو) ڪافي هجڻ واري حالت – پوري هجڻ واري حالت – بس هجڻ واري حالت. پورو مقدار – حسب ضرورت. ڪَمي – ڪم خرچي – ٽوري مان پورائو ڪرڻ واري حالت – سانگ صرفو – بچت سچت – ميڙ چوند.
• **ڪِفايَتِ شِعارُ ج ڪِفايَتِ شِعارَ:** ذ. صفت. گهٽ خرچ ڪندڙ – ڪم خرچ – ڪفايتي – ٽوري گهٽي تي راضي ٿيندڙ – سانگ صرفي وارو.
– **ڪِفايَتِ شِعاريْ:** ث. ڪم خرچي – گهٽ خرچ ڪرڻ جي عادت – ڪفايَت – سانگ صرفو – ٽورخرچي.
– **ڪِفايَتِي ج ڪِفايَتِي:** ذ. صفت. ڪفايت شِعار – ٽورو خرچ ڪندڙ – ڪفايت شعار.
• **ڪُفْرُ ج ڪُفْرَ:** ذ. (ع). خدا جي ذات ۽ صفات ۾ ٻيو شريڪ ڪرڻ – الحاد – ناشڪري – دهريت – ملحدي – منڪري – ڪوڙين ڳالهين کي سچو سمجهڻ واري حالت. ضد – هَٺ.
– **ڪُفْرانُ ج ڪُفْرانَ:** ذ. بي شڪري – ڪفر ڪرڻ واري حالت – ڪُفر.
– **ڪُفْرُ بَكّ:** خدا جي خدائيءَ کي نه مڃڻ – ملحدانه گفتگو ڪرڻ – منڪريءَ جون ڳالهيون ڪرڻ – ناجائز ڳالهيون ڪرڻ – بي دينن جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ ـ الله تعالىٰ جي باري ۾ بدشد بڪڻ.
– **ڪُفْرَ جِي سِياهِي گَرْ ٽِيَڻ:** جهالت دُور ٿيڻ – هدايت حاصل ٿيڻ باطل کي شڪست پهچڻ – حق جي فتح ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪَفَش:** ٹ. (ف). جُتي – جوڙو – پاپوش – نعلين.
• **ڪَفَڪِيرُ ج ڪَفَڪِيرَ:** ذ. (سن. گَـرْپ = جهلڻ) لوهه جي ڏوئي – ڪپگير – ڪيوڙو – ڪڙڇ – ڪائو – ڪَرَپُ (لوهه جي قر ۽ ڪاٺ جي هٿئي سان).
– **ڪَفَنُ ج ڪَفَنُ:** ذ. (ع. ڪَفَنُ = پوش). ميت کي دفنائڻ وقت ڍڪڻ جو ڪپڙو.
– **ڪَفَنائِڻُ:** مصدر. مَيّتَ کي ڪفن ڍڪائڻ – جنازي کي جوڙي پوتي ڏيڻ. (ڪفنائيو – ڪفنائيندو – ڪفنائيل).
– **ڪَفَنُ چورُ:** ذ. صفت. قبر مان ڪفن چورائيندڙ. ڪفن ڪوسَ – ڪفن ڪوسَ.
– **ڪَفَنُ رُلائِڻُ:** موت کانپوءِ به لاش کي تڪليف ڏيڻ.
– **ڪَفَنُ ڪوسُ:** ذ. صفت. ڪفن چور.
– **ڪَفَنُ ڪوسُ:** ڪفن چورائيندڙ – ڪفن چور.
– **ڪَفَنِيُ ج ڪَفَنِيُونْ:** ٹ. مَيّت جي گچي ۾ بنا ٻانهن وڌل ڪپڙو. فقيرن جو بنا ٻانهن جي يڪي ڪپڙي مان سِيل چولو – پوڙيءَ جي چولي (ت).
• **ڪَفُ ج ڪُفُو:** ذ. (ع). هر جنس. هَمْسَرَ – جيڏو – سَريکو – ثاني – شريڪُ. ڪُنب.
• **ڪَفُ ج ڪُفَّ:** ذ. (سن. ڪَفَ). حُقي جي نَڙ جو اندران نڪتل ميلُ – گچي – ڦيڻ – ڪَفَ.
• **ڪَڪَ (ل):** ٹ. مقامي. هَٽ واٽڪا اڪر.
• **ڪَڪ:** ٹ. صفت. (سن. ڪَڪ + بي آرام ٿيڻ). بيزارُ – تنگ – عاجزُ – خفي – خَفا – ناراض. ڇَمڙيُ جي هڪ بيماريءَ ۾ ٻُر – داڻ داڻ _ آرائيُونْ.
– **ڪَڪ ٿيَڻُ:** بيزارُ ٿيڻ – خَفا ٿيڻ – ورجڻ.
– **ڪَڪ ڪرڻُ:** بيزار ڪرڻ – خَفا ڪَرڻُ.
• **ڪُڪَ ج ڪُڪَ:** ذ. پوک جو هڪ مرض جو (جوئر يا ٻاجهر جو ڪانو سنگ نه ڪري) – بنا داڻي سنگ (ت) – ڪَسُ. ڇَپ هٽي وهندڙ پکيءَ جو هڪ قسم. بِـنا دُنب گهيٽو (ت). اُٺ جي اڳئين پير وارو قَدُ (ت).
– **ڪُڪُ ٿيَڻُ:** پوک (ٻاجهري، جوئر) جو سنگ نه ڪيڻ – ڪَسُ ٿيڻ.
• **ڪَڪا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪَڪاڻُ ج ڪَڪاڻُون:** ٹ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چلر تمام سنها، رنگ هيڏو، پُٺ سيئلي، قد ۱ – ۲ فوٽ).

ڦڪو ميرانجهڙو رنگ.
• **ڪَڪَرَ (ٹ):** ذ. ڪَچـٽِي يا مَڪَ ٻوٽيءَ جي پَنن جو نالو.
• **ڪَڪَرُ ج ڪَڪَرَ:** ذ. (سن. ڪ = پاڻي + ڪَـرَ = ڪندڙ). بادل – ميگهه – ڪَسُ – ابَرُ – ملهار. چانوَ – سايو – پاڇو – چانولو – پاڇولو. اجرڪ جو وَر وڪڙ وارو چـٽ. ڇوپائي مال جي ڪَنَ کي سجاڻڻ لاءِ ڏنل چـيرُ. وڏَ – چَهَڪُ – چـيرُ – چـنَهُ – ڪانجو – ڦوٽ – ڪَڏو – ڦنگهي – لڪ (ل) – ڪنيو (ٹ). سارين جي ٻيجي پوکڻ لاءِ زمين جو ٻارو (ٻاري ۾ ٻه ڪَـرا) – ٻيجارو (ل). ڪَتَرُ – خرابي – ڪکرو. ڇُرڇُر (قلر جي) سليٽ تي ٽيل سخت پين يا پٽر جو اڻ ڌهندڙ نشان.
– **ڪَڪَرالُ ج ڪَڪَرالا:** ذ. صفت. ڪڪرن وارو (آسمان). پهٽياروَ – پهٽين وارو (ميدان) – پٽرين وارو.
– **ڪَڪَرُ پَوَڻُ:** چير پوڻ – ڦوٽ پوڻ. ٽـڙڪڻ – ڦٽي پوڻ. نشان ٽيڻ – ڪَرندِ پوڻ (سليٽ تي).
– **ڪَڪَرُ ڏيڻُ:** مال کي سجاڻپ جي نشان طور ڪن تي نشان ڪرڻ. چير ڏيڻ – سير ڏيڻ. ٽـڪڻ – خراب ڪرڻ (ڪ).
– **ڪَڪَرُ واسَڻُ (ت):** ٻيجي جي زمين ۾ پيل پاڻ کي ساڙڻ.
• **ڪَڪْراتُ ج ڪَڪْراتَ (ڪ):** ذ. ڪيڪڙاتُ – ڪـيْڪَ – رَڙ – دانهن – ڪُوڪَ – ٻاڪارَ – واکو – ريْهَ – چنگهاڙَ.
• **ڪَڪْرالُو ج ڪَڪْرالا:** ذ. صفت. رائي وَارو ملڪ – ڪُـڪرائتو – پٽرائتو – پهٽين وارو – پٽرانئون. اسم خاص. بدين ضلعي ۾ هڪ آڪاٽي رياست جو نالو.
• **ڪُڪْرانُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه ۽ گوٺ جو نالو.
• **ڪَڪْرانِيُ:** اسم خاص. تعلقي جوهي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڪَڪَرَڻُ (ل):** مصدر. اٽڪڻ – ڦاسڻ – روڪجڻ – رندجڻ – ٻڌجڻ. "پاڻي ڪَسيُ ۾ ڪَـڪري پيو جو پوري ڪاڻي ڪنيل نه هُئيُ" (جملو). (ڪڪريو – ڪَـڪريو – ڪَـڪريَل).
• **ڪَڪَرِڻِيُ ج ڪَڪَرِڻِيُونْ (ل):** ٹ. ڏانڊن جا ڏَنَدا تڪي ڪرڻ جو رُڪَ جو اوزارَ – رواتي – سُونهڻ – ٽڪوري.
• **ڪَڪَرو ج ڪَڪَرا:** ذ. (سن. ڪَدَرْهَ = پير ۾ سخت داڻو > سن. ڪَـرْڪَـرْ). گهٽي هلڻ ڪان يا گهٽي سخت پورهئي ڪان يا هٿن ۾ لـڦَن وانگر پيدا ٽيل ڇمڙيءَ جو سخت داڻو (هلڻ مهل ايذاءُ ڪندڙ). پٽر جي پوڙ – سنگريز – پٽري – پـٿَرُ – رُهڙي – رائو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– سنهي پٿي – اُبو (ل). بيماريءَ جو هڪ قسم – مٿاني پر قدرتي طرح پيدا ٿيل رائو – سَنگ مَٽاڻ – پٽري. اک پر پيل تمام سنهو پٽر يا رائي جو داڻو – ڪَنَرُ. زمين پر ايترو اونهو نہ ويندڙ هَرُ – مُڌهَرُ – زمين پر چڪي طرح نہ ويندڙ هَرُ (ک – ل).

• **ڪُکرِ ج ڪُکرا:** ذ. (پينگهي وغيره جي) گهوڙين ملائڻ واسطي ڪر آيل ڪائيءَ جي ميخ. سڙيل – هريل – پسر ٿيل (ت). اَڏَ – نائکو (ک). (صفت) سخت – ڏاڍو تاکُنئُون.

• **ڪُکرو ج ڪُکرا:** پير پر سخت داڻو. سنهڙو پٽر ڦٽ – نشان. هڪ تاري جو نالو جيڪو پوهه مهيني پر اُپري.

• **ڪَکرِيْ ج ڪُکرِيُوْنْ:** ث. پٽرن جي پور – جبل جي ننڍي پٽري – سنهي پٿي – رائو. بيماريءَ جو هڪ قسم – پٽري يا سنگ مٽاڻ. سنهو ابر – ميگهه ملهارُ – مورَمُ.

• **ڪُکرِيْ ج ڪُکرِيُوْنْ:** ث. هڙ جي هَرهنْ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هَڙ جي هروٽيءَ پر هنيل ڪائيءَ جو ٽڪرو – هر جو هڪ عضوو (ت). بيل گاڏيءَ جو هڪ عضو – ڏاند ٻڌڻ وٽ ڏورٽن جي پچاڙيءَ پر وڏل ننڍي چهنبدار ڪائي – سَلِي (ٿ – ک).

• **ڪُکرِيو:** اسر خاص. سنڌ جي هڪ ٽڪر جو نالو (هن پر روهين جا گهٽا پهٽ تنهنڪري اهو نالو).

• **ڪُکرُ:** اسر خاص. تعلقي ڪڪڙ پر هڪ ديهه جو نالو. تاريخي نالي "ڪاکاراج" جي مٽيل صورت).

• **ڪُکرُ ج ڪُکرُوَ:** ذ. ڪمند جي رَسُ. تماڪ جي ڳوٽي – وزمُ – سوٽو – قوڪَ. ننڍو هيرُ (ٿ). ڳاڙهن ۽ ڪارن وارن وارو سُوئَرُ (ت). منگر مڇيءَ جو هڪ قسم (رنگ ڪڪي منهن ويڪرو، پُڇ سنهو ۱ – ۲ فوٽ).

• **ڪُکرُوَ(ت):** ذ. وڄائڻ جي ساز جو هڪ قسم.

• **ڪُکرُوَ ج ڪُکرُوَ:** ذ. (سن. ڪُکّتَ = ڪُکڙُ). مشهور گهرو پالتو پکي. مُرغُ – خروسُ – ٻانگو (ٿ. ڪُکرِڙِ ج ڪُکرِڙُوْنْ > ڪُکرِيُوْنْ).

– **ڪُکرُوَ بَنْجَنْ:** رات جو انڌو ٽيڙ ۽ نہ ڏسڻ. گهر کان ٻاهر نہ نڪرڻ. ڏِبَرُ ٽيڙ – سست ٽيڙ.

– **ڪُکرُوَ ٽِيْ پَوَنْ:** گهر کان ٻاهر نہ نڪرڻ – ڪڪڙ بنجڻ – سست ٽيڙ – ڏِبَرُ ٽيڙ.

– **ڪُکرُوَ پَوَنْ:** قدر ڄاڻڻ.

– **ڪُکرُوَ جو دَسُ:** فجر مهل ڪڪڙ جي ٻانگ.

– **ڪُکرُوَجي ڪيس پر ٻجهَنْ:** خسيس ڳالهه پر نقصان پهچڻ – تڪي جي ڳالهه پر قاسڻ.

– **ڪُکرُ ڪِعَان مُڙن:** ڪر ڪرڻ جو ڏينگ نہ هڻڻ – ڪابہ خبرچار نہ هڻڻ – دنيا جي ڪابہ سمجهہ نہ هجڻ.

– **ڪُکرُ ڳَائِنْ:** شادي وغيره جي موقعي تي ڪل خوشيءَ طور عورتن جو ڪڪڙ جي نالي تي ٻڌل گيت چوڻ. "نہ مار منهنجي ڪڪڙ کي حرامزادي تون!"

– **ڪُکرُوڪُو:** (آواز). ڪڪڙ جي ٻانگ. صفا سُڃ – پينگ – بربادي – تباهي – اُجاڙ.

• **ڪُکرُوڪُو هجڻ، هُئڻ:** ڪجهہ بہ نہ هجڻ – سڃ هجڻ – ويراني هجڻ – ڪڪڙُوڪُو هجڻ.

• **ڪُکڙَانْ:** اسر خاص. تعلقي ميرپور بٺوري پر هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُکڙَاسِنگِيْ:** اسر خاص. دوا طور ڪر ايندڙ هڪ پسارکو وکر (وڻ جو ڦل. رنگ ڳاڙهو. ڪارائيو. طبيعت گرم خشڪ).

• **ڪُکڙِ ج ڪُکڙَا:** ذ. ڪپهہ جي فصل جو ٻج – ڦٽين جو ٻج – وونڊڻ جو ٻج (مغز دوا طور ڪر اچي). ول جو هڪ قسم (پاڙ گوگڙي وانگر پوري رنگ تي. بادفرنگ واري ماٽهو کي گهوٽي پيار جي) (صفت). (سن. ڪَنْک ڳاڙهي رنگ جي مٽي). ڳاڙهيري رنگ تي مائل ڏِڳو (ث. ڪَکرِي ج ڪَکرِيون).

• **ڪَکرِيْ ج ڪَکرِيُوْنْ:** ث. ونگي جو هڪ قسم – ڏِگهو ونگو. ونگي. ڪارڪ جو ٻج – ڪڪڙِي – ڪَکرُو – ڪَکيْ. ڪچو پيرون – مڪ (ٿ). (صفت). رنگ جو هڪ قسم – ڳاڙهسري – ڪٽڪ رنگي.

• **ڪَکرِيْ ج ڪَکرِيُوْنْ:** ث. ننڍڙي ڪُکرِ. درياءَ جي ڪناري واري مٽيءَ پر ٽيندڙ جيت جو هڪ قسم – سيانتو.

• **ڪُکَلْ:** ث. چٽن يا مٽرن جون ڦريون.

• **ڪُکُنْ ج ڪُکُنْ(ت):** ذ. دوست – ڪَکُنْ – سڃڻ – سائي – سنگي. مڇيءَ جو هڪ قسم

• **ڪُکنو:** اسر خاص. گاهہ جو هڪ قسم(پن تمام سنهڙو طاقت وارو. گهوڙي ڪانسواءِ ٻيو جانور گهٽو ڪائي تہ ڦاٽي پوي ـ سيلابي زمين پر ٽيندڙ.

• **ڪُکُنِي(ل):** اسر خاص. هڪ پکيءَ جو نالو.

• **ڪَکُنْ ج ڪَکُنْ(ت):** ذ. ڪاري جي مڇي. مڇيءَ جو هڪ قسم. ڪِکن – دوست – سائي (ٿ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪَڪڙُ ڄ ڪَڪَا:** صفت. رنگ جو هڪ قسم – هلڪو پورو رنگ. ميرانجهڙي رنگ جا وار. سفيد چمڙي تي ڳاڙهن وارن وارو ماڻهو. جابلو اُٽ.

– **ڪَڪَاڻُ ڄ ڪَڪَاڻُونْ:** ث. ڪڪائي – پورائي (رنگ جي).

• **ڪَڪِيُ ڄ ڪَڪِيُونْ:** ث. پورن وارن ۽ شيرين اکين واري عورت – پوري. اڻ پڪل ۽ سڪل ڪارڪ (ت).

ڪَڪِيُونْ ٽِيَڻُ: (ڪجيءَ جو محاورو) ڪارڪن جو سڪي خراب ٿي وڃڻ.

• **ڪِڪُ ڄ ڪِڪَا:** ذ. ننڍڙي هار لاءِ ڪوڏ جو لقب – ننڍڙو چوڪرو – هارڙو – صغير – (انگ). بيبي. (ڪِڪِيُ ڄ ڪِڪِيُونْ).

– **ڪِڪَاٽُ ڄ ڪِڪَاٽَا:** ذ. صفت. هاراٽو – هالڪاٽو – چوڪراٽو – پُتاٽو – گينگاٽو.

– **ڪِڪَائِيُ ڄ ڪِڪَائِيُونْ:** ث. گينگائي – هالڪپڻ – هالپڻ – هال اوستا – ننڍپڻ – صغيرائي.

• **ڪُڪُرُ ڄ ڪُڪَا (ت):** ذ. ڏنگو – لُڇو – حرڪتي – ائنٽرو – مستي خور.

• **ڪَڪورا ڄ ڪَڪورا:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽي جي پاڙ. (ٿ).

• **ڪَڪورَڻُ:** مصدر. (سن. ڪُنْكُرَ = ڪنگو) رنگ ۾ ڪڪ ڪرڻ – پورو ڪرڻ – ڪٽڪ رنگو ڪرڻ. پڇڻ طرف مائل ٿيڻ. (ڪڪوريو – ڪڪوريندو – ڪَڪوريَلُ).

– **ڪَڪورَ ڄ ڪَڪورُونْ:** ث. اڌ ڪچو اڌ پڪو هئڻ واري حالت. ميوي جي پڇڻ طرف واري حالت – ڳاڙهاڻ تي ورڻ واري حالت.

– **ڪَڪورَڻُ:** مصدر. ميوي جو پڇڻ طرف مائل ٿيڻ – اڌ ڪچو اڌ پڪو هُجڻ – پڇڻ. ڳاڙهو ٿيڻ – رنگجڻ. ڳاڙها گُلَ ڪيڻ – انگورجڻ – گونج ڪيڻ – ٻُور جهلڻ.

– **ڪَڪورِيلُ ڄ ڪَڪورِيلَ:** ذ. صفت. ڳاڙهاڻ تي مائل – لال – ڳاڙهيرو – رَتو. پڇڻ طَرف مائل.

ڪَڪورِيلَ اڪ: لالائي تي مائل اڪ – سهٽائي واري اڪ – خُمار واري اڪ.

• **ڪَڪورَڙا ڄ ڪَڪورَڙا:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ورڻ جي پاڙ. (ٿ).

• **ڪَڪورُلو ڄ ڪَڪورُلا:** ذ. انب جي ڪَڪڙي – ڪورَ – (ل) ڪوئيرو. ڪوئلو.

• **ڪَڪورُهَ ڄ ڪَڪورُهَ:** ذ. صفت. لال – ڳاڙهو – رتو – سُرخ. (اسم). انگور جو رَسُ – انگوري شراب – ڳاڙهو شراب – بِنْت.

• **ڪَڪُهَ (ت):** ذ. ڪني سواد واري گاهه جو هڪ قسم.

• **ڪَڪُهَ ڄ ڪَڪُهَ:** ذ. ڳُڙ.

• **ڪُڪَئِيُ ڄ ڪُڪَئِيُونْ:** ث. درياءَ يا سمنڊ جي ڪناري واري زمين ۾ ٽيندڙ جيت جو هڪ قسم – سِيانتو – ڪُڪَڙي.

• **ڪَڪِيُ ڄ ڪَڪِيُ:** ذ. پاڻيءَ جي پڪيءَ جو هڪ قسم (مڇي خور. ڪڪڙ ڪان ٿورو ننڍو. رنگ ميرانجهڙو ميٽائون. تري نه جاڻي. وڻن تي رهندڙ).

• **ڪَڪِيُ ڄ ڪَڪِيُونْ:** ث. پوري رنگ جي مينهن (اڪثر ڪير جي پِلي).

• **ڪَڪِيجِيُ:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَڪِيُ سَيِّد:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪَڪِيلُ (ت):** ذ. طوطو – چَتُون – مِٺو.

• **ڪَڪَ ڄ ڪَڪَ:** ذ. (سن. ڪڪْش = گاهُ. ف. خَس = ڪڪ). سُڪل گاهه جو ڏرو – تنڪو – پن پوٽو (ڪاني وغيره جو) – تِيلو – سَلو – چِيت. طاقت جي دوا – ڪُشتو – ياقوتي – معجون (ايتري مقدار ۾ جو ڪَڪَ تي چڙهي). بيماريءَ جو هڪ قسم (بدن تي سوج ۽ قُرڙيون ٿي پوَن ۽ رڳو گند وهي). (ل). گهَرُ – جهُڪُو – جهُوپڙي.

– **ڪَڪائِجَڻُ:** مصدر. نانگ يا بلا جو چَڪ لڳڻ – نانگ يا بَلا ڪان ڪاڇي پوڻ.

– **ڪَڪ بِہ نَ لَهَڻُ:** ٽورڙي بها هجڻ – معمولي شيءِ هجڻ – گهٽ قيمت جو هجڻ. ڪابه عزت نه هجڻ – بي عزتو هجڻ – بي مانو هجڻ.

– **ڪَڪ بہ نہ سهڻُ:** ذرو برداشت نه ڪرڻ تي ٽورڙي تڪليف تي به ڪيهائڻ.

• **ڪَڪ پِڇي يا ڇني ہ ڏ ڪرڻ:** پٽيءَ ڪم نه ڪرڻ – ڏهر ٽيو وينو رهڻ – ذرو به ڪم نه ڪرڻ.

– **ڪَڪ ٽِيڻ:** ملو نڪرڻ – قَٽ قُرڙيون ٽيڻ.

– **ڪَڪ پَنْ ٽِيَڻُ:** ٽِرِي پڪڙي وڃڻ – چڙوچڙ ٿي وڃڻ. پنهنجي ڪم کي وڃي لڳڻ – هليو وڃڻ.

– **ڪَڪ پَنْ ٿي وَڃڻُ:** جُدا جُدا ٿي وڃڻ – غائب ٿي وڃڻ – ٽڙي پڪڙي وڃڻ – چڙوچڙ ٿي وڃڻ.

– **ڪَڪَجَڻُ:** مصدر. نانگ بلا کان ڪاڇي پوڻ.

– **ڪڪ جو سنگهه**: نانگ بلا جو چڪ هٽڻ.
– **ڪڪ چٽڻ**: ڪک سان چهڻ – ٽورو ايذاءُ ٽيڻ – معمولي تڪليف ٽيڻ.
– **ڪڪ چٽي نه ٽڪرڻ**: ڪک چني نه ٽڪرڻ – ڪم کي ويجهو نه وڃڻ – ڏاڍو ڪانئر ۽ ٽوٽي ثابت ٽيڻ.
– **ڪڪ ڍڪڻ**: ڪک رکڻ. عيب پوشي ڪرڻ – ڍڪڻ. پرده پوشي ڪرڻ.
– **ڪڪ ڌاهڻ**: جهڳو برباد ڪرڻ – جاءِ ڦٽائڻ.
– **ڪڪ رنڌائڻ**: بلا يا نانگ کان ڪڪجڻ: ـ ڪڪجي پوڻ.
– **ڪڪ رکڻ**: پرده پوشي ڪرڻ. ڍڪڻ لڪائڻ.
– **ڪڪڙا اڏڻ**: ڪکايون جهوپڑيون ٺاهڻ – جهڳو اڏڻ.
– **ڪڪ سنگهڻ**: بلا يا نانگ جو چڪ هٽڻ.
– **ڪڪ ڪارا ڪرڻ**: جهڳو هجڻ ۽ باهڙي برڙ ۽ دونهون ٽيڻ. ڪکائون گهر هجڻ ۽ رڌڻ پچائڻ "اسان پاڙي ۾ ڪل ڪارا ڪريو پيا آهيون".
– **ڪڪ ڪپريون ميڙڻ**: چتو يا چريو يا مست ٽيڻ – جنون ۾ اچڻ.
– **ڪڪ ڪڌا**: سيڪجهڻ – مڙيئي.
– **ڪڪلو ج ڪڪلا (ت)**: ذ. صفت. ڪڪڙو – سنهڙو ڪک – ڪم طاقت ماڻهو – هيٺو.
– **ڪڪ مارڻ**: (طب جو اصطلاح). ڪنهن ڏاتوءَ کي مقرر ٽيل هوٽين جي رس ۾ ساڙڻ – ڪشتو تيار ڪرڻ – ڪڪ تيار ڪرڻ.
– **ڪڪڻ اندر منهن لڪائڻ**: ڪکاين جهوپڑين ۾ گذارڻ – ڀنگين ۾ رهڻ. تمام غريب هجڻ – مسڪين هجڻ.
– **ڪڪڻ تي پير رکي وڃڻ**: ڪوڙ ڪري پنهنجي جند ڇڏائڻ – نال منهن ڪري وڃڻ.
– **ڪڪ نه جُڙڻ (ت)**: ڏڪر هئڻ – فصل نه ٽيڻ – اناج وغيره جي قلت هجڻ – ڪاڏي گاهه وغيره جي ڪوٽ هئڻ – قحط سالي هئڻ.
– **ڪڪڻ ڏيکيو (ڪ)**: پنهنجن ککن (گهرن) ۾ ڍڪ ۽ پردي سان رهندڙ. عزت وارو – آبروءَ وارو – مانائتو.
– **ڪڪ نه سهڻ**: ڪجهه به نه سهڻ. ذري جيتري تڪليف به برداشت نه ڪرڻ.
– **ڪڪڻ کي ڪڻ هٽڻ**: گهٽي جؤکسيءِ هجڻ باوجود راز فاش ٽيڻ.
– **ڪڪڻ وهڻ**: قسم کٽائڻ جو هڪ نمونو (سائو ڪک کٽي ماڻهو جي مٿي تي رکبو آهي) – قسم کٽائڻ – سُنهن ڏيڻ.
– **ڪڪ واتَ ۾ وهڻ**: سخت عجب ۾ پئجي وڃڻ – حيرت ۾ پوڻ.
– **ڪڪ وهڻ**: ڏڪڻ – لڪائڻ – عيب يا گهٽتائي لڪائڻ – چشم پوشي ڪرڻ.
– **ڪڪ هيٺ لڪ هُجڻ**: ڪي ڪين مان سڀ ڪُجهه هُئڻ.
– **ڪڪين ڪونہ لڪڻ**: پنهنجي گهر ۾ غريبي حالت جي ٻئي کي خبر نه پوڻ.
• **ڪُک ج ڪُکُون > ڪُکيُون**: ث. (سن. ڪُکَش = ڪُک.) بدن ۾ پاسرين واري ڪنڊن هيٺان هڪ نازڪ عضوو – پاسري ۽ چيلهه جي وچ واروَ نرم حصو. اولاد.
– **ڪُک پرڻ**: ڏوٽيڻ – پيٽ پرڻ.
– **ڪُکَ جو ڪانُ ٽيڻ**: دشمن ٽيڻ – ويري ٽيڻ – نقصان جو انديشو ٽيڻ – نقصانڪار ثابت ٽيڻ.
– **ڪُک جو ڪانُ ڄاڻڻ**: دشمن سمجهڻ – ويري سمجهڻ.
– **ڪُک ڪَڍڻ**: ڏوڪ ڪرڻ – پيٽ پرڻ – تلهو ٽيڻ – متارو ٽيڻ – سَهرُ ٽيڻ.
– **ڪُک ۾ لڳڻ**: نازڪ جاءِ تي لڳڻ – سَنڊائتو ڏک لڳڻ.
– **ڪُکَ ۾ لڳي ٻيلي هُئڻ**: گهٽي يادگيري هئڻ – اونو يا ويچار هئڻ – انديشو هُئڻ – فڪر هُجڻ – اوسيئڙو هُجڻ.
– **ڪُکيُون ڦاڙڻ**: گهٽو ڪائڻ – ڪائڻ ۾ حد ڪرڻ – پيٽ پرجڻ ڪان به جهجهو ڪائڻ – حَد ڪان وڌيڪ ڪائڻ.
• **ڪُکر (ک)**: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **ڪُکَڙُ**: اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڪُکَڻُ**: مصدر. هُڻ – سُجهَڻُ – يادگيرو پوڻ – دل تي تري اچڻ – هُر ڪر هُجَڻُ. ڏمڻ – ڪاوڙجڻ – غصو ڪرڻ – ناراض ٽيڻ – چڑڻ – ڏمرجڻ.
• **ڪُکَڻُ ج ڪُکَڻَ**: ذ. (پرا. ڪَنْڪَٽِيرَ. سن. ڪَينِٽِيرَ = ڪڳ) هانهن جي ڪرائي ۾ پائڻ جو زيور – ڪنگڻُ – منگلي (ث. ڪڳٽي ج ڪڳٽيُون).
• **ڪُکَڻِي ج ڪُکَڻِيُون**: ذ. جانورن جو هڪ قسم – ڪنگٽي – ڪانگڙيا.
• **ڪُلُ ج ڪُلُون**: ث. (سن. ڪُلْ = ڄاڻڻ). سُڌَ – سَمَاءُ – خَبَرَ – ڏَسُ – پتو – معلومات – سَمَڪَ – پَروڙَ – ڄاڻ. راڙ – ڳُجهه – پيدُ – اَڻتُ – اندر جو حال. ڀاڪ وغيره تي هلندڙ اوزار – انجڻ – مشين – ڪم ڪرڻ جو اوزار – پرزو – سانچو –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَنْجَتُ – آلات. تل – قندو – جاڙ – حڪمت (ت). انڪل – هُنر – ڏاڻ – رمز – طرز. ڪُنجي (ت). برساتي پاڻي گڏ ٿيڻ لاءِ قدرتي ڪڏ (ڪ).

– **ڪَلَ ٽِرَڙُ:** ڪنهن عضوي يا پرزي جو پنهنجي جاءِ تان هَٽي وڃڻ – پيچ ڍرا ٿيڻ – بي ترتيب ٿيڻ. جرپائي جهڙا ڪم ڪرڻ – چريو ٿيڻ – مغز خراب ٿيڻ – وايون بتال ٿيڻ – مست ٿي وڃڻ – پاڳل ٿيڻ. سودائي ٿيڻ.

– **ڪَلَڊارُ ج ڪَلَدارُ:** ذ. مشين جو ٺهيل سِڪو – رُپيو.

– **ڪَلَ ڦِرَڙُ:** ڪل ٽرڙ – چريو ٿيڻ – ديوانو ٿيڻ – پاڳل ٿيڻ – مجنون بنجي وڃڻ – ماليخوليا جو مرض ٿيڻ.

– **ڪَلَ ڦيرَڙُ:** مشين چالو ڪرڻ. عضوو يا پرزو بدلائڻ يا ڪسڪائڻ. برغلائڻ – منجهائڻ – ورغلائڻ – بتلائڻ – مغز خراب ڪرڻ.

– **ڪَلَ مارجي وَڃَڻُ:** عقل هليو وڃڻ – مت ڪسجي وڃڻ – ماشا ڦري وڃڻ – وايون بتال ٿي وڃڻ – عقل مارجي وڃڻ.

– **ڪَلَ وَڃَڻُ:** وڃڻ – ٺهڻ – خوف ڪرڻ – ڪوءَ ڪرڻ – پوءِ ڪرڻ.

• **ڪَلُ ج ڪَلْ:** ذ. (ف. ڪَلاءِ = سائي گاهه وارو ميدان). ناگر موٽ قسر جو هڪ گاهه – گهٽي پاڻي يا ڏنڊ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسر جو گاهه.

• **ڪِلَ s ج ڪِلَڙُنْ:** ث. (هيڙَن جو) چلڪو – چمڪاٽ – جهرڪو – تجلو – چلڪاٽ.

• **ڪِلُ ج ڪِلْ:** ذ. (پرا. ڪِيلي. سن. ڪيل > ڪِيْلَ = ڪِل) لوهه جو وڏو ڪلو. ٽلهي سيخ.

– **ڪُلْ:** ذ. (ع. ڪُلْ = جُملہ) سڀ – همه. تمام – سارو – سموروـ مڙيئي. جملي – جوڙ – مڙيوئي – سڀيئي – هڙئي – جملي. جيڪي ب – سڄو. (اسم). سڄي ڪائنات – ساري دنيا – سارو عالم. واحد مطلق ـ الله تعالىٰ.

– **ڪُلْجوڙُ:** جُملو – سڀ.

– **ڪُلَ سَا:** صفت. سڀيئي سارا – سڀئي سَوَ.

• **ڪُل:** (ع). دنيا ۽ دنيوي شيون.

• **ڪُلُ ج ڪُلْ:** ذ. (سن. ڪَلَ = خاندان). ڪڙم – ڪُٽنب – باهه جهلڻ واسطي مٽيءَ جي پاٽ – چُلهه – انگئي – منگالو – منگل – سِگري (لوهه جي) – آتشدان. پڪي جي شڪل جهڙو ڪانن سان ٺهيَل گهر (ت).

• **ڪَلاَ ج ڪَلاڻُون:** ث. (سن. ڪَلاَ = هُنر). فن – هنر – ڪاريگري. انڪل – حرفت – گڻ – سياڻپ – ڏاهپ – هوشياري – انگ – طور – طريقو – نمونو – رمز – ڏَپ. ڳائڻ وڄائڻ جا چوهٽ فَن. مڙسي – وُسعت – همٽ – پهلواني – بهادري – جرئت – مردانگي – توفيق. قدرت. سمجهه – فهم – زيرڪي – اسراري طاقت معجزو – شعبدو مصوري جي طاقت. برڪت (ت). رونق – حسن – سونهن – سوڀيا (ت) سُجهندو – شعاع – سوجهرو – سُهائي. چند جو سورهو حصو – چند جي ڪلائن مان هڪ.

– **ڪَلاڪَارِي ج ڪَلاڪَارِيْ:** ذ. صفت. (سن. ڪَلا + ڪَارِيْ = ڪَارَڙُ) هنرمند – (سن. ڪَلاَ + ڪَارِيْ = ڪَارَڙُ). هنرمند – ڪلاڪار – ڪاريگر – هنري – فني. سَمجهو – ڏاهو – ماهر – سياڻو – عاقل – اڪابر. حرفتي – انڪلي – چالاڪ.

– **ڪَلاڪَارُ ج ڪَلاڪَارَ:** ذ. صفت. هنري – هنرمند – ڪلا جو جاڻ – ڪلاڪاري – هنر وارو – فني – فنڪار – گُڻي – وڃا وارو.

– **ڪَلاوَنْتُ ج ڪَلاوَنْتَ:** ذ. صفت. ڪلا وارو – وڏي هُنر وارو – گَويو.

– **ڪَلاسَتَوْ ج ڪَلاسْتا:** ذ. صفت. ڪلا وارو. اولياءَ (ت).

• **ڪُلا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪِلابُ:** (ع. جَمعُ آهي "ڪلب" جو). ڪُتا – سَگ.

• **ڪَلابات ج ڪَلاباتُوْن:** ث. (ف. ڪَلابَهَ = ڊيري). سون. قلعي يا چانديءَ مان ٺهيل سنهي ڏاڪي جهڙي تند – زريءَ جي تند – ڏاڪي تي ويڙهيل سوني زري – مُقيسُ – سِيْمَ جو ڏاڪو. زري جو پَرت.

• **ڪَلابازِيْ ج ڪَلابازِيُوْن:** ث. سسئي هيٺ تنگون مٿي ڪرڻ واري راند جو هڪ قسر – بازيگري – اٽل بازي – بازولِي – پلٽي بازِيْ.

• **ڪُلابو ج ڪُلابا:** ڪَڇو ڏاڪو. چيلهه جو پٽو – ڪمر بند – ڪَرائي ۾ ڪنگڻ – چوٽيدار ٽوپي ۽ پٽڪو. دَڙ – تَئو – تند.

• **ڪَلاڪَڙَ:** اسر خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَلاڻِيْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪُلاڻُ ج ڪُلاڻَ:** ذ. صفت. بدچال – اوباش – ڪَريل – خراب – بگڙيل – بداخلاق. سخت طبع – محبت کان خالي – دوستي ۾ ڪوڙو.

• **ڪُلانا (ل):** ث. راند. حملو – ڪاهه – جُلهه.
• **ڪِلانِي ج ڪِلانِيُون:** ث. لوهارڪو اوزار.
• **ڪُلاپاتُ:** ذ. ڪلاپات.
• **ڪُلاجُ:** اسم خاص. مورڙي ۽ مانگر مڇ واري ڳالهه ۾ هڪ مشهور ڪَنَ جو نالو – ڪَلاچي جو ڪن.
• **ڪُلاڇارُ ج ڪُلاڇارَ (ت):** ذ. صفت. عادل – منصف – نياءڪار – انصاف پسند.
• **ڪُلاڇوُ ج ڪُلاڇا:** ذ. اُچانگ – تـپُ – (بال جو). رومڙ – لامارو – حملو (ت). شڪار (ت). ٻَتاڪ – ڏاڙ – لَٻاڙ – لاڙ.
• **ڪُلاڇِي:** اسم خاص. ڪلاچ – ڪلاچ جوڪُن.
• **ڪُلاڇِي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (ڪلاچ مڪران مان آيل) ديري اسماعيل خان (سرحد) ۾ هڪ تحصيل ۽ شهر جو نالو (جتي اڳ ڪُلاچي بلوچن جي حڪومت هئي).
• **ڪُلادِيُ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **ڪِلارُڪُ ج ڪِلارڪ:** ذ. (انگ. Clerk). لکپڑهه ڪندڙ – مُنشي – مُحرر.
• **ڪُلالُ ج ڪُلالَ:** ذ. (سن. ڪليا = شراب + پال = رکندڙ) شراب چڪائيندڙ – شراب ڪيندڙ – شراب موڪليندڙ ڪلال – آبڪار.
• **ڪُلاسُ ج ڪُلاسُون:** ث. مجلس – محفل – ڪچهري – مانڌاڻ.
• **ڪِلاسُ ج ڪِلاسَ:** ذ. (انگ. Class = درجو) درجو – مرتبو – طبقو – رُتبو. نوع – قسم – صِنَف. پانت – جنس. شاگردن جي تعليم وٺڻ جي ڪوٺي – اسڪول جي هڪ ڪوٺي.
– **ڪلاسِيُ:** ذ. هر ڪلاس – سڳائي درجي وارو شاگرد.
• **ڪُلاسِيُ ج ڪُلاسِيُون:** ث. ليڪن ڪيڏ جو هڪ اَوزار. (ذ. صفت). ڪمبخت – نـياڳو – نِدورو – بدبخت – چَنڊو. ظالم – وحشي – جهنگلي (ت).
• **ڪُلاڪُ ج ڪُلاڪ:** ذ. (انگ. Clock) ڏينهن رات جو چوويهون حصو – وڳو – بَجو. 'ساعت' (وارو مقرر وقت). گهڙي – گهنٽو – گهڙيال.
• **ڪُلالُ ج ڪُلالَ:** ذ. (سن. ڪَلْيَ = شراب. سن. ڪلاد = ڪَلالُ) شراب ڪيندڙ – شراب چڪائيندڙ شراب ٺاهيندڙ – شراب وڪٽندڙ – آبڪار.
– **ڪُلالاُنَ:** ذ. ظرف. ڪلالن ڪان – شرابين وٽان – گتي وارن ڪان.
– **ڪُلالِ خانوُ:** (ف). شراب جو دُڪانُ – مئيڪدَهُ – مئي خانو – خراباتُ – شراب خانو.
– **ڪُلالِڪِي:** ڪَلاَ يا شراب چڪائيندڙ جي – مَئي فـروشُ جِيُ.
• **ڪُلالِڪِي هُڪُ:** ڪَلاَن جي هٽ تي – شراب فروشن جي دڪان تي – مئيخاني تي.
• **ڪُلالُ ج ڪُلالُ:** ذ. صفت. (سن. ڪُ = نہ + لال = لعل) خراب لعلائي وارو رَدِيُ رنگ وارو (سن ڪُلَتْ = هَنسا ڪرڻ). ڪوڙو – بي ديُدو – بي مروت – بي محابو – احسان فراموش – اڻاسو – رڪو. ڪُڌو. بَخِيل – ڪنجوسُ – شوم – موذي (ت).
– **ڪُلالُ ٽِيِ وَڃُنُ:** محبت مٽي ڇڏڻ – بي وفا ٽيڻ – بي محابو ٽيڻ. بخيل ٽيڻ.
– **ڪُلالِي ج ڪُلالِيُ:** ذ. صفت. ڪُساڪي – بي اعتباري – بي شڪري – بي ديُدائي – احسان فِراموشي.
• **ڪَلامُ ج ڪَلامَ:** ذ. (ع). خدا جو ارشاد ٽيل حڪم – اِلاهي پيغامُ ڪلمو – سُخنُ – ڳالهه – گفتگوءِ. قول – وچن – انجام. تصنيف – مضمون. جملو يا فقرو. ڪنهن مسئلي ڪي ثابت ڪرڻ لاءِ عقلي حجت – تقريري يا تحريري بيان. ثبوت – پيش خبري – اڳڪٿي. شاعر جا هول – شعر. ڪافي پِـتَ پاراتو. تڪبر – هَڪُ.
– **ڪَلامُ اللهِ:** اسم خاص. حضرت محمّد صلي الله عليه و آله وسلم تي لٿل خدا جو ڪَلامُ – الٰهي ڪَلامُ – قرآن مجيد.
– **ڪَلامُ جَوَڙُ:** ڪافي چوڙ.
– **ڪَلامُ ڪَـرَڻُ:** ڪنهن ڪم ڪي ڪرڻ جو هول ڪرڻ – مد مقابل تي سوال جواب ڪرڻ. ڳالهه هولهه ڪرڻ – گفتگو ڪرڻ – هَڪُ ڪرڻ – مغروري ڏيکارڻ. پيشنگوئي ڪرڻ – اڳڪٿي ڪرڻ.
– **ڪَلامُ ناقِصُ:** اهڙن لفظن جو مجموعو جنهن مان ڪا صفا معنيُ سمجهڻ ۾ نہ اچي (هن ڪي مُرڪب غير مفيّد به چئبو – اڻ پورو جملو – اَدوري گفتگو.
• **ڪُلانْبُ ج ڪُلانْبَ (ت):** ذ. ڪلاب. وڏي ڏَنْڊَ.
• **ڪَلانْبُو ج ڪَلانْبا (ل):** ذ. گهمرو – قيرو – دفعو – پيرو. ورزش جو هڪ رڪن – پجريءَ ڪي سنئين ڇڪَ هيٺان مٽي ڪٽي وري هيڪ ڪرڻ واري حالت.
• **ڪِلانْجُ:** ذ. ڪلرائي زمين ۾ پيدا ٽيندڙ گاهه جو هڪ قسم – ڪلانجهه.
• **ڪِلانْجهُ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **كَلاڪوٽ:** اسم خاص. تعلقي ٿلي ۾ هڪ ديهه جو نالو. ٿلي ۾ هڪ قديم ڪوٽ ۽ شهر جو نالو – مڪلي جي ٽڪري تي هڪ تاريخي شهر.

• **كلاوَنْتَ ج كلاوَنْتَ:** ذ. (سن. كَلا + وَنْتَ = ڳائڻو). ڳائڻو – راڳيندڙ – گويو – گائڪ – راڳي – مُطرب – گوئيو – كلونت – هنرمند – كلاوارو.

– **كُلاهَ ج كُلاهَ:** ذ. (ف. كُلاهَ = توپي). ڏگهي چنهنبدار توپي (جيڪا اڪثر صوفي درويش پائن).

• **كُلاهِدانْ ج كُلاهِدانْ:** ذ. (ف. كُلاهَ + دانْ). كُلاهه رکڻ جي پيٽي.

• **كَلائِنْ (ل):** مصدر. وهنجارڻ – سنان ڪرائڻ – تڙ ڪرائڻ (كَلائيو – كلائيندو – كلائيل).

• **كِلائِنْ:** (ل): مصدر. سارين ۽ جانورن کي چِڄ سان چَنڊي ڏار ڪرڻ. (كِلائيو – كِلائيندو – كِلائيل).

• **كُلائِنْ (ت):** مصدر. پار پتا ڏيڻ – نشان ٻڌائڻ – نشان ٻڌائي جاچ ڪرڻ – اُهڃاڻ ڏيڻ – ڏَس ڏيڻ. (كُلائيو – كُلائيندو – كُلائيل).

• **كَلَبْ ج كَلَبْ:** ذ. (ع). ڪُتو – سَگ.

• **كِلَبْ ج كِلَبُونْ:** ث. (انگ. Club). انجمن – سوسائٽي – سَبا – سماج ويهڻ. وندر ۽ شغل لاءِ ميمبرن جو بنايل مرڪز.

• **كُلْبَنْدَ ج كُلْبَنْدَ (ڪ):** ذ. رسو – نوڙي – واجهه – ٻڌڻو – نوڙهو – ڪاپار – سگو.

• **كَلْبُوتو ج كَلْبُوتَا:** ذ. هڪ چمڪيلو يا چمڪيدار زيور.

• **كَلِيَر ج كَلِيَرُونْ (ت):** ث. واهه يا درياءَ جو ڪنارو – پَر – ڪپر – ڪپ – ڪَنڊي – مٿانهين. ڏوري.

• **كَلْتارُ:** ذ. خالق – اُپائٽهارُ – ڪرتار – ايشور – مولىٰ پاڪ – رزاق – پالٽهار – ڏاڻي – پرماتما.

• **كَلْتِي:** اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.

• **كُلْتَرُ:** ذ. ڪليڪٽر – مُحصل. ڏِل وصول ڪندڙ – روينيو اڳاڙيندڙ.

• **كُلْتو:** ذ. ڏندن ۾ پيدا ٿيندڙ نباتات جو هڪ قسم.

– **كُلْتِي ج كُلْتِيُونْ:** ث. كُلتو.

• **كَلْپَ:** اسم خاص. (سن. كلپه). وید جو اُهو حصو جنهن ۾ ڪريا ڪرم وغيره جو احوال ڏنل آهي. سنسار جي ڪل عمر وارو حصو جو ۴۳۲.....ورهيه ليکيو ويو آهي.

• **كَلْپِنَا:** ث. (سن. كَلپن = دل ۾ ٺاهڻ). ڪنهن ڳالهه تي زور رکڻ يا گهٽو لاڙو ڏيڪارڻ واري حالت – خواهش – مرضي – چاهه – شوق – خيال.

– **كَلْپ ج كَلْپُونْ:** ث. رنج – غصو – ناراضگي – چڙ. بيزاري – دقت – خفو. بڪ بڪ – لٻاڙ – يخي – بڪوات(ت).

– **كَلْپائِنْ:** مصدر. چڙ ڏيارڻ – ڪاوڙائڻ – رنج ڪرڻ – رنجائڻ – ناراض ڪرڻ. خفي ڪرڻ – چيڙائڻ – بخيل ڪرڻ – ايذائڻ – آزارڻ – ڏکوئڻ – ڪجائڻ – وياڪل ڪرڻ – وڙائڻ – ڪپائڻ – اهنجائڻ – اَڪائڻ – ڏَهڻ – دق ڪرڻ – هلاڪ ڪرڻ – پريشان ڪرڻ – دقت ڏيڻ – تڪليف ڏيڻ. (كلپائيو – كلپائيندو – كلپائيل).

– **كَلْپِتِي ج كَلْپِتِيْ:** ذ. صفت. ڪاوڙيل – رنجالي ڪاوڙ ۾ بخيل ٿيڻ. خيال وارو.

• **كَلْبَجْگ:** اسم خاص. (سن. كَلْ = ڪارو + جُگ = يُگ. سن. ڪلي يگ = چوٽون زمانو). هندن جي عقيدي موجب چئن جگن مان هلندڙ چوٽون جُگ – چار لک ٻتيهه هزار ورهين جو عرصو. جو عيسوي سَن ڪان ۳۱۰۰ ورهيه اڳ شروع ٿيو. فساد جو زمانو – ڪوڙو سمون – ڪوتو جُگ.

• **كَلْجُ (ت):** مصدر. انتي ڪي ڪَل اچڻ – انتو ڳوهڻ – انتو مَلڻ.

• **كَلَجْ:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَلدارْ ج كَلدارَ:** ذ. چاندي جو رپيو – سڪو – سرڪاري مهر. روڪڙو – نقد.

• **كَلْدُو:** اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَلَرَ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَلَرُ ج كَلَرَ:** ذ. لوڻ ۽ ٻين کارين شين واري زمين ۾ مٽي – لوٽائيل زمين. زمين جو مٽيون کارو تهه – کاري مٽي – شوريل مٽي (جنهن تي سَلو اپريئي ڪونه). (اسم خاص). وارهه. قمبر ۽ شهداد ڪوٽ تعلقن ۾ ديهه جو نالو. (صفت). ويران – برباد – تباهه – سُڄ – پينگ.

– **كَلْرانو ج كَلْرانَا:** ذ. صفت. ڪلر وارو – کارو – لوڻ وارو (هنڌ) لوٽائو.

• **كَلْرائِي ج كَلْرائِيُونْ:** ث. ڪلر واري زمين – لوٽائي زمين.

• **كَلَرجولَئو:** ذ. لئي جي وڻ جو هڪ قسم (هي وڏو ٽئي) –

ڪلر ۾ پيدا ٿيندڙ لُئو.

– **ڪَلَرَ مَانْ ڪِي ڪِينَ ٿِيَنْ:** ڪجھ بہ نہ ٿيڻ – ڪوبہ فائدو حاصل نہ ٿيڻ. "ڪلر مان کي کين ٿئي – توڙي جام پيارينس جَرُ".

– **ڪَلَرُ مَانَڻُ:** مري وڃڻ.

– **ڪَلَرَ ۾ ڀِڄ ڀوڪَڻُ:** کي بہ هڙ حاصل نہ ٿيڻ – ڪجھ بہ ڪَل نہ ملڻ – ڪوبہ فائدو حاصل نہ ٿيڻ.

– **ڪَلَرُ ۾ ڪيرِي:** بيڪار – اجايو – وڪيارتو – بي فائدو – نڪمو – نڪار – ڏوڙ ڇائي.

– **ڪَلَرِ ۾ ڪيري حاصل ٿيڻ:** ڪجھ بہ نہ ملڻ.

• **ڪُلَرَ (ت):** ث. ڪاڌي جو هڪ قسم – گھُہ، گُنڙَ يا ڪنڊ ملايل ڪچو ٻاجھريءَ جو اٽو.

• **ڪَلَرائِڻُ:** مصدر. ڪپڑو پائڻ ۾ ڪجھ ميرو ڪري لاهي ڇڏڻ – چوڑڻ – هنڌائڻ – لوڑڻ. (ڪلرائيو – ڪلرائيندو – ڪلرائيل).

• **ڪلر بَنْجِي:** اسر خاص. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر – بصرن جي ٻج وانگر هڪ ڪارو ۽ ڪڙو ٻج.

• **ڪَلَرَ دڙو مَقامُ:** اسر خاص. تعلقي ميري خان ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **ڪَلَرِ سَرڪارِي:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **ڪَلَرُ ج ڪَلَرُوْ (ت):** ذ. ڪپڑي جو هڪ قسم. تعلقي نوشهري ۽ تعلقي فيض گنج (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **ڪَلَرِي ج ڪَلَرِيُ:** ذ. ڪاري جي گانگٽ جو هڪ قسم (رنگ ميرانجھڑو، قد ۲ – ۳ انچ). (اسر خاص). شهدادپور، روھڑي، ڳڙھي ياسين، عمرڪوٽ ۽ ھالا تعلقن ۾ ديھ جو نالو.

• **ڪَلَرُوْ ج ڪَلَرَا:** ذ. ننڍو ٻچو – معصوم ٻار – اِبَھَرُ – ٻارڙو – گينگو – صغير – ٻالڪ – ڪَلھو (ل).

• **ڪَلَرِي ج ڪَلَرِيُوْنْ (ت):** ث. راڳ. آواز – ھَڪَل – ڪُوڪَ – ڪيڪَ – رَڙ – دانھن.

• **ڪَلَسُ ج ڪَلَسَ:** ذ. (سن. ڪلْش = بُرج). جھنڊي جي متان واري بُنبلي – ڪَلنگي – چوٽي – نِيلُ – مُنار – بُرج – چَونرُ – تَونرُ – ڪُنگرو – ڪُنگري – ڪُلغي – طُرو – بُنبو. ڪمال – چيھُ – دنگ – چيڑو. ليوَر جو هڪ قسم. هندن جو پوڄا لاءِ ڪم آندل پاٽيءَ سان پريل هڪ خاص نموني جو دلو. آني جي ڪَلَ.

• **ڪَلْسُوْ ج ڪَلْسا:** ذ. سوڙھي ڳڄيءَ سان ڏاتوءَ جو ٺھيل ٽانءَ يا برتن – ڏاتوءَ جي صُراحي – صراحيدار گردن سان لوٽو – ڪَلْسِيو.

– **ڪَلْسِيْ ج ڪَلْسِيُوْنْ:** ث. اسر. ڏاتو جو ننڍڙو گَنڍُون.

– **ڪَلْسِيُوْ ج ڪَلْسِيا:** ذ. اسر. ڪَلسو.

• **ڪُلْفُوْ:** اسر. ھڪڙي سبزيءَ جو ٻج، جو ڪاڌي ڪائڻ کان پوءِ ڏُودني وغيره وانگي ڪائجي.

• **ڪَلْشُ ج ڪَلْشَ (ت):** ذ. جانور.

• **ڪَلَفُ ج ڪَلَفَ:** ذ. سُٽ يا ڪپڑي کي آڪڙائڻ لاءِ جانورن يا اھڙي قسم جي ٻي شيءِ مان ناھيل پيچي – پيٽ – آھر – آش. تات – شوخائي – ڪڑڪو – ڪڑڪائي – تاتائي – سيٽ – سفيد وارن کي ڪاري ڪرڻ جي دوا – خضاب.

– **ڪَلَفُ ڏيڻ:** جانورن جي پيٽ ۾ ڪپڑو ھوڙڻ – شوخ ڪرڻ – تات ڪرڻ – آھر ڏيڻ – ڪڑڪ ڪرڻ.

• **ڪُلَفُ ج ڪُلَفَ:** ذ. (ع. قُفْلُ = کلف). ڪُرف – تالو – قُفْلُ – جندرو (ت).

• **ڪُلْفَتُ ج ڪُلْفَتُوْنْ:** ث. (ع. کُلفت = ناسازي). دشمني – ويرُ – وروڌُ – عداوت – خصومت – زنگُ – ڪَڪُ – ڪاوڙھ – حسَد – ساڙو – ضِدُ – اختلاف – بغض – وَڌِ – ھيائي. اٽڪٻٽ – جھيڑو – جھگڙو. نفرت – ڏڪار – حقارت. آفت – آپدا – تڪليف – ڪشٽ – مصيبت. مھرباني جو ضد – بي مھري – سرد مھري – مُنھن رُکائي.

• **ڪَلْفُ:** مصدر. ڪلف ڏيڻ – شوخ ڪرڻ – ڪڑڪ ڪرڻ – ڪڑڪيدار ڪرڻ – تات ڪرڻ – آھرڻ – سخت ڪرڻ – پيٽ ڏيڻ (ڪپڑي وغيره کي). رنگڻ – رنگ ڏيڻ (ل).

• **ڪُلْفُوْ:** ذ. لُوٽڪ (پاڇيءَ) جو ٻُڄ.

• **ڪُلْفِيْ ج ڪُلْفِيُوْنْ:** ث. ڪير ۽ پاٽيءَ کي برف ۾ جمائي ناھيل ڪاڏو.

• **ڪُلْفُ ج ڪُلْفَ (ت):** ذ. خضاب. شيرو.

• **ڪِلْتِ ج ڪِلْتُوْنْ:** ث. ڪِلڪِل – ڪِلڪِٽ – ڪِرڪِر – ڪِٽڪِٽ.

• **ڪِلْڪَ ج ڪِلْڪُوْنْ:** ث. (سن. ڪَرٹِکا). ڪاني جو قلم – ليکَڻ.

– **ڪِلْڪَ جوڙڻ:** لکڻ مھل قلم جو آواز ڪرڻ – ڇُرڇُر ڪرڻ.

• **ڪِلِڪار ج ڪِلِڪارُوْنْ:** ث. (سن. ڪَرک = زور سان ڪِلَڻُ). ڏندن جي ڪرٽ – ڪرتو – گھُٽو – ڏندن جو ٽڪاءُ – پِيسَ – پيھٽي – ڏڪٽي.

• **كلڪائڻ:** مصدر. (ڪپ وغيره ڪي) روهيءَ تي تڪو ڪرڻ – سراڻ تي چاڑهڻ – لاڙ – تيز ڪرڻ. چڄ جي لوڏي سان اڃايا ڪڪ ان کان جدا ڪرڻ.

• **ڪلڪتو:** اسر خاص. هندستان جي هڪ مشهور شهر جو نالو.

– **ڪلڪتائي:** ذ صفت. ڪلڪتي مان آيل. ڪَبُوتر جو هڪ قسم.

• **ڪلڪٽ:** ث. (سن. ڪٽڪ > ڪَلَهْ = گهپي). ڪلڪل ـ ڪٽ ڪٽ ـ ريڑهه پيڑهه – رڳڑو – بحث – ردبدل – ڪَرڪَر – ڪٽ ڪٽ.

• **ڪلڪ ڪنگر جاگير نمبر ۱ – ۲ ۳ – ۴ – ۵:** اسر خاص. تعلقي تندي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪلڪل ج ڪلڪليون:** ث. (سن. ڪَلَهَ > ڪَل ڪَل = جهيڑو). گهپي – ڪٽ ڪٽ – مانڌاڻ ـ ريڑهه پيڑهه – ڪُرڪُر.

– **ڪلڪل ڪرڻ:** گهپي ڪرڻ – ڪرڪر ڪرڻ – ڪروڌ ڪرڻ – ريڑهه پيڑهه ڪرڻ.

• **ڪلڪلو:** ڏاڍيان ڳالهاءِ. ريڑهه پيڑهه – ٽنٽو – رڳڑو – جهڳڑو.

• **ڪلڪليو ج ڪلڪليا:** ذ. صفت. ڪٽڪٽيو – ڪنڪٽيو – رڳڑائي. چالاڪ – حرفتي.

• **ڪلڪهو ج ڪلڪها:** ذ. هڪ ٻوٽي جو نالو.

• **ڪلماڻي:** اسر خاص. بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪلمتي:** اسر خاص. ڪلمت مڪران مان آيل بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪلمو ڪلمان:** ذ. (ع. ڪلمَ = هن ڳالهايو). اسلام جو. پهريون رڪن "لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسولُ اللّٰهِ" (ڪلمو طيّب). لفظ –ٻول – سخن – قولُ – ڪَلامُ – فِقرهُ. علم نحو موجب اهو لفظ جنهن مان هڪڙيئي معنيٰ نڪري ٿي ۽ ان جي پرزن يا ٽڪرن يا پاڳن جو انهن جي معنيٰ سان ڪوبه واسطو نه هجي. هڪڙو مفرد موضوع (بامعنيٰ) لفظ "اهڙا گهٽا ڪلمان گڏجي ڪلام جوڙين ٿا، جن کي جملو يا جملا، يا تقرير بيان چئي سگهجي ٿو" (علم نحو، ص۴).

– **ڪلمو پڙهڻ:** دين اسلام جي اصول مطابق اعتقاد سان ڪلمون پڙهڻ – دين جي تصديق ڏيڻ – خاطري ڏيڻ – پڪ ڏيڻ. وعدو ڪرڻ – انجام ڪرڻ – اقرار ڪرڻ – سخن ڪرڻ.

– **ڪلمي پائي:** ذ. هر مذهبي – اسلامي – مسلمان.

– **ڪلمي سان لڌڻ:** مسلمان ٿي مرڻ.

– **ڪلمي سان هُئڻ:** مسلماني ۽ تي پورو هجڻ.

– **ڪلمي گو:** ذ. صفت. ڪلمو پريندڙ – مسلمان – سچ چوندڙ – حق گو – راستي – سچار. (خدا ۽ سندس رسول کي) مڃيندڙ.

• **ڪلمي ج ڪلميون:** ث. ٻيڙين جو ننڍو سڙهه – بادبان – بيرق (ت).

• **ڪلمي شورو:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وَڪَرُ.

• **ڪلنبر ج ڪلنبر (ت):** ذ. ڏسو ڪلنبرُ – ڪپ – ڪنارو. ڪنڊي – پر.

• **ڪلنگ ج ڪلنگ:** ذ. (سن. ڪَلَشُ). ڪلنگي وارو – طري وارو – ڪُلهي وارو. مشهور پهلوان – جوڌو – دليرُ – وِيرُ – سُورمو – بهادُر – بانڪو – شهزور. ناليوارو – نامڪنيو – گڙنگ – مشهورُ – هاڪارو.

• **ڪلنگ ج ڪلنگ (ت):** ذ. دوا جو سنگ – دوا جي لُسريُ.

– **ڪلنگو ج ڪلنگا:** ذ. موڙ – طُرو – ڪلنگي – ڪَلَنگ – چوٽي. ڪڙ جو موڙ – ڪُڪڙ جو چَٽ. هڪڙي قسم جو گل.

– **ڪلنگي ج ڪلنگيون:** ث. (تُرڪي. ڪَلغي). بادشاهي چَٽ – تاج. پٽڪي جي مٿي ڪيل چوٽي – ڪُلهي. پکين جي مٿي تي ڪنين جو گل – چڳو – جهُمَڪ. ڪڙ جي مٿي تي چوٽي – موڙ – ٽَوڙُ – نِيلُ – ڪڙ چَٽ. ڇنبياري چوٽي – ڪُلهو – لوهيٰ ٽوپي – سردارِيءَ جو نشان – تمغو.

– **ڪلنگي سَر ڪَرڻ:** تاج مٿي تي رکڻ – حڪومت حاصل ڪرڻ – چٽ جهلائڻ. شهرت وارو ٽيڻ – نالير ٽيڻ – نالو ڪڍائڻ – ڏاڪو وڄائڻ – نام ڪنيو ٽيڻ.

• **ڪلنگهو ج ڪلنگها:** جانورن جو هڪ قسم. هڪ ٻوٽي جو نالو.

• **ڪلهُ:** مصدر. وهنجڻ – غسل ڪرڻ – سنان ڪرڻ – تڙ ڪرڻ – مٽو ڏوئڻ (ل. ڪ). (انهي ڪي) اٽلائڻ – مارڻ – ڪوهڻ – ڪَلَ ڏيڻ – مِٽيءَ ڪي ڪوهي پُوريءَ سختيءَ تي پهچائڻ – ڪنيرجو مٽيءَ ڪي مار ڏيڻ. انهي ڪي ڪوهڻ بعد ڇڄ وقت ڏيڻ.

– **ڪل ڏيڻ:** مٽيءَ ڪي مار ڏيڻ – انهي ڪي مَل ڏيڻ. پَڄ ڏيڻ.

• **ڪلهُ:** اسر خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪلو ج ڪلا:** ذ. مڃيءَ جو هڪ قسم (هي مڃيءَ ڪي سندس ڪنڊو لڳي ته مري پوي، بنا چل سفيد، آگر جيڏي، سنهن ڪنڊن سان) (ڪ). سِسيٰ – سِرُ – سِري – مُنڊيُ. گلو – حلقو (ت). ننڍو ٻچو – ڪلهو – اَبهَرُ – صَغيرُ – گينگو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخت اُڄ – تاس – پياس. سڪ – محبت (ل). ڪُنڊيو (ل). سردار – رئيس – آقا – مُکي – پٽيل. وڏي سڌ مراد گهرڻ واري حالت (ت).

– **ڪلولگڙ:** سخت اڄ لڳڻ. پريشان ٿيڻ. مڇيءَ جو ڦٽڪڻ ۽ مرڻ (مڇيءَ کي ڪلولگڙ).

• **ڪلو:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪلو ج ڪلاڙ:** ذ. (سن. ڪيٖل = ڪلو). ڪانيءَ يا لوهه جو ڇنبيارو ٽڪر وڏي ڪلي – ڪِلُ – وڏو ڪوڪو – ميخ – کيرو – کيرُ – کونٽو – چوبُ. بيل گاڏيءَ جو هڪ عضو (ع. قلعه). قلعو ۽ جنگ – لڙائي. جنگ. جنگ جو وقت – اوکيءَ ويلَ – ڏکئي وقت. ماٺهوءَ جي آلت.

– **ڪلو ٺوڪڻ:** مضبوط ڪرڻ – قابو ڪرڻ – سوگهو ڪرڻ. ڏڙڪو ڏيڻ – تابُ وهارڻ – دبَ ڏيڻ. سخت پورهيو وٺڻ – محنت ڪرائڻ.

• **ڪلو ڪرڻ:** جهيڑو يا لڙائي ڪرڻ – فساد ڪرڻ.

• **ڪَلي وَڪَڙ:** رسي ٻڌڻ جو هڪ قسم – ڳنڍ ٻڌڻ جو هڪ نمونو – ڏيڍي ڳنڍ.

• **ڪلي ويڙ:** جنگ جي وقت – لڙائيءَ وقت.

• **ڪُلاه ج ڪُلاهَ:** ذ. (ف). پٽڪي هيٺان پائڻ جي ڇنبدار ٽوپي. ڪُلهو. ٽوپي. مٿو – مَغزُ – سرُ.

• **ڪُلوا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪُلواريُ:** اسر خاص. ديري محبت ۽ جيمس آباد تعلقن ۾ ڏيهه جو نالو.

• **ڪُلواڻ ڪُلوَڙ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪُلواڙو:** ذ. وَڄت جو هڪ تار (لهري وانگر ٽئي).

• **ڪُلواڻيُ:** اسر خاص. تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **ڪَلواڻُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو (۱۵ پاڙا).

• **ڪُلواڻيُ:** اسر خاص. مري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **ڪَلوٽ ج ڪُلوٽ (ت):** ذ. ڪپڙي کي ڏنل ڪَلَفُ – پيٽ.

• **ڪَلورُ ج ڪلورَ:** ذ. (سن. ڪَلولُ = ظُلمُ) ويلُ – ظُلم – ناحق – بي انصافي – هاجو – ڏاڏِ – بيدادُ – زبردستي – قهر – ڏاڏائي.

– **ڪَلورُ ٽيَڻ:** ظلم ٽيڻ – ناحق ٽيڻ – بي انصافي ٽيڻ – بيداد ٽيڻ – قَهرُ ٽيڻ – ستَمُ ٽيڻ.

– **ڪَلورُ ڪرڻ:** ظلم ڪرڻ – ڏاڏِ ڪرڻ – زوري ڪرڻ – ستَمُ ڪرڻ – بي انصافي ڪرڻ – ويلُ وَهائڻ.

– **ڪَلوريُ ج ڪَلوريُونْ:** ذ. صفت. ظالم – قهري – ڏوڏي – ستمگر – زبردستَ – ظلمي.

• **ڪَلورو:** اسر خاص. گاهه جو هڪ قسم – ڏاجورو. (اسر خاص). تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَلوريُ ج ڪَلوريُونْ:** ث. هڪ قسم جو ڇهنگلي قَل – ڏَڻ جو هڪ قسم.

• **ڪَلوڙ:** اسر خاص. تعلقي ميرپور ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **ڪَلوڙيُ:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارکي وکر جو نالو. هڪ قسم جو وڻ يا ٻوٽو. جنهن جو قَل آچار طور ڪم اچي – ڪرڙُ – ڪريڙُ.

• **ڪَلُوسُ ج ڪَلُوسَ (ت):** ذ. ڪنجوس – بخيل – ٽورَ سَهو – مُوذي – شُوم.

– **ڪَلُوسُ ڪَلُوسُ ٽيَڻ:** ٻاهه ٽيڻ. ناس ٽيڻ – چٽ ٽيڻ.

• **ڪُلُوسُ ج ڪُلُوسَ:** ذ. جهيڑو – جهڪڙو – تنتو – فساد – ويڙهه – وڳوڙ – رڳڙو – دنگو – تکرار – ويڙ وَڙ. رنج – ناراض (ت).

• **ڪُلُوسُ:** ذ. تانگهه – چِڪَ – ڪاڍ – سِڪ – ڪاڍو – اُڪيرَ – اُڪَنڊَ.

– **ڪُلُوسُ ڪُلُوسُ ڪَرڻ:** تانگهائڻ – چِڪَ ڪرڻ – ڪَڍڻ – سڪَ ڪرڻ.

• **ڪَلو ڪُلو (ت):** (آواز) ڪتي کي سڏڻ جو آواز – ڪُورُ ڪُورُ.

• **ڪَلولُ ج ڪَلولَ:** ذ. اسرار – رمز – ڳُجهه – پيد – لِڪ – پڙدو. مؤج – مزو – راحت – عيش. "ڪاپڙين جي ڪَلول جي ڪَچن کل ڪيهي" (دلپت). سڙڻ واري حالت – ساڙو – پَڄر (ل).

• **ڪَلونَتُ ج ڪَلونَتَ:** ذ. ڪلاونت – ڳائيندڙ – راڳيندڙ – ڳائٽو – ڳائڪ – راڳي – گَوَيو – مُطرب – قَوال.

• **ڪَلونْجِيُ ج ڪَلونْجِيُونْ:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جي ٻوٽيءَ جي ٻج جو نالو – هڪ پسارکو وَڪَرُ.

• **ڪلوٽيُ:** اسر خاص. ڏيپلي ۽ ڊگهڙي تعلقن ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ڏيهه جو نالو. هڪ ذات جو نالو – بلوچن جو هڪ وڏو پاڙو.

• **ڪَلهه:** ظرف. (سن. ڪَلِيَه = ڪالهه). گذريل ڏينهن – ڪالهه – ديروز. اڳيون ڏينهن – ايندڙ ڏينهن.

– **ڪلهه رات:** ظرف. گذريل رات – ڪالهه رات – اڳين رات.

– **ڪَلهوڪوُ ج ڪَلهوڪا:** ظرف ڪالهه وارو – ڪالهوڪو – ڪلهوٽو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪُلهوڪيِ ڳالهِ:** ڪلهه واري ڳالهه – ڪلهه جي ڳالهه. حال جو ذڪر – هينئرجي ڳالهه – ترت ٿيل ذڪر – ويجهڙائيءَ جو بيان.

– **ڪُلهوڙو ج ڪلهوڙا:** ظرف. ڪالهوڪو – ڪالهه وارو – اڳئين ڏينهن وارو.

• **ڪُلهِ ج ڪُلهُونْ:** ث. (سن. ڪَلْهَ = جهيڙو). معاملو – جهيڙو – جهڳڙو – فساد – ڦڏو – رڳڙو – تنتو – وڳوڙ. گهَپي – جهڳڙو – ڪلڪل – ڪِٽ ڪِٽ – ڪروڌ. روج – راڙو – شورَ – گوڙ (صفت). جهيڙائي – جهڳڙائي.

– **ڪُلهِ جاريْ ٿيَنْ:** بي آرامي پيدا ٿيڻ – پريشاني حاصل ٿيڻ – سُک ڦِٽڻ. معاملو ٿيڻ – جهيڙو ٿيڻ – جهڳڙو ٿيڻ – رڳڙو ٿيڻ. گهپي شروع ٿيڻ – ڪروڌ مچڻ.

• **ڪُلهَ ج ڪُلهَ:** ذ. تلوار جي هٿئي کي ٻنهي پاسن کان لڙکندڙ گُل يا ڏور.

• **ڪُلها:** اسم خاص. ٽر ۾ رهندڙ برهمڻن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ڪُلهاڻ کارو:** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **ڪُلهيِ ج ڪُلهيِيُونْ:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪي وڪر جو نالو.

• **ڪُلهوْ ج ڪلها:** ذ. (ف. ڪِلْ = ڪنهن به جانور جو نَر بَچو). ڪمزور هيٽو ٻار – اپاهج ۽ بي وس ٻچڙو – بي سمجهه ٻار – يتيم – اڪيلو – لاچار بي پهچ نڏر. "هڑٽي اچي حاضر ٿي، جنهن ڳوري ڳالهيو. ڪلها چڏيا هئر ڪنڌ تي، منهنجو پري پنڌ هئو" (بجايو رند).

• **ڪُلهوْ ج ڪُلها:** ذ. عُضوي جو نالو. ٻانهن جي پاڙ ۽ ڪچ کان مٿان وارو هنڌ – گولي پيالي واري سَنڌَ جو نالو – دوش (ف). مُنديو – دَستو.

– **ڪُلها سُورَ ڪَرڻْ:** گهٽي ڪم ڪرڻ ڪري ٽڪجي پوڻ. ورڇڻ – خفي ٿيڻ – بيزار ٿيڻ – ڪَڪَ ٿيڻ.

– **ڪَلها ڪَڍيْ وڃهَنْ:** ٽڪجي پوڻ – ڪُلها سور ڪرڻ. گهٽي محنت ڪرائڻ – ٽڪائڻ. ورجائڻ. خفي ڪرڻ – بيزار ٿيڻ.

– **ڪُلها ڪوڙيِنْ:** ڏَڪ جي وارَ کان جهُڪي وهَڻ – وارو بچائڻ. ڪم کان گسائڻ – نتائڻ – تاتمائڻ.

– **ڪُلها گَنَلْ:** ذ. صفت. مصيبت کي منهن ڏيندڙ – هريَلُ – مصيبت سهندڙ. آزمودگار.

– **ڪُلها گَنَلْ هُنَنْ:** مصيبت تي هريَلُ هئڻ – سيڪنهن مصيبت سهڻ جهڙو هئڻ – تجربيڪار هئڻ – آزمودگار هئڻ.

– **ڪُلها گَسَ ٿيَنْ:** گهٽن ماٹهن جو گڏ ٿيڻ – انبوهه مڙڻ – رش ٿيڻ.

– **ڪُلها گَسيْ وَجنْ:** سخت پورهيو ڪرڻ – هَڇڻُ – محنت ڪرڻ.

– **ڪُلها گَهَهَ:** ث. ڪلهي گَسَ – ميڙَ – انبوهَ – هشامَ – پيڙبَ – ڪَثَ – گوڙ – پيڙهَ.

– **ڪُلها گاڙها ڪري اَچنْ:** (دعا جو هڪ قسم) پرٽجي اچڻ – گاڙهي چادر ڪلهن ۾ ڏَڪَڻُ – شادي ڪرڻ.

– **ڪُلها هَٽندو وَتَنْ:** بيڪار گهمندو وتڻ – خواهه مخواهه رلڻ. رَوُ ڪڏائي وڙهڻ – هروپرو وڙهڻ.

– **ڪُلهن تي ڪَرَنْ:** ڪنهن کي جاڻي ٻجهي تڪليف ڏيڻ – بار ٿيڻ – زبردستي ڪنهن تي بوجهه پوڻ.

– **ڪُلهَن تي ڪَڻَنْ:** همدردي ڪرڻ – مدد ڪرڻ – واهر ڪرڻ – سهائتا ڪرڻ – همراهي ڪرڻ.

– **ڪُلهننَاڻْ:** ظرف. ڪلهن کان – ڪلهن وٽان.

– **ڪُلهنٽُونْ:** ڪلهن کان – ڪلهن تان – ڪُلهنَاڻْ.

– **ڪُلهوْ جهَلَڻْ:** برابري ڪرڻ – مقابلو ڪرڻ. پاڻ تي بار سهڻ لاءِ يا وٽس مدد لاءِ مضبوط ٽي بيهڻ.

– **ڪُلهو ڏيَنْ:** ٻانهن ٻيلي ٿيڻ – مدد ڪرڻ – سهائتا ڪرڻ – همراهي ڪرڻ – شامل ٿيڻ پنهنجي ڪلهي تي سهڻ (ٻئي جو ٻار) – ٻئي جي مصيبت سهڻ. جنازو کڻڻ – لاش کي ڪنڌ ڏيڻ.

– **ڪُلهو ڪُلهي ساڻْ ڏيَنْ:** هر ڪنهن ڳالهه ۾ شامل هئڻ – ساٿ ڏيڻ – ٻانهن ٻيلي ٿيڻ.

– **ڪُلهو ڪُلهي ساڻْ ڏيئي بيهَنْ:** شامل يا مددگار ٿيڻ – ڪُلهو ڪُلهي سان ڏيَنْ.

– **ڪُلهو ڪُلهي ۾ مِلائنْ:** مددگار ٿيڻ – واهرو ٿيڻ – ساٿي ٿيڻ – ساٿي ٿيڻ – شامل راءِ ٿيڻ.

– **ڪُلهو لڳَنْ:** (ڏڳي وغيره جو) ڪُلهو سَڄي يا اَڳيِ پوَنْ يا ڦڄي پوڻ. واهيات نموني ۾ هلت ڪرڻ – اڌنگو ٿيڻ – اڌنگي هلت ڪرڻ.

– **ڪُلهو مِلائنْ:** مقابلو ڪرڻ – مَٽ ڪرڻ يا ٿيڻ – برابر ڪرڻ – جوڙجيس ٿيڻ – ثاني ٿيڻ. همراه ٿيڻ – مددگار ٿيڻ – واهرو ٿيڻ – حاميِ ٿيڻ.

– **ڪُلهو نصيب ٿيَنْ:** ڪنهن جي جنازي کي ڪُلهَن تي کڻڻ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موقعو ملڻ.

– **ڪُلهو هڻڻُ:** برابري ڪرڻ – مقابلو ڪرڻ – طاقت وغيره ۾ ٻئي جو مٽ ٽيڻ – زور آزمائي ڪرڻ. وڏو ٽيڻ. خواهه مخواهه وڙهڻ – هروپرو وڙهڻ لاءِ سانباهو ڪيڏ.

– **ڪُلهي جَسُ (ت):** اوڪيءَ ويل ڪيل مدد – همدردي – سهائتا (ٻين سان).

– **ڪُلهي جُوسِيْ (ت):** مددگار – همدرد – واهرو – حاميُ – حمايتي

– **ڪُلهي ڪَانْڌِي ٽِيَنْ:** مئي کان پوءِ ڪٽ ڪي ڪلهي تي ڪٽڻ – کانڌي ٽيڻ.

– **ڪُلهي ڪَٽَنِي وجهَنْ:** ڪفني پائڻ – دردر پٽڪڻ – فقير ٽيڻ – بيڪاري ٽيڻ – گدا گر ٽيڻ. ديوانو ٿي رلڻ.

– **ڪُلهي گَسَ:** ث. (ماٿهن جو) گوڙ – ڳاهٽ – هَشام – هِشام – گڙدي – پيهه – پيندي – گيهه – گپا گيهه – ميڙ – هئس گئس – انبوهه – ڪٽي – سَٽ.

• **ڪُلهي گِيْهَ:** ماٿهن جي پيڙ – گوڙ – ڪُلهي گَسَ – انبوهه.

• **ڪلهوڙا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو. موري، دادن ميرو خان ۽ شهدادڪوٽ تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُلهوڙِڪِيْ:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُلهِيْ ج ڪُلهِيُوْنْ (ل):** ث. ڏاڇي – اُٽ.

– **ڪُلهيرو ج ڪُلهيرا:** ذ. تاجي ڪي صاف ڪرڻ جو هڪ اوزار – ڪلهيڙو – سانهر – وڏو برش.

• **ڪُلهيري:** ت. ظرف. ڪلهي تائين ٻانهين (چوڙي جي).

• **ڪُلهيَ ڪارو (ڪ):** اسر خاص. سُڪ جي الهندي پاسي هڪ جبل جو نالو.

• **ڪُلَّهُ:** ذ. نشان – پار پتا – اُهڃاڻ. ڳولا ڦولا – پڇا ڳاڇا – جاچ جوڳ.

• **ڪُلَّهُ ڏِيْنْ:** اهڃاڻ ڏيڻ – پار پتا ڏيڻ – نشان ٻڌائڻ. ڳولا ڦولا لاءِ چوڻ – پڇا ڳاڇا ڪرڻ – جاچ جوڳ ڪرڻ.

• **ڪُلُّو ج ڪُلَّا:** ذ. ڪلجُگ. زمانو – سمون – ڪي سال – اَيام – جُگ.

• **ڪُلِيُو ج ڪُلِيَا:** ذ. ڪاڙهيل يا اوهاريل گوشت جو شوربو – گوشت جو رَس – صوف – عرق – آب گوشت – شوروو – (انگ). سوپ.

• **ڪُلِيْ ج ڪُلِيُوْنْ:** ث. (سن. ڪَلِيْ = مُڪڙِيْ > سن. ڪِلِنْڪا = مڪڙي). گلاب جو اڻ ٽڙيل گل – غنچو – مڪڙي – شگوفو – ڪُونْپَلُ. وات جي چيڙي ۾ هڪ قدرتي ڳوڙهو – ڳلڦڙو – نڙيءَ جو غدود. (مڇيءَ جا) ساهه ڪٽڻ جا ڳِلا – ڪلئي. اهوجهه – جوان چوڪري – ڪنواري – دوشيزه ث. بازدارن جو لفظ، باز جو ڪنپ. بيت يا شعر جي مصرع – ٽل – سٽ – انترو. چڻيءَ جي ٻن تارن جي وڄ وارو ڪڙو. (ڪڙي جي) ترير – ڪچري – چڪوتي – چولي جي پاسن جو ٽڪر. پاڻ، اڏ سير يا سير جو ماپو. ڏڳي جو ٽوهو. سَهَڪَ – تڪليف – آٽڻ مانڊ – سهڪي. ڪُلِيءَ ۾ ٽيندڙ بيماريءَ جو هڪ قسم (ف. قليان). حقي جو هڪ قسم. مينهن جي پاڻي سان پرچي ويل ڪڏ. ڪِلِڪلو – جهيڙو – بکيڙو – ڏمجر – گوڙ – هُل (ت). پيرو راڄَ جي هڪ راڄڪِيءَ جو نالو. (سن. ڪل). چوٽون جڳ – ڪلجڳ.

– **ڪُلِيْ پَوَنْ ج ڪُلِيُوْنْ پَوَنْ:** ڪلين جو سڃي پوڻ – گلي جي بيماري ٽيڻ – ڳلڦڙا وڌي پوڻ.

– **ڪُلِيْڪانْ:** صفت. ڪلجڳ جو وقت – خراب وقت.

– **ڪُلِيُوْنْ ڪَنْبَنْ:** ڏڃڻ – ڏڪڻ – هراسجڻ – خوف ۾ پرچي وڃڻ – ڪانڀارجڻ.

– **ڪِلِيْ ج ڪِلِيُوْنْ:** ث. (پرا. ڪيلا. سن. ڪِيْلَ = ڪِلِيْ). لوهه يا ڪاٺ جو نوڪدار ٽڪر – ڪوڪو – ميخ – ڪِل – ڪِيري.

– **ڪِلِيْدانْ ج ڪِلِيْدانْ:** ڪاٺ جي پٽي يا چوڪٽ جنهن منجهه گهٽيون ڪليون ڪتل هجن.

– **ڪِلِيْدارُ ج ڪِلِيْدارَ:** ذ. (ف. ڪِلِيْ + دارُ = چابي رکندڙ). ڪنهن قلعي يا ڪوٽ جي چابي رکڻ وارو يا اُن جي سنيال ڪندڙ – چابيءَ وارو – دربان. ڪنهن دڪان جي مرادي رکندڙ – مُنيب.

• **ڪُلِيْ ج ڪُلِيُوْن (ڪ):** ث. جُتي، چمبل وغيره ۾ پيل چمڙي جي وڊي. (صفت). (ع). ڪُل = سَبُ). سموري – ساري – سڀ سربستي – سڃي – جملي – ڪل سيوئي – رڳي.

– **ڪُلِيْ ڪُتِيْ (ت):** صفت. خوشامدي – چاپلوسي.

• **ڪُلِّيَاتُ:** ث. (ع). "ڪُل" جو جمع. (جُزئيات جو ضدُ). تصنيفات جو مجموعو – هڪڙيئي ماٿهوءَ جو چيل نظمن جو مجموعو.

• **ڪُلْيَارَ:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪُلْيَانْ:** ذ. هڪ راڄَ جو نالو.

• **ڪُلْيَاڻُ ج ڪُلْيَاڻَ:** ذ. صفت. (سن. ڪلياڻ = عمدو). عمدو – سهڻو – سڻو – حسين – ناهوڪو – وٽندڙ – دلپسند. آسودو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– سکي – جوڙ – سکيو – ستابو – نئوبنو – خوش قسمت – فائدي وارو – تازو تکڙو. (سن. کلياڻ = سک). خيريت – عافيت – سک – آرام – چڱيلائي – تندرستي – فائدو – نفعو – لاڀ – پراپت. چڑهندي – سٹائي – خوشي – منگل – سرهائي – آنند. گَت. امن امان – سانت. سوڀ – فتح – نصرت – کامراني – جيت – کٹ. مجلس – کچهري – منڊل – معرکو – محفل – رهاڻ. وصف – خاصيت – گڻ. نقصان – خراب کر (ت). حيلو – جاکوڙ – وس. (اسم خاص). هک راڳ جو نالو (رات جي وقت ڳائجي).

– **كَلْيَانُ كَرَڻُ:** خوش کرڻ – راضي کرڻ – سرهو کرڻ – نهال کرڻ. حيلو کرڻ – وڌو وس کرڻ.

• **كَلْيجڙُ ج كَلْيجَڙَ:** ذ. پان پاڙ – کلنجان.

• **كَلِيجو ج كَلِيجَا:** ذ. (پرا. کالِجْ = جيرو. سن. کَلَيَہ = جيرو). هک عضوي جو نالو – جيرو – زيرو – جگر. گلو – لُکيءَ واري جاءِ ـ دل – چاتي – من. مجال – قدرت – سگهه – طاقت – پهچ. تاب – زور – شجاعت – بهادري – دليري – مردانگي – همت – هِل – وت. (کَليجِيْ ج کَليجيُون).

• **كَلِيْدَ ج كَلِيْدُوْن:** ث. (ع). کنجي – تالي – چابي.

• **كليرِيْ:** اسر خاص. هک قبيلي جو نالو. تعلقي گمبٽ (رياست خيرپور) ۾ هک ديهه ۽ گوٺ جو نالو.

• **كَلِيْسَا ج كَلِيْسَائُوْن:** ث. (يُونانِيْ. کَلِيْسَا < ع. کلِيْسَا). عيسائن جي پوڄا جي جاءِ ـ کرستانن جو عبادت گهر. (انگ). چرچ – گرجا. ترسا قوم جو مندر.

• **كَلِيكٹَرُ ج كَلِيكٹَرَ:** ذ. (انگ) ڊل گڏ کندڙ. سنڌ ۾ انگريزن جي دور ۾ ضلعي جي حاکم جو نالو – مالي آفيسر جو نالو.

– **كليكٹري ج كليكٹريُوْن:** ث. ضلعداري – مالي آفيسر جو عهدو – ضلعي جي حڪومت – حاکمي.

• **كُلِيْ كُلِيْ (ت):** ذ. (آواز). کتي کي سڏ کرڻ جو آواز – کُور کُور.

• **كَلِيْ كوٺ:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هک ديهه جو نالو.

• **كَلِيَلَ ج كَلِيَلُوْن:** ث. صفت. اٽلايل – ماريل – گوهيل (متي، اٽو وغيره).

• **كَلِيْلَ ج كَلِيْلَ ذ:** صفت. (ع. کلِيْل = ٿوري نظر وارو. مڌو. ڏکاريل). بچڙو – خراب. "کُوڙي مان آهيان، کوجهي جو کَلِيْل".

• **كَلِيْلِيْ ج كَلِيْلُوْن (ت):** ث. نفرت – بُڇان – حَقارت – ڏکار – کراهت – اُلٽي – قَئي – اوکارو – اوچارو – مُنهن کَيَ – مُنهن کال – اَڇَلَ.

• **كَلِيْمُ ج كَلِيْمَ:** ذ. (ع). گالهائيندڙ – گالهه کندڙ – هر سُخن – هر کلام – سخن گو. مجروح – زخمي. (اسم خاص). حضرت موسيٰ عليه السلام جن جو لقب.

– **كَلِيْمِ اللّٰه:** صفت. حضرت موسيٰ عليه السلام جو لقب – خدا سان هر کلام ٿيندڙ.

• **كُلِيوْ ج كُلِيا (ت):** ذ. [ع] قاعدو – ريت – رواج – رسم – راهه ريت – قانون – سرشتو – ڏَنگ – ڏَبُ – دستور.

• **كلي وارُ:** اسر خاص. ٽاٽي بولا خان کان کوه ڏکڻ طرف کلي جي پرسان هک جبل جو نالو.

• **كَرْ (ف).** صفت. ٿورو – گهٽ – کُجهه – کُڇ – کَسو – اوٽو – پوٽو. کان سواءِ – بِنا – ري. جيئن ته: کر بخت، کر عقل، کر فهم.

– **كَرْ آزارُ ج كَرْ آزارَ:** ذ. صفت. گهٽ آزاريندڙ – گهٽ ظلمي – ٿوري سختي کندڙ – گهٽ تکليف ڏيندڙ.

– **كَرْ بَخْتُ ج كَرْ بَخْتَ:** ذ. صفت. بدنصيب – کر نصيب – نياڳو – چَنڊو – بدبخت.

– **كَرْ بَخْتِيْ ج كَرْ بَخْتِيُوْن:** ث. بدقسمتي – نياڳ – مازران – شامت – بدطالعي – نامرادي – چَنڊائي – بدبختي – ندورائي – کر نصيبي.

– **كَرْ تَحلِيْلُ پاٽِيْ:** گهٽ ڳاريندڙ پاٽي – ڳورو پاٽي – نَهرو پاٽي.

– **كَرْ تَرُ:** صفت. وڌيڪ گهٽ. تمام ٿورو – تمام گهٽ – نهايت ادنيٰ – ذَرو – چَنڊُ. حَقِيرُ – خَفِيفُ – سُبڪ – اونائالو – ٿوريڙو – لاٿيرو. اڪثر – ورلو. مشڪل – مَسَ. گهٽ وقت – ٿورو وقت.

– **كَمْتَرِيْنُ:** صفت. نهايت گهٽ – ادنيٰ – گهٽ درجي جو – حَقِيرُ. ذَليل – رُسوا – بدنام. بَندو – غُلام – نيازمند – ٻانهو – فدوي.

– **كَرْ تَوَجهِيْ:** ث. گهٽ خيالي – بي خيالائي – کر توجهي. غفلت – ڪهيلائي – بي پرواهي – نسياني – لاغرضي.

– **ڪَمْتيْ:** صفت. ذرا گهٽ – ٿورو – ڪَسو – پَوٽو. وزن يا مرتبي يا لياقت ۾ گهٽ درجي وارو – ڪمترين.
– **ڪَرُ خَرْچُ ج ڪَرْ خَرْچَ:** ذ. صفت. ڪفايت شعار – ڪفايتي – ٿور خرچائو – صرفائي – مَٽ پيڙ.
– **ڪرُ خَرْچُ بالا نشِيْنُ:** (چوئي). گهٽ قيمت واري پر جناءُ دار شيءِ – ٿوري خرچ ۾ سُٺي شيءِ – ٿوري قيمت ۾ عمدي چيز.
– **ڪرُ ذاتُ ج ڪرْ ذاتَ:** ذ. صفت. (گهٽ ذات وارو). نِيچ رَذيل – بدنام – ذليل – رُسوا.
– **ڪمْزورُ ج ڪمْزورَ:** ذ. صفت. بي طاقت – هيٺو – ضَعيف – ڪر طاقت – اپرو – ناتوان – نستو – نِهَلُ – بي سگهو – پوٽو – بي قُوتو – بي سَتو – لاغَرُ – هڏ هيٺو – بي پهج.
– **ڪَمْزورُ ڪَرَنُ:** طاقت توڙڻ – بي پهج ڪرڻ – ضعيف ڪرڻ – اپرو ڪرڻ.
– **ڪمْزورِيْ ج ڪمْزورِيُوْنْ:** ث. هيٺائي – ضعيفائي – ناتواني – ضعفَ – نهلائي – بي پهچي – نِستائي – ڪر همتي – لاڇجهائي – اپرائي.
– **ڪرُ ظَرْفُ:** ضفت. گهٽ حوصلي وارو – ڪر عقل. ڪميٽو – رَذِيْلُ.
– **ڪرُ عَقْلُ ج ڪرْ عَقْلَ:** ذ. صفت. بي عقل – بي وقوف – ڪر فهم – مورک – نادانُ – ڪر ذِهنُ – موڳو مَتَرَ – جاهِلُ – موڙهل – ڪُنْدُ.
– **ڪرْ عَقْلِيْ:** ث. بي عقلي – بي وقوفي – نادانِي – ڪر فهمي – جهالَتَ.
– **ڪر فَهَرُ ج ڪرِ فَهَر:** ذ. صفت. ڪر عقل – بي عقل – ڪر ذِهنُ – بي وقوف – مورک. ڪُند فهر.
– **ڪرِ فَهْمِيْ:** ث. بي عقلي – بي وقوفي – نادانِي.
– **ڪرْ ڪَرَنُ:** گهٽائڻ – گهٽ ڪرڻ – لاهڻ – وضع ڪرڻ – چانٽڻ – ڪاٽڻ – لاهي ڏيڻ – تخفيف ڪرڻ. هلڪو ڪرڻ – جهپائڻ – جهپڻ.
– **ڪَرِ گُوْ:** ذ. صفت. ٿور گهالهائو – مائيٽو.
– **ڪَرْ نَصِيْبُ ج ڪَرِ نَصِيْبَ:** ذ. صفت. بدبخت – ڪر بخت – چَنڊو.
– **ڪرْ نَصِيبِيْ ج ڪرْ نَصِيبِيُوْنْ:** ث. بدبختي – بدقسمتي – نياڳائي – نِدورائي – ڪر بختي – چنڊائي.
– **ڪر وبيش:** ظرف. ٿورو گهٽو – گهٽ وَڌُ – قريب قريب – لڳ ڀڳ – انڪل – اَنْداز.
– **ڪرِ هِمَتُ:** ذ. صفت. ٿوري همت وارو – گهٽ طاقت – پست همت – بزدِلُ – ڪر حوصلي وارو. دِڇٽو – ڪانئرُ. سست – ٽوٽي – آرسي.
– **ڪرْ هِمَتِيْ:** ث. بُزدِلي – گيديپٽو – ڪانئرائي. سُستِيْ – آرسُ – ٽوٽيپٽو.
– **ڪَمِيْ ج ڪمِيُوْنْ:** ث. (ف) گهٽتائي – ٿورائي – اڻ هوند – ڪوٽ – قلت.
– **ڪرِ يابُ ج ڪرِ يابَ:** ذ. صفت. اڻ لڀ – ناپيدُ – قليْلُ – ورلو.
– **ڪرِ يابِيْ ج ڪرِ يابِيُوْنْ:** ث. اڻ لڀائي – قلت – نايابيَ – ورلي – مَس مَس.
• **ڪَمُ ج ڪَرَ:** ذ.(سن. ڪرم > ڪاريَ = ڪمُ) فعل – ڪار – ڪارج – حاجَ. ڏنڏو – پيشو – هُنر – حرفتَ – مشغولي – ڪرت – پورهيو. عَملُ – شُغُل – لايو لڳايو – ڪشالو – پورهيو ڪارهيو. محنت – اَدَمُ – هٽ جو ڪيل ڪَمُ – اُٽت – ڪاريگري – اُستادي – حڪمت – ڏاهپ – دستڪاري – گهڙتَ – عمدو ڪَمُ. ڪَتَبَ – چوڙماڻَ. ڪمائي – نفري – نوڪري – ملازمت. غرض – مقصد – مراد.
– **ڪَمُ اَچڻُ:** ڪارآمد ٿيڻ – ڪتب اچڻ – استعمال ۾ اچڻ – ڪرت ۾ لڳڻ – ڪارج ٿيڻ – ڏنڏي ۾ اچڻ. ٻئي جي پلي ۾ اچڻ. مارجي وڃڻ – ڪپي وَڃڻ – هلاڪ ٿيڻ. خون ٿيڻ – ڪُسيْ وڃڻ. خرچ ٿيڻ.
– **ڪَمائتُو ج ڪَمائتا:** ذ. صفت. ڪارائتو – ڪر جهڙو – ڪتبائتو – فائديمند – مُفيد – سَجايو – فائدي وارو – لاياڪتو – نفعي وارو.
– **ڪرْ بگاڙڻُ:** ڪر خراب ڪرڻ – ڪر ڦٽائڻ.
– **ڪرُ بِگڙُنُ:** ڪر خراب ٿيڻ – **ڪر** ۾ نقص ٿيڻ – معاملو بگڙڻ – ڪر ڦٽڻ – ڪر ڏهڻ. ڳالهه ۾ فرق اچڻ. نفاق ٿيڻ – اختلاف ٻڌجي وڃڻ – ڏڦيڙ پوڻ.
– **ڪرْ بَنائڻُ:** ڪر ٺاهڻ – ڪر تيار ڪرڻ – ڪرتب راس ڪرڻ – معاملو ٺيڪ ڪرڻ. مقصد پورو ڪرڻ – مراد پوري ڪرڻ. مطلب ڪيڻ.
– **ڪرُ بَنْجَنُ:** مطلب پورو ٿيڻ – مراد حاصل ٿيڻ – ڪاميابي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل ٿيڻ – ڪرتب راس ٿيڻ – معاملو ٺيڪ ٿيڻ.

– **ڪَرُ پائِي ذ.** صفت. ساڻِئي ڪر وارو – ساڻِئي ڏنڏي وارو – هڪ ئي پيشي وارو. سنگتي – سائي – همراه. ڪاريگر – پورهيت – مزور – ڪَمِي.

• **ڪرُ تَمامُ ٿيڻُ:** ڪر پورو ٿيڻ – ڪر ختم ٿيڻ – ڪر راس ٿيڻ. مرڻ – قتل ٿيڻ – هلاڪ ٿيڻ – ڪسجي وڃڻ. خاتمو ٿيڻ.

– **ڪرُ تَمام ڪَرڻُ:** ڪر پورو ڪرڻ – ڪر کي سرانجام تي رسائڻ. ڪرتب پورو ڪرڻ – ڏنڏو مڪمل ڪرڻ – ڪر راس ڪرڻ. هلاڪ ڪرڻ – مارڻ قتل ڪرڻ – خون ڪرڻ – ڪُهڻُ.

– **ڪَرَ تي چاڙهڻُ:** ڪر تي لڳائڻ – روزگار سان لڳائڻ – ڏنڏو ڏيڻ.

– **ڪرَ تي لاڻُ:** مزوريءَ تي لاڻ – ڪر تي مقرر ڪرڻ – ڪر تي چاڙهڻ.

– **ڪرَ تي لڳڻُ:** ڪر ۾ مشغول ٿيڻ – ڪر تي چڙهڻ – مزوري تي بيهڻ – ڏنڏي سان لڳڻ – ڪرت شروع ڪرڻ – مشغولي سان لڳڻ – پورهيو شروع ڪرڻ.

– **ڪَرَ تي وَڃڻُ:** ڪر لاءِ روانو ٿيڻ – مزوري لاءِ نڪري وڃڻ – ڏنڏي تي وڃڻ – پورهئي جي پٺيان وَڃڻ.

– **ڪرُ ٿيَڻُ:** ڪَرُ درپيش اچڻ – ضرورت پوڻ. مطلب حاصل ٿيڻ – مقصد پورو ٿيڻ – مراد کي پهچڻ.

– **ڪَرُ تي وَڃڻُ:** ڪر جو ٿيڻ – مقصد حاصل ٿي وڃڻ – مراد پوري ٿيڻ – ڪم پورو ٿيڻ – حاصل مطلب کي پهچڻ. دَمُ نڪرڻ – مري وڃڻ. بروحالُ ٿيڻ – بيحال ٿيڻ.

– **ڪَرُ ٽِپائِڻُ:** مطلب ڪيڏ – ڪم پورو ڪرڻ – جيئن تيئن ڪري پنهنجو مقصد ڪيڏ. (في الحال) ڪم جي پورت ڪرڻ – جيئن تيئن ڪري ڏنڏو هلائڻ – مڙيئي ڪرت چورڻ – لهي ٿهي تي ڪم ڪيڏ.

– **ڪَرُ ٽِپائُو:** ذ. صفت. وقت ٽپائو – دَفعِ الوَقت – هٽ ٽوڪيو – جيئن تيئن ڪري ڪم ڪيندڙ – لهي ٿهي تي وقت پاس ڪندڙ – مهل ڪري ويندڙ.

– **ڪَرَ جو:** صفت. ڪارآمد – ڪم ايندڙ – ڪم جي لائق – مطلب جو – مُفيد. مطلب – ڪمائتو – ڪارائتو – ڪتبائتو – فائديمند – سجايو.

– **ڪَرُ جو ٽوڙِي:** ذ. ڪم تي دل نه لاڳيندڙ – ڪرَ چورُ – سست – ڪاهِلُ – آرسي – ديرو – ديلو – ڳَمُ – نڪاٻندڙ – ناڪائو.

– **ڪرَ جو ڪِيڻهَتُ (ت):** تمام گهٽي ڪم هجڻ واري حالت. بي انداز ڪم. خسارو – مُعامِلو – رڳڙو.

– **ڪرَ جو ماڻهُو:** ڪم ڪارجي لائق انسانُ – ڪر وَنڊُ – ڪر وارو – ڪمائتو – ڪمائيندڙ ماڻهو – ڪر جو ڄاڻو – هوشيار ماڻهو – ڏنڏي وارو ماڻهو.

– **ڪَرُ چورُ ج ڪرُ چورُ:** ذ. صفت. ڪر ڪان نڪائيندڙ – ناڪائو – گوسڙو – ڪر ڪان پڄندڙ – ڪر نه ڪندڙ – آرسي – سُسْتُ – توتي – ڪاهِلُ.

– **ڪَرُ ڏيڻُ:** ڪر ۾ اڇڻ – سجايو ٿيڻ – ڪارائتو ٿيڻ. ڪر ڪرڻ – ڪرت ڪرڻ – ڏنڏو ڪرڻ. فائدو ڏيڻ – نفعو ڏيڻ – لاپ ڏيڻ.

– **ڪَمْدارُ ج ڪمْدارِي ذ.** صفت. ڪر ڪندڙ – ڪم وارو – ڪارڪُنُ – عهديدارُ – مُهتمِم – مُنتظِم – انتظام ڪندڙ – جوڙ جڪ ڪندڙ. گماشتو – پلاڻو. نوڪر – خدمتگار – چاڪر – ٽهليو.

– **ڪَرُ راس ٿيڻُ:** ڪر پورو ٿيڻ. ڪاميابي حاصل ٿيڻ – گهرج يا ضرورت پوري ٿيڻ. سڀ ڪجهه تيار هڻڻ.

– **ڪرَ سانْ ڪرُ هُجڻُ:** مطلب سان واسطو هجڻ – مقصد سان مطلب هجڻ.

– **ڪَرُ سِکَڻُ:** هنر پرائڻ – هنر حاصل ڪرڻ – مهارت حاصل ڪرڻ.

– **ڪرُ ڪاڍو:** ذ. ڪَرَ ڪيڏ جهڙو – عام رواجي معمولي – وڃتڙو. سَستو – ڪر خرچ – گهٽ ملهه وارو.

– **ڪَرَ ڪارُ:** ڪار خدمت – اٽي ويڙي – ٽهل ٽڪور – خدمت چاڪري. ڏنڏو ڏاڙي ڪرتَ – ڪارُج – حاج – پيشو.

– **ڪَرُ ڪَيڻُ:** پنهنجي خواهش يا حاجت کي روا ڪرڻ – مطلب ڪيڏ – ڪارروائي ڪرڻ – پنهنجو مقصد پورو ڪرڻ – مطلب حاصل ڪرڻ – مراد پوري ڪرڻ – دل جو خيال پورو ڪرڻ.

– **ڪَرُ ڪَرڻُ:** ڪنهن جي گهرج پوري ڪرڻ. ڪاروبار ۾ لڳڻ – ڏنڏي ڏاڙي سان لڳڻ – ڪرت سان لڳڻ – ڪوبه هُنر ڪرڻ. اثر ڪرڻ – اثر ڏيکارڻ. ڪامياب ٿيڻ – مراد کي پهچڻ – مقصد ماڻڻ – مطلب پورو ڪرڻ – دل جو خيال پورو ڪرڻ. ڪر ڪيڏ – مطلب ڪيڏ. بهادري ڪرڻ – شجاعت ڏيکارڻ – جوانمردي ڏيکارڻ – همت جهڙو ڪر ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪرُ ڪوس:** ضفت. ڪر نہ ڪندڙ – ڪم چور – ڪر کان نٹائيندڙ. سُست – نوتي – آرسي – ڪاهِلُ.

ڪرَ کان نِڪُري وڃڻ: مطلب جو نہ رهڻ – نڪمو ٿي وڃڻ. – خراب ٿي وڃڻ – استعمال جي لائق نہ رهڻ – موقوف ٿيڻ – برطرف ٿيڻ. ڪاروبار چڏي ڏيڻ. ڏيرو ٿيڻ – سست ٿيڻ.

– **ڪرَ ڪي نباهِڻُ:** نبيرو يا خاتمو ڪرڻ – معاملي جو چيڑو چڏائڻ – فيصلو ڪرڻ.

– **ڪرُ لاهِڻ:** ڪر ڪي پورو ڪرڻ – ڪر تيار ڪرڻ – ڪر جو خاتمو ڪرڻ. جماع ڪرڻ – زنا ڪرڻ.

– **ڪرَ ۾ اچڻ:** استعمال ۾ اچڻ – برتاءَ ۾ اچڻ – صرف ٿيڻ – کپڻ – خرچ ٿيڻ – تصرف ۾ اچڻ.

• **ڪرَ ۾ آڻڻ:** استعمال ۾ آڻڻ – هنڌائڻ – واپرائڻ – رُنيائڻ – مشغولي ۾ آڻڻ – ڪرت ۾ آڻڻ – خرچڻ – کپائڻ – صرف ڪرڻ.

– **ڪرَ ۾ لڳائڻُ:** ڪنهن ڪر ۾ مصروف ڪرڻ – ڪنهن شغل ۾ آڻڻ – مشغول ڪرڻ – رُنيائڻ – ڪرت سان لڳائڻ – ڏنڊي ڏاڙي سان لڳائڻ.

– **ڪرُ ملڻُ:** ڪر جي آڇ ٿيڻ. ڪر سپرد ٿيڻ. ڪنهن بہ ڪرت سان لڳڻ – ڏنڊي وغيره سان لڳڻ – ڪنهن مشغولي سان لڳڻ. ڪوبہ عهدو ملڻ. ڪابہ خدمت ملڻ. مقاطعو ملڻ.

– **ڪرُ نہ اَچڻُ:** ڪارآمد نہ ٿيڻ – مفيد نہ ٿيڻ – ڪجهہ ڪر نہ ڏيڻ اجايو ٿيڻ – بيڪار ٿيڻ – رائيگان وڃڻ.

– **ڪمَڻُ ڪُڇو ج ڪمَڻُ ڪُڇا:** ذ. صفت. خراب ڪمن وارو – گنهگار – عيبدارُ. نڪمّو – بيڪار – بيڪمو.

– **ڪرُ وَڻڻُ:** ڪرُ ڪرڻ جو ڏمو ڪٽڻ. ڪوئي ڪر اختيار ڪرڻ – ڏنڊو وڻڻ. ٽيڪو ڪٽڻ.

– **ڪرُ وَڻڏو:** ذ.صفت. ڪر ڪرڻ جهڙو – ڪر ڪندڙ – ڪر ڪار جهڙو – ڏنڊي ڏاڙي جهڙو – غرض وارو – مطلب وارو – اُميدوارُ. ڪر ۾ مشغول – رُڌلُ – رُنيِيلُ.

– **ڪرُ هٿان ڪيڻ:** پنهنجي هٿ سان ڪر ڪرڻ – ڪر ۾ ماهر ٿيڻ – ڪر ۾ تجربو حاصل ڪرڻ – هڪ بہ دفعو اڳ بہ اهڙو ڪر ڪرڻ – تجربيڪار ٿيڻ.

– **ڪرُ هلائڻُ:** ڪاروبار يا ڏنڊو هلندو رکڻ – ڪرت ۾ مشغول رهڻ – ڏنڊي ڏاڙي سان لڳو رهڻ.

– **ڪمهوڙو (ت):** ڪرَ ۾ رُڌلُ – ڪر وارو – مشغول – رُنيِيل.

• **ڪُرُ ج ڪُرَ:** ذ. پاڻيءَ ۾ ٽيندڙ ناڑيءَ (ڪوٽيءَ) جو قرُ (ڪُر جي پاڙ لوڙهہ آهي) – ڪُوٽيءَ جي گل مان پيدا ٽيندڙ – نيلوفر يا پبڙ جي پاڙ. (سن. ڪورَمُ = ڪُر). درياهي جانور جو هڪ قسم – ڪڇون – ڪُمي.

• **ڪُماچُ ج ڪُماچ:** ذ. (ف. ڪمائچ) سُرندي جهڙي ساز جو هڪ قسم تارن وارو.

– **ڪُماڇِي ج ڪُماڇِڻ:** ذ. صفت. ڪُماچ وڄائيندڙ. (ف. ڪمانچه = نندڙي ڪمان – گزي). سُرندي وڄائڻ جي گزي. سُرندو.

• **ڪما حَقُون:** ظرف (ع. ڪما حقّهُ) ائين هئڻ گهرجي جيئن حق هجي – صحيح نموني – پوري طور – انصاف سان – حقيقت موجب.

• **ڪُمارُ ج ڪُمارَ:** ذ. (سن. ڪُمار = شهزادو – راجڪمار. راج دُلارو – ڳپرو نوجوان (ث. ڪُماري ج ڪُماريُون).

• **ڪُمارڙُ ج ڪُمارڑا:** ذ معصوم – صغير – اَبهر – هالڪ – هارڙو.

• **ڪُمارِي ج ڪُمارِيُون:** ث. ڪُنواري چوڪري – ڪَنِيا – ڪجا – دوشيزه. عورتَن جي لاءِ عزت وارو خطاب – عورتاٽو لقب (هندڪو). جيئن تہ "راج ڪماري، وڃ ڪماري".

• **ڪمارائڻُ:** مصدر. ٻئي کي ڪر سان لڳائڻ – ڪر ونڻ. ڏنڊي سان لڳارائڻ. محنت ڪرائڻ – پورهيو ڪرائڻ – مزوري ڪرائڻ.

• **ڪُماريا:** اسم خاص. اَبڑا قوم جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **ڪُمارُ ج ڪُماڙ:** ذ. ڪاٺ جي ٺهيل جاءِ ـ تيڪي جي جاءِ دروازو – دَرُ – ٻَيو – لنگهہ (ل. ڪ. ٽ).

• **ڪُماڙهو ج ڪُماڙهو:** ذ. صفت. جنهن ۾ ماٺهوءَ وارو ماٺهپو نہ هجي "سوماڳوئي قير جتي ڪوڙ ڪُماڙهوئين". (شاهہ ڪريم).

• **ڪُماشُ ج ڪُماشَ:** ذ. (ع). پتن جي ائن راندين مان هڪ راند – پتن راند ۾ ڪيڏيل جُوا. رنگين ريشمي ڪپڑي جو هڪ قسم.

• **ڪماشِي ج ڪماشِيُون:** گهرج – ڪپ – ضرورت – احتياج – غرض – محتاجي – لوڙ – ڪاڻ – حاجت. فائدو – سُودُ – نفعو – لاڀ – پراپت – اُپراسو. ڪَمِي – گهٽتائي – اٽاٽ – قِلت – ٽورائي (ت).

• **ڪمالُ ج ڪمال:** ذ. (ع). ڪمالِيت – چيهُ – حَد – انتها – پُڄاڻي – دنگ. عجب ۾ وڌندڙ ڪر – حيرت ۾ وڌندڙ ڪر – حيرت انگيز – عبرتناڪ – حيرتناڪ. عمدگي – سهڻائي – سنائي – اوجائي. وصف – خاصيت – خوبي – گُڻ – جوهر – فضيلت. هُنر – گُڻ لياقت – قابليت –

ڪرتب. (صفت). هر لحاظ سان مڪمل – رَسيلُ – ڪامِلُ. گهٽو. زور. (اسر خاص). ماڻهو جو نالو.

– **ڪمالُ ڪرڻُ:** ڇيهه ڪرڻ – انتها ڪرڻ. حيرت انگيز ڪر ڪرڻ – ڪنهن هُنر ۾ قابليت ڏيکارڻ – اعليٰ درجي جي لياقت ظاهر ڪرڻ.

– **ڪمالِي ج ڪمالِيُون:** ث. صفت. ڪماليت وارو (واري). ڪماليت.

– **ڪماليَتَ ج ڪماليَتُون:** ث. لياقت – خوبي ۾ انتها – اوج – بُلنديُ.

• **ڪمالِپَڪُ:** ذ. مصالح طور ڪر ايندڙ هڪ وڻ جا خوشبودار پن – پسارڪو وَڪرُ.

• **ڪمالُپُورُ:** اسر خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪمالديرو نمبر ۱ – ۲:** اسر خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪمالو:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪمارُ ج ڪمارَ:** ذ. سامان سڙو – شيءِ شڪل – ٽپڙ ٽڙو – اَسبابُ – مال متاعُ – گهٽو – اسباب – مانڌاڻ.

• **ڪمانْ:** ذ. (انگ. ڪمانڊ = فرمان) حُڪم – سَرڪردگي – سَرداري – سپهه سالاري – عَملداري.

• **ڪمانْڈَرُ ج ڪمانْڈَرَ:** ذ. (انگ). سپهه سالار – لشڪر جو سالار – فوج جو وڏو آفيسر – ڪپتانُ.

– **ڪمانِي ج ڪمانِيُ:** ذ. پوليس جو وڏو آفيسر – سپرنٽينڊنٽ.

• **ڪمانُ ج ڪمانُون:** ث. (ف. ڪمانَ) جنگ ۾ شڪار جو هٿيار (تيرجيان) سينگ – اڌ گول – ڏنش – وَنگ. درن ۾ درين مٽان اڌ گول وانگر لڪل ڪاٺي. لوهه جو لچڪيدار ويڙهو – اِسپرنگ. تانگي جو هڪ عضوو – تانگي جي ڦيٽن ڪي جهاڪن ڪان بچاءُ لاءِ انهن ۾ لڪل لچڪيدار وَنگ.

• **ڪمانُ ڪُشُو (ث):** وادِن جو. ڪاٺ ۾ تنگ ڪيڏ جو اوزار – سِيراٽي. ڪمان وانگر وريل ڪاٺي – ڏَنوڙي.

– **ڪمانْگَر ج ڪمانْگَرَ:** ذ. ڪمان ٺاهڻ وارو – ڪمان سازُ. نقاشُ – مُصوّرُ – رَنگسازُ. وادِو. هٿن پيرن جي پڳل هڏين کي جوڙيندڙ.

– **ڪمانْگَرِي ج ڪمانْگَرِيُون:** ث. ڪمانن ٺاهڻ جو هُنرُ يا ڏنڏو – ڪمانسازي – نقش سَازي – گلڪاري – چٽسالي – نقاشي – مَصوّريُ – جو ڪمُ. هڪ پيشي جو نالو. چِٽِيَلُ. هڏين جي ڳنڍيڻ جو هُنر.

• **ڪمانْڈُ ج ڪمانْڈَ:** ذ. پوک جو هڪ قسم – مِنو ڳنو – ڪَمندُ.

• **ڪمانْڈوِي ج ڪمانْڈوِيُون:** ث. مڻ ڪانن وارو ٻوڙو (جنهن جي مالَ لاءِ ڪترڪجي).

• **ڪمانْگَرَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪمانگَرَ:** اسر خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪمانَ ج ڪمانُون:** ث. (ف. ڪمانَ). ڪمانَ. آسمان ۾ هارهن بُرجن مان نائين بُرج جو نالو محراب – طاق. وريل – مڙيل – ڪُهو – ڪُهڙو. لچڪيدارُ – لرزان.

• **ڪمانْڈُ ج ڪمانْا:** ذ. ڪَمُ – ڏنڏو – پيشو – ڪمائي – ڪِرْتَ.

• **ڪمائِي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڪَمائِي:** (ع) حقيقت – سَچِيُ ڳالهه ٻولهه – رويڪار. جيئن جو تيئن – بِنهه – ساڳيو – هُوبَهُو – اصلي (ديوان فاضل نمبر ۳۲).

• **ڪَمائِيُ:** مصدر. پئسي پيدا ڪرڻ لاءِ ڏنڏو ڏاڙي ڪرڻ – ڪرت ڪري روپيا حاصل ڪرڻ – دولت پيدا ڪرڻ – فائدو ڪرڻ – تجارت يا واپار جي وسيلي پئسا جمع ڪرڻ. ڪر ڪرڻ – حاج ڪرڻ – هٿ پير هلائڻ – پورهيو ڪرڻ – مزوري ڪرڻ – ڪر کي لڳڻ – ڪرت ڪرڻ – ڪَسَبُ ڪرڻ – محنت ڪرڻ – جفاڪشي ڪرڻ – ڏنڏي سان مشغول رهڻ – ڪرت ۾ لڳو رهڻ – ڏنڏو پيشو ڪرڻ – ڪنو ڪرڻ – بچت ڪرڻ – ميڙڻ – گڏ ڪرڻ – بچائڻ. لوهار جو لوهه جي سختي کي دور ڪرڻ. چمڙي کي نرم ڪرڻ. ٻڪر وغيره حلال ڪرڻ ۽ وڍڻ ٽڪڻ. زمين کي پاڻ ڏيڻ – جر وغيره وڍڻ – زمين کي پوک لاءِ تيار ڪرڻ. زير ناف لاهڻ – پاڪي ڪٽڻ. ڪر ۾ آڻڻ – استعمال ۾ آڻڻ – استعمال ڪرڻ. ڪوبه عمل پڄائڻ. آخرت جي لاءِ عبادت. خير خيرات ڪرڻ.

• **ڪَمائِيُ وارو ج ڪَمائِيُ وَارَا:** ذ. ڪٽ وارو ڏنڏي وارو – پئسا آڻڻ وارو – روزگار وارو. ڪاسائي.

• **ڪَمائُ ج ڪَمائُو:** ذ. صفت. پئسا ڪمائي ايندڙ – ڪاڻائو – ڪتي ايندڙ. ڏنڏي وارو – پيشي وارو – ڪار وارو. گهر جو ڏڻي ۽ گهر هلائيندڙ.

• **ڪَمائِي ج ڪَمائِيُون:** ث. پگهر جي پورهئي سان ڪمايل ڌن – اُپت – اُپراسو – پيدائش – پيداوار – محنت جو اُجورو – مزوري – اُجورو – محنتاڻو – پگهار. ڪَمِيَتَ – روزگار –

ڏنڏو. آمدني – کٽي. نفعو – لاڀ فائدو – منافعو – خدمت – محنت – پورهيو – مزوري – جدوجهد. وڌج – واپار.

– **كَمَائِي كُ‍ٽ:** محنت برباد – سخت نقصان – اجايو پورهيو – ستياناس.

– **كَمَائِي كُ‍ٽ ٽِيَڻ:** كمائي برباد ٽيڻ – سخت نقصان پهچڻ – محنت رائگيان وڃڻ – حق پلئه نه پوڻ – اُجورو حاصل نه ٽيڻ – اميدن تي پاڻي ڦري وڃڻ – دل جي مراد پوري نه ٽيڻ – نفعي بدران نقصان ڏسڻ – خواهه مخواهه پورهيو ڪرڻ.

• **كَمَائِي كُ‍ٽ ڪَرڻ:** كمائي ناس ڪرڻ – پورهيو برباد ڪرڻ – ستياناس ڪرڻ – محنت تي پاڻي ڦيرڻ.

• **كَمَائِي ڪَرڻ:** محنت ڪرڻ – مزوري ڪرڻ – پورهيو ڪرڻ – جفاڪشي ڪرڻ – نوڪري يا تجارت ڪرڻ – ڏنڏو ڪاري ڪرڻ – واپار وغيره ڪرڻ – پيشو ڪرڻ.

– **كَمَائِي كي جواب ڏيڻ:** پورهيو نه ڪرڻ – ڪوبه ڏنڏو ڪاڙي نه ڪرڻ. ٽوٽي ٽيڻ – سست ٽيڻ – ڪاهل ٽيڻ.

– **كَمَائِيلَ زَمِين:** آبادي جي لائق بنايل زمين – سڌاريل زمين – هر ڏيئي جَهُر پاڻ وهي تيار ڪيل زمين.

• **كُمَائِيُ:** مصدر. (پرا. كُمّڻُ > سن. كُلَم = كُومائِجڻ). كومائِجڻ.

• **كَمْبَلُ ج كَمْبَلْ:** ذ. اُن مان ٺهيل هڪ قسم جو ڪٽو – ٽلهي اوني لوئي – بلنڪيٽ.

• **كَمْبُوڊِيا:** اسم خاص. مشرق طرف هڪ ملڪ جو نالو.

• **كَمْتَرُ:** صفت. (ف). گهٽ – ٽورو گهٽ.

• **كَمْپَاسَ ج كَمْپَاسُونْ:** ث. (انگ). لوهه وغيره جي سنهائي – ٿولهه ماپ ڪرڻ جي هڪ اوزار جو نالو. جندبيءَ جو هڪ اوزار. گولائي جي ماپ وٺڻ جو هڪ اوزار. طرفن جي سجاٽپ جو اوزار.

• **كَمْپَاؤنڈر ج كَمْپَاؤنْڈَرَ:** ذ. (انگ). دوائن جو مرڪب ٺاهيندڙ – دوا ساز – نسخو جوڙيندڙ – دوا ٺاهيندڙ – عطار. اسپتال ۾ دوا ڏيندڙ.

• **كَمْپِنِي ج كَمْپِينِيُونْ:** ث. (انگ) قانون مطابق ميمبرن جي ٺاهيل قانوني انجمن.

• **كَمْچِي ج كَمْچِيُونْ:** ث. تازيانو – چابڪ – چمڪي. آفت – سزا.

• **كِمْخُوابَ ج كِمْخُوابَ:** ذ. اوڇي ڪپڙي جو هڪ قسم – كيمخواب.

• **كَمِدارُ ج كَمِدارَ:** ذ. (كَمَ = ڏنڏو + دارُ = ركندڙ = كي سنياليندڙ). زميندار جي پاران ڪم ڪار هلائيندڙ – سنياليندڙ – ركوال. ڪم ڪار وارو.

• **كَمَرَ ج كَمَرُونْ:** ث. (ف). هڪ عضوي جو نالو – جسم جو وچ ٻيڙ ۾ تنگن جي گڏجڻ وارو هنڌ – چيلهه – لَڪ – ميان – سندرو – بيٽ. ڪٽو – لوئي – همت – هات – وَلهه – ماڪ – ڪوهيڙو.

– **كَمَرَبَستو ج كَمَرَبَسْتَا:** ذ. صفت. ڪمريا چيلهه وارو – ڪَشيلُ.

• **كَمَرَبَنْدَ ج كَمَرَبَنْدَ:** ذ. چيلهه ۾ ٻڌل پٽو – سندرو – بيٽ ـ پٽو – اڇَڻ – منطقه. آب هوا جي لحاظ کان ڌرتيءَ جي ڪيل پنجن پاڳن مان هڪ پاڳو.

– **كَمَرِ ہِمَّتْ:** ڪمر ڪشڻ – همت ڪرڻ – مردانگي ڏيکارڻ – بهادري ڏيکارڻ – جرئت ڏيکارڻ – پاڻ پتوڙڻ – ڪوشش ڪرڻ – سعيو ڪرڻ – سندرو ٻڌڻ – بيٽ ٻڌڻ – آماده ٽيڻ – تيار ٽيڻ – سنبرڻ. كَمَرِ كَسْكُ: صفت. ڪمزور چيلهه وارو – نِستو – بي ستو – ضعيف – لاغر – هيٺو – اَپرو – ڏُپرو.

– **كَمَرِ ج كَمَرِيُونْ:** ث. اسم خاص. پائي جو اهو سوراخ جنهن ۾ ٻيءَ اِيس جي جُوڙ وهجي.

• **كُمَرِ ج كُمَرِيُونْ:** ث. جندِ جي ڪيڙ ۾ گاري پوڻ واري جاءِ ـ جند ۾ اَن وجهڻ واري جاءِ ـ ڪانچو – ڪپ. گاڏيءَ جي ڦيٽي جو ٻاهريون حصو.

• **كَمْرَكْ:** اسم خاص. هڪڙي قسم جو ڪپڙو.

• **كَمَرَكْشْ:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارکي وکر جو نالو – ڪيسوڦُلُ جي وڻ جو ڪوٽر.

• **كَمَرِكَشْ ج كَمَرَكَشَ:** ذ. صفت. مردانو – همت وارو – محنت وارو – سعيي وارو – جفاڪش – محنتي. ذ. اسم خاص. هڪ پسارکو وکر – ڪمرڪس.

– **كَمَرَكَشَنْ:** سندرو ٻڌڻ. مڙس ٽي ٻيهڻ. سعيو ڪرڻ – ڪوشش ڪرڻ.

• **كَمْرُو ج كَمْرُا:** ذ. ڪوئي – صفو – ڪوٽو – (انگ) روم. (صفت). رنگ جو هڪ قسم چٽن وارو – چٽڪمرو – رنگين – داغدار. (ث. كَمْرِيُ ج كَمْرِيُونْ).

• **كَمْرِي ج كَمْرِيُونْ:** ث. ننڍو ڪڙتو – ننڍي ٻانهوٽي – صدري – پُنو – ڪُڙتي – جاڪيٽ – واسڪوٽ. (مال جي) بيماريءَ جو هڪ قسم. جنهن ۾ وهڪ بيهي نه سگهي. ڪاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪي سان ڪٽو (ٽ) – ڪَمر.
– **كَمْرِي ٽِيَڙُ:** وهت کي بيماري ٽيڙ. چيلهه ۾ سَٽ پوڻ – ڇڪ پوڻ.
• **كُمرِي ج كُمرِيُون:** ث. در جي طاق قيرڻ لاءِ چانڻ ۾ ٺهيل نندڙي ڳڏ.
• **كَمْرِيلُ ج كُمْرِيل (ت):** ذ. صفت. بيمار – اڳهو – ناچاق – لَڳو.
• **كُمرِيڙ ج كُمرِيڙا (ٽ):** ذ. ڍڳي، جي ڳڇي، هيٺان لڙڪيل چمڙو.
• **كُمَسِلُ ج كُمَسِل (ٽ):** ذ. صفت. لٽجو – اوباش.
• **كُمَسُولُ ج كُمَسُول (ٽ):** ذ. گهوڙي جي هڪ بيماري، جو هڪ قسم (جنهن ۾ دَڏ نڪري پوي) – هڪ تنگ ڪان جڏو گهوڙو – مَندو گهوڙو.
– **كَمْسُولُ ٽِيَڙُ:** دَڏ لهي پوڻ – تنگ جو اري مان نڪري وڃڻ.
• **كُمَك ج كُمَكُون:** ٽ. (تُرڪي. كَمَكُ). مدد لاءِ موڪليل فوج – مددي لشڪر. جنگ توڙي ڪاروبار ۾ ڪيل مدد – اعانت – پٺيراڻي – واهر – حمايت. فوج – رسالو – لشڪر – سپاهه. گَلَو – گَهَلَ.
• **كُمْكائِي:** بُڪتي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **كُمَلُ ج كُمَل:** ذ. كَمْبَلُ. (سن. كَمَلَ) پاڻي، جي سطح تي بيهندڙ نهايت خوبصورت گُل – نيلوفَرُ – كَنولُ.
• **كُمَلا:** صفت. كَمل (كَنول) جي گل وانگر – سُندر زال. (اسر خاص). لڪشمي ديوي جو نالو.
• **كُمْلُ ج كُمْلا:** ذ. كَمَلُ – كَمَرُ – پيالو – جَمَنُ. پشمي ڪپڙو. محبوب – دولٽ – دلبر – جاني. رنگارنگي (ل).
• **كُمَنْدُ ج كُمَنْد:** ذ. (ف. خَم = ڏنگو ند = هوسائٽ > سن. كَرْكَنْدَكَهه = كَمَنْدُ). خريف جي مند ۾ ٽيندڙ فصل – مٺي رس وارو ڪنو – چَلي رس – ڪماند ڳنديري (جنهن مان ڳڙ ۽ كنڊ ٺهي) ڪجيءَ تي چڙهڻ لاءِ ڪائٽر مان ٺهيل گول رسو – چَمند. هڪ هٿيار – گهوڙي جي هڪ سنج جو نالو.
• **كُمَنْدا (ك–ل):** ذ. بغير موسر فصل ڪندڙ وڻ – بي موسمي.
• **كُمَنْدَلُ ج كُمَنْدَل:** ذ. فقيراڻو ڪِستو – ڪرمنڊل – زَنبيلُ.
• **كُمُورُ:** ذ. ڪامورو.
• **كُمُوشِي:** ٽ. اسر. اُها جار جنهن جا پيرون ڦڪا ٽين.
• **كُمُونْ شَهِيدُ:** اسر خاص. تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَمَهْكُونْ (ل):** ذ. ظرف. (ع. كَماحَقُّه) اشد – لازمي – صَريحاً – اصل – بنهه – تحقيق – ضرور.
• **كَمِيٽَ ج كَمِيٽُون:** ٽ. ڪم ڪرڻ جو اجورو – ڪَميٽ – پورهيو – ڪمائي – ڏهاڙي – مزوري. روزگار – ڏنڏو. مزوري.
• **كَمِي ج كَمِي:** ذ. پورهيت – مزور – مزدور – روز تي ڪم ڪندڙ – پيشه وَر – ڏنڏي وارو – حاج وارو. (ف. كَم = گهٽ). گهٽتائي – ٽورائي – قلت – كوٽ – اُوٽائي – كوتاهي – تنگي. كَپ – احتياج – لوڙ – طلب – گَتي – كاٽ – حاجت – گهرج – ضرورت – درڪار. هرج – خَسارو – نقصان. جُوڪَ – پَل – نقص – عيب – لاڇجهائي.
– **كَمِيَتَ ج كَمِيَتُون:** ٽ. كَميٽَ. كَمي.
– **كَمِيجَهلُ ج كَمِيجَهل (ڪ):** ذ. ڪم وارو – ڪم ڪندڙ – جئيدارُ – جئيوان – ڪامي.
– **كَمِي ڪرڻ:** كوتاهي ڪرڻ – گهٽتائي ڪرڻ – ٽورائي ڪرڻ – كوٽ وڌهڻ – قلت ڪرڻ. ڪم لاءِ مزور بيهارڻ.
• **كِمِي ج كِمِيُون:** ٽ. ڏهي مان تيل وغيره ڪڍڻ جو ڏڳهي ڳڻ سان ٿَانوَ – كَرَنْدي – تِمِري.
• **كُمِي ج كُمِيُون:** ٽ. پاڻي جي جانور جو هڪ قسم – كَڇِون، جو هڪ قسم – نندڙو ڪڇون.
• **كُمِيتُ ج كُمِيتَ:** ذ. صفت. (ف. كُميتُ). چاڪليٽي رنگ تي گهوڙو – سياهي مائل ڳاڙهي رنگ تي گهوڙو – تيلو – سُرنگ.
• **كُمِيٽ ج كُمِيتَ:** ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (رنگ ڪارو. بنا چل. گهٽو ٽلهي. ڊيگهه ۵ – ۶).
• **كُمِيجَا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **كُمِيدُ ج كُمِيدَ:** ذ. صفت. گاڙهي يا چاڪليٽي رنگ جو گهوڙو. كُميتُ.
• **كُمِيلو ج كُمِيلا:** ذ. (سن. كَتَ = كوْسُ). چوپائي مال جي حلال ڪرڻ جي جاءِ ـ ڪاميلو – كَمْبِيلو – كوس گهر – اَڏي – ڪنارو.
• **كُمِينو:** ذ.صفت. كميٽو.
• **كَمِيٽو ج كَمِيٽا:** ذ. صفت. (ف. كَمِينَه = نيچ). گهٽ رتبي وارو – ڪم ظرف – سِفلو – رَذِيل – ذَليل – بي مان – بي عزت – واهياتُ – نيچ (ث. كَمِينِي ج كَمِينِيُون).
– **كَمِيٽَائِي ج كَمِيٽَائِيُون:** ث. بيهودائي – بچڑائي –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گندائي – فحشائي – گار گند – ڪُڄ.

– **ڪَميڻَپائِي ج ڪَميڻَپائِيُون:** ث. بي حيائي – بي شرمائي – بچڑائي – ڪم ظرفي – برائي.

• **ڪَنِ:** ضمير. (پرا. ڪاڻ) ڪَنهِنْ. جيئن ته "ڪَنِ لاءِ = ڪنهن لاءِ". (حرف جر). وٽ ويجهو – نزديڪ – ساڻ – سان – اوري – اورتي – شمال – گڏ. "مون ڪَنِ ڪتاب آهي. (جملو).

• **ڪَنُ ج ڪَنْ:** ذ. (سن. ڪَرَنْ = ڪَنُ. پرا. ڪڻُو). ٻڌڻ جو ڪم ڏيندڙ عضوو – آواز ٻڌڻ جو حواسُ – گوش – اُذن. توجهه – ڌيان – خيال. ڊپ – پؤ – خطرو – اندیشو. بي سمجهه – موڪو – موڪٹُ (ت). ڪَٽَپ – شمارو. چيڑو – پچاڑي. ستار يا سُرندي جي ڪِيتي. جاريُ جو رسو – پڪين ڪاسائڻ جي تنگڙ جو پاسو (ت).

– **ڪَنائِن:** ڪن ڏيئي ٻُڌي ڪنهن جون ڳالهيون ٻڌڻ – ڪو آواز ٻڌڻ – ڪڙڪو ٻڌڻ.

• **ڪَناڪَنْ:** ڪَنَنِ تاءِ پريل – چوٽي تاءِ پريل – تِمتارُ.

• **ڪَن اوبرا ڪَرڻ:** چرڪ پرڻ. ڌيان ڏيڻ – خيال ڏيڻ – ويچار سان ٻڌڻ – توجهه ڏيڻ.

– **ڪَنانْ ڪَڍَڻ:** ڳالهه اڳوات ٻڌائي ڇڏڻ.

– **ڪَنانْ گَوْشِي ڪَرائِڻ:** ڪنن ۾ هٿ وجهائي اُٽ ويهه ڪرائڻ.

– **ڪَنُ اوڙا ڪَن ٻوڙا ڪَرڻ:** مات ۾ رهڻ – صبر ڪرڻ – شانت ۾ رهڻ – خاموش رهڻ – چُپ سادَڻ – مات اختيار ڪرڻ.

– **ڪَنائِي ڏِيڻ:** سڌس ڏيڻ. لڪي ٻڌڻ.

– **ڪَن بَنْد ڪَرڻ:** صفا نه ٻڌڻ. ڌيان نه ڏيڻ.

– **ڪَن ٻوڙا ٿي ٻَوَڻ:** اڻ وٽندڙ آواز – ڪنن تي پوَڻ – گوڙ ۽ گهمسان ٻڌڻ – گهٽو شور ٻڌڻ – هُل هنگامو ڪنن تي پوَڻ.

– **ڪَن ٻُوساڻَ:** ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏڻ.

– **ڪن لِڪائِن:** مات ڪري ويهڻ – پاڻ بچائڻ.

– **ڪَن پَرَڻ:** ٻُڌي جي خلاف ڪجهه چوڻ – پڙڪائڻ – برخلاف ڪرڻ – اختلاف وجهڻ – برغلائڻ – ڪوڙا قصا ٻڌائڻ – پريت گلا ڪرڻ – ڀُڳليون هڻڻ – غيبت ڪرڻ – ورغلائڻ – نِندا ڪرڻ – جوش ڏيارڻ.

– **ڪَن تائِينْ اَڇَڻ:** ٻڌڻ – سُڻڻ.

– **ڪَن تي پَٽڪو رَکَڻ:** بي پرواهه ٿي هلڻ – مغرور ٿيڻ – مَڳُ ٿي وڃڻ – تان ۾ پرجي وڃڻ – تنبد ڪرڻ.

– **ڪَن تي جُون نه سُرَڻ:** ڪوبه خيال نه ڪرڻ – پرواهه ئي نه ڪرڻ – سانگو ئي نه ڪرڻ.

– **ڪَن تي آڳر رَکَڻ:** راڪُ چوَڻ – ڪافي چوَڻ – الوڙي ميان ڳائڻ.

– **ڪَن تي ويهَڻ:** شڪار ڪرڻ مهل تَنگڙ اڏي ان پرسان لڪي وهڻ – پاسو جهلي ويهڻ.

– **ڪَنُ ٽِيَڻ:** ڌيان ڏيئي ٻڌڻ – حواس سالم رکڻ. خطرو ٽيڻ – اندیشو ٽيڻ – اولو ٽيڻ.

– **ڪَن تارَ ج ڪَن تارُون:** ث. لاپرواهي (ڪاب ڳالهه) ٻڌي تاري چڏڻ واري حالت – بي پرواهي – ڪن لاتار.

– **ڪَن تارَ ڪَرَڻ:** ٻڌو اڻ ٻڌو ڪرڻ – ڪنهن به ڳالهه تي ڌيان نه ڏيڻ – خيال ڏيئي نه ٻڌڻ – لاپرواهي ڪرڻ – نَڪائڻ – گَسائڻ – ناڪمائڻ – گوڏناڻ ڪرڻ – گوهي ڪرڻ – ڪن لاتار ڪرڻ.

– **ڪَن تارَ ڪَري چَڏَڻ:** ڪاب ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري چڏڻ – بي پرواهي ڏيکارڻ – ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري چڏڻ.

• **ڪَنُ ٽوپُ ج ڪَن ٽوپ:** ذ. سياري ۾ پائڻ جي لاءِ ڪپهه سان پريل ٽوپيءَ جو هڪ قسم – ٽوپلو.

– **ڪَنْڊُورُ ج ڪَنْڊُورَ:** ذ. صفت. هلڪو ماٿهو – نرڙو – ٽوٽُ – نڙاڪي – ٻناڪي – بي فضيلتو.

– **ڪَنُ پَٽَڻُ:** سزا ڏيڻ – تنبيهه ڪرڻ – جُٺ ڦٽ ڪرڻ – هدايت ڪرڻ – سيکت ڏيڻ.

– **ڪَنُ پَڙِيانْ ڪَرَڻُ:** ڌيان ۾ آڻڻ – خيال ۾ آڻڻ – ويچار ۾ آڻڻ – مغز ۾ وهارڻ.

– **ڪَنُ پُڙِيءِ تي وهَڻُ:** ڌيان ۾ رکڻ.

– **ڪَنُ پُر ڪَرَڻُ:** ڪن پرڻ – برغلائڻ – اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ٻڌائڻ – بَدظن ڪرڻ – ورغلائڻ – آڏيون اُبتيون ڳالهيون ٻڌائي پڙڪائڻ. فتور جاڳائڻ.

– **ڪَنُ پَڪَڙَڻُ:** توبهه ڪرڻ – پڇتاءُ ڪرڻ – پڇتائڻ – بانْ ڪرڻ – پشيماني ظاهر ڪرڻ.

– **ڪَنِ پَوَڻُ:** (ڪا ڳالهه) ڪن تي پوڻ – ٻڌڻ ۾ اچڻ – سُڌَس پوڻ – خبر پوڻ – سڌ پوڻ – سماءُ پوڻ – اطلاع ملڻ – احوال رسڻ.

– **ڪَنُ جا پَڙدا کولَڻ:** هوشيار ٽيڻ.

– **ڪَنُ جون ڳالهيُون:** ڳجهيون ڳالهيون – راز جون ڳالهيون – مخفي ڳالهيون – لڪَ جون ڳالهيون.

– **ڪَنُ جون ڳالهيُون ڪَرَڻُ:** راز جون ڳالهيون ڪرڻ – مخفي طرح ڳالهائڻ. اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ڪرڻ – ڪن پرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **كَنَ جي كَسَرَ پُڄَ مَانُ كَڍَڻُ:** دكاندار يا واپاري جو هكڙي نقصان پيل سؤدي جي پورت ڪڍيءَ جي وسيلي ٻئي سؤدي مان كرڻ – ٽكا ٽكن كي پچائڻ.

– **كَنَ ۽ جِيرُ ج كَنَ جِيرُ:** ذ. جيريل كنن وارا – جوڳي فقيرن جو هك قسم (جيكي كنن ۾ وڏا والا پائين).

– **كَن چنڍائڻ:** پوري پوري سزا كائڻ.

– **كَنَ چٻا كَرَڻ:** كوبه جواب ڏيئي نه سگهڻ – لاجواب ٿيڻ. شرمسار ٿيڻ – پشيمان ٿيڻ.

– **كَنَ چَڏَائِڻ:** كنهن ڏنڊي مان چكي تاڻي پورت كرڻ – مور چڏائڻ – مور جو مور كيڏڻ – جند چڏائڻ – كنهن بہ طريقي سان پاڻ كي آزاد كرڻ.

– **كَنَ چِنَڻُ:** نقصان پهچائڻ – جوكو رسائڻ – توتو وجهڻ – چيهو رسائڻ – ٽوٽ وجهڻ. "اهو سون ئي گهوريو جيكو كن چني" (چوٽي).

– **كَنَ ڏَرَڻ:** توجهه ڏيڻ – سٽڻ – كن ڏيڻ – غور سان ٻڌڻ – لكي لكي ٻڌڻ – چوري ٻئي جي گالهه ٻڌڻ – لكچوري ٻئي جي گالهه ٻڌڻ.

– **كَنَ ڏِيڻ:** ڏيان ڏيڻ.

– **كَنَ ڏِيئي سُٽڻ:** خيال سان ٻڌڻ – ڏيان سان سٽڻ – توجهه سان ٻڌڻ – متوجهه ٿيڻ.

• **كَنَ ڏِيئي كَنَ وَڌڻ:** عيوضو ڏيئي عيوضو وٺڻ. مال سدو بدل كرڻ. سگ تي سگ وٺڻ – بدي جا سگ كرڻ.

– **كَنَ ڏِارَ ج كَنَ ڏِارُونُ:** ث. بي پرواهي – كن لاتار – بي خيالي – كن لاتار.

– **كَنَ ڏِارَ كَرَڻ:** بي ڏياني كرڻ – لاپرواهي كرڻ – بي پرواهي ڏيكارڻ – كن لاتار كرڻ – بي توجهي ڏيكارڻ.

– **كَنَ ڏِارڻُ:** سست ٿيڻ. وقتي قبوليت كرڻ – ٽوري وقت لاءِ گالهه قبول كرڻ – بي پرواهي ڏيكارڻ – كن لاتار كرڻ – بي خيالي ڏيكارڻ.

– **كَنَ ڏِرا كرڻ:** نتائڻ.

– **كَنَ ڏَكَڻُ:** گالهه شروع كرڻ – گالهه چورڻ – انت لهڻ – اندر جو پيد معلوم كوڻ – گجهه جو پتو كيڏڻ. بچاءُ كرڻ.

– **كَنِرُ ج كَنِرَ:** ذ. صفت. تيز كنن وارو – لكي لكي گالهين ٻڌڻ وارو.

– **كَنَ رَسُ:** (سن. كَـرْن + رَسْ = مزو). راڳ ٻڌڻ جو شوق.

– **كَنَ رَكَڻُ:** خوف كرڻ – ڊپ كرڻ – انديشو كرڻ – اونو كرڻ – ٻڌ كرڻ – ڏيان ڏيڻ – متوجهه ٿيڻ.

– **كَنِرو ج كَنِرا:** ذ. كن ڏيئي ٻڌڻ واري حالت – لكي لكي گالهه ٻڌڻ جي حالت.

– **كَنِرو ڏِيڻ:** لكي لكي گالهيون ٻڌڻ – مخفي طرح گالهيون ٻڌڻ – كن ڏيڻ.

– **كَنِرائِيُ:** ذ. صفت. لكي لكي گالهين ٻڌڻ وارو – كنرو.

– **كَنِرُو ڏِيڻ:** لكي لكي گالهيون ٻڌڻ – كنسو ڏيڻ.

– **كَنِرُو كَنَڻُ:** كا گالهه چورڻ.

– **كَنَ سَڌرو:** ٻڌڻ جو تكو.

– **كَنَ سِرائِيِ ڏِيَڻ (ت):** سمجهاڻي ڏيڻ – نصيحت كرڻ – هدايت كرڻ.

– **كَنَ سَرلاَ كَرَڻ:** ڏيان ڏيڻ – كنرو ڏيڻ – خيال كرڻ – توجهه ڏيڻ. (ك). مچي مارڻ مهل رَڄَ جو نشان (جهَنڈو) هَٿ ۾ جهلي تيار ٿي بيهڻ.

• **كَنَ سَن ۾:** لِكَ چِپَ ۾ ـ راز ۾ ـ مخفي طرح – اندران ئي اندر – كَن ۾ ـ گجهيءَ طرح – مان مِيٺ ۾.

• **كَنَ سُوپارِيُ ج كَنَ سُوپارِيُونُ:** ث. گهٽن پيرن سان هك سُرندڙ جيتَ جو قسمُ (هن بابَت عام خيال تہ كَنَ جي رستي دماغ ۾ ويندي آهي).

– **كَنسو ڏِيَڻ:** لِكيِ لِكيِ گالهه ٻڌڻ – كنرو ڏيڻ – مخفي طرح گالهه ٻڌڻ – رازجي گالهه ٻڌڻ.

– **كَنَ سِيءُ:** ڊپ – ٻڙ – خطرو. انديشو – اونو – فكر – اوسيڙو – انتظارُ.

– **كَنَ سِيءُ ركَڻُ:** انديشو كرڻ – خوف كرڻ – اونو كرڻ – اوسيڙو كرڻ.

– **كَنَ ڦَارَ ج كَنَ ڦَاڙَ:** ذ. ٽوپيَلُ يا سَلَ ٽيل كَنَن سان هندو فقيرن (جوڳي) جو هك قسم – كاپڙي. جوڳي – وڏن والن وارو فقير.

– **كَنَ ڦُكَ ج كَنَ ڦُتَ:** صفت. اُهو جنهن جا كَنَ قَاتَلَ هُجَنُ ـ كن چيريل هجي.

– **كَنَ ڦُوكَڻُ:** كن ۾ ڦيٽو يا منتر پڙهڻ. برغلائڻ – كَن پرڻ – چورڻ – زر كرڻ – ورغلائڻ – بگيڙڻ – خراب كرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪن ڦرڙائڻ:** جاسوسي ڪرڻ. ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
– **ڪَن ڪُٽَڻ:** سزا ڏيڻ – سيکٽ ڏيڻ – مار ڏيڻ – گوشمالي ڪرڻ.
– **ڪن ڪپائڻ:** هميشه لاءِ توبهه ڪرڻ.
– **ڪَن ڪَرَڻ:** توجهه ڪرڻ –متوجهه ٿيڻ – ڌيان ڏيڻ. انتظار ڪرڻ – اوسيڙو ڪرڻ –ا ونو ڪرڻ – انديشو ڪرڻ – فِڪر ڪرڻ. ڊِڄڻ – خوف ڪرڻ – پڙڪرڻ – خطرو ڪرڻ.
– **ڪَن ڪِيڏا ڪَرَڻ:** هوشيار ٿيڻ – تيز ٿيڻ – ڪن ڪڙا ڪرڻ – سجاڳ ٿيڻ.
– **ڪَن ڪِيڏو ج ڪن ڪِيڏا:** ذ. صفت. تيز – هوشيار – قُرت – چالاڪ – چُست – سجاڳ. ننڍن ڪنن وارو – ڪُروُ.
– **ڪَن ڪائِڻ:** اَجائي يخي هٽڻ – تمام گهٽو ڳالهائي بيزار ڪرڻ – گهٽي بڪ بڪ ڪري بيزار ڪرڻ – ڏاڍي گوڙ سان ڳالهائڻ – متو ڪائڻ – مغز ڪائڻ – سِرُ ڪپائڻ. هلاڪ ڪرڻ – ڪَپائڻ – اُڪائڻ – ڪڪ ڪرڻ – دڳ ڪرڻ – بيزار ڪرڻ.
– **ڪَن ڪڑا ٿيڻ:** هوشيار ٿيڻ – خبردار ٿيڻ – سجاڳ ٿيڻ – بيدارُ ٿيڻ. تنبيهه وارو ٿيڻ – چرڪ پرڻ – ڪَنَ ڪِيڏا ڪرڻ.
– **ڪَن ڪڑا ڪَرَڻ:** هوشيار ٿيڻ – ٻڌڻ لاءِ آتامروُ ٿيڻ – ڌيان ڏيڻ – خيال سان ٻڌڻ – خواب غفلت مان بيدار ٿيڻ. چست ٿيڻ – چالاڪ ٿيڻ.
– **ڪَن ڪَڙڪَڻ:** هوشيار ٿيڻ – آگاهه ٿيڻ – خبردارُ ٿيڻ – سُجاڳ ٿيڻ – بيدارُ ٿيڻ – عبرت وٺڻ – سبق حاصل ڪرڻ – نصيحت پرائڻ – هِدايت حاصل ڪرڻ.
– **ڪَن ڪَنهن:** هوشيار ٿيڻ – غفلت ڇڏڻ – سجاڳ ٿيڻ – ويچار ڪرڻ – ڪنهن ڳالهه کي تکڻ تورڻ پنهنجي اڻ ڄاڻائي تي افسوس ڪرڻ.
– **ڪَن ڪٽائِڻ:** يادگيري ڏيارڻ (ڪنهن ڳالهه جي) – هوشيار ڪرڻ – ڌيان چڪائڻ – ڪنرو ڪٽائڻ – سُجاڳ ڪرڻ.
– **ڪَن ڪَٽُ:** (ڪنهن ڳالهه جو). سُر ڪَٽُ – ڳالهه چورڻ – ڌيان چڪائڻ – هوشيار ڪرڻ – ڪَنرو ڪٽُ. ڌيان ڏيڻ – غورُ ڪرڻ.
– **ڪَن ڪوٽِي ج ڪَن ڪوٽِيُون:** ث. ڪن صاف ڪرڻ جو اوزار.
– **ڪَن ڪولَڻ:** ڪنهن ڳالهه جي ٻڌڻ واسطي ڪنن کي متوجهه ڪرڻ – آگاهه ڪرڻ – خبردارُ ڪرڻ – سُجاڳ ڪرڻ – بيدارُ ڪرڻ – هوشيار ڪرڻ. سمجهائڻ – هِدايت ڪرڻ – تنبيهه ڪرڻ – نصيحت ڪرڻ.
– **ڪَن ڪولي ڇَڏڻ:** چنو چئي ٻڌائڻ – ڪولي ٻڌائڻ چئلينج ڏيڻ – خبردار ڪرڻ.
– **ڪَن ڪَوشِي ج ڪَن گوشِيُون:** ث. ڪَن سن ۾ ڪيل ڳالهه – مخفي طرح ڪيل ڳالهه – سَرُ گوشي. گوشمالي.
– **ڪَن گوشِي ڪَرَڻ:** سرگوشي ڪرڻ – ڪن سن ۾ ڳالهه ڪرڻ. سزا ڏيڻ. توبهه ڪرڻ – آڻ مڃڻ.
– **ڪَن گَڻَ ڪَرَڻ:** اسم گڻڻ – شمار ڪرڻ – اندازو ڪرڻ – تخمينو ڪرڻ – ننگ گڻڻ – ڪنَ گڻڻ.
– **ڪَن گَڻي ڏيڻ:** ننگ گڻي ڏيڻ – اندازو ڪري ڏيڻ – شمار ڪري ڏيڻ – پاڻين جو مال ورهائڻ. حساب ڪرڻ – ليکو ڪرڻ.
– **ڪَن لاتارَ:** ث. نٽ نٽاءِ – ٻڏو اڻ ٻڏو – گُس گُساءِ ڪرڻ – ڪن ڏارَ – ڪن تار – بي پرواهي – بي ڌياني – غفلت.
– **ڪَن لا تارَ ڪَرَڻ:** نٽ نٽاءِ ڪرڻ – ٻڏو اڻ ٻڏو ڪرڻ – گُس گُساءِ ڪرڻ – ڪن ڏار ڪرڻ – گُسائڻ – ڳالهه کي بدلائڻ – غفلت ڪرڻ. بي توجهي سان ٻڌڻ.
– **ڪَن لاڙ (ت):** ذ. صفت. ڊريل ڪنن وارو گهوڙو. موجارو گهوڙو – سلو گهوڙو – سهڻو گهوڙو.
– **ڪَن لائي ٻُڌڻ:** غور سان ٻڌڻ – ڌيان ڏيڻ – متوجهه ٿيڻ – چت لائڻ – دل سان ٻڌڻ – توجهه ڏيڻ – خيال سان ٻڌڻ – ويچار سان ٻڌڻ.
– **ڪن لَٻا ڪرڻ:** نٽائڻ.
– **ڪَن لِڪائِڻ:** ڪنهن هنڌ اجهو وٺڻ – پناهه وٺڻ – لِڪڻُ – ڇپر ۾ ٿيڻ – اَڇي ۾ ٿيڻ. بچاءُ ڪرڻ.
– **ڪَن لَڏَوَڻ:** ڪن ۾ خالي آواز اڇڻ – ٽلها ڪن وڄڻ – ڪمزوري سبب ڪنن ۾ ڪوڙو آواز اڇڻ – هروپرو ڪنن ۾ آواز اڇڻ.
– **ڪن مان مَرُ ڪيڏ:** صاف ڳالهه ڪرڻ.
– **ڪن مروڙڻ:** سزا ڏيڻ – ڪن مهٽڻ.
– **ڪَن مَهٽائِڻ :** سيکٽ ڏيڻ يا ڏيارڻ – گوشمالي ڪرائڻ – ڪن مهٽ ڪرائڻ.
– **ڪَن مَهَٽَ ڪَرَڻ:** گوشمالي ڪرڻ – ڪن پٽڻ. سيکٽ ڏيڻ – سزا ڏيڻ.
– **ڪَن ۾ ڇوڙ:** آهستي چوڙ – لڪي چوڙ – مخفي طرح چوڙ – رازداڻ نموني ۾ چوڙ – سرگوشي ڪرڻ.

– **ڪَنَ ۾ ٿُوڪَ ڏِيڻُ:** ڪنهن کي پڙڪائڻ – برغلائڻ – برخلاف ڪرڻ – بدگمان ڪرڻ – بدظن ڪرڻ. خبر ڏيڻ – ڳجهي ڳالهه ٻڌائڻ –مخفي ڳالهه ٻڌائڻ. سرگوشي ڪرڻ – ڳلا ڪرڻ. چغلي هڻڻ – نندا ڪرڻ – غيبت ڪرڻ. بزدل ڪرڻ – ڊپ وجهڻ – پوٺ ڏيارڻ.

– **ڪَنَنْ ۾ آڱريون وجهڻُ:** ڪنهن جو آواز نه ٻڌڻ لاءِ ٻنهي ڪنن ۾ آڱريون وجهڻ ۔ ڪن بند ڪرڻ – ڪجهه نه ٻڌڻ. خراب آواز کان نفرت ڪرڻ – بچڙائي کان پاسو ڪرڻ. کا ڳالهه نه ٻڌڻ.

– **ڪَنَنْ ۾ تارِيُون ٻوڙڻُ:** ڪجهه وقت لاءِ ڪن ٻوڙا ٿيڻ – ڪجهه به نه ٻڌڻ. ڪنهن جي ڏاڍيان ڳالهاءُ ڪري پريشان ٿيڻ –گهٽي آواز ٻڌڻ ڪري دق ٿيڻ.

– **ڪَنَنْ ۾ ڪَٻهه وَجهڻُ:** جاڻي واڻي نه ٻڌڻ – ڪن تار ڪرڻ – ڪن لاتار ڪرڻ.

– **ڪَنَنْ مانْ ڏَڪاءُ ڪَيڻُ:** سخت پريشان ڪرڻ. تنبيهه ڪرڻ – هدايت ڪرڻ – نصيحت ڪرڻ. ڪن مهٽ ڪرڻ – گوشمالي ڪرڻ.

– **ڪَنَنْ مان ڪَٻهه ڪَيڻُ:** ڏيان ڏيئي ٻڌڻ – چڱي طرح توجهه ڏيڻ. هوشيار ٿيڻ – چالاڪ ٿيڻ – سجاڳ ٿيڻ – خبردار ٿيڻ – بيدار ٿيڻ.

– **ڪَنِ نه جَنُ هُجَڻُ:** ڪابه خبر نه هجڻ – بي خبر هئڻ.

– **ڪنُ نه ڪَرَڻُ:** ڏيان ۾ نه آڻڻ – نه ٻڌڻ – ڪوبه توجهه نه ڏيڻ – بي خيالي ڏيکارڻ – بي توجهي ڏيکارڻ.

– **ڪَنُ وجهڻُ:** ڏيان تي آڻڻ – ٻڌائي ڇڏڻ – جاڻ ڪري ڇڏڻ – ٻڌائڻ آگاهه ڪرڻ – خبردار ڪرڻ – سجاڳ ڪرڻ – ڪن تي آڻڻ – اطلاع ڏيڻ – سُڌ ڏيڻ.

– **ڪَنُ وَجَڻُ:** ڪنن ۾ آواز اچڻ – ٻڌلاءُ اچڻ.

– **ڪَنُ وَرائِڻُ:** ٻڌڻ – سڻڻ – گوش ڪرڻ – ڏيان ڏيڻ – توجهه ڏيڻ – خيال سان ٻڌڻ.

– **ڪَنُ وَزِيُر ج ڪَنْ وزِيَرَ:** ذ. صفت. حال محرم – حالياڻي – راز محرم – هم راز – رازدار – خلوتي.

– **ڪَنُ وَهڻُ:** ڪن مان گند نڪرڻ – ڪن مان غلاظت ٻاهر نڪرڻ – روڳ وهڻ.

– **ڪَنُ هَڻڻُ:** (ڪنهن کان) ڪَوْ ڪائڻ – ڊڄڻ – خوف ڪائڻ – ٽهڻ – پاسو ڪرڻ – موشو ڪرڻ – پوٺ ڪرڻ – انديشو ڪرڻ.

– **ڪِنِ:** ضمير. هيءُ (حرف جر). "ڪو" جو جمع – ڪيترن.

– **ڪِنِ ج ڪِنِ:** ذ. (سن. ڪانڙي = ڪچرو). ڪچرو – گندگي – غلاظت – گندگوجَر – ٻُهر – ميڙو – چاٽو – گند – ميڙ سيڙ. بدبوءِ.

– **ڪِنِ چِنِ:** ڪلبوتو – اَندگند – ڪِن ڦت – اوهه – جوٺ اَٽ – ڪُچَج – اوبر سوبر – گَنْدُ بلا – وَغيره.

– **ڪِنِ سان ڪِن ڏوڻڻُ:** خراب سان خراب جو پورو پوڻ.

– **ڪِنِ ڪَرَڻُ:** ڪرڻ. خرابي ڪرڻ. بچڙائي ڪرڻ – بي حيائي ڪرڻ. واهيات گفتگو – اجائي بڪ ڪرڻ.

– **ڪِنِ مَٽُ:** ناشائسته الفاظ ڪتب آڻڻ – ڪچو ڳالهائڻ – گارگند ڪرڻ.

• **ڪُنِ ج ڪُنِيُون:** ث. چمڙي يا ڪپڙي رڳڙ جو ڪونڊَ يا ڪَڌ – نيرجي وڏي ڪوندي – ڪونداڙ.

– **ڪُنِ وِگڙَڻُ:** چمڙي جو رڳجڻ وقت خراب ٿي پوڻ – رگ ڏيندي چمر جو خراب ٿي پوڻ.

• **ڪُنُ:** (ع). الله تعاليٰ جو دنيا پيدا ڪرڻ وقت ڪيل حڪم – "ٿي ٿئو" (خدا تعاليٰ دنيا لاءِ فرمايو ته "ڪُن" يعني ٿي ٿئو ۽ دنيا پيدا ٿي).

– **ڪُن فَيَڪُونُ:** (ع). "ٿي ٿئو، ٿوءِ ٿي ٿيو". (يعني اسان ڇيو ته "ٿي ٿئو! ته ٿوءِ ٿي ٿيو").

• **ڪُنُ ج ڪُنُ:** ذ.(سن. ڪنڊ ع ڪُنة = پاڻيءَ جو ڇڪ). دريا جي پاڻيءَ ۾ قرندڙ اونهو هنڌ يا کوهه – درياءَ يا سمنڊ ۾ پاڻيءَ جو اونهو هنڌ. جتي پاڻي ڇڪر کائي – نڪونج – ميڙ – پير – گرداب –گهمرو – گهيرو – پَنُورَ – قيرو – ڇڪر ـ ور (پاڻي جو). ڪتيءَ جو نير ٻوڙڻ جو نَانُڊُ (ڪپڙي رڳڙ لاءِ) – ڪونداڙ – حوض. پڪل مٽيءَ جو اُبتو مخروطي برتن (جو زمين ۾ ڪوڙي پاڻيءَ سان پري مٽان رگڙ لاءِ چمڙو ٻڌجي) (ٽ). ڏاڍو جهڙ (ت). ٻن جبلن جي وچ ۾ مڙيل هيٺانهين زمين – ترائي – ڪَڌ – ماٽري – ماٽر (ڪ). (اسم خاص). تعلقي ڪوٽڙيءَ ۽ تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُنُ ڪُٽَجَ:** ڪُٽب ڪڙڇ.

– **ڪُنُ ڪَرَڻُ:** ڪاوڙ ڪرڻ –گوڙ ڪرڻ – غصو ڪرڻ – شور ڪرڻ – هل ڪرڻ (ت). درياءَ جو ڪُن ڪرڻ.

– **ڪُنُ ڪرڻُ:** (ڪنين جو محاورو) – تيار ڪرڻ.

– **ڪُنَ مان ٽُهي ڏِيارَڻُ:** جهت پٽ ڪرڻ – بنا دير ڪرڻ – هڪدم ڪرڻ – ٽهه پهه ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪِنَان:** حرف جر. ڪَنَانْ – کان – مان – وتان.
• **ڪَنَائِيْ:** اسر خاص. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **ڪَنَادا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪَنَارُ ج ڪَنَارُوْنْ:** ث. (ڪپڑي وغيره جي) ڏَنڊ يا لِيڪَ – وَٽ ـ آنڊ ـ آنڊي – (انگ) باردر – ڪِناري. سنڈو – حد. پر – پاسو. ڪنارو – ڪنڈي – ڪپ. ڪُنڊين جي قطارَ جنهن تي ڪاسائي گوشت جون رانون تنگين – چِنگار – جِنْگار. نوڪَ – ڪُندو – ميخ.
• **ڪِنَارو ج ڪِنَارا:** ذ. ڪنڈي – پر – پاسو – سمندر جو ساحل. ڪپ (ندي جو). ڪور – پهلو – ڪني – حاشي (هني جي). ظرف – پاسو. سرو – حد – (ث. ڪِنَاريُ ج ڪِنَاريُوْنْ).
– **ڪِنَارا وَنِيْ وِيهَڻْ:** پاسي اچي ويهڻ – جوڙاري مڙي ويهڻ عام ڪچهري ۾ ڪنڊ پاسو ونڻي ويهڻ – ڪنهن سردار جي محفل ۾ سندس پاسو ونڻي ويهڻ.
– **ڪِنَارو ڪَرڻُ:** پاسو ڪرڻ – پري ٽيڻ – جدا ٽيڻ – ڌار ٽيڻ – الڳ ٽيڻ – قطع تعلقات ڪرڻ – دوري اختيار ڪرڻ – دور ٽيڻ. هليو وڃڻ.
– **ڪِنَارہ ڪَشِيْ:** علحدگي – جدائي – پرڀرائي – قطع تعلقات – دوري – گوشہ نشيني.
– **ڪِنَارہ ڪَشِيْ ڪَرڻُ:** علحدگي اختيار ڪرڻ پاسو ڪرڻ – جدائي ڪرڻ – ڌار ٽيڻ – ڪنارو ڪرڻ.
• **ڪُنَارو ج ڪُنَارا (ڪ):** ذ. جبل تي ڪُنُ.
• **ڪِنَارِيْ ج ڪِنَارِيُوْنْ:** ث. ڪپڑي جي پريل وَٽ ـ زربفت جي پٽي (ڪنڊين جي پَلاڻن کي لڳل) پامڪ – پانڪ. وَٽ ـ ڏنڊ – ڪنار – ڏنڊي – آنڊي. پر. حد. پاسو.
– **ڪَنَارِيْدَارُ ج ڪَنَارِيْدَارَ:** ذ. ڪناري لڳل ڪپڙو. پانڪ لڳل ڪپڙو. بوڇٽي. شالَ – دوشالو.
• **ڪِنَارُ ج ڪَنَارَ:** ذ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪنڊن ۽ چلرن سان 'سيڙ' جي رنگ تي. ڊيگهہ ۲ – ۳ فوٽ).
• **ڪَنَاسِرا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪِنَاسِرو ج ڪِنَاسِرا:** ذ. (ع. قَنَاصِرة). ڪنڊ جو هڪ قسم – جيسلميري سادي ڪنڊي مِنائي – مُستي – چِيني – شڪر (صفت) سهڻو – ناهوڪو – حسين – خوبصورت – جَميْلُ (ت).
• **ڪَنَاسِرِيْ ج ڪَنَاسِرِيُوْنْ (ل):** ث. ڪنن واري تالهي – تاسِري تالهي – تراڪڙي تالهي.
• **ڪَنَانْ:** حرف جر. وَتان – کان – ڪَنُوْنْ – ڳِرانْ. پاسي کان – طرف کان – طرفان. "مون ڪَنان ڪِتاب ڪٽي وَڃ" (جملو).
• **ڪَنَانْدُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪُنَاوِيزُ ج ڪُنَاوِيزَ:** ذ. پٽ جي ڪپڙي جو هڪ قسم – قَناوِيزُ.
• **ڪُنَاہ ج ڪُنَاہ:** ظرف. ڪڍن – ڪٽي – ڪاٽي – ڪهڙي هنڌ – ڪائٽون. ڪنهن وٽ.
• **ڪَنَائِيْ:** مصدر. ڪن ڏيڻ – ڏيان ڏيڻ – خيال ڏيئي ٻڌڻ – سمجهڻ – توجهہ ڏيڻ – غور سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ – ڪن ڏيئي ڪنهن خاص آواز کي محسوس ڪرڻ. پوءِ ڪرڻ – ڊڄڻ – ڊپ ڪرڻ. (ڪَنائيو – ڪنائيندو – ڪنائِيَلُ).
• **ڪِنَايو ج ڪِنَايَا:** (ع. ڪِنايَہ). اک جو اِشارو – رمز – مبهم ڳالهہ – ميچ – غمزو – ڪِنايَةً. حوالو – اِيما – پتو – ڏَسُ – اهجاڻ – نشاني – نشانُ – پار. مراد – منشا – مقصد – ارادو – مطلب – معنيٰ. استعارو. مجازَ. حرف.
– **ڪِنايَةً:** (ع) اِشارتاً – اِشاري سان – ممناً – مجازاً. حوالي خاطر.
• **ڪُنْبَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **ڪُنْبُ ج ڪُنْبَ (ل – ت):** ذ. (سن. ڪُنْبِيْ = پاٽيءَ جو دلو). پاٽيءَ جو وڏو تلاءُ – صاف پاٽيءَ جو تلاءُ – پاٽيءَ جي اونهائيءَ وارو ڇڪر – ڪُنُ – گهيرو – ڪِنَوَرُ – ڇَڪرُ – قَيرو (اسر خاص). آسمان جي هڪ برج جو نالو – ڪُنبِ راس – دَلْوَ. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو. (صفت) کوڙ – جامُ – مٽو – بي انداز – جهجهو.
• **ڪُنْباهِيْ ج ڪُنْباهِيُوْنْ (ل):** ث. هوري – ڳوڙ.
• **ڪُنْبُ بادَلُ:** اسر خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **ڪُنْبُ بالُو:** اسر خاص. تعلقي دِڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **ڪُنبُ دادُوْنْ:** اسر خاص. شهدادپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **ڪُنْبِرا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪُنْبِرانُوْتِيْ:** اسر خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **ڪُنْبِرائِيْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪُنْبِرُ ج ڪُنْبِرا:** ذ. ڪارب – سانجو – قالَبُ – ڊانچو – بوتو – پجرو.
• **ڪُنْبِرِيْ ج ڪُنْبِرِيُوْنْ:** ث. اُٺ جي بيماريءَ جو هڪ قسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(وهڻ مهل ڪَنبي ڪَنبي ديرسان وهي).

• **كُنْبِرِيْ:** اسر خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كُمْبَلُ ج كُنْبَلَ:** ذ. (سن. ڪَمْبلُ = اوني ڪٻل). اوني شال – ڪَٽو – ڪيسَ – ڪمبل – ڪَمل – لوئي. (انگ). بلاڪيٽ – بـلَئنڪيٽ – مَگ.

• **كُنْبُ لِيْما:** اسر خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو. ڪُنْبِ لِيما.

• **كُنْبَنُ:** مصدر. (سن. ڪَمْپَنَ = ڏڪڻ). ڏڪڻ – لرزڻ – تڙڪڻ – تڙڦڻ – ڏَڏڻ – سِياڃڻ – ڏُڌڪڻ – ڏوڏو ڪائڻ – ڏڙڪڻ. (اڪ جو) ڦرڻ – ڀُرڻ – ڦڙڪڻ. ڏونڏاڙڃڻ – جهُلڻ – ٽِلڪَڻُ – ڏوڙڃڻ – اُلڙڻ – (زمين جو) ڏڏڻ – (گاڏيءَ جو) ڀُرڻ – (بتيءَ جو) ٽمڪڻ. هراسجڻ – ڊپ ڪرڻ – ڊڃڻ – خوف ڪائڻ – ڪوءَ ڪرڻ – هراس ۾ پرجڻ. (ڪنبيو – ڪنبندو – ڪنبيل).

– **كَنْبَ ج كَنْبُوْنْ:** ث. ڏَڪڻي – تڙڪڻي – ڦُڙڪڻي – تڙڦَ لَرزَ – سِياڃو – رڦَ رڦان. ڏوڏو – لوڏو – ڏونڏاڙَ.

– **كَنْبائِنْ:** مصدر. ڏڪائڻ – ڊيڃارڻ – هِيسائڻ – ڊپ ڏيارڻ – سِياڃو وڃهڻ – رڦائڻ – ڪوءَ ڪارائڻ – خوف ڏيارڻ. رعب رکڻ – جمت ڪرڻ – ڏَهائڻ.

– **كَنْبِڙِيْ ج كَنْبِڙِيُوْنْ:** ث. ڏڪڻي – لرزش – تڙڪڻي – ڦڙڪڻي – تڙڦ – سِيئاندي. سِياڃو. خوف – ڀوءِ – ڊِجُ – ڊَپ – ڪوءَ – هراس – خطرو.

– **كَنْبِيَلُ ج كَنْبِيَلْ:** ذ. ڏڪيل – لرزش ڪاڏل – رَڦيل – تڙڪيل. هراسيل – ڊِنل – هِيسِيَلُ – خوف ۾ پريل – ڪوءَ ڪاڏل – ڊپ ۾ پَريَلُ.

– **كَنْبِيْ وَجَنْ:** خوف ۾ ڏڪي وڃڻ – ڊِڃي وڃڻ – هراسجي وڃڻ – ڊَپَ ۾ لرزش ڪائي وڃڻ.

• **كُنْبُوْجْ كُنْبا:** ذ. (ه) ڪُٽنب – خاندان – قبيلو – ڪُرم – ويڑهو – راڄ – پاڙو.

• **كُنْبويا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **كُنْبِيْ ج كُنْبِيُوْنْ:** ث. ريشمي ڪپهه جو هڪ وڻ – اُوڃي ڪپهه پيدا ڪندڙ هڪ قسم جو وڻ.

• **كُنْبِيْرُ ج كُنْبِيْرا:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پساريڪي وکر جو نالو.

• **كُنْبِيْرِيْ:** ث. ٽري پرت جو هڪ قسم. (صفت) ڪنبيري پرت واري "ڪنبيري رَلي".

• **كُنبِيْ:** (اسر خاص). تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو. ڪُنبُ.

• **كُنْيارُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **كُنْيارُ ج كُنْيارَ:** ذ. (سن. ڪُمْيَڪار) مِتيءَ جا ٽانوَ ٺاهيندڙ ڪاريگر – ڪُنْيَرَ. (ث. ڪُنْيارڻ يا ڪنياري).

– **كُنْيارڪو ج كُنْيارڪا:** ذ. ڪَنيارن جو – ڪُنْيَرَڪو – ڪُنْيارن وَارو.

– **كُنْيارَڙِ ج كُنْيارَڙُوْنْ:** ث.ڪُنْيار جي زال – ڪُنْيارِيْ – ڪُنْيار عورت.

– **كُنْيارَواڙو:** (اسر خاص). ڪراچي ۾ هڪ محلي يا پاڙي جو نالو.

– **كُنْيارِيْ كَڏهِ بَنجَڻُ (ت):** بُتَ ۾ ورڻ – سَيرو ٽيڻ – متارو ٽيڻ – پَلڻ يا پَلجڻ.

• **كُنْيارڙو:** اسر خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كُنْيارَو ج كُنْيارا:** ذ. نانگ جو هڪ قسم (رنگ ڳاڙهو). تتر جو هڪ قسم (ت). جوئر جو هڪ قسم (ت). (ث. ڪُنْيارِيْ ج ڪُنْيارِيُوْنْ).

• **كُنْيَكَ ج كُنْيَتَ (ٿ):** ذ. وڻ ڪُونيٽ.

• **كُنْيَرَ ج كُنْيَرُوْنْ (ت):** ث. ڪورين جي هڪ اوزار جو نالو. ڪَڏَ – ڪوهو.

• **كُنْيَرَ:** اسر خاص. ڪنيارڪي ڏنڊي جي لحاظ سان هڪ ذات. ڪُنْيارَ. تعلقي گمبٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كُنْيَرُ ج كُنْيَرَ:** ذ. متيءَ جا ٽانءَ ٺاهيندڙ – ڪُنْيارُ.

– **كُنْيِراڙُو ج كُنْيِراڙا:** ذ. صفت. ڪُنْيَرڪو – ڪنيارڪو – ڪُنيرجو – ڪُنْيَرُ سان لاڳاپو رکندڙ.

– **كُنْيَرڪو ج كُنْيَرَڪا:** ذ. صفت. ڪُنْيراڙو – ڪُنْيارڪو.

• **كُنْتِرِيْ:** ذ. صفت. (انگ. ڪَنٽريْ = مُلڪ > عام لاءِ ٺهيل) سادو – هلڪو – اپروسيرو – گهَٽ – جهڙو تهڙو ڪُند (چاڪُون). ديسي مال. (ضد. ولايتي).

• **كُنْتُوْ ج كُنْتا:** ذ. ڪُٽيو – لاٽ – ڇُنگي – ڪَٽ – گهاٽي – ڪاٽ.

• **كُنْتُوْ ج كُنْتا (ت):** ذ. ڍل يا محصول جو هڪ قسم – ڇُنگي – راڙُ.

• **كُنْتُونُ ج كُنْتُوْنُ:** ذ. ڪپڙي تي ٿَڦ پريل گل – رنگين پرٽ.

• **كَنْتا:** اسر خاص. مينگهواڑن جي هڪ ذات جو نالو.
• **كَنْتوْ ج كَنْتا (ت):** ذ. سونَ تورڻ جي نندي ساهمي – تكڙي (ت). كَندو (ت).
• **كَنْتُورُ:** ٽوٽي يا بيكار گهمندڙ – سيٽ كري هلندڙ – هلكو ماڻهو.
• **كَنْتارَكِيْ ج كَنْتارَكِيُوْن (ت):** ث. جُتي.
• **كَنْتارَكِيوْ (ت):** ذ. سار ركندڙ – حاسد – بُغض ركندڙ – ساڙيلو – مَ سَهُو.
• **كَنْتوْ پَجَنْ:** نانگ يا بلا جو چڪ هٽڻ – كَكجڻ. كندولڳڻ.
• **كَنْتوْ چَهيلوْ (ت):** ذ. زهري جيت جو هڪ قسم.
• **كَنْتِيْ ج كَنْتِيُوْن (ت):** ث. كَندن واري وَل جو هڪ قسم – تكَندي.
• **كَنْٹ ج كَنْٹُوْن:** ث. ياد – برزبان – دل ۾ هندايل – حفظ. "تاڻو سو جو ڳڻي. پاٽي سا جا كَنْٹ".
– **كَنْٹ كَرَڻُ:** دل سان سِكڻ – ياد كرڻ – حفظ كرڻ – برزبان ياد كرڻ.
• **كُنْٹ ج كَنْٹَ:** ذ. (سن). ڳچيءَ جو اڳيون پاڳو – حَلَق – گَلو – نِرْي – گهَٹ – كَٹ – نرڙجو سُر. كنڌي. ٽاڻءَ وغيره جو كِنارو.
– **كَنْٹ مالا ج كَنْٹ مالاؤن:** ث. ڳچيءَ جو زنانو زيور – كَنمال – هڪ بيماريءَ جو نالو – خنازير.
• **كَنْارُ ج كَنْارَ (ت):** ذ. كنارو – پَر – كَپ – كَنڌي – پاسو – كِنار
• **كَنْلوْ ج كَنْلا:** ذ. (سن. كَنْٹك = هار) گهَهَ جو هڪ قسم – موتين مان ٺهيل هار – گاني – وڏن مٽين وارو هڪ سَرو هارُ. (سن. كنٹ = ڳچي) گلو – نڙي. طوطي جي ڳچيءَ وارو گول نشان. ٽرجي هڪ پاڳي جو نالو. كنڌو – كنڌي – پَر – پاسو – كِنار.
• **كَنْلِيرُوْ ج كَنْلِيرا: ذ.** شينهن – شيرُ (ذَهَسُ).
• **كَنْپَتْ:** اسر خاص. كنڌاڙِ جوڳي فقير.
• **كَنْپَتِيْ ج كَنْپَتِيُوْن (ت):** ث. گهوڙي جي سنج جو هڪ پاڳو (چمڙي جو ٺهيل. كنن ۾ منهن متان ڏجي) – هوتاڙو – انڌاري.
• **كَنْبَڻُ:** مصدر. (سن. كَنْبَ = ڏكٽي) كَنبڻ – ڏكڻ.
• **كُنبُ ج كُنْبَ:** ذ. (سن. كُنْبَ. ف. كُنْبَ = وَلِيَن جو مَنهُ – كُنڊَ). وٽن جو جهڳٽو – گهاتو ولين لڳل مَنهُ. گَلِيْ – كوچو – كُنڊَ. كپڑي جو سَرُ – گهُنْج – وَرُ – وَكَرُ.
• **كُنْجارو ج كُنْجارا (ك):** ذ. زهري جيت جو هڪ قسم – پَٽون – وُچوْن (ل) كُندوارو. كُندِيارو.
• **كُنْجرُ (ڏهس):** ذ. كُنجل – هاٿي.
• **كَنْجراتُ ج كَنْجراتُوْن (ل):** ث. نارَ جي هڪ عضوي جو نالو – ڏاند جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ لاءِ پانجاريءَ وانگر كاٺ جو پجرو – كنڊاٺ.
• **كَنْجُرانُ ج كَنْجُرانَ:** ذ. زالن جي پائڻ جو هڪ گجُ يا گنجي – كَنْجرو – كَنْجرِيْ.
• **كَنْجرو ج كَنْجرا:** ذ. (سن. كَنْچك = كنجرو). زالن جي پائڻ لاءِ هڪ قسم جو (پرت پ بل) جو كپڙو (كنوار پرڻجڻ وقت پائي) – صرف چاتي ۽ اڌ پيٽ ڍكيندڙ چولي – كَنْجران – كَنْجرِيْ – سينه پوش – انگي. گهگهرو.
• **كَنْجرِيْ ج كَنْجرِيُوْن (ت):** ث. نانگ جي لٽل كَلَ. سازَ جو هڪ قسم.
• **كَنْجرُو ج كَنْجرا:** ذ. سائي پاڃي وكٽندڙ – بَكَرُ وكٽندڙ – تركاري وكٽندڙ – كونجڑيو – آرائين – پَٽو (ت).
• **كَنْجك ج كَنْجكُوْن:** ث. اُٺ يا گهوڙي جي ركيبن جو پَٽو – هَني جي پائدان كي جهلي بيهندڙ چَمَ جو پَٽو – گهوڙو گَڏ وٺي ڊوڙڻ لاءِ لغام جو پَٽو. وهٽ جي واڳ وٺي هلندڙ.
– **كَنْجَكَ لَگْ:** كنهن جي حكم يا اشاري هيٺ (رهندڙ) – ماتحت – زيردست.
– **كَنْجَكَ وَنْڻ:** گهوڙي جي واڳ وٺي پنڌ هلڻ.
– **كَنْجكِيْ ج كَنْجكِيْ:** ذ. سُوار سان گڏ واڳ وٺي هلندڙ ماڻهو. گهوڙي سان گڏ هلندڙ نوكر – ركابُ وٺندڙ.
• **كُنْجَلُ (ڏهس) ي ذ.** (سن. كُنْجَرُ) – هَاٿي – فِيْلُ.
• **كَنْجَڻُ:** مصدر. سُٽ كَتَڻُ.
• **كَنْجُوسُ ج كَنْجُوسَ:** ذ. صفت. (پرا. كَٹّجهُوسُ). بخيل – شومُ – تنگدل – مرجوٽ – موذي – كَدُ رَچ – پَكو – چَمْچوس – پَيَڙُ پيهُ.
– **كَنْجُوسائِيْ ج كَنْجوسائِيُوْن:** ث. كَنْجوسي – مرجوٽائي – سوسائي – شُومائي – موذيپٽو.
– **كَنْجوسِيْ ج كَنْجوسِيْ:** ث. شومائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **كُنْجَنُ:** مصدر. ويڑهڻ – لپيٽڻ – تهَ ڪرڻ.
– **كُنْجو ڪَرڻُ:** (ڪتين جو اصطلاح). ڪپڙن کي هٽ ۾ مهٽي سٽڻ واسطي تيار ڪرڻ – ويڑهڻ – مَنڻُ.
• **كُنْجِي ج كُنْجِيُون:** ث.(پرا. ڪنجيڪا. سن. كُنچِكا = كُنْجي). تالي کولڻ جو اوزار – ڪُلف کولڻ جي چابي – مَفتاحُ – ڪَليد. ڪلِيْ (ساز جي). نٽ جو هڪ حِصو. سمجهاٽي – شرح – تَنْڪا.
• **كُنْجِي ڪَلِيلُ هُئُنْ:** دل جي سُرحيتائي هڻڻ – چيتو چڱو هڻڻ – حافظو سٺو هڻڻ – دل جو سجاڳُ هُجَڻ.
• **كُنْجِيُون وانْڊيُون ڪرڻ:** دُڪان بند ڪرڻ – دڪان کي تالو لڳائڻ – هٽ کي ڪلف ڏيڻ – دڪان پرچائڻ.
• **كُنْجِيجِيْ:** اسر خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كُنْجَهاوَتِيْ ج كُنْجهاوَتِيُوْنْ:** ث. اُٽيل اکين ۾ وجهڻ لاءِ هڪ تمام سُٺو سُرمو – اٽيل اک ۾ وڏل ڦڙو – ڏَپُ. كَجَلُ – سوئير – سُرمُوْ.
• **كُنْجهَرْ:** اسر خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كُنْجهرَ:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كُنْجَهَرُ ج كُنجهَرَ (ت):** ذ. غنيمت – پورو – ضرورت آهر – مطابق – ڪپ سارو. كورُّ – دِڳُ – اَنبار. ڪينجهر.
• **كُنْجهَرَاتُ ج كُنْجهَرَاتُ:** ذ. هرلي ۾ وهندڙ ڏاند جي ڪنڌ ۾ پيل چورس چيڙي سان ڏِگهي ڪائي – كُنْدَاتْ.
• **كُنْجَهُ:** مصدر. سور کان رڙيون ڪرڻ – ڪُشڪڻ – ايذاءَ کان آهستي آهستي دانهون ڪرڻ – بيمار جو نينرَڻ – چنگهُڻ – جهيڙو آواز ڪرڻ – ڪُٽڪُڻ – چِنگهڪار ڪرڻ – (ڪُنْجهيو – كُنْجَهْنْدو – كُنْجهيَل).
• **كُنْجَهِ ج كُنْجهُوْنْ:** ث. تڪليف کان نڪتل آواز – ڪُٽڪَ – ڪُسڪ.
• **كُنْجهِٽِيْ ج كُنْجهِٽِيُوْنْ:** ث. ڪنجهڻ يا چنگهڙ واري حالت – كُنْجهكارَ – چَنگهڪار – ڪُسڪ – چنگهه – ڪُٽڪَ. چنگهندڙ – كُنْجهندڙ.
– **كُنْجهِٽِيْ مِٽِيْ:** كُنْجهندڙ ماڻهو – بيمارن وانگر ڪٽڪندڙ ماڻهو.
– **كُنْجهوكُنْجهَ:** ث. دانهن مٽي دانهن – يڪي چنگهڪار.
• **كُنْجهكُنْ:** مصدر. بيمار ماڻهوءَ جو آهستي آهستي دانهون ڪرڻ – چنگهڙ – ڪٽڪڻ – ڪنجهڻ – ڪسڪڻ – آه پرڙ. (ڪُنْجهڪيو – كُنْجهكندو – كنجهيلُ).
– **كُنْجهكارَ ج كُنْجهكارُوْنْ:** ث. ڏک – ايذاءَ يا بيماري سبب نڪتل دانهن يا چنگهه – چنگهڪار.
– **كُنْجهكارَ ڪَرڻُ:** سور کان رڙيون ڪرڻ – دانهون ڪرڻ – چنگهڙ – كنجهكُ – كنجهڻ.
• **كُنْجهِكارَ ڪَرڻُ:** سور کان رڙيون ڪرڻ – دانهون ڪرڻ – چنگهڙ – كنجهكُ – كنجهڻ.
– **كُنْجهِكَرَ ج كُنْجهِكَرُوْنْ:** ث. كنجهكار – چنگهه – كنجهه.
• **كُنْجهكو ج كُنْجهكا:** ذ. كنجهكارَ – چنگهه – كُنْجهكَرَ – كنجهه – كسڪ.
– **كُنجهكيو:** ذ. صفت. كنجهندڙ – كنجهڙو – چنگهندڙ.
• **كُنجهو ج كُنْجها:** ذ. (سن. كانسيه = كُنْجهوْ). چئن ڌاتن (قلعي، تامون، پتل ۽ جست) جي ملاوت مان ٺهيل هڪ ڌاتوءَ جو قسم – ڪُٽ – پِسِيْ – برتن ٺاهڻ جي ڪم ايندڙ گهنڊ وارو ڌاتو. (اسر خاص)
• **كُنْجهيْ ج كُنْجهِيُوْنْ:** ث. وڄت جي ساز جو هڪ قسم – كُنْجَرِيْ – جَهانْجهه – جانْجهَ.
• **كُنْجَهَرَ ج كُنْجَهَرَ:** ذ. (سن.كُجِـجَرُ = هاٿِيْ). هاٿي – فِيل – پِيل – كَنجل – كَنجر – گجراج.
• **كُنْجِلُ:** اسر خاص. سونُ – كَنْجَنُ – طِلا.
• **كُنْجَنْ ج كُنْجَنَ:** ذ. (سن). سون – زر – طِلاءَ – ذَهب.
• **كُنْجِيْ:** ث. ڪُنڍچي.
• **كُنْد ج كُنْدُوْنْ:** ث. (لاٽئون وغيره ۾). لوهه جي چهنبدار ڪلي. ڪوڪو – چهنب.
• **كُنْدُرُ ج كُنْدُرَ:** ذ. صفت. كند وارو – كند سان – ڇهنبياروُ.
• **كُنْدُ ج كُنْدَ:** ذ. (سن. كُنْتَ = پالا). لوهه جي لٽ جنهن جي آخر ۾ تيز چهنب هجي. هٿيار جو قسم – پالو. ڏڦو. ڪلو – كيرو (ڪ). لاٽئون جي چهنب. (صفت). (سن. كَدْ = مُنجهڻ يا دماغ جو گهٽ ٽيڙ). ڏَڏَ – نٽ – مُڏ – پوئندو – موڳو موڙهل – متين جو موڙهل – غبي. (اسر خاص). كاري پاٽيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم.
– **كُنْدُ ذِهْنُ ج كُنْدُ ذِهْنُ:** ذ. صفت. ڪم ذهن. ڪم عقل – نادان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– موڳو.

– **كُنْد فَهْرُ ج كُنْدَ فَهْرُ:** ذ. بي عقل – بي سمجھ – ڏڏ – نادان.

• **كُنْدارُ ج كُنْدارَ:** ذ. صفت. چوتيءَ يا ڪلنگيءَ وارو – چوتيارو – تاجوارو – تاجدار.

• **كُنْداڪُ ج كُنْداڪَ:** ذ. بندوق جو هٿيو – بندوق جو هيڻيون ڪاٺ وارو ڳڻ – قنداق – ڪُندو – بندوق جي ڇانڻ.

• **كُنْدائِتِي ج كُنْدائِتِيُونْ:** ث. درياءَ جي ٻيڙيءَ جو هڪ عضو – ٻيڙيءَ ۾ مهري کي لڳل هڪ ڪاٺيءَ جو نالو.

• **كُنْدِرَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **كُنْدِرُ ج كُنْدِرَ (ت):** ذ. گوڙ – هل – شور – بغاوت – گھمسان – لڙ – وڙوڙ. (اسر خاص). منگر مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **كُنْدُرُ ج كُنْدُرَ (ت):** ذ. صفت. (سن. ڪُنْدُرُ). ڪوندر – دلير – بهادر – جوڌو. جوان – بالغ. چوڪرو. هڪ دوا جو نالو. لوهي ڪنديءَ (ل).

– **كُنْدرو:** ذ. صفت. (سن. ڪُنْدُرُ). ڪندر.

• **كُنْدَرَانِي:** اسر خاص. مري بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **كُنْدَرُ لَغامُ ج كُنْدَرَ لَغامَ:** ذ. تڪين چھنبن واري لغام (ڏنگي گھوڙي لاءِ) اَلياڻ.

• **كُنْدرو:** ذ. منگر مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **كُنْدَرو ج كُنْدرو:** ذ. (سن. ڪُنْدَرَ). دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو ڪوئر – صحت ڪُندرو پاڻيءَ ۾ ٽيندڙ راند جو هڪ قسم.

– **كُنْدرو راندُ:** ث. پاڻيءَ ۾ ٽيندڙ ٻارن جي راند – ڪندري راند.

• **كُنْدَرِي ج كُنْدرِيُونْ:** ث. لوهي لڪڻ (اڪثر فقير ڪٺن). نيزي جي ڪُندڙي – چُھنب. لڪڙ جي بندي – شام – ڪڙو – چلو. مگر مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **كُنْدَرُ ج كُنْدَرَ:** ذ. ڪم ڪرڻ وارو – ڪم وارو – فاعل. گوڙ – هل (ث).

• **كُنْدِسِ ج كُنْدِسُونْ:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پساريڪي وڪر جو نالو – ڪنڙو – نڪچڪٽي.

• **كُنْدِلُ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **كُنْدمولُ:** ميوا ۽ پاڙون – ڏل قول.

• **كُنْدَنُ ج كُنْدَنَ:** ذ. (سن. ڪنچن = سون). نج سونُ – خالص سونُ – پيش سونُ – ذَهبُ – زنابُ – زرخامُ – اُتر سون.

جَڙاءَ ـ چمڪ – چمڪو – چلڪو – چل.

– **كُنْدَنُ كَرَنْ:** چلڪائڻ – چمڪائڻ – چمڪ ڏيڻ – پالش ڪرڻ. اڇو ڪرڻ – صاف ڪرڻ – اوجل ڪرڻ. خالص ڪرڻ – نج ڪرڻ – غير وغيره ڪڍي ڇڏڻ. سون کي صاف ڪرڻ.

• **كُنْدو ج كُنْدَا (ت):** ذ. بندوق جو ڪاٺ وارو حصو – ڪُند – ڪُنداڪ. (سن. ڪُنْتَھ = نيزو). گرُز – نيزو – پالو – ڏڦو.

• **كُنْدُورو ج كُنْدُورا (ت):** ذ. ماني ڪائڻ مھل هيڻان وڇايل ڪپڙو – دسترخوان.

– **كُنْدُورِي ج كُنْدُورِيُونْ:** ث. (لوڻ پاڻي ۾ رڌل ڪوبہ ان يا گڏيل اَن) – تل قل.

• **كُنْدِي ج كُنْدِيُونْ:** ث. لڪڙ هيڻان لڳل لوھ جو چلو – كُنْدڑِي كندري. ڪپڙن ڏوئڻ وقت ڪپڙن کي سٽڻ واري حالت – سٽڪو – ڦھڪو.

• **كُنْدِيلُ ج كُنْدِيلُونْ:** ث. فقيرن جي جھولي يا بگري – ڪِچڪولُ – ڪشڪول – ڪسٽو.

• **كُنْڈَ ج كُنْڈُونْ (ت):** ث. ڪاٺ جي ديوار يا پٽ – ڪاٺ جي پڙدي – ٽيڪي جي ديوار.

• **كُنْڈِ:** ث. ڪنڊي.

• **كُنْڈْ ج كُنْڈَ:** ذ. (سن. سْكَنْدَ = كُنْدُ). ڳچيءَ جو پٺيون پاسو – ڳاٽو – گردن.

– **كُنْڈْ پَجَنْ:** گردن پڇي پوڻ – عزت وڃڻ – رُسوا ٽيڻ – مان شان وڃڻ.

– **كُنْڈْ پَرُ كَرَنْ:** تڪبر پڇڻ – آڪڙ لھي پوَڻ – تند ختم ٿي وڃڻ. نقصان رسڻ – ٽوٽو پوڻ – هَرج ۾ وڃڻ. پڇتائڻ – پشيمان ٽيڻ.

– **كُنْڈَ تي چَڑھَنْ:** مغرور ٽيڻ – سرڪش ٽيڻ – هٺيلو ٽيڻ. حُجتي ٿي وڃڻ – گستاخ ٽيڻ. بي ادبي ڪرڻ – بي ادب ٽيڻ.

– **كُنْڈَ تي كَاتِي اَچَنْ:** لاچار ٽيڻ – مجبور ٽيڻ – بي وَسُ ٽيڻ – بي بھج ٽيڻ.

– **كُنْڈَ تي وَجھَنْ:** گستاخي ڪرڻ – بي ادبي ڪرڻ – حجت ڪرڻ. زور وَجھڻ.

– **كُنْڈَجِي كَاتِي ٽِيَنْ:** هروپرو مٽان پوَڻ – مجبور ڪرڻ – لاچار ڪرڻ – تنگ ڪرڻ – خواھ مخواھ زيربار ڪرڻ.

– **كُنْڈَ ڏُوڙ پَوَنْ:** خاموشي ۾ ڪنڌ لوڏڻ – جھولڻ – جھومڻ –

ڪنڈ کي لوڏا ڏيارڻ.

– **كَنْڈَ ڏُورُ ڪرڻ:** خاموشي ۾ ڪنڌ لوڏڻ – جهولڻ – جهومڻ – ڪنڌ کي لوڏا ڏيارڻ.

– **كَنْڈُ ڏُوڙُ:** ها يا نہ جو جواب ڪنڌ لوڏڻ سان ڏيڻ – هائوڪار يا ناڪار ڪرڻ – جهولڻ – جهومڻ – مٿو ڏوڙڻ – مٿي کي لوڏا ڏيڻ.

– **كَنْڈُ ڏِيڻُ:** آڏو يا پاسيرو ٽيڻ – مغروري ڪرڻ – ٽيڙائي سان هلڻ – تَنُ سان هلڻ – آڏ پاسيرو هلڻ. ڪنهن ڏانهن بہ مصيبت کي منهن ڏيڻ.

– **كَنْڈَ كَارِيْ:** ث. ڪاري ڪنڌ واري رڌ جو هڪ قسم.

– **كَنْڈُ كَڍَائِڻُ:** ڪنهن ڪم کان منهن موڙڻ – نٽائڻ – گَسائِڻ – نانهہ ڪرڻ – نابري واري – ناڪار ڪرڻ – تِڙون پٽون ٽيڻ.

– **كَنْڈُ كُرُڙُ ج كَنْڈَ كُرْڙَا:** ذ. صفت. ننڍي يا سوڙهي ڳچيءَ وارو – ڪوتاهہ ڪنڌ.

– **كَنْڈُ كُلْهَنْ كانْ جُدا ٽيڻُ:** ڪُسجي وڃڻ – سسي ڏَرَ کان ڏار ٽيڻ – ڪنڌ وڍجي وڃڻ. عشق ۾ قربان ٽيڻ – سچي پچي.

– **كَنْڈُ كَٽَڻُ:** منهن مٿي ڪٽڻ – منهن مٿي ڪرڻ. بيماري مان شفايابَ ٽيڻ – صحتمند ٽيڻ – تندرست ٽيڻ. ڪجهہ چاق ٽيڻ – البتہ صحتياب ٽيڻ. مانائتو ٽيڻ – شانائتو ٽيڻ – عزت وارو ٽيڻ. عزت بچائڻ – ڳالهائڻ جهڙو ٽيڻ – پت سان رهجي اچڻ.

– **كَنْڈُ گُورائو ڏيڻ (ڪ):** ڪنڌ موڙي مارڻ – ڪنهن سان زوري ڪرڻ – جبر ڪرڻ – زبردستي ڪرڻ – ڏاڍائي ڪرڻ.

– **كَنْڈُ لَهَڻُ:** شرم ٽيڻ – ڇڪائي ٽيڻ – لَڄ ٽيڻ. بي مانو ٽيڻ – بي عزت ٽيڻ – پت ڪار هلي وڃڻ.

– **كَنْڈُ ۾ كِلو ج كَنْڈَ ۾ كِلا:** ذ. گردن ڪشي – مغروري – گهمنڊ – شيخي – هٺ – وڏائي – دماغ – وڏنءُ – هُوءِ ـ دم اِغماض – غرور – تانءِ ـ سيٽ – تِنڊ – آڪڙ – تڪبر.

– **كَنْڈُ ۾ كِلِي هُڻُ:** مغرور هڃڻ – هٺ ڪرڻ – هٺيلو هڃڻ – تڪبر ۾ پريل هڃڻ – تمام گهٽي وڏائي هڃڻ – شيخي ۾ پريل هڃڻ – اَهنڪاري هڃڻ – آڪڙباز هڃڻ.

– **كَنْڈَ ۾ وَرُ اَڇڻُ:** ڪنڌ کي ور يا ست اچڻ – ڳچيءَ ۾ مروٽ اچي وڃڻ.

– **كَنْڈُ ۾ وَرُ وِجهَڻُ:** مغرور ٽيڻ – وڏائي ڪرڻ – هٺ ڪرڻ – تڪبر ڪرڻ – گهمنڊ ڪرڻ – شيخي ڏيکارڻ.

– **كَنْڈ ۾ وَرُ هُڃَڻُ:** مغرور هڃڻ – گهمنڊ هڃڻ. طاقت وارو هڃڻ – زور وارو هڃڻ – طاقتمند هڃڻ.

– **كَنْڈَ مانْ وَرُ كِيڻُ:** سڏو ڪرڻ – مغروري پيڃڻ – آڪڙ لاهڻ – تڪبر ڏاهڻ – شيخي ٽوڙڻ – گهمنڊ لاهڻ. مغروري چڏي ڏيڻ – سِيٽَ چڏڻ.

– **كَنْڈ مٽي ڪَرڻ:** عزت وڃائڻ – مان ڏيڻ – پت سان رهائڻ.

– **كَنْڈُ مٽي كَٽَڻُ:** ڪنڌ ڪٽڻ – بيماريءَ مان شفايابَ ٽيڻ – مڙيئي هلڻ جهڙو ٽيڻ – ٽورو چاق ٽيڻ – صحت ياب ٽيڻ – تندرست ٽيڻ.

– **كَنْڈ نِمائِڻُ:** نياز نڙت سان پيش اچڻ – نهٺائي ڪرڻ. سجدو ڪرڻ – سجدي ۾ وڃڻ. هائوڪار ڪرڻ – رضامند ٽيڻ – شرمسار ٽيڻ – شرمنده ٽيڻ.

– **كَنْڈ نَوائِڻُ:** نياز جي وات هلڻ – نڙت ڪرڻ – ڪنڌ نمائڻ.

– **كَنْڈُ هَڏَڻُ:** هائو يا نہ ڪرڻ – ڪنڌ ڏوڙڻ جهولڻ.

– **كَنْڈُ هيڪُ ٽِيڻُ:** شرمنده ٽيڻ – لڄي ٽيڻ – شرمسار ٽيڻ – ڦڪو ٽيڻ. حرفي ٽيڻ – مياري ٽيڻ. بيمانو ٽيڻ – بي عزت ٽيڻ – نرلجو ٽيڻ – ڪاريت هلي وڃڻ.

– **كَنْڈُ هيڪُ كَرڻُ:** مُنهن هيڪ نمائي چڏڻ. شرمسار ٽيڻ – آبرو گهٽيل جاڙڻ – ڦڪو ٽيڻ.

• **كَنْڈُ هيڪُ هُڻُ:** بي آبرو هڃڻ. حرفي هڃڻ – مياري هڃڻ.

• **كَنْڈَاتُ ج كَنْڈَاتَ:** ذ. نار يا هُرلي جو هڪ عضو – ڊِگي کي هُرلي ۾ وهائڻ وقت ان جي ڪنڌ ۾ وڏل پاڃاريءَ جهڙو چوڪٽ.

• **كَنْڈَاتِيْ ج كَنْڈَاتِيُوْنُ:** ث. (نار يا هُرلي ۾) مهري واري پائڻي کي تخت کان جُدا ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي اُپريل پٽي – سَرائي.

• **كَنْڈَارُ ج كَنْڈَارَ:** ذ. صفت. مٽير مڙس – ڪُونڊر – پهلوان – هلوانُ – بهادر – دلير – ويرُ – هلياروَ – سگهارو – ڏاڍو جُوانُ.

• **كَنْڈَا كَوْنُ:** ڪنارا. پاسا – ڪَپَرَ ڪَنڊِيُون.

• **كَنْڈَاهُ:** اسر خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **كَنْڈَرَ:** اسر خاص. روهڙي ۽ ڳڙهي ياسين تعلقن ۾ هڪ ديهہ جو نالو. هڪ قبيلي جو نالو.

• **كَنْڈَرَا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **كَنْڈَكوٽُ:** اسر خاص. تعلقي ڪنڌ ڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **كَنْڈَوْ ج كَنْڈَا:** ذ. (سن. سُكَنْڈَ = ڪنڌو). ڪنڌ جو هڪ پاڳو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– ڳچيءَ جي پُٺ – ڪنڌ جي مٽڪي وارو هنڌ. ٻڪريءَ جي ڪنڌ وارو هڏو (ڪ) ڪُلهو. قميض ۾ پيل ڪلهي واري پٽي. ڪنارو – مٿانهين – پَر ـ ڪَنڌي – ساحل – ڪپر – پاسو – ڪَنو – ڪَپ. حاشيو ـ اَنْد ـ وَٽ ـ ڪِناريُ. حَدَ – پچاڙي – چيڑو. ٻن ٻنين جو وڇ – سَنڌو.

– **ڪَنْدَوڏيڻُ:** ڪُلهو ڏيڻ. مدد ڏيڻ – همراهي ڪرڻ – واهر ڪرڻ – سهائتا ڪرڻ.

• **ڪَنْدَوُ ج ڪُنْدا (ل):** ذ. صفت. اُڳرو. مُڊو – لَمو – اڻ وَهُو.

• **ڪَنْدَوٽ ج ڪَنْدَوٽُون (ث):** ث. پاڇاريءَ جي متئين پاسي واري ڪائي.

• **ڪَنْدَ وَنْگو:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَنْدِيُ ج ڪَنْدِيُون:** ث. دريا جو ڪنارو – پَر ـ ڪنڌو. (ڪپڙي جي) اَنْدِيُ – ڪنار – وَٽ ـ حاشيَ – ڪناري. ڪنهن وٽاڻ يا جاءِ ڪي بچاءُ لاءِ چوڌاري ڏنل لڪڙين يا ڊنگهرن جو ڪنڌوڙو – جهنگلو – واڙَ. جهلو – ٽيڪ – وَسيلو – بچاءُ – پناهه – اڇهو – پُستي – آڌار – پَر – ڊَر – سهائتا – آسرو – تڪيو. طرف – پاسو (ت).

– **ڪَنْدِيُ پاسوُ ج ڪَنْڊِي پاسا:** ذ. اوسو پاسو – ڪُنڊَ پاسو – ويجهڑائي – گردنواحي – ويجهي ڇڪ – هيڏي هوڏي – نزديڪائي – پَرياسو. پاڙو – ويڑهو – محلو.

– **ڪَنْدِيُ پاسوُ ڪَرڻُ:** لڪائڻ – ڇپائڻ – ڳُجهيءَ طرح رکڻ – پاسي ڪُنڊ رکڻ – پرياسي ڪرڻ – ٽاري چڏڻ – تارڻ. ڪسڪي وڃڻ – ٽرڻ – ٽِڙي وڃڻ – هيڏانهن هوڏانهن ٽِڙي پکڙي وڃڻ. ڇُڪي وڃڻ – ٽنيي هٽڻ – ڇَنڊ هٽي وهڻ. اڇهو تاڙڻ – پناهه ڏوندي – وسيلو تاڙڻ – بچاءُ جو گهر ڳولڻ.

– **ڪَنْدِيُ ڪَن نہ پَوڻُ:** ڏاڍو ڳجهو رکڻ – مخفي رکڻ – راز ۾ رکڻ – پوشيده رکڻ – پتين کي به نہ ڏيڻ.

– **ڪَنْدِيُن کي ٻہ ڪَن هُئڻُ:** ڳالهه مخفي نہ رهڻ – راز جي ڳالهه فاش ٿي پوڻ.

• **ڪَنْڊِ:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَنْڊِ ج ڪَنْڊِ:** ث. (سن. ڪَنْتَکَ = ڪَنْڊِ > ڪنڌ وارو). ڪنڊيءَ جو ننڍو وڻُ. ڪنڊيءَ جي وڻن جو ڳهاٽو جهنگ. ڪنڊ وارو ٽُڙ. ڪنڊ جي ڇهين – ڊنگهر. قضئي کان پوءِ ڏهين يا ۱۱ يا ۱۵ ڏينهن بعد فوتيءَ جي وارثن جي ادا ڪيل رسم. پلي جو اهو پاسو جنهن ۾ گهٽا ڪَنڊا (ڪانڊو پاسو) آتشبازيءَ جو هڪ نمونو. (اسم خاص). ڪوهستان جي هڪ پاڳي جو نالو – جهَنگلُ.

• **ڪَنْڊِرُ ج ڪَنْڊِر:** ذ. صفت. ڪنڊ وارو. جهيڑاڪُ – ڏڏئي.

– **ڪَنْڊِرُ لَڳامُ ج ڪَنْڊِرَ لَڳامَ:** ذ. اهنڌ گهوڙي لاءِ ڪهرو لَغام – الياڻ.

– **ڪَنْڊِ سانْ ڪاسڻُ:** ڪنهن ڪَهري يا واترادي ماڻهوءَ سان لڳڻ – جڳا مان اَڙجي وڃڻ.

• **ڪَنْڊِو:** ذ. وڻ جو قسم. (ث) ڪَنڊِيُ ج ڪَنْڊِيُون.

– **ڪَنْڊِيارو ج ڪَنْڊِيارا:** ذ. صفت. لوهن ڪَنڊ وارو لغام ـ ڪَنڊِرُ. (اسم خاص). ضلعي نوشهرو فيروز جي هڪ تعلقي ۽ شهر جو نالو.

• **ڪَنْڊِيارو لَغامُ ڏيڻُ:** مجبور ڪرڻ سختي ڪرڻ – تڪليف ڏيڻ.

• **ڪَنْڊِ ج ڪَنْڊَ:** ذ. مرون‌ءَ جو ٻچو – سُوئر جو ٻچو – ٻَنَرُ.

– **ڪَنْڊِيل ج ڪَنْڊِيلُون:** ث. ننڍن ٻڇن سوڌي سوئر جي مادي.

• **ڪُنْڊَ ج ڪُنْڊُون:** ث. (سن. ڪُوْنْ = ڪُنْڊَ). ٻن پاسن يا ٻن ليکن جي ملڻ واري جاءِ ـ ڪُڙَچَ – ڪُنْجَ. (اسم خاص). بدين ۽ ٺٽي تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **ڪُنْڊاتو (ل):** ذ. صفت. ڪُنڊائتو.

– **ڪُنْڊائتو ج ڪُنْڊائتا:** ذ. صفت. ڪُنڊ وارو – گوشائتو – گوشَہ نَشينُ – ڪناره ڪَشُ. نويڪلو. پاسيرو – چوريءَ جو مالُ – چوراٽو – ڪُنڊاتو (ل).

– **ڪُنْڊائينْ ماپَ:** ڪنڊن ماپڻ واري حالت – ڪُنڊن جي ماپَ.

• **ڪُنْڊَ جهَلائُو:** ذ. صفت. ڪُنڊَ جهلينڊڙ.

– **ڪُنْڊَ ڪاڍڻُ:** ظاهر ٽيڻ – پيدا ٽيڻ – باهر نڪرڻ – ظهور ۾ اچڻ.

– **ڪُنْڊَ ڪاريُ ڪَرڻُ (ت):** پاسي کي بدنام ڪرڻ – پاڙي کي داغ لائڻ.

– **ڪُنْڊَ ڪُوڄَ > ڪُرْجَ:** ظرف. اوسي پاسي – چؤطرف – هَرهنڌ – چوگرد – چوڌاري – اردگرد – جيڏانهن تيڏانهن.

– **ڪُنْڊَڪِنيُ ڪَرڻُ:** گهَرَ ۾ خرابي پيدا ڪرڻ – پاڙي ۾ خرابي پيدا ڪرڻ.

– **ڪَنْڊِ ۾ رُڙڻُ:** لِڪَ ۾ يا ڳجهيءَ طرح ڏُڪ ڪرڻ – اندر ۾ روئڻ. ڪنهن ڳالهه جي خوف کان ڳَجهَ ۾ روئڻ. "چور جي ماءُ ڪنڊ ۾ روئي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **كُنْڊَ ماپ ج كُنْڊَ ماپُونْ:** ث. كنڊ ماپڻ جي هڪ اوزار جو نالو.
– **كُنْڊوج كُنْڊا:** ذ. صفت. كُنْڊَ وارو – پاسو نِڪتل – كِناريُ دارُ – كُنْڊُرُ.
– **كُنْڊَ وَنُ (ت):** زمين جي باقي رهيل حصي کي هَرُ ڏيڻ.
– **كُنْڊَ وَسائِڻُ:** گوشه نشيني اختيار ڪرڻ – خلوت نشين ٿيڻ – دنيا جا ڌنڌا ڇڏي الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ – كُنڊ وٺڻ – كُنڊ اختيار ڪرڻ.
– **كُنْڊُو كُنْڊَ:** ٻن چوڪنڊن جي آمهين سامهين اُريبُ. آمهون سامهون – منهن مقابل – پيشُ – روُبرو – منهن سامهون.
– **كُنْڊِياروُ ج كُنْڊِيارا:** ذ. صفت. كُنڊ وارو – كُنڊائتو – كُنڊو – كُنڊر. (اسر). وڇون – پَٿُون – عقرب – كُنڊياروَ.
– **كُنْڊِيروُ ج كُنْڊِيرا:** ذ. كُنڊ وارو – كُنڊر – كُنڊياروَ – كُنڊائتو.
– **كُنْڊِيوُ ج كُنْڊِيا:** ذ. صفت. كُنڊن وارو – پاسن وارو – كناري وارو – كُنڊائتو – كُنڊياروَ – كُنڊر – كُنڊيرو.
• **كُنْڊا ج كُنْڊا (ت):** ذ. انَ نڪرڻ بعد بچيل جُوئر جا سَنگ – كَڏا.
• **كُنْڊا جاكِيُر:** اسر خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كُنْڊَ بَكهاڙَ:** اسر خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كُنْڊَرَ ج كُنْڊَرُونْ:** ث. (سن. كَنْڊِي = ڪڪر) ابرَ – بادَلُ – ڪَڪَرُ – وڏَرُ – ڇَمر – لَڱ. (اسر خاص). تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جوَ نالو.
• **كُنْڊَرُ:** اسر خاص. تعلقي گوني‌ءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كُنْڊَراهُ:** اسر خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كُنْڊَرُوُ ج كُنْڊَرا:** ذ. زنجير جي ڪڙن جهڙي توپي‌ءَ جو هڪ قسم. زنجير جي ڪڙن وانگر پرت جو هڪ قسم – كُنديلو. اجرڪ يا چادر جي ٻن پڙن کي گڏيڻ لاءِ هنيل پرت – كِيلُ – كِيرَ.
• **كُنْڊِرِيْ ج كُنْڊِرِيُونْ:** ث. (سن. كَنْتَكَ = كَنڊ) گهٽن ڪنڊن واري ٻوٽي جو هڪ قسم. (اسر خاص) تعلقي تنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو. رُوحل فقير جي ڳوٺ جو نالو.
• **كُنْڊِرِيْ جاكِيُر:** اسر خاص. روهڙي ۽ تنڊي باگي تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كُنْڊُكَ ج كُنْڊُكَ (ل):** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پساركي وَڪر جو نالو – صحت ڪُندَرُو.

• **كُنْدَلُ ج كُنْدَلْ:** ذ. (سن. كُنْدَلَ). ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ قسم جو زنانو زيور – كُنديلو.
• **كُنْدِلُوُ:** اسر خاص. تعلقي ميرپور ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كُنْدُوُ ج كُنْدا:** ز. (سن. كَنْتَكَ = كَنْڊو) خارُ – سيلهه. سُوئر – پالو. مڇيءَ جو بلڪل سنهڙو هڏو ۽ پُنيءَ جو ڪنڊو. سون وغيره تورڻ جي ننڍي ساهمي – تارازي – تكڙي. تارازي رکڻ جي پيتي. هڪ قسم جو ڪنڊن وارو وٺ (Srospis Spicigara). ڪُتي جي بيماريءَ جو هڪ قسم. (ت). (صفت) ڏڪاريل – بدعادتيو. ڪنجُوس – شُومُ – اٽڪ – آڏ – روڪ – جهلَ – ٻلَ – منع – زَندَ – زَندَڪَ – اٽڪاءُ. ايرو – هيٺو – ڪمزور.
– **كُنْدا كُنْدا:** ذ. كُنْديدارُ گهٽن ڪنڊن وارو – كُنْدانئُونْ – كُنْديَرُ. بالڪل ايرو – تمام ڪمزور (ماڻهو، جانور).
– **كُنْدا ٿِيْ وَيَنْ:** گِري وڃڻ. ايرو ٿيڻ – ضعيف ٿيڻ – لاغَرُ ٿيڻ.
– **كُنْدا پوكَنْ:** خرابي پيدا ڪرڻ. ويرَ وڌائڻ – نفاق وجهڻ – ضديت پيدا ڪرڻ. نقصان وارو ڪم ڪرڻ.
• **كُنْدوروج كُنْدورا (ڪ):** ذ. ڪنڊي جي ننڍي وٺ جو هڪ قسم – كانديرو – كنديرو.
• **كُنْدَ هَرُ كَچو:** اسر خاص. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كُنْدِيْ ج كُنْدِيُونْ:** ث. وٺ جو هڪ قسم – كُنْڊِ. راهَ جي چوگرد بنايل كُنْدي وارو اَڏ. ڇَرَ کي هَڏَ جي بخشي ڏيڻ لاءِ ڏاڪي چڪڻ جي آري (ت). (اسر خاص). ميرو خان، دادو ۽ شهدادپور تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو. (سن. كَرِكَنْدَ) جواهرات وغيره تورڻ جي ننڍي ساهمِيْ. اُنهي ساهمِيْ رکڻ جي ننڍي پيتِيْ.
– **كُنْدِيءِ جو لاهُ:** صفت. سخت – كَنَنُ – اٽاسو – اَهَنْدُ – ارڏو. نهايت لُڇو.
- **ڪوچڙ ج ڪوچڙ (ت):** ذ. صفت. قد جو چوتو – بندرو – ڊمڪو – ڊمڻي – ڊمڪڙو.
- **ڪوچڙا:** اسم خاص. خانه بدوش قوم جو نالو.
- **ڪوچڪ ج ڪوچڪ:** ذ. صفت. ننڍو – چوتو – صَغِيرُ – اَبهُم (هالڪ). علم موسيقيءَ ۾ هارهون.
- **ڪوچڪي:** بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو ڪوش سان نسبت (؟)
- **ڪوچلو:** ذ. مانيءَ جو هڪ قسم (ت). وهڻ کي ڪارائڻ جي ڪم ايندڙ ڪاڙينگ يا هنداڻي جي ڪل – چانهين جي ڪل (ت).
- **ڪوچو ج ڪوچا:** ذ. (ف). گهٽي – ڳلي – گلي – ڪوءِ. شهري سڙڪ – خاص واٽ. جهنگ – جهنگل – ٻيلو (ت).
- **ڪوچهگڙ:** ذ. (ف). واٽ جي مٽي – رستي جي ڌڙ.
- **ڪوچڻي ج ڪوچڻي:** ذ. (سن. ڪُوڙچَه = بُرش) وارن جو نهيل برش.
- **ڪوچو ج ڪوچا (ت):** ذ. وڻن ٽڻن ۾ گاهه وارو هنڌ – جانورن جي چرڻ لاءِ جهنگ. سائو جهنگ – چراگاهه (ل). ٻن جبلن جي وچ وارو مفاصلو (ل). (صفت) گهٽو ڪائيندڙ – پيٽوڙي –

هيچي – پيٽي.

• **کوداڏ:** اسر خاص. تعلقي ڏل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **کوڌڻ:** مصدر. نچڻ – ٽپڻ – ٽپا ڏيڻ – ٽپ ڏيڻ – ڪَڏڻ – چال ڏيڻ – ٽينگ ڏيڻ.

• **کُوڍِ ج کوڍُون:** ث. خراب مَت – کُمَتَ – بي وقوفي – بي عقلائي – ڪَم عقلي.

– **کوڍُ ج کوڍَ:** ذ. صفت. (سن.کُنْدَ = موگهو). کُنْدَ – موگهو – بي عقل.

• **کوڍَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **کوڍَ (ل):** ث. حرص – سَڌَ – مرضي – خواهش.

• **کوڍِ (ث):** ث. سياري ۾ ننڍن ڇيلن کي پورڻ لاءِ زمين ۾ کوٽيل ڪَڍَ (ظرف). خوشيءَ سان – مرضيءَ سان – پسنديءَ سان.

• **کوڍُ ج کوڍَ:** ذ. (سن. کَپَرْدھ = ف. خرمهره) سمنڊ جي جيت جو هڪ قسم (جي مرڻ کانپوءِ کوڙ ٽي پونداِ) پاٽيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ساهه وارو پٽ). وڏي کوڏي. خوشي – راحت – سرهائي. موج. شوق ذوق چاهه – لاڏ – هيڄ – ماڻو – ناز – نخرو – انگل. محبت – پيار.

– **کوڍانْ:** کوڍَ مان – لاڏ مان – چاهه مان – خوشيءَ مان.

– **کوڍائڻُ:** اسر. هار کي ڪُڍائڻ ۽ خوش ڪرڻ جا هول – لولي.

– **کوڍائتوُ ڪَرڻُ:** چاڪلو ڪرڻ – لاڏلو ڪرڻ – دادلو ڪرڻ – ريجالو ڪرڻ. خوشيءَ وارو ڪرڻ – سَرهو ڪرڻ. خوش ڪرڻ.

– **کوڍُ ڪُپُورَ:** ث. خوشي – جشن – هيڄ – مَنگل آچار. شوق. ذوق. لاڏ ڪوڍُ – ماڻو. انگل.

– **کوڍِيْ:** کوڍَ مان – خوش ٿي. "هيا بَهوت اڏايئن بنگلا ڪامڻ گهٽا کوڍي" (ڪبير شاهه).

• **کوڍارَ ج کوڍارُونْ:** ث.(سن. کُدال > کُدارَ = کوڙَ) زمين وغيره کوٽڻ لاءِ ڪاٺ جي ڳَنَ سان هڪ لوهه جو اوزار – کوڙَرَ.

– **کوڍارِيْ:** اسر. کوڙَرَ – کوڙار.

– **کوڍارَيوُ ج کوڍارِيا:** ذ. کوڙر وارو – کوڙر سان ڪم ڪندڙ. ڪاٽي ڪڍندڙ – کوٽائي ڪندڙ – ڪامڙيو.

• **کوڍاروُ ج کوڍارَ (ت):** ذ. وادِن جو ڪاٺ جي گولائي وٽڻ لاءِ هڪ قسم جو اوزار – ڪاٺ مان ناهيل هارن جي راندِيڪي جو هڪ قسم.

• **کوڍارِيوُ:** اسر خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **کوڍائڻُ:** مصدر. (سن. کوڍ > پرا. کُڍْيَ). ننڍڙي هار کي راند ڪرائڻ لاءِ هيٺ مٽي ڪرڻ – نچائڻ ٽپائڻ – کوڍُ ڪرائڻ – وندرائڻ – راند ڪرائڻ شغل ڪرائڻ. ساراهه ڪرڻ – نيڪي ڪرڻ – واکاڻ ڪرڻ – ساراهڻ – واکائڻ – تعريف ڪرڻ – وڏائي ڪرڻ – ثنا ڳائڻ (ت). هري هَري ڪائڻ – داڻو داڻو ڪري ڪائڻ چونگارڻ. ڳائڻ (ت). لاڏ ڪرڻ – ماڻو ڪرڻ – ناز نخرا ڪرڻ – چاڪ ڪرڻ – انگل آرو ڪرڻ.

• **کوڍَرَ ج کوڍَرُونْ:** ث. (سن. کُدال > کُدارَ = کوڙَ). زمين کوٽڻ جي ڪم ايندڙ ڪاٺ جي ڳَنَ سان هڪ لوهه جو اوزار – کوڙار – کوڙاري – کوڙارو.

– **کوڍَ رُ کَٽَڻُ:** بيهڻ – کڙمت ڪرڻ – هارپو ڪرڻ – هاري ٽيڻ. ڪاٽيءَ جو ڪم ڪرڻ.

– **کوڍَ رُهڻُ:** سخت پورهيو ڪرڻ – محنت ڪرڻ – گهٽو ڪم ڪرڻ – تڪليف وٺڻ – جفاڪشي ڪرڻ – جان ماريءَ جو ڪم ڪرڻ.

– **کوڍِريوُ کوڍِريا:** ذ. کوڙر وارو – کوڙر هڻندڙ. ڪامڙيو. محنتي – جَفاڪَشُ – پورهيَتُ.

• **کوڍِڙِيْ ج کوڍِڙِيُونْ ث.** جوئر جو هڪ قسم (ان اڇو ۽ ڏاڙو چٽرو). (ت). ڙي پرت جو هڪ قسم. ننڍي کوڍِي.

• **کوڍِناٽِيْ:** اسر خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **کوڍَنُ ج کوڍَنَ:** ذ. صفت. شوقين.

• **کوڍُوْ ج کوڍا:** ذ. (سن. کَپَرْدَ = کوڍي – سمنڊ جي هڪ پيدائش – وڏي کوڍي – سُپيئڙو – کوڙ.

– **کوڍُووڏو ج کوڍُا وَڏا:** ذ. کوڍين جي قسم مان وڏي ۽ وڏي کوڍي (حڪيم هن کي سنگ جراح سان گڏي ماري کارائين ته کنگهه، سَلهه، قَڙَن ۽ آنڊن جي قَٽن کي فائدو ڪري).

• **کوڍِيْ ج کوڍِيُونْ:** ث. ف. فرهنگ = کوڍي). سمنڊ يا درياءَ جي پيدائش جيت جو هڪ قسم – ننڍو کوڍ. آڳاٽي وقت جو هڪ ننڍو سڪو – دمڙي – مينهن جو هڪ قسم – هلڪڙي ڪنڊي مينهن (ت). پهريون پيٽ وياڻل وهٽ – پهريائٽ (ت). پاڃاريءَ جو وڃ وارو حصو (ت) پاڃاريءَ جي متئين ڪائيءَ تي سهٽائيءَ خاطر لڳل ٽڪنڊو ڪائيءَ جو ٽڪر (ت). راند جو هڪ قسم – کوڍي کوڍي – ڪبڊي راند – وٽ ڪبل يا وڏ ڪبل راند. ڪتي جو هڪ پيار وارو نالو (ت).

- **ڪوڙيءَ ڇڪ:** ڪوڙيءَ کي چٽيندڙ – نشان نہ گسائيندڙ – نشانہ باز – وڏو تويچي (ت).
- **ڪوڙيءَ ڇڪ هُئڻ:** بَخيل هُئڻ – ڪنجوس هُئڻ.
- **ڪوڙِيرُ ج ڪوڙِيرَ:** ذ. ڪوڙا – ڪوڙيون وڪٽندڙ. ڪوڙين سان جڙيل ڪپڙو – ڪوڙين سان جڙيل زيور يا ڪوڙين جو ٺهيل زيور.
- **ڪوڙِيُ سَڇِيُ ج ڪوڙِيُون سَڇِيُون:** ث. دوائن ۾ ڪم ايندڙ ڪوڙيءَ جو هڪ قسم – سَڇلي ڪوڙي.
- **ڪوڙيءَ کاڏ هيرو وڪڻڻ:** خَسِيسَن کي لاءِ پنهنجي عزت وڃائڻ – ٽوري نفعي جي لالچ تي وڏو نقصان ڪري وجهڻ.
- **ڪوڙِيُ ڪُوڙِيُ ج ڪوڙِيُون ڪوڙِيُون:** ث. ڪوڙيءَ جو هڪ قسم.
- **ڪوڙيءَ مان گَرَڻ:** بي عزت ڪرڻ – عزت وڃائڻ – بي مانو ڪرڻ – ذليل ڪرڻ.
- **ڪوڙيءَ مُلهہ ٽِيڻ:** بي مانو ٽيڻ – بي عزت ٽيڻ – ذليل ٽيڻ – رسوا ٽيڻ – هڪڙي ٽڪي جو ٽيڻ.
- **ڪوڙِيُ مُلهہ ڏِيڻ:** بي مانو ٽيڻ – ڪوڙيءَ مُلهہ ٽيڻ.
- **ڪوڙِيُئرُ ج ڪوڙِيُئرَ:** ذ. ڪوڙين وارو – ڪوڙيارو – ڪوڙِيُرو.
- **ڪوڙِياريُ بَلاَ:** اسر خاص. بلاجو هڪ قسم (اڪثر ٽڙ ۾ ٿئي).
- **ڪوڙِيُ راند ج ڪوڙِيُ رانڊُون:** ث. راند جو هڪ قسم – وٺ ڪَهل – وَڏ ڪهل راند. ڪوڙين جي راند.
- **ڪوڙِيرُ ج ڪوڙِيرَ:** ذ. صفت. ڪاتي ڪٽندڙ – ڪوڙ هڻندڙ – ڪامڙيو – ڪانجرُ – مَزورُ.
- **ڪوڙِيُ ڪوڙِيُ:** ث. هڪ راند جو نالو – ڪَهَڙِيُ راند.
- **ڪوڙِيو ج ڪوڙِيا:** ذ. صفت. شوقين – شَائِقُ – طالبو – مشتاق – خواهان – چاهيندڙ – چاهوارو – شائق – ڪاريگرَ – سياڻو (ت).
- **ڪوڙِيو هُجَڻ:** شوقين هُجڻ – شائِق هجڻ – خواهشمند هجڻ.
- **ڪوڙا پُر ٽِيڻ:** وَڏِ پرجڻ – پيٽ پرجڻ – مطلب پورو ٽيڻ. مفت جو مال هٿ اچڻ – پرائو مال قبائڻ. (منصورنامو، ص 19).
- **ڪوڙُ ج ڪوڙُون:** ث. سَهي، ڪُتي يا ٻئي جانور لاءِ ڪوٽيل ڪَڌ – جُر ـ ٻرُ – ڏُرُ (ڪ – ک). پناھ – اوٽ – اجهو – جهلو – واڙ (ت).
- **ڪوڙَهَ ج ڪوڙَهُون (ک):** ث. ڪوڙِ.
- **ڪوڙيرو ج ڪوڙيرا (ت):** ث. پناھ وارو.

- **ڪوڙُ ج ڪوڙَ:** ذ. (سن. ڪَنْدرا > گَنْرت = عَفا). ڪَڌ – ڪُوٻو – جُر – ڪوپ. سهن جي ڪَڌ يا ٻر.
- **ڪوڙِيرُ ج ڪوڙِيرَ:** ذ. پاڙ ۾ پٽاتي جهڙو قر. اسر خاص. ٽر ۾ مينهن تي پيدا ٿيندڙ هڪ ول (پنن کي ٽڪَر جوَن ۽ پاڙ ۾ ڪوڙير). جابلو ول جو هڪ قسم (جنهن جون پاڙون ڪاڏي جي ڪتب اچن) ڏُڻ – ميوو. فراسيءَ جي چٽن جو هڪ قسم (ل).
- **ڪوڙَ ج ڪوڙُون:** ث. اَنب وغيره جو اندريون ڪوپو – ڪوئلو – ڪڪڙي – ڪڪڙي – ڪوئيرو. (سن.، ڪَرْتن = وَڏڻ) وَڏِ – انب، گدري وغيره جي قارَ (ڪپڙي تي لڳل) قَيٽ – ڪَٽُتون – رَبِين – ڪَٽُون – پانڪ – پامڪ. سٽڻ لاءِ اڇُڻ – پٽهڙ. (ڪٽ لاءِ) نواڙ – نوار – نهوار. (بُوٽ لاءِ) ڪنهين – ڪهي – ڏاڇو. (ڪپڙي جي) ڪنار – انڊي – ڪِناري. (چمڙي يا ڪپڙي جي) ريڙ – سنهي پٽي – لِيڙ (ڪپڙي جي) ڪَٽَ – ڪاٽ – ڪاپ – وَڏِ – ڪٽائي. ڪپڙي تي رنگين شڪل – چٽسالي – گلڪاري. (پت جي) ڪُنڊ – ڪڙڇ. رياءُ – پاسخاطري.
- **ڪوڙَ ڪَرڻ:** چمڙي کي رنبي سان مقرر هنڌان وڍڻ يا چلڻ – ڪور وٺڻ – ڪاپ ڪرڻ – وَڏِ ڏيڻ (ت). ڪنهن جو رياءُ ڪرڻ – پاسو وٺڻ.
- **ڪوڙَ وَڻڻ:** ڪور ڪرڻ – ڪپڙي جي سڌائي وٺڻ.
- **ڪوڙُ ج ڪوڙَ:** ذ. صفت. بهادر – پهلوان – بانڪو – جوڌو – سورهيه. ڪٽنر.
- **ڪوڙُ ج ڪوڙَ:** ذ. (انگ. Cover) پوش – پڙدو – ڍڪ – پناھ – بچاءُ، وهاٽي، رضائي يا گاديلي وغيره تي چاڙهيل غلاف.
- **ڪُوڙ ج ڪُوڙُون:** ث. (سن. ڪُلِيَ = ڪڙيو) ڪڙيو – واهہ. واهڙ – شاخ. هرلي کي پاٽي پهچائڻ لاءِ ڪوٽيل سنهي ڪسي – نالي (ل). سٽڻ وغيره جي ڇڇي يا ڦَنگهہ – لانگ (ک). (اسر خاص). تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **ڪُوڙُ ج ڪوڙَ:** ذ. صفت. (ف). نابين – انڌو – حافظ. (اسر خاص). تعلقي ٽنڊي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **ڪُوڙَ اِبراهِيمُ:** اسر خاص. تعلقي ميرو خان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **ڪُوراتِي:** اسر خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **ڪُوراتِي ج ڪُوراتِيُون (ک):** ث. ڪوڙڪو – دام – ڦاسي – ڦندو – ڦاهي – ڪوراٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪوراڇ ج ڪوراڇُونْ:** ث. ڪُڑڇ – ڪُنڊ – ڪونو. ڳڇهو رستو – سرنگهَ

• **ڪوراڙِ ج ڪوراڙِيُونْ:** ث. سخت ٽٽن وارو چوپائي (ڍُڍ ۽ ڏکي). ڪُرادِي.

• **ڪوراڙ ج ڪوراڙا (ت):** ذ. صفت. نياڳو – بدنصيب – چنڊو – بدخبت – نِدورو.

• **ڪوراڙ ج ڪوراڙُونْ، ڪوراڙِ ج ڪوراڙِيُونْ:** ث. خطرناڪ وڏي بلا جو هڪ قسم – خوفناڪ بَلا – ڪورڙ. اروڙ – ازدها – (ف) سرخ مار.

• **ڪُوراڙ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪُوراڙو ج ڪُوراڙا:** ذ. ڍنڊ ۽ ٽيندڙ هڪ ول جي پاڙ واري پاڇي – ڪاروڙي – ڪرڙو – ڪَراڙلو.

• **ڪُوراڙِي:** اسم خاص. تعلقي نٽي ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُور اِسماعيلَ:** اسم خاص. تعلقي ميرو خان ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُوراڳَ ج ڪُوراڳُونْ:** ث. صفت. آڳاتي ويايل ٿوري ڪير واري – ڪُراڳَ – وهڪيل – ڦندي (اڪثر ڏاڇي).

• **ڪُورانْيو ج ڪُورانْيَا:** ذ. نِهارَ – خيال – لحاظ. اورانيو – پيارَ – چاهَ. موهَ – محبت.

• **ڪوراوُنْدرَ ج ڪوراوُنْدَرَ:** ذ. سرندڙ جيت جو هڪ قسم (ت).

• **ڪوراٽو ج ڪوراٽا:** ذ. ڪورين جو (وـ ڪوش).

• **ڪورائڪيْ:** اسم خاص. تعلقي اُباوڙي ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪورائِڻُ:** مصدر. (سن. ڪَـرْتن = وَڏڻ) ڇلائِڻ – ڪورَ ڪرائِڻ. ڪاتَ ڪَرائِڻ – وِڍائِڻ.

• **ڪورائِيْ:** اسم خاص. ميرو خان. موري ۽ ديري محبت تعلقن ۾ ديهه جو نالو. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪُورَ ٻِڍو:** اسم خاص. تعلقي ڪڙ ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُورَ ٻيڙو:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُورتَرِيْ:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪورَتَ ج ڪورٽُونْ:** ث.(انگ. Court) عدالت گهر – عدالت نامه – ڪچهريَ – عدالت خانو – انصاف گهر – محل شاهي – ايوان – محل سَرا.

• **ڪورپَرُ ج ڪورِ پَـرَ:** ذ. صفت. ڪنين ڪانسواءِ ـ بي پرو – بنا ڪنينَ – گوڙو – ڪَريَرَ ۽ وهڻ ڪان پوءِ اصل ڪنب نہ ڪيندڙ يا ديرسان ڪَنب ڪيندڙ پڪي، باز وغيره (ت).

• **ڪورپُور:** اسم خاص. تعلقي دادو ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُورَجامَڪَ:** اسم خاص. تعلقي جوهي ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُورَحَسَنُ:** اسم خاص نوشهري ۽ ڪڪڙ تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُورَحَسَنُ:** اسم خاص. تعلقي قنبر ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُورَخُشُڪُ:** اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُورَرَتو:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۽ هڪ ديهه جو نالو

• **ڪورڙُ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو – ڪوراڙ.

• **ڪورَڙَ ج ڪورَڙُونْ:** ث. زمين ۽ رهيل پاڻ مان وري نڪتل سا – پراڻي فصل جي رهيل پاڻ مان ڦندڙ سلا. اڻ پڪل ناڙ جو اَڻ سارين پوکڻ واري ٻيجي جي ڇڻَ – ڇَٽيل ٻيجي واري پوکَ اناج جو هڪ قسم – دال جو هڪ قسم – چلتي واري دال.

• **ڪورِڙو ج ڪورِڙا:** ذ. لڪڻ – تلهڙ – چهو (ت). ڏُرو – ڦٽڪ – وڍيُ. (صفت). ڇِـهو – ڳُـڪو – ڪُهو (ت).

• **ڪورَڙيْ ج ڪورَڙِيُونْ (ل):** ث. صفت. ڪاوڙ سان ڀريل – شو ڀريل – شوريل – ڪَرڙِيُ (نـگاه).

• **ڪُورَ سَلَيْمانُ:** اسم خاص. تعلقي قنبر ۽ هڪ ديهه جو نالو (اتي جو مدرسو مشهور ۽ پڙ وڏو استاد علامه ڪُورائي).

• **ڪُور صاحبَ:** اسم خاص. تعلقي ميرو خان ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُور عَلِيْ خانُ:** اسم خاص. تعلقي ميرو خان ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُورفوجو:** اسم خاص. تعلقي جوهي ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُورڪاري:** اسم خاص. تعلقي شهدادڪوٽ ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُورڪلْ:** اسم خاص. ڪيرٿر جبلن ۾ هڪ هنڌ جو نالو. (ديوار سانگي).

• **ڪُورَڪَلانْ:** اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۽ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُور ڪمالُ خانُ:** اسم خاص. تعلقي قنبر ۽ هڪ ديهه جو نالو

• **ڪُورَ ڪُنْڊُ ج ڪُورَ ڪُنْڊَ:** ذ. تمام نندي بلا جو هڪ قسم.

• **ڪُورڪوڙ ج ڪُورڪا:** ذ. صفت. (سن. ڪولِڪ) ڪورين جو – اڻندڙ جو (اوزار وَغيره).

• **ڪُورِ ڪُورِ:** ذ. (سن. ڪُ = آواز ڪرڻ). ڪُتي جي سڏڻ جو آواز

– ڪُتي ڪي سڏ.

• **كوڙڪي ج كوڙڪيُون:** ث. سُوسي – تاسيلو. ڪورين جي – ڪورين واري. (اسمر خاص). تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كوركي نَئِن:** ث. رڙ پٽ ۾ پاڻيءَ جو ڪوڙو ڏيکاءِ – رُڄ – مرگهه ترشنا – مارو ٽل.

• **كَوْر گَنْڈيرُ:** اسر خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كوڙ گَڏهڙو:** اسر خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كوڙَڙ ج كوڙَڙ:** ذ. (جانورن پوکڙ جي) ڇَٽ – ڪورڙ – ڪوراڙ.

• **كورلَ بَلا:** ث. تمام وڏي ۽ ٽُلهي بَلا. ڪوراڙ.

• **كُورلكديُر:** اسر خاص. تعلقي شهدادپور ۾ ديهه جو نالو.

• **كورَ محبَّتَ:** اسر خاص. تعلقي ميرو خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كوڙَمو ج كوڙَما (ث):** ذ. مُگن جو ڏارو.

• **كوڙنش ج كوڙنشُون:** ث. (ف. كورنش > تُرڪي: كوڙش). ڪنهن وڏي مانائتي ماڻهوءَ جي تعظيم – اڳيان جهڪي ڪيل سلام – آداب – نياز – تسليمات – سلام – بندگي. نيازمندي – منت – التجا.

– **كُورَنْشُون كَرَڻ:** آداب بجاءِ آڻڻ – نياز ۽ نِـمُّوت ڪرڻ – نهنائي ڪرڻ.

• **كوڙُونبُو ج كوڙُونبا:** ذ. زهري جيت جي چڪ پائڻ ڪري، اپرندڙ سُورَ جي سُوتَ – سُورَ جي لاتَ.

• **كوڙنگي ج كوڙنگيُون:** ث. (اسر خاص). ڪراچيءَ جي ويجهو سمنڊ جي هڪ ڪاريءَ جو نالو.

• **كوڙَڙ (ڪ):** ذ. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم. وَل جو هڪ قسم.

• **كوڙڻ:** مصدر. (سن. كَرْتن = وَڍڻ). هڏي وغيره تان ڪپ سان ماسُ لاهڻ – گدري وغيره جي ڪَل لاهڻ – چِـلَڻ – ڪُـرڙڻ – ڪَـلَ لاهڻ. وڍڻ – ڪَپڻ – ڪاٽڻ – ڪَٽڻ. لَسو ڪرڻ – سڏائي ڪرڻ.

• **كوڙَ ج كوڙُون:** ث. ڪاٽ. ڪرڙ – چِـلَ. ڪپڙي وغيره جي ڪَپيل ٽُڪري. ساڙو – جَل – ڪورا.

• **كوڙوڙ ج كورا:** ذ. پاڻيءَ نہ لڳل ٽڪر جو ٽانوڙ – نَئون ٽانوڙ – نہ اَماهِيلُ (ٽانءُ) نَئون – تازو – ڪم نہ آندل (ڪپڙو) – اڻجو – بنا نالي رکيل (ڪتاب) – زماني سازيءَ کان بيخبر – سادو (ماڻهو). بي سمجهه – اڻوجهه – بيوقوف – موزک – احمق – نادانُ.

– **كورو رَكَڙ:** سُڪل رکڙ (ٽانءُ). جاهل رکڙ – واقف نہ ڪرڻ – ڇڙ جو ڇڙ رکڙ – اناڙي رکڙ – ڪجهه نہ سيکارڻ – تعليم و تربيت نہ ڏيڻ.

– **كورو كاغَذُ ج كورا كاڏَ:** ذ. اڻ لکيل ڪاغذ – سفيد جو سفيد ڪاغذ.

– **كورابِـڙ ج كوراپڻُون:** ث. نئين هجڙ واري حالت – ڪوراڻ – نواڻ – ڪورائي.

– **كورا كُنْكَـرَ كَيڻُ:** صفا جواب ڏيڻ – انڪار ڪرڻ – نابري وارڻ – ناڪار ڪرڻ.

– **كورايُون كُڍَڻُ (ت):** طاقت ۾ اچڻ.

– **كور كورو:** ذ. ڪورو ئي ڪورو – خالي ئي خالي – ٽلهو ئي ٽلهو – نسورو ئي نسورو (ديوان فاضل مهملات ٢).

– **كورو كُونڊِ ج كورا كُونڊِ (ت):** ذ. مٽيءَ جو ڪورو ٽانءُ نئون برتن.

• **كوري سُكَ هُئَڻُ:** ڪاڏي لاءِ ڪا شيءِ نہ هجڻ – سُڄ هجڻ – پينگيائي هجڻ.

• **كورِي ج كوريُ:** ذ. (سن. كَوْلِـكَ = كوْرِيُ). اٽت جو ڪم ڪندڙ ڪپڙا اُڻندڙ ڪاريگر. (ث. كورياٹيُ). منگر مَڇ هڪ قسم جو منگرو. (مٹو ويڪرو، پُڇ واڱونءَ وانگر سنهون، رنگ ڳاڙهيرو، پاڻيءَ مان نڪرڻ بعد بہ گهٽو وقت جيئرو رهي، قد ١ کان ٢ فوٽ، ڪو ڪو ٦ فوٽ بہ ٿئي). پلي جو هڪ ننڍو حصو – هيري – ڳيـڙيُ. ڪَن ڪپيل ٻڪري (ڪ). گاهه جو هڪ قسم (مهراڻ). (ث). ڪوري جو مؤنث – نئين – تازي – اڻ اماهيل. (اسر خاص). هڪ ذات جو نالو.

– **كوركِي ٽِـكُ ٽِـكُ:** بي دلي ٽڪڻ جي صلاح – ظاهري ترسڻ جي صَلاح (ت).

– **كوركِي سُقَّ:** شلوار جو هڪ قسم – تمام هلڪي شلوار.

• **كُورِي ج كوريُون:** ث. ٽر ۽ ڪوهستان ۾ پيدا ٿيندڙ گولاڙي وانگر هڪ وَلَ جو ڦر. (ذائقو ڪوڙو ۽ آچار ۾ ڪم ايندڙ). پَنَ گول. ٽر ۾ پيدا ٿيندڙ گاهه جو هڪ قسم (ٻاجهريءَ جي پن جهڙو پن، اَن ۽ سنگ سانئين جي رنگ جهڙو، ان ڳاڙهو ٿئي جو ڪائجي).

• **كورياٹيُ:** اسر خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كورَيجا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو – ڪَنئريجا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪوريجاڻي:** اسر خاص. تعلقي ڪوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڪوريُ جي ڪاريُ:** اسر خاص. تعلقي شاهبندر ۾ ڪاري پاڻيءَ جي ڏَنڊَ
• **ڪوريئاڙو ج ڪوريئاڙا (ت):** ذ. ڪوريئڙو.
• **ڪوريئڙو ج ڪوريئڙا:** ذ. (سن. ڪوَلڪ = ڪوُريُ) ننڍڙي جيت جو هڪ قسم (پنهنجي پيٽ مان تندون ڪڍي جاري ناهي اُن ۾ شڪار جهلي).
• **ڪوڙِ ج ڪوڙِيُون:** ث. تاجي ڪيڻ لاءِ ميدان ۾ ڪوڙيل ڪلن جي قطار – تَاجي ڪيڻ لاءِ ڪم ايندڙ ڪائي.
• **ڪوڙِ ج ڪوڙيون:** ذ. (سن. ڪرني = ڪروڙ). ڪروڙ – بيشمار – گهاٽيني کان هاڻ – بي انداز – هَشام "جتي ڪوڙِ ڪُماڙهين" (خراب ماڻهن جو هشام).
– **ڪوڙُ ج ڪوڙ:** ذ. (سن. ڪُوتَ) بي بقا گالهه – بي بُنياد گالهه – مَڪ – جُوٺ – ڪُپت – ڪوتُ – خلاف – ڪُساڪ. دروغ. دولابُ – نَڪِي – بي ايماني – مَڪر – فريب – چَنڊَ – قَنڊَ.
– **ڪوڙائِي ج ڪوڙائِيُون:** ث. ڪوٽائي – جُوٽائي.
– **ڪوڙ تي سَنڊرُو ٻڌڻ:** ڪوڙ گهالهائڻ جي عادت ڪري ڇڏڻ – ڪوڙ جي پنيان ڪاهي پَوڻ.
– **ڪوڙُ سَڄ ڪَرڻ:** مڙيئي گُذر سفر ڪرڻ.
– **ڪوڙ ڪُٽيُ:** اجايون سجايون گهالهيون ڪرڻ – بي فائديون گهالهيون ڪرڻ – اجايو وقت وڃائڻ.
• **ڪوڙ ڪُٽيُو ج ڪوڙ ڪُٽيا:** ذ. سستو وڪٽندڙ گهوڙڙيو – ڦيريءَ وارو – خومچي وارو. تامي يا پتل وغيره مان ٽانوَ ناهيندڙ ٺاناروَ.
• **ڪوڙُ ڪڇنُ مانُ ڪيڻ:** سَڇو ٽيڻ.
• **ڪوڙُ ڪَرڻ:** ڪوڙ گهالهائڻ. ڪوڙو سبب پيش ڪرڻ.
• **ڪوڙُ ڪائِڙُ سَڄ ڪَمائِڻُ:** ٺوري خوراڪ هوندي بہ سڄو پورهيو ڪرڻ.
• **ڪوڙُن تي خَرَچُ هُئُڻُ:** پاڻ ڪي هرج نہ وڃهڻ.
• **ڪوڙو ج ڪوڙا:** ذ. صفت. ڪوڙ ڪندڙ – ڪوڙ گهالهائيندڙ – جُوٺو – ڪُساڪي – ڪَذاب – ڪوٽو. فريبي – دغاباز. جعلي – مصنوعي – بناوتي – هتراڏو (سڪو وغيره).
– **ڪوڙو ٽيڻ:** بي اعتبار ٽيڻ – ڪذاب بنجڻ – ڪُسا ڪي ٽيڻ.
– **ڪوڙو قاصِدُ (ت):** ٽري پرت جو هڪ قسم.

– **ڪوڙِي سَنا:** سنهي پَن واري گهوڙا وَل – وَل جو هڪ قسم.
– **ڪوڙِينُ ڪَنين:** اُفواهي طرح ٻڌڻ ۾ آيل.
– **ڪوڙِين ڪَنين ٻڌَڻُ:** اُفواهي طرح ٻڌڻ ۾ اچڻ.
• **ڪوڙائِڻُ:** مصدر. (سن. ڪَتُ = ڪڙڻ). ڪَوڙو لڳڻ – ڪارو لڳڻ – ڪڙائڻ. (ڪوڙائيو – ڪوڙائيندو – ڪوڙائِيَلُ).
– **ڪوڙائِي ج ڪَوڙائِيُونُ:** ث. ڪڙاٽ – ڪوڙاٽ.
• **ڪوڙِٽ (ڪ):** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ جبل جو هڪ ٻُوٽو.
• **ڪوڙَڪُ ج ڪوڙَڪ:** ذ. صفت. ماڻهن جو گوڙ – انبوهه.
• **ڪوڙَڪو ج ڪُوڙَڪا:** ذ. صفت. پڪين ڦاسائڻ لاءِ هڪ قسم جو دَامُ. جانور ڦاسائڻ جو اوزار. چُڑِڪَ – ڦِڑِتي. (ث. ڪوڙِڪي ج ڪوڙِڪِيُونُ).
– **ڪوڙِڪِي اُڏَڻُ:** (جانور پکي وغيره کي ڦاسائڻ لاءِ) ڪوڙڪي پوڙڻ.
– **ڪوڙِڪِي ٽيڻ (ت):** بلڪل ڏُهرو ٽيڻ – ضعيف ٽيڻ – ڪمزور ٽي وڃڻ.
– **ڪوڙِڪي ۾ ڦاسَڻُ:** ڦاهي ۾ تنگجڻ – دام ۾ ڦاسڻ. حادثي هيٺ اچڻ – تڪليف ۾ اچڻ – مصيبت ۾ مبتلا ٽيڻ.
• **ڪوڙَڻُ:** مصدر. (سن. ڪُشَوَرَ = ڪُوڙَڻُ). پاڪيءَ سان وارن جي صفائي ڪرڻ – حَجامت ناهڻ – سيرپ ناهڻ – مُنَڊَ صافي ڏيڻ. (ث). ول جو هڪ قسم (ڪ).
– **ڪوڙائِڻُ:** مصدر. وارن جي صفائي ڪرائڻ – حجامت ڪرائڻ – سيرپ نهرائڻ. (ڪوڙائيو – ڪوڙائيندو – ڪوڙائِيَلُ).
• **ڪوڙو ج ڪوڙا:** ذ. (سن. ڪروڊ = چاتِيُ). سينو – اَرَهُ – اُٺ کي پيٽ وٽ، پير وانگر ڪوڙهو.
– **ڪوڙو ڏيئِي وهَڻُ:** پکيءَ جو آنن تي سينو ڏيئي وهَڻُ.
• **ڪوڙي ڪرڻُ:** ڳراهنڙي پائڻ. ڳرُ لاڻڻ – ڪوڙيَ سان لڳائڻ – ڪوڙي هيٺ آڻڻ – چاتي سان لاڻڻ.
• **ڪوڙي ۾ رَکڻُ:** پاڻ سان گڏ رکڻ – محفوظ رکڻ.
– **ڪوڙي جا وارَ:** نهايت ويجهو. پيارو عزيز.
• **ڪوڙو ج ڪوڙا:** ذ. صفت. ٽِڪو – ڪارو – ترش – ڪڙو – اُگرو – ٻاڙو. ڪهرو – سخت.
– **ڪوڙاڙ ج ڪوڙاڙُون:** ث. ڪڙاٽ – ٽکاڻ – ڪاراڻ – ترشي – ڪڙائي – ڪوڙائي. ڪينو – ساڙ – ڪهرائي.
– **ڪوڙو ٽيڻ:** ويرِ وجهڻ. پسند نہ پَوڻ نہ وٽڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙيِ مانيِ (ت): جنازي کي پورڻ بعد ڪانڊين کي ڪارايل مانيِ – ڪَڙِي ڪُنيِ – ڪانڊِپو.

ڪوڙَ وَڍيِ: اسر خاص. ٻارن جي راند جو هڪ قسم – ڪَبَلَ وڍيِ – ڪوڍي ڪوڍي راند.

ڪوڙهِ ج ڪوڙهيُون (ت): ث. تاجيءَ جي ٻچڙي.

ڪوڙهُ: ث. ذ. (پرا. ڪوڙو. سن. ڪو بڪَھ > ڪُشْتَ = ڪوڑھُ). بدن تي اڇا داغ ڪندڙ هڪ وڇڙندڙ بيماريءَ ـ جُذام – چِٽيِ.

ڪوڙهِي ج ڪوڙهِيُون: ث. صفت. ڪوڙھ ۾ مبتلا ٿيل عورت – ڪوڙھ واري – ڪوڙهيل. گدلي – ڪنِيِ – صفائي نہ ڪندڙ.

ڪوڙهِيو ج ڪوڙهِيا: ذ. صفت. ڪوڙھ جي بيماري ۾ ورتل – ڪوڙھ وارو – جُذامي – گدلو – ڪنو. نسِت.

ڪوڙِيِ ج ڪوڙِيُون: ث. صفت. (سن. ڪوٹ > ڪوٽي). ويهن جو عدد – وِيْهَ شيون. چار ڪَبابَ. ڪچ مُلڪ جي سِڪي جي روپيہ جو ٽيون حصو. چاتي – سينو – اُرَهُ – ڪوڙِيءَ جو ڪنڊو. اُنَ جو هڪ عضو. جُتيءَ جو اڳيون منهن وارو چَمَڙ (اسم خاص). تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

ڪُوڙِيِ ج ڪُوڙِيُون: ث. پاسي کان سُرو لڳل چانهين – سُريل هنداڻو (ڪ). "ڪوڙِيُون ڪَرت گدرا، چيڙ پوڄَ پٽن".

ڪُوڙِين: صفت. (سن. ڪوٹي = ڪروڙين). ڪروڙين – تمام گھڻا – بي انداز – ڳاڻيٽي کان ٻاهر. "ڪوڙِين ڪن سلام، اچي آسڙ اُن جي" (شاهہ).

ڪوڙِين ڪي قَليِلَ: ڪروڙن مان ڪي ٿورڙا – ورلي – واجبي.

ڪوڙِيُون (ڪ): ث. گاهہ ۾ ڏُڻَ جو هڪ قسم. پنهَيري وڻ جو قِر (ڪولن جهڙيون، مگر ڪل سخت، هن جي وڻ کي پانهيرو چَون، جبل ۾ ٿئي).

ڪوڙِيل ج ڪوڙِيلُون: ث. سِرڻ جي رنگ جهڙي رنگ سان ڏانهون ڪندڙ وڻن ۾ رهندڙ پکي (ت).

ڪُوڙِيِ ج ڪُوڙِيُون: ث. ڪَوڙِي جو مونث. ڪَڙِي.

ڪُوڙَڪَ: ذ. باختر ۽ بخارا جي اُڻن جي مِلَس.

ڪُوڙ ڪُوڙ (ڪ): ث. آواز جو هڪ قسم – بگھڙن جو پاڻ ۾ ڪَڄڻ وقت ڪيل آواز.

ڪُوزُ ج ڪُوزا: ذ. (ف). پاڻي رکڻ لاءِ ٺڪر جو ٽونٽيءَ سان ونو – ڪَرو – بَدنو – ڪُونرو.

ڪُوزي ۾ دَرياهُ بَنْدُ ڪَرڻُ: وڏي مضمون کي نهايت مختصر نموني ۾ لکڻ – وڏي ڳالهہ کي ٿورن اکرن ۾ سهٽي نموني قلمبند ڪرڻ.

– ڪُوزيرا ڪَرڻُ (ل): فراغت سان ڪيرڻ ۽ پاڇي ڏي ڏسڻ (خاناٽي جتن جو اصطلاح).

• **ڪُوسُ ج ڪُوسَ:** ذ. (ف. ڪشتن = مارڻ). ڪُسَ – قتل – گھاتُ – ڳاهُ – خونريزي – قتل عام – رتو ڇاڻ. سيُر (پائڻ) – حلال (ڪرڻ). ڪوهہ مان پاڻي ڪيڻ لاءِ ڇَم مان ناهيل ٻوڪو – وڏي جڙهي – ٻوڪرو – جڙهہ (ت). وڏو نغارو – نقارو.

– ڪُوسارُ ج ڪوسارا (ت): ذ. ڪُسڻ جي وهيءَ وارو. ڪهڻ لائق جانور.

– ڪُوسَرُ ج ڪُوسَرَ: ذ. صفت. ڪُهَڙَ جهڙو – حلال ڪرڻ جهڙو وَهتُ. اُهو وَهتُ جنهن ۾ ڪابہ بچڻ جي اميد نہ هجي – قَندر.

– ڪُوسُ ڪَرائِنُ: ڪُهائڻ – قتل عام ڪرائڻ – خونريزي ڪرائڻ – رتو ڇاڻ – ڪرائڻ.

• **ڪُوسارِيِ ج ڪُوسارِيُون (ل):** ث. ڪار چارڻ لاءِ لوهَ جو ڪُنو – ڪار جو دَٻو.

• **ڪُوسائِنُ:** مصدر. ڪوسو ٽيڻ – ڪوسو لڳڻ – گرم محسوس ٽيڻ – گرم لڳڻ – گرمائڻ. (ڪوسائيو – ڪوسائيندو – ڪوسايَل).

• **ڪُوسائِيِ ج ڪُوسائِيُون:** ث. گرمائش – ڪوساڻ – تپَت – تاءِ – تَوءِ – تابش – گرمي – حرارت – سيڪُ – تاوڙي.

• **ڪوسائيو ج ڪوسائيا (ت):** ذ. ڪهہ مان ڪوش چڪيندڙ وَهتُ.

• **ڪُوسڙُ ج ڪُوسڙَ:** ذ. ڪانئرُ – سُست – ڪم چور – ناڪائو – ٽوٽي – ڪاهل – آرسي – ڪوسڙو – گھگير – گوسڙاڻُ.

• **ڪُوسَڻ ج ڪُوسَڻُون:** ث. ڪَل جي ابتي پاسي چمڙي جو بيڪار پاڳو – بيڪار چمڙو.

• **ڪوسوُ ج ڪُوسا:** ذ. (سن. اُشْ = اُس). گرم – تَتل – گرمائو – تَتو – ٻاڦيل – تامشي. تَتو هَتو – اُستاهي – تيز – آتشي – جوشيلو – چٽگي – تَپٽو – غصي وارو ڪاوڙيل – جوش ۾ آيل – جوشيلُ – چِڙيَلُ – رَنجُ – ناراض. تپ چڙهيل – بخار وارو – تپيل.

– ڪُوسا ڪُوسا ڪلُما پڙهَڻُ: ڏاڍو ڏَڍ لڳڻ – خوف ۽ هراس وچان عقل جاءِ تي نہ رهڻ – ڏپ وچان خدا کي ياد ڪرڻ.

– ڪُوسا ڪُهَڙ ڪَري وڪٽڻ: بلڪل گهٽ اڳهہ ۾ وڪٽڻ –

ٿوري مُلهه ۾ وڪٽڻ.

– **کوساڻ ج کوساڻون:** ث. گرمي – تائڙي – سيڪ – تابش – تپڻ – تپت – گرمائش – حرارت – تامش – تَوءُ – تاءُ – تاوڙي. گرميءَ جي ڪري جسر تي ٽيل ٻُرڙ ٻُرڙ. بُخار – تپ – هرو جوش – ڪاوڙ – غُصو.

– **کوسو اُجهڻ:** بخار اچڻ – تپ اچڻ – هرو اچڻ.

– **کوسو پَوڻ:** ڪاوڙ ڪرڻ – غصو ڪرڻ – ڪاوڙجڻ – ناراض ٿيڻ – چڑڻ.

– **کوسو چاڙهڻ:** ڏئي لاءِ ميرا ڪپڑا ٿهڪائڻ – ڪار جو ڏَهو چاڙهڻ.

– **کوسو ڪرڻ:** گرم ڪرڻ – تپائڻ.

– **کوسو گَمربَنڊ:** اتر پوري پني ۽ ڏکڻ پوري پني ڪَمربند جي وچواروپَٽو – منطقه محروفه.

– **کوسو لولو گَرڻ (ت):** کسو ڪاندو ڪري وڪٽڻ – گهٽ وڌ ڪري وڪٽڻ.

– **کوسو واءُ ڏيڻ:** درد جي دانهن ٻاهر ڪيڏ – ايذاءَ ڪان رَڙ ڪرڻ.

– **کوسو واءُ نه لڳڻ:** ڪابه تڪليف نه اچڻ – ڪنهن به مصيبت ۾ مبتلا نه ٿيڻ.

– **کوسي ج کوسيُون:** ث. گرم. گرمي – تابش – تامش – تپت – اَس – ڪاڙهو. سختي – تڪليف – ڏکيائي – مُصيبت.

– **کوسي ٿَڌي:** ڏک سُک – سردي گرمي.

– **کوسي ٿَڌي سَهڻ:** دنيا جي سڀ قسم جي تڪليف برداشت ڪرڻ – گرمي سردي سهڻ – ڏک سک ۾ شڪر ڪرڻ – صبر سان نباهڻ – ڏک سُک سهڻ.

• **کوسو ڪليو (نڊ):** ذ. اوجهري.

• **کوش ج کوش:** ذ. (سن. ڪوشهْ = خزانو وغيره) لُغت فرهنگ (سن. ڪوشَ = ڊڪ) ڪوپو – ڊڪ – پڙدو – پوش. تلوار جو ڪوپو – مياڻ – نيامَ. پهراڻ جو ڪَفُ – آستين. چمڙي جي وڌي هوڪ يا هوڪو (ڪ) (اسم خاص). بلوچن جي هڪ قبيلي ۽ پاڙي جو نالو.

• **کوشش ج کوششُون:** ث. (ف). سعيو – جَدوجهد آدمُ جَتن. اَورچائي – دوڙَدُڪ – لڳاتار محنت – جهد جفا – محنت – پورهيو – جفاڪَشي – جُستجُوءَ.

– **کوشش ڪرڻ:** سعيو ڪرڻ – جَدوجهد ڪرڻ – اُدم ڪرڻ – اورچائي ڪرڻ.

• **کوشواسي:** اسم خاص. (سن. ڪوشَ = پَردو + وَس = رهڻ ڪِن جيتن جي ڪنين نڪرڻ ڪان اڳ پَردي ۾ رهڻ واري حالت خوشبوءِدار گل جو هڪ قسم.

• **کُوشي ج کوشيُون (ڪ):** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.

• **کُوفت ج کُوفتُون:** ث. ڪراهَتَ – نفرت – ٻُچان – ڏِڪار – حقارَت – سُوگ. رَنج – ڏُکَ – ارمان – صدمو. آزار – درد – پيڙا – مَلالُ. تڪاوٽ – بيزاريْ – لاچاري – ڪلفت – بيائو – ضد – اختلاف.

• **کُوفتو ج کُوفتا:** ذ. (ف. ڪوفتَهه). ڪاڌي لاءِ گوشت جو قيمي مان ناهيل نندا ڳوڙها.

• **کُوفو ج کُوفا:** ذ. فِرقو. پاڙو شجرو – حسب نَسبُ – خاندان – ڪُنبو – (اسم خاص). عراق ۾ هڪ شهر جو نالو.

• **کُوفي ج کُوفِي:** ذ. ڪُوفي نالي شهر جو رهواسي. (صفت) باغي – فسادي – غدار – بغاوتي.

• **کُوڪ ج کُوڪ:** ذ. تاندن تي پچايل ماني يا مڇي وغيره تمام سوڪ – ڪَڙڪ – لوٽ. ڪوڪ رشيْ جو لڪيل هڪ ڪتاب (جو ڪوڪ شاستر جي نالي سان سڏجي).

• **کُوڪ ڪرڻ:** منجڻ تي پلو وغيره پچائڻ. سوڪ ڪرڻ ڪَڙڪ ڪرڻ – ٽوٽ ڪرڻ.

• **کُوڪَ ج کُوڪَ (ڪ):** ذ. ڪنَ جو ٻاهريون حصو.

• **کُوڪَ ڪيرڻ:** ڪنڌ ڪيرائڻ – ڪَنَ وارو پاسو ڪرڻ.

• **کُوڪَب ج کُوڪَبَ:** ذ. (ع). روشن تارو.

• **کُوڪَبُ طالِعُ:** (ع). بخت جو ستارو – بخت ياوري.

• **کُوڪَڙ (ل):** ذ. فراهميءَ جي چنڊ جو هڪ قسم.

• **کُوڪِر (ڪ):** ذ. شلوار جي پانچن کي هڻڻ لاءِ فِيٽَ – پانڊ – پَٽي. رلي ناهڻ لاءِ ڪپڙي جي رنگين پَٽي.

• **کُوڪِري ج کُوڪِريُون (ڪ):** ث. ايٽ جي ٽڪ تان لاهي رکيل سَٽَ جي ڇُڇي.

• **کُوڪَڙُ ج کُوڪَڙَ:** ذ. هار يا ڪپڙ جو سُڪل قرُ – سُڪ پيرون. ڪري ڪچي وڃڻ وقت بچيل اَنُ – ڪنديِ (ت).

• **کُوڪَڙانڊ ج کُوڪَڙانڊَ:** ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم – تولياروِ قولياروِ.

• **کُوڪَڙُو:** ذ. ڪڪڙن جي بيماريءَ جو هڪ قسم. پاڻيءَ ۾ رهندڙ پنج پيري جانور جو هڪ قسم – ڪيڪڙو (ت) مانُجهو.

• **ڪوڪڙي:** اسر خاص. (سن. ڪَڪَتّ = ڪُڪُڙن) ڪُڪڙ جو واپاري. ڪُڪڙ ڏارندڙ. ڪُڪڙن جي بيماريءَ جو هڪ قسم. سُتَ جو قورو (تڪ تي). (ت). اڇي ميرانجهڙي رنگ جو. رات جي وقت شڪار ڪندڙ پاٽيءَ جو پکي. (صفت). ڪڪڙن وانگر بيوقوف. (اسر خاص). هڪ ذات جو نالو.

– **ڪوڪڙي ٽيڻُ:** بَدن سُڪي وَڃڻ – اپرو ٽي وڃڻ.

• **ڪوڪلا:** اسر خاص. ذات جو هڪ قسم.

• **ڪوڪلو ج ڪوڪلا (ل – ت):** ذ. سُڪل ٻيرُ. وڏيل سُڪل ڇيڙ – ننڍي ريڙيءَ جو سڪل ڳٽرو. سوڪ – پَڪل – ٿوڻ – ڪڙڪ. انب جي ڪڙي – ڪوئلو. سُڪل بدن (جنهن بدن تان ڪنهن بيماريءَ سبب يا هي ڪنهن سبب ماسُ ڳري ويو هجي). هڏائون پنجرو نِهل – ڪمزور. پڳ ٽوٽ – پڳ پور – ٽوٽو – ٽڪر – حصو (ل).

• **ڪُوڪَر (ت):** ذ. ڪتاڻ جو هڪ قسم – چيري سُڪايل انبڙيُون. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم (دوا طور ڪم ايندڙ).

• **ڪوڪنارُ ج ڪوڪنارَ:** ذ. پست جو ٻوٽو.

• **ڪوڪڻُ:** مصدر. چِدِو تانڪو ڏيڻ – ڪچيءَ طرح سبڻ – ٽوپڻ – تانڪڻ – ڪچي سلائي ڪرڻ – ڳنڍڻ – بخَڻُ – بخيو هڻڻ. (ڪوڪيو – ڪوڪيندو – ڪوڪيَلُ).

– **ڪوڪُ ج ڪوڪُ:** ذ. (ف). وڏو ٽوپو – ڏگهو ٽوپو – ڪچو سيبو.

– **ڪوڪُ ج ڪوڪُونْ:** ث. ڪپڙن جي وَڏِ – ڪچي سِلائي – ڪچو سيبو.

– **ڪوڪُ ڪَرڻُ:** ڪوڪَ هڻڻ – تانڪڻ – ڪوڪڻ – ڪچي سلائي ڪرڻ – ڪچو ٽوپو ڏيڻ – ڪَچو ڪرڻ – ڪڙو ڪرڻ – پلائڊُ گڏي تاڪڻ.

– **ڪوڪُ هَڻَڻُ:** ڪچو ڪرڻ – وڏا تانڪا هڻڻ يا ڏيڻ. جُتيءَ جي تَري ڪي سُتَ سان ڳنڍڻ (ت).

• **ڪُوڪَڻُ:** مصدر. (سن. ڪُ = رَڙَ ڪرڻ). ڪوڪون ڪرڻ – دانهون ڪرڻ – ڪيُڪون ڪرڻ واڪا ڪرڻ – زور سان آواز ڪرڻ – رڙيون ڪرڻ – ريهون ڪرڻ هوڪون ڪرڻ – ريهاڻ ڪرڻ. بگهڙن جو اُناڙَ ڪرڻ (ت). (ڪُوڪيو – ڪُوڪيندو – ڪُوڪيَلُ).

– **ڪُوڪَ ج ڪُوڪُونْ:** ث. وڏي آواز سان سنهي نڙيءَ وارو سَڏ – ڪيڪَ – دانهن – رَڙ – واڪو – ريهه – ووءِ ـ ڪيڻ ـ هوڪَ – ريهاڙ – شڪار – ڪيڪڙاٽ – ريلوي انجڻ جي آواز جو هڪ قسم – سيٽَ – سِيٽِيُ.

– **ڪُوڪارَ ج ڪُوڪارُونْ:** ث. رَڙِ ڪُوڪَ – دانهن – ريهه – ڪيهَ – هوڪَ – ڪُوڪَر – ريهاڙ.

– **ڪُوڪارَڻُ:** مصدر. ڪوڪڻ – هاڪارڻ – رڙڻ – دانهن ڪرڻ – واڪو ڪرڻ – پڪارڻ – هڪل ڪرڻ – سڏ ڪرڻ – سڏڻ – فرياد ڏيڻ. (ڪُوڪاريو – ڪوڪاريندو – ڪوڪاريَلُ).

– **ڪُوڪارو ج ڪُوڪارا:** ذ. وڏو سڏ هَڪَل – واڪو. ڪُوڪَريو.

– **ڪُوڪاريُ:** دانهين – فريادي – عرضدار – پڪاريندڙ.

– **ڪُوڪاريُ ٽيڻُ:** دانهين ٽيڻ – فرياد ٽيڻ – فرياد ڪرڻ – رپورٽ ڏيڻ – عرضدار ٽيڻ – پُڪارَ ڪرڻ.

– **ڪُوڪَانُ ڪيڻُ (ت):** سخت سزا ڏيڻ – رانيات ڪيڻ.

– **ڪوڪانُ ڪَرڻُ (ت):** ڪوڪون ڪرڻ.

– **ڪوڪٽُ ج ڪُوڪٽَ:** ذ. ڊپ وجهان نڪتل رڙ – رانياتُ – ڪُوڪَ – ڪيڪَ – دانهن – ڪوڪرو. ريل گاڏي جي سيٽي. غُلُ – گوڙ – هُل – شور – گهمسان – غوغاءِ. ڪُتن جي ڀڄن جو ڪيل آواز. ويساهه گهاتي – ترڪٽ – نڱي – فريب – دولابُ (ل). جن پوت جو اثر – حسابُ (ت). (اسر خاص). هڪ ذات جو نالو.

– **ڪُوڪٽَ ٻَرَڻُ:** فساد ڪرڻ ٽيڻ – هنگامو ٽيڻ – رڙ ٽيڻ.

– **ڪُوڪڙاٽُ ج ڪوڪڙاٽَ:** ذ. ڪوڪون – رڙيونَ – دانهون – واڪا – ڪيُڪُونْ – ريهاڙ.

– **ڪُوڪِرو ج ڪوڪِرا:** ذ. وڏي آواز سان ڪيل سڏ – خواريءَ جو سڏ – ڪوڪِريو – ڪوڪاٽ – رڙِ ـ هاءِ گهوڙا – رانيات – ريهاڙ – اوچتي رڙ – دانهن – واڪو. غوغاءِ – شور – مانڊاڻ – ڏمجر – ٻَڙڏڪو – هائيتالُ.

– **ڪُوڪِريو ج ڪُوڪِريا:** ذ. ڏِسو ڪُوڪِرو.

– **ڪُوڪِرُو ج ڪُوڪِرُا:** ذ. ڪُوڪرو.

– **ڪُوڪِرِيُ ج ڪُوڪِرِيُون:** ث. ڪُوڪرو.

– **ڪُوڪِلو (ت):** ذ. ڏِسو ڪُوڪِرو.

– **ڪُوڪُوُ ج ڪُوڪا:** ذ. دانهن – رَڙَ – ڪُوڪارَ.

– **ڪُوڪُونْ ڪَرڻُ:** ڪيڪون ڪرڻ – دانهون ڪرڻ – رينگڻ – رڙيون ڪرڻ – واڪا ڪرڻ – هوڪون ڪرڻ – ريهاڙ ڪرڻ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڑهاٽ ڪرڻ. فرياد ڪرڻ – پڪارڻ. روئڻ – اوچنگارون ڏيڻ – سڏڪا پرڻ.

– **ڪوڪوڙ ڪوڪا:** ذ. ڪفن ۽ نڪ ۾ پائڻ جي ڳچ جو هڪ قسم – ڪن ۾ پائڻ جو دُر – نڪ ۾ پائڻ جو ڦلڪ – ڦلڙي. ننديِ ڪلي. (حرف جر). ورلي – واجبي – چڊو. (سن. ڪ + ڪُوڪَڙ). ڪانوَ ڪي سڏڻ جو هڪ آواز.

• **ڪُوڪوڙ ڪُوڪا:** ذ. ڪيڪڙي جو هڪ قسم.

• **ڪُوڪُو:** ٿ. ڳيري جو آواز – گهُوگهُو. ڪويل پکيءَ جو آواز. ڪُتي يا ٻڪرين وغيره کي سڏڻ لاءِ ڪيل هڪ قسم جو آواز.

• **ڪُوڪيٽي:** ذ. پاٽيءَ جو هڪ جانور – ننديِ ڪُميِ – ننڍو ڪَڇَئُون.

• **ڪئينْ (ڪ):** ڪيڪڙو.

• **ڪَوْڪيْ ج ڪَوْڪيُوْنْ:** ٿ. (ع. ڪَعْك = ٽلهي ننديِ مانيءَ جو قرص) ۽ تاندن تي پچايل ننديِ ٽلهي ماني (ڦڪي يا مِني) – لولو – لولي. ڦلڪو – ڊوڊو روٽ – روٽلو.

• **ڪُوڪيْ ج ڪُوڪيُوْنْ (ل):** ٿ. ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ زيور ٻڪريءَ جو هڪ قسم (جنهن جا ڪنن ننڍا ۽ ڪُرا هجن). رڍَ جو هڪ قسم (جنهن جو پُڇ ننڍو ٿئي) (ت).

• **ڪَوْڪيِنْدو ج ڪَوْڪيِنْدا:** ذ. آنتي – سرڪٽي – ڇوٻائي.

• **ڪوڪيْ ج ڪوڪيُوْنْ (ل):** ٿ. ڪَهِيْ – ڪَهو – ڏاڪو – سڳو. ٽانوَ جو هڪ حصو. ڪُنڊَ – ڪُڙچ. (ڪ).

• **ڪول:** حرف جر. (سرائڪي). ڏانهن – ويجهو – نزديڪ – پرسان – اوري – ساڻ – لڳ – گڏ – پر ۾ ـ پاسي ۾ ـ پاڻ وٽ – هنئين سان – ڳل سان.

– **ڪَوْلْ اَچڻْ:** ويجهو اچڻ – نزديڪ اچڻ – اوري اچڻ – پرسان اچڻ.

– **ڪَوْلْ ڪَرڻْ:** ضابطي هيٺ آڻڻ – سنيال ۾ آڻڻ.

• **ڪولْ ج ڪولِيُوْنْ:** ٿ. (سن. ڪُليا) ڪُلِي – ڪولِي.

• **ڪَوْلْ:** ذ. بيمارِيءَ جو هڪ قسم – هيضو – وَبا.

• **ڪَولْ ٽيَڻْ:** متضاد شين ڪائڻ ڪري بيمار ٽيڻ.

• **ڪُولِيْ ج ڪُولِيُوْنْ:** ٿ. ڪَلي جي بيماري (ڪ).

• **ڪُوَلابْ ج ڪُوَلابَ:** ذ. (ف) ڏنڊ. وڏو تلاءُ – وڏو ڪُنبُ – باز قاسائڻ جو دامُ (ت). (اسر خاص). تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **ڪَوْلابْ جاڪِيْرَ:** اسر خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **ڪَوْلابْوْ ج ڪَوْلابا:** ذ. لوهه. تامي يا شيشي جو ڪنگڻ، جو قلندري فقير ٻانهن يا ڇنگهه ۾ پائين.

• **ڪَوْلاڇِيْ:** اسر خاص. ميهڙ ۽ ڏڳهڙي تعلقن ۾ هڪ ڏيهه جو نالو. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪَوْلارڻْ (ت):** مصدر. ڪنهن وڏي شيءِ مان ڳهڙي يا تراشي ڪجهه خال پيدا ڪرڻ – ڪورَڻُ – تراشڻ – ڳهڙڻ (ڪولاريو – ڪولاريندو – ڪولاريَلُ).

• **ڪُولانْبَ ج ڪُولانْبَ (ت):** ذ. وڏو تلاءُ – ڪولابَ. ڏڪيائي – دقت – هلاڪي.

• **ڪَوْلانْبُوْ ج ڪَوْلانْبا (ل):** ذ. وارو – قيرو – گهُمرو – چَڪرُ – وار.

• **ڪَوْلاهُوْ (ت):** ذ. ڪَسُ – نقصان – توٽو – ڇيهو – هَرُجُ.

• **ڪُولَر (ت):** ٿ. مال جي چاري لاءِ ڪيل ٽوئر يا سُڳٽي جي ڪُتر.

• **ڪُولِرُوْ ج ڪُولِرا:** ذ. (سرائڪي) تمام ڪُنُرو – نَرم – پَٽرُو.

• **ڪُولگِرَ ج ڪُولَگِرُوْنْ:** ٿ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان رنگ اڇو، پيٽ سنهون، پُٺ ويڪري، پلي جي نموني، ڏيگهه ۾ ڪان ڇهه انچ).

• **ڪَوْلمِيْرُ:** ذ. ٽَڪرن. جبلن تي پيدا ٿيندڙ گاهه (ٻوٽي جو هڪ قسم) (صفت). سڳنڌي – خوشبوءِدار.

• **ڪُولو ج ڪُولا:** ذ. چيني يا شيشي جي برتن جو هڪ قسم (سُرڪي يا آچار لاءِ ڪم ايندڙ). برني (دوائن لاءِ) مرتبان.

• **ڪَوْلوُ ج ڪَوْلُو (ت):** ذ. ڪمند پيڙڻ جو چيچڙو. ڪَن ڪپيل يا ڪَن وڍيل جانور – ڪُرو (ڪ).

• **ڪَوْلُ (ل):** ذ. فراسيءَ جي چٽن جو هڪ قسم.

• **ڪَوْلهُوْ ج ڪَوْلِها (ت – ل):** ذ. ڪَنُ وڍيل – ٻَٽو – ڪُرو. ڪُلهو ڪدي هلندڙ (مرد).

• **ڪَوْلهِي:** اسر خاص. ذات جو نالو.

• **ڪُولِيْ:** ريلوي جو مزور – مزدور.

• **ڪَوْلِيْ ج ڪَوْلِيُوْنْ:** ٿ. منگر مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **ڪومَ:** ذ. ڪوبه نه – شل ڪوبه نه!

• **ڪُوم (ت):** ذ. صفت. پيٽوڙي – پيٽيرُ. ڏگهو – لمبو. نَڪ.

• **ڪُوماجُ ج ڪُوماجَ:** ذ. صفت. گهٽو ڪائيندڙ – پيٽوڙي – پيٽيرُ.

• **ڪُوماتَ ج ڪُوماتُوْنْ (ل):** ٿ. گَلن وغيره جي ڪومائجڻ واري حالت.

• **ڪُوماڻجڻُ:** مصدر. (برا. ڪُمّڻَ < سن. ڪُلَم = ڪُومائجڻ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُرجهڻ – ڪومائجڻ. سُسَڻ – سوس ڪائڻ. (ڪومائيو – ڪُومائيندو – ڪومائيل).

• **ڪَومارَڻُ:** تمام آهستي ۽ ڪَڙڪي ڪان سواءِ هلڻ پير پير ۾ ڏيئي هلڻ. ڪاوڙ ڪائي وڃڻ – غصو پي وڃڻ.

• **ڪومائو مُنْهُنْ ڪَٽَنْ:** مُنهن هارجي وڃڻ – ڏاڪارو ٽيڻ – غمگين ٽيڻ – مَلول ٽيڻ. وائڙو ٽيڻ – حيران ٽيڻ – پريشان ٽيڻ – حيرت زده ٽيڻ.

• **ڪُومائجَنْ:** مصدر. (سن. ڪومل = نرم). گَل وانگر پورجي وڃڻ – مُرجهائجي وڃڻ. ڪُومائجڻ. (رنگ جو) جهڪو ٽيڻ. قِنڻ. (بيماريءَ ۾) نِجهرندو وڃڻ – ڳرندو وڃڻ. (ڪُومايو – ڪومائبو – ڪومائيَلُ).

• **ڪُومَلُ ج ڪُومَلَ:** ذ. صفت. (سن. ڪُوْمَل – نازڪ). نازڪ مُلائِم – لطيف – نَفِيْسُ – نرم – ڪُنئرو – موهيندڙ – وٺندڙ – مِٺو – شيرين (آواز). هڪ سُر جو نالو.

• **ڪُومِي ج ڪُوميُون:** ث. ترار – تلوار.

• **ڪُوْنْ ج ڪُوْنَ:** ذ. (انگ). نوڪدار نهري شڪل وارو گول.

• **ڪَوْنَ (ت):** ذ. ڏوري (جنهن سان مهاري يا مچرداني ٻڌجي) – ڪَهِي – ڏور.

• **ڪَوَنَ:** ذ. ڪَنول يا پهڻ جو گل – نيلوفر (ڪ).

• **ڪَوْنار:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُونارُ ج ڪُونارَ:** ز. (سن. ڪُنْدِيْ = ڪُنو). ٽڪر جو هڪ وڏو پڪل برتن – ڪُونارو. ماٽو – نادي (ڏوبيءَ جو). ٽڪر جو وڏو ٽانءُ (جنهن ۾ ڏورن کي ڪُتر يا ڪڙ کارائجي). ڪُونَرُ – آهُرو. ڦڙهه يا ٻيڻَ جي وڻ جو ڦَلُ (ڪائڻ جي ڪتب ايندڙ). (ڪ).

• **ڪُونارِيُ ج ڪُونارِيُون:** ث. ٽڪر جي تراڪڙي برتن جو هڪ قسم.

• **ڪُونْيارُ ج ڪُونْيارا (ت):** ذ. نانگ جو هڪ قسم – ڪونياريو. ڪُنيارو.

• **ڪُونْيارِيُ ج ڪُونْيارِيا:** ذ. نانگ جو هڪ قسم – ڪُونيارو. (اسم خاص). تعلقي مَٽيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُونْيٽ ج ڪُونْيَتَ:** ذ. ٽر ۾ ٽيندڙ وڻ جو هڪ قسم (جنهن مان ڪوئر نڪري). ڏاند جي ڪُلهي وارو وڌيل حصو – ڪَنڊو (ت). چيڙ – مَتيرو (ت).

• **ڪُونْيٽ ڪَدَنْ (ت):** متارو ٽيڻ.

• **ڪُونْيَتِيُ ج ڪُونْيَتِيا (ت):** ذ. ٽر ۾ پيدا ٽيندڙ هڪ ڪنڊن وارو وڻ.

• **ڪُونْڙُ ج ڪُونْڙَ (ت):** ذ. ڇِدو – پَتلو – پَترو – چِٽو – پاڻيءَ جهڙو – ڪنگهو – ٻنگو.

• **ڪُونْڙُلُ ج ڪُونْڙَلَ:** ذ. (تُرڪي. ڪوتاڙُل). سُوار چڙهيل وهت سان گڏ هيو سنجيل خالي وَهِٽ – بنا سُوار وَهِٽ – واڪَ ڪيل وَهِٽ. بنا لغام جي وَهِٽ (ل). گهوڙي جو وڇيرو – ٻِهاڙُ. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم.

• **ڪُونْڻَ ج ڪُونْڻُونْ:** ث. ٿو هي وانگر مٽي نڪتل گوشت – ڪَنڊو.

• **ڪُونْڻُ ڪُونْڻَ:** ذ. پاڪڙي جا ٽڙها – ڪائين سان قابو ڪرڻ لاءِ ڏاڳا.

• **ڪُونْڻُ ج ڪُونْڻا:** ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم.

• **ڪُونْڻُ ج ڪُونْڻا (ل):** ذ. صفت. بنا سِڳڻ جي وهٽ – موڏو.

• **ڪُونْڻِي ج ڪُونْڻِيُونْ:** ث. بنا سِڳڻ واري ٻَڪري – موڏي. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم – بتيلي مثل. مگر اڳيان ۽ پاڇيل ڪُنڌائتا.

• **ڪُونْڻِڑِي ج ڪُونْڻِڑِيُونْ (ت):** ث. ڪنهن به وڻ جو تازو نڪتل گونڍُ.

• **ڪُونْڄ ج ڪُونْڄُونْ:** ث. (ف. ڪلنگ سن. ڪُوجْ = ڪُوڪو ڪرڻ). جبل ۾ رهندڙ ڊگهي ڳچيءَ سان سهٽو پکي – ڪُنجي – قارُ – ڪُلَنگ – راڄ هَنسُ – حوامَلُ (قد ۾ ٽي – چار فوٽ. رنگ خاڪي. ٽهرايل موسم ۾ اصلوڪي وطن مان اُڏامي ٻي پاسي وڃن. سياري جي موسم ۾ وَلَرن جا وَلَر سنڌ ۾ اچن ۽ مارچ مهيني موٽي وڃن). سهٽي ڊگهيءَ جو نالو. (ٿ) ڪڪ جو هڪ قسم (ت). (صفت). سهٽي حَسين – خوبصورت (ت).

– **ڪُونْجِنْ جا ڪانَ ڪَهَنْ ۾ هُٽُ (ت):** وڏي لياقت واري ماڻهوءَ کي گهٽ لياقت واري سان منسوب ڪرڻ.

• **ڪُونْجارَ ج ڪُونْجارُونْ:** ث. (سن. ڪُوجَ = ڪُون ڪُون ڪرڻ). ڪوئل پکيءَ جي ٻولي – پُڪارَ.

• **ڪُونْجَ ٻِيجَ:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو ٻِيج – دواسازيءَ ۾ ڪم ايندڙ پسارڪو وَڪَرُ.

• **ڪُونْجڑُ ج ڪُونْجڑا:** ذ. پاڇي وڪٽندڙن جي هڪ ذات جو نالو – ڪُونجڑيو. گهورڙيو – ريزڪيءَ وارو – قيريءَ وارو –

گھورڙالو – خُومچي وارو. نوکر – چاڪَرُ – نَفَرُ – خدمتگار – بندو. دامنگير – پوئلڳ. مسافر (ت).

• **كُونْجِرِيْ:** ذ. پرت جو هڪ قسم. ڪونج پکي.

• **كُونْجِرِيُوْج كُونْجِرِيا:** ذ. بورچيءَ جي هٿ هيٺ ڪر ڪندڙ. هاريءَ وٽ هيلپي تي ڪر ڪندڙ.

• **كُونْجَنُ:** مصدر. ڪوئل وانگر ڪيڪون ڪرڻ. (ڪونجيو – ڪونجيندو – ڪونجيَلُ).

• **كُونْجِيْ ج كُونْجِيُوْنْ:** ث. پرت جو هڪ قسم (ل). پکيءَ جو هڪ قسم – ڪُونجَ.

• **كُونْجِيلِيْ:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كُونْجهَ:** ث. ڪُونجَ.

• **كُونْجهِڑِيْ (ث):** ذ. ٽري پرت جو هڪ قسم.

• **كُوَنْجَ (ڪ):** ث. ريڑهه – سيرو – گِسڪو.

• **كُوَنْجَ ج كُوَنْجُوْنْ:** ث. (ف). هڪ قسم جي هوتي – ڪِوانُج.

• **كُوَنْجَ ج كُوَنْجَنْ:** ذ. (سن. ڪَوَچ). تعويذ جو هڪ قسم – رکيا. (سن. كُنْج = موڙڻُ يا اُلٽو هَلڻُ). خانه خرابي – بربادي – تباهي – ويراني – اُجاڙَ. جهاز جو ٻڏڻ.

• **كُوَنْجُ پَوَڻُ:** برباد ٿي وڃڻ – تباهه ٿي وڃڻ – ستياناس ٿيڻ – ويران ٿيڻ – اُجاڙَ ٿيڻ. جهاز پڇي پوڻ.

– **كُوَنْجَ جا ٽكرا:** ذ. بربادي – ستيا ناسي – تباهي – اُجاڙ – شڪستگي. جهاز جي تباهي.

• **كُونْجائِجَنُ:** مصدر. (سن. كُنْج = موڙڻُ يا اُلٽو ڪرڻ) سڙڻ – جلڻ – سُور ٿيڻ يا ڪُرڻ – ڏکوئجڻ – ايذائجڻ.

– **كُونْجائِنُ:** مصدر. ڪرڻ – پوسرائڻ – چيڀائڻ – ساڙڻ – سُور ڪرڻ – ڏکي رکڻ. (ڪونجائيو – ڪَونجائيندو – ڪَونجائِيَلُ).

• **كُونْجِلو ج كُونْجِلا (ل):** ث. چِهو – ڇِڏو.

• **كُونْجِيْ ج كُونْجِيُوْنْ:** ث. اُٺ جي ٻني تي مَٽان (پر پاڪڙي جي هيٺان) پيل هڪ ريشمي ڪپڙو – جهُلّ.

• **كُونْجهو ج كُونْجها:** ذ. درياهَ جي ڪپراري سيلابي زمين – ڪَڇو.

• **كُونْدرو ج كُونْدرا (ت):** ذ. ڪجيءَ جي قَرَ هن جو ٽهيل ڪارو يا ٽوڪرو – چهو (جنهن ۾ ڪارڪون وهجي ڪڍجن). (ث. كُونْدرِيْ ج كُونْدرِيُوْنْ).

• **كُونْدَرُ ج كُونْدَرَ:** ذ. اڈي ۾ هڪ قسم جون ڪائِيُوْنْ.

• **كُونْدَرُ ج كُونْدَّ:** ذ. صفت. ڪوندر – نوجوان – تازو توانو مرد. طاقت وارو – پهلوان – جوڌو. حسين – سهڻو – ملوڪ – ناهوڪو – خوبصورت – چمڪندڙ – چلڪندڙ. بنا سِرَ جي ڏڙ – ڪنڌ لٽل ڏڙ – لوٿ.

• **كُونْدَرُ ج كُونْدَرَ:** ذ. صفت. طاقتور – نوجوان. پهلوان – سورهيه. ڪُنوارو – اڻ پرٽيل – چڙهو. حسين – سهڻو – خوبصورت.

• **كُونْدَلُ ج كُونْدَلَ (ت):** ذ. كُونْدَ – كُونْدَرُ.

• **كُونْدو:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كُونْدِيْ ج كُونْدِيُوْنْ:** ث. پخال – سانداري – ڪلي – مَشڪ.

• **كُونْدو ج كُونْدا:** ذ. (سن. كُنْدِي = كُوْندو). ٽاڊل وغيره گهوٽڻ لاءِ ٺڪر جو ٺهيل اونهو ۽ ڪهرو ٽانءُ – ٺڪر جو اُڪرلو. پٿر جي كَـرَڙَ يا اُڪريءَ جو هڪ قسم – روهي – ڪرل. چَجُ – سُپ (صفت). گهٽو ڪائيندڙ – هيڇي – پيٽوڙي.

• **كُونْدِيْ ج كُونْدِيُوْنْ:** ث. نديءَ پت واري ڪُوناري – ٺڪر جي تغاري. لوهه جو پاڙچ (جنهن مان نيسر ۾ پاڻي اڇي).

– **كُونْدِيْ كائِنُ:** چوپائي مال جو گهر اڇي آهري ۾ پيل گاهه وغيره ڪائِنُ.

• **كُونْدِيْ والُوْ:** اسم خاص. تعلقي اُباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كُونْدِيْرُ ج كُونْدِيْـرا (ت):** ذ. ڪو ڊِيرُ.

• **كُونْرُ ج كَوْنْـرَ:** ز. (سن. كَمَلَ = كَنْوَلُ) ڪنول جو گُل – نيلوفر. گل – گل قلُ (لس). مڪڙي – ڪَلي (ت). گوشو – گوهو (ث). وڻ جو هڪ قسم (لس). تيل وجهڻ جو برتن – تيلائي (ل). (سن. ڪمار = شهزادو) شهزادو – ولي عهد – حڪومت جو وارث. ڇوڪرو – جُوان – نوجوان.

• **كُونْرُ ج كُونْـرَ:** ذ. (سن. كُنْدِي = كُنو) مال کي چاري ڏيڻ لاءِ ٺڪر جي وڏي كُونڊي – كُونارُ – ڪونارو. آهُورو. پاڻي پيري رکڻ لاءِ ٺڪر جو وڏو برتن. چمارن جو چمڙي کي وجهي پُسائي رکڻ جو وڏو ٽانءُ. ڪورين جو تاجيءَ ٽڦڻ جو هڪ اوزار.

• **كُوْنْرُوْ ج كُوْنْرا:** ذ. ٺڪر جو لوٽو – ڪَرو – ڪُورو.

• **كُوْنْرُوْ:** اسم خاص. ٻيلان جي پَهاڻَ جو نالو. (ٻيلان – چنيسر داستان ۾).

• **كُوْنْـرُوْ ج كُوْنْـرا:** ذ. صفت. ڪُونئرو – نرم – پَٽڙو.

• **كَوْنْرِيْ ج كَوْنْرِيُوْنْ:** ث. سَولائيءَ سان نہ ڏُيڻِ سگهندڙ چوپائي – تَٽن ڏاڍي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڪُونڙيجا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **ڪُونسيوُ:** ذ. هڪ راڳ جو نالو.
• **ڪُوُنڍُ:** ذ. قفش – جُوتو. "توري جان مون دل تپاس کي، تان آءٌ تنهنجي ڪُونڍ برابر کين" (مينهن مگٽهار).
• **ڪونڪَرُ:** اسر خاص. فَيدرل ايريا ڪراچي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
– **ڪُونُ ڪُونُ:** ث. هِليءَ جي پلونگڙي جي دانهن.
• **ڪُونڪِرُ:** ذ. گلن جي مٿان وڃ ۾ سنهي داڻ داڻ – رَڄ – هُونگَر.
• **ڪُونڪِرُوُ ج ڪُونڪِرا:** ڏَنگو – جهُڪيل – ڪُبو – گَنڪو – نَميلُ – چِبو – وَرِيلُ. (ث) ڪُونڪِرِڙِي ج ڪُونڪِرِڙيُون.
• **ڪَوُنُ ومَكانُ:** ذ. (ع). دنيا – جهان – جَڳُ – سنسار – ڪائنات.
• **ڪُونهاڻُ ج ڪُونهاڻَ:** ذ. ڍڳي جو ڪَنڊو. اُڻَ جو ٽوهو (ت). ڪونهٽ.
• **ڪُونهَڙُ ج ڪُونهَڙَ (ت):** ذ. مينهن جو نر قَر – پاڏو. ڍڳي جي ڪلهي وارو هنڌ. (صفت). ٽلهو – متارو – جاڏو جوان مرد – ڏاڍو مڙس – بهادر (ت).
– **ڪُونهَڙِي ج ڪُونهَڙِيُون:** ث. نَرُ ڍڳي جي ڪنڌ تي اُڀيل ڳُنڍي وانگر ماس – ڪنڊو.
• **ڪُونهڙُوُ ج ڪُونهِڙا (ت):** ذ. دروازي جو ڪڙو – ڪُنڊو – تاڙي.
– **ڪُونهَڙا هانهَن:** ث. دروازي جي ڪڙ ي ۾ پوڻ جي ڪاٺي – تاڙي.
• **ڪُونهَرَ:** ذ. صفت. (ف. گوهر = موتي). ڪونڈر – بهادر – جوڌو – دليرُ.
• **ڪُونهِرِي ج ڪُونهِرِيُون:** ث. درياءَ جي ڪَيري ڪڙ واري جاءِ ـ پاڻيءَ جي جهولَ – ڪُهڙِي. مثلاً "جمن شاهه واري ڪُونهري". "درياءَ سڪي ڪهريون ڪري". "ڪُن سُڪي ڪُهريون ٿئين، تو ڪيا دلبر ڏار" (عالم خان نظاماڻي).
• **ڪُونهون ج ڪُونهان:** ذ. مينهن جو جوان قَرُ – پاڏو.
– **ڪُونهُون ٽيڻ:** ٽلهو ٽيڻ – متارو ٽيڻ – جاڏو ٽيڻ – سَهَرُ ٽيڻ.
• **ڪُونهِيارا:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڪُونءِ (ڪ):** ز. پَنِيُر يا پنير جي رس سان جمايل کِيُرُ – پنير جي رس سان جَميلَ ڏونرو.
• **ڪُونڙائِڻُ:** مصدر. (سن. ڪومَلُ = ملائَيم) ڪُونڙو ڪرڻ – نرم ڪرڻ – ملايم ڪرڻ – پَٽڙو ڪرڻ. (ڪُونڙائيو – ڪُونڙائيندو – ڪُونڙائِيَلُ).
• **ڪُونڙو ج ڪُونڙا:** ذ. صفت. (سن. ڪومَلُ. پرا. ڪوولو) نرم – نازڪ – نَفِيسُ – پتلو – پٽڙو. مڙٽو – لچڪيدار – جهيٽو – هلڪو (آواز).
– **ڪُونڙاڻِ ج ڪُونڙاڻُون:** ث. نرمائش ڪنڙائي – نرماڻ – جهيڙائي.
– **ڪُونڙائِي ج ڪُونڙائِيُون:** ث. نرمائي – ڪونڙاڻ.
• **ڪونڙيجا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **ڪُونڙِيرُوُ ج ڪُونڙِيرا (ڪ):** ذ. ٽوڙهو – روڌو – موڌو – گَنجو.
• **ڪُونڙِيل (ل):** ث. رَسال ـ نرم زمين.
• **ڪُونڙِي (ل):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **ڪُونيُن:** ذ. (ع). ٻئي جهان – هر دو عالم – دين و دنيا – هي دنيا ۽ هُو دُنيا.
• **ڪُوڻ (ت):** ذ. طرف – ڏِس – پاسو (ضمير). ڪيرُ (ث).
• **ڪُوٽِي ج ڪوٽِيُون:** ث. (پرا. ڪوموئي ڪا. سن. ڪُومُود. ف. نيلوفر). پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جو ٻوٽو (جنهن جي مٿي چوٽيءَ ۾ نيلوفر گل ٿئي ۽ پاڙَ ۾ لوڙهه ٿئي) – مڇيءَ جو هڪ نالو.
• **ڪُوٽِي جو گُـل:** ذ. نيلوفر جو گُل.
• **ڪُووِ ج ڪُوا:** ذ. ڪانگ – ڪاڻ.
• **ڪُوِلَ ج ڪوولُون:** ث. (سن. ڪوڪِلَ = ڪوئِلَ). پکي ڪوئِلَ – ڪويَلَ – ڪوئل.
• **ڪُوهَ ج ڪُوهَ:** ذ (سن. ڪرُوش. ف. ڪوهُ = جبل). جبل – پربت – پَهاڙ – ڏونگر – ٽَڪر – چَبر. پنڌ جي هڪ ماپ – هن ميلن جو مفاصلو – ٻه ميل (ضمير). چو – چا – ڪُجا – ڪُجالاءِ ـ ڪُجاڙو.
• **ڪوهي:** ذ. جبل جو رهاڪو – جبلي – پَهاڙي – ڪوهستاني – چاپرو.
• **ڪوهيارُ ج ڪوهِيار:** ذ. (ف. ڪوهسار = جابلو). پهاڙي علائقو.
• **ڪوهِيارو ج ڪوهِيارو:** ذ. (سن. ڪوهه + آرو) ڪوهه وارو – جبل جو رَهاڪو – ڪوهِيارُ.
• **ڪوهاڙو ج ڪوهاڙا:** ذ. (سن. ڪوٺار = ڪُهاڙو). ڪاٺين وڍڻ يا ڦوڙڻ جو هڪ اوزار – ڪُهاڙو.
• **ڪُوهَڻُ ج ڪُوهَڻَ:** ذ. ڪونهٽ.
• **ڪُوهَرُ ج ڪُوهَرَ:** ذ. ردّل ٻاجهر. مٽر. چڻا وغيره ـ ڪُهَرَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ڪوهَ-رَ ڪيرڻُ (ت):** بيجا گفتگو ڪرڻ – اڻ سهائيندڙ گفتگو ڪرڻ – واهيات ڳالهه هولهه ڪرڻ

• **ڪوهري:** اسر خاص. رتيديري ۽ ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪوهڙ ج ڪوهڙَ (ل):** ذ. ڪوهَ جي منهن تي پوڻ کي جهلڻ لاءِ لڳل ٻسانگي ڪائي.

• **ڪوهستانُ ج ڪوهستانَ:** ذ. (ف. ڪوهُ + ستان = آستان جاءِ) جابلو ملڪ – پهاڙي علاقو – چاپرو – سنڌ جي ڏکڻ – الهندي – جابلو پاڻي جو نالو. (اسر خاص). تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪوهستاني ج ڪوهستانيَ:** ذ. صفت. ٽاڪرو – ٽڪرائون – پهاڙي – جابلو ماڻهو.

• **ڪوهِ صَفا:** (اسر خاص). (ع). مڪي معظمه جي ويجهو صَفا ۽ مَروَ نالي ٻه مقدس ٽڪريون (جن جي وچ ۾ حاجين کي دوڙڻ جو حڪم).

• **ڪوهِ طُورُ:** اسر خاص. (ع). شام ملڪ ۾ هڪ جبل جو نالو (جتي موسيٰ عليه السلام کي الله سائين تجلي ڏيکاري) – طور سينا جبل.

• **ڪوهُ قاف:** اسر خاص. ايشيا جو هڪ مشهور جبل – قاف جبل.

• **ڪوهڪ:** اسر خاص. بلوچستان ۾ هڪ هنڌ جو نالو (جتي ۱۸۷۱ع ۾ گوادر جي اُپسمنڊ کان وٺي بلوچستان جي حد مقرر ٿي) بلوچستان جي اُلهنديءَ حد جي شهر جو نالو.

• **ڪوهلوُ ج ڪوهلا:** ذ. بي حالُ – بي وس – لاچار – بي پُهچ.

• **ڪوهِ نُورُ:** اسر خاص. هڪ مشهور هيري جو نالو.

• **ڪوهڙُ (ت):** ذ. تمام گهٽي نشيدار پنگ جو هڪ قسم.

• **ڪُوهوُ ج ڪُوها:** ذ. ڏاند جو ڪُلهو – ڪُوهَڙ – ڪونڊُ.

• **ڪوهِي ج ڪوهيُونُ:** ث. هڪ ٻوٽي جي پنن جو قسم – ڪوهي پَنگ (دوا سازي ۾ ڪم اينديڙ). ذ. (حقيقت ۾ مادي، پر مذڪر طور استعمال ٿيندڙ). ڪارين اکين سان (سياه چشم) شڪاري پکي – "ڪوهيلو" جي مادي.

• **ڪوهيارُ ج ڪوهيارَ:** ذ. صفت. يار – دوست – سپرين – پرين – عاشق – ساجن – محب – دلدار – دلبر – سڄڻ – منڌار – لڏڻ – ڏولڻ – پيار ڪندڙ. (اسر خاص). 'خضدار' جو سنڌي نالو.

– **ڪوهيارو ج ڪوهيارا:** ز. صفت. ڪوهيار جو.

– **ڪوهياري ج ڪوهياريُونُ:** ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

– **ڪوهيڙَ (ت):** ث. ڏُنڌَ – ڪوهيرو – غُبار. اُن جي هڪ بيماري.

• **ڪوهيرو ج ڪوهيرا:** ذ. (سن. ڪُوهُ). غُبار – ڏُنڌَ – پار پاڻيءَ جي ڪُنڊ جو قيرو – يَنُورَ – چَڪرُ.

• **ڪوهيلو ج ڪوهيلا:** ذ. ڪارين اکين وارو (سياه چشم) شڪاري پکي – "ڪوهي" جو نَرُ. پکيءَ جو هڪ قسم – شِڪرو.

• **ڪوهيو ج ڪوهيا (ت):** ذ. بي وقوف – بي عقل – جاهلُ – جَٽُ – اناڙي ڇسو. ڪَپُوتُ – ناخَلَفُ.

• **ڪوءِ ج ڪوءِ:** ث. بچت – پاڇي – اُپراس – ميڙا ڇوندي – صرفو – سَنجهر – سَتَ – ڪيوٽ – ڪفايت – قناعت – سانگ صرفو.

• **ڪُوءِ:** ث. (ف) گهٽي – ڳلي – ڪوچو.

• **ڪوئاس ج ڪوئاسُونُ (ت):** ث. چمر جي سنهن پٽن سان واڻيل ڪَتَ.

• **ڪُوئدُ ج ڪُوئدَ (ت):** ذ. گريبان – جهولي – دامن.

• **ڪوئرُ ج ڪوئرَ (ت):** ذ. سنگ تي آيل پڙدو. ڪجي مان نَوَر ڏارن نڪرڻ وارو پاڳو.

• **ڪُوئڑِيو ج ڪوئڑِيا:** ذ. تيل وجهڻ لاءِ چمڙي جو ٺهيل ٽانءُ – دٻي – ڪُوبو.

• **ڪوئلُ:** آکاڙ مهيني ۾ صبح وارا هلڪا ڪڪر جيڪي ڏکڻ کان اُتر وڃن (آکاڙ وسي ته ٿو. پر جي ڪوئل گهٽي هلي ته چئبو ڏڪار) يعني مينهن ڪونه وسندو. هيو ته اهڙي ٽڏي هيءَ ڪوئل سان گڏ لڳندي جو ماڻهو چوندو ته سُتو پيو هجان، "ڪوئل جي ستي".

• **ڪوئلَ ج ڪوئلُونُ:** ث. (پرا. ڪوئلي > ڪوئليا. سن. ڪوڪ > ڪوڪل = ڪوئل). ڪوڪون ڪندڙ مشهور پکيءَ – ڪوئل – ڪويل. (صفت). مٺو هوليندڙ – خوش گفتار.

• **ڪوئلو ج ڪوئلا:** ذ. (ويدڪ سن. ڪُلُ = ٻَرڻُ > سن ڪوڪلهه = بُنڊي). سڙيل ڪائي – اڳر – اڳار. انب جو گَڪَڙُ. (صفت). ڪارو. (برا: ڪُهَنڊ > سن. ڪُشْماند). وَلَ ۾ ٽيندڙ هڪ پاڇيءَ جو نالو جا رڌي ڪائڻ جي ڪَمَ اچي – پيٽي جو هڪ قسم.

– **ڪوئلن جي ڏاڪي ڪَرڻ:** گلا جو گهانگهو پرائڻ – گلارو ٽيڻ.

– **كوئلي ج كوئليون:** ث. اسر. (سن. كوْر) اَنبَ جي ڪَڪڙيِ جو اندريون ڳَـرُ – ڪوئـريِ.

• **كوئنُ ج كوئنِ:** ذ. (انگ). ملیريا جي بخار کي روڪڻ لاءِ هڪ دوا جو نالو – ڪوئنين. گاهه جو هڪ قسم – اوئن (ت).

• **كوئنڻ:** مصدر. (سن. كُنْجَ = گهَنـجَڻُ) بچت ڪرڻ – سانگ صرفي سان خرچ ڪرڻ – ڪوءَ ڪرڻ – ڪفايت ڪرڻ – صرفو ڪرڻ – پاڇي ڪرڻ. سُسائڻُ – گهٽائڻ – گهٽ ڪرڻ (ڪوئيو – ڪوئيندو – ڪوئيَلُ).

• **كوئي ڏيڻ:** بچائي ڏيڻ – ڪفايت ڪري ڏيڻ قناعت ڪري ڏيڻ – صرفو ڪري ڏيڻ.

• **كُوئڙ ج كُوئا > كُئا:** ذ. ننڍو ڇڻ ٽنگن وارو ساهوارو (جو سپ شيءِ زيان ڪري) – ڪُوهو. موشي (ف).

– **كُئاكڙ ج كُئاكڙون:** ث. ڪوئن جي ڪوٽي ڪڍيل مِـٽيِ. ڪُئا مار.

– **كُئامارَ ج كُئامارون:** ث. ڪوئن ڦاسائڻ جو پجرو – ڪُئاكڙ.

• **كوئي ڏنڊيو ج كوئي ڏَنْديار:** ذ. ڪوئي جي ڏندن جهڙو – سنهن ۽ تيز ڏندن وارو.

• **كوڻِي ج كي ڻِي:** ضمير مبهر. (سن. كوپ) كو – كير بـ – كوبـ – مڙيئي كيرُ – كونـ كو – كجهه مڙيئي – كُڇ نـ كُڇ. اَنْبَ جي ڪڪڙي – كوئلو – كوئرو.

• **كوڻِي كونَ ج كي ڻِي كونَ:** ضمير. كير كونـ – كير بـ نـ – هڪ بـ نـ – صفا نـ – كجهه بـ نـ.

• **كوئيرو ج كوئيرا:** ذ. انب جو كوئلو – ڪڪڙي.

• **كوئيڻ ج كوئيڻون:** ث. مِـٽـ هولينڈ پکي – كوئـلَ.

• **كوئيلو ج كوئيلا:** ذ. (سن. كوكِلو) سڙيل ڪاٺيءَ جو ٽڪر – اڱارُ – اڱرُ – كوئلو. انب جي ڪڪڙي – كوئيرو.

• **كوئينُ:** ذ. سمنڊ جي منگر جو هڪ قسم (هڪ ڪنڊ، موتن پٽن جو قسم، پاڻيءَ تي چتا چتا، پُڇ ٽُلهو).

• **كوَ ج كوَ:** ذ. دَبُ – دِجُ – خوف – ٽاهُ – پَوَ – ديجو – خطرو – انديشو – هراسُ.

– **كوَكَرڻ:** دٻ ڪرڻ – خوفَ ڪرڻ – پوَ ڪرڻ – خطرو ڪرڻ – دِجڻ – ٽهڻ – ديجو ڪرڻ.

– **كوَ كائڻ:** دِجڻ – خوف ڪرڻ – دٻ ڪرڻ – ٽهڻ – پاسو ڪرڻ – ڪن هٽڻ – ٽاهه كائڻ – كوَ ڪرڻ.

• **كوِي ج كوِيْ:** ذ. (سن. كَوِيْ = شاعر). بيت يا نظر جوڙيندڙ ۽ چَوندڙ – كَلونتَ شاعر – ناظر – شعر چوندڙ – نظر گوءِ – ڳائـڪ – سُخندان. سُگهڙ – ڏاهو – ڄاڻو.

– **كوِيتا ج كوِيتاؤن:** ث. (سن. كَويتا = نظر) ڪوتا – شعر گوئي – نظر.

– **كوِيسَرُ ج كوِيسَرَ:** ذ. سگهڙ شاعر جو سرتاج. ڏاهو – عَاقل.

– **كوِيسراٽو:** ذ. شاعراٽو.

• **كوِيْ (ت):** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **كوِيا (ت):** ذ. ڪچي ريشم جا ڳنڍيا – ڪچي ريشم جا ڦورا.

• **كوِياٽو ج كوِياٽا (ڪ):** ذ. كوريئڙو.

• **كوِيٽ ج كوِيٽ:** ذ. جهنگلي ميوي جو هڪ قسم – كَوَيٹ – كَويتَ.

• **كوِيٹ ج كوِيٹ:** ذ. جهنگلي ميوي جو هڪ قسم – كَوَيٹ – كَويتَ. سخت ڪاٺ وارو وڻ (اڪثر ڪري هندستاني ڪاڄ سڏجي).

• **كوِيٹ ج كوِيٹ:** ذ. (سن. كَپيٹ = كَويٹ). جهنگلي ميوي جو هڪ قسم (ذائقو ڪٽو، سخت ڪل سان) – كويتَ – كَويٹ. (انگ. Wood_apple).

• **كوِيلَ ج كوِيلَون:** ث. پکيءَ جو هڪ قسم – كوئـلَ.

• **كوِيو ج كوِيا (ڪ):** ذ. ڪن وَڍيل – ڪُرو – ٻُٽو.

• **كهَ ج كهُون:** ث. (سن. كَرْش = چِـكَڙ – گـهِـلَڙُ) وڏو بند – وڏو ڪشالو – ڳَـهَ – ڏولاڻو – ڏاڪڙو – جاكوڙ – مزوري – جاكوڙو – سفر – مسافري. ڪاهَ – ڇُلهه – رومڙ – حملو. گفتگو – ڳالهه ٻولهه – گفتار. آڪاٽي – ڪهاوَتَ – ڪهاڻي. ذرڙو – پـتَ (ت). ڪٽ – اندازو – تخمينو – اٽڪل روءِ.

• **كهِ (ل):** ث. مڪڙن جا بي شمار ٻچا (جي اُڏامي نـ سگهن). اثَرُ – تاثيرُ.

• **كهِ ومهِ (لس):** ث. ڪُٽ ـ مَچ.

• **كهَ ج كهَ:** ذ. صفت. (سن. كَرْش = ضعيف ٽيڻ). ڏوڪڙانئون – ٽَڪائو – ٽَڪائتو – ورجائو – محنت وارو – محنائتو – ڏکيو – اٽ ڪائيو – اهنجو – دُشوار – مُشڪل – اٽاگو. هُڄ ٽيل – ٽڪل – بيزار – ڪَڪُ – خَفي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **كُهڙ:** (كهڻ مصدر جو امر) حلاڻ ڪر – تكبير وجهه. (ضمير). (سن. كُوَ = چو). چو – چالاءِ ـ چا.

• **كهِه جهِه:** الخ. اهڙي ڪنهن. ڪنهن جنهن "كِهِه جِهِه گهيڙ گهڙي جُن اونڌر تڙ ٽئوس" (شاهه).

– **كهِه جهِه ڏكا:** اهڙي ڪنهن وڏي ڏڪ مان.

• **كهِه ڏكي ڏاوڻ ڏائيو:** شاديءَ جي وقت گهوٽ سان كيل. ساڻ سگهڻ (جڏهن گهوٽ ڪنوار جي گهر لاٿون لهڻ ويندو آهي. تڏهن گاڙهي ڪچي سُتَ جو ڏاڪو گهوٽ كان ڪنوار جا مائٽ دَرَ تي وڃائيندا آهن).

• **كهِا:** ضمير. كهڙا.

• **كَهاتَ ج كَهاتُوْنْ:** ث. (سن. كٺ = گهالهه) كهاوت – كَهَتَ – مثال – پهاڪو – ڪا وڏي من گهڙت گهالهه – گهالهه – قصو – كهاڻي – آكاڻي – افسانو – فسانو – وارتا – داستان – بينا – ڪٿا – ذكر.

• **كَهارُ ج كَهارَ:** ذ. محافو ڪندڙ. ڏولي ڪندڙ – ڪَجاوَ ڪندڙ (كلهي تي) – سواري ڪندڙ. پاڻي پَريندڙ.

• **كُهارو ج كُهارا (ت):** ذ. سون چاندي تورڻ جي وَٽن رکڻ لاءِ ڪاٺ جي ٿهيل ننڍي ٽڪنڊي پيتي.

• **كُهاڙُ ج كُهاڙَ:** ذ. (سن. كُنارُ = كهاڙو). ڪاٺ ڦوڙڻ جو هڪ اوزار – كُهاڙو. پَرت جو هڪ قسم.

– **كُهاڙو ج كُهاڙا:** ذ. ڪائين ڦوڙڻ لاءِ لوهه جو هڪ اوزار – كُهاڙ – هيرلَ – وڏي كهاڙي. هٿيار جو هڪ قسم. سونارن جي وَٽن رکڻ جي ٽڪنڊي پيتي – كُهارو. (ث. كهاڙي ج كُهاڙِيُوْنْ).

– **كُهاڙِيو ج كُهاڙِيا (ت):** ذ. كُهاڙو.

• **كَهاڻِي ج كَهاڻِيُوْنْ:** ث. (سن. كَتَنِكا > پرا. كَهاڻِئا = آكاڻِي. سن. كٺ = ڪٿا). هڪ وڏو من گهڙت قصو – حكايت – گهالهه – آكاڻي – ذكر – رجوعات – قصو – ڪٿا – وارتا – داستان – پنڌاڻ – بيانْ – افسانو – تذكرو – شب افسانو – كَهتَ – كَهات ـ چوٽي – پهاڪو – مثالُ.

– **كَهاوِت ج كَهاوتُوْنْ:** ث. آكاڻي – حِكايَت – كهاڻي – كَهاتَ – كَهتَ.

• **كُهائِنْ:** مصدر. كهڻ جو ڪر هئي كان كرائڻ – كوسُ كرائڻ – خون كرائڻ – گلو ڪٽائڻ – وَڍائڻ – كپائِنْ. تكبير وجهائِنْ – حلال كرائِنْ – ذبح كرائڻ (حلال جانور كي). (كُهايو – كهائيندو – كُهائيَل).

– **كُهاءِ كَرَڻُ:** ڪُنل هڪريءَ جي كَل برابر نہ لاهڻ – پَهُرو تان كَل جيري قازي لاهڻ.

• **كُهائو:** ذ. ڪچن مهينن ۾ هار جو ڪرڻ (ماءُ جي پيٽ ۾ مرڻ)

– **كُهائِي:** پورن مهينن كان اڳ هار جي ڪِري پوڻ واري حالت – كَجو ويَرُ – كُسوانجو (ث).

– **كُهائي ڏَيڻ:** كُهائو ٿيڻ ڪَجو هار ڪِري پوڻ – پورن مهينن كان اڳ (مئل) هار جمڻ – كَجو ويو ٿي پوڻ – كُسُوانجو ٿي پوڻ.

• **كَهْبانُ ج كَهْبانُوْنْ:** ث. خراب زال – كَنِنِي عورت.

• **كَهْبَرُ ج كَهْبَرَ:** ذ. صفت. قهر وارو – خونخوار – درندو – وحشي – جهنگلي.

• **كَهَتَ ج كَهَتُوْنْ:** ث. (سن. كَتَ = كٺا) چوٽي – پهاڪو – مثالُ – كهاتَ. كهاڻي – آكاڻي – گهالهه – قصو – من گهڙت افسانو – نقل – حكايت – بَكَ بَكَ – يَخِي – بَكواتَ.

– **كَهتَ كِيڻ:** گهالهه ۾ ڏيگهه كرڻ – پنهنجي مطلب جا دليل ڏيڻ. تپائڻ – تنگ كرڻ.

• **كَهْجَرُ ج كَهْجَرَ:** ذ. گند ڪچرو – بُهَرُ – ميڙُ سيڙُ – كِنُ – كِڙِڇَ. سنهڙين ڪائين جو ڍڳُ. منجهيل سُٽُ.

• **كَهَرُ ج كَهَرَ:** ذ. اسر. (سن. كيسَرَن = شينهن). شيرُ – شِينْهُنْ – كيهَرُ.

• **كِهْرُ:** اسر خاص. پاڻيءَ تي پيدا ٿيندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم – بصر جي نموني تي ٿيندڙ گاهُ جنهن كي مال كونہ كائي (ت).

• **كُهَرُ ج كُهَرَ:** ذ. اوباريل مَٽريا چَٽا – كوهر. سرائي كي قابو كرڻ لاءِ چوڌاري كاٽ جو چَلو (ث). كوهيڙو – ڏنڊ – غُبارُ – ڏنڊلو.

• **كُهرِي ج كُهرِيْ:** ذ. كُهرن وارو – كُهر وڪٽندڙ – كوهِري.

• **كَهرائِي جاگِيْرَ:** اسر خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كُهرُبا:** ث. خوشبوءِدار پٽر جهڙي سخت كونر جو هڪ قسم

– پيلي سونهري رنگ تي، زمين ۾ پُوريل وڻن جي ڪونر مان ٿهي، بعضي جدا رنگن ۾ ٿئي. جنهن ۾ سينگار لاءِ مالهائون ٺاهيون. دوائن ۾ ڪم اچي. مرٽينگ کي پاڻيءَ ۾ مهٽي ڦڙو ڦڙو ان جي وات ۾ وجهن. جرمنيءَ جي ڪن پاڳن ۾ گهٽو ليبي. هن کي مَهٽڻ سان اُن مان بجلي پيدا ٿئي، جا ڪَڪ بَنَ کي پاڻ ڏانهن چڪي.

• **كَهْرَكِيْ:** اسر خاص. تعلقي ميربور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَهَرُ ج كَهَرا:** ذ. صفت. ڪلهو – ڪانهرو – ڪانهلو – هيٺو – ڪمزور – ٿَڪَلُ – ماندو – ڪُومل – نرم. ڏُکڻو – اِيذاءُ ڪندڙ (زخر يا قَڻ).

• **كَهْرُوْ:** اسر خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كُهَرِيْ ج كُهَرِيُوْنْ (ت):** ث. درياءَ جي ڇڏيل ويري، جهول واري جاءِ تي بيٺل پاڻي. جهنگ ۾ پاڻيءَ جي ننڍڙي ترائي.

• **كُهَرُ ج كُهَرَّ:** ذ. (سن. ڪُ = خراب + ارٽيه = جهنگ) ٻَني‌ءَ وغيره مان نڪتل وڻن جون پاڙون ڏنگهر، ڪک ڪهجر وغيره جو ڪيل ڏِڳُ. ڪنڊين يا لين جي ننڊن ٻوٽن جو جهڳٽو – گهاتي جهنگ جو ويڑهو (ت).

• **كُهِرَّ ج كُهِرُوْنْ (ت):** ث. پوڻ جي جهلڻ لاءِ ڪوهه جي منهن تي رکيل ٻسانگيون ٽوٽيون جن مٽان پوڻ ٻڌل جنهن تي ورت رکبي.

• **كُهُرُ ج كُهُرْ:** ذ. ٻهر جي چانگ – ڏنگرن جو ڏِڳ – پَٿر – چَنو – چَپَرُ – چَپرو. (صفت). دلير – ڏاڏو مڙس – بهادر – ويڑ – شير مڙس – بانڪو.

• **كِهَرُو ج كِهَرا:** ذ. ضمير. ڪير ڪهڙو. ڪنهن جهڙو – ڪهڙي قسر جو – ڪهڙي طريقي جو – ڪهڙي نموني جو. ڪير به. ڪهڙي تعداد جو – ڪانئون.

– **كهڙو ڪرڻ:** هڪل ڪري پڇڻ ته ڪهڙو آهين – چتائڻ – خبردار ڪرڻ.

– **كَهڙي اَكَرُ:** ڪهڙي حساب – ڪهڙي ليڪي.

• **كَهَرُو ج كَهرا:** ذ. ماڻهوءَ جو تمام ننڍڙو اڪيلو ٻچڙو. نهايت هيٺو ۽ ضعيف (ت) ڪهڙي.

– **كَهِڙِيْ ڏاڙهِيْ هُجَڻُ:** ڪا به شيءِ نه هجڻ – هيٺو هجڻ – ڪمزور هجڻ – ڪوبه وت نه هجڻ.

– **كَهِڙِيْ ماءُ جوْ پُٺ هُجَڻُ:** هيٺو هجڻ – ضعيف هجڻ – ڪمزور هجڻ.

• **كُهْڙِيْ ج كُهْڙِيُوْنْ:** ث. ڪانن جون ٻه چار گڏيل ٽڻيون – سٽري. ڪُهَڙُ.

• **كَهَكُ ج كَهَكَ:** ذ. دُک – ڏُکُ – درد – رَنج – سُور – اهنج – ڪهڪاءُ – عذاب. تڪليف. ڇُري يا ڪَپَ سان گوشت ۾ ڏنل وَڏُ – چير – چَهڪ.

• **كَهِكاتُ:** اسر خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَهْكائِنُ:** مصدر. ڏکوئڻ – ستائڻ – آزارڻ. (ڪهائيو – ڪهڪائيندو – ڪهڪائيل).

– **كَهْكاءُ ج كَهْكاءَ:** ذ. ڪَهڪُ – ايذاءُ – ڪهل – خيال – ويچار (ل). ڪنهن عزيز يا دوست تي ٽيندڙ تڪليف جو رنج – چڪي – سيڪ – تَئو.

• **كَهْكشانُ ج كَهْكَشانَ:** ذ. آسمان ۾ سنهڙن چمڪندڙ تارن جو پَٽو – چمڪندڙ رستو – آسماني واٽ – سراج وات – نوح نبيءَ جي ٻيڙيءَ جو ليڪو (عام روايت).

• **كَهَكُ (ت):** مصدر. پَوَنڪڻ – ڪَوَنڪڻُ – پَوَنڪَ ڪرڻ. ڪُتي وانگر ڦري سامهون ٽيڙ – اَرهاڙ – نَرا ڪٽڻ. (ڪَهَڪيو – ڪَهڪندو – ڪَهَڪيلُ).

– **كَهِكِيْ ج كَهْكِيُوْنْ (ت):** ث. پَوَنڪَ – پَوَنڪارَ – پَوَنڪاٽ. ڪويل پکيءَ جي ڪُوڪ.

• **كَهِكِيْ جاگِيْرَ:** اسر خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كَهَكِلَ ج كَهَكِلُوْنْ:** ث. جاءِ جي چِت کي هنيل گارو. مِٽيءَ جي لِٽَ.

• **كَهَلَ ج كَهَلُوْنْ:** ث. صفت. ڏَيا – رَحمُ – قِياسُ – ٻاجهَ – ليهَ – سيڪ – چڪي.

• **كَهْلِجَڻُ (ل – ت):** مصدر. ڪاوڙجڻ – ناراض ٽيڻ – ڏمرجڻ. ڪَهڪاءُ اڇڻ (ت).

• **كَهْلو ج كَهْلا:** ذ. صفت. هيٺو – ضعيف – ڪمزور – ڪهرو. ڪهل وارو – رحم دلُ – ٻاجهارو (ت). نازڪ طَبعُ.

• **كَهْلِيو ج كَهْلِيا:** ذ. صفت. چِڙيل – ناراض. ڪَهْلو.

• **كُهْرَ ج كُهُمُوْنْ (ت):** ث. دشمني – عداوت – خصوميت – ضديت – نِفاق.

• **كُهَمَكَ ج كُهَمَكُوْنْ:** ث. (ف). اُبهرائي – تڪڙ – وٽ پڪڙ

– تاهوت – آتروبلا – کاهہ – جُلهہ – رومڑ – حَملو (ل). زبردستي (ل). مدد – مَددِيْ لشکر – کُمَکُ.

• **کھنانگ:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پسارکو وکر (ڳوڙهن ۾ هڏل پڙو جنهن کي ماکيءَ ۾ گڏي اکين ۾ ڏنڊ ۽ قُلي لاءِ پائجي).

• **کُھَنْگَ ج کُھَنْگَ:** ذ. ڏينڊ جي پکيءَ جو هڪ قسم (رنگ نيرو چهنب ۽ اک ڳاڙهي (ت). سهٽو پکي. (اصطلاح طور) سهٽو محبوب.

– **کُھَنْگ جَوانُ:** ذ. صفت. ڏکهي ڳچيءَ وارو قداور سهٽو جوان – اڙهنگ جُوان.

• **کُھْنو ج کُھْنا:** ذ. صفت. (ف. کُهنہ = پُراڻو) جهونو – پراڻو – قديم – آڳاتو – ڪُراڙو – پير مرد. پُٹو – زبون. ديگ جي دم جو ڪپڙو (ت).

– **کُھْنائِيْ ج کُھْنائِيُوْنْ:** ث. جهونائي – پُراڻائي – پيري – ٻڍاپڻ.

– **کُھْنِيْ ج کُھْنِيُوْنْ:** ث. پراڻي – جهوني.

• **کَھَڙ (ل):** ذ. اُٺ جي بيماريءَ جو هڪ قسم – اُٺ کي ڪنڊ ۾ ٽيل ڳنڍيو يا ڳوڙهو.

• **کَھَڻُ:** مصدر. (پرا. کَھَيا. سن. کَنِيَہ > کٹ = چوڻ). چوڻ – هولڻ – آکڻ – ڪُچڻ – هڏائڻ – بيان ڪرڻ – ڳالهائڻ – تقرير ڪرڻ – اُتڻ – آواز ڪيڻ – چانگارڻ – نصيحت ڪرڻ – هدايت ڪرڻ. تنبيهہ ڪرڻ – نياپو ڏيڻ – سنهيو ڏيڻ. تڪليف ۽ محنت سان ڏکهو پنڌ پورو ڪرڻ. ڏکيو سفر ڪرڻ – وڏو پنڌ ڪرڻ. ڳَهَڻُ – ڪشالو ڪيڻ – هَجَڻُ – جفاڪشي ڪرڻ. روانو ٽيڻ – اُسهڻ (ت). (ڪَهيو – ڪهندو – ڪَهيَلُ).

– **کَھَڻِيْ ج کَھَڻِيُوْنْ:** ث. (سن. کتن). وائي – چوٽي – سُخن – ڪلام – ڪهت – ڳالهہ – زباني – گفتار – ڪهڻي ڪهي سيکي رهڻي رهي نہ ڪو.

• **کُھِڙ ج کُھِڙِيُوْنْ (ک):** ث. ڪمند جي چيڇڙي جو هڪ عضوو.

• **کُھَڙ:** مصدر. (ف. کُشْتَن = کُھَڙُ. سن. کَتّ = کُھَڙ). ڪنڊ تي ڪاتي وهائي ساهہ ڪيڻ – ذبح ڪرڻ – مارڻ – خون ڪرڻ – وَڏُ – ڪاٽڻ – ڪَٽڻ – ڪَپڻ – پائڻ – حلال ڪرڻ – (حلال جانور کي) سِيرَ وجهڻ – تڪبير وجهڻ. (ڪُٹو – ڪُهندو – ڪُنل).

• **کَھَڙو ج کَھَڙا:** ذ. (سن. کَٹِک = کَٹَکَ). وڏي داڻي واري ڪٽڪ جو هڪ قسم – ٽلهي داڻي واري ڪٽڪ.

• **کَھُڙ ج کَھا (ل):** ذ. نندڙو ٻچڙو – ڪلهو – پٻو. ٻهر جي وڏ جي پهرئين هوڙ ۾ بيئل سنهڙا پَلڙا. وٺ ڏنل ۽ اڇڙي وغير سان صاف ڪيل سُٽ (ل).

• **کُھُو:** ذ. هڪ تمام سخت ۽ مضبوط ڪاٺيءَ وارو جابلو وڻ (جنهن مان لٹيون ٽين، پَنُ ورينگ، ۽ سِنْهارَ جهڙا، گل لونگ جهڙا، منجهائنس قٽيون ٺهن).

– **کَھُوَ کَپَڻُ:** کو ڏکيو ڪم سرانجام ڏيڻ – مشڪل حل ڪرڻ – دُشوار ڪم پورو ڪرڻ.

– **کَھُو گَنْجَرُ:** ذ. پکل يا رڌل گجر.

• **کَھُوْ ج کَھا:** ذ. ضمير. ڪهڙو – ڪير. ڪهڙي قسم جو.

• **کُھُوْ ج کُھا (ک):** ذ. طعنو – مهٽو – ڏوراپو – عَتابُ – ويڑ. عيب – گهٽتائي – سقَمُ – وڏَ – لاڇجهائي.

• **کُھا ڏِيڻُ:** طعنا ڏيڻ – مهٽا ڏيڻ. عَيب ڪيڻ – نندڻ.

• **کُھُو:** صفت. وقت کان اڳ مئل ٻار جو جمڻ.

• **کُھو ٽِيڻ:** پيٽ واري عورت جو ٻار ڪچو ٽيڻ.

– **کَھُوتَ ج کَھُوتُوْنْ:** ث. ڏگهو بيان – ڪَهتَ – ڪهاوَتَ – ڏگهو داستان – ڏگهي وارتا.

• **کَھولُ ج کَھولُ (ک):** ذ. قبيلو. گهٽا ٻار – وڏي آکهہ – وڏو ڪُتنب – جهجهي سا گهر – تَبَرُ – اولاد. ڪَچِڪولُ.

• **کَھُوْنْ ج کَھُوْنْ (ک):** ث. اڳڻ – ناڑو – ڪمربند.

• **کُھُوْنْ ج کُھانْ:** ذ. آوي کي باهہ ڏيڻ وقت ڏکڻ جي لاءِ متي جو پکل گول چکرو.

• **کَھِيْ ج کَھِيُوْنْ:** ث. بوٽ هڏڻ لاءِ ڏاڪو – ڪشو – تَسمو – ڏاڪو. هڏڻ لاءِ ڏاڪو يا ڏور – ڪپڑي ۽ سڳي سان وٽيل وٽ – ڪنهين – ڪورَ – قِيٽ. سٽڻ ۾ وجهڻ لاءِ اڳڻ – ناڑو – ڪمربند. ۲. ٻهرن جهڙو وڻ جيڪو هيٺان زمين کان لامون لامون ٽي ايري، ٻُوڙي، مثل نِسري (اڪثر نين جي پيٽ ۾ "وڏا وڻ وٺڪارجا، جت کهيون ڪاندبرا".

– **کَھِيْ ناهِڻُ (ت):** لَڪڻ وغيره ۾ هٿ وجهڻ يا ٽنگڻ لاءِ ڇَڄ جو ڏاڪو وجهڻ.

– **کَھِيُوْنْ وجهڻُ:** لغڙ کي ٽُنگ يا سوراخ ڪيي ڏاڪا هڏڻ – تَرازا وجهڻ. بوٽ کي تَسما وجهڻ.

• **کُھِيْ ج کُھِيُوْنْ:** ث. 'کُهيلو' پکيءَ جو مونٽ – باز – شڪرو – شاهين.

• **گَهِيا:** اسر خاص. کاري جي ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو.
• **گَهِيرُ:** ظرف. ڪنهن ويرَ – ڪيڏيءَ مهل – ڪهڙي وقت. (اسر خاص). هڪ لَڪَ جو نالو (ڪ). هڪ قسم جو جبل جو وڻ، جنهن جا هير ماڻهو کائين. (اسر خاص) بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **گهيريُ ج گَهِيرِي:** ذ. فاقير گهر. وڻ جو هڪ قسم (جنهن جو چوڏو رَنگاوت جيَ ڪم اچي.
• **گَهِيرُ ج گَهِيرا:** ذ. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (دواسازيءَ ۾ ڪم ايندڙ). ٻيرن جهڙا ڪتا يا ميڻا ڳاڙها داڻا جهليندڙ وڻ جو هڪ قسم.
• **گُهيلوُ ج گُهيلا:** ذ. شڪاري پکيءَ جو هڪ قسم – بحري باز جو نر (بحري کان قد ۾ ننڍو، پاڻ شڪار نه ڪري، پر سندس مادي (بحري) کيس شڪار ڪري ڏئي). (ت).
• **گَهِينْ:** ظرف. (پرا. گَهِين وي. سن. گَهِين ب) کهڙي هنڌ – ڪنهن هنڌ – ڪٽي. ڪنهن نه ڪنهن هنڌ – ڪٽي نه ڪٽي.
• **گهِينْ:** ڪنهن طرح.
• **گَهِيٽِي ج گهيٽِيُونْ (ت):** ث. ڪهاڻي.
• **گَهِيو ج گَهِيا:** ذ. پيغام – سنيهو – نياپو (ڪ). ريهه ڏيڻ لاءِ ڪُهَ ايندڙ لوهه جي ڪريٽي (ٽ): هڪ خوبصورت پکي – مورُ – طائوسُ (ت).
• **گَهُ ج گَهُ:** ذ. ڀَؤ – ڊَڄ – خوفُ – ڊپُ – ڊيڄو – خطرو. ڪُهُ – گَهُ – چهُ.
• **گُهَا:** ذ. ٻانهن جو تلهو گوشت وارو ٽڪر – ڏَوَنرو.
• **گُهَارائِي ج گُهَارائِيُونْ:** ث. ڪُنوارائي – ڪُنوارپو – ڪُنوارٽو – ڪُنوارپائي.
– **گُهَارپَائِي ج گُهَارپائِيُونْ:** ث. ڪُنوارائي – ڪُنوارپائي – ڪُنوآرپو.
– **گُهَارپٽُو ج گُهَارپٽا:** ذ. ڪُنوارپائي – ڪُنوارپو – ڪُنوارائي.
– **گُهَارَپو ج گُهَارپَا:** ذ. ڪُنوارپو – ڪُنوارپائي.
• **گُهَاڙ ج گُهَاڙَ:** ذ. (سن. ڪَپالَ = پيشانيُ). ڪِهاڙِي – ڪِياڙِي.
• **گُهَاڙِي ج گُهَاڙِيُونْ:** ث. (سن. ڪوڪاڪا = ڳچيءَ جو بهريون پاڳو). مغز جي پُٽ ـ متي جو پويون پاڳو – ڪِياڙِي – ڪَنڊُ.
– **گُهَاڙِيانْ:** ظرف. ڪياڙِيءَ ڪان ونِي يا ڪياڙِيءَ جي وارن ڪان ونِي.
• **گُهَاسو ج گُهَاسا (ت):** ذ. وڏي داڻي واري ٻاجهريءَ جو هڪ قسم.
• **گُهَانْ:** ظرف. ڪِهَان – ڪِهَانْهُونْ – ڪِهَانهين – ڪِيان (ت). ڪهڙيءَ طرح – ڪهڙيءَ ريت. ڪنهن وٽان – ڪنهن ڪان (ڪ).
– **گُهَائِي:** حرف جر. ڪنهن جو (پُڻ).
– **گُهَاهِ:** ظرف. ڪِهَان؟ ـ ڪِهَانْ؟ ـ ڪِهَاهون – ڪِهَاهين؟ ـ ڪهڙي هنڌان؟.
• **گُهَٽ:** ذ. حَدَ – انداز – ڪاٽو – سنڌو – چيڙو. بي شڪ – بنا شبهي جي.
• **گُهَٽائتو:** ذ. بنا شڪ جي – بلاشڪ – بيشڪ.
• **گُهَٽُونْ:** ذ. ڪاري رنگ جي پَٽي – ڪاري رنگ جي پامڪ – ڪارو بَنْدُ.
• **گُهَٽُجَڻ (ت):** مصدر. ٽورو گهٽ ٽيڻ – ڪسو ٽيڻ – پوٽو ٽيڻ – ڪُهُ ڪائڻ.
• **گُهَكانُ ج گُهِكانَ:** ذ. ڪَيكانُ – جنگي گهوڙو.
• **گُهَلاسُ:** اسر خاص. هماليه جبل جي هڪ چوٽيءَ جو نالو – ڪيلاس پربت.
• **گُهَلِي ج گُهَلِيُونْ:** ث. (سن. ڪِيٽَ = ڪِينْهُونْ. ف. مورڇ). نندڙي جيت جو هڪ قسم – ماڪوڙي – ڪِيلي – ڪولي – ڪيڙِيُ.
• **گُهَنْ:** طرف. ڪيئن؟ ـ ڪهڙي طرح؟ ـ ڪهڙي نموني؟ ڪهڙي ريت – ڪهڙيءَ پَر.
• **گُهَنْلِي ج گُهَنْلِيُونْ:** ث. (سن. ڪَنلي = مالها) جُدا جُدا قسمن جي ٻجن مان ناهيل هار – ڳچيءَ ۾ پائڻ جي مالها – ڪَنْدِيُ – ڪَنْدِلو – مالها – تسبيح – ڪنٺ مالا. ڪنلو. طوطي جي ڳچيءَ وارو پَٽو.
• **گُهَنْچِي ج گُهَنْچِيُونْ:** ث. (سن. ڪَرتَني = ڪترڻي). ڪپڙي وغيره ڪترڻ جو اوزار – ڪترڻي – ڪَتر – ڪاتر. منڊيئڙي وانگر ٻڌل ٻه ڪانيون (جن تي انگاس يا ڏولي وغيره رکجي). (اسر خاص). تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه جو نالو. ٻگهلي قسم هڪ پَکيُ.
• **گُهَنْچِي جاگِيرَ:** اسر خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **گُهَنْجَلُ:** ذ. هيڊي رنگ جو ڏاتو – طِلا – ڪنجن – سونُ.
• **گُهَنْچَنُ:** ز. (سن. ڪانچن = سونُ) سون – طِلا – ڪنجن –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُنْجَلُ. ناٽو – مايا – دَنُ. اشرفي – گنيُ.

• **ڪُنَرو ج ڪُنَرا:** ذ. صفت. نرم – نازڪ – پتلو – سُوڪيمر – پٽڙو. (ث. ڪُنَرِيُ ج ڪُنَرِيُون).

• **ڪُنْسَرُ:** ث. (سن. ڪيْسَرَ = ڪَسَرَ) هيڏي رنگ تي خوشبوءَ دار هڪ پسارڪو وڪر (اڪثر چاشني ٺاهڻ جي ڪم اچي) – ڪَسَر.

– **ڪُنْسَرِيُ:** ڪَنْسَر وارو – زردي وارو – ڪَسَرِيُ.

• **ڪُنْسَرِيو:** ذ. ڪيسر جي رنگ جھڙو. گھوڙي جي رنگ جو هڪ قسم.

• **ڪُنْڪاتُ ج ڪُنْڪاتَ (ل):** ذ. ڪُتي ڪي ڏڪ لڳڻ تي ايذاءَ ڪان ڪيل آواز – ڪيڪرَاٽ – ڪنُون ڪنُوْنْ – يَوْنْ يوْنْ.

• **ڪُئو:** ذ. ڊَپ – خوف – هِراس – پَوءَ – خطرو. ڇِرڪ – ٽاهَ – ٽاڪوڙو. ڪَئُ.

• **ڪُئوْ ج ڪُئا:** ذ. ڪُوئو – ڇُوئو. گھر ڏٽي – ڇُوهو – موشُ. (ث. ڪُئِيُ ج ڪُئِيُون).

– **ڪُئاڪِر ج ڪُئاڪِرُوْنْ:** ث. ڪُئن جي ہِرن مان ڪڍيل منِي.

– **ڪُئاڪِيرَ ج ڪُئاڪِيرُوْنْ:** ث. ڪُئي جي ہر مان نڪتل مِنِيُ – ڪُئاڪو.

– **ڪُئامارَ ج ڪُئامارُوْنْ:** ث. ڪُئن ڦاسائن لاءِ لوهه جو ڇاريدار پيچرو.

– **ڪُئامارُ ج ڪُئامار:** ذ. ڪُئامارندڙ پکيءَ جو هڪ قسم.

– **ڪُئي جي ہِرَ ۾ آڻڻ:** سيکا ڳالهه مڃڻ لاءِ مجبور ڪرڻ – رد قد ڏيئي ڳالهه جو اقرار ڪرائڻ.

• **ڪُئُو (ت):** ذ. هوشُ. ڪُبُ.

• **ڪُئوريجا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو – ڪئونريجا. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪُئوڙو مَهِر:** اسر خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڪَئُونْتَ ج ڪَئُونْتَ:** ذ. صفت. ڪَوُنْتَلُ – اَوْلاٽو. "جن تي ڪَوُنْتَ ڪَڏائيا تازي تيز تُفنگ" (حمل).

• **ڪَئُونْرو ج ڪَئُونْرا:** ذ. ڪَونْرو – بدلو – ڏنڊي سان لوٽو. ڪُوزو.

• **ڪئُونْريجا:** اسر خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪُئِيْ ج ڪُئِيُوْنْ:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **ڪئيٽ:** ث. درياءَ جي ڇونڪ جي اڌ ۾ سيخن ڪي مضبوط جھلڻ لاءِ ڪاني – مُنديو.

• **ڪُئِيسَرُ ج ڪئِيسَرُوْنْ:** ث. مينهن – برسات – بارش – باران.

• **ڪُئِيلو ج ڪُئِيلاَ (ت):** ذ. نئون جاول اُٽ – گـوَنرو.

• **ڪَئِيْنْ:** ظرف. (سن. ڪيٽ. پرا. ڪيتءَ). ڪيئي – ڪيترائي – اِلاهي – جھجھائي – گھٽائي – بيشمار – انيڪ – لاتعداد – هيڪاندا – بي انداز.

• **ڪي (ج):** صفت. ضمير. ذ. ڪو جو جمع – ڪُجھ – ڪُجُ – انداز.

– **ڪِيْ ث.** ذرو – ٿورو – پرزو – لِڪَ – رَتي – هَوَ – پچڪرو – لغار – ڪي ٿورا – ڪُڇ – ڪوئي – قدري – اَلبت – ڪي قدر. (حرف جملو). يا – هي حالت ۾. اسر. ڪيل ڪر يا ڳالهه – ڪَئِي.

– **ڪِي مينهاٽو ڪِي ريجاٽو اچڻ:** گھٽن پاسن کان اُپٽ ٽيڻ – ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان اُپٽ ٽيڻ.

• **ڪِيارُ ج ڪِيارَ (ت):** ذ. ڳڇيءَ جو پنيون حصو – سَرِيُلندي – ڪِيارَڙي.

– **ڪِيارَڙِيْ ج ڪِيارَڙِيُوْنْ:** ث. بدن جو هڪ عضوو – ڳڇيءَ جو پنيون حصو – ڪنڌ جو پويون حصو – مٽي جي پُٽ ـ ڪِيارُ (ث). هُرلي. ائٽ يا نار ۾ مڪڙي کي پويان لڳل ڇپر. "ڪِيارَڙي ڏيج نہ ڪانڌ تون. تنهنجين نٽين نينهن نياس". (يوسف).

– **ڪِيارِيْ پَرْ ڪَرَنْ:** قهر جا ڏڪ اچڻ – عرش تان فرش تي ڪرڻ – تمام سخت نقصان پوڻ.

– **ڪِيارِيْ قِيرائي وَجَنْ:** رُکو جواب ڏيڻ – بلڪل انڪار ڪرڻ – ٻڌو اُٽ ٻڌو ڪري ڇڏڻ – ڪَنُ لاتار ڪري وڄڻ – منهن قِيرائي وڄڻ.

– **ڪِيارِيْ ڪَنهائِنْ:** ڏڪ ڏيڻ – ضرب رسائڻ – نقصان پهچائڻ – ٽوٽو رسائڻ.

– **ڪِيارِيْ ڪَنهَنْ:** ڪنهن ڳالهه ۾ منجهي پوڻ – وائڙو ٽيڻ.

– **ڪِيارِيءِ وارو هَتُ ڏِيَنْ:** ڪجهه بہ نہ ڏيڻ – خالي موٽائڻ – ٽلهو روانو ڪرڻ.

• **ڪِيانْ:** ظرف. (سن. ڪُوَ = ڪِتان – ڪهڙي هنڌ کان – ڪهڙيءَ جاءِ تان.

• **ڪِيانْرُوْ ج ڪِيانْرا:** ذ. ڪِيئين وارو – ڪيڙي لڳل.

• **ڪَيائِ:** ڪرڻ مان زمان ماضي – توڪيا – ڪيائين.

• **ڪِيبارُوْ ج ڪِيبارا:** ذ. دَرُ – دروازو – لنگھ – ٻَٽيو – ڪواڙ. پردو – پڙدو – پوش – پناه ـ دولابُ – دغا – ٺڳي – چَلُ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فريب – ويساھ گھاتي – ترڪت – گھاتُ – ڪپت – ڪوٽ.

• **ڪيڏيڙ ج ڪيڏيڑُن:** ث. خنجر – ڪٽاريُ – ڪٽارُ.

• **ڪيبيُ ج ڪيبيُون (ت):** ث. پتل جي ڏوئي – ڪيويُ. لوھ يا جست جي ڪٽچي – تئي – ڪٽاھي.

• **ڪيھارڙُ ج ڪيھارڙا:** ذ. دَرُ – دروازو. ڪوٽ.

• **ڪيھائڙُ:** پري پيڇ – تارو ڪرڻ. ڍڇ (ڪنھن کان). عاجزي ڪرڻ. ڪُرڪَڻ – ڏرمائڻ – جھُڪڻ – جھُڪ جھُڪ ڪرڻ. (ڪيھائيو – ڪيھائيندو – ڪيھائيل).

• **ڪيھَسُ ج ڪيھَسَ:** ذ. پسارڪي وکر جو ھڪ قسم.

• **ڪيھَڙ (ت):** ث. حد کان وڌيڪ – زياده ـ تمام گھٽو – بي انت – بي شمار.

• **ڪيڙُ ج ڪيڙَ:** ذ. (ع. قَيدُ = پابندي) پکي – پَڪَ – خاطري – لاشڪ – بيشڪ – نسڇي – يقين – تصديق. شَڪُ – اِمڪان – خيال – گمان – وھَمُ – انديشو. ڪَٽُ – قاعدو – قانون – قاعدي جو ٻنڌاڻُ. مقرر محصول – ٽئڪس.

• **ڪيڙائتو ج ڪيڙائتا:** ذ. صفت. خاطري وارو – پڪو – مُحڪمُ – يقين وارو. پورو – سنئون – سڌو – قاعدي ٻڌو – ڪَٽ ٻڌو – ٺھرايل – نيَمائتو – باقاعدي – باترتيب – سجلاٽتو – سٽائتو – اِسْلُوب دارُ – نيتائتو – ڪَٽائتو.

• **ڪيڙاڻُ:** ذ. اِسر. (سن. ڪنڍا). سٽيءَ مان ٺھيل ڳوٽيءَ کان ڪي قَدرُ پَتلو ڪپڙو جو فرش وغيره صاف ڪرڻ جي ڪر آڇي.

• **ڪيترو ج ڪيترا:** ذ. (سن. ڪَتيْ: = ڪيترو. سن. ڪتيَرَ = ڪيترو). انداز وغيره پڇڻ لاءِ سُوالِيه اکر – گھٽو؟ ـ ڪيترو انداز؟ ـ ڪتو؟ ـ ڪُپَل؟ ـ ڪَجَ؟.

– **ڪيترو سارو:** ظرف. گھٽي انداز ۾؟ ـ گھٽئي – ڪُپل جيترو – سَرسُ – وڌيڪ – ٻَھُوڻ – جھجھو – زياده.

• **ڪيتري وڻھينڙ سو ھُئڻُ:** ٺيڪ معلومات حاصل ٿيڻ – سچي خبر پوڻ – حقيقت جي پروڙ پوڻ.

• **ڪيتڪُ ج ڪيتڪَ:** ذ. گل جو ھڪ قسم.

• **ڪيتڪي ج ڪيتڪيُون:** ث. (سن. ڪيتڪھ). ٻوٽي جو ھڪ قسم. گل جو ھڪ قسم.

• **ڪيڻو ج ڪيڻا:** ذ. ڪيل ڪر – اعمال – افعال – ارڪان – ڪرتوت. بچڑي ڪر جو نتيجو – عيوضو – بدلو – سزا.

• **ڪيڻو پائڻُ:** ڪيڻو لوڙڻُ.

– **ڪيڻو لوڙڻُ:** ڪيل ڪر جو نتيجو پوڳڻ – عيوض ڏيڻ – سزا پوڳڻ – ڪيتو پائڻ – ڪيل اعمالن جو بدلو ملڻ – ڪيو آڏو ڦرڻ – عذاب کائڻ – گناھ جو بدلو ڏيڻ – ڪَرتُوتَ آڏا اچڻ.

• **ڪيتُو ج ڪيتُو:** ذ. نشاني – نشان – اھڃاڻ. جھنڊو. ھڪ راس جو نالو. پڇڙ تارو.

• **ڪَيْتُون ج ڪَيْتُونَ:** ذ. (پَتّ يا زريءَ جِي). ڪناري – ڌار – وٽ – پٽي – قِيتَ – جھالَر – ڪپڑي تي ڏيڪ لاءِ رکيل پَٽيءَ جو ھڪ قسم.

• **ڪيْتي:** حرف جر. کاڻ – واسطي – لاءِ ـ جي ڪري.

• **ڪيْتَ ج ڪيْتُونْ (ت):** ث. جانورن جي پڇ وغيره تي لڏندڙ پشر.

• **ڪيْتُ ج ڪيْتَ:** ذ. (سن. ڪيْتُ = ڪيْنئون). نندڙي جيت جو ھڪ قسم – ڪيڙو – ڪيڻُون. ديرسان ڇاول نندو جانور.

• **ڪيڪ ج ڪيتَ:** ذ. ٻيڙي يا جھاز کي قيرائڻ لاءِ پاڇيل تي لڳل کاٽ وغيره جا تختا. (سن ڪَشيتَر = ٻَنِيْ). ڪيڪ – پوڪ – ٻَني.

• **ڪيْتَ جاڳيڙ:** اسر خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **ڪيتو ج ڪيْتا (ڪ):** ذ. نندڙي جيت جو ھڪ قسم – ڪينئُون – چڇڙ. اُپن ۽ نندن ڪنن وارو (ڪُتو يا ٻڪر) (ت). سڌن ڪنن سان ڪُتو (ت).

• **ڪيتواڙي:** اسر خاص. ڪيچ ۾ رھندڙ بلوچن جي ھڪ قبيلي جو نالو.

• **ڪيڙِي ج ڪيڙِيُونْ:** ث. درياھ لڳ يا چوڑ وٽ پاڻيءَ جي وچ ۾ زمين جي رھيل آبادي ۽ وارو وڏو حصو – دريا جي وچ ۾ ڇڏيل پيٽ – دو آبو – (انگ) ڊيلتا. وڏي ٻيلاڻي – ٻيلي جو ٽڪر. زنجير (ت). (اسر خاص). ڪنڍ ڪوٽ. ڪپري ۽ ھالا تعلقن ۾ ديھ جو نالو.

• **ڪيڙِي اَبوبَڪر:** اسر خاص. نوشھري تعلقي ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **ڪيڙِي بَڙِيْ:** ٽڊ بَڙي ٻڪريءَ جو ھڪ قسم – اَصيل بَڙي ٻڪري.

• **ڪيڙِي بَڻْدَر:** اسر خاص. تعلقي گھوڙا ھاري محال ڪيڙيءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **ڪيڙِي ٽَڪرو:** اسر خاص. تعلقي گھوڙا ھاري محال ڪيڙيءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **كيٽي پانڊي:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كيٽي پيرُ عَلي بَخشُ:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا هاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كيٽي چوكا:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا هاري محال كيٽيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كيٽي حَسَن شاهُ:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كيٽي قُطبَ شاهه:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا هاريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كيٽي مَوالي:** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كيٽي نَئِينْ:** اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كيٽي هاشرُ:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا هاري مهال كيٽيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **كيٽُ ج كيٽَ (ت):** ذ. پَڪائي كندڙ – پَڪو – كَنجُوسُ – مَرجوتُ – مُٺ پيڙ – سوسو.
• **كيٽائي ج كيٽائِيُ (ت):** ذ. پاٽيءَ جي نندي پكيءَ جو هڪ قسم – كيٽائي – كپٽائي.
• **كيپارُ ج كيپارا:** ذ. بدزن – بدنيت – بي ايمان – دل جو پليت. "سمجهي ڏس سامي چوي، ڪَڍي كيپارو".
• **كيپراٽي ج كيپراٽِيُونْ:** ث. (سن. ڪَپالَ = كاپارُ > ف. دار). بدن جو هڪ عضوو – مغز جو هڏن وارو كوپو – كوپري – كيپراٽي.
• **كيپرو ج كيپرا:** ذ. درد سر.
• **كيڇ:** ذ. گهٽو – زياده ـ بيحد – بيشمار – بسيار – جهجهو – بي انت – بي انداز.
– **كيڇ ٽيڙُ:** وڏي پوٽ – گهڻ ٽيڙ. ڪشادو ٽيڙ – ويڪرو ٽيڙ – چوڙو ٽيڙ – وسيع ٽيڙ. وڏو ٽيڙ.
– **كيڇَر (ل):** ث. گهڻ – گهٽائي – زيادتي – جهجهائي.
– **كيڇرُ ج كيڇرَ:** ذ. كيڇ كندڙ.
• **كيڇ:** اسم خاص. بلوچستان جي هڪ مشهور ضلعي ۽ شهر جو نالو – پُنهونءَ جو ڳوٺ.
– **كيڇائِيُ:** ذ. صفت. كيڇ ملڪ جو رهاڪو – كيڇي.
– **كيڇيُ:** ذ. صفت. كيڇ ملڪ جو رهواسي – كيڇائي.

طريقت جو ڄاڻو – عارف. پانڇ جو ڏڳهو. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.
• **كَيْڇَلُ ج كَيْڇَلَ:** ذ. كاڇ جو اسم تصغير – كَڇ – شيشو – كانڇ. "كَيْڇَلَ ڇاڙهي چوڙ، ڇڏيم آرعاج جو" (خان زئي).
• **كيدارُ:** اسم خاص. ديڪ راڳ جي هڪ راڳٽيءَ جو نالو.
• **كيدارُ ج كيدارا:** ذ. (ع. كَيْد = مكر. فريب > ف. جنگ – لڙائي > سن. كيد + وارو = كيدارو). جنگ – كيدارو – لڙائي – معركو. جهيڙو. قتل عام. ماتم. (اسم خاص). هڪ سُر يا راڳٽيءَ جو نالو – جنگ جو سُر – درد پريو راڳ – كيدارو.
• **كيڏانْ:** ظرف. كيڏهان – كيڏانهن.
• **كيڏانهُنْ:** ظرف. كاڏي – كٽي – كهڙي پاسي – كيڏانهون – كيڏانئين – كيڏانئون – كيڏنهون – كيڏهن – كيڏنئون – كيڏنئن – كيڏنهين – كِڏنئين – كيڏي – كهڙي طرف – كهڙي ڏِس – كنهن وٽ – كيڏهان.
– **كيڏانهُوْنْ:** ظرف. كيڏانهن.
– **كيڏانهِينْ:** ظرف. كيڏانهن.
– **كيڏانئون:** ظرف. كيڏانهن.
– **كيڏانئينْ:** ظرف. كيڏانهن.
– **كيڏَنْهُنْ:** ظرف. كيڏانهن.
– **كيڏَنْهِينْ:** ظرف. كيڏانهن.
– **كيڏِهانْ:** ظرف. كيڏانهن.
– **كيڏهون:** ظرف. كيڏهن – كيڏانهن – كِتان – كِٽي.
– **كيڏَهِينْ:** ظرف. كيڏانهن.
– **كيڏي:** ظرف. – كيڏانهن.
• **كيڏو ج كيڏا:** ذ. صفت. كنهن جيڏو – كنهن جيترو – كيترو وڏو – كيترو.
– **كيڏاڙو ج كيڏاڙا:** ذ. "كيڏو" جو اسم تصغير. كيترو نندڙو. كيڏو. نندو – چوٽو.
– **كيڏو سارو ج كيڏاسارا:** ذ. كيترو – كيترو ڏڳهو – كيڏو وڏو – كيترو وڏيڪ – كيترو گهٽو.
• **كير:** ث. كنهن شيءِ جا ذرا ذرا – ٽڪر ٽڪر – پَورُ. جيئن ته "كوئا كير كوئن جي كاڌل كپه وغيره". پيٽ جي چوٽي.
• **كيرُ ج كيرَ:** ذ. كرڙ جو وڻ. كرڙ جو پكل قَر – پَكا. كرڙ جو قَرُ – ڏَونرا. پاڇيءَ جو هڪ قسم – ڏونرن جي پاڇي. منگر

مڇيءَ جو هڪ قسم. (سن. ڪِيد رش: پرا. ڪيرس). (ضمير). ڪِهڙو.

كيڑُ ج كيڑَ: ذ. (سن. ڪيڙُ = وڏو ڪوڪو). لوهَ جي ڪِلي – ڪِلُ – ميخ – وڏو ڪوڪو – ڪِلو – ڪيڙُ. برڇي – بٽڇي. ونئرو – ٻَندي. جَنڊُ جي هيٺئين پڙُ ۾ پيَلُ لوهه جي ميخَ. جنهن ۾ متئين پڙُ جي مَكڙِيُ وجهجي.

كيڑاڳُ ج كيڑاڳَ (ڪ): ذ. هڪرين جو گهٽو ميڙ يا ڏڻ – هڪرين جو وَلَرُ.

كيڑانڊيُ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

كيڑائيُ: اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو – باردُوراني. (تي پاڙا: (۱) آفريدي (۲) احمد خيل (۳) خٽڪ).

كيرائڻُ: مصدر. هيٺ ڪرڻ – اُڇلڻ – قينڪڻُ – ڪيرڻ – قَتو ڪرڻ – ڌاهڻ – اُڇل ڏيڻ –زمين تي ليٽائڻ – پڇي هيٺ ڪرڻ – ڏڪو ڏيڻ – دَسڻُ – اُڇلائڻ – ڌارڻ (ڪيرائيو – ڪيرائيندو – ڪيرائيَلُ).

كيڑَتَ ج كيڑَتُونْ: ث. گَالهه – وارتا – حڪايت – ڪهاڻي – روايَت.

كيڑَتُونْ ڪَرڻُ: زاريون ڪرڻ – عاجزيون ڪرڻ – نيزاريون ڪرڻ – راڳ رستي احوال عرض بيان ڪرڻ يا عاجزي ڪرڻ.

كيڑَتَنْ: ذ. (سن. ڪيڙَتَنُ = عبادت). سويل صبح جو اُٺي ڪيل بندگي – عبادت – پڄتي. قصو –ڏکهي گَالهه – پتاڙَ – دستانُ. گَائڻ ۾ ڏٽيءَ جي ڪيل ساراه ـ گَائڻ – پرايا پِتَ ويچارڻ (ساراهه ڪرڻ) تو وري ڪهڙا ڪيرتن ڪيديا آهن."

كيرتي ج كيرَتيْ: ذ. صفت. (سن. ڪيڙت = تعريف). ساراهه – جَس – واکاڻ. ڪيرت ڪندڙ – عبادت يا نياز ڪندڙ – راڳ گَائيندڙ – گَالهيرِ – گويو – يانُ – يَڻُ.

كيڑَتيو ج كيڑَتيا: ذ. گَائڻو – گَائيندڙ – گَائڪُ – راڳڻو – راڳي –مُطربُ – گَوَيو – قوالُ. نَچندَڙُ – رقاصُ – نچڻو.

كيڑَبَ ج كيڑَبُونْ (ت): ث. قياس – رحم – ٻاجهه – وَڙُ.

كيرڙوْ: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

كيرَڻ: مصدر. ڪيرائڻ – ليٽائڻ – ڌارڻ – اُڇلڻ – قَتو ڪرڻ. (ڪيريو – ڪيريندو – ڪيريَلُ).

كيروْ ج كيرا: ذ. پَر – پاسو – ڪنڊي – ڪَپُ – ڪَپَرَ – ڪِنارو (ت). سنهي مِٽي – پَنجُو. ڪِر – خاڪ – ڏار – ڏڪر – قَلهار – چار – قَلهير – دَرَ – لَتَ. تُهَ – گَندُ – ڪچرو. رائو (ان وغيره ۾). پاٽي ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ ٽانءَ جي تري ۾ رهيل گيرٽ. پوڳڙيءِ جي تئي مان هيٺ ڪريل انَ داڻا. پَتَ تي ڪريل (پلڙا وغيره) – چاٽو. (با غ جو) داغيل يا لڳل ميوو.

– **كيروْ ڪَرڻُ:** (ڪنهن وڻ جو) هور وغيره چاٽي ڇڏڻ – چاڻ ٿيڻ.

- **كيڑوُ ج كيڑوُ (ل):** ذ. دريائي مڇي.
- **كيڑوُ ج كيڑا:** ذ. (سن. ڪيل = ڪِلو) ڪاٺ يا لوهه وغيره جو ڪِلو هيڪلو – اڪيلو – هڪ ڇڻو (ت).

– **كيروقائمُ هَڻَڻُ:** ڪِلا پڪا ڪري کوڙڻ. پيڙهه پڪي هڻڻ – بنياد مضبوط هڻڻ.

- **كيڑَهوْ ج كيڑها:** ذ. ضمير ڪهڙو – ڪيرُ. ڇا – ڪُهاڙو.
- **كيرثي:** اسم خاص. تعلقي مڻيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **كيريْ ج كيريُونْ:** ث. سڙيل اڳرن جي رک – خاڪ – قلهيار – رَڪ – چارَ – قلهير – ڪِر. گهوڙي جي اک يا ماٽڪي يا اچو ٽِڪو. ننديِ ڪچي انبڙَي. انبڙي جي شڪل تي ٺهيل زيور. هٿ جو ٺهيل گل. (ذ. صفت). ضعيف – ڪمزور – نِهَلُ – اپرو – هيڻو – بيڪار – ناڪام – نِڪارو – بيڪارو (ت). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

– **كيريْ كَرڻُ (ت):** شرمسار ٿيڻ – قِڪو ٿيڻ – بدناموسي – سَبب شرمندو ٿيڻ – لَڄي ٿيڻ.

- **كيريْ ج كيريُونْ:** ث. (سن. ڪيلَ = ڪِلو). لوهه وغيره جي ڪِلَي – ڪوڪَو.
- **كيريا:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ قبيلَي جو نالو.
- **كيريوُ ج كيريا (ت):** ذ. ڪرڙ وڻ جو ڪَچو قَلُ – ڏوُنرا.
- **كيڙَ ج كيڙَوْنْ (ت):** ث. جانورن جي بدن تي لڏندڙ پشر وغيره.
- **كيڙُ ج كيڙَ:** ذ. ڪُٽنبُ – قَبيلو – گهراٽو – آکهه – خاندان – نسل – خان مان – ڪُل – آل اولاد. گهر جا – گِيورُ – تَبَرُ.
- **كيڙُ:** ذ" (سن. ڪيڙَ = ڪينئون) ڪيڙو – ڪينئُون – جيٽ. رَتُ پيئندڙ جَورَ. ڪُلي – ڪولي.
- **كيڙڻُ:** مصدر. ڪيڙائڻ – هيرڻ – ڪَر ۾ قابل ڪرڻ – سيکارڻ – سکيا ڏيڻ – ترتيب ڏيڻ – سُڌارڻ. مهميز ڏيڻ – اڙي هڻڻ. (ڪيڙيو – ڪيڙيندو – ڪيڙيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **کيرّ ج کيرّڻ**: ث. سکيا – تربيت.
– **کيرّائي ج کيرّائيون**: ث. سيکارتي (ت).
• **کيرّائڻ**: مصدر. سيکارڻ – کيرّڻ – پڙهائڻ – سکيا ڏيڻ – سمجهائڻ – هدايت ڏيڻ –نصيحت ڏيڻ – هوشيار ڪرڻ – لائق ڪرڻ.
• **کيرّيل ج کيرّيلَ**: ذ. پڙهايل – سيکاريل – سمجهايل.
• **کيرّو ج کيرّا**: خوشبوءِ دار گل جو هڪ قسم.
• **کيڙو ج کيڙا**: ذ. (سن. کيڙ + ڪهه = کينئون. سن. کيڙت = کيئون > ف. ڪرم) جيت – سُرجٹو – کيُون – کينئون – جيتام – جيوڙو – سُرٹو – گڏر. نانگ – بَلا. قرڙي – ڦٽ.
– **کيڙا پاڙ وَجهڻ (ت)**: صفا ناس ٿي وڃڻ – تباهه برباد ٿي وڃڻ – ڇٽ ٿي وڃڻ.
– **کيڙو کيڙو ڪرڻ**: تريءَ تي آگر گهڻي چيڙائڻ.
• **کيڙو کيڙو**: (آواز). تتر تر پکيءَ جي هولي – ٽيڪڙو ٽيڪڙو.
– **کيڙو کيڙو ڪرڻ**: تتر جو هولي ڪرڻ. مٺي هولي هولڻ.
• **کيڙي ج کيڙيون**: ث. کيولي – ماکوڙي – کنُلي.
• **کيس ج کيسَ**: ذ. سن. کيش = وار). وارَ مٿي جا وارَ. وڏا وارَ – جهنڊولا. وارن ڪارن ڪرڻ جو هڪ رنگ – خِضابُ. (انگ). مقدمو – فرياد – دعوا. شرابُ. ڪپڙي وغيره جي رکڻ جي پيٽي يا ٽيلهو.
– **کيسا ڏاري**: وڏن وارن وارو – جهَنڊولو. وارن کي وڏڻ لاءِ چڏي ڏيندڙ ماڻهو.
– **کيس ٻوٽي**: ث. جبل جو هڪ ٻوٽو جو وار ڪارا ڪري.
– **کيس چالان ڪرڻ**: کيس داخل ڪرڻ – مقدمو ڪورٽ ۾ چاڑهڻ – دعويٰ دائر ڪرڻ – فرياد چاڑهڻ.
– **کيس رَکڻ**: وارن کي وڏڻ لاءِ چڏي ڏيڻ – وڏا وار رکائڻ. شُنوائي ڏيڻ – هي دفعي کيس هلائڻ.
– **کيس ڪرڻ**: وارن کي رنگ ڏيئي ڪارو ڪرڻ – کيسُ لائڻ – وارن کي خِضاب هڻڻ. کيسُ چالان ڪرڻ.
– **کيس لائڻ**: کيسُ ڪرڻ – وارن کي ڪارو ڪرڻ.
– **کيسي سَنانُ**: فقط مٺي ڏوئڻ وارو وهنجڻ.
• **کيسُ ج کيسَ**: ذ. خونريزي – رتوچاڻ – خون. قَهرُ – انڌير. ناحق – ظلم. پاپ – ڏوهُ. بد دُعا – پِتَ – پاراتو.
– **کيسُ پوڻ**: پِتَ پوَڻُ – قَهرُ پوَڻُ.

• **کيسَر**: ث. (سن).پسارڪي وکر جو هڪ قسم – زعفران زعفران جي گل جي ٻُونگر. رنگ جو هڪ قسم.
– **کيسَروُ ج کيسَرا (ت)**: ذ. ڪيسرائين رنگ وارو ڪڙ.
– **کيسَري**: ذ. صفت. ڪيسَر جي رنگ جو – زعفراني رنگ تي زعفرانَ جو – پيلو (رنگ ۾) هڏبو – نارنگي – سنڌ جي د. شراب جو هڪ قسم (ڳڙ جي عرق ۾ زعفران مان ناهيَل).
– **کيسريو ج کيسريا (ل)**: ذ. زعفراني رنگ تي شاديءَ ڪپڙو. گهوٽ – وَنو – دولهو. "ڪيسريئي جو لايو ٽيو سج – البيلو لاڏلو آيو".
• **کيسرُ ج کيسَرَ (ت)**: ذ. قيصر. شينهن – شيرُ.
• **کيسُو ج کيسُو**: ذ. وڻ جو هڪ قسم (گل دوا طور ڪم ڪُشادا، ۾ گلُ بَسنتيِ رنگ تي سُهڻا).
• **کيسُوڦُلُ ج کيسُوڦُلَ**: ذ. کيسُو وڻ جا گل – دوا ۾ ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وَکرُ.
• **کيسوالڻي**: اسم خاص. سنڌ جي هندن جي هڪ پاڙي نالو.
• **کيسين**: ظرف. کيتري وقت (تائين) – کيتري م (تائين). کهڙي جاءِ (سوڌو) – کهڙي هنڌ (توڻي). (هن پويان هميشه هيٺين لفظن مان ڪو ايندو تاءِ تونئين – تو – سوڌو وغيره).
• **کيشُ ج کيشَ**: ذ. (ف). وار – جُندولا – جهنڊولا – گيس مذهب – ڏرم – دين – فرقو – پَنڌُ.
• **کَيفُ ج کُيُوفَ**: ذ. (ع). خمار – مَدّ – مَو – نشو (شراب عشق وغيره جو). نندا ڪرائي – نندر (ت).
– **کَيفي ج کَيفِي**: ذ. کيف وارو (واري) کيف ۾ آڻيندڙ.
• **کَيف**: کيئن. فلسفي جي ڏهن مقولات مان هڪ مقو يعني "کيئن" آهي.
• **کيف**: ث. تيل نائڻ لاءِ ٽانءِ.
• **کَيفَر**: ث. (ع). بَديءَ جو نتيجو – بُري ڪم جو عيوضو سزا – کيتو – پاداش.
– **کَيفَر ڪردار**: ذ. (ع). کيتي جي سزا – پاداشِ عمل بچڑائيءَ جو نتيجو – بري ڪم جو بدلو.
• **کَيفِيَتَ ج کَيفِيَتُونْ**: ث. (ع). حقيقت – حالت – ماجرا – رنگ ڍنگ – خبر – صورت حال. ڳالهه – اظهار. روئداد –

-نقشو-ڪَيفيتَ-ماحول. سُڀاءَ-گڻ-وصف-خاصيت.

ڪَيْنبادُ: اسر خاص. عجم جي هڪ-بادشاهه جو نالو.

ڪيڪُ ج ڪيڪ: ذ. (انگ. ٽلهي ماني. Cake). ٽلهي ۽ لذيذ بسڪيٽ جو هڪ قسم.

ڪِيڪَ ج ڪِيڪُونْ: ث. سنهي رَڙِ ـ ڪُوڪَ-ڪيڪارُ-چيڪاٽ. آگَر-گَڏِيُ-ٻِٽي-ٻِٽ.

ڪِيڪَ ڪرڻ: رڙ ڪرڻ-دانهن ڪرڻ. گَڏِيُ هٽڻ-ٻِٽي هٽڻ (ت).

ڪَيْڪانْ ج ڪَيڪان: ذ. (سن) گهوڙو-تيز رفتار گهوڙو.

ڪِيڪانْدَ ج ڪَيْڪانْدَ (ت): ذ. ڪَڪَ-تنگَ-بيزارَ-خَفي-دقَ-هلاڪ-ورڇِيلَ. حيران-پريشانَ-شِشدرَ-ويڇُونْ ويلَ-هَڪو بَڪو.

ڪَيْڪانْدَ ٽِيڻْ: ڪَڪَ ٽِيڻ. ششدر ٽِيڻ-پريشان ٽِيڻ.

ڪِيڪاڻُ ج ڪَيْڪاڻُ (ت): ذ. اُٺ جي سازَ جو هڪ پٽو-تَنگ-ڪَشو.

ڪيڪائُوسُ: اسر خاص. ايران جي بادشاهه جو نالو.

ڪيڪٽ: ڪوڪاٽ-رڙ.

ڪَيْڪٽ سانو ج ڪَيْڪٽ سانا: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم-وڏو گانگٽ-هَڪَرُ.

ڪَيْڪَڻُ: مصدر. ڪيڪون ڪرڻ-دانهون ڪرڻ-چيڪٽ ڪرڻ-چيڪاٽ ڪرڻ-ڪيڪارُاٽ ڪرڻ-ريهون ڪرڻ-واڪا ڪرڻ-رڙڻ-ڦاٽڻ-روئڻ-چين چين ڪرڻ. شور ڪرڻ-گوڙ ڪرڻ-ڏمجر ڪرڻ-مانڊاڻ مچائڻ. (ڪَيْڪيو-ڪيڪندو-ڪَيْڪيَلْ).

ڪَيْڪَ ج ڪَيْڪُونْ: ث. ڪُوڪَ-دانهن-رڙ-ريهَ-ووءَ ـ هوڪَ-ريهاڙ-رَڙِ ـ ڪيڪارُاٽ-چيڪاٽ.

ڪِيڪاٽُ ج ڪَيْڪاٽُ: ذ. تيز سنهو آواز-ڪُوڪ-ڪَيْڪَ-ريهَ. ڪيڪٽ.

ڪَيْڪائڻُ: مصدر. چيڪڻ-چيچاٽ ڪرڻ-چين چين ڪرڻ-ڪيڪارُاٽ ڪرڻ-هوڪَ ڪرڻ-رڙڻ-ريهُونْ ڪرڻ-ريهاڙُ ڪرڻ-دانهون ڪرڻ. (ڪَيْڪائيو-ڪَيْڪائيندو-ڪَيْڪائيَلُ).

ڪَيڪَرُ: ظرف. (ڪي = ڪيئن + ڪُر = ريت). ڪيئن. (بيمار ڪيئن آهي) چو نہ ڪهڙيءَ ريت.

- **ڪِيڪرُ ج ڪِيڪَرَ:** ذ. صفت. ڪيڪون ڪندڙ-دانهون ڪندڙ-ڪُوڪرُ-رڙندڙ-رانيات ڪندڙ.
- **ڪِيڪرات ج ڪِيڪراتُونْ:** ث. دانهن-ريهات-هُوڪَ-رانيات-ڪيڪارُاٽ-ڪَيْڪَ.
- **ڪِيڪراتُونْ ڪَرَڻُ:** ڪيهون ڪرڻ-ريهون ڪرڻ-دانهون ڪرڻ-آنهون ڪرڻ-رانيات ڪرڻ-ڪيڪارُاٽ ڪرڻ-ڪيڪون ڪرڻ.
- **ڪِيڪراٽِي ج ڪِيڪراٽِيُونْ (ل):** ث. سنهي آواز سان رڙ-ڪيڪ-ڪيڪارُاٽ-چيڪاٽ-ڪيڪاٽ.
- **ڪِيڪِيرُ:** ذ. حجامن جي اوزارن مان هڪ اوزار جو نالو.
- **ڪِيْلْ:** اسلم خاص. ٽرپ هڪ پٽ جو نالو.
- **ڪِيلُ ج ڪِيْلْ:** ذ. لوهه جو ٺهيل ڏگهو ڪيرُ-ڪِلُ-ڪِلو-ڪيرو-جنڊ جي سرائي. هوٽي جو هڪ قسم.
- **ڪِيْلاڻِي:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **ڪِيْلَڻُ:** مصدر. (سن. ڪِيل = بند ڪرڻ). ڪوڙائڻ-ڪَپائڻ-ڪِلو هٽڻ-ميخَ هٽڻ. بند ڪرڻ-پِچائڻ-قابو ڪرڻ. اُڪيڙڻ-اُڪيلڻ (ت). (ڪِليو-ڪِيلِيندو-ڪِيلِيل).
- **ڪِيْلْ ج ڪِيْلُونْ:** ث. بَنْد.
- **ڪِيلُوْ ج ڪِيلا:** ذ. (پرا. ڪيلڪي > ڪَيدِيلڪَهَ. سن. ڪَدَلي > ڪَدَل = ڪيوڙو-ڪيلي جي ڦري. ڪيوڙي جي وڻ جو نالو. شربت جو هڪ قسم. اُٺ جي رنگ جو هڪ قسم.
- **ڪِيلَهَنْ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **ڪِيلْي ج ڪِيلِيُونْ:** ث. ننڍڙي جيت جو هڪ قسم-ڪولِي-ڪِئلِي. پاٽيءَ تي پيدا ٿيندڙ هوٽي جو هڪ قسم (ث). جاريا نر جي پَنن مان ناهيل ملر جو هڪ قسم (ل).
- **ڪِيْمَرَ (ت):** ظرف. انڪاري لفظ-نَہ-مَرَ-متان.
- **ڪِيْماگَرَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **ڪِيْماگَرَ ج ڪِيْما گَرَ:** ذ. (ف. ڪِيميا گَرَ = دوائن مان قيمتي شيءِ ناهيندڙ). سون يا چاندي ناهڻ جي دعويُ ڪندڙ-ڪيميا وارو-ڪيمياگَر-رَسايَني.
- **ڪِيْمانْ ج ڪِيْمانُونْ:** ث. هوٽين رستي سون يا چاندي ناهڻ جو رستو يا واٽ جي ڳولا-ڪيميا-جوڙو-ڪِيما-رَسايَنْ. ڪيميسٽري جو عالم.
- **ڪِيْماهُ ج ڪِيْماهَ:** ذ. ڪيمان-ڪِيمانگري-رَسايَنْ

– جوڙو.

• **ڪيمتر ج ڪيمتر (ت):** ذ. ڪنهن به اوزار (ڪپ، تلوار وغيره) تان ڪَسُ يا ڪَٽ لاهي باقي ڇڏيل حصو.

• **ڪيمپ ج ڪيمپون:** ث. (انگ. Camp.) فوج جي رهڻ جو هنڌ – لشڪر جي رهڻ جو اڈو – خيمه گاهُ – لشڪر گاهُ – چانوٽي – معسڪر

• **ڪيمخاب:** ذ. (ف). ڪيمخواب.

• **ڪيمُخت:** ذ. (ف). هڪ جانور جو نالو – پراگو (ڪَل سخت ۽ پرداڙ، رگڙ ڪانپوءِ به نرم نه ٿئي، هندستاني جُتيِنَ جي ڪڙين ۾ لڳي). گڏهه يا گهوڙي جي چمڙ مان ٺاهيل چمڙو. ساغري.

– **ڪيمُخت ساز:** ڪيمخت جي ڪَل رگيندڙ ڪاريگر.

• **ڪيمخواب ج ڪيمخواب:** ذ. (ف). سون يا چاندي جي تارن سان پريل بخملي ڪپڙو – سون يا چاندي جي گلن سان پَرت پريل ريشمي ڪپڙو – زربخت – دَماڄ – شالورَ. بخملي ڪپڙو.

• **ڪيلـوَس:** اِسم. پيٽ ۾ پيَل ڪاڦي جيِ رَس جو اِختيار ڪيل رَٽ جي صورت.

• **ڪَيموس ج ڪَيموس:** ذ. جسم مان پگهر وانگي نڪتل هڪ قسم جو غليظ پاڻي – بدن جي رس – ڪَثموس – مَوادُ – خِلطُ.

• **ڪيميا ج ڪيميائون:** ث. (ع).شين جي ملاوت ان جي نتيجي ۾ اثر جو علم – علم ڪيميا – ڪيمسٽري – هوٽين مان دوائن رستي سونَ يا چاندي ٺاهڻ جو حيلو جوڙو – زرسازي – رَسايَنُ. پير ۾ مرشد جي نيڪ نظر.

– **ڪيمياگَرَ ج ڪيمياگَر:** ذ. (ف). ڪيميا جو ڄاڻو – ڪيميا وارو. رسائني – مَهَوسي – زرساز – (صفت). ڄالاڪ – فريبي.

– **ڪيمياگري ج ڪيمياگري:** ث. هوٽين مان دوائن رستي سونَ يا چانڊي ٺاهڻ جو حيلوَ – نقره سازي – رَسايَنِي.

– **ڪيمياء ج ڪيمياء:** ذ. چوڙي ٺاهڻ جو هنر – سونَ يا چاندي ٺاهڻ جو غير علمي حيلو.

– **ڪيمِيائِي:** صفت. ڪيميا جي عمل جو(نتيجو اثر) – عِلم ڪيميا جو ڄاڻو – ڪيميا گَرَ.

– **ڪَيميائِي تَبدِيل:** ث. ڪيمياڻي عمل ۽ اثر جي تبديل – دوائن ۾ هٿرادو ڪيل مَٽ سَٽ.

– **ڪيميائِي خاصِيَت:** ڪيمياڻي عمل جي خصوصيت.

– **ڪيميائِي عَمل:** ڪيمياڻي تجربو ۽ نتيجو دوائن جو اثر - ڪنهن شيءِ تي آزمايل نسخو.

– **ڪيميائِي واٽ:** ڪيمياڻي تجربو دوائن جي ملاوت جو رستو – دوائن جي ميلاپ جو طريقو.

– **ڪيميائِي ڪشش:** ڪيمياڻي ڇڪ.

– **ڪيميائِي مَددگار:** ڪيمياڻي عمل ۾ ڪارگر مدد ڏيندڙ.

– **ڪيميائِي مُساوات:** ڪيمياڻي ميلاپ – ڪيمياڻي ملاوت يا هڪجهڙائي.

– **ڪيميائِي ميلاپ:** ڪيمياڻي عِلم جي قاعدن موجب جدا جدا جزن جو گڏجي ورتل نئون روپ.

– **ڪيميائِي نِشانِي:** دوائن جي سڃاڻپ.

– **ڪيميائِي وَزن:** دواسازي.

• **ڪين:** طرف. ڪيئن؟ ـ ڪهڙي رستي؟ ـ ڪهڙي ريت؟ ـ ڪهڙي واٽ؟ ـ ڪهڙي طريقي؟. يا – توڙي – خواهه. جيئن "تون ڪين هو".

– **ڪيْن:** ظرف. ڪي ڪين – ڪجهه به نه – بلڪل نه – عَدم – بنهه نه – صفا نه – نيستي – اصل نه – خالي – اجايو – نفي، نابودي – فَنا.

– **ڪيْنا:** ڪين يا عدم ڪان – نفس جي فنا ڪان.

– **ڪيْن ٽيَنْ:** (پٽ) ڪجهه به حاصل نه ٽيٽ – ڪابه مراد پوري نه ٽيٽ – ڪابه اُميد پوري نه ٽيٽ.

– **ڪيْن ٽئو يا ٽيو ج ڪيْن ٽئا يا ٽيا:** ذ. لاحاصل – ڪجهه به نه – عَدم پيدا – نڪارَ – نڪمو – جهڙو پيدا ٽئو تهڙو نه ٽئو.

– **ڪيْن جَهڙو ج ڪيْن جَهڙا:** ذ. صفت. بُڪيو – ڪنگال. گهٽ – نيچ – نندڪ – رڌيل – ذليل. ڪوجهو – قبيح – بدشڪل.

– **ڪيْن جَهڙو هُئڻ:** خسيس هجڻ – تمام گهٽ هجڻ – نيچ هُجڻ – بي مانو هجڻ.

– **ڪيْن ڪمائڻ:** پاڻ کي فنا ڪرڻ وارو عمل پچائڻ.

– **ڪيْنڪي:** ڪي ڪيئن – ڪجهه به نه – حَقير – خسيس.

• **ڪينارو ج ڪينارا:** ذ. ڪاساين جي تُمنهين ڪائي (ت) ڏينڊ جي پکيءَ جو هڪ قسم (ڪ).

• **ڪينائو ج ڪينائا:** ذ. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم (ٿ).

• **ڪينجهَر:** اسم خاص. ٺٽي ضلعي ۾ هڪ مشهور ڏينڊ جو نالو. (جا جام تماچي ۽ نوريءَ جي قصي سبب مشهور آهي).

نٽي، سجاول، دادو ڪشمور، ديري محبت ۽ اُباوڙي تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو. (صفت). جهجهو – گهٽو – سَيهو – جام – وافر – بَهون – ريل چيل – عام جام.

– **ڪِينْجهَرُ ٽِي پوءُ:** تمام گهٽو ٽِي پوءُ – جام ٽيٽ – وافر ٽيٽ – بَهون ٽيٽ – سيڪي ٽي پوءُ.

– **ڪِينْجهَرُ لَڳڻُ:** ڊِگُ ٽيٽ – بي انداز هجڻ – تمام گهٽي انداز ۾ مُيسر هجڻ.

• **ڪِينْجهِرڻُ (ت):** مصدر. اجايا بهتان هڻڻ – بي فائدو ڪوڙ هڻڻ – خوامخواهه الزام لڳائڻ.

• **ڪِينْجهِرو ج ڪِينْجهِرا (ت):** ذ. اجايو بهتان – ڪوڙُ – الزام – تُهمَتَ. ڪينرو.

• **ڪَينْجِنِي ڪَينْجِنِيُون:** ث. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **ڪَينْجِي ج ڪَينْجِيُون:** ث. (سن. ڪَرْتَنَ = ڪَتَرڻُ). (ترڪي. قينچي). ڪترڻ جو اوزار – مقراض – ڪترڻي – ڪتر – ڪاتَر – ڪَئنْچي – قينچي.

• **ڪِينْرُ ج ڪِينْرَ:** ذ. ساز جو هڪ قسم. فقيرن جي ڪَنن جو هڪ ڳَهه (ت). ميدان (ت). روڊن مڃائيندڙ – روڄ ڪندڙ – رَڙَندڙ – روئندڙ – واڪر – دانْهِرُ. راڙو – روڊن – روجُ – فرياد.

• **ڪينرو ج ڪينرا:** ذ. ساز جو هڪ قسم – سُرندو. "تون سپڙ آءُ سيکڙ، تون ڏاتار آءُ ڏَڏُ، سُٽي تنهن جو سڏ، ڪُلهي پاتر ڪينرو" (ل). روڄ – راڙو – روڊن. رُون رُون – رينگو – رينگٽ. گهپي – ڪروڌُ – گهِلُ – ڊيگهه – ڏانڊل.

– **ڪينرو ڪرڻ:** ڊگهي شڪايت ڪرڻ – ڪروڌ ڪرڻ.

• **ڪِينسَر:** ث. ڪَيسَر ۽ زعفران.

– **ڪِينْسِرِي:** ذ. صفت. ڪَئسَر پيل – ڪَيْسِرِي. نارنگي جي رنگ جهڙو.

• **ڪِينْڪ:** صفت. ذرو ٿورو – گهٽ – چپٽي – هَوَ – لِکَ.

• **ڪِينڪرڻُ:** مصدر. آني لاهڻ وقت ڪڪڙ جو آواز ڪرڻ – ڪَر ڪَر ڪرڻ.

• **ڪِينْڪُو (ت):** ذ. چوڙن کي رڱڻ لاءِ ڳاڙهو رنگُ.

• **ڪِينگَرُ ج ڪِينگَرَ:** ذ. ٺڪر جو وڏو لوٿو – وڏي ڏکي – ڪَنگُو. (ث. ڪينگَرِيْ ج ڪينگَرِيُون).

• **ڪِينْگَرِيْ ج ڪِينْگَرِيُون:** ث. مڇيَ ڪائيندڙ ڀاٽيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم.

• **ڪِينْمڪ (ت):** صفت. ٿورو – ذرو – هَوَ – لِکَ.

• **ڪينو ج ڪينا:** ذ. مڇي ڪائيندڙ ڏَنڊ جي پکيءَ جو هڪ قسم – (ث. ڪينِيْ ج ڪينِيُون).

• **ڪِينو ج ڪِينَا:** ذ. (ف. ڪِينَہ). ويرِ – دشمني – حَسَدُ – ڪَدُورتَ – ساڙو – بغض – خصومت – بدخواهي – عداوت.

– **ڪِينِي وارو:** بُغض رکندڙ – حاسدُ – تَعصبي – بدخواهه.

• **ڪَينْهَ ج ڪَينْهُون:** ث. ڪُوڪَ – آهِ ـ ڪِيْهَ – رِيْهَ – ڪَيْڪَ – ڪوڪ – رڙ. دانهن.

• **ڪِينْارو ج ڪِينْارا:** ذ. صفت. ڪينئين ڪاڏو – ڪِينْئرُو.

• **ڪِينْئُون ج ڪِينْئَان:** ذ. (سن. ڪيْتَ = ڪينئون). ڪِيْڙو – سُرٽو.

• **ڪِيڙ ج ڪِيڙُون (ت):** ث. بيماري يا ايذاءَ سبب ڪيل دانهن – چنگهه – ڪُٽڪ – رنگهه – چنگهڪار.

– **ڪِيڙ هَڻڻُ:** بيماري يا اَيذاءَ سبب ڏهيل آواز ڪڍڻ – چنگهڻ – ڪُٽڪڻ – ڪُنجهَڻ – رنگڻ – چنگهار ڪرڻ – رنگهه ڪرڻ.

• **ڪِيڙَ ج ڪِيڙَون:** ث. (سَن. ڪَرْش = ڪوڙَ). متيَ سنوارڻ لاءِ لوهَ جي هڪ وڏي ڪوڊَر – بيلَ. ڪوهه وغيره مان متي ڪڍڻ لاءِ ڳوڙي (ڳوڙ جي). ڪُريي. (ظرف). ڪهڙي پاسي؟ – ڪهڙي طرف؟ – ڪيڏانهن؟ (ث).

• **ڪِيڻا:** حرف اضافت. سندي – جي.

• **ڪِيڻاس:** ضمير هن کي – ڪيس – ڳرس – ڪُٽس. "ڪير برهمڻ ڪن جي، ڪير جاٽي ڪيڻاس".

– **ڪِيڻان:** ضمير. ڪائن. هُنن لاءِ ـ هنن واسطي – هنن کي – ڪين.

– **ڪِيڻَس (ت):** ضمير ڪُٽس – هُن کي – ڪيس – اُن کي – ڳرس.

• **ڪِيڻانِيْ:** ث. ڏنڊ جي پکيءَ جو هڪ قسم (ث – ل). ڪيڻائي.

• **ڪِيڻِ ڪِيڻِ:** ظرف. هيڏانهن هوڏانهن – اوري پري – هِتي هُتي – هيڏي هوڏي.

• **ڪِيڻڻُ:** مصدر. ڪوهه مان متي ڪڍڻ – ڪوٽڻ – ڪاتي ڪٽڻ – ڪوٽائي ڪرڻ – صاف ڪرڻ (ڪوهه کي). (ڪِيڙِيو – ڪيڻيندو – ڪيڻيل).

• **ڪِيڻو ج ڪِيڻا (ت):** ذ. ڪيئين ڪاڏل ڪڪڙو – سُريل ڪڪڙو.

• **ڪَيا:** اسر خاص. پَيا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **ڪَيوُ ج ڪَيا:** فعل. ڪرڻ مصدر مان زمان ماضي. (صفت). نندي قد وارو – چوٽو – بندرو – ڊينبو – پستو.

– **كَيُوكَرتُ (ت):** ذ. پورهيو – محنت – ڪَيو ڪرتيو – لايو لڳايو.

– **كَيُوكَرتِيُو:** ذ. ڪر – ڏنڏو – پيسو – ڪار – روزگار – ڪرت – پورهيو – محنت.

– **كَيُوكَرتِيُو حَرامُ كَرَڻُ:** ٺهيل ٺڪيل ڪر بگاڙڻ – محنت برباد ڪرڻ – لايو لڳايو ضايع ڪرڻ.

• **كيوتُ ج كيوت:** ذ. سانجڙ – خانه داري – گهر جو ڪيوتُ. صرفو – ڪوءَ ـ سَنْجَم – سِتَ.

• **كيوڙِي ج كيوڙِيُون:** ث. ڪنن جي والين ۾ پائڻ جي ڇلي يا ڇلو – والو – والي سونَ يا چانديءَ جو زيور). (سن. ڪُنْڊَ = ڪاري رنگ جي شيءِ سن. ڪانڙِيْ ڪَنْ = دال). ڙ – ڙي قسم ڳڏيل دالين جي پاڄي.

• **كيوڙُ ج كيوڙا:** ذ. نرم ۽ لذيذ ميوي جو هڪ قسم – ڪيلو. ڪيلي جو وڻ. (انگ. Banana.)

– **كيوڙُ سُرهُ:** مشهور خوشبوءِ دار ڪيوڙي جي وڻ جو هڪ قسمَ – ڪيلو. ڪيتڪي (گل). (دوا طور ڪم اينڊ. ان جو عرق ۽ ڪائيون).

• **كيوڙِيْ ج كيوڙِيُون:** ث. (سن. ڪُنْب) ڪيوي – ڏوئي – ڪفگير – چمچو – ڪاشڪ.

• **كيوگاڻِيْ:** اسر خاص. جسڪاڻي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

– **كيوَل پَريوگ:** حرف ندا.

• **كيُولِيْ ج كيُولِيُون:** ث. ننڍڙي جيت جو هڪ قسم – ڪيڙي – ڪيلي.

• **كيُوُنْ ج كيانْ:** ذ. (سن. ڪرم. ف. ڪرم = ڪينئون). سُرندڙ جيت جو هڪ قسم – ڪيئُونْ – گَڏَرَ.

• **كيوِيْ ج كيوِيُونْ:** ث. (سن. ڪَنْب). چمچي جو هڪ قسم – چمچو – ڪڇي (ت). تئي – لڪلڪو – لڳلام.

• **كيهَ ج كيهُونْ:** ث. ڪيڪَ – دانهن – رڙ – واڪو – ريهَ – ريهاڙ – ڪُوڪَ – هوڪَ – هاڪار.

– **كيهُونْ گَرَڻْ:** دانهون ڪرڻ – واڪا ڪرڻ – رڙيون ڪرڻ – ريهون ڪرڻ.

• **كيهَرَ:** اسر خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **كيهڙو ج كيهڙا:** ذ. دوا طور ڪم اينڊ. هڪ پساركي وڪر جو نالو. (ضمير). ڪهڙو – ڪير. ڪُجاڙو.

• **كيهو ج كيها:** ضمير. ڪيرُ – ڪهڙو. ڪجاڙو – چا. (ث. ڪيهِيْ ج ڪيهِيُونْ).

– **كيهِيْ پَرِ:** ظرف. ڪهڙي ريت – ڪهڙي نموني – ڪهڙي وات – ڪهڙي طريقي.

• **كيهور:** اسر خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كيهِيْ:** اسر خاص. تعلقي تندي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **كِيئارو ج كِيئارا (ت):** ذ. مٽي جي وارن ۾ پيل اڇو گند – ڀڦو.

• **كِيئِلِيْ ج كِيئِلِيُونْ:** ث. (سن. ڪِيْتَ = ڪِيئُونْ). ڪيوَلي – ڪيلي – ڪِئِلي.

• **كِيئُنْ:** ظرف. (سن. ڪِمِ = ڪِيئُن). سوال ڪرڻ ۾ ڪم اينڊ. لفظ – ڪهڙي رستي؟ ـ ڪهڙي نموني؟ ـ ڪهڙيءَ طرح؟ ـ ڪهڙيءَ وات؟ ـ ڪهڙيءَ ريت؟

– **كِيئُنْ پَوڻْ:** ڪهڙي اڳهه ۾ ملڻ – ڪيتري ۾ پوڻ – ڪهڙي قيمت تي ملڻ.

– **كِيئُنْ مِلَڻْ:** ڪهڙي اڳهه يا رستي ملڻ يا هٿ اچڻ – ڪيئن پوڻ.

• **كِيئُو ج كِيئا:** ذ. ضمير ڪائو (ڪوهستان) ڪهڙو – ڪير ڪيهو.

• **كِيئُو (ت):** ث. ڪوسي واري.

• **كِيئُونْ ج كِيئانْ:** ذ. (سن. ڪِيْتَ = ڪِيئُونْ). سرندڙ ننڍڙي جيت جو هڪ قسم – پيٽ پر رڙهندڙ جيت – ڪيڙو – گَڏَرَ.

• **كِيئارو ج كِيئارا:** ذ. صفت. ڪينئارو – ڪيڙن پيل – ڪيئن وارو – ڪينين ڪاڏل.

– **كِيئارُ:** ذ. ڪينئان – جيوڙا – گهٽا ڪيڙا – گَڏَرُون.

• **كَيئُنِي (ت):** ذ. پساركي وڪر جو هڪ قسم – پَنِيرُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(All Rights reserved with the Sindhi Adabi Board)

Ist	Edition	1985	4000	Copies
2nd	Edition	2007	1000	Copies

[Price: Rs. 350-00]

To be had from
SINDHI ADABI BOARD KITAB GHAR
Tilak Incline, Hyderabad
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
E-mail Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

Printed by Sindhica Acadmy & Published by Aijaz Ahmed Mangi Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro Sindh Pakistan

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

A COMPREHENSIVE

SINDHI DICTIONARY

OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

Vol. IV (س - ڪ)

COMPILED
UNDER THE SINDHI ADABI BOARD'S DICTIONARY PROJECT
DIRECTED BY
DR. N. A. BALOCH

EDITED BY
DR. N. A. BALOCH



SINDHI ADABI BOARD
Jamshoro Sindh
2007

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڪُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "**پڙهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (**پَـنَ**) کا ٻه تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو ٻه صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن ڪو ٻه شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري **پَـنَ** جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا **پَنَ** ۾ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وڙھندڙ ۽ پڙھندڙ ۾ ٿي سگھن ٿا. ھِيں لفظ ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

کوشش اھا ھوندي تہ **پَنَ** جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي ۽ ٿِين. اھڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ ھِڪَئِي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَڻُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. **پَنَن** پاران ڪتابن کي ڊِجِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ يلي ڪمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ مجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جٹ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَگَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ جٹ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڄاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڍي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکي پائي چيو تہ "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آساني سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book